
بسم اللہ الرحمن الرحیم


احسن البیان فی تفسیر القرآن


حضرت العلامہ مولانا محمد ادریس کاندھلوی

ناشر

ادارۃ خدمۃ القرآن والسنۃ




www.maktabah.org


www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ (الاسراء)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽ ايمان وارن

کي خوشخبري ڏي ٿو

احسن البيان
في
تفسير القرآن

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري

ناشر:

ادارهٔ خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهانيان ضلع نوابشاهه

نالو : احسنُ البيان
فيِ
تفسيرِ القرآن

مفسّر: شيخ التفسير والحديث
حضرت الحاج مولانا مُحمّد ادريس ڏاهري
مهتمو جامعه مُحمّديه مديرادارهٔ خدمة القران
والسُنّة . شاهپور جهانيان
0244-314244 - 0300-3028840
0301-3814120 - 03342822660

تاريخ اشاعت : 2006

ڇپائيندڙ : ادارهٔ خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانيان ضلع نواب شاه سنڌ

پريس : ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور

زيرنگراني : صاحبزاده عاشق حسين ڏاهري
صاحبزاده حافظ احسانُ الله ڏاهري
صاحبزاده قاري محمد اسد الله ڏاهري

ملڻ جو هنڌ
جامعه محمديه
شاهپور جهانيان ضلع نواب شاه سنڌ

ساتي ۽ سونهان

١	قرآن ڪريم	باري تعاليٰ جو ڪلام
٢	تفسير نعيمي	علامه مفتي احمد يار خان نعيمي
٣	الدر المنثور	علامه جلال الدين سيوطي
۴	تفسير المظهري	علامه ثناءُ الله پاني پتي
۵	تفسير فتح القدير	علامه محمد بن علي بن محمد شوڪاني
٦	تفسير صاوي	علامه احمد بن محمد صاوي
٧	تفسير خازن	علامه علي بن محمد بن ابراهيم بغدادي
٨	تفسير ضياءُ القرآن	علامه پير محمد ڪرم شاه الازهري
٩	تفسير معارف القرآن	علامه مفتي محمد شفيع ديوبندي
١٠	تفسير الڪبير	علامه فخرالدين رازي
١١	تفسير روح البيان	علامه محمد اسماعيل حقي
١٢	تفسير حقاني	علامه عبدالحق حقاني
١٣	تفسير روح المعاني	علامه شهاب الدين آلوسي بغدادي
١۴	خزائن العرفان	علامه نعيم الدين مراد آبادي
١۵	تفسير القاسمي	علامه جمال الدين شامي
١٦	تنويرالايمان	علامه محمد عثمان نورنگ زاده
١٧	تفسير المراغي	علامه احمد مصطفيٰ المراغي
١٨	تفسير ابن ڪثير	علامه اسماعيل دمشقي
١٩	تفسير زاد المسير	علامه عبدالرحمن ابن الجوزي
٢٠	حاشيه درياآبادي	علامه عبدالماجد دريابادي
٢١	الجامع الاحڪام القرآن	علامه محمد بن احمد انصاري القرطبي
٢٢	تفسير تيسيرالڪريم الرحمن	علامه عبدالرحمن بن ناصر السعدي
٢٣	بيضاوي	علامه عبدالله بن عمر بيضاوي
٢۴	تفسير حاشيه عثماني	علامه شبير احمد عثماني
٢۵	تفسير طبري، ابن جرير	علامه محمد بن جوير طبري
٢٦	تفسير الڪشاف	علامه جارالله زمحشري
٢٧	تفسير البحر المحيط	علامه ابو حيان اندلسي
٢٨	تفسير نيشاپوري	علامه نظام الدين حسن ب: محمد بن حسين نيشاپوري
٢٩	تفسير ابوالسعود	علامه محمد بن محمد العمادي
٣٠	تنويرالاذ هان	علامه محمد علي صابوني
٣١	مرقاة شرح مشڪواة	علامه علي القاري المڪي
٣٢	تفسيرنورالعرفان	علامه مفتي احمد يار نعيمي
٣٣	البيان لترجمه القرآن	علامه سعيد احمد ڪاظمي
٣۴	تفسير ايسرالتفاسير	علامه ابوبڪر بن جابر الجزائري
٣۵	تفسير مدارڪ التنزيل	علامه عبدالله بن احمد بن محمود نسفي
٣٦	تفسير الدر اللقيط	علامه تاج الدين حنفي نحوي

٣٧	تفسير جمل	علامه سليمان بن عمر الشافعي
٣٨	تفسيرات احمديه	علامه ملا احمد جيون دهلوي
٣٩	تفسير تفهيم القرآن	علامه ابوالاعلىٰ مودودي
٤٠	تفسير المنار	علامه رشيد رضا
٤١	تفسير صفوة التفاسير	علامه محمد علي صابوني
٤٢	تفسير حسيني	علامه كمال الدين حسين الواعظ
٤٣	تفسير وبيان كلمات القرآن	علامه حسنين محمد محلوف
٤٤	تفسير تنويرالمقياس	علامه سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما
٤٥	صحيح بخاري	علامه محمد بن اسماعيل بخاري
٤٦	مفردات	علامه راغب اصفهاني
٤٧	ترمذي	علامه محمد بن عيسىٰ ترمذي
٤٨	شواهد الحق	علامه يوسف نبهاني
٤٩	ارشاد الساري شرح صحيح بخاري	احمد قسطلاني
٥٠	رد المحتار حاشيه در مختار	علامه ابن عابدين شامي
٥١	الصواعق المحرقه	علامه ابن حجر مكي
٥٢	مقالات الكوثري	علامه زاهد الكوثري
٥٣	قصيدة النعمان	حضرت امام ابو حنيفه
٥٤	تفسيرالامام حسن البصري	حضرت امام حسن بصري
٥٥	دارهي كي شرعي حيثيت	مفتي محمد جان نعيمي
٥٦	التوضيح	عبيدالله بن مسعود حنفي
٥٧	افضليت سيدنا صديق اكبر	غلام سرور قاري
٥٨	نهج البلاغه خطبات سيدنا علي	شريف رضي
٥٩	براهين قاطعه	خليل انبيٹهوي
٦٠	تقويه الايمان	اسماعيل دهلوي
٦١	ماثبت بالسنه في ايام السنة	شيخ عبدالحق محدث دهلوي
٦٢	المواهب اللدنيه	احمد قسطلاني
٦٣	فيوض الحرمين	شاه ولي الله محدث دهلوي
٦٤	قصيدة برده شريف	شرف الدين بوصيري
٦٥	كمالين شرح اردو جلالين	نعيم ديوبندي
٦٦	بحرالعلوم	ابوالليث سمرقندي
٦٧	الاكليل	جلال الدين سيوطي
٦٨	تفسير غرائب القرآن	نظام الدين نيشاپوري
٦٩	قصص الانبياء	ابن كثير
٧٠	مصباح اللغات	عبدالحفيظ بلياوي
٧١	الدرالمختار مع رد المحتار	علاؤالدين حصكفي
٧٢	الوفا باحوال المصطفىٰ صلي الله عليه وسلم	ابن الجوزي
٧٣	السيرة الحلبيه	علي بن برهان الدين حلبي
٧٤	احسن البيان في تفسير القرآن	علامه محمد ادريس ذاهري
٨٥	شاهه جو رسالو- الف- ب وار	ڈاكٹر عالم سومرو

مضمونن جي فهرست

سورة المائدة:

سورة الانعام جي مضمونن جي فهرست

سورة الاعراف جي مضمونن جي فهرست



سورة "اَلْمَآئِدَةُ" جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ چار ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.
(١) اڳئين سورة سان ربط ۽ تعلق
(٢) نالا -نالن جي معنىٰ ۽ ان نالن سان سڏجڻ جو سبب
(٣) مڪي آهي يا مدني
(۴)ان ۾ بيان ٿيل خصوصي احڪام

اڳئين سورة سان ربط ۽ تعلق

هي آهي تہ سورة النساءِ ۾ معاشري جي حصي خصوصًا- زالن، قرابت دارن ۽مٽن مائٽن سان تعلقات ۽ سهٽي نموني هلڻ جو ذڪر هو ۽ هن ۾ تمدن ۽ قومن سان تعلقات جي تعليم ڏني وئي آهي ۽ جڏهن تہ زال ۽ مڙس، مٽن، مائٽن ۽ قرابتدارن سان تعلقات پهريان درست ڪري ان ڪان پوءِ تمدن ۽ ٻين قومن سان واسطا درست ڪيا ويندا آهن ان جي ڪري پهريان سورة النساءِ پوءِ سورة المائدة ارشاد ٿيون آهن. ۽ سورة النساءِ ۾ گهٽي ترديد يهودين جي هئي ان ڪري سورة المائدة ۾ زياده ترديد نصارن جي ڪئي وئي آهي تانتہ پهريان "اَلْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ" جي ترديد ۽ پويان "وَالضَّالِيْنَ" جي ترديد ڪئي وڃي، ۽ مسلمان ٻنهي ڪان محفوظ رهن ۽ ٻيو تہ سورة النساءِ جي آخري آيت ۾ ان مال جو ذڪر هو جيڪو ورثي طورملي ۽ سورة المائدة جي شروعات ۾ وعدي ۽ عهد جي وفائيءَ سان حاصل ڪيل مال ۽ ملڪيت وغيره جو ذڪر آهي، ڇڻ تہ هن سورة جي ابتدا سورة النساءِ جي آخري مجمل آيت جو تفصيل آهي.

نالا. نالن جي معنىٰ ۽ نالن رکڻ جو سبب

١- المائدة جي معنىٰ دسترخوان، هن ۾ ان دستر خوان جو ذڪر آهي جيڪو حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي دعا سان سندس قوم تي نازل ڪيو ويو هو ان جي ڪري هن جو اهو نالو رکيو ويو آهي ٢-العقود- وعدا ۽ عهد-ڇو تہ هن ۾ انهن جي وفا ڪرڻ جو ذڪر آهي ٣-المنقذة -ڇڏائيندڙ، ڇو تہ اها پنهنجي تلاوت ڪندڙ کي عذاب وارن ملائڪن کان ڇڏائيندڙ آهي (١)

(١) روح المعاني ص۴٧ جلد٢ جزءِ ٦

مكيه آهي يا مدنيه

هيءَ سورة حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هجرت كان پوءِ نازل ٿي هئي ان جي كري مدني آهي مشهور قول اهو آهي (١)

هن سورة جون اكثر آيتون سنہ ٥ ۽ سنہ٧ هجريءَ جي وچ ۾ نازل ٿيون هيون ۽ آيت سڄوري "اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ" الخ عرفات شريف جي ميدان تي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي الوداع واري حج جي موقعي تي نازل ٿي هئي. هن سورة ۾ سورهن (١٦) ركوع، هك سؤ ويہ (١٢٠) آيتون، ٻہ هزار اٺ سؤ چار (٢٨٠٤) كلما ۽ يارهن هزار ست سؤ ٽيٽيہ (١١٧٣٣) حرف آهن (٢)

هيءَ سورة قرآن پاك جي مدنيہ سورتن مان آخري سورة آهي

امام احمد بن حنبل پنهنجي مسند ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما كان روايت آندي آهي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن تي سورة مائده ان وقت نازل ٿي هئي جڏهن پاڻ سنہ ٩ هجريءَ ۾ حجة الوداع جي سفر دوران پنهنجيءَ عضباءِ نالي ڏاچيءَ تي سوار هئا ۽ وحي جي نزول وقت جيكا غير معمولي ڳرائي ۽ بار محسوس ٿيندو هو اهو ان وقت بہ ايتري قدر ٿيو هو جو سندن ڏاچي مبارك اهو برداشت نہ كري سگهڻ جي كري ويهي رهي ۽ پاڻ ان تان لهي آيا ۽ پاڻ ان كان پوءِ ظاهري زندگيءَ جا اسي (٨٠) ڏينهن دنيا تي رهيا (٣) علامہ آلوسي عليه الرحمة لكيو آهي تہ مضمونن جي لحاظ سان سورة البقرة ۽ سورة آل عمران ٻئي متحد آهن جو انهن ۾ عقائد جي اصول، توحيد، رسالت، قيامت وغيره جا گهڻا احكام بنيادي طور ۽ فروعي احكام ضمنًا آيل آهن ۽ سورة النساءِ ۽ مائده ٻئي مضمونن جي لحاظ سان بہ متحد آهن جو انهن ٻنهي ۾ فروعي احكام گهڻا ۽ اصولي احكام ضمنًا بيان ٿيل آهن (۴)

هن سورة ۾ بيان ٿيل خصوصي احكام

١- هن سورة جي ابتدا اهڙن اخلاقن جي تربيت سان ٿي آهي. جن جو تعلق جيئن هك قوم جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ سان آهي تيئن بين الاقوامي

(١) تفسير المنار ص١١٦ جلد٦ (٢) تفسير نعيمي ص٦٦٦ جلد٦
(٣) معارف القرآن ص١٠ جلد٣ (۴) روح المعاني ص۴٨ جلد٢ جزءِ ٦

معاملات ۽ تعلقات سان بہ آهي هن ۾ سڀ کان اول عهد پوري ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. پوءِ اهو عهد ۽ وعدو خالق سان هجي يا مخلوق سان ذاتي ڪاروبار جو هجي يا قومي پنهنجن سان هجي يا پراون سان اِڇ جون نام نهاد متمدن ۽ ترقي يافتہ قومون پنهنجن انفرادي وعدن جون تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پائبند آهن،پر سياسي وعدن ۾ ايتريون ذوڪيباز آهن جنهن جو بيان ٿي نہ ٿو ڪري سگهجي. الله جل جلالہ فرمايو آهي تہ "وعدو پورو ڪيو" پوءِ اهو چو نہ اوهان جي دشمنن سان ڪيل هجي.

٢- هن سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ آسماني ڪتاب توراة، انجيل ۽ قرآن ڪريم مختلف نظرين وارا ناهن ٽئي ڪتاب هڪ ئي ذات پاڪ جا نازل ڪيل آهن، ۽ سيني ۾ هدايت ۽ نور آهي ۽ هر هڪ ۾ ان وقت جي لحاظ سان شريعت جو مڪمل نظام ۽ معاملات درست رکڻ جو واضح رستو ڏيکاريل آهي ۽ انهن سيني جو جامع قرآن ڪريم آهي.

(٣) قرآن ڪريم جي پڙهندڙن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ ڏسو! هدايت جو نور تہ يهودين ۽ نصارن ڏانهن بہ آيو هو،پر انهن ان مان فائدو نہ ورتو ۽ هاڻي اهو هدايت جو فيض ۽ نور اوهان جي مٿان نازل ٿيو آهي ۽ اوهان کي ان مان فائدي وٺڻ جو موقعو مليو آهي ڪٿي اوهان بہ نفساني خواهشن ۽ هٺرادو مصلحتن جو شڪار نہ ٿي وڃو، يهودي ۽ نصارىٰ اوهان کي بہ پنهنجن مڪرن ۽ فريبن سان گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا انهن کان بچاءَ وٺجو.

٤-قرآن پاڪ جي آندل شريعت جون ڪيتريون جزئيون هن سورة ۾ ذڪر ڪيل آهن، حج جا آداب، الله جل شانہ جي شعائر جي تعظيم، شراب ۽ جوا کان سختيءَ سان منع، وضو ۽ تيمم جا احڪام، ٻين حلال ۽ حرام شين جو بيان ۽ چورن ۽ ڌاڙيلن کي سزائن ڏيڻ جو بيان،قارون وجهڻ وغيره کان منع، شڪار جا احڪام، خاص طور اهل ڪتاب يهودين ۽ نصارن جي ڪنيءَ جو مسئلو، احرام جي حالت ۾ شڪار جي حرام هجڻ جو حڪم، ٻتن جي نالن تي ڇڏيل جانورن، وصيلہ، حام وغيرها جو حڪم وصيت ۽ ان تي شاهدي ڏيڻ جو حڪم وغيره .

٥- عيسائين جي ٽن اللهن چوڻ واري عقيدي جي پاڙ پٽڻ،جنهن جي ترويج لاءِ اهي شاهي خزانن جا منهن کولي ڇڏيندا هئا. هن سورة ۾ ان جو فطري ۽ بي تڪلفيءَ سان تجزيو ونندي ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام الله نہ ٿو ٿي سگهي، جيڪو ماءُ جي پيٽ مان ڄائو آهي ۽ جيڪو پنهنجيءَ بقاءَ لاءِ کائڻ، پيئڻ

وغيره جو محتاج آهي اهو وڏ ۾ وڏ مقبول ٻانهو ٿي سگهي ٿو پر خدا ٿي نہ ٿو سگهي.

٦- هن سورة ۾ دين کي ڪامل ڪرڻ ۽ نعمت جي اتمام جو ذڪر بہ آيل آهي، جيڪا مسلمانن جي لاءِ نهايت خوشي ۽ عيد آهي.

آيَاتُهَا ١٢٠	سُوْرَةُ الْمَآئِدَة مَدنِيَةٌ	١١٢ رُكُوْعَتُهَا ١٦
هن جون آيتون هڪ سؤ ويهہ (١٢٠) آهن	سورة مائده مدني آهي	ان جا رڪوع ١٦ آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْآ اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ۚ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ

اي ايمان وارو! پورا ڪيو عهد، حلال ڪيا ويا اوهان جي لاءِ چوپايا

الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّى الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ۭ

جانور مگر جيڪو پڙهيو ٿو وڃي اوهان تي نہ حلال سمجهندڙ شڪار جا حالانڪ اوهان احرام

اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ① يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا

سان آهيو بيشڪ الله حڪم ٿو ڪري جيڪو گهري اي ايمان وارو! نہ حلال سمجهو

شَعَآئِرَ اللّٰهِ وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْيَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَآ

نشانين الله جي کي ۽ نہ عزت واري مهيني کي ۽ نہ قرباني، جي جانور کي ۽ نہ پٽي ٻڌل جانور کي ۽ نہ

آٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ۭ وَاِذَا

ارادو ڪندڙ گهر عزت واري جي کي طلب ٿا ڪن مهرباني پنهنجي رب کان ۽ رضامندو ۽ جڏهن

حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا ؕ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ

احرام کوليو تہ پوءِ شکار کيوءِ نہ اياري اوهان کي دشمني کنهن قوم جي هن جي کري جو روڪيائون

عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ تَعْتَدُوْا ۘ وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ

اوهان کي مسجد عزت واريءَ کان تہ زيادتي ڪيو ۽ مدد ڪيو نيڪيءَ

وَالتَّقْوٰى ۪ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

۽ پرهيزگاريءَ ۾ ۽ نہ مدد ڪيو گناهہ ۽ سرڪشيءَ جي ڪم ۾ ۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢﴾

سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي.

الربع

تفسير

"يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ" اي ايمان وارؤ! پنهنجا عهد پورا ڪيو. هن آيت جي شروعات "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا" سان ڪري ان ۾ بيان ڪيل مضمون جي اهميت ڏانهن متوجه ڪيو ويو آهي تہ هن ۾ جيڪي حڪم بيان ٿيل آهن اهي عين ايمان جي تقاضا آهن ۽ ان ڪان پوءِ فرمان ٿيو تہ "اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ" عهد پورا ڪريو "اوفوا" ايفاءَ ڪان ورتل آهي، معنىٰ جنهن نموني وعدو ڪيل آهي ان کي ان نموني پورو ڪرڻ، اَلْعُقُوْدِ- عقد جو جمع آهي جنهن جي لغوي معنىٰ ڳنڍ ڏيڻ ۽ اصطلاحي معنىٰ ٻن ڌرين جي وچ ۾ طي ٿيل پڪو وعدو آهي، ۽ هتي ان مان مراد عام وعدا ۽ عهد آهن پوءِ اهي الله جل شانہ ۽ انهن جي ٻانهن جي وچ ۾ هجن يا ٻن ماڻهن جي وچ ۾، ديني ڳالهين جا هجن يا دنيوي ڳالهين جا، سڀ ان ۾ داخل آهن ۽ انهن سڀني جو وس آهر پورو ڪرڻ ضروري آهي، البت اهڙو وعدو جنهن جي پوري ڪرڻ ۾ الله جل جلالہ جي ذات ناراض ٿئي ان کي ٽوڙڻ ضروري آهي جيئن زنا، چوري

وغيره، "اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ الْاَنْعَامِ" "اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّى الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ" يعني جن جانورن جو ذڪر اڳيان اچي رهيو آهي انهن کان سواءِ ٻيا اوهان جي لاءِ حلال ڪيا ويا آهن، پر جيڪڏهن اوهان عمره يا حج جي احرام جي حالت ۾ آهيو تہ پوءِ اوهان لاءِ پٽ جو شڪار حلال ناهي. مقصد تہ الله جل شانہ جي مقرر ڪيل حدن اندر رهو، مجوسين ۽ بت پرستن وانگر نہ ٿيو جو مطلق انهن جانورن جي کهڻ ڪي حرام ڪري ڇڏيو ۽ نہ ٻين وانگر ٿيو جيڪي حرام، حلال جي تميز ڪرڻ کان سواءِ جيڪو جانور آيو اهو کهيو کائيو ڇڏين. بلڪ الله جل جلالہ جي ڏسيل قانون مطابق جيڪي جانور حلال آهن، اهي کائو ۽ جيڪي حرام آهن انهن کان بچو ڇو تہ الله جل شانہ ئي ڪائنات جو خالق آهي، اهو هر جانور جي حقيقت، خواص ۽ ان مان انسان ۾ پيدا ٿيڻ وارن اثرات کي ڄاڻي ٿو. اهو انسان جي لاءِ انهن شين کي حلال ڪري ٿو جن جي کائڻ سان ان جي جسماني صحت يا روحاني اخلاق تي برو اثر نہ پوي ۽ انهن شين کي حرام ڪري ٿو جن جي کائڻ سان انسان جي صحت يا روحاني اخلاق تي برو اثر پوي ٿو. ان جي ڪري الله جل شانہ ڪن شين کي استثناءِ ڪري ڪديو "اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ" يعني يقينًا الله جل شانہ جيڪو ارادو ڪري ٿو اهو حڪم فرمائي ٿو مقصد تہ بعض حلال جانورن جي کهي کائڻ کي ظلم نہ سمجهو، جنهن مالڪ سيني کي وجود بخشيو آهي ان ئي پنهنجيءَ حڪمت سان هي قانون ناهيو آهي تہ ادنىٰ کي اعلىٰ جي غذا بنايو وڃي مٽي وڻن جي غذا آهي ۽ وڻ حيوانن جي غذا آهن ۽ ڪجھ حيوان انسانن جي غذا آهن، پر جڏهن تہ انسان اشرف الخلق آهي، ان جي ڪري ان کي ڪنهن جي بہ غذا نہ بنايو ويو آهي.

"يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ" يعني اي ايمان وارؤ! الله جي نشانين (جي بي حرمتيءَ) کي حلال نہ بنايو، شعائر شعيرة بروزن فعيلة جو جمع آهي معنى نشاني يا سڃاڻ، اصطلاح ۾ هر اها شيءِ شعائر ۾ داخل آهي، جنهن کي الله جل جلالہ اسلام، يا پنهنجي قدرت يا رحمت جي نشاني قرار ڏنو آهي آيت جو مطلب هي آهي تہ جن حڪمن کي الله جل شانہ اسلام جو امتيازي نشان مقرر ڪيو آهي انهن جي پابندي ڪيو ۽ جن حدن کي الله قائم ڪيو آهي انهن کان تجاوز نہ ڪيو، "وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْيَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَآ آٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا" يعني عزت واري مهيني ۽ قربانيءَ جي جانور ۽ پٽي ٻڌل جانورن ۽ عزت واري گهر جو ارادو ڪندڙن جي بي حرمتي نہ ڪيو جيڪي پنهنجي رب جو فضل ۽ رضامندو طلب

ڪن ٿا، عزت وارا مهينا چار آهن، محرم، رجب، ذوالقعدة ۽ ذوالحج، انهن ۾ جنگ ڪرڻ حرام هئي، مگر جمهور علماء جي بقول اهو حڪم منسوخ ٿي ويو آهي (١) قربانيءَ جي جانور ۽ ڳچيءَ ۾ پٽي ٻڌل جانورن (جن کي مڪي پاڪ جي حرم جي حدود ۾ ڪهڻ لاءِ آندو ويندو آهي) جي بي حرمتيءَ جون ٻه صورتون آهن ١- هَدۡيُ آهي ته انهن کي مڪي پاڪ تائين پهچڻ کان روڪيو يا کسيو وڃي٢- ٻِيُّ آهي ته انهن کي قربانيءَ کان سواءِ ٻئي ڪم ڪار، سواريءَ يا کير ونڻ وغيره لاءِ رکيو وڃي ۽ پنهنجي رب جي رضا ۽ فضل لاءِ بيت الله جي ارادي ڪندڙن جي بي حرمتي هيءَ آهي جو انهن کي تڪليف ڏني وڃي يا پهچڻ ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي، ان کان به بچو "وَاِذَا حَلَلۡتُمۡ فَاصۡطَادُوۡا" هن کان اڳ ۾ احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ کان جهليو ويو هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته جڏهن احرام کوليو ته پوءِ شڪار پلي ڪيو منع ناهي "وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شَنَاٰنُ قَوۡمٍ اَنۡ صَدُّوۡكُمۡ عَنِ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اَنۡ تَعۡتَدُوۡا" يعني جنهن قوم اوهان کي عزت واريءَ مسجد کان روڪيو آهي ان سان دشمني اوهان کي انهن تي زيادتي ڪرڻ جي لاءِ نه ڀڙڪائي.

جاڻڻ گهرجي ته مڪي پاڪ ۾ رهندڙن قريشين جو دستور هوندو هو ته حج ۽ عمره جي لاءِ ڪنهن تي به پابندي نه هڻندا هئا، سندن جاني دشمن به جيڪڏهن حرم شريف جو ديدار ڪرڻ ايندو هو ته ان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا، سندس احترام برقرار رکندي ان جي خدمت ڪندا هئا، پر جڏهن سنه ٦ هجريءَ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن تقريبًا چوڏهن سؤ (١٤٠٠) اصحابن کي پاڻ سان وٺي عمري ڪرڻ جي ارادي سان آيا ته مڪي جي ڪافرن کين مڪي مڪرمه ۾ داخل ٿيڻ ئي نه ڏنو ۽ اڳيون سڀ ڳالهيون پري رکي ويهي رهيا. ممڪن هو ته مسلمان ان غم ۽ غصي جو پلاند وٺندي انهن مشرڪ قبيلن کي مڪي پاڪ ڏانهن اچڻ کان روڪين ها جن جو لنگهه مسلمانن جي مقبوض علائقن کان هيو ان جي ڪري رب العالمين مسلمانن کي سمجهايو ته اوهان کي حرم کان روڪيندڙن ڪافرن جي دشمني ۽ انهن تي ڪاوڙ ايترو نه ڀڙڪائي جو ڪنهن تي زيادتي ڪري وهو، بلڪ اوهان پنهنجو اخلاق برقرار رکو "وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى" ۽ نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪيو. هي قرآن ڪريم جو اصولي، بنيادي ۽ حڪيمانه فيصلو آهي، جيڪو سڄي دنيا جي نظام جو روح آهي ۽ ان تي ئي انسان جي صلاحيت، ڪاميابي بلڪ زندگي ۽ بقاموقوف آهي،

(١) معارف القرآن ص١٨ جلد٣

هر سمجهدار انسان سمجهي ٿو تہ هن جهان جو سارو انتظام هڪ ٻئي سان مدد ۽ تعاون تي قائم آهي. "وَلَاتَعَاوَنُوْا عَلَي الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ" ۽ گناهہ ۽ ظلم جي ڪم تي مدد نہ ڪيو پر گناهہ ڪرڻ ۽ ظلم ڪرڻ واري کي سيئي گڏجي روڪيو، امام احمد حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله عليه الصلواة والسلام جن فرمايو" اُنْصُرْ اَخَاكَ ظَالِمًا اَوْ مَظْلُوْمًا" پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي مدد ڪر پوءِ اهو ظالم هجي يا مظلوم، عرض ڪيو ويو تہ : يا رسول الله! مظلوم جي مدد تہ ڪيون پر ظالم جي مدد ڪيئن ڪجي؟ پاڻ فرمايائون تہ" تَحْجُزُهٗ وَتَمْنَعُهٗ مِنَ الظُّلْمِ فَذَالِكَ نَصْرُهٗ" يعني ان کي ظلم ڪرڻ کان جهليندين ۽ منع ڪندين اها ان جي مدد آهي. محدث بزار عبدالله کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو" اَلدَّالُّ عَلَي الْخَيْرِ كَفَا عِلِهٖ" يعني چڱائيءَ جو ڏس ڏيڻ وارو چڱائيءَ ڪندڙ وانگر آهي.

ظالم جي ساٿ ڏيڻ کان بچو

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ظالم نہ آهي، پر ظالم جو ساٿ ڏئي ٿو تہ اهو بہ الله جل جلالہ جي دين جو دشمن آهي، طبراني شريف ۾ حضرت ثمران بن صخر کان روايت آهي تہ الله جل شانہ جي رسول عليه الصلواة والسلام جن فرمايو"مَنْ مَّشٰى مَعَ ظَالِمٍ لِيُعِيْنَهٗ وَهُوَ يَعْلَمُ اَنَّهٗ ظَالِمٌ فَقَدْ خَرَجَ مِنَ الْاِسْلَامِ" (١) يعني جيڪو ظالم سان مدد ڪرڻ لاءِ گڏجي هليو ۽ خبر بہ اٿس تہ اهو ظالم آهي تہ اهو اسلام کان نڪري ويو. مسلمانو! الله جل جلالہ کان ڊڄي ظالمن جو ساٿ نہ ڏيو ۽ ڪيئن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ظلم ڪرڻ کان روڪيو تہ ان ۾ اوهان سڀني جي ڀلائي ۽ تحفظ آهي.

"وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" ۽ الله کان ڊڄو، يقينًا الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي، مقصد تہ جڏهن اوهان جي دلين ۾ الله جل شانہ جو ڊپ هوندو تہ اوهان کي ان جي حڪمتن تي عمل ڪرڻ آسان لڳندو، جيڪڏهن اوهان ٻئي تي پنهنجي طاقت هلائي ظلم ڪري سگهو ٿا تہ الله جل جلالہ جي طاقت اوهان تي غالب آهي اهو بہ اوهان کي سزاڏئي عذاب ڪري سگهي ٿو: اوهان طاقت هوندي نياز، نوڙت ۽ هيناهين اختيار ڪيو جيئن ڀٽائي بادشاهہ عليه الرحمة فرمايو آهي

(١) تفسير ابن ڪثر ص٦ جلد٢

هو چونءِ تون مر چؤ واتئون ورائي
اڳ اڱرائي جو ڪري خطا سو ڪائي
پاند ۾ پائي،ويو ڪيني وارو ڪين ڪي

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ

حرام ڪيو ويو اوهان تي مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهو جو ڪهڻ وقت پڪاريو ويو

لِغَيْرِاللّٰهِ بِهٖ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ

الله ڪان سواءِ ان تي ۽ گهٽو ڏنل جانور ۽ ڏڪ سان ماريل ۽ ڪرڻ سان مرندڙ ۽ سڱ سان ماريل

وَمَآ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَاَنْ

۽ جيڪو ڪائي ڇڏيو ڦاڙيندڙ جانور مگر جيڪو ڪُٺو- ۽ جيڪو ڪٺو ويو بتن جي ٿڪاڻن تي ۽ هيءُ جو

تَسْتَقْسِمُوْا بِالْاَزْلَامِ ۭ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ۭ اَلْيَوْمَ يَىِٕسَ الَّذِيْنَ

ورهايو (جوا جي) تيرن سان اهو گناه آهي اڄ نااميد ٿيا

كَفَرُوْا مِنْ دِيْنِكُمْ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ۭ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ

ڪافر اوهان جي دين ڪان پوءِ نہ ڊڃو انهن ڪان ۽ ڊڃو مون ڪان اڄ ڪامل ڪيم اوهان لاءِ

لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ

اوهان جو دين ۽ پوري ڪيم اوهان تي پنهنجي نعمت ۽ پسند ڪيم اوهان جي لاءِ

الْاِسْلَامَ دِيْنًا ۭ فَمَنِ اضْطُرَّ فِيْ مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ ۙ

اسلام کي دين بنائي پوءِ جيڪو مجبور ڪيو وڃي بک ۾ نہ لاڙو رکندڙ گناھ جي لاءِ

فَإِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ③

پوءِ بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير

سورة جي شروعات ۾ ٻڌايو ويو هو تہ اوهان جي لاءِ ٻن جانورن کان سواءِ چوپايا جانور حلال ڪيا ويا آهن. هاڻي انهن ٻن حرام ڪيلن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ" حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيرِ" يعني اوهان جي مٿان مردار، ۽ سير وجهڻ وقت وهندڙ رت ۽ سوئر جو گوشت حرام ڪيو ويو آهي. مردار اهو جانور آهي جيڪو ڪهڻ سان حلال هو پر ڪهڻ کان سواءِ مري وڃڻ جي ڪري حرام ٿيو آهي، ڇو تہ ڪهڻ کان سواءِ سندس جسم ۾ هلندڙ رت ڪو ڄمي ٿو وڃي تہ ڪو جسم ۾ جذب ٿي ٿو وڃي جيڪو ڪائڻ کان پوءِ انسان جي صحت لاءِ زهر وانگر نهايت نقصانڪار آهي رت مان مراد بہ ڪهڻ وقت وهندڙ رت آهي. جيئن سيدنا ابن عباس ۽ سيده عائشہ صديقه رضي الله عنهما کان "اَلدَّمُ" جي تفسير ۾ آيل آهي (١) ۽ سوئر جو گوشت تہ حرام آهي،پر ان جو هر ذرو ذرو هڏا ، وار ، کل وغيره سڀ ڪجھ حرام آهن، پر جڏهن تہ عرب ۾ عام طور سوئر جو گوشت ئي کائيندا هئا ان جي ڪري "لحم" جو لفظ آڻي گوشت جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

مڇي ۽ مڪڙ ڪهڻ کان سواءِ ڪائڻ حلال آهن.

جيئن امام مالڪ پنهنجي مؤطا ۾، ۽ امام شافعي ۽ امام احمد پنهنجن مسندن ۾ ابو داؤد ۽ ترمذيءَ ۽ نسائيءَ ۽ ابن ماجه پنهنجن سنن ۽ ابن خزيمه ۽ ابن حبان پنهنجي صحيحين ۾ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله عليه الصلواة والسلام جن کان سمنڊ جي پاڻيءَ جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون "هُوَ الطَّهُورُ مَاؤُهُ وَالْحِلُّ مَيْتَتُهُ" يعني سمنڊ جو پاڻي پاڪ ڪندڙ آهي ۽ ان ۾ مارجڻ وار ي(مڇي) حلال آهي، ۽ امام شافعي ۽ امام احمد حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنهما کان روايت آنديآهي تہ سيدنا رسول

(١) ابن ڪثير ص٧ج٢

الله عليه الصلوات والتسليمات جن فرمايو تہ: "أُحِلَّ لَنَا مَيْتَتَانِ وَدَمَانِ، فَامَّا الْمَيْتَتَانِ فَالسَّمَكُ وَالْجَرَادُ وَاَمَّا الدَّمَانِ فَالْكَبِدُ وَالطِّحَالُ" (١) يعني اسان جي لاءِ (ڪهڻ کان سواءِ) مرڻ واريون بہ شيون ۽ بہ رت حلال ڪيا ويا آهن (ڪهڻ کان سواءِ) مرڻ واريون شيون مڇي ۽ مڪڙ آهن ۽ بہ رت زيرا ۽ ڦڦر آهن.

"وَمَا اُهِلَّ لِغَيْرِاللّٰهِ بِهٖ" يعني جنهن تي ڪهڻ وقت الله جل جلاله کان سواءِ ٻئي جو نالو پڪاريو وڃي اهو بہ حرام آهي. محمد جمال الدين قاسمي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ واصل الاهلال رفع الصوت وكان العرب في الجاهلية يذكرون اسماء اصنامهم عند الذبح فحرم الله ذالک بهذه الاية (٢) يعني قرآن پاڪ جو مٿيون لفظ "اهل" اهلال کان ورتل آهي ۽ اهلال جي اصل معنیٰ آواز بلند ڪرڻ آهي، ۽ جاهليت جي دور ۾ عرب جانورن جي ڪهڻ وقت انهن جي مٿان پنهنجن بتن جا نالا وٺندا هئا پوءِ الله جل جلاله ان ڪي هن آيت سان حرام ڪيو.

مسئلو- هن مان ثابت ٿيو تہ جنهن جانور تي ڪهڻ وقت الله جل جلاله جو نالو ورتو وڃي ۽ ان جي گوشت ورهائڻ يا کارائڻ مان مقصد نبي عليه الصلواة والسلام جن يا ڪنهن ولي، بزرگ، يا والدين وغيرهم جي روح ڪي درجو پهچائڻ هجي تہ اهو حرام ناهي. ميلاد شريف، يارهين شريف، چاليهو، ٽيجهو وغيره ۾ ڪٺل جانور حلال آهن جيئن هن جو وڌيڪ تحقيق سورة بقره آيت ١٧٣ جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون. وَالْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى ذَالِکَ- جيڪي ماڻهو ان "مَا اُهِلَّ لِغَيْرِاللّٰهِ بِهٖ" مان دليل وٺي ميلاد شريف يارهين شريف وغيره ڪي حرام چوندا آهن اهي علامہ موصوف جي مٿين عبارت تي غور ڪري ان غلط فتوٰى کان رجوع ڪن تہ سٺن لاءِ ڀلو آهي "وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ" يعني گهٽو ڏيئي ماريل ۽ پٿر يا لٺ جي ڌڪن سان ماريل ۽ مٿاهينءَ کان هيٺاهينءَ ڏانهن ڪري مرندڙ، ۽ ڪنهن ٻئي جانورجي سڱ سان ماريل جانور بہ حرام آهن "وَمَاۤ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ" ۽ اهو جانور بہ حرام آهي جنهن کي ڦاڙيندڙ جانور شڪار ڪري کاڌو آهي مگر مٿي ذڪر ڪيل جانورن مان جيڪڏهن ڪو بہ مرڻ کان اڳ ۾ ڪٺو اٿوَ تہ پوءِ اهو حلال آهي، (٣) "وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ" ۽ اهو جانور بہ حرام آهي جيڪو بتن جي تعظيم جي لاءِ انهن جي اڳيان آٿي ڪٺو وڃي . "النُّصُبِ" بت هيا جيڪي ڪعبي شريف جي

(١) تفسير القاسمي ص٢٨ ج٤ (٢) تفسيرالقاسمي ص ٣٢ جلد٤
(٣) تفسير خازن ص ٤٣٣ جلد ١

چوڏاري رکيل هئا عرب پنهنجا جانور ڪاهي اتي ڪهندا ۽ انهن جو رت بيت الله شريف جي پٿين کي هڻندا هئا هتي ان کان منع ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته اهو جانور حرام آهي. "وَاَنۡ تَسۡتَقۡسِمُوۡا بِالۡاَزۡلَامِ" يعني اهو به حرام آهي جيڪو جوا جي تيرن سان تقسيم ڪيو ٿا. مشرڪن جي هڪ هيءَ عادت به هئي جو جڏهن ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا ته ڪنهن ڪپڙي وغيره ۾ ٽي تير (جيڪي ان مقصد جي لاءِ وٺن تيار هوندا هئا) وجهندا هئا، هڪ تي لکيل هوندو هو ته امرني ربي- منهنجي رب مون کي هن جو حڪم ڏنو آهي، ٻئي تي لکيل هوندو هو منعني ربي منهنجي رب مون کي هن کان روڪيو آهي ۽ ٽيون تير خالي هوندو هو پوءِ اکيون بند ڪري هڪ تير ڪڍندا هئا جيڪڏهن اهو تير نڪتو جنهن تي لکيل هوندو ته مون کي منهنجي رب هن جو حڪم ڪيو آهي ته اهو ڪم ڪندا هئا نه ته نه ڪندا هئا .هن لفظن ۾ ڪسين ان کان روڪيو ويو آهي. "ذٰلِكُمۡ فِسۡقٌ" اهي سڀ ڪم فسق(بي فرماني) جا آهن. جيڪي مؤمن جي شان جي مناسب ۽ لائق ناهن، ڇو ته الله جل جلاله جي ناراض هجڻ جو باعث آهن ان جي ڪري ايمان وارؤ! انهن سيني کان پري رهو "اَلۡيَوۡمَ يَئِسَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ دِيۡنِكُمۡ فَلَا تَخۡشَوۡهُمۡ وَاخۡشَوۡنِ" يعني ڪافر اميد رکيو ويٺا هئا ته اوهان دين کان ڦري ويندا سي اڄ نااميد ٿي ويا ته اوهان پنهنجي دين کان اصل نه ڦرندؤ. پوءِ انهن کان نه ڊڄو مون کان ڊڄو، ۽ منهنجي ڪنهن به فرمان جي تعميل ۾ سستي نه ڪريو. "اليوم " اڄ هن مان ذوالحج مهيني ۾ نائين تاريخ جو خاص ڏينهن يا مطلق زمانو مراد آهي. (٢)

"اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِيۡ وَرَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا" اڄ ڪامل ڪيو مون اوهان جي لاءِ اوهان جو دين ۽ پوري ڪيم اوهان تي پنهنجي نعمت ۽ راضي ٿيس مان اوهان جي لاءِ اسلام کان دين جي لحاظ سان

شأن نزول

جاڻڻ گهرجي ته هيءَ آيت ذوالحج مهيني جي نائين تاريخ جمعي جي ڏينهن عرفات شريف جي ميدان ۾ ان وقت نازل ٿي هئي جنهن وقت حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي قصوئ نالي ڏاچيءَ تي سوار هئا ۽ ان آيت جي نزول جي وزن جي ڪري سندن ڏاچي ويهي رهي هئي (٢) الله جل جلاله فرمايو ته مسلمانو! جنهن دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ مون پنهجي پياري نبي عليه الصلواة والسلام جن کي دنيا تي مبعوث فرمايو اهو ظاهري باطني، صوري ۽ معنوي هر لحاظ سان ڪمال کي پهچي ويو آهي ۽ هن دين جي

(١) ضياءالقرآن ص٤٣٩ جلد١ (٢) نعيمي ص٢٠١ جلد٦

غالب ٿيڻ ۽ فاتح رهڻ جو جيڪو وعدو اوهان سان ڪيو ويو هو سو به اوهان اڄ اکين سان ڏسي رهيا آهيو ته حضور صلى الله عليه وسلم جن پنهنجن سچن اصحابن جي ڪيڏي وڏي تعداد سان عرفات جي مبارڪ ميدان ۾ تشريف فرما آهن۽ اڄ ڪو به مشرڪ، دين جو دشمن ۽ اسلام جو منڪر هتي اوهان ڪي نظر ڪو نه ايندو. اڄ دين ڪي مڪمل بنايو ويو آهي جوجن عقيدن تي اوهان جي نجات جو مدار آهي ۽ شريعت جا قانون، بنيادي قاعدا ۽ اصول جيڪي هر زماني ۽ هرحالت ۾ اوهان جي لاءِ روشنيءَ جي مينار جو ڪم ڏين ٿا سڀني جي اوهان ڪي تعليم ڏني وئي آهي ۽ اهڙا اصول به قائم ڪيا ويا آهن جن جي مدد سان اوهان هر نئين مشڪل ۽ ڏکئي مسئلي جو حل ڪڍي سگهو. ۽ مون اوهان ڪي قرآن ڪريم جهڙو پيارو ڪتاب ۽ حضرت محمد مصطفىٰ عليه الصلواة والسلام جن جهڙو پيارو رهبر ڏئي، هدايت جي واٽ روشن ڪري، اوهان ڪي ان تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪئي آهي، ۽ مون اوهان جي لاءِ اسلام ڪي جيڪو اڳين نبين ۽ مرسلن عليهم الصلواة والسلام جو به دين هو پسند فرمايو آهي. مان ان ڪان ئي راضي آهيان. اسلام ڪان ٻاهر ٻئي دين ۾ رهي ڪير ڪيتري به عبادت ڪري الله جل جلاله ان سان راضي نه آهي. ۽ هن آيت مان اهو به ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪانپوءِ ڪو به ۽ ڪنهن قسم جو نبي نه ايندو ڇو ته اسلام ڪامل مڪمل ٿي چڪو آهي نه ان ڪان پوءِ ڪو دين يا شريعت ايندي نه احڪام جي لاءِ وحي جو نزول ٿيندو. ۽ اهوئي سبب هو جو جڏهن مٿين آيت نازل ٿي هئي ته عام مسلمان خوش ٿيا هئا پر حضرت عمر رضي الله عنه روئي رهيو هو. حضور صلى الله عليه وسلم جن ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو عرض ڪيائين ته: يا رسول الله! هن آيت مان اشارو ملي رهيو آهي ته اوهان هاڻي هن دنيا ۾ ٿورو عرصو رهندا، ڇو ته دين جي ڪامل، مڪمل ٿيڻ سان رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بعثت جو مقصد پورو ٿي ويو، (١) ﴿فَمَنِ اضْطُرَّ فِي مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِإِثْمٍ فَإِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَحِيمٌ﴾ يعني جيڪو بک ۾ مجبور ڪيو ويو آهي، گناه جي لاءِ جهڪندڙ ناهي ۽ اهو ان حال ۾ مٿي ذڪر ڪيل حرام شين مان ضرورت آهر ڪائي ٿو ته يقينًا الله بخشيندڙ مهربان آهي. ان ڪان پڇا نه ڪندو ۽ نه ان ڪي ان جي سزا ڏيندو ڇو ته اهو ڪريم ٻانهي جي مجبوريءَ ڪي ڄاڻي ٿو.

مسئلو: مجبوريءَ جي حالت ۾ مردار وغيره ڪائي ڪري جان بچائڻ واجب آهي جيڪڏهن نه ڪائيندو ۽ مري ويو ته گنهگار ٿيندو پر مجبوري جي حالت ۾ ڪفر جو ڪلمو چوڻ واجب ناهي ان جي صرف اجازت آهي جيڪڏهن ڪفر جو ڪلمو نه ٿو

(١) معارف القرآن ص ٣٨ جلد٣

چوي ۽ مارجي يا مري ٿو وڃي تہ شهيد آهي ، پر ان حرام مان بہ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ جي موڪل ناهي ڇو تہ ان ۾ "مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ" جو امڪان آهي يعني گناهہ ڏانهن لاڙو ڪندڙ جهڪندڙ. ائين ئي هلاڪ ڪندڙ بيماريءَ ۾ قاتل ماڻهو بہ ضرورت آهر حرام دوا سان علاج ڪرائي سگهي ٿو. (١)

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَمَا

پڇن ٿا توکان تہ ڪهڙي شيءِ حلال ڪئي ويئي انهن لاءِ، فرماءِ تہ حلال ڪيون ويون اوهان لاءِ پاڪ شيون اهو جو

عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ؗ

سيکاريو ڦٽيندڙن جانورن کي شڪار کي وٺندڙ سيکاريو ٿا انهن کي ان مان جو سيکاريو اوهان کي الله

فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۪

پوءِ کائو ان مان جو جهلي بيهن اوهان جي ڪري ۽ ذڪر ڪيو نالو الله جو ان تي

وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٤﴾ اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ

۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله تڪڙو آهي حساب ڪرڻ ۾ اڄ حلال ڪيون ويون اوهان جي

الطَّيِّبٰتُ ؕ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۪ وَطَعَامُكُمْ

لاءِ پاڪ شيون ۽ طعام انهن جو جي ڏنا ويا ڪتاب حلال آهي اوهان جي لاءِ ۽ طعام

حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ

اوهان جو حلال آهي انهن لاءِ ۽ پاڪدامن عورتون ايمان وارين مان ۽ پاڪدامن عورتون انهن مان جو ڏنا ويا

(١) تفسير نعيمي صـ ٢٠٨ جلد ٨

أُوْتُوا الْكِتَابَ مِنْ قَبْلِكُمْ إِذَآ آتَيْتُمُوْهُنَّ أُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ

ڪتاب اوهان کان اڳي جڏهن ڏنوَ انهن کي مهر انهن جا نڪاح ڪندڙ

غَيْرَ مُسَافِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ أَخْدَانٍ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْإِيْمَانِ فَقَدْ

نہ شهوت هلائيندڙ ۽ نہ ڳجهي ياري رکندڙ ۽ جيڪو انڪار ڪندو ايمان جو پوءِ تحقيق

حَبِطَ عَمَلُهٗ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ ⑤ ع

چٽ ٿيو عمل ان جو ۽ اهو آخرت ۾ نقصان وارن مان آهي.

ع

تفسير

قرآن پاڪ ۾ جڏهن حرام شين جو ذڪر آيو تہ بعضي اصحابن عرض ڪري پڇيو تہ يا رسول الله!هي تہ هيون حرام شيون هاڻي ٻڌايو تہ حلال شيون ڪهڙيون آهن؟ تڏهن فرمان ٿيو تہ "يَسْئَلُوْنَكَ مَاذَآ أُحِلَّ لَهُمْ" يعني (اي حبيب! (عليڪ الصلواة والسلام) اوهان کان پڇن ٿا تہ سندن لاءِ ڇا حلال ڪيو ويو آهي؟ "قُلْ أُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبَاتُ وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللهُ" يعني اوهان انهن پڇندڙن کي فرمايو تہ اوهان جي لاءِ سڀ پاڪ شيون حلال ڪيون ويون آهن جڏهن تہ حلال شين جو دائرو گهڻووسيع آهي ۽ انهن مان هر هڪ کي نالي سان بيان ڪرڻ ۾ ٻڌندڙ جي لاءِ ڏکيائي هئي ان جي ڪري هڪ ئي لفظ "طَيِّبٰتُ" سان انهن کي بيان ڪيو ويو ۽ ان مان مراد هر اها شيءِ آهي، جيڪا قرآن،سنت، اجماع ۽ قياس سان حرام ناهي. (١) ۽ جن شڪار ڪندڙن جانورن کي اوهان ڊوڙي شڪار ڪرڻ جي تعليم ان ڄاڻ مان ڏني آهي جيڪا الله اوهان کي عطا فرمائي آهي. "فَكُلُوْا مِمَّآ أَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللهِ عَلَيْهِ" يعني پوءِ اهي شڪار ڪندڙ ڪتا، باز وغيره جيڪو شڪار اوهان جي سيکارڻ موافق اوهان جي لاءِ جهلي بيهن تہ ان تي جانور ڇڏڻ يا کهڻ وقت

(١) تفسير نعيمي ص٢١٦ جلد٦

الله جل جلاله جو نالو وٺي ڇڏي ڪائو.

خلاصو مطلب هي آهي تہ شڪاري ڪتي يا باز جو ڦاسايل يا قتيل جانور يا پکي چئن شرطن سان حلال آهي ١- تہ اهو شڪار ڪندڙ جانور اهڙو سيکاريل ۽ سڌاريل هجي جو جيڪڏهن ان کي سڏ ڪيو تہ شڪار ڏانهن وڃڻ جي بجاءِ اوهان ڏانهن هليو اچي جنهن مان ثابت ٿيندو تہ اهو شڪار بہ اوهان جي لاءِ ٿو ڪري پنهنجي لاءِ نہ ٿو ڪري ۽ ان جو شڪار اوهان جو شڪار سمجهيو ويندو، جيڪو اوهان جي لاءِ حلال آهي ٢- تہ اهو شڪاري ڪتو يا باز شڪار تي اوهان جي پڄڻ تي وڃي پاڻ ڀاڙي نہ وڃي اهو شرط "مڪلبين" جي لفظ مان ورتو ويو آهي ڇو تہ "مڪلبين" تڪليب کان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي ڪتن کي شڪار سيکارڻ ٣- تہ اهو جانور شڪار کي پاڻ نہ کائي اوهان جي لاءِ جهلي بيهي ۴- تہ جڏهن شڪار ڪندڙ ڪتي يا باز کي شڪار لاءِ ڇڏيو تہ بسم الله پڙهي ڇڏيو حضرت امام اعظم عليه الرحمة وٽ پنجون شرط بہ آهي تہ اهو ڪتو يا باز وغيره ان شڪار کي زخمي بہ ڪري، اهو شرط "اَلْجَوَارِحِ" لفظ مان ثابت ٿي رهيو آهي.

مسئلو اهو حڪم ان جهنگلي جانور جي لاءِ آهي جيڪو پنهنجي هٿ ۾ ناهي پر جيڪڏهن اهو جهنگلي جانور پنهنجي قبضي ۽ تصرف ۾ آهي تہ پوءِ اهو باقاعدي شرعي طريقي تي ڪهڻ کان سواءِ حلال ناهي. "وَاتَّقُوا اللّٰهَ" يعني شڪار جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ الله کان ڊڄو حرام شڪار نہ ڪائو، پوءِ اهو شڪار اصل حرام هجي جيئن سوئر وغيره يا ان جانور جي زخمي ڪرڻ کان سواءِ ٿي ان جي منهن يا چنبي ۾ مري ويو هجي "اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ" يعني بيشڪ الله جل جلاله حساب وٺڻ ۾ تکڙو آهي، جيڪو اوهان کان اوهان جي هر عمل جو حساب وٺندو ۽ نهايت ٿوري وقت ۾ وٺندو.

"اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ" يعني اڄ اوهان جي لاءِ (اهي پاڪ شيون حلال ڪيون ويون جن مان اڳ ۾ ڪي ٿوري وقت لاءِ اوها ن تي حرام هيون" وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ "مقصد تہ اهل ڪتاب جو تيار ڪيل کاڌو اوهان جي لاءِ حلال آهي ۽ اوهان جو تيار ڪيل کاڌو انهن جي لاءِ حلال آهي، اهل ڪتاب يهودي ۽ نصارىٰ جيڪڏهن الله جل جلاله جو نالو وٺي ڪو جانور ڪهن ٿا تہ مسلمان جي لاءِ اهو کائڻ حلال آهي، پر جيڪڏهن اهي جانور جي ڪهڻ وقت الله جل جلاله جي نالي جي بجاءِ حضرت عزير، يا حضرت عيسىٰ عليهما السلام جو نالو ٿا وٺن ۽ تو پنهنجن ڪنن سان نہ ٻڌو آهي تہ بہ انهن جو ڪٺل جانور تنهنجي لاءِ حلال آهي (١) "وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ

(١) القرطبي ص٧٦ جلد٦

وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ " مُحْصَنٰتُ جي معنيٰ پاڪدامن- مقصد تہ مومنن مان يا اهل ڪتاب مان پاڪدامن عورتون اوهان جي لاءِ حلال آهن، پر هن شرط سان "اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ" جڏهن اوهان انهن کي سندن مقرر ڪيل مهر پاڪدامن رهندي ڏيو نہ زنا جو ارادو ڪيو ۽ نہ ڳجهين يارين جو- پر نڪاح واري جائز صورت اختيار ڪيو "وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" غير مسلمان عورتن سان شادي ڪرڻ ۾ خطرو هو تہ متان شادي ڪندڙ انهن جي مذهب کي اختيار ڪن ان جي ڪري هنن لفظن ۾ تنبيه ڪئي وئي آهي تہ "جيڪو بہ شخص ايمان جو انڪار ڪندو تہ ان جا عمل برباد ٿي ويندا ۽ اهو آخرت ۾ بہ خساري وارن مان هوندو، چاڻ گهرجي تہ مڪروهہ ڪم ڪرڻ سان عبادت جو درجو گهٽجي ٿو ۽ ان ۾ حرام ڪم ڪرڻ سان درجو بالڪل ختم ٿي ٿو وڃي ، پر فرض ذمي تان لهي ٿو وڃي مگر ڪفر ڪرڻ سان نہ درجو ٿو رهي نہ عمل جو اصل ٿو رهي، جيئن شيطان جا ڪفر ڪرڻ جي ڪري سڀ اعمال برباد ٿي ويا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا

اي ايمان وارؤ! جڏهن اٿو نماز ڏانهن پوءِ ڌوئيندا ڪيو

وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ

پنهنجا منهن ۽ پنهنجا هٿ ٺونٺين تائين ۽ مسح ڪيو مٿن پنهنجن جي

وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ۭ وَاِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ۭ وَاِنْ

۽ (ڌوئيندا ڪيو) پيرن پنهنجن کي پيڏين تائين ۽ جيڪڏهن آهيو تڙ وارا تہ پوءِ پاڪ ٿيو ۽ جيڪڏهن آهيو

كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰي سَفَرٍ اَوْ جَاۗءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَاۗىِٕطِ

بيمار يا مسافريءَ تي يا آيو هڪڙو اوهان مان ضرورت واريءَ جاءِ مان

اَوْلٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا

يا صحبت ڪيو عورتن سان پوءِ نه لهو پاڻي ته پوءِ ارادو ڪيو صاف پاڪ مٽيءَ جو

فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ مِّنْهُ ۭ مَا يُرِيْدُاللّٰهُ لِيَجْعَلَ

پوءِ مک ڪيو پنهنجنمنهن ۽ پنهنجن هٿن جي ان مان نه ٿو ارادو ڪري الله تانت ڪري اوهان

عَلَيْكُمْ مِّنْ حَرَجٍ وَّلٰكِنْ يُّرِيْدُ لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ

تي ڪا تنگي ۽ پر ارادو ٿو ڪري ته پاڪ ڪري اوهان کيءَ تانت پوري ڪري پنهنجي نعمت

عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ⑥

اوهان تي تانت اوهان شڪر ڪيو

تفسير

هن ڪان پهريان اهي آيتون هيون جن ۾ انسان جي دنيوي زندگيءَ ڪائڻ، پيئڻ وغيره سان واسطو رکندڙ شين جي شرعي حڪمن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انسان جي عبادت ڪرڻ سان تعلق رکندڙ شرعي حڪمن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي "يٰاَيُّهَاالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ" اي ايمان وارو! جڏهن نماز لاءِ اٿو (نماز پڙهڻ جو ارادو ڪيو ۽ اوهان کي ان وقت وضو ناهي تہ) پوءِ وضو ڪرڻ ۾ پنهنجا منهن ۽ نونئين تائين پنهنجا هٿ ڌوئو ۽ پنهنجن مٿن جي مک ڪيو ۽ ڳرين (پيڏين) تائين پنهنجا پير ڌوئو- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هي وضوءَ جا چار فرض (١- منهن ڌوئڻ ٢- هٿ نونين تائين ڌوئڻ ٣- مٿي جي مک ڪرڻ ۴- پير پيڏين تائين ڌوئڻ)هئا جيڪي هن آيت ۾ بيان ڪيا ويا.

هيءَ آيت قرآن ڪريم جي احڪام وارين آيتن ۾ اهم آيت آهي جنهن

مان فقيهن انن سون کان هزار تائين مسئلا ڪڍيا آهن (١)

پيرن کي ڌوئجي يا مک ڪجي؟

هن آيت جي جملہ "وَاَرۡجُلَكُمۡ اِلَى الۡكَعۡبَيۡنِ" ۾ ارجل جي لفظ کي جمهور جي متواتره، متوارثہ قراءت جي مطابق زبر آهي. جيڪو هن کان اڳ ۾ آيل لفظ "وَاَيۡدِيَكُمۡ" تي عطف آهي پوءِ معنىٰ آهي تہ پنهنجا پير پيڏين (ڳرين) تائين ڌوئو. وضوءَ ۾ پيرن کي ڌوئڻ حضور عليه الصلواة والصلواة والسلام جن ۽ اصحابن ڀلارن کان ثابت آهي ۽ نہ ڌوئڻ جي ڪري سخت عذاب جو ذڪر آيو آهي، جيئن هنن لکيل حديثن مان ثابت آهي.

وضوءَ ۾ پيرن ڌوئڻ جي لاءِ نبوي حديثون

حديث عـ١- امام احمد ابو امامہ کان ان عمرو بن عبسہ کان روايت آندي آهي تہ مون حضور عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! مون کي وضوءڪرڻ سمجهايو، پاڻ فرمايائون تہ " مَا مِنۡكُمۡ مِّنۡ اَحَدٍ يُقَرِّبُ وَضُوۡءَهٗ ثُمَّ يَتَمَضۡمَضُ وَيَسۡتَنۡشِقُ وَيَسۡتَنۡثِرُ اِلَّاخَرَّتۡ خَطَايَاهُ مِنۡ فَمِهٖ وَخَيَاشِيۡمِهٖ مَعَ الۡمَآءِ حِيۡنَ يَنۡتَثِرُ ثُمَّ يَغۡسِلُ وَجۡهَهٗ كَمَا اَمَرَهُ اللّٰهُ اِلَّاخَرَّتۡ خَطَايَا وَجۡهِهٖ مِنۡ اَطۡرَافِ لِحۡيَتِهٖ مِنَ الۡمَآءِ ثُمَّ يَغۡسِلُ يَدَيۡهِ اِلَى الۡمِرۡفَقَيۡنِ اِلَّاخَرَّتۡ خَطَايَا يَدَيۡهِ مِنۡ اَطۡرَافِ اَنَامِلِهٖ ثُمَّ يَمۡسَحُ رَاۡسَهٗ اِلَّاخَرَّتۡ خَطَايَا رَاۡسِهٖ مِنۡ اَطۡرَافِ شَعۡرِهٖ مَعَ الۡمَآءِ ثُمَّ يَغۡسِلُ قَدَمَيۡهِ اِلَى الۡكَعۡبَيۡنِ كَمَا اَمَرَ اللّٰهُ اِلَّاخَرَّتۡ خَطَايَا قَدَمَيۡهِ مِنۡ اَطۡرَافِ اَصَابِعِهٖ مَعَ الۡمَآءِ ثُمَّ يَقُوۡمُ فَيَحۡمَدُ اللّٰهَ وَيُثۡنِيۡ بِالَّذِيۡ هُوَ لَهٗ اَهۡلٌ ثُمَّ يَرۡكَعُ رَكۡعَتَيۡنِ اِلَّاخَرَجَ مِنۡ ذُنُوۡبِهٖ كَيَوۡمٍ وَلَدَتۡهُ اُمُّهٗ" (٢) يعني اوهان مان ڪو هڪ وضوءَ جو پاڻي ويجهو ڪري ٿو (اول هٿ ڌوئي) پوءِ ڳرڙيون ڪري ٿو ۽ نڪ کي پاڻي ڏي ٿو ۽ نڪ ڇنڊي ٿو تہ ان جي وات مان ۽ نڪ جي سوراخن مان ڪرندڙ پاڻيءَ سان گڏ سندس گناهہ ڪرن ٿا ان کان پوءِ ائين منهن ڌوئي ٿو جيئن الله امر ڪيو آهي تہ سندس منهن جا گناهہ سندس ڏاڙهيءَ جي پاسن کان ڪرندڙ پاڻيءَ سان گڏ ڪرن ٿا ان کان پوءِ ٺونٺين تائين هٿن کي ڌوئي ٿو تہ سندس هٿن جا گناهہ سندس آڱرين جي ڏوڏڙن جي پاسن کان ڪرن ٿا ان کان پوءِ پنهنجي مٿي جي مک ڪري ٿو تہ سندس مٿي جا گناهہ سندس وارن جي پاسن کان پاڻيءَ سان گڏ ڪرن ٿا. ان کان پوءِ پنهنجن پيرن کي پيڏين (ڳرين) تائين ڌوئي ٿو جيئن الله امر ڪيو آهي تہ سندس پيرن جا گناهہ سندس آڱرين جي پاسن کان پاڻيءَ سان گڏ ڪرن ٿا، ان کان پوءِ اٿي الله جي شان جي لائق حمد ۽ ثنا

(١) حاشيہ مراد آبادي ص٢٣٩ حاشيہ ٣٦ (٢) تفسير القاسمي ص١٠٦ جلد٤

ڪري ٻه رڪعتون (نفل تحية الوضوءِ) پڙهي ٿو ته گناهن کان ائين ٿو نڪري جيئن ان ڏينهن هو جنهن ڏينهن سندس ماءُ کيس ڄڻيو هو.

وضاحت

هن حديث شريف جي لفظ " پوءِ پنهنجا پير ڌوئي ٿو جيئن الله امر ڪيو آهي" مان ثابت ٿيو ته وضوءَ ۾ پيرن جو ڌوئڻ ئي فرض آهي، جنهن جو امر الله ڪيو آهي، مک ڪرڻ جو امر نه آهي، ۽ ڌوئڻ سان ئي گناهه ڪرن ٿا حديث جي راويءَ امامه فرمايو ته مون عمرو بن عبسه کان پڇيو ته ڇاتو حضور عليه الصلواة والسلام جن کان وضوءَ ڪرڻ واري جو ايترو ثواب ٻڌو ته هڪ ئي جاءِ تي کيس هي ڏنو ويندو؟ عمرو بن عبسه چيو ته اي ابا امامه! هينئر منهنجي عمر وڏي ۽ هڏا جهونا ٿي ويا آهن ۽ منهنجي حياتيءَ جي پوري ٿيڻ جو وقت ويجهو آهي، الله جل جلاله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جن تي ڪوڙ هڻڻ جي مون کي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اهو حضور عليه الصلواة والسلام جن جو فرمان ڪانئن مون هڪ يا ٻه يا ٽي پيرا نه پر ست پيرا بلڪ انهن کان به گهڻا پيرا ٻڌو هو (١) علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته هن روايت جي سند صحيح آهي (٢).

حديث عـ٢- بخاري، مسلم ۽ ٻين محدثن حضرت علي، حضرت عثمان حضرت ابن عباس، حضرت معاويه، حضرت عبدالله بن زيد ۽ حضرت مقداد بن معديڪرب رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته: اَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ غَسَلَ الرِّجْلَيْنِ فِيْ وُضُوْءِهٖ- يعني رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي وضوءَ ۾ پير (مبارڪ) ڌوتا هئا.

وضاحت

هن روايت کي بيان ڪندڙ صحابن رضي الله عنهم حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪّي وضوءَ ۾ پيرن مبارڪن تي مک ڪندي نه پر پيرن پاڪن کي ڌوئندي ڏٺو هو تڏهن ڌوئڻ جو ذڪر ڪيائون.

حديث عـ٣: حضرت عمرو بن شعيب پنهنجي ڏاڏي کان روايت آندي آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن وضو ڪيو پوءِ پنهنجا پير مبارڪ ڌوتائون ان کان پوءِ فرمايائون ته: هٰذَا وُضُوْءٌ لَا يَقْبَلُ اللّٰهُ الصَّلٰواةَ اِلَّا بِهٖ" يعني هي وضوءُ (جنهن ۾ پير ڌوتا ويا مک نه ڪيا ويا اهو آهي جنهن کان سواءِ الله نماز قبول نه ٿو ڪري.

(١) تفسير القاسمي ص١٠٦ جلد٤ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٢٨ جلد٢

وضاحت

هن حديث مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله پيرن ڌوئڻ کان سواءِ وضوءَ سان نماز قبول نہ ٿو ڪري. ان جي ڪري وضوءَ ۾ پير ڌوئڻ فرض آهن. مک ڪرڻ جائز ناهي.

حديث ع۔۴: بخاري ۽ مسلم حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن اسان ڪي وضوءَ ۾ پيرن جي مک ڪندي ڏسي ہہ يا ٽي ڀيرا فرمايو تہ" وَيۡلٌ لِلۡاَعۡقَابِ مِنَ النَّارِ" يعني پيرن جي ڪڙين جي لاءِ (وضوءَ ۾ ڌوئڻ کان سواءِ جهنم جي) باهہ وارو ويل آهي.

حديث۵- بخاري ۽مسلم ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَسۡبِغُوا الۡوُضُوءَ وَيۡلٌ لِلۡاَعۡقَابِ مِنَ النَّارِ" يعني وضو پورو پورو ڪيو (ڪڙين ڪي ڌوئڻ کان خالي نہ رهايو(ڪڙين جي لاءِ (ڌوئڻ کان سواءِ جهنم جي) باهہ وارو ويل آهي.

حديث٦- بيهقيءَ ۽ حاڪم صحيح سند سان عبدالله بن حرث کان روايت آندي آهي تہ رسول الله عليه الصلواة والسلام جن فرمايو"وَيۡلٌ لِلۡاَعۡقَابِ وَبُطُوۡنِ الۡاَقۡدَامِ مِنَ النَّارِ" يعني پيرن جي ڪڙين ۽ ترن جي لاءِ (ڌوئڻ کان سواءِ جهنم جي) باهہ جو ويل آهي.

سوال-مٿين روايتن ۾ صرف اهو بيان ٿيل آهي تہ"ڪڙين جي لاءِ باهہ جو ويل آهي" وضوءَ ۾ پير ڌوئڻ ڪٿان ٿا مراد وٺو؟

جواب-اها مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هن حديث مان ثابت آهي.

حديث ع۷ ابن ماجه، ابن جرير، حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ شخص جي پير ۾ هڪ درهم جي ماپ جيترو قدر ڌوئڻ کان سواءِ ڏٺو تہ پاڻ فرمايائون" وَيۡلٌ لِلۡاَعۡقَابِ مِنَ النَّارِ" ڪڙين جي لاءِ جهنم جي باهہ وارو ويل آهي. ان مان ثابت ٿيو تہ هنن لفظن مان مراد وضوءَ ۾ نہ ڌوئڻ واريون ڪڙيون آهن. حديث ع۸- امام احمد خالد بن معدان کان ۽ ان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي بعضي اصحابن رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ مرد ڪي نماز پڙهندي ڏٺو جنهنجي پير جي پٺيءَ تي هڪ درهم جي ماپ جيتري جاءِ ڌوئڻ کان رهيل ۽ سڪل هئي پاڻ ان کي امر ڪيائون تہ وضو ورائي ڪري

۽ ابو دؤد جي روايت ۾ آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو تہ نماز ورائي پڙهي (١)

حديث عـ٩: ترمذي صحيح سند سان ۽ ابن ماجه ابو حيه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: مون حضرت علي رضي الله عنه کي وضو کندي ڏٺو ان پنهنجا هٿ ڌوئي صاف کيا پوءِ ٽي ڀيرا گرڙيون کيائين ۽ ٽي ڀيرا نک کي پاڻيءَ سان ڌوتائين ۽ ٽي ڀيرا منهن مبارک ڌوتائين ۽ ٽي ڀيرا ٻانهون ڌوتائين ۽ هڪ ڀيرو مٿي پاڪ جي مک کيائين، ان کان پوءِ ٽي ڀيرا پيرن کي پيڏين (ڄرين) تائين ڌوتائين. ان کان پوءِ فرمايائين تہ: "اَحْبَبْتُ اَنْ اُرِيَكُمْ كَيْفَ كَانَ طُهُوْرُ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ" (٢)
يعني مون پسند فرمايو تہ اوهان کي کري ڏيکاريان تہ رسول الله ﷺ جن جو وضو کيئن هيو.

وضاحت

مٿين حديثن ۽ روايتن مان ثابت ٿيو تہ سيدنا رسول الله عليه الصلواة والسلام جن ۽ سندن اصحاب وضوءَ ۾ پيرڌوئيندا هئا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن پيرن نہ ڌوئڻ واري جي لاءِ باهہ جي ويل جو ذکر فرمايو ۽ سندن روبرو نماز پڙهڻ واري جي پير ۾ هڪ درهم جيترو ٽڪو ڌوئڻ کان سواءِ ڏٺوان کي وضوءَ بلک نماز ورائي پڙهڻ جو حکم فرمايو ان جي کري پيرن جو وضوءَ ۾ ڌوئڻ فرض آهي شيعا صاحبان پيرن جي مسح (مک) تي زور ڏيندا آهن اهو قوي قول ناهي پاڻيءَ جي استعمال کرڻ تي قادر هجڻ جي باوجود پيرن کي نہ ڌوئڻ واري جي نماز نہ ٿيندي . والله الهادي.

شيعن جي روايتن مان بہ پيرن کي ڌوئڻ ثابت آهي، حضرت امام موسىٰ کاظم رضي الله عنه کان سندس عقيدتمند ابن يقطين وضوءَ کرڻ جو طريقو پڇيو تہ پاڻ ان کي لکي موکليائون: والذي آمرک به في ذالک ان تتمضمض ثلاثا وتستنشق ثلاثا وتغسل وجهک ثلاثا وتخلل شعر لحيتک وتغسل يديک الى المرفقين وتمسح راسک کله وتمسح ظاهر اذنيک وباطنهما وتغسل رجليک الي الکعبين ثلاثا ولا تخالف ذالک - کشف الغمه ج٣- ص٢۴- طبع ايران (٣) يعني توکي وضوءَ جي باري ۾ هي امر تو کيان تہ ٽي ڀيرا گرڙيون کجان ۽ ٽي ڀيرا نک کي پاڻيءَ سان

(١) ذکر هذه الروايات کلها في التفسير القاسمي ص١٠٦ جلد۴
(٢) تفسير المنار ص٢٥١ جلد (٣) ضياء القرآن ص٣۴٣ج١

ڏوئجان ۽ ٽي پيرا پنهنجي منهن کي ڌوئجان ۽ ڏاڙهيءَ جي وارن جي سوءِ کجان ۽ پنهنجن هٿن کي نونئين سميت ڌوئجان ۽ پنهنجي سڄي مٿي جي مک کجان ۽ پنهنجن ڪنن جي ٻاهران ۽ اندران مک کجان ۽ پنهنجن پيرن کي پيڏين (ڳرين تائين) ڌوئجان. هن روايت مان ثابت ٿيو ته حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضي الله عنه پيرن ڌوئڻ جي لاءِ امر ڪيو آهي. جنهنجي مخالفت ڪرڻ ناجائز ۽ حرام آهي. حضرت پير ڪرم شاهه الازهريءَ لکيو آهي ته سيد شريف رضي حضرت امير المؤمنين علي رضي الله عنه جي وضوءَ جي جيڪا صورت تفصيل سان بيان ڪئي آهي ان مان به پيرن جو ڌوئڻ ثابت آهي (١)

"وَإِنْ كُنتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوا" هن کان اڳ ۾ ننڍيءَ پاڪائيءَ (وضوءَ) جو ذڪر هو ۽ هاڻي هتي وڏيءَ پاڪائيءَ (وهنجڻ) جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي" ۽ جيڪڏهن تڙ وارا آهيو ته پوءِ وهنجڻ سان سارو بدن پاڪ ڪيو. "اَطَّهَّرُوا" افعل جي باب ڪان ورتل مبالغي جي معنيٰ وارو صيغو آهي. يعني تمام گهڻو پاڪ ڪيو. وضوءَ ۾ نڪ ۽ وات جو ڌوئڻ سنت آهي، پر تڙ کان وهنجڻ ۾ نڪ ۽ وات ٻنهي جو ڌوئڻ فرض آهي.

وَإِنْ كُنتُمْ مَرْضَىٰ أَوْ عَلَىٰ سَفَرٍ أَوْ جَاءَ أَحَدٌ مِنْكُمْ مِنَ الْغَائِطِ أَوْ لَامَسْتُمُ النِّسَاءَ فَلَمْ تَجِدُوا مَاءً فَتَيَمَّمُوا صَعِيدًا طَيِّبًا" يعني جيڪڏهن اوهان بيمار آهيو جو پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ يا وهنجڻ ۾ اوهان جي جان جو نقصان آهي، يا ان جي ڪري بيماري وڌي ٿي وڃي يا صحت حاصل ڪرڻ ۾ تاخير ٿي ٿئي يا سفر تي آهيو ۽ اتي اوهان کي پاڻي ميسر ناهي يا پيشاب ۽ پائخاني کان فارغ ٿيا آهيو يا عورتن سان اهڙي صحبت ڪئي اٿو جو وضو ڀڃي پيو پوءِ وضوءَ يا وهنجڻ جي لاءِ مناسب ۽ ضرورت آهر پاڻي نه لهو يا پاڻي آهي پر ان جي استعمال ڪرڻ تي قادر ناهيو ته پوءِ نهايت ئي پاڪ صاف مٽيءَ جو ارادو ڪيو. "فَامْسَحُوا بِوُجُوهِكُمْ وَأَيْدِيكُمْ مِنْهُ" پوءِ ان مان پنهنجن منهن ۽ هٿن جي مک ڪيو، ان کي عرف ۾ تيمم سڏيو ويندو آهي. اهو وضوءَ ۽ وهنجڻ ٻنهي جي جاءِ تي ڪم ڏيندو. جيڪا عبادت وضوءَ سان ڪرڻ جائز آهي اها تيمم سان به ڪرڻ جائز آهي. "مَا يُرِيدُ اللَّهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِنْ حَرَجٍ" يعني الله (جل جلالهٗ) ارادو نه ٿو فرمائي ته اوهان تي ديني ڪمن ۾ تنگي ڪري.

هڪ بنيادي اصول

ذهن ۾ وهارڻ کپي ته قرآن پاڪ جو هي هڪ بنيادي اصول آهي، جنهن تي اسلام جي بلند محلات تعمير ٿيل آهي. هنن ئي حڪمن تي نظر وجهو جو وضوءَ ڀڄڻ وارين ڳالهين تي

(١) ضياءُ القرآن ص ٤٤٤ ج ١

وهنجڻ فرض ڪيل ناهي، ڇو ته انهن جو وقوع عام آهي ۽ ان ۾ تڪليف ٿيندي ۽ تڙ پوڙ جي ڪري غسل لازم قرار ڏنو ويو، ڇو ته ظاهري صفائيءَ اعصاب جي ڪمزوريءَ ۽ طبيعت جي ضعف جو ان کان آسان ۽ پلو علاج ڪو به ناهي، ۽ پاڻيءَ نه ملڻ يا ملڻ جي باوجود استعمال نه ڪري سگهڻ جي صورت ۾ تيمم ڪرڻ جي اجازت ملي.اها الله جل شانه جي طرفان سندس ضعيف ٻانهن سان رعايت ٿي رعايت آهي، هن آيت مان فقهاءِ ڪرام ڪيترا قانون ۽ قائدا ڪڍيا ويا آهن "وَلٰكِنْ يُّرِيْدُ لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" يعني اهي وضوءَ، غسل ۽ تيمم جا احڪام الله جل جلاله ان جي ڪري فرمايا آهن ته اوهان کي پاڪ بنائي ۽ پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪري تانت اوهان شڪر ڪندا رهو. ڇو ته وضوءَ، غسل ۽ تيمم سان اوهان جا گناهه به معاف ٿين ٿا ۽ ظاهر جي پاڪائي جو اثر دل ۽ دماغ تي پوڻ جي ڪري اوهان جو باطن به روشن رهندو.

وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمِيْثَاقَهُ الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖٓ ۙ اِذْ

۽ ياد ڪيو نعمت الله جي جيڪا اوهان جي مٿان آهي ۽ پڪو وعدو ان جو جيڪو پڪو ڪيائين اوهان کي ان سان جڏهن

قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ۡ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ⑦

چيو ته ٻڌوسون ۽ تابعداري ڪئي سون ۽ ڊڄوا لله کان بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي سينن وارين ڳالهين

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ! اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ لِلّٰهِ شُهَدَاۗءَ بِالْقِسْطِ ۡ

اي ايمان وارؤ! هجو مضبوطيءَ سان بيهندڙ الله جي لاءِ شاهدي ڏيندڙ عدل سان

وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ عَلٰٓي اَلَّا تَعْدِلُوْا ۭ اِعْدِلُوْا ۣ هُوَ

۽ نه اياري اوهان کي دشمني ڪنهن قوم جي هن ڳالهه تي ته نه عدل ڪيو، عدل ڪيو اهو وڌيڪ ويجهو

اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ۡ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ⑧

آهي پرهيزگاريءَ کي ۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي ان جي جيڪي ڪيو ٿا

تفسير

هن کان اڳ ۾ وضوء، غسل ۽ تيمم جهڙين عام نعمتن جو ذڪر ڪري هتي ان خصوصي انعامن جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي، جيڪي الله جل جلاله حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اصحابن عليهم الرضوان تي ڪرڻ فرمايا هئا ارشاد آهي "وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللهِ عَلَيْكُمْ وَمِيْثَاقَهُ الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖ" يعني پنهنجي مٿان ڪيل الله جل شانه جي نعمت ۽ جنهن وعدي سان اوهان کي مضبوط ۽ پڪو ڪيو هيائين اهي ياد ڪيو، ڇاڻ گهرجي ته هر هڪ مسلمان جڏهن الله جل جلاله جو دين قبول ڪندو آهي ته اهو ان وقت اقرار ڪري ٿو ته مان الله جل جلاله ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام جي هر حڪم جي تعميل ڪندس ۽ اسلام جي سربلنديءَ جي لاءِ ڪنهن به جاني ۽ مالي قربانيءَ کان پوئتي نه پوندس هتي الله جل شانه پنهنجن مومنن ٻانهن کي ياد ڏياري رهيو آهي ته ڏسو اسان اوهان تي ڪيڏا احسان ڪيا آهن اوهان کي هدايت جو رستو ڏيکاريوسون ۽ ان تي هلڻ جي توفيق عطا.ڪئي سون ان نعمت ۽ الله جل جلاله ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام جن جي هر حڪم تي هلڻ جي وعدي کي ياد ڪيو "اِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا، وَاتَّقُوا اللهَ اِنَّ اللهَ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" جڏهن اوهان چيو هو ته اسان الله جي حڪم کي ٻڌو ۽ اطاعت ڪئي ۽ الله کان ڊڄو يقينًا الله سيني وارين ڳالهين ۽ رازن کي ڄاڻندڙ آهي. اهوئي مستحڪم ۽ مضبوط عقيدو رکو.
"يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ لِلّٰهِ شُهَدَاۤءَ بِالْقِسْطِ" هي ساڳيا الفاظ سورة النساءِ آيت ع١٣٥ ۾ به آيل آهن- قوام جي معنيٰ شاهديءَ ۾ مضبوط ۽مستحڪم رهندڙ- المقصد ته اي ايمان وارؤ! شاهدي ڏيڻ ۾ طرفداري نه ڪيو جيڪا شاهدي اوهان وٽ آهي اها مضبوط ۽ مستحڪم ٿي ڏيو ۽ الله جل جلاله جي رضا کي نگاهه ۾ رکي عدل ۽ انصاف سان شاهدي ڏيو ٻيو پيرو هيءَ آيت ان جي ڪري نازل ڪئي وئي آهي جو هن جي نزول کان پوءِ عنقريب مکه مکرمه فتح ٿيڻو هو ۽ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان جا جاني دشمن مکي مکرمه ۾ رهندڙ ڪافر جن ڪين هر قسم جا ايذاء ڏنا هئا سي سندن اڳيان پيش ٿيڻا هئا ائين نه ٿئي جو اسلام جا علمبردار ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جا سچا سپاهي اڳئين ڏک ۽ صدمي جي ڪري انهن تي زيادتي ڪري وهن- انهن کي ان موقعي ملڻ کان اڳئي خبردار ڪيو ويو آهي ته ڪافر مسلمانن جا نڪ ۽ ڪن ڪٽيندا هئا، مسلمانن جي ننگنءِ نياڻين جو به شرم نه رکندا هئا، پر

مسلمان ائين نہ ڪن انهن جو اهو شان ناهي. اهي هميشه پنهنجي بلند اخلاق جو مظاهرو ڪندا رهن وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ عَلٰٓى اَلَّا تَعْدِلُوْا " يعني جيڪڏهن اوهان جي ڪنهن قوم سان دشمني، بغض ۽ عداوت آهي تہ اها اوهان کي ايترو نہ ڀڙڪائي جو عدل جي دامن مان هٿ کڻي ويهي رهو. ڪنهن بہ قيمت تي عدل کان منهن نہ موڙيو "اِعْدِلُوْا هُوَ اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌ بِمَا تَعْمَلُوْنَ" عدل ڪندا رهو، اهو تقويٰ کي گهڻو ويجهو آهي ۽ الله کان ڊڄو يقيناً جيڪي عمل ڪيو ٿا الله انهن جي خبر رکندڙ آهي، عدل ۽ انصاف جي صفت سان موصوف ٿيندڙ انسان ئي قوم تي حڪومت ڪرڻ ۽ سلطنت جي تخت تي وهڻ جا حقدار آهن.

فائدا

فائدو١ "وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ" (پنهنجي مٿان ڪيل الله جي نعمت ياد ڪيو) مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله جي نعمت ۽ احسان جو زبان سان ذڪر ڪرڻ دل سان مڃڻ، عمل سان ان جو يادگار قائم ڪرڻ، ماڻهن جي اڳيان ان کي کولي کولي بيان ڪرڻ، الله جل شانه جي امر جي ادائيگي ۽ عبادت آهي،ميلاد شريف جي محفل منعقد ڪري حبيب اڪرم، محبوب معظم ،نور مجسم، عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات جهڙي ايزدي نعمت جي ملڻ تي شڪر گذار رهڻ سڀ عبادت آهي.

فائدو٢ "عَلَيْكُمْ" جي لفظ جا اولين مخاطب اصحاب ڪرام آهن دنيا جو ڀيو ڪو بہ ماڻهو غوث، قطب، ابدال، اوتاد، ابرار، اخيار وغيرهم مان هجي انهن جي شان جي برابر ناهي، ڇو تہ انهن جو قول "سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا" (ٻڌوسون ۽ فرمانبرداري ڪئي سون) جو ذڪر آهي بي فرمانيءَ جو ذڪر ناهي، اهي الله ۽ ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن جا پڪا فرمانبردار، مطيع ۽ اطاعت گذار آهن،انهن کان جيڪڏهن ڪي لغزشون ڪڏهن ٿيون آهن تہ الله جل جلاله کين معاف ڪرڻ جو اعلان قرآن ڪريم ۾ ڪيو آهي، جنهن کان پوءِ کين برو چوڻ يا دل ۾ برو سمجهڻ قرآن پاڪ جي مخالفت آهي.

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ

وعدو ڏنو الله انهن کي جو ايمان آندائون ۽ ڪيائون صالح عمل تہ انهن جي لاءِ بخشش ۽ ثواب

عَظِيْمٌ ﴿٩﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

وڏو آهي ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڄاتائون اسان جي آيتن کي اهي

الْجَحِيْمِ ⑩ يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ

جهنمي آهن اي ايمان وارؤ! ياد كيو نعمت الله جي پنهنجي مٿان

اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ اَيْدِيَهُمْ

جڏهن ارادو كيو هڪ قوم ته وڌائين اوهان ڏانهن هٿ پنهنجا پوءِ روكيائين هٿ

عَنْكُمْ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ⑪ ع

انهن جا اوهان كان ۽ ڊڄو الله كان ۽ الله تي پوءِ گهرجي ته ڀروسو كن مومن

تفسير

هن كان اڳ ۾ مسلمانن كي "قَوّٰامِيْنَ لِلّٰهِ" بنجڻ جو حكم كري هتي ان جي وڌيڪ وضاحت كري ٻڌايو ويو آهي ته "قَوّٰامِيْنَ لِلّٰهِ" الله جي لاءِ حق تي مضبوط ۽ مستحكم رهندڙ اهي آهن جن ايمان آڻي صالح عمل كيا، فرمان ايزدي آهي "وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ" يعني جن ايمان آندو ۽ صالح عمل كيا (الله وعدو كيو آهي ته) انهن جي لاءِ اڳين گناهن جي بخشش ۽ هاڻي ايمان آڻڻ ۽ صالح عمل كرڻ جو وڏو ثواب آهي، ايمان ۾ ايمان جا سڀئي قسم ايمان بياني، ايمان عياني، ايمان شهودي ايمان بالفناءِ داخل آهن ۽ صالحن عملن ۾ به نيكن عملن جا سڀ قسم، نماز، روزا، زكواة، حج، خيرات، فطرو، اضحیٰ وغيره شامل آهن.

اٰمَنُوْا- عَمِلُوْا- ٻئي ماضيءَ جا صيغا آهن، مگر ايمان هڪ ڀيرو آڻي ان تي قائم رهڻ كافي آهي ۽ نيڪ عمل هميشه ضروري آهن "لَهُمْ" (انهن جي لاءِ) ۾ لام تمليڪ جو آهي ۽ "لَهُمْ" كي "مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ" كان اڳ ۾ آڻڻ جي كري حصر پيدا ٿيو، يعني اها بخشش ۽ وڏو ثواب مومنن، صالح عمل كرڻ وارن جي لاءِ مخصوص آهي گنگهارن جي لاءِ گناهن جي بخشش ٿي سگهي ٿي پر وڏو ثواب ناهي.

انهن کي بهشت وغيره الله جل شانه جي فضل ۽ حضور پرنور عليه الصلاة والسلام جن جي شفاعت سان ملي سگهي ٿو، ياد رکڻ گهرجي ته ايمان ۽ صالح عمل تي مغرور به نه ٿجي، ڇو ته اعتبار ايمان سان خاتمي تي آهي ان جي ڪري مسلمان کي کپي ته ايمان، نيڪ عمل سان گڏ الله جل جلاله کان ايمان تي خاتمي جي به دعا گهرندو رهي. خيال ۾ رهي ته دل ۾ جيڪي برا وسوسا پون ٿا انهن جي معافي آهي ۽ جيڪي چڱن ڪمن جا ارادا اچن ٿا انهن جو اجر ۽ ثواب آهي صوفي بزرگ فرمائن ٿا ته ديدار يار جي مشق جو بدلو به يار جو ديدار آهي (١) "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ" يعني جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو اهي جهنمي آهن. هن کان اڳئين جملے ۾ مومنن،صالح عمل ڪندڙن جي عاقبت جو ذڪر هو هتي ڪافرن جي عاقبت بيان ڪئي وئي آهي ۽ هن جملي "اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ" مان ثابت ٿيو ته ڪافر هميشه جهنم ۾ هوندا (٢) علامه علاوالدين علي بن محمد بن ابراهيم بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي: هٰذه الاية نص قاطع في ان الخلود في النار ليس الا للكفار (٣)

يعني هيءَ آيت ان باري ۾ قطعي نص آهي ته باهه ۾ هميشه رهڻ صرف ڪافرن جي لاءِ آهي. جنهن مان يقيني طور ثابت ٿيو ته مومن گنگهار هميشه دوزخ ۾ نه هوندا، ۽ هن آيت ۾ انهن جاهلن جي قول جو به رد آهي جيڪي چوندا آهن ته الله جل شانه جيڪڏهن ڪافر کي بخشي ته ڪهڙي دير آهي، اهي نادان اهو نه ٿا سمجهن ته ڪافر کي بخشڻ الله جل شانه جي وعدي جي خلاف آهي، ۽ "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ" يقينًا الله وعدي جي مخالفت نه ڪندو آهي.

فائدو: مٿي آيل لفظ "اٰيٰتِنَا" مان قرآن ڪريم جون آيتون، الله جل شانه جا احڪام ۽ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جا معجزا سڀ مراد آهن ۽ انهن جي ڪفر ڪرڻ ۽ ڪوڙي چوڻ وارو جاٽي واٽي ٿو ڪري جيئن ڪافرن جا پادري، پوپ وغيره يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ جيئن اڻ پڙهيل ڪافر اهي سڀ ان ۾ داخل آهن "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ" يعني اي ايمان وارؤ! پنهنجي مٿان الله جل شانه جي اها نعمت ياد ڪيو جنهن وقت ڪافرن جي قوم پڪو ارادو ڪيو هو ته اهي پنهنجا هٿ اوهان ڏانهن

(١) نورالعرفان حاشيه ڪنزالايمان ص١٧٢ (٢) صفوة التفاسير ص٣٣٠ جلد١
(٣) تفسير خازن ص٤٤٤ جلد١

وڏائين پوءِ الله انهن جي هٿن کي اوهان کان روڪيو.

شان نزول

هن آيت جي شان نزول ۾ مختلف قول آهن ١- تہ جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ سندن اصحابن رضي الله عنهم غزوه ذي انمار (جيڪا غزوة ذات الرقاع جي نالي سان مشهور ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي جنگين مان ستين جنگ آهي)جي موقعي تي عسفان جي علائقي ۾ ظهر (ٻيپهري) نماز گڏجي پڙهي تہ ڪافر ڏسي چوڻ لڳا تہ اڙي اسان مسلمانن تي ان جماعت سان نماز پڙهڻ جي حالت ۾ حملو ڇو نہ ڪيو؟ ٻين چيو تہ انهن جي هاڻي عصر (ٽپهري) نماز ٿيندي، جيڪا کين پيئرن ۽ پٽن کان بہ وڌيڪ پياري آهي انهن تي ان جي ادا ڪرڻ وقت حملو ڪجو پوءِ الله جل شانہ انهن کي خوف جي حالت ۾ جماعت کي بہ حصا ڪري هڪ کي نماز ۾ تہ ٻئي کيٰ دشمن جي مقابلي ۾ بيهارڻ جو حڪم نازل ڪري کين دشمنن جي هٿن کان محفوظ رکيو. هتي ان احسان جو ذڪر ٿي رهيو آهي (١)

٢- عبد بن حميد، ابن جرير، ابن المنذر، ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن هڪ جاءِ تي منزل ڪئي سندن ساٿي جدا جدا وڻن جي ڇانو ۾ آرامي ٿيا، نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن هڪ وڻ ۾ تلوار لٽڪائي آرامي ٿيا اتي هڪ ڪافر بدوي آيو ۽ سندن تلوار وڻ مان لاهي مياڻ مان ٻاهر ڪڍي کين چوڻ لڳو تہ: اوهان کي مون کان ڪير بچائيندو؟ پاڻ فرمايائون "الله" اهو ڪافر بدوي بہ ٽي ڀيرا ائين چوندو رهيو ۽ پاڻ ساڳيو جواب ڏيندا رهيا. پوءِ اعرابيءَ کان تلوار ڇڏائي وئي ۽ حاڪم صحيح سند سان وڌيڪ آندو آهي تہ پوءِ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن اها تلوار کڻي ان ڪافر کي فرمايو تہ "توکي ڪير بچائيندو؟ ان عرض ڪيو تہ: اوهان ڀلا پڪڙيندڙ ٿيو (مون تي رحم فرمايو) پاڻ ان کي فرمايائون تہ" تون شاهدي ڏين ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو عبادت جو حقدار ناهي ۽ مان الله جو رسول آهيان ان چيو تہ: مان اوهان سان عهد ٿو ڪيان تہ نہ اوهان سان لڙندس ۽ نہ انهن سان گڏجي ايندس جيڪي اوهان سان لڙندا، پوءِ پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائون ۽ ان اچي پنهنجي قوم کي ٻڌايو تہ مان ماڻهن ۾ سڀني کان ڀلي وٽان اوهان وٽ آيو آهيان (٢) هتي ان بچائڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي، بعضي مفسرن لکيو

(١) تفسير ابو السعود ص١٣ جلد٢ جزءِ ٣

(٢) الدر المنثور ص٣٦ جلد٣

آهي تہ اهو شخص مسلمان ٿيو هو (١)

٣- ابو نعيم دلائل ۾ عطا، ۽ ضحاڪ جي ذريعي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ عمرو بن اميہ ضمري نالي هڪ شخص بئر معونہ نالي جاءِ کان واپس ٿيو تہ رستي ۾ ڪيس بني ڪلاب جا ٻہ همراهہ مليا جن کي حضور عليہ الصلواة والسلام جن امان نامو لکرائي ڏنو هو پر عمرو کي ان امان نامہ جي خبر نہ هئي ان انهن ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيو حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ جڏهن اهو عرض ڪيو ويو تہ پاڻ انهن مقتولن جي ديت ونرائي ڏيڻ لاءِ بني نضير قبيلي جي ماڻهن وٽ آيا ۽ انهن کي فرمايائون تہ: مقتولن جا وارث ديت طلب ڪري رهيا آهن اوهان جو اسان سان معاهدو ٿيل آهي تہ ديت ۾ حصو ڏيندؤ اهو حصو ڏيو. انهن ڪين عرض ڪيو تہ اوهان وهو ڪجهہ ڪائو پيو پوءِ سڀ ڪجهہ ٿيندو. حضور عليہ الصلواة والسلام جن هڪ پٽ جي ڇانو ۾ ويٺا ۽ انهن پاڻ ۾ صلاح ڪري سازش ٺاهي تہ پٽ جي پوئين پاسي کان اچي سندن ذات عالي صفات عليہ الصلوات والتسليمات جي مٿان هڪ وڏو پٿر ڪيرائي ڪين شهيد ڪري ڇڏين. حضور عليہ الصلواة والسلام جن سان گڏ حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت علي، حضرت طلحہ، حضرت عبدالرحمن بن عوف رضي الله عنهم بہ ان پٽ جي ڇانو ۾ ويٺا هئا.

الله جل شانہ جبريل عليہ السلام کي موڪلي ڪين دشمنن جي ان ناپاڪ ارادي کان آگاه ڪيو پاڻ پنهنجي ساٿين سميت اتان اٿي ويا (٢) تڏهن الله جل جلالہ اها آيت نازل ڪري ارشاد فرمايو تہ "الله جي نعمت کي ياد ڪيو. مقصد تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو سلامت رهڻ قيامت تائين اچڻ وارن، حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي غلامن تي احسان ۽ نعمت آهي جنهن جي ياد ڪرڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي ۽ ان جو عملي اعتراف مسلمانن جو اولين فرض آهي، "وَاتَّقُوااللّٰہَ" ۽ الله کان هميشہ ڊڄندا رهو جو ساري مخلوق ان جي قدرت جي قبضي ۾ آهي ان جي ارادي کان سواءِ ڪير بہ اوهان جو ڪجهہ بگاڙي نہ ٿو سگهي. الله کان ڊڄڻ دل سان بہ هوندو آهي، زبان سان بہ تہ عملن سان بہ- هتي سيئي قسم مراد آهن"وَعَلَى اللّٰہِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ" يعني الله تعالىٰ تي مومن توڪل ۽ ڀروسو ڪن، ڇو تہ سيني جو حقيقي ڪارساز اهوئي آهي، جاڻڻ گهرجي تہ هر هڪ ڪم جي لاءِ ان جا مادي ۽

(١) روح البيان ص ٣٦٠ جلد٢ القرطبي ص١١١ جلد٦

(٢) تفسير مظهري ص٦٢ جلد٣

ظاهري اسباب ۽ ذريعا اختيار ڪرڻ توڪل جي خلاف ناهن حضور عليه الصلواة والسلام جن توڪل جي نهايت ئي اعلىٰ ڪان اعلىٰ مرتبي تي فائز هجڻ جي باوجود جهاد وغيره جي لاءِ هٿيار، سامان وغيره گڏ ڪرائيندا هئا، ڇا معاذالله ثم معاذالله اهو توڪل جي خلاف هو؟ نه هرگز نه- ۽ هن مان اهو به ثابت ٿيو ته توڪل جو حڪم صرف حضور عليه الصلواة والسلام جن جي لاءِ ناهي، پر سڀني مومنن ڪي آهي، جيڪا به قوم يا فرد جنهن به زماني يا جاءِ ۾ اهي ٻئي صفتون (تقويٰ ۽ توڪل) اختيار ڪندا ته انهن جي غيبي مدد ۽ تائيد ٿيندي ۽ الله جل شانه جي طرفان انهن جي حفاظت ۽ حمايت ڪئي ويندي جيئن هڪ شاعر جو شعر آهي.

فضائے بدر پيدا ڪر فرشتے تيري نصرت ڪو
اتر سڪتے هين گردون سے قطار اندر قطار اب بهي

سيد عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه جو ارشاد آهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم

وَلَقَدۡ اَخَذَ اللّٰهُ مِيۡثَاقَ بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۚ وَبَعَثۡنَا مِنۡهُمُ اثۡنَىۡ

۽ البت تحقيق ورتو الله وعدو بني اسرائيل ڪان ۽ مقرر ڪياسون انهن مان

عَشَرَ نَقِيۡبًا ‌ؕ وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّىۡ مَعَكُمۡ‌ ؕ لَئِنۡ اَقَمۡتُمُ الصَّلٰوةَ

ٻارهن سردار (امير) ۽ فرمايو الله ته بيشڪ مان اوهان سان گڏ آهيان البت جيڪڏهن قائم ڪيو نماز

وَاٰتَيۡتُمُ الزَّكٰوةَ وَاٰمَنۡتُمۡ بِرُسُلِىۡ وَعَزَّرۡتُمُوۡهُمۡ وَاَقۡرَضۡتُمُ اللّٰهَ

۽ ڏنيو زڪواة ۽ ايمان آندو منهنجن رسولن تي ۽ مدد ڪيو انهن جي ۽ قرض ڏنو الله ڪي

قَرۡضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ وَلَاُدۡخِلَـنَّكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ

قرض سهڻو ته البت ضرور ميٽيندس اوهان ڪان اوهان جون برايون ۽ البت ضرور داخل ڪندس اوهان ڪي بهشتن ۾ جو

مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ‌ ۚ فَمَنۡ كَفَرَ بَعۡدَ ذٰلِكَ مِنۡكُمۡ فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ

وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون پوءِ جنهن انڪار ڪيو ان ڪان پوءِ اوهان مان پوءِ تحقيق گمراهه ٿيو سڌيءَ

السَّبِيۡلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا نَقۡضِهِمۡ مِّيۡثَاقَهُمۡ لَعَنّٰهُمۡ وَجَعَلۡنَا

واٽ کان ڀوءِ سبيان پيچڻ انهن جي عهد ڀنهنجي کي لعنت ڪئي سون انهن ڪيءِ بڻايوسون

قُلُوۡبَهُمۡ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوۡنَ الۡكَلِمَ عَنۡ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوۡا حَظًّا

دلين سندن کي ڪٺيل ڦيرائن ٿا ڪلمن کي جاين سندن کان ۽ وساريائون حصو ان

مِّمَّا ذُكِّرُوۡا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنۡهُمۡ اِلَّا قَلِيۡلًا

مان جو نصيحت ڪيا ويا ان سان ۽ هميشه آگاهه رهندين تون خيانت ڪندڙ تي انهن مان مگر ٿورا

مِّنۡهُمۡ فَاعۡفُ عَنۡهُمۡ وَاصۡفَحۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿١٣﴾

انهن مان ڀوءِ معاف ڪر انهن کي ۽ درگذر ڪر بيشڪ الله محبت ٿو رکي احسان ڪندڙن سان

تفسير

هن کان اڳ ۾ بني نضير قبيلي وارن جي اها عهد پيچڻ واري ڳالهه بيان ڪئي وئي، جيڪا انهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن سان سندن ذات پاڪ تي پٿر اڇلائڻ سان ڪئي هئي، هتي وري انهن جي وڏن جي عهد پيچڻ واري ڳالهه جيڪا انهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام سان ڪئي هئي، بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي "وَلَقَدۡ اَخَذَ اللّٰهُ مِيۡثَاقَ بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ" يعني پڪي ۽ يقيني ڳالهه آهي ته الله جل شانه بني اسرائيل کان تڏهن پڪو عهد ورتو هو جڏهن اهي فرعون جي معاملي کان فارغ ٿي چڪا هئا ۽ مٿن توراة لاٿو ويو هو. انهيءَ عهد جو ذڪر هن کان اڳ ۾ سورة بقره جي آيت عـ٢٣ ۾ انجو مطلب تفسير احسن البيان ص٢٢٠ ج١ ۾ لکي آيا آهيون، والحمدلله- اتي ڏسڻ گهرجي "وَاَخَذۡنَا مِنۡهُمُ اثۡنَيۡ عَشَرَ نَقِيۡبًا" ۽ اسان انهن مان ٻارهن نقيب مقرر ڪيا، "نقيبًا" مان مراد هر قبيلي جو رئيس آهي، جيڪو پنهنجي قوم جي حالتن کي چيڪ ڪري ۽ جنهن ڳالهه جو امر ڪيا ويا آهن يا جنهن ڪم کان روڪيا ويا آهن اهي انهن کان ادا ڪرائي (١) ڄاڻڻ گهرجي ته بني اسرائيل جا ٻارهن (١٢) قبيلا هيا

(١) مظهري ص٦٣ جلد٣

حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن هر هڪ قبيلي مان هڪ اڳواڻ مقرر ڪيو هو جيڪو ڪين الله جل شانه جي اطاعت جي رغبت ڏياري. مڪي مڪرمه کان ٻاهر هڪ جبل جي گهٽ ۾ رات جو جنهن کي ليلة العقبة سڏيو ويو آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن وٽ جڏهن مديني منوره جي ستر مردن ۽ ٻن عورتن اسلام قبول ڪيو هو ته پاڻ به انهن مان ٻارهن ڄڻن کي اڳواڻ بنائي ڪين نقيب جو لقب ڏنو هيائون (١) "وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مَعَكُمْ" ۽ انهن کي الله فرمايو ته مان اوهان سان گڏ آهيان. الله جل جلاله جي ٻانهي سان گڏ هجڻ مان مراد آهي ته الله جو لطف، فضل، ڪرم، مدد ۽ مهرباني انهيءَ سان شامل حال آهي ۽ اهائي ازلي، ابدي سعادت ۽ خوش نصيبي آهي ۽ اهوئي ماڻهو هر ڪم ۾ يقينًا ڪامياب ۽ ڪامران آهي جنهن سان هر ڪم ۾ الله جل جلاله جي مدد ساٿي آهي "لَئِنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ وَاٰتَيْتُمُ الزَّكٰوةَ وَاٰمَنْتُمْ بِرُسُلِيْ وَعَزَّرْتُمُوْهُمْ وَاَقْرَضْتُمُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا"

يعني اي بني اسرائيلؤ! جيڪڏهن اوهان منهنجي طرفان مقرر ڪيل فرض نماز کي قائم ڪندؤ، ناهي ناهي صحيح طريقي سان پڙهندؤ ۽ منهنجي طرفان فرض ڪيل زڪواة ادا ڪندا رهندؤ ۽ منهنجي رسولن (عليهم الصلواة والسلام) تي ايمان آڻيندؤ ۽ انهن جي تعظيم ڪرڻ سان گڏ مدد ڪندؤ ۽ الله جل جلاله جي دين ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي حمايت ۾ مال خرچ ڪري الله کي سهڻو قرض ڏيندؤ (٢) قرض حسن اهو آهي جيڪو رياءُ، عجب، هٺ ڪنهن تي ٿوري ڪرڻ کان سواءِ ڏجي- الله جل جلاله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ کي سهڻو قرض ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو هڪ ٻانهو ٻئي کي قرض ڏيندو آهي ته اهو اوترو واپس ڪندو آهي، ڇو ته اهو قرض ڏيندڙ جو مال آهي پر الله جي واٽ ۾ ڏنل مال حقيقت ۾ الله جل جلاله جوئي آهي ان جي ڪري ان جي لاءِ الله جل شانه جي طرفان اجر ڏيڻ ۽ مال ۾ برڪت پيدا ڪرڻ جو سبب ٿيڻ جي ڪري هي قرض سهڻو قرض آهي جيڪو الله جل جلاله مجبوريءَ جي ڪري نه پر پنهنجي فضل ۽ احسان سان ڏيندو آهي" لَاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَلَاُدْخِلَنَّكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ" يعني ضرور مان اوهان کان اوهان جون برايون ميٽيندس ۽ اوهان کي انهن بهشتن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. بشري تقاضائن جي ڪري ڪيل گناهه ميٽيجي وڃن ۽ بهشتي بهار نصيب ٿي ته ٻيو ڇا کپي "فَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ" يعني اي بني اسرائيلو! جنهن به

(١) ضياءُ القرآن ص٤٤٩ ج١
(٢) تفسير القرطبي ص١١٥ جلد٦

اوهان مان انهن مهربانين کان پوءِ ڪفر ڪيو ته اهو سڌي رستي کان گمراهه ٿي ويو" ان جي گمراهي ڪليل گمراهي آهي ۽ ان جي سزا به لڪل ناهي " فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ لَعَنَّاهُمْ وَجَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً " يعني سندن ٿي طرفان پڪي عهد ڀڃڻ جي ڪري اسان انهن تي لعنت ڪئي ۽ انهن جي قلبن کي سخت ۽ ڪٽيل بنايوسون هتي "فَبِمَا" لفظ ۾ باءِ سببيت جي لاءِ ۽ "ما" لفظًا زائدي ۽ معنيٰ ڳالهه ۾ قوت ۽ زور پيدا ڪرڻ جي لاءِ آئي آهي "لَعَنَّا" اللعن کان ورتل جمع متڪلم جو صيغو آهي، اللعن جي معنىٰ آهي الا بعاد والطرد من الرحمة (١) يعني الله جي رحمت کان پري ڪرڻ ۽ تڙڻ - هن حقيقت کي قرآن پاڪ بار بار واضح ڪيو آهي ته الله جي طرف کان ڪنهن تي ذلت ۽ خواريءَ جو عذاب هرو ڀرو نه ايندو آهي پر انسان جون پنهنجون ڪوتاهيون ۽ بي فرمانيون ان جو سبب ٿينديون آهن. قيامت ۾ جيڪا سزا ملڻي آهي اها ته ملندي پر مسلسل بي فرمانيءَ جي ڪري جيڪا سزا دنيا ۾ ملي ٿي اها به گهٽ ناهي بدڪردار ماڻهوءَ جون سٺيون صلاحيتون ۽ اعليٰ قابليتون بي ڪار بنجي وڃن ٿيون ۽ هن حقيقت کي بار بار بيان ڪرڻ مان مقصد صرف بني اسرائيلن جي برائين کي بيان ڪرڻ ناهي پر قرآن ڪريم جي مڃڻ وارن کي به عبرت ڏيارڻ آهي ته ائين نه ٿئي جو عملن جي شامتن جي ڪري اوهان به پنهنجون صلاحيتون ضايع ڪري وهو ۽ اوهان جا ڪن حق ٻڌڻ کان ٻوڙا. اکيون حق ڏسڻ کان انڌيون زبانون حق چوڻ کان گونگيون ٿي پون ۽ الله جل شانه جي رحمت کان محروم ٿي لعنت جي عذاب ۾ ڦاسي وڃو.

"يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ" يعني (الله جي) فرمانن کي سندن اصلي جاين کان ڦيرائن ٿا "يُحَرِّفُوْنَ" تحريف کان ورتل آهي جنهنجي معنىٰ آهي، ڦيرائڻ- تحريف به قسم آهي ١-هيءَ جو لفظن ۾ ئي رد وبدل ڪئي وڃي جو اصل لفظ هڪڙا هيا انهن جي جاءِ تي ٻيا آندا ويا ٢- هيءَ جو الفاظ ۾ ته رد وبدل نه ڪئي وڃي پر ان جي مفهوم ۽ مراد غلط بيان ڪئي وڃي. يهودي پنهنجن ڪتابن ۾ ٻنهي قسمن جون تحريفون ڪندا هئا انهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ" يعني جيڪي انهن کي نصيحتون ڪيون ويون هيون انهن مان وڏو حصو وساري ڇڏيائون. حضرت امام حسن بصري عليه الرحمة جو فرمان آهي ته: الله جي دين جي ڪڙيءَ ۽ انهن وظيفن کي جن کان سواءِ عمل قبول ناهي ڇڏي ڏنو هيائون (٢) خاص ڪري حضور پر نور عليه الصلواة والسلام

(١) تفسير ابن ڪثير ص٣٣ جلد٢ (٢) ساڳيو حوالو

جن تي ايمان آڻڻ جي لاءِ ڪين جيڪو ٻار ٻار حڪم ڏنل هو ۽ سندن صفات حميده لاءِ غلامات سعيده سان جيڪي سندن ڪتاب پڙهيل هيا، اهو سڀ فراموش ڪري ويهي رهيا "وَلَا تَزَالُ تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنْهُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ" يعني (اي محبوب! عليڪ الصلواة والسلام) اوهان انهن يهودين مان خيانت ڪندڙن، وعدا ڀڃيندڙن جي حالتن کان هميشه واقف ٿيندا رهندؤ. مگر انهن مان ٿورا خيانت نه ڪندا. اهي سچيءَ دل سان ايمان آڻڻ وارا پڪا مومن هوندا. جيئن حضرت عبدالله بن سلام وغيره.

" فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ" يعني (اي محبوب عليڪ الصلواة والسلام) اهي اوهان کي ايذائن پر اوهان انهن کي معاف ڪيو، هو اوهان جي خلاف خطرناڪ سازشون ناهين ته به اوهان انهن کان درگذر فرمايو. اهي پنهنجو ڪم ڪن ۽ اي سهڻن اخلاقن ۽ عمده صفتن جا صاحب! اوهان پنهنجو ڪردار ظاهر فرمايو"اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ" يعني اوهان معاف ڪرڻ جي ڪري محسن آهيو ۽ يقينًا الله جل جلاله محسنين سان محبت ٿو رکي ان جي ڪري اوهان سان به محبت ٿو رکي ۽ اوهان الله جل شانه جا محبوب آهيو.

وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ فَنَسُوْا حَظًّا

۽ انهن مان جو چيائون ته اسين نصاريٰ آهيون ورتوسون عهد انهن کان پوءِ وساريائون حصو

مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۖ فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ

ان مان جو نصيحت ڪيا ويا ان سان پوءِ وڌي اسان انهن ۾ دشمني ۽ بغض قيامت جي ڏينهن

الْقِيٰمَةِ ۭ وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿١٤﴾

تائين ۽ جلدي خبر ڏيندو انهن کي الله ان جي جو ٿي ڪيائون.

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ يهودين جي وعدي برخلافي، عهد شڪني ۽ انهن تي اچڻ واري عذاب جو ذڪر هو، هاڻي وري عيسائين جي حالت کي بيان ڪندي ارشاد

تي رهيو آهي " وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ " يعني انهن مان جن پاڻ چيو ته اسين نصارىٰ (الله جي دين جا مددگار) آهيون (مفسرن لکيو آهي ته انهن نصاريٰ پنهنجو نالو پاڻ رکيو هو ان جي ڪري الله جل شانه فرمايو ته" قَالُوْٓا " پاڻ چيو هيائون (١) اسان انهن کان پڪو عهد ورتو هو يعني اسان انهن جي لاءِ انجيل ۾ لکيو هو ته حضرت محمد عليه الصلوات والتسليمات تي پڪو ايمان آڻين علامه ثناءالله پاني پتي عليه الرحمه لکيو آهي ته واخذنا من النصاريٰ في الانجيل وعلي لسان عيسىٰ عليه السلام بامتثال ما امرو في الانجيل "مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ "(٢) يعني نصارن کان انجيل ۾ ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي پاڪ زبان ذريعي وعدو ورتو هوسون ته انجيل کان اڳ ۾ نازل ڪيل توراة تي ۽ بعد ۾ اچڻ واري رسول تي جنهن جو نالو احمد هوندو ايمان آڻيندا. "فَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ" پوءِ جن حڪمن ۽ هدايتن سان نصيحت ڪيا ويا هئا انهن مان وڏي حصي کي وساري ڇڏيائون. ياد رکڻ گهرجي ته وسري وڃڻ هڪ شيءِ آهي وسارڻ ٻي شيءِ آهي. وسري وڃڻ تي اسلام ۾ سزا نه آهي جيئن ڪنهن ماڻهوءَ ويسر ۾ روزي ۾ کاڌو يا پيتو ته نه ان جو روزو ڀڳو نه ان کي عذاب ٿيندو پر وساري ڇڏڻ گناهه آهي جيئن عيسائين الله جل شانه جا احڪام وساري ڇڏيا هئا. "فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ" يعني پوءِ اسان انهن ۾ (سندن ئي ڪردار جي ڪري) قيامت تائين هڪ ٻئي جي لاءِ عداوت ۽ بغض وجهي ڇڏيو.

عيسائين ۾ هڪ ٻئي سان عداوت ۽ بغض ڪيئن پيدا ٿيو؟

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي ته: يهودين ۾ بولس نالي هڪ شخص هو جو ان ۽ نصارن جي وچ ۾ ڪيترا ڀيرا خطرناڪ جنگيون ٿيون هيون جنهن ۾ ڪيترا يهودي قتل ٿي ويا هئا. ان سوچيو ته ڪنهن طريقي سان نصارن کي پاڻ ۾ ويڙهائي سندن طاقت ختم ڪجي، سو ڇا ڪيائين جو پنهنجي هڪ اک پاڻ ڪڍي پاڻ کي ڪاڻو بنائي نصارن جي علائقي ۾ وڃي، انهن کي چيائين ته: اوهان مون کي سڃاڻو ٿا مان (بولس) يهودي هوس ۽ منهنجون ۽ اوهان جون ڪيتريون جنگيون ٿيون هيون، مون کي اوهان سان سخت دشمني هئي پر هڪ رات حضرت عيسىٰ روح الله عليه الصلواة والسلام جن خواب ۾ مون وٽ آيا ۽ مون کي منهن تي

(١) خازن ص٤٤٧ جلد١
(٢) مظهري ص٦٦ جلد٣

هڪ لپاڻ هنيائون جنهن ۾ منهنجي اڪ نڪري پئي ۽ فرمايائون تہ تو منهنجي عيسائين سان عداوت ڇو رکي آهي؟ مون سندن هٿ تي يهوديت کان توبه ڪري عيسائيت اختيار ڪئي تہ پاڻ مون کي خصوصي علوم عطا ڪري حڪم ڪيائون تہ وڃ! منهنجي عيسائين کي اهي علوم پڙهاءِ، مان سندن حڪم جي ڪري اوهان وٽ آيو آهيان، اهو ٻڌي سڀ عيسائي سندس معتقد ۽ پوئلڳ ٿي پيا ۽ سندس رهڻ جي لاءِ هڪ جاءِ جي مٿان هڪ مخصوص ڪمرو تيار ڪيائون ان ۾ هڪ دري رکرايائين ۽ پاڻ اڪيلو ان ۾ رهندو هو، عيسائي ان ڪمري کي گهيرو ڪيو پيا ڦرندا هئا پاڻ ڪڏهن ڪڏهن انهن کي ان دريءَ کان ديدار ڪرائيندو. ۽ مسئلا ٻڌائيندو هو، جڏهن آهستي آهستي گهڻو مشهور ۽معروف ٿي ويو تہ پري پري کان عيسائي ڪيس ڏسڻ ۽ سندس ٻول ٻڌڻ ايندا هئا ۽ انهن ۾ سندس پورو پورو اثر ويهي ويو تڏهن انهن ۾ بچڙا عقيدا پيدا ڪرڻ شروع ڪيائين، هڪ ڀيري ڪين چيائين تہ: اي عيسائيو! اوهان جو قبلو اوڀر طرف آهي ڇو تہ ان پاسي کان ئي سج ابرندو آهي اهو حڪم ٻڌي عيسائين اوڀر کي پنهنجي عبادت جو قبلہ بنايو وري ڪجھ وقت کان پوءِ انهن کي چيائين تہ: مان جلد پنهنجو ساھ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن تان قربان ڪندس جو ڪجھ سڪڻو اٿو مون کان سکي وٺو. وري مون کي ڳولي بہ نہ لهي سگهندؤ" پوءِ عيسائي وڌيڪ زور، شور سان ان وٽ اچڻ لڳا- هڪ رات پنهنجي شاگرد عيسائين جي پادريءَ کي اڪيلائيءَ ۾ سڏي سمجهايائين تہ توکي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جو خاص علم ٿو ڏيان ان جي پنهنجيءَ قوم ۾ تبليغ ڪر،توکي خبر آهي تہ (حضرت) عيسىٰ (عليه الصلواة والسلام) مئلن کي جيئرو ڪندو هو ۽مئلن کي جيئرو ڪرڻ صرف الله جو شان آهي ان جي ڪري (حضرت) عيسىٰ (عليه الصلواة والسلام) الله آهي (معاذالله) جيڪو مسيح جي شڪل ۾ دنيا تي آيو هو، اهو عقيدو ان پادريءَ جي دل ۾ پڪو وهاري ٻيءَ رات ٻئي پادريءَ کي اڪيلائيءَ ۾ وهاري سمجهايائين تہ هر انسان پيءُ جي ذريعي پيدا ٿيندو آهي پر دنيا ۾ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جو ڪو بہ پيءُ ناهي،ان جي ڪري ان جو پيءُ الله آهي (معاذالله) ۽ حضرت بيبي مريم الله جي (معاذالله) زال آهي. ٽين رات ٽئين پادريءَ کي اڪيلائيءَ ۾ وهاري سمجهايائين تہ هڪ الله هيڏي سڄي جهان کي هلائي نہ سگهندو، الله ٽي آهن ١- رب العالمين جل شانہ ٢- (حضرت) عيسىٰ- ٣- بيبي مريم- على ابنها وعليهاالسلام اهڙي نموني ڪيترا برا عقيدا ٽين پادرين جي بہ ذهن

۾ ڏهاري رات جو پراسرار نموني اتان نڪري ويو ۽ عيسائين کي پڪ ٿي ته بولس کي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام پاڻ ڏانهن گهرائي ورتو- ۽ انهن پڙهايلن پادرين مختلف عقيدن جي تعليم شروع ڪئي ۽ هر هڪ سان ڪجهه نه ڪجهه عيسائي ملندا ويا ۽ هلي هلي ان وقت جا عيسائي ٻارهن فرقن ۾ ورهائجي ويا ۽ پاڻ ۾ سخت خون خرابو ڪيائون هڪ ٻئي کي ڪافر چوڻ لڳا ۽ منجهن دائمي نفرت پيدا ٿي وئي، عيسائين جون وڏيون ۽ مشهور جماعتون ٽي آهن ١- نسطوريه، هي چون ٿا ته حضرت عيسىٰ عليه السلام الله جو پٽ آهي ٢-ملڪانيه- انهن جو چوڻ آهي ته حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام انهن ٽن (الله، مريم، عيسىٰ) مان هڪ آهي. ٣- يعقوبيه- هنن جو چوڻ آهي ته الله صرف حضرت عيسىٰ آهي (١) هن آيت ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته اهو هڪ ٻئي سان بغض ۽ عداوت انهن لاءِ دنياوي سزا آهي آخرت جو عذاب ان کان جدا آهي "وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ" ۽ جلدي (قيامت جو وقت اچي رهيو آهي جو) الله انهن کي جيڪي ڪيائون ٿي ان جي خبر ڏيندو مقصد ته الله جل جلاله جي ڍر ۽ مهلت ڏيڻ تي مغرور نه ٿين نيٺ ان جي بارگاهه ۾ جواب دار جي حيثيت ۾ پيش ٿيندا پوءِ سندن بڇڙن عقيدن ۽ گندن عملن جي کين خبر به ڏيندو ته سزا به ڏيندو ان جي ڪري سندن جي لاءِ ڀلو اهو آهي ته دنيا جي حياتيءَ ۾ ئي دل جي خلوص سان ڪفر ۽ بدعقيدن کان سچي توبه ڪري، اسلام قبولي، سهڻا عقيدا رکي رب العزة جل شانه ۽ ان جي سچي ۽ محبوب، نبي عليه الصلواة والسلام کي راضي ڪن.

فائدو " قَالُوْا اِنَّا نَصٰرٰى " مان ثابت ٿيو ته انهن اهو پنهنجو نالو پاڻ رکيو هو پر مسلمان وڏا خوش نصيب ۽ ڀليءَ قسمت وارا آهن جو سندن نالو "مسلم" الله جل شانه رکيو. جيئن ارشاد رباني ۽ فرمان يزداني آهي " هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ " ان ئي اوهان جو نالو مسلمين رکيو آهي، فالحمد لله على ذالڪ.

يَآاَهْلَ الْكِتَابِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا

اي اهل ڪتاب! تحقيق آيو اوهان وٽ اسان جو رسول بيان ڪري ٿو اوهان لاءِ گهڻيون ڳالهيون ان

(١) روح البيان ص٣٦٨ جلد٢

كُنتُمْ تُخْفُونَ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ۚ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ

مان جو لڪايون ٿي اوهان ڪتاب مان ۽ معاف ڪري ٿو گهڻيون تحقيق آيو اوهان وٽ

اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ

الله وٽان نور ۽ ڪتاب روشن هدايت ٿو ڪري ان سان الله ان ڪي جو تابع ٿيو ان جي راضي ڪرڻ جي لاءِ

سُبُلَ السَّلٰمِ وَيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ بِاِذْنِهٖ

سلامتيءَ جي واٽن جيءَ ڪيدي ٿو انهن ڪي اونداهين مان روشنيءَ ڏانهن پنهنجي حڪم سان

وَيَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾

۽هدايت ٿو ڪري انهن ڪي سڌيءَ واٽ ڏانهن.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ نصارن جي هڪ ٻئي سان بغض ۽ عداوت جو ذڪر ڪري هاڻي انهن ڪي ان شيءِ جو ڏس ڏنو ٿو وڃي جنهن جي ذريعي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي وڃن، فرمان آهي تہ "يَآاَهْلَ الْكِتَابِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ" يعني اي اهل ڪتاب! (يهوديئو ۽ نصارؤ!) يقينًا اوهان وٽ اسان جو اهو رسول تشريف فرما ٿيو آهي جو اوهان جن ڳالهين کي لڪايو ٿا انهن مان گهڻيون بيان ٿو ڪري ۽ گهڻين ڪان درگذر ٿو فرمائي.

شان نزول: علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت اقدس ۾ يهودين اچي پڇيو تہ زانيءَ ڪي شادي شده هجڻ جي صورت ۾ سنگسار (پٿر هڻي مارڻ) ڪرڻ جو حڪم ڪيئن آهي؟ پاڻ عليه الصلواة والسلام جن ڪين فرمايو تہ"اوهان جو وڏو عالم ڪير آهي؟" انهن پنهنجي وڏي پادريءَ ابن صوريا (هن جو نالو سمويل هو اک ڪان ڪاڻو، اڇي رنگ وارو، قدآور

شخص ، فدک جي علائقي جو رهاکو هو(١) ڏانهن اشارو ڪيو. پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان ڏانهن متوجه ٿي ڪانئس پڇيو تہ:

"اي ابن صوريا! توکي ان الله جو قسم آهي جنهن موسیٰ عليه الصلواة والسلام تي توراة نازل ڪيو ۽ بني اسرائيل جي مٿان طور کڻائي انهن کان پڪا عهد ورتا- (پاڻ ان جي اڳيان اهڙا قسم بيان ڪيائون جو اهو ڏکڻ لڳو) سچ ٻڌاءِ تہ تورات ۾ زانيءَ کي پٿر هڻي مارڻ جو حڪم آهي يا نہ؟ ان عرض ڪيو تہ بالڪل آهي پر اسان جي قوم ۾ خصوصًا وڏن مالدارن ۾ جڏهن زنا عام ٿي وئي ۽ انهن کي سنگسار ڪرڻ اسان جي لاءِ مشڪل ٿي پيو تڏهن انهن کي هدايت ڪرڻ جي بجاءِ اسان ان حڪم کي لڪائي ڇڏيو (٢) تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ حبيب اڪرم، نور مجسم صلى الله عليه وسلم جن جي ثنا ڪندي ٻڌايو ويو تہ اي يهوديئو! اي عيسائيو! پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن اوهان جون لڪايل شرعي ڳالهيون گهڻيون بيان ڪن ٿا، پر اڃان گهڻين کي بيان ڪرڻ کان درگذر فرمائن ٿا، چاڻڻ گهرجي تہ هي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نبوت، علمي ڪمال جو دليل ۽ سندن معجزو آهي، جو پاڻ دنيا ۾ ڪنهن وٽ پڙهڻ کان سواءِ توراة ۽ انجيل جا اهڙا لڪايل مسئلا بيان ڪري رهيا هئا، جن کي انهن جا عالم لڪايو وينا هئا، علامہ صابونيءَ لکيو آهي تہ انهن مسئلن سان گڏ اهي ظالم خاص ڪري حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صفات حميده کي لڪائيندا هئا. (٣)

حضور عليه الصلواة والسلام جن جو معجزو

مفسرِ قرآن خازن ۽ علامہ سليمان بن عمر شافعي عليهما الرحمۃ لکيو آهي تہ: هيءُ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جو معجزو آهي (٤) علامہ رازي عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جن فرمايو تہ: يهودين نبي،ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي توراة ۾ لکيل صفتن ۽ زانيءَ کي سنگسار ڪرڻ واري حڪم کي لڪايو پر نبي ڪريم عليه افضل الصلوات واکمل التحيات جن انهن کي اهي لڪايل ڳالهيون ٻڌايون، ۽ هيءُ سندن معجزو آهي، ڇو تہ پاڻ نہ ڪنهن وٽ سکيا نہ ڪو ڪتاب پڙهيا، پاڻ جيڪي انهن کي سندن ڪتاب جون ڳالهيون ٻڌايائون اهي غيب جون خبرون آهن ان جي ڪري اهي معجزو آهن (٥)

(١) الد ر المنثور ص ٤٣ ج٣ (٢) روح المعاني ص٩٧ جلد٢ جزء ٦
(٣) تنويرالاذهان ص٤١٤ جلد١ (٤) تفسير جمل ص٤٧٤ جلد١ خازن ص٤٤٦ جلد١
(٥) التفسير الكبير ص١٨٩ جزء ١١

فائدو

هن آيت مبارڪ جي لفظ "يُبَيِّنُ لَكُمْ" (بيان ٿو ڪري اوهان جي لاءِ) مان معلوم ٿيو ته الله جل جلاله پنهنجي آخري ۽ محبوب نبي عليه الصلواة والسلام جن کي اڳين نازل ڪيلن آسماني ڪتابن ۾ آيل احڪام ۽ آيتن ۽ انهن ۾ يهودين جي طرفان ڪيل تبديلين ۽ خيانتن جو به علم عطا ڪيو هو ته ڪهڙيون آيتون ۽ ڪهڙا احڪام اصل ۾ ڪيئن هيا ۽ خائن يهودين انهن ۾ ڪيئن خيانتون ڪري تبديليون آنديون ۽ آيت جي لفظ "وَيَعْفُوا عَنْ كَثِيرٍ" (۽ گهڻين ڳالهين کان درگذر ٿو فرمائي) مان ثابت ٿيو ته پاڻ پردي پوش نبي (عليه الصلواة والسلام) آهن يهودين جي سيني خيانتن کي ڄاڻڻ جي باوجود جن خيانتن جي اظهار جي ضرورت هئي صرف اهي ظاهر فرمايائون. "قَدْ جَاءَكُمْ مِنَ اللَّهِ نُورٌ وَكِتَابٌ مُبِينٌ" تحقيق اوهان وٽ الله وٽان نور ۽ روشن ڪتاب آيو، هي جدا ۽ نئون جملو آهي جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نور هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ هتي "نور" مان مراد اڪثر مفسرن وٽ حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن ۽ "كِتَابٌ مُبِينٌ" مان مراد قرآن ڪريم آهي. جڏهن ته هلندڙ دور ۾ ڪي بي ادب ماڻهو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي الله جل جلاله جو نور چوڻ شرڪ ۽ ڪفر سمجهن ٿا (معاذالله ثم معاذالله) ۽ مڃڻ وارن کي ڪافر ڪوٺين ٿا. ان جي ڪري هتي ڪجهه قرآن پاڪ جي مفسرن جي عبارتن کي لکجي ٿو تانت مڃڻ وارن کي وڌيڪ تسلي ٿئي ۽ نه مڃڻ وارن ۽ شرڪ چوڻ وارن جو منهن بند ٿئي.

قرآن ڪريم جي مفسرن جا فرمان ته حضور عليه الصلواة والسلام جن نور آهن.

١. مفسر قرآن زجاج فرمايو آهي ته: النور محمد صلى الله عليه وسلم (١) نور مان مراد محمد آهي (صلي الله عليه وسلم).

٢. علامه پاني پتي لکيو آهي: "قد جاءكم من الله نور" يعني محمدا صلى الله عليه وسلم (٢)

٣. علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمه لکيو آهي ته- نورمان مراد "نور" عظيم وهو نورالانوار والنبي المختار صلى الله تعالىٰ عليه وسلم والي هذا ذهب قتاده (٣) يعني آيت مبارڪه ۾ آيل لفظ "نُورٌ" مان مراد نورن جو نور، مختار نبي صلى الله عليه وسلم آهي ۽ اهو قرآن جي مفسر قتادة جو مذهب آهي

٤. ملا علي قاريءَ شفا شريف جي شرح ۾ لکيو آهي ته "نُورٌ وَ كِتَابٌ

(١) فتح القدير للشوڪاني ص٢٢ جلد٢ (٢) مظهري ص٦٦ جلد٣
(٣) روح المعاني ص٩٧ جزء ٦ جلد٢

مُّبِیْنٌ" ۾ مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن حضور عليه الصلواة والسلام جن صفات جا مظهر ذات (جي تجليات) جا مظهر، احڪام جا مظهر ۽ (غيبي) خبرن جا مظهر آهن ۽ پاڻ پهريان پهريان خداوندي ذات ڪان فيض حاصل ڪندڙ آهن (١).

ع۵ علامه علاؤالدين خازن لکيو آهي "قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ" يعني محمدا صلي الله عليه وسلم (٢) يعني نور مان مراد (حضرت) محمد صلى الله عليه وسلم جن آهن۔ع۶ علامه عبدالله بن احمد نسفي عليه الرحمه لکيو آهي: النور محمد عليه الصلواة والسلام (٣) يعني نور مان مراد (حضرت) محمد عليه الصلواة والسلام جن آهن.

ع۷ علامه محمد بن محمد عمادي عليه الرحمة لکيو آهي: المراد بالاول هو الرسول صلي الله عليه وسلم وبالثاني القرآن (۴) يعني ته اول (نور) مان مراد رسول الله صلى الله عليه وسلم آهي ۽ ٻئي (ڪتاب مبين) مان مراد قرآن ڪريم آهي.

ع۸ مفسر قرآن جمال الدين قاسمي لکيو آهي النور محمد صلى الله عليه وسلم (٥) نور مان مراد محمد آهي صلى الله عليه وسلم

ع۹ عبدالحق حقاني لکيو آهي ته: اس کے بعد آنحضرت کو نور اور قرآن کو کتاب مبین بیان فرما کر یہ بات ظاهر کرتا هے کہ قرآن نےجو کچھ مذهب انبیاء مین تحریفات هو گئین تهین سب کي اصلاح کردي (٦)

ع۱۰ علامه احمد مصطفیٰ مراغي عليه الرحمة لکيو آهي: النور هو النبي صلى الله عليه وسلم وسمي بذالک لانه للبصيرة کالنور للبصر فکما انه لولا النور ما ادرک البصر شيئا من المبصرات کذالک لولا ماجاء به النبي صلى الله عليه وسلم من القرآن والاسلام لما ادرک ذوالبصيرة من اهل الکتاب ولا من غيرهم حقيقة الدين الحق ولاما طرء علي التوراة والانجيل من ضياع بعضها او نسيانه وعبث الرؤساء بالبعض الآخر باخفاء شيء منه او تحريفه ولظلوا في ظلمات الجهل والکفر

(١) نور العرفان حاشيه کنزالايمان ص١٧۴ حاشيه٦
(٢) الخازن ص۴۴٧ جلد١
(٣) تفسير مدارک برحاشيه خازن ص۴۴٧ جلد١
(۴) تفسير ابي السعود ص١٨ جزء ٣
(٥) تفسير القاسمي ص١٣٧ جلد٣ (٦) حقاني ص٢١ جلد٢

لا يبصرون (١) يعني آيت ۾ ذکر کيل "نور" نبي عليه الصلواة والسلام جن آهن ۽ کين نور ان جي ڪري سڏيو ويو جو پاڻ بصيرة جي لاءِ ائين آهن جيئن اک جي ڏسڻ لاءِ ان ۾ نور پوءِ جيئن اک ۾ نور نہ هجي تہ ڪا بہ شيءِ ڏسڻ جهڙين شين مان ڏسي نہ ٿي سگهجي، تيئن جيڪڏهن جيڪو قرآن ۽ اسلام حضور عليه الصلواة والسلام جن آندو آهي، نہ هجي ها تہ اهلِ ڪتاب ۽ ٻين مان بصيرت وارا حق واري دين جي حقيقت ۽ توراة ۽ انجيل تي ڪجهہ سندن حصن مان ضايع ڪرڻ وسارائڻ، انهن جي احڪامن کي لڪائڻ ۽ بدلائڻ وارين ڳالهين جي ڪري جيڪا حالت طاري ٿي هئي، اها پروڙي نہ سگهجي ها ۽ اهي هميشه جهل ۽ ڪفر جي اونداهين ۾ رهن ها ڪجهہ بہ نہ ڏسن ها.

ع١١ ڪمال الدين حسين الواعظ عليه الرحمة پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي تہ چيو اٿن تہ نور حضرت رسالت پناهہ آهي ۽ ڪتاب مبين قرآن آهي ۽ بحرالحقائق ۾ آندو اٿس تہ آن حضرت (عليه الصلواة والسلام) جن کي نور سڏڻ جو وجهہ هيءُ آهي جو پهرين شيءِ جيڪا الله سبحانه عدم جي ظلمت ڪده مان وجود ۾ آندي اهو سندن نور هو "اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰہُ نُوْرِيْ" سندن ارشاد بيٺو آهي (٢)

ع١٢ قرآن ڪريم جي عظيم مفسر علامه محمد بن جرير طبري لکيو آهي تہ: "قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتَابٌ مُّبِيْنٌ" ۾ الله جل ثنائه انهن اهل ڪتاب کي جن سان مخاطب آهي فرمايو تہ: اي توراة ۽ انجيل وارؤ! اوهان وٽ الله وٽان نور يعني محمد صلى الله عليه وسلم آيو آهي. (٣)

ع١٣ مولانا نعيم الدين مراد آبادي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: سيد عالم صلى الله عليه وسلم جن کي نور فرمايو ويو. (٤)

ع١٤ علامه عبدالرحمن ابن الجوزي عليه الرحمة لکيو آهي، يعني بالنور النبي محمدا صلى الله عليه وسلم (٥) يعني آيت جي لفظ "نور" مان مراد نبي محمد عليه الصلواة والسلام جن آهن، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي سوٽ

(١) تفسير المراغي ص٨٠ جزءُ ٦ (٢) تفسير حسيني فارسي ص١٧٨
(٣) تفسير ابن جرير ص١٠۴ جزءُ ٦ (۴) خزائن العرفان مترجم سنڌي ص١٣۴
(٥) زاد المسير ص٣١٦ ج٢

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو: "نور" رسول- يعني محمدا (١) يعني نور مان مراد رسول ، محمد، صلي الله عليه عليه وسلم جن آهن.

ع۱۵ علامه مودودي صاحب جي لفظن مان به سمجهجي ٿو ته ان وٽ به نور مان مراد نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن آهن. آيت مذڪوره جي معنىٰ سمجهائيندي لکيو اٿس: جو شخص الله کي کتاب اور اس کےرسول کي زندگي سے روشني حاصل کرتا ھے اسےفکر وعمل کے ھر چوراھےپر یہ معلوم ھو جاتا ھےکہ وہ کس طرح ان غلطیون سےمحفوظ رھے (٢)

ع۱٦ علامه شيخ حسنين محمد محلوف لکيو آهي: "نور" هو محمد صلى الله عليه وسلم (٣) يعني نور، حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن، انهن سڀني مفسرن جي عبارتن تي نگاهه وجهڻ سان ثابت ٿيو ته آيت مبارڪ ۾ نور مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن. گهڻن مفسرن جو اهو قول آهي ۽ جن لکيو آهي ته "نُورٌ وَّكِتَابٌ مُّبِيْنٌ" ٻنهي مان مراد قرآن ڪريم آهي ۽ وچ ۾ "و" عطف جو حرف تفسيري آهي انهن لاءِ علامه فخر الدين رازي عليه الرحمة لکيو آهي ته: عطف تفسيري مراد وٺڻ ضعيف قول آهي، ڇو ته عطف جي اصلي ۽ حقيقي معنىٰ ۽ مراد مغايرت آهي، معطوف عليه هڪ شيءِ ته معطوف ٻي شيءِ هوندو آهي (٤) ع۱۷ علامه صاوي تفسير جلالين جي شرح ۾ لکيو آهي ته هن آيت ۾ نور مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن، ڇو ته پاڻ سڌي واٽ ڏيڻ وارا ۽ حسي ۽ معنوي ٻنهي نورن جا اصل آهن (٥) مسلمان ڀائرو! هنن تفسيرن جي عبارتن ۽ معنائن تي غور ڪيو، ڇا اهي سڀئي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي نور لکڻ ۽ مڃڻ وارا (معاذالله ثم معاذالله) گمراهه يا ڪافر آهن؟ سيئي سني اهو ايمان ۽ عقيدو رکن ٿا ته پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن اصل ۾ نور آهن سندن ان نور هجڻ ۾ شڪ ڪندڙ بي ايمان ۽ قرآن ڪريم جو منڪر آهي.

فائدو: مٿئين ذڪر ڪيل تفسير صاويءَ جي عبارت مان ظاهر ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن هدايت جي نور هجڻ سان گڏ حسي (محسوس ٿيڻ وارو) نور به آهن ان جي ڪري سندن پاڇو پٽ تي نه پوندو هو ۽ نور سندن منهن

(١) خزائن العرفان سنڌي ص١٣٤ (٢) تفهيم القرآن ص ٤٥٦ ج١
(٣) تفسير وبيان كلمات القرآن ص١١٠ (٤) تفسير كبير ص١٩٠ جزءِ ١٢
(٥) تفسير صاوي ص٢٥٨ جزءِ ١

مبارڪ مان ڏسڻ ۾ ايندو هو.

اعتراض ١- اوهان سني چئو ٿا تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن نور بہ آهن ۽ حاضر بہ آهن تہ پوءِ سندن نور ۽ حاضر هجڻ جي ڪري اوهان جي گهرن ۾ روشني ڇو نہ ٿي ٿئي.

جواب: ان اعتراض جا ٻہ جواب آهن ١- الزامي ٢- تحقيقي ١- الزامي هي آهي تہ اوهان وٽ بہ قرآن ڪريم نور آهي ۽ملائڪ بہ نور آهن ۽ هر هڪ ماڻهوءَ جي مٿان مقرر ٿيل ملائڪ بہ موجود آهن تہ پوءِ انهن جي ڪري اوهان جي گهرن ۾ روشني ڇو نہ ٿي ٿئي؟ ٢- تحقيقي جواب هي آهي تہ نور جي نورانيت ڏسڻ جي لاءِ دل جي بصيرت جي ضرورت آهي جنهن کي اها بصيرت الله تعالىٰ عطا ڪري ٿو اهو ان نور جون تجليون ڏسي ٿو پر جي نہ ٿو ڏسي تہ ڏسڻ وارن جي ڳالهہ تي اعتبار ڪري ٿو.

اعتراض٢- جيڪڏهن پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن نور آهن تہ پوءِ والدين مان ڇو ڄاوا؟ نور نہ ڪنهن مان ڄمندو آهي ۽ نہ ڪنهن کي ڄڻيندو آهي؟ جواب: نور جو ماءُ پيءُ مان نہ ڄمڻ يا ڪنهن کي نہ ڄڻڻ قرآن پاڪ ۽ حديث شريف مان ثابت ۽ محال ناهي اسان جو روح، اکين جو نور خيالي قوتون سڀ نور آهن پر ماءُ مان ئي ڄايون آهن، جنت ۾ نور جي مخلوق حورن مان بہ نوراني مخلوق پيدا ٿيندي (١)

اعتراض ٣ حضور عليه الصلواة والسلام جن جيڪڏهن حقيقي نور آهن تہ کاڌائون، پيتائون ڇو؟ ۽ ڪين گهر واريون ۽ اولاد ڇو ٿيو؟ نور کائڻ، پيئڻ ۽ اولاد کان پاڪ هوندو آهي. جواب- ڪا بہ شيءِ جيڪڏهن ڪنهن صورت ۾ ايندي آهي تہ ان تي بہ ان صورت سان وابستہ احڪام هلندا آهن، جيئن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي لٺ مبارڪ جيڪا ڪاٺ جي هئي، پر جڏهن نانگ جي صورت ۾ ٿي تہ جادوگرن جي رسين کي ڳهي وئي، بلا تمثيل حضور عليه الصلواة والسلام جن بہ جڏهن تہ بشري صورت ۾ تشريف فرما ٿيا تہ مٿيان کائڻ، پيئڻ،شادي ڪرڻ وغيره وارا سڀ ڪم ڪائنن ان صورت جي لحاظ سان صادر ٿيا، پر ڪڏهن ڪڏهن مٿن حقيقي نور جي ڪيفيت غالب ٿيندي هئي تہ پاڻ ٻہ ٻہ مهينا صوم الوصال (لاڳيتو روزو) رکيائون ۽ پڇڻ تي فرمايائون تہ "اَيُّكُمْ مِثْلِيْ" (٢) اوهان مان مون جهڙو ڪير آهي؟ اهو ٻڌي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان خاموش رهيا ڪنهن بہ ڪو نہ چيو تہ اوهان اسان جهڙا آهيو، (معاذالله ثم معاذالله)

(١) نعيمي ص٣٣٢ج٦ (٢) صحيح بخاري ص ٢٦٣ ج١

"يَهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ سُبُلَ السَّلَامِ" يعني الله جل شانه حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ قرآن كريم مان هر هڪ سان انهن کي سلامتيءَ جون واٽون ڏيکاري ٿو جن جي دلين ۾ ان جي رضا جي سچي طلب آهي "سُبُلَ السَّلَامِ" مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ مفسرن سڳورن جا مختلف اقوال آهن هڪڙن فرمايو ته: ان مان مراد سلامتيءَ ۽ امن جون واٽون آهن جيئن متي لکيو اٿئون پر ڪن جو قول آهي ته "السلام" الله جل مجده جو نالو مبارڪ آهي ۽ هتي معنىٰ آهي ته الله انهن کي پنهنجي وصال جون واٽون ڏيکاري ٿو (١) "وَيُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمَاتِ اِلَى النُّوْرِ" ۽ انهن کي بت پرستيءَ ۽ وهمن جي اونداهين مان خالص توحيد جي روشنيءَ ڏانهن ڪڍي ٿو" وَيَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" ۽ انهن کي سڌي حق جي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.

سوال- نور واحد ۽ ظلمٰت جمع ڇو آندو ويو آهي؟ **جواب-** ظلمات، اونداهيون، ڪفر، گمراهي، بدعملي وغيره جڏهن ته گهڻيون آهن ان جي ڪري ان جي لاءِ جمع آندو ويو آهي ۽ نور ايمان هڪ آهي ان جي ڪري ان لاءِ واحد آندو ويو آهي. والله اعلم (٢)

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ۭ قُلْ

البت تحقيق ڪفر ڪيو انهن جو چيائون ته بيشڪ الله اهو مسيح پٽ مريم جو آهي فرماءِ! ته

فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْـــًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ

پوءِ ڪير ٿو مالڪ ٿئي الله کان (بچائڻ لاءِ) ڪجهه جيڪڏهن ارادو ڪري ته هلاڪ ڪري مسيح پٽ

مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۭ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

مريم جي کي ۽ سندس ماءُ کي ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سڀني کي ۽ الله جي لاءِ آهي بادشاهي آسمانن

وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۭ يَخْلُقُ مَا يَشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ

۽ زمين جي ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي پيدا اٿو ڪري جيڪو گهري ۽ الله هر شيءِ تي

(١) زادالمسير صہ٣١٧ ج٢ (٢) نعيمي ص٣٢٧ جلد٦

قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصَارٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ۭ

قادر آهي ۽ چيو يهودين ۽ نصارن تہ اسين الله جا پٽ ۽ ان جا پيارا آهيون

قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ۭ بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ۭ يَغْفِرُ

فرماءِ تہ پوءِ ڇو ٿو عذاب ڪري اوهان کي اوهان جي گناهن جي ڪري بلڪ اوهان انسان آهيو ان مان جو پيدا ڪيائين بخشي ٿو

لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

جنهن کي گهري ۽ عذاب ٿو ڪري جنهن کي گهري ۽ الله جي لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي

وَمَا بَيْنَهُمَا ۡ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾

۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ الله جل مجده فرمايو تہ: اوهان وٽ الله وٽان نور ۽ روشن ڪتاب آيو آهي، جن ٻنهي مان هر هڪ جي ذريعي الله تعالیٰ ٻانهن کي پنهنجي وصال جون واٽون ڏيکاري ۽ اونداهين مان روشنيءَ ڏانهن ڪڍي ٿو. هاڻي هتي اهل ڪتاب مان نصارن جي ڪفريہ عقيدي کي بيان ڪري انهن انڌيرن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ٿو وڃي. ارشاد آهي لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ "يعني تحقيق انهن ماڻهن ڪفر ڪيو جن چيو تہ بيشڪ مريم جو پٽ مسيح الله آهي، هي عيسائين جي ڪفر جو بيان ڪيو ٿو وڃي، سندن ٽن خدائن مڃڻ جي عقيدي جي وضاحت انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا هيئن ڪئي آهي: تہ عيسائين وٽ پيءُ بہ خدا، پٽ بہ خدا ۽ روح القدس بہ خدا ۽ ان جي هوندي اهي ٽئي ڪامل خدا ناهن. هيءَ ڳالهہ نہ سمجهڻ جي آهي نہ سمجهائڻ جي (١) "قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْـــًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا" هنن لفظن ۾ حضرت عيسیٰ عليه السلام جي الٰه هجڻ

(١) ضياءُ القرآن ص ٤٥٥ جلد ١

جي عقيدي جي باطل هجڻ کي بيان ڪندي الله جل شانه فرمايو آهي تہ (اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام) اوهان انهن کي فرمايو تہ هن ڳالهہ جي ڪير ٿو قدرت رکي؟ جو جيڪڏهن الله جل جلاله مسيح بن مريم ۽ سندن ماءُ ۽ جيڪي زمين ۾ آهن انهن سڀني کي هلاڪ ڪري تہ اهو ڪين بچائي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي والده سائڻ تي وفات جو وقت آيو تہ پاڻ ان کي موت کان ڪو نہ بچايائين ۽ جڏهن آخر زماني ۾ آسمان تان لهڻ کان پوءِ مٿس بہ وفات جو وقت ايندو تہ پاڻ بہ وفات ڪندو، جڏهن سندن اها حالت آهي تہ پوءِ الله ڪيئن ٿي سگهندا؟ نہ ٿي سگهندا، هرگز نہ ٿي سگهندا "وَلِلّٰهِ مُلْکُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا" يعني آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي سڀني تي الله جل شانه جي بادشاهي آهي ۽ حضرت عيسىٰ ۽ بيبي مريم عليهما السلام بہ انهن ۾ آهن ان جي ڪري اهي بہ الله جل شانه جي ملڪيت ۽ ان جا ٻانها آهن "يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ" جيڪي گهري ٿو پوءِ ماءُ پيءُ جي ذريعي يا ماءُ پيءُ کان سواءِ يا صرف پيءُ جي ذريعي پيدا ڪري ٿو ۽ اهو سڀ ان جي بي مثال قدرت جو ڪمال آهي نہ ان جي لاءِ ڪا شيءِ مشڪل آهي نہ ان جي لاءِ ڪا صورت ڏکي آهي "وَاللّٰهُ عَلٰى کُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي ڪا بہ ممڪن شيءِ ان جي اڳيان نہ ٽڪي نہ آهي. "وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ" ۽ چيو يهودين ۽ نصارن تہ اسين الله جا پٽ ۽ ان جا پيارا آهيون

شان نزول

ابن اسحاق، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سيدنا نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليہ ۾ نعمان بن اضاءَ، بحري بن عمرو ۽ وشاس بن عدي آيا ۽ اچي ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون حضور عليه الصلواة والسلام جن ساڻن ڳالهائيندي جڏهن ڪين الله جل شانه جي دين جي دعوت ڏني ۽ ان جي عذاب کان ڊيڄاريو تڏهن چوڻ لڳا تہ اي محمد! (صلي الله عليه وسلم) اسان کي ڇا ٿا ڊپ ڏيو؟ اسين الله جا پٽ ۽ پيارا آهيون. (نصارىٰ بہ ائين چوندا آهن) پوءِ الله جل جلاله آيت جو هي حصو نازل ڪري ارشاد فرمايو تہ: يهودي ۽ نصارىٰ چون ٿا تہ اسين الله جا پٽ ۽ پيارا آهيون، امام احمد پنهنجي مسند ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ هڪ ڀيري نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن اصحابن عليهم

الرضوان سان گڏ هڪ واٽ سان لنگهي رهيا هئا تہ هڪ عورت جنهن جو ننڍو ڇوڪرو بہ ان واٽ تي موجود هو، حضور عليه الصلواة والسلام جن سان گڏ پيء گهڻيء جماعت کي ايندي ڏسي ان ڊپ کان تہ ننڍو ٻار آهي متان لتاڙجي وڃي منهنجو پٽ، منهنجو پٽ، چوندي ڊوڙي آئي ۽ اچي ان پنهنجي پٽ کي کنيائين، نبي ڪريم عليه افضل الصلوات واکمل التحيات سان گڏ وڃڻ وارن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! هيءَ عورت پنهنجي پٽ کي باهہ ۾ اڇلائڻ جي لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿيندي. حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن کي جواب ڏيندي ارشاد فرمايو تہ: نہ- الله بہ پنهنجي پياري ٻانهي کي باهہ ۾ نہ اڇلائيندو(١) "قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوبِكُمْ" يعني (اي محبوب عليه الصلواة والسلام) انهن کي فرمايو تہ(جيڪڏهن واقعي اوهان الله جا پٽ ۽ پيارا آهيو تہ) پوءِ اوهان کي اوهان جي گناهن جي ڪري ڇو عذاب ڪندو؟ پر اهو اوهان کي دنيا ۾ قتل، خواريءَ ۽ صورت بدلائڻ سان عذاب ڪري رهيو آهي ۽ آخرت ۾ بہ اوهان کي عذاب ڪندو جيئن اوهان خود مڃيو ٿا تہ "لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً" يعني اسان کي صرف ڳڻيل ڏينهن جهنم جي باهہ ساڙيندي. ثابت ٿيو تہ اوهان ان دعوىٰ ۾ ڪوڙا آهيو. "فائدو: علم جدل وارا هن طريقي سان منڪر کي خاموش ڪرائيندڙ برهان کي برهان الخلف سڏيندا آهن(٢)

هڪ عجيب ڳالهہ

علامه شوڪاني صاحب لکيو آهي تہ صوفياءِ ڪرام مان هڪ صوفيءَ هڪ فقيه عالم کان پڇيو تہ: قرآن پاڪ ۾ ڪٿي آهي تہ: حبيب پنهنجي حبيب کي عذاب نہ ڪندو؟ فقيه ڪو جواب نہ ڏنو. تڏهن صوفيءَ مٿين آيت پڙهي ٻڌايس ۽ چيائينس تہ الله جل شانه پنهنجن پيارن کي عذاب نہ ڪندو. امام احمد ڪتاب الزهد ۾ حضرت امام حسن بصري عليه الرحمة کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "لَا وَاللهِ لَا يُعَذِّبُ اللهُ حَبِيْبَهٗ فِي الدُّنْيَا" (يعني الله پنهنجي پياري کي دنيا ۾ عذاب نہ ڪندو) پر ڪڏهن ان کي دنيا ۾ امتحان سان آزمائيندو آهي

(١) فتح القدير ص٢٥ جلد٢ (٢) فتح القدير صہ٢٤ جلد٢

"بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ" يعني اوهان الله جا پٽ ناهيو پر انهن انسانن مان انسان آهيو جيڪي پيدا ڪيا آٽس ۽ انهن ڪان سندن عملن جي متعلق پڇيو ويندو. "يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ" الله جل شانه جنهن ڪي گهري ٿو بخشي ٿو ۽ جنهن ڪي گهري ٿو عذاب ڪري ٿو. "وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا" يعني آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو انهن ۾ آهي سڀني جي بادشاهي الله جي لاءِ ثابت آهي، ساري موجودات ان جي ملڪيت آهي "وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ" ۽ ان ڏانهن ئي سڀني جو موٽڻ آهي.

فائدو: مٿين آيت تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته هر انسان جي لاءِ ايمان ۽ صالح عمل ضروري آهي ڪي ماڻهو صالح عمل ڪان بي فڪر ٿي چوندا آهن ته اسين فلاڻي، يا فلاڻي جو اولاد يا فلاڻي بزرگ جا ملنگ آهيون اسان ڪي عملن جي ڪا ضرورت ناهي. سو اهو چوڻ ڪفر آهي جيئن هر انسان دنياوي زندگيءَ جي لاءِ اس، چانو، آسمان، زمين، ڪاڌي، پيتي جو محتاج آهي تيئن روحاني زندگيءَ جي لاءِ ايمان ۽ صالح عمل جو محتاج آهي.

يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ مِّنَ

اي اهل ڪتاب! تحقيق آيو اوهان وٽ رسول اسان جو بيان ٿو ڪري اوهان لاءِ احڪام (وقت) بند

الرُّسُلِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْ بَشِيْرٍ وَّلَا نَذِيْرٍ فَقَدْ جَآءَكُمْ

ٿيڻ رسولن جي متان چئو ته نه آيو اسان وٽ ڪو بشارت ڏيندڙ ۽ نه ڪو ڊيڄاريندڙ پوءِ تحقيق آيو اوهان وٽ

بَشِيْرٌ وَّنَذِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝١٩ ع

بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي.

تفسير

شان نزول

ابن اسحاق حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن يهودين کي اسلام جي دعوت ڏيندي انهن کي مسلمان ٿيڻ جي لاءِ رغبت ڏياري ته حضرت معاذ بن جبل ۽ سعد بن عبادة رضي الله

عنهما انهن کي چيو تہ: اي يهودين جي جماعت! الله کان ڊڄو الله جو قسم آهي تہ اوهان پڪي طرح ڄاڻو ٿا تہ حضور اکرم عليه الصلواة والسلام جن الله جا سچا رسول آهن ۽ اوهان سندن بعثت کان اڳ ۾ سندن اچڻ جو ذکر ۽ سندن صفات حسنہ بيان کندا هيئو. رافع بن حريملہ ۽ وهب بن يهودا ٻڌي اصحابن کي چيو تہ: نہ اسان اوهان کي ائين چيو ۽ نہ الله موسیٰ کان پوءِ کو ڪتاب نازل ڪيو آهي ۽ نہ کنهن بشر کي رسول بنائي موکليو اٿس، پوءِ الله جل جلالہ هي آيت نازل ڪئي(١) ۽ فرمايو "يَا أَهْلَ الْكِتَابِ قَدْ جَاءَكُمْ رَسُولُنَا- يعني اي ڪتاب وارؤ! يقينًا اوهان وٽ اسان جو رسول (محمد عليه الصلواة والسلام) آيو آهي "يُبَيِّنُ لَكُمْ" جيکو اوهان جي لاءِ دين، شريعت ۽ هدايت جون ڳالهيون کولي کولي بيان ڪري رهيو آهي "عَلَىٰ فَتْرَةٍ مِّنَ الرُّسُلِ" يعني اوهان وٽ رسول ان وقت آيو آهي جو ان کان پوءِ رسولن جو اچڻ ۽ وحي جو نزول بند ٿي ويندو. "أَن تَقُولُوا مَا جَاءَنَا مِن بَشِيرٍ وَلَا نَذِيرٍ" متان چئو تہ اسان وٽ کو بهشت جي بشارت ڏيندڙ ۽ جهنم جي باهہ کان ڊيڄاريندڙ کو نہ آيو هو. سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن کا شيءِ هلندي هلندي رڪجي ويندي آهي تہ چوندا آهن. فترالشيءُ، ۽ جيکڏهن کو کم پهريان وڏي سرگرميءَ سان هلندو ايندو آهي۽ پوءِ بند ٿي ويندو آهي تہ ان جي لاءِ فتر جو لفظ استعمال نہ ٿيندو آهي ٻن نبين جي اچڻ جي وچ واري وقت کي بہ فترة سڏيو ويندو آهي ۽ هتي اهوئي مراد آهي نبي اکرم، محبوب معظم، عليہ افضل الصلوات واکمل التحيات جو ظهور سنہ ٥٧٠ عيسويءَ ۾ ۽ نبوت جي اظهار جو اعلان سنہ ٦١٠ عيسويءَ ۾ ٿيو هو. حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام ۽ سندن تشريف آوريءَ جي وچ وارو عرصو ڇهہ سؤ (٦٠٠) سالن جي ويجهو ٿئي ٿو. اهل ڪتاب کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اوهان وٽ اهو نبي عليہالصلواة والسلام پهچي ويو آهي. جنهن جو اوهان انتظار ٿي کيو. هاڻي جيکڏهن اوهان ان جي اطاعت نہ کندؤ ۽ ان تي ايمان آڻي پنهنجي نجات حاصل نہ کندؤ تہ اوهان جي مرضي پر صبحاڻي قيامت ۾ اوهان جو اهو عذر نہ ٻڌو ويندو تہ اسان وٽ کو نبي نہ آيو هو.

"فَقَدْ جَاءَكُم بَشِيرٌ وَنَذِيرٌ" پوءِ تحقيق اوهان وٽ جنت جي بشارت ڏيندڙ ۽ جهنم جي باهہ کان ڊيڄاريندڙ (الله جل شانہ جو نبي آيو آهي. پوءِ بهانا نہ ناهجو، "وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ" ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي پوءِ لاڳيتا نبي موکلي جيئن حضرت موسیٰ ۽ حضرت عيسیٰ عليهما السلام جي وچ وارن سترهن سؤ (١٧٠٠) سالن

(١) تفسير مظهري ص٦٩ جلد٣

جي دور ۾ هزار نبي سڳورا عليهم الصلواة والسلام موڪليا هيائين يا وچ ۾ وٿي رڪي جيئن حضرت عيسىٰ ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي وچ وارو دور- باقي ان ۾ اختلاف آهي تہ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام ۽ حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة جن جي وچ ۾ ڪي نبي آيا هئا يا نہ- ڪي چون ٿا تہ وچ ۾ چار نبي آيا هئا ٽي بني اسرائيل مان ۽ هڪ بني اسماعيل مان ۽ ڪي چون ٿا تہ (علامہ حقي عليه الرحمہ وهو الانسب چئي پوئين قول کي ترجيح ڏني آهي) يعني وڌيڪ قول اهو آهي تہ وچ ۾ ڪو بہ نبي نہ آيو هو. چو تہ "فترة" ۾ تنوين تفخيم ۽ تعظيم جي آهي جنهن مان ثابت ٿي رهيو آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن وٽ نهايت اهم وقت ۾ آيا هئا جو وچ ۾ ڪو نبي آيو ئي نہ هو ۽ حديث شريف ۾ بہ آهي تہ "اَنَا اَوْلَى النَّاسِ بِعِيسَىٰ بْنِ مَرْيَمَ فَإِنَّهُ لَيْسَ بَيْنِيْ وَبَيْنَهُ نَبِيٌّ" يعني مان عيسىٰ (عليه الصلواة والسلام) سان وڌيڪ ويجهو آهيان جو ان جي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو بہ نبي نہ هو (١) **فائدو:** "قَدْ جَاءَكُمْ رَسُوْلُنَا" ۾ الله جل جلاله رسول عليه الصلواة والسلام جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪئي آهي ڪافرن ڏانهن نہ ڪئي آهي، چو تہ انهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مان صحيح فائدو نہ ورتو هو، ۽ مسلمانن حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻي ڪين ميجيو ۽ سندن وجود مسعود مان سڀ ڪجهہ پرايو ان جي ڪري انهن سان خطاب ۾ "رَسُوْلُكُمْ" ۽ "مِنْ اَنْفُسِكُمْ" آيو

فائدو: حضور عليه الصلواة والسلام جن توراة ۽ انجيل جي اندر آيل حڪمن کان باخبر هيا تڏهن تہ انهن جون لڪايل ڳالهيون ظاهر ٿي فرمايائون. بي خبر ۽ بي علم اهي ڳالهيون ڪيئن بيان ڪري سگهندو؟

فائدو: حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪان اڳ ۾ بہ دنيا ۾ ڇهہ سؤ (٦٠٠) ورهہ ۽ عربن ۾ خاص ڪري چار هزار سال تائين ڪو نبي نہ آيو هو (٢)

اعتراض- جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي تشريف آوري سڄي دنيا جي لاءِ هئي تہ پوءِ صرف اهل ڪتاب کي مخاطب ڪري ڇو چيو ويو تہ "قَدْ جَاءَكُمْ" اوهان وٽ آيو آهي؟

جواب : اهل ڪتاب سان اهو خطاب ٻن وجهن جي ڪري ڪيو ويو ١- تہ عرب ۾ اهل ڪتاب جي وڏي عزت هوندي هئي جو اهي نبين عليهم الصلواة والسلام جي اولاد هجڻ سان گڏ اهل علم بہ هيا. انهن جي ايمان آڻڻ سان ٻين ماڻهن جي مومن

(١) روح البيان ص٣٧٤ ج٢ (٢) روح البيان ص٣٧٤ ج٢

ٿيڻ جي بہ قوي اميد هئي. ٢- تہ اهل ڪتاب ٺي حضور عليه الصلواة والسلام جن
جي آمد جا سخت منتظر هيا ۽ ماڻهن کي بہ انتظار ڪرائيندا هئا تہ حضور عليه
الصلواة والسلام جن تشريف فرما ٿي رهيا آهن ٣- تہ حضور عليه الصلواة والسلام
جن جي اچڻ سان وڏ ۾ وڏ فائدو اهل ڪتاب کي ٿي پهتو جو سندن تشريف آوريءَ سان
اهل ڪتاب جي ڪتابن ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي تصديق ٿي **سوال-**
هتي "عَلٰى فَتْرَةٍ مِّنَ الرُّسُلِ" چئي ٻڌايو ويو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن نبين
جي بند ٿيڻ ۽ نہ اچڻ ڪان پوءِ آيا آهن ان چوڻ ۾ ڪهڙي خوبي هئي.؟

جواب: ان ۾ بلڪل خوبي آهي، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي
زماني ۾ يا ڪائنن پوءِ ٻئي نبي نہ اچڻ ۽ اڪيلو حضور عليه الصلواة والسلام جن جو
پنهنجي فيض سان سڄي جڳ کي قيامت تائين فيض وارو بنائڻ ۽ انهن جي اصلاح
ڪرڻ هيءُ سندن ڪمال آهي جو سندن ظاهري رحلت ڪرڻ ڪان پوءِ بہ نہ سندن دين
منسوخ ٿيو نہ قرآن ۽ نہ سندن فيض بند ٿيو، سندن دين جي ظاهري خدمت علماء ۽ باطني
خدمت اولياء ڪندا رهن ٿا (١).

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي تہ اي منهنجي قوم! ياد ڪيو الله جي نعمت کي پاڻ تي جڏهن

جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّاٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا

ڪيائين اوهان ۾ نبي ۽ بڻايائين اوهان کي بادشاهہ ۽ ڏنائين اوهان کي اهو جو نہ ڏنائين ڪنهن هڪ کي

مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٠﴾ يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ

جهانن مان اي منهنجي قوم! داخل ٿيو زمين پاڪ ۾ جيڪا لکي آهي

اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢١﴾

الله اوهان جي لاءِ ۽ نہ پوئتي موٽو پٺين پنهنجين تي پوءِ ٿي پئو نقصان وارن مان

(١) نعيمي ص٣٦٤ ج٦

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى

چيائون تہ اي موسىٰ! تحقيق ان ۾ ماڻهو زبردست آهن ۽ بيشڪ اسين اصل نہ داخل ٿينداسون ان ۾ تانجو

يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ رَجُلٰنِ

نڪرن اهي ان مان پوءِ جيڪڏهن نڪرندا ان مان تہ پوءِ بيشڪ اسين داخل ٿيندڙ آهيون چيو ٻن مڙسن

مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ

انهن مان جو ڊڄن پيا (الله کان) نعمت ڪئي هئي الله انهن ٻنهي تي تہ داخل ٿيو انهن تي دروازي کان

فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ

پوءِ جڏهن داخل ٿيو ان ۾ پوءِ بيشڪ اوهان غالب آهيو ۽ الله تي پوءِ ڀروسو ڪيو جيڪڏهن

كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٣﴾

آهيو ايمان وارا.

تفسير

هن کان اول "يُبَيِّنُ لَكُمْ" ۾ ٻڌايو ويو تہ اي بني اسرائيلئو! اوهان وٽ اهو رسول (عليه الصلواة والسلام) تشريف فرما ٿيو آهي جيڪو اوهان جي لڪايل ڳالهين مان ضروري ڳالهيون بيان ڪري ٿو ۽ ڪيترين ڳالهين کان جن جو بيان ڪرڻ ضروري ناهي درگذر فرمائي ٿو ۽ هتي حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي ذريعي بني اسرائيلن کي مٿن ٿيل هڪ وڏي ۽ نهايت اهم نعمت ياد ڏياريندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا وَّاٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ" يعني ياد ڪيو جنهن وقت موسىٰ (عليه السلام) پنهنجيءَ قوم کي فرمايو تہ: اي منهنجيءَ قوم وارا! اوهان پنهنجي

مٿان ڪيل الله جي نعمت ياد ڪيو جو اوهان ۾ انبياء پيدا ڪيائين ۽ اوهان کي بادشاھ بہ بنايائين ۽ اوهان کي اهو ڪجھ ڏنائين جو جهانن مان ڪنهن هڪ کي نہ ڏنائين. هن آيت ۾ الله جل شانہ بني اسرائيلن تي ڪيلن ٽن نعمتن جو ذڪر فرمايو آهي جن مان هڪ روحاني ۽ معنوي آهي يعني مسلسل ۽ گهڻي وقت تائين انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ايندا رهيا جنهن ڪان مٿي ڪو بہ روحاني ۽ معنوي اعزاز ناهي، ڪنهن بہ قوم ۽ امت ۾ ايترا گهڻا نبي مبعوث نہ ڪيا ويا هئا، جيترا بني اسرائيل ۾ (١) حديث جي فن جي امام ابن ابي حاتم عليه الرحمة لکيو آهي تہ بني اسرائيل جي پوئين دور ۾ جيڪو حضرت موسىٰ کان حضرت عيسىٰ عليهما الصلوٰة والسلام تائين هليو الله تعالىٰ انهن ۾ هڪ هزار (١٠٠٠ نبي مبعوث فرمايا هئا. (٢) ٻي نعمت دنيوي ۽ ظاهري جو الله جل شانہ انهن کي ملڪ ۽ سلطنت جو صاحب بنايو هو ۽ اها ڪيڏي نہ مهرباني آهي جو فرعون جي غلاميءَ جي زنجيرن مان ڪين آزاد ڪري، سندن دشمن کي نيست ۽ نابود ڪري سندن ئي هٿن ۾ ان حڪومت جون واڳون ڏنيون ويون.

سوال

هن آيت ۾ نبين عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو "جَعَلَ فِيۡكُمۡ اَنۡبِيَآءَ" اوهان ۾ انبياء پيدا ڪيائين. جنهنجو مفهوم هي آهي تہ انهن مان سڀ نبي نہ هيا ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ انبياء عليهم الصلواة والسلام انهن سيني جي لحاظ سان ٿورا هيا ۽ سموري قوم انهن جي متبع هئي پر جتي دنيوي نعمت جو ذڪر آيو تہ اتي ارشاد ٿيو "وَجَعَلَكُمۡ مُّلُوۡكًا" ۽ اوهان کي بادشاھ بنايائين، جنهن جي ظاهري مفهوم آهي تہ اوهان سيني کي بادشاھ بنايائين ملوڪ- ملڪ (لام جي زير سان) جو جمع آهي جنهنجي عرف عام ۾ معنىٰ آهي بادشاھ- ۽ اها ڳالھ بہ ظاهر آهي تہ سموري قوم تہ بادشاھ بہ نہ ٿي سگهندي پر قوم جو هڪ فرد يا ٻہ فرمان روا هوندا آهن ۽ ٻيا سيئي انهن جا فرمانبردار، پوءِ سيني جي لاءِ "مُلُوۡكًا" چو آيو؟

جواب

ان جو هڪ وجه هي آهي تہ اهو فرمان عرف عام جي لحاظ سان ڪيو ويو آهي، جبڪڏهن ڪنهن قوم جي هڪ ماڻهوءَ جي حڪومت هوندي آهي تہ ان جي پوري قوم ڏانهن

(١) مظهري ص٧٠ ج٣ (٢) معارف القرآن ص٩٦ ج٣

حڪومت ۽ سلطنت کي منسوب ڪيو ويندو آهي. جيئن چيو ويندو آهي تہ بني اميہ جي حڪومت، بني عباس جي حڪومت، هندستان ۾ غزنوين يا غورين جي حڪومت، مغلن جي حڪومت يا سنڌ تي سمن يا ميرن جي حڪومت وغيره.

٢- ٻيو وجہ هي آهي تہ ملڪ (لام جي زير سان) جو لفظ بادشاهہ جي مفهوم کان عام آهي، اهڙي شخص جي لاءِ بہ جيڪو خوشحال آهي جايون، جڳهيون، نوڪر، سواريون وغيره رکي ٿو، مَلِڪُ جو لفظ ڳالهايو ويندو آهي، ابن ابي حاتم حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "كَانَتْ بَنُوْ اِسْرَآئِيْلَ اِذَا كَانَ لِاَحَدِهِمْ خَادِمٌ وَدَابَّةٌ وَامْرَاَةٌ كُتِبَ مَلِكًا" يعني بني اسرائيل ۾ جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي خادم، سواري ۽ زال هوندي هئي تہ ان کي بادشاهہ ليکيو ويندو هو. محدث عبدالرزاق، عبد بن حميد، ابن جرير، ۽ ابن المنذر حضرت ابن عباس ۽ قتاده رضي الله عنهم کان بہ اهائي معنىٰ روايت ڪئي آهي (١)

٣- ٽين نعمت جيڪا هن آيت ۾ بيان ٿي آهي اها معنوي ۽ ظاهري نعمتن ٻنهي کي شامل آهي يعني جهانن ۾ ڪنهن کي بہ اهي نعمتون نہ مليون جيڪي اوهان کي عطا ڪيون ويون شرف، شان، نبوت، رسالت، ظاهري حڪومت، سلطنت، مال ملڪيت، ڌن ۽ دولت سڀ اوهان کي عطا ڪيا ويا اهي ياد ڪندا رهو غافل ۽ بي قدر نہ ٿيو.

سوال: ڇا بني اسرائيل کي محمدي امت علىٰ نبيها الصلوات والتسليمات کان بہ وڌيڪ شان مليو؟ حالانڪ قرآن ڪريم جو نص آهي تہ "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ" (اي محمدي امتي) اوهان ڀلي امت آهيو.

جواب: بني اسرائيل انهن ٻين قومن جي ماڻهن کان ڀلا هيا جيڪي سيدنا حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي دور ۾ هيا جيئن ان جو تفصيل سورة البقره جي آيت مبارڪہ "وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ" (آيت ٤٧) جي وضاحت ڪندي احسن البيان في تفسير القرآن ص١٩٧ ج١ ۾ ڪري آيا آهيون تہ بني اسرائيل سڀني جهانن کان نہ پر صرف پنهنجي دور وارن کان ڀلا هيا. اهڙي طرح آيت مبارڪہ "وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَاكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا" ۽ ڪيترين نبوي حديثن علىٰ قائلها الصلوات والتسليمات مان بہ ثابت آهي تہ محمدي امت علىٰ نبيها الصلوات والتسليمات ٻين

(١) الدرالمنثور ص٣٦ جلد٣

امتن کان پلي آهي "يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ" اي منهنجي قوم! ان مقدس زمين ۾ داخل ٿيو. هنن لفظن ۾ حضرت موسىٰ علي نبينا وعليه الصلواة والسلام جو اهو فرمان بيان ڪيو ويو آهي جيڪو پاڻ عمالقه قوم سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي قوم کي ڪيو هيائون. مختصر واقعو هيئن آهي ته جڏهن حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جن بني اسرائيلين کي پاڻ سان گڏ وٺي مصر مان هجرت ڪئي ۽ الله جل جلاله جي فضل ۽ ڪرم سان سمنڊ مان سلامتيءَ سان پار پهتا فرعون ۽ سندس لشڪري غرق ٿي ويا ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام پنهنجن ساٿين سميت سينا واديءَ جي اريحا شهر وٽ منزل ڪئي ڪجهه وقت اتي رهيا ۽ ان رهڻ دوران کين توراة شريف به مليو ان کان پوءِ پاڻ پنهنجيءَ قوم کي شام ملڪ ڏانهن هلڻ جي لاءِ تيار ڪيائون ۽ اتي جي حالات معلوم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجن ساٿين مان ٻارهن (١٢) ماڻهو مقرر فرمايائون جن کي نقيب سڏيو ويو آهي جڏهن هي اتي پهتا ته انهن ٻارهن ئي ڄڻن کي اتي جي رهندڙ قوم عمالقه مان هڪ شخص گرفتار ڪري اتي جي بادشاهه وٽ پيش ڪيو ۽ ٻڌايو ته: هي اسان سان جنگ ڪرڻ آيا آهن بادشاهي دربار ۾ هنن جي معاملي تي سوچيو ويو ته هنن کي قتل ڪجي يا آزاد ڪري ڇڏي ڏجي نيٺ فيصلو اهو ٿيو ته انهن کي آزاد ڪجي ته پنهنجي ملڪ وارن کي اسان جي طاقت جو اکين ڏٺو احوال ٻڌائين ته اهي هيڏانهن اچڻ جي لاءِ ڪڏهن به تيار نه ٿين اهي ٻارهن نقيب گرفتار ٿيڻ کان اڳي ۽ پوءِ اتي چاليهه (٤٠) ڏينهن کن رهي جڏهن آزاد ٿي وري وطن پهتا ۽ سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن سان سمورو اکين ڏٺو احوال بيان ڪيائون ته پاڻ کين منع فرمايائون ته پنهنجيءَ قوم جي اڳيان اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪن جن سان انهن جي حوصلي شڪني ٿئي. پر انهن ٻارهن (١٢) ڄڻن مان ڏهه (١٠) ڄڻا دل ۾ ڳالهه رکي نه سگهيا ۽ انهن عمالقه جي قوم وارن جي قد،بت، طاقت، ۽ سندن قلعن جي مضبوطيءَ جو پنهنجي قوم جي اڳيان اهڙو بيان ڪيو جو بني اسرائيل ڏانهون ڪري ويهي رهيا ۽ نهايت سختيءَ سان پنهنجي نبي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن کي رکو جواب ڏنائون ته اسين اهڙي سخت قوم سان جنگ جوٽي پنهنجين زالن کي بيوهه ۽ ٻارن کي يتيم نه بنائينداسون جي توکي هروڀرو جنگ جو خيال آهي ته تون ۽ تنهنجو رب وڃي وڙهو. شام ملڪ انهن عمالقين کان آزاد ڪرايو ته پوءِ اسين اتي هلنداسون تيستائين اسين هتي ويٺا آهيون. اسان شام ملڪ جي زرخيز زمين، ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جي چشمن، مختلف قسمن جي ميون سان ڀرپور

باغن ۽ اتي جي آرام ۽ عزت واريءَ زندگيءَ کان ئي توبه ڪئي ڇو ته هتي ڪٽي غلاميءَ جي زندگيءَ پيا گذاريون پر موت جو خطرو ته ناهي. انهن ٻارهن (١٢) مان ٻن نقيبن حضرت يوشع بن نون ۽ حضرت ڪالب ڪين گهڻو ئي سمجهايو ته سست نه ٿيو ذرا همت سان دشمن تي حملو ته ڪيو پوءِ ڏسو ته الله جل شانه ڪيئن ٿو اوهان جي مدد ڪري ۽ اوهان جي مخالف ڪي شڪست ۽ هار ڏي پر اهي پنهنجي خيال تي مضبوط رهيا ۽ انهن جي بزدليءَ ۽ نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي فرمان نه مڃڻ جي ڪري شام ملڪ جي مقدس سرزمين ۾ سندن داخل ٿيڻ بند ڪيو ويو ۽ چاليهن (٤٠) سالن تائين حيرت جي جهان ۾ اتي مختلف ميدانن ۾ مٽي ڀڄاريندا، ڦرندا رهيا جڏهن ان گهڻي عرصي دوران اهي نه مڃڻ وارا غلاميءَ جي زندگي گذاريندي مري ويا ۽سندن نئون نسل وڏو ٿيو ته انهن نوجوانن شام ملڪ تي حملوڪري ان کي فتح ڪيو. هتي اهو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته: اي منهنجي قوم! پاڪ زمين ۾ داخل ٿيو.

"الْمُقَدَّسَةَ" جي معنىٰ ۾ ٻه قول آهن ١- مطهره- پاڪ-

سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما ۽ حضرت زجاج سڳوري جو اهو قول آهي ۽ بيت المقدس کي به مقدس ان جي ڪري سڏيو ويو جو اهو اتي پهچڻ واريَ جي لاءِ گناهن کان پاڪ، صاف ٿيڻ جي جاءِ ۽ مرڪز آهي ۽ اها جاءِ شرڪ، ڪفر، براين کان پاڪ ۽ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ مومنن جو مرڪز آهي ٢- مقدسة معنىٰ مبارڪ- برڪت ڀري زمين، قرآن ڪريم جي مفسر مجاهد جو اهو قول آهي(١) حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جنهن ملڪ جي لاءِ قوم کي فرمايو هو اهو ملڪ ته شام جو آهي پر ان جو ڪهڙو حصو؟ ان ۾ مختلف روايتون آهن، ڪن جو قول آهي ته ان مان مراد بيت المقدس هو. ڪنهن قدس ۽ ايليا جو شهر چيو آهي ته ڪن اردن ۽ بيت المقدس جي وچ تي دنيا جو نهايت پراڻو شهر اريحا مراد ورتو آهي جيڪو اڄان تائين موجود آهي ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي وقت ۾ نهايت عظيم، وسيع ۽ خوبصورت شهر هو.

ان جي عظمت ۽ وسعت جا عجيب ۽ غريب واقعا ذڪر ڪيل آهن، بعضي روايتن ۾ آهي ته ان شهر جا هڪ هزار حصا (محلا) هيا هر هڪ حصي ۾ هڪ هزار باغ هيا، حضرت ڪعب الاحبار رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون الله جل

(١) زاد المسير ص٣٢٣ ج٢

جلاله جي ڪتاب (غالبًا ان مان مراد توراة آهي) ۾ ڏنو آهي تہ ساري زمين ۾ شام جو ملڪ الله جو خاص خزانو آهي، ۽ ان ۾ الله جا مخصوص ۽، مقبول ٻانها آهن، ۽ بعضي روايتن ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام لبنان جي جبل تي چڙهيو، الله جل جلاله کيس فرمايو تہ: اي ابراهيم! هتان کان نهار جيستائين تنهنجي نگاهہ پهچندي تيستائين اها زمين مقدس بنائيندس. (١)

"اَلَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ" يعني اها زمين الله جل شانه اوهان جي حصي ۾ لکي ڇڏي آهي اوهان فاتح ۽ غالب ٿيندؤ صرف ميدان ۾ لهڻ جي دير آهي "قَالُوْا يٰمُوْسٰىٓ اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا" يعني انهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي جواب ڏيندي چيو تہ: ان شام جي ملڪ ۾ نهايت ئي زبردست ۽ سخت قوم جا ماڻهو آباد آهن ۽ اسان ان ۾ تيستائين اصل داخل نہ ٿينداسون جيستائين اهي ان مان نڪري نہ ويندا. "فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ" پوءِ جيڪڏهن اهي نڪري ملڪ خالي ڪري ويندا تہ اسين داخل ٿينداسون "قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ" انهن مان ٻن مردن جيڪي الله کان ڊڄن پيا الله انهن ٻنهي تي نعمت ڪئي هئي ٻين کي هدايت ڪندي چيو تہ اوهان هتي ئي چو پيا ڊڄو ۽ ڊپ ۾ پيا مرو ڀہ وڪون وڌائي بيت المقدس جي دروازي کان تہ داخل ٿيو. اسان کي يقين آهي تہ اوهان جو اهو ايترو عمل بہ اوهان جي فتح، ڪامراني، نصرت ۽ غلبي جو سبب بنجندو، ۽ دشمن شڪست کائي پٺي ويندو، اهي ٻہ شخص ٻہ نقيب حضرت يوشع بن نون ۽ حضرت ڪالب بن يوقنا هيا، جن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي حڪم تي عمالقہ قوم جي طاقت ۽ قوت جي ڳالهين کي راز ۾ رکيو هو جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون.

قرآن ڪريم هتي انهن ٻنهي نقيبن جي ٻن صفتن کي خصوصي طرح بيان ڪيو آهي ١- هڪ "اَلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ" اهي ڊڄن ٿا پر ڪنهن کان؟ ان جو ذڪر نہ ڪري اشارو ڪيو ويو آهي تہ ان کان ڊڄن ٿا جنهن کان ئي ڊڄڻ گهرجي ۽ اهو صرف هڪ الله جل جلاله آهي جو جڏهن بہ سندن پيارن ۽ مقرب ٻانهن جي ڊڄڻ ۽ خوف ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ سندس ئي ذات کان ڊڄڻ ۽ خوف ڪرڻ مراد هوندو آهي، جو تہ ساري ڪائنات جو ذرو ذرو سندس قدرت قاهره جي قبضي ۾ آهي. ٢- ٻي "اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا" يعني انهن ٻنهي تي الله جل شانه نعمت ڪئي هئي، ان ۾ هيءُ اشارو آهي تہ جنهن ۾

(١) معارف القرآن ص٩٨ ج٣

جيڪا بـ خوبي آهي سا الله جل جلاله جي عطا ڪيل آهي "فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ" يعني جڏهن اوهان ان ۾ داخل ٿيندؤ تـ يقينًا اوهان ئي غالب آهيو "وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ" ۽ جيڪڏهن مومن آهيو تـ پوءِ الله تي ئي توڪل ۽ ڀروسو رکندا ڪيو.

عوج بن عنق جو مصنوعي ۽ ڪوڙو قصو

بعضي اسرائيلي روايتن ۾ آيو آهي تـ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي انهن ٻارهن (١٢) نقيبن عوج بن عنق کي ڏٺو هو جيڪو حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جو ڏوهٽو هو ۽ سندس قد ٽي هزار ٽي سؤ ٽيٽيهـ (٣٣٣٣) هٿ هيو. اهي روايتون بلڪل ڪوڙيون سالم عقل ۽ صحيح نقل جي خلاف آهن، علامـه ابن ڪثير ۽ ٻين مفسرن ان جو واضح رد لکيو آهي. (١) فائدو: متي جنهن نقيب حضرت ڪالب بن يوقنا جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهو حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي ڀيڻ جو مڙس يعني ڀيڻويو هو. ۽ ٻيو نقيب حضرت يوشع بن نون حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جو پڙ پوٽو هو. (٢)

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ

چيائون تـ اي موسىٰ! بيشڪ اسين هرگز نـ داخل ٿينداسون ان ۾ هميشـ جيستائين هوندا ان ۾ پوءِ وڃ

اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ

تون ۽ تنهنجو رب پوءِ وڙهو بيشڪ اسين هتي ويٺا آهيون، چيائين تـ اي منهنجا رب! بيشڪ مان نـ ٿو

اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٥﴾

مالڪ ٿيان مگر پنهنجي سر ۽ پنهنجي ڀاءُ جو پوءِ جدائي ڪر اسان جي وچ ۾ ۽ قوم فاسقن جي وچ ۾

قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً يَتِيْهُوْنَ فِى

فرمايائين پوءِ بيشڪ اها حرام ڪيل آهي انهن تي چاليهـ سال حيران رهندا

(١) ابن ڪثير صـ٣٨ ج٢ معارف القرآن ص٩٩ ج٣ فتح القدير ص٢٨ ج٢
(٢) نورالعرفان ص١٧٦

الْاَرْضِ فَلَاتَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ ع

زمين ۾ پوءِ نہ افسوس ڪر قوم فاسقن جي تي

تفسير

جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي ٻن اصحابن انهن ڏچڻ وارن يهودين تي زور ڀريو تہ انهن وري بہ اڻنگو جواب ڏنو ئي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي جو ڪجهہ چيو ان کي الله جل شانہ هيٺئن بيان فرمايو آهي: قَالُوْا يٰمُوْسٰىٓ اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ" يعني انهن چيو تہ اي موسىٰ! جيستائين عمالقہ قوم (وارا جيڪي ايڏي وڏي قوت ۽ طاقت وارا آهن) ان شام جي سرزمين ۾ هوندا تہ اسين ان ۾ اصل داخل نہ ٿينداسون. تون ۽ تنهنجو رب (جنهن ان ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ توکي امر ڪيو آهي) ٻئي وڃي انهن سان لڙو اسين هتي ويٺا آهيون،اوڏانهن اصل نہ هلنداسون.

حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليہ ۾ سندن پيارن اصحابن رضي اللّٰه عنهم جو با ادب عرض

حضرت امام المحدثين محمد بن اسماعيل بخاري عليه الرحمة حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ بدر واري جنگ جي ڏينهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اصحابي نهايت ٿورا ۽ ڪافر تمام گهڻا هئا ۽ انهن وٽ کائڻ پيئڻ جو سامان ۽ سواري بہ گهٽي هئي ان حالت ۾ پاڻ پنهنجن پيارن اصحابن رضي الله عنهم سان صلاح، مشورو ڪرڻ فرمايائون تہ هاڻي ڪيئن ڪجي؟ سيني خوشيءَ ۽ ادب سان عرض ڪيو تہ: اي الله جا رسول! (عليڪ الصلواة والسلام) اوهان کو فڪر نہ ڪيو اسين سر قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون. حضرت مقداد عليه الرضوان عرض ڪيو تہ: اي الله جا رسول! اسين حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جا امتي ناهيون جن ڪيس چيو هيو تہ "تون ۽ تنهنجو رب وڃين جنگ ڪيو اسين هتي ويٺا آهيون" اسين پنهنجي جان اوهان جي قدمن تان قربان ڪرڻ وارا آهيون. اسان کي الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي حڪم جو انتظار آهي جيئن حڪم ٿيندو

تيئن ڪري ڏيکاريندا سون (١) هڪ سنڌي شاعر پنهنجي شعر ۾ سندن قول جو هن نموني بيان ڪيو آهي.

ساهہ صدقي تو متان آهي اسان جو هي سدا،
تنهنجي نالي پاڪ تان قربان آهيون سيدا.
سر اسان جو آهي هڪڙو جي هجن ها لک هزار،
سڀ ڪريون هڪ آن ۾ صدقي اوهان تان احمدا.
تنهنجي اطاعت تنهنجي حڪمن ۾ سدا آهيون بذل،
تون اسان جو مير مرسل تون اسان جو مقتدا-

فائدو : جنهن جي دل ۾ الله جل جلاله جي نبي عليه الصلواة والسلام جي عظمت ۽ هيبت ناهي ان جي دل ۾ ڪافرن جو ڊپ ۽ هيبت وهندي آهي. بني اسرائيل بہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جو ادب نہ ڪرڻ جي ڪري عمالقه جي قوم کان ڊڄي رهيا هيا. ڏسو فرعون جي طرفان گهرايل جادوگر جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام جي مقابلي لاءِ ميدان ۾ آيا تہ پنهنجي جادوءَ جي علم جو مظاهرو ڪرڻ جي لاءِ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کان سندن ادب ڪندي عرض ڪيائون تہ اول تون لٺ اڇلاءِ، جڻ تہ ڪانئس موڪل گهريائون تہ الله جل شانه کين ايمان جي دولت سان مالا مال ڪيو ۽ جادوءَ جي علم کي ڇڏي الله جي نبي عليه الصلواة والسلام جا اصحابي ۽ پروانا بڻيا. (٢)

"قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ" يعني حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام پنهنجي قوم جي ان جواب کان پوءِ الله جل شانه جي بارگاهہ عاليجاهہ ۾ دعا گهرندي عرض ڪيو تہ:اي منهنجا پالڻهار! مان پنهنجي سر ۽ پنهنجي ڀاءُ (حضرت هارون) کان سواءِ ڪنهن جو مالڪ ناهيان يعني ڪنهن تي بہ اختيار ڪو نہ ٿو رکان. (حضرت يوشع بن نون ۽ ڪالب بن يوقنا کان سواءِ بہ حضرت هارون عليه الصلواة والسلام کي ان جي ڪري ذڪر ڪيو هيائين جو اهو نبي هجڻ جي لحاظ سان نهايت ئي اعتماد جهڙو ۽ معصوم هو) پوءِ اسان ۾ ۽ اسان جي فاسق قوم ۾ جدائي ڪر اسان کي انهن کان پري ڪر ۽ اسان ۾ فيصلو ڪرڻ فرماءِ. ۽ اها سزا ڏين جنهن جا لائق آهن، الله تعالىٰ

(١) صحيح بخاري ڪتاب التفسير ص٦٦٣ جلد٢
(٢) نعيمي ص٣٨٢- ٣٨٣ جلد٦

پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام جي اها دعا قبول كندي "قَالَ فَإِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ أَرْبَعِينَ سَنَةً يَتِيهُونَ فِي الْأَرْضِ" فرمايائين ته اها (شام ملڪ جي سرزمين) انهن تي چاليهه سال حرام آهي هاڻي نه اوڏانهن وڃي سگهندا نه پنهنجي ملڪ مصر ڏانهن- زمين ۾ حيران، سرگردان ۽ پريشان رهندا، هن مان ثابت ٿيو ته الله عز وجل جي طرفان ٻانهن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ نه پوليس ۽ نه انهن جون هٿڪڙيون شرط آهن ۽ نه جيلن جون مضبوط ديوارون ۽ لوهي دروازا، بلڪ اهو جڏهن جنهن کي بند ڪرڻ گهرندو آهي ته اهو کليل ميدان ۾ به بند هوندو آهي، ڇو ته ساري ڪائنات سندس مخلوق ۽ محڪوم آهي، جڏهن ڪائنات کي ڪنهنجي قيد ڪرڻ جو حڪم ڪندو آهي ته زمين،زمان، مڪين، مڪان سڀ ان جي لاءِ جيلر ٿي ويندا آهن پوءِ ٿيو هيئن جو بني اسرائيل جا ڇهه لک ماڻهو مصر ۽ بيت المقدس جي وچ واري ان ميدان تي جيڪو نوي (٩٠) ميل ڊگهو ۽ ستاويهه (٢٧) ميل ويڪرو هو مسلسل چاليهه سال ڀڄندا، ڊڪندا ۽ ڦرندا رهيا ته ڪنهن نموني سان واپس مصر ڏانهن يا شام ڏانهن نڪري وڃون پر نه ٿي سگهيو صبح جو سفر لاءِ نڪرندا هئا، سڄو ڏينهن هلي شام جو ڏسندا هئا ته جتان نڪتا هئا اتي ئي بيٺا آهن. هيڏانهن انهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي چيو هو ته اسين هتي ويٺا آهيون ان جي ڪري ايترو عرصو سزا طور انهن کي وهاري چاليهه سال مٿن شام ملڪ ۾ داخل ٿيڻ حرام ڪيو ويو هو پر هوڏانهن الله جل مجده جو اهو وعدو به هو ته "كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ" اها سرزمين الله عز برهانه اوهان جي حصي ۾ لکي ڇڏي آهي اُن وعدي کي پورو ڪرڻ جي لاءِ انهن بني اسرائيلين جي نسل مان اڀڻ وارن کي جيڪي ان ئي ميدان ۾ ڄاوا وڏا ٿيا هئا شام ملڪ فتح ڪرائي ڏنو ويو اهي چاليهه سال حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما السلام به پنهنجيءَ قوم سان گڏ رهيا هئا پر الٰهي امر جي اطاعت کي ذهن مبارڪ ۾ رکندي پريشانين کان محفوظ ۽ مامون رهيا، انهن تي مالڪ مٿي جون اتي به تمام گهڻيون نعمتون ۽ مهربانيون ٿينديون رهيون، بلڪ سندن دعا سان وري سندن قوم تي مهربانيون ٿيون. سندن قوم وارن کي گرميءَ ۽ اس پريشان ڪيو ۽ پاڻ دعا گهريائون ته الله جل شانه مٿن ڪڪرن جي ڇانو ڪرائي جوجيڏانهن اهي ويندا هئا اوڏانهن ڪڪر سندن مٿان هلندا هيا، پاڻيءَ جي قلت جي ڪري اڃ لڳين الله جل شانه کان ٻنهي نبين عليهما السلام دعائون گهريون ته الله جل شانه حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي اهڙو پٿر عطا فرمايو جيڪو ساڻس گڏ رهندو هو ۽ بوقت ضرورت حضرت موسىٰ

عليه السلام ان کي لٺ هٿندو هو تہ ان مان ٻارهن (١٢) چشما وهي هلندا هئا، ٻک لڳين تہ من ۽ سلويٰ (جنهن جو ذڪر سورة بقره آيت عـ٥٧ جي وضاحت ڪندي هن تفسير جي جلد ١ صـ ٢١٠تي ڪري آيا آهيون) سان کين غذا ڏني وئي رات جو اونداهيءَ جي شڪايت ڪيائون تہ الله جل جلالہ کين هڪڙو نوراني مينار ڏنو جنهن جي روشني ۾ رات جو سيئي ڪم ڪار ڪندا هئا. صحيح روايتن جي مطابق انهن چاليهن سالن جي دور ۾ اول حضرت هارون عليه الصلواة والسلام ۽ ان کان هڪ سال يا ڇهہ مهينا پوءِ حضرت موسىٰ عليه‌السلام جي رحلت ٿي. ان کان پوءِ حضرت يوشع بن نون عليه السلام کي الله جل جلالہ نبوت جي نعمت سان نوازي بني اسرائيل جي هدايت جي لاءِ مقرر فرمايو، ۽ ان جي ئي قيادت ۾ بني اسرائيل جا نوجوان بيت المقدس جي جهاد لاءِ رواناٿيا ۽ الله جي وعدي مطابق شام ملڪ کي فتح ڪري اتي جي بي حساب دولت هٿ ڪيائون (١) "فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ" هن جملي ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام کي فرمايو ويو آهي تہ توهان هن بي فرمان قوم تي افسوس نہ ڪر اهو انبياءَ ڪرام جو نبين عليهم الصلواة والسلام جي فطرت ئي اهڙي هوندي آهي جو اهي پنهنجي امت جي تڪليف ۽ پريشانيءَ کي برداشت نہ ڪري سگهندا آهن. حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي بہ تڏهن روڪيو ويو.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ ابْنَيْ اٰدَمَ بِالْحَقِّ م اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ

۽ پڙهہ انهن جي اڳيان ٻن پٽن آدم جي خبرسچائيءَ سان جڏهن ڏنائون قرباني پوءِ قبول ڪئي وئي

مِنْ اَحَدِهِمَا وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْاٰخَرِ ط قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ط قَالَ اِنَّمَا

هڪڙي جي انهن ٻنهي مان ۽ نہ قبول ڪئي وئي ٻئي جي طرفان چيائين جنهن جي قبول نہ ٿي تہ البتہ ضرور کهندس توکي چيائين تحقيق

يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٧﴾ لَئِنْۢ بَسَطْتَّ اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ

قبول ڪري ٿو الله پرهيزگارن کان البت جيڪڏهن وڌائيءَ مون ڏانهن هٿ پنهنجو تانت کهين مون کي

(١) معارف القرآن صـ ١٠٦جلد ٣

مَآ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيۡکَ لِاَقۡتُلَکَ ج اِنِّيۡٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ

تہ ناهيان مان وڌائيندڙ هٿ پنهنجو تو ڏانهن تانت کهان تانت کهان توکي بيشک مان ڊڄان ٿو الله رب

الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۲۸﴾ اِنِّيۡٓ اُرِيۡدُ اَنۡ تَبُوۡٓءَ بِاِثۡمِيۡ وَاِثۡمِکَ فَتَکُوۡنَ مِنۡ

جهانن جي کان بيشک مان ارادو کيان ٿو تہ کڻين تون گناهہ منهنجو ۽ گناهہ پنهنجو ۽ پوءِ هجين

اَصۡحٰبِ النَّارِ ج وَذٰلِکَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۲۹﴾ فَطَوَّعَتۡ

جهنم وارن مان ۽ اهو بدلو آهي ظالمن جو پوءِ آسان ڪيائين

لَهٗ نَفۡسُهٗ قَتۡلَ اَخِيۡهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصۡبَحَ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۳۰﴾

ان لاءِ سندن نفس ڪهڻ ڀاءُ پنهنجي جو پوءِ ڪناڻهن ان کي پوءِ ٿي پيو نقصان وارن مان

فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبۡحَثُ فِي الۡاَرۡضِ لِيُرِيَهٗ کَيۡفَ يُوَارِيۡ سَوۡءَةَ

پوءِ موڪليو الله ڪانءُ کي جو کوٽي پيو زمين تانت ڏيکاري ان کي تہ ڪيئن پوري لاش

اَخِيۡهِ ط قَالَ يٰوَيۡلَتٰٓى اَعَجَزۡتُ اَنۡ اَکُوۡنَ مِثۡلَ هٰذَا الۡغُرَابِ

ڀاءُ پنهنجي جو چيائين تہ اي افسوس ڇا عاجز ٿيس مان هن کان جو هجان هن ڪانءُ جهڙو

فَاُوَارِيَ سَوۡءَةَ اَخِيۡ ج فَاَصۡبَحَ مِنَ النّٰدِمِيۡنَ ﴿۳۱﴾

پوءِ پوريان لاش ڀاءُ پنهنجي جو پوءِ ٿي پيو پشيمانن مان.

تفسير

حضور صلى الله عليه وسلم جن جا واضح دليل ۽ روشن معجزا ڏسي بہ يهودي سندن

هدايتون قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندا هئا جنهن کان ڪين ڏک پهچندو هو هنن آيتن ۾ الله جل جلاله حضور صلى الله عليه وسلم جن کي حضرت آدم عليه السلام جي ٻن پٽن جو قصو ٻڌائي تسلي ڏئي رهيو آهي ته جيئن انهن مان هڪڙي ٻئي سان حسد ڪري ان کي شهيد ڪيو تيئن هي يهودي به اوهان سان حسد ٿا ڪن ته اوهان حضرت اسماعيل عليه السلام جي اولاد مان ڇو مبعوث ڪيا ويا آهيو؟ صرف ۽ صرف ان جيڪري اوهان جي ۽ اوهان جي آندل دين جي سختيءَ سان مخالفت ڪري رهيا آهن.

حضرت آدم عليه السلام جي ٻن پٽن جو قصو

مفسرن سڳورن صحيح ۽ قوي سند سان لکيو آهي ته جڏهن حضرت آدم عليه السلام ۽ بي بي حوا رضي الله عنها دنيا تي لهي آيا ۽ اولاد ڄڻڻ جو سلسو شروع ٿيو ته هرهڪ دفعي پيٽ مان به جاڙا ٻار هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ ڄمندا هئا ان وقت جڏهن ته آدم عليه السلام جي اولاد ڀيڻ ۽ ڀاءُ کان سواءِ ٻيو انسان دنيا تي نه هيو ته الله جل شانه ان وقت جي ضرورت جي لحاظ ۽ حضرت آدم عليه السلام جي شريعت جي لحاظ سان هيءَ خاص حڪم جاري فرمايو هو ته هڪ ئي پيٽ مان هڪ ئي ڀيري سان جيڪو ڀاءُ ڀيڻ پيدا ٿين انهن جو پاڻ ۾ نڪاح نه ڪيو وڃي پر هڪ پيٽ واري جو ٻئي پيٽ واريءَ ڀيڻ سان نڪاح ڪيو وڃي اهڙي نموني حضرت آدم عليه السلام مان سيده حوا رضي الله عنها کي هڪ دفعي قابيل ۽ ان جي ڀيڻ اقليما ڄاوا ۽ ٻئي دفعي هابيل ۽ ان جي ڀيڻ ليوذا ڄاوا، پر قابيل سان گڏ ڄاول ليوذا ايتري سهڻي نه هئي جڏهن نڪاح جو وقت آيو ته دستور موجب هابيل سان گڏ ڄمڻ واري ليوذا جو نڪاح قابيل سان ڪرڻ جو پروگرام ٿيو ان جي ڪري قابيل ڪاوڙجي هابيل جو دشمن ٿي پيو ۽ ان تي ضد ڪري ويهي رهيو ته مون سان گڏ ڄمڻ واريءَ اقليما جو مون سان نڪاح ڪيو وڃي حضرت آدم عليه السلام پنهنجي شريعت جي قانون مطابق اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ ٻنهي ڀائرن ۾ اختلاف نبيرڻ جي لاءِ هي فيصلو ڪيو ۽ تجويز ڏني ته اوهان ٻئي الله جي بارگاه ۾ پنهنجي پنهنجي قرباني پيش ڪريو جنهن جي قرباني قبول پوي اهو هن حسين نياڻي اقليما سان نڪاح ڪري . ان وقت قرباني قبول ٿيڻ جي واضح نشاني هيءَ هئي ته قرباني رکڻ کان پوءِ آسمان کان باه ايندي هئي الله جل جلاله جنهن جي قرباني قبول ڪندو هو ان کي اها باه ساڙي ڇڏيندي هئي ۽ جنهن جي قبول نه ڪندو هو ان کي نه ساڙيندي هئي. پوءِ هابيل پنهنجي مال جي ڌڻ مان هڪ دنبو

قرباني ڪيو ۽ قابيل اناج ڪڻڪ وغيره، قربانيءَ جي لاءِ پيش ڪيو، دستور مطابق آسمان کان باه آئي جيڪا هابيل جي قربانيءَ کي ساڙي وئي ۽ ان جي مقبول هجڻ جي نشاني ٿي ۽ قابيل جي قرباني جيئن هئي تيئن پئي هئي ، ان جي ڪري قابيل کي وڏيڪ غصو آيو ۽ ناڪاميءَ سان گڏ خواريءَ جي ڪري پنهنجي ڀاءُ کي ڌمڪي ڏنائين جنهن جو ذڪر هتي ڪندي ارشاد ٿيو آهي (١) وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ ابْنَيْ آدَمَ بِالْحَقِّ" يعني اي حبيب ! عليه الصلواة والسلام انهن جي اڳيان حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام جي ٻنهي پٽن جو قصو صحيح ۽ سچو پڙهي ٻڌايو "بِالْحَقِّ" جي لفظ مان ثابت ٿيو ته تاريخي روايتن جي بيان ڪرڻ ۾ وڏو احتياط ڪرڻ لازم آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو ڪوڙ، ڌوڪو ۽ ملاوٽ ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي قرآن پاڪ صرف هتي نه پر ڪيترين جاين تي به انهيءَ اصول تي قائم رهڻ جي هدايت ڪئي آهي، جيئن ارشاد آهي "إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ" (٢) يقينًا هي قصا سچا آهن . ٻئي جاءِ تي فرمان آهي " نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَأَهُمْ بِالْحَقِّ" اسين تنهنجي اڳيان انهن جي خبر حق سان بيان ڪري رهيا آهيون. ٽين جاءِ تي ارشاد آهي "ذَٰلِكَ عِيسَى ابْنُ مَرْيَمَ قَوْلَ الْحَقِّ" اهو عيسىٰ بن مريم (جو بيان) سچو قول آهي. انهن سڀني جاين تي تاريخي واقعات سان گڏ حق جو لفظ آڻي ان ڳالهه جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي ته واقعات جي نقل ڪرڻ ۾ حق ۽ سچ جي رعايت ڪرڻ لازمي آهي. روايتن ۽ حڪايتن جي بنا تي جيتري قدر دنيا ۾ فساد ٿين ٿا انهن سڀني جو بنياد واقعن جي نقل ۾ بي احتياطي ڪرڻ آهي . چو ته عنوان جي لفظ بدلائڻ سان واقعي جي حقيقت مٽجي ويندي آهي اڳين امتن جا مذهب ۽ شريعتون ان ئي بي احتياطيءَ جي ڪري ضايع ٿي ويون ۽ سندن مذهبي ڪتاب پڻ بي سند ۽ بي تحقيق ڳالهين جو مجموعو رهڻ کان سواءِ ڪجهه به نه رهيا . ۽ هتي " بِالْحَقِّ" لفظ آڻڻ مان مقصد قرآن ڪريم جي مخاطبن کي ان طرف به رهنمائي ڪرڻ آهي ته: حضور ﷺ جن جي طرفان هزارن ورهن جا اڳيان واقعا سچا ۽ صحيح بيان ڪرڻ سندن نبوت ۽ مٿن الله جل جلاله جي طرفان وحي نازل ٿيڻ جو پڪو ثبوت آهي چو ته پاڻ دنيا ۾ ڪنهن وٽ پڙهيا نه آهن.

"إِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنْ أَحَدِهِمَا وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْآخَرِ " يعني انهن ٻنهي ڀائرن قرباني ڪئي پوءِ هڪڙي جي طرفان قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي جي طرفان قبول نه ڪئي وئي . "قَالَ

(١) مظهري ص ٢٠٩ جلد ٣ ابن ڪثير ص ٤١ جلد ٢ بيضاوي ڪامل ١٤٧
صفوة التفاسير ص ٢٣٨ جلد ١

لاَقْتُلَنَّكَ " يعني جنهن جي قرباني قبول نہ پئي (قابيل) ان پنهنجي ڀائي ڀاءُ هابيل کي چيو تہ "مان توکي ضرور قتل ڪندس" پر هابيل ان وقت بہ غصي ڪرڻ جي بجاءِ ٺڏو ٿي هڪ اصولي ڳالهہ ڪئي تہ "اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ" يعني الله جل جلالہ جو دستور آهي تہ اهو قرباني يا هر عمل متقي ماڻهن جو قبول ڪندو آهي جيڪڏهن تون بہ تقوىٰ ۽ پرهيز گاري اختيار ڪرين ها تہ تنهنجي بہ قرباني قبول پوي ها پر تنهنجي تقوىٰ نہ ڪرڻ جي ڪري تنهنجي قرباني جيڪڏهن قبول نہ پئي تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور آهي؟

قربانيءَ جي قبوليت جو مدار اخلاص ۽ تقوىٰ تي آهي

آيت جي هن جملي مان ثابت ٿيو تہ اعمال ۽ عبادات جي قبوليت تقوىٰ ۽ خدا جي خوف تي موقوف آهي جنهن ۾ تقوىٰ ناهي ان جا اعمال ۽ عبادتون مقبول ناهن. ابن عساڪر حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ : جيڪڏهن مون کي علم هجي تہ الله جل شانه منهنجو هي عمل قبول ڪيو آهي تہ اهو مون کي ساري روءِ زمين سون سان ڀرجي ملڻ کان وڌيڪ پيارو آهي، (١) جڏهن حضرت عامر بن عبد الله جي وفات جو وقت آيو تہ روئڻ لڳو ڪيس چيو ويو تہ ڇو روئڻ لڳا آهيو؟ اوهان تہ هي ڀلا ڪم ڪيا آهن فرمايائين تہ الله جل شانه جو هي فرمان ٻڌي روئي رهيو آهيان . "اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ " الله تقوىٰ وارن جائي عمل قبول ڪندو آهي. (٢) خبر ناهي تہ مون وارا عمل قبول ڪيائين يا نہ. ابن ابي حاتم حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن ماڻهو هڪ ميدان ۾ قابو ڪيا ويندا پوءِ سڏيندڙ سڏي چوندو تہ: متقي ڪٿي آهن ؟ پوءِ اهي الله جي رحمت ۾ اهڙي نموني ايندا جو الله جل شانه انهن کان نہ پردي ۾ هوندو نہ لڪل ڪليل نموني پيا رب جو ديدار ڪندا (راوي چوي ٿو تہ مون حضرت معاذ کان) پڇيو تہ : اهي متقي ڪير آهن ؟ چيائين تہ جيڪي شرڪ ۽ بتن جي عبادت کان بچيا ۽ عبادت ۾ اخلاص ڪيائون. پوءِ اهي ان ميدان مان بهشت ڏانهن لنگهي ويندا (٣) "لَئِنْ بَسَطْتَّ اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ مَآ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيْكَ لِاَقْتُلَكَ" يعني جيڪڏهن تون موڏانهن پنهنجو هٿ ان جي لاءِ وڌائيندي جو مون کي قتل ڪرين تہ بہ مان توڏانهن پنهنجو هٿ نہ وڌائيندس حالانڪ تنهنجي هٿ وڌائڻ کان پوءِ مون کي بہ جوابي ڪاروائي ڪرڻ جو حق آهي ۽

(١) مظهري صـ٨ جلد ٣ (٢) الڪشاف صـ٦٠٦ جلد ١
(٣) القاسمي صـ ١٥٩ جلد ۴

ظاهري سبب ملي ٿو تہ مان توڏانهن هٿ وڌايان پر جڏهن تہ مون کي هٿ وڌائڻ جي لاءِ اهڙو کو نص مليل نہ آهي ان جي ڪري اهڙي ڪم ڪرڻ کان بچڻ ۾ احتياط آهي. "اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ" يقيناً مان پنهنجي الله، جهانن جي پالڻهار کان ڊڄان ٿو تہ مون کان کو گناهہ جو ڪم صادر نہ ٿئي "اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْۗءَ بِاِثْمِيْ وَاِثْمِكَ فَتَكُوْنَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ" يعني منهنجو ارادو آهي تہ مان تو ڏانهن هٿ بہ سنئون نہ ڪيان پر جيڪڏهن تون زيادتي ڪندين تہ منهنجي مارڻ جو ۽ پنهنجي حسد جو گناهہ کڻين جهنم وارن مان ٿي ويندين، ڇو تہ تون بابا آدم عليه الصلواة والسلام ۽ مون ڀاءُ جي نصيحت نہ ٿو مڃين "وَذٰلِكَ جَزٰۗؤُا الظّٰلِمِيْنَ" ۽ اهائي ظالمن جي سزا آهي" فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ" يعني پوءِ سندس نفس ڪيس ڀاءُ جو قتل ڪرڻ آسان ڪري ڏيکاريو ۽ ان جي رغبت ڏيارڻ تي ڀاءُ کي پٿر هڻي ماري وڌائين" فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" پوءِ نقصان وارن مان ٿيو. مفسر خازن لکيو آهي تہ اهو قتل جو واقعو نور جبل تي ٿيو هو. ۽ ان وقت هابيل جي عمر ٢٠ سال هئي (١)

ڪنهن بہ برائيءَ جي بانيءَ تي قيامت تائين ان برائيءَ جي ڀڃڪندڙن جو گناهہ بہ پوندو رهندو.

امام بخاري ۽ امام مسلم حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ" لَا تُقْتَلُ نَفْسٌ ظُلْمًا اِلَّا كَانَ عَلَي ابْنَ آدَمَ الْاَوَّلِ كِفْلٌ مِّنْ دَمِهَا لِاَنَّهٗ مَنْ سَنَّ الْقَتْلَ" (٢) يعني ڪو بہ ماڻهو ظلم سان قتل ڪيو ٿو وڃي تہ ان جي قتل جي گناهہ جو حصو (حضرت) آدم (عليه الصلواة والسلام) جي پهرئين پٽ (قابيل) تي بہ پوندو، ڇو تہ ان ئي ڪهڻ جو طريقو جاري ڪيو هو. جڏهن قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي ماري ميدان ۾ ڇڏيو ڪيو تہ جهنگل جا جانور ۽ پکي ان کي کائڻ جي لاءِ گڏ ٿي ويا پوءِ اهو ڳالهہ ان کي ڳري لڳي ۽ سوچڻ لڳو تہ هن کي ڪٿي ۽ ڪيئن محفوظ طريقي سان رکي، الله جل شانہ جي مرضي ٿي تہ هن کي ڀاءُ جي دفن ڪرڻ جو طريقو سيکارجي "فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبْحَثُ فِي الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ سَوْءَةَ اَخِيْهِ" پوءِ الله جل جلالہ هڪ ڪانوَ کي موڪليو جنهن پنهنجي ٻئي مري ويل ڪانوَ جي لاءِ چهنب سان زمين کوٽي ان کي ان ۾ دفن ڪيو تانتہ قابيل کي ڏيکاري تہ پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي ڪيئن دفن ڪري. "قَالَ يٰوَيْلَتٰٓى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ

(١) خازن ص٤٥٦ جلد١ (٢) فتح القدير ص٣٢ جلد٢

فَاُوَارِيَ سَوءَةَ اَخِيۡ " ان ڪانوَ جي ڪم ڪي ڏسي (قابيل) چيو تہ ڇا مان هن ڪانوَ ڪان بہ عاجز ٿي ويس جو پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي دفن ڪيان، پوءِ ڪڏ ڪوٽي پنهنجي ڀاءُ جو لاشو دفن ڪري ڇڏيائين. "فَاَصۡبَحَ مِنَ النّٰدِمِيۡنَ" پوءِ پشيمانن مان ٿيو، جو ڏٺائين تہ پيءُ ۽ ماءُ بہ ناراض ٿيا ۽ دنيا ۾ بدنامي ۽ آخرت ۾ عذاب جو حقدار ٿي ويس.

هابيل جي قتل ٿيڻ ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هابيل جي قتل ٿيڻ ڪان پوءِ ست ڏينهن ڌرتي ڏڪندي رهي، زمين هابيل جي رت کي پاٽيءَ وانگر پي وئي الله جل شانہ قابيل کي آزمائڻ لاءِ قدرتي آواز سان فرمايو تہ: تنهنجو ڀاءُ ڪٿي آهي؟ چيائين تہ مون کي ڪهڙي خبر؟ مان ان جو چوڪيدار تہ نہ هوس، الله جل شانہ فرمايو تہ: تنهنجي ڀاءُ جو رت مون کي زمين جي اندران دانهن ڏئي رهيو آهي، ٻڌاءِ تہ هابيل کي ڇو قتل ڪيئي؟ الله جل شانہ کي چوڻ لڳو تہ هابيل جو رت آهي ڪٿي؟ جي ڪيس مان قتل ڪيان ها تہ ان جو رت تہ زمين تي هجي ها، پوءِ الله جل شانہ زمين کي حڪم ڪري ڇڏيو تہ آينده لاءِ ڪنهن جي بہ رت کي نہ چوسي تانت خبر پوي تہ هتي رت وهايو ويو ۽ خون ڪيو ويو آهي، جڏهن قابيل هابيل کي قتل ڪيو تہ هڪ طرف حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ۽ امان حوا سائڻ رضي الله عنها کي سخت صدمو رسيو ۽ ٻئي طرف قدرتي ڏمر جي ڪري وڻن ۾ ڪنڊا پيدا ٿيا. ميوي دار وڻن جي ميون مان ڪي ڪٽا ڪي ڪڙا تہ ڪي ڦڪا ٿيا جيڪي اڳ ۾ نہ هيا زمين تي غبار آلوده هوائون ۽ انڌوڪار ٿيڻ شروع ٿيا، حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ان واقعي ڪان پوءِ هڪ سال دنيا تي ظاهري زندگيءَ سان زنده رهيو، هميشہ پنهنجي ڪنل پٽ جي ياد ۽ کهندڙ پٽ جي بي فرمانيءَ جي صدمي ڪان روئندو رهيو ۽ ڪنهن کي بہ ڪڏهن کلندي نظر نہ آيو (۱)

مِنۡ اَجۡلِ ذٰلِكَ ۛۚ كَتَبۡنَا عَلٰى بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَنَّهٗ مَنۡ قَتَلَ نَفۡسًا

انهيءَ سبب جي ڪري لازم ڪيوسون بني اسرائيل تي تہ بيشڪ جنهن ڪنو ڪنهن نفس کي بغير

بِغَيۡرِ نَفۡسٍ اَوۡ فَسَادٍ فِى الۡاَرۡضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ

(بدلي) قصاص جي يا بغير فساد ڪرڻ جي زمين ۾ پوءِ ڄڻ تہ ڪنائين ماڻهن مڙني کي

(۱) تنويرالايمان ص۳۹ پ٦

وَمَنۡ اَحۡيَاهَا فَكَاَنَّمَآ اَحۡيَا النَّاسَ جَمِيۡعًا ۗ وَلَقَدۡ جَآءَتۡهُمۡ

۽ جنهن بچايو ان کي پوءِ ڄڻ تہ بچايائين ماڻهن مڙني کي ۽ البت تحقيق آيا

رُسُلُنَا بِالۡبَيِّنٰتِ ثُمَّ اِنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ بَعۡدَ ذٰلِكَ فِى الۡاَرۡضِ

انهن وٽ رسول اسان جا چٽن دليلن سان تنهن کان پوءِ بيشڪ گهڻا انهن مان ان کان پوءِ زمين ۾

لَمُسۡرِفُوۡنَ ﴿۳۲﴾

البت حد کان لگهندڙ آهن.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪنهن کي ناحق قتل ڪرڻ ايڏو وڏو گناهہ آهي جو ان جي ڪري حضرت آدم عليه السلام، جي پٽ کي بہ مردود بنايو ويو جيئن ارشاد ٿيو "فَاَصۡبَحَ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ" (پوءِ ٿي پيو نقصان وارن مان) ۽ سندس دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد ٿي ويا. هاڻي ٻڌايو ٿو وڃي تہ "مِنۡ اَجۡلِ ذٰلِكَ كَتَبۡنَا عَلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَنَّهٗ مَنۡ قَتَلَ نَفۡسًا ۢ بِغَيۡرِ نَفۡسٍ اَوۡ فَسَادٍ فِى الۡاَرۡضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيۡعًا" يعني (ناحق قتل ڪرڻ ۾ جيڪو دنيوي ۽ اخروي نقصان آهي ۽ ان تي جيڪي برا نتيجا مرتب ٿين ٿا تانجو گهڻو وقت قاتل پاڻ بہ ان قتل تي پريشان ٿي افسوس جا هٿ ملي ٿو) ان جي ڪري اسان بني اسرائيل تي لازم ڪيو هو تہ يقينًا جنهن ماڻهوءَ ٻئي ماڻهوءَ کي قصاص ۽ زمين ۾ فساد ڪرڻ کان سواءِ قتل ڪيو ان ڄڻ تہ سيني ماڻهن کي ناحق قتل ڪيو. ايڏو ان تي گناهہ ٿئي ٿو. مٿس الله جل شانه جو غضب ۽ لعنت آهي ۽ ان جي لاءِ جهنم جو عذاب ثابت آهي. "وَمَنۡ اَحۡيَاهَا فَكَاَنَّمَآ اَحۡيَا النَّاسَ جَمِيۡعًا" يعني جنهن هڪ نفس (ماڻهوءَ) کي جيئرو رکيو. (ان جي جيئري رهڻ جو سبب بڻيو) ڄڻ تہ سيني ماڻهن کي جيئرو رکيائين، مقصد تہ ان کي ناحق قتل ٿيڻ کان بچايائين، ان جون مختلف صورتون آهن ١- ڪو ماڻهو بک ۾ مري رهيو هو ان کي کاڌو کارايائين. يا ڪو ناحق قتل ٿي رهيو هو ان کي ڇڏايائين، تہ ڄڻ سيني جي

زندگي بچايائين.

فائدو: هتي"اَحْيَا" (جيئرو ڪيائين) جي نسبت پاڻهي ڏي ان جي ڪري ڪئي ويئي آهي جو اهو هن جي زندگيءَ بچڻ جو سبب بڻيو آهي، جنهن مان ثابت ٿيو ته ڪنهن به ڪم جي نسبت ان جي سبب ڏي ڪرڻ جائز آهي،ان جي ڪري هيئن چوڻ ته حضورعليه الصلواة والسلام جن دين، ايمان، دولت، جنت وغيرها ڏين ٿا جائز آهي، ڇو ته پاڻ الله جل شانه جي نعمتن ملڻ جو سبب ۽ ذريعو آهن سندن ئي واسطي سان دنيا کي نعمتون ملن ٿيون.

"وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ فِي الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ"

يعني انهن بني اسرائيلين وٽ اسان جا رسول (عليهم الصلواة والسلام) ڪليل احڪام روشن دليل ۽ معجزا وغيرها کڻي آيا هئا ،ان ڪان پوءِ به تحقيق هي آهي ته انهن مان گهڻا حد ڪان لنگهندڙ آهن جو اهڙا ڪليل معجزا ڏسي ۽ صاف احڪام ٻڌي به پنهنجي ظلم، سرڪشيءَ ۽ زيادتين ڪان باز نه ٿا اچن،معصومن نبين عليهم الصلواة والسلام کي شهيد ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ ناحق خون وهائڻ سندن عادت رهي آهي ۽ هاڻي به حضور پر نور عليه الصلواةوالسلام جن کي (معاذالله) شهيد ڪرڻ يا ايذاء پهچائڻ ۽ عام مسلمانن کي ذليل ڪرڻ جي لاءِ هر قسم جون ناپاڪ سازشون ڪري رهيا آهن ۽ اهو نه ٿا سمجهن ته جڏهن توراة جي حڪم موافق به ڪنهن عام ماڻهوءَ جو مارڻ ايڏو وڏو گناهه آهي، جو چڻ ته ان جي قاتل سيني ماڻهن کي قتل ڪيو ته دنيا جي سيني ڪان مٿاهين ڪامل ۽ سيني ڪان زياده مقدس ذات صلى الله عليه وسلم جن کي (معاذالله) شهيد ڪرڻ يا مسلمانن کي ذلت ۽ايذاءُ پهچائڻ جي پويان پوڻ ۽ انهن سان ويڙهه ۽ مقابلي جي لاءِ سندرو ٻڌي ٻيهڻ الله جل شانه وٽ ڪيڏو نه وڏو گناهه هوندو. الله جل جلاله جي پيارن سان ويڙهه ڪرڻ حقيقت ۾ الله جل شانه سان ويڙهه ڪرڻ آهي ۽ شايد ان جي ڪري ئي اڳئين آيت ۾ انهن ماڻهن جي دنيوي ۽ اخروي سزا جو ذڪر ڪيو ويو آهي،جيڪي الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام سان لڙائي ڪن ٿا يا دنيا ۾ نموني، نموني جا فساد برپا ڪري "لَمُسْرِفُوْنَ" ۾ داخل ٿين ٿا.

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِي الْاَرْضِ

بيشڪ بدلو انهن جو جيڪي جنگ ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسول سان ۽ ڪوشش ڪن ٿا زمين ۾

فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْٓا اَوْ يُصَلَّبُوْٓا اَوْ تُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ مِّنْ

فساد پکيڙڻ جي هي آهي تہ قتل ڪيا وڃن يا ڦاسي ڏنا وڃن يا ڪٽيا وڃن سندن هٿ ۽ پير

خِلَافٍ اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ ۭ ذٰلِكَ لَهُمْ خِزْيٌ فِي الدُّنْيَا

سندن ابتڙ يا تڙيا وڃن زمين مان اها انهن لاءِ خواري آهي دنيا ۾

وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٣٣﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْ

۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ عذاب وڏو آهي مگر جن توبه ڪئي ان کان

قَبْلِ اَنْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهِمْ ۚ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٤﴾ ع

اڳي جو قادر ٿيو اوهان انهن تي پوءِ پڪ ڄاڻو تہ بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ناجائز ۽ حرام ڪيل قتل جو ذڪر هو، هاڻي هتي جائز قتل بلڪ واجب ڪيل قتل جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ "اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِي الْاَرْضِ فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْٓا اَوْ يُصَلَّبُوْٓا اَوْ تُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ مِّنْ خِلَافٍ اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ" يعني انهن شخصن جي جيڪي الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪن ٿا يا زمين ۾ فساد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا سزا هيءَ آهي جو قتل ڪيا وڃن يا ڦاسيءَ تي چاڙهيا وڃن يا انهن جا هٿ ۽ پير مختلف پاسن کان ڪٽيا وڃن يا زمين مان تڙيا وڃن، مفسرن لکيو آهي تہ جن محاربن ويڙهه ڪندڙن جي سزا جو هتي ذڪر آهي انهن جي لاءِ ٽي شرط آهن ١- تہ بندوق، تلوار، نيزه وغيره هٿيارن سان مسلح هجن ٢- ماڻهن جي آباديءَ کان ٻاهر ميدان يا رستي تي ڦرمار ڪن ٣- ڪليءَ طرح

ماڻهن کي لٽين، لکل نه هجن، ته پوءِ اهي ان سزا جا حقدار آهن، اهڙن ماڻهن جي لاءِ قرآن ڪريم چار سزائون مقرر ڪيون آهن.١- ته انهن کي قتل ڪيو وڃي، "يُقَتَّلُوٓا" تقتيل ڪان ورتل سختيءَ ۽ مبالغي جي لاءِ آيل آهي، يعني انهن ويڙهه ڪندڙن کي جيڪڏهن مقتول (ڪٺل) جا وارث معاف ڪري ڇڏين ته به قتل ڪيا ويندا، ڇو ته هنن جي خلاف عوام جي نمائنده حڪومت مدعي آهي، وارثن جو نجو معاملو ناهي٢- ته انهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي ٣- ته انهن جا سڄا هٿ ۽ کٻا پير وڍيا وڃن٤- انهن کي قيد ڪيو وڃي. قرآن پاڪ جي لفظ" او" جي متعلق بعضي علماءِ جو خيال آهي ته اهو اختيار ڏيڻ جي لاءِ آهي يعني وقت جي حاڪم کي اختيار آهي جو انهن سزائن مان جيڪا به سزا مناسب سمجهي انهنکيڏي پر جمهور علماءِ جو قول آهي ته سزا ڏوهه جي مطابق هوندي جيترو ڏوهه سخت هوندو اوتري سزا به سخت هوندي، حنفي علماءِ فرمايو آهي ته جيڪڏهن انهن صرف قتل ڪيو آهي ته قتل ڪيا ويندا ۽ مقتولن (ڪٺلن) جي وارثن جي طرفان بخشڻ سان به بخش نه ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن قتل ڪرڻ سان گڏ مال به لٽيو اٿن ته ٻين کي عبرت وٺرائڻ جي لاءِ انهن کي ڪليي رستي تي ڦاسي ڏئي ٽنگيو ويندو ۽ جيڪڏهن انهن قتل نه ڪيو آهي صرف مال لٽيو آهي ته انهن جا سڄا هٿ ۽ کٻا پير وڍيا ويندا (١) ۽ جيڪڏهن انهن نه قتل ڪيو نه مال لٽيو صرف ماڻهن ۾ ڊپ ۽ هراس پيدا ڪيو ته پوءِ قيد ڪيا ويندا.

شان نزول

قرآن پاڪ جي مفسر قرطبيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: جمهور جو قول هي آهي ته اها آيت عرنيين جي باري ۾ نازل ٿي هئي، محدثن ڀلارن روايت آندي آهي ته عڪل يا عرينه قبيلي جا ماڻهو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ مدينه منوره ۾ آيا ۽ انهن کي پيٽ ۾ سور جي سخت تڪليف ٿي پئي پاڻ انهن جي لاءِ صدقي جون ڏاچيون مقرر ڪرائي فرمايائون ته "انهن جو کير وغيره پيو ته ٺيڪ ٿي ويندؤ" جڏهن صحت ياب ٿيا ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان مقرر ڪيل ڏاچين جي يسار نالي ڏنار کي قتل ڪري ۽ سيرت ۽ تاريخ لکندڙن جي بقول ان جا هٿ ۽ پير وڍي ان جي اکين ۾ ڪندا ٽنبي ڏاچيون ڪاهي ويا ۽ اهو وفات ڪري ويو، ان وفات ڪيل کي مديني ۾ کڻي آيا. جيئن جو صبح جو اها خبر حضور عليه

(١) روح المعاني ص١١٩ جلد٢ جزءِ٦

الصلواة والسلام جن کي پهتي ته پاڻ انهن کي پڌڻ جي لاءِ سندن
پويان ماڻهو موڪليائون ۽ اجان منجهند نه ٿي هئي ته اهي گرفتار ٿي مديني ۾ پهتا پوءِ
جيئن انهن سندن ڏنار يسار جا هٿ ۽ پير وڍيا هيا، تيئن انهن جا به هٿ ۽ پير
وڍيا ويا ۽ جيئن ان جي اکين ۾ ڪنڊا ٽنبيا هيائون سندن جي اکين سان به اهائي
حالت ڪري گرميءَ ۾ اڇلايا وياتان جو مري ويا انهن جي باري ۾ هيءَ آيت مبارڪ
نازل ٿي (١) "اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ" يعني جيڪڏهن قتل ڦرمار نه ڪئي اٿن ته پوءِ زمين
مان تڙيا ويندا. هن جملي جي معنيٰ ۾ مختلف قول آهن، بعضي فقيهن فرمايو ته انهن
کي مسلمانن جي ملڪ مان ڪڍيو ويندو، بعضي فرمائن ٿا ته جتي ڏوهه ڪيو اٿن
اتاهين ڪڍي ڇڏبا. پر اصحابن سڳورن مان حضرت عمر بن خطاب ۽ تابعن مجتهدن
مان امام ابو حنيفه عليه الرحمه فرمايو آهي ته جيڪڏهن اتاهين ڪڍي ڇڏبا ته پئي
هنڌ وڃي ساڳيا ڏوهه ڪندا ان جي ڪري انهن کي جيل ۾ رکيو ويندو جو اتي قابو هجڻ جي
ڪري گهمي ڦري نه سگهندا.

سوال: اڄ ڪالهه جي ظالمن جو طريقو هيءُ آهي جو هٿيار بند ٿي اچن ٿا ۽
ڦرمار ۽ قتل سان گڏ عورتن جي عزت لٽين ٿا جيڪو "وَيَسْعَوْنَ فِي الْاَرْضِ فَسَادًا" جي
جملي مطابق سڀني جرمن ۽ ڏوهن تي مشتمل آهي ته انهن جي لاءِ سزا ڪهڙي آهي؟

جواب: انهن جي لاءِ حاڪم ۽ امير جي اختيار تي فيصلو ڇڏيل آهي اهو مٿي
ذڪر ڪيل سزائن مان جيڪا به سندن ڏوهه ڪي وڏيڪ مناسب سزا سمجهي ڏئي
ڇڏي. جيڪڏهن انهن جي بدڪاريءَ جو شرعي ثبوت ملي ته انهن تي زنا جي حد به جاري
ڪري (٢) "ذٰلِكَ لَهُمْ خِزْيٌ فِي الدُّنْيَا وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ" يعني اها
دنيوي سزا انهن ظالمن جي لاءِ دنيوي حياتيءَ ۾ خواري آهي ۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾
اجان وڏو عذاب رهيو پيو آهي، جيڪو کين ضرور ملندو، هن مان ثابت ٿيو ته سچي
توبه کان سواءِ شرعي حدود جي جاري ڪرڻ کان پوءِ به اخروي سزا معاف نه
ٿيندي، "اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهِمْ" يعني جن شخصن حڪومت جي گرفت
۾ اچڻ کان اڳ ۾ انهن ڏوهن کان توبه ڪئي ۽ پاڻ کي حڪومت جي حوالي ڪيو ته
انهن تان الله جل جلاله جا حقوق معاف ٿي ويندا پر جيڪڏهن ڪنهن جو مال لٽيو اٿن
ته اهو واپس ڪرڻو پوندن، جيڪڏهن قتل ڪيو اٿن ته ان جو قصاص يا ديت ادا ڪرڻي
اٿن جيڪڏهن ڪنهن کي ڦٽيو اٿن ته ان جي سزا ڇڪڻي پوندين

---

(١) القرطبي ص١٤٨ جلد٦ (٢) معارف القرآن ص١٢٢ جلد٣

"فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" پوءِ يقين سان ڄاڻو تہ الله بخشيندڙ، مهربان آهي، جيڪو بہ سندس دروازي تي براين ڪان سچي توبہ ڪري ايندو تہ ان کي بخش بہ ڪندو ۽ ان تي رحم بہ فرمائيندو. فائدو — مٿين شان نزول جي واقعي مان ثابت ٿيو تہ اسلام ۾ ڌوهن جي سزا سخت ان جي ڪري رکي وئي آهي تہ ڌوهہ بند ٿين، نرميءَ ڪرڻ جي ڪري ڌوهہ گهٽ نہ ٿيندا آهن ۽ آيت جي لفظ "يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ" مان ثابت آهي تہ الله جي پيارن ٻانهن کي ايذائڻ حقيقت ۾ الله جل شانہ ۽ ان جي پياري رسول مقبول عليه الصلواة والسلام سان جنگ ڪرڻ آهي . بني عرينہ قبيلي جي ماڻهن هڪ صحابي سڳوري کي ايذايو تہ الله جل شانہ ان کي الله ۽ رسول سان جنگ قرار ڏنو ۽ جيئن زمين مان ظالمن کي ختم ڪرڻ ثواب ۽ ڀلو ڪم آهي تيئن ٻيون موذي شيون ختم ڪرڻ بہ ثواب ۽ اجر عظيم آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَجَاهِدُوْا

اي ايمان وارؤ! ڊڄو الله کان ۽ طلب ڪيو ان ڏانهن وسيلو ۽ جهاد ڪيو

فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٣٥﴾

ان جي واٽ ۾ تانتہ اوهان ڪامياب ٿيو.

تفسير

هن کان اڳ ۾ رهزنن ۽ انهن جي سزا جو ذڪر هو هاڻي رهبرن ۽ انهن جي فيوضات ۽ برڪات جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ" يعني اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان ڏانهن وسيلو طلب ڪيو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ الله جل شانہ هن آيت مبارڪہ ۾ ايمان وارن کي تقوىٰ ڪان پوءِ وسيلي طلب ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. وسيلو ڇا آهي؟

"وسيلي جو بيان"

ياد رکو تہ وسيله (فعيله جي وزن تي) وسل ڪان ورتل آهي جنهن جي

معنيٰ آهي ملڻ ۽ ويجهو ٿيڻ ۽ وصل صاد سان ان جي معنيٰ بہ ساڳي آهي پر فرق ايترو آهي تہ وصل (صاد سان) چئبو آهي مطلق ملڻ ۽ ڳنيجڻ کي ۽وسل (سين سان) چئبو آهي محبت ۽ رغبت سان ملڻ ۽ قريب ٿيڻ کي (١) هتي جنهن وسيلي جي طلب ڪرڻ جو امر ٿيل آهي ان مان مراد ڇا آهي؟ ڪن مفسرن لکيو آهي تہ ان مان مراد نيڪ اعمال، سنت جي پيروي ۽ گناهن کان بچاءُ وٺڻ آهي، علامہ آلوسي عليه الرحمه لکيو آهي تہ: "الوسيله هي فعيله بمعني ما يتوسل به ويتقرب الى الله عز وجل من فعل الطاعات وترک المعاصي" (٢) يعني وسيله فعيله جي وزن تي اها شيءِ آهي جنهن سان الله جل شانه ڏانهن وسيلو ورتو وڃي ۽ ان جو قرب حاصل ڪيو وڃي اطاعتن ڪرڻ ۽ گناهن ڇڏڻ سان- علامہ ابن ڪثيرلکيو آهي تہ: اي تقربوا اليه بطاعته والعمل بما يرضيه (٣) يعني وسيلي طلب ڪرڻ جي معنيٰ آهي تہ الله ڏانهن ان جي اطاعت سان ۽ جنهن کان راضي ٿئي ان عمل ڪرڻ سان ويجهڙا ٿيو ۽ ڪيترن مفسرن فرمايو آهي تہ ايمان" يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا " ۾ ذڪر ٿي ويو ۽ نيڪ عمل، اطاعت، عبادات وغيره "اتَّقُوا اللَّهَ" ۾ اچي ويا باقي وسيلي مان مراد رب جا پيارا ٻانها آهن، ۽ تقوىٰ کان پوءِ وسيله طلب ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪو بہ متقي تقوىٰ جي ڪيڏي بہ اعليٰ درجي تي پهچي پر وسيله کان بي نياز نہ ٿو رهي سگهي جيئن مومن مسلمان تقوىٰ جو محتاج آهي تئين هر متقي وسيله وٺڻ جو محتاج آهي[٤] جيئن نيڪ عمل وسيلو آهن تيئن نيڪ شخصيتون بہ وسيلو آهن ۽ نيڪ شخصيتن جو وسيلو وٺڻ قرآني آيتن، نبوي حديثن، اصحاب ڪرام، تابعين عظام مجتهد امامن جي ارشادات ۽ عمل مان ثابت آهي.

قرآن پاڪ مان نيڪ شخصيتن سان وسيلي وٺڻ جادليل

دليل ١: ارشاد رباني آهي، فَتَلَقَّىٰ آدَمُ مِن رَّبِّهِ كَلِمَاتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ إِنَّهُ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيمُ (٥) يعني پوءِ (آدم عليه السلام) پنهنجي رب کان بہ ڪي ڪلما سکيو (۽ انهن جي ڪري الله سندس) توبه قبول ڪرڻ فرمائي، اهي ڪلمات حضور عليه الصلواة والسلام جن سان وسيلو وٺڻ ۽ سندن مهابي معافي گهرڻ وارا هئا.

(١) المفردات ص٥۴٥ (٢) روح المعاني ص١٢۴ جلد٢ جزءُ ٦
(٣) تفسير ابن ڪثير ص٥٢ المراغي ص١٠٩ جلد٢ (۴) تفسير نعيمي ص۴۴٢ ج٦
(٥) سورة البقره آيت٣٧

جيئن هن آيت جي وضاحت ڪندي هن تفسير جي ج١ ص١٨٥ تي لکي آيا آهيون ۽ علامه نبهاني لکيو آهي ته" وقد توسل به ابوه آدم " يعني حضرت آدم عليه الصلواة والسلام حضور صلي الله عليه وسلم جن سان وسيلو ورتو هو(١)

دليل ٢ :" وَكَانُوا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُونَ عَلَى الَّذِينَ كَفَرُوا " (٢) يعني اڳ ۾ ان نبي جي وسيلي سان ڪافرن تي فتح ۽ غلبي حاصل ڪرڻ جي طلب ڪندا هئا، هن مان به ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ شخصيت سان اڳيان امتي وسيلو وٺي فتح ۽ ڪاميابي گهرندا ۽ مرادون ماڻيندا هئا (٣) وڌيڪ تسلي جي لاءِ ڏسو هن عاجز جو لکيل تفسير احسان البيان ص٢٤٥ ج١

نبوي حديثن مان شخصيتن سان وسيلي وٺڻ جا دليل

دليل ١ عثمان بن حنيف کان روايت آهي ته هڪ نابينا مرد نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: الله کان دعا گهرو ته مون کي عافيت ڏي (ڏسندڙ بنائي) پاڻ ڪيس اختيار ڏيندي فرمايائون ته "جيڪڏهن چوين ته دعا گهران ۽ جيڪڏهن صبر ڪرين ته پوءِ اهو تنهن جي لاءِ ڀلو آهي" ان عرض ڪيو ته دعا گهرو، پوءِ پاڻ ان کي امر ڪيائون ته سهڻي نموني وضو ڪري ۽ هنن لفظن سان دعا گهر، اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُکَ وَاَتَوَجَّهُ اِلَيْکَ بِنَبِيِّکَ مُحَمَّدٍ نَبِيِّ الرَّحْمَةِ يَا مُحَمَّدُ! اِنِّيْ تَوَجَّهْتُ بِکَ اِلٰي رَبِّيْ فِيْ حَاجَتِيْ هٰذِهٖ لِتُقْضٰي لِيْ اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعْهُ فِيَّ (٤) يعني اي الله يقيناً مان توکان سوال ٿو ڪريان ۽ تو ڏانهن تنهنجي نبي محمد، رحمت واري نبي جو مهابو ٿو وٺان يا رسول الله مان پنهنجي رب ڏانهن اوهان جو مهابو ٿو وٺان پنهنجيءَ هن حاجت ۾ تانت پوري ڪئي وڃي، اي الله پوءِ منهنجي حق ۾ سندن شفاعت قبول ڪرڻ فرماءِ، هن حديث کي سڀني محدثن صحيح تسليم ڪيو آهي ۽ تفسير المنار جي مصنف لکيو آهي ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي دعا سان اهو نابينا سجو ٿي پيو هو (٥) ۽ ان تي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي رحلت کان پوءِ اصحابن ۽ تابعن جو عمل رهيو هو (شواهد الحق ص١٥٥ بحواله طبراني، بيهقي)

دليل٢ : محدث طبرانيءَ ڪبير ۽ اوسط ۾، ابن حبان ۽ حاڪم صحيح سندن سان حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته جڏهن حضرت علي جي ماءُ ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پرورش ڪرڻ واري سائڻ

(١) شواهد الحق ص١٥٦ (٢) سورة البقره آيت ٨٩ (٣) روح المعاني- القرطبي ص ٣٢٠ جلد١ ص٢٧ ج٢
(٣) ترمذي ص١٩٨ جلد٢ ابواب الدعوات (٥) المنار ص٣٧٤ جلد٦

سيده فاطمه بنت اسد رضي الله عنها وفات ڪئي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن سندس مٿان آيا ۽ ڪيس مخاطب ٿي فرمايائون تہ "منهنجي ڄڻڻ واريءَ امان ڪان پوءِ منهنجي امان! الله توتي رحمت ڪري، پاڻ ان جي ٿنا ڪيائون ۽ پنهنجي چادر مبارڪ ان جي ڪفن لاءِ ڏنائون ۽ سندس قبر کوٽڻ جو حڪم ڏنائون جڏهن قبر کوٽي وئي تہ پاڻ ان ۾ اندر گهڙي ليٽيا ان ڪان پوءِ دعا جا هي الفاظ فرمايائون" اَللّٰهُ الَّذِيْ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَا يَمُوْتُ اِغْفِرْ لِاُمِّيْ فَاطِمَةَ بِنْتِ اَسَدٍ وَوَسِّعْ عَلَيْهَا مُدْخَلَهَا بِحَقِّ نَبِيِّكَ وَالْاَنْبِيَاءِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِيْ فَاِنَّكَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ" يعني الله اهو آهي جيڪو جياري ۽ ماري ٿو ۽ پاڻ جيئرو آهي، مرڻو ناهي، اي الله! منهنجي ماءُ فاطمه اسد بنت بيءَ کي مغفرت نصيب ڪر ۽ ان جي قبر کي ڪشادو ڪر پنهنجي نبي (حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي ذات لاءِ فرمايو) ۽ مون ڪان اڳين نبين (عليهم الصلواة والسلام) جي مهابي يقيناً تون رحم ڪندڙن ۾ نهايت گهڻو رحم ڪندڙ آهين، اهڙيءَ طرح ابن ابي شيبه حضرت جابر رضي الله عنه ڪان ۽ ابن عبدالبر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان ۽ الحلية ۾ ابو نعيم حضرت انس رضي الله عنه ڪان اها روايت آندي آهي (١)

اصحابن سڳورن ڪان نيڪ شخصيتن سان وسيلو وٺڻ جا دليل

دليل١ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ جڏهن بہ ماڻهن ۾ ڏڪار جون حالتون پيدا ٿينديون هيون تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه حضرت عباس بن عبدالمطلب رضي الله عنه سان وسيلو وٺندي هيئن دعا گهرندو هو. اَللّٰهُمَّ اِنَّا كُنَّا نَتَوَسَّلُ اِلَيْكَ بِنَبِيِّنَا فَتَسْقِيْنَا وَاِنَّا نَتَوَسَّلُ اِلَيْكَ بِعَمِّ نَبِيِّنَا فَاسْقِنَا - اي الله! اسين تنهنجي ذات ڏانهن تنهنجي نبي (صلى الله عليه وسلم) سان وسيلو وٺندا هئاسين پوءِ اسان کي مينهن وسائي پاڻي پياريندو هئين ۽ (هاڻي) اسين تنهنجي پاڪ ذات ڏانهن پنهنجي نبي جي چاچي سان وسيلو ٿا وٺون پوءِ اسان کي مينهن وسائي پاڻي پيار، حضرت انس فرمايو تہ: پوءِ مينهن وسائي پاڻي پياريا ويندا هئا (٢) هن حديث مان ثابت ٿيو تہ شخصيتن سان وسيلو وٺڻ حضرت عمر رضي الله عنه جو معمول ۽ الله جل شانه وٽ مقبول هو تڏهن تہ مينهن وسيو ٿي، علامه شهاب الدين احمد قسطلاني هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ ان وسيلي واريءَ دعا سان ايترو مينهن وسيو جو ملڪ آباد ٿيو ۽ اهو ٩ مهينا ڪن هليو هو (٣)

---

(١) شواهدالحق ص١٥۴ (٢) بخاري شريف ص١٣٧ جلد١ باب الاستسقاء
(٣) ارشاد الساري شرح البخاري ص٢٣٨ جلد٢

هڪ اهم سمجهاڻي

وسيلي جا منڪر علامہ ابن تيميہ ۽ ٻيا چوندا آهن تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ظاهري رحلت کان پوءِ ساڻن وسيلو وٺڻ جائز ناهي، ڇو تہ جيڪڏهن جائز هجي ها تہ حضرت عمر ساڻن ئي وسيلو وٺي ها حضرت عباس رضي الله عنه سان وسيلو نہ وٺي ها، پر اهو ڇوڻ غلط آهي مون عاجز گنهگار کي دل ۾ ڪيترا ڀيرا خيال ايندو هو تہ حضرت عمر رضي الله عنه جو حضرت عباس رضي الله عنه سان وسيلو وٺڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي رحلت کان پوءِ سندن جي وسيلي وٺڻ کي ناجائز سمجهڻ جي ڪري نہ پر اهو ٻڌائڻ لاءِ هو تہ جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن سان وسيلو وٺڻ جائز آهي تيئن سندن پيارن سان وسيلو وٺڻ بہ جائز آهي ۽ اها ساڳي ڳالهہ علامہ نبهاني عليه الرحمة بہ لکي آهي (١)

دليل ٢: بيهقيءَ ۽ ابن ابي شيبه صحيح سند سان روايت آندي آهي تہ هڪ ڀيري ڏڪار جي حالت پيدا ٿي حضور عليه الصلواة والسلام جن جو صحابي حضرت بلال بن الحارث رضي الله عنه حضور عليه الصلواة والسلام جن جي قبر مبارڪ تي حاضري ڏئي ڪين عرض ڪيو تہ: يا رسول الله! امت جي لاءِ مينهن گهرايو اهي هلاڪ ٿي رهيا آهن، عرض ڪري موٽي ويو رات جو خواب ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي زيارت ٿيس پاڻ ٻڌايائونس تہ مينهن وسندو (٢) اصحابيءَ سڳوري جي طرفان حضور عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ پاڻ دنيامان ظاهري رحلت ڪرڻ کان پڄاڻان بہ الله جي بارگاهہ ۾ عرض ڪرڻ لاءِ وسيلو آهن ۽ اصحابن جو اهو اعتقاد هو.

مجتهدن امامن جي طرفان شخصيتن سان وسيلي وٺڻ جا دليل

دليل ١- علامہ قاضي عياض الشفا ۾، امام سبڪي شفاء السقام ۾، علامہ سمهودي خلاصة الوفا ۾، محدث قسطلاني مواهب لدنيه ۾، ابن حجر مڪي الجوهر المنظم ۾، زرقاني شرح المواهب ۾، قوي ۽ صحيح سندن سان آندو آهي تہ جڏهن عباسي خليفن ۾ ٻيو خليفو ۽ گهڻن خليفن جو ڏاڏو خليفو منصور حج ڪري مدينہ منوره ۾ پهتو ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي مزار پر انوار جي زيارت ڪري دعا گهرڻ لاءِ تيار ٿيو تہ مجتهد مطلق امام مالڪ عليه الرحمة کان

(١) شواهد الحق ص١٥٧ (٢) حوالو ساڳيو ص١٥٥

پچيائين تہ بيت الله ڏانهن منهن ڪري دعا گهران يا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڏانهن؟ امام مالڪ ڪيس فرمايو تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪان منهن ڇو ٿو ڦيرائين؟حالانڪ پاڻ تنهنجو ۽ تنهنجي ابي آدم عليه السلام جو الله ڏانهن وسيلو آهن، ڪين سامهون ٿي بيهہ ۽ ڪائنئن شفاعت طلب ڪر تہ الله جل جلالہ تنهنجي حق ۾ سندن شفاعت قبول ڪرڻ فرمائي (١) هن مان بہ ثبوت مليو تہ امام مالڪ وٽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات ۽ شخصيت مبارڪ وسيلو آهن.

دليل ٢ : علامه ابن عابدين شامي ۽ علامه محمد زاهد الڪوثري عليهما الرحمة حضرت امام شافعي عليه الرحمة جو فرمان آندو آهي تہ اني لاتبرک بابي حنيفة واجي الي قبره فاذا عرضت لي حاجة صليت رڪعتين وسألت الله تعاليٰ عند قبره فتقضيٰ سريعا (٢) يعني مان (حضرت امام) ابو حنيفه (عليه الرحمة والغفران) سان برڪت حاصل ڪندو آهيان ۽ ان جي قبر مبارڪ ڏانهن ايندو آهيان ۽ جيڪڏهن مون کي ڪا حاجت درپيش ايندي آهي تہ بہ رڪعتون نماز پڙهندو آهيان ۽ ان جي قبر مبارڪ وٽ الله جل شانہ کان دعا گهرندو آهيان تہ جلد پوري ڪئي ويندي آهي، ظاهر آهي تہ اها قبر مبارڪ وٽ دعا گهرڻ ئي شخصيت سان وسيلو وٺڻ آهي. حضرت امام شافعي عليه الرحمة حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اولاد پاڪ جو هن طرح وسيلو ورتو آهي.

آلُ النَّبِيِّ وَسِيلَتِيْ وَهُمْ اِلَيْهِ ذُرِيْعَتِيْ
اَرْجُوْ بِهِمْ اُعْطٰي غَدًا بِيَدِي الْيَمِيْنِ صَحِيْفَتِيْ (٣)

يعني نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو اولاد اطهار منهنجو وسيلو آهن ۽ اهي ئي منهنجو سندن دربار ڏانهن پهچڻ جو ذريعو آهن، اميد ٿو رکان تہ سندن ئي واسطي سان صبحاڻي (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي سڄي هٿ ۾ پنهنجن عملن جو دفتر ڏنو ويندس.

دليل ٣ حضرت امام ابو حنيفه عليه الرحمة پنهنجي قصيده مبارڪ ۾ فرمايو آهي:

اَنْتَ الَّذِيْ لَمَّا تَوَسَّلَ آدَمُ
مِنْ زِلَّتِهٖ بِكَ فَازَ وَهُوَ اَبَاكَا

(١) شواهد الحق ص١٥٦
(٢) ردا لمحتار ص٥٠ جلد١ مقالات الڪوثري ص٣٨١
(٣) الصواعق المحرقة ص١٠٨ مطبوعه مصر، المصطفي البابي الحلبي

يعني اي حبيب پاڪ ! (عليه الصلواة والسلام) اوهان اها شخصيت آهيو جو جڏهن آدم عليه السلام (لغزش جي ڪري) اوهان سان وسيلو ورتو تہ ڪامياب رهيو حالانڪ آهي تہ اوهان جو بابو (ڏاڏو)

ٻئي شعر ۾ فرمايو اٿس تہ:

وَكَذَاكَ مُوْسَىٰ لَمْ يَزَلْ مُتَوَسِّلاً
بِكَ فِي الْقِيَامَةِ يَحْتَمِي بِحَمَاكَا

يعني موسىٰ عليه الصلواة والسلام بہ هميشه اوهان سان وسيلو وٺندڙ رهيو قيامت ۾ بہ اوهان جي حمايت سان مدد حاصل ڪندو (١)

هنن شعرن جي چوڻ مان خود حضرت امام اعظم عليه الرحمة جو عقيدو ظاهر ٿي رهيو آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جو بہ وسيلو هيا.

دليل ع۴: علامہ محمد زاهد الكوثري عليه الرحمة (جنهن جي مقالات جي مقدمہ ۾ سيد يوسف بنوري سندس تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي) لکيو آهي تہ: مناسک الامام احمد ۾ ابوبکر مروزيءَ جي روايت آندل آهي جنهن ۾ الله جل شانہ ڏانهن حضور عليه الصلواة والسلام جن سان وسيلو وٺڻ ثابت آهي (٢) هنن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا دلائل ۽ قوي حجتون آهن پر اختصار کي نظر ۾ رکندي صرف اهي لکيا اٿم والحمد لله علي ذالک

مٿين دليلن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ قرآن پاڪ، حديث شريف ۽ مجتهدن جي اقوال مطابق الله جل شانہ جي پيارن جي شخصيت سان سندن ظاهري زندگيءَ ۾ يا رحلت ڪرڻ کان پوءِ بہ وسيلو وٺڻ نہ صرف جائز بلڪ سنت آهي.

علامہ موصوف لکيو آهي تہ جيئن علم منقول جي ماهرن جو مذهب آهي تہ پيارن ٻانهن سان وسيلو وٺڻ جائز ۽ ثابت آهي تيئن علم معقول جي ماهرن مثلاً امام رازي، علامہ تفتا زاني سيد شريف جرجاني، وغيرهم جيڪي اصول دين جي علم جا امام هيا ۽ مسائل جي حل لاءِ ماڻهن جا مراجع ۽ مرڪز هيا انهن بہ انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ صلحاءِ عظام- سان دنيا جي مٿان موجود هوندي يا مزارن ۾ پهچڻ کان پوءِ وسيلي وٺڻ کي صراحتًا جائز چيو آهي، ڇا اهي بزرگ جن ڏانهن ايمان ۽ ڪفر، توحيد ۽ شرڪ ۽ خالص دين سمجهڻ لاءِ امت جا قافلا روان دوان رهيا اهي

(١) قصيدة النعمان بمع شرح منحة المنان ص٨٥ (٢) مقالات الكوثري ص٣٨١

معاذالله ٿر معاذالله قبرن جا پوڄاري ۽ شرڪ ڏانهن سڏيندڙ هيا؟ نہ هرگز نہ (١) مصر جي معروف يونيورسٽي الازهر جي ناميارى فاضل حضرت پير ڪرم شاهہ الازهري صاحب"الوسيله" جو تفسير ڪندي لکيو آهي: اور مرشد ڪامل جو اپني روحاني توجهہ سے اپنے مريد ڪي آنکهون سے غفلت ڪي پٽي اتار دے دل مين ياد اللهي ڪي تڑپ پيدا ڪر دے اس ڪے وسيلے هونے مين ڪون شبہ پيدا ڪر سڪتا هے ڪاملين امت نے ايسے مرشد ڪي تلاش مين سينڪڑون هزارون ڪوسون ڪي مسافت ڪو پياده طے ڪيا هے اور ان ڪي رهنمائي اور دستگيري سے آسمان معرفت وحڪمت پر مهرو ماه بن ڪر چمڪے هين حضرت شاهہ ولي الله رحمة الله عليہ نے تصريح فرمائي هے ڪہ اس آيت مين وسيلہ سے مراد بيعت مرشد هے (قول جميل) اس آيت ڪي تشريح ڪرتے هوئے شاهہ اسماعيل صاحب دهلوي ڪو بهي لکهنا پڑا "اهل سلوڪ اين آيت را اشارت بسلوڪ مي فهمندووسيلہ مرشد رامي دانند پس تلاش مرشد بنا برفلاح حقيقي وفوز تحقيقي پيش از مجاهده ضروري است وسنت الله براين منوال جاري است لهذا بدون مرشد راه يابي نادر است (صراط مستقيم) يعني حقيقت جي واٽ جي سالڪن وسيله مان مراد مرشد ورتو آهي، پوءِ حقيقي ڪاميابي ۽ڪامراني حاصل ڪرڻ جي لاءِ مجاهدي ۽ رياضت ڪان پهريان مرشد جي ڳولا تمام ضروري آهي ۽الله تعالىٰ حقيقت جي واٽ جي سالڪن جي لاءِ اهوئي قاعدو مقرر ڪيو آهي ان جي ڪري مرشد جي رهنمائيءَ ڪان سواءِ ان جو ملڻ تمام گهٽ آهي، حضرت علامہ روميءَ جو ارشاد مبارڪ آهي.

مولوي هرگز نشد مولائے روم
تاغلام شمس تبريزي نشد

يعني مولوي (پنهنجي سر لاءِ ٿو فرمائي) روم جو تيستائين سردار ۽ سائين نہ ٿيو هو جيستائين (پنهنجي مرشد حضرت) شمس تبريزيءَ جو غلام نہ بڻيو هو. ڊاڪٽر اقبال جو شعر آهي.

دم عارف نسيم صبحدم هے،
اسي سے ريشہ معنىٰ مين نم هے
اگر ڪوئي شعيب آئے ميسر،
شباني سے ڪليمي دو قدم هے (١)

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي سنڌ، سهڻيءَ سنڌ، پياريءَ سنڌ،

(١) مقالات الڪوثري ص٣٨٢ (٢) ضياءُ القرآن ص٤٦٦ جلد١

نهايت دل واريءَ سنڌ ۾ اڳي سڀ ماٺهو سني هيا ،شيعيت ۽ وهابيت بعد جي پيداوار آهي"الوسيلہ" جي تفسير ۾ سنڌي زبان ۾ تفسير لکندڙ علامہ نورنگ زاده صاحب هيئن بہ لکيو آهي تہ:

اولياءِ ڪرام ۽ صوفي سڀ‌ڳورا هن آيت جو تفسير هن طرح ٿا ڪن:

هو چون ٿا تہ وسيلي مان مراد آهي مرشد ڪامل، جنهن جي صحبت اڪسير جي خاصيت ۽ ڪيميا جو تاثير رکي ٿي جيئن تہ اڪسير جو ڪم آهي ڪک ڪي سون ڪرڻ ۽ ڪيميا جو ڪم آهي ٽامي کي زر خالص بنائڻ، تيئن‌مرشد ڪامل جي صحبت کي بہ اهڙو اثر آهي جو سڀ ڪنهن نادار ،نالائق کي ان جي صحبت اهڙو اثر ڪريو ڇڏي جهڙو ڪيميا ڪري ٽامي کي، مولانا رومي مثنوي شريف ۾ فرمائي ٿو،

قال را بگذار مرد حال شو،

پيش صاحب دولتي پامال شو

يعني ٺلهي زباني گفتگو ڇڏي پنهنجي اندر کي سڌاري حال جو صاحب ٿيءُ (دل جي) دولت واري جا رجي اڳيان پامال (پيرن جي خاڪ) ٿي پؤ.

گر تو سنگ صخرهٔ مر مرشوي

چون بہ صاحب دل رسي گوهر شوي

يعني جيڪڏهن تون پٿر جو ٽڪرو آهين تہ مرمر ٿي پوندين، جڏهن دل جي صاحب (خدا جي ولي) وٽ پهچندين تہ موتي ٿي پوندين

يک زمانہ صحبت با اوليا

بهتر از صد سال بودن درتقا

يعني هڪڙي گهڙي ولين جي صحبت ۾ رهڻ سؤ سال تقويٰ ۾ هجڻ کان ڀلي اهي، انهيءَ ڳالهہ جي تصديق لاءِ توهان کي ٻي ڪا شاهدي گهرجي تہ هيءَ هڪڙي گواهي بس آهي، ڏسو تہ صحابن، ڪرامن کي ان اڪسير ڪامل ۽ ڪيما مڪمل حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جي صحبت اهڙو تہ رڱي سچو صفا خالص سون بنائي ڇڏيو، جو اڄ تائين ڪو اهڙو سون سچو ٿي نہ ٿو سگهي،هزار ورهن جا ڪو شخص عبادت ڪري جهاد ڪري، متا هٽي تہ بہ ڪنهن ننڍي کان ننڍي صحابي جهڙو نہ ٿي سگهندو بلڪ ٻين سيني ولين کان هڪڙو صحابي وڏيڪ آهي، اهو اعتقادي مسئلو سيني سنين وٽ ثابت آهي. ڀلاهاٽي ٻڌايو تہ ايڏي ڀلائي ۽ زيادتي جا صحابن ڪرامن کي حاصل ٿي سا رڳو زهد، عبادت ۽ تقويٰ جي ڪري هئي ڇا؟ نہ نہ رڳو

عبادت جي ڪري نہ هئي، پر ان پارس پاڪ لڳڻ ۽ سندس صحبت ڪرڻ سببان هئي جو سڄي جهان جو وسيلو ۽ شافع نبي پاڪ آهي صلي الله عليه وسلم، هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪو اوليائن جي صحبت کان حاصل ٿو ٿئي سو نہ علم پڙهڻ سان حاصل ٿيندو ۽ نڪي درس، تدريس سان ۽ نڪي وعظ ٻڌڻ سان ۽ نڪي زهد ۽ رياضت ڪرڻ سان تنهن ڪري انهن صوفين ڪرامن ۽ اوليائن عظامن جي ارشادن موجب هن آيت جو تفسير هن طرح ٿيندو تہ اي مومنؤ! خدا کان ڊڄو، نفس جي خودي ۽ تڪبر ڇڏي ڏيو ۽ نفساني شهوتن کان پاڻ کي بچايو ۽ شيخ ڪامل ۽ مرشد هادي کي الله جي پهچڻ جو وسيلو ڪريو. ان جي صحبت مان فائدا حاصل ڪري ان مرشد ڪامل جي چوڻ موجب رياضتون، محنتون ۽ مجاهدا ڪريو تہ اصل منزل مقصود ۽ مطلب کي حاصل ڪريو، يعني هميشہ جي ڇوٽڪاري کي وڃي پهچو جو ذات پاڪ ۾ فنا ٿيڻ آهي ۽ فنا کان پوءِ آهي بقا حاصل ڪرڻ (١)

عام مدرسن ۾ پڙهايل تفسير جلالين جي شارح علامہ صاوي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: ومن جملة ذالک محبة انبيا الله واولياءِ والصدقات وزيارة احباب الله وکثرة الدعاءِ وصلة الرحم وکثرة الذکر وغير ذالک فالمعنیٰ کل ما يقربکم الي الله فالزموه واترکوا ما يبعدکم عنہ اذا علمت ذالک فمن الضلال المبين والخسران الظاهر تکفير المسلمين بزيارة اوليا الله زاعمين ان زيارتهم من عبادة غيرالله کلا بل هي من جملة المحبة في الله التي قال فيها رسول الله صلي الله عليه وسلم "اَلَا لَا اِيْمَانَ لِمَنْ لَّا مُحَبَّةَ لَهٗ" والوسيلة لہ التي قال الله فيها "وَابْتَغُوْ اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ" (٢) يعني الله جل شانہ ڏانهن جيڪي شيون ويجهو ڪرڻ جو ذريعو آهن انهن مان الله جي نبين عليهم السلام ۽ ان جي ولين جي محبت، صدقا ڪرڻ، الله جي پيارن جي زيارت ڪرڻ،دعا گهڻي گهرڻ،مائٽي ڳنڍڻ، ذڪر گهڻو ڪرڻ وغيره آهي. مقصد تہ جيڪا بہ شئي اوهان کي الله ڏانهن ويجهو ڪري ان کي لازم ڪري وٺو ۽ جيڪا ان کان پري ڪري سا ڇڏي ڏيو، جڏهن اها ڳالهہ تنهنجي علم ۾ آئي تہ پوءِ کلي گمراهي ۽ ظاهر نقصان آهي جو الله جي ولين جي زيارت ڪرڻ جي ڪري مسلمانن کي ڪافر چيو وڃي، اهو گمان ڪندي تہ انهن جي زيارت ڪرڻ غيرالله جي عبادت آهي نہ هرگز نہ الله جي ولين جي زيارت ڪرڻ الله جي ان محبت مان آهي، جنهن لاءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ "جنهن کي محبت ناهي ان جو ايمان ناهي" ۽ (زيارت ڪرڻ) اهو وسيلو آهي جنهن لاءِ الله فرمايو آهي "وَابْتَغُوْا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ" ۽ ان ڏانهن وسيلو طلب ڪيو

(١) تفسير تنوير الايمان ص٥٣ پ٦ (٢) تفسير صاوي ص٢٦٥ ج١

جنت ۾ هڪ اعلىٰ درجي ۽ منزل جو نالو به وسيله آهي

ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته وسيلو جنت جي هڪ اعلىٰ مقام جو نالو به آهي جنهن جي لاءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن ارشاد فرمايا آهن :

حديث ١ حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص کان روايت آهي ان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو جو پاڻ فرمايائون ته "اِذَا سَمِعْتُمُ الْمُؤَذِّنَ فَقُوْلُوْا مِثْلَ مَا يَقُوْلُ ثُمَّ صَلُّوا عَلَيَّ فَاِنَّهٗ مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلواةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشْرًا ثُمَّ سَلُوْا لِيَ الْوَسِيْلَةَ فَاِنَّهَا مَنْزِلَةٌ فِي الْجَنَّةِ لَا تَنْبَغِيْ اِلَّا لِعَبْدٍ مِنْ عِبَادِاللّٰهِ وَاَرْجُوْا اَنْ اَكُوْنَ اَنَا هُوَ فَمَنْ سَاَلَ لِيَ الْوَسِيْلَةَ حَلَّتْ عَلَيْهِ الشَّفَاعَةُ" يعني جڏهن بانگ ڏيندڙ کان بانگ ٻڌو ته پوءِ جيئن اهو چوي تيئن اوهان به چئو ان کان پوءِ مون تي صلاة پڙهو پوءِ يقيناً جنهن مون تي هڪ ڀيرو صلواة پڙهي الله ان جي مٿان ڏهه رحمتون موڪليندو ان کان پوءِ منهن جي لاءِ الله جي بارگاهه مان وسيلي جي گهر ڪيو اهو وسيلو بهشت ۾ هڪ منزل آهي، جيڪا الله جي ٻانهن مان ڪنهن خاص ٻانهي جي لائق آهي ۽ اميد اٿم ته اهو مان هوندس پوءِ جنهن منهنجي لاءِ وسيله جي گهر ڪئي ان جي لاءِ شفاعت واجب ٿيندي.

حديث ٢ امام احمد حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله عليه الصلوات والتسليمات جن فرمايو "اِذَا صَلَّيْتُمْ عَلَيَّ فَسَلُوا لِيَ الْوَسِيْلَةَ" قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ! وَمَا الْوَسِيْلَةُ؟ قَالَ "اَعْلٰى دَرَجَةٍ فِي الْجَنَّةِ لَا يَنَالُهَا اِلَّا رَجُلٌ وَاحِدٌ وَاَرْجُوْ اَنْ اَكُوْنَ اَنَا هُوَ" يعني "جڏهن مون تي صلواة پڙهو ته (الله جل شانه کان) مون لاءِ وسيلو گهرندا ڪيو" عرض ڪيو ويو ته اي الله جا رسول! وسيله ڇا آهي؟ فرمايائون ته" بهشت ۾ مٿاهون درجو آهي جنهن کي صرف هڪ مرد پهچندو ۽ اميد اٿم ته اهو مان هوندس.

حديث ٣ طبرانيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "سَلُوْا اللّٰهَ لِيَ الْوَسِيْلَةَ فَاِنَّهٗ لَمْ يَسْاَلْهَا لِي عَبْدٌ فِي الدُّنْيَا اِلَّا كُنْتُ لَهٗ شَهِيْدًا اَوْ شَفِيْعًا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" يعني الله جل شانه کان منهنجي لاءِ وسيلو گهرندا ڪيو. پوءِ يقيناً مون لاءِ ڪو به ٻانهو دنيا ۾ وسيلي جي گهر ڪندو ته مان ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن سندس نيڪيءَ جو شاهد يا سندس حق ۾ شفاعت ڪندڙ هوندس (١)

"وَجَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ" ۽ ان جي واٽ ۾ جهاد ڪيو، جهاد صرف دشمن

(١) ٽئي حديثون ابن ڪثير آنديون آهن ص٥٣ ج٢

سان جنگ ڪرڻ ناهي پر ان ڪان سواءِ دين جي لاءِ هر سخت محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ بہ جهاد ۾ داخل آهي، پوءِ اها مال، دولت قربان ڪرڻ سان هجي، يا جان جي بازي لڳائڻ سان يا قلم ۽ زبان ڪي حق لاءِ استعمال ڪرڻ سان" لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ" تانت اوهان هر طرح ڪاميابي حاصل ڪيو. اها ڪاميابي دنيوي، اخروي، مادي ۽ روحاني سڀني ڪاميابين کي شامل آهي ۽ سڀ ڪان وڏيڪ ڪاميابي رب العزت جل شانه کي راضي ڪرڻ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ

بيشڪ جن ڪفر ڪيو جيڪڏهن بيشڪ هجي ها انهن لاءِ جيڪي ڪجھ زمين ۾ آهي سمورو ۽ ان جيترو

مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۚ

ان سان گڏ تانت فديو ڏين ان سان عذاب ڏينهن قيامت جي ڪان تہ نہ قبول ڪيو وڃي ها انهن ڪان

وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٣٦﴾ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنَ النَّارِ وَمَا هُمْ

۽ انهن جي لاءِ عذاب دردناڪ آهي ارادو ڪندا تہ نڪرن باهہ مان ۽ ناهن اهي

بِخٰرِجِيْنَ مِنْهَا وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٧﴾

نڪري سگهندڙ ان مان ۽ انهن لاءِ عذاب هميشہ وارو آهي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ تقوىٰ، وسيلہ طلب ڪرڻ ۽ جهاد ڪرڻ جو حڪم آڻڻ ڪان پوءِ ڪفر، عناد ۽ بي فرمانيءَ جي سزا ڪي ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ" آخرت جي معاملي ۾ ڪافر ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا هيا تہ جيئن دنيا جي دفترن، آفيسن ۽ محڪمن ۾ ڏيڻ وٺڻ سان ڪم هلي ٿو وڃي تيئن آخرت ۾ بہ پئن پئسن

سان جان ڇٽي پوندي، انهن کي متنبه ڪندي فرمايو ويو آهي تہ: يقينًا جن توحيد، رسالت ۽ قيامت جو انڪار ڪيو ۽ ڪافر بڻيا جنڪڏهن انهن مان هر هڪ کي ايترو مال هجي جيترو ساري روءِ زمين ۾ آهي ۽ ان جيترو ٻيو بہ هجي تانت ان سان قيامت جي ڏينهن واري عذاب جو عوض پري ڏين تہ بہ ڪانئن اهو قبول نہ ڪيو ويندو.

"وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ" ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي "يُرِيدُونَ أَنْ يَخْرُجُوا مِنَ النَّارِ وَمَا هُمْ بِخَارِجِينَ مِنْهَا" يعني ارادو ڪندا تہ ڪنهن نموني ٻاهر مان نڪرن پر ان مان نڪري نہ سگهندا، "وَلَهُمْ عَذَابٌ مُقِيمٌ" ۽ انهن جي لاءِ هميشہ وارو عذاب هوندو نہ هٽندو، ۽ نہ ڪٽندو. سدائين پيا سڙندا نہ سندن عذاب جي مدت جي نهايت هوندي نہ شدت جي، حديث شريف ۾ آهي تہ: جنت وارن کي چيو ويندو تہ جنت ۾ هميشہ هوندؤ موت نہ ايندو ۽ دوزخ وارن کي چيو ويندو تہ دوزخ ۾ هميشہ هوندؤ. اوهان لاءِ بہ موت نہ آهي (١)

وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْٓا اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا

۽ چوري ڪندڙ مرد ۽ چوري ڪندڙ عورت پوءِ وڍيو هٿ انهن جا بدلي ان جي جو ڪيائون عبرت ناڪ سزا

مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٣٨﴾ فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ

(اٿن) الله وٽان ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي پوءِ جنهن توبہ ڪئي پنهنجي ظلم ڪرڻ کان پوءِ

وَاَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٩﴾

۽ پاڻ سڌاريائين پوءِ بيشڪ الله توبہ قبول ڪري ٿو ان جي بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي

اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ يُعَذِّبُ مَنْ

ڇا نہ ٿو ڄاڻين تہ بيشڪ الله جي لاءِ ئي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي عذاب ڪري ٿو

يَّشَآءُ وَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٠﴾

جنهن کي گهري ۽ بخشي ٿو جنهن کي گهري ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي.

(١) روح البيان ص٣٨٩ جلد٢

تفسير

هن کان اڳ ۾ ڪفر جي سزا جو ذڪر هو جيڪو ايمان ۽ دين جي چوري آهي هاڻي مال جي چوري ڪندڙ جي سزا جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آ هي "وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوٓا اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ اللّٰهِ" يعني چوري ڪندڙ مرد ۽ چوري ڪندڙ عورت جا هٿ وڍيو. ڪين الله وٽان اها سندن ڪردار جي بدلي ۾ عبرت ناڪ سزا آهي.

غور ڪرڻ جو مقام

ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآن پاڪ جي حڪمن ۾ عام طور خطاب مردن سان هوندو آهي ۽ عورتون ان ۾ تبعًا شامل هونديون آهن،نماز، روزي، حج، زڪواة وغيرها ۾ ائين آيو آهي پر چوريءَ ۽ زنا جي سزائن جي بيان ۾ صرف مردن جي ذڪر تي ڪفايت ڪيل ناهي مردن ۽ عورتن ٻنهي ڪي ذڪر ڪيو ويو آهي،ڇو تہ اهي ٻئي معاملا سزا جا آهن، جيڪا شڪ ۽ شبهي جي ڪري ختم ٿي ويندي آهي ان جي ڪري مردن ۽ عورتن جو صراحت سان ذڪر آيو آهي، ٻي غور ڪرڻ جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي تہ "اَلسَّارِقُ" ۽ "اَلسَّارِقَةُ" اسم فاعل جا صيغا سرقة کان ورتل آهن سرقة جي لغوي مفهوم ۽ شرعي مراد ڇا آهي؟ علامه ثناءالله پاني پتي عليه الرحمة علم لغت جي ڪتاب قاموس جي حوالي سان لکيو آهي تہ هڪ شخص ڪنهن ٻئي جو مال ڪنهن محفوظ جڳه مان ان جي اجازت کان سواءِ لڪي ڪڍي تہ ان کي "سرقة"(چوري)چئبو آهي(١) ۽ اهائي ان جي شرعي تعريف آهي ۽ ان لحاظ سان چوريءَ جي ثبوت جي لاءِ ڪجهہ شرطن جو ليڻ ضروري آهي ١- تہ اهو مال ڪنهن فرد يا جماعت جي ذاتي ملڪيت هجي ان ۾ چورائڻ واري جي نہ ملڪيت هجي نہ ان جي ملڪيت جو شبهو هجي ۽ نہ اهڙيون شيون هجن جنهن ۾ عوام جا برابر حقوق هجن، ان مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪا اهڙي شيءِ چوري ڪئي جيڪا ان جي ملڪيت آهي يا ان ۾ سندس ملڪيت هجڻ جو شڪ آهي يا رفاه عام جي ادارن جون شيون آهن جنهن ۾ عوام جا مساوي ۽ برابر حقوق آهن تہ ان تي چوريءَ جي حد جاري نہ ٿيندي وقت جو حاڪم پنهنجي راءِ جي موافق ان تي سزا جاري ڪري (٢) ان جو هٿ نہ وڍيو ويندو، چوري ڪيل مال واپس ڪرايو ويندو. (٣) ٢-تہ اهو مال قلف لڳل مڪان يا چوڪيدار ۽

(١) تفسير مظهري ص١٣٠جلد٣ (٢) معارف القرآن ص١٣٠ جلد٣
(٣) تفسيرات احمديہ ص:٣٦٠

محافظ جي ذريعي محفوظ هجي جيڪڏهن ائين ناهي ته به هٿ وڍڻ جي سزا جاري نه ٿيندي ٣- ته اجازت کان سواءِ ڪٽي جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن شيءِ جي استعمال ڪرڻ جي اجازت مليل آهي پوءِ اهوڪٽي ويو ته ان تي به حد جاري نه ٿيندي ۴- ته لڪائي ڪٽي وجي ڇو ته ڪليءَ طرح ڪٽي وڃڻ چوري نه آهي ڌاڙو آهي جنهن جي سزا اڳ ۾ بيان ٿي چڪي آهي، پر مٿين شرطن جي نه ليڻ جي ڪري حد جي جاري نه ٿيڻ جو مطلب اهو ناهي ته پرائي شيءِ ڪٽڻ حلال آهي، ڇو ته هتي صرف مخصوص سزا جو ذڪر آهي پر وقت جو حاڪم پنهنجي صوابديده تي ان کي سزا ضرور ڏي ۽ آخرت جو عذاب ته آهي ئي آهي. **مسئلو:** قرآن پاڪ جا الفاظ آهن ته: انهن جا هٿ وڍيو" پر ڪهڙا هٿ؟ علامه نسفي عليه الرحمة لکيو آهي ته: المراد اليمينان (١) يعني هٿن مان مراد مرد ۽ عورت ٻنهي جا سڄا هٿ آهن.

چوري ڪيئن ثابت ٿيندي؟

چوري چور جي ٻه ڀيرا اقرار ڪرڻ سان ثابت ٿيندي يا حاڪم وٽ ٻن شاهدن جي شاهديءَ سان ته چوري ڇا آهي؟ ڪيئن ؛ ڪٿي اٿن؟ ڪتان ڪئي اٿن؟ ۽ ڪنهن جي ڪئي اٿن؟ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڦيريون ڀيرو چوري ڪئي آهي ۽ شرعي لحاظ سان ان تي ثابت ٿي آهي ته ان جو سڄو هٿ وڍيو ويندو ۽ جيڪڏهن ٻيو ڀيرو ڪيائين ته کٻو پير ۽ جي ٽيون ڀيرو ڪيائين ته پوءِ سچي توبه ڪرڻ تائين قيد ۾ رکيو ويندو (٢).

هٿ ڪتان وڍيو ويندو؟

خارجين جو قول آهي ته ڪلهي کان ۽ جمهور جو قول آهي ته ڪارائيءَ کان ۽ اهوئي صحيح قول آهي. **مسئلو-** چور جو هٿ وڍڻ قرآن پاڪ جي حڪم مطابق ضروري آهي باقي چوري ٿيل سامان جيڪڏهن موجود آهي ته اهو به موٽايو ويندو پر جيڪڏهن سامان هلاڪ ٿي ويو آهي ته اسان حنفين جي تحقيق مطابق ڀرائي نه ونبو، ڇو ته هٿ وڍڻ ئي ان جي ڪامل سزا آهي (٣).

---

(١) تفسير النسفي ص٢٨٢ جلد١ (٢) تفسيرات احمديہ ص٣٦١

(٣) حوالو ساڳيو

سوال

چوريءَ جي سزا بيان ڪرڻ ۾ مرد جو ذڪر اول ۽زنا جي سزا بيان ڪرڻ وقت عورت جوذڪر اول ڇو ڪيو ويو آهي؟

جواب

مفسرن لکيو اهي تہ مرد قوة ۽ طاقت جي غلبي جي ڪري چوريءَ ۾ اڳرو هوندو آهي ان جي ڪري ان جو اول ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ زنا ۾ عورت جي ڪشش گهڻي هوندي آهي جيڪا زنا جو سبب بنجندي آهي ان جي ڪري اتي اول عورت جو ذڪر ڪيو ويو آهي (١) ڪن مفسرن جو چوڻ آهي تہ چوريءَ جو ڏوهہ مرد جي لاءِ بہ نسبت عورت جي گهڻو سخت آهي، ڇو تہ ان کي الله جل جلاله معاش جي ڪمائڻ جي لاءِ جيڪا قوت بخشي آهي اها عورت کي حاصل ناهي، مرد معاش حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايترن دروازن جي کليل هجڻ جي باوجود چوريءَ جهڙي ذليل جرم جو مرتڪب ٿئي ٿو تہ اول سزا جو حقدار اهو آهي ۽ زنا جي معاملي ۾ عورت کي الله جل شانہ جي طرفان طبعي حياءَ ۽ شرم ملڻ سان گڏ اهڙو ماحول بہ ملي ٿو جيڪو ڪيس ان گناهہ جي اجازت نہ ٿو ڏي پر پوءِ بہ زنا جهڙو گندو ڪم ان کان صادر ٿئي تہ ڪيس سخت مجرم بنائڻ سان گڏ اول سزا جو حقدار ٿو بنائي (٢)

ڄاڻڻ گهرجي تہ "نَكَالًا مِّنَ اللَّهِ" ۾ نڪال اهڙيءَ سزا کي چوندا آهن جيڪا ٻين جي لاءِ بہ عبرت وٺڻ جو سبب بنجيءَ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن قرآن ڪريم جي ٻڌايل سزا تي عمل ڪيو ويندو.

"افسوس اڄ جا ماڻهو"

قرآن پاڪ جي ذڪر ڪيل ان سزا کي ڪي بي عقل ۽ بي سمجهہ ماڻهو گهڻو سخت سمجهندا آهن پر حقيقت هيءَ آهي تہ قرآن پاڪ جنهن پاڪ معاشري جو سنگ بنياد رکيو آهي، ان ۾ هر فرد جي جان،مال ۽عزت جي حفاظت جي ذميداري اسلامي حڪومت تي عائد ٿئي ٿي ۽ اوهان پاڻ ٻڌايو تہ اوهان جي شفقت جو زياده حقدار اها بيوه عورت ۽ يتيم ٻار ۽ پر امن شهري آهي جنهن جو گهر راتئون رات لٽجي ويو يا اهو ظالم چور؟ جڏهن کان وٺي مظلوم کان وڌيڪ ظالم ۽ لٽجندڙ کان وڌيڪ لٽيندڙ شفقت ۽ عنايت جا مستحق سمجهيا ويا آهن، تڏهن کان وٺي ڏوهن ۽ ڏوهارين ۾ واڌ آئي آهي، هن وقت چور جي هٿ نہ وڍڻ جي ڪري ئي چوريون وڌيون آهن.

(١) تفسير القاسمي ص١٩٣ جلد٤ (٢) معارف القرآن ص١٣١ جلد٣

"وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ" ۽ الله غالب آهي جنهن ڏوهه جي جهڙي سزا مقرر ڪري ان تي ڪو به اعتراض ڪرڻ وارو ناهي، حڪمت وارو آهي ان جي هر حڪم ۾ هزارين حڪمتون آهن، چوريءَ جي ان سزا رکڻ ۾ به ان جي حڪمت ڪارفرما آهي.

"فَمَنْ تَابَ مِنْ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَاَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ" يعني جنهن ظلم ڪرڻ کان پوءِ توبه ڪئي ۽ پاڻ کي سڌاريائين ته پوءِ يقينًا الله به ان جي توبه قبول ڪرڻ فرمائيندو. المقصد ته چوريءَ جو سامان مالڪ کي واپس ڪري يا پري ڏي يا ان کان معافي وني ته پوءِ آخرت جي عذاب کان بچي پوندو، باقي دنيا ۾ حد ضرور لڳنديس(١)

"اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" يقينًا الله بخشيندڙ، مهربان آهي، جيڪو پنهنجي بانهي جي توبه قبول ڪندو آهي ۽ انهن تي بي حساب ٻاجهون به ڪرڻ فرمائيندو آهي.

"اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" مٿي چور مرد ۽ چوري ڪندڙ عورت جي سزا جو ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته: ڇا اوهان کي اهو علم ناهي (معنيٰ آهي) ته آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي لاءِ آهي اهوئي سڀني جو خالق ۽ حقيقي مالڪ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ لَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ مِنَ

اي رسول! نه ڏک ۾ وجهن توکي اهي جو جلدي ٿا ڪن ڪفر ۾ انهن

الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛ وَمِنَ الَّذِيْنَ

مان جو چيائون ته ايمان آنداسون اهو (چون ٿا) پنهنجن واتن سان ۽ نه ايمان آندو دلين انهن جي ۽ انهن مان جيڪي

هَادُوْا ۛ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ يَاْتُوْكَ ۭ

يهودي ٿيا ٻڌندڙ آهن ڪوڙ جي لاءِ جاسوسي ڪندڙ آهن قوم ٻيءَ جي لاءِ جيڪي نه آيا تو وٽ

يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْۢ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ ۚ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا

مٽائين ٿا ڪلمن کي انهن جي جاين کان چون ٿا جيڪڏهن ڏنا ويندؤ هن کي ته

(١)ضياءُ القرآن ص٤٦٩ ج١

فَخُذُوْهُ وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ۭ وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ فَلَنْ

پوءِ وٺو ان کي ۽ جيڪڏهن نه ڏنا وڃو ان کي ته پوءِ ڊڄو ۽ جنهن کي ارادو ڪري ٿو الله آزمائش ۾ وجهڻ جو پوءِ هرگز

تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـــًٔا ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ لَمْ يُرِدِ اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ

نه مالڪ ٿيندين ان جي لاءِ الله کان ڪجهه به، اهي ئي آهن جو نه ارادو ڪيو الله ته پاڪ ڪري

قُلُوْبَهُمْ ۭ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ ښ وَّلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ

دليون انهن جون، انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ عذاب

عَظِيْمٌ ﴿٤١﴾ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ ۭ فَاِنْ جَاۗءُوْكَ

وڏو آهي ٻڌندڙ آهن ڪوڙ جي لاءِ کائيندڙ آهن حرام پوءِ جيڪڏهن اچن تو وٽ

فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ ۚ وَاِنْ تُعْرِضْ عَنْهُمْ فَلَنْ

پوءِ فيصلو ڪر انهن ۾ يا منهن موڙ انهن کان ۽ جيڪڏهن منهن موڙيندين انهن کان ته پوءِ اصل نقصان نه ڏئي

يَّضُرُّوْكَ شَيْـــًٔا ۭ وَاِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ ۭ اِنَّ

سگهندا توکي ڪجهه به ۽ جيڪڏهن فيصلو ڪرين پوءِ فيصلو ڪر انهن ۾ عدل سان بيشڪ

اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٤٢﴾

الله محبت ٿو رکي عدل ڪندڙن سان.

تفسير

هن کان پهريان آيل آيتن ۾ چوريءَ جي سزا جو ذڪر ڪيل هو ۽ هتي

چيو ٿو وڃي تہ اي محبوب! (عليک الصلواة والسلام) بعضي ماڻهو اهي سخت سزائون ڏڻي اسلام کان ڦري ويندا پر اوهان انهن جي پرواھ نہ ڪندا. ارشاد آهي.

"يٰٓاَيُّهَاالرَّسُوْلُ لَا يَحْزُنْکَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِى الْكُفْرِ" يعني اي پيارا رسول! (عليک الصلواة والسلام) اوهان انهن کان نہ ڏکوئجو جيڪي ڪفر ۾ تيز رفتار آهن اهي نہ اوهان کي ڪجھ ڪري سگهندا ۽ نہ اسلام جي ترقيءَ کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيندا.

"مِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ" هنن لفظن ۾ انهن ڪفر ۾ تيزي ڪندڙن جا قسم ٻڌايا ويا آهن، يعني انهن مان ڪي اهي آهن جو پنهنجن واتن سان چوندا آهن تہ اسان ايمان آندو آهي پر انهن جي دلين ايمان قبول نہ ڪيو آهي، مقصد تہ منافق آهن زباني اقرارڪن ٿا پر سندن اندر ۾ اهوئي پراڻو ڪفرموجون هڻي رهيو آهي.

"وَمِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا" ۽ انهن مان جو يهودي ٿيا، هي انهن جو ٻيو قسم آهي جيڪي يهودي هيا ۽ وک وک تي اسلام جي حقانيت جا روشن دليل ۽ واضح ثبوت ڏسي بہ اسلام کان ڀڄندا هيا. "سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ لَمْ يَاْتُوْکَ" يعني اهي اوهان جي خدمت ۾ ڪوڙ هڻڻ جي لاءِ جاسوسيءَ طور اوهان جون ڳالهيون ٻڌندا آهن ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي اوهان جي خدمت ۾ نہ ٿا اچن اوهان جون ڳالهيون جاسوسي ڪري ٻڌائيندا ۽ اوهان جا راز انهن تائين پهچائيندڙ آهن، يا مراد آهي تہ اهي پنهنجن مذهبي پادرين جي ڪوڙن کي دل سان ٻڌندڙ ۽ انهن تائين پهچائيندڙ آهن جيڪي اوهان وٽ نہ آيا آهن.

"يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا فَخُذُوْهُ وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا" يعني اهي ظالم الله جي نازل ڪيل فرمانن کي اصلي جاين تان مٽائي ڇڏين ٿا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ اچڻ وارن کي اهي ڦيرايل احڪام ٻڌائي چون ٿا تہ جيڪڏهن هي حڪم (نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن وٽان) ڏنا وڃو تہ پوءِ اهي وٺو، قبول ڪيو ۽ جيڪڏهن بعينه اهي حڪم نہ ڏنا وڃو تہ پوءِ انهن کان ڊڄو، پڄو ۽ نہ وٺو، مقصد تہ الله جل شانه جي شريعت کي پنهنجيءَ خواهش جو تابع بنائيندا. "وَمَنْ يُّرِدِاللّٰهُ فِتْنَتَهٗ فَلَنْ تَمْلِکَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا" هنن لفظن جي مقصد کي سمجهائيندي علامه احمد مصطفيٰ مراغي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: اي ومن يرداللہ ان يختبر في دينه فيظهر الاختبار کفره وضلاله فلن تملک له ايهاالرسول من

الله شيئا من الهداية والرشد(١) يعني الله جل شانه جنهن جي دين ۾ آزمائڻ ۽ امتحان ونڻ جو ارادو ٿو فرمائي پوءِ اهو امتحان ان جي ڪفر ۽ گمراهيءَ کي ظاهر ٿو ڪري ته پوءِ اي رسول! (پاڪ عليڪ الصلواة والسلام) اوهان الله تعالىٰ وٽان ان کي هدايت ۽ سڌي واٽ وني ڏيڻ جا مالڪ نه آهيو. اهو ازلي بدبخت ۽ ابدي تزيل آهي ان جي لاءِ اوهان کو به ڏک ۽ غمر نه ڪيو جيڪو طبعي ۽ فطرتي طور اوهان کي ٿيندو آهي.

"أُولَٰئِكَ الَّذِينَ لَمْ يُرِدِ اللَّهُ أَن يُطَهِّرَ قُلُوبَهُمْ" يعني سندن ٿي ناعاقبت انديشيءَ جي ڪري الله جل شانه سندن قلبن کي پاڪ ڪرڻ جو ارادو نه فرمايو. جنهن قوم جي لاءِ اهڙو محبوب، مڪرم، حبيب عليه الصلواة والسلام موڪليو وڃي، قرآن حڪيم جهڙو روشن ۽ مدلل ڪتاب لاٿو وڃي هر لمحي انهن کي اسلام جي حقانيت جي لاءِ معجزات جو مشاهدو ڪرايو وڃي ۽ انهن جي اصلاح جي انتهائي ڪوشش ڪئي وڃي پوءِ به اها قوم ذلت ڪان عزت ڏانهن، پستيءَ ڪان بلنديءَ ڏانهن، گمراهيءَ ڪان هدايت ڏانهن، انڌيري ڪان روشنيءَ ڏانهن ۽ باطن ڪان حق ڏانهن اچڻ ڪان انڪار ڪري ته ان قوم جو ان ڪان سواءِ ڪهڙو علاج آهي؟ جو انهن کي سندن ئي حال تي ڇڏيو وڃي ۽ ان ئي حال ۾ مري وڃن ڪنهن ڪان مجبورًا برائي يا نيڪي ڪرائڻ الله جل شانه جي حڪمت ۽ انسان کي عطا ڪيل اختيار جي خلاف آهي، انسان کي نيڪي ۽ برائي سمجهڻ جو عقل ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو اختيار مليل آهي.

"لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَلَهُمْ فِي الْآخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيمٌ" يعني انهن جي لاءِ دنيا ۾ خواري ۽ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي.

رسالت جي وصف سان خطاب

جاڻڻ گهرجي ته الله جل شانه قرآن پاڪ ۾ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام کي سندن مبارڪ نالن سان سڏيو آهي ۽ اسان جي آقا، مولا، حضور پرنور عليه الصلوات والتسليمات الي يوم النشور جن کي سندن نالي مبارڪ جي بجاءِ سهڻين صفتن سان ياد ڪندي سڏيو آهي، گهڻين جاين تي نبي جي صفت سان، هڪ جاءِ تي مزمل جي صفت سان ته هڪ جاءِ تي مدثر جي صفت سان ۽ صرف ٻن جاين تي رسالت جي صفت سان موصوف ڪندي "يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ" سان سڏيو آهي. ١- هڪ هن آيت ۾ ٢- ٻيو هن ئي سورة جي آيت ٦٧ ۾ "يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنزِلَ إِلَيْكَ" سان نبي جي معنىٰ آهي غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ ۽ رسول جي معنىٰ آهي فرمان

(١) تفسير المراغي ص١٣٠ جلد٢ جزء٦

پهچائيندڙ، فيض رسائيندڙ، جيڪو مخلوق کي خالق جو فرمان بہ پهچائي تہ فيض بہ رسائي، حضرت جبريل امين عليه الصلواة والسلام سيده مريم عليهاالسلام کي چيو تہ " اِنَّمَآ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّکِ لِاَهَبَ لَکِ غُلٰمًا زَکِيًّا " (١) يعني مان تنهنجي رب جو پيغام پهچائيندڙ آهيان تانت توکي پاڪ صاف پٽ ڏيان. ڏسو "رَسُوْلُ رَبِّکِ" ۾ پيغام پهچائڻ ۽ "لِاَهَبَ لَکِ غُلٰمًا زَکِيًّا" ۾ فيض پهچائڻ جو ذڪر آهي پر جبريل عليه الصلواة والسلام کي ايترو اختيار ناهي جيترو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي الله جل شانه حضور عليه الصلواة والسلام کي لکين صفتن سان موصوف بنايو آهي جن مان هر صفت پنهنجو مٽ پاڻ آهي، قرآن ڪريم ۾ مخلوق کي مختلف مقصدن سان سڏيو ويندو آهي ١- ڪنهن جي مٿان ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ٢- ڪنهن سان شفقت جي اظهار جي لاءِ ٣- ڪنهن جي شان جي اهميت کي واضح ڪرڻ جي لاءِ، هتي ڪين سڏي فرمايو ويو آهي تہ "اوهان ڪافرن جي ڪفر جي ڪري غمگين نہ ٿيو اوهان جو غمگين ٿيڻ مالڪ مٺي کي پسند ناهي ۽ هن ۾ مسلمانن کي بہ متنبه ڪيو ويو آهي تہ جڏهن الله جل شانه محبوب عليه الصلواة والسلام کي غمگين رهڻ پسند نہ ٿو ڪري تہ اوهان بہ ڪين ڪنهن قسم جي ايذاءَ ڏيڻ، دل ڏکوئڻ ڪان پاسو ڪندا رهو ڪين رسول جي صفت سان خطاب سندن شان ۽ شرف کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي (٢)

علامه مراغي لکيو آهي تہ: وهذاالخطاب للتشريف والتعظيم وتاديب المؤمنين وتعليمهم ان يخاطبوه بوصفه کما کان يفعل بعض اصحابه بقولهم (يا رسول الله) (٣) يعني هيءُ خطاب سندن شرف ۽ تعظيم ظاهر ڪرڻ ۽ مومنن کي ادب سيکارڻ ۽ تعليم ڏيڻ جي لاءِ آهي تہ اهي ڪين سندن صفت سان خطاب ڪن جيئن اصحاب سڀ ڳورا يا رسول الله ﷺ چوڻ سان عرض ڪندا هئا، علامه رازي لکيو آهي: وهذاالخطاب لاشک انه خطاب تشريف وتعظيم (٤) يعني ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ هيءُ خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن جي شرف ۽ عظمت بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي.

(١) سورة مريم آيت ع١٩ (٢) روح البيان ص٣٩٣ جلد٢
(٣) تفسير المراغي جزءُ ٦ ص٣٦
(٤) التفسير الکبير ص٢٣١ جزءُ ١١

"سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ" ڪوڙ هٽڻ جي لاءِ جاسوسي ڪندڙ آهن حرام خور آهن. الله جل شانه سندن ڪوڙ واري صفت ڪي تاڪيد جي لاءِ ورائي بيان ڪيو آهي ۽ سندن حرام کائڻ جي عادي هجڻ واري صفت جو بہ تاڪيدي الفاظ سان ذڪر ڪيو آهي مفسر نيشاپوري غرائب القرآن ورغائب الفرقان ۾ لکيو آهي تہ "السحت" مان مراد هر قسم جو حرام آهي جنهن مان انسان ڪي عيب ۽ عار بہ لڳندو آهي.

حرام جا ڪجھ قسم

ان ڪان پوءِ مفسر موصوف لکيو آهي تہ حضرت علي، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت ابن عباس، حضرت ابو هريرة ۽ مجاهد رضي الله عنهم ڪان روايتن ۾ آيل آهي تہ "السحت" ۾ رشوة، زناڪار عورت جي ڪمائي، نر ڪان ٽپي ڏيارڻ جا پئسا وٺڻ، حجام جي ڪمائي، ڪتي جي قيمت جا پئسا، پوپي جي ڪمائي، براين جو پئسو سڀ داخل آهن (١) حضرت امام حسن بصري عليه الرحمۃ فرمايو آهي تہ "سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ" انهن حاڪمن جي باري ۾ آيو آهي جيڪي ڪوڙ ٻڌندا ۽ رشوت کائيندا آهن. (٢)

مفسر ابن جرير بہ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ زنا جي ڪمائي، جانور نر ڪان ماديءَ ڪي ٽپي ڏيارڻ جي ڪمائي، حجام جي ڪمائي ۽ ڪتي جي قيمت سڀ "السحت" ۾ داخل ۽ حرام آهن (٣) سنڌ جي فاضل عالم مفتي محمد جان نعيمي صاحب لکيو آهي تہ: ديني ڪتاب "طريقه محمديه" جي مصنف هتن جي گناهن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ: پنهنجي يا ٻئي ڪنهنجي ڏاڙهي ڪوڙڻ يا مٺ ڪان گهٽ ڪترڻ گناهہ آهي (۴) راقم عرض گذار آهي تہ پوءِ پئسا وٺي ڏاڙهي ڪوڙڻ يا مٺ ڪان گهٽ ڪترڻ واري جي ڪمائيءَ جو ڇا حال هوندو؟ علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ: پئسا وٺي پٽيندڙ عورت، ڳائيندڙ عورت، جادوگر ۽ سفارش جي لاءِ هديو وٺندڙ جي ڪمائي بہ حرام آهي (٥) علامہ جلال الدين سيوطيءَ لکيو آهي تہ: فوٽو ڪڍندڙ جي ڪمائيءَ بہ حرام آهي (٦)

(١) غرائب القرآن برهامش تفسير طبري ص١۴۴ جلد۴ جزءِ ٦
(٢) تفسير الحسن البصري ص٣٢٧ جلد١ (٣) تفسير ابن جرير ص١٥٥ جلد۴ جزءِ٦
(۴) ڏاڙهي ڪي شرعي حيثيت ص٢٣ (٥) روح البيان ص٣٩٦ جلد٢
(٦) الدرالمنثور ص٨٢ جلد٣ جزءِ ٦

رشوت وٺڻ جي سزا

قرآن پاڪ جي مفسرن جي اڳواڻ علامه ابن جرير عليه الرحمة ڪيترن اصحابن ۽ تابعن رضي الله عنهم کان روايتون آنديون آهن ته "السحت" (خالص حرام) رشوة آهي ۽ رشوت خور جي لاءِ نبوي حديثن ۾ سخت سزا جو ذڪر آيو آهي حديث ١حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان راويت آهي ته رسول پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "كُلَّ لَحْمٍ اَنْبَتَهُ السُّحْتُ فَالنَّارُ اَوْلىٰ بِهٖ قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللهِ! وَمَا السُّحْتُ؟ قَالَ اَلرِّشْوَةُ فِي الْحُكْمِ" (١) يعني هر اهو گوشت جنهن کي سحت وڌايو ان لاءِ باهه وڌيڪ لائق آهي عرض ڪيو ويو ته يا رسول الله! سحت ڇا آهي؟ فرمايائون ته: فيصلي ۾ رشوة وٺڻ ٢-امام احمد، ترمذي ۽ حاڪم حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "لَعْنَةُ اللهِ عَلَى الرَّاشِيْ وَالْمُرْتَشِيْ فِي الْحُكْمِ" يعني فيصلي ۾ رشوة ڏيندڙ ۽ وٺندڙ (ٻنهي) تي الله جي لعنت آهي ٣-امام احمد حضرت ثوبان رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي ته رسول اللهصلى الله عليه وسلم جن فرمايو "لَعَنَ اللهُ الرَّاشِيَ وَالْمُرْتَشِيَ وَالرَّائِشَ الَّذِيْ يَسْعَي بَيْنَهُمَا (٢) يعني الله جل شانه رشوة ڏيندڙ، وٺندڙ ۽ رشوة طي ڪرائيندڙ (ٽنهي) تي لعنت ڪئي آهي

پنهنجو حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ مجبورًا رشوة ڏيڻ جو حڪم

حضرت امام حسن بصري عليه الرحمة فرمايو آهي ته رشوت ڏيڻ ۽ ان تي سزا جو ملڻ تڏهن آهي جڏهن ڪو ماڻهو رشوت ڏئي غلط ڪم کي صحيح ۽ باطل کي حق ڪرائي پرائو حق ڪائي يا ٻئي تي هروڀرو پنهنجو حق ثابت ڪرائي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏسي ٿو ته جيڪڏهن رشوت نه ڏيندس ته مون سان ظلم ٿيندو مون کي منهنجو حق پلئه نه پوندو ۽ پوءِ رشوت ڏئي پنهنجو حق حاصل ڪري ٿو ته ان تي ڪو گناهه ناهي پر قاضيءَ يا حاڪم کي رشوت وٺي حق جو فيصلو نه ڏيڻ بلڪل حرام آهي، بلڪ انهن کي جيڪڏهن ڪو ماڻهو حق رسائيءَ جي لاءِ هديو ٿو ڏي ته اهو به ان جي لاءِ حرام آهي رشوت ۾ داخل آهي قاضي يا حاڪم اهو نه وٺي حضرت ابن مسعود ۽ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنهما ته حاڪم کي پئسا وغيره وٺي غلط

(١) تفسير ابن جرير ص١٥٦ جلد٤ جزء٦ (٢) تفسير مظهري ص١٢٠ جلد٣

حڪم ڏيڻ کي ڪفر سڏيو آهي (١) "فَاِنْ جَآؤُكَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ وَاِنْ تُعْرِضْ عَنْهُمْ فَلَنْ يَّضُرُّوْكَ شَيْئًا" يعني پوءِ جيڪڏهن اوهان وٽ فيصلو ڪرائڻ لاءِ اچن تہ پوءِ اوهان اختيار وارا آهيو فيصلو ڪيو يا منهن موڙيو ۽ جيڪڏهن انهن کان منهن موڙيندؤ تہ اهي اوهان کي ڪنهن شيءِ جو بہ اصل نقصان ڏئي نہ سگهندا.

هلندڙ دور ۾ مسلمان حاڪم ڪافرن جا فيصلا ڪري يا نہ؟

حبيب اڪرم عليہ الصلواة والسلام جن جي لاءِ مٿئين حڪم جي باري ۾ علماءِ ڪرام جو تحقيق مختلف آهي تہ اهو حڪم برقرار رهيو يا منسوخ ٿي ويو، بعض علماء جو قول آهي تہ مٿيون اختيار "وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَا اَنْزَلَ اللّٰهُ" (انهن ۾ الله جي نازل ڪيل (ڪتاب) جي موافق فيصلو ڪيو) سان منسوخ ٿي ويو هاڻي ڪين فيصلو ڪرڻ لازم هو، ٻين عالمن جو قول آهي تہ جيڪڏهن فيصلو مسلمان ۽ ذمي (مسلمانن جي ماتحت سندن ملڪ ۾ رهڻ واري ڪافر) جو آهي تہ پوءِ مسلمان قاضي فيصلو ڪندو پر جيڪڏهن غير مسلمن جو پاڻ ۾ جهيڙو آهي تہ ڏٺو ويندو تہ انهن جي جهيڙي وارين ڳالهين جو واسطو سندن شخصي ۽ مذهبي زندگيءَ سان آهي مثلاً، نڪاح، طلاق، زنا وغيره تہ اسين انهن کي مجبور نہ ڪنداسون تہ اهي اسان جي شريعت تي عمل ڪن،انهن معاملن ۾ پنهنجي مذهبي اڳواڻن ڏانهن رجوع ڪن پر جيڪڏهن انهن معاملن جو تعلق ملڪ جي داخلي امن، امان يا خارجي سلامتيءَ سان آهي تہ اهڙن معاملن ۾ مسلمان قاضي فيصلو ڪندو، ڇو تہ انهن ڪمن ۾ سستي ۽ غفلت اختيار ڪرڻ سان وڏيڪ فتني ۽ فساد ڦيلجڻ جو انديشو هوندو آهي. پر جيڪڏهن ٻہ مسلمان يا ٻہ ڪافر حڪومتي عهديدار ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي مسلمان ڏانهن فيصلو ڪٽي ٿا اچن تہ ان کي حَڪَمُ ٿي فيصلو ڪرڻ ضرور ۽ شرعي لحاظ سان واجب ناهي، وٽيس تہ فيصلو ڪري وٽيس تہ نہ ڪري (٢)

"وَاِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ" يعني جيڪڏهن فيصلو ڪيو تہ پوءِ انهن ۾ عدل سان فيصلو ڪيو. يقينًا الله عدل ڪندڙن سان محبت ڪندو آهي، مقصد تہ هر حالت ۾ عدل قائم رکو. ڪنهن کي يهودي، عيسائي، منافق يادين جو دشمن ڏسي فيصلي ۾ ناحق نہ ڪيو، عدل ۽ انصاف ڪرڻ نهايت پياري شيءِ آهي.

(١) مظهري ص١٢٠ جلد٣ (٢) ضياءِ القرآن ص٤٧٢ مظهري ص١٢١ ج٣

" نبوي حديثن مان عدل ڪرڻ جو ثواب ۽ برڪت"

حديث ١- مسلم شريف حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول اڪرم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو" اِنَّ الْمُقْسِطِيْنَ عِنْدَاللهِ عَلٰى مَنَابِرَ مِنْ نُوْرٍ" يعني عدل ڪرڻ وارا الله جل جلالہ جي بارگاهہ ۾ نور جي منبرن تي هوندا.

حديث ٢- بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول اڪرم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو" اِنَّ اَفْضَلَ عِبَادِاللهِ عِنْدَاللهِ مَنْزِلَةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ اِمَامٌ عَادِلٌ رَفِيْقٌ وَاِنَّ شَرَّ النَّاسِ عِنْدَاللهِ مَنْزِلَةً اِمَامٌ جَائِرٌ خَرِقٌ" (١) يعني الله جي ٻانهن مان الله وٽ قيامت جي ڏينهن مرتبي ۾ پلو نرم ۽ عدل ڪندڙ بادشاهہ آهي ۽ ماڻهن مان الله وٽ مرتبي جي لحاظ سان برو ظالم، نادان بادشاهہ آهي. **مسئلو** - مفتيءَ کي فتويٰ ڏيڻ ۽ مبلغ کي حق جي تبليغ ڪرڻ هر حال ۾ لازم آهي پنهنجي ملڪ جو ماڻهو فتويٰ پڇي يا ٻئي ملڪ جو، مسئلو ٻڌائڻ ضروري آهي لڪي ڏيڻ ضروري ناهي ۽ حاڪم حڪم ڏيڻ ۾ پنهنجي ۽ پرائي، دوست ۽ دشمن واقف ۽ اڻ واقف ۾ فرق نہ ڪري جيڪا انصاف ۽ عدل جي تقاضا آهي اهائي پوري ڪري.

وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَعِنْدَهُمُ التَّوْرٰىةُ فِيْهَا حُكْمُ اللهِ ثُمَّ

۽ ڪيئن حاڪم بنائيندا توکي حالانڪ انهن وٽ تورات آهي ان ۾ حڪم آهي الله جو ان کان پوءِ

يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ وَمَآ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٣﴾ ع ٩/١٠ اِنَّآ اَنْزَلْنَا

منهن ٿا موڙين ان کان بعد ۽ ناهن اهي ايمان وارا بيشڪ اسان نازل ڪيو

التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا

توراة اڻ ۾ هدايت ۽ نور آهي فيصلو ڏيندا هئا ان موجب نبي جيڪي فرمانبردار ٿيا

(١) مظهري ص١٢١- ١٢٢ جلد٣

لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَالرَّبَّانِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتَابِ

انهن جي لاءِ جو يهودي ٿيا ۽ درويش ۽ وڏاعالم سبيان ان جي جو حفاظت ڪندڙ بنايا ويا الله جي ڪتاب

اللّٰهِ وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا

جا ۽ هئا ان تي شاهد پوءِ نه ڊڄو ماڻهن ڪان ۽ ڊڄو مون ڪان ۽ نه

تَشْتَرُوْا بِاٰيَاتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۗ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

خريد ڪيو عوض آيتن منهنجي ملهه ٿورو جيڪو فيصلو نه ڪندو ان موجب جو لاٿو الله

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَافِرُوْنَ ﴿٤٤﴾

پوءِ اهيئي ڪافر آهن.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ٻڌايو ويو ته اوهان تي انهن جو فيصلو ڪرڻ لازم ناهي وڌيو ته ڪيو وڌيو ته نه ڪيو، هاڻي ان اختيار ڏيڻ جي حڪمت بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته "وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَعِنْدَهُمُ التَّوْرَاةُ فِيْهَا حُكْمُ اللّٰهِ" يعني اي حبيب! عجب جهڙي ڳالهه آهي اهي يهودي اوهان کي ڪيئن پنهنجن فيصلن ۾ حاڪم بنائيندا؟ حالانڪ انهن وٽ توراة موجود آهي، جنهن ۾ الله جو حڪم نازل ٿيو پيو آهي ۽ ان جي مڃڻ جي دعويٰ به ڪن ٿا ۽ اوهان کي سچو نبي نه مڃيندي به اوهان وٽ فيصلي لاءِ اچن ٿا.

"ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِنْ بَعْدِ ذٰلِكَ وَمَا اُولٰئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ" يعني فيصلو ڪرائي ان ڪان پوءِ ڦري ٿا وڃن ۽ اهي ايمان وارا ناهن.

حضور عليه الصلواة والسلام ۽ قرآن جي فيصلي شرعي کي نه مڃڻ وارا يهودين جا تابع آهن.

مفسرن پلارن قرآن پاڪ جي هن آيت مان دليل ورتو آهي ته جيڪو

شخص قرآن ڪريم ۽ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي فيصلي جي خلاف ٻيو فيصلو تلاش ڪندو اهو يهودين جو تابع آهي (١)

"اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنَا التَّوۡرٰىةَ فِيۡهَا هُدًى وَّنُوۡرٌ" اسان توراة نازل ڪيو آهي جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي.

آسماني ڪتابن جا اصول هڪ جهڙا آهن

جاڻڻ گهرجي ته هن رڪوع ۾ ٻه شيون نهايت وضاحت سان بيان ڪيون ويون آهن ١- ته توراة، انجيل ۽ قرآن پاڪ مختلف، متضاد ۽هڪ ٻئي جي خلاف ترديد ۽ تڪذيب ڪرڻ ورا ڪتاب ناهن ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ جو به انڪار ڪيو ويندو ته ٻئي تي ايمان درست نه رهندو ڇو ته اهي سڀئي هڪ ئي سرچشمي مان وهندڙ نهرون آهن هر هڪ ۾ اهڙو نور آهي جو گمراهيءَجي انڌيرن جي لاءِ موت جو پيغام آهي ۽ هر هڪ ۾ اهڙي هدايت آهي جيڪا حقيقي محبوب جي متلاشين جي دستگيري ڪري ڪين سندن مقصود تائين پهچائي ٿي ٢- ته يهودين توراة مان ۽ نصارن انجيل مان فائدو وٺڻ جي بجاءِ الٰهيءَ احڪام جي جاءِ تي پنهنجن خواهشن ۽ سڌن جي پوڄا ڪئي پر اي قرآن ڪريم جي مڃڻ وارا مسلمانو! اوهان ائين ڪڏهن به نه ڪجو، اهي وس ڪندا ته اوهان کي به پاڻ جهڙو ڪن مگر خبردار اوهان انهن جهڙا ڪڏهن به نه ٿجو.

حضور عليه الصلواة والسلام جن نه هجن ها ته ڪا شيءِ نه هجي ها.

علامه آلوسي عليه الرحمه آيت جي لفظ "نور" جي تفسير ڪندي لکيو آهي ته: توراة ۾ جنهن نور جو ذڪر آهي ان جو تعلق حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي، ڇو ته پاڻ اول الانوار الذي لولاه ما خلق الفلڪ الدوار صلى الله عليه وسلم (٢) يعني نورن ۾ پهريون نور حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن جو جيڪڏهن پاڻ نه هجن ها ته فلڪ به نه هجي ها (٢).

"يَحۡكُمُ بِهَا النَّبِيُّوۡنَ الَّذِيۡنَ اَسۡلَمُوۡا" حڪم ڏيندا رهيا ان جي مطابق نبي (عليهم الصلواة والسلام) جيڪي فرمانبردار هئا.

نبين عليهم الصلواة والسلام جي "اسلموا" (فرمانبردار ٿيا) سان صفت ڪرڻ ۾ حڪمت

علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي ته "اَلَّذِيۡنَ اَسۡلَمُوۡا" صفت آهي جيڪا نبين عليهم الصلواة والسلام تي سندن مدح طور جاري ڪئي وئي آهي، پر

(١) نعيمي ص٤٨٩ جلد ٦ (٢) روح المعاني ص١٤٢ جزءُ ٦

هڪ اعتراض ٿئي ٿو تہ ڪنهن جي مدح ۾ غالبًا اهي صفتون ڏڌهن آنديون وينديون آهن جڏهن انهن سان مدح ڪيل ٻين کان ممتاز رهي اسلام تہ عام امر آهي جيڪو نبين عليهم الصلواة والسلام جي امتن کي بہ شامل آهي،ڇا اوهان نہ ٿا ڏسو تہ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي مدح ۾ "مسلمان مڙس" چوڻ سهڻو نہ ٿو لڳي ڇو تہ اها صفت تہ سندن ادنيٰ امتيءَ جي بہ آهي . ان اعتراض جو جواب هي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اهم شخصيت جي عام صفت سان ان جي ڪري مدح ڪئي ويندي آهي تہ ان صفت جي اهميت پيدا ٿئي جيئن نبين عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ صالح جو لفظ آيو آهي حالانڪ نبي جو درجو ان کان مٿي آهي ۽ اهو ان لاءِ آندو ويو آهي تہ ماڻهو صالح ٿيڻ جي ڪوشش ڪن، يا جيئن عرش جي کڻندڙن ملائڪن لاءِ فرمان آهي. "يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ" پنهنجي رب جي حمد سان گڏ پاڪائي بيان ٿا ڪن ۽ ان تي ايمان ٿا آڻين،ملائڪ تہ مومن آهن ئي آهن پر هتي انهن جي ايمان جو ذڪر ڪري ٻين کي ايمان آڻڻ جو شوق ڏياريو ويو آهي، ۽ اڳتي ارشاد ٿيو آهي تہ "وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" يعني اهي ملائڪ مومنن جي لاءِ سندن گناهن جي مغفرت طلب ڪندا آهن، ان ئي لحاظ سان نبين عليهم الصلواة والسلام جي "اَلَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا" سان صفت ڪئي وئي آهي تہ ماڻهو اسلام ۾ شوق سان داخل ٿين(١) لِلَّذِيْنَ هَادُوْا" يعني يهودين کي توراة ۾ جيڪا هدايت ۽ نور عطا ڪيو ويو هو ڪين ان جي مطابق نبين فيصلا ڏنا هيا.

وَالرَّبَّانِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتَابِ اللّٰهِ وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ" يعني ۽ الله وارا ۽ وڏا عالم (بہ ڪين ائين فيصلا ڏيندا رهيا) ڇو جو انهن کان الله جي ڪتاب جي حفاظت طلب ڪئي وئي، سندن ذمي توراة جي حفاظت هئي ۽ پاڻ ان تي شاهد بہ هئا، ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ شروعات ۾ ائين هو پر پوءِ جڏهن هدايت ۽ نور وارو صحيفو توراة شريف،نفس جي پوڄاري عالمن ۽ زهد جي ڪوڙي دعوىٰ ڪندڙن جي هٿ ۾ آيو تہ نہ انهن ان تي عمل ڪيو ۽ نہ ان جي حفاظت ڪئي پر ان ۾ ردوبدل ڪري تحريف ڪيائون.

(١) روح المعاني ص١٤٣ جزءِ٦ جلد٢

قرآن پاڪ هر قسم جي ردوبدل ۽ تحريف کان محفوظ آهي.

جاڻڻ گهرجي ته توراة جي حفاظت يهودين جي ذمي هئي جيڪا انهن پوري نه ڪئي پر قرآن ڪريم جي حفاظت الله جل شانه پنهنجي ذمي ڪئي آهي جيئن سندس ارشاد آهي "نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحَافِظُوْنَ" (١) اسان قرآن ڪي لاٿو آهي ۽ اسين ئي ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون، ان جي ڪري قرآن ڪريم هر قسم جي رد وبدل ۽ تحريف کان هر طرح هر دور ۾ محفوظ رهيو آهي، ۽ رهندو. پوءِ اهو عقيدو رکڻ ته قرآن پاڪ مان ڪي آيتون ڪيون ويون يا بدلايون ويون صريح ڪفر آهي.

"فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا" هي جملو هڪ لڪل شرط جي جزا آهي ۽ ان ۾ يهودين جي علماء سان خطاب آهي مطلب ته جڏهن توراة جو ايڏو وڏو شان آهي ته اوهان ماڻهن کان نه ڊڄو مون کان ڊڄو توراة جا مطلب صحيح صحيح بيان ڪيو ۽ منهنجي نازل ڪيل آيتن جي بدلائڻ ۽ غلط مفهوم بيان ڪرڻ جي عوض دنيا جو ملهه (جيڪو ظاهر ۾ ڪٿي ڪيترو به گهڻو هجي پر حقيقت ۾ ٿورو آهي) نه وٺو. ان ۾ اهو خوف به داخل آهي ته بد مذهبن ۽ بي دينن کي ماڻهو حق ۽ سچ نه چوي ته متان نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏين يا مال، ملڪيت،ڌن ۽ دولت نه ڏين.

مسلمان علماء متوجه ٿين

هن آيت ۾ حقيقي طور مسلمان علماءَ کي به سجاڳ ڪيو ويو آهي ته اهي يهودين جي عالمن وانگر بادشاهن ۽ اميرن کان ڊڄي يا مالي، دنيوي لالچ ۽ طمع جي ڪري قرآن ڪريم جي احڪام ۾ ڦير ڦار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪن.

"وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ" يعني جيڪو به شخص يهودي هجي يا عيسائي، مسلم يا غير مسلم، حاڪم هجي يا رعيتي، عالم هجي يا غير عالم جيڪڏهن الله جي نازل ڪيل فرمان لاءِ اهو ذهن رکي ته الله جو فيصلو غلط آهي اسان جو صحيح آهي ته پوءِ اهو ڪافر آهي، جو ته عقيدي جي خراب هجڻ جي ڪري انهن تي ڪفر جي فتويٰ ڏني ويندي، پر جيڪڏهن مٿيون عقيدو ڪو نه ٿو رکي پر فيصلو شريعت جي خلاف ٿو ڪري ته پوءِ فاسق آهي.

(١) سورة الحجرآيت ع٩

وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ

۽لکيوسون انهن تي ان ۾ تہ تحقيق سر عوض سر جي ۽ اک عوض اک جي

وَالْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَالْجُرُوحَ

۽ نک عوض نک جي ۽ کن عوض کن جي ۽ ڏند عوض ڏند جي ۽ ڦٽ

قِصَاصٌ ؕ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ

بدلو آهن پوءِ جنهن بخشيش ڪئي ان سان پوءِ اهو ڪفارو آهي ان لاءِ ۽ جيڪو نہ فيصلو ڪندو ان

اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾

موجب جو لاٿو الله تہ پوءِ اهيئي ظالم آهن.

تفسير

هن کان اڳ ۾ بيان ٿي آيو تہ اسان جيڪو توراة نازل فرمايو هو ان ۾ هدايت بہ هئي تہ نور بہ هو، هاڻي ان هدايت جو تفصيل ۽ وضاحت ڪندي فرمان ٿيو آهي.

"وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ وَالْجُرُوحَ قِصَاصٌ" يعني اسان يهودين تي توراة ۾ هي حڪم فرض ڪيو هو تہ جيڪو ڪنهن کي قتل ڪري تہ سر جي بدلي ۾ سر کهو ۽ اک جي بدلي ۾ اک ڪڍو ۽ نک جي بدلي ۾ نک وڍيو ۽ کن جي بدلي ۾ کن ڪپيو ۽ ڏند جي بدلي ۾ ڏند ڪڍو ۽ زخمن جو بدلو زخم آهن، پر جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ ٻئي کي اهڙو اونهو زخم ڪيو آهي جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ ان صورت ۾ ساڳيو زخم ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو تنهنجي ڪري ان زخم جي ڪندڙ کان چٽي ڀرائي

ورتي ويندي.

اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي شريعتن تي عمل جيڪڏهن اسان جي نبي منسوخ نہ ڪيو يا ان جو انڪار نہ فرمايو تہ اسان تي بہ لازم آهي.

مٿئين آيت جي مفهوم بيان ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ اهو ساڳيو حڪم هن امت ۾ بہ جاري آهي، ڇو تہ اصول فقه جي اڪثر علماء فرمايو آهي تہ: اڳين امتن وارين شريعتون اسان جي لاءِ بہ تڏهن شريعتون آهن جڏهن منسوخ ڪرڻ ۽ انڪار ڪرڻ کان سواءِ قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيون وڃن (١) "فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ" يعني جيڪو ڦٽيندڙ ڪي ڦٽڻ وارو ڏوهہ معاف ڪرڻ جو صدقو ڪندو تہ اهو ان معاف ڪندڙ جي پين ڪيلن گناهن جو ڪفارو هوندو، ان بخشش جي صدقي الله جل شانہ ڪيس بہ بخش ڪندو.

"وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَا اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ" يعني جن الله جي نازل ڪيل ڪتاب توراة جي حڪم مطابق فيصلو نہ ڪيو تہ پوءِ اهي ئي ظالم آهن، حقيقت هيئن هئي تہ يهودين پاڻ ۾ قصاص جي لاءِ آيل خداوندي حڪم جي برخلاف هي معاملو قائم ڪري رکيو هو جو انهن جي قبيلن مان "بني نضير" قبيلي وارا زياده معزز ۽ قوي سمجهيا ويندا هئا، جيڪڏهن انهن جو "بني قريظه" قبيلي وارن ڏانهن ديت جو حق هوندو هو تہ پوري پوري وٺندا هئا ۽ جڏهن ڪين ديت ڏيڻي پوندي هئي تہ "بني قريظه" کي ديت جو اڌ ڏيندا هئا ۽ بني قريظه پنهنجي ڪمزوريءَ کي محسوس ڪندي مجبورًا اهو فيصلو منظور ڪندا هئا. اتفاقًا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مديني منور ۾ تشريف آوريءَ کان پوءِ بني قريظه جي هٿان بني نضير جو ماڻهو مارجي پيو تہ انهن اڳئين دستور موجب ڪانئن پوري ديت گهري بني قريظه ڪين جواب ڏيندي چيو تہ هاڻي ائين نہ ٿيندو. اهو وقت گذري ويو جڏهن اسان اوهان جي طاقت کان مجبور ٿي اهو ظلم قبول ڪيو هو هاڻي حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جن مديني پاڪ ۾ اچي ويا آهن سندن دور ۾ اهو ممڪن ناهي جو اسين جيڪا ديت اوهان کان وٺون ٿا ان کان پيڻي پري ڏيون. ان جو مطلب هي هو تہ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي هوندي محال آهي جو ڪو سگهو ڪمزور کي ڪچلي يا دٻائي

---

(١) التوضيح ص٢۴۴

سگهي،ڇو تہ سيني کي يقين هو تہ پاڻ هر ضعيف ۽ قويءَ سان انصاف ڪرڻ وارا آهن ۽ قويءَ جي ظلم جي مقابلي ۾ ضعيفن جي مدد ۽ دستگيري ڪندا آهن، الغرض نيٺ بنهي قبيلن جو اهو معاملو حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ پيش ٿيو ۽ جيڪو خيال بني قريظه ظاهر ڪيو هو سو پورو نڪتو، قصاص جي حڪم کان پوءِ" وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ" انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو آهي پر جڏهن تہ انهن سنگسار وانگر قصاص جي حڪم جو صريح انڪار نہ ڪيو هو پاڻ ۾ سمجهوتي طور شرعي حڪم جي خلاف هڪ دستور قائم ڪيو هو تہ اها عدل واري قانون جي اعتقادي نہ صرف عملي مخالفت هئي ان جي ڪري هتي انهن کي ڪافر نہ پر ظالم سڏيو ويو يعني هي صريح ظلم آهي جو سگهي کان گهٽ ۽ ڪمزور کان گهٽي ديت ورتي وڃي. (١)

وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ

۽ پويان موڪليوسون سندن طريقي تي مريم جي پٽ عيسىٰ کي تصديق ڪندڙ ڪانئس اڳ ۾

يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ وَّمُصَدِّقًا

لاٿل توراة جي ۽ ڏنوسون ان کي انجيل جو ان ۾ هدايت ۽نور آهي ۽ تصديق ڪندڙ

لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٦﴾

ڪانئس اڳ ۾ لاٿل توراة جي هدايت ۽ نصيحت پرهيزگارن جي لاءِ

وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ

۽ جڳائي ٿو تہ فيصلو ڪن انجيل وارا ان موافق جو نازل ڪيو اللہ ان ۾ ۽ جنهن فيصلو نہ ڪيو ان موافق جو

اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾

نازل ڪيو اللہ پوءِ اهيئي فاسق آهن.

(١) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٥٣

تفسير

هن کان اڳ ۾ يهودين کي حڪم هو تہ اهي توراة جي اندر آيل هدايت تي هلن ۽ هتي عيسائين کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهي بہ انجيل جي احڪام جي پيروي ڪن، ارشاد آهي.

"وَقَفَّيْنَا عَلَىٰ آثَارِهِم بِعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرَاةِ وَآتَيْنَاهُ الْإِنجِيلَ فِيهِ هُدًى وَنُورٌ وَمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرَاةِ" يعني اسان انهن اڳين نبين کان پوءِ سندن ئي قدمن جي نشانن تي مريم (سائڻ) جي پٽ (حضرت) عيسىٰ (عليه الصلواة والسلام) کي موڪليو هو، حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جڏهن تہ فلسطين جي ملڪ ۾ ڄائو هو جتي مٿي ذڪر ڪيل گهڻا نبي ڄاوا ۽ رهيا هئا ۽ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي تشريف آوري وقت انهن جا ڪتاب، تعليمات ۽ فرمان اڃان موجود هئا صفا مٽجي نہ ويا هئا، تڏهن "عَلَىٰ آثَارِهِم" (انهن جي قدمن جي نشانن تي) فرمايو ويو آهي، حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان بہ توراة جي تصديق ڪندو هو تہ مٿس نازل ڪيل ڪتاب انجيل جنهن ۾ هدايت ۽ نور هو اهو بہ ان جي تصديق ڪندڙ هو، انجيل جي نوعيت بہ هدايت ۽ نور هجڻ ۾ توراة وانگر هئي، حڪمن ۽ شريعتن جي لحاظ سان انهن ۾ تمام ٿورو فرق هو ۽ اهو ٿورڙو فرق توراة جي تصديق جي خلاف نہ هو جيئن اسين مسلمان قرآن پاڪ کي مڃڻ ۽ صرف ان جي احڪام کي تسليم ڪرڻ جي باوجود الحمد لله سيني آسماني ڪتابن جي الله وٽان هجڻ جي تصديق ڪيون ٿا" وَهُدًى وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِينَ" يعني اهو انجيل متقين جي لاءِ هدايت ۽ نصيحت هو.

مسلمانو! خبردار ٿيو.

ڄاڻڻ گهرجي تہ اڄ ڪالهہ جا پادري حقيقت کان ناواقف ۽ جاهل، عيسائين کان پئسا وٺي اسلام کان ڦري ڪرسچن ٿيا آهن هرو ڀرو واهيات ڪاغذ ڇپايو جاهلن مسلمانن کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن چون ٿا تہ قرآن پاڪ خود فرمائي ٿو تہ انجيل ۾ هدايت ۽ نور آهي ان ۾ نصيحت ۽ وعظ آهي تہ پوءِ ان جو قول مڃي عيسائي ڇو نہ ٿا ٿيو؟ انهن کي جواب ڏيو تہ جيئن شڪاري ان جا داڻا ڇٽي پکي ڦاسائيندو آهي ائين اوهان لالچ ڏيئي ماڻهن جا ايمان خراب نہ ڪيو، اصل تہ انجيل جي احڪام

کان انحرافي ڪندڙ ۽ ان ۾ آيل آيتن ۾ تحريف ڪندڙ اوهان آهيو. انجيل سڳوري اسان جي پياري نبي اڪرم، محبوب معظم عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ ۽ ان تي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڪيو پوءِ اوهان انڪار ڪري ڪافر ڇو بڻيا آهيو؟ اسان جو انجيل تي ان حيثيت سان ته جيڪو ان ۾ الله جل جلاله فرمايو هو ايمان آهي اوهان جي طرفان تبديل ڪيل تي ايمان ناهي.

حضرت امام جعفر صادق سان هڪ عيسائيءَ جو بحث

هڪ ڀيري يوحنا نالي هڪ پادري حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪين عرض ڪيائين ته هڪ مسئلو ٻڌايو؟ سائين فرمايس ته ڪهڙو؟ عرض ڪيائين ته ٻن ڌرين پاڻ ۾ هڪ شيءِ جي ملڪيت بابت جهڳڙو ڪيو آهي هڪڙن چيو ته اها اسان جي آهي ٻين چيو ته اسان جي، پوءِ فيصلي ڪرائڻ جي لاءِ ٻئي ڌريون گڏجي وقت جي قاضي وٽ پهتا قاضيءِ چين ته شاهد آڻيو هڪ ڌر قاضيءَ کي عرض ڪيو ته هي ٻيءَ ڌر وارا پاڻ اسان جا شاهد آهن، قاضيءَ ٻيءَ ڌر وارن کان پڇيو ته: اوهان هنن جا شاهد آهيو؟ انهن قبول ڪري چيو ته ”هائو“ هاڻي ٻڌايو ته قاضي ڪهڙيءَ ڌر کي سچو سمجهي ۽ اها شيءِ انهن جي حوالي ڪري؟

سيدنا حضرت امام جعفر صادق عليه الرضوان فرمايس ته ”هائو مان تو واريءَ ڳالهه کي سمجهي ويس تون چوين ٿو ته مسلمانن ۽ عيسائين جو پاڻ ۾ پنهنجي پنهنجي دين جي حقانيت تي اختلاف آهي مسلمان چون ٿا ته اسان جو دين سچو آهي عيسائي چون ٿا ته اسان جو، عيسائين چيو ته: اوهان پاڻ شاهد آهيو ته اسان کي مليل ڪتاب انجيل ۽ اسان جو نبي حضرت عيسىٰ عليه السلام سچا آهن ۽ اسين نه اوهان جي ڪتاب کي ٿا مڃيون نه اوهان جي نبي عليه السلام کي پوءِ اسان جي دعوىٰ ٻنهي ڌرين جي اتفاق سان سچي آهي، عيسائين کي جيڪو مسلمان جواب ڏين ٿا اهو تون لڪائين ٿو پر مان توکي ٻڌايان ٿو. اهو هي آهي ته اسين اوهان وٽ هينئر موجود انجيلن، انجيل متي، انجيل يوحنا کي هاڻوڪي صورت ۾ ڪو نه ٿا مڃيون اهي اوهان جي طرفان ڦيرڦار ڪيل ۽ هٿرادو ڳالهيون ملايل آهن. اسين الله جل شانه جي طرفان نازل ڪيل ان انجيل سچي کي مڃيون ٿا جنهن ۾ اسان جي نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جي واکاڻ لکيل آهي ۽ نصارن کي ان تي ايمان آڻڻ جو صريح حڪم ڪيل آهي اسين ان حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کي مڃيون ٿا

جيڪو انسان، الله جو ٻانهو ۽ مريم سائڻ جو پٽ آهي، الله جل شانه جوپٽ ناهي ڇو ته الله جل شانه پٽ رکڻ کان پاڪ، مبرا ۽ مقدّس آهي، اسين ان سچي عيسىٰ بن مريم کي الله جو رسول ڪري تسليم ڪيون ٿا جنهن فارقليط يعني حضرت محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم جي اچڻ جي خوشخبري ڏني هئي ۽ ان تي ايمان آڻڻ جو تاڪيد ڪيو هو،هاڻي ڏسو ته خود عيسىٰ عليه السلام ۽ انجيل سڳورو جن تي اوهين فخر ڪيو ٿا سي ته اسان جي نبي عليه السلام ۽ ڪتاب جا پڪا شاهد آهن پوءِ اوهان گمراه ٿي انهن کي ڇو نه ٿا مڃيو؟ اوهين ڪوڙا آهيو جو نه پنهنجي نبي ۽ ڪتاب جا تابع آهيو نه اسان جي نبي ۽ ڪتاب جا اسين پنهنجي نبي ۽ ڪتاب کي مڃڻ سان گڏ اوهان جي نبي ۽ ڪتاب جي جيڪا صحيح حقيقت آهي اها تسليم ڪيون ٿا اوهان بنهي جهانن کان رد آهيو، اها تقرير ٻڌي اهو يوحنا پادري لاجواب ٿي ويو(١) مسلمان ڀائرو! موجوده دور ۾ اوهان وٽ ايندڙن نصارن، انهن جي ڪوڙي لٽريچر ۽ هٽرادو مواد کان سختيءَ سان پري رهو، مفت ۾ ڪتاب، دوائون، ڇوڪريون، نوڪريون ۽ ٻيون سهوليتون ڏئي اوهان جي ايمان جي تباهي ڪرڻ ٿا گهرن، اوهان جو هميشه هي نعرو هجي.

سر ڪٽے، ڪنبہ ڇهٹے اور گهر لٹے
دامن احمد نہ هاتهون سے ڇهٹے

"وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ" يعني انجيل وارن کي لائق آهي ته جيڪو ان ۾ الله نازل ڪيو آهي ان جي مطابق فيصلو ۽ عمل ڪندا رهن ۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل حڪم موجب فيصلو نه ڪندا اهي راه کان ٿڙيل ۽ فاسق آهن، هي حڪم يا ته انهن عيسائين کي ڏنو ويو هو جيڪي توراة جي نازل ٿيڻ وقت موجود هئاۓ هتي اهو نقل ڪري ٻڌايو ٿو وڃي يا انهن عيسائين کي آهي جيڪي قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ وقت موجود هيا، المقصد ته حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي آمد جون بشارتون ۽ خوشخبريون ڏنيون هيون انهن کي انجيل ۾ لغو ۽ مهمل تاويلات سان مٽائڻ جي ڪوشش نه ڪن.

اها الله جل مجده جي سخت بي فرماني هوندي جو جنهن رهبر اعظم، هادي برحق، ۽ اعلىٰ مصلح جي متعلق حضرت عيسىٰ عليه السلام فرمائي ته" جڏهن

(١) تنويرالايمان ص٦٤ پ٦

اهو حق وارو روح ايندو تہ اوهان كي سچائيءَ جا سڀ رستا کولي ڏيندو. ان جي ڪوڙي چوڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيهي پنهنجي لاءِ ابدي نقصان قبول نہ ڪيو.

فائدو: مٿين آيتن مان ثابت ٿيو تہ انجيل شريف ۾ هدايت، نور، تصديق، نصيحت ۽ شرعي احكام سڀ ڪجهہ هيو، جيڪو چوي تہ نہ ان ۾ صرف ۽ صرف وعظ ۽ مثال هيا سو غلط آهي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ توراة ۽ انجيل نبي ڪريم، رؤف رحيم عليه الصلواة والسلام جن جي آمد جي صرف بشارت نہ ڏني هئي پر مخلوق جي سندن طرف پوري پوري رهنمائي ڪئي هئي جيڪڏهن اهي ڪتاب حضور عليه الصلواة والسلام جن جو صرف نالو مبارڪ ٻڌائين ها ۽ وڏيڪ صفتون بيان ڪري پوري رهنمائي نہ ڪن ها تہ ممڪن هو ڪو ٻيو پنهنجو نالو محمد يا احمد رکي دعوىٰ ڪري وهي ها تہ اهو مان آهيان جنهن جو ذڪر توراة ۽ انجيل ڪيو هو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ توراة ۽ انجيل جون غير منسوخ آيتون جن جي قرآن ڪريم تائيد ڪئي آهي قيامت تائين واجب العمل آهن جيئن الله جل شانہ جي هيڪڙائيءَ واريون آيتون، يا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ جي بشارتن واريون آيتون وغيرها.

وَاَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡکَ الۡكِتَابَ بِالۡحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهِ مِنَ

۽ لاٿوسون تو ڏانهن ڪتاب سچ سان تصديق ڪندڙ آهي ان ڪتاب جي جيڪو اڳ ۾ هو ان کان

الۡكِتَابِ وَمُهَيۡمِنًا عَلَيۡهِ فَاحۡكُمۡ بَيۡنَهُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَلَا

۽ نگهباني ڪندڙ ان تي پوءِ فيصلو ڪر انهن ۾ ان موجب جو لاٿو الله ۽ نہ پيروي ڪر

تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَهُمۡ عَمَّا جَآءَکَ مِنَ الۡحَقِّ ؕ لِكُلٍّ جَعَلۡنَا مِنۡكُمۡ

سندن سڌن جي ان کان (منهن موڙي) جو آيو تو وٽ حق مان سڀني جي لاءِ ڪئي سون اوهان مان

شِرۡعَةً وَّمِنۡهَاجًا ؕ وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمۡ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنۡ

شريعت ۽عمل جي واٽ ۽جيڪڏهن گهري ها الله تہ البت ٺاهي ها اوهان کي امت هڪڙي ۽ پر

لِيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ آتَاكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ اِلَى اللّٰهِ

تانت آزمائي اوهان کي ان ۾ جو ڏنائين اوهان کي پوءِ اڳرائي ڪيو چڱن ڪمن ۾ الله ڏانهن آهي

مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاَنِ

موٽڻ اوهان مڙني جو پوءِ خبر ڏيندو اوهان کي ان جي جو ان ۾ اختلاف ٿي ڪيو ۽ هيءَ ته فيصلو

احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَاحْذَرْهُمْ اَنْ

ڪر انهن ۾ ان موجب جو لاٿو الله ۽ نه تابعداري ڪر سندن خواهشن جي ۽ بچ انهن ڪان متان

يَّفْتِنُوْكَ عَنْ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ

فتني ۾ وجهن توکي بعض ان جي ڪان جو لاٿو الله تو ڏانهن پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين پوءِ ڄاڻ ته

اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ

تحقيق ارادو ڪري ٿو الله ته پهچائي انهن کي (سزا) سندن بعضي گناهن جي ۽ تحقيق گهڻا

النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ ﴿٤٩﴾

ماڻهن مان البت فاسق آهن.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ توراة ۽ انجيل ۾ نازل ڪيل هدايت،نور ۽ نصيحت جو بيان ڪري هاڻي قرآن ڪريم جي ڪجهه خصوصيات کي بيان ڪيو ٿو وڃي، فرمان آهي "وَاَنْزَلْنَا اِلَيْكَ الْكِتَابَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ" يعني اسان اوهان ڏانهن ڪتاب (قرآن ڪريم) حق سان لاٿو آهي ڪنهن قول يا فعل کي حق ان وقت

سڏيو ويندو آهي جيڪو جيئن ۽ جنهن وقت دل گهري تيئن مناسب ۽ موزون ليي (١) ان مفهوم کي ذهن نشين ڪري اوهان قرآن پاڪ جي باري ۾ آيل لفظ "بِالْحَقِّ" کي پڙهو تہ اوهان جي اڳيان ان جي اها حقيقت واضح ٿي بيهندي تہ قرآن ڪريم دل سان ٺهڪندڙ، مناسب ۽موزون ۽ ضرورت تي پورو لهندڙ آهي ان جي ڪري حق آهي ۽ قرآن ڪريم اڳين ڪتابن جي اصلي حقيقت جي تصديق ڪندڙ آهي تہ اهي واقعي الله جل شانہ پنهنجن پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام تي نازل فرمايا هئا.

"وَمُهَيْمِنًا عَلَيْهِ" ۽ ان تي نگهباني ڪندڙ آهي،مهيمن هيٺن معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي. محافظ، نگران، شاهد، امين علامہ نسفيءَ هتي ان مان مراد شاهد ورتو اهي وشاهدا لانہ يشهد لہ بالصحة والثبات (٢) يعني قرآن پاڪ اڳين ڪتابن جي صحيح ۽ ثابت هجڻ جو شاهد آهي. پر جيڪڏهن غور ڪجي تہ هتي قرآن پاڪ جي لاءِ"مهيمن" جون سڀئي معنائون نهن ٿيون يعني دين جا اهي عقائد ۽ اصول جيڪي اڳين ڪتابن ۾ بيان ڪيا هئا جن مان ڪجهہ اهل ڪتاب وارن وساري ڇڏيا هئا ۽ ڪيترن ۾ رد وبدل ڪري هڪڙن جا ٻيا بنائي ڇڏيا هيائون قرآن ڪريم انهن جو محافظ آهي جو انهن کي صحيح حقيقت ۾ پيش ڪري ٿو،۽ پنهنجن صفحن ۾ انهن جي اهڙي حفاظت ڪري ٿو جو اتي انهن ۾ ڪير بہ ردوبدل نہ ٿو ڪري سگهي ۽ قرآن پاڪ اڳين ڪتابن جو رقيب ۽ نگران بہ آهي،ڇو تہ اهوئي هڪ اهڙي ڪسوٽي آهي جنهن سان خبر پوي ٿي تہ موجوده آسماني ڪتابن ۾ حق جومقدار ڪيترو آهي ۽ قرآن پاڪ امين بہ آهي جيڪو اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي تعليمات کي ٻيهر قائم ڪرڻ کان سواءِ جيئن جو تيئن پيش ڪري رهيو آهي ان ۾ ڪا بہ گهٽ وڌ ٿائي نہ ٿو ڪري" فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَا أَنْزَلَ اللَّهُ" يعني (اي حبيب! عليڪ الصلواة والسلام) انهن اهل ڪتاب جي معاملن ۾ ان مطابق فيصلو ڪريو جيئن الله جل شانہ نازل فرمايو آهي.

الله جل شانہ توراة جي نزول جو غرض ۽ غايت بيان ڪندي فرمايو "يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّونَ" ۽ انجيل جو مقصد واضح ڪنديفرما يو "وَلْيَحْكُمْ أَهْلُ الْإِنْجِيلِ" ۽ قرآن پاڪ جي لاهڻ جي مدعا هي آهي تہ پنهنجيءَ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ، تمدني ۽ معاشرتي مسائل، سياسي ۽ اقتصادي مشڪلات ۾ انهن فرمانن کان ئي روشني حاصل ڪئي وڃي ۽ ان جي

(١) المفردات ص١٢٤ (٢) تفسير النسفي ص٢٨٦ج١

ٻڌايلن رستن تي هلجي تڏهن اهو فرق محسوس ٿيندو جيڪو خداوندي قانون، مصطفوي نظام ۽ ماڻهن جي ٺاهيل آئين ۾ آهي ۽ جيڪڏهن مالڪ مٺي جي ارشادات تي عمل نہ ڪيو ويندو ۽ ان جي واضح هدايتن ۽ روشن احڪام جي هوندي پنهنجي خواهشات جي پيروي ڪئي ويندي تہ انهن ڪتابن جي نزول جو اصل مقصد فوت ٿي ويندو ۽ انسان انهن حڪمن ۾ مضمر برڪتن کان محروم رهجي ويندو.

"وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ" ۽ اوهان ان حق کي ڇڏي جيڪو اوهان وٽ آيو آهي انهن جي خواهشن جي تابعداري نہ ڪيو

نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن خواهشات جي تابعداريءَ کان پاڪ آهن

هنن لفظن ۾ جيڪو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي جهليو ۽ روڪيو ويو آهي، ان جو مطلب اهو ناهي تہ معاذالله ٿم معاذالله پاڻ انهن جي خواهشات جي تابعداريءَ جي لاءِ سوچي رهيا هئا پر مقصد هي آهي تہ جيئن اوهان شروع کان الله جل شانہ جي احڪام جي پيروي ڪندا آيا آهيو ۽ انهن جي خواهشن جي اتباع جو وهم بہ اوهان جي مبارڪ دل تي نہ آيو آهي تنيئن هميشہ جي لاءِ همت، جرءت، جوانمردي ۽ مستقل مزاجيءَ سان رباني احڪام جي اطاعت ڪندا رهجو .

"لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنكُمْ شِرْعَةً وَمِنْهَاجًا" يعني اوهان مان سيني جي لاءِ اسان هڪ شريعت ۽ عمل جي واٽ مقرر ڪئي آهي.

شرعة ۽ منهاج ڇا آهي؟

ڄاڻڻ گهرجي تہ "شرعة" ۽ شريعت جي لفظ جي معنيٰ هڪڙي آهي، شرعة ۽ شريعت لغت ۾ ان واٽ جو نالو آهي جيڪا پاڻيءَ تائين پهچائي ۽ اهو اج تائين بہ عرب جو استعمال رهيو آهي ۽ الله جل جلالہ جي فرمانن کي شريعت ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو جيئن پاڻيءَ جي واٽ وٺي وڃڻ وارو پاڻيءَ مان ڍؤ ڪندو آهي تيئن شريعت پاڪ تي عمل ڪرڻ وارو بہ حقيقي پاڪائي حاصل ڪري ڍؤ ڪندو آهي ۽ اهو لفظ قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۾ بہ آيل آهي(١) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ منهاج فرض ۽ سنتون آهن (٢) ۽ علامہ حسين محمد محلوف لکيو آهي تہ منهاج دين جو روشن رستو آهي (٣) مطلب هي آهي تہ الله جل شانہ ارشاد

(١) تفسير المنار ص٤١٤ جلد٦ (٢) تنوير المقياس من تفسير ابن عباس ص٩٥
(٣) تفسير وبيان ڪلمات القرآن ص١١٦

فرمايو تہ: اهي عقيدا ۽ احڪام جن تي انسان جي نجات جو انحصار آهي اهي سڀني آسماني ڪتابن ۾ برابر آهن پر شرعي احڪام، انهن جو تفصيل،عبادات ۽ ان جي شڪل ۽ صورت، حلال ۽ حرام شين جي لاءِ قاعدا ۽ قانون انهن ۾ ڪجهہ فرق آهي ۽ ان جو وجه هي آهي تہ هر نبي عليه الصلواة والسلام جي امت جي ذهني سوچ ۽ سطح، ان جو مخصوص ماحول، ان جي معاشري جي تقاضا، ان جون سياسي ۽ اقتصادي ضرورتون مختلف هيون ان جي ڪري انهن جي فروعي مسائل ۾ اختلاف ضروري هو جيڪو ٿيو.

"وَلَوْ شَآءَاللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتَاكُمْ" يعني جيڪڏهن الله گهري ها تہ اوهان سڀني کي هڪ امت بنائي ها پر ان جو ارادو ٿيو تہ اوهان کي جيڪي احڪام ڏنا اٿس انهن ۾ اوهان کي آزمائي، هي فرمان اصل ۾ انهن ماڻهن کي جواب آهي جيڪي چوندا وتندا آهن تہ جيڪڏهن ڪليات ۽ اصول وانگر فروعات ۾ بہ اختلاف نہ هجي ها تہ اختلاف نہ رهي ها. هتي ٻڌايو ويو آهي تہ انهن مختلف حڪمن ڏيڻ سان مقصد اوهان جو آزمائڻ ۽ امتحان وٺڻ آهي، ڇو تہ الله جل جلالہ تي ايمان آڻڻ جو مقصد ان جي هر حڪم جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ آهي بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ٿئي تہ بيت الله شريف ڏانهن منهن ڪري نماز ۾ بيهندڙ بيت المقدس ڏانهن منهن ڪن پر جيڪڏهن وري ان کي ڇڏي بيت الله ڏانهن منهن ڦيرائڻ جو حڪم ٿئي تہ اوڏانهن منهن ڪري بيهن ۽ دل ۾ ڪنهن بہ قسم جو تردد، شڪ ۽ شبهو نہ ڪن.

مفسر بيضاوي عليه الرحمة هن جملي جو مطلب هن طرح بيان ڪيو آهي تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ سختيءَ ۽ جبر سان هر هڪ کي اسلام جو پابند ڪري ها ۽ ڪنهن کي انڪار جي مجال ئي نہ رهي ها پر ائين ان جي ڪري نہ ڪيائين تانت ماڻهن کي آزمائي تہ ڪير پنهنجي اختيار سان هن حق واري دين کي قبول ڪري ٿو ۽ ڪير اعتراض ۾ رهي ٿو (١)

"فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ" پوءِ ڀلن ڪمن ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ ۽ وڌڻ جي ڪوشش ڪيو، هتي هي جملو نهايت ئي معنيٰ خيز ۽ مطلب وارو آهي مقصد تہ بحثن ۾ پئجي وقت ضايع نہ ڪيو پر الله جي هن آخري دين، آخري ڪتاب ۽ آخري رسول عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻيو ۽ ٻين کان ديني ڪمن ۾

(١) تفسير بيضاوي ڪامل ص١٥٢

وڏڻ ۾ اڳي ٽيڻ جي جدوجهد جاري رکو- هنن لفظن سان اهل ڪتاب کي تنبيه ڪندي غيرت ڏياري ٿي وڃي ته عرب جا مشرڪ ۽ جاهل جن کي اوهان ڪا اهميت ڪو نه ڏيندا هيئو اسلام ۾ ڌڙا ڌڙ داخل ٿي پنهنجا پئي جهان سهڻا بنائي رهيا آهن ۽ اوهان علم ۽ دانش جا صاحب ٿي ڪري پوئتي پئجي رهيا آهيو "اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا" اوهان سيني جو الله ڏانهن موٽڻ آهي، هيءَ دنيا جنهن جي دلچسپين ۾ ڦاسي ويا آهيو عارضي جاءِ آهي هتان هڪ ڏينهن اوهان کي ضرور سلم ڪرڻو آهي" فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ" پوءِ اوهان کي انهن ڳالهين جي خبر ڏيندو جن ۾ اوهان هڪ ٻئي سان اختلاف ڪندا هيئو- جڏهن پردا ڪنيا ويندا ۽ ساري حقيقت ڪلي بيهندي ته پوءِ ڇا ڪندؤ؟ اتي انهن کي عذاب ڪيو ويندو جن الله تعاليٰ جي بي داغ، برهانن کي نه مڃي ڪفر ڪيو هوندو "وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ" ۽ انهن جي معاملن ۾ ائين فيصلو ڪر جيئن الله نازل ڪيو آهي ۽ سندن سڌن جي اتباع نه ڪر- هن عبارت ۾ ظاهري خطاب ته حضور عليه السلام جن سان آهي،پر حقيقت ۾ اهو خطاب سيني مسلمانن خصوصًا هر وقت جي حاڪمن سان آهي (١) ته ڪو به فيصلو ڪن ته قرآن پاڪ ۽ نبوي ارشاد جي مطابق ڪن" وَاحْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ" ۽ بچندو رهه انهن ڪان متان پير ترڪائي وجهن تنهنجو ان بعض حڪمن کان جو الله تو ڏانهن نازل فرمايو آهي.

شان نزول

سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما هن عبارت جو شان نزول هن طرح بيان ڪيو آهي ته يهودين جي ڪجهه مذهبي اڳواڻن پاڻ ۾ مشورو ڪيو ته اچو ته (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) وٽ هلون ۽ ڪين ڪنهن حيلي بهاني سان سندس دين کان ٿيڙي وجهون فانما هو بشر اهو به بشر ئي ته آهي ان کي ڌوڪو ڏيڻ ڪهڙو مشڪل آهي؟ پوءِ هڪ منصوبي تحت سندن خدمت ۾ اچي عرض ڪيائون ته

(١) نعيمي ص٥٣٠ جلد٦

اوهان کي خبر آهي تہ اسين يهودين جي مذهبي اڳواڻن ۾ وڏا آهيون اسان جي مسلمان ٿيڻ سان ڪيترا يهودي مسلمان ٿيندا اسين اوهان وٽ ان لاءِ آيا آهيون تہ اسان جو ڪن ماڻهن سان ڦڏو آهي ان جي تصفيہ لاءِ اوهان وٽ ايندا سون جيڪڏهن فيصلو اسان جي حق ۾ ڏيندؤ تہ اسين پاڻ تہ مسلمان ٿينداسون پر اسان کي ڏسي ٻيا بہ مسلمان ٿيندا اها سازش نهايت خطرناڪ هئي، ڇو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ماڻهن جي مسلمان بنائڻ جي لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪندا هئا پر پاڻ سيني جهانن جي حقيقتن کي ڏسڻ وارا ڪائنات جي اسرار تان نقاب لاهڻ وارا آهن سندن فراست قدرتي نور سان روشن آهي ڪائنات اهو ڏوڪو ۽ ٺڳي مخفي نہ رهيا، پاڻ ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيائون تڏهن اها عبارت نازل ٿي(١)

مسلمانو! هوشيار رهو!

هن عبارت جي شان نزول ۾ يهودين جي جملي انما هو بشر تي غور ڪيو تہ جيئن يهودين جي مذهبي اڳواڻن حضور عليہ السلام کي هيءُ بشر ئي تہ آهي ڇيو هو ۽ سندن نگاهون محمدي مقامات جي رفعتن کي ڏسي نہ سگهيون تيئن اڄ بہ شان رسالت جي عظمت جا منڪر اهي ساڳيا الفاظ ڇوندا آهن افسوس آهي جو اوهان مخلص مؤمن انهن کي ڪجهہ چوڻ لاءِ تيار نہ آهيو انهن سان هر ممڪن مدد ڪندا

آهيو اوهان الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ ڪهڙو جواب ڏيندؤ- "فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُاللهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ" يعني پوءِ جيڪڏهن اهي منهن موڙي اوهان جي فيصلي تي راضي نہ ٿين تہ پوءِ يقين ڪيو تہ الله ارادو فرمايو آهي تہ انهن کي سندن بعضي

ڪيلن گناهن جي سزا دنيا ۾ ئي مسلمانن جي هٿان قتل ٿيڻ، جزيه پرڻ ۽ جلاوطن ڪرڻ سان پهچائي، ۽ ساري دنيا ڏٺو ته ٿيو به ائين جيئن الله تعالىٰ فرمايو"وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ" ۽ يقينًا ماڻهن مان گهڻا البت فاسق آهن- يعني اهي ضد، هٺ ۽تڪبر سان غريبن ۽ نادارن کي دٻائي انهن جا حقوق ڦٻائڻ چاهين ٿا.

اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ

ڇاپوءِ فيصلو جاهليت جو ٿا گهرن ۽ ڪير وڌيڪ سهڻو آهي الله کان فيصلي ۾ واسطي ان قوم

يُّوْقِنُوْنَ ﴿۵۰﴾ ع

جي جو يقين ڪن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي وحي جي اتباع جو تاڪيد ڪيو ويو هو ۽هن آيت ۾ وحي جي ذريعي لاٿل حڪم کان منهن موڙيندڙن تي تعجب جو اظهار ڪندي ارشاد ٿيو آهي ته: "اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ" ڇا جاهليت جو فيصلو ٿا گهرن؟

جاهليت ڇا آهي؟

جاهليت ان نظام حيات جو نالو آهي جتي قانون سازيءَ جو ڪامل اختيار ڪائنات جي خالق بجاءِ خواهشات جي پوڄارين جي هٿ ۾ هجي- الله جل جلاله هن عبارت ۾ فرمايو ته جڏهن اوهان آسماني ڪتاب جي اطاعت، کي ڳروسمجهو ٿا جن ۾ هدايت ۽ نور آهي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته اوهان جاهليت جي دور واري ظالمانه نظام کي پنهنجو ڪرڻ ٿا

چاهيو. جنهن ۾ غريب ۽ امير، ڪمزور ۽ قوي، حاڪم ۽ محڪوم جي لاءِ جدا جدا قانون هو ذرا سوچيو الله جل شانه جي مقرر ڪيل حڪمن جيڪي عين عدل ۽ انصاف ۽ مجسم رحم ۽ ڪرم آهن اهي عمل جي لاءِ بهتر آهن يا اوهان جو هٿ ٺوڪيو ظالماڻو نظام جتي نفساني خواهشات جي بلندي ۽ بالادستي آهي.

"وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ" ۽ ڪير وڌيڪ سٺو آهي الله جل جلاله) کان حڪم جي لحاظ سان ان قوم جي لاءِ جيڪي يقين ٿا رکن.

يعني مومنن جو يقين ۽ عقيدو اهو آهي ته پلائي الله جل جلاله جي حڪم نبي هلڻ ۾ آهي. **فائدو**: مسلمان ٿي ڪري ڪافرن جي رسمن ۽ رواجن کي پسند ڪرڻ وڏو عيب ۽ گناهه آهي انهن جون رسمون ان وقت جون آهن جڏهن دنيا ۾ انڌيرو هو هاڻي ته قيامت تائين نبوت جو سج چمڪي دنياکي چمڪائي رهيو آهي ته پوءِ هندن جون رسمون ۽ رواج اختيار ڪري جهنم جي کڏي ۾ ماڻهو ڇا لاءِ ڪري پئي. مگر افسوس آهي ته قرآن پاڪ جي نهايت روشن، صاف نظام ۽ قانون کي ڇڏي ماڻهو اڄا تائين عيسائيت ۽ يهوديت جي رواجن ۾ نه صرف ڦاٿا پيا آهن پر انهن تي فدا ٿي رهيا آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰٓى اَوْلِيَآءَ ۘ

اي ايمان وارؤ! نه بڻايو يهودين ۽ نصارن کي دوست

بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ۭ

بعضي انهن مان دوست آهن بعض جا ۽ جيڪو دوستي رکندو انهن سان اوهان مان پوءِ بيشڪ اهو انهن مان آهي

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾ فَتَرَى الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ

بيشڪ الله نه ٿو هدايت ڪري قوم ظلم ڪندڙ کي پوءِ ڏسندين انهن کي جو دلين انهن جي ۾

مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ فِيْهِمْ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰٓى اَنْ تُصِيْبَنَا دَاۗىِٕرَةٌ ۭ

بيماري آهي جلدي ٿا ڪن انهن ۾ چون ٿا ته ڊڄون ٿا متان پهچي اسان کي ڪا گردش

فَعَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَ بِالْفَتْحِ اَوْ اَمْرٍ مِّنْ عِنْدِهٖ فَيُصْبِحُوْا عَلٰى

پوءِ ويجهو آهي الله جو آڻي فتح يا ڪو امر پاڻ وٽان پوءِ ٿي پون ان تي

مَآ اَسَرُّوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ﴿٥٢﴾

جو لڪايائون پنهنجي اندر ۾ پشيمان

شان نزول

هڪ ڀيري حضور عليه الصلواة والسلام جن جو هڪ صحابي حضرت عُبادة بن صامت جيڪو بني حارث بن خزرج قبيلي مان هو يعني انصاري خزرجي هو حضور پُر نور عليه الصلواة والسلام جن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله! يهودين جي وڏي جماعت جيڪي نهايت مالدار ۽ دولت مند آهن انهن سان منهنجي گهاٽي دوستي هئي پر مون اسلام قبول ڪري انهن سيني کان جدائي اختيار ڪئي آهي مون الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي محبت تان سڀ محبتون قربان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي اتي ٿي منافقن جو اڳواڻ عبدالله بن ابي بن سلول ويٺو هو ان چيو ته مون يهودين کان تعلقات نه ٽوڙيا آهن مون کي انهن جي تعلقاتجي ضرورت آهي زماني جي حالات جي تقاضا آهي ته تعلقات سيني سان سٺا هجن حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو ته" يهودين سان محبت تون ٿي رکي سگهين ٿو (جو منافق آهين) عُبادة نه ٿو رکي سگهي، ان چيو ته هائو مون کي انهن جي محبت منظور آهي تڏهن الله جل جلاله هي آيت ڪريمه نازل ڪئي (١) ارشاد آهي.

"يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰٓى اَوْلِيَآءَ" اي مومنو! يهودين ۽ نصارن کي پنهنجا دوست ۽ مددگار نه بنايو. تانت نه اهي مسلمانن جون راز واريون ڳالهيون ۽ خاص خبرون معلوم ڪري سگهن ۽ نه مسلمانن جي خلاف جاسوسي ڪن. هن آيت کان اڳ ۾ ۽ هتي يهودين ۽ نصارن جي دوستيءَ کان سختيءَ

(١) نعيمي ص٥٣٨ ج٦ الدر المنثور ص٩٨ ج٣

سان منع ڪيل آهي " بَعۡضُهُمۡ اَوۡلِيَآءُ بَعۡضٍ " انهن مان هڪڙا ٻين جا دوست ۽ مددگار آهن يعني يهودي ۽ نصاريٰ عقيدن ۾ هڪ ٻئي جي سخت خلاف آهن يهودي حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي امان سيده مريم سڳوريءَ کي گاريون ڏيندا آهن ۽ انهن حضرت عيسيٰ عليه السلام کي ڦاسي ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي جيڪا الله تعاليٰ ناڪام ڪئي پر تنهن هوندي به عيسائي مسلمانن جي مقابلي ۾ انهن يهودين جا دوست ۽ خير خواهه هوندا آهن.

" وَمَنۡ يَّتَوَلَّهُمۡ مِّنۡكُمۡ فَاِنَّهٗ مِنۡهُمۡ " ۽ جيڪو اوهان مان انهن سان دوستي رکندو سو به يقيناً انهن مان هوندو هن ڪان اڳ ۾ عام حڪم هو ته يهودين ۽ نصارن کي نه دوست بڻايو ۽ نه دوست سمجهو ۽ هتي منافقن جي هڪ خاص ٽولي کي بي نقاب ڪيو ٿو وڃي جيڪي هڪ ئي وقت ٻن ٻيڙين ۾ سوار رهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ڇو ته انهن الله جل شانه ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام تي دل سان ايمان ڪو نه آندو هو تانت اهي پنهنجي قسمت کي اسلام سان مڪمل وابسته رکن ها ۽ مشڪلات ۽ نتيجن جي پرواهه ڪرڻ ڪان سواءِ ئي اسلام لاءِ سر جو سودو ڪن ها جيڪي سيني سان پوري رهڻ جي سياٽپ هلائي رهيا هئا هتي الله جل شانه انهن کي ملڻ واري سزا ٻڌائي رهيو آهي ته انهن سان محبت ۽ دوستي رکڻ وارو به انهن مان ئي ڳڻيو ويندو ۽ اهو به عذاب الهي ڪان بچي نه سگهندو.

بد مذهب جي دوست کي به بد مذهب سمجهي ان ڪان پري رهڻ گهرجي

طبرانيءَ حضرت خالد بن الوليد رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " اَنَا بَرِيۡٓءٌ مِّنۡ كُلِّ مُسۡلِمٍ اَقَامَ مَعَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ " (١) يعني مان ان مسلمان ڪان بيزار آهيان جيڪو مشرڪن سان گڏ رهيو پيو آهي، سيدنا عمر بن خطاب رضي الله عنه پنهنجي خلافت جي دور ۾ حضرت ابو موسيٰ اشعريءَ رضي الله عنه کي فرمايو ته: جڏهن الله نصارن کي خوار ڪيو آهي ته اوهان انهن جي عزت نه ڪيو ۽ جڏهن الله انهن کي خيانتي قرار ڏنو آهي ته اوهان انهن تي اعتماد نه ڪيو ۽ جڏهن الله انهن کي پري رکيو آهي ته اوهان انهن کي ويجهو نه ڪيو (٢)

(١) مظهري ص١٣٣ ج٣ (٢) تفسير القاسمي ص٢٤٠ جلد٤

افسوس موجوده دور جا مسلمان

قرآن پاڪ جي ان سخت ۽ تاڪيدي فرمان جي هوندي بہ هاڻي جا مسلمان يهودين ۽ نصارن جا چمچا لڳا پيا آهن. اڄ سڄي طرح نصاريٰ ۽ يهودي ساري دنيا تي حڪومت ڪري رهيا آهن، خدا تعاليٰ مسلمانن حڪمرانن ۾ ڪا سمجهہ ۽ همت پيدا ڪري جو اهي پنهنجو مسلماني وقار ۽ عزت برقرار رکن ۽ نصارن ۽ يهودين جي محبت ۽ دوستيءَ ڪان حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه وانگر پري رهي دنيا تي اسلامي جهندبو بلند ڪن، آمين يا رب العالمين. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ" يقينًا الله ظالم قوم کي هدايت نصيب نہ ڪندو آهي. جيڪي يهودين ۽ نصارن جي دوستيءَ ۾ اهڙا تہ فنا ٿي وڃن ٿا جو ڪا بہ هدايت ۽ رشد واري ڳالهہ سمجهن ئي ڪو نہ ٿا.

"فَتَرَى الَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوۡنَ فِيۡهِمۡ يَقُوۡلُوۡنَ نَخۡشٰٓى اَنۡ تُصِيۡبَنَا دَآئِرَةٌ" يعني اوهان انهن کي ڏسندؤ جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جو) مرض آهي تہ انهن (يهودين ۽ نصارن جي دوستي) ۾ تمام تکڙا هوندا (۽ جيڪڏهن ڪين ڪير روڪي تو تہ ان کي جواب ڏيندي) چون ٿا تہ اسين هن ڳالهہ ڪان ڊڄون ٿا تہ اسان کي ڪا گردش نہ اچي پڪڙي. انهن وٽ مصلحت ۽ عقلمندي اها هئي تہ صرف مسلمانن جي هڪ جماعت سان وابستگي ناداني بلڪ ديوانگي آهي.

فَعَسَى اللّٰهُ اَنۡ يَّاۡتِىَ بِالۡفَتۡحِ اَوۡ اَمۡرٍ مِّنۡ عِنۡدِهٖ فَيُصۡبِحُوۡا عَلٰى مَاۤ اَسَرُّوۡا فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ نٰدِمِيۡنَ" يعني الله جلدي (پنهنجي دين کي) فتح ڏيندو يا پاڻ وٽان ڪو اهڙو امر آڻيندو جنهن سان مسلمانن جي قوت وڌندي ۽ دين جي تائيد ٿيندي پوءِ ان وقت اهي منافق پنهنجن اندرن ۾ لڪايل ڳالهين تي پشيمان ٿيندا، پر پوءِ اها پشيماني ڪين ڪم نہ ايندي ان جي ڪري پلو آهي تہ هينئر ئي بد مذهبن جي دوستيءَ ڪان پري رهن.

موجوده دور جي بد مذهبن ڪان بہ پري رهڻ ضروري آهي

هي تہ يهودين ۽ نصارن سان تعلقات نہ رکڻ جو ذڪر هو پر سچي ۽ پڪي مسلمان کي بدمذهبن وهابين، شيعن، خارجين وغيرهم ڪان جيڪي الله جل شانه، ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام، اصحابن پلارن ۽ اوليائن پيارن جا گستاخ ۽

بي آدب آهن تن کان بہ دلي دوري اختيار ڪرڻ ضروري آهي. والله الهادي

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ

۽ چوندا ايمان وارا! ڇا هي آهن؟ جو قسم کنيو هيائون الله جو پڪو قسم پنهنجن قسمن مان: تہ

التلثة

اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ۭ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٥٣﴾

بيشڪ اهي البت گڏ آهن اوهان سان ڇڻ ٿيا عمل انهن جا پوءِ ٿي پيا نقصان وارا.

تفسير

هن آيت ۾ وڌيڪ تشريح ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن منافقن جي ڏوڪي ۽ نڱيءَ جا پردا کلندا ۽ سندن دعوائن جي حقيقت روشن ٿيندي تہ پوءِ مسلمان حيرت ۾ پئجي "وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ" ۽ چوندا مؤمن تہ ڇا هي اهي آهن جيڪي الله جا پڪا قسم کڻندا هئا ۽ ساڻن سان دوستيءَ جي دعويٰ ڪري ڍاڙون هڻندا هئا تہ:

"اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ" يقيناً اهي اوهان سان گڏ آهن، حالانڪ ڏنو ٿو وڃي تہ اهي وينا تہ دشمنن جي جهوليءَ ۾ آهن.

"حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ" يعني انهن جي ڪافرن سان دوستيءَ ۽ مسلمانن سان دشمنيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جيڪي ڏيکاءَ لاءِ اسلامي عمل ڪيا هيائون سي سڀ برباد ٿي وين ۽ نقصان وارن مان ٿيا الله تعالىٰ سندن لڪل منافقيءَ کي ظاهر ڪيو دنيا ۾ خوار ٿيا ۽ آخرت ۾ بہ ڪين پنهنجيءَ بد نصيبيءَ جو احساس ضرور ٿيندو- **فائدو**- هن مان ثابت ٿيو تہ دنياوي مفادات جي لاءِ دين کي ڇڏي ڏيڻ يا مسلڪ حق اهل سنت وجماعت کان هٽڻ ۽ تقيہ (دل ۾ هڪڙي زبان تي ٻي) ڪرڻ سڀ منافقن جو شيوو آهي. الله جل جلالہ شال ڪرم ڪري محفوظ ۽ مامون فرمائي. آمين يا الہ العالمين.

يَآاَيُّهَاالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِى

اي ايمان وارؤ! جيڪو ڦرندو اوهان مان پنهجي دين کان پوءِ جلد آڻيندو

اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى

الله اهڙي قوم جو محبت رکندو (الله) انهن سان ۽ محبت رکندا اهي ان (الله) سان- نرمي ڪندڙ هوندا مومنن تي سختي

الْكٰفِرِيْنَ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ

ڪندڙ هوندا ڪافرن تي جهاد ڪندا الله جي واٽ ۾ ۽ نه ڊڄندا ملامت ملامت ڪندڙ جي کان

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٤﴾

اها ڀلائي الله جي آهي ڏي ٿو اها جنهن کي گهري ۽ الله ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ مسلمانن کي يهودين ۽ نصارن سان محبت رکڻ کان روڪيو ويو هو، ڇو ته ڪافرن سان دلي محبت رکڻ مسلمانن جي مرتد ٿيڻ جو سبب نه بنجي ۽هتي مرتدن جي مٿان غضب جو اظهار ڪندي ارشاد ٿيو آهي ته"يَآاَيُّهَاالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِى اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ" يعني ايمان وارؤ! اوهان مان (لڪل منافق) جيڪڏهن ظاهر ۾ به اسلام کان مرتد ٿيندا، ڦرندا ته الله (جل جلاله) جلدي اهڙي قوم آڻيندو جن سان پاڻ محبت ٿو ڪري ۽ اهي ان سان محبت ٿا ڪن.

شان نزول

هيءَ آيت"يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ" کان "وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ" تائين سيدنا ابوبکر صديق ۽ ان جي ساٿين جي متعلق سندن خلافت جي دور اچڻ کان اڳ ۾ ئي حضور عليه الصلواة والسلام جن تي نازل ٿي هئي جنهن ۾ حضرت ابوبکر ۽ ان جي حامين

جون سهڻيون صفتون ۽ خوبيون بيان ڪيون ويون آهن، ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام کان يارهن ٽولا مرتد ٿيا هئا. ٽي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ظاهري زندگي مبارڪ ۾ ١- اسود عنسيءَ جي قوم بنو مدلج جن کي ذوالحمار بہ سڏيندا هئا ٢- مسيلمہ ڪذاب جي قوم بنو حنيفه ٣- طليحة بن خويلد جي قوم بني اسد- ۽ ست وري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ ١- عيينہ ابن حصن فزاري جي قوم فزاره ٢- قرة بن سلمہ قشيريءَ جي قوم غطفان ٣- فجاءة بن عبد يا ليل جي قوم بنو سليم ۴- مالڪ بن نويره جي قوم بنو يربوع ٥- سجاح بنت منذر جي قوم بنو تميم- هن عورت پاڻ بہ نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي ۽ مسيلمہ ڪذاب (نبوت جي دعويٰ ڪندڙ) سان شادي ڪئي هيائين. ٦- اشعث بن قيس جي قوم ڪنده ٧- حطم بن زيد جي قوم بنو بڪر بن وائل هڪ ٽولو وري حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جي دور ۾ مرتد ٿيو هو جن کي ختم ڪيو ويو هو. حبيبن ڪريمن عليه الصلواة والسلام جن جيٰ دور ۾ مرتد ٿيندڙن مان ١- پهريون ٽولو بني مدلج جو هو سندن سردار اسود عنسي پهريان ڪاهن (پوپو) هو ۽ پوءِ نبوت جي دعويٰ ڪئي هيائين. يمن جي ڇاسي رهندو هو حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ننڍو لشڪر ان جي درست ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ۽ اسود عنسي فيروز ديلميءَ جي هٿان پنهنجي گهر ۾ ماريو ويو. اها رات حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دنيوي ظاهري زندگيءَ جي آخري رات هئي ۽ پاڻ مديني منوره ۾ ان رات مسلمانن کي اسود عنسيءَ جي مارجي وڃڻ جي خبر ٻڌايائون ۽ ڏينهن جو سندن رحلت ٿي ۽ اها خبر اصحابن سڳورن جي هٿان مديني منوره ۾ خلافت صديقيہ جي دور ۾ پهتي جيڪا ان خلافت ۾ فتح جي پهرين خبر هئي ٢- ٻيو ٽولو بني حنيفہ قبيلي جي اڳواڻ مسيلمہ ڪذاب جو هو ان بہ نبوت جي هٺ ٺوڪي دعويٰ ڪئي هئي، صديقي خلافت جي دوران انهن سان بہ زبردست جنگ ٿي جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه کي شهيد ڪندڙ، پوءِ سچو مسلمان ٿي، اصحابي بنجندڙ، حضرت وحشي رضي الله عنه جي هٿان اهو مسيلمہ ڪذاب مارجي ويو تاريخ ۾ ان کي يمامه واري جنگ سڏيو ويو آهي ٣- ٽيون ٽولو بنو اسد طليحہ بن خويلد جي قوم وارن جو هو، ان طليحه بہ نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي، انهن کي درست ڪرڻ جي لاءِ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن حضرت خالد بن وليد جي سر پرستيءَ ۾ هڪ ننڍو لشڪر موڪليو پر اهو معمولي

جنگ جهڙپ کان پوءِ شام ڏانهن ڀڄي ويو ۽ پوءِ سچو ۽ پڪو مسلمان ٿيو. اهي ٽئي ٽولا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ظاهري زندگي مبارڪ ۾ ئي مرتد ٿيا هئا. حضرت ابوبڪر صديق جي خلافت جي شروعات ۾ ڪيترا عرب قبيلا زڪوة جي ڏيڻ جو انڪار ڪرڻ لڳا هئا پر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه انهن سان جهاد ڪرڻ جو فيصلو فرمايو پوءِ انهن سچي توبه ڪئي ۽ زڪواة ڏيڻ شروع ڪئي ۽ حضرت ابو حصن فرمايو آهي ته نبين عليهم الصلواة والسلام کان پوءِ افضل ابوبڪر صديق آهي جنهن اهڙي نازڪ دور ۾ اسلام جي دستگيري فرمائي، جيڪي حالات حضرت ابوبڪر صديق کي اڻنديئي پيش آيا جيڪڏهن اهي حالات جبل کي پيش اچن ها ته اهو به ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها. پاڻ منڪرن کي اهڙو سبق سيکاريائين جو وري ڪنهن کي به نبوت جي دعويٰ، فرضن جي انڪار، ۽ اسلامي احڪام جي توهين جي جرءت نه ٿي. سيدنا عمر بن خطاب رضي الله عنه جي خلافت دوران جيڪي فتوحات ٿيون. انهن جو سنگ بنياد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن رکيو هوهيء آيت حضرت ابوبڪر صديق جي مناقب ۾ شامل آهي (١) جنهن ۾ مرتدن کي تنبيه ڪندي ٻڌايو ويو ته اوهان جي مرتد ٿيڻ جي ڪري اسلام جو نقصان نه ٿيندو الله جل جلاله اهڙي قوم ميدان ۾ آڻيندو جن جون هي صفتون آهن ١- ته الله پاڻ انهن سان محبت ٿو رکي ۽ اهي به الله سان محبت ٿا رکن، سيدنا علي، امام حسن بصري، ضحاڪ ۽ قتاده رضي الله عنهم فرمايو آهي ته هم ابوبڪر واصحابه الذين قاتلوا اهل الردة (٢) يعني اهي (الله جا محبوب ۽ محب) حضرت ابوبڪر ۽ ان جا ساٿي آهن (جن ۾ حضرت علي به شامل آهي).

الله جل جلاله ڏانهن محبت جي نسبت ڪرڻ مان مراد ڇا آهي؟

هن آيت ۽ ٻين ڪيترين آيتن ۾ آيو آهي ته الله ٻانهن سان محبت رکي ٿو، ان مان مراد عام مخلوق واري محبت ناهي جنهن ۾ پريشاني، مجبوري ۽ بي قراري هوندي آهي، ڇو ته الله جل جلاله انهن ڳالهين کان پاڪ ۽ مقدس آهي پر ان مان مراد ٻانهي تي گهڻو رحم ۽ ڪرم ڪرڻ آهي. اها صفت ڪيف، تاويل ۽ مخلوق سان مشارڪت کان سواءِ مالڪ مٺي جي لاءِ ثابت آهي (٣) ۽ ٻانهي جي طرفان الله جل جلاله ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان محبت ۽ سندن پيارن سان پيار رکڻ

(١) نعيمي ص٥٥٦ ج٦ ڪبير جزء٢ (٢) مظهري ص١٣٥ ج٣
(٣) تفسير القاسمي ص٢٥٣ جلد٤

ايمان جي لاءِ ضروري ۽ لازمي شيءِ آهي. ان کان سواءِ ايمان جي لذت حاصل نہ ٿيندي،محبت سان محبوب عليہ الصلواة والسلام جن سان جنت ۾ گڏ رهڻ جي دولت نصيب ٿيندي، جيئن حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ شخص نبي ڪريم صلى الله عليہ وسلم جن کان پڇيو تہ قيامت ڪڏهن آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "ان جي لاءِ ڇا تيار ڪيو اٿئي؟ عرض ڪيائين تہ ڪا بہ شيءِ تيار نہ ڪئي اٿم مگر ايترو ضرور آهي تہ مان الله ۽ ان جي رسول صلى الله عليہ وسلم سان محبت رکان ٿو. پوءِ پاڻ ان کي فرمايائون تہ "تون ان سان گڏ هوندين جنهن سان محبت رکي اٿئي" حضرت انس فرمايو تہ: پوءِ جهڙي خوشي اسان کي ان ڳالھ سان ٿي جو پاڻ فرمايائون تہ "تون ان سان گڏ هوندين جنهن سان محبت رکي اٿئي" اهڙي ڪنهن بہ شيءِ سان نہ ٿي، حضرت انس فرمايو تہ مان نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن ۽ ابوبڪر ۽ عمر سان محبت رکان ٿو ۽ اميد اٿم تہ انهن سان محبت رکڻ جي ڪري ساڻن بهشت ۾ گڏ هوندس، جيتوڻيڪ انهن جي عملن جهڙا عمل نہ ڪيا اٿم (١) "اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكَافِرِيْنَ" مومنن تي نهايت نرم ۽ ڪافرن تي سخت هوندا، مسلمانن کي تڪليف نہ پهچائيندا ۽ ڪافرن جي اڳيان نہ جهڪندا، نهايت ذهين، فهيم، مخلص، اسلامي مملڪت جي بنيادن کي نهايت مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ وارا، عزم، استقلال، تدبر، ۽ فراست جا صاحب، اسلام جي لاءِ جانباز، سرفروش، مجاهد هوندا ڪفر ۽ ارتداد جي ڪيڏي بہ تکي ۽ تيز هوا لڳندي پر انهن جي ايمان جي شمع روشن رهندي هي نرم دل هجڻ بہ حضرت ابوبڪر جي صفت آهي جيئن حديث مستفيض ۾ آهي "اَرْحَمُ اُمَّتِيْ بِاُمَّتِيْ اَبُوْبَكْرٍ "(٢) منهنجي امت مان منهنجي امت سان وڌيڪ مهربان ابوبڪر آهي

سيدنا صديق اڪبر جي همت ۽ جرءَت کي ڪروڙين سلام

مسلمانو! قرآن پاڪ جي هنن سهڻن ۽ پيارن لفظن کي غور سان پڙهو تہ الله جل جلالہ اڳ ۾ ئي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ وعن احزابہ جي ساٿين جي ڪهڙن لفظن سان تعريف ڪري رهيو آهي. جنهن جي لشڪر ۾ رهڻ وارن سپاهين جو هي شان آهي تہ ان سچ ۽ حق واري اڳواڻ، سيدنا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن جي پياري خليفي حضرت ابوبڪر، رضي الله عنہ جي ذات جو شان ڪيترو نہ اعليٰ ۽ ارفع هوندو پوءِ جنهن شخص جو قرآن ڪريم جي ڪلام الله هجڻ ۽ الله تعاليٰ جي عليم بذات الصدور هجڻ

(١) صحيح بخاري ص٥٢١ جلد١ (٢) التفسير الڪبير ص٢٢ جزءُ ١١

تي مستحڪم مضبوط ۽ پڪو يقين آهي اهو سندن خلافت جي صحيح ۽ حق هجڻ ۾ ڪو به شڪ يا شبهو نه ڪندو "يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ" الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا. هتي جهاد مان مراد مرتدن، اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ڦرندڙن، سان جنگ ڪرڻ آهي جو ته انهن جو ئي ذڪر هلي رهيو آهي.

مرتدن جي لاءِ شرعي حڪم

چاڻڻ گهرجي ته مرتد جيڪڏهن هڪ يا ٻه آهن ته انهن کي سمجهائي وري اسلام قبول ڪرائبو، پر جيڪڏهن نه ٿا قبول ڪن ته پوءِ انهن کي قتل ڪري ڇڏبو پلا جيڪڏهن مرتدن جي وڏي جماعت آهي ته انهن سان جهاد ڪيو ويندو.

"وَلَا يَخَافُونَ لَوْمَةَ لَائِمٍ" ۽ ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نه ڊڄندا، سبحان الله هنن لفظن ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن جي خلافتجو نقشو چڪي اڳيان رکيو آهي، جو ته پاڻ جڏهن زڪواة نه ڏيڻ وارن سان جهاد جو اعلان ڪيائون ته ڪيترن ماڻهن ڪين جهليو پر پاڻ انهن جي ملامت جي ڪا پرواهه نه ڪندي تلوار ڪڍي ميدان ۾ نڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيا ۽ ڪين نڪرندي ڏسي ٻيا به اچي سندن ساٿ ۾ بيٺا.

ڪنهن جي ملامت جي ڊپ کان حق ڇوڙڻ يا حق تي عمل نه ڇڏجي

مفسرين ڪرام لکيو آهي ته هن آيت مان ثابت ٿيو ته پلي ڪو ڪيتري به ملامت ڪري پر مسلمان حق کي مضبوطيءَ سان وٺي بيهي، ماڻهن جي ملامت شرعي عذر ناهي جنهن جي ڪري دين ڇڏي بي ديني اختيار ڪجي، حضرت ابو ذر رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون کي منهنجي دوست، (حضور پاڪ) صلى الله عليه وسلم جن ستن ڪمن جو امر ڪرڻ فرمايو ١- هڪ مسڪينن سان محبت رکڻ ۽ انهن کي ويجهو رهڻ (بشرطيڪ بي دين بد مذهب نه هجن) ٢- ته پاڻ کان گهٽ واري ڏي نهاريان پاڻ کان مٿاهين ڏي نه ٣- مائٽي مٽي ڳنڍيان ڪٽي اهي پوءِارا ٿين ۴- ڪنهن کان ڪا شيءِ نه گهران ۵- حق چوان پلي ڪيترو به ڪوڙو هجي ٦-ڪنهن جي ملامت جو خوف نه ڪيان ٧- لاحول ولا قوة الا بالله گهڻو پڙهان، جو ته اهي الفاظ عرش جي هيٺان ڪاڻ مان آهن.

بخاري ۽ مسلم حضرت عبادة بن الصامت رضي الله عنه کان راويت آندي

آهي ان فرمايو تہ اسان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بيعت ان ڳالهہ تي ڪئي هئي تہ خوشيءَ ۾ ڏک ٻنهي حالتن ۾ سندن تابعداري ڪنداسون ۽ اهل ۽ لائق انسان ڪان سندس حڪومت نہ کسينداسون ۽ جتي بہ هونداسون حق چونداسون ۽ الله جي دين ۾ ملامت ڪندڙ جي ملامت ڪان نہ ڊڄنداسون. (١)

"ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ" اهو الله جو فضل آهي جنهن ڪي گهري ٿو ان ڪي ان سان نوازي ٿو ۽ الله ڪشادي رحمت وارو، سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي، يقينًا آهي بہ ائين تہ حقيقي مالڪ، منعم، محسن ۽مهربان الله جل جلالہ پنهنجي مرضيءَ وارو آهي، جنهن ڪي گهري ٿو ان ڪي خصوصي انعامات ۽ بي پايان رحم ۽ ڪرم سان نوازي ٿو. ان جو علم هر شيءِ ڪي محيط آهي ان ڪي خبر آهي تہ ڪنهن ناچيز ذري ڪي دنيا جو چمڪائيندڙ چنڊ ٿو بنائي.

شيعن جو سوال

حضرت علي رضي الله عنہ جي هوندي حضرت ابوبڪر ڪي خلافت جي لاءِ ڇو چونڊيو ويو؟

جواب

مٿيون قرآن پاڪ جو جملو"ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ" ان جو جواب آهي، يعني الله جل شانہ ڪي خبر آهي تہ حضرت ابوبڪر ڪي اول خلافت ڏيڻ ۾ ڇا حڪمتون آهن ۽ خلافت سا بہ مصطفيٰ عليه الصلواة والسلام جهڙي محبوب جي خلافت الله جو فضل آهي جنهن ڪي گهري عطا ڪري، ڪير ٿو ان ڪان پڇي سگهي؟

سوال

شيعا چون ٿا تہ حضرت ابوبڪر ۽ ان جا ساٿي پهريان خلافتوني ۽ سيده فاطمہ سائڻ جو فدڪ وارو باغ ان ڪي نہ ڏئي (معاذلله) مرتد ٿي ويا هئا ۽ انهن جي مقابلي جي لاءِ الله تعاليٰ حضرت علي رضي الله عنہ ڪي آندو. هيءَ آيت حضرت علي رضي الله عنہ جو شان آهي.

جواب

حضرت ابوبڪر صديق جي خلافت قرآن پاڪ ۽ نبوي حديثن جي روشنيءَ ۾ صحيح ۽ حق هئي جيڪا سيني اصحابن،مهاجرن ۽ انصارن جي اتفاق سان

(١) تفسير القاسمي ص٢٥٧ ج٤ الدر المنثور ص١٠٤ جلد٣

قائم ڪئي وئي هئي ان جو انڪار ڪرڻ نہ صرف جهالت پر ايمان تان هٽ ڪٽڻ آهي. معاذالله ثم معاذالله جيڪڏهن شيعن جي بقول اهي مرتد ٿيا هئا تہ هن آيت ۾ الله جل شانہ فرمايو آهي تہ جن کي مان آڻيندس اهي انهن مرتدن سان جهاد ڪندا ۽ ڪنهن جي ملامت جو خوف نہ رکندا، پوءِ ٻڌايو تہ حضرت علي رضي الله عنه ٽنهي راشد خليفن سان جهاد ڇو نہ ڪيو؟ ڪنهن جي ملامت کان نہ ڊڄندي انهن کي ماري مات ڇو نہ ڪيو؟، شيعن واري مراد هن آيت مان ڪڏهن بہ ثابت ناهي، حضرت علي رضي الله عنه جن تہ ٽنهي خليفن سان ساٿ ڏنو، انهن جي پويان نمازون پڙهيائين ۽ سندن صلاحڪار ۽ مشير ٿي رهيو ڇا مرتدن جو مشير رهي سگهجي ٿو؟ هي ۽ سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو شان آهي جيڪو هن آيت ۾ بيان ٿيو ان ئي الله جي پياري مٿي ذڪر ڪيل مرتدن کي ماري مات ڪيو پر جيڪڏهن ڪو منجهند تي بيٺل سج کي نہ ٿو ڏسي تہ ان کي صرف چمڙو چئي سگهجي ٿو. سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تہ اها شخصيت آهي جنهن لاءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "اِنَّ اللّٰهَ يَتَجَلّٰي لِلنَّاسِ عَامَّةً وَيَتَجَلّٰي لِاَبِيْ بَكْرٍ خَاصَّةً"(١) الله جل جلاله عام جي لاءِ بہ ديدار جون تجليون ڪوليندو پر ابوبڪر جي لاءِ خصوصي طرح ڪوليون ونديون. **فائدو**- آيت جي لفظن ۾ اول "يُحِبُّهُمْ" آيو تہ الله انهن سان محبت ٿو رکي پوءِ "وَيُحِبُّوْنَهٗٓ" آيو، يعني اهي بہ الله جل شانہ سان محبت رکن ٿا، الله جل شانہ انهن سان محبت رکڻ جو اول ان جي ڪري اظهار فرمايو جو پاڻ انهن جي دلي احوال ۽ عاقبت جي حالات کان باخبر آهي ڪيس علم آهي تہ حضرت ابوبڪر ۽ ان جا ساٿي صاف دل، پاڪ نيت ۽ خاتمي بالايمان والخير وارا آهن تڏهن انهن سان محبت جو بيان ڪيائين ۽ اهو بہ ٻڌايائين تہ مون مالڪ مٿي سان بہ انهن جو پيار آهي، اهي بي قدر ناهن، منهنجي دين جي دشمنن ڪافرن، اسلامي فرائض جو انڪار ڪندڙن مرتدن، ۽ نبوت جي ڪوڙي دعوىٰ ڪندڙن سان وڙهڻ ۾ دير نہ ڪندا اهي سرن جو سودو ڪرڻ ۽ مالڪ جي سڏ کي جيءُ جوڻ لاءِ هميشہ حاضر آهن.

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ

تحقيق دوست اوهان جو الله ۽ ان جو رسول ۽ اهي آهن جو ايمان آندائون جيڪي قائم ڪن ٿا

(١) تفسير ڪبير ص٢٣ جزء ٢

الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رَاكِعُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ

نماز ۽ ڏين ٿا زڪواة ۽ اهي عاجزي ڪندڙ آهن ۽ جيڪو دوستي رکي ٿو الله سان

وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾ ع ٨ / ١٢

۽ان جي رسول سان ۽ ايمان وارن سان پوءِ بيشڪ لشڪر الله جو اهيئي غالب آهن.

تفسير

علامه محمد عمادي عليه الرحمة لکيو آهي ته جڏهن الله جل شانه مومنن کي ڪافرن جي دوستيءَ کان روڪيو ۽ ان جو سبب ۽علتاها بيان ڪيائين ته اهي هڪ ٻئي جا دوست آهن جاسوسي ڪري اوهان جي رازن ڪان انهن کي باخبر رکندا، مومن انهن سان دوستيءَ جو تصور بلڪل نه رکن ۽ جيڪو انهن سان دوستي رکندو سو انهن مان ڳڻيو ويندو ته هتي مومنن کي سندن صحيح ۽ حقيقي دوست ٻڌائيندي ارشاد ٿيو آهي (١) "اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" يعني اوهان جا دوست صرف الله جل جلاله ۽ان جو رسول صلى الله عليه وسلم ۽ اهي ٻانها آهن جن سچو ايمان آندو آهي، درحقيقت مومن جي محبت ۽ دوستيءَ جو لائق الله جل شانه آهي جيڪو هر حال ۾ مٿس مهربانيون ڪندڙ آهي ان جي تعلق کان سواءِ باقي ٻيا سڀ تعلق فاني آهن ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان تعلق به حقيقت ۾ الله جل شانه سان تعلق آهي، ٽيون نمبر دوستيءَ جا لائق اهي مومن آهن جيڪي صرف نالي جا نه پر هيٺ ذڪر ٿيندڙ صفتن جا صاحب آهن، "اَلَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رَاكِعُوْنَ" جيڪي نماز کي سيني شرائط ۽ آداب جي پائبنديءَ سان ادا ڪن ٿا ۽ پنهنجن مالن مان زڪواة ادا ڪن ٿا ان حال ۾ جو اهي ان تي ناز ۽ تڪبر ڪرڻ جي بجاءِ، نياز، نوڙت ۽ عاجزي ڪندڙ آهن.

قرآن ڪريم جي اڪثر مفسرن جو قول آهي ته هتي "وَهُمْ رَاكِعُوْنَ" ۾ رڪوع مان مراد نماز وارو رڪوع نه پر جهڪڻ، تواضع، عاجزي ۽

(١) تفسير ابي السعود ص٥٢ جزءِ ٣

انکساري ڪرڻ آهي علامه ابو حيان اندلسي عليه الرحمه لکيو آهي تہ: هذه اوصاف ميزبها المؤمن الخالص الايمان من المنافق لان المنافق لا يدوم علي الصلواة ولا علي الزکواة قال تعاليٰ "وَاِذَا قَامُوْا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى" وقال تعاليٰ "اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ" ولما کانت الصحابه وقت نزول هذه الاية من مقيمي صلواة ومؤتي زکواة وفي کلتاالحالتين کانوا متصفين بالخضوع لله تعاليٰ والتذلل له نزلت الاية بهذه الاوصاف الجليلة والرکوع هنا ظاهره الخضوع لاالهيئة التي في الصلواة (١) يعني هي اهي وصفون آهن جن سان سچي ايمان واري مومن کي منافق کان جدا ڪيو ويو آهي، ڇو تہ منافق نماز ۽ زکواة تي هميشگي نہ کندو الله جل جلاله فرمايو آهي تہ منافق "جنهن وقت نماز لاءِ اٿندا تہ سست ٿي اٿندا" ۽ ٻيءَ جاءِ تي مالک مٺي جوا رشاد آهي تہ "منافق مال جا حريص آهن" ۽ جڏهن اصحاب سڳورا نماز ۽ زکواة ادا ڪرڻ تي هميشگي کندڙ هئا ۽ ٻنهي حالت ۾ نهايت ئي نوڙت ۽ هيڻاهين کندڙ هئا تڏهن هيءَ آيت سندن اهي صفتون بيان ڪرڻ جي لاءِ نازل ٿي ۽ رکوع مان مراد هتي هيڻاهين ڪرڻ آهي نماز وارو رکوع ناهي.

سوال

کن مفسرن ان آيت جو شان نزول هن طرح لکيو آهي تہ هک ڏينهن حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه نماز ۾ مشغول هو ۽ جڏهن رکوع ۾ ويو تہ کنهن سائل اچي ڪانئڻ خيرات لاءِ سوال ڪيو پاڻ ان رکوع جي حالت ۾ پنهنجي آگر مبارک مان منڊي لاهي ان کي اڇلائي ڏنائون انهن جي شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿي جنهن مان ثابت ٿيو تہ نماز پڙهندي زکواة حضرت علي رضي الله عنه ڏني ۽ "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" مان مراد بہ اهو آهي ۽ اهوئي بلا فصل خليفو آهي؟

الجواب والله الملهم للحق والصدق والثواب

اها روايت تہ حضرت علي رضي الله عنه نماز پڙهندي منڊي لاهي زکواة ادا کئي کن مفسرن کڻي لکي آهي پر عقلاً اها خلافت بلا فصل جو دليل ناهي، ڇو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جي هٿ مبارک ۾ اها منڊي سون جي تہ نہ ٿي سگهندي، ڇو تہ سون مرد جي لاءِ حرام آهي ان جي ڪري يقيناً چانديءَ جي هوندي ۽ اها وڌ ۾ وڌ کڻي هک تولي جي هوندي جيکڏهن هک تولي چانديءَ جي صدقي ڪرڻ وارو خلافت جو حقدار آهي تہ حضرت ابوبکر صديق ۽ حضرت عمر فاروق ۽ حضرت

البحرالمحيط ص١٣٥ج٣

عثمان ذوالنورين رضي الله عنهم ته هزارين سونَ جون اشرفيون كيترا ڀيرا حضورعليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ خيرات لاءِ پيش كيون هيون انهن جي خلافت جو انكار ڇو ٿو كيو وڃي؟ ۽ ٻيو ته حضرت علي رضي الله عنه جن جو نماز جي حالت ۾ سائل جي سوال ڏانهن توجهه كرڻ نماز ۾ هك هٿ مان ٻئي هٿ سان منڊي لاهڻ ۽ وري هٿ وڌائي سائل كي ڏيڻ اهو غير ڏانهن ايترو متوجه ٿيڻ سندن شان كان گهٽو پري آهي،سندن استغراق جي حالت جو اهو جهان هوندو هو جو نماز ادا كندي دنياوما فيها چا پنهنجي جسم اقدس كان به بي خبر رهندا هئا ، هك ڀيري نماز جي حالت ۾ سندن جسم ۾ لڳل تير كي جسم مان چيري كڍيو ويو پر نه كين درد ٿيو نه تير نكرڻ جي خبر پئي، سو اهڙيءَ حالت ۾ نماز پڙهڻ وارو كيئن ٿو غير ڏانهن متوجه ٿئي؟ (١) ۽ جيكڏهن شيعن جي چوڻ موجب اها آيت حضرت عليءَ رضي الله عنه جي خلافت بلا فصل جو دليلي هئي ته پاڻ ان كي دليل طور اصحابن رضي الله عنهم جي اڳيان پيش ڇو نه كيائون ۽ جيكڏهن "اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ" ۾ ولي جي معنىٰ بلا فصل خليفو چونڊو ته پوءِ الله ۽ ان جو رسول (معاذالله) كنهن جا خليفا چونڊو؟ ۽ جيكڏهن نماز جي ركوع كندي زكواة ڏيندڙ خليفو آهي ٻيو ناهي ته پوءِ حضرت امام حسن جي خلافت به نه مڃيو، ڇو ته ان نماز پڙهندي زكواة ڇو نه ڏني هئي، ۽ حضرت علي رضي الله عنه تي مسكين هجڻ جي كري زكواة فرض به نه هئي جو نماز پڙهندي ادا كري، عبدالمالك بنِ سليمان كان روايت آهي ته مون حضرت امام جعفر صادق كان پڇيو ته هن آيت ۾ "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" مان مراد كير آهن؟ فرمايائون ته" سڀ مومن" مون كين عرض كيو ته كي ماڻهو چون ٿا ته ان مان مراد حضرت علي رضي الله عنه آهي فرمايائون ته "اهو به مومنن مان آهي" اهو به ان ۾ داخل آهي ۽ علامه محمد جمال الدين قاسمي لكيو آهي ته ان روايت جا راوي قوي ۽ صحيح ناهن (٢) ۽ ابو نعيم حلية ۾ حضرت امام جعفر صادق كان راويت آندي آهي ته" وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اصحاب آهن، سائل عرض كيو ته چون ٿا ته حضرت علي مراد آهي، فرمايائين ته اهو به اصحابن مان آهي (٣)

"وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ" يعني

(١) ضياءُ القرآن ص ٤٨٥ ج١ تنويرالايمان ص٧٤ پ٦

(٢) تفسير القاسمي ص٢٦٠ جلد٤

(٣) الدرالمنثور ص١٠٦ جلد٣

جيڪو به الله ۽ ان جي رسول ۽ ايمان وارن سان دوستي رکندو پوءِ يقين ڄاڻو ته الله جا لشڪري غالب آهن ڇو ته اهي الله جا آهن ۽ جنهن جو رب تنهن جو سڀ -فائدو - هن آيت ۾ "اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا" ۾ ولي جي معنيٰ دوست به آهي ته مددگار به آهي ۽ مددگار واري معنيٰ جي لحاظ سان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله ته مددگار آهي پر رسول الله عليه الصلواة والسلام جن ۽ مومن به مددگار آهن ۽ اهو به ثابت ٿيو ته نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪواة ڏيڻ مومن جون خاص نشانيون آهن ۽ نمازي ۽ زڪواة ادا ڪندڙ ئي الله جا لشڪري ۽سچا ڀانها آهن، ۽ اهو به ثابت ٿيو ته ڪفار جي ڪثرت ۽ مسلمانن جي قلت ڏسي ضعيف القلب ۽ ظاهر بين مسلمان تردد ۽ شڪ ۾ نه پون ته سپر طاقتن (آمريڪا وغيره) سان واسطو ڪٽي ٻئن مسلمانن تي اڪتفا ڪرڻ سان غالب ٿيڻ ته پنهنجيءَ جاءِ تي پر انهن ظالمن جي حملن ڪان پنهنجي زندگي ۽ بقاءِ جي حفاظت به دشوار آهي الله تعالىٰ مسلمانن ڪي تسلي ٿو ڏي ته حقيقي معاون ۽ مددگار الله آهي ان ڪي راضيٰ ڪيو ته ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ هُزُوًا

اي ايمان وارؤ! نه وٺو انهن کي جو بڻايائون دين اوهان جي کي چٽر

وَّلَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ۚ

۽ راند انهن مان جو ڏنا ويا ڪتاب اوهان کان اڳ ۾ ۽ ڪافرن کي دوست

وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ

۽ ڊڄو الله کان جيڪڏهن آهيو ايمان وارا ۽ جڏهن سڏيو ٿا نماز ڏانهن ته

اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿٥٨﴾

وٺن ٿا ان کي چٽر ۽ راند اهو ان جي ڪري جو بيشڪ اهي اهڙي قوم آهن جو عقل نه ٿا رکن.

تفسير

گذريل آيتن ۾ مسلمانن کي ڪافرن جي دوستيءَ کان روڪيو ويو هو هنن آيتن ۾ به انهن جي دوستيءَ کان نهايت مؤثر ۽ خاص عنوان سان روڪڻ جو تاڪيد ڪندي ارشاد ٿيو آهي :

"يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا" کان "إِنْ كُنْتُمْ مُؤْمِنِينَ" تائين، يعني ايمان وارؤ! انهن کي دوست نه بڻايو جن اوهان جي دين (اسلام) کي چٿر ۽ راند بنايو آهي پوءِ اهي اهل ڪتاب (يهودين ۽ نصارن) مان هجن يا مشرڪن ڪافرن مان، ۽ جيڪڏهن مومن آهيو ته الله جل جلاله کان ڊڄندا ڪريو، "وَإِذَا نَادَيْتُمْ إِلَى الصَّلَاةِ اتَّخَذُوهَا هُزُوًا وَلَعِبًا" يعني جڏهن اوهان نماز جي لاءِ بانگ ڏئي سڏيو ٿا ته ان کي مذاق ۽ تماشو ٿا بڻائين .

شان نزول - بيهقيءَ دلائل النبوة ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جو بانگو بانگ ڏيندو هو ۽ مسلمان نماز جي لاءِ اٿندا هئا ته بعضي يهودي چوندا هئا: قاموا لا قاموا" اٿيا آهن شال اٿي نه سگهن ۽ جڏهن مسلمان رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا ته چوندا هئا ته هنن جي حالت ڏسو منڍي هيٺ چٿرُ مٿي انهن جي متعلق اها آيت نازل ٿي.(١)

رسول الله صلى الله عليه وسلم جي گستاخ کي قدرتي سزا

علامه ابوحيان ٻڌايو لکيو آهي ته: مديني پاڪ ۾ هڪ نصارو هوندو هو جڏهن بانگ ۾ اشهد ان محمدا رسول الله (عليه الصلواة والسلام) ٻڌندو هو ته چوندو هو. ان ڪوڙي (معاذالله) ساڙي ڇڏيو آهي، الله جي قدرت اهڙي ٿي جو هڪ ٽانڊو الاءِ ڪٿان اڏامي اچي سندس گهر ۾ پيو ۽ باهه جي لڳڻ جي ڪري اهو پاڻ ۽ سندس اهل عيال سڙي وياءِ علامه پاني پتي لکيو آهي ته اها باهه سندس خادم جي هٿان لڳي هئي(٢)

قرآن پاڪ مان بانگ جو ثبوت

هن آيت جي لفظ "نَادَيْتُمْ إِلَى الصَّلَاةِ" مان ثابت ٿيو ته بانگ قرآن

(١) نعيمي ص٥٧٧ جلد٦
(٢) البحر المحيط ص٥١٥ جلد٣ الدر المنثور ص١٠٨ ج٣ معارف القرآن ص١٨٠ جلد٣ المظهري ص١٤٠ ج٣

پاڪ ۾ بيان ٿيل آهي جيئن ٻيءَ آيت ۾ آهي "اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ (١) جنهن وقت جمعي جي ڏينهن نماز جي لاءِ سڏيو وڃي، اهو سڏ بانگ آهي مفسر قرآن قرطبي عليه الرحمة لکيو آهي ته آيت مبارڪ "وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا" (٢) (۽ قول جي لحاظ سان ان کان وڌيڪ سهڻو ڪير آهي جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ صالح عمل ڪيا) به بانگ جي باري ۾ نازل ٿي هئي ۽ بانگ مکي پاڪ ۾ نه هئي اتي "الصلواة جامعة" (نماز جماعت سان ٿي رهي آهي) چوندا هئا جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مکي مکرمه مان هجرت ڪري مديني منوره ۾ آيا ته پاڻ سوچي رهيا هئا ته نماز جي لاءِ ڪيئن اعلان ڪجي؟ ڪين اسلامي اذان معراج واري رات آسمانن تي ٻڌائي وئي هئي، جڏهن الله جل جلاله جي عنايت سان بانگ جا الفاظ ۽ بانگ ڏيڻ جو طريقو خواب ۾ سندن ٽن اصحابن، حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عبدالله بن زيد رضي الله عنهم ڪي ڏيکاريو ويو ۽ ٽنهي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ڪين خواب وارو معاملو عرض ڪري ٻڌايو ته پاڻ منظور ڪندي ان ڪي هر نماز جي وقت نماز جي سڏ لاءِ مقرر ڪيائون ۽ فجر جي بانگ ۾ "اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ" (نماز ننڊ کان ڀلي آهي) حضرت بلال کان ٻڌي پاڻ ئي ثابت رکايائون (٣)

بانگ ڏيڻ ڇا آهي؟

علامه احمد جيون عليه الرحمة لکيو آهي ته: پنجن ئي نمازن ۽ جمعي جي نماز جي لاءِ بانگ ڏيڻ سنت مؤڪده آهي ۽ مستحب آهي ته بانگو پاڪ صاف، وضوءَ سان هجي، قبلي ڪي سامهون ٿي بانگ ڏي، بيهي بانگ ڏي، وقت کان اول بانگ ڏيڻ جائز ناهي پر جيڪڏهن ڪنهن ڏني آهي ته ورائي ڏي (۴) علامه نسفي لکيو آهي ته: ڪي ماڻهو چوندا آهن ته بانگ صرف خواب ۾ ڏني وئي ان جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ ناهي پر هن آيت مان ثابت ٿيو ته بانگ ڏيڻ قرآن ڪريم مان ثابت آهي (٥)

---

(١) سورة الجمعة آيت ٩
(٢) سورة حم السجدة آيت ٣٣
(٣) القرطبي ص٢٢٥ ج٦
(۴) تفسيرات احمديه ص٣٦٠
(٥) المدارڪ ص٢٩٠ جلد١

نبوي حديثن مان بانگ ڏيڻ جون برڪتون ۽ ڀلايون

حديث ع-١: ابن ماجه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو" مَنْ اَذِنَ مُحْتَسِبًا سَبْعَ سِنِيْنَ كُتِبَتْ لَهٗ بَرَاءَةٌ مِّنَ النَّارِ" يعني جنهن الله جل جلاله کان ثواب حاصل ڪرڻ جي ارادي سان ست سال بانگ ڏني ته ان جي لاءِ جهنم جي باهه کان آزادي لکي ويندي.

حديث ٢: موطا ۾ امام مالک عليه الرحمة حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي فرمائيندي ٻڌو"لَا يَسْمَعُ مَدَي صَوْتِ الْمُؤَذِّنِ جِنٌّ وَّلَا اِنْسٌ وَلَا شَيْءٌ اِلَّا شَهِدَ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" يعني بانگ ڏيندڙ جي بانگ جو آواز جتي به پهچي ٿو ۽ اتي جن، انسان ۽ ڪا به شيءِ ان کي ٻڌن ٿا ته اهي ان جي ان چڱي عمل جي لاءِ قيامت ۾ شاهدي ڏيندا.

حديث ٣: مسلم شريف حضرت معاويه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: اَلْمُؤَذِّنُوْنَ اَطْوَلُ النَّاسِ اَعْنَاقًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ.(١) يعني قيامت جي ڏينهن بانگن جا ڪنڌ ڊگها هوندا. مطلب ته قيامت جي عذاب کان امن ۾ هوندا.

بانگ جي اجابت جو ثواب

بانگ ٻڌڻ وقت جيئن بانگو چوي تيئن ٻڌڻ وارو به چوندو وڃي ان کي بانگ جي اجابت چوندا آهن. ان جو وڏو ثواب آهي صحيح مسلم ۾ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان هڪ روايت آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو. جيڪو بانگ ٻڌي (بانگي وارا الفاظ چوي) ۽ حي علي الصلواة ۽ حي علي الفلاح جي جاءِ تي لاحول ولا قوة الا بالله- دل سان چوي ته اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو (٢)

افسوس هلندڙ دور جا مسلمان

ڇاڪاڻ گهرجي ته بانگ جي الفاظن ۾ خداوند قدوس جي عظمت ۽ ڪبريا جو اظهار،سندس توحيد جو اعلان، حضور عليه الصلواة والسلام جن جيڪي اڳين سيني نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ آسماني ڪتابن جا مصدق آهن انهن جي رسالت جو اعلان،نماز جنهن جو هر حصو عبوديت جو جامع ۽ بندگيءَ جي نهايت درجي متي دلالت ڪندڙ آهي ان ڏانهن دعوت ڏيندڙ، دارين جي فلاح ۽ اعلىٰ کان اعلىٰ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سڏ آهي پر جيئن متي قرآن پاڪ ٻڌايو آهي ته ڪافر

(١) القرطبي ص٢٣١ جلد٦ (٢) القرطبي ص٢٣٠ جلد٦

ان کي چٽر بنائيندا هئا معاذالله ثم معاذالله- هن هلندڙ دور جا کي کي مسلمان سڏائيندڙ (ج حقيقت ۾ اسلام کان نفرت کندڙ) بہ بانگ ٻڌي ان جي اجابت کرڻ، نماز جي لاءِ تيار ٿي اچڻ جي بجاءِ بانگ ۽ بانگن تي کلي کافرن جي طريقي تي هلي ايمان ختم کري وهندا آهن، معاذالله اهڙن کي پاڻ سنيالي سچي توبہ کري ايمان جون دعائون پڙهي آينده جي لاءِ ايمان محفوظ رکڻ گهرجي.

"ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ" يعني اهو ان جي کري آهي جو اهي بي عقل قوم آهن، ڇو تہ الله جل جلالہ ۽ ان جي سچي ۽پياري رسول عليه الصلواة والسلام جن ۽ چڱائيءَ ڏانهن پکاريندڙ جو آواز ٻڌي مسخري کرڻ تمام نادانن، احمقن، بيوقوفن ۽ کافرن جو کم آهي، نيکي، حق ۽ صداقت جي آواز تي ٺوک کرڻ صرف ان شخص جو کم ٿي سگهي ٿو جنهن جو دماغ عقل کان صفا خالي آهي ۽ ان کي نيک ۽ بري عمل جي وچ ۾ تميز ناهي.

قُلْ يَآاَهْلَ الْكِتَابِ هَلْ تَنْقِمُوْنَ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ آمَنَّا بِاللهِ وَمَآ اُنْزِلَ

فرماءِ تہ اي اهل کتاب! نہ ٿا وير وٺو اسان کان مگر هن ڳالهہ جو جو ايمان آندو اسان الله تي ۽ ان تي جو نازل

اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلُ وَاَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ قُلْ هَلْ

کيو ويو اسان ڏانهن ۽ جيکو نازل کيو ويو اڳ ۾ ۽ بيشک گهڻا اوهان مان فاسق آهن فرماءِ تہ ڇا

اُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذَالِكَ مَثُوْبَةً عِنْدَاللهِ ؕ مَنْ لَّعَنَهُ اللهُ

خبر ڏيان اوهان کي وڏيک بڇڙي جي ان کان؟ جزا جي لحاظ کان الله وٽ اهو آهي جو لعنت کئي ان تي الله

وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ

۽ کاوڙيو ان تي ۽ کيائين انهن مان پولا (باندر) ۽ سوئر ۽ عبادت کيائين

الطَّاغُوْتَ ؕ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦٠﴾

شيطان جي اهيئي آهن وڏيک بڇڙا درجي ۾ ۽ وڏيک گمراهہ سڌيءَ واٽ کان.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ بيان ڪيو ويو هو ته يهودي ۽ نصاريٰ اوهان جون بانگون ٻڌي اوهان تان چٿرون ۽ چرچا ڪن ٿا هتي اهو بيان ڪندي ته اسلام جي ڪا به شيءِ ۽ ڪو به عمل اهڙو ناهي جنهن تي اوهان چٿر ڪيو يا غصو ڪيو،ارشاد ٿيو آهي "قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ تَنْقِمُوْنَ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلُ وَاَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ" يعني اي حبيب ڪريم! (عليه الصلواة والسلام) اوهان انهن کي فرمايو ته: اوهان اسان مان صرف اهو عيب ڪڍي انتقام ٿا وٺو جو اسان الله تعالىٰ تي ۽ جيڪو ان اسان جي نبيءِ ۽ اسان ڪان اڳ ۾ نبين تي نازل ڪيو آهي ان تي ايمان آندو اٿئون ۽ (اوهان جو حال هي آهي جو) اوهان مان گهڻا فاسق آهن، جيڪي بيڇڙن ڪمن ۾ لڳل ۽ ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ ڦاٿل آهن،پرڪاوڙ اسان تي ٿا ڪيو. حالانڪ نه اسين ڪوڙ ٿا ڳالهايون ۽ نه ڪنهن تي ظلم ۽ زيادتي ٿا ڪيون ۽ نه ڪنهن جي دين جي توهين ڪرڻ اسان جو طريقه ڪار آهي. ها اسان ۾ هڪڙي شيءِ آهي جو اسين الله جل جلاله تي ڪامل ايمان رکون ٿا. اسان جي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام ۽ ان ڪان اڳ ۾ آيل نبين عليهم الصلواة والسلام تي نازل ڪيلن ڪتابن تي به اسان جو ايمان آهي.

"قُلْ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ" ڪجهه يهودي جن ۾ ابو ياسر بن اخطب، رافع بن ابي رافع ۽ ٻيا شامل هيا. نبوي بارگاهه ۾ حاضر ٿي حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪان پڇيائون ته اوهان ڪهڙن،ڪهڙن رسولن عليهم السلام کي مڃيو ٿا؟حضور عليه الصلواة والسلام جن سندن اڳيان هي آيت "اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ" آلايه (١) تلاوت ڪئي. جڏهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جو ذڪر آيو ته انهن حضرت عيسىٰ عليه السلام جي نبوت جو انڪار ڪندي چيو ته: الله جو قسم ته اسين دنياءِ آخرت ۾ اوهان جهڙو دين ڪان ٻي نصيب ڪو به ڪو نه ٿا ڄاڻون ۽ نه اوهان جي دين جهڙو ڪو ٻيو دين برو آهي. تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي (٢) جنهن ۾ الله جل جلاله ارشاد فرمايو ته اي حبيب! عليه الصلواة والسلام "اوهان انهن کي فرمايو ته مان اوهان کي ٻڌايان ان ڪان وڌيڪ جزا جي لحاظ سان الله وٽ برو ڪير آهي؟ "مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ" برا ۽ شرير

(١) سورة بقره آيت ١٣٦ (٢) القرطبي ص٢٣٣ ج٦

اهي آهن جن تي الله لعنت ڪئي ۽ پنهنجي رحمت کان انهن کي پري رڪيائين ۽ انهن تي غضب ڪيائين ۽ انهن جون شڪليون ڦيرائي انهن مان باندر ۽ سوئر بنايائين ۽ انهن شيطان جي عبادت ڪئي. "اُولٰٓئِکَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ" يعني مٿين حالتن وارا ئي درجي جي لحاظ سان سخت برا ۽ سڌي رستي کان گمراه ۽ ٽڙيل آهن.

فائدو: هن آيت مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جي ڪرم سان اسلام ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو سيني نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن تي نازل ٿيل ڪتابن تي احسان آهي جو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذريعي سيني جي نبوت ۽ ڪتاب الله هجڻ جي حقانيت دنيا ۾ ظاهر ٿي، ۽ اهو به ثابت ٿيو ته الله جل جلاله پنهنجن پيارن ٻانهن جا پلاند پاڻ وٺندو آهي يهودين اسلام ۽ مسلمانن جي توهين ڪئي ته الله جل شانه جوابي ڪارروائي طور انهن جا پنج عيب بيان ڪيا ١- لعنتي هجڻ ٢- غضب ۽ قهر جو مستحق هجڻ ٣- انهن جو باندر پولا ٿيڻ ٤- سوئر ٿيڻ ٥- بتن جو پوڄاري هجڻ- وليد ڪافر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي گستاخي ڪندي ڪين مجنون چيو ته الله جل شانه ان جا عيب ايترا بيان ڪيا جو پڇاڙيءَ ۾ ان کي "زَنِيْمٍ" (١) زنا جو پيدا ٿيل به سڏيائين ۽ اهو به ثابت ٿيو ته اڳين امتن جون گناهن جي ڪري شڪليون بدليون پر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي امت جون سندن صدقي شڪليون نه ٿيون بدلجن، جيئن اعلىٰ حضرت عليه الرحمه فرمايو آهي.

دنيا مين رحمت دو جهان اور کون هے
اي آفتاب طيبه وبطحا تم هي تو هو

وَاِذَا جَآءُوْكُمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَقَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا

۽ جڏهن اچن ٿا اوهان وٽ ته چون ٿا ته ايمان آندوسون ۽ تحقيق داخل ٿيا. ڪفر سان ۽ اهي تحقيق نڪتا

(١) سورة القلم آيت١٣

بِهٖ ۭ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَتَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ

ان سان ۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي لڪايائون ٿي ۽ ڏسندين گهڻن کي انهن مان

يُسَارِعُوْنَ فِي الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ۭ لَبِئْسَ مَا

جلدي ٿا ڪن گناهہ ۾ ۽ ظلم ۾ ۽ ڪائڻ ۾ انهن جي حرام کي البت تمام بڇڙو آهي

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٢﴾

جيڪو ڪندا هئا.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ يهودين جي لعنتي هجڻ ۽ الله جل جلالہ جي قهر هيٺان اچڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ: وَاِذَا جَاۗءُوْكُمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَقَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا بِهٖ ۭ يعني اهي اوهان وٽ اچي چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آهي حالانڪ ڪفر سان آيا ۽ ان ئي مان ٻاهر نڪتا، اوهان جهڙي سخيءَ حبيب عليه الصلواة والسلام ڪان بہ بي فيض ٿي موٽيا ايڏا تہ نياڳا آهن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي (سندن منافقيءَ کي) جيڪا دل ۾ لڪائيو ويٺا آهن.

وَتَرٰي كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يُسَارِعُوْنَ فِي الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۭ يعني انهن مان گهڻن کي ڏسندؤ تہ گناهہ، ظلم ۽ حرام ڪائڻ ۾ تمام تڪڙا ۽ جلد باز آهن ۽ جيڪي ڪم ڪيائون ٿي اهي سخت برا آهن، ياد رکڻ گهرجي تہ گناهہ جا ٻہ قسم آهن ١- هڪڙا مالڪ مٿي جا حقوق جن کي نہ ادا ڪندڙ بہ گناهگار آهي ٢- ٻيا ٻانهن جا حقوق- اهي اجان بہ وڌيڪ گناهہ آهن جو جيستائين ٻانهو نہ ٿو بخشي تيستائين مالڪ بہ معاف نہ ٿو ڪري.

لَوْلَا یَنْهٰهُمُ الرَّبّٰنِیُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ

چو نہ ٿا روڪين انهن کي درويش ۽ عالم گناهہ جي ڳالهائڻ ۽ حرام کائڻ کان

السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا یَصْنَعُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَقَالَتِ الْیَهُوْدُ یَدُ اللّٰهِ

البت تمام بڇڙو آهي جيڪي ڪندا هئا. ۽ چيو يهودين تہ هٿ الله جو

مَغْلُوْلَةٌ ؕ غُلَّتْ اَیْدِیْهِمْ وَلُعِنُوْا بِمَا قَالُوْا ۘ بَلْ یَدٰهُ

بند ٿيل اهي شال بند رهن هٿ انهن جا ۽ لعنت ڪيا ويا ان جي ڪري جو چيائون بلڪ ان جا هٿ

مَبْسُوْطَتٰنِ ۙ یُنْفِقُ كَیْفَ یَشَآءُ ؕ وَلَیَزِیْدَنَّ كَثِیْرًا مِّنْهُمْ مَّاۤ

ڪليل آهن. خرچ ٿو ڪري جيئن گهري ۽ البت ضرور وڌائيندو گهڻن کي انهن مان جيڪو

اُنْزِلَ اِلَیْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْیَانًا وَّكُفْرًا ؕ وَاَلْقَیْنَا بَیْنَهُمُ

(پيغام) لاٿو ويو تو ڏانهن تنهن جي رب وٽان سرڪشي ۽ ڪفر ۽ وڌي سون انهن ۾

الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى یَوْمِ الْقِیٰمَةِ ؕ كُلَّمَاۤ اَوْقَدُوْا نَارًا

دشمني ۽ ڪينو قيامت جي ڏينهن تائين جڏهن بہ ٻاريائون باهہ

لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا اللّٰهُ ۙ وَیَسْعَوْنَ فِی الْاَرْضِ فَسَادًا ؕ وَاللّٰهُ لَا

جنگ جي لاءِ تہ وسايو ان کي الله ۽ ڪوشش ٿا ڪن زمين ۾ فساد ڪرڻ جي ۽ الله نہ ٿو

یُحِبُّ الْمُفْسِدِیْنَ ﴿٦٤﴾

محبت رکي فساد ڪندڙن سان.

وقف لازم

تفسير

جڏهن ڪنهن قوم ۾ گناهه ۽ بي فرماني وڌندي آهي ، عوام بي لغام ٿي شرعي حدود کان تجاوز ڪندو آهي ۽ انهن جا خواص پير ۽ عالم سڏائڻ وارا حق چوڻ کان گونگا ٿيندا آهن ته ان قوم جي هلاڪت ۽ تباهي يقيني بنجندي آهي. بني اسرائيل جو به اهوئي حال هيو جو عام ماڻهو دنيوي لذتن، شهوتن ۽ خواهشن ۾ منهمڪ ٿي الله جل جلاله جي عظمت، جلال ۽ سندس قانونن ۽ احڪامن کي وساري ويٺا هئا ، ۽ سندن مذهبي۽ روحاني پيشوا سڏائڻ وارن پيرن ۽ عالمن "امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر" (چڱائي چوڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ) جو مٿن عائد ٿيندڙ فرض ڇڏي ڏنو هو، ڇو ته دنيا جي حرص ۽ شهوتن جي اتباع ۾ اهي پنهنجي عوام کا ن به اڳتي نڪري چڪا هئا ، مخلوق جو خوف، دنيا جي لالچ ڪين حق چوڻ کان مانع رهيا ۽ ان سڪوت ۽ سستيءَ جي ڪري اهي تباهه ٿيا. هتي انهن اڳواڻن کي متنبه ڪندي ارشاد ٿيو آهي ته" لَوْلَا يَنْهٰهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ" يعني اهل ڪتاب جا مشائخ ۽ علما ڪين گناهه جي ڳالهه چوڻ ۽ حرام کائڻ کان ڇو نه ٿا روڪين؟

رباني جي معنىٰ

ڄاڻڻ گهرجي ته رباني رب ڏانهن منسوب آهي معني- الله وارو، حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه فرمايو آهي ته" اَنَا رَبَّانِيُّ هٰذِهِ الْاُمَّةِ" (١) يعني مان هن امت جو رباني آهيان سمجهڻ گهرجي ته اعمال جي اصلاح لاءِ زياده اهتمام ڪرڻ وارا صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام آهن ۽ انهن قرآن ڪريم جي آيتن مان هي اهم اصول اخذ ڪيا آهن ته جيترا ڀلا يا برا اعمال انسان ڪري ٿو انهن جو اصل سرچشمو اهي مخفي ملڪا ۽ اخلاق آهن، جيڪي انسان جي طبيعت ثانيه بنجي وڃن ٿا ان جي ڪري برن ۽ بڇڙن عملن کان روڪڻ جي لاءِ سندن نظر انهن مخفي ملڪات ۽ اخلاق تي هوندي آهي جڏهن انهن جي اصلاح ٿي ويندي ته اهي عمال خود بخود درست ٿي ويندا مثلاً ڪنهنجي دل ۾ دنيوي مال ۽ملڪيت جي حرص جو غلبو آهي اهو ان جي حصول جي لاءِ

(١) المفرادت ص١٨٣

رشوت ۽ وياج وٺي ٿو ۽ موقعو مليس ٿو ته چوري به ڪري ٿو ڌاڙا به هڻي ٿو. صوفياء ڪرام انهن گناهن جو جدا جدا علاج ڪرڻ جي بجاءِ اهو نسخو استعمال ڪيو آهي. جنهن سان انهن سڀني جو بنياد منهدم ٿي وڃي ٿو ۽ اها آهي دنيا جي بيوفائي ۽ سندس عيش ۽ عشرت جي زهر گڏيل هجڻ ڪي ذهن ۾ حاضر رکڻ، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ تڪبر ۽ غرور آهي يا اهو غصي ڪان مجبور ٿي وڃي ٿو يا خود پسنديءَ جي مرض ۾ مبتلا هجڻ جي ڪري ٻين جي تحقير ۽ توهين ڪري، دوستن ۽ پاڙيسرين سان لڙي ۽ وڙهي ٿو ته اولياءِ عظام ان جي انهن سڀني بيمارين جو علاج ان جي ذهن ۾ آخرت جو فڪر ۽ الله تعاليٰ وٽ حاضري جي عقيدي وهارڻ سان ڪيو آهي مقصد ته ان جي ملڪات ۽ اخلاق ڪي درست ڪندڙ رباني آهن ۽ ان ئي لحاظ سان حضرت امام احمد سرهندي عليه الرحمه جن"امام رباني " جي لقب سان مشهور ۽ معروف آهن.

" حق نه چوندڙن عالمن ڪي تنبيه"

ذڪر ڪيل آيت ۾ "اَلۡاَحۡبَارُ" لفظ جي معنيٰ آهي علماء- ان مان معلوم ٿيو ته نيڪيءَ جي امر ڪرڻ ۽ برائيءَ ڪان روڪڻ جي اصل ذميداري انهن ٻن ١- مشائخ ٢- علماء تي آهي ۽بعضي مفسرن لکيو آهي ته" اَلرَّبَّانِيُّوۡنَ" مان مراد حڪومت جي طرفان اقتدار ۾ رهڻ وارا علماء آهن، ۽ "الاحبار" مان مراد عام علماء آهن ان صورت ۾ برائين ڪان روڪڻ جي ذميداري حاڪمن ۽ عالمن ٻنهي ٽولن تي عائد ٿئي ٿي (١) اهي پنهنجي فرض جي ادا ڪرڻ ۾ غفلت ۽ ڪوتاهي نه ڪن پنهنجي منصبي ذميداري ادا ڪرڻ جي لاءِ اٿي ڪڙا ٿين ماڻهن ڪي حرام ڪاري ۽ حرام خوريءَ ڪان روڪڻ جي لاءِ سندرو ٻڌي ميدان ۾ لهن. ابن ابي حاتم روايت آندي آهي ته سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله عنه پنهنجي خطبي ۾ فرمايو ته: اي انسانؤ! اوهان ڪان اڳيان آيل امتون ان جي ڪري هلاڪ ٿيون هيون جو انهن گناهه ڪيا ۽ سندن مشائخن ۽ عالمن ڪين نه روڪيو پوءِ جڏهن ٻنهي ٽولن جي نه روڪڻ جي ڪري اهي گناهن ۾ ڪاهي پيا ته اهي مشائخ ۽ علماء به انهن سان گڏ عذاب ۾ اچي ويا. نيڪيءَ جو امر ڪندا ڪيو ۽ برائيءَ ڪان روڪيندا رهو انهن ٻنهي جي ڪري نه رزق بند ٿي ويندو ۽ نه موت ويجهو ٿيندو. ابوداؤد ۽ ابن ماجه حضرت جرير رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته! رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو" مَا مِنۡ قَوۡمٍ يَكُوۡنُ بَيۡنَ اَظۡهُرِهِمۡ مَنۡ يَّعۡمَلُ

(١) معارف القرآن ص١٨٥ ج٣

بِالْمَعَاصِيْ هُمْ اَعَزُّ مِنْهُ وَاَمْنَعُ مِنْ اَنْ يُّغَيِّرُوْا اِلَّا اَصَابَهُمُ اللّٰهُ مِنْهُ بِعَذَابٍ " (١) يعني كنهن قوم ۾ كو ماڻهو گناهہ ٿو كري ۽ هي ان كان وڏيڪ عزت وارا ۽ ان كي ان برائيءَ كان ڦيرائڻ ۽ روكڻ تي قوت ركندڙ آهن (پوءِ بہ نہ ٿا روكين تہ) ان جي گناهہ جي كري الله تعاليٰ هنن كي بہ عذاب ۾ وجهندو، علامہ قرطبي ۽ جمال الدين شاميءَ لكيو آهي تہ: گناهہ كان نہ روكڻ وارو بہ گناهہ كندڙ جهڙو آهي (٢) علامہ قرطبيءَ هيئن بہ لكيو آهي تہ: الله جل شانہ هڪ ملائڪ كي حكم كيو تہ فلاڻي ڳوٺ وارن كي زمين ۾ لاهي ڇڏ تہ زمين كين ڳهي وڃي، ان عرض كيو تہ اي پروردگار! ان ڳوٺ ۾ فلاڻو عابد بہ آهي؟ حكم ٿيس تہ: شروعات ئي ان سان كر ڇو تہ سندس روبرو گناهہ ٿيندا رهيا ۽ هن جي منهن تي كو ڏک جو نشان ئي نہ هو (٣)

"لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ" يعني جيكي كيائون ٿي اهو تمام برو هو. المقصد تہ انهن جي مشائخن ۽ علماء جي اها بري عادت هئي جو قوم كي هلاكت ۽ تباهيءَ ڏانهن ويندي ڏسي بہ پنهنجي ذميداري پوري نہ كيائون.

فائدو: ياد ركڻ گهرجي تہ اها سختي ۽ شدت تڏهن آهي جڏهن مشائخ ۽ علماء كي اميد آهي تہ سندن ڳالهہ ٻڌي ويندي پر جيكڏهن كين خبر آهي تہ سندن سچ ۽ حق چوڻ جو كڙ تيل كجهہ بہ نہ نكرندو رهندو كين ٻين ديني كمن ۾ بہ پريشانيون پيش اينديون، ايذايا ويندا تہ پوءِ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنكر انهن جي ذمي لازم ۽ ضروري ناهي. پلو آهي تہ كن (٤)

فائدو: دين جي عالم تي زباني، قلمي، عملي دين جي دعوت ۽ تبليغ فرض آهي پاڻ بہ گناهن كان بچي ۽ ٻين كي بہ بچائڻ جي تڙپ ركي. جاهل جي گناهہ كرڻ كان عالم جي گناهہ تي خاموشي اختيار كرڻ وڌيڪ گناهہ آهي، ڇو تہ ان سان گناهہ وڌندا ۽ ماڻهو ان خاموشيءَ كي حجت بنائيندا.

فائدو: "تَرٰى كَثِيْرًا" ۾ "ترىٰ" (ڏسندين تون) حضور عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب آهي ۽ ڏسڻ مان مراد اكين سان ڏسڻ آهي يا خطاب هر ان شخص سان آهي جيكو خطاب جي لائق آهي ۽ كن چيو تہ ڏسڻ مان مراد دل سان ڏسڻ آهي (٥) ان قول جي مطابق تہ خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي ثابت ٿيو تہ پاڻ

(١) الدر المنثور ص١١٢ ج٣ (٢) تفسير القاسمي ص٢٧١ ج٤
(٣) القرطبي ص٢٣٧ ج٦ (٤) معارف القرآن ص١٨٧ ج٣
(٥) معارف القرآن ص١٨٧ ج٣

ماڻهن جي دلين جي لڪل رازن، نيڪن ۽ برن عملن کي بخوبي ڏسي رهيا آهن ڪا بہ شيءِ سندن نگاهہ مبارڪ کي روڪي نہ ٿي سگهي. جيئن پاڻ ٻن قبرن ۾ دفن ٿيلن جي متعلق فرمايائون تہ" اهي عذاب ۾ مبتلا آهن انهن مان هڪڙو چغلخور هوندو هو تہ ٻيو پيشاب جي ڇنڊن کان پرهيز نہ ڪندو هو" سيدنا عباس رضي الله عنه کان جڏهن بدر ۾ قيدي ٿي اچڻ کان پوءِ آزاد ٿيڻ جي لاءِ فديو گهريائون تہ ان پنهنجي غريبي ۽ ناداري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پاڻ فرمايائونس تہ، اوهان مڪي پاڪ مان نڪرڻ وقت پنهنجيءَ گهر واريءَ کي چار سؤ دينار ڏئي آيا هيا اهي ڪيڏانهن ويا (١) اهو ٻڌڻ سان حضرت عباس رضي الله عنه حيرت ۾ پئجي ويو. جيئن هڪ صالح ٻانهي فرمايو آهي.

جناب حضرت عباس پر رعشہ هوا طاري
کہ پيغمبر تو رکهتا هے دلون کي بهي خبرداري

"وَقَالَتِ الْيَهُودُ يَدُاللَّهِ مَغْلُولَةٌ" يهودين چيو تہ الله جو هٿ بند ٿيل، ٻڌل آهي. جاڻڻ گهرجي تہ الله جل شانہ پهريائين يهودين کي رزق ڪشادو عطا ڪيو هو سندن ملڪ آباد ۽ مال گهڻو هوندو هو ، جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي تشريف آوريءَ کان پوءِ يهودين ساڻن سخت مخالفت ۽ عداوت ڪئي تہ الله جل شانہ منجهن اهڙي تنگدستي وڌي جو انهن بي ايمانن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ: الله جو هٿ ٻڌجي ۽ بند ٿي ويو آهي. الله جل شانہ سندن قول کي بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمايو "غُلَّتْ اَيْدِيْهِمْ وَلُعِنُوْا بِمَا قَالُوْا" يعني سندن هٿ ٻڌا ويا آهن ۽ ان گستاخيءَ واري قول جي ڪري لعنت ڪيا ويا آهن ۽ ان بد ڪلاميءَ جي ڪري الله جل شانہ جي رحمت ۽ مهربانيءَ کان پري ٿي تڙجي ويا آهن. "بَلْ يَدَاهُ مَبْسُوطَتَانِ يُنْفِقُ كَيْفَ يَشَاءُ" بلڪ ان الله جل شانہ جا قدرتي هٿ کليل آهن جيئن گهري ٿو تيئن خرچ ڪري ٿو. ڪير سندس هٿن کي بند ڪري سگهندو ؟.

"وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّا اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا" ۽ جيڪو قرآن پاڪ اوهان ڏانهن رب جي طرفان لاٿو ويو آهي اهو انهن مان گهڻن کي سرڪشي ۽ ڪفر ۾ واڌارو ڪرائيندو. جيئن جيئن قرآن پاڪ ٻڌي منڪر ٿيندا ويندا تيئن تيئن گمراهيءَ ۾ بہ وڌندا ويندا. "وَاَلْقَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَاءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ" ۽ اسان انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ هڪ ٻئي سان بغض قيامت تائين وجهي ڇڏيو آهي، جو هميشہ هڪ

(١) روح المعاني ص١٧٨ جزء٤ جلد٢

بئي سان پياوڙهندا ۽ هڪٻئي جي مخالفت ڪندا. اهو سڀ هدايت قبول ڪرڻ کان انڪار ۽ گمراهيءَ کي چنبڙي پوڻ جو نتيجو آهي. "كُلَّمَا اَوْقَدُوْا نَارًا لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا اللّٰهُ" يعني جڏهن به انهن اسلام ۽ ان جي آڻيندڙ نبي عليه الصلواة والسلام جي خلاف فتني ۽فساد ۽ جنگ جي باهه ٻاري ته الله تعالىٰ ان کي وسائي ڇڏيو ۽ اهڙا ماڻهو ميدان ۾ آندا جن جي هٿان شڪستون کائي ذليل ۽ خوار ٿيا.

"وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ" ۽ زمين ۾ فساد جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهن ٿا، ۽ الله فساد ڪندڙن سان محبت نہ رکندو آهي ان جي ڪري ناڪامي ۽ نامراديءَ کان سواءِ ڪا بہ شيءِ انهن کي حاصل نہ ٿي ٿئي.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ

۽ جيڪڏهن تحقيق اهل ڪتاب ايمان آڻين ها ۽ تقوىٰ ڪن ها تہ البت ميٽيون ها انهن کان بڇڙايون انهن جون

وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ

۽ البت داخل ڪيون ها انهن کي بهشتن نعمتن جي ۾ ۽ جيڪڏهن تحقيق اهي قائم رکن ها. توراة

وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ

۽ انجيل ۽ جيڪو لاٿو ويو انهن ڏانهن سندن رب وٽان تہ البت کائن ها مٿان پنهنجي ۽

تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ ؕ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ؕ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا

هيٺان پيرن پنهنجي انهن مان هڪ جماعت وچٿري آهي ۽ گهڻا انهن مان برو آهي جيڪو

يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ ع

ڪن ٿا.

١٣ ع ٠١

تفسير

هنن آيتن کان پهريان يهودين جي انهن عيبن ۽ گناهن جو ذکر هو جيکي انهن تي لعنت ۽ عذاب کرڻ جو سبب بڻيا هيا هاڻي اهي کم جيکي مٿن رحمت موکلڻ ۽ عذاب کان بچڻ جو سبب بڻجن بيان کندي ارشاد ٿي رهيو آهي، "وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتَابِ آمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ" يعني جيکڏهن اهل کتاب يهودي ۽ نصاریٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي بيان کيل طريقي سان ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿين ها يهوديت ۽ نصرانيت ڇڏين ها ته سندن برايون ميٽي ڇڏيون ها ۽ کين نعمتن وارن بهشتن ۾ داخل کيون ها" وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرَاةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَا اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ " ۽ جيکڏهن اهي توراة ۽ انجيل ۾ نازل کيل حکمن کي قائم کن ها ۽ انهن جا احکام به قائم کن ها جيکي سندن طرف سندن رب جي طرفان نازل کيا ويا آهن ته" لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ " پنهنجي مٿان يعني وڻن مان ميوا لاهي کائين ها ۽ پنهنجن پيرن جي هيٺان يعني پوکن مان به کاڏي واريون شيون اناج وغيره کٽي کائين ها ۽ کنهن قسم جي تنگي يا قحط نه ڏسن ها "مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ" انهن مان هک جاعت معتدل (وچٿري) سڌي رستي تي آهي جيئن حضرت عبدالله بن سلام رضي الله تعالىٰ عنه ۽ ان جا ساٿي جن يهوديت ڇڏي الله جل جلاله جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن تي خلوص دل سان ايمان آندو هو"وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا يَعْمَلُوْنَ" يعني (سڌي رستي هلڻ وارا ٿورا آهن) ۽ انهن مان گهڻا اهي آهن جيکي برا عمل کن ٿا.

فائدو: هنن آيتن مان ثابت ٿيو ته حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تي صحيح ايمان آڻڻ الله جي سيني نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ سيني کتابن تي ايمان آڻڻ آهي ۽ سندن نبوة جو انکار کرڻ سيني نبين عليهم الصلواةوالسلام جو انکار آهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته تقوىٰ، پرهيزگاري ۽ ٻين عملن جو درجو ايمان کان پوء آهي جيکڏهن کا جماعت يا کي ماڻهو الله جل شانه جي بي ادبي يا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي گستاخي کن ٿا يا اصحاب کرام رضي الله عنهم جي عزت، احترام جيکو قرآن کريم سان ثابت آهي نه ٿا کن، يا خود قرآن پاک جي گستاخي کن ٿا ته اهي ظاهري ڀيا عمل کيترا به کن انهن جي گستاخيءَ جي کري سندن ايمان ختم ٿيو وڃي ۽ سندن سڀ عمل تباهه ۽ برباد ٿي وڃن ٿا. يهودي ۽ عيسائي

لکين يتيم خانا ،اسپتالون ۽ اسڪول قائم ڪن، دنيا ۾ تہ ڪين سپکو واہ واہ ڪندو پر آخرت ۾ انهن کي ڪو ثواب يا درجو قطعًا ڪو نہ ملندو ڇو تہ بي ايمان آهن. ان ئي نموني سان الله جل شانه جي لاءِ لکندڙ وهابي تہ الله جل شانه ڪوڙ هٽي سگهي ٿو (١) يا حضور عليه الصلواة والسلام جن کان شيطان جو علم گهٽو آهي (٢) يا حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪنهن بہ شيءِ جا مالڪ ۽ مختيار ناهن (٣) يا اصحابن سڳورن ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ننگن گهروارين جي توهين ڪرڻ وارا شيعا هزارين دعوائون ڪن پر انهن جو ڪو بہ عمل قبول ناهي.

يَآاَيُّهَاالرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْکَ مِنْ رَّبِّکَ ، وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ

اي رسول! پهچاءِ جيڪي نازل ڪيو ويو تو ڏانهن تنهنجي رب وٽان ۽ جيڪڏهن نہ ڪيو تو تہ

فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَعْصِمُکَ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا

پوءِ نہ پهچايو تو پيغام ان جو ۽ الله بچائيندو توکي ماڻهن کان بيشڪ الله نہ تو

يَهْدِى الْقَوْمَ الْکٰفِرِيْنَ ﴿٦٧﴾ قُلْ يَآ اَهْلَ الْکِتَابِ لَسْتُمْ عَلٰى

هدايت ڪري قوم ڪافرن جي کي فرماءِ تہ اي اهل ڪتاب! ناهيو ڪنهن بہ

شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰاةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْکُمْ مِّنْ

شيءِ تي تانجو قائم ڪيو تورات کي ۽ انجيل کي ۽ جيڪو لاٿو ويو اوهان ڏانهن

رَّبِّکُمْ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ کَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْکَ مِنْ رَّبِّکَ

اوهان جي رب وٽان ۽ البت ضرور وڌائيندو گهڻن کي انهن مان جيڪو لاٿو ويو تو ڏانهن تنهنجي رب وٽان،

طُغْيَانًا وَّکُفْرًا ۚ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْکٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾

سرڪشي ۽ ڪفر کي پوءِ نہ غم ڪر قوم ڪافرن جي تي.

(١) براهين قاطعه ص٥١ (٢) تقوية الايمان ص٣٥
(٣) ساڳيو حوالو ص٥١

تفسير

هنن آيتن کان پهريان يهودين ۽ نصارن جي ساڙ ۽ حسد جو ذکر کندي ٻڌايو ويو هو تہ اهي مسلمانن جي خلاف هميشہ جنگ جي باھ ڀڙڪائيندا رهندا. پر الله جل شانہ ان کي وسائي ختم کندو رهندو. هاڻي هنن آيتن ۾ مالک مٿو پنهنجي محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ڪري رهيو آهي تہ" يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنْزِلَ إِلَيْكَ مِنْ رَبِّكَ" اي (پيارا) رسول (صلى الله عليه وسلم) جيڪو ڪجھ اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي اهو پيغام پهچايو.

"وَإِنْ لَمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهُ" يعني جيڪڏهن اوهان آينده جي لاءِ تبليغ نہ ڪندا تہ (چڻ) اوهان اڳ ۾ بہ تبليغ نہ ڪئي" وَاللَّهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ" ۽ الله اوهان کي ماڻهن کان بچائيندو. اهوئي اوهان جو محافظ ۽ نگهبان آهي.

"إِنَّ اللَّهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ" يقيناً الله ڪافر قوم کي هدايت نہ ڏيندو آهي.

شان نزول

هن آيت سڳوريءَ جي شان نزول ۾ مختلف روايتون آهن ١- تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن شروعات ۾ اسلام جي دعوت مخفي طور ڏيندا هئا، ڇو تہ ڪافر گهڻا هوندا هئا ۽ اهي حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ اصحابن سڳورن کي ايذائيندا هئا، پوءِ الله جل شانہ هيءَ آيت نازل ڪري ڪين تسلي ڏني تہ: هاڻي اوهان اسلام جي کلي دعوت ڏيو الله تعالىٰ اوهان کي ڪافرن کان محفوظ رکندو. پوءِ پهريان پهريان حضرت عمر رضي الله عنہ جي هٿان اسلام جي اظهار جو ڪم شروع ڪيو ويو. حضرت عمر رضي الله عنہ کليءَ طرح مسلمان ٿيو ۽ الله جل شانہ حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن تي آيت مبارڪ" يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللَّهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ" اي نبي! اوهان جي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ جيڪو مومنن مان اوهان جو تابع ٿيو- نازل ڪرڻ فرمائي. (١)

٢- محمد بن ڪعب قرظيءَ کان روايت آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن سفر جي دوران جيڪڏهن ڪنهن ميدان ۾ منزل ڪندا هئا تہ اصحابي

(١) قرطبي ص٢٤٢ جلد٦

سڳورا رضي الله عنهم کي گهاٽيءَ ڇانو وارو وڻ ڏسي کين اتي تشريف فرما ٿيڻ جي لاءِ عرض ڪندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ هڪ وڻ جي هيٺان تشريف فرما هئا تہ هڪ اعرابي آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ: اوهان پنهنجي اها تلوار مون کي ڏيو تہ مان ڏسان. پاڻ ان کي ڏنائون ان اها هٿ ۾ وٺي کين چيو تہ: هاڻي اوهان کي مون کان ڪير بچائيندو؟

پاڻ فرمايائون تہ: الله (جل شانہ)-بس ائين چوڻ سان ان جي بدن تي ڏڪڻي طاري ٿي ۽ تلوار تہ هٿن مان ڪري پيس پر دماغ ايترو متاثر ٿيس جو پاڻهي وڻ سان ٽڪر هڻي پنهنجو مٿو ڦاڙي وڌائين ۽ اتي جو اتي مري ويو. (١) ۽ الله جل جلالہ پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن تي مٿين آيت نازل ڪئي جنهن جو مطلب آهي تہ: اي پيارا حبيب!عليه الصلواة والسلام! اوهان دين جي دعوت ڏيندا رهو الله جل شانہ اوهان جو محافظ ۽ مددگار آهي.

هن آيت مان شيعن جو استدلال

شيعن جو چوڻ آهي تہ: الله جل شانہ نبي عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ڏنو هو تہ علي المرتضىٰ رضي الله عنہ کي پنهنجن سيني ماڻهن جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ٻين ماڻهن کي بہ اهو اطلاع ڏيو، پر حضور عليه الصلواة والسلام جن ان انديشي کان تہ اها ڳالهہ منهنجي اصحابن مان هڪ ٽولي کي ڳري لڳندي ۽ ماڻهو چوندا تہ پنهنجي سوٽ جي نفعي لاءِ ٿو ائين چوي خاموش رهيا پوءِ جڏهن هيءَ آيت "يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنزِلَ إِلَيْكَ" الايہ نازل ٿي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنہ جو هٿ مبارڪ پنهنجيءَ هٿ ۾ وٺي ماڻهن کي ڏيکاري فرمايو تہ: مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ" ۽ هيءَ آيت پڙهي ٻڌائي. (٢) هن جو مطلب ٿيو تہ حضرت علي حضور عليه الصلواة والسلام جن جو بلا فصل (پهريون) خليفو هو، اول خلافت سندس حق هئي، پر ان کان پهريان خليفا ٿيڻ وارن سندس حق غصب ڪيو.

جواب

ڄاڻڻ گهرجي تہ هن آيت مان شيعن جو حضرت علي المرتضىٰ رضي الله تعاليٰ عنہ جي پهرئين ۽ بلا فصل خليفي هجڻ جي لاءِ دليل وٺڻ ٻڻن وجهن جي ڪري

(١) ابن جرير ص١٩٩ جلد٤ جزء٦
(٢) ترجمه مقبول ص١٤٢ ترجمه فرمان علي سنڌي حاشيہ ع١ ص١٦٤ حاشيہ ٣٠

صحيح ناهي ١- تہ سندن اهو چوڻ تہ حضرت علي المرتضیٰ رضي اللہ عنہ جي بلا فصل خليفي ۽ حاڪميت جي لاءِ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي حڪم ٿيل هو پر پاڻ اصحابن سڳورن جي انديشي ڪان اهو اعلان نہ ٿي ڪيائون ڪهڙي آيت مان ثابت آهي؟ ٢- ٻيو تہ ڪو بہ سچو مسلمان اها ڳالهہ سوچي بہ نہ ٿو سگهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي اللہ جل شانہ حڪم ڪري تہ هي اعلان ڪيو يا هن جي حاڪميت ۽ بلا فصل خلافت بيان ڪيو ۽ پاڻ حضرت علي جهڙي شير ۽ ٻين مخلص اصحابن جي هوندي هڪ ٽولي ڪان ڊڄي انهن جو انديشو ڪندي اهڙو الٰهي فرمان لڪائين جو وري رب پاڪ کي چوٽو پوي، اهو تہ شيعا صاحب حضور پر نور عليہ الصلواة والسلام جن تي وڏو بهتان هڻي رهيا آهن،اللہ جل شانہ جو نبي لڪ ڪري تہ حق جو اظهار ڪير ڪندو؟ ٣- تہ شيعن جي قول تي جيڪڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي اللہ جل جلالہ ٻيو پيرو حضرت علي جي بلا فصل خلافت ۽ حاڪميت جي اعلان لاءِ تاڪيد ڪيو هو ۽ "يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنزِلَ إِلَيْكَ" آلايہ- نازل ٿي هئي جنهن ۾ "وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ" فرمائي حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي ٻڌايو ويو هو تہ اوهان فڪر ۽ انديشو نہ ڪيو تہ پوءِ پاڻ ان بلا فصل خلافت جو اعلان مبهم، لڪل ۽ معنیٰ جي لحاظ سان مشترڪ لفظن ۾ ڪرڻ جي بجاءِ غدير خم تي سڌو ۽ صاف لفظن ۾ چو نہ ڪيائون؟ تہ منهن جي رحلت ڪان پوءِ علي المرتضیٰ رضي اللہ عنہ خليفو آهي، ان جي بيعت ڪجو، ڇا (معاذاللہ ثم معاذاللہ) ڪين اللہ جل جلالہ جي حفاظت ۽ بچائڻ واري وعدي تي اعتماد نہ هو؟ ۴- تہ "مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ" حديث پاڪ ۾ مولا جي لفظ جي معنیٰ خليفو نہ آهي، مولا جي لفظ جي معنیٰ دوست ۽ مددگار آهي حديث جو مقصد هي آهي تہ: جنهن جو مان مددگار ۽ دوست آهيان ان جو علي بہ مددگار ۽ دوست آهي(١) قرآن ڪريم ۾ اللہ جل شانہ پنهنجي ٻانهن جي دعا جا الفاظ هيئن ذڪر ڪيا آهن" أَنتَ مَوْلَانَا فَانصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكَافِرِينَ" (٢) تون اسان جو مددگار آهين پوءِ اسان ڪي ڪافر قوم تي مدد ڪرڻ فرماءِ- هتي مولا جي معنیٰ بہ معاذاللہ خليفو ونندو؟ نہ- هرگز نہ- حديث پاڪ "مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ" ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن پهريائين پنهنجي لاءِ فرمايو آهي تہ جنهن جو مان مولا آهيان، ڇا حضور عليہ الصلواة والسلام جن بہ ڪنهن نبي جي دنيا تان رحلت ڪان پوءِ ان جا بلا فصل خليفا آهن؟ جو ان ئي حديث جي پوئين جملي "فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ" مان

(١) المنار ص٤٦٥ جلد٦ (٢) سورة البقره آيت ٢٨٦

حضرت علي رضي الله عنه جي بلا فصل خلافت ثابت ڪري رهيا اهن، حديث پاڪ جي معنيٰ صاف هيءَ آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو. جنهن جو مان مددگار آهيان ان جو علي (رضي الله عنه) بہ مددگار آهي. سو واقعي حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت ابوبڪر حضرت عمر، حضرت عثمان رضي الله عنهم جا مددگار ۽ مٿن مشفق هيا تہ حضرت علي بہ انهن جو مددگار ۽ ساٿي رهيو ٥- تہ جيڪڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت علي رضي الله عنه کي ڪلهيءَ طرح"غدير خم جي ميدان اندر، هزارن صحابن جي موجودگيءَ ۾ اها آيت پڙهائيندي بلا فصل خلافت ڏني هئي تہ پاڻ الله جل شانہ جي حڪم ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي فرمانَ ۾ اعلان ڪي ادا ڪندي، حق جو هوڪو ڏيندي ٽن خليفن حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان رضي الله عنهم سان اها آيت دليل طور پيش ڪندي احتجاج ۽ استدلال ڇو نہ ڪيائون؟ جيڪڏهن حق ۽ سچ جي لاءِ يزيد ظالم سان سيدنا حسين رضي الله عنه لڙي، پورو خاندان (ٽورن ڪان سواءِ) الله جل شانہ جي واٽ ۾ قربان ڪري سگهي ٿو تہ سندس والد مڪرم الله جل جلالہ جو شير، رضي الله عنه ڇو نہ ٿو لڙي؟

شيعا چون ٿا تہ ان تقيو ڪيو هو. مان عرض ڪندس تہ جيڪڏهن تقيو ضروري هيو تہ پوءِ حضرت حسين اهو ضروري حڪم ڇڏي ڇو وڙهيو؟ ۽ ان حڪم ڇڏڻ جي ڪري مٿن ڇا ٿا فتويٰ لڳايو؟ (معاذ الله ثم معاذالله) حقيقت هيءَ آهي تہ ٽئي خليفا سچا، صحيح ۽ برحق هيا تہ حضرت علي رضي الله عنه" مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ" تي عمل ڪندي انهن ٽنهي جي مدد ڪئي، ٽنهي جي بيعت ڪيائون، ٽنهي جي پويان نمازون پڙهيائون سيدنا ابوبڪر صديق ۽ سيدنا عمر بن خطاب رضي الله عنهما جي لاءِ فرمايائون تہ! جيڪو مون کي انهن کان پلو چوندو ان کي افتراءِ ۽ بهتان هڻندڙ جي حد لڳائيندس"(١) سيدنا عثمان رضي الله عنه تي باغين حملو ڪيو تہ حضرت علي پنهنجا پيارا پٽ حسنين ڪريمين ان جي حفاظت لاءِ بيهاريا ۽ ڪيس مخاطب ٿي فرمايائون تہ "قد نلت من صهره مالم ينالا" (٢) يعني اي حضرت عثمان! اوهان کي اهو شرف جو حضور عليه الصلواة والسلام جن اوهان جا صهرا آهن اهڙو مليو جو حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما کي بہ ڪو نہ مليو ٦- تہ مفسرن لکيو آهي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن حجة الوداع جي موقعي

(١) افضليت سيدنا صديق اڪبر ص٩٧ بحوالہ رجال ڪشي ص٣٣٨ طبع ڪربلا
(٢) نهج البلاغة ص٦٨ مطبوعہ بيروت

تي هڪ وڏي مجمع کي خطاب ڪندي ارشاد فرمايو هو تہ "اَلَاهَلْ بَلَّغْتُ" خبردار مون دين جو پيغام پهچايو؟ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم اقرار ڪري چيو تہ: هائو اوهان بلڪل پهچايو. پاڻ انهن کي فرمايائون تہ ان تي شاهد رهو ۽ اها ڳالهہ حاضر غائب تائين پهچائي، غائبين مان مراد اهي ماڻهو هيا، جيڪي ان وقت دنيا ۾ موجود تہ هيا، پر ان مجمع ۾ حاضر نہ هئا ۽ اهي بہ داخل آهن جيڪي اجان پيدا ئي نہ ٿيا هئا. (١)

ان وقت ان ميدان ۾ حضرت علي رضي الله عنه جن موجود هئا اهي عرض ڪن ها تہ سائين اوهان ڪيئن ٿا فرمايو تہ "مون سڀ پيغام پهچايو آهي؟ حالانڪ اوهان منهنجي خلافت بلا فصل جو تہ ذڪر ئي ڪو نہ ڪيو آهي. پوءِ ڪيئن دين ڪامل ٿيو آهي؟ (معاذالله ثم معاذالله) المقصد تہ هن آيت ۾ خلافت جو قوي دليل تہ ڇا اشارو بہ نہ آهي. جيئن ابو نعيم حضرت علي المرتضىٰ جي پوٽي، حضرت امام حسن جي پٽ حضرت حسن مثنىٰ رضي الله عنهم ڪان روايت آندي آهي ان ڪان پڇيو ويو تہ: ڇا هيءَ آيت غدير خم واري روايت ۽ حضرت علي جي خلافت تي نص آهي؟ جواب ۾ فرمايائون- جيڪڏهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان مان مراد حضرت علي رضي الله عنه جي خلافت وٺن ها تہ فرمائن ها "ايهاالناس هذا ولي امري والقائم عليكم بعدي فاسمعوا واطيعوا" يعني اي انسانو! هيءُ (حضرت علي) منهن جي امر جو وارث ۽ مون ڪان پوءِ اوهان تي قائم ٿيندڙ آهي پوءِ ان جو حڪم ٻڌو ۽ سندس اطاعت ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ حضرت حسن مثنىٰ رضي الله عنه فرمايو تہ: مان الله جو قسم کڻي چوان ٿو تہ" جيڪڏهن الله جل جلالہ ۽ ان جو رسول عليه الصلواة والسلام هن (خلافت بلا فصل) جي لاءِ علي کي منتخب ڪن ها ۽ حضرت علي ان جي لاءِ قدم نہ کڻي ها تہ وڏي خطا ڪري ويهي ها (٢) الغرض تہ هتي مراد دين جي عام دعوت آهي جيڪا پاڻ ڪريمن عليه الصلواة والسلام جن علىٰ وجه الكمال ڏني ۽ هن آيت جي نازل ٿيڻ ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي لاءِ چوڪي ڏيارڻ بہ بند ڪري ڇڏيائون. هڪ حديث ۾ حضرت حسن ڪان روايت آهي تہ حضور صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: تہ جڏهن مون کي ديني تبليغ جي لاءِ فرمان ٿيو تہ منهنجي دل ۾ اهو خيال ايندو هو تہ هر طرف ڪان ماڻهو مون کي ڪوڙو چوندا ۽ مخالفت ڪندا پوءِ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿيو (٣)

---

(١) معارف القرآن ص١٩٤ جلد٣ (٢) روح المعاني ص١٩٦ جلد٢ جزءُ ٦
(٣) معارف القرآن ص١٩٥ ج٣

فائدوؑ: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواۃ والسلام جن الله جل جلالہ جي هر حڪم جي تبليغ ڪئي ۽ ظاهر ظهور ڪئي ڪا بہ ڳالهہ ڪو نہ لڪايائون ۽ نہ ڪنهن جي چوڻ تي ديني احڪام ۾ رد ۽ بدل ڪيائون ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن جو محافظ، مددگار الله جل شانہ آهي ساري دنيا زور لائي بيهي پر ڪين ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهن ۽ جيئن حضور عليه الصلواۃ والسلام جن دين جي دعوت ڏيڻ ۾ ڪاڪمي نہ ڪئي تيئن سندن وارثن عالمن کي بہ دين جي لاءِ محنت ۽ جفا ڪرڻ ضروري آهي.

" قُلْ يَآ اَهْلَ الْكِتَابِ لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرَاةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ " (اي حبيب! عليڪ الصلواۃ والسلام) اوهان انهن کي فرمايو تہ "اي اهل ڪتاب! اوهان تيستائين ڪنهن بہ شيءِ تي ناهيو جيستائين توراۃ ۽ انجيل جيڪو اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي قائم ڪيو. مقصد تہ آسماني ڪتابن جي ڏسيلن عقيدن ۽ احڪام کي مستقل طور قائم ڪرڻ کان سواءِ اوهان ڪنهن قابل ذڪر دين تي ناهيو. حضور عليه الصلواۃ والسلام جن کي مڃڻ ڇڻ تہ سيني ڪتابن ۽ نبين عليهم الصلواۃ والسلام کي مڃڻ آهي.

وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّا اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا " يعني جيڪو قرآن اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي اهو انهن مان گهڻن کي سرڪشيءَ ۽ ڪفر وڌائيندو. جيئن جيئن انڪار ڪندا ويندا تيئن تيئن ڪفر ۽ سرڪشيءِ ۾ بہ وڌندا ويندا جو هر هڪ آيت ۽ هر حڪم جو انڪار ڪندا ويندا .

" فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكَافِرِيْنَ" هن جملہ سان حضور عليه الصلواۃ والسلام جن کي اطمينان ڏياريو ٿو وڃي تہ: اوهان ڪافر قوم تي افسوس نہ ڪيو جيڪڏهن اهي گمراهيءَ تي ڄمي بيٺا آهن تہ بيشڪ پنهنجن ڪيلن عملن جي سزا پوڳيندا.

فائدوؒ: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانہ جي فرمان تي عمل ڪرڻ کان سواءِ انسان ڪجهہ بہ ناهي نہ ان جو ڪو قدر آهي نہ قيمت ڀلي ڪيترو بہ عالم،فاضل،خانداني طور نبين عليهم الصلواۃ والسلام جي اولاد مان هجي، ڇو تہ الله جل شانہ بني اسرائيل ۾ موڪليلن نبين عليهم الصلواۃ والسلام جي اولاد لاءِ جيڪي توراۃ انجيل وغيرهما جا عالم هيا فرمايو تہ: "لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ" اوهان ڪنهن بہ ڳالهہ تي ناهيو (نلها نکر پيا نڙکو) فائدوؓ- قرآن پاڪ ۽ حديث آسماني برسات جي مثال آهن برسات پوکيل ٻج کي ڄمائي ۽ وڌائيندي آهي مٽائيندي ناهي، قرآن

ڪريم ۽ حديث شريف ٻنهي وارن جي دلين ۾ جيڪڏهن شقاوت ۽ بدبختيءَ جو ٻج پوکيل آهي تہ اهي قرآن پاڪ ۽ حديث ٻنهي سان ان جو انڪار ڪندا ۽ اها بدبختي وڌندي ۽ جيڪڏهن سندن دلين ۾ سعادت، نيڪ بختيءَ جو ٻج آهي تہ قرآن پاڪ ۽ حديث شريف ٻنهي سان انهن ۾ خوفِ خدا، "عشقِ مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم" تقوىٰ ۽ نيڪي وڌندي.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئُونَ وَالنَّصَارَىٰ مَنْ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ صابي (مذهب وارا) ۽ نصاريٰ جنهن بہ

آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا

ايمان آندو الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي ۽ ڪيائين سٺا عمل پوءِ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نہ اهي

هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿٦٩﴾ لَقَدْ أَخَذْنَا مِيثَاقَ بَنِي إِسْرَائِيلَ وَأَرْسَلْنَا

غم ڪندا البت تحقيق ورتوسون عهد بني اسرائيل ڪان ۽ موڪليوسون

إِلَيْهِمْ رُسُلًا ۖ كُلَّمَا جَاءَهُمْ رَسُولٌ بِمَا لَا تَهْوَىٰ أَنْفُسُهُمْ

انهن ڏانهن رسولن ڪي جڏهن بہ آيو انهن وٽ رسول ان (حڪم) سان جو نہ ٿا خواهش رکن نفس انهن جا

فَرِيقًا كَذَّبُوا وَفَرِيقًا يَقْتُلُونَ ﴿٧٠﴾ وَحَسِبُوا أَلَّا تَكُونَ فِتْنَةٌ

تہ هڪ ٽولي کي ڪوڙو چيائون ۽ هڪ ٽولي کي شهيد ڪيائون ۽ سمجهيائون تہ نہ هوندو ڪو فتنو

فَعَمُوا وَصَمُّوا ثُمَّ تَابَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ عَمُوا وَصَمُّوا كَثِيرٌ

پوءِ انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا ان ڪان پوءِ توبہ قبول ڪئي الله انهن جي ان ڪان پوءِ انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا گهڻا

مِنْهُمْ ۚ وَاللَّهُ بَصِيرٌ بِمَا يَعْمَلُونَ ﴿٧١﴾

انهن مان ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا.

تفسير

هن کان اڳ ۾ بيان ٿيو هو تہ اهلِ ڪتاب توراة ۽ انجيل جا احڪام قائم ڪن تہ صحيح آهن ۽ هتي اهو ٻڌائيندي تہ صرف اهل ڪتاب نہ پر صابئي، منافق وغيرهما بہ هي ڳالهيون پاڻ ۾ پيدا ڪن تہ پوءِ اهي بہ ڪامياب ٿيندا ارشاد آهي.

" اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَالَّذِيۡنَ هَادُوۡا وَالصَّابِئُوۡنَ وَالنَّصٰرٰى" يعني يقينًا جن (زباني) ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ صابئي ۽ نصاريٰ- (سڀ جماعتن وارا) "مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا" جنهن بہ الله ۽ قيامت تي سچو، خلوص دل سان ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا" فَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ" تہ نہ انهن تي ڪو خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا ،جاڻڻ گهرجي تہ هن جي سمجهاڻيسورة بقره آيت ٦٢ ۾ هن عاجز جي تفسير احسن البيان ص٢١٨ ج١ ۾ تفصيل سان اچي چڪي آهي هتي دهرائڻ جي ضرورت ناهي) ۽ "اٰمَنَ بِاللّٰهِ" (الله تي ايمان آندائين) مان مراد ان جي پاڪ ذات ۽ ڪمال وارين صفتن،ان جي نازل ڪيل ڪتابن ۽ ان جي موڪليل رسولن عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ آهي، ڇو تہ جيڪو ڪنهن رسول عليه الصلواة والسلام تي ايمان نہ ٿو آڻي ان ڄڻ ان جي موڪليندڙ الله جل شانہ تي ايمان نہ آندو جيئن جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن بادشاهہ کي بادشاهہ تسليم ڪري پر ان جي مقرر ڪيلن حاڪمن جو انڪار ڪري ٿو تہ اهو يقينًا ان بادشاهہ جي حڪم جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري رهيو آهي ان جي ڪري ڪو بہ ماڻهو ان غلط فهميءَ جو شڪار نہ ٿئي تہ رسولن عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ کان سواءِ نجات ممڪن آهي.

" لَقَدۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَ بَنِيۡٓ اِسۡرَآءِيۡلَ وَاَرۡسَلۡنَآ اِلَيۡهِمۡ رُسُلًا" يعني هيءَ پڪي ڳالهہ آهي تہ اسان بني اسرائيلين کان توراة تي عمل ڪرڻ جو پڪو وعدو ورتو هو ۽ اسان انهن ڏانهن سندن رهنمائيءَ جي لاءِ پيغمبر سڀورا موڪليا هئا تہ انهن جو احترام ڪيو، اطاعت ۽ اتباع ڪيو ۽ انهن جي تصديق ڪيل ۽ بشارتون ڏنل نبي آخرالزمان عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻيو پر هنن جي حالت هيءَ رهي جو "كُلَّمَا جَآءَهُمۡ رَسُوۡلٌۢ بِمَا لَا تَهۡوٰٓى اَنۡفُسُهُمۡ فَرِيۡقًا كَذَّبُوۡا وَفَرِيۡقًا يَّقۡتُلُوۡنَ" جڏهن بہ انهن وٽ ڪو الله جو رسول اهڙو پيغام ڪٽي آيو جنهنجي سندن نفس خواهش نٿا رکن تہ نبين عليهم الصلواة والسلام

جي جماعت مان هڪڙن کي ڪوڙو چئي نہ مڃيائون تہ هڪڙن کي شهيد ڪيائون پوءِ اهڙا ماڻهو حق تي هجڻ جي دعويٰ ڪيئن ڪن ٿا؟

" وَحَسِبُوٓا اَلَّا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ فَعَمُوْا وَصَمُّوْا " ۽ انهن بد نصيبن ائين سمجهيو تہ انهن گندن ڪارنامن سان ڪو عذاب وغيره نہ ٿيندو پوءِ انڌا ۽ ٻوڙا ٿي پيا. جو هاڻي انهن جي نگاهہ ۾ وڏي کان وڏو گناهہ بہ برو نہ رهيو ۽ سرڪشيءَ ۾ وڌي ويا. حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪا اک دنيا ۾ جون شيون ڏسي پر الله جل شانه جي آيتن کي نہ ڏسي اها انڌي آهي ۽ جيڪي ڪن ٻي هر شيءِ ٻڌن پر الله جل شانه جي فرمانن کي نہ ٻڌن، اهي ٻوڙا آهن، "ثُمَّ تَابَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ عَمُوْا وَصَمُّوا كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ" يعني اهي ڪجهہ عرصي کان پوءِ توبہ تائب ٿيا تہ الله جل جلالہ بہ انهن جي توبہ قبول ڪئي، بيت المقدس وٽ رهائي ڪين خوشحال بنايائين پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ انهن مان وري گهڻا انڌا ۽ ٻوڙا ٿيا جو نہ پيا حق ڏسن ۽ نہ پيا سچ ٻڌن.

"وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ" ۽ اهي جيڪي بہ ڪن ٿا الله اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي، سندن ڪردار اول کان آخر تائين الله جل شانه کان لڪل ناهي.

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ۭ وَقَالَ

البت تحقيق ڪفر ڪيو انهن جو چيائون تہ بيشڪ الله اهو مسيح پٽ مريم جو آهي ۽ چيو

الْمَسِيْحُ يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ۭ اِنَّهٗ مَنْ

مسيح تہ اي بني اسرائيلو! عبادت ڪيو الله جي يعني، منهنجي رب ۽ پنهنجي رب جي بيشڪ جيڪو

يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَمَاْوٰىهُ النَّارُ ۭ وَمَا

شريڪ ٿو بڻائي الله سان پوءِ تحقيق حرام ڪيو الله ان تي بهشت ۽ جاءِ ان جي جهنم آهي ۽ ناهن

لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٧٢﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ

ظالمن جي لاءِ ڪي مددگار البت تحقيق ڪفر ڪيو انهن جو چيائون تہ بيشڪ الله ٽيون آهي ٽن

ثَلٰثَةٍ ۘ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّآ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۭ وَاِنْ لَّمْ يَنْتَهُوْا عَمَّا يَقُوْلُوْنَ

۾ ۽ ناهي ڪو بہ عبادت جو لائق هڪ الله کان سواءِ ۽ جيڪڏهن نہ رڪجندا ان ڪان جو چون ٿا تہ

لَيَمَسَّنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝ (٧٣) اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ اِلَى

البت ضرور پهچندو انهن ڪي جو ڪفر ڪيائون انهن مان عذاب دردناڪ ڇا پوءِ نہ ٿا موٽن

اللّٰهِ وَيَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ (٧٤)

الله ڏانهن ۽ نہ ٿا مغفرت گهرن ان ڪان ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ يهودين ۽ نصارن جي. گڏيل گناهن جو ذڪر هو هاڻي خاص نصارن جي گناهن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي" لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ " يعني جن مسيح، عيسىٰ بن مريم کي الله چيو پڪ انهن ڪفر ڪيو.

شان نزول

هڪ ڀيري عاقب نالي نجران جي عيسائين جي سردار ۽ سندن تابعدارن ۽ پوئلڳن چيو تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام پاڻ الله آهي الله مريم جي پيٽ ڪان جمي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي انهن جي ترديد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (١) جنهن ۾ الله جل شانہ انهن جي قول کي رد ڪري فرمايو "وَقَالَ الْمَسِيْحُ يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ " يعني عيسائين مٿيون عقيدو حضرت مسيح عليه الصلواة والسلام جي تعليم ۽ عقيدي جي خلاف بيان ڪيو آهي، چو تہ ان چيو هو تہ اي بني اسرائيليو! عبادت الله جي ڪيو جيڪو منهن جو ۽ اوهان سڀني جو رب آهي ۽ جڏهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام پاڻ الله جل شانہ کي پنهنجو رب ڪري مڃي ٿو ۽ ٻين کي بہ ان جي عبادت لاءِ سڏي ٿو تہ پوءِ اهو پاڻ ڪيئن الله ٿي

(١) روح البيان ص٤٢٢ج٢

سگهندو؟
"اِنَّهٗ مَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِ الۡجَنَّةَ" يقينًا جيكو الله سان
كنهن كي شريڪ بنائيندو الله ان تي بهشت حرام ڪري ڇڏيو آهي.
"وَمَاۡوٰىهُ النَّارُ وَمَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ اَنۡصَارٍ" ۽ ان جي جاءِ جهنم آهي ۽ ظالمن
جا (آخرت ۾) ڪير به مددگار نه آهن. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته عيسائي پنهنجي
لاءِ حضرت عيسىٰ، سيده مريم، صليب وغيره کي پنهنجو مددگار سمجهيو ويٺا هئا
الله جل شانه فرمايو ته انهن جو ڪير به مددگار نه رهندو. "لَقَدۡ كَفَرَ الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّ اللّٰهَ
ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ" پڪ انهن به ڪفر ڪيو جن چيو ته الله ٽن ۾ ٽيون آهي. هن ڪان اڳ ۾
انهن نصارن جو رد هيو جن جو عقيدو هو ته حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام پاڻ
خدا آهي (معاذالله) هتي وري انهن عيسائين جو رد آهي جن جو عقيدو هو ته خدا ٽي
آهن ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام انهن ۾ ٽيون آهي. الله جل شانه فرمايو ته هئي
نظريا ڪفر آهن "وَمَا مِنۡ اِلٰهٍ اِلَّاۤ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ" ۽ (حقيقت هيءُ آهي ته) هڪ الله ڪان سواءِ
ڪو به ٻيو سچو معبود ناهي. اهوئي عبادت جو حقدار آهي، اهو وحدانيت جي صفت
سان موصوف آهي ان ۾ ڪو به تعدد نه آهي نه ذات ۾، نه صفات ۾، "وَاِنۡ لَّمۡ يَنۡتَهُوۡا
عَمَّا يَقُوۡلُوۡنَ لَيَمَسَّنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ" ۽ جيڪڏهن اهي ان ڪفر ڇوڙڻ ڪان
نه رڪجندا ته انهن مان ڪفر ڪندڙن کي دردناڪ عذاب ضرور پهچندو ۽ ان ڪان بچي
نه سگهندا. "اَفَلَا يَتُوۡبُوۡنَ اِلَى اللّٰهِ وَيَسۡتَغۡفِرُوۡنَهٗ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ" ڇا پوءِ الله ڏانهن رجوع
نه ٿا ڪن ۽ ان ڪان مغفرت طلب ڪن، ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي، انهن ڪفريه
عقيدن ڪان سچي توبه ڪري مالڪ ڪان مغفرت طلب ڪندا ته ڪين بخشي ڇڏيندو.

مَا الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ مَرۡيَمَ اِلَّا رَسُوۡلٌ ۚ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ ؕ

ناهي مسيح پٽ مريم جو مگر (هڪ) رسول جو تحقيق گذريا اڳي ان ڪان رسول

وَاُمُّهٗ صِدِّيۡقَةٌ ؕ كَانَا يَاۡكُلٰنِ الطَّعَامَ ؕ اُنۡظُرۡ كَيۡفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ

۽ ماءُ ان جي صديقه هئي ڪائيندا هئا کاڌو ڏس ته ڪيئن ٿا بيان ڪيون انهن جي لاءِ

الۡاٰيٰتِ ثُمَّ انۡظُرۡ اَنّٰى يُؤۡفَكُوۡنَ ﴿۷۵﴾ قُلۡ اَتَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ

آيتون ان ڪان پوءِ ڏس ته ڪيڏانهن ٿا اونڌا ڪيا وڃن، فرماءِ ته ڇا عبادت ڪيو ٿا الله ڪان سواءِ

مَا لَا يَمۡلِكُ لَكُمۡ ضَرًّا وَّلَا نَفۡعًا ؕ وَاللّٰهُ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿٧٦﴾

ان جي جو نہ تو مالڪ ٿئي اوهان جي لاءِ نقصان جو ۽ نہ نفعي جو ۽ الله اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي،

قُلۡ يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لَا تَغۡلُوۡا فِيۡ دِيۡنِكُمۡ غَيۡرَ الۡحَقِّ وَلَا

فرماءِ تہ اي اهل ڪتاب نہ وڌاءُ ڪيو دين پنهنجي ۾ سواءِ حق جي ۽ نہ

تَتَّبِعُوۡۤا اَهۡوَآءَ قَوۡمٍ قَدۡ ضَلُّوۡا مِنۡ قَبۡلُ وَاَضَلُّوۡا كَثِيۡرًا وَّضَلُّوۡا

تابع ٿيو سڌن اهڙيءَ قوم جي جا جو تحقيق گمراه ٿيا اڳ ۾ ۽ گمراه ڪيائون گھڻن کي ۽ گمراه ٿيا

عَنۡ سَوَآءِ السَّبِيۡلِ ﴿٧٧﴾

سڌي واٽ کان

تفسير

هن کان پهريان حضرت عيسىٰ عليه السلام جي الوهيت (خدا هجڻ) جي نفي ڪئي وئي ۽ هتي ان جي حيثيت بيان ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ "مَا الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ مَرۡيَمَ اِلَّا رَسُوۡلٌ" يعني مريم جو پٽ مسيح تہ صرف رسول آهي. نہ الله آهي نہ الله جو پٽ نہ الله ان ۾ حلول ڪيو آهي. "قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ" ان کان اڳ ۾ بہ رسول عليهم السلام گذري ويا نہ اهي خدا هئا نہ هي خدا آهي "وَاُمُّهٗ صِدِّيۡقَةٌ" ۽ سندس ماءُ نهايت سچ ڳالهائيندڙ هئي، هي عبارت مستقل جملو آهي جنهن ۾ سيده مريم رضي الله عنها جي صفائي بيان ڪئي وئي آهي مريم سائڻ جي متعلق ٽن قومن جا ٽي عقيدا هيا، ۽ ٽنهي جو هڪ لفظ "صِدِّيۡقَةٌ" سان رد ڪيو ويو آهي ١- يهودي ان سائڻ تي بدڪار هجڻ جو الزام هڻندا هيا انهن جو بہ رد ڪيو ويو تہ مريم سائڻ قول، فعل، عمل جي نهايت سچي هئي، بدڪرداريءَ کان پاڪ هئي، ٢- عيسائي ان کي خدا جي زال يا ٽيون خدا مڃيندا هيا انهن جي بہ ترديد ٿي تہ اها نہ خدا آهي نہ خدا جي زال اها

ته هڪ سچار ٻانهي آهي جيڪڏهن ان ۾ ٻي ڪا صفت هجي ها ته اها پاڻ بيان ڪري ها لڪائي نه ها ٣- انهن عيسائين جي رهنمائي ڪئي وئي جيڪي چوندا آهن ته جنهن جو پيءُ ناهي اهو خدا آهي. ڪين سمجهايو ويو ته بيوقوفو! جنهن جو پيءُ ناهي سو خدا آهي ته جنهن جي ماءُ آهي اهو خدا ناهي هڪ پاسو نه ڏسو ٻئي پاسا سوچي، ذهن نشين ڪري پوءِ فيصلو ڏيو. "كَانَا يَأْكُلَانِ الطَّعَامَ" کاڌو ڪائيندا هيا، يعني سيدنا عيسىٰ عليه السلام ۽ سيده مريم رضي الله عنها ٻئي ماءُ ۽ پٽ کاڌو کائيندا هئا ۽ زندگيءَ جي بقاءَ لاءِ کاڌي جي ضرورت محسوس ڪندا هئا ته پوءِ اهي ٻانها ٿيا خدا ته نه ٿيا" اُنظُرْ كَيْفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الْآيَاتِ ثُمَّ انظُرْ أَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ" (اي ڏسڻ وارا) ڏس ته ڪيئن ٿا انهن جي لاءِ دليل کولي کولي بيان ڪيون وري به ڏس ته ڪيئن ٿا اونڌا ڦيرايا وڃن. المقصد ته سندن غلط عقيدن کي ڪيئن مضبوط ۽ روشن دليلن سان کولي کولي بيان ڪيون ٿا تڏهن به نه ڏسن ٿا ۽ نه سمجهن ٿا ۽ پنهنجن ڪافرن ابن، ڏاڏن جي غلط عقيدن تي ڄميو بيٺا آهن. "قُلْ أَتَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللَّهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَلَا نَفْعًا" فرماءِ ته: ڇا الله کان سواءِ ان جي عبادت ڪيو ٿا جيڪو اوهان جي لاءِ نه ٿو نفعي جو مالڪ ٿئي نه نقصان جو، ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مالڪ ٿيڻ ٻه قسم آهي هڪ ذاتي ٻيو عطائي. هتي ذاتي مالڪ جي نفي آهي باقي الله جل شانه جي عطا سان ته هر شخص پنهنجي شين زمين، دڪان وغيره جو مالڪ آهي، الله جل شانه جو حبيب عليه الصلواة والسلام ۽ ٻيا رب جا پيارا به رب جي عطا سان مالڪ ۽ فيض ڏيڻ وارا آهن. "وَاللَّهُ هُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ" ۽ الله ئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي هتي به ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ صفتون ذاتي طور الله جل شانه جي لاءِ ثابت آهن باقي سندس عطا سان انسان به سميع آهي جيئن ارشاد رباني آهي فَجَعَلْنَاهُ سَمِيعًا بَصِيرًا" پوءِ اسان ان (انسان) کي ٻڌندڙ، ڏسندڙ بنايو آهي "قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ لَا تَغْلُوا فِي دِينِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ" فرماءِ ته: اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ حق کان سواءِ واڌارو نه ڪيو، مقصد ته حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي صحيح تعليمات تي پنهنجن عقيدن جو بنياد رکو، اوهان جي ٽن خدائن مڃڻ واري عقيدي جو حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام سان پري جو به واسطو نه رهيو آهي.

فائدو: هن آيت جي جمله "لَا تَغْلُوا فِي دِينِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ" مان ثابت ٿيو ته دين ۾ واڌارو ڪرڻ ٻه قسم آهي ١- حق ٢- ناحق (١) ناحق جي زيادتي بري ۽ منع ڪيل آهي باقي حق جي زيادتي صحيح ۽ جائز آهي ۽ اسلام ۾ اجماع ۽ قياس به حق ۾ داخل آهن

(١) تفسير ڪبير ص٦٣ جزءُ ١٢

۽ اهڙي طرح اولياءِ ڪرام جي طرفان قلب جي تزڪيه جي لاءِ جاري ڪيل اسباق، سلسلا نقشبندي، قادريه ،چشتي، سهروردي وغيرها سڀ حق ۾ داخل آهن. (١) "وَلَا تَتَّبِعُوْٓا اَهْوَاۗءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَاَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّضَلُّوْا عَنْ سَوَاۗءِ السَّبِيْلِ" يعني ان قوم جي خواهشات جي تابعداري نه ڪيو جيڪي پاڻ ته اڳي ئي گمراهه ٿيا پر ٻين گهڻن کي به گمراه ڪيائون ۽ سڌي واٽ کان ڦري ويا. هن جملي ۾ "اهواء" جي لفظ مان مراد اهي هٽرادو ۽ من پسند مذهب آهن جيڪي ماڻهن قطعي دليلن ۽ حجتن کان سواءِ ٺاهي، الله جل شانه ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دين جي دشمني ڪئي آهي (٢)

فائدو: - هن آيت ۾ گمراهن جي اتباع کان روڪڻ مان ثابت ٿيو ته نيڪن ۽ صالحن جي اتباع ڪرڻ پلو ڪم آهي جيئن مالڪ مٺي جو ٻئي هنڌ فرمان آهي: "وَاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ" جيڪو مون ڏانهن موٽيو ان جي رستي جي اتباع ڪر-ان جي ڪري مجتهدن امامن ۽ اولياءِ ڪرام، صلحاءِ عظام، جي اتباع خير ۽ برڪت جو باعث آهي.

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ عَلٰي لِسَانِ دَاوٗدَ

لعنت ڪيا ويا ڪافر بني اسرائيلن مان داؤد جي زبان تي

وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۭ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ۝٧٨

۽ عيسىٰ پٽ مريم جي (زبان تي) اهو هن جي ڪري جو بي فرمان ٿيا ۽ حد کان لنگهندا هئا

كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ۭ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۝٧٩

نه روڪيندا هئا هڪ ٻئي کي ان برائيءَ کان ۔ البت برو آهي اهو جو ڪيائون

تَرٰي كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ

ڏسندين گهڻن کي انهن مان دوستي رکن ٿا انهن سان جو ڪفر ڪيائون البت بڇڙو آهي جيڪو اڳي ڪيو

(١) نعيمي ص٦٨١ جلد٦ (٢) تفسير القاسمي ص٣٢٤ جلد٤

لَهُمْ اَنْفُسُهُمْ اَنْ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَفِي الْعَذَابِ هُمْ

انھن لاءِ نفسن سندن هيءَ ته ناراض ٿيو الله انھن تي ۽ عذاب ۾ اهي

خٰلِدُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَلَوْ كَانُوْا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِيِّ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ

هميشه رهندڙ آهن ۽ جيڪڏهن ايمان آڻين ها الله تي ۽ نبي تي ۽ ان تي جو لاٿو ويو ان ڏانهن

مَا اتَّخَذُوْهُمْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨١﴾

ته نه بنائين ها انھن کي دوست ۽ پر گھڻا انھن مان بي فرمان آهن

لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ

البت ضرور لهندين وڌيڪ سخت ماڻهن مان دشمنيءَ جي لحاظ سان ايمان وارن جي لاءِ يهودين کي ۽ انھن کي

اَشْرَكُوْا ۚ وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا

جو مشرڪ ٿيا ۽ البت ضرور لهندين وڌيڪ ويجهو انھن جي دوستي ۾ انھن لاءِ جو ايمان آندائون انھن کي جو چيائون ته

اِنَّا نَصٰرٰى ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَرُهْبَانًا وَّاَنَّهُمْ لَا

بيشڪ اسين نصاريٰ آهيون اهو ان جي ڪري جو بيشڪ انھن مان عالم آهن ۽ راهب آهن ۽ بيشڪ اهي نه ٿا

يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٨٢﴾

تڪبر ڪن.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ڪيو ويو هو ته اوهان انھن کي دين ۾ ناحق غلو ڪرڻ کان منع ڪيو هتي ڪين اهو ٻڌايو ٿو وڃي

تہ جيڪڏهن اوهان جي روڪڻ ۽ منع ڪرڻ ڏانهن توجه نہ ڏين تہ اوهان فڪر نہ ڪيو
چو تہ " لُعِنَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ بَنِي إِسْرَائِيلَ عَلَىٰ لِسَانِ دَاوُودَ وَعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ " بني
اسرئيل مان جن ڪفر ڪيو اهي (حضرت) داؤد ۽ (حضرت) عيسىٰ (عليهماالسلام
جي زبان تي لعنت ڪيا ويا هئا. هونءَ تہ سڀني آسماني ڪتابن ۾ ڪافرن تي لعنت
ڪيل آهي پر بني اسرائيل مان ڪفر ڪرڻ وارن جي مٿان حضرت داؤد ۽ حضرت
عيسىٰ عليهماالسلام جي زبان پاڪ کان لعنت ڪرائي وئي هئي. " ذَٰلِكَ بِمَا عَصَوا
وَّكَانُوا يَعْتَدُونَ " اهو ان جي ڪري جو بي فرمان ٿيا ۽ حد کان لنگهي ٿي ويا. جو نہ ٿي
پاڻ گناهن کان مڙيا ۽ نہ ٿي ٻين کي روڪيائون بلڪ سڀئي پاڻ ۾ ملي جلي ڪير ڪند
ٿي گناهہ ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا ۽ ان لعنت جي ڪري غير معمولي طور تباهہ ٿي ويا
ڪي انهن مان ظاهرًا وباطنًا باندر ۽ سوئر بنجي ويا تہ ڪي باطني طرح مسخ ٿي
مڪي جي مشرڪن جا ساٿي بڻجي ويا. "كَانُوا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَن مُّنكَرٍ فَعَلُوهُ لَبِئْسَ مَا
كَانُوا يَفْعَلُونَ" هڪ ٻئي کي نہ روڪيندا هئا ان برائيءَ کان جو ڪيائون ٿي البت نهايت
ئي برو آ جيڪو ڪندا هئا.

"لَا يَتَنَاهَوْنَ" جون ٻہ مرادون آهن ١- تہ پاڻ گناهن کان ر ڪجندا نہ هئا ٢-
تہ ٻين کي روڪيندا نہ هئا ۽ جڏهن ڪنهن قوم ۾ برائي عام ٿيندي آهي ۽ ڪورو ڪرڻ
وارو بہ نہ هوندو آهي تہ پوءِ انهن تي عام عذاب ايندو آهي.

"تَرَىٰ كَثِيرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِينَ كَفَرُوا" انهن مان گهڻن کي ڏسندؤ تہ
ڪافرن سان دوستي رکن ٿا. هنن مان مراد اهي مديني جا يهودي آهن جن مڪي پاڪ
۾ رهندڙن مشرڪن سان ساز باز ڪري مسلمانن سان لڙائي ڪرڻ جو پروگرام ناهيو
هو. " لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ لَهُمْ أَنفُسُهُمْ أَن سَخِطَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ وَفِي الْعَذَابِ هُمْ خَالِدُونَ" يعني
جيڪي برا اعمال سندن نفسن سندن جي لاءِ اڳتي موڪليا آهن اهي نهايت خراب ۽
بڇڙا آهن (١- هڪ تہ) مٿن الله جل جلالہ ڪاوڙيو آهي ۽ (٢- ٻيو تہ) اهي عذاب ۾
هميشہ هوندا "وَلَوْ كَانُوا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَالنَّبِيِّ وَمَا أُنزِلَ إِلَيْهِ مَا اتَّخَذُوهُمْ أَوْلِيَاءَ" يعني
جيڪڏهن اهي مديني منوره ۾ رهڻ وارا يهودي الله ۽ نبي ۽ ان تي جيڪو مٿس نازل
ڪيو ويو آهي سچو ۽ خلوص وارو ايمان رکن ها تہ انهن (مڪي جي مشرڪن کي)
دوست نہ بنائين ها- هتي "النَّبِيِّ" مان مراد يا موسىٰ عليه السلام آهي يا حضور عليه
الصلواة والسلام جن (١) ۽ "وَمَا أُنزِلَ إِلَيْهِ" مان مراد يا توراة آهي يا قرآن ڪريم- مقصد تہ
انهن جو نہ الله تي، نہ نبين تي نہ ڪتابن تي ايمان آهي. وَلَٰكِنَّ كَثِيرًا مِّنْهُمْ فَاسِقُونَ" ۽

(١) روح المعاني ص٢١۴ جزء٦

پر انهن مان گهڻا فاسق آهن. جيڪي دين کان نڪري منافقيءَ ۾ انڌا ۽ اونڌا ٿي ڪري پيا آهن.

"لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا" يعني مومنن جي لاءِ سخت دشمن انهن کي لهندين جيڪي يهودي آهن ۽ جيڪي مشرڪ بڻيا آهن. يهودي مومنن جا ان جي ڪري دشمن آهن جو مومنن حضرت عيسىٰ ۽ حضور پر نور عليهما الصلواة والسلام تي ايمان آندو آهي ۽ مشرڪ انهن جا ان جي ڪري سخت مخالف آهن جو انهن شرڪ ڇڏي خالص توحيد مڃي ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي نبوة ۽ رسالت جو اقرار ڪيو آهي، يهودين کي اڳ ۾ ۽ مشرڪن کي پوءِ ذڪر ڪرڻ ۾ اهو نڪتو آهي ته يهودي مومنن سان دشمنيءَ ۾ مشرڪن کان به چڙهيل آهن" وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى" يعني مومنن سان وڌيڪ دوستيءَ ۾ انهن کي لهندين جن چيو ته اسين نصارىٰ آهيون مقصد ته نصارن ۾ مومنن لاءِ به نسبت يهودين جي دوستي، نرمي، ۽ قرب وڌيڪ آهي جو ته سندن دلين ۾ الله جل شانه نرمي پيدا ڪئي آهي. پر انهن مان به سڀئي نصارىٰ مراد ناهن اها مخصوص جماعت آهي جيڪي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي تعليمات ۽ سيڪاريل عقائد جا پابند هيا. جيئن حضرت نجاشي وغيره (١)

"ذَالِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَرُهْبَانًا" اهو ان جي ڪري جو انهن مان عالم ۽ دنيا جا تارڪ آهن.

"قسيسين ۽ رهبانا" ڪير آهن؟

ياد رکڻ گهرجي ته قسيسين قسيس جو جمع آهي، معنىٰ عالم، ۽ رهبان راهب جو جمع رهبانيت ۽ ترهب کان ورتل آهي. معنىٰ مڙهين ۾ اڪيلو ويهي عبادت ڪرڻ ۽ راهب اڪيلو ويهي عبادت ڪندڙ کي چئبو آهي (٢)

"وَاَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ" ۽ تحقيق اهي تڪبر نه ٿا ڪن هتي مسلمانن سان نصارن جي دوستيءَ ۽ محبت جا ٻه وجه بيان ڪيا ويا آهن ١- هڪ ته انهن جي مخصوص جماعت ۾ علم دوست، شب بيدار، علماء، دنيا جا تارڪ ۽ درويش موجود آهن ٢- ٻيو ته انهن جي دلين ۾ تڪبر ناهي تواضع، نياز ۽ نوڙت آهي، انهن ٻنهي خصوصي صفتن جي بيان ڪرڻ سان هيءَ حقيقت زياده روشن ۽ تاڪيدي ٿي ته انهن

(١) تنويرالاذهان ص ٤٤٠ جلد ١ (٢) فتح القدير ص ٦٨ جلد ٢

مان مراد عام مسيحي خصوصاً فرنگي قومون ناهن ڇو تہ انهن ۾ اهي ٻئي صفتون موجود نہ آهن. فائدو- هن جملي مان ثابت ٿيو تہ علم ۽ اخلاق کي اعمال ۾ وڏو دخل آهي ۽ ان جي ڪري ئي مشائخ طريقت علوم ۽ اخلاق جو اعمال کان بہ وڌيڪ اهتمام ڪندا آهن.

وَاِذَا سَمِعُوۡا مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَى الرَّسُوۡلِ تَرٰۤى اَعۡيُنَهُمۡ تَفِيۡضُ مِنَ

۽ جڏهن ٻڌن ٿا اهو جو نازل ڪيو ويو رسول ڏانهن تہ ڏسندين اکين انهن جي کي پلٽجي وهن

الدَّمۡعِ مِمَّا عَرَفُوۡا مِنَ الۡحَـقِّ‌ۚ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاكۡتُبۡنَا مَعَ

ٿيون هنجن سان هن ڪري جو سڃاتائون حق ڇون ٿا تہ اي اسان جا رب! ايمان آندوسون پوءِ لک

الشّٰهِدِيۡنَ ﴿۸۳﴾ وَمَا لَنَا لَا نُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ الۡحَـقِّ ۙ

اسان کي شاهدي ڏيندڙن سان ۽ ڇا هي اسان کي جو نہ ايمان آڻيون الله تي ۽ (ان تي) جيڪو آيو اسان وٽ حق

وَنَطۡمَعُ اَنۡ يُّدۡخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الۡقَوۡمِ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۸۴﴾ فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ

۽ اميد رکون تہ داخل ڪري اسان کي رب اسان جو صالحن جي قوم سان پوءِ بدلي ۾ ڏنا انهن کي الله

بِمَا قَالُوۡا جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا‌ ؕ

ان جي ڪري جو چيائون بهشت جو وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون هميشہ رهندا انهن ۾

وَذٰلِكَ جَزَآءُ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۸۵﴾ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَاۤ

۽ اهو بدلو آهي نيڪن جو ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو چيائون آيتن اسان جن کي

اُولٰۤئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَحِيۡمِ ﴿۸۶﴾ ع

اهي جهنمي آهن.

تفسير

هن کان پهرين آيتن ۾ بعضي عيسائين جي نرميءَ جو ذکر کيو ويو ۽ هاڻي انهن جي اکين جي آلاڻ ۽ الله جل شانه جي محبت ۾ سندن روئڻ ۽ هنجون هارڻ جو ذکر کندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّ " ۽ جنهن وقت ٻڌائون اهو (قرآن پاک) جيکو رسول (ﷺ) تي نازل کيو ويو آهي، اوهان انهن جي اکين کي ڏسندؤ ته حق سڃاڻڻ جي اثر جي کري هنجن سان پلٽجي وهن ٿيون "يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ" چون ٿا ته اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو آهي پوءِ اسان کي شاهدن سان گڏ لک- يعني حضور عليه الصلواة والسلام جن جي انهن امتين سان جيکي پهريان شهادت جي کلمي سان ايمان آڻي چکا آهن. "وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ" ۽ ڇا آهي اسان کي؟ جو اسين الله ۽ ان تي ايمان نه آڻيون جيکو اسان وٽ حق آيو آهي ۽ حالانک اسين اميد ٿا رکون ته اسان جو رب اسان کي صالح قوم سان شامل کرڻ فرمائيندو. "فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا" پوءِ الله ان جي بدلي ۾ جو چيائون انهن کي بهشت ڏنا جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ هميشه رهندا. "وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ اهو نيکين کندڙن جو بدلو آهي.

شان نزول

جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻڻ وارن مومنن کي مکي پاک ۾ رهڻ وارن مشرکن گهڻو ايذايو ۽ پريشان کيو تڏهن سندن ئي حکم ۽ اجازت سان کجهه اصحابي جن ۾ حضرت عثمان ۽ سندس اهليه، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نياڻي رقيه سائڻ به شريک هئا مکي پاک کان هجرت کري حبش ۾ آيا، اتي جي بادشاهه نجاشيءَ کي سندن خلاف ڀڙکائڻ جي لاءِ مکي جي مشرکن هک وفد کي تحفا وغيره ڏئي حبش ڏانهن موکليو. بادشاهه مسلمانن اصحابن ۽ انهن مکي جي مشرکن ۽ پنهنجي مذهبي اڳواڻن کي هک ئي محفل ۾ طلب کري مسلمانن جي وفد جي امير حضرت جعفر طيار رضي الله عنه کان پڇيو ته: ڇا اوهان جي نبي (عليه الصلواة والسلام) تي نازل ٿيل کتاب قرآن

(ڪريم) ۾ بيبي مريم بتول جو ذڪر آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: ”هائو ان سائڻ جي ذڪر ۾ ان جي ئي نالي سان پوري سورة آيل آهي ۽ سندس ذڪر ٻين سورتن ۾ بہ ڪيترين جاين تي آيل آهي: بادشاهہ ڪيس چيو تہ مون کي ان سورة مان ڪجهہ پڙهي ٻڌاءِ. حضرت جعفر طيار سورة مريم جي آيت ع ١٦ ”وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ“ کان آيت ع ٣٥ ”ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ“ تائين تلاوت ڪرڻ فرمائي. ان کان پوءِ سورة طٰهٰ سڄوري آيت ع ١ کان ”وَهَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى“ آيت ع ٩ تائين تلاوت ڪرڻ فرمائي. اهي آيتون ٻڌي بادشاهہ ۽ سندس دربار ۾ وهڻ وارا عيسائي مذهبي اڳواڻ ۽ ٻيا تمام گهڻو روئڻ لڳا وري نجاشي بادشاهہ جا ستر (٧٠) صحبت وارا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي زيارت لاءِ مديني منوره ۾ آيا تہ پاڻ انهن کي سورة يٰسين سڄوري پڙهي ٻڌايائون ۽ اهي بہ زارو قطار روئڻ لڳا. انهن سيني واقعن جي متعلق اهي آيتون لٿيون ۽ انهن جي ڪيفيت ۽ حالات بيان ڪيائون (١) ”وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ“ يعني جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو اهي جهنمي آهن ۽ جنت انهن تي حرام آهي جنت ۾ ڪڏهن بہ داخل نہ ٿيندا.

فائدا هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا ١- ٻئي کان قرآن پاڪ پڙهائي ٻڌڻ عبادت آهي. حضور اڪرم صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جن حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان قرآن پاڪ پڙهائي پاڻ ٻڌڻ فرمايو. قرآن پاڪ ٻڌڻ، ڏسڻ، ان کي هٿ لڳائڻ لڪڻ، لڪائڻ سڀ عبادت آهي ۽ قرآن پاڪ ٻڌڻ وقت روئڻ ۽ زاري ڪرڻ کي غنيمت سمجهي ان وقت دعا گهرجي ڇو تہ اهو الٰهي رحمت جي نزول جو وقت آهي ۽ دعا جا الفاظ زبان سان چوي ۽ انهن جي شروعات ۾ ربنا يا اللهم چوڻ گهرجي ٢- قرآن پاڪ جو آواز بغير ارادي جي ڪن تي اچي تہ اهو ٻڌڻ بہ ائين عبادت آهي جيئن ارادتًا ٻڌڻ عبادت آهي ”سَمِعُوْا“ سمع (ٻڌڻ) کان ورتل آهي ان ۾ ارادي سان ٻڌڻ جو شرط لڳايل ناهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ اتفاقًا تلاوت جي سجدي واري آيت ٻڌي تہ ان تي بہ تلاوت جو سجدو واجب آهي ٣- ”تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ“ مان ثابت ٿيو تہ قرآن پاڪ يا ڪو بہ الله جل شانہ جو ذڪر ٻڌي روئڻ جيڪڏهن عشق، محبت ۽ دل جي خلوص سان آهي تہ اعلىٰ عبادت آهي. حضور عليه الصلواة والسلام جن جون سهڻيون صفتون ۽ حالات حميده، سندن نالو مبارڪ، شان اقدس ۽ تعريف ٻڌي روئڻ بہ ان ۾ داخل آهي ٤- روئڻ سان ڳڏ حق جي معرفت حاصل ٿي وڃي تہ اهو نور علىٰ نور آهي. مزو تڏهن آهي جو دل عشق سان پريل هجي اکين مان هنجون وهنديون رهن، محبت جون پاڙون دل ۾ قائم هجن ۽ ان جا آثار منهن مان نمايان نظر اچن.

(١) تفسير مدارڪ التنزيل ص٢٩٧- ٢٩٨- جلد١

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا

اي ايمان وارؤ! نه حرام ڪيو پاڪ شيون جيڪي حلال ڪيون الله اوهان لاءِ ۽ نه

تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ

حد کان لنگهو بيشڪ الله نه ٿو محبت رکي حد کان لنگهندڙن سان ۽ کائو ان مان جو رزق ڏنو اوهان کي

اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ لَا

الله حلال پاڪ ۽ ڊڄو الله کان جنهن تي اوهان ايمان آڻيندڙ آهيو نه

يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا

وٺندو اوهان کي الله اجائي سان قسمن اوهان جن ۾ پر وٺندو اوهان کي ان سان جو

عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ

پڪو ڪيُوَ قسمن کي پوءِ ڪفارت ان جي کاڌو کارائڻ آهي ڏهن مسڪينن جو

اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ؕ

وچٿري کاڌي مان جيڪو کارايو ٿا پنهنجي اهل کي يا وڳا ڍڪائڻ انهن کي يا آزاد ڪرڻ ٻانهي جو

فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا

پوءِ جنهن نه لڌو پوءِ روزو آهي ٽن ڏينهن جو اها ڪفارت آهي قسمن اوهان جن جي جڏهن

حَلَفْتُمْ ؕ وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ

قسم ڪنيُوَ ۽ حفاظت ڪيو قسمن پنهنجن جي اهڙي نموني بيان ڪري ٿو الله اوهان لاءِ آيتون پنهنجون

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾

تانت اوهان شڪر ڪندا رهو.

تفسير

هن کان اڳ سهڻن عقيدن جي تعليم هئي هاڻي سهڻن عملن جي لاءِ پاڪ غذائن کائڻ جو حڪم ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَآاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُحَرِّمُوۡا طَيِّبٰتِ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَـكُمۡ وَلَا تَعۡتَدُوۡا" يعني ايمان وارؤ! جيڪي پاڪ شيون الله اوهان جي لاءِ حلال ڪيون آهن اهي حرام نه بنايو ۽ حد کان نه وڌو "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡمُعۡتَدِيۡنَ" يقيناً الله حد کان وڌندڙن سان محبت نه ٿو رکي. جيڪي حلال ۽ پاڪ شين کي حرام ڄاڻن اهي به غلط آهن ۽ جيڪي حرام کي حلال سمجهن اهي به غلط آهن" وَكُلُوۡا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا" ۽ جيڪي حلال، پاڪ شيون اوهان کي الله جل شانه رزق ڪري ڏنيون آهن انهن مان کائو" وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىۡۤ اَنۡتُمۡ بِهٖ مُؤۡمِنُوۡنَ" ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن تي اوهان ايمان آڻيندڙ آهيو، ياد رکڻ گهرجي ته هنن آيتن ۾ پاڪ شين کي پاڻ تي حرام ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي ان حرام ڪرڻ جا ٣ درجا آهن ١- ته حلال شيءِ کي اعتقاد ۾ حرام سمجهي (جيئن عرس، ميلاد، يارهين وغيره کي وهابي حرام ٿا سمجهن) ٢- ته قول سان ڪنهن شيءِ کي پاڻ تي حرام ڪري مثلاً قسم کڻي ويهي ته ٿڌو پاڻي نه پيئندس يا فلاڻي قسم جو کاڌو نه کائيندس ٣- ته اعتقاد يا قول ۾ ڪنهن شيءِ کي حرام نه ڪري پر عملاً ان جي کائڻ کان پرهيز ڪري -١- پهرين صورت ۾ جيڪڏهن کائڻ واري شيءِ قطعي دلائل سان حلال آهي ته ان کي حرام سمجهڻ وارو الله جل جلاله جي قانون جي صريح مخالفت ڪرڻ جي ڪري ڪافر ٿي ويندو ٢- ٻي صورت ۾ جيڪڏهن قسم جا الفاظ (جيڪي فقه جي ڪتابن ۾ لکيل آهن) کڻي حلال شيءِ کي پاڻ تي حرام ڪيو اٿس ته اهو قسم ٽوڙي، قسم جي ڪفارت ادا ڪري، اها حلال شيءِ استعمال ڪري، ٣- ٽينءَ صورت ۾ جيڪڏهن ڪنهن حلال شيءِ کي اعتقادي طور يا قول سان حرام نه ٿو ڪري عملي طور ان کان ائين پري ٿو رهي جيئن حرام کان پري رهبو آهي، جو هميشه جي لاءِ ان کي ڇڏڻ جو التزام ڪري ان جو حڪم هي آهي ته جيڪڏهن حلال شين جي استعمال ڪرڻ کي ڇڏڻ عبادت ٿو سمجهي ته اهو به گناهه آهي پر جيڪڏهن اها پابندي ثواب سمجهي نه پر ڪنهن ٻئي وجه جي سببان ڪري ٿو مثلاً ڪنهن جسماني يا روحاني بيماريءَ جي سببان ڪنهن خاص حلال شيءِ کي هميشه لاءِ ڇڏي ٿو ته ان ۾ ڪو گناهه ناهي. بعضي صوفياءِ ڪرام ۽ بزرگان دين کان

جيڪي حلال شين ڇڏڻ جون روايتون آيل آهن اهي سڀ ان ۾ داخل آهن جو انهن ڪن حلال شين کي پنهنجي نفس جي لاءِ نقصانڪار سمجهيو آهي يا ڪنهن بزرگ يا ڪامل مرشد کين ٻڌايو آهي ته اهي شيون اوهان جي نفس لاءِ مضر آهن ۽ انهن بطور علاج اهي ڇڏي ڏنيون آهن ته ان ۾ ڪا قباحت ناهي، نه ته حلال ۽ پاڪ شين جي ڇڏڻ کي عبادت سمجهڻ غلط ۽ گمراهي آهي، تقويٰ ان ۾ آهي ته انهن کي الله جل شانه جي نعمت سمجهي استعمال به ڪجي ۽ شڪر به ڪجي،دنيا ۽ دنيا جي لذتن جو ڇڏڻ تڏهن ڀلو آهي جڏهن الله جل جلاله جي مقرر ڪيل حدن اندر هجي علامه ابن جرير طبري لکيو آهي ته مسلمانن مان ڪنهن لاءِ به جائز ناهي جو الله تعاليٰ جي طرفان مومنن ٻانهن لاءِ حلال ڪيل شين کي حرام ڪري پوءِ اهي کائڻ جون هجن يا پيئڻ جون يا نڪاح ڪرڻ جون ۽ ان جي ڪريئي حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت عثمان بن مظعون صحابيءَ کي روڪيو هو ته اهڙو ڪو به رستو اختيار نه ڪري جنهن سان گهر واريءَ سان صحبت ڪري نه سگهي (١)

ترمذيءَ حسن سند سان، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن عدي ڪامل ۾، طبرانيءَ ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي اهي ته هڪ شخص حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله! مان جڏهن گوشت کائيندو آهيان ته مون ۾ عورتن جي خواهش گهڻي پيدا ٿيندي آهي ان جي ڪري مون پاڻ تي گوشت کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي،ان جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي " يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ " الايه ۽ ابن ابي حاتم، ابن جرير ۽ ابن مردويه ان ئي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان بي روايت آندي آهي ته اها آيت اصحابن سڳورن جي هڪ گروپ جي باري ۾ لٿي هئي،جن چيو هو ته اسين پنهنجا مردانا عضوا ڪٽرائي، دنيا جون لذتون ڇڏي، گشتي بنجي ائين پيا هلون جيئن راهب پيا هلن. جڏهن سندن اها ڳالهه حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي دربار ۾ پهتي ته پاڻ انهن کان ان جي باري ۾ پڇيائون. انهن تسليم ڪيو ته اسان واقعي ائين چيو آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون ته "لٰكِنِّيْ اَصُوْمُ وَاُفْطِرُوْا صَلِّيْ وَاَنَامُ وَاَنْكِحُ النِّسَآءَ فَمَنْ اَخَذَ بِسُنَّتِيْ فَهُوَ مِنِّيْ وَمَنْ لَّمْ يَاْخُذْ بِسُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ" يعني مان (نفلي) روزا رکندو آهيان ته ڇڏيندو به آهيان، نماز به پڙهندو آهيان ته ننڊ به ڪندو آهيان ۽ عورتن سان نڪاح به ڪندو آهيان پوءِ جنهن منهجيءَ سنت کي ورتو اهو منهن

(١) فتح القدير ص٦٩ جلد٢

جو آهي ۽ جنهن منهنجيءَ سنت کي نہ ورتو اهو مون منجهان ناهي. پيون بہ هنن آيتن جي شان نزول متعلق روايتون آهن. (١)

۽ پين مفسرن لکيو آهي تہ هڪ ڀيري حضور نبي ڪريم ﷺ جن اصحاب ڪرام جي هڪ جماعت کي وعظ فرمايو جنهن ۾ قيامت، دوزخ ۽ الهي عذاب جو ذڪر گهڻو هو. اصحابن سڳورن جي دلين تي ان جو اثر تمام گهڻو ٿيو نتيجو هي نڪتو تہ ڏهہ اصحابي (١- حضرت ابوبڪر ٢- حضرت عليؓ المرتضى ٣- حضرت عبدالله بن مسعود ۴- حضرت ابو ذر غفاري ٥- مولىٰ ابو حذيفه ٦- عبدالله بن عمر ٧- مقداد بن اسود ٨- سلمان فارسي ٩- معقل بن مقرن ١٠- عثمان بن مظعون رضي الله عنهم) حضرت عثمان بن مظعون جي گهر ۾ گڏ ٿيا ۽ پاڻ ۾ عهد ڪيائون تہ: دنيا جا تارڪ ٿي هميشہ ڏينهن جو روزا رکنداسون ۽ رات جو نفل ادا ڪنداسون بسترن تي سمهنداسون، گوشت وغيره سڻاڪاڌا نہ کائينداسون. عورتن سان نڪاح نہ ڪنداسون ۽ جن جون شاديون ٿيل آهن اهي زالن سان همبستر نہ ٿيندا ٿلهو ۽ کهرو ڪپڙو ڍڪينداسون، لڏڻائن وانگر مسافرانہ زندگي بسر ڪنداسون، ڪن تہ مرڳي پاڻ کي خصي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو تانتہ عورتن کي استعمال ڪرڻ جي لائق نہ رهن، اهي دنيا جا سڀ واسطا ان جي ڪري ختم ڪجن جو گناهن جي اصل پاڙ دنيا آهي نہ دنيا هوندي نہ گناهہ ٿيندا. جڏهن اها ڳالهہ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ پهتي تہ پاڻ حضرت عثمان بن مظعون رضي الله تعالىٰ عنه جي گهر تشريف فرما ٿيا پر اتي ڪير بہ ان وقت ويٺل نہ هو پاڻ حضرت عثمان بن مظعون جي گهر واريءَ ام حڪيم کان پڇيائون تہ "ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي؟" ان عرض ڪيو تہ يا رسول الله! جيڪڏهن عثمان بن مظعون اوهان تائين اها ڳالهہ پهچائي آهي تہ پوءِ صحيح آهي، ڪجهہ دير کان پوءِ حضرت عثمان بن مظعون خدمت ۾ حاضر ٿيو، پاڻ کانئس پڇيائون ان اقرار ڪيو تہ اها اسان چڱي ڪم جي نيت ڪئي آهي تانتہ گناهن کان بچون ۽ الله جل جلاله کي ناراض نہ ڪيون، پاڻ کيس فرمايائون تہ: الله تعالىٰ مون کي اهڙو حڪم نہ ڪيو آهي (نفلي) روزا رکو بہ- ڇڏيو بہ، رات جو نفل بہ پڙهو تہ آرام بہ ڪيو مان اوهان کي عيسائيت جي تعليم ڏيڻ نہ آيو آهيان، ڏسو، مون شاديون بہ ڪيون آهن، گوشت بہ کاوان ٿو، دنياوي ڪمن ڏانهن بہ متوجه رهان ٿو اها منهنجي سنت آهي جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو منهنجي جماعت مان

(١) فتح القدير ص٧٠ جلد٢

ناهي، ان کان پوءِ پاڻ ماڻهن کي گڏ ڪري خطاب ڪندي فرمايائون ته "انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي جن عورتن، کاڌي،خوشبوءِ، ننڊ ۽ دنياوي، لذتن کي پاڻ تي حرام ڪيو آهي مان اوهان کي ڪو نه ٿو فرمايان ته اوهان راهب بنجو منهنجي دين ۾ گوشت نه کائڻ، عورت کي ڇڏڻ جو حڪم ناهي. الله جي عبادت ڪيو، حج ڪيو، عمره ڪيو، نماز پڙهو، زڪواة ڏيو، رمضان جا روزا رکو، استقامت جا طالب رهو ته استقامت نصيب ٿيندي. اوهان کان اڳيون امتون ان هٺرادو پائبندين تي سختيءَ سان پائبندي ڪرڻ جي ڪري هلاڪ ٿي ويون. پاڻ سختي اختيار ڪيائون ته الله تعالىٰ به مٿن سختي ڪئي" پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي(١) جنهن مان ثابت ٿيو ته حلال شيون ڇڏڻ تصوّف ناهي حرام شيون ڇڏڻ تصوف آهي.

۽ اهو به ثابت ٿيو ته جيڪا شيءِ الله جل شانه حرام نه ڪئي آهي اها پنهنجي طرفان حرام ڪرڻ سخت گناهه آهي۽ اهو به ثابت ٿيو ته هيئن سمجهڻ ته فقير يا بزرگ اهو آهي جيڪو نه سنو کائي نه سنو پائي غلط آهي بزرگ اهو آهي جيڪو حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي سنتن جو سختيءَ سان پاڻ به پائبند هجي ٻين کي به پائبند بنائي، حضور صلى الله عليه وسلم جن ڪڪڙ ۽ فالودو کاڌو آهي،ڪين مٺاڻ، حلوو وغيره پسند هوندو هو ۽ فرمايو اٿن ته "إِنَّ الْمُؤْمِنَ حُلْوٌ يُحِبُّ الْحَلَاوَةَ"(٢) مومن مٺو آهي مٺاڻ کي پسند ڪندو آهي، خيال ۾ رکو ته الله جل جلاله پليون غذائون ته پيدا ئي صالح ٻانهن جي لاءِ ڪيون آهن گنهگار ته انهن جي صدقي ٿا کائن "لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللَّهُ بِاللَّغْوِ فِي أَيْمَانِكُمْ" الله اوهان کي اوهان جي لغو قسمن ۾ نه پڪڙيندو "وَلَٰكِن يُؤَاخِذُكُم بِمَا عَقَّدتُّمُ الْأَيْمَانَ" ۽ پر اوهان کي اوهان جي پڪن ڪيلن قسمن ۾ پڪڙيندو، "فَكَفَّارَتُهُ إِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسَاكِينَ مِنْ أَوْسَطِ مَا تُطْعِمُونَ أَهْلِيكُمْ" پوءِ ان جي ڪفارت ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي ان وچولي نموني جي کاڌي مان جيڪو اوهان پنهنجي اهل کي کارايو ٿا "أَوْ كِسْوَتُهُمْ أَوْ تَحْرِيرُ رَقَبَةٍ" يا انهن ڏهن کي ان ئي وچولي نموني جي ڪپڙي مان وڳا ڍڪائڻ آهن يا ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي "فَمَن لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلَاثَةِ أَيَّامٍ" پوءِ جنهن کي اهو ڪفارت وارو مال نه ملي سگهي ته پوءِ ٽي ڏينهن روزا رکڻا آهن "ذَٰلِكَ كَفَّارَةُ أَيْمَانِكُمْ إِذَا حَلَفْتُمْ" اها اوهان جي قسمن جي ڪفارت آهي جنهن وقت قسم کنيو (۽ پورا نه ڪيو)" "وَاحْفَظُوا أَيْمَانَكُمْ" ۽ پنهنجن قسمن جي حفاظت ڪندا ڪيو" "كَذَٰلِكَ يُبَيِّنُ اللَّهُ لَكُمْ آيَاتِهِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ" ائين الله

(١) روح البيان ص١٤٣ جلد٢ نعيمي ص٢١- ٢٢ جلد٧ (٢) مدارڪ ص٢٩٩ ج١ جزءِ١

اوهان جي لاءِ پنهنجون آيتون بيان ڪري ٿو ته اوهان شڪر ڪندا رهو.

قسم کڻڻ جون ڪجهه صورتون ۽ انهن جا احڪام

هن آيت ۾ قسم کڻڻ جي ٽن صورتن جو بيان آهي جن مان بعض جو ته سورة البقره ۾ بيان ٿي چڪو آهي، سڀني جو خلاصو هي آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن گذريل واقعي تي ڄاڻي واڻي ڪوڙو قسم کڻي ته فقيهن جي اصطلاح ۾ ان کي "غموس" سڏيندا آهن مثلاً هڪ شخص ڪو ڪم ڪيو آهي ۽ اهو ڄاڻي به ٿو ته اهو ڪم ان ڪيو آهي ۽پوءِ ڄاڻي واڻي قسم کڻي چوي ته مون اهو ڪم نه ڪيو آهي ته اهو ڪوڙو قسم سخت ڪبيرو گناهه ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ وبال جو سبب آهي پر ان تي ڪا ڪفارت لازم ناهي، صرف توبه ۽ استغفار ڪري"غموس" جي معنيٰ ٻڏيون هڻائيندڙ، اهو قسم انسان کي گناهن ۽ وبال ۾ ٻڏيون ٿو هڻائي. ٢- ٻي صورت هيءَ آهي جو ڪنهن گذريل واقعي تي پنهنجي خيال ۾ سچو قسم کڻي ۽ حقيقت ۾ اهو غلط هجي ته ان کي "لغو" چوندا آهن اهڙيءَ طرح جيڪڏهن قصد ۽ ارادي کان سواءِ بي اختيار زبان تي قسم اچي وڃي، ان جو حڪم هي آهي ته ان تي نه ڪفارت آهي نه گناهه. ٣- ٽين صورت هيءَ آهي جو آينده جي لاءِ ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو قسم کڻي. ان کي "منعقده "چوندا ان جو حڪم هي آهي ته ان کي پورو نه ڪرڻ جي ڪري ڪفارت لازم ٿيندي آهي ۽ بعضي صورتن ۾ گناه به ٿيندو آهي. هتي هن جاءِ تي قرآن پاڪ جي ذڪر ڪيل آيت ۾ "لغو" جي لفظ مان بظاهر اهو قسم مراد آهي جنهن تي ڪفارت نه پوي پوءِ گناهه هجي يا نه هجي، ڇو ته ان جي مقابلي ۾ " عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ" ذڪر ڪيل آهي جنهن مان ثابت ٿيو ته هتي پڪڙڻ مان مراد صرف دنيا ۾ پڪڙڻ آهي جيڪو ڪفارت جي صورت ۾ هوندو آهي.

"فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ" يعني قسم منعقده جي ڀڃڻ جي حالت ۾ ڪفارت يعني ڏهن مسڪينن کي ان کاڌي مان جيڪو پنهنجي اهل عيال کي کارايو ٿا کاڌو ڏيڻ آهي يا انهن کي وڳا ڍڪائڻ يا ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي، ان کان پوءِ ارشاد آهي "فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ " پوءِ جيڪڏهن قسم ڀڃڻ وارو ڪفارت جا ٽيئي قسم ادا نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ ٽي ڏينهن روزا رکڻ ضروري آهن. اهي روزا به لاڳيتا رکي

حضرت امام اعظم جو اهو قول آهي. مذکوره آيت ۾ قسم جي کفارت جي متعلق اول "اِطۡعَامُ" جو لفظ آيو آهي، عربيءَ لغت ۾ اطعام کاڌي کارائڻ ۽ کاڌي ڏيڻ ٻنهي جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي، ان جي ڪري فقيهن فرمايو آهي تہ ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائي تہ بہ جائز آهي، ۽ جيڪڏهن انهن کي کاڌو ڏئي ڇڏي تہ بہ جائز آهي پر اهو کاڌو وچٿرو هجي جيڪو پنهنجي اهل ۽عيال کي کارائيندو رهي ٿو، ۽ کاڌي ڏيڻ جي صورت ۾ هڪ مسڪين کي فطري جي قدر جيترو ڏي. يعني پوڻا ٻہ سير ڪڻڪ يا ان جي قيمت (١) "ذَالِكَ كَفَّارَةُ اَيۡمَانِكُمۡ اِذَا حَلَفۡتُمۡ" اها اوهان جي قسمن جي کفارت آهي جنهن وقت اوهان قسم کنيو، امام اعظم عليه الرحمة ۽ ٻين گهڻن امامن وٽ اها کفارت قسم ڀڃڻ کان پوءِ آهي جيڪڏهن قسم ڀڃڻ کان پهريان ڏيندو تہ اها ڪارگر ناهي (٢)

"وَاحۡفَظُوۡا اَيۡمَانَكُمۡ" ۽ پنهنجن قسمن جي حفاظت ڪيو. مطلب تہ جنهن وقت ڪنهن شيءِ جو قسم کڻي وهو تہ طبعي يا شرعي ضرورت کان سواءِ قسم نہ ڀڃو بعضي بزرگن ان جو مطلب هي ورتو آهي تہ قسم کڻڻ ۾ جلد بازي نہ ڪيو پنهنجي قسم کي محفوظ رکو جيستائين سخت مجبوري نہ اچي، قسم نہ کڻو "كَذَالِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيَاتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ" اهڙي طرح کولي کولي بيان ٿو ڪري الله اوهان جي لاءِ پنهنجون آيتون تانتہ اوهان شڪر ڪندا رهو، جو الله تعالىٰ اوهان کي پاڪ ۽ حلال شين کان لطف اندوز ٿيڻ جي اجازت عطا ڪئي آهي ۽ قسم ٽوڙڻ جي صورت ۾ ان جي کفارت جو آسان طريقو ٻڌايو آهي ان کان سواءِ بہ الله جل شانہ جي ظاهري ۽ باطني احسانن جو سلسلو جاري آهي، جنهنجو شڪر ادا ڪرڻ اسان تي واجب ۽ نهايت ضروري آهي.

فائدو: هرو ڀرو قسم ڀڃي پوءِ کفارت ڏيڻ گناهہ آهي،جو تہ کفارت سان جيتوڻيڪ قسم ٽوڙڻ جو گناهہ لهي ويندو پر بدنيتي، وعده خلافي، ۽ ٻئي کي ڏوکي ڏيڻ جوگناه ان تي باقي رهي ٿو. انسان کي گهرجي تہ اول تہ ڪنهن سان نہ وعدو ڪري ۽ نہ قسم کڻي پر جيڪڏهن وعدو ڪري وهي يا قسم کڻي وهي تہ حتي المقدور پورو ڪري.

(١) معارف القرآن ص٢٢٣ جلد٣ (٢) حوالو سابقيو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ

اي ايمان وارؤ! تحقيق شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ ڊارا

رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٩٠﴾

پليد آهن ڪم شيطان جا پوءِ بچندا رهو انهن کان تانت اوهان ڪامياب رهو

اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ فِي

تحقيق ارادو تو ڪري شيطان تہ وجهي اوهان ۾ دشمني ۽ بغض

الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِ فَهَلْ

شراب ۽ جوا جي ڪري ۽ روڪي اوهان ڪي الله جي ذڪر ۽ نماز ڪان پوءِ ڇا

اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿٩١﴾ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا

اوهان رڪجندڙ آهيو؟ ۽ فرمانبرداري ڪيو الله جي ۽ فرمانبرداري ڪيو رسول جي ۽ ڊڄندا رهو

فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٩٢﴾

پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيرايو پوءِ يقين ڄاڻو تہ تحقيق رسول اسان جي تي صرف پهچائڻ چٽو آهي.

لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيْمَا طَعِمُوْٓا

ناهي انهن تي جو ايمان آندائون ۽ ڪيائون سنا ڪم گناهہ ان ۾ جو کاڌائون

اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا

جڏهن پرهيزگار ٿيا ۽ ايمان آندائون ۽ ڪيائون سنا ڪم ان ڪان پوءِ پرهيزگار ٿيا ۽ ايمان آندائون

ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع ٧/٢

تنهن ڪان پوءِ پرهيزگار ٿيا ۽ نيڪي ڪيائون ۽ الله محبت ٿو رکي نيڪن سان.

تفسير

هن کان اڳ ۾ مسلمانن کي حڪم هو تہ پنهنجي مٿان پاڪ ۽ حلال شيون حرام نہ ڪيو هنن آيتن ۾ وري حرام شين جو بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي ” يٰاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّمَا الۡخَمۡرُ وَالۡمَيۡسِرُ وَالۡاَنۡصَابُ وَالۡاَزۡلَامُ رِجۡسٌ مِّنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ فَاجۡتَنِبُوۡهُ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ“ يعني اي ايمان وارؤ! پڪ ڄاڻو تہ شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ ڍارا پليد ،شيطان جو ڪم آهن پوءِ انهن کان بچندا رهو تانت اوهان ڪامياب رهو. ڄاڻڻ گهرجي تہ عرب ۾ شراب پيئڻ جو اسلام جي منع ڪرڻ کان اڳ ۾ عام رواج هو، گهڻن جيترن ٻٽن ماڻهن کان سواءِ سڀ ان جا شوقين هيا. شراب جيڪو تمام گهڻين روحاني توڙي جسماني بيمارين جو سبب، اخلاقي ۽ معاشرتي خرابين جو بنياد ۽ فتني ۽ فساد جي علت آهي، اسلام جي پاڪ ۽ صاف نظام ۾ ان جي ڪا بہ گنجائش ڪانہ هئي ان جي ڪري الله جل شانہ ان کي قطعي طور حرام ڪيو پر حرام هجڻ جو حڪم آهستي آهستي ۽ درجي بدرجي لاٿو ويو تانت ماڻهن کي ان تي عمل ڪرڻ آسان ٿئي اول سورة بقره آيت ٢١٩ ۾ ٻڌايو ويو تہ ان ۾ گناهہ آهي ان کان ڪجهہ عرصو پوءِ سورة نساءِ جي آيت ٤٣ نازل ٿي. ان آيت ۾ جيتوڻيڪ شراب جي حرام هجڻ جو صريح ذڪر نہ هو پر تہ بہ ڪيترا سليم طبع ان کي ڇڏي ويا. حضرت فاروق اعظم عمر ابن الخطاب رضي الله تعالىٰ عنہ جي دلي خواهش هئي تہ شراب پيئڻ کان روڪيو وڃي جڏهن سورة بقره جي آيت ٢١٩ نازل ٿي تہ پاڻ دعا گهريائين يا الله! اسان کي اجان بہ کولي حڪم فرماءِ، جڏهن ”لَا تَقۡرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنۡتُمۡ سُكٰرٰى“ سورة النساءِ جي آيت ٤٣ نازل ٿي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کيس گهرائي اها ٻڌائي تہ وري بہ دعا گهريائين يا الله! اسان کي شراب جي حرام هجڻ لاءِ اجان بہ ڪليل ۽ صاف ارشاد فرماءِ. جڏهن هيءَ آيت ”اِنَّمَا الۡخَمۡرُ وَالۡمَيۡسِرُ “ الايہ نازل ٿي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کيس سڏي اها آيت ٻڌائي ۽ پاڻ تمام گهڻو خوش ٿي عرض ڪيائين تہ يا الله! هاڻي اسان ان متعلق وڌيڪ وضاحت گهرڻ کان بس ڪئي، ۽ هيءَ آيت مالڪ مٺي حضرت عمر رضي الله عنہ جي خيال مطابق نازل ڪرڻ فرمائي. (١) ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ ان وقت تائين شراب پيئڻ جون برايون ۽

(١) صاوي ص٢٨٥ جزءُ ١ المنار ص٥٠ جلد٧

نقصان اصحابن سڳورن کي زياده محسوس ٿي چڪا هئا ۽ ايمان جي مضبوطيءَ سان
گڏ اسلامي تعليمات سندن قلب ۽ روح جي اونهاين تائين پهچي چڪيون هيون، حضور
پر نور، شافع يوم النشور صلی اللہ تعالیٰ عليه وسلم جن هڪ خادم کي حڪم
فرمايو هو تہ مديني جي گهٽين ۾ رستن تي ان آيت جي تلاوت ڪري ۽ ان ۾ آيل حڪم
جو اعلان ڪري جڏهن اعلان ڪرڻ واري اعلان ڪيو تہ هڪدم سڀني مسلمانن پنهنجن
گهرن ۾ رکيل شراب رستن تي ڪيڏي هاريو ۽ ائين شراب وهڻ لڳو جيئن برسات جو
پاڻي گهٽين ۾ وهندو آهي، ۽ حيرت ۾ وجهڻ واري هيءَ ڳالهہ آهي تہ ان ڪان پوءِ
ڪنهن بہ مسلمان ان وقت وري شراب پيئڻ جي خواهش ظاهر نہ ڪئي. هيءُ سڀ
ڪجهہ قرآن ڪريم جي تاثير، حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي
تربيت ۽ ان وقت جي مسلمانن اصحابن سڳورن رضي اللہ عنهم جي ڪامل ترين
اطاعت، فرمانبرداري ۽ اسلام جي انقلاب آفرين قوت جو اهڙو مظاهرو هو جنهن جو
مثال تاريخ ۾ نٿو ملي شراب جي زهريلي اثرات کي ڏسي يورپ ۽ آمريڪا جا ڊاڪٽر ۽
دانشور ڏڪندا آهن انهن ان مصيبت ڪان پنهنجيءَ قوم کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ وڏيون
وڏيون حڪيمانہ ڪوششون ڪيون. آمريڪي حڪومت پورن چوڏهن سالن تائين
شراب جي خلاف جنگ جوٽي ۽ پروپيگنڊا جا نهايت جديد ۽ قوي وسائل اختيار ڪيا ۽
ان ڪان نفرت ڏيارڻ جي لاءِ اخبارون، رسالا، ليڪچر، تصويرون ۽ فلمون استعمال
ڪيون ۽ ان وڏي مهم تي حڪومت جا تقريبًا ڇهہ ڪروڙ ڊالر خرچ ٿيا ۽ ان ۾ ٢٥ ڪروڙ
پاؤنڊن جو خسارو برداشت ڪندي ٽن سؤ ماڻهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو ۽ پنجن
لکن ڪان زياده ماڻهن کي جيلن ۾ سخت سزائن سان رکيو ويو، وڏا وڏا ڏنڊ وڌا ويا،
وڏيون وڏيون جائدادون ضبط ڪيون ويون پر اهي سڀئي شيون بيڪار ثابت ٿيون ۽
ماڻهو نہ مڙيا (١) پر اسلام جي مٺئين فرمان کي ٻڌي سچا مسلمان ان ڪان ائين پري
ٿي ويا ڄڻ تہ پيئندا ئي نہ هيا، ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ چئن شين ڪان
روڪيو ويو آهي هڪ ١- شراب ، جنهن ڪان سخت منع ڪئي وئي آهي، مفسرن
لکيو آهي تہ جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن شراب جي هاري ڇڏڻ جو حڪم
ڪيو تہ بعضي ماڻهن پڇيو تہ پلا اهو شراب يهودين کي تحفي طور ڏئي ڇڏيون؟ پاڻ
فرمايائون تہ جنهن اللہ ان کي حرام ڪيو آهي ان تحفي طور ڏيڻ ڪان بہ منع ڪئي
آهي، ڪن پڇيو تہ پلا شراب مان سرڪو ناهي ڇڏيون؟ پاڻ فرمايائون تہ "نہ هاري

(١) ضياءُ القرآن ص٥٠٨ ج١

ڇڏيو" هڪ شخص اصرار ڪندي عرض ڪيو ته" دوا طور استعمال ڪرڻ جي ته اجازت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته نه اهو دوا ناهي اهو بيماري آهي هڪ ٻئي عرض ڪيو ته يا رسول الله! اسين جنهن علائقي ۾ رهون ٿا اهو تمام سرد آهي ۽ اسان کي گهڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي اسين شراب سان سرديءَ ۽ ٿڪاوٽ جو مقابلو ڪندا آهيون پاڻ ان کان پڇيائون ته جيڪا شيءِ اوهان پيئو ٿا اها نشو ڪري ٿي؟ ان عرض ڪيو ته هائو پاڻ فرمايائون ته" پوءِ ان کان پرهيز ڪيو"ان عرض ڪيو ته اسان جي علائقي جا ماڻهو ته اهو حڪم ڪو نه مڃيندا ،پاڻ ڪيس فرمايائون ته"جيڪڏهن اهي نه مڃين ته پوءِ انهن سان جنگ ڪريو" (١)

ضروري سمجهاڻي

سمجهه ۾ وهارڻ گهرجي ته خمر جو لفظ عرب ۾ انگورن مان ٺهيل شراب جي لاءِ استعمال ٿيندو هو ۽ مجازًا ڪڻڪ، جو، ڪشمش، کجور ۽ماکيءَ مان تيار ٿيل شراب کي به خمر سڏيو ويندو هو. پر حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن سيني نشي ڏيندڙ شين کانِ منع ڪندي انهن کي خمر سڏيو آهي سندن واضح ارشادات آهن ١- كُلُّ مُسْكِرٍ خَمْرٌ وَكُلُّ مُسْكِرٍ حَرَامٌ " هر نشي واري شيءِ خمر آهي ۽ هر نشي واري شيءِ حرام آهي ٢- كُلُّ شَرَابٍ أَسْكَرَ فَهُوَ حَرَامٌ " جيڪا به پيئڻ واري شيءِ نشو ڏئي اها حرام آهي ٣- " وَاَنَا اَنْهٰى عَنْ كُلِّ مُسْكِرٍ " ۽ مان هر نشيدار شيءِ کان جهليان ٿو. حضرت عمر رضي الله عنه جمعي جي خطبي ۾ ارشاد فرمايو هو ته"الخمر ما خامر العقل" خمر اهو آهي جيڪو عقل کي ڍڪي ڇڏي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن هي اصول مقرر فرمايو ته" مَا اَسْكَرَ كَثِيْرُهٗ فَقَلِيْلُهٗ حَرَامٌ " جنهن شيءِ جو گهڻو مقدار نشو ڪري ته ان جو ٿورو مقدار به حرام آهي (٢)

شراب سانِ هر قسم جو واسطو رکڻ حرام آهي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: ته الله تعاليٰ شراب تي، ان جي پيئندڙ، پيارينڌڙ، وڪڻندڙ، خريدار، نپوڙيندڙ، نپوڙائيندڙ، ڪڻندڙ ۽ جنهن ڏي ڪنيو وڃي سيني تي لعنت ڪئي آهي (٣) ان مان ثابت ٿيو ته شراب سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه رکجي.

(١) تفيهم القرآن ص٥٠١ ج١ (٢) تفهيم القرآن ص٥٠٢ ج١
(٣) تفهيم القرآن ص٥٠٢ ج١

اسلامي حڪومت تي فرض آهي تہ اها شراب تي بندش وجهي ۽ ان حڪم کي زور ۽ قوت سان جاري ڪري حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجي زماني ۾ بني ثقيف قبيلي جي هڪ شخص جو دڪان ان جي ڪري ساڙايو هو جو ان تي لڪ ۾ شراب جو وڪرو ٿيندو هو هڪ ٻئي موقعي تي حضرت عمر هڪ پورو ڳوٺ ساڙايو هو جنهن ۾ شراب ناهي وڪڻندا هئا (١) المقصد تہ هنن آيتن ۾ انسان کي ممنوع شين جي استعمال ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي.

٢- ٻيو " اَلْمَيْسِرِ" مطلق جوا کيڏڻ کي الميسر چوندا آهن پوءِ ان جي کهڙي بہ صورت هجي سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ " الشطرنج من الميسر" شطرنج بہ جوا ۾ داخل آهي (٢) عربيءَ ۾ جوا کي قمار بہ سڏيندا آهن جڏهن تہ جوا ۾ شراب واري لذت هوندي آهي جو ان جو نشو انسان کي غافل بنائيندو آهي ان جي ڪري الله تعالىٰ شراب سان گڏ جوا جو ذڪر ڪيو، شراب شخصي تباهي آهي ۽ جوا قومي، شراب ۾ جان جي لذت آهي، ۽ جوا ۾ مال جي لذت، ان جي ڪري جوا کان اول شراب جو ذڪر ڪيو ويو . ٣- ٽيون "الانصاب" نصب جو جمع آهي ان مان مراد بت آهن جن ۾ ڪنهنجي نہ ڪنهنجي ڪا شڪل بنائي ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. ۴-چوٿون "الازلام" زلم جو جمع آهي مراد آهن ڦارن وجهڻ وارا تير ۽ ڏارا (٣)

۽ اهي چارئي شيون، "رجس" پليد آهن، عربيءَ ۾ رجس گندن عقيدن ۽ گندن عملن ٻنهي کي سڏيو ويندو آهي هتي ٻن گندن عقيدن بت پرستي ۽ ڏارن ۽ تيرن سان ڦارن وجهڻ جو ذڪر ۽ ٻن گندن عملن شراب ۽ جوا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان جي ڪري" رجس" جو لفظ آندو ويو آهي (۴) "شيطان جا ڪم آهن" ان مان مراد آهي تہ اهي شيطان جا تيار ڪيل ۽ پسند ڪيل آهن پر پاڻ اهي ڪندو ناهي، ڇو تہ اهو نہ شراب پيئندو آ نہ جوا کيڏندو آ نہ بت پرستي ڪندو آ نہ ڏارا هڻندو يا تيرن سان ڦارون وجهندو آ -" اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطَانُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ" يعني شيطان جو تہ ارادو ئي اهو آهي تہ شراب ۽ جوا جي ذريعي اوهان ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ دشمني ۽ بغض پيدا ڪري، ڇو تہ شراب پيئڻ کان پوءِ انسان جي عقل تي پردا اچي ويندا آهن ۽ اهي گڏ وهڻ وارا شرابي هڪ ٻئي سان وڙهي ٻجهڙا ٿيندا آهن ۽ اهوئي حال

(١) تفهيم القرآن ص٥٠٢ ج١ (٢) ضياء القرآن ص٥٠٨ ج١
(٣) نعيمي ص۴٥ جلد٧ (۴) صاوي ص٢٨٥ جزء١

جوارين جو بہ هوندو آهي ۽ اهو انهن جو دنيوي نقصان هو هاڻي ديني نقصان بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي "وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِاللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِ فَهَلْ اَنْتُمْ مُنْتَهُوْنَ" ۽ اوهان کي الله جي ذڪر ۽ نماز کان روڪين ٿا پوءِ ڇا اوهان انهن کان پاڻ پليندڙ آهيو؟ المقصد تہ شرابي ۽ جواري ماڻهو گهٽو ڪري نيڪيءَ جي سڀني ڪمن کان پري هوندا آهن خاص ڪري نماز، ۽ ذڪر کان آخر ۾ مسلمانن کي عجيب انداز سان فرمان ٿيو تہ ڇا انهن دنيوي توڙي ديني نقصانن کي ڏسندي اوهان انهن براين کان پاڻ پليندؤ؟ اهو فرمان ٻڌي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ٿي پيرا عرض ڪيو هو تہ اسين پاڻ پليندا سون.

نبوي حديث مان شراب پيئڻ جي گناهہ جو بيان

حارث بن ابي اسامہ پنهنجي مسند ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان مرفوع روايت آندي آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "شَارِبُ الْخَمْرِ كَعَابِدِ وَثَنٍ وَشَارِبُ الْخَمْرِ كَعَابِدِ الّٰلاتِ وَالْعُزّٰى" (١) يعني شراب پيئندڙ بت جي پوڄاريءَ وانگر آهي ۽ شراب پيئڻ وارو لات ۽ عزىٰ جي عبادت ڪندڙ جهڙو آهي، المقصد تہ شراب پيئڻ شرڪ وانگر وڏو گناهہ آهي" وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا" ۽ الله جي اطاعت ڪيو ۽ رسول (عليه الصلوٰة والسلام) جي اطاعت ڪيو ۽ ڊڄندا رهو، سڌن لفظن ۾ الله جل شانہ ۽ ان جي رسول مقبول صلى الله عليہ وسلم جن جي اطاعت جو تاڪيد سان حڪم ڪندي ڊڄڻ جو بہ حڪم ڪيو ويو آهي تہ متان ڪو اطاعت تي تڪبر ڪري يا مغرور رهي،اطاعت ڪندڙ کي بہ پنهنجي زندگي نهايت هوشياريءَ سان گذارڻي آهي، "فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ" يعني جيڪڏهن اوهان الله ۽ رسول جي اطاعت کان منهن موڙيندؤ تہ ان جو ڪجهہ نقصان نہ ٿيندو،ڇو تہ اسان جي رسول (ﷺ) جي مٿان تہ صرف خدا وندي احڪامن جو ڪليءَ طور پهچائڻ آهي ۽ اهو پنهنجو فرض نهايت سهڻي نموني سرانجام ڏيئي رهيو آهي. "لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ"

شراب جي حرام ٿيڻ کان پوءِ ڪن ماڻهن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کان عرض ڪري پڇيو تہ: جيڪي اڳ ۾ شراب پيئندا هئا ۽ حرام هجڻ جي حڪم نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ مري ويا انهن جو حساب ڇا ٿيندو؟ انهن جي متعلق فرمان

(١) تفسير القاسمي ص٣٦٠ جلد٤ تفسير ابي السعود ص٧٦ جزء ٣

ٿيو ته: "انهن شخصن تي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ شراب جي حرام ٿيڻ کان اڳ ۾ ان مان ڪجهه چکيو انهن تي ان جي ڪري ڪو به گناهه ناهي، جڏهن تقويٰ اختيار ڪيائون ۽ ايمان آندائون ۽ صالح عمل ڪيائون، هتي تقويٰ مان مراد برن عقيدن کان بچڻ ۽ ايمان مان مراد سهڻا عقيدا ۽ صالح عمل مان مراد ڀلا ڪم ڪرڻ آهن پوءِ اهي بدني هجن يا مالي" ثُمَّ اتَّقَوْا وَّ اٰمَنُوْا " ان کان پوءِ تقويٰ ڪيائون ۽ ايمان آندائون هتي" ثم" مرتبي ۾ ترتيب لاءِ آيل آهي(١) ۽ تقويٰ مان مراد شراب کان بچڻ ۽ ايمان مان مراد ان تي قائم رهڻ آهي "ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا" ان کان پوءِ تقويٰ اختيار ڪيائون ۽ احسان ڪيائون، هتي تقويٰ مان مراد شراب کان سواءِ ٻين گناهن کان به بچڻ آهي ۽ احسان مان مراد نيڪين ۾ اخلاص آهي، "وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ الله احسان ڪندڙن سان محبت رکي ٿو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَيْءٍ مِّنَ الصَّيْدِ تَنَالُهٗ

اي ايمان وارؤ! البت ضرور آزمائيندو اوهان کي الله ڪجهه قدر شڪار سان جو پهچندا ان کي

اَيْدِيْكُمْ وَرِمَاحُكُمْ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّخَافُهٗ بِالْغَيْبِ ۚ فَمَنِ

هٿ اوهان جا ۽ نيزا اوهان جا تانت ڄاڻي الله ته ڪير ٿو ڊڄي ان کان اڻ ڏٺو پوءِ جيڪو

اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٤﴾ يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا

زيادتي ڪندو ان کان پوءِ ته ان لاءِ عذاب دردناڪ آهي، اي ايمان وارؤ! نه ڪهو

تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ۭ وَمَنْ قَتَلَهٗ مِنْكُمْ مُّتَعَمِّدًا

شڪار کي حالانڪ اوهان احرام وارا آهيو ۽ جيڪو ڪهندو ان کي اوهان مان ڄاڻي واڻي

فَجَزَآءٌ مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ

پوءِ (ان تي) بدلو آهي ان جهڙو جو ڪنائين چوپاين مان فيصلو ڪندا ان جو ٻه عدل

(١) نعيمي ص٥٦ ج٧

هَدْيًا بٰلِغَ الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ ذٰلِكَ

وارا اوهان مان قرباني جيڪا پهچندڙ آهي ڪعبه ۾ يا ڪفارت آهي کاڌو مسڪينن جو يا برابر ان جي

صِيَامًا لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَمَّا سَلَفَ ؕ وَمَنْ عَادَ

روزا تانت چکي سزا ڪم پنهنجي جي معاف ڪيو الله اهو جو اڳ ۾ ٿيو ۽ جيڪو ورائي ڪندو

فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٩٥﴾

پوءِ بدلو وٺندو الله ان کان ۽ الله غالب بدلي وٺڻ وارو آهي.

تفسير

هن ڪان پهريان دائمي حرام ڪيلن شين جيئن شراب، جوا وغيره جو ذڪر هو ۽ هتي انهن شين جي حرام هجڻ جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جيڪي عارضي طور توري وقت جي لاءِ حرام ڪيون وڃن ٿيون، ان ڪان پوءِ حلال آهن، يعني احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ، ارشاد رباني آهي "يَاأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَيْءٍ مِّنَ الصَّيْدِ تَنَالُهٗ اَيْدِيْكُمْ وَرِمَاحُكُمْ " اي ايمان وارؤ! الله اوهان کي ضرور آزمائيندو ڪنهن شيءِ سان شڪار مان جو پهچن ٿا، ان کي اوهان جا هٿ ۽ اوهان جا نيزا.

شان نزول

مفسرن پلارن لکيو آهي ته هي آيتون تڏهن نازل ٿيون هيون جڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن مديني منوره ڪان مڪي مڪرمه ڏانهن پندرهن سون کان مٿي اصحاب سڳورا رضي الله عنهم پاڻ سان وٺي عمره شريف جي لاءِ روانا ٿيا هئا ۽ رستي ۾ حديبيه نالي مقام تي ڪجهه ڏينهن ڪين رهڻو پيو هو ۽ آخر عمره کان سواءِ واپس ٿيا هئا (ان کي سيرت جي ڪتابن ۾ صلح حديبيه سان تفصيلي طور لکيو ويو آهي اتي ڏسڻ گهرجي) اتي رهڻ جي دوران شڪار ٿيندڙ جانور سندن خيمن ۾ زوريءَ گهڙي ٿي آيا، جيڪڏهن اصحابي سڳورا انهن کي وٺڻ جي ڪن ها ته ننڍن

ڪي هٿن سان تڪليف ڪان سواءِ بہ وٺي سگهن ها ۽ وڏن ڪي نيزن سان شڪار ڪري سگهن ها الله جل شانہ ان حالت ڪي امتحان ۽ آزمائش سڏيٰ هي آيتون نازل فرمايون تانتہ مسلمان خبردار رهن ۽ شڪار ڪان بچن۽ الحمد لله سڀ اصحابي سڳورا ان امتحان ۾ اول درجي تي ڪامياب رهيا ڪنهن اصحابيءَ سڳوري ڪا جهرڪي بہ نہ ورتي. (١)

شڪار نہ ڪرڻ ڪي امتحان سڏڻ جو سبب

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ عرب جا اڪثر باشندا جانورن ۽ پکين جي شڪار ڪائڻ تي وقت گذاريندا هئا ان جي ڪري احرام جي حالت ۾ انهن جو گهر ويٺي آيل شڪار ڪان پاڻ پلڻ امتحان ڪان گهٽ نہ هو وڪ وڪ تي هرڻين جا ٽولا ۽ پکين جون قطارون پنهنجن خيمن ۽ هٿن جي قريب ڏسي مات ڪريوهڻ وڏي ڳالهہ هئي ان جو قدر ڪنهن شڪار جي شوقين ڪان ئي پڇي سگهجي ٿو. ان جي ڪري الله جل شانہ مٿئين لکيل آيت ۾ فرمايو تہ: الله ضرور اوهان کي اهڙي شڪار ڪان منع ڪرڻ سان آزمائيندو جنهن کي اوهان جا هٿ ۽ نيزا پهچن ٿا ۽ انهن هٿن ۽ نيزن ۾ رسيون،چار، بندوقون، تير، وغيره سڀ شامل آهن" لِيَعْلَمَ اللهُ مَنْ يَخَافُهُ بِالْغَيْبِ" تانتہ الله ان کي ظاهر ڪري ڄاڻي جيڪو ڪانئس غائبانہ طور ڊڄي ٿو. هتي اللهتعاليٰ جي ڄاڻڻ مان مراد ماڻهن ڪي ڪليءَ طرح ڄاڻائڻ آهي تہ ڪير ڪرو آهي ۽ ڪير ڪوڙو نہ تہ پاڻ تہ ازلي ۽ ابدي علم جو مالڪ آهي امتحان وٺڻ ڪان اڳ ۾ بہ ڄاڻي ٿو تہ ڪير سچو مومن ۽ مخلص پانهو آهي ۽ ڪير ناهي، "فَمَنِ اعْتَدَىٰ بَعْدَ ذَٰلِكَ فَلَهُ عَذَابٌ أَلِيمٌ" پوءِ ان ڊپ ڏيارڻ، ڊيڄارڻ ڪان پوءِ بہ جنهن شڪار ڪرڻ سان زيادتي ڪئي ان لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

"يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَأَنْتُمْ حُرُمٌ" يعني ايمان وارؤ! احرام جي حالت ۾ آهيو تہ شڪار نہ ڪيو، پر احرام جي حالت ۾ چِتو ڪتو، بگهڙ، ايذائيندڙ جانور، ڳجهہ، ڪانءُ ۽ ڪئو مارڻ جي اجازت آهي اهڙيءَ طرح مڇر، ڪنمل وغيره مارڻ جي بہ موڪل آهي (٢) "وَمَنْ قَتَلَهُ مِنْكُمْ مُتَعَمِّدًا فَجَزَاءٌ مِثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهِ ذَوَا عَدْلٍ مِنْكُمْ هَدْيًا بَالِغَ الْكَعْبَةِ" ۽ جنهن ان شڪار ٿيل جانورڪي اوهان مان ڄاڻي واڻي ڪئو تہ ان جو بدلو ان ڪٺل جانور جهڙو جانور ڏيڻو آهي، جيڪو اوهان مان بہ عادل شخص تجويز ڪن اهو هديو هوندو جيڪو ڪعبہ ۾ پهچندو. المقصد تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص ڄاڻي واڻي جو ڪيس احرام ۾ هجڻ بہ

(١) روح البيان ص۴٣٨ جلد٢ (٢) ساڳيو حوالو

ياد آهي ۽ ان حالت ۾ شڪار ڪاڻ منع به ياد آهي پوءِ به وجي شڪار ڪيائين ته ان تي هڪ سزا اها آهي جو ان ماريل جانور جهڙو ' جانور جنهن کي ٻه عادل شخص ان جهڙو چون وٺي حرم جي حدن ۾ قربانيءَ جي لاءِ پهچائي ۽ پاڻ ان مان نه کائي (١)

"اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ مَسٰكِيْنَ" يا ان جانور جي قيمت مان ڪفارت طور مسڪين کي کاڌو وٺي ڏي. جيڪو هر هڪ لاءِ فطري جي صدقي جيترو هجي "اَوْ عَدْلُ ذٰلِكَ صِيَامًا" يا ان جي برابر روزا رکي. يعني اهو کاڌو جيترن مسڪينن کي پورو پوي انهن مسڪينن جي تعداد جيترا روزا رکي، "لِيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ" تانت پنهنجي ڪيل ڪم جي سزا چکي جو منع هوندي شڪار ڪيائين، "عَفَا اللّٰهُ عَمَّا سَلَفَ" يعني حرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ کان منع واري حڪم کان اڳ ۾ يا اسلام کان اول جاهليت جي دور ۾ جيڪڏهن ڪنهن شڪار وغيره ڪيو هوندو ته اهو الله معاف ڪري ڇڏيو ان تي پڪڙ نه ڪندو، "وَمَنْ عَادَ فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ" يعني جهلڻ کان پوءِ به جيڪو وري اهو ڪم ڪندو ته پوءِ الله ان کان بدلو وٺندو ۽ الله غالب بدلي وٺڻ وارو آهي نه ڪو مجرم ان جي قدرت جي قبضي کان ڀڄي سگهندو، ۽ نه جيڪي گناهه عدل ۽ حڪمت جي تقاضا موجب سزا ڏيڻ جي لائق آهن، انهن جي سزا کان الله جل شانه درگذر فرمائيندو.

مسئلا

١- حرم جي حدود ۾ احرام سان جن جانورن جو شڪار ڪرڻ حرام آهي اهي عام آهن کائڻ وارا هجن يا نه، ڪنهن جو به شڪار ڪرڻو ناهي.

٢- شڪار مان مراد اهي جانور آهن جيڪي گهرن ۾ پاليا نه وڃن پر جيڪي گهرن ۾ پاليا ٿا وڃن جيئن ٻڪري، رڍ، ڳئون، مينهون، اٺ وغيره انهن جو کهڻ بہ حلال آهي ته کائڻ به.

٣-جيڪو شڪار حرم کان ٻاهر ۽ احرام کان سواءِ ڪيو وڃي ان جو کائڻ احرام واري جي لاءِ ان شرط سان حلال آهي ته ان ۾ مددگار يا صلاحڪار يا ٻڌائڻ وارو نه بڻيو هجي.

٤- حرم جي شڪار کي جيئن ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ ۾ سزا آهي تيئن خطا سان يا ويسر ۾ قتل ڪرڻ ۾ به سزا آهي، ۽ جيئن پهريون ڀيرو قتل ڪرڻ ۾ سزا آهي تيئن ٻيو ٽيون ڀيرو به سزا آهي ٥- جزا پوڻ جو نتيجو هي آهي ته جنهن وقت ۽

(١) نور العرفان ص١٩٦ حاشيه عثماني ص١٦٤ مطبوعه سعودي عرب

جنهن جڳهه ۾ اهو جانور قتل ٿيو آهي بهتر ائين آهي ته ٻن شخصن عادلن نيڪوڪارن ۾ جائز هيئن آهي ته هڪ عادل، نيڪو ڪار کان ان جانور جي قيمت جو اندازو ڪرايو وڃي، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي ته اهو قتل ڪيل جانور جيڪڏهن ڪائڻ ۾ حلال ناهي ته ان جي قيمت هڪ ٻڪريءَ جي قيمت کان زياده واجب نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن اهو جانور ڪائڻ ۾ حلال آهي ته پوءِ جيترري قيمت جو به اندازو لڳايو ويندو اها پوري ادا ڪرڻ واجب هوندي ۽ ٻنهي حالتن ۾ ادا ڪرڻ واري کي ٽن صورتن مان هڪ تي عمل ڪرڻ ضروري هوندو ١- ته ان قيمت جو ڪو جانور قربانيءَ جي شرطن موافق خريد ڪري حرم جي حدود ۾ ذبح ڪري ان جو گوشت حرم جي حدود ۾ رهڻ وارن مسڪينن فقيرن ۾ ورهائي ٢- ان قيمت جي برابر ان وٺي صدقه فطر جي شرطن موافق هر هڪ مسڪين کي اڌ ٽويو جيترن مسڪينن کي پهچي سگهي ڏئي ڇڏي ٣- يا ته جيترن مسڪينن کي اڌ ٽويي جي حساب سان ان پهچي ٿو اوتري تعداد ۾ روزا رکي ان ورهائڻ يا روزن رکڻ ۾ حرم جي حدود اندر هجڻ جو شرط ناهي. جيڪڏهن جانور جي قتل جي جاءِ جهنگل آهي ته جيڪا ماڻهن جي آبادي ان جي قريب آهي اتي جي اعتبار سان ان جي قيمت جو اندازو لڳايو ويندو. (١)

أُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهُ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ ۚ

حلال ڪيو ويو اوهان جي لاءِ شڪار سمنڊ جو ۽ ڪاڌو ان جو اوهان جي فائدي لاءِ ۽ سيرڪندڙن

وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ۗ وَاتَّقُوا اللَّهَ الَّذِيٓ

جي لاءِ ۽ حرام ڪيو ويو اوهان تي شڪار پٽ وارو جيستائين آهيو احرام وارا ۽ ڊڄو الله کان جو

إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٩٦﴾ جَعَلَ اللَّهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيَامًا

ان ڏانهن اٿاريا ويندؤ بڻايو الله ڪعبي کي گهر، عزت وارو قائم رهڻ جو سبب

لِّلنَّاسِ وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ وَالْهَدْيَ وَالْقَلَائِدَ ۚ ذَٰلِكَ لِتَعْلَمُوٓا أَنَّ

ماڻهن جي لاءِ ۽مهينو عزت وارو ۽ قرباني ۽ پٽي ٻڌل جانور اهو ان لاءِ تانت ڄاڻو ته بيشڪ

(١) معارف القرآن ص٢٣٤ جلد٣

اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ

الله ڄاڻي ٿو اهو جو آسمانن ۾ آهي ۽ اهو جو زمين ۾ آهي ۽ بيشڪ الله هر

شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٩٧﴾ اِعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي يقين ڄاڻو تہ بيشڪ الله سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي ۽ بيشڪ الله بخشيندڙ

رَّحِيْمٌ ﴿٩٨﴾

مهربان آهي.

تفسير

هن کان اول حج يا عمره جي احرام ۾ رهڻ وارن کي شڪار کان روڪيو ويو هو ۽ هتي بعضي شڪارن جي اجازت ڏيندي فرمان ٿيو آهي "اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهٗ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ" يعني اوهان ۽ سفر ڪندڙن جي لاءِ سمنڊ ۾ رهڻ وارين حلال شين جو شڪار ۽ ان جو کاڌو حلال ڪيو ويو آهي، سمنڊ جي شڪار مان مراد اهو جاندار آهي جيڪو سمنڊ يا درياءَ ۾ پيدا ٿيو آهي، پوءِ پلي سمنڊ کان ٻاهر رهندو هجي (١) "وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا" ۽ جيستائين اوهان احرام ۾ آهيو اوهان تي پٽ جو شڪار حرام ڪيو ويو آهي. پٽ جي شڪار مان مراد اهو جاندار آهي جيڪو پيدا پٽ ۾ ٿيو آهي پوءِ رهي ڪٿي بہ (١) "وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ" ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن اٿاريا ويندؤ، ان جي ڪري شڪار ڪرڻ ۾ جائز ۽ ناجائز جو خيال رکندا ڪيو "جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيَامًا لِّلنَّاسِ" الله تعالىٰ ڪعبہ کي عزت وارو گهر، ماڻهن جي بقا ۽ قائم رهڻ جو سبب بڻايو آهي. المقصد تہ ڪعبة الله شريف جي عظمت ڪنهن ماڻهوءَ يا ٻئي ٻانهي جي ڏنل ناهي بلڪ الله جل جلالہ جي عطا ڪيل آهي تنهن جي ڪري ڪو بہ ان جي اها عظمت ۽ عزت ختم ڪري نہ ٿو

(١) نورالعرفان ص١٩٦

سگهي. جيئن سج جي روشني کنهن جي وسائڻ سان وسامي نه ٿي سگهي.

تورڙي وضاحت

"اَلْكَعْبَةَ" کعب مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ بلندي ۽ اوچائي آهي جڏهن ته ڪعبه جي سطح سمنڊ کان مٿي آهي يا ان جو ذڪر دنيا ۾ بلند آهي ان جي ڪري ان کي ڪعبه شريف سڏيو ويو آهي، "اَلْبَيْتَ الْحَرَامَ" ۾ حرام محترم ۽معظم جي معنىٰ ۾ آهي يعني احترام ۽ عزت وارو گهر"قِيَامًا لِّلنَّاسِ" هتي قيامًا اسم آله جي معنىٰ ۾ آيل آهي يعني ماڻهن جي ديني ۽ دنيوي بقا ۽ قيام جو ذريعو ۽ ماڻهن مان مراد يا اهل عرب آهن يا ساري جهان جا مسلمان يا ساري دنياجا سڀ انسان مومن هجن يا ڪافر، سڀني جي لاءِ بقا جو ذريعو بيت الله آهي عرب وارن جي لاءِ ان جي ڪري جو حجاز خشڪ ۽ اناج نه پيدا ڪرڻ وارو علائقو هو اتي جي ماڻهن جي زندگي ڪعبي مڪرم سان وابسته آهي جو اتي ماڻهو حج ۽ عمره جي لاءِ وڃن ٿا ۽ اهي روزي ڪمائين ٿا ۽ بيو ته عرب ۾ لٽ، ڦر، چوري ۽ قتل عام هو مگر ڪعبه شريف ۽ حرم جي حدود ۾ امن هوندو هو ۽ هنن جا مال ۽ سر محفوظ هوندا هئا ۽ ان ڪعبه پاڪ جي صدقي پوري دنيا۾ عربن جي عزت ۽ احترام آهي ۽جيڪڏهن سڀ مسلمان مراد آهن ته به ظاهر آهي جو ته مسلمانن جا ڪيترا ڪم ڪعبه سان وابسته آهن ان ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن ٿا قرآن پاڪ جي تلاوت ڪن ٿا. اتي ئي پهچي حج ۽عمري جي سعادت حاصل ڪن ٿا، ان جو ئي طواف ڪن ٿا. ان ڏانهن نهارڻ ئي عبادت آهي ۽ اتي ئي پهچي سڀ مسلمان هڪ ٻئي سان ملن ٿا. بعضي خوش نصيبن جا روح ڪعبه جي غلاف جي اندران ته ڪن جا ارواح زم زم جي کوهه ۾ رهن ٿا بعضي عاشق وفات کان پوءِ به حج ڪن ٿا. حضور عليه الصلواة والسلام جن حجة الوداع جي موقعي تي فرمايو ته: يونس عليه السلام ۽ موسىٰ عليه السلام به احرام ٻڌي حج ڪرڻ آيا آهن ۽ جيڪڏهن "الناس" مان مراد ساري دنيا جا سڀ مومن، ڪافر، مڃڻ وارا ۽ نه مڃڻ وارا انسان آهن ته ڪعبه ڪريم انهن جي بقا لاءِ هيئن ذريعو آهي جو جيستائين ڪعبه شريف آهي ۽ ان جو حج ۽ عمرو ٿيندا رهندا تيستائين دنيا آباد رهندي ۽ جيڪڏهن حج ۽عمرو بند ٿي وڃي ڪعبه شريف جو وجود نه رهي ته دنيا به ختم ٿي ويندي. (١) ۽ جيڪڏهن هڪ سال ڪعبه شريف جو حج، عمرو ۽ طواف وغيره بند ڪيو وڃي ته ڪين نه ڪا مهلت ڏني ويندي نه ڍر ملندي (٢) هڪدم ساري دنيافنا ٿي ويندي.

---

(١) نعيمي ص٩٠ ج٧ (٢) المدارڪ ص٣٠٤ ج١

" وَالشَّهرَ الحَرَامَ " ۽ عزت وارو مهينو، هتي مراد صرف ذوالحج مهينو آهي يا چارئي عزت وارا مهينا رجب، شوال، ذوالقعده ۽ ذوالحجَ. جيڪڏهن حج وارو مهينو مراد آهي تہ واقعي اهو عزت وارو آهي ۽ الله تعالىٰ اهو ماڻهن جي بقا جو ذريعو بنايو آهي، ان مهيني جو پهريون ڏهاڪو تمام گهڻين عظمتن وارو آهي.

ذوالحج جي پهرئين ڏهاڪي جون ڀلايون ۽ برڪتون

علامہ اسماعيل عليه الرحمة لکيو آهي تہ جيئن نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۾ هڪڙن کي ٻين تي فضيلت مليل آهي تيئن مهينا بہ هڪڙا ٻين کان ڀلارا آهن ۽ رمضان المبارڪ کان پوءِ ذوالحج جو پهريون ڏهاڪو تہ تمام گهڻين فضيلتن وارو آهي ان ۾ الله تعالىٰ حضرت موسىٰ عليه السلام کي ڪلام جي شروعات سان نوازيو، ان ۾ حضرت آدم عليه السلام جي توبه قبول پئي، ان ۾ ئي حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جن قربانيءَ واري امتحان ۾ ڪاميابي ماڻي، ان ئي ڏهاڪي ۾ حضرت هود ۽ حضرت نوح عليهما السلام جن پنهنجن قومن کان نجات حاصل ڪئي ان ۾ ئي بيعت الرضوان، حديبيه وارو صلح، خيبر جي فتح جي بشارت ملي. ان جي ڪري ان ڏهاڪي ۾ خصوصاً نائين ذوالحج جي ڏينهن روزو رکڻ افضل آهي (۱) انهيءَ ڏهاڪي جون ڀلايون حضور عليه الصلوٰة والسلام جن پنهنجن فرمانن ۾ هن طرح بيان ڪيون آهن سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو " مَا مِنْ اَيَّامٍ اَلْعَمَلُ الصَّالِحُ فِيْهِنَّ اَحَبُّ اِلَى اللّٰهِ مِنْ هٰذِهِ الْاَيَّامِ الْعَشْرِ قَالُوْا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ وَلَا الْجِهَادُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ؟ قَالَ وَلَا الْجِهَادُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَالُوْا وَلَا الْجِهَادُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَالَ وَلَا الْجِهَادُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اِلَّا رَجُلٌ خَرَجَ بِنَفْسِهٖ وَمَالِهٖ فَلَمْ يَرْجِعْ مِنْ ذَالِكَ بِشَيْءٍ " رواه البخاري (۱) يعني ڪي بہ ڏينهن جن ۾ صالح عمل ڪرڻ الله کي وڌيڪ پيارو آهي هنن ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ ناهن (اصحابن سڳورن) عرض ڪيو تہ: ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ بہ انهن کان ڀلو ناهي؟ فرمايائون تہ: الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ بہ انهن کان ڀلو ناهي (ٻيو ڀيرو) عرض ڪيائون تہ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ بہ انهن کان ڀلو ناهي فرمايائون تہ ڀلو ناهي ها انهيءَ شخص جو عمل انهن ڏينهن ۾ عمل کان ڀلو آهي جيڪو جان ۽ مال سميت جهاد لاءِ نڪتو ۽ ڪا بہ شيءِ ڪٺي واپس نہ ٿيو" مطلب تہ جان، مال ٻئي قربان ڪري ڇڏيائين حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي لکيو آهي تہ علماء چون ٿا تہ ڏينهن ۾ ذوالحج جا پهريان ڏهاڪي وارا ڏينهن ڀلا آهن جو انهن ۾ نائين ذوالحج جو ڏينهن آهي ۽ راتين ۾ ليلة القدر ڀلي

(۱) روح البيان ص۴۴۴ ج۲

آهي (١) "وَالْهَدْيَ" هن مان مراد اهو جانور آهي جيڪو حرم جي حدود کان ٻاهران حرم ڏانهن آندو ويندو آهي تہ اتي قربان ڪيو وڃي.

۽ قلائد قلادہ جو جمع آهي. معني هار، ان مان مراد اها نشاني (چمڙي جو ٽڪرو وغيره) آهي جيڪو جانورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌو ويندو آهي تانتہ ان سان سڃاتو وڃي تہ هيءَ ڪعبہ شريف ڏانهن کڻڻ جي ارادي سان آندو ٿو وڃي. عرب جا چور، رات ڏينهن چوريون ۽ ڦريون ڪندا هئا پر جنهن جانور جي ڳچيءَ ۾ اهو هٽرادو هار پاتل هوندو هو ان کي هٿ بہ نہ لائيندا هئا. هي ۽ بہ ان جي ڪري ماڻهن جي قائم هجڻ جو سبب ۽ باعث هيا جو انهن جو گوشت مڪي پاڪ جي مسڪينن ۽ فقيرن ۾ ورهايو ويندو هو جنهن جي ذريعي تندرست ۽ توانا رهندا هئا ۽ بيت الله جي صدقي شان وارا بنجندا هئا. جيڪو پڻ بيت الله جي عظمت ۽ عزت جو دليل آهي (٢) "ذَالِكَ لِتَعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ" اهو ان جي ڪري آهي تانت اوهان ڄاڻو تہ جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اهو سڀ يقيناً الله ڄاڻي ٿو. ان ئي ڪعبہ شريف کي اها عزت ۽ عظمت عطا ڪئي آهي. جنهن جو ظهور قيامت تائين ٿيندو رهندو. "وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" ۽ يقيناً الله هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي ان کي ئي ان جي حڪمتن ۽ مصلحتن جي خبر آهي "اِعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" يقين ڄاڻو تہ بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ ۽ بيشڪ الله گهڻو بخشيندڙ، گهڻو مهربان آهي، هتي ڪعبہ جي احترام واري قانون کي ڀڃندڙن لاءِ عذاب جو اشارو ۽ مڃيندڙن لاءِ مغفرت ۽ رحمت جو اشارو آهي.

مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا

ناهي رسول تي مگر پيغام پهچائڻ ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ظاهر ٿا ڪيو ۽ جيڪي

تَكْتُمُوْنَ ﴿٩٩﴾ قُلْ لَّا يَسْتَوِى الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ

لڪايو ٿا فرماءِ تہ نہ ٿو برابر ٿئي پليد ۽ پاڪ جيتوڻيڪ پسند اچي توکي

كَثْرَةُ الْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰۤاُولِى الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٠﴾

گهڻائي پليد جي پوءِ ڊڄو الله کان اي سمجهدارو! تانت اوهان ڪامياب ٿيو.

(١) ماثبت بالسنة ص١٧٧ (٢) التفسير الڪبير ص١٠١ جزء ١٢

ع ١٣/٧ ٣

تفسير

هن کان پهريان ڪعبه شريف جي عظمت ۽ بي نيازيءَ کي بيان ڪندي ٻڌايو ويو هو تہ ڪعبه شريف ماڻهن جو محتاج نہ پر ماڻهن جي بقا جو ذريعو آهي جيڪڏهن ڪو ان کي نٿو مڃي تہ اهو پنهنجو نقصان ڪري رهيو آهي هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي عظمت ۽ عزت کي بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ سندن ذمي صرف الله جل جلاله جو پيغام پهچائڻ آهي، جيڪڏهن ڪو نہ ٿو مڃي تہ ان جي قسمت خراب آهي سج ساري دنيا کي چمڪائي رهيو آهي پر چمڙو نٿو ڏسي تہ اهو انڌو آهي سج نيٺ سج آهي. ارشاد آهي "مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّاالْبَلَاغُ" رسول جي مٿان پيغام پهچائڻ کان سواءِ ڪا ذميداري ناهي ماڻهو مڃين يا نہ ان جو نفعو ۽ نقصان تہ انهن کي ملندو رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جو ڪجهہ بہ بگيڙي نہ سگهندا، "وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ" ۽ جيڪي اوهان ظاهر ۾ ڪيو ٿا يا لڪايو ٿا الله اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. اهو اوهان جي هر حال کان هر وقت واقف آهي.

قُلْ لَّا يَسْتَوِي الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ الْخَبِيْثِ" (اي حبيب عليک الصلواة والسلام اوهان) فرمايو تہ پليد ۽ پاڪ برابر نہ ٿي سگهندا پلي پليد جي گهڻائي اوهان کي پسند اچي.

شان نزول

هن آيت جي متعلق حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو تہ: يا رسول الله! اسلام آڻڻ کان اڳ ۾ منهن جو شراب وڪڻڻ جو ڪاروبار هو. ان مان جيڪو پئسو وغيره ڪمايو هوم جيڪڏهن اهو ڪنهن خيرات جي ڪم ۾ ڏيان تہ اهو مون کي نفعو ڏيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ "الله جل جلاله صرف پاڪ مال خيرات ۾ قبول ڪندو آهي. پوءِ سندن فرمان جي تائيد ۾ مٿين آيت نازل ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ الله جل شانہ پليد مال مان خيرات قبول نہ ڪندو آهي پاڪ مال مان قبول ڪندو آهي (١) هن مان ثابت ٿيو تہ حرام جو گهڻو مال ڏسي خوش نہ ٿجي، ڇو تہ جيڪو مال الله جل جلاله جي نافرماني ڪري حاصل ڪيو ويو هجي اهو ڪيترو بہ زياده هجي

(١) زاد المسير ص٤٣٢ ج٢

پليد آهي ۽ جيڪو ان جي فرمانبرداري ڪندي حاصل ڪيو ويو هجي اهو ڪٿي ڪيترو به ٿورو هجي پاڪ آهي برڪت به ان ۾ آهي ته الله جل شانه وٽ قبول به اهو آهي، پائخانه جي ڍير کان عطر جو هڪ ڦڙو زياده قدر ۽ قيمت رکي ٿو ۽ پيشاب مان ڀريلن وڏن مٽن جي مقابلي ۾پاڪ پاڻيءَ جي هڪ لپ به اهميت رکي ٿي. ان جي ڪري هڪ سچي دانشمند انسان کي لازمًا حلال تي ئي ڪفايت ۽ قناعت ڪرڻ گهرجي ڀلي ظاهر ۾ اهو ڪيترو به ٿورڙو هجي ۽ حرام ڏانهن ڪڏهن به هٿ نه وڌائڻ گهرجي ڀلي اهو ظاهر ۾ ڪيترو به وڏو ۽ گهڻو هجي.

"فَاتَّقُوااللّٰهَ يَٰٓا أُولِى الْأَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ" پوءِ اي سمجهدارو! الله کان ڊڄو ۽ بي فرماني نه ڪيو اميد ته اوهان ڪامياب ٿيندؤ. هن ۾ "يَٰٓا أُولِى الْأَلْبَابِ" سان اشارةً فرمايو ويو آهي ته ڪنهن شيءِ جي تعداد جي گهٽائيءَ کان ڊڄڻ يا گهٽائيءَ ڪي ٿورڙائيءَ جي مقابلي ۾ حق ۽ سچ جو معيار قرار ڏيڻ عقلمندن ۽ دانائن جو ڪم ناهي. (١)

فائدا

١- " ما على الرسول" ۾ الرسول مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن جڏهن ته پاڻ الله جل شانه جي طرفان ساري مخلوق جي لاءِ دائمي نبيءَ دائمي رسول آهن ان جي ڪري ڪين مطلق رسول ڪري بيان ڪيو ويو آهي، ڪنهن خاص قوم ڏانهن نسبت سان بيان نه ڪيو ويو آهي ياد رکڻ گهرجي ته رسول (صلى الله عليه وسلم) جو تعلق خالق سان ونڻ جو ۽ مخلوق سان ڏيڻ جو هوندو آهي، ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اهي ٻئي تعلق هميشه قائم آهن، سندن مٿان پيغام پهچائڻ ئي آهي ۽ اهو پاڻ ڇئن نمونن سان پهچاياٽون زبان سان، قلم سان، تلوار سان ۽ عمل سان، عملي تبليغ ننڍپڻ کان، زباني "نبوة" جي اظهار کان پوءِ هجرت کان اڳ ۾ تلوار ۽ قلم واري، هجرت کان پوءِ ۽ سندن اهو پيغام سندن دنيا تان رحلت کان پوءِ سندنئي امتين عالمن، ولين، مجاهدن ۽ اسلامي طرز جي حڪمرانن ۽ سلطانن جي ذريعي قيامت تائين جاري رهندو.

٢- " وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ " ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ظاهر ٿا ڪيو ۽ جيڪي لڪايو ٿا. هن مان ثابت ٿيو ته مسلمانن کي گهرجي ته پنهنجو ظاهر، باطن، سيرت، صورت، عقائد، اعمال، اقوال ۽ افعال سڀ درست رکن ڇو ته سندن ڪا به حالت الله تعاليٰ کان لڪل ناهي.

(١) معارف القرآن ص٢٤٣ ج٢

يَآاَيُّهَاالَّذِيۡنَ آمَنُوۡا لَا تَسۡئَلُوۡا عَنۡ اَشۡيَآءَ اِنۡ تُبۡدَ لَكُمۡ

اي ايمان وارؤ! نہ پڇا كندا كيو اهڙين شين جي باري ۾ جو جيكڏهن ظاهر كيون وڃن اوهان جي لاءِ

تَسُؤۡكُمۡ وَاِنۡ تَسۡئَلُوۡا عَنۡهَا حِيۡنَ يُنَزَّلُ الۡقُرۡآنُ تُبۡدَ لَكُمۡ

تہ بريون لڳن اوهان كي ۽ جيكڏهن سوال كندؤ انهن جي باري ۾ ان وقت جو نازل كيو وڃي ٿو قرآن تہ ظاهر كيون

عَفَا اللّٰهُ عَنۡهَا وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿١٠١﴾ قَدۡ سَاَلَهَا قَوۡمٌ مِّنۡ

ويندبون اوهان جي لاءِ- معاف كيو الله ان كان ۽ الله بخشيندڙ، بردبار آهي، تحقيق پڇيو هو ان جي لاءِ هك قوم اوهان

قَبۡلِكُمۡ ثُمَّ اَصۡبَحُوۡا بِهَا كٰفِرِيۡنَ ﴿١٠٢﴾

كان اڳي تنهن كان پوءِ ٿي پيا انهن جا انكار كندڙ.

تفسير

هن كان پهريان ارشاد ٿيو هو تہ رسول الله صلى الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذمي صرف دين جو پيغام پهچائڻ آهي هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ جڏهن پاڻ الله جل جلالہ جي دين جا مبلغ اعظم آهن ان جي كري جيكي بہ ضروري احكام هوندا سي اوهان كي پاڻهي ٻڌائيندا ۽ اوهان انهن جي اطاعت كجو هرو ڀرو كانئن پڇائون كري پاڻ تي سختي نہ كرايو گويا پهريان سندن فيض ڏيڻ جو بيان هو هاڻي كانئن فيض وٺڻ جو طريقو سيكاريندي حكم ٿيو آهي: يَآاَيُّهَاالَّذِيۡنَ آمَنُوۡا لَا تَسۡئَلُوۡا عَنۡ اَشۡيَآءَ اِنۡ تُبۡدَ لَكُمۡ تَسُؤۡكُمۡ " اي ايمان وارؤ! اهڙين شين جي باري ۾ سوال ئي نہ كيو جو جيكڏهن اهي اوهان جي لاءِ ظاهر كيون وڃن تہ اوهان كي بريون لڳن.

شان نزول: هن آيت جي نزول جي متعلق بہ ٽي روايتون آهن.

١- حضرت انس بن مالك رضي الله عنه كان روايت آهي تہ هك ڀيري نبي پاك عليه الصلواة والسلام جن اهڙو خطاب ارشاد فرمايو جو ان جهڙو اسان اڳ

۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو، پاڻ فرمايائون تہ " جيڪي مان ٿو ڄاڻان جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ها تہ ڪلو ٿورو ها روئو گهڻو ها " پوءِ سندن اصحاب منهن تي ڪپڙو وجهي اهڙو روئندا رهيا جو سندن جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو، هڪ شخص عرض ڪيو تہ منهنجو پيءُ ڪير آ؟ پاڻ فرمايائون تہ "فلاڻو" تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ٢- هڪ ڀيري پاڻ سج لڙڻ ڪان پوءِ ٻاهر تشريف فرما ٿيا، ٻيهري نماز پڙهائي منبر تي ويهي خطاب ڪندي قيامت جو ذڪر ڪيائون جنهن ۾ وڏا وڏا امر بيان ڪيائون. ان ڪان پوءِ ارشاد فرمايائون تہ"اوهان مان جيڪو ڪا ڳالهہ پڇڻ گهري تہ پلي پڇي جا بہ ڳالهہ پڇندؤ تہ مان اوهان کي هتي جو هتي ٻڌائيندس. ۽ ماڻهن تمام گهڻو رنو ۽ پاڻ گهڻو فرمائيندا رهيا تہ: پڇو" عبدالله بن حذافه بن سهميءَ اٿي ڪين عرض ڪيو تہ: منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ فرمايائون تہ: تنهنجو پيءُ حذافه آهي" ان ڪان پوءِ وري گهڻو فرمائيندا رهيا تہ" پڇو" پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه ادب سان گوڏا ڀڃي عرض ڪيو تہ: اسين الله جي رب هجڻ، ۽ اسلام جي دين هجڻ ۽ محمد (ﷺ) جي نبي هجڻ تي راضي آهيون، پوءِ پاڻ خاموشي اختيار فرمايائون ۽ (بعد ۾) ٻڌايائون تہ منهنجي اڳيان هن ڀت جي ويڪر ۾ هينئر بهشت ۽ دوزخ پيش ڪيا ويا. ان جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي ٣- سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: جڏهن الله جل جلاله حج جي فرضيت جي لاءِ آيت "وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا" نازل ڪئي تہ اصحابن عرض ڪري پڇيو تہ: يا رسول الله! هر سال ۾ حج فرض آهي؟ پاڻ خاموش رهيا ٻيو ڀيرو عرض ڪيائون تہ: هر سال ۾ حج فرض آهي؟ پاڻ خاموش رهيا، ٽيون ڀيرو عرض ڪيائون تہ: هر سال ۾ حج فرض آهي؟ فرمايائون تہ "نہ ۽ جيڪڏهن مان ها ڪيان ها تہ هر سال ۾ حج فرض ٿي وڃي ها" پوءِ الله جل شانه هيءَ آيت نازل ڪئي (١) جنهن ۾ تنبيه ڪئي ويئي تہ الٰهي احڪام ۾ ضرورت کان سواءِ اونهائيءَ ۾ نہ وڃو ۽ اهڙو سوال نہ ڪيو جن جي بيان ڪرڻ کان پوءِ مشقت ۽ تڪليف ۾ اچي وڃو. جيئن ابو ثعلبه خشنيءَ حضور عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي: پاڻ فرمايائون تہ" اِنَّ اللّٰهَ فَرَضَ فَرَائِضَ فَلَا تُضَيِّعُوْهَا وَحَرَّمَ حُرُمَاتٍ فَلَا تَنْتَهِكُوْهَا وَحَدَّ حُدُوْدًا فَلَا تَعْتَدُوْهَا وَسَكَتَ عَنْ اَشْيَاءَ مِنْ غَيْرِ نِسْيَانٍ فَلَا تَبْحَثُوْا عَنْهَا" (٢) بيشڪ الله فرض مقرر ڪيا آهن اهي ضايع نہ ڪيو ۽ حرام شيون حرام ڪيون آهن انهن جو پردو نہ کوليو ۽ حدون مقرر ڪيون آهن انهن کان تجاوز نہ ڪيو ۽

(١) تفسير خازن ص٤٩٧ ج١ (٢) المنار ص١٣٣ ج٧

ڪيترين شين کان خاموش رهيو آهي ويسر ڪان بہ پاڪ آهي انهن جو بحث نہ ڪيو. "وَاِنْ تَسْئَلُوْا عَنْهَا حِيْنَ يُنَزَّلُ الْقُرْاٰنُ تُبْدَ لَكُمْ" ۽ جيڪڏهن اوهان انهن شين جي باري ۾ ان وقت پڇندؤ جنهن وقت قرآن نازل ڪيو ٿو وڃي تہ اهي اوهان جي لاءِ ظاهر ڪيون ويندءون "عَفَا اللّٰهُ عَنْهَا" الله اوهان کي انهن جي معافي ڏئي ڇڏي آهي يعني جن شين کان منع ڪيل ناهي اهي مباح ۽ جائز آهن حرام نہ آهن "وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ" ۽ الله بخشيندڙ بردبار آهي.

ضروري وضاحت: ڄاڻڻ گهرجي تہ اصحابن سڳورن حضور عليه الصلواة والسلام جن کان ٽن قسمن جا سوال ڪيا هيا ١- اهي جن جا جواب قرآن پاڪ تبديل ۽ ترميم کان سواءِ ڏنا جيئن فرمان اقدس آهي "يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ" اوهان کان حيض جي باري ۾ پڇن ٿا. جواب ۾ ارشاد ٿيو "قُلْ هُوَ اَذًى فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي الْمَحِيْضِ" فرمايو تہ اها گندگي آهي پوءِ حيض جي حالت ۾ عورتن کان پاسو ڪيو،ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي "وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ" ۽ اوهان کان جنگ ۾ ڪافرن جي هٿ آيل مال جي باري ۾ پڇن ٿا." قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ" فرمايو تہ اهي مال الله جي لاءِ آهن. اهي ضروري پڇڻ جهڙا سوال هيا جن جا جواب بلڪل سوالن جي نموني تي ڏنا ويا ٢- اهي سوال جن جا جواب ڪجهہ ترميم ۽ تبديل سان ڏنا ويا جو اصل سوال زياده مفيد نہ هيا، جيئن ارشاد آهي تہ "وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ" ۽ اوهان کان چنڊن جي باري ۾ پڇن ٿا."قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ" فرمايو تہ اهي ماڻهن جي وقت سڃاڻڻ جا ذريعا آهن. سوال هو تہ چنڊ گهٽ وڌ ڇو ٿو ٿئي سج وانگر هميشہ هڪ جهڙو ڇو نہ ٿو رهي تہ ان سوال جو جواب مٽائي اهو ڏنو ويو تہ اهي چنڊ وقت سڃاڻڻ جا ذريعا آهن ٣- اهي سوال جن جي جواب ڏيڻ کان روڪيو ويو جيئن هن آيت ۾ آيو تہ مومنو! اهڙيون ڳالهيون نہ پڇو جو جيڪڏهن اهي ظاهر ڪيون وڃن تہ اوهان کي ڏکيون لڳن.

فائدو: هن آيت جي شان نزول ۾ پڙهي آيا آهيو تہ حضرت عبدالله بن حذافه حضور عليه الصلواة والسلام جن کان پڇيو تہ : منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "حذافه" ان مان ثابت ٿيو تہ الله ڪين اهو بہ علم ڏنو آهي تہ ڪير ڪنهن جي نسل مان آهي ۽ ڪائنڻ هڪ شخص پڇيو تہ منهن جي عاقبت ڪيئن آهي تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ" جهنم ۾ (١) ان مان ثابت ٿيو ڪين ماڻهن جي عاقبت جو بہ علم آهي.

" قَدْ سَاَلَهَا قَوْمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ" يعني اوهان کان پهريان آيل قومن بہ اهڙا

(١) تفسير نعيمي ص١٠٨ ج٧

سوال ڪيا هئا ، ۽ پنهنجي لاءِ سختين ۽ قيدن جا چار وچارائي ڇڏيا هيائون. جيئن حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جي قوم ڏاچيءَ وارو معجزو گهريو ۽ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي قوم آسمان کان دسترخوان لهڻ جي گهر ڪئي هئي (١)

"ثُمَّ اَصۡبَحُوۡا بِهَا كٰفِرِيۡنَ" ان کان پوءِ انهن ئي شين جي نه مڃڻ ۽ بي قدري ڪرڻ جي ڪري ڪافر ٿي ويا.

فائدو: چاڻ گهرجي ته مالک مٺي جي پيدا ڪيل شين ۾ اصل اباحت (جائز هجڻ) آهي يعني جيڪا شيءِ الله تعالىٰ ۽ ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي شريعت حرام نه ڪئي آهي اها استعمال ڪرڻ جائز آهي پوءِ اها حضور پاک عليه الصلواة والسلام جن اصحابن ۽ تابعن جي دور (جنهن کي "قرون ثلاثه سڏجي ٿو) ۾ هجي يا نه ۽ اهو به ثابت ٿيو ته قرآن پاک جون مطلق آيتون مطلق رهنديون ۽ مقيد رهنديون، مطلق کي پنهنجي طرفان مقيد نه ڪيو ويندو، ۽ اهو به ثابت ٿيو ته جنهن شيءِ جي حرام هجڻ جو يقين نه آهي ته انهن جي هروڀرو تحقيقات ڪرڻ ضروري ناهي، اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ دعوت ڪئي يا ڪو خيرات ڏنو ته ان جي به هرو ڀرو پويان نه پئجي ته ڪٿان آندائين ڪيئن ڪمايائين (٢)

مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنۡۢ بَحِيۡرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِيۡلَةٍ وَّلَا حَامٍ

نه ڪئي آهي الله ڪا بحيره ۽ نه ڪا سائبه ۽ نه ڪا وسيله ۽ نه ڪو حام

وَّلٰـكِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ‌ ؕ وَاَكۡثَرُهُمۡ لَا

۽ پر اهي جو ڪفر ڪيائون ناهي ٿا هڻن الله تي ڪوڙ ۽ اڪثر انهن مان نه ٿا

يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۰۳﴾ وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ تَعَالَوۡا اِلٰى مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى

سمجهه رکن ۽ جڏهن چيو ٿو وڃي انهن کي ته اچو ان ڏانهن جو نازل ڪيو الله ۽

الرَّسُوۡلِ قَالُوۡا حَسۡبُنَا مَا وَجَدۡنَا عَلَيۡهِ اٰبَآءَنَا‌ ؕ اَوَلَوۡ كَانَ

رسول ڏانهن ته چيائون ڪافي آهي اسان جي لاءِ اهو جو لڌوسون ان تي پيئرن پنهنجن کي توڙي جو هجن

(١) تنويرالاذهان ص٤٤٩ ج١ (٢) نعيمي ص١١٣ ج٧

آبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿۱۰۴﴾

پيئر انهن جا نہ ڄاڻندا ڪجهہ بہ ۽ نہ ئي هدايت وارا ٿين.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ مسلمانن کي اجاين ڳالهين پڇڻ ڪان منع ڪئي وئي هئي ۽ هتي انهن کي اجاين ڪمن ڪان روڪيندي ارشاد ٿيو آهي تہ " مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنۢ بَحِيْرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِيْلَةٍ وَّلَا حَامٍ " الله تعالىٰ ڪا بحيره ۽ ڪا سائبه ۽ ڪا وصيله ۽ ڪو حام مقرر نہ ڪيو آهي.

بحيره، سائبہ، وصيله ۽ حام ڇا آهن؟

بحيره جي لفظي معنىٰ آهي ڪن وڍيل، مڪي پاڪ ۽ آس پاس ۾ رهندڙن مشرڪن جو رواج هو جو جيڪڏهن ڪا ڏاچي پنج ڦر ڄڻيندي هئي ۽ انهن ۾ پنجون نر هوندو هو تہ ان جو ڪن چيري ان کي بتن جي لاءِ نذراني طور ڇڏي ڏيندا هئا نہ ان ڪان ڪو ڪم وٺندا هئا نہ ان تي سوار ٿيندا هئا جيڪڏهن اها ڏاچي ڪنهن جي پوک يا باغ ۾ گهڙي چرندي هئي تہ ان کي نہ روڪيندا هئا ان جو کير بہ بتن جي نالي تي ڏيندا هئا، پاڻ نہ کائيندا هئا، "سائبه" سيب ڪان ورتل آهي معنىٰ آزاد ڪري ڇڏيل، اهل عرب جو دستور هوندو هو جيڪڏهن انهن مان ڪو بيمار ٿي پوندو هو يا سفر تي نڪرندو هو تہ باس باسيندو هو تہ جيڪڏهن مان تندرست ٿيس يا سفر تان سلامتيءَ سان موٽي آيس تہ منهنجي فلاڻي ڏاچي سائبه هوندي يعني بتن جي نالي تي آزاد ڪري ڇڏي ويندي. ۽ ان سان بہ مٿي ذڪر ڪيل بحيره وارو رويو اختيار ڪندا هئا. "وصيله" وصل ڪان ورتل آهي معنىٰ ڳنڍيل ۽ ملايل، عربن ۾ جڏهن ڪنهن جي ٻڪري ست ڦر ڄڻيندي هئي ۽ ستون نر هوندو هو تہ ان کي کهي صرف مرد کائيندا هئا عورتن جي لاءِ حرام سمجهندا هئا ۽ جيڪڏهن ستون ڦر مادي هوندي هئي تہ ان کي ٻڪرين ۾ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن نر ۽ مادي جاڙا ڏيندي هئي تہ چوندا هئا تہ هي ٻئي پائر ۽ ڀينرون ملي ويا آهن پوءِ ان ڄڻن واريءَ ٻڪريءَ کي وصيله (ملائيندڙ)

سڏي بتن جي نالي تي ڇڏي ڏيندا هئا ، ان کي حرام سمجهندا هئا ۽ کهندا نہ هئا.
"حام" حميء کان ورتل آهي معني گرمي ۽ بچاءُ، حام ان اٺ کي سڏيندا هئا جنهن جي
چڙهڻ سان ڏاچيءَ ڏهہ ڦر ڄڻيا هجن، ان کي حام سڏيندا هئا ، معنيٰ کهڻ کان محفوظ،
ان کي بہ بتن جي لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا ، ۽ اهو آزاد ڦرندو وتندو هو ان کي گاهہ پاڻيءَ کان
کير بہ جهل پل نہ کندو هو (١) هتي ٻڌايو ويو آهي تہ کنهن شيءِ کي حلال يا حرام
کرڻ جو حق صرف ۽ صرف الله جل شانہ يا سندس اذن سان سندس پياري رسول
مقبول صلی الله عليه وسلم جن کي آهي جيکڏهن کو شخص الله جل جلالہ ۽ رسول
مقبول ﷺ جن جي حلال کيل شيءِ کي حرام ۽ حرام کيل کي حلال کندو تہ اهو
شرعي قانون ناهڻ جو حق پنهنجي هٿ ۾ رکي رهيو آهي ۽ رباني حقوق ۾ مداخلت
کرڻ جو مجرم ٿي رهيو آهي، هن آيت ۾ کفارن جي انهن ڏوهن جو ذکر ٿي رهيو
آهي تہ جن جانورن جو گوشت ۽ کيرکي الله جل شانہ حلال کيو آهي ۽ انهن کان خدمت
وٺڻ، انهن تي سواري کرڻ، انهن تي بار لڏڻ جي اجازت ڏني آهي هي کافر پنهنجي
هٺرادو تجويزن سان انهن کي پاڻ تي حرام کن ٿا ، اهو بلکل غلط ۽ گمراهي آهي،"
وَلٰكِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ" ۽ پر کافر الله تي کوڙا بهتان هڻن ٿا.
مقصد تہ اهي بريون رسمون سندن ئي من گهڙت آهن پر بهتان ناهيندي انهن جي نسبت
الله جل جلالہ ڏي کن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهو الله جو حکم آهي حالانک الله جل شانہ اهو
حکم ڏنوئي ناهي ان تہ اهي جانور پيدا ئي ان لاءِ کيا آهن تہ انسان اهي کائي،
انهن تي سواري کري ۽ انهن تي بار لڏي، "وَاَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ" ۽ انهن مان گهڻا بي
عقل آهن جو حقيقت ڏانهن وڃڻ جي بجاءِ پنهنجن گمراهن، مشرکن ۽ کافرن ابن ۽
ڏاڏن جي رسومات تي ضد کيو بيٺا آهن، "وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَا اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى
الرَّسُوْلِ قَالُوْا حَسْبُنَا مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا" ۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي تہ ان پيغام
ڏانهن جيکو الله جل جلالہ نازل کيو آهي ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن ڏانهن اچو ۽
تابعداري کيو تہ (جواب ۾) چون ٿا تہ اسان لاءِ اهو کافي آهي جنهن تي اسان
پنهنجن ابن ،ڏاڏن کي لڌو. " اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ شَيْئًا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ" کٽي انهن جا
بابا کا شيءِ نہ ڄاڻندا هجن ۽ نہ هدايت وارا ٿيا هجن تہ بہ انهن جي تابعداري کن ٿا ،
الله جل جلالہ ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلاة والسلام جي رستي تي نہ ٿا اچن، فائدو- هن مان ثابت ٿيو
تہ انهن ابن ۽ ڏاڏن جي پيروي کرڻ منع آهي جيکي جاهل ۽ گمراهہ هجن، هن ۾
مجتهدن، امامن ۽ کامل ولين جي پيرويءَ کان منع آيل ناهي، ڇو تہ انهن جو رستو

بعينه اهو آهي جيڪو الله جل جلاله ۽ سندس محبوب نبي عليه الصلواة والسلام جن جو آهي،سندن زندگيون الله جل جلاله ۽ رسول عليه الصلواة والسلام جن جي ڪامل اطاعت جي جيئري جاڳندي تصوير آهن. **مسئلو**- جانور جي زندگيءَ ۾ ڪنهن جو ان تي نالو رکڻ يا ڪنهن جي نالي سان منسوب ڪري سڏڻ ان کي حرام نه ٿو ڪري. ها کهڻ وقت الله جل جلاله جي نالي جي عوض ٻئي ڪنهن جو نالو وٺي کهڻ ان کي حرام ڪري ڇڏيندو. ڏسو مٿي ذڪر ڪيل جانور بتن جي نالي تي سڏيا ويندا هئا، پر الله جل جلاله انهن کي حرام سمجهڻ کان روڪيو، اصحابن سڳورن کي جنگين جي دوران اهي جانور هٿ ايندا هئا ته پاڻ انهن کي حرام نه سمجهندا هئا، انهن کي حلال سمجهي غازين ۾ ورهائيندا ۽ کائيندا هئا. ان جي ڪري بزرگن جي نالي ڪيل جانور به جڏهن الله جل جلاله جي نالي بسم الله الله اڪبر سان ڪٺو وڃي ٿو ته حرام ناهي حلال آهي، الله جل جلاله جي طرفان حلال ڪيل کي حرام سڏڻ مٿي ذڪر ڪيل ڪافرن جو طريقو آهي.

قرآن پاڪ سان گڏ نبوي سنت ۽ حديث جي ضرورت

مٿي ذڪر ڪيل قرآن پاڪ جي الفاظ "وَاِلَي الرَّسُوْلِ" مان ثابت ٿيو ته "مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ" قرآن پاڪ سان گڏ مسلمانن جي لاءِ رسول پاڪ صلى الله عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم جن ڏانهن متوجهه رهڻ ۽ سندن سنت ۽ حديث تي عمل ڪرڻ به ضروري آهي. هتي صرف الي القرآن نه آيو پر "مَا اَنْزَلَ اللّٰهُ" آيو جيڪو وڏي وسعت رکي ٿو. علماءِ امت جو تحقيق آهي ته وحي ٻه قسم آهي ١- هڪ متلوُّ، ظاهر، ٢- ٻيو غير متلوُّ، خفي،نبوي حديث وحي جو ٻيو قسم آهي ان جو انڪار به ڪفر آهي جيئن پرويزي وغيره ڪري رهيا آهن. مفسرن لکيو آهي ته حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن غير متلو، خفي، وحي ته سندن ولادت باسعادت کان ئي شروع ٿي چڪو هو ۽ اهو هميشه رهندو سيده حليمه جي کٻي پاسي کير نه پيئڻ، ننڍ پڻ ۾ راند وغيره کان نفرت ڪرڻ، حليمه سائڻ جي ٻڪرين کي چارڻ وقت ڪانئن عجيب ارشادات جو صادر ٿيڻ سڀ ان خفي وحي جون هدايتون هيون ۽ اهو به ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دروازي پاڪ کان منهن موڙيندڙن کي هدايت قطعًا حاصل نه ٿيندي هدايت ۽ حق تي هلڻ جو مرڪز ۽ منبع سندن بارگاهه بي ڪس پناهه آهي شال الله جل جلاله سندن محبت ۽ عشق سان سيني مسلمانن جي سينن کي آباد ۽ شاد رکي. آمين

يا الله العالمين.

يَآاَيُّهَاالَّذِيۡنَ آمَنُوۡا عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا

اي ايمان وارو! لازم ڪري وٺو پنهنجن جانين جي (فڪر) ڪي ۽ نه نقصان ڏي اوهان کي اهو جو گمراه ٿيو جڏهن

اهۡتَدَيۡتُمۡ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرۡجِعُكُمۡ جَمِيۡعًا فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ

هدايت وارا ٿيئو- الله ڏانهن آهي موٽڻ اوهان مڙني جو پوءِ خبر ڏيندو اوهان کي ان جي جيڪي

تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٠٥﴾ يَآاَيُّهَاالَّذِيۡنَ آمَنُوۡا شَهَادَةُ بَيۡنِكُمۡ اِذَا حَضَرَ

ڪندا هيئو اي ايمان وارؤ! شاهدي اوهان جي وچ ۾ جڏهن حاضر ٿئي

اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ حِيۡنَ الۡوَصِيَّةِ اثۡنٰنِ ذَوَا عَدۡلٍ مِّنۡكُمۡ اَوۡ

هڪڙي اوهان جي وٽ موت وقت وصيت ڪرڻ جي ٻن انصاف وارن جي آهي اوهان مان يا

آخَرَانِ مِنۡ غَيۡرِكُمۡ اِنۡ اَنۡتُمۡ ضَرَبۡتُمۡ فِى الۡاَرۡضِ فَاَصَابَتۡكُمۡ

ٻه ٻيا هجن غير اوهان جي مان جيڪڏهن اوهان سفر ڪيو زمين ۾ پوءِ پهتي اوهان کي

مُّصِيۡبَةُ الۡمَوۡتِ ؕ تَحۡبِسُوۡنَهُمَا مِنۡۢ بَعۡدِ الصَّلٰوةِ فَيُقۡسِمٰنِ

مصيبت موت جي روڪيو انهن ٻنهي کي نماز کان پوءِ قسم کڻن

بِاللّٰهِ اِنِ ارۡتَبۡتُمۡ لَا نَشۡتَرِيۡ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوۡ كَانَ ذَا قُرۡبٰى ۙ وَلَا

الله جو جيڪڏهن شڪ ڪيو ته نه وٺنداسون ان جي عوض ڪو ملهه، توڙي هجي مائٽيءَ وارو ۽ نه

نَكۡتُمُ شَهَادَةَ اللّٰهِ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الۡاٰثِمِيۡنَ ﴿١٠٦﴾

لڪائينداسون شاهدي الله واري بيشڪ اسين ان وقت البت گنهگارن مان آهيون

فَإِنْ عُثِرَ عَلَىٰٓ أَنَّهُمَا اسْتَحَقَّآ إِثْمًا فَاٰخَرَانِ يَقُوْمَانِ مَقَامَهُمَا

پوءِ جيڪڏهن خبر ڏني وڃي ان ڳالھ جي تہ تحقيق اهي ٻئي حقدار ٿيا گناھ جا تہ پوءِ ٻيا ٻہ انهن جي جاءِ تي

مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ فَيُقْسِمَانِ بِاللّٰهِ لَشَهَادَتُنَآ

انهن مان جو حقدار ٿيا انهن تي ٻہ ڀريان پوءِ قسم کڻندا الله جو تہ البتہ شاهدي اسان جي وڌيڪ

اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا اعْتَدَيْنَآ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٧﴾

حق آهي انهن ٻنهي جي شاهديءَ کان ۽ نہ تجاوز ڪيوسون پڪ اسين ان وقت ظالمن مان آهيون

ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِالشَّهَادَةِ عَلٰى وَجْهِهَآ اَوْ يَخَافُوْٓا

اهو وڌيڪ ويجهو آهي تہ ڏين شاهدي صحيح نموني سان يا ڊڄندا تہ جيڪڏهن

اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ۗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا ۗ وَاللّٰهُ لَا

رد ڪيا ويندا سندن قسم انهن جي قسمن کان پوءِ ۽ ڊڄو الله کان ۽ ٻڌو ۽ الله نہ ٿو

يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٨﴾ ع

هدايت ڪري قوم فاسق کي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافر پنهنجي ڪفر تي اهڙا مضبوط ۽ پڪا آهن جو انهن کي الله جل جلالہ ۽ رسول مقبول ﷺ جن ڏانهن اچڻ جي لاءِ چئجي ٿو تہ اصل تيار نہ آهن هتي مسلمانن کي خبردار ڪيو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن اهي پنهنجي ڪفر تي پڪا ۽ مضبوط آهن تہ اوهان پنهنجن نفسن کي سنڀاليو ۽ انهن کي دين تي مستحڪم رکڻ جي ڪوشش ڪيو. ارشاد آهي" يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ " يعني ايمان وارؤ! (اوهان ٻين جي اسلام قبول نہ ڪرڻ جو

غم نہ کيو؟ اوهان پنهنجن سرن جو فکر رکو، ائين نہ ٿئي جو اوهان جڏهن تہ هدايت وارا آهيو تہ اوهان کي گمراهہ ٿيڻ وارا نقصان ۾ نہ وجهن.

شان نزول: حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن عربن مان اهل ڪتاب کان جزيہ (جان بها) قبول فرمايو پر مشرڪن کان قبول نہ ڪيائون انهن کي فرمايائون تہ" يا اسلام قبول ڪيو يا تلوار" منافقن اهو سندن فرمان ٻڌي چيو تہ هي ڪهڙو نہ عجيب فيصلو آهي مشرڪ ۽ اهلِ ڪتاب سڀ ڪافر آهن تہ پوءِ هڪڙن کان جزيو قبول ڪيو ٿو وڃي ٻين کان نہ، ائين ڇو؟ مسلمانن کي ان اعتراض تي ڏک رسيو تڏهن الله جل جلاله اها آيت نازل ڪرڻ فرمائي (١) جنهن ۾ هدايت ڪئي وئي تہ پنهنجي پاڻ کي سنڀاليو ۽ گمراهيءَ کان بچو، ٻين جي فکر ۾ پاڻ کي وساري نہ ڇڏيو، الله جل جلاله مومنن کي ٽي نعمتون ڏنيون آهن ١- مال ٢- جان٣- ايمان جيئن مال ۽ جان جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ دشمن کان بچن ۽ وڏندا رهن تيئن ايمان جي بچاءَ، مضبوط ۽ مستحڪم ٿيڻ جي لاءِ بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ جنهن کي مٿيون ٽئي شيون نصيب ٿيون ان کي دنيا ۾ چين ۽ آخرت ۾ عذاب کان امن نصيب ٿيندو. "اِلَى اللّٰهِ مَرۡجِعُكُمۡ جَمِيۡعًا" الله ڏانهن اوهان سڀني کي موٽڻو آهي، "فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ" پوءِ جيڪي بہ اوهان دنيا ۾ ڪيو ٿي ان جي اوهان کي خبر ڏيندو، اوهان جون ڀلايون ۽ برايون سڀ ظاهر ٿينديون.

فائدو: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ هر مسلمان خاص ڪري دين جا مبلغ علماء سڳورا ٻين کي وعظ ۽ تبليغ ڪرڻ ۾ ايترو محو نہ ٿين جو پنهنجو پاڻ کي عبادت کان پري رکن ۽ نہ ايترو سست ٿين جو ڪنهن کي ڪو چڱو عمل ئي نہ چون "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا شَهَادَةُ بَيۡنِكُمۡ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ حِيۡنَ الۡوَصِيَّةِ اثۡنٰنِ ذَوَا عَدۡلٍ مِّنۡكُمۡ اَوۡ اٰخَرٰنِ مِنۡ غَيۡرِكُمۡ اِنۡ اَنۡتُمۡ ضَرَبۡتُمۡ فِى الۡاَرۡضِ فَاَصَابَتۡكُمۡ مُّصِيۡبَةُ الۡمَوۡتِ" يعني اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان مان هڪڙي وٽ وصيت ڪرڻ وقت موت جا آثار ۽ نشان ظاهر ٿين تہ ٻہ عادل شاهد اوهان مسلمانن مان يا اوهان جي غير (ڪافرن) مان بيماري وصيت ڪيو جيڪڏهن اوهان زمين ۾ سفر ڪري رهيا آهيو پوءِ اوهان وٽ موت اچي پهچي" تَحۡبِسُوۡنَهُمَا مِنۡۢ بَعۡدِ الصَّلٰوةِ فَيُقۡسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ ارۡتَبۡتُمۡ لَا نَشۡتَرِىۡ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوۡ كَانَ ذَا قُرۡبٰى‌ۙ وَلَا نَكۡتُمُ شَهَادَةَ اللّٰهِ اِنَّاۤ اِذًا لَّمِنَ الۡاٰثِمِيۡنَ" يعني جيڪڏهن اوهان کي انهن جي شاهديءَ ۾ شڪ آهي تہ انهن ٻنهي شاهدن کي نماز کان پوءِ روڪي بيهاريو پوءِ اهي الله جو قسم کڻندا" تہ نہ ان شاهديءَ جي عوض پئسا وٺنداسون ڀلي قرابت دار ڇو نہ هجي ۽ نہ الله جي (رضا) لاءِ پيش ڪندڙ شاهديءَ کي لڪائينداسون (جيڪڏهن اسان شاهديءَ بدلائڻ يا لڪائڻ لاءِ ڪجهہ ورتو يا قرابت جو لحاظ رکي غلط شاهدي ڏني تہ) يقيناً اسين ان وقت گنهگارن مان آهيون.

(١) نعيمي ص١٢٧ ج٧

"فَاِنْ عُثِرَ عَلٰٓي اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّآ اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ" يعني جيڪڏهن انهن شاهدن جي شاهدي ڏيڻ کان پوءِ اطلاع مليو تہ اهي بئي (غلط شاهدي ڏئي) گناهہ جا حقدار ٿيا آهن "فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ" تہ پوءِ بہ بيا انهن جي جاءِ تي انهن مان جن تي پهريان بہ گناهہ جا حقدار ٿيا آهن قسم کڻي شاهدي ڏيندا تہ "لَشَهَادَتُنَآ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا اعْتَدَيْنَآ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ" اسان جي شاهدي انهن ٻنهي جي شاهديءَ کان قبول ڪرڻ جي لحاظ سان وڌيڪ حقدار آهي ۽ اسان حد کان تجاوز نہ ڪيو آهي (جيڪڏهن حد کان تجاوز ڪيو تہ) يقيناً اسين ان وقت ظالمن مان هونداسين "ذٰلِكَ اَدْنٰٓي اَنْ يَّاْتُوْا بِالشَّهَادَةِ عَلٰي وَجْهِهَآ اَوْ يَخَافُوْٓا اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ" اهو حڪم ان ڳالهہ کي وڌيڪ ويجهو آهي جو اهي شاهدي صحيح نموني ڏين يا ڊپ رکن تہ سندن قسمن کان پوءِ قسم رد ڪيا ويندا" ان جي ڪري سوچي سمجهي صحيح شاهدي ڏيندا "وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا" ۽ الله کان ڊڄو ۽ ان جي فرمان کي (دل سان) ٻڌو "وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ" ۽ الله فاسق قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي، جو هدايتن جي روشن هجڻ جي باوجود حق کي تسليم نہ ٿا ڪن ۽ جيڪڏهن ان ئي حال ۾ مري ويا تہ جهنم جا حقدار ٿيندا.

فائدو: هن مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن شاهدن جو ڪوڙ نشانين سان ثابت ٿئي تہ انهن جي ڏنل شاهدي رد ٿي سگهي ٿي ائين ناهي تہ هر شاهد جي هر ڪا شاهدي ضرور قبول ڪئي وڃي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ طي ٿيل فيصلي جي خلاف اپيل ڪري سگهجي ٿي هيءَ آيت مقدمات جي اپيل جو اصل ۽ دليل آهي.

يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ۭ قَالُوْا لَا عِلْمَ

ان ڏينهن جو ڳڻ ڪندو الله رسولن کي پوءِ فرمائيندو تہ ڪهڙو جواب ڏنا ويئو ۽ چوندا تہ ناهي ڪو علم

لَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١٠٩﴾ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ

اسان کي بيشڪ تون ئي ڄاڻندڙ آهين ڳجهن کي جڏهن چوندو الله تہ اي عيسىٰ پٽ

مَرْيَمَ اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَعَلٰي وَالِدَتِكَ ۘ اِذْ اَيَّدْتُّكَ

مريم جا! ياد ڪر منهنجي نعمت توتي ۽ تنهن جي ماءُ تي جڏهن تائيد ڪيم تنهن جي

بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۣ تُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا ۚ وَاِذْ عَلَّمْتُكَ

روح پاڪ سان ڳالهائيئي ٿي ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ ڪرڙوڻ عمر ۾ ۽ جڏهن پڙهايم توکي

الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۚ وَاِذْ تَخْلُقُ مِنَ

ڪتاب ۽ حڪمت ۽ توراة ۽ انجيل ۽ جڏهن ٺاهيندو هئين،

وقف لازم

الطِّيْنِ كَهَيْئَةِ الطَّيْرِ بِاِذْنِيْ فَتَنْفُخُ فِيْهَا فَتَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِيْ

مٽيءَ مان مثل صورت پکيءَ جي منهن جي موکل سان پوءِ ڦوڪ ڏيندو هئين ان ۾ پوءِ ٿيندو هو پکي اذن منهنجي

وَتُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ بِاِذْنِيْ وَاِذْ تُخْرِجُ الْمَوْتٰى بِاِذْنِيْ

سان ۽ چڱو ڀلو ڪندو هئين ڄائي ڄمر واري انڌي کي ۽ ڪوڙهه واري کي اذن منهنجي سان ۽ جڏهن ڪڍندو هئين

وَاِذْ كَفَفْتُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَنْكَ اِذْ جِئْتَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالَ

مئلن کي (قبرن مان) اذن منهنجي سان ۽ جڏهن روڪيو مون بني اسرائيل کي توکان جڏهن آئين انهن وٽ چٽن دليلن سان پوءِ چيو

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٠﴾

انهن جو ڪافر ٿيا انهن مان تہ ناهي هيءُ مگر جادو چٽو.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ڪوڙيءَ شاهديءَ جو رد هجڻ ۽ ان جي مٽان ٻين شاهدن کي پيش ڪرڻ جو بيان ڪري دنيا ۾ ڪوڙن تي دنياوي وبال ۽ خواريءَ جو ذڪر ڪيو ويو هاڻي انهن ڪان قيامت ۾ نبين عليهم الصلواة والسلام جي بيزار هجڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد آهي" يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ؟ قَالُوْا لَا عِلْمَ لَنَا اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ" يعني ان (قيامت جي) ڏينهن الله تعالىٰ رسولن عليهم الصلواة والسلام کي گڏ ڪري (سندن بي فرمان امتن جي روبرو) ڪانئن پڇندو تہ اوهان جڏهن دنيا ۾ اسان جي فرمانن ۽ احڪامن جي تبليغ ڪئي هئي تہ پوءِ اوهان کهڙو جواب ڏنا ويا هيئو؟ عرض ڪندا تہ (تو مالڪ جي علم محيط جي اڳيان) اسان کي ڪو بہ علم ناهي تون ئي غيبن جو ڄاڻندڙ آهين، توکي سڀ خبر آهي تہ انهن اسان کي کهڙو جواب ڏنو هو، هي بي دين ۽ بي فرمان تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر آهن توکي انهن جي ڪفر ۽ بد مذهبيءَ جي حالات معلوم آهي جنهن سزا جا هي لائق آهن، اها ڪين ڏي.

سوال: جڏهن نبين عليهم الصلواة والسلام دين جي دعوت ڏني تہ ڪن ماڻهن اها قبول ڪري ايمان آندو تہ ڪي انڪار ڪري ڪافر بڻيا ۽ سندن مخالفت ۾ ڪوشان

رهيا ۽ اهي سيئي حالتون انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام پنهنجين اکين سان مشاهدو فرمايون هيون تہ پوءِ انهن جي ان جواب جو ڪهڙو مطلب ۽ مراد آهي تہ اسان کي ڪو علم ناهي سڀ ڪجهہ تون ڄاڻندڙ آهين.

جواب: ان جواب جي صحيح مفهوم ۽ مراد اها آهي جيڪا ابن جرير حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان آندي آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام اهو جواب پنهنجي علم کي الله جل جلالہ جي ڪامل ۽ محيط علم جي اڳيان ڪجهہ بہ نہ سمجهي ڏيندا، نہ تہ الله تعالیٰ قرآن پاڪ ۾ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ نبي سڀ‍ورا عليهم الصلواة والسلام پنهنجن امتن کي دين جي دعوت ۽ تبليغ جي شاهدي ڏيندا (١)

فائدو: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن کان ڪا ڳالهہ پڇڻ پڇندڙ جي بي علم ۽ بي خبر هجڻ جو دليل ناهي. ڏسو الله جل جلالہ کي سڀ علم آهي تہ نبين عليهم الصلواة والسلام دين جي دعوت ڏني هئي ۽ انهن کي جواب ڪهڙا مليا هئا ان هوندي بہ قيامت ۾ نبين سڳورن کان پڇندو تہ اوهان کي ڪهڙا جواب مليا هئا؟ ان مان اهي شخص عبرت وٺن، جيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي علم تي طعنو هڻندي چوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪين خبر هئي تہ عائشہ صديقہ رضي الله عنها تي تهمت اجائي آهي تہ پاڻ ماڻهن کان نہ پڇن ها، پاڻ ئي فرمائن ها تہ واقعو هيئن آهي "اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَعَلٰى وَالِدَتِكَ" جڏهن الله حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام کي فرمائيندو تہ منهنجي نعمت يا دڪر جيڪا توتي ۽ تنهنجي ماءُ تي ڪئي هيم، هتي الله جل جلالہ حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي والده سيده مريم صديقہ تي ڪيل احسان بيان فرمائي رهيو آهي، حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام کي ماءُ ڏي نسبت ڪري اي مريم جا پٽ! سڏيو ويو آهي تانت عيسائين جي ان عقيدي جي پاڙ پٽجي وڃي جيڪو اهي حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام جن لاءِ رکندا هئا تہ اهو الله جل جلالہ جو معاذالله پٽ آهي، ان جي والده تي الله جل شانہ جا احسان هي آهن جو ننڍپڻ ۾ ئي ڪيس حضرت زڪريا عليه الصلواة والسلام جي نگرانيءَ ۽ تربيت جي نعمتن سان سر فراز فرمايائين ۽ عبادت جي لاءِ وقف رهي ۽ پنهنجي ڪاملہ قدرت سان ان کي حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام جهڙو نامور پٽ عطا ڪيائين ۽ ان کان سواءِ بہ ٻين ڪيترين نعمتن سان ڪيس نوازيائين" اِذْ اَيَّدْتُّكَ بِرُوْحِ الْقُدُسِ " جڏهن تنهن جي روح القدس سان تائيد ڪيم، هتان کان حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام تي ڪيل نعمتن جو ذڪر تي رهيو آهي روح القدس مان مراد جبريل عليه السلام آهي جيڪو حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام سان گهڻو ڪري گڏ هوندو هو (٢) يا اهو سندن مؤثر ڪلام جنهن سان دين زنده ٿيو ۽ زمين جي ميراڻ ۽ نگاهن کان پاڪ ٿيڻ جو سبب بڻيو يا روح القدس

(١) تفسير ابن جرير ص٨٢ ج٧ (٢) تنويرالايمان ص٢٢ پ٧

مان مراد اهو روح آهي جنهن سان پاڪ نفسن کي ابدي حياتي ملي يا روح القدس مان مراد سندن روح مبارڪ هيو جنهن کي الله جل شانه مقدس،مشرف، نورانيه، علويه ۽پاڪ ڪري وجود ۾ آندو (١) "تُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا" ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ پڪيءَ عمر (ڪرڙ وڏائيءَ) ۾ ڳالهائين پيو. ڪهل ۽ ڪهولت چاليهن سالن جي مدت کان پوءِ واريءَ عمر لاءِ استعمال ٿيندو آهي ان عمر ۾ بيا ماڻهو بہ ڳالهائيندا آهن، پر پاڻ آسمان تان واپس لهي اچي ان عمر ۾ ڳالهائيندا ان جي ڪري ان جو خصوصي طرح ذڪر ڪيو ويو آهي.

" وَإِذْ عَلَّمْتُكَ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرَاةَ وَالْإِنْجِيلَ" يعني اي عيسىٰ (عليک الصلواة والسلام) منهنجي هيءَ نعمت بہ ياد ڪر جو توکي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ توراة ۽ انجيل سيکاريم."علمت"(مون سيکاريو) مان ثابت ٿيو تہ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کي اها تعليم سڌي مالڪ مٺي کان ملي هئي نہ اهي علوم ڪيس ڪنهن انسان سيکاريا هئا نہ ڪنهن ملائڪ سڳوري ۽ ظاهر آهي تہ مخلوق جي پڙهايل جو علم ناقص ۽ خالق جي پڙهايل جو علم ڪامل هوندو آهي ان جي ڪري حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جو علم بہ ڪامل هو" الْكِتَابَ" مان مراد يا تہ علم لکڻ آهي(٢) جو پاڻ ڪنهن وٽان سکڻ کان سواءِ ئي بهترين اکر لکندا هئا يا "الْكِتَابَ" مان مراد مطلقًا آسماني ڪتاب آهن جنهن ۾ صحيفا، زبور، توراة ۽ انجيل بہ داخل آهن ۽ پويان انهن جو بيو پيرو ذڪرعطف تفسيري آهي (٣)" وَالْحِكْمَةَ" (۽ مون توکي حڪمت جي تعليم ڏني) ان مان مراد مضبوط ۽ محڪم ڪلام آهي (٤) يا انهن ڪتابن جو فهم ۽ علوم جي اسرار تي اطلاع (٥) حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جڏهن زمين تي ايندا تہ اهي هر نعمت سان نوازيل ۽ قرآن پاڪ ۽ نبوي حديث جي بہ ڄاڻ رکندڙ هوندا، دنيا۾ نہ ڪنهن وٽ قرآن پاڪ۽حديث پڙهندا نہ ڪنهن کان سکندا، ڄاڻڻ گهرجي تہ اهي نعمتون حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن کي سڌيون رب العزة جل شانہ کان عطا ٿيون ۽ سندس والده کي نعمتون سندس ذريعي ۽ واسطي سان مليون ڪڏهن ماءُ جي عظمت سان اولاد کي عظمت ملندي آهي تہ ڪڏهن اولاد جي عظمت سان ماءُ کي عظمت ملندي آهي جيئن حضور عليه الصلواة والسلام

(١) روح المعاني ص٥٧ جزء ٧
(٢) روح المعاني ص٥٧ جزء ٧
(٣) نعيمي ص١٦١جلد ٧
(٤) روح المعاني ص٥٧ جزء ٧
(٥) جمل ص٥٤٢ ج١

جن جي ذريعي سندن والدين سيده آمنه ۽ سيدنا عبدالله رضي الله عنهما کي اها عظمت ملي جيڪا اسان جي عقل ۽ فهم کان گهڻو مٿي آهي.

"وَاِذْ تَخْلُقُ مِنَ الطِّيْنِ كَهَيْئَةِ الطَّيْرِ بِاِذْنِيْ فَتَنْفُخُ فِيْهَا فَتَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِيْ" يعني (منهنجي اها نعمت به ياد ڪر) جڏهن ناهين پيو منهنجي اذن سان مٽيءَ مان پکيءَ جي صورة جهڙو پوءِ ان ۾ ڦوڪ پيو ڏين ته اهو منهنجي اذن سان پکي ٿيو وڃي، هي سندن معجزو هو، چاڻڻ گهرجي ته انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جا معجزا ٽي (٣) قسم آهن.

١- هڪڙا معجزا لازمه- جيئن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جن جو حسن ۽ حضرت داؤد عليه الصلواة والسلام جن جو مٺو آواز جيڪو ساڻن سان هميشه گڏ ۽ لازم رهيو. ٢- ٻيا معجزات اختياريه- جيئن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي لٺ مبارڪ ۽ سندن يد بيضاءُ (چمڪندڙ هٿ) جڏهن به گهرندا هيا ته ان لٺ سان معجزا اظهار فرمائيندا هئا ۽ جڏهن به گهرندا هئا ته بغل مبارڪ جي هيٺان هٿ مبارڪ آڻي ٻاهر ڪڍندا هئا ته سج وانگر چمڪندو هو ٣- ٽيان غير اختياريه- جيئن الله جل شانه جي ڪتاب قرآن پاڪ جي آيتن جو نزول، حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي هٿان پکيءَ جو جسم ٺاهي ان کي ڦوڪ ڏئي اڏامندڙ بنائڻ وارو معجزو اهو ٻئي قسم جو معجزو هو. "وَتُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ بِاِذْنِيْ" ۽ منهنجي اذن سان ماءُ جي پيٽان انڌي ڄاول ۽ ڪوڙهه جي مرض ۾ ڦاٿل کي تندرست پيو ڪرين،اهي ٻئي تڪليفون عام طبيبن جي هٿان ختم نه ٿينديون الله جل جلاله جي عطا سان حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي هٿان اهي نه وڃڻ واريون تڪليفون به هليون ويندڙيون هيون.

"وَاِذْ تُخْرِجُ الْمَوْتٰى بِاِذْنِيْ" ۽ منهنجي اها نعمت به ياد ڪر جڏهن منهنجي اذن سان مئلن کي سندن قبرن مان جيئرو ڪري ڪڍين پيو، سون سالن کان قبرن ۾ دفن ٿيلن کي جن جا گوشت، کلون هڏا به الاءِ ڪهڙي حال ۾ هوندا هئا حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن دعائون گهري ڪين جيئرو ڪري الله جي اذن سان ٻاهر ڪڍندا هئا، هيءُ مٿن الله جل جلاله جي وڏي نعمت هئي پاڻ ان معجزي جي ذريعي مئلن کي قبرن مان ڪڍي ته سگهيا ٿي پر پاڻ ڌرتيءَ تي موجود رهڻ جي دوران ڪل چار يا پنج مئل جيئرا ڪيا هيائون (١) "وَاِذْ كَفَفْتُ بَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ عَنْكَ" ۽

(١)نعيمي ص١٦٩ جلد٧

(منهنجي اها نعمت بہ ياد ڪريو) جڏهن مون بني اسرائيل کي اوهان کان روڪيو. هنن لفظن ۾ هڪ خاص واقعي ڏانهن اشارو آهي؛ جو بني-اسرائيلين يهودين ڪجهہ عيسائين جي مدد سان ڪين ڦاسي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر الله جل شانہ ڪين صحيح سلامت آسمانن تي ڪڻائي ورتو ۽ اهي پنهنجي ان بري ارادي ۾ ناڪام رهيا "اِذْ جِئْتَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ" جڏهن اوهان انهن وٽ چٽن ۽ روشن دليلن سان آيا هيئو يعني جڏهن اوهان انهن وٽ روشن دليل آندا تہ انهن تسليم ڪرڻ جي بجاءِ اوهان کي ڦاسي ڏيڻ جو ارادو ڪيو پر الله جل شانہ اوهان کي بچايو "فَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ اِنْ هٰذَا اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ" پوءِ جن انهن مان ڪفر ڪيو هو انهن چيو تہ هيءُ تہ صرف چٽو جادو آهي، حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي دور ۾ طب جو زور هو. مشهور حڪيم جالينوس بہ ان دور جو هو ۽ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن انهن طبيبن کي مقابلي جي لاءِ سڏيو پر ڪنهن بہ مقابلو نہ ڪيو سندس هٿان ڪوڙهہ جامريض ۽ ماءُ جي پيٽان انڌا ڄاول صحت ياب ٿيا، مئل جيئرا ٿيا تڏهن چوڻ لڳا هئا تہ هيءُ تہ ڪلم ڪلا جادو آهي.

فائدو: "وَاِذْ عَلَّمْتُكَ الْكِتَابَ" مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ پنهنجن پيارن پيغمبر عليهم الصلاة والسلام کي پاڻ سڌو سنئون ڪنهن جي واسطي کان سواءِ علم عطا ڪندو آهي ۽ "فَتَنْفُخُ فِيْهَا" (پوءِ ان ۾ ڦوڪ ٿي ڏنيئي) مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ جي پيارن پانهن جي ڦوڪ ۾ وڏو فيض ۽ فائدو آهي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله جا ٻانها الله جل شانہ جي اذن سان مشڪل ٽاريندڙ، بلائون دفع ڪندڙ، ۽ حاجتون پوريون ڪندڙ هوندا آهن ماءُ جي پيٽان انڌو ڄمڻ، ڪوڙهہ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ ڪا هلڪي مشڪل ناهي پر سيدنا عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن انهن مرضن ۾ مبتلا ٿيلن کي خدا جي اذن، فضل ۽ ڪرم سان شفا ڏني ۽ انهن تان اهي مشڪل ۽ بلائون ٽاريون ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله جل شانہ جي ٻانهن جو تصرف الله جل شانہ جي اذن سان عالم اجسام سان گڏ عالم ارواح تي بہ هوندو آهي، سيدنا عيسىٰ عليه الصلوة والسلام جن جڏهن الله جل مجده جي اذن سان ڪنهن بہ مئل کي جيئرو ٿي ڪيو تہ ان جي جسم جي مٽي هڪدم گڏ ٿي جسم جي شڪل اختيار ٿي ڪئي پر سندن عالمِ ارواح ۾ تصرف جي ڪري ان جو نڪتل روح موٽي ان جسم ۾ ٿي آيو ۽ اهو جسم جيئرو ٿي ٿيو، حضرت سليمان عليه الصلواة والسلام جي حڪم سان هوا هلندي هئي ۽ بيبي مريم جي هٿ وجهڻ لوڏڻ سان ڪجيءَ جي ٽڙ مان ڪجور ڪري. جڏهن انهن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ولين جو اهو حال آهي حضور عليه الصلاة والسلام جو مقام ڇا هوندو؟

وَاِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ وَبِرَسُوْلِيْ ۚ قَالُوْٓا

۽ جڏهن دل ۾ وڌو مون حوارين جي تہ ايمان آڻيو مون تي ۽ منهن جي رسول تي چيائون تہ

اٰمَنَّا وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ ﴿١١١﴾ اِذْ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ

ايمان آندوسون ۽ شاهد رهہ تہ بيشڪ اسان مسلمان آهيون جڏهن چيو حوارين تہ

يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ يُّنَزِّلَ عَلَيْنَا مَآئِدَةً

اي عيسىٰ پٽ مريم جا؟ ڪري تو سگهي رب تنهن جو هيءَ ڳالهہ جو لاهي اسان تي خونچو

مِّنَ السَّمَآءِ ۗ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ قَالُوْا نُرِيْدُ

آسمان کان؟ فرمايائين تہ ڊڄو الله کان جيڪڏهن آهيو ايمان وارا چيائون تہ ارادو ٿا ڪيون

اَنْ نَّاْكُلَ مِنْهَا وَتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُنَا وَنَعْلَمَ اَنْ قَدْ صَدَقْتَنَا

تہ کائون ان مان ۽ پڪ ڪن دليون اسان جون ۽ ڄاڻون تہ تحقيق سچ چيو هوتو اسان کي

وَنَكُوْنَ عَلَيْهَا مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ

۽ هجون ان تي شاهدي ڏيندڙ. چيو عيسىٰ پٽ مريم جي اي الله! اي اسان جا رب! لاهہ

عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً

اسان تي دستر خوان آسمان کان جو ٿئي اسان جي لاءِ عيد اسان جي پهرين لاءِ ۽ اسان جي پوين جي لاءِ ۽ نشاني

مِّنْكَ ۚ وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مُنَزِّلُهَا

تو وٽان ۽ روزي ڏي اسان کي ۽ تون ڀلو آهين روزي ڏيندڙن ۾ فرمايو الله بيشڪ مان لاهيندڙ آهيان ان جو

عَلَيْكُمْ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّيْٓ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ

اوهان تي پوءِ جيڪو بي فرماني ڪندو ان کانپوءِ اوهان مان پوءِ يقيناً مان عذاب ڪندس ان کي اهڙو عذاب جو نہ عذاب ڪندس اهڙو

اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾

ڪنهن هڪ کي جهانن مان

ع ١٥ / ٧ / ٥

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي روح القدس سان تائيد ۾ سندس زمين سان واسطو رکندڙ معجزن جو ذکر هوءِ هتي سندس حوارين سان تائيد ۽ آسمان کان دستر خوان لهڻ واري معجزي جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي" وَاِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ " ۽ ياد فرماءِ، جڏهن مون حوارين ڏانهن وحي ڪيو هتي وحي جي معنىٰ آهي دل ۾ خيال وجهڻ (١) حوارين حواري جو جمع آهي معنىٰ، سفيد ۽ چمڪندڙ رنگ وارو، ظاهر ۽ باطن ۾ مخلص دوست کي حواري سڏيو ويندو آهي، خصوصًا نبين عليهم الصلواة والسلام جي پسند ڪيلن جان نثارن ۽ اطاعت ڪندڙن کي حواري سڏيو ويندو آهي (٢)

" اَنْ آمِنُوْا بِيْ وَبِرَسُوْلِيْ " تہ مون تي ۽ منهنجي رسول تي ايمان آڻيو، ڇو تہ ايمان کان سواءِ ڪو بہ عمل قبول ناهي. انهن ان القاءِ ۽ الهام جي جواب ۾ عرض ڪيو "قَالُوْا آمَنَّا وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ" چيائون تہ اسان ايمان آندو ۽ شاهد رهہ تہ يقينًا اسين مسلمان آهيون. اهو شاهد رهڻ وارو عرض انهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن کي ڪيو هو.

اسلام سيني نبين جو دين آهي

"مُسْلِمُوْنَ" جي لفظ مان ثابت ٿيو تہ سيني نبين عليهم الصلواة والسلام جو دين جنهن ڏانهن اهي دعوت ڏيڻ لاءِ آيا اسلام هو هي ڪو نئون دين ناهي جنهن ڏانهن سڏيو ٿو وڃي پر ان جي هڪ ڪامل، مضبوط ۽ سهڻي صورت آهي.

آسمان کان دستر خوان لاتھی جي درخواست

متي حوارين جي ايمان آڻڻ ۽ مسلمان ٿيڻ تي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن کي شاهد بنائڻ کان پوءِ انهن جي هڪ درخواست دل خواستہ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي" اِذْ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ يُّنَزِّلَ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ " يعني جڏهن حوارين حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو تہ اي عيسىٰ بن مريم! ڇا تنهنجو رب ائين ڪري سگهي ٿو؟ (المقصد تہ قادر تہ آهي پر ڪندو يا نہ؟) جو اسان جي مٿان آسمان کان ڪاڏي جو دستر خوان نازل فرمائي. حواري سڀورا مسلمان ٿي چڪا هئا ان جي ڪري انهن کي ان ۾ ڪو شڪ تہ نہ هو تہ دستر خوان نازل ڪرڻ تي الله جل جلاله طاقت رکي ٿو يا نہ اهي صرف اهو پڇي رهيا هئا تہ ڇا الله جل شانہ جي ارادي ۽ حڪمت جي مطابق اها

(١) القرطبي ص٣٦٣ جلد ٦ (٢) ضياءُ القرآن ص٥٢٢ ج١

ڳالهہ آهي؟ جو اسان تي دستر خوان لاهي، ۽ اوهان جي دعا تي ائين ڪندو يا نہ؟ ۽ آسمان کان لاهڻ مان مراد آهي تہ اهو ڪاڏو محنت ڪان سواءِ ملي. اهو ضروري ناهي تہ اهو بهشت مان هجي (١) "قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ" يعني حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام انهن کي جواب ۾ فرمايو تہ: جيڪڏهن مومن آهيو تہ الله کان ڊڄو، ايمان وارن ۽ انهن کي مناسب ۽ لائق نہ آهي تہ اهڙا غير معمولي مطالبا ڪري الله جل جلالہ کي آزمائن اهو پلي ڪيترو بہ مهربان هجي پر ٻانهو پاڻ کي وري بہ ٻانهو تصور ڪري عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪري ۽ پنهنجي لاءِ روزي انهن ئي ذريعن سان طلب ڪري جيڪي الله جل شانہ روزي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيا آهن ها جيڪڏهن ٻانهو متقي ٿي ان تي ايمان ۽ اعتماد رکندو تہ مالڪ مٿو ان کي اتاهين روزي عطا ڪندو جتان ڪيس خواب خيال بہ نہ هوندو جيئن سندس فرمان آهي" وَمَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا وَّيَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ" (٢) ۽ جيڪو ڊڄندو الله کان تہ ڪندو ان جي لاءِ نڪرڻ جو رستو ۽ روزي ڏيندو ان کي اتاهين جو خيال ۾ بہ نہ ڪندو هوندو. حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن انهن کي ان جي ڪري بہ فرمايو "الله کان ڊڄو" تہ متان اهو مهرباني ڪري اوهان کي اوهان جون گهربل شيون عطا ڪري پر اوهان بي شڪري ۽ بي قدري ڪري سزا جا مستحق بڻجو" قَالُوۡا نُرِيۡدُ اَنۡ نَّاۡكُلَ مِنۡهَا وَتَطۡمَئِنَّ قُلُوۡبُنَا وَنَعۡلَمَ اَنۡ قَدۡ صَدَقۡتَنَا وَنَكُوۡنَ عَلَيۡهَا مِنَ الشّٰهِدِيۡنَ" انهن عرض ڪيو تہ اسان جا ان مطالبي مان چار غرض آهن ١- تہ ان مان کائون ٢- ٻيو تہ ان معجزي جي مشاهدي ڪرڻ کان پوءِ اسان جون دليون وڌيڪ مطمئن ٿينديون ٣- ٽيون تہ اسان جو علم پڪو ٿيندو تہ اوهان اسان کي جو ڪجهہ چيو آهي سو سچ آهي ۴- چوٿون تہ اسين ان تي شاهد بڻجنداسون ۽ ٻين کي بہ ٻڌائينداسون تہ هدايت جو ڏڳ هي آهي المقصد تہ اهي مطالبا الله جل جلالہ کي آزمائڻ جي لاءِ ناهن پر ان اميد تي آهن تہ بنا محنت جي روزي ملڻ جي ڪري دلجمعي ۽ اطمينان سان الله جل شانہ جي عبادت ۾ مشغول رهنداسون ۽ قدرتي ڪرم سان مليل دستر خوان کي ڏسي جن جنتي نعمتن جو اوهان ذڪر فرمايو ٿا انهن جو بہ ڪامل يقين ٿيندو ۽ علم اليقين مان عين اليقين جو مرتبو ماڻينداسون حوارين جي انهن عرض ڪرڻ تي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن انهن کي ٽيهن روزن رکڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايو تہ جڏهن اوهان انهن روزن رکڻ کان فارغ ٿيندؤ تہ پوءِ جيڪا بہ دعا گهرندؤ سا قبول ٿيندي انهن روزا رکي دستر خوان لهڻ جي دعا گهري، ان وقت حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام غسل فرمائي، ٿلهو لباس پڪي، ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪري، مٿو مبارڪ جهڪائي اکين ۾ ايندڙ دعا گهري (٣) علامہ محمد بن احمد انصاري القرطبي عليه الرحمہ لکيو آهي تہ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة

(١) حاشيہ عثماني ص١٦٧ مطبوعہ سعودي عربيہ
(٢) سورة الطلاق آيت ٢-٣ (٣) خزائن العرفان مترجم ص١٥۴

والسلام جن جڏهن ڪيڏانهن نڪري هلندا هئا تہ پنجن (٥) هزارن جي لڳ ڀڳ ماڻهو ساڻن سفر ۾ گڏ نڪرندا هئا ڪي سندن صحبت لاءِ تہ ڪي بيمارين کان شفايابيءَ لاءِ دعائون گهرائڻ لاءِ، ڪي اکين کان انڌا، ڪي ٽنگن کان منڊا هوندا هئا، ڪي وري منظر ڏسڻ ۽ مسخري ڪرڻ لاءِ گڏجي پوندا هئا پوءِ هڪ ڏينهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة واسلام جن ۽ سندن ساٿ ۾ هلڻ وارا هڪ خالي ميدان ۾ پهتا، ڪاڏو نہ هجڻ جي ڪري بک ۾ پريشان ٿيا تڏهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کي مٿيون عرض ڪيو هيائون (١) ۽ پاڻ دعا جا هي الفاظ استعمال فرمايائون جن کي بيان ڪندي الله جل جلاله فرمايو "قَالَ عِيسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللَّهُمَّ رَبَّنَا أَنزِلْ عَلَيْنَا مَائِدَةً مِّنَ السَّمَاءِ" يعني عيسىٰ بن مريم عليه الصلواة والسلام دعا گهري تہ اي الله! اسان تي آسمان کان دسترخوان نازل فرماءِ، "تَكُونُ لَنَا عِيدًا لِّأَوَّلِنَا وَآخِرِنَا وَآيَةً مِّنكَ" تہ هجي اسان جي لاءِ عيد اسان جي پهرين لاءِ ۽ اسان جي پوئين لاءِ ۽ تنهنجي طرفان نشاني، مقصد تہ اهو دسترخوان جو ملڻ نعمت ۽ جنهن ڏينهن ملندو اهو ڏينهن نہ صرف اسان جي لاءِ عيد هوندو پر اسان جن پهرين ۽ پوئين جي لاءِ بہ عيد هوندو. ۽ تنهنجي قدرت ۽ منهنجيءَ نبوت ۽ رسالت جي نشاني هوندو "وَارْزُقْنَا وَأَنتَ خَيْرُ الرَّازِقِينَ" ۽ اسان کي روزي ڏي ۽ تون ئي روزي ڏيندڙن ۾ سيني کان ڀلو روزي ڏيندڙ آهين، جيڪڏهن محنت ۽ تڪليف کان سواءِ روزي ڏيندين تہ نہ تولاءِ مشڪل آهي نہ تو وٽ ڪا کوٽ آهي.

دستر خوان جي نزول جو واقعو

ان ڳالهہ ۾ علماءِ تفسير جو اختلاف آهي تہ دستر خوان لٿو هو يا نہ، ڪي چون ٿا تہ نہ ان جي ڪري جو دستر خوان لهڻ جي جڏهن حوارين خواهش ڏيکاري ۽ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن ڪين فرمايو تہ "الله کان ڊڄو جيڪڏهن ايمان وارا آهيو" تہ انهن ڪيس عرض ڪيو تہ اسان اهڙي خواهش کان توبہ ڪئي وري نہ ڪنداسون پوءِ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن انهيءَ دعا گهرڻ کان پوءِ دلي طرح توبہ تائب ٿيا تہ دسترخوان نہ لٿو ۽ اهو صرف مثال طور بيان ڪيو ويو آهي ٢- ٻيو تہ جيڪڏهن دسترخوان لهي ها تہ اهڙي اهم واقعي جو بيان نصارن وٽ لکت ۾ ضرور هجي ها ۽ جڏهن انهن وٽ آهي ئي ڪو نہ- تڏهن دسترخوان لٿو ئي ناهي. مگر جمهور مفسرن جو قول آهي تہ دستر خوان لٿو آهي، ڇو تہ الله جل جلالہ جي پياري

(١) القرطبي ص٣٦٦ جلد٦

نبي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي دعا جي جواب ۾ الله جل جلاله فرمايو "إِنِّي مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ" مان اوهان تي اهو دستر خوان لاهيندڙ آهيان، ۽ الله جو وعدو ۽ وعيد حق ۽ سچ آهي. علامه جمال الدين شامي لکيو آهي ته وهذا القول والله اعلم، هو الصواب كما دلت عليه الاخبار والآثار عن السلف وغيرهم (١) يعني هي قول صحيح آهي جيئن حديثن ۽ اثرن ۾ سلف کان روايتون آيون آهن، ترمذي، ابن جرير، ابن ابي حاتم، كتاب الاضداد ۾ ابن الانباري، ابو الشيخ ۽ ابن مردويه حضرت عمار بن ياسر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "أُنْزِلَتِ الْمَائِدَةُ مِنَ السَّمَآءِ خُبْزًا وَّلَحْمًا وَأُمِرُوْا اَنْ لَّا يَخُوْنُوْا وَلَا يَدَّخِرُوْا لِغَدٍ فَخَانُوْا وَادَّخَرُوْا وَرَفَعُوْا الْغَدِ فَمُسِخُوْا قِرَدَةً وَّخَنَازِيْرَ (٢) يعني آسمان کان دستر خوان لاٿو ويو ان ۾ ماني گوشت هو ۽ نصارن کي امر ڪيو ويو هو ته نه ان ۾ خيانت ڪن ۽ نه ٻئي ڏينهن لاءِ گڏ ڪري رکن پر انهن خيانت به ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ به ڪٽي رکيائون پوءِ باندر ۽ مرون بنايا ويا. ۽ حضرت سلمان فارسي، حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ۽ ڪيترن ٻين ڀلارن کان روايت آهي ته حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي نهايت زاريءَ، تضرع، عاجزيءَ ۽ روئڻ جي حالت ۾ دعا جي ڪري ڳاڙهو دستر خوان ٻن ڪڪرن جي وچ ۾ لهڻ لڳو ۽ سڀئي ماڻهو ان کي ڏسي رهيا هئا اهو آهستي آهستي اچي انهن حوارين جي اڳيان لٿو ۽ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام ان فڪر کان ته متان بي شڪري ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿين زارو قطار روئي رهيو هو ۽ دعائون گهري رهيو هو ته مولا! مون کي شڪر گذارن مان بناءِ ۽ هن کي حوارين جي لاءِ رحمت بناءِ، عذاب نه بناءِ، حوارين کي ان مان اهڙي خوشبوءِ آئي جو ان کان اڳ ۾ ڪڏهن به نه آئي هين حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام ۽ انهن حوارين سجدو ڪري الله جل شانه جو شڪر ادا ڪيو. اهو دستر خوان ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙي ۾ ڍڪيل هو. حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن حوارين کي فرمايو ته هن کي ڪير کوليندو؟ سڀني ڪين عرض ڪيو ته "سائين اوهان کوليو" حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام ٻيو ڀيرو وضو ڪيو نفل پڙهي گهڻي دير تائين دعائون گهري پوءِ ان کي کوليو ته ان ۾ ست مڇيون ۽ ست مانيون هيون، انهن مڇين تي متان ڇلر نه هيا ۽ اندر ڪنڊو نه هو، انهن مان تازو تيل ٽمي رهيو هو. انهن جي منڍين جي اڳيان سرڪوءِ پچرين وٽ لوڻ ۽ پاسن کان سبزيون

(١) تفسير القاسمي ص٢٢٨ جلد ٦ زادالمسير ٤٥٩-٤٦٠ جلد٢- تفسير المظهري ص٢٢٥ جلد٣ (٢) الدر المنثور ص٢٣٤ جلد٣ جزءِ ٧

رکيون هيون، بعضي روايتن ۾ آيو آهي تہ پنج مانيون هيون ١- هڪ تي زيتون ٢- ٻيءَ تي ماکي ٣- ٽينءَ تي گيهہ ۴- چوٿين تي پنير، ٥-پنجينءَ تي پڪل گوشت- حوارين جي اڳواڻ شمعون سڳوري حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪري پڇيو تہ يا روح الله! هي کاڌو جنت جو آهي يا زمين جو؟ پاڻ فرمايائونس تہ: نہ زمين جو نہ جنت جو، محض الله جي قدرت سان آيل آهي. پوءِ بيمار، مسڪين، ڪوڙهہ ۽ جذام جي بيماريءَ ۾ ڦاٿل گهرايائون حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام انهن کي فرمايو تہ: بسم الله پڙهي کائو اوهان جي لاءِ مبارڪ آهي ۽ منڪرن جي لاءِ مصيبت پوءِ ٻين کيٰ بہ ائين فرمايائون. سندن ان حڪم تي ٻهرئين ڏينهن ان دستر خوان مان ستن هزارن ۽ٽن سون (٧٣٠٠) ڄڻن کاڌو پوءِ اهو دستر خوان مٿي کڄڻ شروع ٿيو ۽ ماڻهو ڏسي رهيا هئا ۽ اڏامي انهن جي اکين کان غائب ٿي ويو ۽ ان مان کائڻ وارا سيئي بيمار صحتياب ۽ مسڪين شاهوڪار ٿيا. اهو دستر خوان چاليهہ (٤٠) ڏينهن مسلسل ۽ لاڳيتو لهندو رهيو وري هڪ ڏينهن لهندو هو تہ هڪ ڏينهن بند رهندو هو ۽ ماڻهو کائيندا هئا. تانجو حضرت عيسىٰ روح الله عليہ الصلواة والسلام جن ڏانهن وحي آيو تہ هاڻي ان مان صرف محتاج، مسڪين ۽ فقير کائن ڪو بہ شاهوڪار نہ کائي، جڏهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام اهو اعلان ڪرايو تہ ان قوم جا شاهوڪار ناراض ٿي چوڻ لڳا تہ هي صرف جادو آهي،اهي ناراض ٿي انڪار ڪرڻ وارا ٽي سؤ ٽيهہ (٣٣٠) ماڻهو هيا. الله جل شانہ جي نبي عليه الصلواة واسلام جي توهين ۽ سندس شان ۾ گندا ٻول ٻولڻ جي ڪري خداوندي قهر جي هيٺان آيا رات جو سمهي صبح جو ننڊ مان اٿيا تہ سندن شڪليون سوئرن جهڙيون ٿي ويون. رستن ۾ ڊڪندا ۽ماڻهن جو ڪاڪوس کائيندا رهيا جڏهن مجڻ وارن مومنن سندن اهو حال ڏٺو تہ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ ڊوڙندا ۽ زار زار روئندا آيا. اهي شڪليون ڦريل بہ آيا انهن جي اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا، سيدنا عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن انهن کي نالي سانسڏيندا ٿي ويا ۽ اهي ڪنڌ هلائي ها ڪري رهيا هئا پر ڳالهائي ڪو نہ ٿي سگهيا ٽي ڏينهن نهايت ذلت ۽ خواريءَ سان جيئرا رهيا، چوٿين ڏينهن هلاڪ ٿي مري ويا. انهن ۾ ڪا بہ عورت ۽ ٻار نہ هو، ۽ نہ سندن دنيا تي نسل رهيو (١) حڪيم ترمذيءَ نوادر الاصول ۾، ابن ابي حاتم، ابو الشيخ العظمة ۾ ۽ ابوبڪر شافعيءَ الغيلانيات ۾ سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه کان اها روايت آڻي ان ۾ ايترو وڌيڪ آندو آهي تہ دستر خوان لهڻ کان پوءِ حوارين سيدنا

(١) نعيمي ص١٩٣-١٩٤ جلد ٧

عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو ته سائين! اسان ڪي هن ۾ اجان ڪو وڌيڪ معجزو ڏيکاريو. پاڻ ڪين فرمايائون ته سبحان الله! ڇا هي جيڪو اوهان ڏٺو اوهان لاءِ ڪافي ناهي؟ جو ٻيو معجزو گهرو ٿا؟ پوءِ حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام ان دستر خوان ۾ آيل مڇيءَ ڏانهن متوجه ٿي فرمايو ته" ياسمڪة عودي باذن الله حيـة كما كنت" اي مڇي! الله جي اذن سان ائين وري جيئري ٿيءُ جيئن اڳ ۾ هئين. پوءِ الله جل شانه ان ڪي پنهنجيءَ قاهر قدرت سان جيئرو ڪيو اها ٿڪڪي جيئري، تازي ٿي اڪيون ڪولي نهارڻ لڳي، جڏهن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي قوم ان ڪي ڏٺو ته ڊڄڻ لڳا. پاڻ فرمايائون ته "اوهان ڪيئن آهيو؟ هڪڙي شيءِ الله جل جلاله کان گهرو ٿا ۽ جڏهن ان ڪي ڏسو ٿا ته ڊڄو ٿا" مون ڪي وڏو خوف ٿو ٿئي ته اوهان عذاب ۾ نه مبتلا ٿي وڃو. پوءِ پاڻ مڇيءَ ڪي مخاطب ٿي فرمايائون ته: اي مڇي! الله جي اذن سان ائين ٿي وڃ جيئن دسترخوان لهڻ وقت هئين" ته الله جي اذن سان ائين ٿي ويئي. (١) ابن ابي حاتم ۽ ابو الشيخ حضرت عڪرمه رضي الله عنه کان روايت آندي اهي ته "ان دسترخوانِ ۾ چانورن جي ماني به هئي (٢) "قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّيْٓ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ" يعني الله جل جلاله حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن ڪي فرمايو ته مان دستر خوان لاهيان ٿو (۽ لٿو جيئن مٿي لکي آيا آهيون) پوءِ جيڪو اوهان مان ان جي نازل ٿيڻ ۽ لهڻ کان پوءِ ڪفر ڪندو ۽ ان نعمت جي بي شڪري ۽ بي قدريءَ جو مرتڪب ٿيندو ته ان ڪي اهڙو سخت عذاب ڪندس جو سيني جهانن مان اهڙو سخت عذاب ڪنهن ڪي به نه ڪندس.

علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي ته: والصحيح هو الذي عليه الاكثرون انها نزلت لقوله تبارک وتعالىٰ اني منزلها ولا خلف في خبره تعالىٰ ولتواتر الاخبار به عن رسول الله صلي الله عليه وسلم واصحابه والتابعين (٣) يعني قرآن پاڪ جي لفظ مبارڪ" مُنَزِّلُهَا" مان ثابت ٿيو ته دستر خوان لٿو هو ڇو ته الله جل جلاله ان جي لاهڻ جي خبر ڏني آهي ۽ الله جي خبر ۾ مخالفت نه ٿيندي ۽ ان جي نزول جي ڳالهه نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ۽ اصحابن ۽ تابعن کان متواتر طريقي سان روايت ڪيل آهي امام رازي لکيو آهي ته وقال الجمهور الاعظم من المفسرين

(١) ساڳيو حوالو (٢) المظهري ص٢٢٦ جلد٣ روح المعاني ص٦٢ جزء٧ جلد٣
(٣) المظهري ص١٢٦ جلد٣

انها نزلت (١) يعني مفسرن مان وڏي جمهور فرمايو آهي تہ دستر خوان لٿو هو علامہ ابن كثير بہ ائين لکيو آهي(٢)! فائدو سيدنا عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي دعا ۾ آيل الفاظ " اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا " مان ثابت ٿيو تہ دعا ۾ اللهم سان گڏ ربنا چوڻ بہ نبين عليهم الصلواة والسلام جي سنت آهي ۽ جهڙي دعا هجي ان جي مناسب مالک مٺي جي صفتن جو ذکر ڪجي. بيمار يا شافي الامراض چوي گنهگار يا غفار يا ستار چوي كنهن كي بددعا كرڻي هجي تہ ياقهار ياجبار چوي، حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام روزي گهري تہ " رَبَّنَا " (اي پالڻهار) چيائين ۽ بهتر اهو آهي تہ دعا ۾ جمع جو صيغو استعمال كيو وڃي جيئن" رَبَّنَا " اي اسان جا پالڻهار! " اَنْزِلْ عَلَيْنَا " اسان تي نازل فرماءِ وغيره ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ مقبول ٻانهن جون دعائون بہ مقبول آهن.

ميلاد النبي صلى الله عليه وسلم جي خوشيءَ كي عيد چوڻ جو دليل

حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي هن دعا ۾ دستر خوان جي ملڻ كي سندن لاءِ ۽ سندن اڳين پوئين جي لاءِ عيد سڏيو ويو آهي، جيكڏهن كاڌي جو ملڻ عيد آهي تہ حضور اكرم، نور مجسم، هادي اعظم، محبوب معظم، فخر حوا وآدم، رهبر عالم، صلى الله عليه وآله وصحبه وسلم جن جو ملڻ تہ سڀني عيدن كان وڏي عيد آهي ٻيون عيدون بہ الله جل جلالہ جي اذن سان پاڻ ٻڌايائون، عيد ميلاد ملهائڻ ۾ تمام گهڻيون بركتون آهن بخاريءَ جي شارح احمد بن محمد قسطلاني عليه الرحمہ لكيو آهي تہ: ولا زال اهل الاسلام يحتفلون بشهر مولده عليه السلام ويعملون الولائم ويتصدقون في لياله بانواع الصدقات ويظهرون السرور ويزيدون في المبرات ويعتنون بقراءة مولده الكريم ويظهر عليهم من بركاته كل فضل عميم ومما جرب من خواصه انه امان في ذالک العام وبشري عاجلة بنيل البغية والمرام فرحم الله امرءِ اتخذ ليالي شهر مولده المبارک اعيادا ليكون اشد علة علي من في قلبه مرض واعياداءِ (٣) يعني اهل اسلام هميشہ هميشہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڄمڻ واري مهيني ۾ محفلون كندا، شادين وانگر كاڌا كارائيندا، ۽ ان مهيني جي راتين ۾ صدقاءِ خيراتون كندا، خوشين جو اظهار فرمائيندا نيكين ۽ ٻين سان چڱائين كرڻ ۾ زيادتون كندي سندن پلاري ميلاد پڙهڻ جو اهتمام كندا رهيا ۽ سندن مٿان ان جون بركتون ۽ هر ڀلائي ظاهر ٿيندي رهي ۽ تجربو كيو ويو آهي تہ جيكو ميلاد جي خوشي ملهائيندو آهي ان كي ان سال ۾ امن ۽ مرادن ۽ مقصدن ماڻڻ ۾ كاميابي رهي

(١) التفسير الكبير ص١٣٣ جزء١٢ (٢) ابن كثير ص١٨ جلد٢ (٣) مراهب لدنيه ص١٣٥ جلد١

آهي پوءِ الله جل جلاله ان مرد تي رحم ڪري جنهن سندن ڄمڻ واري مهيني جي راتين کي عيدون بنايو تانت اهو سندس پروگرام ان ماڻهوءَ جي دل ۾ وڌيڪ بيماري پيدا ڪري جيڪو اڳئي برن عقيدن ۽ گناهن جي مرض سان دل جو سخت مريض آهي. علامه موصوف لکيو آهي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڄمڻ واري رات ليلة القدر کان بہ افضل ۽ اعليٰ آهي بر صغير جي عظيم الشان محدث شاه ولي الله دهلوي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: مان مڪہ مڪرمه ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڄمڻ واريءَ جاءِ تي سندن ولادت باسعادت جي تاريخ واري رات ۾ حاضر ٿيس ۽ ڏٺم تہ اتي موجود ماڻهو مٿن درود موڪلي ۽ ڄمڻ واري رات سندن کان ظاهر ٿيندڙ ڪمالات وغيرها جو ذڪر ڪري رهيا هيا مون اتي انوار ۽ تجليون ڏٺيون نہ ٿو چئي سگهان جسم وارين اکين سان ڏٺم يا روح جي اکين سان پوءِ فڪر ڪيم تہ اهي انوار انهن ملائڪن جا هيا جيڪي اهڙين محفلن سان مقرر ٿيل هوندا آهن ۽ مون اهو بہ ڏٺو تہ انهن ملائڪن جي انوار سان رحمت جا انوار بہ گڏ هيا (١) اندازو لڳايو تہ جنهن ذڪر ۽ محفل ۾ رحمت ۽ ملائڪن جا انوار گڏ هجن اها عيد نہ آهي تہ باقي ڇا آهي؟ علامه ابن حجر مڪي ۽ محدث ابن الجوزي بہ ان موضوع تي جدا جدا ڪتاب لکيا آهن پر الله جل جلاله مسلمانن کي وهابيت جي بلا کان بچائي جن هر جاءِ تي شرڪ ۽ بدعت جا ڍير لڳائي مسلمانن کي ميلاد شريف جهڙي بابرڪت عمل کان روڪڻ جي تحريڪ هلائي ڇڏي آهي.

رب پاڪ ڪرم ڪري حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت وارن کي انهن بد مذهبن کان بچائي ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جي ميلاد جون محفلون ملهائڻ نصيب ڪري. آمين

وَاِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُوْنِيْ

۽ (ياد ڪر) جڏهن فرمائيندو الله تہ اي عيسيٰ پٽ مريم جا! ڇا تو چيو هو ماڻهن کي تہ بڻايو مون کي

وَاُمِّيَ اِلٰهَيْنِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ

۽ ماءُ منهنجي کي بہ معبود هڪ الله کان سواءِ عرض ڪندو تہ پاڪائي آهي تنهنجي نہ ٿو جڳائي مون کي جو

(١) فيوض الحرمين ص٨٠- ٨١

اَقُوْلَ مَا لَيْسَ لِيْ بِحَقٍّ اِنْ كُنْتُ قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ تَعْلَمُ مَا

چوان اھا ڳالھ جو ناھي مون لاءِ حق جيڪڏھن چيو ھوندو مون اھو پوءِ تحقيق چا تو ھوندو تو ان کي ڄاڻين ٿو اھو جو

فِيْ نَفْسِيْ وَلَا اَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِكَ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ

منھنجي اندر ۾ آھي ۽ نہ ٿو ڄاڻان مان اھو جو تنھن جي ذات وٽ آھي. بيشڪ تون ئي ڄاڻندڙ آھين

الْغُيُوْبِ ﴿١١٦﴾ مَا قُلْتُ لَهُمْ اِلَّا مَآ اَمَرْتَنِيْ بِهٖٓ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

ڳجھن جو نہ چيو ھو مون انھن کي مگر جيڪو امر ڪيو ھو تو مون کي ان جو تہ عبادت ڪيو الله رب

رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ وَكُنْتُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا مَّا دُمْتُ فِيْهِمْ فَلَمَّا

منھنجي جي ۽ رب پنھنجي جي ۽ ھيس انھن تي شاھد جيستائين ھيس انھن ۾ پوءِ جڏھن

تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِيْبَ عَلَيْهِمْ وَاَنْتَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

ڪڍي ورتئي مون کي تہ ھئين تون ئي نگھبان انھن تي ۽ تون ھر شيءِ جو

شَهِيْدٌ ﴿١١٧﴾ اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ

مشاھدو ڪندڙ آھين، جيڪڏھن عذاب ڪندين انھن کي پوءِ بيشڪ اھي ٻانھا تنھن جا آھن ۽ جيڪڏھن بخشيندين انھن کي

فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١١٨﴾

پوءِ بيشڪ تون ئي غالب، حڪمت وارو آھين.

تفسير

ھن ڪان اڳ ۾ ان خصوصي نعمتن جو ذڪر ھو جيڪي رب پاڪ سيدنا

حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ۽ ان جي وسيلي ۽ ذريعي سندس حوارين تي
كيون هيون ۽ هتي مٿس لڳايل الزام جي صفائي بيان ڪئي وئي آهي جيڪو عيسائي
سڏائڻ وارن مٿس هنيو هو ته اسان کي عيسىٰ چيو هو ته مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي
معبود بنائي اسان جي عبادت ڪجو رب العزة جل جلاله جو فرمان آهي "وَاِذۡ قَالَ اللّٰهُ
يٰعِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ ءَاَنۡتَ قُلۡتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُوۡنِيۡ وَاُمِّيَ اِلٰهَيۡنِ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ۽ جڏهن الله
عيسىٰ بن مريم عليه وعلي امه السلام کي فرمائيندو ته: ڇا تو ماڻهن کي چيو هو ته
مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي الله کان سواءِ معبود بنائجو، ياد رکڻ گهرجي ته سوال
هميشه ان جي لاءِ نه ڪيو ويندو آهي ته سوال ڪندڙ کي ان ڳالهه جو علم ناهي جيڪا
پڇي رهيو آهي پر ٻين فائدن جي لاءِ به سوال ڪيو ويندو آهي. حضرت عيسىٰ عليه
الصلواة والسلام جن کان اربين انسانن جي موجود هوندي محشر جي ميدان ۾ اها ڳالهه ان
جي ڪري پڇي ويندي ته سندس زبان سان انهن ڪروڙن انسانن کي سندن ڪليل غلط
عقيدي تي خبردار ڪيو وڃي جنهن ۾ اهي قائل هيا ۽ ان خيال تي حضرت عيسىٰ
عليه السلام ۽ سندس ماءُ کي معبود سمجهندا ۽ پوڄيندا هئا اڄ به اها ڳالهه مسيحي
سڏائڻ وارن جي اڳيان ظاهر آهي جو اهي حضرت مريم سائڻ جا مجسما انسانن جي
قد تي ٺهرائي پنهنجن گرجائن جي محرابن ۾ رکيو وينا آهن ۽ پوڄا جون سيئي
رسمون پوريون ڪندا آهن" قَالَ سُبۡحٰنَكَ مَا يَكُوۡنُ لِيۡۤ اَنۡ اَقُوۡلَ مَا لَيۡسَ لِيۡ بِحَقٍّ" عرض
ڪندا ته تنهنجي پاڪائي آهي مون کي مجال ناهي جو اها ڳالهه چوان جيڪا مون لاءِ
حق ناهي.

"اِنۡ كُنۡتُ قُلۡتُهٗ فَقَدۡ عَلِمۡتَهٗ تَعۡلَمُ مَا فِيۡ نَفۡسِيۡ وَلَاۤ اَعۡلَمُ مَا فِيۡ نَفۡسِكَ
اِنَّكَ اَنۡتَ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ" جيڪڏهن مون ائين چيو هوندو ته يقينًا تو ڄاتو هوندو، ڇو ته
جيڪو منهنجي وجود ۾ آهي اهو تون ڄاڻين ٿو ۽ جيڪو تنهنجي ذات وٽ آهي اهو
مان نه ٿو ڄاڻان، يقينًا تون ئي ڳجها راز ڄاڻندڙ آهين، حضرت عيسىٰ عليه الصلواة
والسلام جي جواب عرض ڪرڻ وارا هي الفاظ نهايت غور ڪرڻ جهڙا آهن الزام ته
عيسائين مٿس هنيو هو ته پاڻ اسان کي اهو چيو هيائون پر پاڻ پنهنجي پاڪائي ۽
صفائي پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي پروردگار جي عظمت ۽ پاڪائيءَ جو بيان
ڪندي پنهنجي صفائي به ان جي حوالي ڪندي عرض ٿو ڪري ته مولا: جيڪڏهن مان
اهڙا غلط فيصلا ڏيان ها ته توکان ڪيئن لڪن ها" مَا قُلۡتُ لَهُمۡ اِلَّا مَاۤ اَمَرۡتَنِيۡ بِهٖۤ اَنِ
اعۡبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيۡ وَرَبَّكُمۡ" مون انهن کي ٻيو ڪجهه به نه چيو صرف اهو چيم جنهن جو تو

مون کي امر ڪيو هو تہ الله جل جلالہ جي عبادت ڪيو جيڪو منهنجو ۽ اوهان جو پالڻهار آهي" وَكُنْتُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا مَّا دُمْتُ فِيْهِمْ " ۽ جيستائين مان انهن ۾ موجود هيس تہ انهن تي شاهد هيس" فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِيْبَ عَلَيْهِمْ وَاَنْتَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ " پوءِ جڏهن مون کي کڻائي ورتئي تہ تون ئي انهن تي نگهبان هئين ۽ تون هر شيءِ جو مشاهدو فرمائيندڙ آهين.

ياد رکڻ گهرجي تہ هن آيت جي لفظ "تَوَفَّيْتَنِيْ" جي معنىٰ قادياني "ماريو تومون کي" ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ حضرت عيسىٰ عليہ الصلواة والسلام وفات ڪري ويو جيئرو ۽ آسمان تي ڪنيل ناهي، پر حقيقت هيئن آهي تہ هيءَ آيت سندن دليل نہ ٿي سگهندي ڇو تہ "تَوَفَّيْتَنِيْ" توفي کان ورتل آهي ۽ ان جي صحيح ۽ حقيقي معنىٰ مارڻ نہ پر پوريءَ طرح پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ آهي، جيئن ان جو تحقيق هن تفسير جي ٻئي جلد ص١٤١ کان ص١٥٢ تائين سورة آلعمران جي لفظ "اِنِّيْ مُتَوَفِّيْكَ وَرَافِعُكَ اِلَيَّ" آيت عـ٥٥ ۾ ڪري آيا آهيون ڏسڻ ۽ پڙهڻ جهڙو آهي.

"اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڪندين تہ بہ ٻانها تہ تنهنجا آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي مغفرت نصيب ڪندين تہ پوءِ يقيناً تون ئي غالب، حڪمت وارو آهين.

حضور پر نور عليہ الصلواة والسلام جن جي امت تي شفقت

ابن ابي شيبہ المصنف ۾، امام احمد، نسائي، ابن مردويہ ۽ بيهقيءَ السنن ۾ حضرت ابو ذر رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ هڪ رات رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن نماز ۾ هڪ ئي آيت "اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ" الايہ سڄي رات پڙهندا رهيا رڪوع ۽ سجدا بہ ڪندا رهيا تانجو صبح ٿي ويئي، مون ڪين عرض ڪيو تہ يا رسول الله! اوهان صبح تائين صرف اهائي آيت پڙهندا رهيا؟

پاڻ فرمايائون تہ "اِنِّيْ سَئَلْتُ رَبِّيَ الشَّفَاعَةَ لِاُمَّتِيْ فَاَعْطَانِيْهَا وَهِيَ نَائِلَةٌ اِنْ شَاءَاللّٰهُ مَنْ لَّا يُشْرِكُ بِاللّٰهِ شَيْئًا" مون پنهنجي پالڻهار کان پنهنجي امت لاءِ شفاعت گهري پوءِ مون کي عطا فرمايائين ۽ اها انشاءالله ان کي نصيب ٿيندي جيڪو الله سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ بنائيندو. مسلم، نسائي، ابن ابي الدنيا حسن الظن ۾، ابن جرير، ابن ابي حاتم، طبراني ۽ بيهقيءَ الاسما والصفات ۾ حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ: نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن حضرت ابراهيم عليہ الصلواة والسلام جن جي باري ۾ قرآن پاڪ جي آيت "فَمَنْ تَبِعَنِيْ

فَاِنَّهٗ مِنِّيۡ" (١) پڙهي، وري حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي قول واري هيءَ آيت" اِنۡ تُعَذِّبۡهُمۡ فَاِنَّهُمۡ عِبَادُكَ وَاِنۡ تَغۡفِرۡ لَهُمۡ فَاِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ" پڙهيائون پوءِ هٿ مبارڪ مٿي ڪٽي دعا گهريائون تہ: "اَللّٰهُمَّ اُمَّتِيۡ اُمَّتِيۡ" (اي الله! منهنجي امت منهنجي امت) پوءِ رنائون. الله تعالىٰ جبرئيل (عليه السلام) کي فرمايو تہ: (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم جن ڏانهن وڃ کين عرض ڪر تہ (الله جل شانه فرمايو آهي تہ) اسين اوهان کي اوهان جي امت جي متعلق راضي ڪنداسون اوهان کي ڏک نہ ڏينداسون (٢)

فائدو: هن آيت تي غور ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ حاڪم حجت پوري ڪرڻ جي لاءِ ضابطه ۽ قانون مطابق ڪارروائي ڪري سگهي ٿو، پلي ڪيس حقيقت جي پوري پوري خبر بہ هجي، جيئن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جي پاڪ صاف هجڻ جي الله تعالىٰ کي خبر آهي ان هوندي بہ محشر جي ميدان ۾ اربين انسانن جي اڳيان ڪانئس پڇندو تہ ڇا تو هنن کي غلط عقيدي جي لاءِ چيو هو؟ جيئن مالڪ جل شانه جي اها تحقيق سندس بي علميءَ جو دليل ناهي. تيئن سيده عائشه صديقه رضي الله عنها تي تهمت لڳائڻ وقت حضور عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان (باوجود ان جي جو کين سندس پاڪ دامن هجڻ جو يقين هو) ان مسئلي جو تحقيق ڪرڻ سندن بي علميءَ جو دليل نہ آهي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ حقيقي طرح علام الغيوب (غيب دان) الله آهي ان جي عطا سان ان جا نبي بہ غيب ڄاڻندا آهن ۽ ڪنهن بہ نبي جو علم الله جي برابر ناهي ۽ ٻيءَ مخلوق جو علم وري نبين عليهم الصلواة والسلام جي علم جي برابر ناهي ۽ ٻين سيني نبين جو علم اسان جي نبي عليه الصلواة والسلام جي برابر ناهي (٣)

قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوۡمُ يَنۡفَعُ الصّٰدِقِيۡنَ صِدۡقُهُمۡ ؕ لَهُمۡ جَنّٰتٌ

فرمايو الله تہ هيءَ ڏينهن آهي جو نفعو ڏيندو سچن کي سچ انهن جو انهن لاءِ بهشت آهن جو

تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ

وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندا ان ۾ هميشه لاءِ راضي ٿيو الله انهن کان

(١) سورة ابراهيم آيت ٣٦ (٢) الدرالمنثور ص٢٤٠ جلد٣ جزءِ ٧
(٣) تفسير نعيمي ص٢٠٥ جلد٧ جلد٣ جزءِ ٧

وَرَضُوا عَنۡهُ ؕ ذَالِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ (١١٩) لِلّٰهِ مُلۡكُ

۽ راضي ٿيا پاڻ ان کان اها ڪاميابي وڏي آهي. الله جي لاءِ ئي آهي بادشاهي

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا فِيۡهِنَّ ؕ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ (١٢٠)

آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪوانهن ۾ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو ته قيامت جي ڏينهن عيسائي ڪافرن تي مقدمو هلائي کين جهنم جي باهه ۾ وڌو ويندو ۽ هتي اهو ٻڌايو ٿو وڃي ته اهو ڏينهن صرف سزائن جو نه پر سچن کي سچ ڳالهائڻ جي فائدي ڏيڻ جو به هوندو ارشاد آهي" قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوۡمُ يَنۡفَعُ الصّٰدِقِيۡنَ صِدۡقُهُمۡ " يعني الله فرمايو ته: هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ سچن کي سندن سچ ڳالهائڻ نفعو ڏيندو. دنيا وانگر هتي معاملو ناهي، دنيا ۾ ته ماڻهو ڪوڙ هٽي به ڪم ڪيندا هئا. هتي صرف سچ ئي ڪم ايندو، قيامت ۾ نفعو عام هوندو، سٺن عقيدن جو نفعو، سهڻن عملن جو نفعو، نبين عليهم الصلواة والسلام جي شفاعت جو نفعو ننڍن ٻارن مري ويلن جي شفاعتن جو نفعو، والدين لاءِ اولاد جي نيڪ عملن جو نفعو، مسلمانن جي هڪ ٻئي لاءِ دعائن جو نفعو، اهي سڀ قيامت ۾ ظاهر ٿيندا ۽ ملندا.

" لَهُمۡ جَنّٰتٌ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا " انهن جي لاءِ بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون انهن ۾ هميشه هميشه رهيا پيا هوندا"لَهُمۡ" ۾ لام يا تمليڪ جو آهي يا تخصيص جو- يعني جنت انهن جي ملڪيت هوندي يا خاص انهن جي لاءِ هوندي، ياد رکڻ گهرجي ته الله جل شانه دنيا به اسان جي لاءِ خلقي آهي" خَلَقَ لَكُمۡ مَّا فِي الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا " (١) الله تعالىٰ زمين ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي سڀ اوهان جي لاءِ پيدا ڪيو آهي، ۽ جنت به اسان جي لاءِ آهي جيئن هن آيت ۾ "لَهُمۡ" مان ثابت ٿيو، پر انهن ٻنهي ۾ ٻن قسمن جو فرق آهي ١- ته دنيا جي ملڪيت عارضي تي

(١) سورة البقره آيت ع٢٩

آهي ۽ جنت جي مستقل ۽ دائمي، ٢- تہ دنيا جي ملڪيت ناقص آهي ۽ جنت جي ڪامل، دنيا جو ڪڏهن ڪير مالڪ آهي تہ ڪڏهن ڪير جنت جي جاءِ جنهن ڪي ملي اهو ان جو هميشہ مالڪ هوندو، ۽ دنيا ۾ ڪنهن جاءِ جو ڪو مالڪ بہ هوندو آهي، پر ان مان نفعو وٺي نہ سگهندو آهي جو ڪنهن ٻئي جو ان تي قبضو هوندو آهي، ڪا شيءِ هوندي بہ پنهنجي آهي پر ڪائي پي نہ ٿا سگهون جو صحت جي لاءِ مضر آهي پر جنت ۾ ائين نہ هوندو.

"رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ" الله انهن ڪان راضي هو ۽ هوندو ۽ اهي اِن ڪان راضي هئا ۽هوندا، يعني دنيا ۾ بہ آخرت ۾ بہ- "ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ" اهائي وڏي ڪاميابي آهي جو ٻانهي تي رب راضي رهي ۽ ڪيس ايتريون نعمتون عطا ڪري جو ٻانهو بہ شڪر ڪندي راضي رهي. الله جل جلالہ جي رضا سڀني نعمتن ڪان وڏي نعمت آهي "لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا فِيۡهِنَّ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ" آسمانن ۽ زمين ۽ جو ڪجھ انهن ۾ آهي انهن سڀني جي بادشاهي الله جي لاءِ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. هن سورة جي هيءَ آخري آيت سڀني شبهن جو ازالو، سڀني گمراهين جو رد ۽ سڀني حقيقتن جو حاصل آهي، جو تہ ان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ زمينون، آسمان ۽ جو ڪجھ انهن ۾ آهي خاڪي، آبي، نوري، ناري، بي جان، جاندار، بي شعور، باشعور، سڀ الله وحده لاشريڪ لہ جي ملڪيت آهن نہ ان ڪان سواءِ ڪو خدا آهي نہ خدا جو شريڪ نہ ان جو پٽ نہ زال، سڀئي ان جا ٻانها ۽ ان جي حڪم جا تابع آهن هر شيءِ ان جي قدرت جي قبضي ۾ آهي اهو ڪنهن ڪي ڪجھ ڏي نہ ڏي يا ڏئي ڪسي وٺي مرضيءَ وارو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڪجھ ڏنو اٿس ٿورو يا گهڻو تہ ان تي ڪنهن ڪي اعتراض ڪرڻ جو ڪو حق ناهي.

الحمدلله اڄ اربع جي ڏينهن شام جو ٧ لڳي ڏهن منٽن تي بمورخہ ٢صفر المظفر ١٤١٧ المطابق ١٩ جون ١٩٩٦ تي سورة المائده جو تفسير لکي پورو ڪيم اهي الله جل جلالہ جا احسان ۽ سندس حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جا ڪرم آهن.فقط

محمد ادريس عفي عنہ

سورة الانعام جو تعارف

هيءَ سورة مبارڪ قرآن ڪريم جي ڇهين(٦) سورة آهي هن جي تعارف ۾ ٦ ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

١- نالو: هن جو نالو مبارڪ سورة الانعام آهي معنيٰ چوپايا جانور، جڏهن ته هن ۾ چوپاين جانورن جي حلال ۽ حرام هجڻ جي متعلق ڪافرن جي غلط خيالن جي ترديد ڪيل آهي تڏهن سندس نالو "اَلْاَنْعَامِ" رکيو ويو آهي.

٢- آيتن، رڪوعن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد- قوي ۽ راجح قول مطابق هن سورة سڳوريءَ ۾ هڪ سؤ پنجهٺ (١٦٥) آيتون ويهه (٢٠) رڪوع، ٽي هزار هڪ سؤ (٣١٠٠) ڪلما ۽ ٻارنهن هزار نو سؤ ٽيويهه (١٢٩٢٣) حرف آهن (١).

٣: مڪيه آهي يا مدنيه- ياد ڪرڻ گهرجي ته سورتن ۽ آيتن جو مڪيه يا مدنيه هجڻ ان جي ڪري ناهي جو قرآن موڪلڻ وارو الله جل شانه يا قرآن پاڪ آڻڻ وارو جبرئيل عليه الصلواة والسلام يا لوح محفوظ جتان قرآن آندو وڃي ٿو مڪي يا مدني آهن پر صرف ۽ صرف هي سبب آهي جو قرآن پاڪ وٺڻ وارو محبوب عليه الصلواة والسلام مڪي ۽ مدنيءَ رهيو آهي. جيستائين حضور عليه الصلواة والسلام جن مڪي پاڪ ۾ رهيا ته اتي مٿن نازل ٿيندڙ سورتون ۽ آيتون مڪيه سڏيون ويون جڏهن پاڻ مديني پاڪ ڏانهن هجرت ڪري آيا ته هجرت کان پوءِ نازل ٿيندڙ سورتون ۽ آيتون مدنيه سڏيون ويون، قرآن پاڪ عربيءَ ٻوليءَ ۾ به ان جي ڪري آيو جو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ٻولي عربي هئي. سورة الانعام (بعض مفسرن جي قول مطابق ڪجهه آيتن کان سواءِ ۽ اڪثر مفسرن جي بقول سموري) مڪيه آهي ۽ سموري سورة هڪ ئي وقت نازل ٿي هئي. جيئن ابو عبيده، ابن الضريع ، ابن المنذر، طبراني ۽ ابن مردويه سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي (٢).

٤: نزول جو وقت - بعض مفسرن جو قول آهي ته "انعام" سڳوري حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مڪي زندگيءَ جي آخري حصي ۾ نازل ٿي هئي.

٥: بيان ڪيل مضمون- هن سورة ۾ ست (٧) مضمون خصوصي طور بيان

---

(١)تفسير نعيمي ص ٢٢٥ جلد ٧

(٢)الدر المنثور ص ٢٤٣ جلد ٣ جزء ٧.

ٿيل آهن (١) مڪي پاڪ ۾ رهندڙن جي عقيدي ڪي بنياد کان غلط ثابت ڪرڻ ڇو تہ اتي جا اڪثر رهاڪو مشرڪ، بتن جا پوڄاري، پٿر جي مورتن ۽ بتن جي لاءِ عقيدو رکندا هئا تہ اهي الله (معبود) آهن ۽ ان بي عقليءَ واريءَ ڳالهہ کي بيان ڪندي شرمائجندا بہ نہ هيا. جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن کي سمجهايو تہ اهي بي زبان مجسما الله تہ ناهن پر ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا آهن. الله جل شانه اهو آهي جيڪو زمين ۽ آسمانن جو خالق، هرشيءِ تي قادر، هر شي ءِ جي علم رکڻ وارو اهڙو عليم آهي جنهن کان ڪائنات جو ڪوذرو بہ لڪل ۽ ڳجهو ناهي. اهڙو ٻڌندڙ (سميع) آهي جو ستينءَ زمين کان هيٺان اسفل السافلين ۾ جيڪڏهن ڪا سنهي ڪولِ آواز ڪري ٿي جيڪو ان جي پر ۾ بيٺل ٻي شيءِ بہ نہ ٿي ٻڌي سگهي پر اهو سميعُ اُن جي آواز کي ٻڌي ٿو. تڏهن اهي مڪي جا مشرڪ حيرت ۾ پئجي چوڻ لڳا تہ هيءُ تہ عجيب ڳالهہ آهي، اهي مشرڪ انهن بتن کي پوڄيندا ۽ انهن کي ڪارساز سمجهي مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي دفع ڪرڻ جي لاءِ انهن ڏانهن مُتوجه ٿيندا، انهن کي ئي مينهن وسائيندڙ، دشمنن تي غلبو ڏيندڙ ۽ صحت ۽ عافيت سان نوازيندڙ سمجهندا هئا. هن مقدس سورة ۾ سندن غلط عقيدن جي ترديد ڪندي، ڪين سمجهايو ويو آهي تہ اهي پٿرن مان ٺهيل بت جيڪي پنهنجيءَ شڪل ۽ صورت جي ناهڻ ۾ بہ ٻين جا محتاج آهن اوهان جا الله ٿي نہ سگهندا. سچو الله، (معبود بالحق) اهو آهي جنهن "ڪُنْ" امر سان ساري جهان کي وجود بخشيو، جنهن جي علم جي اڳيان هر شيءِ روشن آهي جنهن جي اختيار جي ڪا حد ناهي جيڪي گهري، جيتري گهري، جڏهن گهري، جنهن کي گهري، عطا ڪري سگهي ٿو، ۽ اهوئي قادر، جيڪو گهري، جڏهن گهري، جنهن کان گهري، سڀ ڪجهہ کسي سگهي ٿو ساري ڪائنات پنهنجي وجود، بقا نشو، نما، بلڪ حياتيءَ جي سيني ضرورتن ۾ هر لحاظ سان هر لمحي ان جي محتاج آهي ان کي ڪنهن جي محتاجي ناهي هن سورة ۾ الله جل جلاله جي قدرتي ڪمالات جون صفتون بيان ڪري مشرڪن جي بي بنياد ، هٿرادو ٻرن عقيدن جون قباحتون ۽ خباثتون بيان ڪيون ويون آهن. (٢) مالڪ مٺي جي توحيد، هيڪڙائيءَ جا سولا ۽ هڪ دم سمجهہ ۾ وهندڙ دلائل بيان ڪرڻ ، قرآن ڪريم پنهنجي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي فلسفي جي غير مانوس اصطلاحات وانگر حيران ۽ پريشان نہ ڪندو آهي پر ساري ڪائنات ۾ هڪ کليل ڪتاب وانگر غور ۽ فڪر ڪرڻ جي دعوت ڏيندو ۽ سمجهائيندو آهي تہ هي سج، چنڊ تاراڪنهن جي قدرت جا شاهڪار آهن؟ زمين جي

سطح تي سرسبز پوکون، رنگا رنگي گل، قسم قسم جا ميوا کنهن جي قدرت ۽ کاريگريءَ جا شاهد آهن؟ اهي سڀ الله وحده لا شريک لہ جي شان جا مظهر آهن. قرآن پاک جي نور ۽ قرآن پڙهي ٻڌائيندڙ حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي نور جون تجليون ئي هيون جن جي اڳيان شرک ۽ کفر جي انڌيرن کي کا پناه نہ ملي.

٣-مشرکن جي رويي جو بيان - اسلام، قرآن ۽ قرآن پاک پڙهندڙ حبيب عليه الصلواة والسلام جن سان مشرکن جي مخالفت کنهن ظاهري سنجيدگي،دنيوي ۽ اخلاقي دائري اندر نہ هئي ۽ نہ قرآن پاک جي دلائل جي جواب ۾ وٽن کو اهڙو قوي دليل هو جنهن سان پنهنجي غلط ۽ باطل عقيدن جي حفاظت کري سگهن.سندن جواب مذاق ۽ مسخريءَ کان سواءِ کجهہ نہ هو، بس ائين جواب ڏيندا هئا تہ قر آن آڻن وارو ملائک اسين ڇونہ ٿا ڏسون؟ قرآن هک ترتيب ڏنل کتاب جي صورت ۾ ڇو نہ نازل ٿيو؟ هک يتيم ۽ بي يارو مددگار کي نبوت ۽ رسالت جي لاءِ ڇو منتخب کيو ويو؟ ابا ٻڌو!! مرڻ کان پوءِ وري جيئري ٿيڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ڀلااها بہ مڃڻ جهڙي ڳالهہ آهي اهڙن قسمن جي اعتراضن کي شد،مد سان پيش کندا هئا هن سورة ۾ انهن جو زبردست رد ڪيو ويو آهي.

۴: حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ۽ اطمينان ڏيارڻ -

جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان انتهائي خلوص ، للّهيت ۽خير انديشيءَ جي لحاظ سان حق جي نور ڏانهن رهنمائي کئي ٿي وئي ۽ ٻئي طرف کان ضد، هٺ ڌرمي ۽ انکار جو مظاهرو ٿي رهيو هو تہ تڏهن حبيب پاک عليه الصلواة والسلام جن جي دل نهايت غمگين ٿيندي هئي الله تعالىٰ هن سورة ۾ پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني آهي تہ اوهان ڏک نہ کيو اوهان کان پهريان بہ انبياء عليهم الصلواة والسلام دنيا تي آيا هئا انهن کي بہ ستايو ويو، ايذاءَ ڏنا ويا پر انهن صبر کيو الهي سنت اها آهي تہ اوهان بہ ائين صبر کيو ڇو تہ حق ۽ باطل، نور ۽ انڌيري جي مقابلي جو سلسلو هميشہ جاري رهيو آهي ۽ رهندو.

٥: مشرکن جي شرکيه رسومات جو رد کرڻ - هن سورة جي آخري حصي ۾ مشرکن جي انهن جاهلانہ رسمن کي رد کيو ويو آهي جيکي انهن جانورن جي حلال ۽ حرام هجڻ لاءِ پنهنجي طرفان مقرر کيون هيائون ۽ صاف صاف ٻڌايو ويو آهي تہ اهي اوهان جا پنهنجا فيصلا آهن الله تعالىٰ اهو حکم نہ کيو آهي .

٦ : سهڻن اخلاقن جي تعليم - هن سورة سڄوريءَ جي پندرهين (١٥)رکوع

۾ سهڻن اخلاقن جي تعليم ڏيندي رذيل ۽ ڪريل عادتن کان حڪيمانه انداز ۾ روڪيو ويو آهي.

٧: آخر ۾ وري اخلاص سان توحيد جو ذڪر- هن سورة جي آخري رڪوع ۾ "قُلْ إِنَّ صَلَاتِي" کان "أَنَا أَوَّلُ الْمُسْلِمِينَ" تائين الله جل جلاله محبوب عليه الصلواة والسلام جن کي ارشاد فرمايو آهي ته اوهان اعلان ڪيو ته منهنجي نماز، حج جا احڪام، زندگي، ۽ (دنيا تان ظاهري) انتقال سڀ الله جل شانه جي لاءِ آهي جيڪو جهانن جو رب آهي ان جو ڪوبه شريڪ ناهي ۽ مون کي ان جو امر ڪيو ويو آهي ۽ مان مسلمانن ۾ اول آهيان. هنن لفظن تي غور ڪندؤ ته اوهان جي دل مان آواز ايندو ته اسلام جو حاصل توحيد ۽ توحيد جو روح اهو آهي پر ياد رکڻ گهرجي ته اهي مٿيان لکيل سيئي مضمون الڳ الڳ عنوان سان بيان ڪيل ناهن پر الله جل جلاله جو قرآن هڪ وهندڙ ۽ ڇوليون هڻندڙ درياءَ وانگر وهندو ٿو وڃي ۽ ان ۾ اهي مضمون مختلف طريقن سان بار بار هر ڀيري نئين انداز سان ايندا رهن ٿا.

سورة المائده سان ربط ١: هن سورة کان اڳ ۾ آيل سورة "المائده" ۾ (غيبي دسترخوان) جو ذڪر هو ۽ هن ۾ حلال جانور جو ذڪر آهي جيڪو پڻ کاڌي جو قسم آهي ان جي ڪري "المائده" کان پوءِ "الانعام" رکي وئي آهي.

٢: ته المائده جي آخري آيت ۾ ٻڌايو ويو ته آسمان، زمينون ۽ جو ڪجهه انهن ۾ آهي سڀ الله جل شانه جي ملڪيت آهن ۽ "الانعام" جي ابتداء ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي ته جيئن انهن سڀني جو مالڪ الله جل شانه آهي تيئن انهن جو خالق به پاڻ ئي آهي.

سورة الانعام جو ڀلايون

١: ابو عبيد، ابن الضريس الفضائل ۾، ابن المنذر، طبرانيءَ ۽ ابن مردويه سيدنا ابن عباس رضي الله عنما کان روايت آندي آي ته: سورة "الانعام" سڄي هڪ رات ۾ مڪي پاڪ ۾ نازل ٿي هئي ۽ ان وقت سندس چؤطرف ستر هزار (٧٠٠٠٠) ملائڪ تسبيح پڙهندا ٿي آيا.

٢: ابن مردويه سيده اسماء رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته: جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن تي سورة "الانعام" نازل ٿي ته ان سان گڏ ايترا ملائڪ هيا جن سان آسمان کان زمين تائين فضا ڀريل هئي. (١)

٣: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته: جڏهن سورة "الانعام" نازل

(١) الدر المنثور ص٢٤٣ جلد٣ جزءِ ٧

تي هئي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جي تسبيح پڙهي فرمايو تہ: هن سورة سان گڏ ايترا ملائڪ آيا آهن جن آسمان جي سڄي ڪنڌي پري ڇڏي آهي. (١)

۴:الفضائل ۾ ابو عبيد، مسند ۾ دارميءَ، ڪتاب الصلواة ۾ محمد بن نصر ۽ ابو الشيخ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "اَلْاَنْعَامِ مِنْ نَّوَاجِبِ الْقُرْآنِ" (٢) يعني "اَلْاَنْعَامُ" سورة قرآن جي پلين سورتن مان آهي.

۵:سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ مَا قُرِءَتْ عَلٰي عَلِيْلٍ اِلَّا شَفَاهُ اللهُ تَعَالٰي" (٣) يعني ڪنهن بہ بيمار تي سورة الانعام پڙهي ويندي تہ الله جل جلالہ ان کي شفا ڏيندو.

٦: ديلميءَ حضرت انس رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو "يُنَادِيْ مُنَادٍ -يَا قَارِئَ سُوْرَةِ الْاَنْعَامِ هَلُمَّ اِلَى الْجَنَّةِ بِحُبِّكَ اِيَّاهَا تِلَاوَتَهَا (۴) يعني قيامت جي ڏينهن سڏيندڙ سڏ ڪري چوندو تہ اي سورة الانعام پڙهندڙ ! سورة الانعام سان محبت رکڻ ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ جي صدقي جنت ڏانهن هلي آ.

٧:حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: جيڪو شخص صبح جو فجر نماز پڙهڻ کان پوءِ سورة "الانعام" جون پهريون ٽي (٣) آيتون "وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ" تائين تلاوت ڪندو تہ ان ڏينهن چاليهہ هزار (۴۰۰۰۰) ملائڪ لهي ايندا جن سڀني جي عملن جيترو ثواب هن لاءِ لکيو ويندو ۽ ان جي سنڀال لاءِ ستين آسمان کان مٿان رهندڙ هڪ ملائڪ لوهي هٿوڙو ڏئي موڪليو ويندو جو جيڪڏهن شيطان سندس دل ۾ وسوسي وجهڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اهو ملائڪ ان کي اهڙو هٿوڙو هڻندو جنهن سان ان ۽ وسوسي وجهندڙ شيطان جي وچ ۾ ستر (٧٠) پردا اچي ويندا. ۽ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ الله جل شانه ان ٻانهي کي فرمائيندو تہ: مان تنهنجو رب آهيان ۽ تون منهنجو ٻانهو آهين، منهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ هلندو، ڪوثر پيئندو، سلسبيل مان وهنجندو رهہ ۽ حساب ۽ عذاب کان سواءِ بهشت ۾ داخل ٿي(٥).

٨:ديلمي، حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو " مَنْ صَلَّى الْفَجْرَ فِيْ جَمَاعَةٍ وَّقَعَدَ فِيْ مُصَلَّاهُ وَقَرَءَ ثَلَاثَ آيَاتٍ مِّنْ اَوَّلِ سُوْرَةِ الْاَنْعَامِ وَكَّلَ اللهُ بِهِ سَبْعِيْنَ مَلَكًا يُسَبِّحُوْنَ اللهَ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لَهُ اِلَى الْقِيَامَةِ (٦).

(١) المظهري ص ٣٦۴ جلد ٣. (٢) فتح القدير ص ٩٧ جلد ٢
(٣) ساڳيو حوالو (۴) الدر المنثور ص ٢۴۴ جلد ٣ جزء ٧
(٥) الدر المنثور ص ٢۴٦ جلد ٣ جزء ٧ (٦) ساڳيو حوالو

يعني جنهن فجر جي نماز جماعت سان پڙهي ۽ اتيئي ويٺي سورة الانعام جون پهريون ٽي آيتون تلاوت ڪيائين ته الله تعاليٰ جل شانه ان سان ستر ملائڪ مقرر ڪندو جيڪي الله جي تسبيح پڙهندا ۽ ان جي مغفرت لاءِ قيامت تائين دعائون گهرندا رهندا.

٩: حضرت ڪعب احبار فرمايو آهي ته توراة جي پهرين آيت سورة الانعام واري پهرين آيت آهي.

مٿين روايتن کان سواءِ به مفسرن لکيو آهي ته: جڏهن سورة الانعام نازل ٿي هئي ته حضور ﷺ جن الله جل جلاله جي دربار ۾ شڪراني جو سجدو ڪيو هو (١) ۽ جڏهن هن سورة جي آيت "وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ" نازل ٿي هئي ته ان سان گڏ چاليهه هزار ملائڪ به لهي آيا هئا. (٢).



(٢) الخازن ص ٢ جلد ٢ (٥) الصاوي علي الجلالين ص ٢ جزء ٢

سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَائَةٌ وَّ	خَمْسٌ اَوْسَتٌّ وَسِتُّوْنَ اٰيَةً وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا
سورة انعام مكي آهي ۽ اها هڪ سؤ ۽	پنجهٺ يا ڇاهٺ آيتون ۽ ويهہ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ

سڀ ساراه ثابت آهي الله جي لاءِ جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ پيدا ڪيائين اونداهين

وَالنُّوْرَ ۚ ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ① هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ

۽ روشنيءَ کي ان ڪان پوءِ بہ جن ڪفر ڪيو پنهنجي پالڻهار سان (ٻين کي) برابر ڪن ٿا. اهو (الله) اهوئي آهي جنهن خلقيو

مِنْ طِيْنٍ ثُمَّ قَضٰٓى اَجَلًا ۭ وَاَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ ثُمَّ اَنْتُمْ

اوهان کي مٽيءَ مان ان ڪان پوءِ مقرر ڪيائين مدو ۽ مدو مقرر ڪيل آهي ان وٽ ان ڪان پوءِ اوهان

تَمْتَرُوْنَ ② وَهُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَفِي الْاَرْضِ ۭ يَعْلَمُ

شڪ ڪيو ٿا ۽ اهوئي معبود بالحق آهي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ڄاڻي ٿو

سِرَّكُمْ وَجَهْرَكُمْ وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ③

ڳجهہ اوهان جو ۽ ظاهر اوهان جو- ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي ڪندا آهيو.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ آسمانن، زمين ۽ جو ڪجهہ انهن ۾ آهي سيئي الله جي ملڪ آهن ۽ هتي اهو بيان ڪيو ٿو وڃي تہ الله جل شانہ انهن جو صرف

مالڪ بادشاهہ ناهي پر انهن جو خالق بہ آهي. فرمان آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ. يعني سڀ تعريفون الله جل جلالہ جي لاءِ ثابت آهن، جنهن آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪيو آهي. اسلام کان اڳ ۾ هر طرف گمراهيءَ جو انڌيرو ڇانيل هو. انسان جو پنهنجي مالڪ سان تعلق صفا ڪٽيل هو ڪي سج جا، ڪي چنڊ جا، ڪي تارن جا، ڪي جبلن جي بلند چوٽين جا، ڪي وڏن وڏن دريائن جا تہ ڪي وڻن جا عبادتگذار ۽ پوڄاري هئا، هندو هندستان ۾ ٽيٽيهہ ڪروڙ خدا ٺاهيو ويٺا هئا(١) ايران ۾ باه جي پوڄا هلندي هئي، عيسائين جي ملڪن ۾ ٽي خدا بنايو ويٺا هئا. عرب تہ پٿرن جي مورتن کي ٺاهي پوڄيندا هئا. انهن سڀني گمراهن ٽولن کي حضور عليه الصلواة والسلام جن سمجهائيندي ارشاد فرمايو تہ: سڀني آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ وارو هڪ الله آهي. "وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ وَالنُّوْرَ" ۽ ان ئي انهن ۾ انڌيرا ۽ روشني پيدا ڪئي آهي. ان جي ڪري سڀ ساراه ان جي لاءِ ئي ثابت آهي "ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ" يعني انهن شين کي ڏسڻ کان پوءِ بہ جيڪي ڪفر ڪري ٻين شين کي پنهنجي رب سان برابر ڪن ٿا. ڪيترا نہ نادان ۽ نا اهل آهن.

فائدو ١ : هن سورة کي "الحمدلله" سان شروع ڪري اهو اشارو ڪيو ويو آهي تہ الله جل شانہ جي لاءِ تعريف ۽ حمد ازخود ثابت آهي اهو ڪنهن جي ثنا ۽ حمد ڪرڻ جو محتاج ناهي. خود بخود محمود آهي. الحمدلله کان پوءِ آسمانن ۽ زمين، انڌيرن ۽ روشنائيءَ جي پيدا ڪرڻ جو ذڪر ان حمد جي لاءِ دليل طور پيش ڪيو ويو آهي تہ جيڪا ذات ان عظيم قدرت ۽ حڪمت واري آهي اها ئي ان ساراه ۽ ثنا جي مستحق آهي.

فائدو ٢ : هن آيت ۾ "السَّمٰوٰتِ" کي جمع ۽ "الْاَرْضَ" کي مفرد ذڪر ڪيو ويو آهي، حالانڪ ٻيءَ آيت ۾ آسمان وانگر ستن زمينن جو ذڪر آهي ان ۾ شايد اهو اشارو آهي تہ ستئي آسمان هيئت، صورت ۽ ٻين صفتن جي اعتبار سان هڪ ٻئي کان امتيازي حيثيت رکن ٿا ۽ ستئي زمينون هڪ ٻئي جي هم شڪل ۽ هڪ ٻئي جهڙيون آهن، ان جي ڪري انهن کي هڪ عدد ڪري بيان ڪيو ويو ۽ "الظُّلُمٰتِ" کي جمع ۽ "النُّوْرِ" کي مفرد ڪري بيان ڪرڻ ۾ هي اشارو آهي تہ نور مان مراد سڌي واٽ ۽ حق جو رستو آهي ۽ اهو هڪ آهي ۽ ظلمٰت مان مراد غلط رستا ۽ گمراهيءَ جون واٽون آهن ۽ اهي گهڻيون آهن(٢)

(١) ضياءُ القرآن ص٥٣٣ ج١ (٢) تفسير مظهري ص٢٣٦ ج٣.

فائدو٣: آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ لاءِ "خَلَقَ" فرمايائين ڇوتہ اهي مستقل ۽ قائم رهندڙ مخلوق آهن ۽ نور ۽ انڌيرن جي لاءِ "جَعَلَ" فرمايائين ڇوتہ انڌيرا ۽ روشني آسمانن ۽ زمين وانگر مستقل ناهن اهي قائم ٿيڻ ۾ ٻين سان وابسته ۽ عوارض آهن(١) "هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِنْ طِيْنٍ" يعني الله اهو آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو. جيئن حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جو وجود مٽيءَ جي خمير مان ناهي ان ۾ ساهہ وڌائين ۽ ٻين ماڻهن جي غذا مٽيءَ مان ڪڍندو آهي ۽ ان غذا سان مني‌ءَ جا ڦڙا ۽ انهن مان انسان جي خلقت ٿيندي آهي "ثُمَّ قَضٰٓى اَجَلًا" ان کان پوءِ مدو مقرر ڪري ڇڏيائين. يعني جنهن قادر پنهنجي قدرت سان ان مٽيءَ جي ذرن مان انسان ناهي ان کي زندگي بخشي آهي ان سندس زندگيءَ جو بہ وقت مقرر ڪيو آهي جو جڏهن سندس حڪمت جي تقاضا موجب اهو مدو پورو ٿيندو تہ انساني عنصرن جي هڪ ٻئي سان موافقت ختم ٿيندي ۽ اهو اعتدال برپا نہ رهڻ جي ڪري ان تي موت جي حالت طاري ٿيندي ۽ اهو سندس ازلي علم ۾ وقت مقرر آهي "وَاَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ" ۽ ان وٽ(ٻيو) مدو بہ مقرر آهي. ان مان مراد قيامت اچڻ جو وقت آهي، ان جو بہ يقيني ۽ قطعي علم ان وٽ آهي جنهن کي سندس ٻڌائڻ کان سواءِ ڪير بہ عقل، فراست يا قياس آراين سان ڄاڻي نہ ٿو سگهي "ثُمَّ اَنْتُمْ تَمْتَرُوْنَ" ان کان پوءِ بہ اوهان شڪ ڪيو ٿا. يعني مالڪ مٽي جي قدرت جا بي شمار دليل ڏسڻ کان پوءِ بہ اوهان قيامت ۾ شڪ ڪيو ٿا. انسان پنهنجي غذا کي ٿي ڏسي تہ اها زمين مان ڪيئن پيدا ٿئي ٿي معده ۾ ڪيئن پهچي هضم جي مختلف ڪيفيتن کان لنگهي بدن جو جزو بنجي ٿي، اها اک جي نور، ڪنن جي ٻڌڻ جي قوت، زبان جو ڳالهائڻ، هڏن جي حسن جي سختي، اعصاب جي ضرورت، دماغ جي ادراڪ، هٿن جي وٺڻ ۽ پيرن جي پنڌ ڪرڻ وغيره جون قوتون بنجي ٿي. جيڪو مالڪ ان سموري نظام کي هلائي رهيو آهي ان جي لاءِ مخلوق جي منتشر ذرن کي قيامت جي لاءِ گڏ ڪرڻ مشڪل ناهي ۽ ان جي انهن بي حساب دليلن کي ڏسڻ جي باوجود قيامت ۾ شڪ ڪرڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي؟ "وَهُوَ اللّٰهُ فِى السَّمٰوٰتِ وَفِى الْاَرْضِ" يعني آسمانن ۽ زمين ۾ اهوئي معبود بالحق آهي. هتي ڪنهن صفاتي اسم کي ذڪر ڪرڻ جي بجاءِ ذاتي اسم الله ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو سيني ڪمال وارين صفتن جو جامع آهي، تانتہ جڏهن قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندڙ هيءَ آيت مبارڪ تلاوت ڪري ۽ الله، اسم ذات ان جي زبان مان نڪري تہ سڀ صفات

(١) معارف القرآن ص٢٧٨ ج٣

الهيہ سندس اکين جي اڳيان اچي وڃن ڇوتہ هتي مقصد اهو ٻڌائڻ آهي تہ زمين ۽ اسمان جي هر شيءِ جو خالق، مالڪ، زنده ڪندڙ،ماريندڙ، روزي ڏيندڙ، ڪائنات جي سڀني امور ۽ حياتيءَ جي سڀني ضرورتن کي اهوئي تدبير ڪندڙ آهي "يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَجَهْرَكُمْ وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ" اوهان جي راز کي ڄاڻي ٿو ۽ اوهان جي ڪليل ڳالهہ کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڪيو ٿا اهو بہ ڄاڻي ٿو. هن ڪان اڳ ۾ الله جل شانہ جي ڪامل قدرت جو بيان هو ۽ هتي ان جي علم محيط جو بيان آهي، مقصد تہ اهو ايتري جامع ڄاڻ رکندڙ آهي جو ڪابہ شيءِ ان جي علم ڪان لڪل ناهي اسان جي دلين جا لڪيل احساسات اسان جي زبانن مان نڪتل گفتا، اسان جا سڀ ننديا وڏا نيڪ يا برا عمل ان جي علم جي احاطي ۾ آهن.

فائدو: انسان جي پيدائش مٽيءَ مان آهي ان جي ڪري اها ٻين عنصرن ڪان افضل آهي اهوئي سبب آهي جوانسان کي مرڻ ڪان پوءِ بہ مٽيءَ جي حوالي ڪيو ويندو آهي. سورة جي شروعات۾ آسمانن کي پهريائين ۽ زمين کي پوءِ ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو آسمان فيض ڏيندڙ ۽ زمين فيض وٺندڙ آهي، اس، مينهن، چانڊوڪي، تارن جي چمڪار وغيره سڀ آسمان ڪان زمين ڏانهن اچن ٿا، آسمان تي گناه نہ ٿيندا آهن زمين تي شرڪ، ڪفر، گناه وغيره سڀ ٿين ٿا. آسمان تي ڪابہ گندگي ناهي ۽ زمين تي ساري دنيا ۾ گندگيءَ جا ڍير لڳا پيا هوندا آهن.

وَمَا تَأْتِيْهِمْ مِّنْ آيَةٍ مِّنْ آيَاتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا

۽ نہ ٿي اچي انهن وٽ ڪا بہ آيت سندن رب جي آيتن مان مگر هوندا آهن انهن ڪان

مُعْرِضِيْنَ ﴿٤﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۭ فَسَوْفَ

منهن موڙيندڙ پوءِ تحقيق ڪوڙو ڇيائون حق کي جڏهن آيو انهن وٽ پوءِ جلد

يَأْتِيْهِمْ اَنْبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٥﴾

ايندين انهن وٽ خبرون ان جون جي ان سان چٺر ڪندا هئا.

تفسير

ڄاڻڻ گهرجي ته "آيات" ٻه قسم آهن: ١-تڪويني. ڪائنات جون شيون جن ۾ غور ڪجي ٿو ته الله جل جلاله جي قدرت جا نظارا نظر اچن ٿا ۽ عقلمند انسان ان مان مالڪ مٺي جي وجود ۽ هيڪڙائي جو دليل وٺي مڃي ٿو ته سيني کي هلائيندڙ هڪ الله آهي. ٢- تنزيلي. يعني قرآن پاڪ جون آيتون جيڪي مٿان لهي آيون آهن. انهن کي نه مڃيندڙن جي باري ۾ ارشاد آهي ته "وَمَا تَأْتِيهِمْ مِنْ آيَةٍ مِنْ آيَاتِ رَبِّهِمْ إِلَّا كَانُوا عَنْهَا مُعْرِضِينَ" مقصد ته انهن ڪافرن وٽ سندن رب جي تڪويني يا تنزيلي آيتن مان ڪابه آيت يا نشاني اچي ٿي ته ان کان منهن موڙين ٿا. "فَقَدْ كَذَّبُوا بِالْحَقِّ لَمَّا جَاءَهُمْ" يعني جڏهن انهن وٽ حق آيو ته بلاشڪ انهن حق کي ڪوڙو چيو. هتي "الْحَقُّ" مان مراد ڇا آهي؟. علامه رازي عليه الرحمة لکيو آهي ته "الحق" مان مراد ۾ اختلاف آهي ڪن معجزا، ڪن قرآن پاڪ، ڪن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ ذات، ڪن سندن شريعت ۽ آندل احڪام ته ڪن وعد ۽ وعيد مراد ورتو آهي. علامه موصوف آخر ۾ پنهنجو فيصلو هنن لفظن ۾ ڏنو آهي: والاولىٰ دخول الڪل فيه(١) يعني وڌيڪ اهو قول آهي ته مٿي ذڪر ڪيل سيئي حق ۾ داخل آهن "فَسَوْفَ يَأْتِيهِمْ أَنْبَاءُ مَا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ" پوءِ جلد ايندين وٽن ان جون خبرون جنهن سان چٿر ڪندا هئا. هتي انهن کي ٻڌايو ٿو وڃي ته جنهن ڳالهه کي اوهان چرچو، مذاق ۽ چٿر ڪري ٽٽو ڪندا هئا، اهو وقت قريب اچي رهيو آهي جو اها هڪ ثابت ٿيندڙ حقيقت بنجي اوهان جي اڳيان اهڙي نموني ايندي جو اوهان کي مڃڻ کان سواءِ ڪو چارو نه ملندو.

فائدو: مفتي احمد يار خان عليه الرحمة لکيو آهي ته "الحق" مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات ۽ پاڪ صفات آهن، ڇو ته سندن هر حال، هر عمل، هر قول، هر فعل حق آهي حق جي معنىٰ ثابت رهندڙ آهي، حضور عليه الصلاة والسلام جن جو دين، آندل احڪام، نالو، عزت ۽ محبوبيت ثابت ۽ لازوال آهن ۽ سندن ڪلام، افعال، احڪام ۾ لڪين حڪمتون آهن پاڻ گهوٽ جي مثال آهن ساري مخلوقات ڇڄ وانگر ۽ پاڻ خداوندي رحمت جي بارش آهن، سڀ ايمان واريون شيون ان جون بهارون آهن ۽ جيئن بارش سان مختلف فصل ۽ سلا ڄمندا ۽ ساوا ٿيندا آهن تيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن سان تعلق رکڻ سان ايمان، عرفان، ولايت، غوثيت ۽ قطبيت جا

(١) التفسير الڪبير ص١٥٧ جزءُ ١٢

ميوا ۽ گل پيدا ٿيندا آهن (١)

اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِى الْاَرْضِ

ڇا نہ ڏٺائون تہ ڪيتريون هلاڪ ڪيون سين انهن کان اڳ ۾ قومون جو طاقت ڏني هئي سون انهن کي زمين ۾

مَالَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ۠ وَّجَعَلْنَا

اوتري جو نہ طاقت ڏني سون اوهان کي ۽ موڪلياسون آسمان کان انهن تي وسندڙ مينهن ۽ ڪيون سون

الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَنْشَاْنَا مِنْ

نهرون جي وهن ٿيون سندن هيٺان پوءِ هلاڪ ڪيوسين انهن کي سببان گناهن انهن جي ۽ پيدا ڪيون سون

بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ⑥

پڄاڻان انهن جي قومون ٻيون

تفسير

هن کان اڳ ۾ الله جل جلاله جي آيتن ۽ سندس قدرتي نشانين کان منهن موڙيندڙن جو بيان ڪري هاڻي انهن جي پڄاڙيءَ واري حالت جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ: "اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ" ڇا نہ ڏٺائون تہ اسان ڪائنن اڳ ۾ ڪيتريون قومون هلاڪ ڪري ڇڏيون جيڪي انهن تي چڙهون ڪندا هئا. "مَكَّنّٰهُمْ فِى الْاَرْضِ مَالَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ" اسان انهن کي زمين ۾ ايتري طاقت ۽ قوت ڏني هئي جو اوهان کي بہ اوتري طاقت نہ ڏني اٿئون. "وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا وَّجَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمْ" ۽ انهن تي آسمان کان مينهن وساياسون ۽ سندن هيٺان نهرون جاري ڪيوسون. يعني عاد، ثمود وغيرها قومون جيڪي طاقت، سازو سامان ۾ اوهان کان وڌيڪ هئا، نهرن ۽ برساتن جي ڪري سندس فصل، پوکون ۽ باغ سرسبز شاداب ۽ پيدائش ڏيڍ وارا هئا پر جڏهن الله جل جلاله جي انهن نعمتن جو قدر نہ ڪندي مالڪ

(١) تفسير نعيمي ص٢٤٢ جلد٧

مٿي جي آيتن سان ڇٽرون ڪيائون تہ "فَاَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِذُنُوۡبِهِمۡ" پوءِ ڪين سندن ئي انهن گناهن جي ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيوسون. "وَاَنۡشَاۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ قَرۡنًا اٰخَرِيۡنَ" ۽ انهن کان پوءِ ٻيون قومون پيدا ڪيون سون. يعني مجرمن کي سزا طور هلاڪ ڪرڻ جي ڪري دنيا ماڻهن کان خالي ٿي ڦٽي ڪانہ وئي، پر اسان انهن جي هلاڪ ٿيڻ وقت ئي ٻيون قومون پيدا ڪيون جن سان دنيا جيئن هئي تيئن آباد رهي، بلڪ انهن صداقت، محنت ۽ خلوص سان ڪائنات جي ڪيترن حصن جي رونق ۾ ڪيترا حصا وڌيڪ اضافو ڪيو. هن ۾ اسان مسلمانن کي بہ هدايت ڪئي وئي آهي تہ جيستائين اسان جون تعميري صلاحيتون خدائي خلق جي خدمت ۾ مصروف رهنديون تہ عزت ۽ اقتدار جي مسند جا مالڪ رهنداسون ۽ جڏهن الٰهي احڪام کان منهن موڙيوسون تہ پوءِ اسان کي باغ جي ڪوماٽيلن گلن وانگر ڪدي اڇلايو ويندو.

وَلَوۡ نَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ كِتٰبًا فِيۡ قِرۡطَاسٍ فَلَمَسُوۡهُ بِاَيۡدِيۡهِمۡ لَقَالَ

۽ جيڪڏهن لاهيون ها اوهان تي ڪتاب (الڪيل) ڪاغذن ۾ پوءِ لڳائين ها ان کي هٿ پنهنجا تہ البت چون ها

الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿٧﴾ وَقَالُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ

جن ڪفر ڪيو تہ ناهي هيءُ مگر جادو پڌرو ۽ چيائون تہ ڇو نہ لاٿو ويو ان تي

مَلَكٌ ؕ وَلَوۡ اَنۡزَلۡنَا مَلَكًا لَّقُضِيَ الۡاَمۡرُ ثُمَّ لَا يُنۡظَرُوۡنَ ﴿٨﴾ وَلَوۡ

ملائڪ ۽ جيڪڏهن لاهيون ها ملائڪ تہ فيصلو ڪيو وڃي ها امر-ان ڪان پوءِ نہ مهلت ڏنا وڃن ها ۽ جيڪڏهن

جَعَلۡنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلۡنٰهُ رَجُلًا وَّلَلَبَسۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّا يَلۡبِسُوۡنَ ﴿٩﴾

بنايون ها ان کي ملائڪ تہ ڪيون ها ان کي بہ مرد (شڪل ۽ صورة ۾) ۽ شبهي ۾ رکون ها انهن کي جيڪي شبهو ڪن ٿا.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ اهي ڪافر انسان حق يعني حضور عليه الصلاة والسلام جن تي ايمان نہ ٿا آڻين هتيءَ انهن جي انهن بهانن جو بيان تي رهيو آهي، جنهن جي

ڪري اهي ايمان جو انڪار ڪندا هئا. "وَلَوْ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ فِي قِرْطَاسٍ فَلَمَسُوهُ بِأَيْدِيهِمْ" ۾ اي حبيب! جيڪڏهن اوهان تي ڪاغذن ۾ لکيل ڪتاب لاهيون ها۽ ڪافر ان کي لهندي پنهنجين اکين سان ڏسن ها، ان کي پنهنجا هٿ به لڳائين ها ته به ايمان نه آڻين ها (١) "لَقَالَ الَّذِينَ كَفَرُوا إِنْ هَٰذَا إِلَّا سِحْرٌ مُبِينٌ" پر ايمان آڻڻ جي بجاءِ جن ڪفر ڪيو آهي اهي چون ها ته: هي ته کليل ڇٽو ۽ پڌرو جادو آهي. "وَقَالُوا لَوْلَا أُنْزِلَ عَلَيْهِ مَلَكٌ" يعني ڪافرن چيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ملائڪ ڇونه لاٿو ويو جيڪو اسان جي روبرو سندن رسول ۽ نبي هجڻ جي شاهدي ڏي "وَلَوْ أَنْزَلْنَا مَلَكًا لَقُضِيَ الْأَمْرُ ثُمَّ لَا يُنْظَرُونَ" هي ڪافرن جي مٿئين سوال جو جواب آهي، يعني جيڪڏهن اسين ملائڪ لاهيون ها ته ڪم ئي پورو ڪيو وڃي ها، ڪين ڪابه مهلت نه ڏني وڃي ها. ڇوته جيڪڏهن ملائڪ پنهنجي اصلي صورت ۾ ظاهر ٿئي ها ته هڪ ته ان جي اصلي صورت واري هيبت ۽ ڊپ جي ڪري سندن ساه نڪري وڃي ها، ٻيو ته جيڪڏهن فرمائش پوري ٿيڻ ۽ ان کليل معجزي ۽ دليل کي ڏسڻ جي باوجود به ايمان نه آڻين ها ته مٿن اهڙو عذاب مسلط ڪيو وڃي ها جو سندن پاڙون ئي پٽجي وڃن ها. ان جي ڪري سندن ڀلائي ان ۾ آهي ته سندن فرمائش پوري نه ڪئي وڃي، تانته اهي مهلت جي وقت ۾ سوچي سگهن ۽ من مسلمان ٿي ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت سينگارين. "وَلَوْ جَعَلْنَاهُ مَلَكًا لَجَعَلْنَاهُ رَجُلًا" يعني سندن چوڻ موجب جيڪڏهن اسين ان موڪليل نبي کي ملائڪ ڪيون ها ته ان کي به مرد بنايون ها. ڇوته انسان ملائڪ کان اصلي صورت ۾ فائدو وٺي نه سگهن ها "وَلَلَبَسْنَا عَلَيْهِمْ مَا يَلْبِسُونَ" ۽ جنهن شبهي ۾ آهن ان کي ئي انهن تي مشتبه ڪري ڇڏيون ها. علامه سيوطي عليه الرحمة لکيو آهي: اي لواتاهم ملک ما اتاهم الا في صورة رجل لانهم لا يستطيعون النظرالي الملائکة (٢) يعني جيڪڏهن انهن کي ملائڪ اچي ها ته به مردجي صورت ۾ اچي ها ڇوته انسان ان ڏانهن نهاري نه سگهن ها، علامه ثناءُ الله پاني پتي قدس سره هن آيت جي لفظن "لَجَعَلْنَاهُ رَجُلًا" جي تفسير ۾ لکيو آهي ته" يعني لمثلناه رجلا کما کان جبرئيل يتمثل للنبي صلى الله عليه وسلم غالبا في صورة دحية لان القوة البشرية لا يقوي علي رؤية الملک في صورته وانما رآهم کذالک الافراد من الانبياء (عليهم الصلواة والسلام) احيانا لقوتهم القدسية ولان الرسول برزخ بين الخالق والخلق ولابد في البرزخ من المناسبتين مناسبة بالخالق کي يتلقى الفيوض من جنابه المقدس فان الافادة والاستفادة لا يتصور من غير مناسبة فالرسول له مناسبة باطنية بالخالق فان

(١) الدر المنثور ص٢٥٠ جلد٣ جزءُ ٧ (٢) الدر المنثور ص٢٥١ ج٣

مبدء تعينه صفة من صفات الله تعالىٰ بخلاف سائر الخلائق سوي الانبياء والملائكة فان مبادئ تعيناتهم ظلال الصفات فلابد ان يكون للرسول مناسبة صورية بالناس المرسل اليهم الخ(١)
يعني الله جل جلاله جيكو ارشاد فرمايو آهي تہ "جيكڏهن مان ماڻهن ڏانهن هدايت ڪرڻ جي لاءِ ملائڪ کي رسول بنائي موڪليان ها تہ ان کي بہ مرد جي صورت ڏيان ها. سو ائين آهي جيئن جبرئيل عليه السلام غالبًا حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ حضرت دحيه ڪلبي رضي الله عنه جي صورت ۾ انسان جو مثال ٿي ايندو هو. ڇوتہ بشري قوت ملائڪ کي سندس اصلي صورت ۾ ڏسڻ جي قوت نہ رکندي آهي. نبين عليهم الصلواة والسلام جن کان سواءِ ٻين ڪن ۾ فردن منجهن قدسي قوت موجود هجڻ جي ڪري ملائڪن کي اصلي صورت ۾ ڏٺو هو يقين رکڻ گهرجي تہ رسول عليه الصلواة والسلام جن خالق ۽ خلق جي وچ ۾ برزخ(رابطو) آهن ۽ برزخ جي لاءِ ٻہ مناسبتون ضروري آهن: ١- خالق سان تانتہ سندس مقدس بارگاه مان فيوضات حاصل ڪري ٢- مخلوق سان تانتہ مقدس بارگاه مان حاصل ڪيل فيض مان ڪين مستفيض بنائي ڇوتہ افادو(فائدو ڏيڻ) ۽ استفادو(فائدو وٺڻ) مناسبت کان سواءِ تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. پوءِ رسول عليه الصلواة والسلام جن جي خالق سان باطني مناسبت آهي، جنهن جي تعينات جي مبدءَ الله جل جلالہ جي صفتن مان هڪ صفت آهي، باقي ٻيءَ مخلوقات ۾ نبين ۽ ملائڪن عليهم السلام کان سواءِ اها صفت ناهي. انهن جي تعينات جي شروع ٿيڻ جون جايون صفتون نہ پر صفتن جا (سندن شان جي مناسب) پاڇا آهن، پوءِ(حضرت) رسول عليه الصلواة والسلام جن جي انهن انسانن سان جن ڏانهن پاڻ موڪليا ويا آهن، صورت ۾ مناسبت آهي. هن آيت جي تفسير ۾ اها مٿين تقرير مفصل يا مجمل نموني ٻين مفسرن عليهم الرحمة بہ لکي آهي(٢)
علامه عبدالحق دهلوي لکيو آهي تہ: ملائکہ اجسام لطیفہ ہین ان کو بغیر اس کے کہ وہ کسی آدمی وغیرہ محسوس چیز کی شکل مین متشکل ہون نظر آنے کی کیا صورت؟(٣)
علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي تہ ان الجعل بطريق التمثيل لا بطريق قلب الحقيقة(٤)
يعني "اسين ان ملائڪ کي بہ مرد بنايون ها" مان مراد ان جي مثل بنائڻ آهي، حقيقت منجهڻ ناهي. ملائڪ حقيقت ۾ ملائڪ رهي ها پر مرد جي صورت ۾ هجي ها. شام

(١) مظهري ص٢٤٢ - ٢٤٣ جلد ٣
(٢) روح البيان ص١٢ جلد ٣- الخازن ص٥ جلد٢ خزائن العرفان ص١٥٦
(٣) تفسير حقاني ص٦٨ جزء ٤ (٤) روح المعاني ص٩٨ جلد٣ جزء ٧

ملڪ جي معروف مفسر جمال الدين قاسمي لکيو آهي تہ: ولو جعلنا النذيرالذي اقترحوه ملكا لمثلناه رجلا لما مرمن عدم استطاعة الاحاد لمعاينة الملك علي صورته من النور (١) يعني آيت جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن سندن طلب موافق نبي ڪي ملائڪن مان موڪليون ها تہ ان ڪي بہ مرد جي مثال بنائي موڪليون ها ڇوتہ ملائڪ ڪي سندس نور واري اصل صورت ۾ ڏسڻ محال آهي. علامہ صاوي جلالين جي حاشيہ ۾ لفظ " علي صورته" جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: ان الكلام علىٰ حذف مضاف اي صورة رجل فالشبه في الصورة فقط (٢) يعني جيڪڏهن الله جل جلالہ ملائڪ ڪي رسول بنائي موڪلي ها تہ اهو صرف صورت ۾ مردهجي ها. حقيقت ۾ ساڳيو نور هجي ها. سنڌي زبان ۾ تفسير لکندڙ علامہ نورنگ زادي صاحب جن لکيو آهي تہ: يعني جي اسين ڪٺي ڪو ملائڪ محمد (صلى الله عليه وسلم) جي مدد جي لاءِ رسول ڪري موڪليون ها تہ بہ ان ڪي ماڻهن جي شڪل ۾ موڪليون ها ڇوتہ انهن ڪفارن ۾ اها صلاحيت ۽ لياقت ڪٿي آهي جو ملڪن ڪي سندن اصلي شڪل ۾ ڏسي سگهن (٣) علامہ رازي لکيو آهي تہ: انسان جيڪڏهن ملائڪن ڪي اصلي شڪل ۾ ڏسي تہ جيئرو ئي نہ رهي (۴) علامہ مراغي لکيو آهي تہ: جيڪڏهن رسول ملائڪ هجي ها تہ اهو بہ بشر جي صورت ۾ اچي ها تانتہ ڪين ان سان ڳالهائڻ ۽ ان جو ڏسڻ ممڪن ٿئي ها ۽ ان جي لاءِ بہ ائين چون ها جيئن حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي لاءِ چون پيا (٥) اشرف علي ٿانوي صاحب جي خليفہ دريابادي صاحب لکيو آهي تہ: وه نوراني هستي جسے انسان نہ اپنے عام و معروف حواس سے ديکھ سکتا ہے اور نہ اس کے ملکات کے لحاظ سے اس کا اتباع کرسکتا ہے. اسے بھي شکل و جسم کے لحاظ سے انسان هي بناتے (٦) علامہ ابن ڪثير لکيو آهي تہ: اي لوبعثنا الى البشر رسولا ملكيا لكان علي هيئة الرجل ليمكنهم مخاطبته والانتفاع بالاحق عنه (٧) يعني جيڪڏهن اسين بشر ڏانهن ملائڪ ڪي رسول ڪري موڪليون ها تہ ان ڪي بہ مرد جي صورت تي موڪليون ها. تانتہ ڪين ان سان ڳالهائڻ ۽ (الله جل جلالہ جا احڪام) وٺڻ آسان ٿين ها. ان ئي طرح شوڪاني، قرطبي ۽ ابن الجوزي بہ لکيو آهي (٨) **سوال** حضور عليه الصلوة والسلام

---

(١) تفسير القاسمي ص٢٦٦ جلد۴ (٢) صاوي ص٥ جزءِ ٢
(٣) تنوير الايمان ص٣٣ پ٧ (۴) التفسير الكبير ص١٦٢ جزءِ ١٢
(٥) المراغي ص٨٠ جزءِ ٧ (٦) حاشيہ دريابادي ص٢٨١
(٧) ابن ڪثير ص١٢۴ جلد٢
(٨) فتح القدير ص١٠١ ج٢ قرطبي ص٣٩۴ جلد٦ زاد المسير ص١٣ ج٣

جن بشري صورت ۾ چو آيا؟ **جواب**

واضح رهي تہ جيئن متين آيت ۾ آيو تہ جيڪڏهن اسين ملائڪ کي رسول ڪري موڪليون ها تہ ان کي بہ مرد بنائي موڪليون ها. تيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن بہ جڏهن نہ حقيقي طرح نور آهن تڏهن بشري صورت ۾ آيا آهن، تانتہ ماڻهو ڪائنن فائدو ۽ فيض حاصل ڪري سگهن.

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا

۽ بيشڪ چٿر ڪئي وئي رسولن سان اوهان کان اڳي پوءِ لٿو انهن تي جو مذاق ڪيائون

مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑩ قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ

انهن ماناهو جو ان سان چٿر تي ڪيائون فرماءِ تہ- سير ڪيو زمين ۾

ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ⑪

ان کان پوءِ ڏسو تہ ڪيئن هئي پڇاڙي ڪوڙو ڪندڙن جي .

تفسير

هن کان اڳ ۾ ڪافرن جي انهن ناجائز مطالبن جو ذڪر هو جن سان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي قلب مبارڪ کي صدمو تي پهتو، هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏيارينديءَ بڌايو ٿو وڃي تہ: "وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ" يعني ڪافر اجايا مطالبا ڪري اوهان جي دل آزاري ڪن ٿا اها نئين ڳالهہ ناهي اوهان کان اڳ ۾ آيلن رسولن عليهم الصلواة والسلام سان بہ چٿرون ڪيون ويون هيون، فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ. پوءِ چٿرون ڪرڻ وارن تي ان جو اهوئي (عذاب وغيره) لٿو جنهن سان چٿرون ڪندا هئا. المقصد تہ اوهان کي ايذائيندڙن جو حشر بہ انهن وارو ٿيندو. "قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ" يعني اوهان انهن چٿرون ڪندڙن کي فرمايو تہ زمين ۾ ڦرو. پوءِ ڏسو تہ الله جل جلاله جي فرمان کي ڪوڙو چوندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي. سمجهڻ گهرجي

تہ قرآن پاڪ ڪيترا ڀيرا زمين ۾ سير ڪرڻ ۽ گهمڻ جي لاءِ ارشاد فرمايو آهي، پر اهو صرف طبعي تفريح لاءِ نہ پر عبرت وٺڻ، نصيحت پرائڻ، علمي مقاصد ۽ تاريخي نتيجا وٺڻ جي لاءِ آهي ۽ گذريل قومن جي ڊنل محلاتن، باغن، قلعن ۽ شهرن کي ڏسي پنهنجي اصلاح ڪجي تہ پاڻ کي بہ اهي برا حال ڏسڻا نہ پون، جيڪي الله جل شانہ جي بي فرمانين جي ڪري انهن ڏٺا هئا. نيڪ مقصد جي لاءِ سير ۽ فڪر ڪرڻ ثواب جو باعث ۽ الاهي رضا حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. علامہ قرطبي لکيو آهي تہ: اهو سفر جڏهن اڳين جي آثار قديمہ مان عبرت وٺڻ جي لاءِ هوندو تہ مستحب آهي(١) هتي ڪافرن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ روشن دلائل جي هوندي ڪفر ڪيءَ چنبڙي نہ پئو ٻاهر نڪري ڪافرن کي مليل سزائن جي جاچ ڪيو تہ سندن ڇا حال ٿيو هو. نہ مڙندؤ تہ اوهان جو بہ اهو حشر ٿيندو.

قُلْ لِّمَنْ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ قُلْ لِّلّٰهِ ۭ كَتَبَ عَلٰي نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۭ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى

فرماءِ تہ ڪنهن جي لاءِ آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي فرماءِ- الله جي لاءِ- يقينًا گڏ ڪندو اوهان کي

يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ۭ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا

قيامت جي ڏينهن ناهي ڪو شڪ ان ۾ جن نقصان ۾ وڌو پنهنجن سرن کي پوءِ اهي نہ

يُؤْمِنُوْنَ ⑫ وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ۭ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ⑬

ايمان آڻيندا ۽ ان جو ئي آهي جيڪو رهيو رات ۾ ۽ ڏينهن ۾ ۽ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

هنن آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان مالڪ مٺي جي توحيد تي ڪيل اعتراضن جو جواب ڏيندي ڪائنٽن پڇا ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ: "قُلْ لِّمَنْ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" يعني اوهان انهن کان پڇندي فرمايو تہ: جيڪي شيون آسمانن ۽ زمين ۾ ۾ آهن اهي ڪنهن جون آهن؟ ڪير آهي؟ جنهن هن ڪائنات کي نيست مان هست ڪيو ۽ عدم

(١) القرطبي ص٣٩٥ جلد٦

مان وجود ۾ آندو آهي. ڪير آهي؟ جنهن جو فيضان رحمت هرطرف پکڙيل آهي. ڪير آهي؟ جيڪو سيني کي روزي پهچائي ٿو ۽ پاڻ ڪنهن جو محتاج ناهي. "قُلْ لِلّٰهِ" فرماءِ تہ سڀ ڪجهہ الله جي لاءِ آهي ۽ ان جي ملڪيت آهي، علامه عبدالرحمان السعدي هن جملي جي تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: وهم مقرون بذالک لا ينکرونه افلا حين اعترفوا بانفراد الله بالملک والتدبير ان يعترفوا له بالاخلاص والتوحيد (١) يعني اهي ان ڳالهہ جا اقراري آهن تہ جو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي الله جل جلاله اڪيلوئي انهن جو مالڪ ۽ مدبر آهي تہ پوءِ ان جي لاءِ (معبوديت ۾) هڪ هجڻ جو اخلاص سان اعتراف ڇونہ ٿا ڪن؟ "كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ" ان پنهنجي پاڪ ذات جي مٿان رحمت لکي ڇڏي آهي. مفسر قرطبي آيتن جي هن حصي جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ اي وعدبها فضلاً منه وكرمًا فلذالک امهل. يعني الله جل شانه پنهنجي طرفان فضل ۽ ڪرم ڪري ان رحمت جو وعدو ڪيو آهي ۽ ان جي ڪري ئي عذاب ڪرڻ جي بجاءِ ڪافرن کي مهلت ڏني اٿس نہ تہ ڪين تڪڙو عذاب ڪري تباهہ ڪري ڇڏي ها. جيئن صحيح مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ارشاد فرمايو: لَمَّا قَضَى اللّٰهُ الْخَلْقَ كَتَبَ فِي كِتَابٍ عَلٰى نَفْسِهٖ فَهُوَ مَوْضُوْعٌ عِنْدَهٗ اِنَّ رَحْمَتِيْ تَغْلِبُ غَضَبِيْ (٢) يعني جڏهن الله جل جلاله خلق کي وجود ڏنو تہ پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪو ان وٽ رکيل آهي پنهنجي پاڪ ذات تي لازم ڪيائين تہ منهنجي رحمت منهنجي غضب تي غالب رهندي. "لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ" هتي "الى" جي لفظ کي في جي معنىٰ ۾ ڇئبو تہ مراد ٿيندي. اوهان سيني کي قيامت جي ڏينهن ۾ گڏ ڪندو. يا الى جي اصلي معنىٰ مراد آهي. پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ اوهان کي قبرن ۾ قيامت تائين گڏ ڪندو رهندو، جنهن ۾ ڪو ۽ ڪنهن قسم جو شڪ ناهي. "اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ" جن پنهنجن سرن کي نقصان ۾ وڌو اهي ايمان نہ آڻيندا. مطلب تہ الله جل جلاله جي رحمت تہ عام آهي پر ڪافر ۽ مشرڪ پاڻ کي پاڻهي محروم ڪري نقصان ۾ ويا آهن. اهي ايمان نہ آڻيندا انهن رحمت جي حاصل ڪرڻ جي ذريعي ايمان کي اختيار نہ ڪيو آهي. "وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ" هن کان اڳ ۾ ظرف مڪان يعني آسمانن ۽ زمين جو ذڪر هو تہ انهن ۾ جو ڪجهہ آهي الله جل جلاله جي ملڪيت ۽ ان جي انتظام هيٺ آهي، هتي ظرف زمان جو بيان ڪندي فرمان

(١) تيسير الڪريم الرحمان ص١٢ ج٢ (٢) القرطبي ص٣٩٥ ج٦

ٿيو آهي تہ: جيڪو رات ۽ ڏينهن ۾ آهي اهو بہ ان جي ملڪيت آهي. مقصد تہ زمانيات ۽ مڪانيات سيئي جڏهن ان جي ملڪيت ۽ ان جي قدرتي قبضي ۾ آهن تہ انهن مان انسان يا پٿر وغيره ڪيئن معبود ٿي سگهندو؟

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ

فرماءِ،ڇا الله ڪان سواءِ ونان مان ٻيو وارث (الله ٿي) پيدا ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ اهو

يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ؕ قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ

(ٻين کي) کارائي ٿو ۽ (پاڻ) نہ ٿو کارايو وڃي فرماءِ تہ بيشڪ مان امر ڪيو ويس تہ هجان پهريون اهو جو اسلام آندائين

وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٤﴾ قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ

۽ هرگز نہ هج تون مشرڪن مان- فرماءِ بيشڪ مان ڊڄان ٿو جيڪڏهن بي فرماني ڪئي مون

رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ مَنْ يُّصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ

پنهنجي رب جي عذاب وڏي ڏينهن جي کان اهو شخص جو ڦيرايو ويندو ان کان ان ڏينهن (عذاب) پوءِ تحقيق

رَحِمَهٗ ؕ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾

رحم ڪيائين ان تي ۽ اهائي ڪاميابي روشن آهي

تفسير

هنن آيتن ڪان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ الله جل جلالہ خالق ۽ مالڪ هجڻ سان گڏ فريادي جي فرياد ٻڌندڙ ۽ ڏکويلن جو ڏک لاهيندڙ آهي ۽ هتي اهو بيان ڪندي تہ ان مختار، عليم ، سميع ۽ بصير جي ٿي عبادت ڪيو، ان ڪان سواءِ ٻئي ڪي حقيقي ڪارساز نہ بنايو، ارشاد ٿيو آهي: "قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" يعني ڇا الله ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي مان پنهنجو معبود بنايان؟ هتي ولي جي معنىٰ

معبود آهي(١)

شان نزول: مفسر قرآن مقاتل جو فرمان آهي تہ هڪ ڀيري مڪي پاڪ جا ڪافر ڳڏجي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ آيا ۽ ڪين عرض ڪيائون تہ اوهان اسان ڪي هڪ نئين دين ڏانهن سڏي رهيا آهيو پر اسين اوهان ڪي پنهنجي پراڻي دين جي دعوت ڏيڻ آيا آهيون انهن جي جواب ڏيڻ جي لاءِ الله جل جلاله حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪي مٿيون ارشاد فرمايو(٢) "وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ" ۽ اهو ٻين ڪي ڪارائي ٿو ۽ پاڻ ڪارايو نہ ويندو آهي. ان ئي زمين ۾ ڪائڻ واري مخلوق پيداڪئي آهي جن جي ڪارائڻ جو منتظم تہ پاڻ آهي پر سندس ذات ڪائڻ جي محتاج ناهي. "قُلْ إِنِّيٓ أُمِرْتُ أَنْ أَكُونَ أَوَّلَ مَنْ أَسْلَمَ" يعني اي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام! اوهان انهن ڪافرن ڪي فرمايو تہ مون ڪي اهو امر ڪيو ويو آهي تہ مان اسلام آڻڻ ۾ اول هجان، ۽ ٻيا مون ڪي ڏسي منهنجي اطاعت ڪندي ايمان آڻين. مان سڄي دنياجي لاءِ اطاعت ۽ عبوديت جو نمونو بنائي موڪليو ويو آهيان. هن آيت جي تفسير ۾ علامه پير ڪرم شاه الازهريءَ تفسير روح المعاني جي عبارت آڻي هڪ اهم نڪتو بيان ڪندي لکيو آهي تہ: فاول روح رکضت في ميدان الخضوع والانقياد والمحبة روح نبينا صلي الله عليه وسلم وقد اسلم نفسه لمولاه بلا واسطة وكل اخوانه الانبياء عليهم الصلواة والسلام في عالم الارواح انما اسلموا نفوسهم بواسطته عليه الصلواة والسلام فهو صلي الله عليه وسلم المرسل الي الانبياء والمرسلين عليهم الصلواة والسلام في عالم الارواح وكلهم امته(٣)

يعني عاجزيءَ فرمان برداريءَ ۽ محبت جي ميدان ۾ سڀ کان پهريان جيڪو روح سجدي ۾ ويو اهو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو روح مبارڪ هو ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن بلا واسطه پنهنجي مولا ڪريم جي سامهون عبوديت جو سر جهڪايو ۽ ٻين نبين ۽ رسولن عليهم الصلواة والسلام سندن واسطي سان- پوءِ پاڻ سڀني نبين ۽ رسولن جا بہ رسول آهن ۽ سڀ سندن امتي آهن.

وَإِنْ يَمْسَسْكَ اللَّهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهُۥٓ إِلَّا هُوَ ۖ وَإِنْ يَمْسَسْكَ

۽ جيڪڏهن پهچائي توکي الله ڪو ڏک تہ پوءِ ناهي ڪو لاهيندڙ ان جو ان کان سواءِ ۽ جيڪڏهن پهچائي توکي

(١) بيضاوي ڪامل ص١٤١ (٢) خازن ص٧ ج٢

(٣) ضياءُ القرآن ص٥٤١

بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ⑰ وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ

ڪا ڀلائي تہ پوءِ اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ اهو غالب آهي پنهنجن

عِبَادِهٖ ۭ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ⑱

ٻانهن تي ۽ اهوئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ الله جل جلاله جي طرفان ٻي فرمانن جي لاءِ اخروي عذاب بيان ڪيو ويو ۽ هتي انهن جي لاءِ دنيوي پڪڙ ۽ عذاب جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: "وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ" يعني اي ٻانها! جيڪڏهن الله ارادو ڪندو تہ توکي نقصان پهچائي تہ پوءِ ان ڪان سواءِ ان نقصان کي ڪير بہ ٻري ڪندڙ ناهي. "وَاِنْ يَّمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" ۽ جيڪڏهن الله توکي ڪا ڀلائي پهچائيندو تہ بہ پهچائي سگهي ٿو ڇوتہ اهو هر شيءِ جي مٿان قادر آهي.

فائدو: هن مان ثابت ٿيو تہ مالڪ الملڪ جل جلالہ جي مرضي آهي جنهن کي تڪليف ڏي يا خوشي ڏي. ڪوبہ ان جي مقابلي ۾ اچي نہ ٿو سگهي. ترمذي ۽ ابوبڪر بن ثابت الخطيب پنهنجي ڪتاب "الفصل والوصل" ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ "مان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان ٻيلهہ چڙهيل هيس، پوءِ پاڻ مون کي فرمايائون تہ اي ڇوڪرا! يا اي پٽڙا! ڇا مان توکي اهڙين نصيحتن جي تعليم نہ ڏيان؟ جن سان الله تعالىٰ توکي نفعو عطا ڪري." مون عرض ڪيو تہ هائو (بالڪل تعليم ڏيو) پاڻ فرمايائون تہ: الله جي (حڪمن جي) حفاظت ڪر تہ الله تنهنجي حفاظت ڪندو. الله جي (حڪمن جي) حفاظت ڪر تہ ان کي پاڻ سان گڏ لهندين، تنگيءَ ۾ الله جي شناس رک تہ سک ڏينهن ۾ الله توکي سجاڻپ عطا ڪندو، جڏهن بہ گهرين تہ الله کان گهر ۽ جڏهن بہ مدد وٺين تہ الله کان مدد وٺ ۽ يقينًا جيڪي ٿيڻو آهي اهو قلم لکي سڪي ويو آهي ۽ جيڪڏهن ساري مخلوق توکي ڪنهن شيءِ سان نقصان ڏيڻ جو ارادو ڪري جنهن جو الله ارادو نہ فرمايو آهي تہ ان تي قادر نہ ٿيندا ۽ الله جي لاءِ شڪر ۽ يقين سان عمل ڪر ۽ پڪ ڄاڻ تہ جنهن شيءِ

کي تون پسند نہ ٿو ڪرين ان جي برداشت تي صبر ڪرڻ ۾ گهڻي ڀلائي آهي ۽ (الله جل جلاله جي) مدد بہ صبر وارن سان آهي ۽ ڏک سان ڪاميابيءَ جا دروازا کلندا آهن ۽ تکليف سان گڏ آساني آهي(١)

سوال: مٿينءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن الله جل جلاله ڪنهن کي ڏک پهچائي ٿو تہ ان جي ذات کان سواءِ ڪير بہ ان کي لاهي نہ ٿو سگهي تہ پوءِ مسلمان ان ڏک کي دفع ڪرڻ جي لاءِ الله جل جلاله جي نبي عليه الصلواة والسلام ۽ ولين ڀلارن ڏانهن ڇوٿا وڃن؟ (وهابي)

جواب: ان سوال جا ٻہ جواب آهن: ١- الزامي ٢- تحقيقي. ١- الزامي هي آهي تہ اهي اعتراض ۽ سوال ڪرڻ وارا پاڻ بہ الله جل جلاله جي طرفان آيل بيمارين وغيره ۾ حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جا دروازا ڪڙڪائين ۽ دوائون استعمال ڪن ٿا ۽ ڪيترن ڪمن ۾ وقت جي حڪومت ڏانهن فرياد ڪٽي وڃن ٿا جيڪڏهن انهن سڀني ڏانهن وڃڻ جائز آهي، شرڪ ۽ ڪفر ناهي تہ الله جل جلاله جي نبي عليه الصلواة والسلام ۽ ولين ڀلارن ڏانهن دعا طلبيءَ جي لاءِ وڃڻ بہ ناجائز ۽ شرڪ ناهي. ٢- تحقيقي جواب هي آهيُ تہ مٿين آيت ۾ مقابلي جي نفي آهي، يعني جيڪڏهن الله جل شانه ڪنهن کي ڏک ڏئي ٿو تہ سندس مقابلي ۾ اچي ڪوبہ ان کي دفع ڪري نہ ٿو سگهي پر سندس فضل ۽ ڪرم ۽ سندس ئي ارادي سان سندس نبي عليه الصلواة والسلام ۽ ولي بلڪ جڙيون، ٻوٽا بہ بيماريون ۽ مصيبتون دفع ڪن ٿا. علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي تہ فان قلت قد يتصور ان يكشف الانسان عن صاحبه كربة من الكرب قلت كاشف الضرِ في الحقيقه هو الله تعالىٰ اما بواسطة الاسباب او بغيرها وكذاالاستعانة فى الحقيقةَ من الله تعالىٰ فالاستعانه من الانبياءِ والاولياء انما هي استشفاع منهم في قضاء الحاجه والموحد لا يعتقد ان في الوجود مؤثرا غير الله تعالىٰ(٢) (مطلب ساڳيو آهي) مفتي محمد شفيع ديوبندي صاحب عام مسلمانن تي ڪاوڙ ڪندي انهن تي چوه چنديا آهن پر وچ ۾ ڪيس مٿئين ڳالهہ جو اقرار ڪرڻ کان سواءِ رستو نہ رهيو آهي. لکيو اٿس تہ: انبياءِ اولياءُ کے توسل سے دعا مانگنا دوسري بات ہےوہ جائز ہےاور خود نبي کريم صلي الله عليه وسلم کي تعليمات مين اس کےشواهد موجود هين(٣) شبير احمد عثماني صاحب بہ ائين لکيو آهي تہ: دنيا يا آخرت مين جو تکليف يا

(١) القرطبي ص٣٩٨ ج٦ (٢) روح البيان ص١٦ ج٣

(٣) معارف القرآن ص٢٩٥ ج٣

راحت خدا كسي كو پنهچانا چاهے تو كوئي مقابله كو روك سكتا هے اور نه اس كے غلبه واقتدار كے نيچے سے نكل كر بهاگ سكتا هے(١)

"وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ" ۽ اهو پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي سڀ ان جي اڳيان كمزور ۽ سندس محتاج آهن ۽ اهوئي حكمت وارو آهي جو سندس كوبه كم حكمت كان خالي ناهي اهو خبردار آهي جيكو ذري، ذري ۽ قطري قطري جي خبر ركي ٿو سندس علم كائنات جي ذري ذري كي محيط آهي، سيد شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جو ارشاد مبارك آهي. سيئي سبحان جي كر حوالي كم

قُلْ اَيُّ شَيْءٍ اَكْبَرُ شَهَادَةً قُلِ اللّٰهُ شَهِيْدٌ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ

فرماءِ ته كهڙي شيءِ وڏي آهي شاهديءَ جي لحاظ سان؟ فرماءِ ته الله شاهد آهي منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾

وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ اَئِنَّكُمْ

وحي كيو ويو مون ڏانهن هيءُ قرآن تانته ڊيڄاريان اوهان كي ان سان ۽ ان كي جنهن كي پهتو، ڇا يقيناً اوهان

لَتَشْهَدُوْنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخْرٰى قُلْ لَّآ اَشْهَدُ قُلْ اِنَّمَا

البت شاهدي ڏيو ٿا ته تحقيق الله سان گڏ الله ٻيا به آهن فرماءِ ته مان شاهدي نه ٿو ڏيان فرماءِ ته پڪ اهو

هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّاِنَّنِيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿١٩﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ

معبود هك آهي ۽ پڪ مان بيزار آهيان ان كان جو شرك ٿا كيو اهي جو ڏنو اسان انهن كي

الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا

كتاب سڃاڻن ٿا ان كي جيئن سڃاڻن ٿا پنهنجن پٽن كي جن نقصان ۾ وڌو

اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

پنهنجن سرن كي پوءِ اهي نه ٿا ايمان آڻين.

(١) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٧٢ مطبوعه سعودي عرب

تفسير

هن کان اڳ ۾ الله جل جلاله جي قهاريت، علم ۽ حکمت جو ذکر هو ۽ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مثان وحي جي نزول ۽ رسالت جي شاهديءَ جو ذکر ٿي رهيو آهي جيئن سندس علم ۽ حکمت ڪامل آهن، تيئن سندس شاهدي به ڪامل اکمل آهي. ارشاد آهي: "قُلْ اَيُّ شَيْءٍ اَكْبَرُ شَهَادَةً قُلِ اللّٰهُ شَهِيْدٌۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ" يعني اوهان انهن کان فرمان ڪري پڇو ته ڪهڙي شيءِ شاهديءَ جي لحاظ سان وڏي هي اوهان ئي انهن کي فرمايو ته الله منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ شاهد آهي.

شان نزول: مڪي جا قريشي سردار هڪ ڀيري حضور پر نورعليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي چوڻ لڳا ته اسان کوبه اهڙو ماڻهو ڪونه ٿا ڏسون جيڪو اوهان جي تصديق ڪري ته واقعي اوهان نبي آهيو، اسان يهودين ۽ نصارن کان به اوهان جي باري ۾ پڇيو آهي اهي به چون ٿا ته انهن وٽ اوهان جو ڪو ذکر يا صفت بيان ٿيل ناهي اسان کي بڌاءِ ته اوهان جي رسول هجڻ جي ڪير ٿو شاهدي ڏي؟ تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي (١) جنهن ۾ الله جل جلاله ارشاد فرمايو ته ٻيا شاهدي نه ڏين ته به ڪو فڪر نه ڪيو الله تعالىٰ اوهان جو شاهد آهي ۽ ان کان وڏو ڪوبه شاهد ناهي. "وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ" ۽ مون ڏانهن هي قرآن وحي ڪيو ويو آهي تانته ان سان اوهان کي ۽ جنهن کي به هي پهتو ڊپ ڏيان ۽ ڊيڄاريان "وَمَنْۢ بَلَغَ" مان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نبوت ۽ رسالت صرف ان وقت جي ماڻهن تائين محدود نه هئي پر جڏهن به، جتي به قرآن پاڪ جو آواز پهچندو انهن سيني جا حضور عليه الصلواة والسلام جن نبي آهن ۽ انهن سيني تي فرض آهي ته اهي حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻين. محمد بن ڪعب القرظي کان روايت آهي ته من بلغه القرآن فکانمارای النبي صلى الله عليه وسلم ثم قرء "وَمَنْۢ بَلَغَ" (٢) يعني جنهن وٽ قرآن پاڪ پهتو ته (ان تي ائين ايمان آڻڻ لازم ٿيو) جيئن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي روبرو ڏسڻ سان ايمان آڻڻ لازم ٿي ويندو آهي ۽ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن (ايران جي بادشاه) ڪسريٰ ۽ (روم جي بادشاه) قيصر ۽ هر سرڪش بادشاه ڏانهن خط لکي کين الله جل جلاله جي دين قبول ڪرڻ

(١) زاد المسير ص١٢ ج٣ (٢) تفسير طبري ص١٠٤ جلد ٥ جزء٧

جي دعوت ڏني هئي(١)

"ءِاَنَّكُمۡ لَتَشۡهَدُوۡنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخۡرٰى" ڇا پڪ اوهان شاهدي ڏيو ٿا ته تحقيق الله جل شانه سان گڏ ٻيا معبود به آهن؟ هي استفهام انڪاري آهي يعني ناهن. "قُلۡ لَّاۤ اَشۡهَدُ قُلۡ اِنَّمَا هُوَ اِلٰـهٌ وَّاحِدٌ" يعني فرماءِ ته مان اها شاهدي نه ٿو ڏيان يقينًا اهو هڪ معبود آهي. جنهن جي قدرت، علم، ڪبريائي، بي نيازي ۽ غالب هجڻ جو ذڪر اوهان ٻڌندا آيا آهيو مان صرف ان کي ئي پنهنجو معبود ۽ الله يقين ڪيان ٿو. "وَاِنَّنِىۡ بَرِىۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ" ۽ تحقيق مان انهن سڀني کان بيزار آهيان جن کي اوهان الله جل شانه سان شريڪ بنايو ٿا، اهي بيڪار آهن. "اَلَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ يَعۡرِفُوۡنَهٗ كَمَا يَعۡرِفُوۡنَ اَبۡنَآءَهُمۡ" مٿي لکي آيا آهيون ته مڪي پاڪ جي قريشي سردارن جڏهن يهودين ۽ نصارن کان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي باري ۾ پڇيو ۽ انهن ان باري ۾ ساڻن لا علميءَ جو اظهار ڪيو ته انهن جي رد ۾ آيت جو هي حصو نازل ٿيو جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته جن کي اسان ڪتاب ڏنو اهي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ائين ٿا سڃاڻن، جيئن پنهنجن پٽن کي. اهو انڪار لا علميءَ جي ڪري نه پر هٺ ڌرميءَ حسد، تڪبر، گمراهن ابن ڏاڏن جي پوئلڳ هجڻ، مال ۽ مرتبي جي محبت وغيره جي ڪري ڪن ٿا ۽ اها ڳالهه ڪين ايمان آڻي پنهنجن سرن کي هميشه واري نقصان ۽ دائمي هلاڪت کان بچائڻ جي اجازت نه ٿي ڏي. جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مڪي مان هجرت ڪري مدينه منوره ۾ آيا ته حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه ان وقت يهودين جي وڏي عالم ۽ پوءِ اسلام آڻي صحابي بنجندڙ حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه کان پڇيو ته تو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪيئن سڃاتو؟ ان جواب ۾ چيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اوصاف، ڪمالات ۽ نبوت جون نشانيون ۽ علامات اسان جي ڪتابن ۾ ايتري وضاحت سان لکيل آهن، جو جڏهن مون سندن ديدار ڪيو ته ڪين ائين سڃاتم جيئن پنهنجن پٽن کي. بلڪ رب جو قسم آهي ته پنهنجن پٽن کان به وڌيڪ. ڇو ته مون کي پنهنجي اولاد جي ماءُ تي ايترو اعتماد ناهي جيترو رب پاڪ جي ٻڌايل نشانين تي(٢)

"اَلَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فَهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ" جن شخصن پنهنجن سرن کي نقصان ۾ وڌو اهي ايمان نه آڻيندا. المقصد ته حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن سان حسد

(١) زاد المسير ص١٤ ج٣

(٢) روح المعاني ص١٢١ جلد ٣ جزءُ ٧ - التفسير الڪبير ص١٧٩ جزءُ ١٢

ڪرڻ جي ڪري خساري ۽ نقصان ۾ پيا آهن ۽ ڪين ايمان جي نعمت ۽ ابدي دولت نصيب نه ٿيندي.

فائدا : مٿين آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اَللّٰهُ شَهِيْدٌۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ" مان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات ۽ صفات جو وڏو شاهد الله جل جلاله آهي ۽ جنهن ذات ۽ ان جي سهڻي صفات جو شاهد مالڪ مٺو آهي ان جي عظمت ۽ مرتبي جو ڇا مقام هوندو. ٢- اهو به ثابت ٿيو ته ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها وڏي شان ۽ عزت واري آهي ڇوته جڏهن مٿس الزام لڳايو ويو هو ته سندس پاڪدامنيءَ جي شاهدي به الله جل جلاله سورة النور نازل ڪري ڏني هئي. علامه شاه احمد رضا خان صاحب فاضل بريلوي عليه الرحمة جن سائڻ جي دربار ۾ نذرانه عقيدت هن طرح پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي:

يعني هے سورۂ نور جن کي گواه
ان کي پر نور صورت پہ لاکھون سلام

٣- "قُلْ لَّاۤ اَشْهَدُ قُلْ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّاِنَّنِيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ" مان ثابت ٿيو ته حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن وري مٺي مالڪ جي توحيد جا وڏا شاهد آهن. ڇين سندن توحيد جي شاهدي ٻڌي ڏني ۽ حبيب اڪرم، محبوب مڪرم صلى الله عليه وسلم جن سندن ذات ۽ صفات جو معراج واريءَ رات ديدار ڪري روبرو ڏسي شاهدي ڏني. ۴- الله جل جلاله جي هڪ هجڻ جي شاهدي حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏني اها نبوي سنت آهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي برحق رسول هجڻ جي شاهدي الله جل شانه ڏني اها سنت الاهيه آهي. ۵- الله جل جلاله جي لاءِ شيءِ جو لفظ جيتوڻيڪ سندس مبارڪ نالن ۾ ناهي پر ڳالهائڻ جائز آهي ڇوته قرآن ڪريم "قُلْ اَيُّ شَيْءٍ اَكْبَرُ شَهَادَةً" آٿي اهو لفظ مٺي مالڪ جي لاءِ آندو آهي(١)

٦- "لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ" مان ثابت ٿيو ته حضورعليه الصلواة والسلام جن قيامت تائين پيدا ٿيلن ۽ ٿيندڙن جا نبي آهن ۽ قرآن پاڪ به سيني جي لاءِ فرمان آهي ڇوته "وَمَنْۢ بَلَغَ" ڪنهن زماني يا وقت سان مخصوص ناهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته جن کي رباني پيغام نه پهتو اهي صرف توحيد جي عقيدي رکڻ جي ڪري به جنتي آهن، جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن جا والدين ڪريمين رضي الله عنهما وغيره. ٧- "لِاُنْذِرَكُمْ" مان ثابت ٿيو ته قرآن پاڪ خود نذير، بشير ناهي نذير ۽ بشير حضور عليه

(١) تفسير ڪبير ص١٧٧ جزءُ ١٢ - نعيمي ص٣٠٥ جلد ٧

الصلواة والسلام جن آهن. ٨- "اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ" مان ثابت ٿيو تہ اسلام ۾ ايمان جو کلي اعلان ڪرڻ ضروري آهي، شرڪ، ڪفر ڪان بيزاريءَ جو بہ صاف صاف اعلان ڪرڻ گهرجي. تقيه ڪرڻ حرام آهي. حضرت علي ۽ ٻيا اهل بيت سڀ ڳورا رضي الله عنهم تقيه ڪرڻ ڪان پاڪ ۽ صاف هيا.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ۭ اِنَّهٗ لَا

۽ ڪير آهي وڌو ظالم ان ڪان جو ناهي هنيائين الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو چيائين ان جي آيتن کي يقينًا نہ

يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ

ڪامياب ٿيندا ظالم ۽ ان ڏينهن جو اٿاريندا سون انهن مڙني کي ان ڪان پوءِ چوندا سون انهن کي

اَشْرَكُوْٓا اَيْنَ شُرَكَاۗؤُكُمُ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٢٢﴾ ثُمَّ لَمْ تَكُنْ

جن شرڪ ڪيو تہ ڪٿي آهن اوهان جا شريڪ جيڪي گمان ڪندا هيؤ. تنهن ڪان پوءِ نہ هو

فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا مُشْرِكِيْنَ ﴿٢٣﴾

عذر انهن جو مگر هي جو چيائون قسم آهي الله جو اسان جي رب جو تہ نہ هياسين مشرڪ

اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

ڏس تہ ڪيئن ڪوڙ هنيائون پنهنجن سرن تي ۽ گم ٿيو انهن ڪان جيڪو ڪوڙ ٿي ناهيائون.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ يهودين جي انهن خيانتن جو ذڪر هو جيڪي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي ذات ۽ صفات بيان ڪرڻ ۾ ڪندا هئا هاڻي سندن انهن خيانتن جو ذڪر آهي جيڪي انهن ڪين مليل ڪتاب، دين ۽ نبي عليه الصلواة والسلام جي فرمانن ۾ ڪيون هيون تانتہ معلوم ٿئي تہ جيڪا قوم پنهنجي ڪتاب ۽ نبي جي تعليم ۾ خيانت ڪرڻ ڪان نہ مڙي آهي اها جيڪڏهن حضور عليه الصلواة

والسلام جي شان ۾ خيانت ڪري ته ڪهڙي ناممڪن ڳالهه آهي. ارشاد آهي: "وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ" ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي ڪوڙ هنيو يا ان جي آيتن کي ڪوڙو چيو. يعني جنهن سچي نبي جي صداقت تي روشن دليل قائم هجن ان کان الله جل شانه جو پيغام ٻڌي ان جي تڪذيب ڪرڻ واري کان وڌيڪ ظالم ڪير به نه ٿي سگهندو. "اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ" يقينًا ظالم ڪامياب نه ٿيندا. يعني آخرت ۾ ته مادي ۽ معنوي ڪاميابي نصيب ئي نه ٿيندين پر دنيا ۾ به ڪافرن، ظالمن کي مومنن جهڙي قلبي راحت ۽ ضمير جو سڪون نصيب نه ٿيندو. "وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَيْنَ شُرَكَاۗؤُكُمُ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ" يعني قيامت جي ڏينهن انهن سڀني کي اٿاري ان کان پوءِ مشرڪن کي چونداسون ته اوهان جا اهي شريڪ جن کي الله جل جلاله جي خدائيءَ ۾ حصيدار بنايو هيو ڪيڏي ويا ۽ ڪٿي آهن؟ جو اوهان کي هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ ساٿ نه ٿا ڏين. "ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا مُشْرِكِيْنَ" ان کان پوءِ انهن جو ٻيو ڪو عذر نه هوندو، مگر هيئن چوندا ته الله جو قسم ته اسين مشرڪ نه هياسين. يعني انهن لاءِ سڄي عمر واري شرڪ ۽ باطل معبودن جي پوڄا جي انڪار کان سواءِ ڪو رستو نه هوندو. "اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" يعني ڏس ته پنهنجن سرن تي ڪيئن ٿا ڪوڙ هڻن ۽ جيڪي به هٿرادو بهتان ناهيا هيائون اهي ڪائنن گم ٿي ويندا نه بچائي سگهندن نه ڇڏائي پر ليندن به ڪونه. مفسرن لکيو آهي ته جڏهن هي قسم کڻي پنهنجي شرڪ ۽ ڪفر جا انڪاري ٿيندا ته ان وقت قادر مطلق سندن واتن تي ماٺ ڪرڻ جي مهر هڻندو ۽ سندن عضون هٿن ۽ پيرن کي حڪم ڪندو ته اوهان شاهدي ڏيو ته هي ڇا ڪندا هيا؟ اهي سڀ ڪجهه بيان ڪندا ۽ سندن شرڪ، ڪفر ۽ برايون کلي سامهون ايندون. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما اهو تفسير ڪيو آهي (١)

فائدو: - آيت ٢٢ جي لفظ "اَيْنَ شُرَكَاۗؤُكُمْ" مان ثابت ٿيو ته ڪڏهن ڪنهن کي شرمسار ڪرڻ جي لاءِ ان لفظ سان به ياد ڪيو ويندو آهي، جنهن سان ڪيس غلط ۽ گمراهه ماڻهو سڏيندا آهن. ڪافرن جا باطل معبود. الله جل جلاله جا شريڪ نه هيا پر قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ ڪافرن کان انهن باطل معبودن کي "شُرَكَاۗؤُكُمْ" سان ذڪر ڪري ڪيئن شرمسار ڪندو. جيئن ٻيءَ آيت ۾ آهي "ذُقْ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ" (٢)

(١) معارف القرآن ص ٣٠١ جلد ٣ (٢) سورة الدخان آيت ٤٩

قيامت ۾ ڪافر ڪي عذاب چکائيندي چيو ويندو تہ "عذاب چک بيشڪ تون ئي عزت وارو، مان وارو آهين؟ ظاهر آهي تہ جيڪو عذاب ۾ مبتلا آهي اهو عزت وارو، مان وارو نہ تہ ٿي سگهي پر ڪيس شرمنده بنائڻ لاءِ ائين چيو ويندو. قيامت جي ڏينهن جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن وٽ حوض ڪوثر تي نااهل ايندا ۽ ملائڪ سڳورا انهن کي اتي بيهڻ ئي نہ ڏيندا تہ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن بہ انهن کي شرمندي ڪرڻ لاءِ فرمائيندا تہ "اهي منهنجا اصحاب آهن". پر افسوس آهي جو حبيب اڪرم، نور مجسم صلي الله عليه وسلم جن جا گستاخ ۽ بي ادب ٽولا ڪين بي علم قرار ڏيڻ جي لاءِ اها روايت پيش ڪندي چوندا آهن تہ ڪين ڪابہ خبر ناهي. معاذ الله من سوءِ الادب. اهيئي گستاخ ٽولا بتن جي باري ۾ لاٿل قرآن پاڪ جون آيتون الله جل جلالہ جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ولين تي مڙهي چوندا آهن تہ اهي بہ قيامت ۾ ڪو فائدو نہ ڏيندا، حالانڪ نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ صالحن عالمن، قرآن ڪريم، رمضان شريف ۽ ننڍڙن ٻارن جي بہ سندن والدين جي حق ۾ شفاعت اهڙن دليلن سان ثابت آهي جنهن جو انڪار نجو ڪافر ڪري سگهي ٿو مسلمان ڪڏهن بہ نہ ٿو ڪري سگهي. مسلمان کي الله جل جلالہ جي رحمت ۽ حبيب پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي شفاعت تي پڪو ايمان آهي ۽ اهو انهن جي ذريعي دنيا ۾ ڪاميابيءَ ۽ آخرت ۾ عذاب کان ڇوٽڪاري جي توقع رکي ٿو.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ وَجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ

۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جو ڪن ڏئي ٻڌي ٿو اوهان ڏانهن ۽ ڪيا اسان قلبن سندن تي ڍڪ متان

يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۭ

سمجهن ان کي ۽ ڪنن انهن جي ۾ گهٻرائي ۽ جيڪڏهن ڏسندا هر معجزو تہ (بہ) نہ ايمان آڻيندا ان تي

حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ

تانجو جڏهن اچن ٿا اوهان وٽ تہ جهيڙو ڪن ٿا توسان چون ٿا اهي شخص جو ڪفر ڪيائون ناهي هي مگر

اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٢٥ وَهُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ وَيَنْــــَٔـوْنَ عَنْهُ ۚ وَاِنْ

آڪاٺيون پهرين جون ۽ اهي روڪين ٿا ان کان ۽ پري ٿين ٿا ان کان ۽ نہ ٿا

يُهْلِكُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾

هلاڪ ڪن مگر پنهنجن سرن کي ۽ نہ ٿا سمجهن.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ڪافرن جي اخروي عذاب ۽ حالات جو ذڪر هو ۽ هاڻي حضور عليه الصلواة والسلام جن سان سندن غلط رويي جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَمِنْهُمْ مَنْ يَسْتَمِعُ اِلَيْكَ" ۽ انهن ڪافرن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي اوهان ڏانهن بظاهر ڪن ڏئي ٻڌن ٿا. يعني عيب جوئي ۽ اعتراض ڪرڻ لاءِ ٻڌن ٿا هدايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ نہ. "وَجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا" ۽ اسان سندن دلين تي ڍڪ ڪري ڇڏيا متان ان کي سمجهن ۽ سندن ڪنن ۾ گهبرائي ۽ ڳرائي ڪئي اٿئون.
شان نزول: مفسر خازن لکيو آهي تہ ابو سفيان، ابوجهل، وليد، نضر بن حارث، ربيعہ جا پٽ عتبہ ۽ شيبہ، خلف جا پٽ اميہ ۽ ابي ۽ حرث بن عامر گڏجي ويهي قرآن ٻڌڻ لڳا ۽ نضر بن حارث کان پڇيائون تہ (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) ڇا ٿو چوي؛ جواب ۾ چيائين تہ مون کي ڪا خبر ناهي مان تہ سندن صرف چپ چرندي ڏسي رهيو آهيان ۽ جيئن مان اوهان کي اڳين جون آکاڻيون ٻڌائيندو آهيان تيئن هي بہ اوهان کي ٻڌائي ٿو (نضر کهاڻيڪار هوندو هو) ابو سفيان چيو تہ مان ڏسان ٿو تہ جيڪي چوي ٿو ان مان ڪجهہ حصو حق آهي. ابوجهل ڪيس روڪيندي چيو تہ خبردار! اهو اقرار نہ ڪر ان کان تہ اسان جي لاءِ موت آسان آهي انهن جي ان گفتگوءَ جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي (١) جنهن ۾ اڳتي فرمان آهي تہ: "وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا" يعني ۽ جيڪڏهن اوهان جي سچي هجڻ تي دلالت ڪندڙن سينئي معجزن کي ڏسندا تہ بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا ۽ سندن دلين تي پردن جو اچڻ ۽ حق مڃڻ لاءِ تيار نہ رهڻ بہ سندن ئي منهن موڙڻ جي نتيجي ۾ ٿيو هو جيئن الله جل جلالہ ان جي وضاحت سورة حٰمٓ السجده ۾ ڪئي آهي ۽ انهن ڍڪن ۽ پردن جو سبب سندن ئي ڪردار آهي پر الله تعالىٰ جڏهن تہ مسبب الاسباب آهي تڏهن ان جي نسبت ان ڏانهن ڪئي اٿس. "حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ" تانجو جڏهن تو وٽ اچن ٿا تہ بحث ٿا ڪن

(١) تفسير خازن ص١٠ ج٢

تو سان ڪافر چون ٿا تہ هيءَ تہ صرف اڳين جون آڪاڻيون آهن. "وَهُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ وَيَنْئَوْنَ عَنْهُ" يعني اهي ٻين کي بہ ايمان آڻڻ کان روڪين ٿا ۽ پاڻ بہ پري رهن ٿا. ڪن مفسرن جو قول آهي تہ ان مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اهي مٽ مائٽ آهن جيڪي ٻين کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ايذائڻ کان روڪيندا هئا پر پاڻ ايمان نہ آڻيندا هئا ۽ اسلام کان پري رهندا هئا (١)

"وَاِنْ يُّهْلِكُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ" يعني پنهنجن سرن کي هلاڪ ڪن ٿا ۽ سمجهن نہ ٿا. تہ سندن دنيا ۽ آخرت برباد ٿي رهي آهي. ڇوتہ انهن سڀني ڪوششن جي هوندي نہ دين کي ڪجهہ ڪري سگهندا جو الله ان کي غالب ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ نہ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي ڪجهہ نقصان ڏئي سگهندا ڇوتہ سندن عصمت، رفعت ۽ دشمنن کان ڪفايت ڪرڻ جو ذمو بہ مٺي مالڪ پاڻ ڪنيو آهي.

وَلَوْ تَرٰىٓ اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ

۽ جيڪڏهن ڏسين جڏهن ٻيهاريا ويندا باهہ تي پوءِ چوندا اي سڌ اسان موٽايا وڃون ۽ نہ ڪوڙو چئون

بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧﴾ بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا

پنهنجي رب جي آيتن کي ۽ هجون مومنن مان بلڪ ظاهر ٿيو انهن لاءِ جيڪي

يُخْفُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٢٨﴾

لڪايائون ٿي، اڳ ۾ ۽ جيڪڏهن موٽايا وڃن ها تہ البت ورن ها ان (ڪم) لاءِ جو روڪيا ويا ان کان ۽ بيشڪ اهي البت ڪوڙا آهن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي دلين تي پردن، ڪنن ۾ ڏک ۽ ڳرائي جو ذڪر هو هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ آخرت ۾ اهي پردا هٽايا ويندا تہ الاهي عذاب ڏسي ڇا چوندا. ارشاد رباني آهي: "وَلَوْ تَرٰىٓ اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" "تَرٰىٓ" ۾ خطاب حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي (١) يعني اي محبوب! (عليه الصلواة والسلام) جيڪڏهن اوهان انهن ڪافرن کي ان وقت

(١) الدر المنثور ص٢٦٠ ج٣ (٢) تفسير نعيمي ص٣٣٠ ج٧

ڏسو جڏهن جهنم جي باه ۾ داخل ڪري بيهاريا ويندا يا جهنم ۾ داخل ڪرڻ کان پهريائين پلصراط يا دوزخ جي ڪناري تي بيهاري کين باه ڏيکاري ويندي ۽ يقين ٿيندن ته پوءِ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳندا ته سڌ! اسان دنيا ڏانهن موٽايا وڃون ته پنهنجي رب جي آيتن کي ڪوڙو نه چونداسون ۽ ايمان آڻي مؤمنن مان ٿينداسون. سندن مٿئين ڳالهه جي جواب طور مالڪ مٺي جو فرمان آهي ته: "بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوا يُخْفُونَ مِنْ قَبْلُ" يعني جيڪو انڪار دل ۾ لڪايو ويٺا هئا اهو کين لاءِ ظاهر ٿي چڪو آهي. هاڻي سندن دنيا ۾ واپس وڃڻ جي تمنا ايمان آڻڻ جي صحيح عزم رغبت ۽ شوق سان ناهي پر ڪيل عملن جي سزا ۽ بدلي جو منظر سامهون ڏسي مجبورًا چئي رهيا آهن. "وَلَوْ رُدُّوا لَعَادُوا لِمَا نُهُوا عَنْهُ وَإِنَّهُمْ لَكَاذِبُونَ" ۽ جيڪڏهن (دنيا ۾) موٽائي موڪليا وڃن ها ته به وري اهي ڪم ڪن ها جن کان روڪيا ويا هئا ۽ بيشڪ اهي ڪوڙا آهن. يعني عذاب ڏسي ڪري به ڪوڙ هٽي رهيا آهن ته جيڪڏهن دنيا ۾ موٽايا ويندا ته رب جي آيتن کي ڪوڙو نه چوندا ۽ ايمان آڻيندا. مقصدته اهي موٽڻ کان پوءِ وري به ساڳيو ڪفر ڪندا ۽ براين کان باز نه ايندا ۽ ڏٺل عذاب کي خواب خيال وانگر وساري ڇڏيندا.

فائدا : ١ - مٿئين آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته عمل جي جاءِ دنيا آهي آخرت ان ڪيل عمل جي بدلي ملڻ جي جاءِ ضرور آهي پر عمل جي جاءِ ناهي ڪافر به عذاب ڏسي چون ته دنيا ڏانهن موٽاءِ ته ايمان آڻيون ۽ آيات ربانيءَ جي تڪذيب نه ڪيون. پر اتي جو اتي ايمان آڻڻ ۽ آيتن جي تڪذيب نه ڪرڻ جي خواهش نه ڪندا ڇوته اتي ڪابه نيڪي قبول نه آهي. ها لذت ۽ روح کي راحت ڏيڻ جي لاءِ قبر ۾ به نيڪ صالح ٻانها عبادت ڪن ٿا جيئن حديث پاڪ ۾ آهي، حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته: مون معراج واري رات موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي ڏٺو ته قبر ۾ نماز پڙهي رهيو هو. يا ٻي حديث ۾ آهي ته سورة الملڪ جي تلاوت ڪندڙ قبر ۾ به اها سورة تلاوت ڪري رهيو هو. يا حديث پاڪ ۾ آهي ته: هر ميت کي قبر ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي زيارت ڪرائي ان کان پڇيو ويندو ته هن جي حق ۾ ڇا ٿو چوين؟ ته اهو زيارت ڪندڙ اصحابي نه بنجندو اصحابي اهي ٿيا جن دنيا ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي زيارت ڪري ايمان آندو. ٢- مرڻ کان پوءِ دنيا ڏانهن موٽڻ جي تمنا شهيد به ڪندا پر اهي وري شهادت جي لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ باقي ٻيو ڪوبه مسلمان اها خواهش نه ڪندو ڇوته کين دنيوي نعمتن کان وڌيڪ

نعمتون ۽ راحتون اڳتي ملنديون. شال اسان عاجزن کي الله جل جلاله حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي صدقي انهن اخروي نعمتن سان نوازي- آمين يا رب العالمين.

وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَلَوْ

۽ چوندا ته ناهي اها مگر حياتي اسان جي دنيوي ۽ ناهيون اسان (قبرن مان) اٿاريل ۽ جيڪڏهن

تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۗ قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ۗ قَالُوْا بَلٰى

ڏسندين جڏهن بيهاريا ويندا پنهنجي رب جي آڏو فرمائيندو ته ڇا ناهي؟ هيءُ حق چوندا هائو

وَرَبِّنَا ۚ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع

قسم آهي اسان جي رب جو،فرمائيندو ته چکو عذاب ان جي ڪري جو ڪفر ڪندا هئو.

تفسير

متي بيان ٿيو ته جڏهن ڪافر باهه جي اڳيان بيهاريا ويندا ته هيئن چوندا ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته جيڪڏهن دنيا ۾ موٽايا وڃن ها ته هيئن چون ها. فرمان اقدس آهي: "وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ" ۽ چون ها ته(جنهن دنيا ڏانهن موٽايا ويا آهيون) اهائي ته اسان جي دنيا واري حياتي آهي ۽ اسين مرڻ کان پوءِ قبرن مان اٿاريا نه ويندا سون. ڄاڻڻ گهرجي ته حياتي ٻه قسم آهي. ١- دنيوي جنهن کي محسوس زندگي سڏيو ويندو آهي ٢- اخروي جنهن کي غيبي زندگي سڏيو ويندو آهي. ١- دنيوي زندگي وري ٻه حصا آهي ١- تڪليفي جيڪا عاقل بالغ هجڻ سجاڳيءَ ۽ هوش سان واسطو رکي ٿي ۽ ان ۾ انسان تي شرعي جوابداريون لازم ٿين ٿيون. ٻي غير تڪليفي جيئن ٻار هجڻ، غير عقلمند هجڻ، ننڊ ۽ بيهوشيءَ وغيره جي حالت. "وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ" ۽ اسان اٿاريل ناهيون،هي ڪافرن جي طرفان ان اخروي زندگيءَ جو انڪار ذڪر ڪيل آهي. "وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ" يعني جيڪڏهن انهن کي ان وقت ڏسندءِ ته وڏو عجيب واقعو نظر ايندو. جڏهن پنهنجي رب جي اڳيان حساب لاءِ بيهاريا ويندا ته عجب لڳندو. "قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ" الله کين فرمائيندو ته ڇا هي قبرن مان اٿڻ حق ناهي؟ عرض ڪندا ته هائو

اسان کي پنهنجي رب جو قسم آهي تہ بالکل حق آهي الله فرمائيندو تہ پوءِ دنيا ۾ ڪفر ڪرڻ جي ڪري عذاب چکو.

قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ ۭ حَتّٰٓي اِذَا جَاۗءَتْهُمُ السَّاعَةُ

تحقيق نقصان ۾ پيا اهي شخص جن ڪوڙو ڄيو الله جي ملڻ کي تانجو جڏهن ايندي انهن وٽ قيامت

بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰي مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ وَهُمْ يَحْمِلُوْنَ

اوچتو تہ چوندا اي ارمان اسان کي ان تي جو ڪوتاهي ڪئي سون ان ۾ ۽ اهي کڻندا

اَوْزَارَهُمْ عَلٰي ظُهُوْرِهِمْ ۭ اَلَا سَاۗءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٣١﴾ وَمَا الْحَيٰوةُ

بار پنهنجا پٺين پنهنجين تي خبردار برو آهي جيڪي کڻندا ۽ ناهي حياتي

الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ۭ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٣٢﴾

دنيوي مگر راند ۽ چرچو ۽ البت دار آخرت واري ڀلي آهي انهن جي لاءِ جو ڊڄن ٿا، ڇا پوءِ نہ ٿا عقل کان ڪم وٺو.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافر جيڪڏهن قيامت ۾ عذاب ڏسڻ کان پوءِ بہ موٽائي دنيا تي آندا وڃن تہ وري بہ ضد ڪري چوندا تہ هيءَ اسان جي دنيوي حياتي آهي- هتي اهو ٻڌائيندي تہ ڪافرن جي لاءِ هلاڪت ۽ نقصان آهي، ارشاد ٿي رهيو آهي: "قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ" يعني يقينًا نقصان ۾ پياجن الله جل جلاله جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ ۽ سندس ملڻ ۽ ديدار کي ڪوڙو ڄيو ۽ ان تي ايمان نہ آندو. ڇاڪاڻ گهرجي تہ الله جل جلاله جي ديدار ۽ سندس دربار ۾ پيش ٿيڻ جو انڪار ڪرڻ وڏي بدبختي آهي الله جي پيارن ٻانهن جي زندگيءَ جي ساري عبادت جو وڏو مقصد تہ آهي ئي ديدار الاهي ڪرڻ.

"حَتّٰٓي اِذَا جَاۗءَتْهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰي مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا" يعني تانجو جڏهن اوچتو مٿن قيامت اچي ڪڙڪندي تہ چوندا اسان کي ان ڪوتاهيءَ تي

جيڪا اسان دنيوي زندگيءَ ۾ رهي ڪري قيامت جي تياريءَ لاءِ ڪئي سخت ارمان آهي: "وَهُمۡ يَحۡمِلُوۡنَ اَوۡزَارَهُمۡ عَلٰي ظُهُوۡرِهِمۡ" يعني اهي پنهنجي براين ۽ شرارتن جا بار پنهنجين پٺين تي کڻي هلندا. جن جي وزن جي ڪري سندن پٺيون ڏنگيون ٿي ويندیون سڌيون نه رهنديون. "اَلَاسَآءَ مَا يَزِرُوۡنَ" خبردار جيڪو بار کڻندا اهو برو هوندو ۽ اها پيشيماني ۽ ندامت مٿن ان بار کي هلڪو ڪري نه سگهندي. "وَمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهۡوٌ وَلَلدَّارُ الۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ" ۽ دنياوي حياتي ٻيو ڪجهه به ناهي صرف راند روند ۽ چرچو ڀوڳ آهي ۽ آخرت وارو گهر انهن جي لاءِ ڀلو آهي جيڪي الله کان ڊڄن ٿا. ڇا اوهان عقل نه ٿا رکو جو ان کان ڪم وٺي دنيوي ۽ اخروي حياتيءَ ۾ فرق ڪري آخرت کي دنيا تي ترجيح ڏيو؟ دنيا ۾ جيئرا مومن به آهن ته ڪافر به پر سندن زندگيءَ ۾ آسمان ۽ زمين جو فرق آهي، جيئن سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما جن بيان فرمايو آهي ته راند، روند ۽ چرچي ڀوڳ واري زندگي غير مسلم جي آهي ڇوته اهو هي قيمتي گهڙيون غرور، تڪبر ۽ باطل ڪمن ۾ ضايع ڪندو آهي پر مومن جي زندگي صالح عمل سان ڀرپور لهو ۽ لعب کان محفوظ آهي(١) دنيا ۾ اهڙي شيءِ جيڪا هر انسان کي حاصل ۽ ڪيس نهايت پياري آهي سندس زندگي آهي ان جي ڪري بهتر آهي ته اها ياد الاهيءَ ۾ گذاري. جيئن هڪ حديث پاڪ ۾ آهي ته: "الدنيا ملعون وملعون ما فيها الا ذكر الله او عالم او متعلم" يعني دنيا ۽ جيڪي ان ۾ آهي الله جي ذڪر يا عالم يا طالب علم کان سواءِ لعنت ڪيل آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته دنيا جو هر اهو ڪم جيڪو الله جل جلاله جي اطاعت، شرعي احڪامن جي پيرويءَ جي مطابق آهي اهو الله جي ذڪر ۾ داخل آهي، دنيوي ڪم معاش ڪمائڻ جا جائز طريقا ۽ ٻيون ضرورتون جيڪڏهن شرعي حدود کان متجاوز نه آهن ته ذڪر الله ۾ داخل آهن(٢)عقلمند انسان هر ڪم ۾ الله جل جلاله جي رضا حاصل ڪرڻ کي مقدم رکي ٿو جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن جو ارشاد آهي: "اَلۡكَيِّسُ مَنۡ دَانَ نَفۡسَهٗ وَرَضِيَ بِالۡكِفَافِ وَعَمِلَ لِمَا بَعۡدَ الۡمَوۡتِ" (٣)يعني داناءُ ماڻهو اهو آهي جو پنهنجي نفس جو پاڻ محاسبو ڪري ۽ ڪفايت واري معاش تي راضي رهي ۽ موت کان پوءِ واري زندگي لاءِ عمل ڪري.

(١) ضياءُ القرآن ص٥٤٩ ج١ — (٢) معارف القرآن ص٣١٠ ج٣
(٣) معارف القرآن ص٣١١ ج٣

قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُکَ الَّذِيْ يَقُوْلُوْنَ فَاِنَّهُمْ لَا يُکَذِّبُوْنَکَ

تحقيق چاڻون ٿا تہ تحقيق شان هيءَ آهي تہ البت ڏک ٿو پهچائي توکي جيڪو (ڪافر) چون ٿا

وَلٰکِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ کُذِّبَتْ رُسُلٌ

پوءِ تحقيق اهي نٿا ڪوڙو چون توکي ۽ پر ظالم آيتن الله جي جو انڪار ڪن ٿا ۽ البت تحقيق ڪوڙا سمجهيا ويا ڪيترا رسول

مِّنْ قَبْلِکَ فَصَبَرُوْا عَلٰی مَا کُذِّبُوْا وَاُوْذُوْا حَتّٰۤی اَتٰهُمْ نَصْرُنَا

توکان اڳ ۾ پوءِ صبر ڪيائون ان تي جو ڪوڙا سمجهيا ويا ۽ ايذايا ويا تانجو پهتي انهن کي مدد اسان جي

وَلَا مُبَدِّلَ لِکَلِمَاتِ اللّٰهِ وَلَقَدْ جَآءَکَ مِنْ نَّبَاِی الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٤﴾

۽ ناهي (ڪير بہ) مٽائيندڙ ڪلمن الله جي کي ۽ البت تحقيقي آئي تو وٽ خبر مرسلن جي

تفسير

هن کان اڳ ۾ بيان ڪيو ويو تہ ڪافرن جا برا عقيدا ۽ برا عمل قيامت جي ڏينهن مٿن بارڪري لڏيا ويندا ۽ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي اهو فرمائيندي تہ ڪافرن جو اهو قول فعل اوهان جي دل تي بار نہ بنجي ارشاد ٿي رهيو آهي: "قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُکَ الَّذِيْ يَقُوْلُوْنَ" تحقيق چاڻون ٿا تہ يقينًا جيڪي ڪجهہ ڪافر چون ٿا اوهان کي ڏکوئي ٿو. "فَاِنَّهُمْ لَا يُکَذِّبُوْنَکَ وَلٰکِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ" پوءِ پڪ اهي اوهان کي ڪوڙو نہ ٿا چون پر (تحقيق اهي) ظالم الله جي آيتن جو انڪار ڪن ٿا. ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن حضورعليه الصلواة والسلام جن مڪي پاڪ ۾ رهندڙن مشرڪن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ الله جي توحيد ۽ پنهنجي نبوت ۽ مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ جي لاءِ مضبوط دلائل ۽ قوي حجتون پيش ڪيون ۽ ڪافر نہ مڃڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ نہ ايمان آڻڻ جي لاءِ آمادا ٿيا رهندو حضور پور نور عليه الصلواة والسلام جن جي متعلق توهين آميز ڪلما ڪيڻ لڳا ۽ پاڻ سخت ڏکويا تڏهن مٿيون ارشاد نازل ٿيو ۽ ابن جرير سُديءَ کان روايت آندي آهي تہ: اخنس بن شريق ۽

ابوجهل پاڻ ۾ مليا اخنس بن شريق ابو جهل کان پڇيو تہ: (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) جي خبر ڏي سچو آهي يا ڪوڙو؟ معاذالله من هذا القول) هتي اسان ٻنهي کان سواءِ اها ڳالهہ ٻيو ڪير بہ ڪونہ ٿو ٻڌي. ابوجهل چيو تہ: الله جو قسم آهي تہ (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) سچو آهي ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو اٿس پر قصي (حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڏاڏن مان هڪ جو نالو آهي) جي اولاد وارا قريشين جو جهندو ڪش حاجين کي پاڻي پيارڻ جي خدمت، فيصلن جي باري ۾ مشورن ڏيڻ جي اڳواڻيءَ سان گڏ جيڪڏهن نبوت بہ کڻي ويا تہ باقي ٻين قريشين جي لاءِ ڇا رهندو؟ تڏهن الله جل جلالہ مٿيون ارشاد فرمايو(١) ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي تہ اهي اوهان کي ڪوڙو نہ ٿا چون پر اهي ظالم الله جل جلالہ جي آيتن کي ڪوڙو سمجهن ٿا. حضرت سفيان ثوري پنهنجيءَ سند سان حضرت عليءَ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: ابوجهل نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي چيو هو تہ: اسين اوهان کي ڪوڙو ڪونہ ٿا چئون ها جيڪو قرآن اوهان آندو آهي ان کي ڪوڙو چئون ٿا، تڏهن رب پاڪ مٿيون فرمان نازل ڪيو(٢)

علامہ آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: هنن لفظن مان ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جليل القدر ۽ رفيع الشان هجڻ ۾ ان مقام تي پهتل آهن جنهن کان مٿي ڪو مقام ناهي جيئن (اِنَّ الَّذِيۡنَ يُبَايِعُوۡنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوۡنَ اللّٰهَ) مان ثابت آهي تہ سندن بيعت الله جل شانہ جي بيعت آهي، تيئن "فَاِنَّهُمۡ لَا يُكَذِّبُوۡنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجۡحَدُوۡنَ" مان ثابت ٿيو تہ ڪين سچو نہ سمجهڻ حقيقت ۾ الله جل جلالہ جي آيتن جو انڪار ڪرڻ آهي ۽ پاڻ الله جل جلالہ جي قرب ۾ نهايت ڪمال کي پهتل آهن ۽ سندن شان الله جي شان ۾ فنا آهي(٣)

"وَلَقَدۡ كُذِّبَتۡ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَصَبَرُوۡا عَلٰى مَا كُذِّبُوۡا وَ اُوۡذُوۡا حَتّٰٓى اَتٰهُمۡ نَصۡرُنَا" مٿئين تسلي ڏيارڻ کان پوءِ الله جل جلالہ پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ڏانهن نگاه ڪرڻ جي لاءِ ۽ سندن واقعات کي ذهن نشين بنائڻ جي لاءِ فرمايو تہ "۽ تو کان اڳ ۾ بہ ڪيترن رسولن کي ڪوڙو

(١) تفسير المراغي ص١٠٩ جزءُ ٧
(٢) تفسير ابن ڪثير ص١٢٩ جلد ٢ - تفسير القرطبي ص٤١٦ جلد ٦
(٣) روح المعاني ص١٣٥ جلد٣ جزءُ٧

سڏيو ويو پوءِ ان تي صبر ڪيائون ۽ ايذايا بہ ويا تانجو انهن وٽ اسان جي مدد پهتي. " ۽ الله جل جلاله انهن ڪوڙو چوندڙن کي سزا ۽ عذاب ڏنا. هيءَ تسلي ڪان پوءِ وري ٻي تسلي آهي ۽ ان ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي بشارت بہ ڏني وئي آهي تہ جيئن انهن پلارن جي الله جل جلاله مدد ڪئي تيئن جلد سندن بہ مدد ڪندو ڇوتہ صبر جي عاقبت الله جل شانہ طرفان مدد هوندي آهي. ان ڪان پوءِ ان مدد جو تاڪيد ڪندي فرمان اچي رهيو آهي. "وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَاتِ اللّٰهِ" ۽ الله جي فرمانن کي ڪوبہ ڦيرائيندڙ ۽ مٽائيندڙ ناهي. ان جي ڪري الله جل جلاله جي طرفان پنهنجي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي مدد ڪرڻ پڪي، يقيني ۽ قطعي ڳالھ آهي، جنهن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ٿيندي ۽ ان وعدي جو وري تاڪيد ڪندي فرمان ٿي رهيو آهي. "وَلَقَدْ جَاءَكَ مِنْ نَبَإِ الْمُرْسَلِينَ" ۽ يقينًا اوهان وٽ مرسلن جي ڳالھ آئي آهي. تہ انهن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ سڏيو ويو ۽ انهن صبر ڪيو جيئن تہ الله جل جلاله انهن جي مدد ڪئي تيئن اوهان جي بہ مدد ڪري اوهان کي دشمنن تي غالب ڪيو ويندو ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي: "اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ" (١) يقينًا اسان پنهنجن رسولن ۽ مومنن جي دنياوي حياتيءَ ۽ ان ڏينهن جو شاهد قائم ٿي شاهدي ڏيندا مدد ڪنداسون.

سوال: جڏهن الله جل جلاله وعدو ڪيو آهي تہ "اسين رسولن عليهم الصلواة والسلام ۽ ايمان وارن جي مدد ڪنداسون" تہ پوءِ ڪيترن ملڪن ۽ علائقن ۾ مسلمانن جي مدد ڇو نہ ٿي ٿئي ۽ ڇو مارون ڪائي رهيا آهن؟

جواب: الله جل جلاله جو وعدو سچو آهي پر اهي مسلمان پنهنجن نفساني خواهشات جا تابع ٿي ڪري ايمان ۾ ڪامل ۽ سچا نہ رهيا اهن ۽ جن طريقن سان الله جل جلاله جي مدد ايندي آهي انهن ڪان پري آهن الله جل جلاله جي مدد جو وعدو سچي مومن سان آهي، ظالم، باغي ۽ بدمعاش مسلمان سان ناهي ڪافرن سان وڙهڻ ۾ ان جي مدد ٿيندي جيڪو الله جل شانہ جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ ۽ سندس دين جي خدمت لاءِ وڙهندو جيئن رباني فرمان آهي: "وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ" (٢) الله ضرور ان جي مدد ڪندو جيڪو سندس (دين) جي مدد ڪندو. ٻيءَ جاءِ تي فرمان آهي: "يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ" (٣)

(١) سورة المؤمن آيت ٥١ (٢) سورة الحج آيت ٤٠
(٣) سورة محمد آيت٧

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن الله جي (دين جي) مدد ڪندؤ ته (الله) اوهان جي مدد به ڪندو ۽ اوهان کي ثابت قدم به رکندو.
فائدو: هن آيت جي لفظ "لَيَحْزُنُكَ" مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي دل مبارڪ تي ڏک پسند نه ٿو فرمائي ڪين اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جا واقعا ٻڌائي مطمئمن ٿو رکي ۽ ڇونه رکي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ته ڪائنات جو روح، اصل ۽ ايمان جي جان آهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته بي دينن جي طعنن تي غير اختياري غم ۽ ڏک ڪرڻ منع ناهي بلڪ ان ڏک ۽ غم کي برداشت ڪرڻ وڏو ثواب، اجر ۽ سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جن جي سنت آهي.

وَإِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ إِعْرَاضُهُمْ فَإِنِ اسْتَطَعْتَ أَنْ تَبْتَغِيَ

۽ جيڪڏهن ڳرو لڳو توتي منهن موڙڻ انهن جو پوء جيڪڏهن ڪري سگهين تون هي جو هٽين

نَفَقًا فِي الْأَرْضِ أَوْ سُلَّمًا فِي السَّمَاءِ فَتَأْتِيَهُمْ بِآيَةٍ ۚ وَلَوْ

سرنگهه زمين ۾ يا (ناهين) ڏاڪڻ آسمان ۾ پوء آڻين انهن وٽ ڪو معجزو ۽ جيڪڏهن

شَاءَ اللَّهُ لَجَمَعَهُمْ عَلَى الْهُدَىٰ فَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْجَاهِلِينَ ﴿٣٥﴾

گهري ها الله ته البت گڏ ڪري ها انهن کي هدايت تي پوء هرگز نه هج جاهلن مان-

إِنَّمَا يَسْتَجِيبُ الَّذِينَ يَسْمَعُونَ ۘ وَالْمَوْتَىٰ يَبْعَثُهُمُ اللَّهُ ثُمَّ

تحقيق قبول ڪن ٿا جيڪي ٻڌن ٿا ۽ مئل اٿاريندو انهن کي الله

إِلَيْهِ يُرْجَعُونَ ﴿٣٦﴾

ان ڪان پوء ان ڏانهن موٽايا ويندا:

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ٻڌايو ويو ته اهي اوهان کي ڪوڙو نه ٿا چون پر الله جي آيتن کي ڪوڙو چئي رهيا آهن ۽ هتي ڪين ٻڌايو ٿو وڃي ته

اوهان کي انهن جو منهن موڙڻ ڳرو نہ لڳي. ڇو تہ الله جي ڪلمات کي ڪوبہ مٽائي نہ ٿو سگهي ۽ انهن جي متعلق سندن ئي حالتن کي ڄاڻندي فيصلو ٿي چڪو آهي تہ ايمان نہ آڻيندا. ارشاد رباني آهي: "وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ تَبْتَغِيَ نَفَقًا فِي الْاَرْضِ اَوْ سُلَّمًا فِي السَّمَآءِ فَتَاْتِيَهُمْ بِاٰيَةٍ" يعني جيڪڏهن انهن ڪافرن جو ايمان کان منهن موڙڻ اوهان تي ڳرو ٿو گذري پوءِ جيڪڏهن اوهان ڪري سگهو جو (الله جي مشيت ۽ اذن کان سواءِ) انهن لاءِ زمين ۾ سرنگهہ هڻو يا آسمان ۾ ڏاڪڻ ناهيو پوءِ انهن وٽ معجزو آڻيو (تہ ڀلي آڻيو) پر اهي مومن نہ بڻجندا مشيت الاهي اها ناهي ان جي ڪري اوهان پريشان نہ ٿيو. علامہ زمخشري لکيو آهي تہ: والمراد بيان حرصه على اسلام قومه وتهالكه عليه وانه لو استطاع ان ياتيهم باية من تحت الارض او من فوق السماء لاتي بها رجاء ايمانهم (١) يعني مٿئين آيت مان مراد اهو بيان ڪرڻ آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي پنهنجي قوم جي اسلام آڻڻ جو تمام گهڻو حرص آهي ڀلي ان ۾ ڪين جان ڏيڻي پوي ۽ جيڪڏهن (الله جي اذن کان سواءِ) پاڻ زمين جي هيٺان يا آسمان مان معجزو ظاهر ڪري سگهن ها تہ انهن جي ايمان آڻڻ جي اميد تي اهو معجزو بہ آڻي ڏيکارين ها. پر تکوينيات ۾ بغير مشيت ايزدي ڪيربہ ڪجهہ ڪري نہ سگهندو. ان جي ڪري ڪافرن جو هر مطالبو پورو نہ ڪبو. ڄاڻڻ گهرجي تہ مٿي ذڪر ڪيل آيت جي حصي جو مقصد هي آهي تہ: اي محبوب ﷺ! جيڪڏهن اوهان جي ديني دعوت کان ڪافرن جو منهن موڙڻ اوهان کي ڳرو ٿو لڳي تہ پوءِ جيڪڏهن (اسان جي اذن ۽ مشيت کان سواءِ) اوهان کان ٿي سگهي جو زمين ۾ ڪا سرنگ يا آسمان تي چڙهڻ جي لاءِ ڪا ڏاڪڻ هٿ ڪري آسمان تي وڃي انهن جي زبان مان جن بہ معجزن جي لاءِ گهر نڪري ڪين ڏيکاريو تہ ڀلي ڪيو اسين تہ انهن کي سندن هر مطالبي موافق معجزا نہ ڏيکاريندا سون اوهان پنهنجي نبوت جي ثبوت لاءِ انهن کي سوين معجزا ڏيکاريا آهن، مڃڻ واري لاءِ اهي ڪافي آهن باقي ضدي ماڻهو ڪڏهن بہ ڪونہ مڃيندو (٢)

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اها خواهش

---

(١) الكشاف ص١٥ ج٢ - تفسير غرائب القرآن للنيشاپوري ص١٣٧ جلد ٥ بهامش تفسير طبري

(٢) تفسير نعيمي ص٣٧٠ ج٧

بي علم ۽ بي خبر هجڻ جي ڪري نہ هئي پر سندن رحمت ۽ رأفت جي غلبي جي تقاضا اها هئي جيئن مهربان طبيب سمجهندو آهي تہ هيءُ مريض هن مرض مان صحت ياب نہ ٿيندو پر تڏهن بہ جيستائين ان ۾ ساه هوندو تيستائين ان جو علاج ڪندو رهندو آهي. "وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَمَعَهُمْ عَلَى الْهُدٰى" يعني ۽ جيڪڏهن الله سيني کي مجبور ڪري، هدايت تي آڻڻ جو ارادو ڪري ها تہ انهن کي هدايت تي گڏ ڪري ها قادر آهي ان جي، اڳيان اها نہ ٿيڻي شيءِ ناهي. پر سندس حڪمت جي تقاضا اها آهي تہ ٻانهن جي اڳيان ٻئي رستا نيڪي ۽ بديءَ جا کولي کولي بيان ڪري پوءِ ٻانها جهڙو اختيار ڪندا ان موافق کين بدلو ملندو(١)

"فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ" پوءِ هرگز نہ هج جاهلن مان. هتي خطاب عام ٻڌندڙ سان آهي، علامہ ابو حيان اندلسيءَ لکيو آهي تہ: والذي اختاره ان هذا الخطاب ليس للرسول..... فالخطاب في فلا تكونن للسامع دون الرسول(٢) يعني مون وٽ مختار قول اهو آهي تہ "لَا تَكُوْنَنَّ" ۾ خطاب حضور عليہ الصلواة والسلام جن سان ناهي هر ٻڌندڙ شخص سان آهي ۽ جاهلين مان مراد معترضين آهن مقصد تہ اي قرآن پاڪ ٻڌندڙ! تون ان تي اعتراض ڪندڙن مان نہ ٿيءُ ۽ ائين نہ چئو تہ الله جل جلالہ سيني کي هدايت ڇونہ ڏني؟ هن وقت تائين ٻڌايو ويو تہ معجزات وغيره انهن ڪافرن جي لاءِ مفيد ناهن اڳتي ان جو سبب ٻڌايو وڃي ٿو تہ معجزات ۽ قرآني آيتون ان کي فائدو ڏئي سگهنديون جيڪو ٻڌي يا جيڪو زنده هجي هي ڪافر اوهان جي ڪلام ٻڌڻ کان ٻوڙا ۽ مئل آهن تہ اهي فائدو ڪيئن حاصل ڪندا. ارشاد آهي: "اِنَّمَا يَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ يَسْمَعُوْنَ" تحقيق قبول اهي ڪن ٿا جيڪي ٻڌن ٿا. مطلب تہ حق اهي قبول ڪندا جيڪي ٻڌندا جيڪي مسلسل انڪار ڪرڻ جي ڪري حق جي آواز ٻڌڻ کان ٻوڙا ۽ مئل آهن اهي ان حالت ۾ ايمان ڪيئن آڻيندا وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ۽ مئلن کي الله اٿاريندو ان کان پوءِ ان ڏانهن اٿاريا ويندا هتي مئلن مان مراد دلين جا مئل ڪافر آهن. (٣)جاڻڻ گهرجي تہ جسم جي زندگي جان سان ۽ دل جي زندگي ايمان سان آهي. جان کان سواءِ جسم بيڪار آهي ايمان کان سواءِ دل جو ڪو قدر ۽ قيمت ناهي. جسم ۾ جان آهي تہ سڀ عضوا ڪم ڪن ٿا ۽ دل ۾ ايمان آهي تہ سڀ عمل قبول آهن، جيڪڏهن ايمان ويو تہ عمل سڀ برباد ٿي ويندا.

فائدو: ياد رکڻ گهرجي تہ نبين عليهم الصلواة والسلام جا معجزا ٽن قسمن جا هيا. ١-اهي جيڪي سندن ذات سان لازم هيا جيئن حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو پاڇي کان سواءِ هجڻ ۽ سندن بدن جو خوشبودار هجڻ ٢-اهي جيڪي نبين

(١) ڪشاف ص١٦ ج٢ (٢) البحر المحيط ص١١٦ ج٤
(٣) نعيمي ص٣٦٩ جلد٧

عليهم الصلواة والسلام جي اختيار ۾ هيا جڏهن مرضي پوين ظاهر ڪن جيئن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي لٺ مبارڪ يا روشن هٿ. جڏهن بہ گهرن پيا تہ لٺ چڻ سان نانگ بنجي پوي ۽ جڏهن بہ خيال ڪن تہ هٿ مبارڪ بغل ۾ وجهي ٻاهر ڪڍن تہ روشن ٿي چمڪاٽ ڪري. انهن جي لاءِ هر پيري مالڪ ڪان موڪلڻ جي ضرورت نہ هئي. ٣- اهي جن جي ظاهر ٿيڻ جي لاءِ دعا گهرندا ۽ الله ڪان موڪل وٺندا هئا جيئن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جو دسترخوان گهرڻ يا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دعا سان قرآن پاڪ جي ڪن آيتن جو لهڻ وغيره(١)

وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ

۽ چيائون تہ ڇو نہ لاٿي وئي ان تي ڪا نشاني سندس رب جي طرفان فرماءِ تہ بيشڪ الله قادرآهي هن تي

يُّنَزِّلَ اٰيَةً وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ

جو لاهي نشاني ۽ پر اڪثر انهن مان نہ ٿا ڄاڻن ۽ ناهي ڪا بہ چرندڙ شيءِ زمين ۾

وَلَا طٰٓئِرٍ يَّطِيْرُ بِجَنَاحَيْهِ اِلَّآ اُمَمٌ اَمْثَالُكُمْ ؕ مَا فَرَّطْنَا

۽ نہ ڪو پکي جو اڏامي پنهنجن پرن سان مگر امتون آهن اوهان جي مثل نہ ڇڏي سون

فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُوْنَ ﴿٣٨﴾

ڪتاب ۾ ڪا شيءِ ان ڪان پوءِ پنهنجي رب ڏانهن اٿاريا ويندا.

تفسير

هن ڪان پهريان ٻڌايو ويو تہ ڪافر مثل آهن ان جي ڪري اوهان جي ديني دعوت مان فائدو نہ ٿا وٺن هاڻي ان جو ثبوت پيش ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اوهان انهن کي ڪيترا معجزا ڏيکاريا آهن تہ بہ چون ٿا تہ مٿس نشاني ڇونہ لاٿي وئي؟ اهوئي سندن دل جي مئل هجڻ جو دليل آهي، علامه ابن جرير لکيو آهي تہ انهن ڪافرن جي اها

(١) تفسير نعيمي ص٣٦٩ ج٧

طلب قرآن پاڪ ۾ ٻيءَ جاءِ تي بہ بيان ٿيل آهي، ارشاد رباني آهي: "وَقَالُوا لَنْ نُؤْمِنَ لَكَ حَتَّى تَفْجُرَ لَنَا مِنَ الْأَرْضِ يَنْبُوعًا أَوْ تَكُونَ لَكَ جَنَّةٌ مِنْ نَخِيلٍ وَعِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْأَنْهَارَ خِلَالَهَا تَفْجِيرًا أَوْ تُسْقِطَ السَّمَاءَ كَمَا زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا أَوْ تَأْتِيَ بِاللَّهِ وَالْمَلَائِكَةِ قَبِيلًا أَوْ يَكُونَ لَكَ بَيْتٌ مِنْ زُخْرُفٍ أَوْ تَرْقَىٰ فِي السَّمَاءِ وَلَنْ نُؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتَّىٰ تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتَابًا نَقْرَؤُهُ" (١) يعني ۽ (ڪافرن) چيو تہ اسين تنهن جي لاءِ تيستائين ايمان نہ آڻيندا سون جيستائين اسان جي لاءِ زمين ۾ چشمو نہ وهائين يا تنهنجي لاءِ کجين ۽ انگورن جو باغ نہ هجي جنهن جي وچان نهرون وهائين يا اسان تي آسمان نہ ڪيرائين جيئن خيال اٿئي ٽڪرا ٽڪرا ڪري يا الله ۽ ملائڪن کي سامهون نہ آڻين يا تنهنجي لاءِ سونو گهر نہ هجي يا آسمان تي چڙهي نہ وڃي ۽ تنهنجي ان چڙهي وڃڻ تي بہ تيستائين ايمان نہ آڻينداسون جيستائين اسان تي لکيل ڪتاب نہ لاهين جنهن کي اسين پڙهون. الله جل جلاله سندن فرمائش جو هن طرح ذڪر ڪيو آهي. "وَقَالُوا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ آيَةٌ مِنْ رَبِّهِ" ۽ چيائون تہ ان(حضور عليه الصلواة والسلام جن) تي سندن رب جي طرفان نشاني ڇونہ نازل ڪئي وئي؟ ۽سندن ان فرمائش جي جواب ۾ مٺي مالڪ فرمايو: "قُلْ إِنَّ اللَّهَ قَادِرٌ عَلَىٰ أَنْ يُنَزِّلَ آيَةً وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ" يعني(اي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام) اوهان فرمايو، تہ بيشڪ الله ان ڳالھ تي قادر آهي جو ڪا نشاني لاهي پر انهن مان گهڻا نہ ٿا ڄاڻن. هي انهن ماڻهن کي(جن وٽ مادي خوارق ۽ حسي معجزا نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي حقانيت ۽ صداقت جو دليل آهن) جواب آهي تہ الله جل جلاله جي رسول عليه الصلواة والسلام جي صحيح تعليمات ۽ سچي هدايت جي لاءِ ڪنهن حسي معجزي ۽ خارق عادت جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ ڀلا جي بالفرض ضرورت آهي تہ معجزا تہ شروعات کان ئي ظاهر ٿيندا ٿا اچن، انهن مان ڇا پرايائون جو نئين قسم جي معجزن جي گهر ڪري رهيا آهن ۽ الله جل جلاله تہ اوهان جي هٿان انهن معجزن جي ظاهر ڪرڻ کان بہ عاجز ناهي پر جن حڪمت ۽ رحمت جي قانونن تي ڪائنات کي وجود ڏيڻ جو بنياد آهي جن جي سمجهڻ کان گهڻا ماڻهو قاصر آهن، انهن جي تقاضا آهي تہ ڪافرن جي هر هڪ فرمائش تي معجزا ظاهر نہ ڪيا وڃن. "وَمَا مِنْ دَابَّةٍ فِي الْأَرْضِ وَلَا طَائِرٍ يَطِيرُ بِجَنَاحَيْهِ إِلَّا أُمَمٌ أَمْثَالُكُمْ" ۽ زمين ۾ ڪابہ اهڙي چرندڙ شيءِ ۽ ڪو اڏامندڙ پکي جيڪو پنهنجن پرن سان اڏامي ٿو ناهي مگر اهي بہ اوهان جي مثل امتون آهن. "مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتَابِ مِنْ شَيْءٍ ثُمَّ إِلَىٰ رَبِّهِمْ يُحْشَرُونَ" اسان ڪتاب يعني

(١) سورة بني اسرائيل آيت ٩٠ کان ٩٢ - تفسير ابن جرير ص١١٩ جلد ٥

قرآن پاڪ يا لوح محفوظ ۾ ڪابہ شيءِ نہ رهائي آهي.جيڪا بيان نہ ڪئي اٿئون ان ڪان پوءِ پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندا.

نهايت توجه جي قابل سمجهاڻي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ سرور ڪائنات، مظهر انوار و تجليات صلى الله عليه وسلم جي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ڪان وٺي هن هلندڙ دور تائين غالبًا سڀني مسلمانن جو اهو عقيدو رهيو آهي تہ مٺي مالڪ جل جلالہ پنهنجي مقدس ڪتاب قرآن ڪريم کي آسماني سڀني ڪتابن تي ڪيترن وجهن سان فوقيت عطا ڪئي آهي جن مان هڪ هي آهي تہ قرآن پاڪ ۾ ازل ڪان ابد تائين هر شيءِ جو ذڪر آهي. جيئن فرمان ايزدي آهي. "وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّافِيْ كِتَابٍ مُّبِيْنٍ" (١) ڪابہ آلي ۽ سڪي شيءِ ناهي مگر اها (هن) روشن ڪتاب ۾ (ذڪر ڪيل) آهي. ٻيو ارشاد آهي "وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ" (٢) ۽ اسان توتي ڪتاب هر شيءِ جو بيان ڪري موڪليو آهي ۽ ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم آهي(٣) ثابت ٿيو تہ هي ڪتاب اولين و آخرين جي علوم جو جامع آهي. ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابن مسعود رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ: قرآن مجيد ۾ سڀئي علوم آهن ۽ ان ۾ سڀئي شيون بيان ڪيون ويون آهن. پراسان ۾ علمي ڪوتاهي آهي جو ان مان هر شيءِ ڪڍي نہ ٿا سگهون(٤)ابو الشيخ ڪتاب العظمة ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه ڪان مرفوعًا روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو: جيڪڏهن قرآن ۾ ڪا شيءِ ڇڏي وڃي ها تہ ڪول، مڇر ۽ ٻين ذرن جو بيان نہ هجي ها جيڪي صفا حقير شيون آهن انهن جو ذڪر بہ قرآن پاڪ ۾ آهي. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ جيڪڏهن منهنجي اٺ جي رسي گم ٿي وڃي تہ مان قرآن پاڪ ۾ ان جي ملڻ جي جاءِ معلوم ڪري سگهان ٿو. حضرت ابوالعباس مرسي عليه الرحمة فرمايو آهي تہ قرآن پاڪ ۾ اولين ۽ آخرين جا سڀ علوم آهن پر انهن کي الله جل جلالہ ۽ ان ڪان پوءِ ان جي عطا سان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ڄاڻن ٿا(٥)

سيدنا علي المرتضىٰ جو شعر آهي:

جميع العلم في القرآن لكن
تقاصر عنه افهام الرجال

---

(١) سورة الانعام آيت ٥٩
(٢) سورة النحل آيت ٨٩
(٣) روح المعاني ص١٤٤ جزء٧
(٤) ساڳيو حوالو
(٥) روح المعاني ص١٤٤ جزء ٧

قرآن ۾ سڀ علم آهن پر ان جي سمجهڻ کان ماڻهن جي سمجهه قاصر آهي.
تصوف جي دنيا ۾ چمڪندڙ ستاري حضرت شيخ محي الدين ابن عربي عليه الرحمةُ کي سواريءَ تان ڏکو آيو. ماڻهن ڪيس ڪٽڻ گهريو تہ پاڻ انهن کي روڪيائون ڪجهه دير کان پوءِ فرمايائون تہ هاڻي ڪٽو تيستائين سندس پير مبارڪ سڄي ويو هو ماڻهن هڪدم ڪٽڻ کان روڪڻ جو سبب پڇيو فرمايائون تہ ان ڏک جي سلسلي ۾ قرآن ڪريم ڏي رجوع ڪيم ڏٺم تہ سورة الفاتحہ ۾ منهنجو ڪرڻ ۽ پير جو سڄي پوڻ بيان ٿيل آهي. حضرت امام شافعي عليه الرحمةُ فرمايو آهي تہ: اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي جنهن ڏانهن قرآن ڪريم رهبري نہ ٿو ڪري، هڪ ڀيري مسجد حرام ۾ فرمايائين تہ جيڪو بہ پڇندؤ ان جو جواب قرآن پاڪ مان ٻڌائيندس(١)
هڪ ڀيري حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان ڪنهن ماڻهوءَ حضرت امام مهدي سڳوري جي ظهور جي تاريخ پڇي پاڻ فرمايائون تہ ان جي ظهور جي تاريخ بسم الله الرحمـٰن الرحيم جي مبسوطي عدد ۾ آهي(٢)
ابن جرير سيدنا ابو ذر رضي اللّٰه‌عنه کان روايت آندي آهي تہ آسمان ۾ ڪو پکي نہ اڏامندو جنهن جو علم حضور عليه الصلواة والسلام جن اسان کي (ظاهري طرح) ڇڏڻ کان اول نہ ڏنو(٣) المقصد تہ قرآن پاڪ سڀني علمن جو جامع آهي ۽ جيڪڏهن "الڪتاب" مان مراد لوح محفوظ ونو تہ بہ ساڳي مرادِ آهي ڇوتہ لوح محفوظ قرآن ۾ آهي ۽ قرآن پاڪ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي سيني ۾بلڪ‌لوح محفوظ بہ حضور عليه الصلواة والسلام جي علم جي هڪ سٽ آهي، جيئن علامہ شرف الدين بوصيري عليه الرحمہ فرمايو:
"ومن علومک علم اللوح والقلمُ (٤) يعني
لوح تي جيڪو علم قلم لکيو آهي اهو اوهان جي علمن مان هڪ ذرو آهي.
فائدا: ١- هنن آيتن مان ثابت ٿيو تہ جيڪو ماڻهو الله جل جلالہ کي مجبور ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي معذور سمجهي اهو ڪافر آهي. ٢- جيڪڏهن ڪو شخص حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دروازي کان خالي ويو تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن وٽ کوٽ آهي پر اهو شخص مقدر

(١) روح المعاني ص١۴۴ جزءُ٧ - التفسير الڪبير ص٢١٦ جزءُ ١٢ - روح البيان ص٢٦ جلد ٣ جزءُ ٧ (٢) نعيمي ص٣٨٦ ج٧
(٣) الدرالمنثور ص٢٦٨ جلد ٣ جزءُ ٧ - ابن ڪثير ص١٣١ جلد٢
(۴) قصيد برده شريف

كان محروم آهي ٣- جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو مطالبو حضور عليه الصلواة والسلام جن پورو نہ ٿا ڪن تہ ان ۾ ڪئين حڪمتون آهن. ۴- نبين عليهم الصلواة والسلام جن جي معجزن ڏيکارڻ جو مقصد صرف نبوت ثابت ڪرڻ آهي، ماڻهن کي ايمان آڻڻ تي مجبور ڪرڻ ناهي. ٥- جڏهن قرآن پاڪ ۾ سڀ علوم آهن ۽ قرآن پاڪ حضور عليه الصلواة والسلام جن ڄاڻن ٿا تہ ثابت ٿيو تہ پاڻ سيني علمن جا عالم آهن. ٦- جيئن: "أمم أمثالكم" مان دليل وٺڻ تہ ڪتا، ٻلا انسانن جهڙا آهن غلط آهي، تيئن "بشر مثلكم" مان دليل وٺڻ تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن اسان جهڙا بشر آهن، غلط آهي. ڳالهائڻ جي صفت جي ڪري انسان ٻين حيوانن جهڙو ناهي تہ وحي جي صفت جي ڪري حضور عليه الصلواة والسلام بہ اسان جهڙو ناهي(١)

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ ۭ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ

۽ اهي شخص جن ڪوڙو ڇيو اسان جي آيتن کي ٻوڙا ۽ گونگا اونداهين ۾ آهن جنهن کي بہ گهري ٿو الله

يُضْلِلْهُ ۭ وَمَنْ يَّشَاْ يَجْعَلْهُ عَلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٩﴾

تہ گمراه ڪري ٿو ان کي ۽ جنهن کي گهري ٿو تہ رکي ٿو ان کي واٽ سڌيءَ تي

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ڪافرن جي غلط مطالبن جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهي غلط مطالبا ان جي ڪري ڪندا هئا جو ٻوڙا ۽ گونگا آهن. فرمان اقدس آهي: "وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ" يعني جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڇيو اهي ٻوڙا، گونگا ۽ انڌيرن ۾ آهن جو نہ ٿا حق ٻڌن ۽ نہ ٿا حق ڏسن ۽ اهڙا تہ اونداهين ۾ ڦاٿل آهن جو سڌي واٽ ڏسن ئي ڪونہ ٿا. ۽ جڏهن غلط روين جي ڪري پنهنجيون سڀ قوتون وڃائي چڪا آهن تہ پوءِ حق جي تصديق ۽ قبول ڪرڻ جي لاءِ وٽن ڪهڙا ذريعا آهن؟ ڄاڻڻ گهرجي تہ هتي "اٰيٰتِنَا" مان مراد يا قرآن ڪريم جون آيتون يا حضور عليه الصلواة والسلام جن جا معجزا آهن ڇوتہ قرآن پاڪ جي هر آيت يا حضور عليه الصلواة والسلام جن جو هر معجزو الاهي معرفت جي نشاني ۽ دليل آهي. يا انهن مان مراد حضور محمد صلى الله عليه وسلم جن پاڻ آهن(٢) ڇوتہ پاڻ سرتا قدم الله جي نشاني آهن سندن هر عضوو، هر وصف، هر ادا الاهي آيتن

(١) نعيمي ص٣٨٩ جلد ٧ (٢) التفسير الكبير ص٢٢٢ جزء ١٢ - الخازن ص١۴ جلد٢

مان آهي. ان جي ڪري ڪين ٻيءَ جاءِ تي برهان سڏيو ويو آهي. سندن ظاهري صفتون اللهُ تعاليٰ جي ظاهري صفتن جو مظهر آهن ۽ سندن باطني صفتون علم لدني جو عالم هجڻ، جو دوسخا ۽ نورانيت الله جل شانه جي باطني صفتن جو مظهر آهن. "مَنۡ يَّشَاِ اللّٰهُ يُضۡلِلۡهُ" جنهن کي الله (گمراهه ڪرڻ) گهري تہ ان کي گمراه ٿو ڪري. المقصد تہ ٻانهو جڏهن گمراهيءَ جا اسباب اختيار ٿو ڪري تہ الله بہ ان ۾ گمراهي پيدا ٿو فرمائي، جيئن قاتل ڪنهن کي قتل ڪري تہ ان قتل جي ڪري الله تعاليٰ ان ۾ موت پيدا ٿو ڪري. "وَمَنۡ يَّشَاۡ يَجۡعَلۡهُ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ" ۽ جنهن کي گهري ٿو تہ ان کي سڌي حق واريءَ واٽ تي رکي ٿو هتي بہ اهائي مراد آهي تہ ٻانهو جڏهن هدايت جا اسباب اختيار ڪري ٿو تہ منو مالڪ بہ کيس هدايت نصيب فرمائي ٿو. ائين ناهي تہ الله جل جلاله ان کي گمراهيءَ لاءِ يا هدايت جي لاءِ مجبور ڪري ٿو ان ٻانهي کي ٻئي رستا ڏيکاريا آهن پوءِ جهڙو اختيار ڪري.

قُلۡ اَرَءَيۡتَكُمۡ اِنۡ اَتٰكُمۡ عَذَابُ اللّٰهِ اَوۡ اَتَتۡكُمُ السَّاعَةُ

فرماءِ تہ: خبر تہ ڏيو جيڪڏهن آيو اوهان وٽ عذاب الله جو يا آئي اوهان وٽ قيامت

اَغَيۡرَ اللّٰهِ تَدۡعُوۡنَ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٤٠﴾ بَلۡ اِيَّاهُ تَدۡعُوۡنَ

ڇا الله کانسواءِ ٻئي کي سڏيندؤ؟ جيڪڏهن آهيو سچا بلڪ خاص ان کي سڏيندا آهيو

فَيَكۡشِفُ مَا تَدۡعُوۡنَ اِلَيۡهِ اِنۡ شَآءَ وَتَنۡسَوۡنَ مَا تُشۡرِكُوۡنَ ﴿٤١﴾

پوءِ دفع ڪري ٿو اها تڪليف جو سڏيو ٿا ان ڏانهن جيڪڏهن گهري ۽ وساريو ٿا جيڪي شريڪ ٿا بڻايو.

تفسير

گذريل آيتن ۾ ارشاد ٿيو هو تہ ڪافر نشاني ٿا گهرن حالانڪ سندن چؤ طرف قدرت جي ڪمال جون بي حساب نشانيون آهن ۽ ان سلسلي ۾ اول حيوانات جي زندگيءَ کي مشاهدو ڪرڻ ڏانهن توجهہ ڏياريو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ قدرت واري جي قدرت جي ٻي نشاني تہ اوهان جي سرن ۾ موجود آهي، ارشاد آهي:

"قُلْ اَرَئَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" يعني خبر ڏيو جيڪڏهن اوهان وٽ الله جو عذاب اچي يا اوهان وٽ قيامت اچي تہ ڇا الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پڪاريندؤ جيڪڏهن سچا آهيو. "بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ مَا تُشْرِكُوْنَ" بلڪ خاص ان الله جل جلالہ کي سڏيندؤ پوءِ جيڪڏهن گهرندؤ تہ اها تڪليف دور ڪندو ۽ جن بتن وغيرها کي اوهان الله جا شريڪ بنايو هو اهي وساري ڇڏيندؤ. المقصد تہ جن بتن ۽ ديوتائن کي معبود سمجهي سندن پوڄا ٿا ڪيو ڏک جي وقت انهن کي وساريو ٿا ۽ الله جل جلالہ اوهان کي ياد اچي ٿو تہ اها بہ ان جي قدرت جي نشاني آهي جنهن کي ڏسي ايمان آڻيو ۽ سندس هن سچي حبيب عليه الصلواة والسلام جي اطاعت ۽ اتباع ڪري دارين جي سعادت حاصل ڪيو.
مفسرِ قرآن علامہ قرطبي لکيو آهي تہ : والاية في محاجة المشركين ممن اعترف ان له صانعا اي انتم عند الشدائد ترجعون الى الله وسترجعون اليه يوم القيامة ايضا فلم تصرون علي الشرك في حال الرفاهية؟ (١) يعني هيءَ آيت مشرڪن کي سندن غلط فيصلن ۾ لاجواب ڪرڻ جي لاءِ نازل ٿي هئي جيڪي مڃيندا هئا تہ جهان جو ناهيندڙ الله آهي. مطلب تہ اي ڪافرؤ! اوهان دنيا جي سختين ۾ الله جل جلالہ ڏي رجوع ڪيو ٿا ۽ قيامت جي ڏينهن بہ ان ڏانهن رجوع ڪندؤ تہ پوءِ خوش حالي جي وقت شرڪ تي زور ڏئي ڇو ٿا بيهو؟ جڏهن تہ دنيا جي سختين ۽ قيامت جي ڏينهن اوهان کان اهي باطل معبود وسريو وڃن ٿا ۽ وسري ويندا.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ

۽ البت تحقيق رسول موڪلياسون امتن ڏانهن توکان اڳ ۾ پوءِ ورتوسون انهن کي سختيءَ سان

وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٤٢﴾ فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا

۽ تڪليف سان تانت اهي زاري ڪن پوءِ ڇو نہ ائين ڪيائون جڏهن آيو انهن وٽ عذاب اسان جو تہ

تَضَرَّعُوْا وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا

زاري ڪن ها ۽ پر ڪٺجي ويون دليون انهن جون ۽ سينگاريو انهن لاءِ شيطان جيڪي

(١) القرطبي ص٤٢٣ جلد٦

يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٤٣﴾ فَلَمَّا نَسُوۡا مَا ذُكِّرُوۡا بِهٖ فَتَحۡنَا عَلَيۡهِمۡ اَبۡوَابَ

ڪندا هئا پوءِ جڏهن وساريائون اهآ ڳالهه جو نصيحت ڪيا ويا ان سان تہ کوليا سون انهن تي دروازا

كُلِّ شَيۡءٍ ؕ حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوۡا بِمَاۤ اُوۡتُوۡۤا اَخَذۡنٰهُمۡ بَغۡتَةً فَاِذَا هُمۡ

هر شيءِ جا تانجو جڏهن خوش ٿيا ان تي جو ڏنا ويا تہ پڪڙيوسون انهن کي اوچتو تہ پوءِ ان وقت اهي

مُّبۡلِسُوۡنَ ﴿٤٤﴾

نا اميد ٿيندڙ آهن.

تفسير

هن ڪان اول ٻڌايو ويو تہ ڪافر مصيبتن ۾ الله تعالىٰ ڏانهن رجوع ڪري سندس بارگاه بي ڪس پناه ۾ عاجزيءِ زاريءَ سان دعائون گهرندا آهن ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهو سندن حال دائمي ناهي ڪڏهن تہ اهي مصيبت ۾ بہ الله تعالىٰ ڏانهن رجوع نہ ٿا ڪن پنهنجي ڪفر تي قائم رهندا آهن. ارشاد آهي: "وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلٰۤى اُمَمٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَاَخَذۡنٰهُمۡ بِالۡبَاۡسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمۡ يَتَضَرَّعُوۡنَ" يعني اوهان ڪان اڳ ۾ بہ امتن ڏي رسول موڪلياسين جيڪي انهن کي الاهي آيتون ٻڌائين ۽ ڪين دليلن سان سڌي واٽ ونائين پر انهن سندن طرف موڪليلن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو تہ اسان ڪين سختين، تڪليفن، مصيبتن ۽ آفتن سان پڪڙيو تانتہ عاجزي ۽ زاري ڪري رجوع ڪن. "فَلَوۡلَاۤ اِذۡ جَآءَهُمۡ بَاۡسُنَا تَضَرَّعُوۡا" پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جو عذاب آيو تہ چونہ عاجزي ۽ زاري ڪيائون تانتہ عذاب دفع ٿي وڃي ها. هن مان ثابت ٿيو تہ عذاب جون نشانيون ۽ آثار ڏسي توبہ ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ سان عذاب دفع ٿي وڃي ٿو جيئن حضرت يونس عليه الصلواة والسلام جي قوم تان آيل عذاب دفع ٿيو هو پر عذاب جي پهچي وڃڻ کان پوءِ توبہ ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ مفيد نہ ٿو رهي جيئن فرعون جي باري ۾ قرآن پاڪ ٻڌايو آهي تہ: "حَتّٰۤى اِذَاۤ اَدۡرَكَهُ الۡغَرَقُ قَالَ اٰمَنۡتُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِىۡۤ اٰمَنَتۡ بِهٖ بَنُوۡۤا اِسۡرَآءِيۡلَ" (١) يعني جڏهن فرعون ٻڏڻ لڳو تہ چيائين مون ايمان آندو آهي تہ بلاشڪ ڪوبہ ان الله ڪان

(١) سورة يونس آيت ٩٠

سواءِ عبادت جو لائق ناهي جنهن تي بنو اسرائيل ايمان آندو آهي. مگر ان ايمان آڻڻ
كيس نفعو نہ ڏنو. "وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَانُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" يعني
زاري نہ كيائون پر سندن دليون كٺجي ويون ۽ جيكي كيائون تي اهو شيطان كين
سينگاري ڏيكاريو. هن مان ثابت ٿيو تہ دل جو كٺجي سخت ٿيڻ نهايت تباه كندڙ
شيءِ آهي جو ان ۾ نبي عليه الصلواة والسلام جي تعليم اثر نہ ٿي كري ۽ جيكڏهن انهن جي
دلين ۾ نرمي هجي ها تہ ائين نہ ٿئي ها (١) "فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ حَتّٰى اِذَا
فَرِحُوْا بِمَا اُوْتُوْا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ" يعني جڏهن اهي ڳالهيون وساري ويٺا جن سان نصيحت
كياويا هئا تہ كين ڍر ڏيڻ جي لاءِ اسان مٿن هر شيءِ جا دروازا كوليا تانجو انهن نعمتن ۽
خوشحالي كي ڏسي جيكي كين ڏنيون ويون هيون جڏهن خوش ٿيا تہ اسان اوچتو كين
پكڙيو ۽ سختيءَ سان اهڙو ورتو جو نااميد ٿي پيا. هن مان ثابت ٿيو تہ انسان كي
گناه تي ٿوري تنبيه ٿئي تہ ان كان بالكل پري ٿي توبہ كري.

فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٥﴾

پوءِ كٽي ويئي پاڙ قوم جي جن ظلم كيو ۽ سڀ ساراه ثابت آهي الله جي لاءِ جيكو جهانن جو رب آهي،

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى

فرماءِ تہ: خبر ڏيو جيكڏهن كسي وٺي الله كن اوهان جا ۽ اكيون اوهان جون ۽ مهر هڻي

قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ

دلين اوهان جين تي تہ كير معبود آهي (هڪ) الله كان سواءِ جو آڻي ڏي اوهان كي اهي. ڏس تہ كيئن ٿا نموني نموني سان بيان كيون

الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿٤٦﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ

دليل پوءِ بہ اهي پاسوكن ٿا فرماءِ تہ خبر ڏيو جيكڏهن اچي اوهان وٽ عذاب

اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٧﴾

الله جو اوچتو يا ظاهر تہ ڇا هلاك كيا ويندا سواءِ قوم ظالمن جي

(١) روح البيان ص٣٠ ج٣

تفسير

هن کان اڳ ۾ ڪافرن جي ظلم جو بيان ڪيو ويو ۽ هتي ڪين ان ظلم جي سزا ملڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "فَقُطِعَ دَابِرُالْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا" يعني پوءِ جنهن قوم ظلم ڪيا هئا انهن جي پاڙ ڪٽجي وئي. جاٺڻ گهجي ته مرڻ کان پوءِ انسان ڪجھ اهڙيون شيون ڇڏي ويندو جن سان ڪجھ ڏينهن ان جو نالو رهي ٿو، مثلاً اولاد، جاءِ، ڪوه، باغ وغيره پر انهن ظالمن جي اهڙي پاڙ پٽجي ۽ ڪٽجي وئي جو نه پاڻ رهيا نه اولاد نه جاءِ، ڪوه، باغ وغيره. نه نشان بلڪ سندن جانور به هلاڪ ٿي ويا. "وَالْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" ۽ سڀ تعريف ۽ ساراه الله جي لاءِ ثابت آهي جيڪو سيني جهانن جو رب، پالڻهار آهي. جڏهن ته انهن بي ايمانن، ظالمن جي هلاڪت انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن تي ايمان آڻڻ وارن جي لاءِ غيبي فتح ۽ مدد هئي ۽ انهن جي هلاڪت ايمان وارن جي لاءِ نجات ۽ سندن منحوس وجود کان زمين جي لاءِ پاڪائي هئي تڏهن انهن جي هلاڪ ۽ عذاب ڪرڻ جي ذڪر کان پوءِ الله جل جلاله جو حمد ذڪر ڪيو ويو آهي. ظالمن جو هلاڪ ڪرڻ ساري جهان جي لاءِ رحمت عظمیٰ آهي. "قُلْ اَرَئَيْتُمْ اِنْ اَخَذَاللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ" يعني اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام! انهن کي فرمايو ته: خبر ڏيو جيڪڏهن الله اوهان جا ڪن ۽ اوهان جون اکيون کسي ۽ اوهان جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي ته پوءِ الله کان سواءِ ڪير معبود بالحق آهي جو اهي اوهان کي آڻي ڏيندو؟ ان جي ڪري توبه ۾ دير نه ڪيو جو اوهان جا ڪن، اکيون ۽ دل اجان سلامت آهن، جيڪڏهن اهي هليا ويا ته پوءِ شايد اوهان کي توبه جي توفيق نه ملي(١)

"اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ" يعني ڏس ته اسين دليل ۽ آيتون ڪيئن ٿا نموني نموني سان بيان ڪيون تڏهن به اهي ڪنارو ٿا ڪن. حالانڪ هجڻ ته ائين کپي جو اهي قرآني آيتن تي غور ڪري ايمان آڻي مسلمان ۽ پڪا مومن بنجن ها. "قُلْ اَرَئَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْجَهْرَةً" يعني اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام! انهن کي فرماءِ ته خبر ڏيو جيڪڏهن اوهان وٽ الله جو عذاب اوچتو يا ظاهر اچي جيئن اوهان کان اڳين ڪوڙو چوندڙن تي آيو هو. "هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ" ته ڇا ظالم قوم کان سواءِ ٻيا به هلاڪ ڪيا ويندا؟ خلاصو ڳالھ جو ته شرڪ، برائيءَ ۽ باطل

(١) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٧٧ طبع سعودي عرب

معبودن جي عبادت اختيار ڪرڻ جي ڪري اوهان جيڪو پنهنجي مٿان پاڻ ظلم ڪيو آهي ان جو عذاب ۽ سزا به اوهان کي ملندي ۽ اوهان ئي هلاڪ ٿي ويندؤ.

فائدا ١ - "أَرَءَيْتُمْ" ۽ "أَرَءَيْتَكُمْ" مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ پنهنجن ٻانهن تي تمام گهڻو مهربان آهي ان جي ڪري ڪٿي ڊيڄاري، ڪٿي لالچون ڏياري، دليل ڏئي ڪين پاڻ ڏانهن سڏي رهيو آهي. ٢- حضور عليه الصلواة والسلام جن جو فرمان قيامت تائين باقي ۽ ماڻهن جي ڪنن تائين پهچندڙ آهي ۽ ماڻهن تي ان جي اطاعت فرض آهي. اهو آيت جي لفظ مبارڪ "قُلْ" مان ثابت ٿي رهيو آهي. ٣- "إِنْ أَخَذَ اللَّهُ سَمْعَكُمْ وَأَبْصَارَكُمْ" مان ثابت ٿيو ته اسان جون سڀئي قوتون هر وقت الله جي قدرتي قبضي ۾ آهن جڏهن گهري ۽ جيئن گهري ختم ڪري سگهي ٿو، ان جي ڪري پنهنجي طاقت تي ڀروسو نه ڪرڻ گهرجي، هميشه الله تعالىٰ کان ڊڄڻ گهرجي.

وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ فَمَنْ اٰمَنَ

۽ نه ٿا موڪليون رسولن کي مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي پوءِ جنهن ايمان آندو

وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

۽ پاڻ سڌاريائين پوءِ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ۽ جن ڪوڙو ڄيو

بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٤٩﴾

اسان جي آيتن کي پهچندو انهن کي عذاب ان سببان جو بي فرماني ڪندا هئا.

تفسير

هن کان اڳ ۾ بيان ڪيو ويو ته جيڪڏهن الله جل جلاله جي عذاب کان بچڻو اٿو ته ان کان منهن نه موڙيو هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته عذاب کان بچائڻ جي لاءِ الله تعالىٰ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کي دنيا تي موڪليو آهي انهن کي مڃڻ سان عذاب کان بچاءُ ٿيندو، ارشاد آهي: "وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ" يعني اسين رسولن (عليهم السلام) کي صرف ان جي لاءِ ٿا موڪليون ته اهي ايمان آڻڻ وارن صالحن ٻانهن کي ڀلاين جي بشارت ڏين ۽ ڪفر ڪرڻ وارن کي خداوندي سزائن

۽عذاب کان ڊيڄارين "فَمَنۡ اٰمَنَ وَاَصۡلَحَ فَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ" پوءِ جنهن دل سان ايمان آندو ۽ پاڻ کي سڌاري صالح عمل ڪيا ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي اتباع ۽ اطاعت ۾ مضبوط رهيو ته انهن کي نه اچڻ وارين حالتن جو خوف آهي ۽ نه گذريل ڳالهين ۽ پويان ڇڏيلن دنيوي ڪمن ۽ شين تي غمگين ٿيندا، انهن جو محافظ الله تعالىٰ آهي. "وَالَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الۡعَذَابُ بِمَا كَانُوۡا يَفۡسُقُوۡنَ" ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو انهن کي ان جي ڪري جو بي فرماني ڪندا هئا، الله جي امرن جي اطاعت کي ڇڏي منع ۽ حرام ڪيل ڪم ڪندا ۽ حدون لنگهندا هئا ڪين عذاب پهچندو (١)

فائدا ١ - الله جل جلاله جي نبين ۽ مرسلن عليهم الصلواة والسلام جي مٿان دين جي دعوت ڏيڻ لازم آهي. پر مٿن آسماني ڪتاب يا صحيفي جو نازل ٿيڻ ضروري ناهي ۽ نه انهن کان معجزن جو صادر ٿيڻ ضروري آهي، ڇوته الله جل جلاله انهن جي موڪلڻ جو مقصد اِلَّا حرف استثناءَ جو آڻي صرف جنت جي بشارت ڏيڻ ۽ جهنم کان ڊيڄارڻ بيان ڪيو آهي. جيئن اهي انبياءَ سڳورا عليهم الصلواة والسلام جيڪي ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام جا وزير ٿي آيا هيا، مثلاً حضرت هارون ۽ حضرت لوط وغيرهما عليهم الصلواة والسلام جو انهن جا معجزا نه قرآن پاڪ مان ثابت آهن نه نبوي احاديث مان ۽ نه اسلامي مستند ۽ معتبر تاريخن مان. ان ئي نموني سان ولين پلارن جي لاءِ به ايمان ۽ تقوىٰ لازم آهي جيئن رب العزة جل مجده جو فرمان آهي: "وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَكَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ" (٢) (يعني ولي اهي آهن جن ايمان آندو ۽ تقوىٰ ڪندا هئا) پر انهن کان ڪرامتن جو صادر ٿيڻ لازم ناهي. ٢- هرَ نبي ۽ رسول عليه الصلواة والسلام تي لازم آهي ته اهو مڃڻ وارن کي ثواب ۽ بهشت جي بشارت ڏي ۽ نه مڃڻ وارن کي عذاب کان ڊيڄاري، پر اڳئين نبي جي تصديق ۽ پوئين جي بشارت تڏهن بيان ڪندو جڏهن ممڪن هوندو نه ته نه ڪندو. حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کان اڳ ۾ نبي نه هو ته پاڻ ان جي تصديق ڪندڙ نه هئا ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن کان پوءِ ڪنهن به قسم جي نبي اچڻ جو امڪان نه هو ته پاڻ ڪنهن جي بشارت نه ڏنائون. ٣-"فَمَنۡ اٰمَنَ وَاَصۡلَحَ" مان ثابت ٿيو ته ڪوبه ڪافر بي دين ۽ مسلمانن مان وري فاسق ۽ فاجر ولي ٿي نه سگهندو پلي ڪٽي هوا ۾ اڏامي. دجال ڪيترا وڏا وڏا ڪرشما ڏيکاريندو پر ان هوندي به ولي نه هوندو. اڄ ڪالهه جا ماڻهو هر ڪنهن چريي ۽ ديواني کي مجذوب ۽

(١) تفسير ابن ڪثير ص١٣٣ جلد٢ (٢) سورة يونس آيت ٦٣

هر ينگيءَ، چرسيءَ، بي نمازيءَ ۽ بي روزائتي کي الله جو ولي سمجهي پاڻ تہ گمراه ٿي رهيا آهن پر ٻين کي بہ گمراهہ ڪري رهيا آهن. ۴- "لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانه جي ايمان ۽ تقويٰ وارن ٻانهن کي نہ ايندڙ حالات جو خوف آهي ۽ نہ گذريل دور جو غم، نہ پنهنجو ڊپ ۽ نہ پنهنجن متوسلين جو غم. ۵- آخرت جو دائمي عذاب صرف ڪافرن جي لاءِ هوندو مومن ڪيترو بہ گنهگار هجي جيڪڏهن سندس خاتمو ايمان تي ٿيو تہ هميشه عذاب ۾ نہ رهندو(١)

قُلْ لَّآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ

فرماءِ تہ نہ چوان ٿو اوهان جي لاءِ تہ مون وٽ خزانا آهن اللّٰجا ۽ نہ هيءَ تہ ڄاڻان ٿو غيب ۽ نہ

اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۭ قُلْ هَلْ

چوان ٿو اوهان لاءِ تہ بيشڪ مان ملائڪ آهيان نہ ٿو تابعداري ڪيان مان، مگر ان جي جو وحي ڪيو ويو مون ڏانهن فرماءِ تہ ڇا

يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۭ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۵۰﴾

برابر ٿئي ٿو انڌو ۽ ڏسندڙ ڇا پوءِ نہ ٿا سوچيو اوهان؟

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ نبين ۽ مرسلن عليهم الصلواة والسلام جي موڪلڻ جو مقصد صرف نيڪن کي بشارت ڏيڻ ۽ گنهگارن کي ڊيڄارڻ هو. معجزن جو اظهار نہ هو. هتي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تي ان ساڳئي قانون کي منطبق ڪري ڪائنن ئي وضاحت ڪرائي ٿي وڃي تہ منهنجو ڪم بہ بشارت ۽ ڊيڄارڻ آهي صرف معجزا ڏيکارڻ يا غيبي ڳالهيون ٻڌائڻ يا ڪنهن کي خزانا ڏيڻ ناهي(٢)

شان نزول: مفسرن پلارن لکيو آهي تہ ڪافر حضور عليه الصلواة والسلام جن کان ٽي مطالبا ڪندا هئا. ١- جيڪڏهن اوهان نبي آهيو تہ اسان کي دنيا جا مال ۽ ملڪيتون ڏياريو ۽ جبل بہ سونا ڪري ڏيو ٢- تہ اسان کي غيبي خبرون ڏيندي ٻڌايو تہ آئنده ڪهڙيون شيون مهانگيون ۽ ڪهڙيون سستون ٿينديون تہ هاڻي ڪان ئي انهن جو

(١) تفسير نعيمي ص۴٣٨ جلد٧ (٢) نعيمي ص۴۴٢ جلد ٧

ڪاروباري لحاظ سان سوچي انتظام ڪري ڇڏيون ٣- جيڪڏهن اوهان سچا نبي آهيو ته ڪائو پيو ڇوٽا ۽ شاديون وغيره ڇوٽا ڪريو؟ انهن واهيات مطالبن جي جواب ۾ هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ ڪين نهايت سهڻي طريقي سان سمجهايو ويو. (١) ارشاد آهي: "قُلْ لَّآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ" يعني انهن مطالبي ڪندڙن ڪافرن کي فرماءِ ته مان اوهان کي ائين ڪونه ٿو چوان ته مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نه مان اها دعويٰ ٿو ڪيان ته مان اوهان کي ريتيءَ جي زرڙن مان باغ ناهي ڏيندس ۽ اوهان جون مادي خواهشون پوريون ڪندس مان ته اوهان کي الله جل جلاله سان ملائڻ اوهان جي ويران دلين کي آباد ڪرڻ اوهان جي حياتيءَ جي باغ ۾ نيڪي، تقويٰ ۽ پاڪيزگيءَ جا گل لڳائڻ، سهڻا اخلاق سمجهائڻ ۽ سهڻن عملن جي ان سودي واپار سيکارڻ لاءِ آيو آهيان جنهن جو محشر جي بازار ۾ وڏو قدر ۽ قيمت هوندي، علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي ته والمعني لاادعي ان هاتيک الخزائن مفوضة الي اتصرف فيها کيف اشاء استقلالاً واستدعاءً (٢) يعني آيت مان مراد آهي ته مان اها دعويٰ نه ٿو ڪيان ته الله جا خزانا منهنجي حوالي آهن جيئن گهران تيئن انهن ۾ مستقل طرح الله جي اذن کان سواءِ تصرف ڪندو رهان.

علامه ابن جرير لکيو آهي ته: ولست اقول اني الرب الذي له خزائن السموات والارض (٣) يعني مٿي ذڪر ڪيل قرآن پاڪ جي جملي جو مطلب آهي مان نه ٿو چوان ته مان اهو رب آهيان جنهن لاءِ آسمان ۽ زمين جا خزانا آهن ۽ اوهان انهن جي لالچ ۽ طمع تي اسلام قبول ڪيو پر اسلام جي اشاعت جو انحصار حق جي معرفت ۽ حق قبول ڪرڻ تي رکيل آهي، ان آسري تي نه ته اسلام آڻڻ کان پوءِ اوهان کي جاگيرون ڏنيون وينديون. علامه فخرالدين رازي عليه الرحمة لکيو آهي ته: ان المراد منه ان يظهر الرسول من نفسه التواضع لله والخضوع له والاعتراف بعبوديته حتى لا يغنقد فيه مثل اعتقاد النصارى فى المسيح عليه السلام (٤) يعني ان مان مراد هيءَ آهي ته سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي طرفان تواضع (نوڙت ۽ هيٺاهين) جو اظهار فرمائين تانته سندن ذات ۾ اهڙو عقيدو نه رکيو وڃي جهڙو حضرت عيسيٰ عليه السلام ۾ نصارن رکيو هو. علامه نظام الدين نيشاپوري لکيو آهي ته: ان النبي صلى الله عليه وسلم يحتمل ان يكون له هذه المقامات ولكن لا يظهرها (٥) يعني حضور عليه الصلواة والسلام جن لاءِ احتمال آهي ته اهي مقام کين مليل هيا پر انهن کي ظاهر نه ٿي فرمايائون. علامه صابوني لکيو آهي ته: اي لا ادعي ان خزائن

(١) تفسير ڪبير ص٢٣٠ جزءِ ١٢- الخازن ص١٧ جلد٢ زاد المسير ص٤٢ جلد٣
(٢) روح المعاني ص١٥٥ جزءِ٧ جلد٣ (٣) تفسير ابن جرير ص١٢٦ جلد٥
(٤) تفسير ڪبير ص٢٣١ جزءِ١٢ (٥) تفسير نيشاپوري بهامش ابن جرير ص١٤٨ جلد٥

مقدوراته تعالىٰ مفوضة الي اتصرف فيها كيف اشاءُ(١)
يعني آيت مان مراد آهي ته مان اها دعويٰ نه ٿو ڪيان ته جيڪي به شيون الله جل جلاله جي قدرت ۾ آهن اهي منهنجي حوالي ڪيلون آهن، مان انهن ۾ جيئن چاهيان تصرف ڪيان. مفسر قرآن ابو السعود محمد بن محمد عمادي لکيو آهي ته: اي قل للكفرة الذين يقترحون عليک تارة تنزيل الايات واخري غير ذالک لا ادعي ان خزائن مقدو راته تعالىٰ مفوضة الي اتصرف فيها كيفما اشاء استقلاً لا اواستدعاءً الخ(٢)
يعنني اوهان انهن ڪافرن کي فرمايو جيڪي اوهان کان هڪ ٻيري هڪڙيون نشانيون ٿا گهرن ٻئي ٻيري ٻيون ته مان اها دعويٰ ئي نه ٿو ڪيان ته الله جي قدرت وارا خزانا مون ڏانهن مستقل طرح سپرد ڪيل آهن(ان جي اذن ۽ اجازت کان سواءِ) جيئن گهران انهن ۾ تصرف ڪيان. اڳتي ارشاد آهي: "وَلَا أَعْلَمُ الْغَيْبَ" ۽ مان غيب نه ٿو ڄاڻان. هي جملو اڳئين جملي "عِنْدِيْ خَزَائِنُ اللّٰهِ" جي محل تي عطف آهي، ۽ اهو به مٿي ذڪر ڪيل "اَقُوْلُ" جو مقولو آهي(٣) يعني مان نه ائين ٿو چوان ته مون وٽ مستقل طرح الله جا خزانا آهن ۽ نه ائين ٿو چوان ته مان غيب ٿو ڄاڻان. ٻنهي ڳالهين جي دعويٰ جي نفي آهي، انهن جي عطا ٿيڻ جي نفي ناهي، شبير احمد عثماني صاحب لکيو آهي ته: اس آيت مين منصب رسالت كي حقيقت پر روشني ڈالي گئي هے يعني كوئي شخص جو مدعي نبوت هو اس كا دعويٰ يه نهين هوتا كه تمام مقدورات الهيه كے خزانے اسكے قبضه مين هے كه جب اس سے كسي امر كي فرمائش كي جائے وه ضرور هي كر دكهلائے يا تمام معلومات غيبيه وشهاديه پر خواه ان كا تعلق فرائض رسالت سے هو يا نه هو اس كو مطلع كرديا گيا هے كه جو كچهه تم پوچهو وه فورًا بتلا ديا كرے(٤)

هن عبارت تي غور ڪرڻ سان نتيجو اهو ٿو نڪري ته الله جل جلاله حضورعليه الصلواة والسلام جن کي فرمايو ته اوهان انهن ڪافرن کي چئو ته مان اها دعويٰ نه ٿو ڪيان. دعويٰ جي نفي آهي. الله جل جلاله جي طرفان عطا ٿيندڙ خزانن ۽ عطائي علم غيب جي نفي ناهي تعصب ۽ ضد کان خالي ٿي سوچجي ته مسئلو صاف آهي، اڳتي فرمان آهي: "وَلَا اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ" ۽ مان اوهان کي نه ٿو چوان ته مان ملائڪ آهيان. علامه ابو حيان اندلسي لکيو آهي ته: ان مان مراد آهي ته مان ڪونه ٿو چوان ته اني من الملائكة الذين هم اشرف جنس خلقه الله وافضله واقربه منزلة منه اي

(١) تنوير الاذهان ص٤٧٤ ج١ (٢) ابو السعود ص١٣٦ جلد٢
(٣) تفسير الكشاف ص٢٠ جلد٢
(٤) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٧٧ مطبوعه سعودي عرب

لم ادع الالوهية ولا الملكية(١)مان ملائڪن مان آهيان جيڪي الله جي خلق ۾ نهايت شرف وارا ۽ اعليٰ مرتبي ۾ الله جل جلاله کي ويجهي جنس آهن يعني مون نه الله هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي نه ملائڪ هجڻ جي. "اِنۡ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوۡحٰٓى اِلَيَّ" مان صرف ان جي اتباع ڪيان ٿو جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي. هن جملي اڳين جملن جي مضمون کي بالڪل واضح ڪري ڇڏيو آهي، يعني آءٌ پاڻ وٽ خدا جي خزانن ۽ علم غيب هجڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪيان" پر ان جو مطلب اهو ناهي ته اهي مون وٽ الله جي عطا سان به ناهن ان جي عطا سان مون وٽ انهن مان گهٽو ڪجهه آهي، پر ڏيندو ۽ ٻڌائيندو ان کي آهيان جنهن جي مٺي مالڪ جي طرفان اجازت ملندي ۽ وحي ٿيندو آهي جيئن پاڻ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي هڪ ئي مجلس ۾ قيامت تائين اچڻ وارا سڀ واقعا ٻڌايا هيائون(٢) "قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِى الۡاَعۡمٰى وَالۡبَصِيۡرُ" يعني اي محبوب عليه الصلواة والسلام اوهان انهن کي فرمايو ته ڇا دل جو انڌو ڪافر ۽ دل جو روشن مومن برابر ٿيندا؟ نه هرگز نه. "اَفَلَا تَتَفَكَّرُوۡنَ" ڇا پوءِ فڪر نه ٿا ڪيو. هن جملي جي تفسير ۾ شبير احمد عثماني ديوبندي لکيو آهي ته: اگرچه پيغمبر نوع بشر سے علیحده کوئي دوسري نوع نهين ليکن اس کے اور باقي انسانون کے درميان زمين و آسمان کا فرق هے انساني قوتين دو قسم کي هين علمي وعملي قوت علميه کے اعتبار سے نبي اور غير نبي مين اعمىٰ وبصير (اندهے اور سوانکهے) کا تفاوت سمجهنا چاهئے نبي کے دل کي آنکهين هر وقت مرضيات الـهي اور تجليات رباني ديکهنے کيلئے کهلي رهتي هين جس کے بلاوسطه مشاهده سے دوسرے انسان محروم هين اور قوت عمليه کا حاصل يه هوتا هے که پيغمبر اپنے قول وفعل اور هر ايک حرکت وسکون مين رضائے الـهي اور حکم خداوندي کے تابع ومنقاد هوتے هين وحي سماوي اور احکام الـهيه کے خلاف نه کبهي ان کا قدم اٹهه سکتا هے نه زبان حرکت کرسکتي هے ان کي مقدس هستي اخلاق و اعمال اور کل واقعات زندگي مين تعليمات رباني اور مرضيات الـهي کي روشن تصوير هوتي هے جسے ديکهه کر غور و فکر کرنے والون کو ان کي صداقت اور مامور من الله هونے مين ذرا بهي شبه نهين ره سکتا (٣)

فائدا: ١- قرآن ڪريم جي جن آيتن ۾ "قُلۡ" جو لفظ آيو آهي ان قل آڻڻ جا ٻه ٽي مقصد هوندا آهن ڪڏهن هيءُ ته اوهان اها ڳالهه ٻي مخلوق تائين پهچايو ۽ اوهان

(١) البحر المحيط ص١٣٣ جلد٤ (٢) تفسير نعيمي ص٤٤٥ جلد٧

(٣) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٧٧ مطبوعه سعودي عرب

ڪان ٻڌي اها ٻي مخلوق به ائين چوي تانته سندن پلاٽي ٿئي جيئن "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ" اوهان ماڻهن کي اسان جي تعريف ٻڌائيندي فرمايو ته الله هڪ آهي. منڍاٺهو اسان کي اوهان جي معرفت سڃاڻندا ۽ ڄاڻندا ته مومن بنجندا جيڪڏهن اوهان کي ڇڏي ٻئي رستي سان ايندا ته مومن نه رهندا. ڪڏهن هيءُ ته ڪلام اسان جو زبان اوهان جي ٻنهي جي گڏجڻ سان فيض جاري ٿيندو، جيئن "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ" "قُلْ اَعُوْذُبِرَبِّ النَّاسِ" ۾ جادوءَ جي اثر دفع ڪرڻ جي دعا سيکاري وئي، ڪڏهن هيءُ ته اها ڳالهه اوهان چئو. ٻئي ڪي چوڻ جي اجازت ناهي جيئن "قُلْ اِنَّمَا اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ" هتي آيت ٥٠ ۾ "قُلْ" جو لفظ صرف حضور عليه الصلواة والسلام جن جي لاءِ آهي ٻئي کي ائين چوڻ جي موڪل ناهي. جيئن مٿي تفسير ڪبير جي حوالي سان لکي آيا آهيون ته حضور عليه الصلواة والسلام جن اهو تواضع ۽ نوڙت جي لحاظ سان فرمايو هو. ۽ "اَقُوْلُ لَكُمْ" ۾ "كُمْ" جمع جي ضمير مان مراد ڪافر آهن يعني ڪافرن کي چئو ته مون وٽ اوهان جي لاءِ الله جا خزانا ناهن. پر مسلمانن کي پاڻ ٻڌايائون ته "اُوْتِيْتُ بِمَفَاتِيْحَ خَزَائِنِ الْاَرْضِ" (١) مون کي زمين جي خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون آهن. الله جل جلاله جو فرمان آهي: "اِنَّا اَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ" يقينًا اسان اوهان کي تمام گهڻو ڪجهه ڏنو آهي. ۽ "لَا اَعْلَمُ الْغَيْبَ" ۾ ذاتي علم جي نفي آهي، عطا ٿي علم يا علم بالوحي جي ناهي. ٢- جيڪي الفاظ اڳين نبين يا حضور عليه الصلواة والسلام جن تواضع ۽ نوڙت طور پنهنجي لاءِ مالڪ مٿي جي حڪم سان يا خود به خود استعمال فرمايا آهن اسان کي سندن باري ۾ اهي استعمال ڪرڻ نه گهرجن. حضرت يونس عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي لاءِ فرمايو. "اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" مان ظالمن مان هوس، اسان کي جائز ناهي جو ڪين ظالم سڏيون. سيدنا آدم عليه السلام ۽ امان حوا رضي الله عنها فرمايو ته "رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا" اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجن سرن تي پاڻ ظلم ڪيو آهي. پر اسين ڪين ظالم نه چونداسون بلڪ نبين عليهم الصلواة والسلام کي ظالم چوڻ ڪفر آهي. ٣- حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن اڳ ۾ ئي عالي ظرف، اهم ڳالهين کي راز ۾ رکڻ وارا هيا پر "قُلْ لَا اَقُوْلُ لَكُمْ" ۾ ڪين وڌيڪ رازدار رهڻ جو تاڪيد ڪيو ويو. جيئن علامه رومي عليه الرحمة فرمايو آهي: بردهانش قفل دردل رازها، بندلبها دل پراز آواز ها.

يعني سندن پاڪ منهن تي ماٺ ۾ رهڻ جو حڪم هو سندن دل ۾ ڪيترا راز

(١) نعيمي ص٤٤٢ جلد٧

سمايل هئا چپ مبارڪ بند ۽ دل الـلـهي رازن سان پـري پئـي هـئـي. ڪـافـرن ڪـي فرمايائون تہ"مان اوهان لاءِ اها دعويٰ نہ ٿو ڪيان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن" پر مؤمنن کي ٻڌايائون تہ "لَوْ شِئْتُ لَصَارَتْ مَعِيْ جِبَالُ الذَّهَبِ" جيڪڏهن مان گهران ها تہ مون سان سونا جبل هجن ها. ڪافرن چيو تہ "تَفْجُرَلَنَا مِنَ الْاَرْضِ يَنْبُوْعًا". اسان جي لاءِ زمين مان چشمو ڪڍو. پاڻ نہ ڪيائون پر مؤمنن جي لاءِ پاڪ هٿ جي آگرين مان ايترو پاڻي ڪڍيائون جو پندرهن سؤ (١٥٠٠) اصحابن پيتو وضو ڪيائون ۽ چوپاين کي بہ پياريائون. پر افسوس آهي جو ڪيترا مسلمان سڏائڻ وارا قرآن پاڪ جي آيتن مان غلط مرادون وٺيو ماڻهن کي گمراهہ ڪندا وتن.

وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ لَهُمْ

۽ ڊيڄار ان سان انهن کي جو ڊڄن ٿا هن ڪان تہ اٿاريا ويندا پنهنجي رب ڏانهن ناهي انهن جي لاءِ

مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٥١﴾

ان ڪان سواءِ ڪو مددگار ۽ نہ سفارش ڪندڙ من اهي پرهيزگار ٿين.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ڪافرن جا ٿي مطالبا رد ڪيا ويا ۽ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ڪيو ٿو وڃي تہ اوهان پنهنجي رسالت جي منصب تي قائم رهندي پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا رهو. ارشاد آهي: "وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ" "انذر به" نئون جملو آهي جنهن ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب آهي، يعني ان قرآن پاڪ سان انهن ماڻهن کي ڊيڄاريو ۽ الله جل جلالہ جي عذاب جو ڊپ ڏيو جيڪي پنهنجي پالڻهار ڏانهن قبرن مان اٿي هلڻ ڪان ڊڄن ٿا. باقي جيڪي فرمائش وارن معجزن تي پنهنجي ايمان کي موقوف رکن ٿا ۽ سرڪشي ڪندي الله جل جلالہ جي آيتن کي ڪوڙو چون ٿا اهي اوهان جي ديني دعوت کان نہ مستفيد ٿيندا ۽ نہ انهن ۾ اها توقع رکو. "لَيْسَ لَهُمْ مِنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ" هي جملہ "يُحْشَرُوْٓا" ۾ لڪل ضمير هم کان حال آهي، "لَيْسَ لَهُمْ مِنْ دُوْنِهٖ" خبر مقدم "وَلِيٌّ وَّلَاشَفِيْعٌ" مبتدا مؤخر آهي. مطلب تہ اهي ان ڳالهہ کان ڊڄن ٿا تہ مبادا ان حال ۾ مري وڃن جو سندن خاتمو ڪفر تي ٿئي ۽ سندن ڪوبہ مددگار ۽ سفارشي الله کان

سواءِ نہ هجي، ڇو تہ مومنن جا مددگار ۽ سفارشي قيامت ۾ هوندا "لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ" من اهي تقوىٰ وارا بنجن.

مقصد تہ اوهان انهن خوف رکندڙن کي ان اميد تي ڊيڄاريندا رهو تہ من اهي متقي بنجن،

فائدو: (أَنْذِرْ بِهِ) مان ثابت ٿيو تہ حضور ﷺ جن ماڻهن کي الله جل جلالہ جي عذاب کان ڊيڄاريندڙ آهن ۽ اهو ڊيڄارڻ عام آهي مسلم هجي يا غير مسلم هجي سيني کي الله جل جلالہ جو ڊپ رکڻ گهرجي کو شخص عابد آهي تہ عبادت تي ناز نہ ڪري حضور عليه‌الصلواة والسلام جن بشارت ڏيندڙ بہ آهن پر اها خاص آهي عام ناهي. جن مالک مٿي جي جي ذات ۽ سندن اطاعت ۽ اتباع ڪئي ۽ ڪامل ايمان سان رهيا پاڻ انهن کي دنيا ۾ حياة طيبہ (سهڻي زندگيءَ) ۽ آخرت ۾ بهشت ۽ بهشت ۾ الله جل جلالہ جي ديدار جي بشارت ڏيندڙ آهن ۽ جنهن کي پاڻ بهشت جي بشارت ڏنائون جيئن حضرات خلفاءِ راشدين وغيرهم تہ انهن جي بهشتي هجڻ ۾ شک ڪندڙ بي ايمان، قرآن پاک جو منکر ۽ سندس ڳالهہ کي ڪوڙو چوندڙ آهي اهڙن بد مذهبن شيعن وغيرهم کان مومنن کي خبردار ۽ پري رهڻ ضروري آهي نہ تہ سندن عقائد کي خراب ڪري ڇڏيندا .

وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ

۽ نہ ڪڍي ڇڏ انهن کي جي سڏين ٿا رب پنهنجي کي صبح ۽ شام ارادو ڪن ٿا

وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ

سندس ذات پاک (جي راضي ڪرڻ) جو ناهي توتي سندن حساب مان ڪا شيءِ ۽ ناهي حساب تنهنجي مان

عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٢﴾

انهن تي ڪا شيءِ پوءِ ڪڍي ڇڏين انهن کي پوءِ هجين نا انصافي ڪندڙن مان

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ الله جل جلالہ جي خوف رکندڙ پانهن کي ڊيڄارڻ جو حڪم هو تہ مٿان ٿوري گهڻي عبادت تي مغرور ٿين ۽ هتي انهن جي مٿان دائمي

عنايت ڪرڻ ۽ وڏيرن ۽ مالدارن جي ڪري انهن کي مجلسن مان نہ ڪڍڻ جو حڪم ڏنو آهي.

شان نزول: احمد، ابن جرير، ابن ابي حاتم، طبراني، ابوالشيخ، ابن المردويہ ۽ حليۃ الاولياء ۾ ابو نعيم حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ هڪ ڀيري ڪجھ قريشي سردار حضور عليه الصلواة والسلام جن وٽ آيا تہ ان وقت وٽن مسڪين اصحابي حضرت صهيب رومي، حضرت بلال حبشي، حضرت خباب رضي الله عنهم ۽ ٻيا ويٺا هئا انهن هٺيلن کي هنن مسڪينن کان نفرت هئي، حضور عليه الصلواة والسلام جن کي چيائون تہ ڇا اوهان پنهنجي قوم جي اميرن هوندي هنن مسڪينن تي راضي آهيو؟ ۽ الله تعالىٰ اسان جي هوندي انهن تي احسان ڪيو آهي؟ يا اسين هنن جا پوئلڳ ٿينداسون؟ انهن کي پاڻ وٽان ڪڍي ڇڏيو تہ ممڪن اهي تہ پوءِ اسين اوهان جي اتباع ڪيون. ابن ابي شيبہ، ابن ماجہ، ابو يعلي ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت خباب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: ڪافرن سردارن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي پنهنجي منهن سان وٺي وڃي چيو هو تہ اسان جي خواهش آهي تہ اسان سان وهڻ جي لاءِ جدا اهڙي مجلس رکو جو اسين اچي وهون تہ هرڪو سمجهي تہ عرب سردار ويٺا آهن ۽ اوهان وٽ عربن جا وفد بہ ايندا رهن ٿا اهي ائين نہ ڏسن تہ اسين اوهان وٽ ٻانهن ۽ زر خريد غلامن سان گڏ ويٺا آهيون، جيڪڏهن اسين اوچتو اچون تہ انهن کي هڪدم اٿاري ڇڏيو. تڏهن الله جل جلاله هي آيت نازل ڪري سندن مطالبي کي رد ڪيو(١) رباني حڪم آهي: "وَلَا تَطْرُدِ الَّذِينَ يَدْعُونَ رَبَّهُمْ" يعني جيڪي محبت ۽ پيار مان پنهنجي پالڻهار کي سڏين ٿا انهن کي تڙي نہ ڪڍ-مطلب تہ جيڪو اوهان وٽ دل سان اچي ان کي نہ روڪيو ۽ جيڪو اوهان کي ڇڏڻ نہ گهري ان کي نہ تڙيو ڀلي ڪيترو بہ مسڪين ۽ نادار هجي ۽جيڪو اوهان کان ڀڄڻ گهري ان جي پرواهہ نہ ڪيو اوهان مالڪ مٺي کان سواءِ ڪنهن جا محتاج ناهيو اهي سيئي فيض ۽ فائدي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان جا محتاج آهن "بِالْغَدَاوةِ وَالْعَشِيِّ" يعني ڏينهن رات حسن نيت ۽ خلوص دل سان عبادت ۽ سائينءَ کي سڏڻ ۾ مشغول آهن "يُرِيدُوْنَ وَجْهَهٗ" سندس پاڪ ذات جي راضي ڪرڻ جو ارادو ڪن ٿا. عبادت ڪرڻ، الله جل شانہ کي سڏڻ ۽ سندس بارگاه ڏانهن متوجہ رهڻ ۾ سندن ٻيو ڪوبہ غرض ۽ مقصد ناهي.

صوفيانہ نڪتو: "يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ" (پنهنجي رب کي سڏين ۽ سندس عبادت

(١) الدر المنثور ص٢٧٢ ۽ ٢٧٣ جلد٣

ڪن ٿا) ۾ شريعت مطهره جو ذڪر آهي "يُرِيدُوْنَ وَجْهَهٗ" (پنهنجي رب جي ذات کي راضي ڪرڻ جو ارادو ڪن ٿا) ۾ طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو ذڪر آهي. (١) "مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ" نه اوهان تي انهن جي حساب مان ڪجهه آهي ۽ نه اوهان جي حساب مان انهن تي ڪجهه آهي. مقصد ته جڏهن انهن جو ظاهري حال ٻڌائي رهيو آهي ته رات ڏينهن الله جل جلاله جي ذات پاڪ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ سندس عبادت ۾ مشغول آهن ته ان مناسبت سان ساڻن برتاءُ ڪيو وڃي انهن جي مسڪيني ۽ غريبي حال کي ڏسي ڪين پري نه ڪيو وڃي ڇوته جيڪڏهن اهي ڪافر ايمان نه آڻيندا ته اوهان تي انهن جو ڪو بار يا حساب ناهي نه اوهان کان پڇيو ويندو ته انهن ايمان ڇونه آندو ۽ نه اوهان جو حساب انهن کان ورتو ويندو. اهو پويون فرمان صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي نه ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کان ته پنهنجو حساب به نه ٿيندو، جڏهن سندن ڪيترا امتي حساب کان سواءِ بهشت ۾ ويندا ته ڪانئن حساب ڇا جو؟ "فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" يعني جيڪڏهن بالفرض اوهان انهن کي تڙيندؤ ته بي انصافن مان ٿي ويندؤ، پر جڏهن ته پاڻ انهن کي نه تڙيائون ان جي ڪري بي انصافن مان ناهن، سندن عدل ۽ انصاف جي تقاضا به اها هئي ته انهن کي ويجهو رکيو وڃي پري نه ڪيو وڃي.

فائدو: مٿين آيتن مان صاف صاف ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندس عبادت ڪندڙ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دربار جا به مقرب ۽ پيارا هوندا آهن جن جي لاءِ الله تعالىٰ ڪين تاڪيد ٿو فرمائي ته انهن کي پنهنجي محفل مان نه اٿارجو ۽ اهو به ثابت ٿيو ته جيڪو حضور صلي الله عليه وسلم جن جو قرب ۽ ويجهو رهڻ گهري اهو ڏينهن رات پنهنجي پرور کي ياد ڪندو رهي (١) جيئن چمڪندڙ سج چمڪي ته روءِ زمين تي ٿو پرباغن تي چمڪي ٿو ميوا پچائڻ جي لاءِ پوڪن تي داڻا پچائڻ جي لاءِ، گلزارن تي گل ڪولڻ جي لاءِ بدخشان جي جبلن تي لعل بنائڻ جي لاءِ تيئن بلاتشبيه حضور صلى الله عليه وسلم جن به آسمانِ نبوت جا سج آهن سڄي جهان تي چمڪيا الله جي طرف سڏڻ جي لاءِ، مسلمانن جي دلين تي چمڪيا انهن کي ايمان ڏيڻ جي لاءِ عارفن تي چمڪيا عرفان عطا ڪرڻ جي لاءِ علماء، اولياء، صالحن ۽ شهيدن تي چمڪيا انهن کي مختلف رحمتن سان نوازڻ جي لاءِ.

---

(١) نعيمي ص٤٦٦ جلد٧

وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْ

۽ ان ئي نموني سان پرکيوسون بعض انهن جي کي بعض سان تانت چون تہ ڇا هي آهن جو احسان کيو الله انهن تي

بَيْنِنَا ۗ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِالشّٰكِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ

اسان مان ڇا ناهي الله وڌيڪ ڄاڻيندڙ شڪر گذارن جو ۽ جڏهن اچن تو وٽ اهي جو

يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ

ايمان آڻين ٿا آيتن اسان جن تي پوءِ فرماءِ تہ سلام آهي اوهان تي لکي رب اوهان جي ذات پنهنجيءَ تي

الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ

رحمت تحقيق جنهن ڪئي اوهان مان برائي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ تنهن کان پوءِ توبه ڪيائين ان کان پوءِ

وَاَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٤﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٥٥﴾

۽ پاڻ سڌاريائين پوءِ تحقيق اهو بخشڻهار مهربان آهي ۽ ان ئي نموني تا کولي بيان ڪريون ٿا آيتون تانتہ ظاهر ٿئي واٽ مجرمن جي

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافر ظاهر ۾ ائين چون ٿا تہ اسان کي مسڪينن مومنن سان گڏ رهڻ ڏکيو ٿو لڳي انهن کي ڪڍو تہ اسين اسلام قبول ڪيون هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ انهن جي اسلام قبول نہ ڪرڻ جو وجه اهو ناهي اهي ساڳيا گهرن، بازارن، ميلن، ۽ مسافريءَ ۾ مسڪينن سان گڏ رهن ٿا ان جو اصلي سبب انهن بد نصيبن جو حسد آهي تہ مسڪين مسلمان اسان کان اڳ ۾ ايمان آڻي علم ۽ عمل ۾ ڪيئن اڳي ٿي ويا ارشاد آهي "وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْۢ بَيْنِنَا" ۽ ان ئي نموني سان انهن مان هڪڙن يعني اميرن کي ٻين يعني غريبن سان آزمايو سون جو غريب ايمان ۾ اڳرائي ڪري ويا امير حسد ۾ اچي چوڻ لڳا تہ ڇا اسان مان اچي هنن

مسڪينن تي الله جل جلاله احسان ڪيو؟ جو ايمان وارا بڻيا- جيڪڏهن اسلام حق هجي ها تہ اهي اسان کان اڳرائي ڪري نہ سگهن ها "اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِالشّٰكِرِيْنَ" ڇا الله تعالىٰ شڪر ڪندڙن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ ناهي؟ بالڪل آهي اهوئي ڄاڻي ٿو تہ ايمان جي نعمت سان ڪنهن کي سرفراز ڪرڻو آهي ۽ ڪير ان جو شڪر ڪندو، هن ڪان پوءِ انهن ٻانهن جي همت افزائي ڪئي ٿي وڃي جيڪي رات ۽ ڏينهن جو هر لمحو الله تعالىٰ جي ذڪر ۾ صرف ڪن ٿا ۽ سندن دليون ايمان جي نور سان منور آهن پوءِ ڇو نہ ڪين پاڻ لاءِ ڦاٿل ڪپڙن ۽ ڪاڏي جي لاءِ جون جي سڪل مانيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هجي. فرمان مبارڪ آهي "وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ" يعني جڏهن اسان جي آيتن تي ايمان آڻڻ وارا اوهان وٽ اچن تہ انهن کي "سلام عليڪم" (اوهان تي سلامتي آهي) فرمايو. راقم عرض ڪري ٿو تہ ڪيڏا نہ خوش نصيب آهن اهي جن تي سلام چوڻ جو خود حضورصلي الله عليه وسلم کي حڪم ٿي رهيو آهي "كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ" (۽ اهو بہ ڪين ٻڌايو تہ) اوهان جي پالڻهار پنهنجي (بي مثل ۽ بي مثال پاڪ) ذات تي اوهان جي لاءِ رحمت ڪرڻ لازم ڪري ڇڏي آهي. ڪن چيو تہ ان لکڻ مان مراد آهي تہ الله جل جلالہ اها لوح محفوظ ۾ لکي ڇڏي آهي. (١) "اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًا بِجَهَالَةٍ" تہ يقينًا جنهن بہ اوهان مان اڻ ڄاڻائي ۽ بي خبري ۾ برائي ڪئي ان کان پوءِ توبه ڪيائين ۽ پاڻ سڌاريائين "فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" پوءِ پڪ (الله جل جلالہ) بخشڻهار مهربان آهي. مفسر قرطبي لکيو آهي تہ هيءَ آيت انهن مسڪينن اصحابن رضي الله عنهم جي باري ۾ نازل ٿي هئي جن کي ڪافرن نبوي دربار علىٰ صاحبها الصلواة والسلام مان ڪڍائڻ ٿي چاهيو. ان آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن کي ڏسندا هئا تہ انهن تي پاڻ سلام چئي فرمائيندا هئا : اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَ فِيْ اُمَّتِيْ مَنْ اَمَرَنِيْ اَنْ اَبْدَءَهُمْ بِالسَّلَامِ، سڀ ساراه ان الله جل جلالہ جي لاءِ ثابت آهي جنهن منهنجي امت ۾ اهي فرد پيدا ڪيا آهن جن جي مٿان سلام جي ابتداءَ ڪرڻ جو مون کي امر ڪيو اٿس ۽ ڪن جو قول آهي تہ اهو سلام الله جل جلالہ جي طرفان آهي، حضور عليه الصلواة والسلام جن کي صرف ان سلام پهچائڻ جو امر ڪيو ويو آهي(٢) "وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ" ۽ ان ئي نموني سان آيتون کولي کولي بيان ڪيون ٿا ۽ تانتہ مجرمن جي واٽ ۽ رستو صفا صاف ٿي بيهي. يعني اسان آيتن کي تفصيل سان ان جي ڪري ٿا بيان ڪيون تہ مؤمنن جي مقابلي ۾ مجرمن جو رستو کلي ۽ صاف ٿي بيهي.

(١)القرطبي ص ٤٣٥ جلد ٦ (٢) القرطبي ساڳيو حوالو

فائدا ١ - "فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ" (هڪڙن ڪي ٻين سان آزمايوسون) مان ثابت ٿيو تہ نيڪن صالحن سان حسد ڪرڻ انهن ڪافرن جو ڪم آهي جن مسڪينن نيڪن ۽ پلارن اصحابن رضي الله عنهم سان حسد ڪيو هو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ جي پيارن ڪي حقارت سان ڏسندڙ ۽ انهن سان حسد ڪندڙ نبوي دربار علىٰ صاحبها الصلواة والسلام ۾ حاضريءَ کان محروم رهندو ۽ جيڪو دربار حبيب کان پري رهيو اهو مالڪ مٽي جي بارگاه کان بہ پري آهي، ولي هجڻ نبوت جي قرب ۽ نبوت رباني بارگاه جي قرب جو ذريعو ۽ وسيلو آهي. ٢- اهو بہ ثابت ٿيو تہ سرداري ديني هجي يا دنيوي جيڪڏهن ان ۾ هيٺاهين ۽ انڪساري آهي تہ اها الله جل جلالہ جي رحمت آهي جيئن حضور پر نور شافع يوم النشور صلى الله عليه وسلم جن جي مزاج مبارڪ تڪبر کان هر طرح پاڪ صاف هئي تہ ساري ڪائنات ۾ سندن شان ۽ سرداري بيان ٿي رهي آهي، پر جيڪڏهن ان ۾ تڪبر، خودپنداري ۽ وڏائي رهي تہ ان جي پڇاڙي ذلت ۽ خواريءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. مڪي پاڪ جا مشرڪ سردار واقعي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو اولاد ، دولت مند، امير ۽ ڪعبہ ڪريم جا خادم هئا پر متڪبر ۽ مسيڪنن ڪي حقارت جي نظر سان ڏسڻ وارا هئا تہ بدر وغيره ۾ ذليل ۽ خوار ٿي مئا. حضرت بلال حبشي رضي الله عنه ۾ تواضع ۽ انڪساري هئي تہ ڪيتري بلند مقام ڪي پهتو ۽ سندس سردار اميه بن خلف وڏائي ڪرڻ جي ڪري ڪيئن ذليل ٿي مري ويو. ٣- "وَاِذَا جَاءَكَ" (جڏهن اوهان وٽ اچن) مان ثابت ٿيو تہ سلامتي، رب جي رحمت ۽ گناهن جي معافي انهن جي لاءِ آهي جيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دربار عالي ۾ ابدا پر حيچي. اڻ کان پري رهندا اهي نعمتون ماڻي نہ سگهندا. ٤- الله جل جلالہ جي ذات پاڪ تي ڪا شيءِ لازم ۽ ضروري ناهي پر جيڪڏهن اهو ڪريم پاڻ ڪرم ڪري پنهنجي طرفان ڪنهن مهربانيءَ ۽ انعام ڪي پاڻ تي لازم ڪري تہ اهو منع ناهي. اهو مٿين آيت جي جملي "كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ" مان ثابت ٿيو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ سڀني نيڪين کان افضل ۽ اعلىٰ نيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دربار جي حاضري آهي جنهن تي رحمت جو لکجي ملڻ بيان ڪيو ويو آهي. ٥- "سُوْٓءً" ڪي مطلق بيان ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ سڀ گناهہ ننڍا هجن يا وڏا هڪ هجي يا گهڻا لڪل هجن يا ظاهر معاف ڪرڻ جي قابل آهن. ها ٻانهن جا حقوق تيستائين معاف نہ ٿيندا، جيستائين اهي پاڻ معاف نہ

كندا. مرقاة شرح مشكواة باب الظلم (١) ۾ آهي ته: ٻانهن جي حقوق ضايع كندڙ جي لاءِ نه شفاعت هوندي نه الله تعالىٰ جي طرفان معافي تانجو حق وارا پنهنجو حق معاف كن(٢)
٦- توبه جلد كرڻ گهرجي پر جيكڏهن توبه كرڻ ۾ دير ٿي وئي ته به مايوس نه ٿجي، ڇوته "ثُمَّ تَابَ مِنۢ بَعْدِهٖ" ۾ "ثم" تاخير لاءِ آئي آهي ۽ "بَعْدَهٗ" ما به اهو ثابت ٿي رهيو آهي ۽ "اَصْلَحَ" جي لفظ مان ثابت ٿيو ته توبه سچي اها آهي جنهن كان پوءِ توبه كندڙ پاڻ كي سڌاري جيكڏهن ساڳيان گناه كندو رهيو ته پوءِ توبه مان كهڙو فائدو؟
٧- "وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ" مان به ثابت ٿيو ته: مسلمانن كي ايمان وارين شين سان گڏ كفر وارين ڳالهين جي به ڄاڻ ركڻ گهرجي تانته انهن كان بچي سگهن، جيكڏهن خبر نه هوندين ته كفر جا كلما چئي پنهنجو ايمان وڃائي ويهي رهندا. الله جل جلاله قرآن كريم ۾ كافرن جي كفر وارن كلمن كي به بيان فرمايو آهي ته ٻانها ائين نه چون جيئن فرمان آهي: لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ"(٣) البت تحقيق انهن شخصن كفر كيو جن چيو ته الله اهوئي مريم جو پٽ مسيح آهي (معاذ الله) ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي: "وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ابْنُ اللّٰهِ"(۴) ۽ يهودين چيو ته عزير الله جو پٽ آهي (معاذ الله)

قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قُلْ لَّآ

فرماءِ ته تحقيق مان روكيو ويس هن كان ته عبادت كيان انهن جي جن كي اوهان پوڄيوٿا سواءِ الله جي فرماءِ ته نه

اَتَّبِعُ اَهْوَاۗءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿٥٦﴾

تابعداري كندس سڌن اوهان جن جي تحقيق گمراه ٿيندس مان ان وقت ۽ نه رهندس مان هدايت وارن مان

تفسير

هن كان اڳ ۾ ايمان وارن سان پيار ۽ محبت سان پيش اچڻ جو ذكر هو ۽ هتي ٻي ايمانن كي خبردار كيو ويو ته اوهان جي ڦندي ۾ نه ڦاسندس. فرمان مبارك آهي: "قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" ڄاڻڻ گهرجي ته نادان ۽ احمق

(١) مرقاة شرح مشكواة ص٧٥٨ ج۴ (٢) نعيمي ص۴٨٩ جلد٧
(٣) سورة المائده آيت ١٧ (۴) سورت التوبه آيت ٣٠

ڪافر ان ڪوشش ۾ لڳا پيا هيا تہ الله جل جلالہ جي توحيد جو علمبردار، نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام بہ ڪنهن طرح سان انهن باطل معبودن جي پوڄا ڪري جن جي پاڻ ڪندا هئا. الله جل شانہ پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ڏنو تہ اوهان انهن کي کليءَ طرح اعلان ڪري فرمايو تہ مون کي الله تعالىٰ جي طرفان منع ڪئي وئي آهي تہ مان انهن (ڪوڙن معبودن) جي پوڄا ڪيان جن جي الله تعالىٰ کان سواءِ اوهان ڪري رهيا آهيو. "قُلْ لَّآ اَتَّبِعُ اَهْوَآءَكُمْ" فرماءِ تہ مان اوهان جي خواهش ۽ سڌن جي تابعداري نہ ڪندس. اهو غلط خيال ذهنن مان ڪڍي ڇڏيو. ڇوتہ سالم عقل انهن ٻنهي ڳالهين خدا تعالىٰ کان سواءِ ٻئي جي عبادت ۽ پوڄا ڪرڻ ۽ اوهان جي خواهشات جي اتباع ڪرڻ جي اجازت نہ ٿو ڏئي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ آيت ۾ آيل لفظ "تَدْعُوْنَ" جي معنىٰ شاه ولي الله محدث دهلوي عليه الرحمة جن پنهنجي لکيل فارسي ترجمہ ۾ "شما پرستيد بجز خدا" (جن جي اوهان خدا کان سواءِ پوڄا ڪيو ٿا) لکي آهي ان ئي طرح قرطبي، ڪشاف، نيشاپوري ۽ روح المعاني بہ لکيو آهي. اتي ان جي معنىٰ "سڏيو ٿا" ڪري الله جل جلالہ جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام ۽ ٻين مقرب هستين جي سڏڻ کي شرڪ چوڻ سلف صالحين جي لکيل معنىٰ ۽ مراد جي خلاف آهي. "قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ" تحقيق ان وقت مان (معاذالله) گمراه ٿي ويندس ۽ مان هدايت وارن مان نہ رهندس. المقصد تہ الله جل جلالہ جي طرفان مليل عقل، روشن ضمير، پاڪيزه فطرت، مشاهدي جي نور ۽ وحي الهي جي نزول هوندي (معاذالله ثم معاذالله) جيڪڏهن مان غير الله جي عبادت، اوهان جي خواهشات جي اطاعت ۽ اتباع ڪيان (جيڪا محال آهي) تہ مان پاڻ بہ ان وقت گمراه ٿي ويندس ۽ هدايت ڪرڻ جي بجاءِ خود بہ هدايت جي واٽ تي نہ رهندس ۽ جڏهن ٻين جو هادي هدايت جي واٽ ڇڏي وڃي تہ پوءِ هدايت ڪير ڪندو؟

فائدا ١ - "قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ" مان ثابت ٿيو تہ هر مسلمان کي گهرجي تہ پنهنجي ايمان جو کليل اعلان ڪري تقيہ بازي ۽ منافقيءَ کان پري رهي صورت، سيرت لباس، وضع ۽ قطع اهڙي رکي جنهن مان ظاهر ٿيندو رهي تہ هي پڪو مسلمان آهي. مسلمان سڏائيندڙن ۾، حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن، اصحابن، امامن، اولياءَ ڪرام ۽ رباني علماءَ جي ادب ڪرڻ واري سني مسلمان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي مسلڪ جو کليل اعلان ڪري. ٢- "نُهِيْتُ" ماضيءَ جو صيغو آهي جنهن مان ثابت ٿيو تہ مان اڳ ۾ ئي انهن بتن جي پوڄا ۽ خواهشات جي اتباع کان روڪيل ۽ پاڪ صاف آهيان ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن

جي اها پاڪائي سندن فطرتي ۽ پيدائشي هئي جيئن سندن ننڍپڻ واري زندگيءَ جي حالات مان ظاهر آهي.

قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ۭمَا عِنْدِيْ مَا

فرماءِ تہ بيشڪ مان ڪليل دليل تي آهيان، پنهنجي رب جي طرفان ۽ ڪوڙو چيو اوهان ان کي ناهي مون وٽ جيڪو

تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ۭ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ۭ يَقُصُّ الْحَقَّ وَهُوَ خَيْرُ

تڪڙو گهرو ٿا ان کي ناهي حڪم مگر الله جو بيان ڪري حق ۽ اهو ڀلو آهي

الْفٰصِلِيْنَ ۝ ﴿٥٧﴾ قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ لَقُضِيَ

فيصلي ڪندڙن ۾ فرماءِ تہ جيڪڏهن تحقيق مون وٽ هجي ها اهو جو تڪڙو ٿا گهرو اهو تہ فيصلو ڪيو وڃي ها

الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٨﴾

ڪم منهنجي وچ ۾ ۽ اوهان جي وچ ۾ ۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ظالمن کي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کان بيان ڪرايو ويو هو تہ نہ مان اوهان جي بتن جي عبادت ڪندس ۽ نہ اوهان جي خواهشن جي اتباع ۽ هتي ان ڳالهہ جو قوي دليل ڏيندي فرمان ايزدي آهي "قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ" يعني فرماءِ تہ مان پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي آهيان ۽ اوهان ان صاف، صريح شاهديءَ ۽ واضح دليل کي ڪوڙو ٿا چئو. پاڻ سوچيو تہ اوهان جو انجام ۽ عاقبت ڇا ٿيندي، ڪافرن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي چيو تہ: ڀلا اهو عذاب جلد آڻيو. انهن جي جواب ۾ فرمايائون تہ: "مَا عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ" يعني جيڪو عذاب اوهان تڪڙو گهرو ٿا اهو مون وٽ ناهي "اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ" الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ حڪم ناهي جنهن کي گهري، جڏهن گهري، جيئن گهري عذاب ڪري. "يَقُصُّ الْحَقَّ وَهُوَ خَيْرُ الْفٰصِلِيْنَ" حق بيان ڪري ٿو ۽ اهو فيصلي ڪندڙن ۾ ڀلو آهي. "قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ لَقُضِيَ الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ" يعني اوهان انهن کي

فرمايو تہ جيڪو عذاب اوهان تڪڙو گهرو ٿا سو جيڪڏهن مون وٽ هجي ها تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي بہ وڃي ها "وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ بِالظّٰلِمِيۡنَ" ۽ الله ظالمن کي وڌ ۾ وڌ ڄاڻندڙ آهي ۽ اهوئي انهن کي مناسب وقت تي سزا ڏيندو.

فائدو: "اِنِّيۡ عَلٰي بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّيۡ" (مان پنهنجي رب جي طرفان دليل تي قائم آهيان) مان ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن هميشه کان ۽ هميشه لاءِ پاڻ بہ هدايت تي آهن ۽ ٻين جي هدايت لاءِ بہ مرڪز ۽ منبع آهن، سندن وجود مسعود عليه الصلواة والسلام کان هدايت ڪڏهن بہ پري نہ هئي نہ آهي نہ ٿيندي. ها - ٻين سيني کي هدايت سندن ئي وسيلي ۽ واسطي سان ملي ٿي ۽ ملندي

وَعِنۡدَهٗ مَفَاتِحُ الۡغَيۡبِ لَا يَعۡلَمُهَاۤ اِلَّا هُوَ ۗ وَيَعۡلَمُ مَا فِي الۡبَرِّ

۽ ان وٽ آهن ڪنجيون يا خزانا غيب جا نہ ٿو ڄاڻي انهن کي مگر اهو ۽ ڄاڻي ٿو اهو جو پٽ ۾

وَالۡبَحۡرِ ۗ وَمَا تَسۡقُطُ مِنۡ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعۡلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيۡ ظُلُمٰتِ

آهي ۽ سمنڊ ۾ آهي ۽ نہ ٿو ڪري ڪو پن مگر ڄاڻي ٿو ان کي ۽ نہ ڪو داڻو اونداهين

الۡاَرۡضِ وَلَا رَطۡبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٥٩﴾

زمين جي ۾ ۽ نہ آلي شيءِ ۽ نہ سڪي شيءِ مگر ڪتاب روشن ۾ (لکيل) آهي.

تفسير

هن کان اڳينءَ آيت ۾ ٻڌايو ويو تہ الله ظالمن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هتي ان جو دليل ڏيندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ "وَعِنۡدَهٗ مَفَاتِحُ الۡغَيۡبِ" ۽ ان وٽ آهن غيب جون ڪنجيون يا خزانا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "مَفَاتِحُ" يا "مَفۡتَحُ" (م جي زبر سان) جو جمع آهي يا "مِفۡتَحُ" (م جي زير سان) جو "مفتح" جي معنيٰ خزانو پوءِ معنيٰ ٿيندي تہ ان وٽ غيب جا خزانا آهن ۽ "مِفۡتَحُ" جي معنيٰ ڪنجي(١) پوءِ مقصد ٿيندو تہ ان وٽ غيب جي خزانن جون ڪنجيون آهن. مطلب تہ الله جل جلالہ جو علم ڪامل ۽ محيط آهي ۽ اهو ان صفت سان متصف آهي. "لَا يَعۡلَمُهَاۤ اِلَّا هُوَ" ان کان سواءِ انهن کي ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي، مقصد تہ ذاتي ۽ قديم علم ان جوئي آهي سڀ

(١) تفسير ابي السعود ص١٤٣ جلد ٢ جزء٣

غيب جي علم جا خزانا بہ سندس ئي قدرتي هٿ ۾ آهن پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ پاڻ ان علم مان کنهن کي ڪجهہ بہ عطانہ ڪري، علامہ محمد بن احمد انصاري عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ: فالله تعالىٰ عنده علم الغيب وبيده الطرق الموصلة اليه لا يملكها الا هو فمن شاء اطلاعه عليها اطلعه ومن شاء حجبه عنها حجبه ولا يكون ذالک من افاضته الاعلى رسله(١)

يعني الله تعاليٰ وٽ غيب جو علم آهي ۽ ان جي قدرتي هٿ ۾ ان ڏانهن پهچائيندڙ واٽون آهن جن جو ان ڪان سواءِ ڪوبہ مالک نہ ٿو ٿئي پوءِ جنهن کي انهن خزانن ۽ خزانن جي چابين تي اطلاع ڏيڻ گهري ٿو تہ اطلاع ڏئي ٿو ۽ جنهن لاءِ پردي ۾ رکڻ گهري ٿو تہ پردي ۾ رکي ٿو ۽ ان غيب جي علم جو پلٽائڻ ان جي طرفان(ابتداء ۾) صرف سندس رسولن عليهم الصلواة والسلام جي مٿان ئي ٿيندو آهي. ها ائين چوڻ تہ نبي پاک عليه الصلواة والسلام جن جو علم الله جل جلاله جي علم برابر آهي، ڪفر آهي: علامہ صاوي عليہ الرحمۃ هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: فلا ينافي ان بعض الانبياء والاولياء يطلعه الله على بعض المغيبات الحادثة يعني اهو ان جي خلاف ناهي تہ الله جل جلاله بعض نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ولين کي حادث ٿيندڙ غيبي ڳالهين تي اطلاع ڏي ٿو. اڳتي لکيو اٿس تہ: واما من قال ان نبينا او غيره احاط بالمغيبات علما كما احاط علم الله بها فقد كفر(٢)

يعني جنهن چيو تہ اسان جي نبي عليه الصلواة والسلام يا ٻئي ڪنهن غيبي شين کي ائين گهيري ۾ ورتو آهي، جيئن الله جي علم ان جو گهيرو ڪيو آهي تہ اهو ڪافر ٿي ويندو. چاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن "مَفَاتِحُ" ڪنجين جي معنيٰ ۾ چئبو تہ ان ۾ هي اشارو آهي تہ الله جل جلاله پنهنجا غيبي علوم پنهنجن مخصوص ٻانهن کي ڏيندو آهي جو ڪنجيون انهن جي کولڻ لاءِ آهن ۽ کولڻ ڏيڻ لاءِ هوندو آهي(٣)

شبير احمد عثماني صاحب هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: مطلب يہ هے کہ غيب کے خزانے اور ان کي کنجيان صرف خدا کے هاتهہ مين هين وہ ان مين سے جس خزانے کو جس وقت اور جس قدر چاهے کسي پر کهول سکتا هے کسي کو يہ قدرت نهين کہ اپنے حواس و عقل وغيره آلات ادراک کے ذريعے سے علوم غيبيہ تک رسائي پاسکے الخ(٤)

(١) القرطبي ص٢ جلد٧ (٢) الصاوي علي الجلالين ص١٨ جزء ٢

(٣) نعيمي ص٥١٧ جلد٧

(۴) حاشيه شبير احمد عثماني ١٧٩ حاشيه ۴ - مطبوعه سعودي عرب

حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ: "مَفَاتِيحُ الْغَيْبِ خَمْسٌ لَا يَعْلَمُهَا إِلَّا اللهُ لَا يَعْلَمُ مَا فِي الْأَرْحَامِ إِلَّا اللهُ وَلَا يَعْلَمُ مَا فِي غَدٍ إِلَّا اللهُ وَلَا يَعْلَمُ مَتَىٰ يَأْتِي الْمَطَرُ إِلَّا اللهُ وَلَا يَدْرِي بِأَيِّ أَرْضٍ تَمُوتُ نَفْسٌ إِلَّا اللهُ وَلَا يَعْلَمُ مَتَىٰ تَقُومُ السَّاعَةُ إِلَّا اللهُ" (١) يعني غيب جون ڪنجيون ۽ خزانا پنج آهن جن کي الله کان سواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي، الله کان سواءِ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ حمل وارين جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟ الله کان سواءِ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو؟ الله کان سواءِ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ مينهن ڪڏهن پوندو؟ الله کان سواءِ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ ڪهڙي زمين تي ڪو مرندو؟ الله کان سواءِ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ قيامت ڪڏهن ٿيندي؟

توجہ جي قابل عرض

ياد رکڻ گهرجي تہ جتي بہ قرآن پاڪ يا حديث شريف ۾ اهڙو ارشاد آهي، ان مان مراد الله تعالىٰ جي ڄاڻائڻ کان سواءِ ڄاڻڻ آهي. پر جيڪڏهن الله تعالىٰ ڪنهن تي مهرباني ڪري تہ ان جي اڳيان اهي ڳالهيون واضح ٿي بيهن ٿيون جن جو تفصيل انشاءَ الله تعالىٰ اڳتي ايندو.

"وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ" ۽ جيڪو ڪجهہ پٽ ۽ سمنڊ ۾ آهي الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو. پهريائين تہ مطلق فرمايائين تہ: غيب جا خزانا ۽ انهن جون ڪنجيون سندس قدرتي هٿ ۾ آهن ان کان پوءِ وڌيڪ وضاحت سان پنهنجي وسيع ۽ محيط علم کي بيان ڪيائين تہ هيءَ ڪائنات جنهن جي ڪروڙين حصي جو بہ اوهان کي علم ناهي پر جيترو ڪجهہ اوهان ڄاڻو ٿا انهن ۾ سيني کان وڏيون شيون پٽ ۽ سمنڊ آهن جن ۾ اڻ ڪٿ ننڍي وڏي مخلوق رهي پئي آهي، انهن سيني کي بہ اهو ڄاڻي ٿو "مَا تَسْقُطُ مِن وَرَقَةٍ إِلَّا يَعْلَمُهَا" ۽ ڪوبہ پن نہ ٿو ڪري مگر اهو ان کي بہ ڄاڻي ٿو. مقصد تہ ان جي علم جي همہ گيريءَ جي هيءَ ڪيفيت آهي جو روءِ زمين تي بي حساب ٻيلن ۾ بي شمار وڻن جي ٽِڪڻ کان ڳرن پنن مان ڪو پن ڪري ٿو تہ ڪيس ان جو بہ علم آهي "وَلَا حَبَّةٍ فِي ظُلُمَاتِ الْأَرْضِ" ۽ نہ ڪو داڻو زمين جي انڌيرن ۾ ڪري ٿو (مگر ان کي بہ ڄاڻي ٿو) يعني زمين جون اهي اونداهيون جتي اوهان جا تيز ڏسندڙ بجليءَ وارا اوزار بہ عاجز ٿي وڃن انهن ۾ سرنهن جي داڻي کان بہ سنهو داڻو ڪٿي ڪري ٿو تہ الله جل جلالہ ان کي بہ ڄاڻي ٿو. "وَلَا رَطْبٍ وَلَا يَابِسٍ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُّبِينٍ" ۽ ڪابہ آلي ۽ سڪي شيءِ ناهي مگر اها روشن ڪتاب ۾ لکيل آهي، مٿي ڪجهہ جزئيات بيان ڪري هتي وري عمومي

(١) روح البيان ص٣٢ جلد٣

رنگ ۾ الله تعالىٰ جي علم جي همه گيري ۽ وسعت بيان ڪئي وئي آهي. نتيجو اهو نڪتو تہ اهي سڀ شيون رب العزت جل جلالہ جي علم ۾ اصلي ۽ ذاتي طور آهن ٻيو ڪو ان جي ڄاڻائڻ سان ئي ڄاڻي ٿو. مفسر قرآن احمد مصطفىٰ المراغي لکيو آهي تہ: لايعلمها علما ذاتيا الاهو فهو الذي يحيط بهاعلما وسواه جاهل بذاته لايعلم منها شيئا الا باعلامه عزوجل(١)هن جو مقصد مٿي لکي آيا آهيون. امام رازي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: ان ذالک الکتاب المبين هو علم الله تعالىٰ لا غير. وهذا هو الصواب(٢)يعني آيت ۾ "ڪتاب مبين" مان مراد صحيح قول موجب الله تعاليٰ جو علم آهي ۽ علامہ ابن جرير لکيو آهي تہ "كِتَابٌ مُّبِينٌ" مان مراد لوح محفوظ آهي(٣)

فائدو: هن آيت مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "عِندَهُ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ" مان واضح ٿيو تہ الله جل جلالہ ڪليات ۽ جزئيات کي تفصيل سان ڄاڻي ٿو ۽ سندس علم ائين قديم آهي جيئن سندس ذات قديم آهي، جيڪو چوي تہ الله تعالىٰ جوعلم ازلي ابدي ناهي جڏهن ٻانهو ڪجھ ڪندو تڏهن ان کي خبر پوندي آهي يا ڪليات جو علم اٿس جزئيات جو نہ. اهو هن آيت جو منڪر آهي. ٢- "لَا يَعْلَمُهَا إِلَّا هُوَ" مان ظاهر ٿيو تہ مالک مٿو غيب بالذات ڄاڻي ٿو ۽ ان جي ڄاڻائڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ذريعي سان غيب جو علم نہ ملندو آهي. انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياء عظام کي بہ سندس عطا سان علم ٿيندو آهي. جيئن مٿي تفسيرن جي عبارتن سان لکي آيا آهيون. ٣- "مَفَاتِحُ الْغَيْبِ" غيب جون ڪنجيون. هن لفظ مان ثابت ٿيو تہ اللهجل جلالہ غيب جي علم مان پنهنجن ٻانهن کي بہ ڪجھ عطا ڪندو آهي ڇوتہ علوم غيبيهکي خزانن سان تشبيہ ڏئي انهن جي لاءِ ڪنجيون ذڪر ڪيون ويون آهن ۽ اها ڳالھ روشن آهي تہ ڪنجين ۽ قلفن ۾ اهي شيون رکيون آهن جن کي ٻاهر ڪڍڻو ۽ ڪنهن کي ڏيڻو هوندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي ڏيڻو يا ڪڍڻو ناهي تہ اها شيءِ دفن ڪري ڇڏبي آهي، رب العزة جل جلالہ ڪنهن جي لاءِ اهي خزانا کوليا آهن يا نہ ان جي وضاحت انشاءَ الله تعالىٰ سورة الفتح جي آيت مبارڪہ "إِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِينًا" ۾ ايندي. ٤- "كِتَابٌ مُّبِينٌ" مان مراد جيڪڏهن لوح محفوظ آهي جيئن مٿي لکي آيا آهيون تہ پوءِ ثابت ٿيو تہ هر سڪي ۽ سائي شيءِ لوح محفوظ ۾ لکيل آهي. ۽ اهو لکڻ ڪن ٻانهن جي ڏسڻ لاءِ تہ آهي جي نہ تہ لکائڻ جو مقصد ڪهڙو؟ ڇا مالک مٿي

(١) تفسير المراغي ص١۴۴ جزءِ ٧ (٢) التفسير الڪبير جزءِ ١٣ ص١١
(٣) طبري ص١٣٦ جلد٥

كان اهي شيون(معاذالله ثم معاذ الله) وسري ٿي ويون؟ ۽ لوح محفوظ جي صفت"مبين"سان اها ڳالهه وڌيڪ واضح ڪئي وئي آهي تہ اهو روشن، ڪليل ۽ ظاهر آهي لهذا جن ٻانهن جي نظر لوح محفوظ تي هوندي آهي تہ ان ۾ لڪيل شيون انهن جي علم ۾ اينديون آهن علامہ روميءَ جو فرمان آهي:

لوح محفوظ است پيش اوليا = ازچہ محفوظ است محفوظ از خطا

يعني لوح محفوظ ڀلارن جي اڳيان هوندو آهي. محفوظ ڇا کان آهي؟ خطا کان محفوظ آهي. امام بوصيري جو فرمان آهي: فان من جودک الدنيا وضرتها ومن علومک علم اللوح والقلم-يعني يا رسول الله صلى الله عليه وسلم دنيا ۽ آخرت اوهان جي سخاوت مان ذرو آهي ۽ لوح ۽ قلم جو علم اوهان جي علمن مان ذرو آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ وَيَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ ثُمَّ

۽ اهو (الله) ئي آهي جو وفات ڪرائي ٿو اوهان کي رات جو ۽ ڄاڻي ٿو جيڪو ڪيو ٿا ڏينهن جو ان کان پوءِ

يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّىۚ ثُمَّ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ ثُمَّ

اٿاري ٿو اوهان کي ان ۾ تانت پورو ڪيو وڃي مدو مقرر ڪيل ان کان پوءِ ان ڏانهن موٽڻ اوهان جو آهي. ان کان پوءِ

يُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٠﴾

خبر ڏيندو اوهان کي ان جي جو ڪيو ٿي

تفسير

هن کان اول الله جل جلالہ جي علم جي وسعت جو بيان هو ۽ هتي سندس قدرتجي وسعت جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ وَيَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ ثُمَّ يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى" ڄاڻڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ يتوفا جو لفظ توفي کان ورتل ننڊ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيل آهي(ان جي حقيقي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي پوري جو پورو وٺڻ) ڇوتہ ننڊ جي حالت ۾ انسان جي عقل، شعور، هلڻ" ڦرڻ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وغيره جون طاقتون بيڪار ٿي وينديون آهن ۽ مرڻ وقت بہ جيئن تہ انسان جون اهي قوتون ڪم نہ ڪنديون آهن تہ اتي بہ توفي جو لفظ آندو ويندو

آهي. مطلب تہ اهو اللہ ئي آهي جيڪو رات جو اوهان کي ننڊ جي حالت ۾ رکندو آهي ۽ جيڪي ڏينهن جو ڪندا آهيو ان کي بہ ڄاڻندو آهي ۽ ننڊ ئي ننڊ ۾ اوهان کي موت جي حالت تائين نہ پهچائيندو آهي ان کان پوءِ اوهان کي ڏينهن جو اٿاريندو آهي، تانتہ حياتيءَ جو مقرر ڪيل مدو پورو ڪيو "ثُمَّ اِلَيۡهِ مَرۡجِعُكُمۡ ثُمَّ يُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ" ان کان پوءِ ان اللہ جل جلالہ ڏانهن ئي اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ جيڪي بہ ڪندا هيئو ان جي اوهان کي خبر ڏيندو.

فائدا ١ : ڄاڻڻ گهرجي تہ روح ٻہ قسم آهي ١- سيلاني، جنهن سان سجاڳي، هوش ۽ حواس قائم آهي ۽ اهوئي ننڊ جي حالت ۾ نڪري ويندو آهي ۽ هتي يتوفى (روح قبض ڪري ٿو) مان مراد بہ اهو آهي ٢- سلطاني، جنهن سان حياتي قائم آهي ۽ اهو مرڻ جي وقت نڪرندو آهي (١)

فائدو ٢ : ننڊ هڪ قسم جو دنيا تان لاڏاڻو آهي دنيا ۾ اسان جو سمهڻ کان پوءِ جاڳڻ مرڻ ۽ مرڻ کان پوءِ اٿڻ جو دليل آهي جنهن کي مرڻ کان پوءِ اٿڻ ۾ شڪ آهي اهو پنهنجي سمهڻ کان پوءِ اٿڻ ۾ غور ڪري. جو اللہ تعالیٰ ننڊ جي لاءِ يتوفى جو صيغو آندو آهي (٢)

وَهُوَ الۡقَاهِرُ فَوۡقَ عِبَادِهٖ وَيُرۡسِلُ عَلَيۡكُمۡ حَفَظَةً ؕ حَتّٰۤى اِذَا

۽ اهو غالب آهي مٿان ٻانهن پنهنجي ۽ موڪلي ٿو اوهان تي نگهباني ڪندڙ تانجو جڏهن

جَآءَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ تَوَفَّتۡهُ رُسُلُنَا وَهُمۡ لَا يُفَرِّطُوۡنَ ﴿٦١﴾ ثُمَّ

اچي ٿو هڪڙي اوهان جي وٽ موت تہ وفات ٿا ڪرائن ان کي قاصد اسان جا ۽ اهي نہ ٿا ڪوتاهي ڪن ان کان پوءِ

رُدُّوۡۤا اِلَى اللّٰهِ مَوۡلٰٮهُمُ الۡحَـقِّ ؕ اَلَا لَـهُ الۡحُكۡمُ وَهُوَ اَسۡرَعُ الۡحٰسِبِيۡنَ ﴿٦٢﴾

موٽايا وڃن ٿا اللہ ڏانهن، مولا انهن جو سچو، خبردار ان جوئي حڪم (جاري) آهي ۽ اهو گهڻو تڪڙو آهي، حساب ڪندڙن ۾

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ اوهان سڀني کي اللہ جل جلالہ ڏانهن موٽي پيش ٿيڻو آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهو موٽي پيش ٿيڻ بلا واسطي ناهي

(٢) نعيمي ص٣٠ ٥ جلد٧

پرجيئن والدين جي ذريعي دنيا ۾ آيا هيئو تيئن الله جل جلاله جي طرفان موڪليلن ملائڪن ذريعي سندن بارگاهه ڏانهن موٽايا ويندؤ. ارشاد آهي: "وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ وَيُرْسِلُ عَلَيْكُمْ حَفَظَةً" يعني اهو الله تعالىٰ پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي ۽ اهوئي اوهان جي مٿان نگهباني ڪندڙ ملائڪ موڪلي ٿو. اوهان ائين نہ سمجهو تہ الله جل جلالہ اوهان جي عملن کان بي خبر آهي، بلڪ ان قادر قدير اوهان جي مٿان اهڙا ملائڪ مقرر ڪري ڇڏيا آهن جو جيڪو بہ لفظ اوهان جي زبان مان نڪري ٿو يا اوهان کان ڪا چرپر صادر ٿئي ٿي تہ اهي ملائڪ ان کي ريڪارڊ ڪن ٿا ۽ جڏهن قيامت جي ڏينهن ڪي مجرم پنهنجن جرمن جي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندا تہ سندن زندگيءَ جو سمورو ريڪارڊ سندن اڳيان رکيو ويندو. جنهن کي گراموفون جي ريڪارڊ جي سئيءَ وانگر زبان هوندي ۽ هر گنهگار پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪندو. "حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ تَوَفَّتْهُ رُسُلُنَا وَهُمْ لَا يُفَرِّطُوْنَ" يعني اهي نگهباني ڪندڙ ملائڪ اوهان جي نگهباني ڪندا رهندا. تانجو جڏهن اوهان مان ڪنهن هڪ جي مرڻ جو وقت ايندو تہ اسان جا قاصد، موت جي لاءِ مقرر ڪيل ملائڪ ان کي وفات ڪرائيندا ۽ ان ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪندا. "ثُمَّ رُدُّوْۤا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ" يعني صرف ان وفات ڪرڻ تي معاملو ختم نہ ٿيندو پر ان کان پوءِ وري اهي ٻانها پنهنجي سچي مولا، الله ڏانهن موٽايا ويندا. "اَلَا لَهُ الْحُكْمُ" خبردار ان جوئي فيصلو ۽ حڪم هلي ٿو ٻيا سڀ سندس ئي عطا سان حاڪم بڻجن ٿا. "وَهُوَ اَسْرَعُ الْحٰسِبِيْنَ" ۽ اهو حساب ڪندڙن ۾ تمام تڪڙو آهي. ان وٽ ڪا دير ناهي.

قُلْ مَنْ يُّنَجِّيْكُمْ مِّنْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ تَدْعُوْنَهٗ تَضَرُّعًا

فرماءِ تہ ڪير ٿو ڇڏائي اوهان کي انڌيرن پٽ ۽ سمنڊ جي کان سڏيو ٿا ان کي زاريءَ سان

وَّخُفْيَةً لَئِنْ اَنْجٰنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٣﴾ قُلِ

۽ لڪي البت جيڪڏهن ڇڏايائين اسان کي هن کان تہ البت ضرور ٿينداسون شڪر ڪندڙن مان، فرماءِ

اللّٰهُ يُنَجِّيْكُمْ مِّنْهَا وَمِنْ كُلِّ كَرْبٍ ثُمَّ اَنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿٦٤﴾

تہ الله ڇڏائي ٿو، اوهان کي ان کان ۽ هر تڪليف کان ان کان پوءِ بہ اوهان شرڪ ٿا ڪريو.

تفسير

هن کان اول حفاظت جي لاءِ مقرر ٿيل فرشتن ۽ نہ ڏسڻ ۾ اچڻ وارين رحمتن جو ذکر هو ۽ هتي وري ڏسڻ ۾ اچڻ وارين شين ۽ مصيبتن ۽ آفتن کان ڇٽڻ وغيره جي نعمتن جو ذکر ٿي رهيو آهي. فرمان ايزدي آهي: "قُلۡ مَنۡ يُّنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡ ظُلُمٰتِ الۡبَرِّ وَالۡبَحۡرِ" (اي حبيب پاڪ عليڪ الصلواة والسلام انهن کي) فرماءِ تہ: اوهان کي پٽ ۽ سمنڊ جي انڌيرن کان ڪير ٿو ڇڏائي ۽ بچائي؟ "تَدۡعُوۡنَهٗ تَضَرُّعًا وَّخُفۡيَةً" جنهن کي زاريءَ سان ۽ لڪ ۾ آهستي آهستي سڏيو ٿا. ۽ چئو ٿا تہ "لَئِنۡ اَنۡجٰىنَا مِنۡ هٰذِهٖ لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيۡنَ" البت جيڪڏهن اسان کي هنن انڌيرن کان ڇڏايائين تہ ضرور سندس شڪر گذارن مان ٿينداسون. "قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡهَا وَمِنۡ كُلِّ كَرۡبٍ ثُمَّ اَنۡتُمۡ تُشۡرِكُوۡنَ" فرماءِ تہ: الله تعاليٰ اوهان کي انهن انڌيرن ۽ ٻيءَ هر تڪليف کان ڇڏائي ٿو ان کان پوءِ اوهان وري بہ شرڪ ٿا ڪيو. مقصد تہ ان جي احسانن، ڀلاين ۽ مهربانيـن کي وساري ان وحده لاشريڪ لہ سان ٻتن کي شريڪ ٿا بنايو. ڇا اها اوهان جي انسانيت ۽ شرافت آهي؟ جو الله تعاليٰ سان ڪيل وعدا پورا نہ ٿا ڪيو اوهان بدڪار، ڪافر، مشرڪ ۽ وعدي برخلاف ماڻهو آيو

فائدا ١- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ مصيبت ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ ۽ آرام ۽ راحت ۾ وسارڻ ڪافرن جو طريقو آهي مومن کي گهرجي تہ هر حال ۾ الله جل جلالہ کي ياد ڪري٢- اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڪافرن جون بہ ڪي ڪي دعائون قبول پـون ٿيون ڏسو ڪافر مصيبتن ۾ ڦاسي الله جل جلالہ کان نجات گهرندا هئا تہ الله جل شانہ کين انهن مصيبتن کان نجات ڏيندو هو. شيطان پنهنجي عمر وڌائڻ ۽ مهلت ملڻ لاءِ دعا گهري تہ الله تعاليٰ قبول ڪري ڪيس عمر بہ وڌائي ڏني ۽ مهلت بہ عطا ڪئي. ٣- جيڪو شخص آرام ملڻ جي ڪري تڪليف وساري ڇڏي ۽ تڪليف جي وقت ۾ الله تعاليٰ سان ڪيل واعدا وساري اهو بدبخت آهي.

قُلۡ هُوَ الۡقَادِرُ عَلٰۤى اَنۡ يَّبۡعَثَ عَلَيۡكُمۡ عَذَابًا مِّنۡ فَوۡقِكُمۡ اَوۡ

فرماءِ تہ اهو قادر آهي هن ڳالهہ تي جو موڪلي اوهان تي عذاب مٿان اوهان جي يا

مِنۡ تَحۡتِ اَرۡجُلِكُمۡ اَوۡ يَلۡبِسَكُمۡ شِيَعًا وَّيُذِيۡقَ بَعۡضَكُمۡ بَاۡسَ

هيٺان پيرن اوهان جي يا وچڙائي اوهان کي ٽولا ٽولا ڪري ۽ چکائي بعض اوهان جي کي سختي

بَعْضٍ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَكَذَّبَ

بعض جي ڏس تہ ڪيئن ٿا نموني نموني سان بيان ڪيون دليلن ڪي تانت اهي حقيقت ڪي سمجهن ۽ ڪوڙو چيو ان

بِهٖ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ ؕ قُلْ لَّسْتُ عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ

کي قوم تنهن جي حالانڪ اهو سچ آهي فرماءِ تہ ناهيان مان اوهان جو ذميدار هر خبر جي

نَبَاٍ مُّسْتَقَرٌّ وَّسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٧﴾

(ظهور جو) وقت مقرر ڪيل آهي ۽ جلدي ڄاڻندئو.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ الله جل جلاله جي خاص رحمت يعني مصيبت ۾ ڦاٿلن ڪي نجات ۽ ڇوٽڪارو ڏيڻ جو ذڪر هو ۽ هتيٰ وري سندس طرفان بدڪارن تي عذاب موڪلڻ جي لاءِ قادر هجڻ جو بيان ٿي رهيو آهي. "قُلْ هُوَ الْقَادِرُ عَلٰۤى اَنْ يَّبْعَثَ عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّنْ فَوْقِكُمْ اَوْ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِكُمْ اَوْ يَلْبِسَكُمْ شِيَعًا وَّيُذِيْقَ بَعْضَكُمْ بَاْسَ بَعْضٍ" (اي حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم ! اوهان انهن کي) فرمايو تہ: الله جل جلاله ان ڳالهہ تي قادر آهي جو اوهان تي اوهان جي مٿان يا پيرن جي هيٺان عذاب موڪلي يا اوهان جا پاڻ ۾ اختلاف پيدا ڪرائي، اوهان کي ٽولا ٽولا بنائي اوهان مان هڪڙن کي ٻين کي سختي ۽ شدت چکائي. المقصد تہ الله جل جلالہ جي بي فرماني ڪري ان جي حڪمن کان منهن موڙي ڪوبہ انسان امن ۽ عافيت واري زندگي ماڻي نہ ٿو سگهي ڪڏهن مٿان کان وجون ڪري، لاڳيتيون بارشون وسي سيلاب جي صورت اختيار ڪري قيامت جو منظر قائم ڪيو ڇڏين تہ ڪڏهن قدرتي زلزلا اچيو شهرن کي تباہ ۽ برباد ڪيو ڇڏين ۽ ڪڏهن تہ هڪ قوم جا فرزند، هڪ ئي اسلامي ملت جا فرد مختلف مذهب ۽ سياسي پارٽيون اختيار ڪري ويڙهہ ۽ انتشار جو شڪار ٿي پنهنجي عزت کي پاڻ مٽيءَ ۾ ملايو ڇڏين. آيت ۾ آيل لفظن فوق ۽ تحت جي تفسير ۾ علامہ قرطبي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ فوق مان مراد ظالم

حکمران ۽ تحت مان مراد نا اهل ڪامورا آهن(١)بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو ارشاد آندو آهي تہ: "كَمَا تَكُونُونَ يُؤَمَّرُ عَلَيْكُمْ" (٢) يعني جهڙا وهان جا اعمال(ڀلا يا برا هوندا) اهڙا ئي اوهان جي مٿان امير ۽ حاڪم مقرر ڪيا ويندا. جيڪڏهن اوهان صالح، متقي ۽ پرهيزگار هوندؤ تہ اوهان جا حاڪم ۽ امير بہ رحم دل ۽ انصاف پسند هوندا ۽ جيڪڏهن اوهان بدعمل هوندؤ تہ اوهان تي حاڪم بہ بي رحم ۽ ظالم مسلط ڪيا ويندا.

سوال: جڏهن"أَوْ يَلْبِسَكُمْ شِيَعًا" مان ثابت ٿيو تہ مختلف فرقا بنجڻ بہ عذاب الاهيءَ جو قسم آهي تہ پوءِ حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي وغيرها هجڻ ڪيئن سٺو آهي؟

جواب: ان اختلاف مان مراد اهو اختلاف آهي جيڪو اسلامي اصول ۽ عقائد جي خلاف نفساني خواهشات ۽ اغراض تي مبني هجي اهو اختلاف مراد ناهي جيڪو قرآن ۽ سنت جي ٻڌايلن اجتهادي اصولن جي ماتحت فروعي مسئلن ۾ امت جي فقيهن، اصحابن ۽ تابعن رضي الله عنهم کان هلندو اچي ٿو جن ۾ سڀني جي حجت قرآن، سنت ۽ اجماع آهي ۽ هرهڪ جي نيت قرآن ۽ سنت جي حڪمن تي عمل ڪرڻ آهي پر انهن ۾ آيل مجمل يا مبهم لفظن جي تعبير ۽ انهن مان فروعي، جزوي مسائل ڪڍڻ ۾ اجتهاد ۽ راءِ جو اختلاف آهي. اهڙي اختلاف کي هڪ حديث مبارڪ ۾ رحمت سڏيو ويو آهي جيئن نصر مقدسي، بيهقي ۽ امام الحرمين جي حوالي سان جامع صغير ۾ روايت آهي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "اِخْتِلَافُ أُمَّتِيْ رَحْمَةٌ" (٢) منهنجي امت جو اختلاف رحمت آهي"امتي (منهنجي امت چئي) محمدي امت على نبيها الصلواة والسلام کي ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو ان امت جي حق وارن علماءَ ۽ متقي فقهاءَ ۾ جيڪو فڪري اختلاف هوندو، اهو هميشه قرآني اصول ۽ سنت جي ما تحت للهيت ۽ نيت جي صدق سان هوندو ان ۾ سندن نفساني خواهش، جاه مرتبو ۽ مال مقصد نہ هوندو. بلڪ جامع صغير جي شارح علامه مناويءَ جي تحقيق مطابق امت جي فقيهن جي مختلف مسلڪن جو اهو درجو هوندو جيڪو اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي مختلف شريعتن جو هيو جيئن اهي مختلف هجڻ جي باوجود سڀئي الله جل جلاله جا احڪام هيا تيئن هن امت جي مجتهدن جا مختلف مسلڪ قرآن ۽ سنت جي اصول جي ما تحت هجڻ جي ڪري سڀئي الله جل

(١) القرطبي ص٩ جلد٧ (٢) معارف القرآن ص٣٦٤ ج٣

جلاله ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن جا احڪام چورائيندا. اهوئي سبب آهي جو مجتهدن امامن ۽ امت جي فقيهن جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته ڪنهن به امام، مطلق مجتهد جو تحقيق باطل ناهي "اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ" يعني ڏس ته ڪيئن ڪولي ڪولي آيتون بيان ڪيون ٿا تانته اهي سمجهن "هُمْ" (اهي) مان مراد يا ڪافر آهن پوءِ مقصد ته انهن آيتن سان ڪافر دين ڪي سمجهن ۽ ايمان آڻين يا عام مسلمان پوءِ مقصد آهي ته اهي انهن ڪي سمجهي غفلت ڪان بچن (١)

"وَكَذَّبَ بِهٖ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ قُلْ لَّسْتُ عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ" ۽ ان ڪي تنهن جي قوم ڪوڙو چيو آهي حالانڪ اهو حق آهي. فرماءِ ته مان اوهان جو ذميوار نه آهيان. مطلب ته جيڪڏهن اوهان ان حق ڪي تسليم نه ڪندؤ ته مون ڪان ان جي پڇا نه ٿيندي نه مان ان جي لاءِ اوهان تي مسلط ڪيل آهيان. "لِكُلِّ نَبَاٍ مُّسْتَقَرٌّ وَّسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ" هر خبر جي ظهور جو وقت مقرر ڪيل آهي ۽ جلدي ڄاڻندؤ. ڪافر خيال ڪندا هئا ته جنهن عذاب جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي ان جي حقيقت ڪابه ناهي اهي صرف دڙڪا آهن. الله جل جلاله انهن جي لاءِ فرمايو ته اوهان هروپرو جلدي جلدي عذاب گهري رهيا آهيو، منهنجي ازلي علم ۾ هر ڪم جو وقت مقرر ڪيل آهي جنهن تي اهو ظاهر ٿيندو ۽ اوهان به ڄاڻندؤ ته واقعي اهو حق آهي.

فائدا ١ - "قُلْ هُوَ الْقَادِرُ" مان ثابت ٿيو ته هر انسان ڪي گهرجي ته اهو سفر ۽ حضر ۾ گهر ۾ ۽ ٻاهر هر جاءِ تي هر وقت پاڻ ڪي الله جل جلاله جي قبضي ۾ سمجهي ۽ يقين رکي ته ڪابه شيءِ ڪنهن به وقت ان جي قدرتي ڪنٽرول ڪان ٻاهر ناهي. ٢- "اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ" مان ثابت ٿيو ته قرآن پاڪ جي آيتن ۽ قدرتي نشانن ۾ غور ڪرڻ عبادت آهي ۽ ان سان ڪي ڪافر مسلمان ٿيندا آهن ته ڪي گنهگار مسلمان پرهيزگار ٻانها بنجي ويندا آهن ٣- "وَكَذَّبَ بِهٖ قَوْمُكَ" مان ثابت ٿيو ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي قوم مان هوندي به جيڪڏهن ڪو مٿن ايمان نه ٿو آڻي ته اهو جهنمي آهي، جنت ۾ نه ويندو، قابيل حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جو پٽ ۽ ڪنعان حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جو پر ان نبين جو اولاد هجڻ ڪين ڪوبه فائدو نه ڏنو اهڙي طرح مڪي پاڪ ۾ رهڻ ان مؤمن جي لاءِ مفيد آهي جو هڪ نيڪي ڪري ته لک نيڪين جو ثواب پر ڪافر ۽ بي دين جي لاءِ نقصانڪار آهي جو هڪ گناهه ڪري ته لک گناهن جو ڏوهه ٿيندس (٢)

(١) نور العرفان ص٢١٥ (٢) نعيمي ص٥٥٨ جلد٧

وَاِذَا رَاَيۡتَ الَّذِيۡنَ يَخُوۡضُوۡنَ فِيۡۤ اٰيٰتِنَا فَاَعۡرِضۡ عَنۡهُمۡ حَتّٰى

۽ جڏهن ڏسين انهن کي جو اجايو بحث ٿا ڪن اسان جي آيتن ۾ پوءِ منهن موڙ انهن کان تانجو

يَخُوۡضُوۡا فِيۡ حَدِيۡثٍ غَيۡرِهٖ ؕ وَاِمَّا يُنۡسِيَنَّكَ الشَّيۡطٰنُ فَلَا تَقۡعُدۡ

بحث ڪن ڪنهن (ٻيءَ) ڳالهہ ۾ ان کان سواءِ ۽ جيڪڏهن وسارائي توکان شيطان پوءِ نہ ويهہ ياد

بَعۡدَ الذِّكۡرٰى مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَى الَّذِيۡنَ

ڪرڻ کان پوءِ گڏ قوم ظالمن جي ۽ ناهي انهن تي جو

يَتَّقُوۡنَ مِنۡ حِسَابِهِمۡ مِّنۡ شَيۡءٍ وَّلٰكِنۡ ذِكۡرٰى لَعَلَّهُمۡ يَتَّقُوۡنَ ﴿٦٩﴾

پرهيزگاري ڪندا حساب انهن جي مان ڪا شيءِ پر (اها) نصيحت ڪرڻ آهي تانتہ اهي پرهيزگار ٿين.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ان مخصوص عيب کي بيان ڪيو ويو هو تہ اهي قرآن پاڪ ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪوڙو چون ٿا ۽ هتي انهن ڪوڙو چوندڙن سان گڏ وهڻ کان روڪيندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَاِذَا رَاَيۡتَ الَّذِيۡنَ يَخُوۡضُوۡنَ فِيۡۤ اٰيٰتِنَا فَاَعۡرِضۡ عَنۡهُمۡ حَتّٰى يَخُوۡضُوۡا فِيۡ حَدِيۡثٍ غَيۡرِهٖ" يعني جڏهن انهن ماڻهن کي ڏسو جيڪي اسان جي آيتن ۾ اجايا بحث ڪن ٿا ۽ مذاق سمجهن ٿا پوءِ اهي مشرڪ، يهودي، نصاريٰ هجن يا مسلمان سڏائڻ وارا بد مذهب، بي دين، فاسق، فاجر ۽ گمراه تہ انهن کان منهن موڙي پري رهو، تانجو اهي ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ ۾ بحث ڪن. هتي "رَاَيۡتَ" ۾ خطاب قوي قول مطابق عام مسلمانن سان آهي، صرف حضور عليه الصلواة والسلام جن سان ناهي(١) ۽ "اٰيٰتِنَا" مان مراد قرآني آيتون، نبوي حديثون، اسلامي احڪام ۽ شرعي قوانين سڀ آهن(٢) بدمذهبن سان ان وقت وهڻ جنهن وقت هو اسلام تي مذاق ڪري رهيا هجن نهايت برو آهي ۽ جڏهن صحبت جو اثر تسليم ڪيل آهي ۽ انسان پاڻ سان گڏ وهندڙ جي

(١) تفسير ابن ڪثير ص١٤٤ ج٢ (٢) نعيمي ص٥٦٤ ج٧

عادات، اخلاق ۽ عقائد کان متاثر ٿيندو آهي تڏهن برن جي صحبت کان روکيو ويو آهي بيءَ جاءِ تي فرمان آهي: "اِنَّکُمۡ اِذًا مِّثۡلُهُمۡ" (١) يقينًا اوهان به ان وقت انهن جهڙا آهيو. هڪ غيرت مند مسلمان جي غيرت جي تقاضا هيءَ هجڻ گهرجي ته بري گفتگوءَ واري مجلس کان بيزار ٿي پاسو ڪري پري رهي. وَاِمَّا يُنۡسِيَنَّکَ الشَّيۡطٰنُ فَلَا تَقۡعُدۡ بَعۡدَ الذِّکۡرٰی مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ" يعني اي مسلمان! جيڪڏهن توکان شيطان وسر ڪرائي ۽ ان حالت ۾ تون ڪنهن اهڙي غلط ڳالهه ٻولهه واريءَ مجلس ۾ ويهي رهين ته ياد اچڻ شرط هڪدم اٿي وڃ ۽ ظالم قوم سان گڏ نه ويهه. ان ۾ ٿي تنهنجي ڀلائي، دين جي سلامتي ۽ دين تي ٺوڪون ڪندڙن جي لاءِ عملي نصيحت ۽ تنبيه آهي. "وَمَا عَلَی الَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ مِنۡ حِسَابِهِمۡ مِّنۡ شَيۡءٍ" جن تقويٰ اختيار ڪئي تن تي انهن (ڪافرن) جي حساب مان ڪا شيءِ نه آهي. مقصد ته جڏهن تقويٰ وارا انهن ڪافرن ۽ فاسقن جي ڪچهرين کان پري رهيا ۽ ساڻن گڏ نه ويٺا ۽ دل سان انهن جي قول ۽ فعل کان متنفر رهيا ته مٿن انهن جي گناهن جو ڪو بار ڪونه آهي(٢) "وَّلٰکِنۡ ذِکۡرٰی لَعَلَّهُمۡ يَتَّقُوۡنَ" ۽ پر (تقويٰ اختيار ڪندڙن تي) نصيحت ڪرڻ(فرض آهي) من اهي (ڪافرن) تقويٰ قبول ڪن (۽ برائين کان رجوع ڪن) مفسر قرآن علامه ابو حيان اندلسي غرناطي عليه الرحمه هن جملي جي تفسير ۾ لکيو آهي ته: ولکن عليکم ان تذکروهم ذکرىٰ اذ اسمعتموهم يخوضون(٣) يعني جڏهن انهن ڪافرن کان اجايا بحث ٻڌو ته انهن کي نصيحت ڪرڻ اوهان تي لازم آهي ان اميد تي ته اهي ان اجائي بحث جي گناه کان بچي پون ۽ اوهان جي مجلسن ۾ شريڪ ٿي دينيدار بنجن ۽ ڪن عالمن ان جي مراد هيءَ لکي آهي ته: جيڪڏهن پرهيزگارن ۽ احتياط ڪندڙن ماڻهن جو ڪنهن ديني يا دنيوي مجبوريءَ جي ڪري ڪنهن اهڙيءَ محفل ۾ وڃڻ ٿئي جتي دين تي طعنا لڳي رهيا هجن ته انهن تي ڏوهه نه ٿيندو پر انهن طعني هڻندڙن کي نصيحت ضرور ڪن ته من اهي پرهيزگار ٿين(٤)

وَذَرِ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا دِيۡنَهُمۡ لَعِبًا وَّلَهۡوًا وَّغَرَّتۡهُمُ الۡحَيٰوةُ

۽ ڇڏ انهن کي جن ورتائون دين پنهنجي کي راند ۽ تماشو ڪري ۽ ڏوکي ۾ وڌائين انهن کي حياتيءَ

الدُّنۡيَا وَذَکِّرۡ بِهٖۤ اَنۡ تُبۡسَلَ نَفۡسٌۢ بِمَا کَسَبَتۡ لَيۡسَ لَهَا مِنۡ دُوۡنِ

دنيا واريءَ ۽ نصيحت ڪر ان (قرآن) سان تانت هلاڪ نه ڪيو وڃي ڪو نفس ان سان جو ڪيائين ناهي ان جي لاءِ

(١) سورة النساء آيت ١٤٠ (٢) تفسير ابن ڪثير ص١٤٤ ج٢
(٣) البحر المحيط ص١٥٣ ج٤
(٤) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٨١ مطبوعه سعودي عرب

اللّٰهِ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ ۚ وَاِنْ تَعْدِلْ كُلَّ عَدْلٍ لَّا يُؤْخَذْ مِنْهَا ۗ اُولٰٓئِكَ

الله کان سواءِ کو حمايت کندڙ ۽ نہ کو سفارش کندڙ ۽ جيڪڏھن بدلي ۾ ڏيندو ھر بدلو تہ نہ ورتو ويندو ان کان ھي اھيئي

الَّذِيْنَ اُبْسِلُوْا بِمَا كَسَبُوْا ۚ لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ

ماڻھو آھن جو ھلاڪ ڪيا ويا سببان انجي جو ڪيائون انھن جي پيئڻ جي لاءِ گرم پاڻي ۽ عذاب

اَلِيْمٌ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾

دردناڪ آھي سببان ان جي جو ڪفر ڪيائون ٿي.

تفسير

ھن ڪان اڳ ۾ مسلمانن کي ڪافرن سان اٿڻ وھڻ کان روڪيو ويو ھو ھتي انھن کي ڪافرن سان دلي تعلق ۽ دوستي رکڻ کان منع ڪندي ارشاد ٿي رھيو آھي: "وَذَرِ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَعِبًا وَّلَهْوًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا" يعني (اي مسلمان) انھن (ڪافرن) کي (دلي طرح سان بہ) ڇڏي ڏي جن پنھنجي دين (اسلام جنھن جو قبول ڪرڻ سندن ذمي فرض ھو) کي راند ۽ تماشو بنايو ۽ ڪين دنيوي حياتيءَ مغرور ڪري ڇڏيو آھي. ان حياتيءَ جي لذتن مست ٿي آخرت کي وساري ڇڏيائون. مفسر قرآن علامہ اسماعيل حقي عليہ الرحمة لکيو آھي تہ: اللعب عمل يشغل النفس وينفرها عما تنتفع به واللهو صرفها عن الجدالى الهزل(١) يعني اھڙو عمل جيڪو نفس کي نفي ڏيندڙ ڪم کان روکي ۽ نفرت ڏياري لعب آھي ۽ جيڪو ڪيس جدوجھد ۽ سنت کان روکي سست بنائي لھب آھي. المقصد تہ انھن بد نصيبن کان اسلام قبول ڪرڻ جي توقع نہ رکو جن دنيوي عيش ۽ عشرت جي ساز ۽ سامان تي غرور ڪيو ۽ الله جل جلالہ جي دين کان بي توجھہ رھيا. "وَذَكِّرْ بِهٖٓ اَنْ تُبْسَلَ نَفْسٌۢ بِمَا كَسَبَتْ" ۽ ان (قرآن پاڪ) سان نصيحت ڪندو رھہ تانتہ ڪو بہ نفس پنھنجي ڪيل (عمل) جي ڪري ھلاڪ نہ ڪيو وڃي. مطلب تہ ڪين سندن بي توجھيءَ جي

(١) روح البيان ص٥٠ ج٣

ڪري نصيحت ڪرڻ بند نہ ڪيو ڪين قرآن پاڪ جون آيتون بار بار پڙهي ٻڌائيندا رهو، ممڪن آهي تہ سندن الاهي عذاب ڪان بچڻ جي ڪا صورت نڪري پوي"لَيۡسَ لَهَا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيۡعٌ" ان جي لاءِ الله ڪان سواءِ نہ ڪو حمايت ڪندڙ هوندو ۽ نہ ڪو شفاعت ڪندڙ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن"دون" جو لفظ الوهيت ياعبادت جي صيغن سان گڏ اچي تہ اتي"دُوۡنِ اللّٰهِ" مان مراد الله سان برابري ڪندڙ هوندو پر جڏهن مدد يا ولايت يا شفاعت جي صيغن سان ايندو تہ اتي"دُوۡنِ اللّٰهِ" مان مراد الله جل جلالہ جي مقابلي ۾ اچڻ وارو هوندو. هتي دون الله مان مراد اهي بت وغيره آهن جن کي ڪافر الله جل جلالہ جي مقابلي ۾ معبود ۽ ڇڏائيندڙ سمجهندا هئا. مطلب هي ٿيندو تہ: ڪافرن جو الله جل جلالہ جي مقابلي ۾ ڪو مددگار ۽ شفاعت ڪندڙ نہ هوندو. هتي مومنن جي مدد ۽ شفاعت نہ ڪرڻ مراد نہ آهي مؤمنن جو تہ الله جل جلالہ بہ مددگار آهي تہ ان جي اذن سان انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ رباني علماءَ بہ شفاعت ڪندڙ ۽ مددگار آهن(١) "وَاِنۡ تَعۡدِلۡ كُلَّ عَدۡلٍ لَّا يُؤۡخَذۡ مِنۡهَا" ۽ جيڪڏهن معاوضي ۾ هر شيءِ ڏي تہ بہ ان ڪان نہ ورتي ويندي. يعني اتي ان ڪافر نفس وٽ هوندو تہ ڪجهہ بہ ڪونہ پر بفرضِ محال جيڪڏهن هر شيءِ وٽس هجي ۽ اها بدلي ۾ڏيڻ جي ڪري تہ بہ قبول نہ ڪئي ويندي. "اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اُبۡسِلُوۡا بِمَا كَسَبُوۡا لَهُمۡ شَرَابٌ مِّنۡ حَمِيۡمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيۡمٌ بِمَا كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ" اهي ڪافر اهيئي آهن جيڪي پنهنجن ڪيلن عملن جي ڪري مصيبتن ۾ مبتلا ڪيا ويا انهن جي پيئڻ جي لاءِ گرم پاڻي ۽ دردناڪ عذاب آهي جنهن جو سبب اهو آهي جو ڪفر ڪندا هئا. علامہ حقي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: الله جي آيتن کي ڪوڙو چوڻ ۽ انهن تي ٺٺرون ڪرڻ ڪفر آهي جنهن جو نتيجو دائمي دردناڪ عذاب آهي ۽ گنهگارن مومنن جي طرفان گناهن تي هميشگي ڪرڻ بہ ڪين ڄڪي اهڙي حالت ۾ آٽيندي جو ڪفر تي موت ٿيندن ۽ ان ئي دردناڪ عذاب ۾ مبتلا رهندا. ان ڪان پوءِ هيءُ عجيب واقعو لکيو اٿس.

عجيب واقعو

ابو اسحاق فزاري ڪان روايت آهي تہ هڪ شخص اسان جي مجلس ۾ گهڻو ايندو رهندو هو پر سندس منهن جو اڌ ڪپڙي سان ڍڪيل هوندو هو هڪ ڏينهن مون ان کي چيو تہ اسان وٽ ويهين بہ گهڻو ٿو پر مون کي ٻڌاءِ تہ منهن جو اڌ ڇوٿو ڍڪي اچين؟ چيائين تہ مون کي امن ۾ رکندين؟ مون چيس تہ هائو. پوءِ ٻڌايائين تہ مان

(١) نعيمي ص٥٧٥ جلد٧

مئلن جا ڪفن لاهي ڪٽي وڪڻندو هوس هڪ ڀيري هڪ عورت مري وئي جڏهن ڪيس مٽمائٽ دفن ڪري موٽيا تہ مون اچي ان جي قبر ڪوٽي تانجو لحد جي سرن تي پهتس اهي سرون پري ڪري هٽ وڏائي جسم کي ويڙهيل ڪپڙو لاهڻ جي ڪوشش ڪيم تہ ان دفن ڪيل عورت ان کي ڇڪي جهليو ۽ مون سمجهيو تہ مون تي غالب ٿي ويندي. پوءِ گوڏا ڪوڙي زور ڏيئي ان ڪپڙي لاهڻ جي ڪوشش ڪيم تہ ان هٽ ڪٽي مون کي لپاٽ هنئي جو ان جي هٽ جي پنجن ئي آگرين جا نشان منهنجي ڳل تي ٿهي بيٺا. ابو اسحاق فزاري ءِ چيو تہ پوءِ منهن کوليائين تہ واقعي پنجن ئي آگرين جانشان بيٺا هئا. مون کانئس پڇيو تہ پوءِ ڇا ڪيئي؟ چيائين تہ اهو نڪتل ڪپڙو واپس ڪيم ۽ مٽي مٽان ورائي عهد ڪيم تہ وري ڪفن چورائڻ جو ڪم نہ ڪندس. ابو اسحاق فزاريءَ فرمايو تہ پوءِ مون اهو واقعو امام اوزاعي عليه الرحمه کي لکي موڪليو ۽ ان مون کي جواب ۾ لکيو تہ ان کان پڇ تہ تو ڪيترا ڪفن ڪڍيا هوندا پلا ٻڌاءِ تہ جيڪي مسلمان قبلي ڏانهن منهن ڪرائي دفن ڪيا ويا انهن جا منهن قبلي ڏانهن ئي ٽيل هيا يا ڦري ويا هئا؟ مون پڇيو مانس ٻڌايائين تہ گهڻن جا منهن ڪعبه ڪريم کان ڦري ويا هيا. پوءِ اهو احوال امام اوزاعي کي لکيم ان جواب ۾ ٽي ڀيرا "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ" آٽي لکيو تہ جن جا منهن ڪعبت الله کان ڦري ويا هيا اهي اسلام تي نہ مئا هوندا. اڳتي لکيو اٿس تہ: مٿين آيتن ۾ هي اشارو آهي تہ سچو طالب انهن سان نہ وهي جيڪي صالحن جي صورت تہ ناهين ٿا پر حقيقت ۾ انهن کان گهڻو پري آهن ۽ ڀلارن جي صحبت کي لازم ڪري وٺي ۽ وڏن جي ٻولن مان نصيحت حاصل ڪري(١)

فائدا ١ - اسلام جي هيءَ خصوصيت آهي تہ ان پنهنجن مڃڻ وارن کي راند ۽ تماشن کان روڪي ڪين ڏک توڙي خوشيءَ ۾ الله جي عبادت جو حڪم ڏنو آهي، ٻين دينن ۾ راند ۽ تماشا وغيرها عبادت وانگر آهن جيئن الله جل جلاله جو فرمان آهي: "وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمۡ عِنۡدَ الۡبَيۡتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصۡدِيَةً" يعني ڪافرن جي بيت الله وٽ نماز تہ صرف سيٽون ۽ تاڙيون وڄائڻ هو. پر افسوس آهي جو هلندڙ دور جي مسلمانن راند، تماشي، ناچ ۽ ڳاني کي دين ۽ قوالي، طبلہ سارنگي وغيرها کي الله جل جلاله تائين پهچڻ جو ذريعو بنايو آهي ۽ نمازن ۽ روزن کان صفا خالي وينا آهن ٢- ولي ۽ شفيع هجڻ ڪافر جي لاءِ آهي پر مؤمنن جي لاءِ الله جل جلاله ولي بہ مقرر ڪيا آهن تہ شفيع بہ. جيئن فرمان ايزدي آهي: اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوا" يقينًا اوهان جو مددگار الله ۽ ان جو رسول ۽ اهي ٻانها آهن جن ايمان آندو. ٣- ڪافرن جي لاءِ دردناڪ ۽ دائمي عذاب تڏهن هوندو جڏهن بہ ڪفر تي هوندا پر جيڪڏهن مرڻ کان اڳ ۾

(١) روح البيان ص١٥ ج٣

مسلمان ٿيا هوندا ۽ ايمان تي خاتمہ ٿيو هوندن تہ انهن جي لاءِ اهو ذڪر ڪيل عذاب نہ ايندو.

قُلۡ اَنَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَنُرَدُّ عَلٰٓى

فرماءِ، ڇا عبادت ڪيون الله ڪان سواءِ ان جي جو نہ ٿو نفعو ڏئي اسان کي ۽ نہ ٿو نقصان ڏي اسان کي ۽ موٽايا وڃون

اَعۡقَابِنَا بَعۡدَ اِذۡ هَدٰٮنَا اللّٰهُ كَالَّذِى اسۡتَهۡوَتۡهُ الشَّيٰطِيۡنُ فِى

ڪڙين پنهنجين تي ان ڪان پوءِ جو هدايت ڏني اسان کي الله ان وانگر جو ڀلايو ان کي شيطانن

الۡاَرۡضِ حَيۡرَانَ لَهٗۤ اَصۡحٰبٌ يَّدۡعُوۡنَهٗۤ اِلَى الۡهُدَى ائۡتِنَا ؕ قُلۡ اِنَّ

زمين ۾ حيران ٿيندڙ ان جي لاءِ سائي آهن جو سڏين ٿا ان کي هدايت ڏانهن تہ اچ اسان ڏانهن فرماءِ تہ: بيشڪ

هُدَى اللّٰهِ هُوَ الۡهُدٰى ؕ وَاُمِرۡنَا لِنُسۡلِمَ لِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۷۱﴾ وَاَنۡ

هدايت الله جي اهائي هدايت آهي ۽ امر ڪيا ويا سون تانت حڪم مڃيون جهانن جي رب جو ۽ هيءُ تہ

اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّقُوۡهُ ؕ وَهُوَ الَّذِىۡۤ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿۷۲﴾

قائم ڪيو نماز ۽ ڊڄو ان ڪان ۽ اهوئي آهي جنهن ڏانهن اٿاريا ويندو.

شان نزول

هڪ ڀيري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي پٽ عبدالرحمان اسلام قبول ڪرڻ ڪان اڳ ۾ والد ماجد کي چيو تہ اوهان اسلام کي ڇڏي اباڻي دين ڪفر ڏانهن اچو. ان جي رد ۾ هي آيت حضور عليه الصلواة والسلام جن تي نازل ٿي جنهن ۾ الله تعالىٰ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي طرفان حضور عليه الصواة والسلام جن جي پاڪ زبان مان انهن کي جواب ڏياريو ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي شان کي ظاهر ڪرايو(١) فرمان آهي: "قُلۡ اَنَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا" يعني اوهان انهن کي فرمايو تہ ڇا الله ڪان سواءِ انهن بتن جي عبادت ڪيون جيڪي نہ اسان کي نفعو ٿا ڏين نہ

(١) صاوي ص٢٢ جزءِ ٢ - روح المعاني ص١٨٨ جلد ٣ جزءِ٧

نقصان. مقصد تہ اهي بيڪار، ڪنهن بہ ڪم جا ناهن"وَنُرَدُّ عَلٰى اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْهَدٰنَا اللّٰهُ كَالَّذِى اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِي الْاَرْضِ حَيْرَانَ" ۽ اسين ان ڪان پوءِ جو الله اسان کي هدايت ڏني آهي ان شخص وانگر پوئين پيرين موٽايا وڃون جنهن کي زمين ۾ شيطانن ڀلايو حيران لڳو وتي. تہ ڇا ڪيان؟ "لَهٗ اَصْحٰبٌ يَّدْعُوْنَهٗ اِلَى الْهُدَى ائْتِنَا" ان جا اهڙا ساٿي آهن جيڪي ڪيس هدايت ڏي سڏين ٿا تہ اسان ڏانهن هلي آ"قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى وَاُمِرْنَا لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" فرماءِ تہ بلاشبہ الله جي هدايت ئي(حقيقي ۽ صحيح) هدايت آهي ۽ اسين ان ڳالهہ جي لاءِ امر ڪيا ويا آهيون تہ جهانن جي پالڻهار جي حڪم جي تابعداري ڪيون. ان جي اڳيان جهڪون اهوئي سچو معبود ۽ حقيقي مطلوب آهي. اي ڪافرؤ! اوهان اسان ۾ اها توقع نہ رکو تہ اسين يقين جي دولت سان مالا مال ٿيڻ ڪان پوءِ شڪ ۽ گمان ۾ ڦاسنداسون. "وَاَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّقُوْهُ" ۽ (اسان کي اهوبہ حڪم ڪيو ويو آهي) تہ نماز قائم ڪيو(صحيح طريقي سان ناهي ناهي پڙهو) ۽ ان (الله جل جلالہ) ڪان ڊڄو. "وَهُوَالَّذِىْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ" ۽ اهو(الله جل جلالہ ئي آهي جنهن ڏانهن(قبرمان) اٿاري پيش ڪياويندؤ.

فائدو: هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا ١-شيطان ۽ ڪافر مسلمانن کي گمراهہ ڪرڻ ڪان باز نہ ٿا رهن ان جي ڪري مسلمانن کي گهرجي تہ هر وقت احتياط سان رهنءِ ڪير بہ پاڻ کي انهن جي مڪرن ڪان غافل نہ رکي ٢- گمراهہ ڪندڙ ڪافر يا ڪنهن بہ بد مذهب کي اهڙو مايوس ڪندڙ ۽سخت جواب ڏين جو اهو بيو پيرو گمراهہ ڪرڻ جي همت تہ ڇا ڳالهہ بہ نہ ڪري. ٣- اصحاب سڳورا سيئيءِ خصوصًا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنهم الله جل جلالہ جي بارگاهہ ۾ نهايت مقبول ٻانها آهن جو ڪافرن انهن کي ڏوکي ڏيڻ ۽ غلط رستي وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ رب العالمين جل شانہ حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي زبان مبارڪ ڪان ڪين ڪافرن جي لاءِ جواب سيڪاريندي ڪفر جون برايون ۽ اسلام جون ڀلايون بيان ڪيون. ۴- قرآن پاڪ ۾ دعايدعو جا صيغا صرف سڏڻ جي معنیٰ ۾ نہ پر عبادت جي معنیٰ ۾ بہ اچن ٿا ڇوتہ عبادت ۾ عابد پنهنجي معبود کي پوڄڻ سان گڏ سڏيندو بہ آهي ٥- عبادات جو نفعو ۽نقصان ڪا مخلوق نہ ٿي ڏئي سگهي صرف الله تعالیٰ جي عبادت ئي نفعو ڏيڻ واري شيءِ ۽ ان جي عبادت نہ ڪرڻ نقصان ڏيندڙ شيءِ آهي پر اطاعت ڪرڻ جو نفعو ۽ بي فرمانيءِ جو نقصان انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ڪان بلڪ زماني جي حاڪمن ڪان بہ ملي ٿو حاڪم فرمانبردارن کي انعام، اڪرام، دولت ۽ ڏن ڏئي سگهي ٿو ۽ بي فرمان کي سزا ۽ عذاب ڏئي سگهي ٿو اهو بہ نفعو ۽ نقصان آهي.

وَهُوَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ وَيَوْمَ يَقُوْلُ كُنْ

۽ اهوئي (الله) آهي جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽زمينتدبير سان ۽ جنهن ڏينهن چوندو ٿي پؤ تہ

فَيَكُوْنُ ؕ قَوْلُهُ الْحَقُّ ؕ وَلَهُ الْمُلْكُ يَوْمَ يُنْفَخُ فِى الصُّوْرِ ؕ

پوءِ ٿي پوندو، فرمان ان جو سچو آهي ۽ ان جي ئي بادشاهي آهي جنهن ڏينهن ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾

عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٧٣﴾

ڄاڻندڙ آهي ڳجهہ ۽ ظاهر جو ۽ اهوئي حڪمت وارو، خبردار آهي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ بتن جي مجبوري ۽ مقهوري بيان ڪئي وئي تانتہ خبر پوي تہ بت عبادت جي لائق ناهن ۽ هتي الله تعالىٰ جي ڪامل قدرت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَهُوَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ" ۽ اهوئي الله جل جلالہ آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي تدبير ۽ رٿ سان پيدا ڪيو آهي، ان جو ڪوبہ ڪم عبث فضول ۽ اجايو ناهي ۽ ان جي ڪائنات کي تخليق بي مقصد ناهي هن وڏي ۽ ڪشادي ڪائنات جي ڪنهن حقير کان حقير شيءِ تي ٿورو غور ڪيو تہ ان جي افاديت ۽ نفعي ڏيڻ جو اوهان کي احساس ٿيڻ لڳندو. هي بيدنگو پکي ڳجهہ ڏسو تہ انساني نوع جو ڪيترو خدمتگذار آهي جيڪڏهن نہ هجي ها تہ مردار جانور جا ڍونڍ ڪيڏو نہ پريشان ڪن ها الغرض تہ ڪول کان وٺي هاٿيءَ تائين، جهرڪيءَ کان وٺي عقاب تائين جيڏانهن بہ اوهان فڪر جي نگاه ڪڻندو تہ اوهان کي رباني حڪمت جا جلوا نظر ايندا علامه پير محمد ڪرم شاه الازهري صاحب جن نيويارڪ سائنس اڪيڊمي جي پريزيڊنٽ ٧١- سي- موريسن جي مضمون جو هڪ مختصر اقتباس هن طرح لکيو آهي : سج جي حرارت جو درجو ٻارنهن هزار (١٢٠٠٠) ڊگري فارن هيٽ آهي پر زمين کي ان کان ايترو مناسب پري رکيو ويو آهي جو اتي سج جي حرارت ايتري قدر پهچي ٿي جيتري قدر حياتي بخشيندڙ آهي پر جيڪڏهن سج جي حرارت گرميءَ جو درجو ٻارنهن هزار (١٢٠٠٠) ڊگريءَ جي بجاءِ ڇهہ هزار (٦٠٠٠) ڊگري هجي ها تہ زمين

جو ڪره برف جي هيٺان دٻجي وڃي ها پر اهوجيڪڏهن حرارت جو درجو ارڙهن هزار (١٨٠٠٠) ڊگري هجي ها ته ساري زمين ان جي گرمي ڪان سڙي ڇارٽي وڃي ها، زمين جو جهڪائو ٢٣ درجن جو زاويه ناهيندو آهي ۽ ان ئي جهڪاءَ سان اسان جون موجوده موسمون مناسب وقفن ڪان پوءِ واري واري سان اينديون آهن جيڪڏهن ان ۾ اهو جهڪاءُ نه هجي ها ته سمنڊ مان نڪرندڙ بخار اتر ۽ ڏکڻ ۾ چرپر ڪن ها ۽ ايتري زور سان برف باري ٿئي ها جو ساري زمين ڍڪجي وڃي ها. جيڪڏهن چنڊ زمين ڪان ايترو پري نه هجي ها جيترو هينئر آهي بلڪ صرف پنجاهه هزار (٥٠٠٠٠) ميل هجي ها ته سمنڊن ۾ اهڙيون ڇوليون اچن ها جو جبلن کي به لوڙهي ڇڏن ها. جيڪڏهن زمين جي سطح موجوده سطح ڪان صرف ڏهه (١٠) فٽ زياده ٿلهي هجي ها ته نه هتي آڪسيجن هجي ها ۽ نه ڪو جانور زنده رهي ها ۽ جيڪڏهن سمنڊ به ٿي فٽ اجان اونهان هجن ها ته ساري ڪاربن ڊائي آڪسائڊ ۽ آڪسيجن ڪپي وڃي ها ۽ روءِ زمين تي ڪوبه سائو پن نظر نه اچي ها. ان حڪيماڻي نظام تي غور ڪرڻ سان اسين ان نتيجي تي پهچندا آهيون ته هي ڪائنات جو ڪارخانو اتفاقي طور وجود ۾ نه آيو آهي بلڪ هڪ حڪمت واري ڄاڻندڙ ان کي پيدا ڪيو آهي نه ته زندگيءَ جو ڪو امڪان نه هو (١)

انهيءَ اقتباس پڙهڻ ڪان پوءِ هاڻي مٿئين آيت تي غور ڪيو ۽ ٻيو ڀيرو پڙهو ۽ ان جي نازل ڪندڙ الله جل جلاله جي حضور ۾ سجدي ۾ وڃو ۽ جنهن ذات قدسي صفات عليه الصلوٰة والسلام امي هجڻ جي باوجود ان لڪل حقيقت تان پردا ڪڻي ڪولي ٻڌايو ان تي زبان، دل ۽ روح سان صلواة ۽ سلام عرض ڪيو. "وَيَوْمَ يَقُولُ كُنْ فَيَكُونُ" ۽ جنهن ڏينهن فرمائيندو ٿيءُ ته پوءِ ٿي پوندو. المقصد ته دنيا ۾ هر شيءِ (الا ماشاءَ الله) قانون سان وجود ۾ اچي ٿي ۽ آخرت ۾ الله جل شانه پنهنجي قدرت جو اظهار ڪندي جن شين کي وجود ڏيڻ جو ارادو ڪندو ته اهي هڪدم وجود ۾ اچي وينديون.

هڪ ضروري سمجهاڻي: ڄاڻڻ گهرجي ته هتي "يوم" مان مراد وقت آهي ڏينهن ناهي ۽ "يقول" قول مان مراد چوڻ نه پر ارادو فرمائڻ آهي ۽ "يكون" مان مراد سيني فنا ٿيل شين جو هڪدم ظاهر ٿيڻ آهي (٢) "قَوْلُهُ الْحَقُّ" ان جو فرمان سچو آهي. مالڪ مني جا فرمان به قسم آهن. ١- تڪويني، جيڪي ملائڪن جي ذريعي مخلوق تي جاري ٿيندا آهن، جيئن حياتي، موت، بيماري، تندرستي، فقيري ۽ اميري وغيره ٢- تشريعي جيڪي آسماني ڪتابن جي ذريعي يا انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي پاڪ زبان جي ذريعي ماڻهن

(١) ضياءُ القرآن ص٥٧٠ ج١ (٢) نعيمي ص٥٩٥ ج٧

تائين پهتا. اهي سڀ حق آهن انهن ۾ باطل هجڻ جو احتمال ئي ناهي. "وَلَهُ الْمُلْكُ وَيَوْمَ يُنفَخُ فِي الصُّورِ" ۽ ان جي ئي ان ڏينهن بادشاهي هوندي جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي. مقصد ته جيئن ظاهري ۽ مجازي طور دنيا ۾ ٻين جي بادشاهي آهي قيامت ۾ ته اها ظاهري ۽ مجازي بادشاهي به ڪنهن جي نه هوندي.

صور ڇا آهي؟

لاهوري قاديانين صور کي صورة جو جمع سمجهي معنىٰ هيءَ ڪئي آهي ته جنهن ڏينهن صورتن ۾ ڦوڪ ڏني ويندي ته اهي حقيقتن ۾ تبديل ٿي ويندي يون يا ٻي ساهين شين ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان اهي ساه واريون ٿي ونديون(١) پر اها معنىٰ ٻين آيتن ۽ نبوي حديثن علىٰ قائلها الصلواة والسلام سان تطبيق نه ٿي رکي حديث شريف ۾ آهي ته حضرت اسرافيل الله تعالىٰ جي حڪم سان پهرين ڀيري صور ۾ ڦوڪ ڏيندو ته سڀ جيئريون شيون مري ونديون ۽ جڏهن ٻي ڦوڪ ڏيندو ته سڀ مري ويل شيون جيئريون ٿي الله جل جلاله جي حضور ۾ حاضر ٿينديون. ان صور جي حقيقت ڇا آهي؟ ان جي شڪل ۽ صورت، ويڪر ۽ ڊيگهه ڪيتري آهي؟ ان جي متعلق نه قرآن پاڪ ڪجهه ٻڌايو آهي نه صاحب قرآن حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ نه ضروري آهي ته ان جي ڄاڻ رکجي. ان جي ڪري ان باري ۾ ماٺ رهڻ ڀلو آهي(٢) "عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ وَهُوَ الْحَكِيمُ الْخَبِيرُ" يعني ڳجهه ۽ ظاهر ڄاڻندڙ آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو، خبردار آهي ۽ جيڪو الله جل شانه هي صفتون رکي ٿو جن جو ذڪر انهن ٻن ٽن آيتن ۾ ڪيو ويو اهوئي ان جو لائق آهي ته سندس فرمان جا تابع ٿي سندس اڳيان انتهائي عبوديت اختيار ڪيون هر وقت ان کان ڊڄندا رهون ۽ ان جي حڪمن کان هرگز منهن نه موڙيون.

فائده: هن آيت ۾ غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- هر شيءِ جو حقيقي خالق الله تعالىٰ آهي جيڪو ٻئي ڪنهن کي ڪنهن ذري جو حقيقي خالق مڃي اهو مشرڪ آهي. حقيقي خالق، معبود، بالحق، قديم، ازلي، ابدي ۽ واجب الوجود الله تعالىٰ کان سواءِ ڪير نه آهي. ٢- الله جل جلاله جو ڪوبه ڪم حڪمت کان خالي ناهي اسان جي مٿان جو ڪجهه به گذريو يا گذري ٿو يا گذرندو ان سڀ ۾ سندس حڪمت آهي. ان تي ڪنهن به قسم جو اعتراض نه ڪرڻ گهرجي ٣- دنيا ۾ دنيوي شين ۽ ماڻهن جي پيدائش آهستي آهستي ٿي ڪڏهن زمين ته ڪڏهن آسمان ڪڏهن کهڙي

(١) تفسير نعيمي ص٥٩٨ ج٧ (٢) ضياءُ القرآن ص٥٧٢ جلد١

شيءِ تہ ڪڏھن ڪھڙي. پر قيامت ۾ صرف قدرتي "ڪن" سان ساري مخلوقات ظاھر ٿي ويندي ۴- صور ۾ پھرين ڦوڪ سان ساري مخلوق ائين فنا ٿي ويندي جيئن آسمان کان ڪنوڻ جي تجلي ڪرڻ يا ايٽم بم جي ڌماڪي سان ڪيترا شھر ۽ ماڻھو فنا ٿي ويندا آھن. ان ۾ ڪو شڪ ۽ شبھو ڪرڻ نہ گھرجي.

وَاِذْ قَالَ اِبْرَاهِيْمُ لِاَبِيْهِ آذَرَ اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيْٓ اَرَاكَ

۽ (ياد ڪر) جڏھن چيو ابراھيم پنھنجي پيءُ آذر کي ڇا بنائين ٿو بتن کي معبود بيشڪ مان ڏسان ٿو توکي

وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٤﴾ وَكَذٰلِكَ نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ

۽ قوم تنھنجيءَ کي گمراھيءَ ڪليل ۾- ۽ اھڙي نموني ڏيکاريوسون ابراھيم کي

مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلِيَكُوْنَ مِنَ الْمُوْقِنِيْنَ ﴿٧٥﴾

ملڪوت آسمانن ۽ زمين جا ۽ تانت ھجي يقين ڪندڙن مان.

تفسير

ھن کان اڳ ۾ الله جل جلالہ جي وحدانيت جي پلائي ۽ بت پرستيءَ جي برائي عقلي دليلن سان بيان ڪئي وئي ۽ ھتي اھي ھئي ڳاليھون حضرت ابراھيم عليہ الصلواة والسلام جن جي ارشادات ۽ تعليمات سان بيان ڪيون وڃن ٿيون ڇوتہ عرب جا مشرڪ، يھودي ۽ عيسائي سڀ حضرت ابراھيم عليہ الصلواة والسلام جن جي عظمت، شان ۽ رسالت کي مڃيندا ھئا ۽ اھل عرب کي ناز ھوندو ھو تہ اھي ان مقدس ھستيءَ جو اولاد آھن. فرمان اقدس آھي: "وَاِذْ قَالَ اِبْرَاهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً" يعني ۽ (اھو وقت ياد ڪيو) جڏھن ابراھيم پنھنجي پيءُ آذر کي چيو ھو تہ ڇا تون بتن کي معبود ٿو بنائين؟ "اِنِّيْٓ اَرٰىكَ وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" يقين سان مان توکي ۽ تنھنجي قوم کي کليءَ گمراھيءَ ۾ ڏسان ٿو.

آذر ڪير ھو؟

ڄاڻڻ گھرجي تہ ان ۾ اختلاف آھي تہ آذر حضرت ابراھيم عليہ الصلواة

والسلام جن جي والد جو نالو هو يا چاچي جو ۽ سندن والد مسلمان هو يا ڪافر؟ علامہ ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمهٔ لکيو آهي تہ: صحيح قول اهو آهي تہ آذر حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو چاچو هو ۽ عرب چاچي کي بہ پيءُ چوندا آهن(١) علامہ احمد بن محمد مالڪي عليه الرحمهٔ لکيو آهي تہ محققن جو قول آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو نسب شرڪ کان محفوظ آهي ان جي ڪري سندن والد حضرت عبدالله کان وٺي سيدنا آدم عليه الصلواة والسلام جن تائين سندن ڏاڏن مان ڪنهن بہ بت کي سجدو نہ ڪيو هو ۽ آيت مبارڪہ"وَتَقَلُّبَكَ فِي السَّاجِدِيْنَ" (۽ سجدي ڪندڙن ۾ اوهان جي ڦرڻ کي ڏسون ٿا) جي مطلب ۾ بہ مفسرن ائين چيو آهي(٢) ان جي ڪري ڪيترن جو قول آهي تہ آذر سندن چاچو هو پيءُ نہ هو. علامہ آلوسي عليه الرحمهٔ لکيو آهي تہ: والذي عول عليه الجم الغفير من اهل السنهٔ ان آذرلم يكن والد ابراهيم عليه السلام وادعوا انه ليس في آباء النبي صلى الله عليه وسلم كافرا صلاً(٣) يعني اهل السنهٔ مان وڏي جماعت جو تحقيق اهو آهي تہ آذر حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو پيءُ نہ هو ۽ انهن جي دعويٰ آهي تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي ابن ڏاڏن ۾ اصل ڪافر نہ هو. وَاللهُ اَعْلَمُ "وَكَذٰلِكَ نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلِيَكُوْنَ مِنَ الْمُوْقِنِيْنَ" ۽ اهڙي طرح ابراهيم (عليه السلام) کي آسمانن ۽ زمين جا ملڪوت ڏيکاريا سون ٿي ۽ (ان جي لاءِ ٿي ڏيکاريا سون) تانتہ يقين ڪندڙن مان هجي. ملڪوت ڇا آهن؟ ۽ ڪيئن ڏيکاريا ويا؟ ملڪوت رحموت ۽ رهبوت وانگر ت سان مبالغي جو صيغو آهي يعني وڏو ملڪ وسيع سلطنت ۽ بادشاهي ۽ "نُرِيْ" جمع متكلم مضارع جو صيغو اربنا جمع متلكم ماضيءَ جي معني ۾ آيل آهي(٤) ابن ابي حاتم ۽ ابو الشيخ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن لاءِ آسمان زمين ۽ جو ڪجهہ انهن ۾ آهي کوليا ويا تانجو ڏنائين تہ اهي سڀ هڪ پٿر تي بيٺل آهن ۽ اهو پٿر مڇيءَ تي آهي جيڪا (بهشت ۾) ماڻهن جي غذا ٿيندي ۽ آدم بن ابي اياس ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابو الشيخ ۽ الاسماء والصفات ۾ بيهقيءَ قرآن پاڪ جي مفسر مجاهد کان روايت آندي آهي تہ سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي لاءِ ستئي آسمان کوليا ويا تانجو عرش ڏنائين ۽ ستيءَ زمينون کوليون ويون تانجو جيڪو انهن ۾ هو اهو بہ

(١) تفسير مظهري ص٢٨٦ جلد٣ (٢) الصاوي علي الجلالين ص٢٢ جزءُ ٢
(٣) روح المعاني ص١٩٤ جلد ٣ جزءُ ٧ (٤) القرطبي ص٢٢ جلد٧

ڏنائين(١) ۽ قرآن پاڪ جي مفسر سدي عليه الرحمهَ فرمايو آهي ته: حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام هڪ پٿر تي بيهاريو ويو ۽ ان جي لاءِ ستئي آسمان ۽ زمينون کوليون ويون پوءِ الله جي بادشاهي ڏنائين تانجو عرش به سندس نگاهن ۾ آيو ۽ جنت ۾ پنهنجو مقام ۽ منزل ڏنائين ۽ سندس لاءِ ستئي زمينون کوليون ويون تانجو اهو پٿر ڏنائين جنهن تي اهي بيٺيون آهن(٢) علامه آلوسي عليه الرحمهَ لکيو آهي ته ان ڏيکارڻ مان مراد صرف اکين سان ڏيکارڻ ناهي پر انهن جي حقائق کان به کين آگاه کيو ويو هو(٣) علامه رازي عليه الرحمهَ لکيو آهي ته جيتوڻيڪ عام انسان به ڪائنات جي ڪن اسرارن کان واقف هوندا آهن پر هن عالم خلق جي هر شيءِ ۾ خواه اها جنس هجي يا نوع يا صنف يا شخص الاهي حڪمت جا آثار لڏا ويندا آهن ۽ انهن کان جيئن الله جل جلاله جا وڏا نبي عليهم الصلواة والسلام خبردار هوندا آهن تيئن ڪنهن ٻئي کي خبر نه هوندي آهي (۴) علامه صاوي لکيو آهي ته حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن اهي ملڪوت ۽ عجائب اکين سان ڏٺا هيا صرف سندن علم ۾ نه آيا هيا (٥) مسلمانؤ! متوجه ٿيو مذڪوره حوالن مان ثابت ٿيو ته آسمان، زمينون، عرش وغيره ۽ انهن جون حقيقتون حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي اکيان ڪلي آيون ۽ پاڻ اهي ڏسي انهن جو علم حاصل ڪيائون. جڏهن خليل عليه الصلواة والسلام جو اهو مقام هو ته حبيب عليه الصلواة والسلام جن جيڪي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کان شان ۾ نهايت ارفع ۽ اعلىٰ آهن انهن جي علم جو مقام ڇا هوندو؟ "وَلِيَكُونَ مِنَ الْمُوقِنِينَ" ۽ تانته يقين ڪندڙن مان هجي. مطلب ته: جيئن حضرت ابراهيم جي ذريعي بت پرستيءَ جي قباحت ۽ خرابي ظاهر ڪري سندس قوم کي ان جو قائل بنايو هيوسين تيئن علويات ۽ سفليات جو نهايت عجيب، غريب ۽ محڪم ترڪيبي نظام کيس ڏيکاري ان جي حقائق جو کيس علم عطا ڪيوسون تانته انهن کي ڏسي الله تعالىٰ جي وجود، وحدانيت وغيره ۽ ساري سماوي ۽ ارضي مخلوقات جي محڪومانه عاجزي ۽ محتاجي تي دليل وٺي پنهنجي قوم جي تارن کي پوڄڻ ۽ صورتن ناهڻ واري عقيدي کي علىٰ وجه البصيرة رد ڪري پاڻ به يقين جي اعلىٰ مقام تي فائز رهي ۽ ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته هيءَ نهايت اڪمل، احڪم ۽ بهترين نظم ۽ نسق ئي اهڙي شيءِ آهي جنهن کي ڏسي هڪدم اتي

(١) الدر المنثور ص٣٠١ جلد ٣ جزءُ ٧ (٢) زاد المسير ص٧٠ جلد٣
(٣) روح المعاني ص١٩٨ جلد٣ جزءُ ٧ (۴) تفسير ڪبير ص۴٥ جزءُ ١٣
(٥) الصاوي ص٢۴ جزءُ٢

جو اتي اقرارڪرڻو پوي ٿو تہ هن عظيم الشان مشين کي ناهڻ ۽ هلائڻ وارو، ان جي پرزن کي نهايت مضبوط ترتيب ۽ سليقي سان سنڀالڻ وارو ۽ لکين ورهن کان هڪ ئي انداز سان ان جي حفاظت ڪرڻ وارو وڏو ۽ زبردست حڪيم، صانع ۽ قادر آهي جنهن جي حڪيمانہ تصرف سان سڀ ڪجهہ صحيح هلي رهيو آهي ۽ اهو جهان ائين اتفاقي طور خودبخود وجود ۾ نہ آيو آهي.

سنڌي مسلمانؤ هوشيار رهو

هن هلندڙ فتني ۽ فساد وارين حالتن ۾ اسان جي هن باب الاسلام سنڌ سونهاريءَ جي درگاهن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ لادينت، دهريت جو لٽريچر مفت ورهائي مسلمانن جي اولاد کي معاذ الله ثم معاذ الله خداوند قدوس جو منڪر بنايو ٿو وڃي انهن ٻچڙن جي خدمت ۾ ناصحانہ گذارش آهي تہ جيڪڏهن قرآن ڪريم ۽ نبوي ارشادات علیٰ قائلها الصلواة والتسليمات ۾ غور نہ ٿا ڪيو ۽ مغربي دنيا جي مفڪرن جا معتقدآهيو تہ يورپ جي مشهور ۽ معروف اسڪالر نيوٽن جو ٻول ٻڌو.

نيوٽن جو ٻول

يورپي ماهر نيوٽن چيو آهي تہ ممڪن ناهي تہ آسماني ستارن جي حاليہ چرپر محض عام جاذبہ قوت جو نتيجو هجي ڇوتہ اها فضائي جا ذبہ قوت تہ ستارن کي سج ڏانهن ڌڪي ٿي پر انهن کي سج جي چوڌاري هلائڻ وارو ضروري آهي تہ ڪو خدائي قدرتي تصرف آهي جيڪو سج جي جاذبہ قوت جي باوجود انهن کي سندن ڦرڻ وارين جاين تي صحيح رکيو ٿو اچي ۽ ڪوبہ طبيعي ظاهري سبب اهڙو ناهي جنهن سڀني ستارن کي ڪليءَ فضا ۾ قابو ڪري جهليو آهي جو اهي سڀئي سج جي چوڌاري طرف پنهنجن ڦرڻ وارين مقرر ڪيل جاين تي هڪ ئي خاص جهت ۾ چرپر ڪندا رهن ۽ انهن ۾ ڪڏهن بہ مخالفت ۽ اڳتي پوئتي ٿيڻ جي صورت پيدا نہ ٿئي تنهن ڪان پوءِ ستارن جي چرپر ۽ جلد هلڻ جي درجن ۾ انهن ۽ سج جي وچ واري مسافت کي لحاظ ۾ رکندي جيڪو نهايت ئي دقيق ۽ سنهو تناسب ۽ اونهو توازن قائم ڪيو ويو آهي ڪوبہ طبيعي سبب ناهي جيڪو ان منظم ۽ محفوظ پروگرام کي وابستہ رکي ان جي ڪري بي اختيار ۽ مجبور ٿي اقرار ڪرڻو پوي ٿو تہ اهو سارو نظام ڪنهن اهڙي

قوي، قادر جي حڪمن جي ما تحت آهي جيڪو انهن سڀني آسماني وجودات ۽ اجرام جي مواد ۽ ڪميات کان پوريءَ طرح باخبر آهي اهو ڄاڻي ٿو ته ڪنهن مادي جي ڪيتري قدر مقدار سان ڪيتري جاذبه قوت صادر ٿيندي ان ئي پنهنجي زبردست اندازي سان ستارن ۽ سج جي وچ ۾ مختلف فاصلا ۽ حرڪت جا مختلف اهڙا مدارج مقرر ڪيا آهن جو هڪڙي جو ٻئي سان تصادم ۽ تزاحم نه ٿئي ۽ جهان ٽڪرائجي تباه نه ٿئي هر هڪ ننڍو وڏو ستارو نهايت مضبوط نظام جي ماتحت مقرر وقت تي اڀري ۽ لهي ٿو. جڏهن ڪوبه ستارو لهي دنيا کي پنهنجي فيض ۽ تاثير کان محروم ٿو ڪري جيڪو سندس اڀرڻ سان مليو هو ته نه ان ستاري ۽ نه ڪنهن ٻيءَ مخلوق جي اختيار ۾ آهي جو هڪ منٽ جي لاءِ ان کي واپس ڪري. اهو رب العالمين جو ئي شان آهي جيڪو ان ساري نظام کي هلائي ٿو اهو آهي علويات (مٿاهين جهان جي شين) جو حاڪم ۽ سفليات (هيٺاهين جهان جي شين) جو حال به ائين سمجهڻ گهرجي. اهي ئي تڪويني عجائب ۽ ملڪوت السموات والارض هيا جن جي ڏيکارڻ جو هن آيت ۾ ذڪر ڪيو ويو (١)

سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي ڄمڻ جو هنڌ

جنهن شهر ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن ڄاوا هيا ان جو نالو "ار" هو ويهين صديءَ جي شروعات ۾ قديم آثار جي ماهرن کوٽائي ڪري اهو شهر لڌو ۽ ان مان جيڪي لڪيل مواد ۽ ٻيون شيون هٿ آيون هيون انهن مان سندس زماني جي ماڻهن جي مذهبي، تمدني ۽ معاشي حالات تي روشني پئي ٿي. سرليو نارڊ وولي (Sir Leo Nord Woolly) پنهنجي ڪتاب (Abraham) ۾ جيڪو لنڊن ۾ سنه ١٩٣٢ع ۾ شايع ٿيو هو آثار قديمه جي انهن ماهرن جا تاثرات قلم بند ڪيا هيا. هتي انهن جو خلاصو لکجي ٿو. اندازو ڪيو ويو آهي ته سنه ٢١٠٠ قبل مسيح جي لڳ ڀڳ زماني ۾ جنهن کي هاڻي عام طور محقق علماءَ سيدنا حضرت ابراهيم عليه السلام جي ظهور جو زمانو تسليم ڪن ٿا "ار" شهر جي آبادي اڍائي لک جي قريب بلڪ پري ناهي ته پنجن لکن جي هجي ۽ وڏو صنعتي ۽ تجارتي مرڪز هيو ۽ جنهن رياست جو هي صدر مقام هو ان جون حدرن موجوده عراقي حڪومت جي ڏکڻ پاسي ڪجهه گهٽ ۽ اولهه

(١) حاشيه شبير احمد عثماني ص١٨٢

پاسي زياده هيون ملڪ جي گهٽي آبادي ڪاريگر ۽ واپاري هيا ان وقت جي لکيل مواد جيڪو آثار قديمه جي کڏن ۾ مليو آهي،مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ماڻهن جي زندگيءَ جو خالص نقطۂ نظر ماده پرستاڻو هو دولت ڪمائڻ ۽ گهٽي کان گهٽو آرام حاصل ڪرڻ انهن جو سڀ کان وڏيڪ حياتيءَ جو مقصد هو وياج ڪائڻ ۽ پاڻ ۾ قڏا ۽ ڪيس گهٽا هيا. ان وقت جا ماڻهو ٽن طبقن تي مشتمل هيا ١- عميلو: هي مٿاهين طبقي جا ماڻهو هيا جن ۾ بت پرستن جا اڳواڻ، حڪومتي عهديدار ۽ فوجي افسر وغيره اچي ويا ان طبقي کي خصوصي امتيازات حاصل هيا ۽ سندن فوجداري ۽ دفتري حقوق ٻين کان مختلف هيا سندن جان ۽ مال جي قيمت بہ ٻين کان وڏيڪ هئي، سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي جمڻ واري خاندان جو شمار بہ انهن ۾ هيو. ٢-مشڪينو هي واپاري، هنرمند ۽ پوک ڪاهيندڙ هيا. ٣- آردو - غلام ۽ مزدور. "ار" شهر جي ڪتبن ۾ تقريبًا پنجن هزارن باطل معبودن جا نالا ملن ٿا. ملڪ جي مختلف شهرن جا جداجدا خدا سڏجندا هيا ۽ هر شهر جو هڪ خاص محافظ خدا هيو جنهن کي رب البلد (شهر جو رب) يا مهاديو سمجهيو ويندو هو. "ار" جو رب البلد ننار (چنڊ ديوتا) هيو ۽ انهن وڏن باطل معبودن جي ما تحت ڪيترا ننڍا خدا سمجهيا ويندا هيا جن مان گهڻو تعداد آسماني تارن ۽ سيارن جو هيو ۽ انهن ديوتائن جي شڪلين تي بت ناهيا ويا هيا جو سيئي عبادت جو رسمون انهن جي اڳيان ادا ڪيون وينديون هيون. ننار جو بت سڀني کان وڏي جبل تي هڪ عالي شان عمارت ۾ رکيو ويو هو ۽ ان مندر ۾ ان ديوتا جي نالي تي گهڻيون عورتون وقف ڪيل هيون جن جي حيثيت ديوداسين جي هئي انهن مان اها عورت وڏيڪ معزز سمجهي ويندي هئي جيڪا ان بت جي نالي تي پنهنجي ڪنوارپ قربان ڪندي هئي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ان بت جي رضا لاءِ پاڻ ذارئين مرد جي حوالي ڪرڻ ان عورتجي لاءِ نجات جو ذريعو سمجهيو ويندو هو. "ننار" صرف ديوتا نہ هو پر ڪيترا باغ، جايون، زمينون، ان مندر جي لاءِ وقف هونديون هيون ۽ ان لاءِ ڪيترا ڪارخانا قائم ڪيا هيا "ار" شهر ۾ بادشاهي هلائيندڙ خاندان جيڪو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دور ۾ بہ حڪمران هو انهن جي پهرئين اڳواڻ جو نالو ارنمو هو. جنهن ٢٣٠٠ سال قبل مسيح هڪ وڏي بادشاهي قائم ڪئي هئي ان کان ئي ان خاندان کي نمو جو نالو مليو جنهن کي عربيءَ ۾ نمرود سڏيو

ويو. ان ملڪ مان حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جڏهن هجرت ڪري ويو تہ ان خاندان ۽ قوم تي مسلسل تباهي نازل ٿيندي رهي پهرئين عيلاميون"ار" شهر کي تباه ڪيو ۽ انهن جي نناربت کي بہ ختم ڪري لرسه شهر ۾ هڪ عيلامي حڪومت قائم ڪئي ۽ ان پهرئين نمبر شهر"ار" جي علاقه جا ماڻهو غلام جي حيثيت سان رهڻ لڳا. انهن تباهين جي ڪري "ار" ۾ رهندڙن ماڻهن جا عقيدا بہ متزلزل رهيا. يقيني طور نہ ٿو چئي سگهجي تہ سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي تعليم جو اثر ان ملڪ جي ماڻهن ڪيتري قدر قبول ڪيو پر سن١٩١٠ قبل مسيح ۾ بابل جي بادشاه حمورابي(بائيبل ڪـ امرافيل) جيڪي قانون مرتب ڪيا هيا اهي شاهدي ڏين ٿا تہ بالواسطه يا بلاواسطه انهن جي ٺاهڻ ۾ نبوت جي سيني ڪان حاصل ڪيل روشني بہ ڪارفرما هئي. انهن قانونن جومفصل ڪتبہ سن١٩٠٢ بعد مسيح ۾ آثار قديمہ جي هڪ فرانيسي تحقيق ۽ تفتيش ڪندڙ کي مليو جنهن جا گهڻا قانون، اصول ۽ فروع، موسوي شريعت سان مشابهت رکن ٿا. هن وقت تائين اثري تحقيقات جا نتائج جيڪڏهن صحيح آهن تہ انهن مان اها ڳالهہ بالڪل واضح ٿئي ٿي تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي قوم ۾ شرڪ محض مذهبي عقيدو ۽ بت پرستانہ عبادات جو مجموعو نہ هو پر ان قوم جي پوري معاشي، تمدني، سياسي ۽ معاشرتي زندگيءَ جو نظام ان عقيدي تي بنا ڪيل هو. ان جي مقابلي ۾ جڏهن حضرت ابراهيم توحيد جي دعوت کڻي اٿيو تہ ان جو اثر صرف بت پرستيءَ تي ئي نہ ٿي پيو پر شاهي خاندان جي چڙواڳيءَ ۽ حاڪميت، بت پرستن جي اڳواڻن ۽ مٿاهين طبقي جي معاشرتي، معاشي ۽ سياسي حيثيت ۽ پوري ملڪ جي اجتماعي زندگي ان جي لپيٽ ۾ ٿي آئي. ان جي ديني دعوت کي قبول ڪرڻ جي معنىٰ هيٺاهينءَ کان مٿاهينءَ تائين ساري سوسائٽيءَ جي عمارت کي ڊاهي ان کي الله جل جلاله جي توحيد جي تقاضا مطابق نئين سر تعمير ڪرڻو هو ۽ اهوئي سبب هو جو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي ديني دعوت واري آواز نڪرڻ شرط ننڍا، وڏا، عوام، خواص، بت پرستن جا اڳواڻ ۽ نمرود سڀ ڪيس دٻائڻ، هيسائڻ ۽ ان دعوت ڇڏائڻ لاءِ ميدان ۾ لهي آيا (١) اڪثر مؤرخن سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي پيءُ جو نالو تارخ لکيو آهي(٢)

(١) ضياءُ القرآن ص٥٧٣ - تفهيم القرآن ٤٥٤ - ٤٥٦ جلد١
(٢) معارف القرآن ص٣٧٩ ج٣

آذر سندس چاچي جو نالو هو جيڪو نمرود جي وزارت ۾ شموليت ڪان پوءِ شرڪ ۾ مبتلا ٿيو هو ۽ چاچي لاءِ پيءُ جو لفظ استعمال ڪرڻ عرب جي محاوري ۾ عام آهي ۽ ان محاوري جي لحاظ سان آيت ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي چاچي کي پيءُ سڏيو ويو آهي. علامه زرقاني مواهب لدنيه جي شرح ۾ ان جا ڪئين دلائل ۽ شواهد ذڪر ڪيا آهن (١)

ٻن قومن وارو نظريو

هن آيت ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پنهنجي خاندان ۽ قوم جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪرڻ جي بجاءِ آذر ڏانهن ڪندي فرمايو تہ تون ۽ تنهنجي قوم ڪليل گمراهيءَ ۾ آهيو، ان ۾ وڏي قربانيءَ ڏانهن اشارو آهي جيڪا الله جل جلاله جي واٽ ۾ ڏيندي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پنهنجا برادري ۽ نسبي تعلقات قطع ڪري ادا ڪئي هئي ۽ پنهنجي ان عمل سان ٻڌايائين تہ مسلمان اسلامي رشتي سان قائم ٿيندڙ قوم آهن جيڪڏهن نسبي ۽ وطني قوميتون ان سان متضاد ٿين تہ اهي ڇڏي ڏيڻ ضروري آهن ۽ ڪافر جدا قوم آهن قرآن ڪريم حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي واقعي کي ذڪر ڪري آينده اچڻ وارين امتن کي بہ هدايت ڪئي آهي تہ اهي بہ ان جي نقش قدم تي هلن. ارشاد آهي تہ "قَدْ كَانَتْ لَكُمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِي إِبْرَاهِيمَ وَالَّذِينَ مَعَهُ إِذْ قَالُوا لِقَوْمِهِمْ إِنَّا بُرَآؤُ مِنكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللَّهِ" (١) يعني اوهان محمدي امت جي لاءِ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ان جي ساٿين ۾ سهڻي رهنمائي آهي جو انهن پنهنجيءَ قوم کي چيو هو تہ اسين اوهان کان ۽ انهن (بتن) کان بيزار آهيون جن جي اوهان الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا. ثابت ٿيو تہ ٻن قومن وارو نظريو جنهن سان پاڪستان وجود ۾ آيو اهو آهي جنهن جو سڀ کان اول اعلان حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن ڪيو هو حجة الوداع جي سفر ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي هڪ قافلو مليو پاڻ انهن کان پڇيائون تہ: اوهان ڪهڙي قوم مان آهيو؟ انهن عرض ڪيو تہ "نَحْنُ قَوْمٌ مُّسْلِمُونَ" (بخاري شريف) اسين مسلمان قوم آهيون. انهن عرب جي اڳئين رواج مطابق ڪنهن قبيلي يا خاندان جو نالو وٺڻ جي بجاءِ "مسلمون" چئي ان حقيقي قوميت جو ذڪر ڪيو جيڪا دنيا کان وٺي آخرت تائين هلڻ واري آهي. حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام آذر سان خطاب ڪندي برادريءَ جي نسبت ان ڏانهن ڪندي پنهنجي بيزاريءَ جو اعلان ڪيو ۽

(١) معارف القرآن ص٣٧٩ جلد٣

۾ جتي آذر کان جدا صرف قوم کان بيزار ٿيڻ جو اعلان ڪرڻ جوا رادو ڪيائين تہ انهن ڪي وطن ۾نسبت جي لحاظ سان قوم سڏي فرمايائين" يَا قَوۡمِ اِنِّيۡ بَرِيۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ" ۾ اي منهنجي قوم! مان انهن کان بيزار آهيان جن کي اوهان الله جل جلاله سان شريڪ بنايو ٿا.

فَلَمَّا جَنَّ عَلَيۡهِ الَّيۡلُ رَاٰ كَوۡكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ

پوءِ جڏهن ڇانئجي وئي ان تي رات تہ ڏٺائين تاري کي چيائين تہ (ڇا) هيءُ رب منهنجو آ؟ پوءِ جڏهن لهي ويو تہ

قَالَ لَاۤ اُحِبُّ الۡاٰفِلِيۡنَ ﴿٧٦﴾ فَلَمَّا رَاَ الۡقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا

چيائين نہ ٿو محبت رکان مان لهي ويندڙن سان پوءِ جڏهن ڏٺائين چنڊ کي چمڪندڙ تہ چيائين (ڇا) هي

رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَئِنۡ لَّمۡ يَهۡدِنِيۡ رَبِّيۡ لَاَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡقَوۡمِ

رب منهنجو آهي؟ پوءِ جڏهن لهي ويو تہ چيائين البت جيڪڏهن نہ هدايت ڪندو مون کي رب منهنجو تہ البت ٿي پوندس مان قوم

الضَّآلِّيۡنَ ﴿٧٧﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمۡسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ هٰذَاۤ اَكۡبَرُ ۚ

گمراهن جي مان. پوءِ جڏهن ڏٺائين سج کي چمڪندڙ تہ چيائين (ڇا) هيءُ رب منهنجو آهي؟ هيءُ وڏو آهي

فَلَمَّاۤ اَفَلَتۡ قَالَ يٰقَوۡمِ اِنِّيۡ بَرِيۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ ﴿٧٨﴾

پوءِ جڏهن لهي ويو تہ چيائين اي قوم منهنجي! بيشڪ مان بيزار آهيان انهن کان جو شريڪ بنايو ٿا (الله سان).

تفسير

هن کان اڳ ۾ سيدنا ابراهيم عليه السلام جي ان تبليغ جو ذڪر هو جيڪا آذر کي ڪئي هيائين ۽ هتي ان تبليغ جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪا بت پرستيءَ ۽ ستارن جي پوڄا جي باطل هجڻ تي دليل ڏيندي قوم وارن کي ڪئي هيائين.

سيدنا ابراهيم عليه السلام جي ولادت ۽ وڏو ٿيڻ

هن کان اڳ ۾ لکي آيا آهيون تہ ارنمو نالي هڪ شخص وڏي بادشاهي

قائم ڪئي هئي ۽ ارنمو ڪي عربيءَ ۾ نمرود سڏيو ويو. ان نمرود خواب ۾ ڏٺو تہ آسمان ۾ هڪ تارو چمڪيو جنهن جي روشنيءَ جي اڳيان سج جي روشني بہ نہ هجڻ جي برابر ٿي وئي. انِ خواب ڪان ڊڄي پوپن ڪي گهرائي ان جو تعبير پڇيائين. انهن چيس تہ ان جو تعبير اهو آهي تہ هن سال هن علائقي ۾ هڪ ڇوڪرو ڄمندو جيڪو تنهنجي سر ۽ تنهنجي بادشاهيءَ جي هلاڪت ۽ بربادي‌ءَ جو سبب بڻجندو، نمرود ٻڌي چيو تہ ان ڇوڪري کي ڄمڻ ئي نہ ڏيندس، هڪدم آرڊر جاري ڪيائين تہ منهنجي علائقي ۾ جيتريون عورتون حمل سان آهن انهن تي سخت نگراني ڪئي وڃي جيڪڏهن نياڻي ڄمي تہ ڇڏيو پر جيڪڏهن پٽ ڄمي تہ فورًا قتل ڪيو وڃي، ۽ اڄ کان هڪ سال تائين منهنجي علائقي ۾ ڪو بہ مڙس زال سان گڏ نہ ٿئي ۽ اهو ڪم پنهنجي پوليس جي حوالي ڪيائين، ان وقت حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي والده اڳئي حمل سان هئي يا ڪنهن تدبير سان سندس مڙس تارخ وٽس پهتو ۽ حمل سان ٿي وئي. بهرصورت ٻارن جي مٿان نگراني ڪندڙ داين ڪي سندس حمل جي خبر نہ پئي جو عام طرح حمل وارين عورتن وانگر سندس پيٽ وڏو ۽ ظاهر نہ ٿيو هو.

جڏهن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي ولادت جو وقت ويجهو آيو تہ سندس والده جبلن جي وچ ۾ هڪ غار ۾ وڃي ڪيس ڄڻيو ۽ ان غار جي منهن تي پٿر رکي پنهنجي پٽ ڪي حقيقي پالڻهار جي حوالي ڪري گهر ڏي هلي آئي، ٻئي ڏينهن وڃي ڏٺائين تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پنهنجون آڱريون چوسي رهيو هو جن مان ماکي کير پاڻي، گيهه وغيره نڪري رهيوهو پوءِ خوش ٿي، تسلي ڪري موٽي ۽ روزانو ائين پنهنجي پرين پٽ ڪي ڏسڻ ايندي هئي ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام هڪ مهيني ۾ ايترو ٿي وڏو ٿيو جيترو ٻيو ٻار سال ۾ وڏو ٿئي. پاڻ پندرهن مهينن ۾ ايترو وڏو ٿي ويو جو پندرهن سالن جو لڳو ٿي ۽ ان عمر ۾ پاڻ پنهنجيءَ ماءُ کان پڇيائين تہ منهنجو رب (پالڻهار) ڪير آهي؟ ماءُ چيس تہ مان چيائين تہ مون وانگر تون بہ کائڻ پيئڻ جي محتاج آهين ۽ انساني ضرورتون رکين ٿي تنهنجو رب (پالڻهار) ڪير آهي؟ چيائين تہ تنهنجو پيءُ. چيائين تہ بابا بہ محتاج آهي، ان جو رب ڪير آهي؟ چيائين تہ نمرود- چيائين تہ اهو بہ اسان وانگر هزارين حاجتون رکي ٿو ان جو رب ڪير آهي؟ ماءُ چيس تہ "ماٺ ڪر" ان ڪان پوءِ سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي امان سائڻ پنهنجي مڙس تارخ ڪي ٻڌايو تہ جنهن

ٻچڙي جي ظهور جو نمرود کي ڏپ آهي اهو هي تنهنجو ٻچو آهي ان اچ مون کان اهڙا عجيب ۽ حڪمت وارا سوال ڪيا آهن جو مان ته ڇا اسان جي ساري قوم به جواب ڏئي نه سگهندي. تارخ ڏاڍو خوش ٿيو۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام ڪئين سال ان غار ۾ گذاري ستن سالن جي عمر ۾ شام جي وقت غار کان ٻاهر نڪتو (١)

نبي ڄمندي ئي شرڪ کان پاڪ آهن.

پنهنجي قوم سان سندس اها گفتگو جيڪا هن آيت ۾ بيان ڪئي وئي آهي ڪڏهن ٿي؟ بالغ ٿيڻ ۽ رسالت جي اظهار کان اڳ ۾ يا پوءِ؟ صحيح قول اهو آهي ته بالغ ٿيڻ ۽ رسالت جي اظهار کانپوءِ- ۽ اهي سوال جواب انهن کي سندس جهالت ۽ غيرالله جي عبادت واري غلطيءَ سمجهائڻ جي لاءِ ڪيا هيائين ۽ پاڻ انهن آسماني چمڪندڙن جسمن تارن،چنڊ ۽ سج جي رب هجڻ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ نه ٿي چيائين. الله جل جلاله جا نبي سڀ ئي عليهم الصلواة والسلام نبوة جي اظهار کان اڳي ۽ پوءِ اهڙي جهالت ۽ شرڪ جي سوچ کان به پاڪ آهن، ڇو ته انهن جو توحيد باري تعالىٰ وارو عقيدو شهودي (ڏسڻ سان) آهي جنهن تي "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ" واري ڏينهن کان سندن ارواح پيدائشي طور رکيا ويا هئا (٢) مفسر قرآن علامه اسماعيل بن ڪثير قرشي دمشقي لکيو آهي والحق ان ابراهيم عليه الصلواة والسلام ڪان في هذا المقام مناظرا لقومه مبينا لهم بطلان ما ڪانوا عليه من عبادة الهيا ڪل والاصنام (٣) يعني حق هيءَ آهي ته حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام ان مقام ۾ پنهنجي قوم سان مناظرو ڪري انهن جي لاءِ تصويرن ۽ بتن جي عبادت کي باطل ثابت ڪري رهيو هو. مقصد ته پاڻ شڪ ۽ شبهي ۾ نه هو مالڪ مٿي جي حقيقي توحيد جي عقيدي تي مضبوط ۽ محڪم هيو، فرمان عالي آهي "فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰی كَوْكَبًا قَالَ هٰذَا رَبِّیْ" يعني جڏهن شام جي وقت غار کان ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجي قوم کي خالق حقيقيءَ جي بجاءِ مخلوقات جو پوڄاري ڏٺائين خاص ڪري تارن، چنڊ ۽ سج جو.ته پاڻ تاري ڏانهن نهاري فرمايائين ته ڇا "هي منهنجو رب آهي؟" هي انهن کي مناظري طور ۽ مٿن حجت قائم ڪرڻ جي لاءِ چيو هيائين ته متوجه ٿي ٻڌنءِ پوءِ سندن ان باطل عقيدي کي عقلي ۽ حسي دليلن سان رد ڪريءاهو تارو ڪهڙو هو؟ علامه مراغي لکيو آهي ته مشتري هو جيڪو يوناني ۽ روماني قومن جي باطل

(١) تفسير نعيمي ص٦١٨ جلد٧ (٢) صاوي ص٢٤ جلد١ جزءِ٢
(٣) تفسير ابن ڪثير ص١٥١ ج٢

معبودن، تارن ۾ وڏو آهي ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي قوم وارا ئي ان تاري جي پوڄارين جا اڳواڻ هيا (۱) ۽ علامه صاوي لکيو تہ اهو تارو زهره هو جيڪو سڀني کان وڌيڪ روشن ۽ ٿئين آسمان ۾ آهي (۲) ﴿فَلَمَّآ أَفَلَ قَالَ لَآ أُحِبُّ ٱلۡأٓفِلِينَ﴾ پوءِ جڏهن اهو (تارو) لهي ويو تہ (حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پنهنجي قوم کي) فرمايو تہ مان لهي ويندڙن سان محبت ئي نہ ٿو رکان ۽ان کي معبود ڪيئن بنايان جيڪو پاڻ ئي پرائي وس آهي۽ اهو استفهام انڪاري آهي جيڪو انهن کي ٽوڪڻ لاءِ ڪيو ويو هو (۳)

منطقي دليل

سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي مٿئين دليل کي منطقي طرح هيئن پيش ڪيو ويندو تہ دنيا مٽجندڙ شيءِ آهي ۽ هر مٽجندڙ شيءِ نئين پيدا ٿيندڙ آهي ۽ هر نئين پيدا ٿيندڙ شيءِ جي لاءِ خالق جي ضرورت آهي ان جي ڪري دنيا جي لاءِ بہ خالق جي ضرورت آهي ۽ اهو الله جل جلاله آهي ﴿فَلَمَّآ رَءَا ٱلۡقَمَرَ بَازِغٗا قَالَ هَٰذَا رَبِّيۖ فَلَمَّآ أَفَلَ قَالَ لَئِن لَّمۡ يَهۡدِنِي رَبِّي لَأَكُونَنَّ مِنَ ٱلۡقَوۡمِ ٱلضَّآلِّينَ﴾ يعني تاري لهي وڃڻ کان پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺو تہ ساڳيءَ طرح قوم سان مخاطب ٿي ڪين سندن غلط عقائد جي نشاندهي ڪندي فرمايائين تہ ڇا "هي منهنجو رب آهي؟" جڏهن اهو چنڊ بہ لهي ويو تہ فرمايائين: جيڪڏهن منهنجو حقيقي ۽ سچو رب مون کي هدايت نہ ڪري ها تہ ضرور مان بہ گمراهن مان ٿي پوان ها (۴) پر مون کي منهنجي رب هدايت ڪئي ۽ اوهان بہ انهن آسماني چمڪندڙن ستارن جي اڀرڻ ۽ لهڻ وارين حالتن کي ڏسي سمجهو تہ اهي بي وس ۽ بي اختيار رهڻ وارا اوهان جا صحيح معبود ناهن ﴿فَلَمَّا رَءَا ٱلشَّمۡسَ بَازِغَةٗ قَالَ هَٰذَا رَبِّي هَٰذَآ أَكۡبَرُ﴾ پوءِ (وري رات گذرڻ کان پوءِ) جڏهن سج کي چمڪاٽ ڪندڙ ڏٺائين تہ (وري بہ پنهنجي قوم کي دليلن تي دليل ڏيڻ ۽ سندن باطل عقائد جون سندن ذهن مان پاڙون پٽڻ جي لاءِ ڪين مخاطب ٿيندي) فرمايائين ڇا "هيءُ منهنجو رب آهي جيڪو (هنن کان) بہ وڏو آهي؟" پر ان جي حقيقت بہ جلدي اوهان جي سامهون ايندي ﴿فَلَمَّآ أَفَلَتۡ قَالَ يَٰقَوۡمِ إِنِّي بَرِيٓءٞ مِّمَّا تُشۡرِكُونَ﴾ پوءِ جڏهن سج بہ لهي ويو تہ (پنهنجي قوم تي آخري حجت پوري ڪندي) فرمايائين تہ: اي منهنجي قوم وارا! جن کي اوهان (الله جل جلاله سان) شريڪ بنايو

(۱) المراغي ص۱۷ جلد۳ جزءُ ۷ • (۲) صاوي ص۲۴ جلد۱ جزءُ ۲
(۳) حاشيه شبير احمد عثماني ص۱۸۲ (۴) معارف القرآن ص۳۸۱ج۳

تا مان انهن کان بيزار آهيان، اوهان بلڪل غلط آهيو جو اوهان مخلوقات کي سندن خالق جو شريڪ بنايو آهي **فائدو**- "تُشْرِكُوْنَ" جمع مذکر مخاطب جو صيغو آهي معنیٰ اوهان شريڪ بنائي شرڪ ڪيو تا ان مان ثابت ٿيو تہ سيدنا حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پاڻ ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن قسم جوبہ شرڪ نہ ڪيو هو. پاڻ شرڪ سوچڻ ۽ وهم ڪرڻ کان بہ پاڪ هيا.

اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ

بيشڪ مون متوجه ڪيو منهن پنهنجي کي ان جي لاءِ جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي انجوئي رهندڙ ۽ ناهيان

اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٧٩﴾

مان مشرڪن مان

تفسير

هن کان اڳ ۾ ڪوڙن ۽ باطل معبودن جي معبوديت جي سخت ترديد هئي ۽ هاڻي حقيقي ۽ سچي معبود ڏانهن متوجه رهڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي ارشاد حقاني آهي "اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ" يعني جڏهن اهي تارا، چنڊ، سج بي اختيار ۽ بي وس آهن جو هڪ جاءِ تي بيهي بہ نہ ٿا سگهن تہ اهي باطل آهن ۽ بلاشڪ مون پنهنجو منهن (منهن مان مراد آهي پوري جو پورو متوجه رهڻ)، شروعات کان وني ان ڪائنات جي پيدا ڪندڙ ڏانهن متوجه ڪيو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن کي انهن تارن، چنڊ ۽ سج سان سينگاريو اٿس ۽مان ابتداءِ کان ئي هر قسم جي بدعقيدگيءَ کان پري آهيان "وَجَّهْتُ" ماضيءَ جو صيغو بہ ان جي ڪري آندائين تہ خبر پوي تہ مان نہ اڳي مشرڪ هوس ۽ نہ هاڻي آهيان. بيا گهڻا ماڻهو دنيا ۾ اچي متوجه الی الله ٿيندا آهن پر انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ ڪي اولياء پلارا- جمندي ئي جام هوندا آهن "حَنِيْفًا" ان جو ئي ٿي رهندڙ، برن ۽ براين کان پري پڄندڙ، شرڪ ۽ ڪفر جو وهم بہ نہ ڪندڙ "وَمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" ۽مان مشرڪن مان ناهيان.

وَحَآجَّهٗ قَوۡمُهٗ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوۡٓنِّيۡ فِي اللّٰهِ وَقَدۡ هَدٰىنِ ؕ وَلَآ

۽ بحث ڪيائين ان سان قوم ان جي فرمايائين ڇا بحث ڪيو ٿا مون سان الله جي باري ۾ ۽ تحقيق هدايت ڪيائين مون کي ۽ نه

اَخَافُ مَا تُشۡرِكُوۡنَ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ رَبِّيۡ شَيۡــًٔا ؕ وَسِعَ رَبِّيۡ

ڊڄان ٿو انهن کان جن کي شريڪ ٿا بڻايو ان سان مگر هي جو گهري رب منهنجو ڪجهه به گهيري ۾ ورتو رب منهنجي

كُلَّ شَيۡءٍ عِلۡمًا ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿۸۰﴾

هر شيءِ کي علم سان ڇا پوءِ نصيحت قبول نه ٿا ڪيو.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ انهن توحيد جي دليلن جو ذڪر هو جيڪي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پنهنجي قوم جي اڳيان بيان ڪيا هيا ۽ هتي انهن دليلن تي قوم سان بحث جو ذڪر ٿي رهيو آهي فرمان رباني آهي"وَحَآجَّهٗ قَوۡمُهٗ قَالَ اَتُحَآجُّوۡٓنِّيۡ فِي اللّٰهِ وَقَدۡ هَدٰىنِ" يعني جڏهن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دليلن جي اڳيان سندس قوم عاجز ٿي پئي ۽ ساڻس هرويرو بحث ڪرڻ لڳا ته جيڪڏهن اسان جي بتن جي عبادت ڪان روڪڻ ڪان نه مڙندين ته انهن جي غضب جو اهڙو نشان بنجندين جو بچاءَ جي ڪا صورت نه رهنديئي. پاڻ انهن کي فرمايائين ته ڇا الله جي باري ۾ مون سان بحث ڪيو ٿا حالانڪ ان مون کي سڌي واٽ ونائي آهي"وَلَآ اَخَافُ مَا تُشۡرِكُوۡنَ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ رَبِّيۡ شَيۡــًٔا" يعني جن ستارن ۽ بتن کي اوهان الله سان شريڪ بنايو ٿا مان انهن کان ڪو نه ٿو ڊڄان. مگر جيڪڏهن منهن جو رب مون کي ڪنهن امتحان ۾ مبتلا ڪرڻ گهري ته اها ٻي ڳالهه آهي

"وَسِعَ رَبِّيۡ كُلَّ شَيۡءٍ عِلۡمًا" منهنجي رب علم سان هر شيءِ کي گهيري ۾ رکيو آ- ڪا به شيءِ ان جي علمي احاطي کان ٻاهر نه آهي" اَفَلَا تَتَذَكَّرُوۡنَ" ڇا پوءِ نصيحت قبول نه ٿا ڪيو جو باطل معبودن جي دروازن تي ڪرڻ کان منهن موڙي سچي

ءِ برحق معبود ، الله جل شانه جي درازي تي جهڪي پئو - فائدا - عـ١- آيت مبارڪ جي لفظ "وَقَدْ هَدَانِ" ۾ ماضيءَ جي صيغي آڻڻ مان ثابت ٿيو ته سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام ڄمندي ئي هدايت تي هو مٿئين آيتن ۾ ذڪر ڪيل سندن گفتگو صرف قوم کي درجه به درجه سمجهائڻ ۽ باطل معبودن کان پري رکڻ جي لاءِ هئي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته الله جل جلاله نبين عليه الصلواة والسلام کي هدايت سڌو پنهنجي طرفان عطا ڪندو آهي ۽ ٻين کي نبين عليهم السلام جي واسطي ۽ وسيلي سان عـ٢ الله جا نبي عليهم السلام نهايت دلير، جرئتمند ۽ بهادر هوندا آهن الله تعالىٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان به نه ڊڄندا آهن جيئن حضرت ابراهيم عليه السلام فرمايو "وَلَآ اَخَافُ مَا تُشْرِكُوْنَ بِهٖٓ" مان انهن کان ڪو نه ٿو ڊڄان جن کي اوهان الله سان شريڪ بنايو ٿا مان صرف سچي الله جل جلاله کان ڊڄان ٿو.

وَكَيْفَ اَخَافُ مَآ اَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ اَشْرَكْتُمْ بِاللّٰهِ

۽ ڪيئن ڊڄان مان انهن کان جو شريڪ بنايا اوهان ۽ نه ٿا ڊڄو اوهان ته تحقيق اوهان شريڪ بنايو الله سان

مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا ۭ فَاَيُّ الْفَرِيْقَيْنِ اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ اِنْ

ان کي جو نه نازل ڪيائين ان جو اوهان تي ڪو دليل پوءِ ڪير ٻنهي ٽولن مان وڌيڪ حقدار آهي، امن جو جيڪڏهن

كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨١﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يَلْبِسُوْٓا اِيْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ

آهيو جو ڄاڻو ٿا اهي شخص جو ايمان آندائون ۽ نه ملايائون ايمان پنهنجو ظلم سان

اُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ الْاَمْنُ وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع

اهي ئي آهن جن لاءِ امن آهي ۽ اهي ئي هدايت وارا آهن.

وقف لازم

ع ٩ ١٢ ١٥

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي ڪامل ايمان جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ايمان جي ديني ۽ دنيوي فائدن جو ذڪر ڪندي ارشاد

ٿيو آهي "وَكَيۡفَ اَخَافُ مَا اَشۡرَكۡتُمۡ "يعني حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پنهنجي قوم کي خطاب ڪندي فرمايو تہ "انهن کان مان ڪيئن ڊڄان؟ جن کي اوهان الله سان شريڪ بنايو آهي" وَلَا تَخَافُوۡنَ اَنَّكُمۡ اَشۡرَكۡتُمۡ بِاللّٰهِ مَا لَمۡ يُنَزِّلۡ بِهٖ عَلَيۡكُمۡ سُلۡطٰنًا "حالانڪ اوهان ڊڄوئي نہ ٿا جوالله سان انهن کي شريڪ بنايو اٿو جن جي لاءِ الله اوهان تي ڪو دليل ئي نازل نہ ڪيو آهي" مقصد تہ ڊڄڻ تہ اوهان کي کپي جو سچي ۽ حق واري معبود کان منهن موڙي باطل ڏانهن سجدا پيا ڪيو مان ڇو ڊڄان؟ "فَاَيُّ الۡفَرِيۡقَيۡنِ اَحَقُّ بِالۡاَمۡنِ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ" يعني اوهان ئي ٻڌايو جيڪڏهن ڄاڻو ٿا تہ ٻنهي ٽولن(حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن ۽ بتن جي پوڄارين) مان امن جو وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟" جو دنيا ۽ آخرت جي عذاب ۽تڪليفن کان محفوظ رهي. محقق علماء لکيو آهي تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام ائين ڪو نہ فرمايو تہ مون مان ۽ اوهان مان امن جو وڌيڪ حقدار ڪير آهي پر "اَلۡفَرِيۡقَيۡنِ" جو لفظ آندائين(١) ان ۾ اهو اشارو آهي تہ اهو امن صرف سندس پاڪ ذات جي لاءِ نہ هو پر هر ان ٻانهي جي لاءِ آهي جنهن جو عقيدو آهي تہ معبود بالحق هڪ الله تعالىٰ آهي اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَلَمۡ يَلۡبِسُوۡۤا اِيۡمَانَهُمۡ بِظُلۡمٍ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الۡاَمۡنُ وَهُمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ" جن ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم (شرڪ) سان ملائي نہ رکيائون انهن لاءِ ئي بي خوفي آهي ۽ اهي ئي هدايت وارا آهن(٢) مقصد تہ ان جو رستو حق وارو ۽ جنت ملڻ جو ذريعو آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ آيل لفظ" ظلم" مان مراد شرڪ آهي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي تہ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ: ڪيترن مسلمانن کي پريشاني ٿي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائون تہ: يا رسول الله! ڪير آهي؟ جنهن کان ڪو نہ ڪو ظلم نہ ٿيو هوندو ۽ ان جو ايمان ڪنهن نہ ڪنهن ظلم سا مليل نہ هوندو؟ پاڻ فرمايائون تہ هن آيت ۾ ذڪر ڪيل ظلم مان مراد شرڪ آهي جيئن سورة لقمان سڳوريءَ ۾ آهي "اِنَّ الشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيۡمٌ" (٣) بيشڪ شرڪ ڪرڻ وڏو ظلم آهي متفق عليه (۴) اوهان شرڪ کان پاڪ آهيو نہ ڊڄو. **فائدو**- "وَكَيۡفَ اَخَافُ" (ڪيئن ڊڄان مان) مان ثابت ٿيو تہ الله جو پيارو مومن ٻانهو خدا کان سواءِ ٻين کان نہ ڊڄندو ۽ ٻين جي دولت ۽ قوت ڏسي مايوس نہ ٿيندو ڇو تہ اهي سڀ عارضي بادل آهن جيڪي حق جي هوا لڳڻ سان هلي ويندا ، فرعون جي دربار ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي مقابلي

(١) مظهري ص٢٩۴ ج٣ (٢) البيان لترجمة القرآن ص١٧٧
(٣) سورة لقمان آيت ع١٣ (۴) زادالمسير ص٧٧ ج٣

لاءِ گهرايل جادوگر پهريائين تہ فرعون کان تمام گهڻو ڊڄندا هئا پر جڏهن ايمان آڻي مومن بڻيا تہ فرعون کي جواب ڏيندي فرمايائون تہ، تون وڌ ۾ وڌ ڪٽي اسان کي قتل ڪري اسان جي دنيوي حياتي ختم ڪندين ٻيو ڇا ڪندين؟

اسين الله جل جلاله جي توحيد ۽ سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي رسالت تي ايمان آڻي هاڻي ڪنهن بہ قيمت تي نہ هٽنداسون.

وَتِلْكَ حُجَّتُنَآ اٰتَيْنٰهَآ اِبْرٰهِيْمَ عَلٰى قَوْمِهٖ ۭ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ

۽ اهي دليل اسان جا آهن جو ڏناسون اهي ابراهيم کي سندس قوم تي مٿي ڪيون ٿا درجن جي لحاظ سان جنهن کي

نَّشَاۗءُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٨٣﴾

گهرون اسان بيشڪ رب تنهنجو حڪمت وارو، علم وارو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي طرفان قوم سان ڪيل بحث ۽ دلائل ڏيڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهي دلائل ان کي اسان ڏنا هيا، ارشاد آهي" وَتِلْكَ حُجَّتُنَآ اٰتَيْنٰهَآ اِبْرٰهِيْمَ عَلٰى قَوْمِهٖ" يعني حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جيڪي دلائل پنهنجي قوم کي پيش ڪيا هئا اهي سڀ ڪيس اسان جي طرفان حجت طور پيش ڪرڻ جي لاءِ عطا ڪيل هئا. ان ۾ تاري، چنڊ ۽ سج جي لاءِ چوڻ تہ ڇا هي منهنجا رب آهن؟ سڀ انهن کي سمجهائڻ لاءِ فرمائي رهيو هو تہ هي ويچارا جيڪي پاڻ کي بہ هڪ هنڌ رکڻ جي طاقت نہ ٿا رکن تہ اهي اوهان جا معبود ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ " نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَاۗءُ" جنهن کي بہ گهرون ٿا ۽ پسند ڪريون ٿا تہ ان کي درجن جي لحاظ سان بلند بنايون ٿا ۽ اسان ئي ڪفارن جي ان آباديءَ مان جتي هزارين ماڻهو هزارن باطل معبودن جا پوڄاري هيا، حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي توحيد الله جي هڪ هجڻ واري عقيدي جو علمبردار بنايو ۽ سندس سيني کي علم، فهم ۽ روشنيءَ جي دليل سان منور فرمائي، ٻنهي جهانن ۾ سندس شان بلند ڪيو"اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ" يقيناً تنهنجو رب حڪمت

وارو، چاڻندڙ آهي تہ ڪير بلند ٿيڻ جو اهل ۽ لائق آهي" رب" ۾ "ڪ" خطاب جي ضمير سان حضور عليه الصلواة والسلام جن مخاطب آهن، ۽ "تنهن جو رب" چوڻ ۾ جيڪي محبت جا مڻ آهن ان ڪي سڪ وارا ئي سمجهندا ٻيا نہ سمجهندا

فائدا ١ - آيت "وَتِلْكَ حُجَّتُنَا اٰتَيْنَاهَا" مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله جي نبين عليهم الصلواة والسلام جو علم لدني هوندو آهي اهي نہ ڪنهن دنياوي استاد جا شاگرد هوندا آهن نہ ماحول جي اثر کان متاثر ٿيندا آهن بلڪ غلط ماحول کي درست ڪرڻ ايندا آهن ۽ الله تعالىٰ کين هر ڪمال پنهنجي طرفان سڌو سنئون عطا ڪندو آهي ٢- "نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَاۗءُ" مان واضح ٿيو تہ درجن جي بلندي، عزت ۽ عظمت نہ قابليت تي ٻڌل آهي نہ ڪنهن جي علم ۽ عمل تي، اها خالص رباني فضل آهي جنهن کي عطا ٿئي جيتري عطا ٿئي. ڏسو تہ الله تعالىٰ لکن ورهن جي عابدن ۽ دنيا جي هر قسم جي هوس کان پاڪ ۽ صاف ملائڪن کي ان حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي اڳيان ڪيئن جهڪايو جنهن ان وقت تائين اجان هڪ سجدو بہ نہ ڪيو هو حضرت علامه رومي عليه الرحمة فرمايو آهي

"داد حق را قابليت شرط نيست،
بلڪ شرط قابليت داد اوست"

يعني الله جل جلاله جي طرفان عطائن جي لاءِ قابليت شرط ناهي پر قابليت ملڻ جي لاءِ شرط ان جي عطا آهي ۽ قرآن پاڪ جي ان جملي مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ نبي سڀ ڳورا عليهم الصلواة والسلام ساري مخلوق کان افضل ۽ اعلىٰ آهن ڪير بہ سندن همسر ۽ هڪ جهڙو ناهي ۽ کين جيڪو مقام مليو سو مٺي مالڪ جي حڪمت ۽ علم سان مليو آهي.

وَوَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ۭ كُلًّا هَدَيْنَا ۚ وَنُوْحًا هَدَيْنَا مِنْ

۽ بخشي ڏناسون ان کي اسحاق ۽ يعقوب سيني کي هدايت ڏني سون ۽ نوح کي هدايت ڪئي سون

قَبْلُ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهٖ دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ وَاَيُّوْبَ وَيُوْسُفَ وَمُوْسٰى

اڳ ۾ ۽ اولاد ان جي مان داؤد ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف ۽ موسىٰ

وَهٰرُوْنَ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٤﴾ وَزَكَرِيَّا وَيَحْيٰى

۽ هٰرون کي ۽ ان ئي نموني بدلو ڏينداسون نيڪي ڪندڙن کي ۽ ذڪريا ۽ يحييٰ

وَعِيْسٰى وَاِلْيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَاِسْمٰعِيْلَ

۽ عيسیٰ ۽ الياس کي سڀئي صالحن مان آهن ۽ اسماعيل

وَالْيَسَعَ وَيُوْنُسَ وَلُوْطًا ؕ وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعَالَمِيْنَ ﴿٨٦﴾

۽ يسع ۽ يونس ۽ لوط کي (هدايت ڏني سون) ۽ سڀني کي ڀلو ڪيوسون جهانن تي

تفسير

جڏهن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام مالڪ مٺي جي وحدانيت جو اعلان ڪيو ۽ ساري قوم ڪيس ڇڏي وئي ۽ اڪيلو هجڻ جي باوجود بہ رب العزت جل شانه جي دين لاءِ قرباني ڏيندو رهيو تہ الله جل جلاله ڪيس پٽ ۽ پوٽا ڏئي وڏي خاندان وارو بنايو. هتي ٽي آيتون وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ کان "عَلَى الْعٰلَمِيْنَ" تائين آٽي ان جي خاندان جو بيان ڪيو ويو آهي تہ: اسان ان کي اسحٰق ۽ يعقوب پٽ ۽ پوٽو بخشي ڏنا، سڀني کي هدايت بہ ڏني سون ۽ ان کان اڳ ۾ نوح کي بہ هدايت عطا ڪئي هئي سون ۽ ان ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي اولاد مان يا بعضي مفسرن جي بقول (حضرت) نوح (عليه الصلواة والسلام) جي اولاد مان داؤد، سليمٰن، ايوب، يوسف، موسیٰ ۽ هارون (عليه السلام) کي بہ هدايت ڪئي سون ۽ ان ئي نموني سان (جيئن انهن کي هدايت ڪئي سون) نيڪي ڪندڙن کي سٺو بدلو ڏينداسون. ۽ زڪريا، يحيیٰ، عيسیٰ ۽ الياس کي هدايت ڪئي سون سڀئي صالحن مان هيا. اسمٰعيل، يسع، يونس ۽ لوط کي بہ هدايت ڏني سون ۽ سڀني (نبين عليهم الصلواة والسلام) کي (سندن وقت وارن کان) ڀلو بنايوسون.

هڪ عجيب نڪتو

الله جل شانه هنن ٽنهي آيتن ۾ انهن نبين عليهم الصلواة والسلام کي

چئن حصن ۾ بيان فرمايو آهي ١- پهرئين حصي ۾ حضرت ابراهيم، حضرت نوح، حضرت اسحق ۽ حضرت يعقوب عليهم الصلواة والسلام کي- ڇو تہ اهي ٻين سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام جا اصول آهن ۽ ٻين سڀني جي نسب جا سلسلا انهن ئي سان ملن ٿا ٢- ٻئي حصي ۾ انهن نبين عليهم السلام کي بيان ڪيو ويو جن کي نبوت سان گڏ ٻين نعمتن سان بہ نوازيو ويو هو جيئن حضرت داؤد ۽ حضرت سليمان عليهما السلام کي دنيوي بادشاهي ملي هئي ۽ حضرت موسیٰ ۽ هٰرون عليهما السلام کي انقلاب آڻڻ جي نعمت عطا ٿي جو سندن هٿان فرعون ۽ قارون هلاڪ ٿيا ۽ سندن بادشاهي ۽ دنياداري ختم ٿي حضرت ايوب عليه السلام کي صبر ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي صبر کان پوءِ سلطنت ملي. انهن ئي هستين لاءِ ارشاد ٿيو تہ اسين نيڪي ڪندڙن کي ائين بدلو ڏينداسون.

٣- ٽئين حصي ۾ انهن پيغمبرن ڀلارن جو ذڪر ٿيو جن کي زهد، قناعت ۽ دنيا کان پري رهڻ جي نعمت نصيب ٿي انهن ۾ حضرت زڪريا، يحيىٰ، عيسىٰ ۽ الياس عليهم الصلواة والسلام داخل آهن ٤- چوٿين حصي ۾ اهي بيان ٿيا جن جو دنيا ۾ نہ ڪو متبع رهيو نہ سندن شريعت رهي حضرت اسماعيل، يسع، يونس ۽ لوط عليهم السلام انهن مان آهن (١)

فائدا- مفسر قرآن علاؤالدين علي بن محمد بن ابراهيم البغدادي عليه الرحمهٓ لکيو آهي تہ "كُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ" مان ثابت ٿيو تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ملائڪن کان افضل آهن (١) ٢- "كُلًّا هَدَيْنَا" مان ثابت ٿيو تہ انبياء ڀلارا پيدائشي هدايت وارا ۽ مالڪ مٺي جي ذات ۽ صفات کان باخبر ۽ پنهنجن صفتن کان واقف هوندا آهن ٣- نياڻيءَ جو اولاد بہ پنهنجو اولاد ليکيو ويندو آهي حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام بنا پيءُ جي سيده مريم مان ڄائو پر ڏهن تہ اها سائڻ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي اولاد مان هئي تہ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي ذريةٓ (اولاد) مان سڏيو ويو.

لطيفه

هڪ ڀيري حجاج بن يوسف حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه کان سوال ڪيو تہ اوهان حضرات حسنين ڪريمين رضي الله عنهما کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جو اولاد ڪيئن ٿا سڏيو؟ حالانڪ نسل تہ پٽ کان ڳڻيو ويندو

(١) خازن ص٣٢ ج٢ (٢) تفسير خازن ص٣٢ ج٢

آهي نہ نياڻيءَ کان- پاڻ فرمايائون تہ نياڻيءَ جو اولاد بہ پنهنجو نسل هوندو آهي ۽ مٿين آيت دليل ڏني هيائين، ۽ اهو ساڳيو سوال هارون رشيد بادشاھ حضرت امام موسيٰ ڪاظم کان ڪيو هو تہ پاڻ بہ مٿين آيت دليل ۾ پيش ڪئي هيائين. مقصد تہ جيئن حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام جي ماءُ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي اولاد مان هئي ۽ ان جي ڪري پاڻ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي "ذرية" (اولاد) مان سڏيو ويو تيئن حضرات حسنين ڪريمين جي والده سيده فاطمه رضي الله عنها بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اولاد مان هئي ۽ پاڻ بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اولاد مان ڳڻيا ويا (١)

عجيب نڪتو

چاڻڻ گهرجي تہ قرآن پاڪ پنجويهہ نبي سڳورا عليهم الصلواة والسلام نالو وٺي بيان ڪيا آهن، ارڙهن ڪي مٿين آيتن ۾ ۽ ستن آدم ، ادريس، صالح، هود ، شعيب، ذوالڪفل ۽ حضرت محمد مصطفيٰ عليه وعليهم الصلواة والسلام ڪي ٻين آيتن ۾۽ٻن جڻن اهڙن پلارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي نبي هجڻ ۾ شڪ آهي. اهي آهن لقمان ۽ ذوالقرنين جيڪو انهن جي وجود جو منڪر آهي اهو ڪافر آهي،پر جيڪو انهن جي نبي هجڻ جو منڪر آهي اهو ڪافر ناهي. (٢)

سوال- هن آيت ۾ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي حضرت ابراهيم عليه الصلواةوالسلام جي اولاد مان ڇو سڏيو ويو حالانڪ اهو تہ سندن سوٽ هاران بن آذر جو پٽ هو؟

جواب: اهو ٻن وجهن جي ڪري ١- هڪ تہ پائيتو بہ پلي سڳو نہ هجي اولاد وانگر هوندو آهي ٢- ٻيو تہ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي نبوت حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دعا سان ملي هئي ان جي ڪري روحاني طور حضرت لوط حضرت ابراهيم جي اولاد مان ڳڻيو ويو آهي (٣)

وَمِنَ اٰبَآءِهِمۡ وَذُرِّيّٰتِهِمۡ وَاِخۡوَانِهِمۡ ۚ وَاجۡتَبَيۡنٰهُمۡ وَهَدَيۡنٰهُمۡ اِلٰى

۽ پيئرن انهن جي مان ۽ اولاد انهنجي مان ۽ ڀائرن انهن جي مان ۽ برگزيدو ڪيوسون انهن کي

(١) روح المعاني ص٢١٤ جلد ٣ جزءُ ٧ (٢) صاوي ص٢٧ جلد١ جزءُ ٢
(٣) نعيمى ص٦٥٩ جلد٧

صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٨٧﴾ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ

۽ هدايت ڪئي سون انهن کي واٽ سڌيءَ ڏانهن اها هدايت الله جي آهي هدايت ڪري ٿو ان سان جنهن کي گهري

عِبَادِهٖ ۭ وَلَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٨﴾

پنهنجن مان ۽ جيڪڏهن شرڪ ڪن ها ته البت ضايع ٿي وڃن ها انهن کان اهي (عمل) جو ڪيائون ٿي.

تفسير

هنن کان اول ذڪر ڪيل آيتن ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي اولاد مان ڪن نبين عليهم الصلواة والسلام جو نالي سان ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي سندس اولاد مان آيل نبين عليهم الصلواة والسلام جو نالي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ اجمالي ذڪر ڪيو ويو آهي. فرمان ايزدي آهي "وَمِنْ اٰبَآئِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَاِخْوَانِهِمْ" يعني اسان نبين عليهم الصلواة والسلام جي ابن ڏاڏن، ۽ سندن اولاد ۽ ڀائرن مان به ڪيترن کي نوازيو. **سوال**- هتي "من" تبعيض جي ڇو آندي وئي؟ **جواب**: اها تبعيض جي "من" ٻن وجهن جي ڪري آندي وئي ١- ته مٿي ذڪر ڪيل نبين عليهم الصلواة والسلام مان ڪنهن کي پيءُ نه هو. جيئن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام ته ڪن کي اولاد نه هيو، جيئن حضرت عيسىٰ ۽ حضرت يحيىٰ عليهما السلام جو نه انهن شاديون ڪيون نه ڪين اولاد ٿيو ٢- ته ڪي اهڙا نبي عليهم الصلواة والسلام هيا جن جا ابا ،ڏاڏا، ڀائر ۽ اولاد نبي نه هيا ڪن جي اولاد ته ايمان ئي نه آندو جيئن حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي پٽ نه مٿس ڪلمو پڙهيو ۽ نه مومن بڻيو.

"وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَهَدَيْنٰهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" ۽ اسان انهن کي برگزيدو بنايو ۽ سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪئي مقصد ته اسان انهن کي خالص پنهنجي عبادت ۽ پنهنجي دين جي خدمت جي حوالي ڪيو مٿن شيطان، نفس اماره ۽ دنيوي غفلتن جو ڪو به ۽ ڪنهن قسم جو به اثر هلي نه سگهيو" ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ" اها الله جي هدايت آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان سان هدايت ڪري ٿو. مطلب ته اها هدايت، نبوة ۽ سڀ نعمتون مٿي مالڪ جو فضل آهن جنهن تي

بہ سندس لطف ۽ ڪرم جي نگاهہ پئي ان ڪي حاصل ٿيون" وَلَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ " ۽ جيڪڏهن شرڪ ڪن ها تہ جيڪي عمل بہ ڪيائون ٿي اهي سڀ ڪري، ضايع ٿي وڃن ها. هن جملي ۾ مڪي پاڪ ۾ رهاڪو مشرڪن جي عقيدي جي ترديد ڪئي وئي آهي جيڪي چوندا هئا تہ حضرت ابراهيم ۽ سندس اولاد مان آيل نبي عليهم الصلواة والسلام بہ معاذالله ثم معاذالله مشرڪ هيا، الله جل جلاله فرمايو تہ: اي مشرڪو! جيڪڏهن اهي منهنجا برگزيدا ٻانها اوهان جي قول مطابق شرڪ ڪن ها تہ نبوت تہ وڏي شيءِ آهي پر انهن جا جيڪي بہ چڱا عمل هيا اهي برباد ۽ ضايع ٿي وڃن ها پر جڏهن تہ سيدنا ابراهيم ۽ اسماعيل عليهم السلام جا يادگار، ڪعبه شريف، زمزم، صفا، مروه، منىٰ وغيرها سڀ قائم آهن تہ ثابت ٿيو تہ نہ پاڻ مشرڪ هيا نہ سندن عمل ضايع ٿيا ۽ نہ سندن دعائون غير مقبول رهيون.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ۚ فَاِنْ يَّكْفُرْ

اهي اهي ئي آهن جو ڏنوسون انهن کي ڪتاب ۽ حڪم ۽ پيغمبري پوءِ جيڪڏهن ڪفر ڪندا

بِهَا هٰٓؤُلَآءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَّيْسُوْا بِهَا بِكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾

ان جو هي ماڻهو پوءِ تحقيق مقرر ڪئي سون ان جي لاءِ اهڙي قوم جو ناهن ان جو ڪفر ڪندڙ

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ ۗ قُلْ لَّآ اَسْئَلُكُمْ

اهي اهيئي آهن جو هدايت ڪئي (انهن کي) الله پوءِ انهن واريءَ هدايت تي هل فرماءِ تہ نہ ٿو گهران

عَلَيْهِ اَجْرًا ۗ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٠﴾ ع ٨/١٦

اوهان کان ان تي ڪو اجورو ناهي اهو مگر نصيحت جهانن جي لاءِ

تفسير

هنن ڪان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ذڪر ڪيلن ارڙهن (١٨) نبين عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ هدايت، فضيلت ۽ ان خصوصي عطاءِ جو ذڪر ٿيو

جنهن جو تعلق سندن مقدس ذات سان هو هتي انهن ئي پلارن کي آسماني ڪتابن ۽ حڪمت جي عطا ٿيڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. ۽ انهن آيتن ۾ سندن ڪمالات جو ذڪر ٿيو ته هنن آيتن ۾ انهيءَ ڪمالات جي منڪرن کي عتاب ڪيو ويو آهي ۽ انهن آيتن ۾ انهن ذڪر ڪيلن کي عطا ڪيل مقامات ۽ ڪمالات جو ذڪر ڪري هنن آيتن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي "فَبِهُدَاهُمُ اقْتَدِهْ" فرمائي انهن سڀني جي صفات جو جامع بيان ڪيو ويو آهي. ارشاد رباني آهي" أُولَٰئِكَ الَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ" يعني اهي اڳ ۾ ذڪر ڪيل نبي عليهم الصلواة والسلام اهي هيا جن کي اسان ڪتاب، حڪمت ۽ نبوت ڏني هئي. ڪتاب مان مراد آسماني ڪتاب آهن پوءِ صحيفي جي صورت ۾ هيا يا مڪمل ڪتاب ۽ اهي ڪنهن جي واسطي ڪان سواءِ ڪين مليا يا واسطي سان- ان جي لاءِ اهو ضروري ناهي ته هر ڪنهن نبي عليه الصلواة والسلام کي واسطي ڪان سواءِ ڪتاب ملي ها. اهو ضرور هو ته ڪو به نبي عليه الصلواة والسلام صحيفي ڪان يا ڪتاب ڪان خالي نه هيو. حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي صحيفا مليا ۽ ڪافي بعد ۾ اچڻ وارا انهن جا مبلغ رهيا. حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي توراة شريف مليو ۽ حضرت هٰرون پاڻ ۽ ان ڪان پوءِ ۽ حضرت داؤد عليه الصلواة والسلام ڪان اڳ ۾ اچڻ وارا نبي عليهم الصلواة والسلام ان جا مبلغ رهيا۔هن آيت مان اهو به ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ جو ڪو به نبي علم ۽ حڪمت ڪان خالي نه هو، ڇو ته هتي حڪم ۽ حڪمت مان مراد الله جل جلاله جي ڪتاب جي سمجهه ۽ ان جو خاص علم آهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته هر نبي اصل نبي آهي قادياني وانگر بروزي، ظلي، مراقي، مذاقي، پنگي، آفيمي، چرسيءَ جو نبي ٿيڻ محال ۽ ناممڪن آهي (١) فَإِنْ يَكْفُرْ بِهَا هَٰؤُلَاءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَيْسُوا بِهَا بِكَافِرِينَ" يعني جيڪڏهن هي (مڪي پاڪ وارا) ان جو انڪار ڪندا ته اسان ان هدايت کي قبول ڪرڻ جي لاءِ اهڙي قوم انصار ۽ مهاجر ۽ قيامت تائين اچڻ وارا مومن مقدر ۾ مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪي ان جو انڪار نه ڪندا. بلڪ قرآن پاڪ جي محڪم، متشابهه ۽ هر حڪم تي ايمان آڻيندا ان ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ دور ۾ موجود مهاجرن انصارن سان گڏ قيامت تائين اچڻ وارا مومن به شامل آهن ۽ هيءَ آيت انهن سڀني جي لاءِ قابل فخر ۽ مايهٔ ناز آهي (٢) ۽ علامه مظهري ابو رجاءِ

(١) نور العرفان ص٢١٩
(٢) روح المعاني ص٣٨٩ ج٣

عطارديءَ جو قول آندو آهي تہ هن مان مراد آهي تہ جيڪڏهن قرآن پاڪ جي آندل هدايت ۽ اسلام جو زمين وارا انڪار ڪندا تہ اسان ان کي مڃڻ جي لاءِ آسمان وارن ملائڪن کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي (١) "اُولٰٓئِکَ الَّذِیۡنَ ہَدَی اللّٰہُ" يعني اهي ذڪر ڪيل نبي عليهم الصلواة والسلام اهي آهن جن کي الله جل جلاله پنهنجي توحيد ۽ دين جي اصول ۽ پنهنجي امر ادا ڪرڻ ۽ نهي کان رڪجڻ جي هدايت ڪئي هئي. "فَبِہُدٰىہُمُ اقۡتَدِہۡ" تہ پوءِ انهن کي ڏسيل هدايت واري واٽ تي هل، هن جملي جو مطلب بيان ڪندي جزائري صاحب لکيو آهي تہ يامر رسوله صلى الله عليه وسلم ان يقتدي باولئک الانبياءِ والمرسلين في ڪمالاتهم ڪلها حتىٰ يجمع صلى الله عليه وسلم ڪل ڪمال فيهم فيصبح بذالک اکملهم على الاطلاق (٢) يعني الله جل جلاله هن جملي ۾ پنهنجي رسول عليه الصلواة والسلام کي امر ٿو ڪري تہ پاڻ انهن نبين ۽ مرسلن عليهم السلام کي مليلن سيني ڪمالن ۽ خوبين ۾ سندن رستي کي اختيار ڪن تہ جيڪي بہ انهن کي ڪمال مليا هئا پاڻ انهن ۾ بہ سيني کان وڌيڪ على الطلاق ڪمال جا صاحب بنجن، علامہ قطب رازي عليه الرحمهٓ تفسير ڪشاف جي حاشيه ۾ هن جملي جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: ان جو مطلب آهي تہ اوهان انهن نبين عليهم الصلواة والسلام جي پلن اخلاقن ۽ سهڻين صفتن ۾ اقتداءِ ۽ موافقت ڪيو تانت جيڪي ڳالهيون انهن ۾ جدا جدا آهن اهي سڀ اوهان جي هڪ ذات کان ظاهر ٿين ۽ اوهان انهن مان هڪ هڪ کان افضل ۽ اعلىٰ رهو (٣) علامه ثناءالله پاني پتي عليه الرحمهٓ لکيو آهي تہ: ان مان مراد انهن واري رستي تي هلڻ آهي انهن جو پوءِ لڳ ٿيڻ ناهي ڇو تہ سگهو ائين پوءِ لڳ ٿيڻ هڪ علم واري کي ئي مناسب ناهي تہ نبين عليهم السلام بلڪ انهن جي سردار حضور صلى الله عليه وسلم جن جي لاءِ ڪيئن مناسب رهندو (۴) مطلب اهو ٿيو تہ الله جل جلاله پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي فرمايو تہ جيڪي ڪمالات انهن سيني ظاهر ڪيا اوهان اڪيلائي اهي سڀ ظاهر ڪري ڏيکاريو تانت خبر پوي تہ اوهان سيني صفات حسنه جا جامع ۽ مظهر آهيو (۵)

"قُلۡ لَّاۤ اَسۡـَٔلُکُمۡ عَلَیۡہِ اَجۡرًا" يعني اي حبيب! عليک الصلواة والسلام اوهان انهن کي فرمايو تہ جيئن اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام پنهنجن امتين کان

(١) مظهري ص٢٩٧ جلد (٢) ايسر التفاسير ص٦٣١ ج١
(٣) روح المعاني ص٢١٧ ج٣ جزءِ٧ (۴) مظهري ص٢٩٨ ج٣
(۵) نور العرفان ص٢٢٠

دين جي دعوت ڏيڻ ۽ حق جي پيغام پهچائڻ تي ڪو اجورو نہ گهريو هو تيئن" مان بہ اوهان کان ڪو اجورو نہ ٿو گهران" حقيقت هيئن هئي. تہ ڪن ڪافرن سمجهيو هو تہ نبين عليهم الصلواة والسلام جي طرفان نبوت جي دعوىٰ صرف مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ جي لاءِ ڪئي وئي هئي الله جل جلالہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي پاڪ زبان مان ڪافرن جي ان سوچ کي غلط قرار ڏيندي فرمايو تہ ڪو بہ نبي ان غلط مقصد لاءِ دين جي دعوت نہ ڏيندو ۽ نہ مون اوهان کان ڪجهہ مال، ملڪيت گهرڻ لاءِ اهو طريقو ناهيو آهي "اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٰى لِلۡعٰلَمِيۡنَ" يعني اهو قرآن ڪريم تہ صرف جهانن جي لاءِ نصيحت آهي ان ۾ منهنجو ٻيو ڪو بہ ذاتي غرض يا مقصد ناهي هيءُ هڪ آفاقي رشد ۽ عالمي هدايت جو پيغام آهي جيڪو سيني کي هڪ صف ۾ بيهاري امن ۽ سلامتيءَ جي رستي تي هلائڻ آيو آهي. **فائدو** "ذِكۡرٰى لِلۡعٰلَمِيۡنَ" مان ثابت ٿيو تہ قرآن ڪريم سيني جهانن جي لاءِ نصيحت آهي ۽ جڏهن تہ ان جي پهچائڻ وارو نبي حضور عليہ الصلواة والسلام آهي ان جي ڪري پاڻ بہ سيني جهانن جو نبي آهي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ نہ قرآن ڪريم ڪانپوءِ ڪنهن قسم جو ڪتاب نازل ٿيندو ڇو تہ اهو سيني جهانن جي لاءِ ڪافي آهي ۽ نہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان پوءِ ڪنهن بہ قسم جو نبي ايندو، ڇو تہ پاڻ ئي قرآن پاڪ سمجهائڻ وارو آهي. **فائدو- مٿي ذڪر ڪيل جملہ "اَقۡتَدِهۡ" ۾ هہ سڪتہ جي آهي جيڪا صرف لکڻ ۾ ايندي آهي ان جي ڪا معنىٰ ناهي** (١) ۽ علامہ رازي لکيو آهي تہ اها سڪتہ جي هہ لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ائين ايندي آهي جيئن وصل جو همزه لفظن جي اڳ ۾ ايندو آهي (٢)

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدۡرِهٖۤ اِذۡ قَالُوۡا مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنۡ

۽ نہ قدر ڪيائون الله جو (جيئن) قدر ڪرڻ جو حق آهي، جڏهن چيائون تہ نہ نازل ڪئي الله ڪنهن بشر تي ڪا

شَيۡءٍ ؕ قُلۡ مَنۡ اَنۡزَلَ الۡكِتٰبَ الَّذِيۡ جَآءَ بِهٖ مُوۡسٰى نُوۡرًا

شيءِ فرماءِ تہ ڪنهن نازل ڪيو ڪتاب جو آندو ان کي موسىٰ نور

وَّهُدًى لِّلنَّاسِ تَجۡعَلُوۡنَهٗ قَرَاطِيۡسَ تُبۡدُوۡنَهَا وَتُخۡفُوۡنَ كَثِيۡرًا ۚ

۽ هدايت ٿي ماڻهن جي لاءِ ڪيو ٿا ان کي ڪاغذ جا ٽڪرا ظاهر ڪيو ٿا انهن کي ۽ لڪايو ٿا گهڻن کي

(١) مظهري ص٢٩٨ جلد٣ (٢) التفسيرالڪبير ص٧١ جُزءِ ١٣

وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنْتُمْ وَلَآ اٰبَآؤُكُمْ ۭ قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ

۽ سيکاريا ويئو اهو جو نہ ڄاڻو اوهان ۽ نہ پيئرن اوهان جي- فرماءِ تہ الله ان کان پوءِ ڇڏ انهن کي

فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩١﴾

اجائي بحث پنهنجي ۾ پيا کيڏن

تفسير

شان نزول: هجرت کان پهريان مکي پاڪ جي رهاڪو قريشي ڪافرن يهودي عربن جي جماعت کي جن ۾ مالڪ بن صيف نالي انهن جو وڏو پادري بہ شامل هو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان مناظره ڪرڻ جي لاءِ گهرايو جنهن مان سندن مقصد هو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن جي پادريءَ جي اڳيان بي بس ٿي ويندا ،ماڻهو ڏسي کلندا ۽ مٿن ايمان نہ آڻيندا ، پوءِ جڏهن ان وڏي پادريءَ مالڪ بن صيف کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اڳيان آندائون تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪائنس پڇيو "ڇا تون توراة جو ڄاڻو آهين؟" ان چيو تہ هن وقت عرب ۾ توراة جو مون کان ڏيڪ ڪو بہ ڄاڻو ناهي، حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو تہ" توکي ان رب جو قسم آهي جنهن (حضرت) موسىٰ عليه الصلواة والسلام) تي توراة لاٿو هو ڇا توراة ۾ هيءُ آيت آهي"اِنَّ اللّٰهَ يُبْغِضُ الْحِبْرَ السَّمِيْنَ" بيشڪ ٿلهو پادري الله تعالىٰ کي پسند ناهي" ان عرض ڪيو تہ ها- بلڪل آهي، حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايس تہ" تون (يهودين جو) پاليل ٿلهو پادري آهين توراة جي حڪم مطابق- تون الله جي بارگاهہ جو مردود آهين پنهنجيءَ قوم کان رشوت وٺي، حرام کائي ٿلهو ٿيو آهين(اهو يهودي پادري گهڻوٿلهو هو) مون سان مناظره پوءِ ڪجان اول تہ توراة جي حڪم موجب پنهنجو ايمان ثابت ڪر"حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ان گفتگو کي ٻڌي اهو پادري گهبرائجي ويو ۽ حضرت عمر رضي الله عنه ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو تہ الله تعالىٰ بشر تي ڪا بہ شيءِ نہ لاٿي آهي، ان جي ان بڪواس تي خود سندس يهودين ان کي ملامت ڪري چيو تہ "تو تہ توراة جي نزول جو بہ انڪار ڪري ڇڏيو" ان چيو تہ (حضرت) محمد (صلى الله عليه

وسلم) مون کي اهڙي کاوڙ ڏياري ڇڏي جنهن کان بي وس بنجي ائين چئي ويٺس، يهودين چيس تہ هاڻي تون اسان جي اڳواڻيءَ جو لائق ئي ناهين جو کاوڙ ۾ اچي اسان جي مذهب جو خاتمو پيو ڪرين ۽ پوءِ انهن مالڪ بن صيف کي ان اڳواڻيءَ تان معزول ڪري ڪعب بن اشرف نالي پادريءَ کي ان جي جاءِ تي آندو. ان موقعي جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ مالڪ بن صيف جي ان قول جي سخت ترديد ڪئي وئي(١)

سوال- سورة الانعام مکيه آهي ۽ يهودي مديني ۾ رهندا هئا، حضور عليه الصلواة والسلام جن سان سوال- جواب بہ اتي ئي ڪندا هئا، مڪي ۾ سوال جواب ڪيئن ٿيو؟ **جواب**- ائين ناهي جيئن ڪن عالمن لکيو آهي تہ مڪي سورتن ۾ اهل ڪتاب سان خطاب ناهي،سورة بني اسرائيل مکيه آهي ان ۾ اهل ڪتاب سان خطاب آهي سورة مريم مکيه آهي ان ۾ بہ اهل ڪتاب سان خطاب آهي-ڪيترا ڀيرا مڪي جي مشرڪن حضور عليه الصلواة والسلام جن سان بحث ڪرڻ جي لاءِ مدينه منوره جي يهودين ڏانهن رجوع ڪيو هو، ان ۾ ڪا بہ مشڪل ڳالهہ ناهي (٢)

هن کان اول آيتن ۾ الله تعالیٰ جي وحدانيت تي دلائل قائم ڪيا ويا هئاءِ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نبوت تي دلائل قائم ڪيا ويا آهن. گويا ايمان جي ٻن رڪنن توحيد ۽ رسالت مان هڪ جو ذڪر اڳين آيتن ۾ ٿيو ۽ ٻئي جو ذڪر هتي ٿي رهيوآهي فرمان اقدس آهي"وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ" ۽ الله جي قدر ڪرڻ جو جيئن حق آهي تيئن قدر نہ ڪيائون.

قدر جي معنیٰ ڇا آهي؟

علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: قدر جي اصل معنیٰ آهي ڪنهن شيءِ جي مقدار کي ڄاڻڻ پر هاڻي ڪنهن شيءِ جي سڃاڻڻ جي ڄاڻڻ کي قدر سڏيو ويندو آهي ۽ گهڻي استعمال ڪرڻ جي ڪري اها ان جي حقيقي معنیٰ قرار ڏني وئي آهي (٣) مقصد تہ جن ماڻهن جي زبان مان مٿيون جملو (الله تعالیٰ بشر تي ڪا شيءِ نازل نہ ڪئي آهي) نڪتو - انهن الله تعالیٰ کي نہ صحيح طور تي سڃاتو آهي ۽ نہ ان جي حڪمت ۽ رحمت جو صحيح اندازو لڳايو آهي"اِذْ قَالُوْا مَا اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنْ شَيْءٍ" جڏهن چيائون تہ الله تعالیٰ بشر تي ڪا بہ شيءِ نازل نہ ڪئي آهي. اهو سندن قول نبي ۽ وحي جي انڪار سان گڏ الله جل جلاله جي شان ۽ قدرت جو انڪار

(١) مدارڪ ص٢٢ جلد١ جزءُ ٢ نعيمي ص٦٨٤ جلد٧

(٢) تفسير نعيمي ص٦٨٤ جلد٧ (٣) روح المعاني ص٢١٨ جلد٣

آهي. "قُلْ مَنْ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِيْ جَاۤءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّهُدًى لِّلنَّاسِ" يعني اوهان انهن کي فرمايو ۽ انهن کان پڇوتہ جيڪو ڪتاب ماڻهن جي لاءِ نور ۽ هدايت هو، حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام آندو هو اهو ڪنهن نازل ڪيو هو؟ امام رازي لکيو آهي تہ هن آيت ۾ حضرت موسیٰ عليه الصلواة السلام جن جي آندل ڪتاب جون هي صفتون بيان ڪيون ويون آهن تہ اهو نور ۽ هدايت آهي. ۽ ان کي نور ان نور سان تشبيهہ ڏيڻ جي ڪري سڏيو ويو آهي جنهن سان رستا روشن ٿيندا آهن. **سوال**- "نُوْرًا" معطوف عليه "هُدًى" ان تي عطف آهي ۽ معطوف عليه ۽ معطوف ۾ مغايرت هوندي آهي هتي نور ۽ هدايت ساڳي معنيٰ ۾ آهن تڏهن مغايرت نہ رهي ۽ جڏهن مغايرت نہ رهي تہ عطف ڇو ڪيو ويو آهي؟ **جواب**- نور جون بہ صفتون آهن ١- بذات خود روشڻ هجڻ ٢- ٻئي جي ظهور ۽روشن هجڻ جو سبب بنجڻ- هتي اهي بہ امر مراد ۾ رکي هڪ ٻئي تي عطف ڪيا ويا آهن. تَجْعَلُوْنَهٗ قَرَاطِيْسَ تُبْدُوْنَهَا وَتُخْفُوْنَ كَثِيْرًا " ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ٿا ڪن کي ظاهر ڪيو ٿا ۽ گهڻن کي لڪايو ٿا. مقصد تہ جيڪو حصو پنهنجي خواهشات ۽ غرضن جي مطابق ڏسو ٿا ان کي پنهنجو بنايو ٿا ۽ جيڪو پنهنجي دنيوي مفادن جي خلاف سمجهو ٿا ان کي لڪايو ٿا. هيءَ ان ڪتاب جي ٻي صفت آهي جيڪا انهن اهل ڪتاب جي هٿان ادا ٿي هئي امام رازي لکيو آهي تہ وهو الذي فيه صفه محمد عليه الصلواة والسلام (١) يعني حصو اهو ٿي لڪايائون جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي تعريف ۽ شان هو.

"وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْا اَنْتُمْ وَلَاۤ اٰبَاۤؤُكُمْ" ۽ جيڪو اوهان ۽ اوهان جي ابن، ڏاڏن بہ ڪو نہ ٿي ڄاتو اهو اوهان کي ڄاڻايو ويو آهي. مطلب تہ توراة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ جي بشارت ڏنل هئي ۽ يهودي توراة جون اهي آيتون حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ کان اڳ ۾ پڙهندا هئا پر ڪين انهن جي اها صحيح معنيٰ ۽ مفهوم جيڪا سندن ابن ڏاڏن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آئي هئي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ سان سمجهہ ۾ آئي هئي ان ڪتاب جي ٽين صفت آهي "قُلِ اللّٰهُ" فرماءِ: الله يعني سلامتيءَ وارو عقل ۽ مستقيم طبع شاهدي ڏين ٿا تہ مٿين صفتن سان موصوف ڪتاب جنهن کي آڻڻ وارو حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام وانگر بلڪ ان کان بہ وڌيڪ قوي، مشهور ۽روشن معجزن سان تائيد ڪيل آهي صرف الله تعالیٰ جو ئي ڪتاب آهي(٢) ان جي لاءِ حڪم ٿيو تہ فرماءِ: اللّٰهُ

(١) تفسير ڪبير ص٧٨ جزء ١٣ (٢) التفسير الڪبير ص٧٩ جزء ١٣

" ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ " ان کان پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي تہ پنهنجين اجاين ڳالهين ۾ کيڏندا رهن. مقصد تہ قرآن پاڪ جهڙي نور، رشد ۽ هدايت واري ڪتاب جنهن جو حق هجڻ ۽ الله تعالیٰ جي طرفان نازل ٿيڻ صاف ۽ بديهي امر آهي جي ملڻ جي باوجود بہ جيڪڏهن اهي نہ ٿا مڃين تہ اوهان انهن کي تبليغ ۽ تنبيه ڪري ڇڏي ڏيو پلي پنهنجي خرافات، لغو،لهو ۽ اجاين ڳالهين ۾ مصروف رهن جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ پاڻهي افسوس جا هٿ هڻندا-

فائدو

مٿين آيتن مان ثابت ٿيو تہ نبي سڳوري ۽ ان جي ڪمالات جو انڪار حقيقت ۾ الله جل جلاله جي صفات بلڪ ان جي ذات جو انڪار آهي،ڇو تہ الله جل شانہ جي ربوبيت، الوهيت ۽ قدرت جي ڪمال جو ظهور نبي جي ذريعي ٿيندو آهي مٿي ذڪر ڪيل شان نزول ڪي ڏسو تہ مالڪ بن صيف يهودي نبي ۽ ڪتاب جو انڪار ڪيو تہ الله جل جلالہ ان جي باري ۾ فرمايو تہ: انهن الله جو جيئن قدر ڪرڻ جو حق آهي تيئن قدر نہ ڪيو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي لدني علم تمام گهڻو مليل هو جو ان يهوديءَ کي مناظري ۾ شڪست ڏنائون.

وَهٰذَا كِتَابٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبَارَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَلِتُنْذِرَ

۽ هي ڪتاب آهي جو نازل ڪيوسون ان کي، برڪت وارو، تصديق ڪندڙ آهي ان جي جيڪو ان کان اڳ ۾ هو ۽ تانت ڊيڄارين

اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ

تون مڪي (وارن کي) ۽ انهن کي جو چوڌاري ان جي آهن ۽ اهي شخص جو ايمان آڻين ٿا آخرت تي ايمان آڻين ٿا ان تي

وَهُمْ عَلٰى صَلٰوتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿۹۲﴾

۽ اهي نماز پنهنجيءَ جي حفاظت ڪن ٿا

تفسير

هن کان پهرين آيت ۾ انهن يهودين جي ترديد ڪئي وئي هئي جن چيو هو تہ الله تعالیٰ بشر تي ڪا بہ شيءِ نازل نہ ڪئي آهي. انهن کان سوال ڪيو ويو هو تہ

پلا ٻڌايو تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ڪتاب توراة ڪنهن لاٿو هو؟ جڏهن لاجواب ٿي ويا تڏهن هتي ان ڪتاب جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جيڪو الله تعالىٰ حضور پر نورعليه الصلواة والسلام جن تي نازل ڪيو آهي فرمان اقدس آهي "وَهٰذَا كِتَابٌ أَنْزَلْنَاهُ مُبَارَكٌ مُصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ" ۽ هي ڪتاب (بہ توراة وانگر، اسان لاٿو آهي، برڪت وارو آهي. جنهن ۾ دين ۽ دنيا جون ڀلايون نہ صرف بيان ٿيل آهن پر ان سان ئي وابسته آهن تجربو شاهد آهي تہ قرآن ڪريم جي خدمت ڪندڙ دنيا ۾ عزت، وقار ۽ آبرو سان گڏ وقت سٺو گذاري ٿو۽ آخرت جي سعادت بہ ان جي ساٿ ۾ آهي. علامہ رازي لکيو آهي تہ"علوم ٻہ قسم آهن ١- علوم نظرياتي- انهن ۾ وڏيڪ شرف ۽ ڪمال وارو علم الله تعالىٰ جي ذات ، صفات، افعال، احڪام ۽ اسماء جي معرفت آهي ۽ اهو علم قرآن پاڪ کان وڌيڪ ڪنهن بہ ٻئي ڪتاب ۾ نہ ملندو ٢- علوم عمليہ- اهي وري ٻہ قسم آهن هڪڙا عضون سان ڪياويندا آهن . ٻيا دل سان- جيئن اخلاق جي پاڪيزگي ۽ نفس جو تزڪيو۽ صفائي وغيره ۽ اهي ٻئي علم جيئن قرآن پاڪ ۾ آيل آهن تيئن ڪنهن بہ ٻئي ڪتاب ۾ آيل ناهن. ۽ الله جل جلالہ جو اهو طريقو ۽ سنہ جاري آهي تہ قرآن پاڪ جي خدمت ڪندڙ ۽ ان کي مضبوطيء سان وٺندڙ دارين جي عزت ۽ سعادت ماڻي ٿو. ان کان پوء مفسر موصوف لکيو آهي تہ مون اڳ ۾ ڪيترا عقليہ ۽ نقليہ علوم لکيا پڙهيا پر جيڪي سعادتون قرآن ڪريم جي خدمت سان مليون آهن اهي ٻئي ڪنهن سان بہ نہ مليون (١) "مُصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ" ان کان اڳ ۾ هوندڙ جي تصديق ڪندڙ آهي. ان مان مراد يا اهي ڪتاب آهن جيڪي قرآن ڪريم کان اڳ ۾ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام تي نازل ڪيا ويا هئا جيئن توراة ۽ انجيل وغيره جو قرآن پاڪ ڪن فروعي مسئلن ۾ انهن سان اختلاف رکي ٿو پر الله جل جلالہ ڏانهن سڏڻ ۽ ان جي توحيد بيان ڪرڻ ۾ انهن سان موافق ۽ انهن جي گهٽي تصديق ڪندڙ آهي(٢) يا ان "الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ" مان مراد سيئي آسماني ڪتاب،سيئي انبياء عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن سيني جا معجزا ۽ تعليمات آهن بلڪ اڳين وقتن جي ولين سڳورن جي ڪرامات ۽ڪمالات جي تصديق بہ قرآن ڪريم ڪئي آهي.

ختم نبوة جو دليل

هتي قرآن پاڪ جي"مُصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ" صفت مان ثابت ٿيو تہ قرآن پاڪ کان پوء نہ ڪو ڪتاب اچڻ وارو آهي نہ ڪو نبي، ڇو تہ "مُصَدِّقٌ" تصديق ڪندڙ

(١) التفسير الكبير ص٨٠ جزء١٣ (٢) فتح القدير ص١٣٩ ج٢

صرف اڳين جو آهي. جيڪڏهن پوءِ ڪو نبي يا ڪتاب اچڻو يا نازل ٿيڻو هجي ها تہ قرآن پاڪ ان جو بہ مبشر (بشارت ڏيندڙ) هجي ها "وَلِتُنْذِرَ أُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا" هي ان معنىٰ تي عطف آهي جنهن تي ڪتاب جي صفت دلالت ڪري رهي آهي. جڻ ائين چيو ويو تہ اسان ڪتاب برڪتن وارو، ۽ اڳين جي تصديق ڪندڙ نازل ڪيو آهي ۽ ان جي نزول جو هيءُ بہ مقصد آهي تہ: اوهان ام القرىٰ (مڪي وارن) ۽ ان جي چوڌطرف رهندڙن کي ڊيڄاريو (١) ام القرىٰ مان مراد ڇا آهي؟ ابن مردويه حضرت بريدة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "ام القري مڪه (پاڪ) آهي" (٢) ۽ مڪي پاڪ کي ام القرىٰ ٽن وجهن جي ڪري سڏيو ويو عـ١ تہ اهو سيني (شهرن ۽) ڳوٺن ۾ رهندڙن جو قبلو آهي عـ٢ تہ اهي سيئي ان جي ائين تعظيم ڪن ٿا جيئن ماءُ جي ڪبي آهي عـ٣ تہ ان سان ئي دنيا تي تعمير جي شروعات ٿي آهي. فرمان ايزدي اهي "إِنَّ أَوَّلَ بَيْتٍ وُضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِيْ بِبَكَّةَ مُبَارَكًا" يقينًا پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي لاءِ دنيا تي رکيو ويو اهو آهي جيڪو مڪي پاڪ ۾ آهي نهايت برڪت وارو آهي (٣) ۽ "مَنْ حَوْلَهَا" ام القرىٰ تي عطف ڪيل آهي (۴) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آهي تہ "وَمَنْ حَوْلَهَا" مان مراد ساري روءِ زمين جا رهاڪو آهن. ۽ "لِتُنْذِرَ" ۾ خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي (٥) "وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ" يعني جيڪي آخرت تي ايمان رکن ٿا اهي قرآن پاڪ تي بہ ايمان آڻين ٿا.

جيڪي قرآن جا منڪر ٿيندا اهي حقيقت ۾ آخرت جا بہ منڪر آهن ڀلي ڪيتري بہ آخرت جي مڃڻ جي دعوىٰ ڪن. "وَهُمْ عَلٰى صَلٰوتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ" ۽ اهي پنهنجي نماز جي بہ حفاظت ڪن ٿا.

سوال

هتي نماز کي خاص طور ڇو ذڪر ڪيو ويو؟ حالانڪ ايمان آڻڻ جي تقاضا تہ اها آهي تہ مومن الله جل جلاله جي سيني عبادتن جي حفاظت ڪري.

جواب

نماز کي خاص طور ان جي لاءِ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ان جو وڏيڪ شان

(١) روح المعاني ص٢٢١ جلد٣ جزءُ ٧ (٢) الدر المنثور ص٣١٦ جلد٣
(٣) تفسير المراغي ص١٨٧ ج٢ (۴) الدر اللقيط ص١٧٩ جلد۴
(٥) البحر المحيط ص١٧٩ جلد۴

۽ شرف ظاهر ٿئي (١) ۽ ان جي لاءِ به ته خبر پوي ته مومنن مان مراد به نمازي ٿا آهن جيڪي نماز کي وڏي اهميت ڏئي ان جي هر نموني حفاظت ڪن ٿا (٢) امام المفسرين علامه رازي فرمايو آهي ته قرآن ڪريم ۾ ظاهري عبادتن مان نماز کان سواءِ ڪنهن تي به ايمان جو لفظ نه ڳالهايو ويو آهي. رب العزة جل شانه جو فرمان آهي " وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيعَ اِيْمَانَكُمْ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَؤُفٌ رَّحِيْمٌ (٣) ۽ الله تعالىٰ اوهان جي ايمان (نماز) کي ضايع نه ڪندو بيشڪ الله ماڻهن سان ٻاجهارو، مهربان آهي ۽ اهڙي طرح ڪنهن به عبادت جي ڇڏڻ کي نماز ڇڏڻ کان سواءِ ڪفر نه سڏيو ويو آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن جو فرمان آهي "مَنْ تَرَكَ الصَّلٰوةَ مُتَعَمِّدًا فَقَدْ كَفَرَ" علامه جمال الدين القاسمي حديث پاڪ جا مٿيان الفاظ آڻي لکيو آهي ته: اها حديث محدث طبراني معجم اوسط ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان آندي آهي ۽ ان کي صحيح چيو اٿس. حديث جي پڇاڙيءَ ۾ آهي " جِهَارًا " نماز ڇڏيندڙ کليل ڪفر ڪري ٿو (٤) فائدو- قرآن برڪت وارو آهي، جنهن رات ۾ مهيني ۾ لٿو اهي به برڪت وارا پر جنهن شيءِ تي پڙهيو وڃي اها به برڪت واري آهي، ڇو ته الله جل جلاله جو ڪلام آهي (٥)

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ

۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان جو ٺاهي ٺهيائين الله تي ڪوڙ يا چيائين ته وحي موڪليو ويو مون ڏانهن حالانڪ نه

يُوْحَ اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ

وحي موڪليو ويو ان ڏانهن ڪجهه به ۽ ان کان (وڌيڪ ڪير ظالم آهي) جو چيائين ته جلد نازل ڪندس مان مثال ان جو جو نازل ڪيو الله

وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرَاتِ الْمَوْتِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا

۽ جيڪڏهن ڏسين تون جنهن وقت ظالم سڪراتن موت جي ۾ (هوندا آهن) ۽ ملائڪ ڊگهو ڪندڙ (هوندا آهن)

اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۚ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا

هٿن پنهنجن کي ته ڪڍو ساهه پنهنجا اڄ سزا ڏنا ويندؤ عذاب خواري (واري) جي

(١) تفسير جمل ص٦٢ جلد٢ (٢) زاد المسير ص٨٥ جلد٣
(٣) سورة البقره آيت ١٤٣ (٤) تفسير القاسمي ص٦٢٠ جلد٤
(٥) نعيمي ص٧٠٢ جلد٧

كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ

ان سببان جو چوندا هيئو الله تي ناحق ۽ آيتن ان جي کان

تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٩٣﴾

تکبر کيو ٿي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ الله جل جلاله جي سچن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن تي نازل کيلن کتابن ۽سندن معجزن ۽ کمال جو ذکر هو ۽ هتي نبوت جي کوڙي دعوىٰ کندڙن جي کوڙ ۽ ان تي کين ملڻ وارين سزائن جو بيان کندي ارشاد ٿي رهيو آهي وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا " ۽ ان کان وڌيک ظالم کير آهي جنهن الله تعالىٰ، تي ناهي ٺوکي کوڙ هنيو. ذهن نشين کرڻ گهرجي تہ هن کان اڳ ۾ کجهہ آيتون يهودين جي ان قول تہ" الله بشر تي کا بہ شيءِ نازل نہ کئي آهي" جي رد ۾ لٿيون هيون ۽ هتي ان ئي رد واري مضمون کي ثابت کندي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي سندن قول الله جل جلالہ جي باري ۾ کوڙا آهن ۽ ان کان وڌيک ظالم کير آهي جيکو الله تي ناهي ٺوکي کوڙ هڻي (١) "اَوْ قَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ اِلَيْهِ شَيْءٌ" يا چيائين تہ مون ڏانهن بہ (ائين) وحي موکليو ويو آهي (جيئن حضور عليه الصلواة والسلا جن ڏانهن) حالانک ان ڏانهن کا بہ شيءِ وحي نہ کئي وئي آهي ان کان وڌيک بہ ظالم کير ناهي ڄاڻڻ گهرجي تہ "او" عطف جو حرف آهي جنهن سان "قال" کي "افترى" تي عطف کيو ويو آهي ۽ "وَلَمْ يُوْحَ" وارو جملو حال جي جاءِ ۾ آهي (٢) "وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ" ۽ جنهن چيو تہ مان بہ اهڙو (کلام) نازل کندس جهڙو الله نازل کيو آهي ان چوڻ واري کان بہ وڌيک کير ظالم ناهي اهو عبدالله بن سعد بن ابي سرح چيو هو (٣) علامہ رازي عليه الرحمہ لکيو آهي تہ يمامہ جي رهاکو مسيلمہ کذاب

(١) فتح القدير ص١٣٨ ج٢ (٢) تفسير حقاني ص٩٣ جلد۴
(٣) تفسير بيضاوي کامل ص١٨۴

صنعا جي رهاڪوءَ اسود عنسيءَ چيو هو تہ اسان ڏانهن بہ (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) جن وانگر وحي ڪيو ويو آهي ۽ اها انهن ٻنهي جي نبوت ۽ رسالت جي دعوىٰ الله جل جلالہ تي ڪوڙ ۽ افتراءُ هو. انهن جي رد ۾ ۽ ڪين آخرت جو وعيد ياد ڏيارڻ لاءِ اهي جملا نازل ٿيا آهن ۽ صرف اهي ان عذاب جي وعيد ۾ داخل ناهن پر جيڪو بہ الله تعالىٰ ڏانهن سندس ذات، صفات ۽ افعال ۾ اهڙي شيءِ جي نسبت ڪندو جيڪا سندن شان جي لاءِ نامناسب آهي تہ اهو ان ۾ داخل آهي (١)

الله تعالىٰ ڏانهن ڪوڙ جي نسبت ڪرڻ

راقم الحروف هن تفسير جي پڙهندڙن مسلمانن پائرن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي تہ مٿئين ظلم ۾ اهي بہ شامل آهن جن لکيو آهي تہ: الله ڪوڙ هٽي سگهي ٿو (٢)

مسيلمہ ڪذاب ۽ اسود عنسيءَ جي حالت

علامہ زمخشري نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي اهي پاڻ فرمايائون تہ: مون خواب۾ ڏٺو ڇڻ تہ منهنجي هٿن (مبارڪن) ۾ سون جا بہ ڪنگڻ پيل آهن پوءِ اهي ٻئي مون تي ڳرا گذريا ۽مون کي غم ۾ وڌائون، پوءِ الله تعالى مون ڏي وحي موڪليو تہ انهن کي ڦوڪ ڏي مون ڦوڪ ڏني تہ اهي ٻئي اڏامي ويا مون انهن جو تاويل ڪيو تہ اهي ٻئي ڪوڙا، نبوة جا مدعي هيا جيڪي منهنجي دور ۾ ڪوڙي دعوىٰ ڪري رهيا آهن هڪ يمامہ جو ڪذاب مسيلمہ ٻيو صنعاءُ جو ڪذاب اسود عنسي (٣)

مسيلمہ ۽ اسود عنسيءَ جو مختصر ذڪر

مسيلمہ ڪذاب يمن جي پاسي مشهور ۽ معروف قبيلي بني حنيفہ جو هڪ امير انسان هو، جيڪو چوندو هو تہ (حضرت) محمد (صلى الله عليہ وسلم) قريشن جو نبي آهي ۽مان بني حنيفہ جو نبي آهيان ڪوڙ هٽي هٿ جا جملا ناهي ماڻهن کي ٻڌائيندو هو تہ اهو رب جي طرفان لاٿل ڪلام آهي نيٺ سيدنا صديق اڪبر رضي اللہعنہ جي خلافت جي دوران غزوه يمامہ ۾ وحشيءَ جي هٿان قتل ڪيو ويو، صديقي خلافت ۾ ٿيل ان جنگ جو ذڪر اڳ ۾ ئي قرآن پاڪ جي هنن لفظن" سَتُدْعَوْنَ

(١) التفسير الڪبير ص٨٣ جزءُ ١٣ (٢) فتاوىٰ رشيديہ ص٩٣
(٣) تفسير ڪشاف ص٣٥ ج٢

اِلٰي قَوۡمٍ اُولِيۡ بَاۡسٍ شَدِيۡدٍ " (٢) جلدي اوهان وڏي طاقت واري قوم سان جنگ لاءِ سڏيا ويندؤ) ۾ ڪيل آهي ان يمامه جي جنگ ۾بني حنيفه قبيلي جي خوله بنت جعفر حنفيه نالي هڪ عورت گرفتار ۽ قيد ٿي آئي هئي جنهن سان حضرت علي رضي الله عنه نڪاح ڪيو ۽ ان مان ئي ڪيس محمد نالي پٽ ڄائو هو جيڪو محمد بن حنفيه جي نالي سان مشهور آهي ۽ سندس اولاد علوي سڏيو ويندو آهي. يمامه جي جنگ صديقي خلافت جو عظيم ڪارنامو آهي. اسود عنسيءَ جو نالو عبهلة بن ڪعب هو. ذوالحمار لقب هيس يمن جي ملڪ ۾ صنعاءَ جي علائقي ۾ رهندو هو، ان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ظاهري زندگي مبارڪ جي آخري حصي ۾ نبوت جي دعوىٰ ڪئي هئي، حضور عليه الصلواة والسلام جن دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ کان ٻه ڏينهن اڳ ۾ ٻڌايو هو ته فيروز ديلمي اسود عنسيءَ کي قتل ڪري ڪامياب ٿيو (١) "وَلَوۡ تَرٰۤى اِذِ الظّٰلِمُوۡنَ فِيۡ غَمَرٰتِ الۡمَوۡتِ" يعني اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام! جيڪڏهن ڪافرن جي سڪرات واري حالت ڏسو جو موت جي غوطن ۾ هوندا، جسم جي رڳ رڳ ۽ سنڌ سنڌ ۾ درد ڏکندن ۽ ساه گهٽجڻ لڳندن ته عجب ۾ پئجي وڃو (٢) "وَالۡمَلٰۤئِكَةُ بَاسِطُوۡۤا اَيۡدِيۡهِمۡ اَخۡرِجُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ" ۽ ملائڪ پنهنجا هٿ ڪشادا ڪري چوندن ته پاڻهي پنهنجا ساه ڪڍو. اهو ملڪ الموت ۽ ان جا ساٿي انهن کي عذاب ڪرڻ ۽ سندن عاجزي ثابت ڪرڻ لاءِ چوندا، ڇو ته ڏرتيءَ تي هرو ڀرو هٺ ۽ تڪبر ڪندا هئا (٣)

"اَلۡيَوۡمَ تُجۡزَوۡنَ عَذَابَ الۡهُوۡنِ بِمَا كُنۡتُمۡ تَقُوۡلُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ غَيۡرَ الۡحَقِّ" اڄ اوهان خواريءَ واري عذاب سان سزا ڏنا ويندؤ. جنهن جو سبب اهو آهي ته اوهان الله تي ناحق ڳالهيون چوندا هيئو "وَكُنۡتُمۡ عَنۡ اٰيٰتِهٖ تَسۡتَكۡبِرُوۡنَ" ۽ ان جي آيتن کان منهن موڙي تڪبر ڪندا هيئو. مطلب ته اوهان الله جي قانون جي مقابلي ۾ پنهنجي راءِ کي مٿي رکندا هيئو ان جي ڪري اوهان کي جيڪو عذاب ڏنو ويندو ان ۾ جسماني ايذاءُ سان گڏ اوهان جي توهين ۽ خواريءَ جو حصو به پوري طرح شامل هوندو (٤)

فائدو: هن آيت جي مطالعي ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ انسان کي ٻه قوتون ڏنيون آهن ١- زور ٢- زاري- جيڪڏهن ٻنهي کي صحيح استعمال ڪري ته ڪم جون شيون آهن. ڪافرن جي مقابلي ۾ زور ڏيکاري انهن کي شڪست ڏي ته مجاهد ۽غازي

(١) نعيمي ص٧٠٧ ج٧ (٢) تنوير الايمان ص٧٦ پ٧
(٣) ايسر التفاسير ص٦٣٤ جلد١ (٤) حاشيه عبدالماجد دريا بادي ص٣٠٢

ليکيو ويندو ۽ الله تعالىٰ جي نبي عليه الصلواة والسلام ۽ ولين، استادن، والدين جي اڳيان عجز نياز، نوڙت ۽ زاري ڏيکاري ته انهن جي نگاهن ۽ دعائن سان ڪامياب رهندو (١) ڪافر نبي پاڪ عليه السلام سان تکبر ۽ زور ڏيکارڻ جي ڪري تباهه ٿي ويا.

وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ مَّا

۽ يقينًا اسان وٽ هڪ هڪ ٿي آيئو جيئن پيدا ڪيوسون اوهان کي پهرئين پيري ۽ ڇڏيو اوهان جيڪو

خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ وَمَا نَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ

ڏنوسون اوهان کي پويان پٺين. پنهنجي ۽ نه ٿا ڏسون گڏ اوهان سان سفارشي اوهان جا جن کي

زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ فِيْكُمْ شُرَكٰٓؤُا ۭ لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ

گمان ڪيو هيو ته پڪ اهي اوهان (جي گمان) ۾ شريڪ آهن البت تحقيق ڇنو (ڳانڍاپو) اوهان ۾ ۽ گم ٿيا اوهان کان

مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٩٤﴾

اهي جن جو گمان ٿي ڪيو.

تفسير

شان نزول- ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ ابن الشيخ حضرت عڪرمة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته نضر بن حارث ڪافر چيو هو ته مون لاءِ لات ۽ عزىٰ سفارش ڪندا. ان جي ترديد لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي (١) ارشاد آهي "وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ" ۽ البت تحقيق اوهان اسان وٽ ائين اڪيلو اڪيلو ٿي آيا آهيو جيئن اسان اوهان کي پهرئين پيري اڪيلو اڪيلو ڪري دنيا تي پيدا ڪيو هو انهن ڪافرن کي قيامت جي ڏينهن چيو ويندو ته اوهان جا سنگتي، پارٽيون ۽ وڏا وڏا لشڪر ڪٿي آهن. جن تي اوهان کي ناز هوندو هو. هينئر ته اسان وٽ اهڙي حال ۾ آيا آهيو جو اوهان جي بدن تي نه لباس نه ڪا وردي ڊيڪيل آهي جيئن جمڻ وقت لباس ۽ پيرن ۾ جتيءَ کان خالي هيئو تيئن هينئر به آيا آهيو، حديث ۾ آهي

(١) نعيمي ص٧١٣ جلد٧

تہ: قيامت جي ڏينهن ڪافر ننگا، پيرين اگهاڙا ۽ نهايت ڏيرا ٿي اٿندا، سيده عائشه عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صلی الله عليه وسلم) مرد ۽ عورتون گڏ اگهاڙا ڪيئن هلندا؟ اها تہ تمام ڏکي ڳالهه آهي پاڻ صلی الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "هر ماڻهو پنهنجي فکر ۾ اهڙو تہ محو هوندو جو نہ مرد عورتن ڏي نهاريندا نہ عورتون مردن ڏانهن هر هڪ پنهنجيءَ مشغوليءَ ۾ هوندو " (١) "وَتَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنَاكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ" ۽ اوهان اهو سڀ پنهنجي پويان ڇڏي آيا آهيو جيڪو اسان اوهان کي ڏنو هو "خَوَّلْنَا" تخويل کان ورتل آهي جنهن جي معنیٰ آهي خادمن ۽ تابعن جو مالڪ بنائڻ يا بدلي ملڻ جي اميد کان سواءِ عطا ڪرڻ مقصد تہ پنهنجا نوڪر، خادم، مال ملڪيت پوئتي ڇڏي خالي هٿين پهتا آهيو، ان جي برعڪس مومنن صالح عمل ڪيا جيڪي ساڻن قيامت جي ميدان ۾ بہ گڏ آيا آهن (٢) "وَمَانَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ فِيْكُمْ شُرَكَآؤُ" ۽ اسين اوهان سان گڏ اوهان جا اهي سفارشي بہ ڪو نہ ٿا ڏسون جن لاءِ اوهان گمان ڪيو ٿي تہ اهي اوهان جي معاملي ۾ اسان جا شريڪ آهن، مطلب تہ انهن کي پنهنجي پالڻ ۽ عبادت جي حقدار هجڻ ۾ الله تعالیٰ جو شريڪ سمجهندا هيئو (٣)

"لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ" هن جي وضاحت ۾ علامه احمد بن محمد مالڪي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: التقدير تقطع الوصل فيما بينكم " (۴) يعني اوهان جا پاڻ ۾ واسطا ٽٽي ويا ۽ جن بتن کي اوهان شفاعت ڪندڙ سمجهيو ٿي اهي اوهان کان گم ٿي ويا. فائدا-١ "لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا" ۾ مخاطب ڪافر آهن اهي ئي ان پريشان حال ۾ اٿاريا ويندا مومن ان ۾ داخل نہ آهن انهن جي لاءِ فرمان آهي "وَيَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا" ۽ ان ڏينهن تقویٰ وارن کي رحمان ڏانهن سوار ڪري وفد جي صورت ۾ اٿارينداسون. ٻيءَ جاءِ تي فرمان آهي "وَاَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ" ۽ انهن (ايمان وارن) سان سندن اولاد بہ لاحق ڪنداسون ۽ گڏينداسون. مقصد تہ اهي نہ اڪيلا هوندا نہ پريشان ٢- مَا نَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمْ " ڪافرن سان گڏ سندن سفارشي نہ هوندا. ان مان ثابت ٿيو تہ مومنن سان قرآن پاڪ- ننڍڙيءَ عمر ۾ مري ويل ٻار، رمضان جو مهينو ۽ بيت الله شريف وغيره ڪئين سفارشي گڏ هوندا ٣- "لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ" مان ثابت ٿيو تہ ڪافرن جا هڪ ٻئي سان واسطا ٽٽي ويندا ،مومنن جا نہ ٽٽندا- انهن جون محبتون خلوص واريون دوستيون هڪ ٻئي کي قيامت ۾ بہ ڪم اينديون (٥)

(١) روح البيان ص٦٩ ج٣ (٢) تنوير الاذهان ص٤٩٢ جلد١
(٣) روح المعاني ص٢٢٥ جلد٣ جزءِ٧ (۴) صاوي ص٣١ جزءِ٢
(٥) نعيمي ص٧٢٢ جلد٧

اِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوٰى ؕ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ

بيشڪ الله ڇيريندڙ آهي داڻي ۽ ڪکڙيءَ جو ڪيڏي ٿو جيئري کي مئل مان ۽ ڪيندڙ آهي

الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٩٥﴾ فَالِقُ الْاِصْبَاحِ ۚ

مئل کي جيئري مان اهوئي الله آهي، پوءِ ڪيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃو ڇيري ڪيندڙ آهي صبح کي

وَجَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ

۽ ڪيائين رات کي سڪون جي لاءِ ۽ سج ۽ چنڊ کي حساب جو ذريعو اهو اندازو ٺاهڻ آهي

الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٩٦﴾ وَهُوَ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا

غالب ڄاڻندڙ (الله جي طرفان) ۽ اهوئي (الله) آهي جنهن ڪيو اوهان جي لاءِ تارن کي تانته رستا وٺو

بِهَا فِىْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٩٧﴾

انهن سان انڌيرن پٽ ۽ سمنڊ جي ۾ تحقيق کولي بيان ڪيوسون آيتن کي ان قوم جي لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ڪوڙن معبودن جي بي وسي ۽ عاجزيءَ جو بيان هو ۽ هتي سچي ۽ حقيقي معبود الله جل جلاله جي شان قدرت ۽صفت جو بيان ڪندي ارشاد آهي "اِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوٰى" بيشڪ الله داڻي ۽ڪکڙيءَ کي ڇيري ان مان سلا ڪيندڙ آهي، هي ان جي قدرت جو عجيب ڪرشمو آهي، جنهن مان گهٽ ۾ گهٽ شيءِ به انهن ڪافرن جا باطل معبود نہ ٿا ڪري سگهن (١)

"يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ" جيئري کي مئل مان ڪڍي ٿو ۽ مئل کي جيئري مان- سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ

(١) قرطبي ص٤٤ جلد٧

ميت (مئل) مان مراد مني جو ڦڙو آهي ۽ حي (جيئري) مان مراد انسان آهي (١) الله تعالىٰ پنهنجي كامل قدرت سان انسان كي مني جي ڦڙي مان ناهي تيار كري ٿو ۽ مني جي ڦڙي كي وري انسان مان كڍي ٿو" ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ" اهوئي الله آهي پوءِ (ان كي ڇڏي باطل معبودن ڏانهن) كيڏانهن ٿا ڀلايا وڃو. مقصد تہ جنهن الله اوهان تي ايڏيون نعمتون كيون جو سكل داڻي ۽ ككڙيءَ مان اوهان جي لاءِ سرسبز پوكون، كجور ۽ باغ وجود ۾ آندائين، كي اوهان جي غذا آهن تہ كي اوهان جي لاءِ فروٽ ۽ اوهان كي مني جي ڦڙي مان سهڻو انسان بنايائين ان جا احسان وساري اهڙن باطل ۽ كوڙن معبودن جي اڳيان ٿا وڃي كرو ۽ انهن جي عبادتٿا كيو جيكي نہ ٿا نفعو ڏين ۽ نہ نقصان ۽ نہ ٿا ٻڌن ۽ نہ ڏسن، كيئن ڀلجي پيا آهيو" فَالِقُ الْاِصْبَاحِ وَجَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا" صبح كي (رات مان) چيري كڍندڙ آهي ۽ رات كي سكون ۽ آرام جو ذريعو بنايو اٿس ۽ سج ۽ چنڊ كي حساب جو ذريعو- هتي بہ الله جل جلالہ جي صنعت، علم، قدرت ۽ حكمت جو دليل بيان كيو ويو آهي. يعني رات جي انڌيري مان صبح جو نور كڍڻ جيكو داڻي ۽ ككڙيءَ مان سلن كڍڻ كان بہ قوي دليل آهي اهو زمين سان وابستہ هو ۽ هي آسمانن سان (٢) ۽ رات آرام جي لاءِ مقرر كيائين جنهن ۾ عام خلق آرام كري سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهي ۽ الله جا كامل ٻانها خلق كان فارغ ٿي خالق سان روح وندرائين ٿا (٢) ۽ سج ۽ چنڊ حساب جو ذريعو آهن. دنيا جي ڏيتي ليتي جا وقت، تاريخون ۽ مهينا انهن سان مقرر ٿيندا آهن ۽ عبادتن جا وقت بہ انهن سان واسطو ركن ٿا (٣) "ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ" اها غالب، ڄاڻندڙ جي تقدير آهي اهي وقت سڀ ان جا ئي مقرر كيل آهن، سج، چنڊ جهڙيون وڏيون شيون بہ ان جي حكم سان هلن ٿيون ان جي امر جي اڳيان عاجز ۽ ان لاءِ ئي مطيع ۽ فرمانبردار آهن (٤)

"وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا بِهَا فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ" ۽ اهو (الله) اهو آهي جنهن اوهان لاءِ تارا پيدا كيا تانت پٽن ۽ سمنڊن جي اونداهين ۾ رستا وٺي مقصدن كي ماڻيو، هي تارن جي وجود جو هك فائدو آهي ۽ ٻيو فائدو "وَحِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ" (۽ هر سركش شيطان كان حفاظت لاءِ پيدا كياويا آهن) ۾ بيان ٿيل آهي جو امڙ ٿي انهن كي آسماني ملائكن جي گفتگو ٻڌڻ

(١) تفسير طبري ص١٨٧ جلد ٥ (٢) تفسير القاسمي ص٦٣٦ جلد٣
(٣) تفسير مدارك ص٢٥ جلد١ جزءِ ٢ (٤) ابو السعود ص١٩٥ جزءِ ٣

ڪان روڪيندا آهن، ۽ ٽيون فائدو "وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَاءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيحَ" (۽ آسمان دنيا واري کي تارن سان سينگاريوسون) ۾ بيان ٿيل آهي، مطلب تہ تارن جو وجود بہ سندس قدرت جو دليل آهي (١) "قَدْ فَصَّلْنَا الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يَعْلَمُونَ" بلاشڪ کولي کولي آيتون بيان ڪيوسون ان قوم لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا، يعني علم ۽ سمجهہ وارن جي لاءِ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ توحيد جا تمام گهڻا ۽ حساب ڪان مٿي دليل موجود آهن، ننڍي ۾ ننڍي يا وڏي ۾ وڏي ڪا بہ شيءِ وٺو ان جي وضع، قطع جي موزونيت ۽ ان جون خصوصيتون انجا گهڻا فائدا ۽ وري ساري نظام سان ان جي وابستگي ۽ تعلق کي ڏسي انسان کي بي اختيار چوڻو ٿو پوي تہ ان جو پيدا ڪندڙ وڏي ڪاريگري، قدرت، حڪمت ۽ علم جو مالڪ آهي. **فائدو** "فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوَىٰ" مان ثابت ٿيو تہ پوک جي لاءِ ٻج ۽ ڪجور جي لاءِ ڪکڙي صرف ظاهري سبب آهي اصل شيءِ الله جل جلالہ جو ارادو آهي جيڪڏهن اهو گهرندو تہ پوکون ۽ باغ بہ پيدا ٿيندا نہ گهرندو تہ ڪيترا بہ ٻج يا ڪکڙيون ڇٽيو ڪجهہ نہ ڄمندو ۽ مني جو قڙو بہ انسان جي وجود لاءِ ظاهري سبب آهي چو تہ ڪيترا زال ۽ مڙس ملن ٿا پر اولاد نہ ٿو ٿئي، حقيقي پيدا ڪندڙ الله تعالىٰ جڏهن گهري ٿو تڏهن ڪجهہ ٿئي ٿو ۽ زمين ۽ زمانو، آسمان ۽ انهن ۾ ڦرندڙ سج ۽ چنڊ سڀ الله تعالىٰ جي قدرت جا ڪمال آهن انهن کي ڏسي سوچ ۽ سمجهہ وارو انسان مالڪ مٿي تي ايمان آڻي ٿو.

وَهُوَ الَّذِيٓ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَّمُسْتَوْدَعٌ قَدْ

۽ اهو (الله) ئي آهي جو پيدا ڪيائين اوهان کي هڪ وجود مان پوءِ قرار جي جاءِ آهي ۽ امانت جي جاءِ- تحقيق

فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ ﴿٩٨﴾

تفصيل سان بيان ڪيون سون آيتون ان قوم جي لاءِ جو سمجهن ٿا.

تفسير

*اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي انهن نعمتن جو ذڪر هو جيڪي انسان جي وجود ڪان خارج هيون ۽ هتي انهن نعمتن جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪي انسان جي

(١) فتح القدير ص١٤٣ جلد٢

وجود سان واسطو رکن ٿيون. فرمان اقدس آهي "وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ" يعني اهو (الله جل جلاله) ئي آهي جنهن اوهان کي هڪ وجود مان پيدا ڪيو. ان هڪ وجود مان مراد سيدنا آدم عليه الصلواة والسلام آهي (١) فَمُسْتَقَرٌّ وَّ مُسْتَوْدَعٌ" مستقر قرارڪان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي اها جاءِ جنهن ۾ ڪا شيءِ قرار وٺي ۽ مستودع وديعت کان ورتل اهي، جنهن جي معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ کي ڪنهن وٽ ٿي ڏينهن عارضي طور رکڻ جي جاءِ هتي مقصد هي آهي ته الله تعالىٰ ئي اوهان جي لاءِ قرار جي جاءِ به پيدا ڪئي آهي ته ٻئي ڏينهن عارضي طور رهڻ جي جاءِ به (٢)

مستقر ۽ مستودع مان مراد ڇا آهي؟

جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي "وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ" (٣) ۽ اوهان جي لاءِ مقرر وقت تائين زمين ۾ قرار جي جاءِ (گذران جو) سامان آهي ٢- قرار جي جاءِ مان مراد ڳيرڻ يعني ماءُ جي جسم جو اهو حصو آهي جنهن ۾ حمل جي دوران ٻار رهندو آهي، جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي "وَنُقِرُّ فِي الْاَرْحَامِ" (٤) ۽ ڳيرڙين ۾ رهايون ٿا ۽ مستودع مان مراد پيءُ جي پٺي آهي (٥) علامه ثناءُالله پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي ته مستقر مان مراد بهشت آهي جنهن ۾ ايمان وارا رهندا يا دوزخ آهي جنهن ۾ ڪافر هوندا ۽ مستودع مان مراد پيءُ جي پٺي ۾ رهڻ، ماءُ جي پيٽ ۾ رهڻ، دنياوي زندگي ۽ قبر ۾ رهڻ وارو وقت آهي (٦) قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ" يعني اسان ان قوم جي لاءِ جيڪي (حقيقت کي) سمجهن ٿا (پنهنجون) آيتون کولي بيان ڪيون آهن، تانته انهن سان اسان جي قدرت، ارادي، علم، حڪمت، فضل ۽ رحمت کي ذهن نشين ڪن (٧)

(١) تفسير القاسمي ص٦٤٨ جلد٤ (٢) معارف القرآن ص٤٠٤ جلد٣
(٣) سورة البقره آيت ٣٦ (٤) سورة الحج آيت ٥
(٥) مدارک ص٢٥ جلد١ جزءُ ٢ (٦) تفسير مظهري ص٣٠٥ جلد٣
(٧) المراغي ص٢٠٢ جلد٣ جزءُ ٧

فائدا ١- "جَعَلَ لَكُمُ" (اوهان جي لاءِ ڪيائين) مان ثابت ٿيو تہ سج، چنڊ، تارا وغيره سڀ انسان جي لاءِ پيدا ٿيا ۽ انهن سان نماز، روزي، جي وقتن ۽ قبلي جي طرف جي بہ خبر پوندي آهي وڏن وڏن عالمن وقتن جي متعلق خاص خاص ڪتاب لکيا آهن سنڌ جي نامياري عالم علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمہ بہ ان موضوع تي فارسي زبان ۾ هڪ رسالو جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت لکيو آهي جيڪو مون مسڪين جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي ٢- ستارن جي ذريعي ڳالهيون معلوم ڪرڻ منع ۽ انهن کي مؤثر سمجهڻ حرام بلڪ ڪفر جي قريب آهي ابن مردويہ ۽ خطيب حضرت ابن عمر رضي اللہ عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول اللہ صلي اللہ عليہ وسلم جن فرمايو: تَعَلَّمُوْا مِنَ النُّجُوْمِ مَا تَهْتَدُوْنَ بِهٖ فِي ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ثُمَّ انْتَهُوْا" (١) يعني ستارن جي باري ۾ ايترو سکو جو پٽ ۽ سمنڊ جي انڌيرن مان رستو ڪڍي سگهو، ان کان وڌيڪ رڪجي رهو، نہ سکو

ابجد سان حساب کان منع

ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي اللہ عنهما کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول اللہ صلى اللہ عليہ وسلم جن فرمايو "اِنَّ مُتَعَلِّمُ حُرُوْفِ اَبِيْ جَادَ وَرَاءَ فِي النُّجُوْمِ لَيْسَ لَهٗ عِنْدَاللّٰهِ تَعَالٰى خَلَاقَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ (٢) يعني ابجد جي حرفن سان ستارن جي علم سکندڙ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن اللہ تعالىٰ وٽ ڪو ڀاڱو ناهي پراهو تڏهن جڏهن ان تي ايمان رکي . ع-٣- اهو علم اللہ تعالىٰ جي وڏي نعمت آهي، جيڪو سنڌس معرفت جو ذريعو بنجي خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ عرب جا هوشيار ۽ سمجهدار ماڻهو علم ڪهانت، قيافہ، عيافہ، نجوم ۽ حساب جا وڏا ماهر هوندا هئا. اسلام ڪهانت کان روڪيو باقي علوم پنهنجي مقام تي رهيا، جيڪڏهن ڪو شخص انهن کي بہ ڪهانت (پوپو هجڻ) طور استعمال ڪندو تہ پوءِ حرام آهن جيڪڏهن نہ تہ نہ"(٣) "قَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ" مان ثابت ٿيو تہ فقہ سٺي شيءِ آهي، ڇو تہ اللہ تعالىٰ فقہ (سمجهہ) رکندڙ قوم جو ذڪر ڪندي فرمايو تہ" اسان انهن جي لاءِ آيتون کولي کولي بيان ڪيون آهن.

---

(١) روح المعاني ص٢٣٤ جلد٣ جزءِ ٧ (٢) الدر المنثور ص٣٣١ جلد٣
(٣) نعيمي ص٧٤٣ ج٧

وَهُوَ الَّذِیْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ

۽ اهوئي (الله) آهي جو لاٿائين آسمان کان پاڻي پوءِ ڪڍياسون ان مان سلا هر شيءِ جا

فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا ۚ وَمِنَ النَّخْلِ

پوءِ ڪڍيسون ان مان سر سبز شيءِ جو ڪڍون ٿا ان مان داڻا هڪ ٻئي تي (سنگن ۾) چڙهندڙ ۽ ڪجين مان

مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ وَّجَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّيْتُوْنَ

ان جي ڦرهن مان گوشا ويجها ٿيل ۽ باغ انگورن جا ۽ زيتون

وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۗ اُنْظُرُوْٓا اِلٰى ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ

۽ ڏاڙهون هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ ۽ نہ ملندڙ جلندڙ ڏسو ان جي ميوي ڏانهن جڏهن ميوو جهلي

وَيَنْعِهٖ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۹۹﴾

۽ ان جي پچڻ ڏانهن بيشڪ انهن سيني ۾ البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان ٿا آڻين.

تفسير

هن کان اڳ ۾ آسماني ستارن جو ذڪر هو، جيڪي چمڪي دنيا کي فائدو ڏين ٿا ۽ هتي آسمان کان وسڻ واري مينهن جو فائدو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً" يعني الله تعالىٰ اهوئي تہ آهي جنهن آسمان مان مينهن لاٿو "فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ" پوءِ ان (مينهن) سان اسان هر قسم جا زمين مان سلا ڪڍيا، مقصد تہ ان مينهن کي زمين مان سرسبز سلن جي ظاهر ٿيڻ جو سبب بنايوسون. "فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا" پوءِ ان سان سرسبز سلاڪڍياسون انهن مان سنگن ۾ هڪ ٻئي تي چڙهيل داڻا ڪڍياسون. جيئن ڪڻڪ، جون، سارين وغيره جا سنگ ڏسجن ٿا تہ انهن جا داڻا هڪ ٻئي جي مٿان چڙهيل

هوندا آهن "وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ" ۽ کجين جي وڻن مان انهن جي ٽارين ۾ گونچ ٿين ٿا جيڪي هيٺ هڪبئي ڪي ويجها ٿيندڙ آهن "وَجَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ" ۽ انگورن جا باغ، زيتون ۽ ڏاڙهون ڪي صورت ۾ هڪ ٻئي سان ملندڙ آهن ته ڪي نه "اُنْظُرُوْٓا اِلٰى ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ" وڻن جي ميون ڏانهن نهاريو جنهن وقت ميوو ڏين ٿا ۽ ان ميوي جي پچڻ ڏانهن به نهاريو ته ڪيئن تو پچي تيار ٿئي "اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" بيشڪ انهن (سيني شين جي پيدا ٿيڻ ۽ پچي تيار ٿيڻ) ۾ ايمان آڻڻ واري قوم لاءِ (قدرتي) نشانيون آهن. ڄاڻڻ گهرجي ته مٿين آيتن ۾ الله جل جلاله پنهنجي قدرت جي ڪرشمن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي ذريعي انسان جي خوراڪ جو انتظام ڪيو ويو آهي. انهن ۾ غور ڪندڙ جي لاءِ الله تعالىٰ جو سڃاڻڻ مشڪل نه آهي، هيٺان مٿان سڄي ڪٻي ان جي مصنوعات ۽ مخلوقات جي بازارسينگاريل آهي ان ۾ غور ڪري ڏسجي ٿو ته هر هڪ شيءِ سڌي ٻڌائي رهي آهي ته اها پنهنجن سيني خوبين سان گڏ پاڻهي پيدا نه ٿي آهي انهن ڪي هڪ پيدا ڪندڙ آهي جيڪو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ، هر شيءِ تي قادر آهي، ڏسو ته زمين ۾ اڇلايل ٻج ڪيئن ڦاٽي ٿو ۽ ان مان سر سبز سلو ڪيئن ڄمي ٿو ان ڪي اوهان ڪمزور نه سمجهو اهو زمين جا ڪيترا انچ چيري ٻاهر نڪري ٿو ۽ وڌندو رهي ٿو ۽ اهو نهايت سنهو آهستي آهستي ٿلهو ٿيندي هڪ ٿڙ بنجي ٿو ۽ هوا جي جهولن ڪي برداشت ڪرڻ جي لاءِ ان ۾ مناسب وٿين تي ڳنڍيون رکيون ٿيون وڃن، ان جي مٿي تي هڪ گونچ (خوشه) ظاهر ٿئي ٿو ۽ ان ۾ داڻا وجود ۾ اچن ٿا ۽ اهو سلو جيڪو پهريان سرسبز، سائو ۽ نهايت نازڪ نظر اچي رهيو هو هاڻي پنهنجو رنگ بدلائڻ شروع ڪري ٿو. غور ڪرڻ واري اک پاڻ فيصلو ڪندي ته هي صرف ماده جو معاملو ناهي،پر ان عليم ،حڪيم ، پرور پاڪ جي قدرت جو اعجاز آهي. ميوي جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ان جي پچڻ تائين ان جي مقدار، ان جي بوءِ ۽ ان جي ذائقي ۾ آهستي آهستي ۽ موقعه بهموقعه جيڪي تبديليون ظاهر ٿين ٿيون انهن تي غور ڪرڻ جي لاءِ "اُنْظُرُوْٓا" سان ارشاد ٿي رهيو آهي صرف ظاهري طرح غور ۽ فڪر کان سواءِ سرسري ڏسڻ مراد نه آهي. مفسرن سڀورن لکيو آهي ته: اي نظر الاعتبار لا نظر الابصارالمجرد عن التفكر (١) يعني عبرت واري نگاهه سان ڏسو فڪر کان خالي صرف ڏسڻ واري نظر نه ڪيو. پر نهايت ئي افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته جنهن مسلمان قوم کي مليل آسماني

(١) القرطبي ص٤٩ جلدي٧

ڪتاب ڪين ڪائنات جي هر شيءِ ۾ تدبر ۽ تفڪر جي دعوت ڏني آهي اهائي ان سوچ ۽ فڪر ۾ ٻين کان پوئتي پيل آهي.

هڪ اپيل

اسلامي ملت جي نوجوانن کي گهرجي تہ اهي پنهنجو مقام ۽ منصب سڃاڻن ۽ مٿن عائد ٿيل ان فرض جي نباهڻ لاءِ ڪوشش ڪن تانتہ اهي نہ صرف پاڻ شهرت جي آسمان جا سج ٿي چمڪندا پر پنهنجيءَ ملت جو نالو بہ روشن ڪندا ۽ هڪ ڀيرو انسانيت جي قيادت جي واڳ جا والي بنجي ويندا، چو تہ ڪين ئي "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ" (اوهان ڀلي امت آهيو) جو اعزاز عطا ٿيل آهي.

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ وَخَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَبَنٰتٍۢ

۽ ڪيائون الله جي لاءِ شريڪ جنن کي حالانڪ پيدا ڪيائين انهن کي ۽ ناهيائون ان جي لاءِ پٽ ۽ نياڻيون

۽ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٠٠﴾

سواءِ علم جي پاڪائي آهي ان جي لاءِ ۽ مٿاهون ٿيو ان کان جو بيان ڪن ٿا.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ الله جل جلاله جي قدرت سان برسات ۽ مينهن پوڻ ۽ انهن جي ذريعي فصلن پيدا ٿيڻ واري ڪاريگريءَ جو بيان هو ۽ هتي انهن مشرڪن جي متعلق ذڪر آهي جيڪي انهن قدرتي نشانين کي ڏسڻ جي باوجود بہ الله تعالىٰ سان ٻين جنن وغيره کي شريڪ بنايو وينا آهن، فرمان اقدس آهي "وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ" يعني مشرڪن الله تعالىٰ جي لاءِ جنن کي شريڪ بنايو آهي حالانڪ انهن کي پيدا بہ الله ڪيو آهي،هتي جنن مان مراد ڪير آهن ان ۾ مختلف قول آهن هڪ تہ انهن مان مراد اهي ناري مخلوق آهن جيڪي خاڪي مخلوق، انسان کان اڳ ۾ هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿي چڪا هئا، ۽ عمومًا ۽ عادةً اهي انسان کي ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن شيطان بہ انهن مان ئي آهي (١) -٢ قول حضرت قتادة جو آهي تہ هتي جن مان مراد

(١) حاشيه مراد آبادي ص٣٠٤

ملائڪ آهن جو انهن جي بہ ماڻهو عبادت ڪنداهئا ٣- حضرت امام حسن بصريءَ جو قول آهي تہ انهن جنن مان مراد شيطان آهن جو ماڻهو شرڪ ۽ گناهن ۾ انهن جي ائين اطاعت ڪندا هئا جيئن الله جل جلالہ جي ڪرڻ گهرجي وغيره وغيره (١)

"وَخَرَقُوا لَهُ بَنِينَ وَبَنَاتٍ بِغَيْرِ عِلْمٍ" ۽ ان جي لاءِ علم کان سواءِ پٽ ۽ نياڻيون ٺاهيائون، عرب جي مشرڪن چيو تہ ملائڪ الله جون نياڻيون آهن، يهودين (حضرت) عزير ۽ نصارن حضرت عيسىٰ عليهما الصلواة والسلام کي الله تعالىٰ جا پٽ سڏيوءِ اهو مرض مشرڪ قومن ۾ گهڻو رهيو آهي. هندستاني مشرڪ بہ اهڙي قسم جا عقيدا رکندا هئا. "سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يَصِفُونَ" ان جي لاءِ پاڪائي آهي ۽ جيڪي ڳالهيون (اهي مشرڪ) بيان ڪن ٿا انهن کان گهڻو مٿي آهي. هر اهڙي ڳالهہ کان پاڪ ۽مقدس آهي جيڪا سندس خالق ۽ جهانن کي تدبير سان هلائيندڙ هجڻ جي خلاف آهي.

فائدو: هتي ڪافرن جي ترديد ۾ سبحان جو لفظ آندو ويو آهي جيڪو نهايت پياروءِ مقبول لفظ آهي، نماز شروع ٿيندي ئي سبحانڪ اللهم پڙهي ويندي آهي،رڪوع ۾ سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ ۽ سجده ۾ سُبْحَانَ رَبِّيَ الْأَعْلَىٰ پڙهيا ويندا آهن. جيڪو ان مبارڪ لفظ کي گهڻو پڙهندو اهو دارين جي سعادت حاصل ڪندو.

بَدِيعُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ أَنَّىٰ يَكُونُ لَهُ وَلَدٌ وَلَمْ تَكُن لَّهُ

نئين نموني پيداڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو ڪيئن هوندو ان جي لاءِ اولاد حالانڪ ناهي ان جي لاءِ

صَاحِبَةٌ ۖ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۖ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿١٠١﴾ ذَٰلِكُمُ

گهر واري ۽پيدا ڪيائين هر شيءِ ۽ اهو هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. اهو

اللَّهُ رَبُّكُمْ ۖ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوهُ ۚ وَهُوَ عَلَىٰ

الله رب اوهان جو آهي ناهي ڪو بہ عبادت جو لائق سواءِ ان جي پيدا ڪندڙ آهي هر شيءِ جو پوءِ عبادت ڪيو ان جي ۽ اهو

كُلِّ شَيْءٍ وَكِيلٌ ﴿١٠٢﴾

هر شيءِ تي نگهبان آهي.

(١) تفسير المراغي ص٢٠٤- ٢٠٥ جلد٣

تفسير

هن کان اڳ ۾ الله جل جلاله جو شريڪ کان پاڪ هجڻ بيان ڪيو ويو آهيءِ هتي ان جو اولاد کان پاڪ هجڻ بيان ٿي رهيو آهي. فرمان ايزدي آهي "بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" آسمانن ۽ زمين کي نئين نموني ناهيندڙ آهي، بديع ان پيدا ڪندڙ کي سڏيو ويندو آهي جنهن کو نمونو اڳيان رکڻ کان سواءِ ڪا شيءِ پيدا ڪئي هجي. علامہ جمال الدين قاسمي لکيو آهي تہ: اي مبدعهما بلا مثال سبق (۱) يعني الله تعالیٰ جي اڳيان اڳي اهڙو آسمانن ۽ زمين جو مثال نہ هو جو انهن کي ڏسي ناهيا اٿس، سندس قدرت جو ڪمال آهي جو انهن کي ان نموني ٺاهي بيهاريو اٿس. اهو هر شيءِ جو خالق آهي ان سان مخلوق جو صرف عبوديت ۽ بندگيءَ جو تعلق آهي فرزند هجڻ يا قرابت جو ڪو تعلق ناهي جيڪو ايڏن وڏن آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪندڙ آهي ان کي پٽن ۽ ڀين مائٽن يا سهارن جي ڪا ضرورت ناهي. "اَنّٰى يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَمْ تَكُنْ لَّهٗ صَاحِبَةٌ" ان کي اولاد ڪيئن ٿيندو حالانڪ ان کي زال تہ آهي ئي ڪانہ- يعني ماءُ کان سواءِ اولاد جو هجڻ محال آهي ۽ جڏهن الله تعالیٰ جي لاءِ ڪا بہ زال ناهي تہ ان کان سواءِ اولاد ڪيئن ٿيندو. اهو تہ عقل بہ تسليم نہ ٿو ڪري. "وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" ۽ هر شيءِ پيدا ڪيائين ۽ اهو هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي، مقصد تہ يهودي، نصاريٰ ۽ مشرڪ جن کي الله جل جلاله جو پٽ بنايو ويٺا آهن انهن کي بہ الله پيدا ڪيو آهي، اهي ڪيئن ٿا سندس پٽ ٿي سگهن ۽ الله تعالیٰ هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي. ان کي خبر آهي تہ اهي ان جو اولاد نہ پر ٻانها ۽ مخلوق آهن. "ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ" اهو الله اوهان جو رب آهي، يعني جنهن جو مٿيون شان آهي، جيڪو اولاد کان، زال کان پاڪ آهي، "لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ، خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ" ان کان سواءِ ڪو بہ سچو معبود نہ آهي ، هر شيءِ جو خالق آهي، جڏهن سڀني حميده صفتن سان موصوف آهي تہ اهوئي عبادت جو لائق آهي پوءِ ان جي عبادت ڪيو. ان تي ئي ايمان آڻي عقيدو رکو تہ اهو وحده لا شريڪ لہ رب آهي. ڪير بہ ان جو مٽ، مٽ ثانيءِ شريڪ ناهي. "وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ" ۽ اهو هر شيءِ جو نگهبان ۽ محافظ آهي سڀني جا انتظام سنڀاليندڙ - سڀني کي رزق ڏيندڙ، ۽ رات ڏينهن حفاظت ڪندڙ آهي. فائدا:-۱ الله تعالي عالم اجسام آسمانن، زمينن، عرش، لوح، قلم ۽ ڪرسيءَ کي اهڙي نموني ٺاهيو آهي، جو انهن جو

(۱) تفسير القاسمي ص٦٦٠ جلد۴

اڳ ۾ نہ مثال هو ۽ نہ مادو. باقي اسان ٻين جو خالق آهي جو اسان کي مادي مان پيدا
ڪيو اٿس ٢-وَلَمۡ تَكُنۡ لَّهٗ صَاحِبَةٌ" (۽ ان جي زال ناهي) مان ثابت ٿيو تہ پيءُ کان
سواءِ صرف ماءُ مان اولاد ٿي سگهي ٿو جيئن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام
بيبي مريم سائڻ مان پيدا ٿيو ۾ صرف پيءُ مان ماءُ کان سواءِ اولاد نہ ٿيندو. لطيفه:-
ڪنهن ماڻهوءَ حضرت بيبي رابعه بصريه سان مردن جي برتري ۽ عورتن جو هيڻان
هجڻ بيان ڪيو پاڻ مرڪي فرمايائين تہ عورتن کي برو نہ چئو، اهي نبين عليهم
الصلواة والسلام ۽ ولين جي ڪاڻ آهن پيءُ کان سواءِ صرف ماءُ مان حضرت عيسىٰ
عليه السلام پيدا ٿيو ۾ ماءُ کان سواءِ صرف پيءُ مان ڪو بہ نبي پيدا نہ ٿيو آهي (١)
واقعي آهي بہ ائين انبياءِ سڳورا عليهم السلام جيڪڏهن موتي آهن تہ مائرون سپون ۽ انبياءِ
عليهم السلام جيڪڏهن لال آهن تہ مائرون انهن جون ڪاڻيون.

لَا تُدۡرِكُهُ الۡاَبۡصَارُ وَهُوَ يُدۡرِكُ الۡاَبۡصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِيۡفُ الۡخَبِيۡرُ ﴿١٠٣﴾

نہ ٿيون گهيرو ڪري سگهن ان کي اکيون ۽ اهو ٿو گهيري ۾ رکي اکين کي ۽ اهوئي سنهيون شيون ڏسندڙ، خبر رکندڙ آهي.

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ الله جل جلالہ جي ڪمال وارين صفتن بديع، وڪيل
وغيره جو ذڪر هو ۽ هتي ان جي عيبن کان پاڪ هجڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو
آهي "لَا تُدۡرِكُهُ الۡاَبۡصَارُ وَهُوَ يُدۡرِكُ الۡاَبۡصَارَ" ان کي اکيون گهيرو ڪري نہ ٿيون سگهن ۽
اهو اکين کي پنهنجي قدرت جي گهيري ۾ رکي ٿو. ڄاڻڻ گهرجي تہ : تدرک، ادراک
کان ورتل آهي، ان جي معنىٰ بيان ڪندي علامه صابوني لکيو آهي، ادراک الشيءِ
عبارة عن الوصول اليه والاحاطة به (٢) يعني ڪنهن شيءِ تائين پهچي ان جي گهيري
ڪرڻ کي ادراک سڏبو آهي. ۽ اهو بہ ظاهر آهي تہ گهيراءُ صرف ان شيءِ جو ڪري
سگهجي ٿو، جيڪا محدود هجي ۽ ڪنهن خاص پاسي ۾ ليي ۽ الله جل جلاله جي
ذات نہ محدود آهي نہ ڪنهن خاص پاسي ۾ موجود، ان جي ڪري ان جو گهيراءُ
ناممڪن آهي، مگر دنيا جي ڪا شيءِ ڪٿي ڪيتري بہ وڏي هجي ان جو ڪو ذرو بہ
اللهتعالىٰ جي علم کان ٻاهر ناهي، معتزلہ ۽ خارجي هن آيت مان دليل وٺندا آهن تہ

(١) تفسير نعيمي ص٧٧٠ جلد٧ (٢) تنويرالاذهان ص٤٩٤ جلد١

دنيا توڙي آخرت ۾ ڪنهن ڪي بہ الله تعالىٰ جو ديدار ٿيڻ ناممڪن آهي، پر انهن جو اهو دليل ونڻ غلط آهي، ڇو تہ قرآن پاڪ جون ڪيترون آيتون صاف صاف ٻڌائي رهيون آهن تہ قيامت ۾ مومنن کي اللهتعالىٰ جو ديدار نصيب ٿيندو جيئن رب پاڪ جو فرمان آهي "وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ إِلَىٰ رَبِّهَا نَاظِرَةٌ" (١) ڪي منهن ان ڏينهن (قيامت ۾) تازا هوندا، پنهنجي رب ڏانهن نهاريندڙ هوندا، يعني ديدار ڪندا. جيڪڏهن اللهتعالىٰ جو ديدار عقلي طرح بہ محال هجي ها تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ان جي خواهش ئي نہ ڪري ها. ڇو تہ ڪنهن بہ نبي عليه الصلواة والسلام جي شان کان اهو پري آهي جو محال جي ملڻ جو سوال ڪري ۽ صحيح حديثن، جليل القدر اصحابن ۽ امت محمديه جي عظيم علماء جي اقوال مان ثابت آهي تہ الله تعالىٰ معراج واري رات پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي پنهنجي ديدار جي شرف سان مشرف ڪيو هو.هڪ شخص حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان پڇيو تہ: ڇا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن اللهتعالىٰ جو ديدار ڪيو هو؟ حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمايو تہ ها ديدار ڪيو هو، حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو بہ اهو قول آهي حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه کان اهوئي سوال ڪيو ويو تہ فرمايائين انا اقول بحديث ابن عباس: بعينه راه راه حتىٰ انقطع نفسه- يعني منهنجو بہ اهو ئي قول آهي جيڪو ابن عباس رضي الله عنهما جو آهي. (حضور عليه الصلواة والسلام جن الله تعالىٰ کي) پنهنجيءَ اک سان ڏٺو، پنهنجيءَ اک سان ڏٺو ائين ايترا ڀيرا چيائون جو سندس ساهہ مبارڪ گهٽجي ويو ۽ حضرت امام حسن بصري عليه الرحمہ چوندو هو تہ قسم آهي ان الله جو جنهن کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي تہ يقيناً حضور عليه الصلواة والسلام جن رب پاڪ جو ديدار ڪيو هو، پر جيڪڏهن ڪو شخص هروڀرو زور ڏئي بيهي تہ آيت مبارڪ" لَّا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ" ۾ ادراڪ مان مراد ڏسڻ آهي تہ ان جي لاءِ بہ علماءِ ڪرام جواب ڏنو آهي: عام نگاهون ان جو ديدار ڪري نہ ٿيون سگهن پر جنهن کي پنهنجو ديدار ڪرائڻ گهري ٿو ان جي نگاهن ۾ اهڙي قوت پيدا ڪري ٿو جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نگاهن کي نوازيائين علامه قرطبي لکيو آهي تہ: وقيل المعنى لا تدركه الابصار المخلوقة في الدنيا لكنه يخلق لمن يريد كرامته بصرا وادراكا يراه بہ كمحمد عليه السلام - ٿورو اڳتي لکيو اٿس، فاذا قوي الله تعالىٰ من شاءَ من عباده واقدره علي حمل اعباءِ الرؤية لم يمتنع في حقه (٢)

(١) سورة القيمہ آيت ٢٢

(٢) القرطبي ص٥٦ ج٧

"وَهُوَ اللَّطِيفُ الْخَبِيرُ" ۽ اهوئي سنهڙيون شيون ڏسندڙ، خبر رکندڙ آهي. هي نئون جمله آهي، لطيف فعيل جي وزن تي صفت مشبه جو صيغو يا لطف کان ورتل آهي، معنىٰ ڪرم ۽ مهرباني، لطف ۽ رحم بئي تقريبًا هم معنىٰ آهن انهن ٻنهي ۾ نسبتًا هيئن فرق ڪري سگهجي ٿو ته: گهرڻ سان مهرباني ڪرڻ رحم آهي پر جنهن کي گهرڻ نه اچي ان تي پلائي ڪرڻ لطف آهي دنيا ۾ پهچي سمجهدار ٿي گهريوسين ان عطا ڪيو اهو ان جو رحم آهي، پر جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هياسين يا کير پياڪ هئاسين گهرڻ آيو ئي ڪو نه ٿي اتي به پلايون ڪيائين اهو ان جو لطف آهي، يا لطيف ڪثيف جي مقابلي ۾ آهي معنىٰ اها پاڪ ذات جنهن کي حواسن، ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، هٿ لڳائڻ ۽ چکڻ سان پروڙي نه سگهجي، هڪ معنىٰ اها به آهي جيڪا ترجمي ۾ لکي اٿئون يعني باريک بين. جنهن کان ٿلهي ته ٿهيو پر سنهي کان سنهي شيءِ به لڪل ناهي.

قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ عَمِيَ

تحقيق آيا اوهان وٽ اکيون کوليندڙ دليل رب اوهان جي وٽان پوءِ جنهن اکين سان ڏٺو پوءِ پنهنجي سر جي لاءِ ۽ جيڪو انڌو رهيو

فَعَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿١٠٤﴾ وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ

پوءِ ان جي مٿان آهي ۽ ناهيان مان اوهان تي نگهبان ۽ اهڙي طرح کولي بيان ڪيون ٿا آيتون

وَلِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ وَلِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿١٠٥﴾

۽ تانته چون ته پڙهي ٻڌايو تو ۽ تانته بيان ڪيون ان کي ان قوم جي لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا.

تفسير

هن کان اڳئين آيت ۾ الله تعالىٰ جي پاڪ ذات کي گهيراءُ نه ڪري سگهڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته ان کي سنڌس موڪليل نبي عليه الصلوٰة والسلام ۽ ان جي هٿ تي ظاهر ٿيندڙن معجزن، قرآني آيتن جي اعجاز جي ذريعي سڃاڻي سگهجي ٿو. فرمان الاهي آهي "قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ" بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي رب جي طرفان اوهان جون اکيون کوليندڙ دليل آيا آهن. بصائر بصيرت جو جمع آهي جيئن جسم جي لاءِ بصر (ڏسڻ جي طاقت) آهي تيئن نفس ۽ روح جي لاءِ

بصيرت آهي، حق جي مٿان دلالت ڪرڻ ڪي بصيرت سڏيو ويو آهي، ڇوته ان جي لاءِ حق روشن ٿيندو آهي (١) ۽ هتي ان مان مراد روشن دليل آهي (٢)

"فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ عَمِيَ فَعَلَيْهَا" يعني جنهن انهن اکيون کولڻ وارن دليلن جي ذريعي حق ڏٺو ته ان پنهنجي سر لاءِ ڀلو ڪيو ۽ جيڪڏهن ڪنهن انڌو ٿي انهن دليلن کي نه ڏٺو ته ان جو بار بہ ان تي آهي ٻئي کي نقصان ناهي "وَمَا اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ" ۽ مان اوهان جي مٿان محافظ ناهيان نه منهن جو ذمو آهي ته اوهان کي اهي دليل قبول ڪرايان، اوهان سيئي ايمان نه آڻيندؤ تہ بہ منهنجو ڪو نقصان ناهي، "وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ" ۽ اهڙي طرح اسين (توحيد جا) دليل کولي کولي بيان ڪيون ٿا.

وَلِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ" ۽ تانتہ چون تہ تو چڱيءَ طرح پڙهي ٻڌايو. "دَرَسْتَ" واحد مذکر مخاطب ماضيءَ جو صيغو- دراسة کان ورتل آهي، معنىٰ ڪنهن ٻئي کي پڙهي ٻڌائڻ- مطلب تہ: جيڪڏهن اسين توحيد جي دليلن کي صرف هڪ ڀيرو بيان ڪيون ها تہ ڪو ٻڌي ها ڪو نہ ٻڌي ها ڪو سمجهي ها ڪو نہ سمجهي ها. ۽ جيڪڏهن هڪ ئي آيت ورائي ورائي نازل ڪيون ها تہ بہ بار سمجهن ها ان جي ڪري اسان هنن دليلن کي مختلف رنگن ۾ بيان جي متعدد طريقن سان بيان ڪيون ٿا تانتہ اوهان جي خطاب ٻڌڻ وارا اهو اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿين تہ واقعي اوهان پوري طرح دليل پڙهي ٻڌايو ۽ سمجهائڻ جو حق ادا ڪيو. آيت جي هن جملي جا جيڪي بہ مطلب مفسرن بيان ڪيا آهن انهن ۾ هي مطلب وڌيڪ سهڻو آهي (٣) وَلِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ" ۽ تانتہ ان کي اهڙي قوم لاءِ بيان ڪيون، جيڪي ڄاڻن ٿا. هي جملو واو عطف سان لِيَقُوْلُوْا تي عطف آهي ۽ ان ۾ لام حڪمت جو آهي. هن ۾ قرآن پاڪ جي نزول ۽ آيات جي کولي کولي بيان ڪرڻ جي حڪمت جو ذڪر آهي، مقصد تہ اسين هي آيتون علم، سمجهہ ۽ شعور وارن لاءِ بيان ڪيون ٿا. اهي ئي هنن مان صحيح فائدو ۽ فيض حاصل ڪندا. ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآني آيتون علم ۽ معرفت جو سمنڊ آهن ان سمنڊ مان موتي ڪڍڻ وارا حضور صلى الله عليه وسلم جن ۽ سندن فيض سان سندن وارث، دين جا علماء ۽ اولياءَ آهن انهن جا ديني مرڪز انهن مرتبن ملڻ جي لاءِ دڪان آهن، **فائدا** ١: ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ بصائر مان مراد هڪ قول مطابق حضور عليه الصلواة

(١) بيضاوي ڪامل ١٨٦ (٢) ضياءُ القرآن ص ٦٨٥ جلد ١
(٣) ساڳيو حوالو

والسلام جن جي ذات، سندن صفات، حالات، اعمال ۽ افعال آهن جيڪي دلين کي اهڙي روشني ڏين ٿا جن سان انهن ۾ بند ٿيل اکيون کلي پون ٿيون. ان جي ڪري هر هڪ مسلمان کي گهرجي ته سندن پاڪ سيرت، زندگيءَ جا احوال مطالعو ڪري،ڇو ته ان سان اندر اجرو ٿئي ٿو ٢- حضور عليه الصلواة والسلام ۽ قرآن ڪريم مان سيئي ماڻهو فائدو حاصل ڪري نٿا سگهن، ڪي انڪار ڪري انڌا ٿي پون ٿا.جيئن "فَمَنۡ اَبۡصَرَ" ۽ "وَمَنۡ عَمِيَ"مان ثابت ٿيو آهي ٣- حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪنهن ڪي مجرائڻ جي لاءِ ذميوار ناهن ۽ نه ڪائنن پڇيو ويندو ته فلاڻي ايمان ڇو نه آندو؟ اهو "وَمَا اَنَا عَلَيۡكُمۡ بِحَفِيۡظٍ" مان ثابت ٿيو.

اِتَّبِعۡ مَاۤ اُوۡحِيَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَاَعۡرِضۡ عَنِ

تابعداري ڪر ان جي جو وحي ڪيو ويو تو ڏانهن رب تنهنجي جي طرفان ناهي ڪو به عبادت جو لائق ان کان سواءِ ۽ منهن موڙ

الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿١٠٦﴾ وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ مَاۤ اَشۡرَكُوۡا ؕ وَمَا جَعَلۡنٰكَ

مشرڪن کان ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته نه شرڪ ڪن ها ۽ نه بنايوسون توکي

عَلَيۡهِمۡ حَفِيۡظًا ۚ وَمَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِوَكِيۡلٍ ﴿١٠٧﴾

انهن تي نگهبان ۽ ناهين تون انهن جو ذميوار.

تفسير

هنن آيتن کان اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قرآن پاڪ جون آيتون اکيون کوليندڙ دليل آهن ۽ هتي انهن آيتن جي تابعداري ڪرڻ لاءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ٿي رهيو آهي فرمان ايزدي آهي" اِتَّبِعۡ مَاۤ اُوۡحِيَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ" جيڪو تو ڏانهن تنهنجي رب جي طرفان وحي ڪيو ويو آهي ان جي تابعداري ڪر ان کان سواءِ ڪو به عبادت جو لائق ناهي.وحي جي اتباع مان مراد عام وحي آهي قرآن ڪريم، الهام، دل ۾ القاءُ، خواب ۾ ڪنهن حڪم جو ملڻ، بلڪ سندن اصحابن سڳورن جي خواب جي ذريعي جيڪو حڪم آيو جيئن نماز باجماعت ادا ڪرڻ جي لاءِ بانگ وغيره جو حڪم سڀ ان ۾ داخل آهن اهڙي طرح ظاهري وحي

قرآن ڪريم سان گڏ باطني وحي حديث شريف بہ ان ۾ داخل آهي "وَاَعۡرِضۡ عَنِ الۡمُشۡرِكِيۡنَ" ۽ مشرڪن کان منهن موڙ- مطلب تہ ڪافرن جي انڪار ڪرڻ، انهن جي گمراهہ ٿيڻ تي ملول ۽ مغموم نہ ٿيءُ اوهان پيغام پهچائڻ ۽ سمجهائڻ جو حق ادا ڪيو اوهان پنهنجو گهڻو توجهہ الله جل جلاله جي عبادت ۽ وحي جي اتباع ڏانهن ڪيو ۽ اهو حڪم جهاد جي حڪم نازل ٿيڻ کان پهريان هو (١) ۽ مشرڪن مان مراد سڀ ڪافر آهن پوءِ اهي يهودي هجن يا عيسائي هندو هجن يا دهريا وغيره پر جڏهن تہ عرب خصوصًا مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ، بت پرست هيا ان جي ڪري قرآن پاڪ ۾ ڪيترين جاين تي مشرڪين جو لفظ آندو ويو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ ڪافرن ۽ مشرڪن جي عقيدن،عملن، طور، طريقن، انهن جي محبت ۽ الفت، انهن جي قوميت کان بہ جدا رهڻ ضروري آهي (٢) "وَلَوۡ شَآءَاللّٰهُ مَآ اَشۡرَكُوۡا" ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ شرڪ نہ ڪن ها، آيت جي هن حصي ۾ بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي آهي تہ: ڪافرن مشرڪن کي دين جي دعوت ڏيڻ،انهن جي خير خواهي ڪرڻ ۾ اوهان کا بہ ڪمي نہ ڪئي آهي پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ انهن کي سندن ئي غلط ذهنيت جي ڪري اللّٰه‌تعالیٰ هدايت ڏيڻ نہ ٿو گهري، ان جي تڪويني حڪمت جي تقاضا اها نہ آهي تہ اهو ساري دنيا کي زوريءَ زبردستيءَ مومن بنائي يقينًا اهو جيڪڏهن زوريءَ زبردستيءَ مومن بنائڻ گهري ها تہ ڪو بہ دنيا تي مشرڪ رهي نہ سگهي ها، پر ان شروع کان ئي انساني فطرت جو نظام اهڙو رکيو آهي جو ان کي ڪوشش ڪرڻ جو موقعو ڏنو اٿس اهو جيڪڏهن ڪوشش ڪري تہ هدايت حاصل ڪري سگهي ٿو ان کي مجبور ۽ بي وس نہ بنايو اٿس. "وَمَا جَعَلۡنٰكَ عَلَيۡهِمۡ حَفِيۡظًا وَمَآ اَنۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِوَكِيۡلٍ" ۽ اسان توکي انهن تي نہ نگهبان ڪيو آهي ۽ نہ تون انهن جو ذميوار آهين، مقصد تہ اوهان جو فرض انهن کي دين جي دعوت ڏيڻ ۽ الاهي احڪام جي اتباع ڪرڻ آهي انهن جي اعمال ۽ افعال جا اوهان نہ جوابدار آهيو نہ ذميدار.

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدۡوًا بِغَيۡرِ

۽ نہ گار ڏيو انهن کي (جن کي) پوڄين ٿا الله‌کان سواءِ پوءِ اهي بي ادبي ڪندا الله جي حد کان

عِلۡمٍ كَذٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمۡ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمۡ

لنگهڻ سان علم کان سواءِ اهڙي طرح سينگاريوسون هر امت جي لاءِ عمل انهن جو ان کان پوءِ سندن رب ڏانهن

(١) فتح القدير ص١٥٠ ج٢ (٢) نعيمي ص٧٩٧ جلد٧

مَرۡجِعُهُمۡ فَيُنَبِّئُهُم بِمَا كَانُواْ يَعۡمَلُونَ ﴿١٠٨﴾

موٽڻ انهن جو آهي، پوءِ خبر ڪندو انهن کي ان جي جيڪو ڪندا هئا.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ توحيد جي حقانيت ۽ شرڪ ۽ ڪفر جي براين تي نهايت قوي دلائل بيان ڪيا ويا هتي مسلمانن کي سمجهايو ٿو وڃي ته دلائل سان ڪافرن جي اصلاح ڪيو، پر انهن جي باطن معبودن کي گار نه ڏيو جو ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته اهي پنهنجن ڪوڙن معبودن جي پلاند وٺڻ جي لاءِ اوهان جي سچي ۽ معبود بالحق، الله جل جلاله جي شان ۾ گستاخي ۽ بي ادبي ڪندا ارشاد آهي" وَلَا تَسُبُّوا الَّذِينَ يَدۡعُونَ مِن دُونِ اللَّهِ فَيَسُبُّوا اللَّهَ عَدۡوًا بِغَيۡرِ عِلۡمٍ " ۽ الله کان سواءِ جن کي ڪافر پوڄين ٿا انهن کي گاريون نه ڏيو (چو ته غصي ۾ اچي پنهنجن باطل معبودن جي پاران) گستاخي ۽ زيادتي ڪندي علم کان سواءِ الله کي گاريون ڏيندا. حقيقت هيئن آهي ته دين جو مبلغ جيڪڏهن صحيح تربيت يافته نه هوندو ته پنهنجي نظريات ۽ عقائد جي تبليغ ۽ اشاعت جي جوش ۾ اچي اعتدال جي حد کان ايترو لنگهي ويندو جو عقل جي دامن به ان کان ڇڏائي ويندي۽ ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته ان جي نظريات ۽ عقائد جي متعلق سندس بيان کي ٻڌندڙن جي دلين ۾ نفرت ۽ تعصب پيدا ٿيندو آهي ۽ گهڻا وقت گارين تائين مرحلو پهچي ويندو آهي هن آيت ۾ دين جي دعوت ڏيندڙن کي تربيت ڏني وئي آهي ته اهي اسلام ۽ حق وارن عقيدن جي دعوت سلجهيل طريقي سان ڏين ايتري قدر جو مشرڪن جي باطل ۽ ڪوڙن معبودن بتن کي به گاريون نه ڏين. ها-ڪنهن باطل مذهب جون اصول ۽ فروع واريون غلطيون معقول طريقي سان ظاهر ڪرڻ ان ۾ داخل نه آهن "كَذَٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ أُمَّةٍ عَمَلَهُمۡ" ۽ اهڙي طرح اسان هر امت جي لاءِ سندن عمل کي سندن نگاهن ۾ سينگاريو يعني پيدا ڪيو آهي جو ڪنهن به امت کي پنهنجا عمل برا ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي دين تي خوش آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته "زَيَّنَّا" (اسان سينگاريو) ۾ الله تعالىٰ ڏانهن نسبت،پيدا ڪرڻ جي لحاظ سان آهي.علامه ابو حيان اندلسي هن حصي جي تفسير ۾ لکيو آهي ته: وتزيينه هو ما

يخلقه الخ (١) يعني ان جو سينگارڻ اهو آهي جو پيدا ڪري ٿو، اهامراد ناهي تہ انهن سيني جي غلط عقيدن تي بہ راضي آهي "ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ مَرْجِعُهُمْ" ان ڪان پوءِ سندن رب ڏانهن سندن موٽڻ آهي. مومن هجن يا ڪافر، نيڪو ڪار هجن يا بدڪار "فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوا يَعْمَلُوْنَ" يعني موٽڻ ڪان پوءِ دنيا ۾ جيڪي بہ عمل نيڪ يا برا ڪيا هوندائون انهن سيني جي ڪين خبر ڏيندو، ڇو تہ ان کي سندن عقائد، اعمال، احوال، اخلاق ۽ ڪردار جي سڀ ڄاڻ آهي.

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ آيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ بِهَا ؕ

۽ قسم کنيائون الله جو پڪا قسم پنهنجا تہ البت جيڪڏهن ايندي انهن کي ڪانشاني تہ البت ضرور ايمان آڻيندا ان تي

قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَاللّٰهِ وَمَا يُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَآ اِذَا جَآءَتْ لَا

فرماءِ تہ يقين ڪيو تہ نشانيون الله وٽ آهن ۽ ڪير ٿو ڄاڻائي اوهان کي تہ تحقيق اهي جڏهن اينديون تہ نہ

يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٩﴾ وَنُقَلِّبُ اَفْئِدَتَهُمْ وَاَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ يُؤْمِنُوْا بِهٖٓ اَوَّلَ

ايمان آڻيندا ۽ ڦيرايون ٿا دليون انهن جون ۽ اکيون انهن جون جيئن نہ ايمان آندائون ان تي پهرئين ڀيري

١٣ ع ١٩ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١١٠﴾ ع

۽ ڇڏيون ٿا انهن کي سرڪشيءَ انهن جي ۾ ڀٽڪندا تا وتن.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪافرن ڪان منهن موڙڻ جو حڪم هو هتي ان جو وجه بيان ڪيو ٿو وڃي تہ ڪافرن کي ڪيترا بہ معجزا ڏيکاريو تہ بہ نہ مڃيندا پوءِ انهن ڏانهن توجهہ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟

ارشاد آهي "وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ آيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ بِهَا" ۽ الله تعالىٰ جا پڪا قسم کنيائون تہ جيڪڏهن انهن وٽ ڪا نشاني آئي تہ ان تي ضرور ايمان آڻيندا.

(١) البحر المحيط ص٢٠٠ جلد٤

شانِ نزول

هن آيت جي نازل ٿيڻ جي سبب ۾ ٻه روايتون آهن ١- هيءَ ته: جڏهن آيت مبارڪ "اِنۡ نَّشَاۡ نُنَزِّلۡ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتۡ اَعۡنَاقُهُمۡ لَهَا خٰضِعِيۡنَ" (جيڪڏهن اسين گهرون ته انهن تي آسمان کان نشاني لاهيون پوءِ ان لاءِ سندن ڪنڌ هميشه لاءِ جهڪي پون) تڏهن مشرڪن قسم کڻي چيو ته جيڪڏهن اوهان اها آسماني نشاني ڏيکاريو، جيڪا اسين گهرون ٿا ته اسين ضرور ايمان آڻي اسلام قبول ڪنداسون انهن جي ترديد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي ٢- هي آهي ته مشرڪن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي چيو ته اوهان پاڻ ٻڌايو ٿا ته موسىٰ (عليه الصلواة والسلام) پٿر کي لٺ هنئي ته ان مان ٻارهن (١٢) چشما وهي هليا ۽ عيسىٰ (عليه الصلواة والسلام) مئل جيئرا ڪيا. صالح (عليه الصلواة والسلام) پٿر مان ڏاچي ڪڍي، تون به اسان کي اهڙي ڪا نشاني (معجزو) ڏيکار ته اسين توکي سچو سمجهي ايمان آڻيون. پاڻ انهن کي فرمايائون ته: "اوهان ڪهڙي نشاني (معجزو) ڏسڻ پسند ٿا ڪيو؟" چيائون ته اسان کي صفا جبل سونو ڪري ڏي ته قسم سان چئون ٿا ته اسين سيئي ايمان آڻينداسون حضورعليه الصلواة والسلام جن الله تعالىٰ کان دعا گهرڻ جي لاءِ تيار ٿيا ته جبرئيل سگورو آيو ۽ اچي کين عرض ڪيائين ته: جيڪڏهن اوهان ان صفا جبل کي سونو ڪرڻ گهرندؤ ته ٿي ته ويندو پر ان کان پوءِ به جيڪڏهن هي ايمان نه آڻيندا ته خداوندي عذاب سان هلاڪ ٿي ويندا، پر جيڪڏهن معجزي ڏيکارڻ کان سواءِ اوهان انهن کي دعوت ڏيندؤ ۽ پوءِ ايمان نه آڻيندا ته عذاب سان هلاڪ نه ٿيندا ٿي سگهي ٿو ته پوءِ سندن پونير مسلمان ٿي پون، پاڻ فرمايائون ته اهو صحيح آهي، اهي مسلمان نه ٿيندا ته انهن جا پونير مسلمان ٿي پوندا تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي (١)

اڳتي فرمان آهي"قُلۡ اِنَّمَا الۡاٰيٰتُ عِنۡدَاللّٰهِ" يعني انهن کي چؤ ته نشانيون ته اللّٰهتعالىٰ وٽ آهن،مقصد ته جن معجزن جي اوهان گهر ڪئي آهي اهي الله تعالىٰ وٽ ئي آهن مون کي انهن جي ظاهر ڪرڻ جي اجازت ناهي"وَمَا يُشۡعِرُكُمۡ اَنَّهَاۤ اِذَا جَآءَتۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ"۽ ڪير ٿو اوهان کي ٻڌائي (ته اهي پنهنجا گهريل معجزا ڏسي ايمان آڻيندا ڳالهه هيءَ آهي ته) يقينًا جڏهن انهن وٽ سندن گهريل معجزا ايندا ته به ايمان نه آڻيندا. بعضي مسلمانن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو هو ته: انهن

(١) التفسير الڪبير ص١٤٣ جزء ١٣

كي سندن گهر كيل معجزا ڏيکاريو تہ مسلمان ٿين انهن جي جواب ۾ الله تعاليٰ اهو ٻڌايو هو(١) "وَنُقَلِّبُ اَفْئِدَتَهُمْ وَاَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ يُؤْمِنُوْا بِهٖٓ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ" يعني انهن جي ٿي سرڪشيءَ ۽ ڪفر کي پسند ڪرڻ جي ڪري انهن جون دليون حق سمجهڻ ۽ اکيون حق ڏسڻ کان ڦيرائي ڇڏينداسون. پوءِ جيئن معجزن گهرڻ کان اول ان تي ايمان نہ آندو هيائون تہ معجزن ڏسڻ کانپوءِ بہ ايمان نہ آڻيندا ۽ انهن کي سندن ٿي سرڪشيءَ جي حالت ۾ ڇڏي ڏينداسون ڀٽڪندا رهندا.

وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَحَشَرْنَا

۽ جيڪڏهن تحقيق اسان لاهيون ها انهن ڏانهن ملائڪ ۽ ڳالهائين ها انهن سان مئل ۽ اٿاريون

عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ

ها انهن جي اڳيان هر شيءِ سامهون تہ نہ هئا جو ايمان آڻين مگر هي جو گهري الله

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾

۽ پر گهڻا انهن مان جهالت ڪن ٿا.

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ اجمالي طور ٻڌايو ويو هو تہ: جيڪڏهن ڪافرن جي اڳيان سندن طلب ڪيل نشاني ظاهر ڪئي وڃي تہ بہ ايمان نہ آڻيندا ۽ هتي انهن جي گهريلن نشانين (معجزن) جو تفصيل آڻي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي سڀ نشانيون ظاهر ڪجن تہ بہ نہ مڃيندا، فرمان عالي آهي "وَلَوْ اَنَّنَا" کان "يَجْهَلُوْنَ" تائين- مقصد تہ ڪافرن جون فرمائشون پوريون ڪندي جيڪڏهن اسين انهن ڏانهن ملائڪ لاهيون ۽ مئل قبرن مان اٿي اچي ساڻن ڳالهائين ۽ ڪين چون تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن سچا آهن ۽ هر شيءِ سندن روبرو گڏ ڪري بيهاريون تہ بہ ايمان نہ آڻيندا، ڇو تہ سندن دلين ۾ نہ حق جي ڳولڻ جو جذبو آهي نہ هدايت جي طلب، اهڙن ماڻهن جو سڌيءَ واٽ تي اچڻ ناممڪن آهي، ها- انهن جي ايمان آڻڻ جي هڪ صورت ٿي سگهي ٿي جو انهن کان هر قسم جو اختيار ۽ ارادي جي طاقت کسي ڪين بي جان پٿر وانگر

(١) نعيمي ص٨١٩ ج٧

خالص مجبور ۽ مقهور بنائي ايمان تي آڻجي، پر الله جل جلاله جي حڪمت جي تقاضا
اها ناهي تہ انسان کي بہ ٻين حيوانن وانگر عقل، ڏاناءَ ۽، سوچ ويچار، ارادي ۽
اختيار کان صفا خالي رکجي، پر اڪثر ماڻهو جهالت، بي علميءَ ۽ ان حقيقت کان بي
خبر هجڻ جي ڪري مطالبو ڪن ٿا تہ انهن کي سندن مطلوب معجزا ضرور ڏيکاريا وڃن
۽ اهي بي اختيار تي مسلمان ٿين.

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَالْجِنِّ

۽ اهڙي طرح ڪياسون هر نبي جي لاءِ دشمن شيطان انسانن مان ۽ جنن مان

يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ زُخْرُفَ الْقَوْلِ غُرُوْرًا ۭ وَلَوْ شَاۗءَ

جو اشاري سان ڪن ٿا هڪڙا ٻين ڏانهن سون وانگر چمڪندڙ ڳالهہ ڌوڪي ڏيڻ لاءِ ۽ جيڪڏهن گهري ها

رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلِتَصْغٰٓى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ

رب تنهنجو تہ نہ ڪن ها اها پوءِ ڇڏي ڏي انهن کي ۽ جيڪو بهتان هڻن ٿا ۽ تانتہ لاڙو ڪن ان ڏانهن دليون

الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

انهن جون جو نہ ٿا ايمان آڻين آخرت تي ۽ تانتہ پسند ڪن ان کي ۽ تانتہ ڪمائين اهو جو اهي ڪمائيندڙ آهن.

تفسير

هنن آيتن کان اول ٻڌايو ويو هو تہ ڪافر وڏا وڏا معجزا ڏسي بہ ايمان نہ
آڻيندا ۽ هتي ان جو سبب ٻڌايو ٿو وڃي ۽ اهو هيءُ آهي تہ اهي الله جل جلاله جي رسول
عليه الصلواة والسلام جا دشمن آهن ان جي ڪري ايمان نہ آڻيندا، فرمان مبارڪ
آهي "وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَالْجِنِّ" مقصد تہ اوهان مخالفن جي
مخالفت جي ڪري پريشان نہ ٿيو جيئن دنيا ۾ اوهان جا دشمن آهن تيئن هر نبي جا
انسانن ۽ جنن مان شيطان ۽ شرير دشمن رهيا آهن، اوهان انهن جي مخالفت تي صبر
ڪيو تہ الله تعالىٰ اوهان کي اجر ڏيندو "يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ زُخْرُفَ الْقَوْلِ
غُرُوْرًا" يعني انهن مان هڪڙا ٻين ڏانهن اشارا ڪندي وسوسا وجهي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ

پنهنجيون ڳالهيون سون وانگر چمڪندڙ بنائي پيش ڪن ٿا، هر وقت هڪ ٻئي سان اسلام جي خلاف صلاحون ۽ مشورا ڪندا رهن ٿا، هڪ ٻئي کي پڙڪائيندا وتن ٿا "وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ" يعني جيڪڏهن تنهن جو رب گهري ها تہ اهي اوهان جا يا اڳين نبين عليهم الصلوة والسلام جا دشمن دشمني نہ ڪن ها ۽ نہ انسانن ۽ جنن مان شيطاني ذهن وارا هڪٻئي کي پڙڪائي سگهن ها پر ان ۾ الله جل جلاله جي طرفان ڪئين حڪمتون رکيل آهن جن مان هڪڙي هيءَ آهي جو انهن تڪليفن جي ڪري پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام جا درجا بلندڪري ٿو، پوءِ اوهان انهن ڪافرن ۽ جيڪي بهتان ٻڌي ڪوڙ هڻن ٿا انهن سيني کي ڇڏي ڏيو، نہ انهن جي پرواهہ ڪيو نہ انهن ڳالهين تي غور ڪري مايوس ٿيو. "وَلِتَصْغٰٓى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ"، هي جدا جملو آهي ۽ "لتصغیٰ" ۾ ل جو تعلق لڪل فعل سان آهي، مقصد هي آهي تہ اسان انهن کي ڍر ان جي ڪري بہ ڏني آهي تانت انهن وسوسن ۽ شيطاني اشارن ڏانهن انهن جون دليون لاڙو ڪن جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين، اهي حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪرڻ جو ذريعو آهن جو ڪافر انهن کي پسند ڪن ٿا ۽ مومن انهن ڪان متنفر آهن "وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ" يعني انهن وسوسن وجهڻ وارن کي ڍر ڏيڻ ۾ هيءَ حڪمت بہ آهي تہ ڪافر، نبي جا دشمن ان کي پسند ڪن اِن ڪان راضي ٿين ۽ جيڪي گناهن جا ڪم پيا ڪن ڪندا رهن ۽ايمان وارا انهن ڪان ۽ انهن جي ڪمن ڪان پري رهي پنهنجو پاڻ بچائين.

اَفَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ

ڇا پوءِ الله کان سواءِ طلب ڪيان ٻيو ڪو فيصلو ڪندڙ حالانڪ اهو (الله) ئي آهي جنهن نازل ڪيو اوهان ڏانهن ڪتاب

مُفَصَّلًا ۭ وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ

کولي کولي ۽ اهي جو ڏنوسون انهن کي ڪتاب (چڱيءَ طرح) ڄاڻن ٿا تہ پڪ اهو نازل ڪيل آهي تنهنجي رب جي طرفان

فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا

۽ هرگز نہ هج شڪ ڪندڙن مان ۽ پورو ٿيو فرمان رب تنهنجي جو سچائيءَ

وَّعَدْلًا ۭ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾

۽ انصاف سان ناهي ڪو بدلائيندڙ واسطي فرمانن ان جي ۽ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ڪافرن جي هڪ مطالبي جو بيان ڪيو ويو هو تہ اهي پنهنجي پسند جا معجزا ٿا گهرن ۽ هتي وري انهن جي ٻئي مطالبي جو بيان ڪيو ٿو وڃي تہ ڪنهن ٽئين ڌر کان فيصلو ڪرايون تہ اوهان واقعي الله جا رسول آهيو، ٻاجهاري رب جو فرمان آهي "أَفَغَيْرَ اللَّهِ أَبْتَغِي حَكَمًا" ڇا ڀوءِ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي حاڪم بنائي ان کان فيصلو وٺان.

شان نزول

هڪ ڀيري مشرڪن جي سردار حضور سيد عالم صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: اوهان تہ چئو ٿا تہ: مان نبي آهيان اچو تہ يهودين يا نصارن جي عالمن مان ڪو فيصلو ڪندڙ مقرر ڪيون جيڪو ٻڌائي تہ اوهان جو انهن جي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيئن آهي؟ انهن جو مقصد هو تہ انهن غير مسلمانن پادرين کي رشوت ڏئي اسلام جي خلاف فيصلو وٺن انهن جي ترديد ۾ اها آيت نازل ٿي (١) اڳتي ارشاد آهي "وَهُوَ الَّذِي أَنْزَلَ إِلَيْكُمُ الْكِتَابَ مُفَصَّلًا" هي جملہ حاليہ آهي. مٿئين جملي ۾ رکيل انڪار واريءَ معنيٰ جو تاڪيد ڪري رهيو آهي،مطلب تہ مان الله کان سواءِ ٻئي کي حاڪم ڪيئن بنايان حالانڪ ان الله جل جلالہ ئي اوهان ڏانهن تفصيل سان کولي کولي ڪتاب نازل فرمايو آهي، جنهن ۾ حق، باطل،حلال ۽ حرام هر شيءِ روشن لڳي پئي آهي تہ پوءِ ٻئي کان پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ "وَالَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ يَعْلَمُونَ أَنَّهُ مُنَزَّلٌ مِنْ رَبِّكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِينَ" يعني جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهي ڄاڻن ٿا تہ بيشڪ اهو قرآن ڪريم تنهنجي رب جي طرفان حق سان نازل ڪيل آهي پوءِ (اي ٻڌڻ وارا!) شڪ ڪندڙن مان اصل نہ ٿجان"الَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ"مان مراد اهل ڪتاب جا عام علماء آهن اهي يقينًا سمجهن ٿا تہ قرآن ڪريم الله تعاليٰ جو فرمان آهي ان ئي نازل ڪيو آهي پر دنيوي لالچ ۽ طمع جي ڪري اقرار نہ ٿا ڪن انهن مان ڪي وري اهڙا ڀلارا بہ حضرت عبدالله بن سلام وغيره جهڙا آهن جيڪي حق جا هوڪا ڏيندا ٿا وتن (٢) "وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَعَدْلًا" يعني تنهن جي رب جو فرمان سچ ۽ انصاف جي لحاظ سان پورو نڪتو، هتي ڪلمة مان

(١) روح المعاني ص٨ جزء ٨ (٢) نورالعرفان ص٢٢٥

مراد قرآن ڪريم آهي. جيڪو مڪمل ۽ پورو ڪتاب آهي ڪنهن ۽ اڻ پورو ناهي پنهنجي آخر واري جي نبوت جو مڪمل دليل آهي ان انسان جي لاءِ جيڪو ضابطه حيات پيش ڪيو آهي ان جو ڪو پهلو ناتمام ناهي ۽ اهو سراپا حق ۽ سچ آهي، جيڪي شرعي احڪام، امر ۽ نهي ان ۾ ذڪر ڪيل آهن اهي به سچا عدل ۽ انصاف آهن "لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَاتِهِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ" ان جي ڪلمات ڪي ڪير به تبديل ڪندڙ ناهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي. مطلب ته جيئن اڳين ڪتابن ۾ انهن جي عالمن تحريفون ۽ تبديليون ڪيون ٿي، قرآن ڪريم ۾ ڪير به، ڪنهن قسم جي رد وبدل ڪري نه ٿو سگهي، ۽ جنهن ڳالهه جي قرآن ڪريم خبر ڏني ته هيءَ ٿيندي ته ڪير به ان کي ڦيرائي نه ٿو سگهي(١) ۽ الله تعالىٰ جيڪڏهن ڪنهن کي نبوت،رسالت ۽ ڪتاب وغيره عطا ڪري ٿو ته ان تي اعتراض نه ڪيو جنهن کي جو ڪجهه ڏي ٿو ڄاڻي، ٻڌي ان نعمت جو لائق سمجهي ڏي ٿو. (٢)

وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ

۽ جيڪڏهن اطاعت ڪندين گهڻن انهن ماڻهن جي جيڪي زمين ۾ آهن ته گمراهه ڪندا توکي الله جي واٽ کان نه ٿا

يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

تابعداري ڪن مگر گمان جي ۽ ناهن اهي مگر ٿا اٽڪل ڪن بيشڪ رب تنهنجو اهو وڌيڪ

اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١١٧﴾

ڄاڻندڙ آهي ته ڪير گمراهه ٿو ٿئي ان جي واٽ کان ۽ اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن کي

تفسير

گذريلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته قرآن ڪريم ڪامل مڪمل ڪتاب، سچ ۽ عدل وارو آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته قرآن ڪريم هوندي ڪافرن جي اتباع ڪرڻ وارو وڏ ۾ وڏ گمراهه آهي. فرمان ايزدي آهي "وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" ۽ جيڪڏهن زمين ۾ رهڻ وارن گهڻن جي فرمان تي هلندين ته توکي الله جي رستي

(١) تفسير المراغي ص١١ جزءُ ٨ (٢) نعيمي ص٣٧ جلد٨

كان ٿيڙي گمراھ ڪري ڇڏيندا. "اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنۡ هُمۡ اِلَّا يَخۡرُصُوۡنَ" (اهي پاڻ به) وهم ۽ گمان کان سواءِ ڪنهن جي تابعداري نه ٿا ڪن ۽ اهي صرف اٽڪلون ڪندا وتن ٿا- مقصد ته ديني امور ۾ الله جل جلاله جي حڪم ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلواة والسلام جن جي فرمان ۽ نقش قدم تي هلڻ جي ڄاڻ گهرجي ته امت جي علماء ۽ مجتهدين جي فرمان تي هلڻ به درحقيقت الله جل جلاله ۽ ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي فرمان تي هلڻ آهي،چو ته اهي هر ڳالهه قرآن، حديث جي روشنيءَ ۾ تحقيق ڪري ٻڌائين ٿا. باقي دنيا جا گهڻا ماڻهو صرف وهم ۽ گمان جا تابعدار هوندا آهن ۽ رڳو اٽڪلون ڪندا وتندا آهن، پر الله تعالىٰ سان اٽڪل نه هلندي آهي "اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعۡلَمُ مَنۡ يَّضِلُّ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ وَهُوَ اَعۡلَمُ بِالۡمُهۡتَدِيۡنَ" بيشڪ تنهن جو رب انهن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي ان جي واٽ کان ٿڙن ٿا ۽ اهو هدايت وارن کي به وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي باقي باطل نظريات جا علمبردار پاڻ ئي يقين جي نور کان محروم آهن اهي ٻين جي رهنمائي ڪهڙي ڪندا؟.

فَكُلُوۡا مِمَّا ذُكِرَ اسۡمُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ بِاٰيٰتِهٖ مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١١٨﴾

پوءِ کائو ان مان جو ذڪر ڪيو ويو نالو الله جو ان تي جيڪڏهن آهيو ان جي آيتن تي ايمان آڻيندڙ

وَمَا لَكُمۡ اَلَّا تَاۡكُلُوۡا مِمَّا ذُكِرَ اسۡمُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ وَقَدۡ فَصَّلَ

۽ ڇا آهي اوهان کي جو نه ٿا کائو ان مان جو ذڪر ڪيو ويو نالو الله جو ان تي حالانڪ تحقيق تفصيل

لَكُمۡ مَّا حَرَّمَ عَلَيۡكُمۡ اِلَّا مَا اضۡطُرِرۡتُمۡ اِلَيۡهِ ؕ وَاِنَّ كَثِيۡرًا

سان بيان ڪيائين اوهان جي لاءِ اهي شيون جو حرام ڪيائين اوهان تي سواءِ ان جي جو مجبور ڪيا ويجو ان ڏانهن ۽ بيشڪ گهڻا

لَّيُضِلُّوۡنَ بِاَهۡوَآئِهِمۡ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعۡلَمُ بِالۡمُعۡتَدِيۡنَ ﴿١١٩﴾

البت گمراه ڪن ٿا سڌن پنهنجين سان علم کان سواءِ بيشڪ رب تنهنجو اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي حد کان لنگهندڙن کي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي نه مڃڻ وارن جي اطاعت کان روڪيو ويو پلي ڪيترا به گهڻا هجن ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ڳالهين ۾ (ته ڪنل جانور نه کائو)

اچڻ کان روڪيو ويو آهي. ”فرمان عالي آهي“ فَكُلُوا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ“ يعني جيڪڏهن مومن آهيو ته ان ڪُل جانور مان کائو جنهن جي مٿان ڪهڻ وقت الله جو نالو ورتو ويو آهي ڪافرن جي جهلڻ جي ڪري کائڻ کان نه رڪجو، اهي صرف پنهنجن گمراهن ابن ڏاڏن جي رسمن رواجن تي آهن اوهان وٽ الله تعاليٰ جو وحي ۽ مصطفيٰ ڪريم عليه الصلواة والسلام جي نبوت روشن سج آهي“ وَمَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۽ اوهان کي ڇيو ٿيو آهي جو ان مان نه ٿا کائو جنهن تي (ڪهڻ وقت) الله جو نالو ورتو ويو آهي. اهڙي ڪا به شيءِ روڪڻ واري ته آهي ئي ڪانه ”وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ“ ۽ جيڪي (شيون) اوهان تي (الله تعاليٰ) حرام ڪيون آهن اهي تفصيل سان اوهان کي ٻڌايون اٿس.

”اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ“ يعني اهو جانور حرام ناهي جنهنجي کائڻ لاءِ اوهان مجبور ڪيا وڃو. اها مجبوري ٻه قسم آهي ١- ته مسلمان ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي ڦاٿو آهي جتي بک جي ڪري مرڻ جو خطرو آهي ۽ مردار کان سواءِ ٻي ڪا به حلال غذا کائڻ جي لاءِ موجود ناهي جنهن کي کائي جان بچائي ٢- ڪو ظالم ماڻهو ڪنهن کي مجبور ڪري رهيو آهي ته هي حرام جانور کاءُ نه ته قتل ڪندو سانءِ انهن ٻنهي صورتن ۾ ساهه بچائڻ لاءِ اهو حرام جانور کائي سگهي ٿو جيڪڏهن ضد ڪري نه ٿو کائي ۽ مري ٿو پوي ته ان ڇڻ پاڻ کي پاڻهي قتل ڪيو ۽ سخت گنهگار ٿيندو (١)“ وَاِنَّ كَثِيْرًا لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ“ ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهو علم کان سواءِ پنهنجي سڌن سان ٻين کي گمراهه ڪندا آهن، جيئن ڪافرن بحيره، سائبه، وصيله ۽ حام کي حرام ڪري ڇڏيو هو“ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِيْنَ“ بيشڪ تنهنجو رب حد کان لنگهندڙن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، حلال شيءِ کي حرام سمجهڻ به حد کان لنگهڻ آهي. ان جي ڪري ائين ڪرڻ وارا به سزا جا حقدار ٿيندا.

وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ

۽ ڇڏي ڏيو ظاهري گناهه کي ۽ لڪل ان جي کي بيشڪ اهي شخص جو ڪمائن ٿا گناهه جلدي

سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿١٢٠﴾ وَلَا تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ

سزا ڏنا ويندا ان جي جو ڪندا هئا ۽ نه کائو ان مان جو نه ورتو ويو

(١) نعيمي ص٤٤ جلد٨

اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَاِنَّ الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى

نالو الله جو ان تي ۽ تحقيق اهو البت بي فرماني آهي ۽ بيشڪ شيطان البت خيال وجهن ٿا

اَوْلِيٰٓئِهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ﴿١٢١﴾

دوستن پنهنجن ۾ تانته جهيڙو ڪن اوهان سان ۽ جيڪڏهن اطاعت ڪئي اوهان انهن جي ته بيشڪ اوهان البت مشرڪ آهيو.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مردار کائڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي وئي هئي ۽ هاڻي هتي هر گناهه کان روڪيندي ارشاد ٿي رهيو آهي ”وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ“ ۽ ظاهري گناهه ۽ باطني سڀ ڇڏي ڏيو. پوءِ انهن جو تعلق جسماني عضون سان هجي يا دل سان مجمع عام ۾ کليءَ طرح ڪيا وڃن يا لڪ ۾- ڇو ته گناهه پنهنجي ذات يا سوسائٽيءَ جي حقوق کي پائمال ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اسلام ڪنهن صورت ۾ نه ان جي اجازت ڏئي سگهي ٿو نه ان کي برداشت ڪري سگهي ٿو. هڪ پاڪ ۽ صاف معاشرو تڏهن وجود ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن ان جي فردن جا ظاهري عضوا به ڪنهن تي زيادتي نه ڪن ته انهن جي دل به برن خيالن کان پاڪ هجي مطلب ته جلوت توڙي خلوت ۾ هڪجهڙا صاف رهن، جاهليت جي دور جا عرب لڪي زنا ڪرڻ کي حلال سمجهندا هئا. جيئن اڄ به يورپ ۾ جاهليت وارو تمدن گناهه جي ان فرق جو قانون طور معترف آهي. ”اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ“ بيشڪ اهي شخص جو گناهه جو ڪم ڪن ٿا جلد ان گناهه جي سزا ڏنا ويندا جيڪو ڪندا هئا. قرآن ڪريم ۾ هن آيت جي هن حصي ۾ گناهه ڪرڻ جي نسبت ٻانهن ڏي ڪئي و ئي آهي، جنهن مان ثابت ٿيو ته انسان پٿرن ۽ ٻترن وانگر بي اختيار ۽ بي وس ناهي جو ان جي ارادي کي دخل ئي نه هجي، بلڪ ان جا ڪم سندس ئي ارادي سان وجود ۾ ايندا آهن اهوئي سبب آهي جو ان کان سندس ڪيلن عملن جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي. پر ان اختيار ۽ ارادي جي آزاديءَ جي هوندي اهو الله تعالىٰ جي قدرتي قبضي کان ٻاهر نه آهي، اهي اختيار ۽ ارادا ان کي الله تعالىٰ جي طرفان عطا ٿيل آهن ”وَلَا تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ

"يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ" ۽ جنهن جي مٿان الله جو نالو نہ ورتو وڃي ان مان نہ کائو- پهريان بيان ڪيو ويو هو تہ الله تعالىٰ جي طرفان حلال ڪيل شين کي حرام نہ چئو ۽ هن آيت ۾ حڪم آهي تہ جنهن جي مٿان ڪهڻ وقت الله جو نالو نہ ورتو وڃي اها نہ ڪائو- جيڪو جانور ڪهڻ کان سواءِ مري وڃي اهو بہ حرام آهي ۽ جنهن تي ڪهڻ وقت عمدًا الله جو نالو نہ ورتو وڃي اهو بہ حرام آهي "وَإِنَّهُ لَفِسْقٌ" ۽ بيشڪ اهو فسق (نافرماني) آهي. مطلب تہ عمدًا الله جل جلالہ جي نالي وٺڻ کان سواءِ ڪو جانور ڪهڻ فسق ۽ بدڪاري ۽ سخت گناهہ آهي پر جيڪڏهن ڪنهن ويسر ۾ نہ ورتو تہ پوءِ اهو گناهہ ناهي،علامہ احمد جيون عليه الرحمة لکيو آهي تہ: قال ابو حنيفة يحرم اذا كان عمدًا ويحل اذا كان ناسيًا (١) يعني حضرت امام ابو حنيفه فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن چاٽي واٽي جانور جي ڪهڻ وقت الله جو نالو نہ ورتو تہ اهو حرام ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن ويسر ۾ نہ ورتائين ۽ جانور کي ڪهي وڌو تہ حلال رهندو، فقيه اجل علامہ ابوالبرڪات عبدالله نسفيءَ لکيو آهي تہ: والاية تحرم متروك التسمية وخصت حالة النسيان بالحديث او بجعل الناسي ذاكرًا تقديرًا (٢) يعني هن آيت مان ثابت ٿيو تہ جنهن تي الله جو نالو (بسم الله الله اكبر) نہ ورتو ويو اهو حرام آهي باقي ويسر ۾ بسم الله الله اكبر نہ پڙهيل جانور جو حلال هجڻ حديث مان ثابت آهي،يا ائين چئبو تہ وسارڻ واري بہ تقديرًا ڄڻ الله جو نالو پڙهي ڇڏيو آهي. مفتي شفيع صاحب لکيو آهي تہ امام ابو حنيفه وٽ جنهن جانور تي بسم الله ويسر ۾ نہ پڙهي وئي تہ اهو حڪمًا ان ۾ داخل آهي جنهن تي بسم الله پڙهي وئي آهي (٣) "وَإِنَّ الشَّيَاطِينَ لَيُوحُونَ إِلَىٰ أَوْلِيَائِهِمْ لِيُجَادِلُوكُمْ" ۽ بيشڪ شيطان پنهنجن دوستن ڏانهن ڳجهيءَ طرح اعتراض پهچائن ٿا تانتہ اوهان سان جهيڙو ڪن، طبرانيءَ ۽ ٻين محدثن حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ : جڏهن اهو فرمان آيو تہ جنهن تي ڪهڻ وقت الله جو نالو نہ ورتو وڃي اهو نہ ڪائو تہ فارس (ايران) وارن مڪي پاڪ جي قريشي ڪافرن کي چورائي موڪليو تہ: محمد (صلى الله عليه وآله وسلم) سان بحث ۽ جهيڙو ڪري چئوس تہ جنهن کي تون ڪاتيءَ سان ڪهين ٿو اهو حلال آهي ۽ جنهن کي الله ٿو ڪهي (مردار) اهو حرام آهي انهن جي باري ۾ آيت جو مٿيون حصو نازل ٿيو (٤) "وَإِنْ أَطَعْتُمُوهُمْ إِنَّكُمْ لَمُشْرِكُونَ" يعني جيڪڏهن اوهان انهن جهيڙي ڪندڙن

(١) تفسيرات احمديہ ص۳۹۰
(٢) تفسير مدارڪ ص۳۰ جلد۱ جزء۲
(٣) معارف القرآن ص۴۳۴ ج ۳
(٤) تفسير مظهري ص۳۱۸ جلد۳

شيطاني دوستن جي حرام کي حلال چوڻ ۾ فرمانبرداري ڪئي تہ يقينا اوهان بہ مشرڪ آهيو ،چو تہ جنهن الله جو حڪم ڇڏي غير جو حڪم مڃي ان جي دين جي اتباع ڪئي اهو مشرڪ آهي.

اَوَ مَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِى

ڇا جيڪو (پهريان) مئل هو پوءِ جيئرو ڪيوسون ان کي ۽ ڪيوسون ان جي لاءِ نور هلي ٿو ان سان

النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِى الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ

ماڻهن ۾ ان جهڙو آهي جنهن جو مثال جهڙو آهي جيڪو اونداهين ۾ آهي ناهي نڪرندڙ انهن مان ائين ئي

زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٢﴾

سينگاريا ويا ڪافرن جي لاءِ اهي عمل جو ڪندا هئا.

تفسير

هن ڪان اڳين آيتن ۾ ظاهري، باطني گناهن جي ڇڏڻ جو حڪم هو، هتي ان تي عمل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي نتيجي جو بيان ٿي رهيو آهي، ارشاد عالي آهي. "اَوَ مَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِى النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِى الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا" يعني جيڪو پهريان ڪفر ۽ جهالت جي ڪري مئل هو پوءِ اسان ان کي هدايت ۽ علم سان زندگي ڏني ۽ ان جي لاءِ نور (قرآن ڪريم) رهبر ڪيوسين جنهن سان ماڻهن ۾ هلي رهيو آهي سو ان جي مثال جهڙو آهي؟ جيڪو گمراهيءَ جي اونداهين ۾ پيل آهي انهن مان نڪري ئي نہ ٿو. ڪڏهن بہ ناهي "كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" ۽ ائين ڪافرن جي لاءِ جيڪي عمل ڪندا هئا سينگاريا ويا آهن.

شان نزول: محدث ابن جوزي لکيو آهي تہ هن آيت جي نزول جي سبب ۾ پنج قول آهن ١- تہ اها حضرت حمزه رضي الله عنه ۽ ابو جهل جي باري ۾ لٿي هئي ۽ ڳالهہ هيئن هئي تہ ابو جهل (ملعون) حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڇيڻا اڇلائي هنيا هئا ۽ حضرت حمزه اڃان ايمان نہ آندو هو. جڏهن ڪيس اهو احوال ڏنو ويو تہ ڏک مان

تير كمان كڻي ابو جهل وٽ پهتو ۽ كمان سان ڏک هڻندي مٿان چڙهي ويس، ابوجهل عرض كيس ته: اي حمزه! ڇا تون كو نه ٿو ڏسين ته محمد (صلى الله عليه وسلم) اسان جي معبودن كي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو ۽ اسان كي عقل جا كوتاهه ۽ بي وقوف سڏي ٿو. سيدنا حمزه فرمايس ته: اوهان كان وڌيک كير بيوقوف آهي جو الله تعالىٰ كان سواءِ پٿرن جي عبادت كري رهيا آهيو. مان شاهدي ٿو ڏيان ته كو به الله كان سواءِ عبادت جو لائق ناهي ۽ بيشک (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي. تڏهن هي آيت نازل ٿي ٢- ابو صالح حضرت ابن عباس ۽ عكرمه كان روايت آندي آهي ته هيءَ آيت عمار بن ياسر ۽ ابو جهل جي باري ۾ نازل ٿي هئي ٣- ته اها آيت حضرت عمر بن خطاب ۽ ابو جهل جي باري ۾ نازل ٿي ۴- مقاتل جو قول آهي ته اها حضور عليه الصلواة السلام جن ۽ ابوجهل جي باري ۾ نازل ٿي ٥- امام حسن بصريءَ جو قول آهي ته اها هرمومن ۽ كافر جو حال بيان كرڻ لاءِ نازل ٿي هئي. (١)

وَكَذَالِکَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكَابِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا

۽ ائين ئي كيوسون هر ڳوٺ ۾ وڏن ماڻهن كي مجرم انهن جا تانت ڌوكو ڏين ان ۾

وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا جَآءَتْهُمْ

۽ نه ٿا ڌوكو ڏين مگر سرن پنهنجن كي ۽ نه ٿا سمجهن ۽ جڏهن آئي انهن وٽ كا

اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ ؕ اَللّٰهُ

نشاني (معجزو) ته چيائون هرگز نه ايمان آڻينداسون تانجو ڏنا وڃون ان جهڙو جو ڏنا ويا الله جا رسول الله وڌيک

اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ

ڄاڻندڙ آهي اها جاءِ جو ركي ٿو (اتي) رسالت پنهنجي جلدي پهچندي انهن كي جو گناهه كيائون ذلت

عِنْدَاللّٰهِ وَعَذَابٌ شَدِيْدٌ بِمَا كَانُوْا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٤﴾

الله وٽ ۽ عذاب سخت ان جي كري جو ڌوكو كندا هئا.

(١) زادالمسير، ص١١٦ جلد٣

تفسير

هنن آيتن کان اڳين آيتن ۾ نور کان خالي ۽ انڌيرن ۾ ڦاٿلن ڪافرن جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ ان گمراهيءَ جي باوجود اهي پنهنجي لاءِ نبي هجڻ جي خواهش ڏيکاري رهيا آهن، فرمان اقدس آهي" وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا " ۽ ائين ئي هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ان ڳوٺ جي مجرمن جا وڏا ۽ سردار ڪياسون تانت ان ڳوٺ ۾ ڌوڪو ڏيندا، فريب ۽ مڪر ڪندا رهن" وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ " ۽ (حقيقت اها آهي تہ) اهي ڌوڪو صرف پنهنجي پاڻ کي ٿا ڏين ۽ (پر) سمجهن ڪو نہ ٿا.

شان نزول: جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مڪي پاڪ ۾ الله جل جلاله جي دين جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي ۽ مڪي پاڪ جي چئني طرفن کان ماڻهو حج يا عمره يا سامان وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ ايندا هئا تہ مڪي پاڪ جي رهاڪو مشرڪن کي ڊپ ٿي پيو تہ متان اهي ٻاهران اچڻ وارا مسلمان ٿي پون، ان جي ڪري چئني پاسن کان ايندڙن رستن تي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيائون جيڪي ايندڙن ماڻهن سان ملي انهن کي چوندا هئا تہ خيال ڪجو (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) سان نہ ملجو نہ ان کي ڏسجو اهو اهڙو جادوگر آهي جو جيڪو ان کي ڏسي ٿو يا ملي ٿو اهو ابي ڏاڏي جي دين کان ڦري وڃي ٿو. انهن جي رد ۾ هيءَ آيت لٿي هئي (١) پر الله جل جلاله جي قدرت جو ڪمال جو انهن بدنصيبن جي اها دين دشمني دين جي اشاعت ۽ مشهوري جو سبب ٿي جو هر ٻاهران اچڻ وارو شخص ڪافرن جي زبان مان حضور عليه الصلواةوالسلام جن جو ذڪر ٻڌي ان ارادي سان تہ اها شخصيت ڏسون تہ ڪهڙي آهي؟ جنهن جي ڏسڻ ۽ ملڻ کان ايترو سختيءَ سان روڪي رهيا آهن پوءِ انهن مان ڪيترا صرف حضورعليه الصلواة والسلام جن کي ڏسڻ سان ئي پاڻ تہ مسلمان ٿيندا هئا پر پنهنجي وطن واپس وڃي ٻين کي بہ اسلام جي دعوت ڏئي مسلمان بنائيندا هئا. اهائي ڳالهہ الله تعاليٰ بيان ڪئي آهي تہ "حقيقت ۾ اهي پنهنجي پاڻ کي مڪر ۾ وجهي رهيا آهن پر سمجهہ نہ اٿن" . "وَاِذَا جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَا اُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ" يعني جڏهن انهن وٽ ڪا اهڙي نشاني اچي ٿي جيڪا نبوة جي صحت تي دلالت ڪندڙ آهي تہ چون ٿا تہ اسين تيستائين ايمان اصل نہ آڻينداسون جيستائين اسان کي بہ اهڙي نشاني نہ ٿي ڏني وڃي جيڪا الله جي رسولن

(١) روح البيان ص٩٨ جلد٣

(عليهم الصلواة والسلام) کي ڏني وئي آهي. جڏهن ابو جهل کي حضور عليه الصلواة والسلام جن دين ۾ ايمان قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي ته ان ائين چيو هو ته جيستائين اسان وٽ به وحي ۽ ڪتاب نه ايندو ته اسين اوهان جي دعوت کي قبول نه ڪنداسون.

حضورعليه الصلواة السلام جن جو تعظيم سان ذڪر

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة هن آيت جو تفسير ڪرڻ ڪان پوءِ هي نڪتو لکيو آهي ته: هن آيت جي لفظ "رُسُلُ" مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن ۽ جمع جو صيغو سندن تعظيم لاءِ آندو ويو آهي جيئن ٻيءَ آيت ۾ "يَاأَيُّهَاالرُّسُلُ" (١) جمع جي صيغي مان مراد به حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن ۽ شرح التعرف ۾ آيل آهي ته: نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سڀني نبين ۽ رسولن عليهم الصلواة والسلام جي صفتن ۽ شمائل جا جامع آهن ان جي ڪري ڪين" يا أَيُّهَاالرُّسُلُ" ۾ جمع جي صيغي سان سڏيو ويو آهي (٢) الله تعالیٰ قرآن پاڪ ۾ ڪين به ڪيترن مقامن تي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي تعظيم سان ذڪر ڪيو آهي **جڏهن حضور** عليه الصلواة والسلام جن کي مالڪ پاڻ تعظيم سان ياد ڪري ٿو ته **اسان کي ته سندن وڏ ۾ وڏادب، احترام** ۽ تعظيم ڪرڻ گهرجي.

"اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ" يعني الله تعالیٰ اها جاءِ وڌيڪ ڄاڻي ٿو **جتي پنهنجي** رسالت رکي، ۽ اها رسالت جي لاءِ اهليت ۽ لياقت ذاتي ۽ وجودي فضائل سان **آهي نسب** ۽ مال ملڪيت جو ان ۾ ڪو دخل ڪونهي، هي عظيم الشان عهدو هر ڪنهن کي ملي نه ٿو سگهي سچو موتي سپ ۾ ئي نهندو آهي، الله تعالیٰ کي ئي خبر آهي ته ڪليم هجڻ جو لائق ڪير آهي ته خليل هجڻ جو ڪير سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ عِنْدَاللّٰهِ وَعَذَابٌ شَدِيْدٌ بِمَا كَانُوْا يَمْكُرُوْنَ يعني جن مڪر، فريب ڪيا ٿي انهن کي سندن ئي ان عمل جي ڪري جلد الله تعالیٰ وٽ ذلت ۽ سخت عذاب ملندو "صَغَارٌ" مان مراد دنيا ۾ ذلت، رسوائي ۽ خواري آهي ۽ "عَذَابٌ شَدِيْدٌ" مان مراد قيامت ۾ جهنم جي ڀڙڪندڙ باهه آهي. فائدا ١- "اَكَابِرَ مُجْرِمِيْهَا" مان ثابت ٿيو ته اڪثر ڪري مالدار ۽ ڳوٺن جا وڏيرا دين ۽ قوم جا غدار رهيا آهن ۽ عموماً غريب ۽ مسڪين ديندار ۽ دين جا خدمت گذار رهيا آهن، (الا ماشاءالله) هينئر به گهڻو ڪري قرآن پاڪ جا حافظ، علماء، صالح بلڪ ضرورت پوڻ تي مجاهد ۽ غازي به مسڪين ۽ غريب هوندا آهن. ٢- الله تعالیٰ جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي مالدارن جي غدار هجڻ ۾ هيءَ حڪمت

(١) سورة آيت (٢) روح البيان ص٩٩ جلد٣

آهي تہ دنيا کي خبر پوي تہ دين کي زور ونائيندڙ، طاقت ڏيندڙ اللّٰہتعالىٰ آهي جو مالدار زور ڏئي بيهن ٿا تہ بہ دين کي روکي نہ ٿا سگهن ۽ اهو وڌندو رهي ٿو.

٣- "وَمَا يَشْعُرُوْنَ" مان ثابت ٿيو تہ: بي دين ماڻهو دين جي دشمني کري پاڻ تباهہ ٿيندو آهي پر کيس خبر نہ پوندي آهي ۴- نبوت ۽ رسالت الله جل جلالہ جي طرفان عطا ٿيندي آهي وهبي نعمت آهي کمائيءَ سان نہ ملندي آهي. ڏسو ملائکن لکين ورهہ عبادت کئي ۽ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام اجا نهي مس تيار ٿيو هو هک سجدو بہ نہ کيو هيائين تہ الله تعاليٰ انهن ملائکن کان کيس سجدو کرايو ٥- نبي عليه الصلواة والسلام جي خلاف تدبيرون کرڻ وارو پلي کيترو بہ مالدار ۽ ملکيت وارو هجي پر دنيا ۾ هميشه ذليل ۽ خوار رهندو ۽ آخرت ۾ سخت سزائون کائيندو.

هن آيت ۾ دعا جي مقبوليت جي جاءِ

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ هن آيت ۾ دعا جي قبوليت جي جاءِ اسم ذات "الله" بہ ٻيرا لاڳيتو آيو آهي "رُسُلُ اللّٰهِ" اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ" ۾ "رُسُلُ اللّٰهِ" تي بيهي جيکا بہ دعا گهرڻي آهي گهري پوءِ "اَللّٰهُ اَعْلَمُ" کان اڳتي پڙهي تہ اها دعا قبول پوندي، جو هي دعا جي قبول پوڻ جي جاءِ آهي (١) علامہ صاويءَ هن مقام تي پڙهڻ لاءِ هيءَ دعا لکي آهي "اَللّٰهُمَّ من الَّذِيْ دَعَاکَ فَلَمْ تُجِبْهُ، وَمَنِ الَّذِيْ اسْتَجَارَکَ فَلَمْ تَجِرْهُ وَمَنِ الَّذِيْ سَاَلَکَ فَلَمْ تُعْطِهٗ وَمَنِ الَّذِيْ اسْتَعَانَ بِکَ فَلَمْ تُعِنْهُ وَمَنِ الَّذِيْ تَوَکَّلَ عَلَيْکَ فَلَمْ تَکْفِهٗ، يَا غَوْثَاهُ، يَاغَوْثَاهُ، يَاغَوْثَاهُ، بِکَ اَسْتَغِيْثُ اِغِثْنِيْ يَا مُغِيْثُ وَاهْدِنِيْ هِدَايَةً مِنْ عِنْدِکَ وَاقْضِ حَوَائِجَنَا وَاشْفِ مَرْضَانَا وَاقْضِ دُيُوْنَنَا وَاغْفِرْلَنَا وَ آبَائنَا وَلِاُ مَّهَاتِنَا بِحَقِّ الْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ وَالرَّسُوْلِ الْکَرِيْمِ بِرَحْمَتِکَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ (٢)

يعني اي الله! کير آهي جنهن توکي سڏيو ۽ تو قبول نہ کيو، کير آهي جنهن توکان پناهہ گهري ۽ تو پناهہ نہ ڏني، کير آهي جنهن توکان سوال کيو ۽ تو عطا نہ کيو، کير آهي جنهن توکان مدد گهري ۽ تو مدد نہ کئي، کير آهي جنهن توتي توکل کئي ۽ تون ان لاءِ کافي نہ ٿئين اي دانهن ٻڌندڙ! اي دانهن ٻڌندڙ! اي دانهن ٻڌندڙ! تو وٽ دانهن ٿو کيان اي دانهن ٻڌندڙ! منهنجي دانهن ٻڌ ۽ مون کي پاڻ وٽان هدايت عطا کر، ۽ اسان جون حاجتون پوريون کر ۽ اسان جي بيمارن کي شفا عطا کر ۽ اسان تان قرض لاهہ ۽ اسان کي ۽ اسانجن پيئرن ۽ مائرن کي مغفرت نصيب کر قرآن عظيم ۽ رسول کريم جي مهابي، پنهنجي رحمت سان اي ارحم الراحمين!

(١) روح البيان ص٩٩ جلد٣ (٢) صاوي ص٤١ جزء ٢

فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ

پوءِ اهو شخص جو ارادو ٿو ڪري الله ھي تہ ھدايت ڪري ان ڪي تہ کولي ٿو سينو ان جو اسلام جي لاءِ اهو شخص جو ارادو ٿو ڪري ھي تہ

يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِى السَّمَاۗءِ ۭ

گمراھ ڪري ان ڪي تہ ڪري ٿو سيني ان جي کي تنگ گهٽو تنگ گويا ٿو زوريءَ چڙهي آسمان ۾

كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝١٢٥ وَهٰذَا

ائين ئي ڪري ٿو الله پليدي انهن تي جو نہ ٿا ايمان آڻين ۽ ھيءَ

صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ۭ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ۝١٢٦

وات رب تنهنجي جي آهي سڌي تحقيق کولي بيان ڪيون آهن اسان آيتون ان قوم جي لاءِ جو نصيحت قبول ڪن ٿا .

تفسير

هنن آيتن کان اڳين آيتن ۾ مڪي جي ڪافرن جي انهن بهاني بازين جو ذڪر هو جيڪي اهي اسلام کان پري رهڻ لاءِ ڪندا هئا تہ اسان وٽ جبرئيل ڇو نہ ٿو اچي؟ اسان کي نبوت ڇو نہ ملي؟ ۽ هتي انهن بهاني بازين جو سبب بيان ڪيو ٿو وڃي تہ اصل ۾ انهن جا سينا اسلام کان تنگ آهن ۽ انهن کي اسلام قبول ڪرڻ ايترو ڏکيو ٿو لڳي جيترو آسمان تي چڙهڻ- فرمان مبارڪ آهي " فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ " يعني جنهن کي هدايت ڏيڻ جو الله ارادو فرمائي ٿو تہ ان جي سيني کي اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ کولي ٿو ۽ اهو پنهنجي دل ۾ حق ڏانهن رغبت ۽ آمادگي محسوس ڪري ٿو.

سيني جي شرح ڪيئن ٿيندي آهي؟

حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪيو ويو تہ: يا رسول الله! هن آيت ۾ جنهن شرح صدر جو ذڪر آيو آهي اها ڪيئن آهي؟ فرمايائون تہ: نُوْرٌ يُقْذَفُ فِيْهِ فَيَنْشَرِحُ لَهٗ وَيَنْفَسِحُ " هڪ نور آهي جيڪو سيني ۾ وڌو ٿو

وجي پوءِ ان جي لاءِ ڪلي ٿو بيهي ۽ ڪشادو ٿوٿئي. پڇڻ وارن عرض ڪيو ته پلاان جي ڪا نشاني آهي؟ جنهن سان سڃاتو وڃي؟ فرمايائون ته: الا نابه الى دارالخلود والتجا في عن دار الغرور والاستعداد للموت قبل لقاء الموت" (١) يعني هميشه رهڻ واريءَ جاءِ ڏانهن ورڻ ۽ ڌوڪي واريءَ جاءِ (دنيا جي محبت) کان پري رهڻ ۽ موت جي ملڻ کان اڳ ۾ موت جي لاءِ تيار رهڻ "وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِي السَّمَآءِ" يعني جنهن کي گمراهيءَ ۾ رکڻ جو ارادو ٿو ڪري ته ان جي سيني کي تمام گهٽو تنگ ٿو ڪري ۽ اهو اسلام قبول ڪرڻ کي ائين ڏکيو ٿو سمجهي ڄڻ زوريءَ آسمان تي چڙهي رهيو آهي، ۽ سندس روح پرواز ڪري رهيو آهي (٢)

حرجًا ڇا آهي؟

هڪ ڀيري سيدنا عمر بن خطاب رضي الله عنه بني ڪنانه قبيلي جي هڪ نوجوان عربي لغت جي ماهر کان پڇيو ته حرجه ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو ته اسان جي محاوري ۾ حرجه ان وڻ کي سڏيو ويندو آهي جيڪو بين اهڙن گهاٽن وڻن ۾ هوندو آهي جتي نه ڪو ڌنار پهچي ۽ نه چرڻ وارو جانور پهچي ڪا به شيءِ نه پهچي، حضرت عمر فاروق اهو ٻڌي فرمايو ته: كذالک قلب المنافق لا يصل اليه شيء من الخير (٣) يعني منافق جي دل به ائين آهي جو ان تائين ڪا به چڱائي نه ٿي پهچي. "كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ" ائين ئي جيڪي ايمان نه ٿا آڻين الله تعالىٰ انهن جي مٿان عذاب رکندو. الرجس جي لفظ معنىٰ ته پليدي آهي، پر هتي ان مان مراد عذاب آهي علامه سليمان بن عمر الشافعي هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي ته: والمعنى كذالک يلقي الله العذاب على الذين لا يؤمنون (٤) مطلب ته جيئن انهن جا سينا اسلام قبول ڪرڻ کان تنگ آهن تيئن الله تعالىٰ انهن جي لاءِ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي، يا ان جو مطلب آهي ته جيڪي شخص ايمان نه ٿا آڻين سزا طور انهن تي پليدي مسلط ڪئي ويندي شيطان جا ڌوڪا، نفس اماره جي ماتحت رهڻ بڇڙن ساٿين جون صحبتون اهي سڀ ڳالهيون انهن کي گهيرو ڪيو بيٺيون هونديون "وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا" ۽ هيءَ تنهنجي رب جو سڌو رستو آهي، هي جدا جملو آهي، ۽ هذا (هيءَ) ۾ اشارو يا قرآن پاڪ ڏانهن آهي يا اسلام ڏانهن يا سيني جي شرح ڏانهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن اشارو هجي، جو ته پاڻ ئي الله تعالىٰ

(١) تفسير ابن ڪثير ص١٧٤ جلد٢ (٢) تفهيم القرآن ص٥٧٩ جلد١
(٣) الدر المنثور ص٣٥٦ ج٣ (٤) تفسير جمل ص٨٩ جلد٢

وٽ پهچڻ جو هڪ ذريعو آهن(١) ۽ صراط جي لفظ جي رب ڏانهن نسبت ان جي ڪري ڪئي وئي آهي جو اهو رستو ان بيان ڪيو آهي يا ان جي ڪري جو اهو ان تائين پهچائڻ وارو آهي ۽ دين کي رستو ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو جيئن رستو منزل مقصود تائين پهچائڻ جو ذريعو آهي تيئن دين بہ حقيقي معبود تائين پهچائڻ جو ذريعو آهي ۽ رب جي لفظ کي وري ڪ- خطاب جي ضمير ڏي اضافت ڪري حضور عليه الصلواةوالسلام ڏانهن نسبت ان جي ڪري ڪئي وئي آهي تہ معلوم ٿئي تہ رب تعالیٰ کي جيڪو محمد عليه الصلواة والسلام جي شان سان مجيندو اهو سڌي رستي کي حاصل ڪندو حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي دامن کي ڇڏي ڪير بہ حق کي حاصل ڪري نہ سگهندو. "قَدۡ فَصَّلۡنَا الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّذَّكَّرُوۡنَ" يعني نصيحت حاصل ڪندڙ ۽نصيحت قبول ڪندڙ قوم جي لاءِ آيتون کولي کولي بيان ڪيون اٿئون.

آيات مان مراد ڇا آهي؟

هتي آيات مان مراد قرآن پاڪ جون آيتون آهن جڏهن تہ ڪن آيتن ۾ بهشت جو وعدو تہ ڪن ۾ عذاب جو، ڪن ۾ ثواب تہ ڪن ۾ سزا، ڪن ۾ حلال تہ ڪن ۾ حرام، ڪن ۾ حمد تہ ڪن ۾ ثنا، ڪن ۾ ڪافرن جون برائيون تہ ڪن ۾ ڀلارن جون ڀلائيون بيان ٿيل آهن ان جي ڪري"آيات" جمع جي صيغي سان آندو ويو آهي، "لِقَوۡمٍ" ۾ ل نفع جي لاءِ آندو ويو آهي مقصد تہ اهي آيتون ماڻهن جي نفعي حاصل ڪرڻ جي لاءِ تفصيل سان آنديون ويون آهن.

لَهُمۡ دَارُ السَّلٰمِ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ وَهُوَ وَلِيُّهُمۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٢٧﴾

انهن جي لاءِ گهر سلامتيءَ وارو آهي انهنجي رب وٽ ۽ اهو دوست انهن جو آهي سببان انهن (چڱن ڪمن) جي جو ڪندا هئا

وَيَوۡمَ يَحۡشُرُهُمۡ جَمِيۡعًا ۚ يٰمَعۡشَرَ الۡجِنِّ قَدِ اسۡتَكۡثَرۡتُمۡ مِّنَ

۽ ان ڏينهن جو اٿاريندو انهن مڙني کي اي جماعت جنن جي تحقيق گهڻا (تابعدار) بنايا اوهان

الۡاِنۡسِ ۚ وَقَالَ اَوۡلِيٰٓـؤُهُمۡ مِّنَ الۡاِنۡسِ رَبَّنَا اسۡتَمۡتَعَ بَعۡضُنَا

انسانن مان ۽ چوندا دوست انهن جا انسانن مان تہ اي اسان جا پالڻهار! فائدو ورتو هڪڙن اسان مان

(١) نعيمي ص٩١ جلد٨

بِبَعۡضٍ وَّبَلَغۡنَآ اَجَلَنَا الَّذِيۡٓ اَجَّلۡتَ لَنَا ؕ قَالَ النَّارُ مَثۡوٰكُمۡ

بين سان ۽ پهتاسون مدي پنهنجي کي جيڪو مقرر ڪريڏنو تو اسان کي- فرمايو (الله) تہ باهہ جاءِ اوهان جي آهي

خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَآ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيۡمٌ عَلِيۡمٌ ﴿۱۲۸﴾

هميشه رهندڙ هوندؤ ان ۾ مگر جيڪو گهريو الله بيشڪ رب تنهنجو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.

١٤٨
٥
٢
وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيۡ بَعۡضَ الظّٰلِمِيۡنَ بَعۡضًا ۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۱۲۹﴾ ع

۽ ائين ئي مسلط ڪندا آهيون بعضي ظالمن کي بعض تي سببان انهن (عملن) جو ڪيائون ٿي.

تفسير

هنن آيتن کان اول سڌي رستي ۽ تفصيل سان نازل ڪيل آيتن ۽ انهن مان نصيحت حاصل ڪندڙن جو ذڪر هو ۽ هتي انهن جي لاءِ تيار ڪيل انعامات جو ذڪر ٿي رهيو آهي،ارشاد مبارڪ آهي. "لَهُمۡ دَارُ السَّلٰمِ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ وَهُوَ وَلِيُّهُمۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ" يعني مٿي ذڪر ڪيل، نصيحت وٺندڙن جي لاءِ سندن رب وٽ سلامتيءِ وارو گهر آهي ۽ دارالسلام مان مراد بهشت آهيءِ ان کي سلامتيءِ وارو گهر ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو الله جي قرب وارو مقام آهي ۽ اهو الله انهن ۽انهن جو سندن ڪيلن عملن جي ڪري دوست آهي جو ساڻن محبت بہ رکي ٿو تہ ڪين پنهنجي امان ۾بہ رهائي ٿو. (١) "وَيَوۡمَ يَحۡشُرُهُمۡ جَمِيۡعًا يٰمَعۡشَرَ الۡجِنِّ قَدِ اسۡتَكۡثَرۡتُمۡ مِّنَ الۡاِنۡسِ" هتي يوم جي لفظ کان اڳيان اذڪر جو لفظ مقدر آهي جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب آهي، مطلب تہ: اي حبيب! عليڪ الصلواة والسلام ياد فرمايو: جڏهن الله تعالىٰ انهن سيني کي اٿاريندو ۽ قيامت جي ميدان ۾ آڻي خصوصاً جنن کي فرمائيندو تہ! اي جنن جي جماعت! اوهان انسانن مان گهڻن کي گمراهہ ڪيو، انهن کي پنهنجو تابع ۽ مطيع بنايو، انهن کي دنيوي عيش ۽ جسماني لذتون سينگاري ڏيکاريو ۽ وسوسا وجهي تباهہ ڪيو "وَقَالَ اَوۡلِيٰٓؤُهُمۡ مِّنَ الۡاِنۡسِ رَبَّنَا اسۡتَمۡتَعَ بَعۡضُنَا بِبَعۡضٍ" ۽انسانن مان انهن جنن جا دوست چوندا تہ: اي اسان جا پالڻهار! اسان مان هڪڙن ٻين

(١) تفسير القاسمي ص٧١٤ جلد٤

مان فائدو ورتو، حضرت امام حسن بصري ان نفعي ۾ فائدي وٺڻ جي وضاحت ڪندي فرمايو آهي تہ: جنن انسانن جي لاءِ برايون سينگاريون ۽ انسانن لذتون ۽ ناجائز طريقي سان شهوتون هلايون.ان جو ذڪر ڪندا "وَبَلَغْنَا اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا" ۽ (چوندا تہ ياالله!) جيڪو تو اسان ڪي موت اچڻ جي لاءِ مدو ڏنو هو ان ڪي پهچي ويا آهيون ۽ نهايت بري صورت ۽ بچڙي حال ۾ آهيون مقصد تہ شيطانن جي اطاعت،سڌن جي اتباع، قيامت جي انڪار وارن گناهن ڪي مڃيندا ۽ سخت پشيماني جو اظهار ڪندا. (١) "قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ" يعني (الله تعالىٰ انهن ڪي) فرمائيندو تہ: اوهان جي جاءِ (جهنم جي)باهہ آهي ان ۾هميشہ رهندڙ هوندؤ مگر جن ڪي الله گهريو تہ اهي ان ۾ هميشه نہ رهندا ،سيدنا ابن عباس رضي اللّٰہعنهما فرمايو آهي تہ "اِلَّا" سان ايمان وارن ڪي استثناءِ ڪري ڪڍيو ويو آهي ۽"مَا "هتي "مَنْ" جي معنىٰ ۾ آيل آهي (٢) "اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ "بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو،ڄاڻندڙ آهي، ان جي مخلوقات ۾ ڪي ڪافر آهن تہ ڪي مومن ڪي سخت عذاب وارا تہ ڪي هلڪي وارا ۽ ڪافر دائمي دوزخي هوندا ،انهن سڀني ڳالهين ۾ ان جي حڪمت آهي جنهن ڪي پاڻ ئي ڄاڻي ٿو "وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًا" ۽ ائين بعضي ظالمن ڪي بعض تي مسلط ڪنداسون. ابو الليث سمرقنديءَ پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي تہ هن جو مطلب آهي تہ هڪڙن ظالمن ڪي ٻين تي اهڙو غالب ڪنداسون جو انهن جي هٿان ذليل ٿي هلاڪ ٿي ويندا، هي سڀ ڪجهہ ظالم ڪي خبردار ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪيو ويو آهي.

"بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" يعني هڪڙن ظالمن ڪي ٻين تي غالب ۽ مسلط سندن ئي ڪيلن عملن جي ڪري ڪنداسون، ڪن مفسرن لکيو آهي تہ "نُوَلِّيْ" جو مادو ولي قرب جي معنىٰ سان آيو آهي پوءِ مطلب ٿيندو تہ جيئن دنيا ۾ ظالم هڪ ٻئي ڪي قريب آهن تيئن قيامت جي ڏينهن دوزخ ۾بہانهن ڪي هڪ ٻئي ڏانهن ويجهو ڪري رکنداسون تہ هڪ ٻئي جي حالات ڏسن.

يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ

اي جماعت جنن ۽انسانن جي ڇا نہ آيا اوهان وٽ رسول اوهان مان جو پڙهيائون ٿي

(١) تفسير ابو السعود ص١٨٥ جزء٣ (٢) القرطبي ص٨۴ جلد٧

عَلَيْكُمْ آيٰتِيْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا شَهِدْنَا

اوهان تي آيتون منهنجون ۽ ڊيڄاريائون ٿي اوهان کي اوهان جي هن ڏينهن جي ملڻ کان چوندا ته شاهدي ڏيون ٿا

عَلٰٓى اَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَشَهِدُوْا عَلٰٓى

پنهنجن سرن جي مٿان ۽ ڏوکو ڏنائين انهن کي حياتيءَ دنيويءَ ۽ شاهدي ڏيندا پنهنجن

اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿١٣٠﴾ ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ يَكُنْ

سرن تي ته بيشڪ اهي هئا ڪافر اهو ان جي ڪري جو نه آهي

رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ ﴿١٣١﴾ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ

رب تنهنجو هلاڪ ڪندڙ ڳوٺن جو ظلم سان ان حال ۾ جو رهاڪو ان جا بي خبر آهن ۽ هر هڪ جي لاءِ درجا آهن

مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٢﴾ وَرَبُّكَ

ان مان جو ڪيائون ۽ ناهي رب تنهنجو بي خبر ان کان جو ڪن ٿا ۽ رب تنهنجو

الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ

غني رحمت وارو آهي جيڪڏهن گهري ته وڃي وجي اوهان کي (هلاڪ ڪري) ۽ نائب ڪري آڻي اوهان کان پوءِ

مَّا يَشَآءُ كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ﴿١٣٣﴾

جنهن کي گهري جيئن پيدا ڪيائين اوهان کي اولاد قوم ٻيءَ جي مان.

تفسير

هن کان پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ به الله تعاليٰ جي طرفان ڪافر کان عتاب ۽ ڏوراپي طور ڪيل سوال جو ذڪر هو ۽ هتي به ان ئي نموني سان سوال جو ذڪر ڪيو ويو آهي: رباني فرمان آهي: يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ" يعني

قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ جي طرفان جنن ۽ انسانن کي سڏي چيو ويندو تہ: اي جنن ۽ انسانن جي جماعت! ڇا اوهان وٽ اوهان مان رسول (عليهم الصلواة والسلام) نہ آيا هئا؟ اهو سوال يا ملائڪن جي واسطي سان هوندو يا بلا واسطي- ٻئي صورتون ممڪن آهن "يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ"هي جملو" رُسُلٌ"جي صفت آهي. مقصد تہ انهن رسولن اوهان جي اڳيان منهنجون آيتون پڙهيون ٿي "وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا" ۽ اوهان کي اوهان جي هن ڏينهن جي ملاقات کان ڊيڄاريائون ٿي ۽ سمجهيائون ٿي تہ دنياوي زندگي فاني آهي ۽ اوهان جي اڳيان قيامت جو ڏينهن اچڻو آهي جنهن ۾ سڀ حساب ڪتاب ٿيندا. "قَالُوْا شَهِدْنَا عَلٰۤى اَنْفُسِنَا" يعني الله تعالىٰ جا اهي فرمان ٻڌي عرض ڪندا تہ اسين پنهنجن سرن تي پاڻ شاهدي ڏيون ٿا تہ واقعي اسان تنهنجن رسولن کي نہ مڃيو ۽ ڪافر رهيا هئاسون"وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا" ۽ انهن کي دنياوي حياتيءَ مغرور ڪري ڇڏيو هو. هي مالڪ مٺي جو فرمان آهي جيڪو انهن جي ڪفر تي رهڻ جو وجه ٻڌائي رهيو آهي. وَشَهِدُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ۽ پنهنجن سرن تي پاڻ شاهدي ڏيندا تہ بيشڪ اهي ڪافر هئا انهن جي ڪافر هجڻ جي هيءَ شاهدي تہ "شَهِدْنَا عَلٰۤى اَنْفُسِنَا" ۾ اچي وئي هئي پر هيءُ ٻيهر صراحت سان ان جي ڪري بيان ڪئي وئي تہ خبر پوي تہ انهن جي عذاب ۾ وڃڻ جو سبب سندن ئي ڪفر هو،شاهديءَ جو هيءُ ٻيهر بيان حڪمت کان خالي ناهي" ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ" يعني اهو انهن سان ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو ان جي ڪري هليو: جو تنهن جو رب ڳوٺن جي رهاڪن کي ان حال ۾ جو اهي بي خبر هجن ظلم ڪري هلاڪ نہ ڪندو آهي،پر پهريان انهن ۾ پنهنجي طرفان انبياءِ موڪلي انهن جي ذريعي ڪين ڄاڻ ڏيندو آهي تہ جيڪڏهن فرمان بردار نہ ٿيندؤ تہ عذاب ۾ ايندؤ. پوءِ بہ جيڪڏهن نہ مڃيندا آهن تہ عذاب ڪندو اٿن ۽ هلاڪ ٿي ويندا آهن."وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا" هتي بہ ٽي معنائون ٿي سگهن ٿيون عـ١ تہ ٻنهي ٽولنَ جننءِ انسانن جي لاءِ عذاب هڪ جهڙو ناهي پر انهن جي عذاب جا درجا مختلف آهن، جهڙا عمل ڪيا هوندائون انهن جي آهر عذاب جي درجن ۾ هوندا. ان معنىٰ جي لحاظ سان درجات- درڪات جي معنىٰ ۾ آهي عـ٢ تہ "لِكُلٍّ" مان مراد سيئي مومن جن ۽ انسان آهن ۽ درجات مان مراد دنياوي درجا آهن مطلب تہ انهن مومنن جنن ۽ انسانن مان سيني جا درجا مختلف آهن ڪي صرف مومن آهن تہ ڪي مومن هجڻ سان گڏ ولي بہ آهن ۽ ولايت جا درجا بہ مختلف آهن ڪو صرف ولي آهي تہ ڪو ان کان بہ اعلىٰ درجي جو ولي ٣- "لِكُلٍّ" مان مراد سيئي

مومن جن ۽ انسان آهن ۽ درجت مان مراد بهشتي درجا آهن(١) .

"وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ" ۽ تنهنجو رب جيڪي عمل ڪن ٿا انهن کان بي خبر ناهي- حقيقت ۾ هيءُ فرمان منڪرن جي هڪ وهم کي دفع ڪرڻ جي لاءِ آهي جن چيو هو ته الله تعالىٰ هر شخص جي عمل کي ڪيئن ڄاڻي سگهي ٿو. انهن کي "رَبُّكَ" جي لفظ سان سمجهايو ويو آهي ته جڏهن الله رب (پالڻهار) آهي ته ان کان ڪا به شيءِ لڪل ناهي، ڇو ته جيڪڏهن ڪا شيءِ ان کان لڪل هجي ته پوءِ ڪيئن ٿو پالي سگهي" وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُوالرَّحْمَةِ" ۽ تنهنجو رب بي نياز آهي جو ان کان ڪو به مجرم ڀڄي نه ٿو سگهي ۽ اهو رحمت وارو به آهي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي مهلت ۽ ڍر به ڏي ٿو ته من توبه ڪري وڃي "اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ" جيڪڏهن گهري ته اوهان کي وٺي وڃي، هلاڪ ڪري ڇڏي ۽ اوهان کان پوءِ جنهن کي گهري اوهان جي جاءِ تي آڻي اوهان جو نائب ۽ قائم مقام بنائي، هن ۾ به سندس غني هجڻ واري شان جي جهلڪ ڏيکاري وئي آهي ته ان کي ڪنهن جي پرواهه ناهي جيئن گهري تيئن ڪري سگهي ٿو.

"كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ" جيئن اوهان کي ٻئي قوم جي اولاد مان پيدا ڪيائين، هن آيت جي هن حصي جون به معنائون آهن ١- ته جيئن اڳين قومن کي هلاڪ ڪري انهن جي جاءِ تي اوهان کي آباد ڪيائين مثلاً هاٿين وارو واقعو- جيڪو مڪي پاڪ وارن ۾ مشهور ۽ معروف هو ٢- جيئن اوهان جن ابن ۽ ڏاڏن کي وفات ڪرائي اوهان کي انهن جي جاين تي آباد ڪيائين.

اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ لَاٰتٍ ۙ وَّمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿١٣٤﴾ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا

بيشڪ جيڪو وعدو ڪيا ويا آهيو البت اينڊڙ آهي ۽ ناهيو اوهان عاجز ڪندڙ فرماءِ- اي منهنجي قوم! عمل ڪندا رهو

عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ

جاءِ پنهنجيءَ تي بيشڪ مان به عمل ڪندڙ آهيان پوءِ جلدي ڄاڻندؤ ته ڪير آهي؟ جو آهي ان جي لاءِ

عَاقِبَةُ الدَّارِ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿١٣٥﴾

پڇاڙي (دنيا واري) گهرجي بيشڪ نه ڪامياب ٿيندا ظلم ڪندڙ

(١) نعيمي ص١٢١ جلد٨

تفسير

هنن آيتن کان اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي طرفان ٻي فرمانن جي لاءِ مقرر ڪيل عذاب جو ذڪر هو ۽ هتي ان جي يقيني هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. فرمان مقدس آهي"اِنَّ مَا تُوۡعَدُوۡنَ لَاٰتٍ" يقيناً جنهن "قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جو وعدو ڪيا ويا آهيو اچڻ وارو آهي. قبرن مان اٿڻ، حساب ٿيڻ، ثواب ۽ عذاب جي ملڻ ۾ ڪو شڪ نہ ڪيو" وَمَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ" ۽ اوهان عاجز بنائيندڙ ناهيو. مطلب تہ اوهان الله جل جلالہ کي نہ عاجز بنائي سگهندؤ نہ ان کان ڪيڏانهن گم ٿي ويندؤ. ڪٿي بہ هوندؤ تہ اوهان کي ورائي حساب لاءِ آڻيندو"قُلۡ يٰقَوۡمِ اعۡمَلُوۡا عَلٰى مَكَانَتِكُمۡ اِنِّىۡ عَامِلٌ" يعني اي حبيب پاڪ! عليڪ الصلواة والسلام اوهان فرمايو تہ: اي ڪافرؤ! جيڪڏهن اوهان اسلام نہ ٿا قبول ڪيو ۽ پنهنجي ڪفر تي ضد ڪيو بيٺا آهيو تہ اوهان پنهنجيءَ جاءِ تي عمل ڪندا رهو بيشڪ مان بہ عمل ڪندڙ آهيان" فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ تَكُوۡنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ" مطلب تہ: پوءِ جلد جڏهن موت ايندو تہ پاڻ ئي ڄاڻندؤ تہ ڪير آهي جنهن لاءِ دنيا جي پڇاڙي ڀلي آهي.علامہ زمخشري "عَاقِبَةُ الدَّارِ" جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: العاقبہ الحسنی التی خلق الله تعالیٰ هذه الدار لها (١) يعني عاقبة الدار مان مراد سهڻي پڇاڙي آهي جنهن لاءِ الله تعالىٰ هيءَ دنيا پيدا ڪئي آهي.

"اِنَّهٗ لَا يُفۡلِحُ الظّٰلِمُوۡنَ" يقيناً ظالم ڪامياب نہ ٿيندا، هي فرمان مبارڪ گذريل مجمل ڳالهہ جو تفصيل آهي،متي چيو ويو هو تہ: اوهان کي جلد ڄاڻ ٿيندي تہ ڪنهن جي پڇاڙي سهڻي آهي" ۽ هتي وضاحت ٿي وئي تہ سهڻي پڇاڙي مومنن جي ٿيندي ڪافرن،ظالمن جي نہ ٿيندي اهي ڪڏهن بہ ڪاميابي نہ ماڻيندا. فائدا-اعـ١- الله تعالىٰ جا وعدا پورا نہ ٿيڻ ذاتي طرح ممڪن ئي ناهي ان جنهن سان جيڪي وعدا ڪيا آهن ضرور پورا ٿيندا ،پوءِ اهي وعدا ڪنهن شخصيت سان هجن جيئن حضور ۽ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام سان، حضرت صديق اڪبر، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت علي ۽ حضرات حسنين ڪريمن سان- يا ڪنهن جماعت سان جيئن متقين مومنن سان عـ٢ الله تعالىٰ جي طرفان عذاب ڏيڻ لاءِ ڪيل وعدا معاف ٿي سگهن ٿا اها وعدي خلافي نہ پر ان جو ڪرم ۽ رحم آهي (٢)

(١) الڪشاف ص٥٢ جلد٢ (٢) نعيمي ص١٣٤ جلد٨

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا

۽ ڪيائون الله جي لاءِ ان مان جو پيدا ڪيائين پوک مان ۽ چوپاين مان مقرر حصو پوءِ چيائون هي ۽

لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا ۚ فَمَا كَانَ لِشُرَكَآئِهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ

الله جي لاءِ آهي ۽ هي ۽ واسطي شريڪن اسان جي آهي پوءِ اهو حصو جو آهي شريڪن سندن جي لاءِ پوءِ نه ٿو پهچي الله ڏانهن

وَمَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ يَصِلُ اِلٰى شُرَكَآئِهِمْ ۗ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿١٣٦﴾

۽ اهو جو آهي الله جي لاءِ پوءِ اهو پهچي ٿو شريڪن سندن ڏانهن نهايت برو آهي اهو جو فيصلو ڪن ٿا

وَكَذٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ

۽ ائين ئي سينگاريائين گهڻن جي لاءِ مشرڪن مان قتل ڪرڻ اولاد انهن جي کي

شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ۗ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ

شريڪن انهن جي تانت هلاڪ ڪن انهن کي ۽ تانت منجهائين انهن تي دين انهن جي کي ۽ جيڪڏهن گهري ها الله

مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٧﴾

ته نه ڪن ها اهو پوءِ ڇڏي ڏي انهن کي ۽ ان کي جو بهتان ٺاهين ٿا.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ عرب ڪافرن جي برن عقيدن جو بيان هو ۽ هتي انهن جي بي عقليءَ جو بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي ته: وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا " يعني انهن ڪافرن الله تعالىٰ جي لاءِ انهن پوکن ۽ چوپاين مان جيڪي پاڻ پيدا ڪيا اٿس حصو ڪيو آهي. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته: ڪيترن صدين ڪان عربن ڪافرن جو دستور هوندو هو ته پنهنجن پوڪن، باغات وغيره جي

پيدائش ۽ چوپاين جانورن جي ڦرن جي آمدنيءَ جا ٽي حصا ڪندا هئا. هڪ الله جي لاءِ، جيڪو غريبن، مسڪينن ۽ مهمانن ۽ ٻين چڱن ڪمن ۾ خرچ ٿيندو هو ٻيو بتن جي لاءِ- جيڪو بت خانن ۽ انهن ۾ رهندڙن پاون وغيره تي خرچ ٿيندو هو ٣- ٽيون پنهنجي خرچ لاءِ.انهن جي ان ڪردار جو هتي بيان هلي رهيو آهي "فَقَالُوا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ " يعني پوءِ اهي پنهنجي گمان ۽ خيال ۾ چون ٿا تہ هي الله تعالىٰ جو حصو آهي. ڪافرن جي ان قول کي "بِزَعْمِهِمْ "(پنهنجي گمان ۾) سان ان جي ڪري ذڪر ڪيو ويو آهي جو اهي ماڻهو ان مان ثواب جي اميد رکندا ۽ چوندا هئا تہ اسان جي هن عمل سان الله راضي ٿيندو آهي حالانڪ ڪافر جي نہ خيرات قبول آهي ۽ نہ انهن کي اهڙي ڪم ۾ ثواب جي اميد رکڻ گهرجي، "وَهٰذَا لِشُرَكَائِنَا " ۽هي اسان جن شريڪن (بتن ۽ باطل معبودن) جو حصو آهي شرڪاءِ شريڪ جو جمع آهي ڪافرن بتن کي الله جل جلاله جي (معاذالله) الوهيت ۾ شريڪ ٿي سمجهيو ان جي ڪري قرآن ڪريم انهن کي شرڪاءِ سان ذڪر ڪيو آهي" فَمَا كَانَ لِشُرَكَآئِهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ" پوءِ جيڪو سندن (الله تعالىٰ جي لاءِ بنايلن) شريڪن جو حصو آهي اهو الله جي (حصي ۾) نہ ٿو پهچي، يعني الله جل جلاله جي لاءِ مقرر حصي مان جيڪڏهن ڪو جانور مري ويندو هو تہ بتن واري حصي مان ان ۾ نہ وجهندا هئا ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪو پوڪ وغيره جي پيدائش جو ذرو پاڻهي الله جي حصي ۾ اچي ويندوهو تہ هڪدم ڪڍي ڇڏيندا هئا. "وَمَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ يَصِلُ اِلٰى شُرَكَآئِهِمْ " ۽ جيڪو (حصو) الله جو هوندو هو اهو سندن طرفان الله تعالىٰ جي لاءِ بنايلن شريڪن جي حصي ۾ پهچي ويندو هو. يعني جيڪڏهن بتن لاءِ مقرر ڪيل شيءِ ختم ٿي ويندي هئي يا جانور مري ويندو هو تہ الله تعالىٰ جي حصي مان ڪڍي انهن جو حصو پورو ڪري ڇڏيندا هئا. ۽ ان کي مندرن جي خدمتگذارن تي خرچ ڪندا هئا. "سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ" نهايت ئي برو آهي جيڪو اهي فيصلو ڪن ٿا ڪو بہ عقلمند انسان ان کي نہ صحيح چوندو نہ سمجهندو. وَكَذٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ " ۽ائين ئي گهڻن مشرڪن جي لاءِ سندن اولاد جي قتل ڪرڻ کي (انهن جي هٽ سان ناهيلن) شريڪن (ان جي لاءِ) سينگاري پيش ڪيو آهي تانت انهن (مشرڪن) کي هلاڪ ڪن ۽ مٿن سندن (لاءِ پسند ڪيل) دين کي منجهائي رکن- المقصد تہ شرڪ، بت پرستي ۽ قبيح اعمال جي ڪري سندن عقل بہ ختم ٿي ويو آهي جو اولاد جهڙي مٺي شيءِ جنهن سان هر جاندار کي فطرتي محبت هوندي آهي ان کي بہ خوشيءَ سان

قتل ڪن ٿا ۽ شيطانن جي اتباع ۾ ان کي نہ صرف گوارا ڪن ٿا پر ان کي تمام سٺو سمجهن ٿا. "وَلَوْ شَاءَ اللّٰهُ مَا فَعَلُوْهُ" ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اهو (قتل جو ڪم وغيره) نہ ڪن ها. هن جملي ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي آهي تہ: اوهان جي تبليغ ۽ ديني دعوت ڏيڻ ۾ ڪا ڪمي ناهي اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن مشرڪن جي ئي دلين جي گندگيءَ کي ڏسي الله تعالىٰ انهن جي هدايت جو ارادو نہ فرمايو آهي. "فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ" پوءِ انهن ڪافرن کي ۽ اهي جيڪي افتراء ۽ بهتان ناهين ٿا انهن سيني کي ڇڏي ڏي، مطلب تہ نہ انهن جهڙا عمل ڪيو ۽ نہ انهن سان ميل ميلاپ رکو.

مشرڪن ۾ نياڻين جي قتل ڪرڻ ۽ جيئري دفن ڪرڻ جي ابتداء ڪيئن ٿي؟

عرب ۾ اسلام جي اچڻ کان اول جاهليت جي دور ۾ نعمان بن منذر نالي هڪ ڏاڍي ذهن جي ماڻهوءَ هڪ قبيلي وارن تي حملو ڪري انهن جي عورتن کي قيدي بنائي ڪٺائي آيو. انهن قيد ٿيلن عورتن ۾ انهن جي سردار قيس بن عاصم جي ڌيءَ بہ هئي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ انهن ڏاڍيلن جي قبيلي وارن ۽ جن جون عورتون قيدي بنائي ڪٺي آيا هئا انهن جي قبيلي ۾ ڳالهين ذريعي اهو طي ٿيو تہ قيدي عورتن کي اختيار ڏنو وڃي جيڪڏهن پنهنجي قبيلي ڏانهن وڃڻ گهرن تہ پلي وڃن، پيون سڀ عورتون وڃڻ لاءِ تيار ٿيون پر انهن جي سردار قيس بن عاصم جي نوجوان ڌيءَ پنهنجي ڪٺي ايندڙ وٽ ويهي رهي واپس نہ وئي ان ڏک ۾ ان سردار قيس بن عاصم قسم کنيو تہ هن منهنجي ڌيءُ منهنجو نڪ وڍيو آهي بي عزتي ڪئي آهي،مون کي بدنام ڪيو اٿس ان جي ڪري هن کان پوءِ مون کي جيڪا بہ ڌيءُ ڄمندي ان کي جيئري ئي قبر ۾ پوري ڇڏيندس ان وقت کان وٺي ان سلسلي جي شروعات ٿي ۽ ان کان پوءِ ٻين بہ ائين ڪرڻ شروع ڪيو سردار ۽ وڏا ماڻهو نياڻين کي عيب سمجهڻ لڳا ۽ غريب وري غريبي حال جي ڪري نياڻين کي جيئري ئي دفن ڪندا هئا (١) اهو رواج ايترو تہ وڌيو جو ڪي ماڻهو پنهنجين حاجتن جي حصول لاءِ پنهنجي اولاد کي قتل ڪرڻ جي باس باسيندا هئا.

حضرت عبدالله جي ڪهڻ جي حضرت عبدالمطلب باس باسي هئي

حضورعليه الصلواة والسلام جن جي ڏاڏي عبدالمطلب سائين هڪ پيري خواب ۾ ڏٺو تہ پاڻ زمر زمر جو کوهہ کوٽي رهيو آهي (اهو کوهہ ڪجهہ وقت لاءِ

(١) روح المعاني ص٣٢ جلد٣ جزء٨

گم هو خبر نہ ٿي پئي تہ ڪٿي آهي) ۽ ڪيس ان جي جاءِ بہ ڏيکاري وئي، ننڍ مان سجاڳ ٿيڻ ڪان پوءِ ان جي کوٽائي شروع ڪيائين ان ۾ صرف هڪ پاڻ ۽ پيو سندس حارث نالي پٽ هو پوءِ نذر ڪيائين تہ جيڪڏهن مون کي ڏھہ پٽ ڄاوا ۽ وڏا، بالغ ٿيا تہ انهن مان هڪ کي الله تعالىٰ جي لاءِ بيت الله شريف وٽ قربان ڪندس. ڪيس جڏهن ڏھہ پٽ ڄاوا ۽ سيئي وڏا ٿيا تہ ڪين پنهنجي طرفان ڪيل نذر جي ڳالھہ ٻڌايائين ۽ سوچڻ لڳو تہ ڏهن مان ڪھڙي کي ڪهان، سندس حڪم تي ڪسڻ لاءِ ڏهن چٽن ئي جيءَ چيو. پوءِ سيني نالا لکي ڪٽو وجهڻ جو پروگرام ناهيو ۽ چيائون تہ جنهن جو بہ نالو ڪٽي ۾ آيو ان کي ڪهنداسون جڏهن ڪٽي ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي والد حضرت عبدالله سائين جو نالو آيو تہ حضرت عبدالمطلب پاڻ ڪاتي تکي ڪري ان کي ڪهڻ جي لاءِ تيار ٿيو جڏهن ٻين قريشي سردارن اها ڳالھہ ٻڌي تہ اهي سيئي پنهنجين اوطاقن ۽ بينڪن ڪان نڪري پيا ۽ حضرت عبدالمطلب کي چيائون تہ اهو ڪم نہ ڪر اسين ان معاملي ۾ سوچيون ٿا، پوءِ حضرت عبدالمطلب کي هڪ عورت وٽ وٺي آيا جيڪا انهن ڳالهين جي حل ڪرڻ جي لاءِ ڄاڻو هوندي هئي ان سندن حال احوال ٻڌي ڪين مشورو ڏنو تہ حضرت عبدالله جو ڪهڻ ضروري ناهي اوهان ڏهن اٺن جي پرچيءَ ۽ عبدالله جي نالي ۾ ڪٽو وجهو پهرين پيري جي اٺن جي پرچي نہ نڪري تہ ڏھہ، ڏھہ اٺ وڌائيندا پرچيون وجهندا وڃو تانجو جڏهن اٺن واري پرچي اچي پوءِ ان تي جيترا بہ اٺ لکيل هجن اهي عبدالله جي بدلي ۾ ڪهي ڇڏيو تہ نذر پورو ٿي ويندو. ان ڏس جي مطابق ڪٽا وجهندا رهيا تانجو جڏهن سؤ اٺن جي پرچي ڪٽي ۾ آندائون تڏهن اٺن واري پرچي آئي ۽ حضرت عبدالله سائينءَ جي بدلي ۾ هڪ سؤ اٺ قربان ڪري حضرت عبدالمطلب نذر پورو ڪيو (١) ۽ ان واقعي ڏانهن ئي اشارو ڪندي حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "أَنَا ابْنُ الذَّبِيْحَيْنِ" (٢) مان ٻن قربان ٿيندڙن (حضرت اسماعيل عليه الصلواة والسلام ۽ حضرت عبدالله سائين) جو پٽ آهيان.

وَقَالُوا هٰذِهٖٓ اَنْعَامٌ وَّحَرْثٌ حِجْرٌ ۖ لَّا يَطْعَمُهَآ اِلَّا مَنْ نَّشَاۤءُ

۽ چيائون تہ هي چوپايا جانور ۽ پوک روڪيل آهن نہ کائيندو انهن کي مگر جنهن کي اسين گهرون

بِزَعْمِهِمْ وَاَنْعَامٌ حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَاَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ اسْمَ

گمان پنهنجي ۾ ۽ چوپايا جانور جو حرام ڪيون ويون پٺيون انهن جون ۽ چوپايا جانور جو نہ ٿا ذڪر ڪن نالو

(١) روح البيان ص١١٠ جلد٣ التفسير الكبير ص٢٠٦ جزء ١٣
(٢) روح المعاني ص٣٢ جلد٣ جزء٨

اللهِ عَلَيۡهَا افۡتِرَآءً عَلَيۡهِ سَيَجۡزِيۡهِمۡ بِمَا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿١٣٨﴾

الله جو انهن تي سببان بهتان هڻڻ جي ان تي سگهوئي سزا ڏيندو انهن کي سببان ان جي جو بهتان هنيائون ٿي

وَقَالُوۡا مَا فِيۡ بُطُوۡنِ هٰذِهِ الۡاَنۡعَامِ خَالِصَةٌ لِّذُكُوۡرِنَا وَمُحَرَّمٌ

۽ چيائون تہ جو ڪجھ بہ هنن چوپاين جي پيٽن ۾ آهي نجو آهي واسطي مردن اسان جي ۽ حرام ڪيل آهي

عَلٰۤى اَزۡوَاجِنَا ۚ وَاِنۡ يَّكُنۡ مَّيۡتَةً فَهُمۡ فِيۡهِ شُرَكَآءُ ؕ سَيَجۡزِيۡهِمۡ

زالن اسان جن تي ۽ جيڪڏهن آهي مئل پوءِ اهي ان ۾ ڀائيوار آهن سگهوئي بدلو ڏيندو انهن کي

وَصۡفَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ حَكِيۡمٌ عَلِيۡمٌ ﴿١٣٩﴾

بيان انهن جي جو بيشڪ اهو حڪمت وارو، ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

جيئن هنن آيتن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ ڪافرن جي بري عمل،جو(جو پنهنجيءَ پيدائش مان حصو بتن جي نالي ڪندا هئا) بيان هو تيئن هتي بہ انهن جي ٻئي بري عمل جو بيان هلي رهيو آهي فرمان ايزدي آهي. "وَقَالُوۡا هٰذِهٖۤ اَنۡعَامٌ وَّحَرۡثٌ حِجۡرٌ ۖ لَّا يَطۡعَمُهَاۤ اِلَّا مَنۡ نَّشَآءُ بِزَعۡمِهِمۡ" يعني (ڪافر چوپاين جانورن ۽ پوک جي ڪنهن حصي کي بتن جي لاءِ مقرر ڪري) چوندا هئا تہ هي چوپايا جانور ۽ پوک اسان جي پسند کان سواءِ ڪير بہ نہ کائي (پر اهو سڀ ڪجھ)پنهنجي (طرفان ان) گمان سان چوندا هئا (تہ ائين ڪرڻ وڏو ثواب جو ڪم آهي) ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري قيد لڳائي چوندا هئا تہ مرد کائن عورتون نہ کائن يا بت خانن جا مجاور کائين ٻيا نہ. "وَاَنۡعَامٌ حُرِّمَتۡ ظُهُوۡرُهَا" ۽ (اهڙا) چوپايا جانور (بہ بتن جي نالن تي مقرر ڪري ڇڏيا هيائون جو چوندا هئا تہ انهن جون پٺيون (سواريءَ ڪرڻ جي لاءِ) حرام ڪيون ويون آهن.انهن تي ڪير بہ سوار نہ ٿئي گويا حلال يا حرام ڪرڻ سندن هٿ جي ڳالھ هئي. "وَاَنۡعَامٌ لَّا يَذۡكُرُوۡنَ اسۡمَ اللّٰهِ عَلَيۡهَا افۡتِرَآءً عَلَيۡهِ" ۽ ڪي (اهڙا) جانور (مقرر ڪيا هيائون) جن تي (ڪھڻ يا ڏھڻ يا

سواريءَ ڪرڻ وقت) الله جي نالي جو ذڪر نه ڪندا هئا الله تي بهتان هڻندا هئا ته اهو سڀ ڪجهه ان جو حڪم آهي ۽ انهن ڪمن سان اهو راضي ۽ خوش ٿئي ٿو. "سَيَجْزِيْهِمْ بِمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" جلدي انهن کي ان بهتان ٺاهڻ جي سزا ڏيندو- مطلب ته انهن بهتانن هڻڻ ۽ ڪوڙن ٺاهڻ جي سخت ۾ سخت ۽ اهڙي سزا ڏيندن جنهن جا حقدار هوندا- ان ڪان پوءِ سندن طرفان حرام ۽ حلال ڪرڻ واري بهتان جي ٻئي قسم کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَمُحَرَّمٌ عَلٰٓى اَزْوَاجِنَا وَاِنْ يَّكُنْ مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ" ۽ چون ٿا ته جيڪو ڪجهه هنن چوپاين جانورن جي پيٽن ۾ کير يا ٻچو آهي اهو نجو اسان جي مردن جي لاءِ آهي ۽ اسان جي عورتن لاءِ حرام آهي ۽ جيڪڏهن انهن جي پيٽ مان نڪرڻ وارو ٻچو مئل هوندو آهي ته پوءِ اهي (مرد عورتون) سيئي ان ۾ برابر جا حقدار ۽ حصيدار هوندا آهن. "سَيَجْزِيْهِمْ وَصْفَهُمْ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ" يعني انهن جيڪي من گهڙت ۽ ڪوڙيون ڳالهيون الله ڏانهن منسوب ڪري ان جي غلط وصف بيان ڪئي آهي جلدي انهن کي سندن ان غلط وصف بيان ڪرڻ جي سزا ڏيندو بيشڪ اهو حڪمت وارو، ڄاڻندڙ آهي انهن کان بي خبر ناهي ۽ اهو پنهنجي حڪمت جي موافق مناسب وقت تي انهن کي سزا ڏيندو.

قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْٓا اَوْلَادَهُمْ سَفَهًا بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّحَرَّمُوْا مَا

تحقيق نقصان ۾ پيا اهي شخص جو ڪنائون اولاد پنهنجو بي وقوفيءَ جي ڪري علم کان سواءِ حرام ڪيائون جيڪي

رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ۭ قَدْ ضَلُّوْا وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤٠﴾ ع

رزق ڏنو انهن کي الله بهتان هڻي الله تي تحقيق گمراهه ٿيا ۽ نه هئا هدايت وارا

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ

۽ اهو (الله) اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيا باغ چپرن تي چڙهيل ۽ نه چڙهيل ۽ کجيون

وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ

۽ پوک مٽ سٽ آهن کاڌا ان جا ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون (شڪل ۾) ملندڙ جلندڙ ۽ نه

مُتَشَابِهٍ ۚ كُلُوا مِنْ ثَمَرِهِ إِذَا أَثْمَرَ وَآتُوا حَقَّهُ يَوْمَ حَصَادِهِ ۖ وَلَا

ملندڙ جلندڙ کائو ان جي ميوي مان جڏهن ميوو جهلي ۽ ڏيو حق ان جو منجهه ڏينهن لاباري ڪرڻ ان جي ۽ نه

تُسْرِفُوا ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ﴿١٣١﴾

فضول خرچي ڪيو بيشڪ اهو نه ٿو محبت رکي فضول خرچ ڪندڙن ڪي.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته ڪافر پنهنجي طرفان حلال ۽ حرام ڪم ڪندا هئا ۽ حرام کي حلال ڪري استعمال ڪندا هئا، هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته ٻين حرام شين جي استعمال وانگر اولاد جي قتل ڪرڻ واري حرام ڪم جا به مرتڪب هوندا هئا- فرمان ايزدي آهي "قَدْ خَسِرَ الَّذِينَ قَتَلُوا أَوْلَادَهُمْ سَفَهًا بِغَيْرِ عِلْمٍ" تحقيق نقصان ۾ پيا اهي شخص جن پنهنجي اولاد کي علم کان سواءِ بيوقوفي ڪري ڪئو-هن مان ثابت ٿيو پنهنجي وهم ۽ گمان سان قانون ناهي الله تعالىٰ جي حلال ڪيل شين کي حرام ڪرڻ ۽ حرام سمجهڻ انسان جي تباهيءَ ۽ بربادي جو سبب آهي جيئن موجوده دور جا بدمذهب ملان يارهين، عرس، ميلاد شريف وغيره کي هٿرادو اصطلاح قائم ڪري حرام ڪيو وينا آهن اهڙن جي لاءِ ئي "وَحَرَّمُوا مَا رَزَقَهُمُ اللَّهُ افْتِرَاءً عَلَى اللَّهِ" آيو ۽ جيڪي انهن کي الله رزق ڏنو آهي الله تعالىٰ تي بهتان هڻي ان کي حرام ڪيو اٿن. اهي شيون حرام پاڻ کن ٿا ۽ چون ٿا ته الله تعالىٰ حرام ڪيون آهن" قَدْ ضَلُّوا وَمَا كَانُوا مُهْتَدِينَ" تحقيق گمراهه ٿيا ۽ هدايت وارا نه هيا.

" وَهُوَ الَّذِي أَنْشَأَ جَنَّاتٍ مَعْرُوشَاتٍ وَغَيْرَ مَعْرُوشَاتٍ وَالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا أُكُلُهُ" هن آيت ۾ الله تعالىٰ پنهنجي حڪمت بالغه ۽ قدرت ڪامله جو بيان ڪندي فرمايو آهي ته: ۽ اهو (الله) اهوئي آهي جنهن (ڌرتيءَ تي) باغ پيدا ڪيا آهن ڪي چپرن تي چڙهيل آهن (جيئن انگور وغيره) ۽ ڪي چڙهيل ناهن (جيئن گدرا، هندائا يا وٽن ۾ ٿيندڙ ميوا وغيره) ۽ کجيون ۽ پوکون انهن مان تيار ٿيل کاڌا مٽ سٽ آهن، کجور ۾ ڪي اهڙيون خصوصيتون آهن جيڪي ٻين ۾ ناهن ان جي ڪري الله تعالىٰ ان کي جدا ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي

کجيءَ جي وڻ جون خصوصيتون

قرآن پاڪ جي مفسرن لکيو آهي تہ کجي حضرت آدم عليه السلام جي لاءِ آندل مٽيءَ جي بچت مان پيدا ٿي آهي. کجي ھين ساوڪن کان الله تعالیٰ جي تسبيح وڏيڪ پڙهندي آهي. ان جي خدمت گهٽي ڪرڻي نہ ٿي پوي جمڻ کان پوءِ گهٽو ڪري خود بخود جلد وڌندي وڌي ٿيندي ويندي آهي. گهٽو وقت بيهندي آهي. گرم هوائن جي موسم ۾ بہ ان جا پن هرو پرو نہ ڪرندا آهن ان جو ميوو يعني ڪجور غذا جو ڪم بہ ڏيندي آهي تہ فروٽ جو ذائقو بہ، عرب سڳورا مهينن جا مهينا ان تي گذارو ڪري ويندا آهن جيئن جانورن ۾ اٺ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ ڪاريگريءَ جو مظهر آهي جو "وَاِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ" قرآن پاڪ ۾ آيو آهي تيئن ڪجور بہ حقيقي صانع رب پاڪ جي صنعت جو مظهر آهي (١) "وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ" ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون (شڪل ۾) هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ ۽ نہ ملندڙ جلندڙ- هيءَ عبارت "والنخل والزرع" تي معطوف آهي- ياد رکڻ گهرجي تہ ڪي ڪي وڻ اهڙا آهن جو انهن جا نالا هڪڙا تہ انهن جي ميون جا نالا ٻيا پر زيتون ۽ ڏاڙهون اهڙا آهن جو وڻن جا نالا بہ اهي تہ ميون جا بہ اهي- ۽ ٻنهي جا وڻ بلڪل هم شڪل هوندا آهن ٻنهي جو قد ۽ پن بہ هڪ جهڙا پر ميون ۾ زمين آسمان جيترو فرق آهي ۽ ان جو ئي هتي ذڪر آهي تہ الله تعاليٰ جي قدرت جو ڪمال ڏسو جو ٻنهي جا وڻ هڪ جهڙا پر ميون جي خوشبوءِ ۽ لذت ۾ ڪيترو فرق رکيو اٿس "كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ" جڏهن ميوو جهلي تہ ان مان کائو- هن جو مطلب اهو ناهي تہ پراوا ميوا پڇي اجازت کان سواءِ کائو پر مراد اها آهي تہ جيڪڏهن مالڪ آهيو تہ پنهنجا ميوا يلي کائو مالڪ ناهيو تہ موڪلائي کائو "وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ" ۽ لاباري ڪرڻ واري ڏينهن ان پوک جو حق ادا ڪيو "وَلَا تُسْرِفُوْا اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ" ۽ فضول ۽ اجايو خرچ نہ ڪيو بيشڪ الله فضول خرچ ڪندڙن سان محبت نہ ٿو رکي مقصد تہ جيڪا پوک جي پيدائش ٿئي ان ۾ ٻن ڳالهين جو خيال رکو ١- هڪ تہ ان مان الله جو حق ڪڍو ۽ هي آيت امام اعظم سيدنا ابو حنيفه رحمه الله عليه جي مذهب جو دليل آهي تہ باغن جي ميون ۾ بہ ڏاڙهن کان سواءِ زڪواة آهي ٢- ٻيو تہ اسراف نہ ڪيو، ناجائز ۽ غير ضروري ڪمن ۾ هرويرو مال ۽ ملڪيت نہ لٽايو.

(١) نعيمي ص١٦٨ جلد٨

وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ؕ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَلَا

۽ چوپاين مان بار کڻندڙ ۽ زمين سان لڳندڙ کائو ان مان جو رزق ڪري ڏنو اوهان کي الله ۽ نہ

تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٤٢﴾ ثَمٰنِيَةَ

پيروي ڪيو شيطان.جي وکن جي بيشڪ اهو اوهان جو دشمن کليل آهي اٺ (٨)

اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ

جوڙا رڍن مان ٻہ (نر ۽ مادي) ۽ ٻڪرين مان ٻہ فرماءِ تہ ڇا ٻہ نر

حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ

حرام ڪيا اٿس يا ٻہ ماديون يا اهي جومشتمل ٿيون ان تي ڳڀيرڻيون ٻنهي (قسمن جي) مادين جون

نَبِّئُوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٤٣﴾ وَمِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ

ٻڌايو مون کي سند جيڪڏهن آهيو توهان سچا ۽ پيدا ڪيائين جوڙا اٺن مان ٻہ ۽

الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ

جوڙا ڳئن مان ٻہ ، ڇا ٻہ نر حرام ڪيا اٿس يا ٻہ ماديون يا اهو جو مشتمل ٿيو

عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ وَصّٰكُمُ اللّٰهُ

ان تي ڳڀيرڻيون ٻنهي (قسمن جي)مادين جون ڇا هيئو موجودجڏهن حڪم ڏنو اوهان کي الله

بِهٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ

هن جو پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي؟ ان کان جو بهتان هنيائين الله تي ڪوڙ تانتہ گمراهہ ڪري ماڻهن کي

بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٤﴾

علم کان سواءِ بيشڪ الله نہ ٿو هدايت ڪري قوم ظالم کي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ميون ۽ داڻن جو ذڪر هو جيڪي انسان جي غذا ۽ فروٽ آهن ۽ هتي ان ئي انسان جي غذا گوشت ۽ کير وغيره جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي فرمان مبارڪ آهي "وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا" يعني الله تعاليٰ چوپاين مان ڪي بار کڻندڙ

پيدا ڪيا آهن (جيئن هاٿي، اٺ، گهوڙا، خچر ۽ گڏهه وغيرها) ته ڪي زمين سان لڳندڙ- انهن مان مراد اهي جانور آهن جن جو گهڻو استعمال ڪجي ٿو يا زمين تي ليٽائي ڪنا وجن ٿا، "كُلُوا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللَّهُ" جيڪو رزق الله ڏنو اٿو ان مان کائو- مقصد ته الله تعاليٰ جي طرفان حلال ڪيل ۽ روزي لاءِ ڏنل شيون کائو ڪافرن جي چوڻ تي اهي حرام نه بڻايو. "وَلَا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ" ۽ شيطان جي وکن تي نه هلو، ڪافرن جون هٺرادو رسمون وغيره سڀ شيطان جا اثر آهن انهن جي پويان نه هلو نه انهن جي پيروي ڪيو "إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِينٌ" بيشڪ اهو (شيطان) اوهان جو کليل ۽ چٽو دشمن آهي. اهو الله کي ڇڏي ٻين ڏي چڪو آهي ته مان تنهنجي مخلص ٻانهن کان سواءِ ٻين سڀني کي گمراهه ڪندس، "ثَمَانِيَةَ أَزْوَاجٍ" اٺ جوڙا- هيءَ عبارت "حَمُولَةً وَفَرْشًا" کان بدل آهي ۽ ان جي ڪري ئي زبر آيل اٿس، ڪي چون ٿا ته ان جي اڳيان انشا جو لفظ مضمر آهي ۽ ان جو مفعول به آهي (١) هتي انهن گهرن ۾ پاليل جانورن جو ذڪر ٿي رهيو آهي جن کي ڪافر پنهنجي مرضيءَ سان ڪڏهن حلال ڪندا هئا ته ڪڏهن حرام- مٿئين عبارت جو مطلب آهي ته جوڙ ٽيڻ وارا اٺ قسم جانورن جا پلي کائو. انهن مان مراد اٺ ۽ ڏاچي، ٻڪو ۽ ٻڪي، ٻڪرو ۽ ٻڪري، گهٽو (دنبو) ۽ رڍ آهن "مِنَ الضَّأْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ" رڍي مال مان ٻه (نر ۽ مادي) ۽ ٻاڪري مال مان ٻه (نر ۽ مادي) "قُلْ آلذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ أَمِ الْأُنثَيَيْنِ أَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ أَرْحَامُ الْأُنثَيَيْنِ" يعني اوهان انهن کان پڇو ته (الله تعاليٰ) ٻه نر حرام ڪيا آهن يا ٻه ماديون يا (اهي حرام ڪيا اٿس) جيڪي ٻن مادين جي ڳڀيرٽن ۾ لڪل آهن ۽ ڳڀيرٽيون انهن تي مشتمل آهن، ٻڌايو پر پنهنجي طرفان ناهي نه هٽو "نَبِّئُونِي بِعِلْمٍ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ" جيڪڏهن سچا آهيو ته علم (ثبوت ۽ قطعي دليل) سان مون کي اها خبر ڏيو ۽ جڏهن

اوهان وٽ ان جي باري ۾ ڪو علم، ثبوت، سند ۽ قطعي دليل ناهي ته هرويرو حلال شين کي حرام ڇو ٿا ڪيو؟ "وَمِنَ الْإِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ" ۽ اوٺي مال مان ٻه (نر ۽ مدي) ۽ ڳائي مال مان به ٻه (نر ۽ مادي) مقصد ته الله تعاليٰ انهن ذڪر ڪيلن مان جوڙا جوڙا پيدا ڪيا آهن ۽ سڀئي جوڙا جوڙا ملايو ته اٺ ٿيندا" قُلْ آلذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ أَمِ الْأُنثَيَيْنِ" يعني اوهان وري پڇا ڪيو ته ڇا (الله تعاليٰ انهن اٺن ۽ ڍڳن مان) ٻه نر حرام ڪيا آهن يا ماديون "أَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ أَرْحَامُ الْأُنثَيَيْنِ" يا اهي به حرام

(١) فتح القدير ص١٧٠ جلد٢

ڪيا اٿس جن تي (ڍڳئي ۽ ڏاچيءَ ٻنهي) مادين جون ڳپيرٽيون مشتمل آهن ۽ انهن ۾ لڪا پيا آهن "اَمۡ كُنۡتُمۡ شُهَدَآءَ اِذۡ وَصّٰكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا" ڇا اوهان ان وقت (الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾) موجود هئو جڏهن اوهان کي هي حڪم فرمايو هيائين ته جڏهن وڙيو ۽ جيئن وڙيو، جنهن کي وڙيو حلال ڪيو يا حرام اوهان جي مرضي آهي، ڇو تا ڪوڙ هڻو؟ "فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا" پوءِ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جيڪو الله تي ناهي ڪوڙ هڻي؟ ڪير به ان کان وڌيڪ ظالم ناهي "لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ" يعني (اهي ڪوڙ ان جي ڪري هڻي ٿو ۽ وڏو ظالم بنجي ٿو ته) ماڻهن کي علم، (حجت ۽ ثبوت) کان سواءِ گمراهه ڪندو رهي "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِي الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ" يقينًا الله ظالم قوم کي هدايت نه ٿو ڪري- ۽ جڏهن ظالم کي هدايت نصيب ناهي ته اظلم وڏي ۾ وڏي ظالم کي ڪيئن نصيب ٿيندي ۽ ياد رکڻ گهرجي ته ڪنهن به انسان جي دل جو هدايت کي قبول نه ڪرڻ ئي ان جي لاءِ سخت عذاب آهي.

قُلۡ لَّاۤ اَجِدُ فِيۡمَاۤ اُوۡحِيَ اِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطۡعَمُهٗۤ اِلَّاۤ

فرماءِ ته نه ٿو لهان ان ۾ جو وحي ڪيو ويو مون ڏانهن ڪنهن به حرام ڪيل کي ڪنهن کائيندڙ تي جو کائي ٿو ان کي مگر هي

اَنۡ يَّكُوۡنَ مَيۡتَةً اَوۡ دَمًا مَّسۡفُوۡحًا اَوۡ لَحۡمَ خِنۡزِيۡرٍ فَاِنَّهٗ رِجۡسٌ

جو هجي مردار يا رت (سير جي وقت) وهيل يا گوشت سوئر جو پوءِ بيشڪ اهو پليد آهي

اَوۡ فِسۡقًا اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضۡطُرَّ غَيۡرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ

يا ناجائز جو کهڻ وقت ان تي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو ورتو ويو پوءِ جيڪو مجبور ڪيو ويو نه طلب ڪندڙ ۽ نه حد کان لنگهندڙ پوءِ بيشڪ

رَبَّكَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۴۵﴾

رب تنهنجو بخشيندڙ، مهربان آهي.

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ ڪفار عرب جي طرفان جانورن جي حلال ۽ حرام هجڻ جي متعلق بي قاعدگين جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ انهن جي حلال ۽ حرام هجڻ جي متعلق

قاعدا ۾ قانون بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آ هي "قُل لَّآ اَجِدُ فِيۡ مَآ اُوۡحِيَ اِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلٰي طَاعِمٍ يَّطۡعَمُهٗۤ اِلَّآ اَنۡ يَّكُوۡنَ مَيۡتَةً اَوۡ دَمًا مَّسۡفُوۡحًا اَوۡ لَحۡمَ خِنۡزِيۡرٍ" يعني اي حبيب پاڪ! عليه الصلواة والسلام توں فرماءِ تہ: جيڪو مون ڏانهن (هن آيت جي نزول وقت) وحي ڪيو ويو آهي ان ۾ ڪا بہ شيءِ (اڳيان ذڪرٿيندڙ شين کان سواءِ) ڪنهن بہ کائيندڙ تي جيڪو کائي ٿو حرام ڪيل ناهي. پر هي چار شيون حرام آهن. هڪ مردار ٻيو جانور کي ڪهڻ وقت وهندڙ رت ٽيون سوئر جو گوشت "اَوۡ فِسۡقًا اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ بِهٖ" يا اهو ناجائز جنهن جي مٿان ڪهڻ وقت الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو نالو پڪاريو وڃي" هي چوٿون حرام آهي، ڄاڻڻ گهرجي تہ: "اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ بِهٖ" جي معنىٰ ۾ ان جو تحقيق سورة البقره آيت عـ۱۷۳ جي وضاحت ڪندي احسن البيان في تفسير القرآن جلد۱ ص۳۸۱ ۾ سورة المائدة جي آيت عـ۳ جي وضاحت ڪندي احسن البيان في تفسير القرآن ضرٓ ج۳ تي مون عاجز مدلل نموني لکيو آهي اهو ڏسڻ گهرجي.

هڪ ضروري وضاحت

هتي هڪ ڳالهہ اجا وضاحت طلب آهي اها هيءَ آهي تہ هن بيان ڪيل آيت مان ظاهر ٿيو تہ حرام ڪيل شيون صرف اهي چار آهن ٻيون ناهن حالانڪ انهن کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون شيون حرام آهن جيئن شراب، ڦاڙيندڙ جانور وغيره- ان لاءِ عرض آهي تہ ان وقت جيڪو وحي ٿيو هو ان ۾ صرف انهن چئن شين جي حرام هجڻ جو ذڪر ڪيل هو، ان کان پوءِ بہ وحي جو سلسلو جاري رهيو ۾ مناسب وقتن تي ٻيون شيون بہ حرام ٿينديون رهيون ٻيون حرام ڪيل شيون ٻئي پيري وحي سان حرام ٿيون. ضروري ناهي تہ سيئي هڪڙي پيري حرام ٿين. (۱) "فَمَنِ اضۡطُرَّ غَيۡرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ" پوءِ جيڪو لاچار ٿيو نہ بي فرماني ڪندڙ ۾ نہ حد کان لنگهندڙ تہ پوءِ يقيناً تنهنجو رب بخشڻهار، مهربان آهي، مطلب تہ جيڪڏهن ڪو شخص بک ۾ مري رهيو آهي نہ بي فرماني ٿو ڪري ۾ نہ حد کان ٿو لنگهي تہ ان کي حرام کائڻ جائز آهي پر ضرورت آهر صرف ايترو کائي جنهن سان سندس جان بچي.

وَعَلَى الَّذِيۡنَ هَادُوۡا حَرَّمۡنَا كُلَّ ذِيۡ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الۡبَقَرِ وَالۡغَنَمِ

۾ انهن تي جو يهودي ٿيا حرام ڪئي سون هر شيءِ نهن واري ۾ ڳائي مال مان ۾ ٻاڪري مان

(۱) القرطبي ص۱۱۵ جلد۷

حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَآ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَآ اَوِ الْحَوَايَآ

حرام ڪئي سون انهن تي چربي انهن جي مگر جيڪو کنيو پٺين انهن جي يا آنڊن

اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ذَالِكَ جَزَيْنَاهُمْ بِبَغْيِهِمْ وَاِنَّا

يا جيڪو لاڳورهيو هڏي سان اهي بدلو ڏنوسون انهن کي سببان سرڪشيءَ انهن جي ۽ بيشڪ اسان

لَصَادِقُوْنَ ﴿۱۴۶﴾ فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ وَلَا

البت سچا آهيون پوءِ جيڪڏهن ڪوڙو چون توکي تہ پوءِ فرماءِ تہ رب اوهان جو رحمت ڪشاديءَ وارو آهي ۽ نہ

يُرَدُّ بَاْسُهٗ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۴۷﴾

موٽايو ويندو عذاب اسان جو قوم مجرم کان

تفسير

اڳئين آيت ۾ انهن جانورن جو ذڪر هو جيڪي اصلي ۽ قانوني طور حرام آهن ۽ هتي انهن جو ذڪرتي رهيو آهي جيڪي ڪنهن قوم جي سزا ۽ عذاب طور حرام ڪيا ويا آهن فرمان مقدس آهي "وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِيْ ظُفُرٍ" يعني يهودين تي هر ننهن وارو جانور اسان حرام ڪيو هو ۽ مفسرن مان علامه رازي لکيو آهي تہ ننهن وارن مان مراد اهي جانور يا پکي آهن جيڪي ڏندن يا چنبن سان چني،ڦاڙي کائيندا آهن ۽ تفسير خازن ۽ حقانيءَ لکيو آهي تہ ان مان مراد کرن وارا جانور آهن جيئن اٺ وغيره اهي سيئي يهودين تي حرام هيا، "وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَا اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَا اَوِ الْحَوَايَا اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ" ۽ ڳائي مال مان ۽ٻاڪري مال مان اسان انهن يهودين تي چربي حرام ڪئي هئي، مگر جيڪا انهن جي پٺين تي هئي يا آنڊن سان يا هڏن سان لاڳو هئي، اها چربي بہ سندن لاءِ حلال هئي. "ذَالِكَ جَزَيْنَاهُمْ بِبَغْيِهِمْ" اها اسان انهن کي سندن ئي بغاوتن جي ڪري سزا ڏني هئي، اهي نهايت فسادي ۽ ظالم تي چڪا هئا "وَاِنَّا لَصَادِقُوْنَ" ۽ يقينًا اسين

سچا آهيون، مطلب تہ يهودي چوندا هئا تہ اهي شيون هميشہ کان سيني دينن ۾ حرام هيون اسين ٿا چئون تہ ائين ناهي اهي شيون صرف يهودين تي سزا طور حرام ڪيون ويون هيون، يهودي ڪوڙا آهن ۽ اسين شڪ ۽ شبهي ڪان سواءِ سچا آهيون. "فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ" يعني جيڪڏهن اهي توکي ڪوڙو چون تہ اوهان چئون تہ اوهان جو رب ڪشادي رحمت وارو آهي. مطلب تہ: جڏهن اوهان انهن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ ڪين پنهنجي نبوت جي برحق هجڻ لاءِ معجزا بہ ڏيکاريا پوءِ بہ اوهان کي ڪوڙو چون تہ انهن کي جلدي سزا ڏني وجي پر اوهان انهن کي چئو تہ: اوهان جو رب ڪشادي رحمت وارو آهي ان جي ڪري تڪڙي سزا نہ ٿو ڏي، پر جيڪڏهن ڪو ان مهلت مان بہ فائدو نہ وٺندو ۽ براين کان باز نہ ايندو تہ نيٺ هلاڪ ۽ برباد ٿيندو ۽ اهوئي ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَا يُرَدُّ بَاْسُهٗ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ" ۽ ان جو عذاب مجرم قوم کان نہ ٽاريو ويندو.

سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكْنَا وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا

جلدي چوندا اهي شخص جو شرڪ ڪيائون تہ جيڪڏهن گهري ها الله تہ نہ اسين شرڪ ڪيون ها ۽ نہ پيئر اسان جا ۽ نہ

حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ۭ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا

حرام ڪيون ها ڪا شيءِ ائين ئي ڪوڙو ڪيو انهن جو اڳي انهن کان هئا تان جو چکيائون

بَاْسَنَا ۭ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِّنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ۭ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا

عذاب اسان جو فرماءِ تہ ڇا اوهان وٽ ڪو علم آهي؟ پوءِ ڪڍيو اهو اڳيان اسان جي نہ ٿا پيروي ڪيو

الظَّنَّ وَاِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَخْرُصُوْنَ ﴿١٤٨﴾ قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۚ

مگر گمان جي ۽ ناهيو اوهان مگرجو ٿا اٽڪل ڪيو فرماءِ تہ پوءِ الله جي لاءِ آهي حجت پوري

فَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٤٩﴾

پوءِ جيڪڏهن گهري ها تہ البت هدايت ڪري ها اوهان سيني کي.

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ مشرڪن جي رسمن ۽ رواجن جي ترديد ڪئي وئي هئي تيئن هنن آيتن ۾ بہ انهن جي ئي غلط فهمين جو ازالو ڪيو ويو آهي. فرمان ايزدي آهي "سَيَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا لَوۡ شَآءَ اللّٰهُ مَاۤ اَشۡرَكۡنَا وَلَاۤ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمۡنَا مِنۡ شَيۡءٍ" يعني جن شخصن شرڪ ڪيو آهي اهي جلد (جڏهن الهي عذاب ڏسندا تہ) چوندا. جيڪڏهن الله (اسان کي هدايت تي هلائڻ) گهري ها تہ نہ اسين شرڪ ڪيون ها نہ اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نہ اسين (پنهنجي طرفان) ڪا شيءِ حرام ڪيون ها. ان مان انهن ثابت ڪرڻ ٿي گهريو تہ الله تعالىٰ اسان جي ان شرڪ ۽ حلال کي حرام ڪرڻ واري فعل کان راضي آهي ۽ سڀ ڪجهہ ان جي ارادي سان ڪري رهيا آهيون. "كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ حَتّٰى ذَاقُوۡا بَاۡسَنَا" ائين ئي انهن بہ (الله تعالىٰ جي فرمانن کي) ڪوڙو چيو هو جيڪي هنن کان اڳ ۾ هئا تانجو اسان جو عذاب چکيائون.

برهان فعليءَ سان شبهي جو ازالو

الله تعالىٰ هن عبارت سان ڪافرن جي متئين شبهي جو جنهن نموني ازالو ڪيو آهي ان کي برهان فعلي سڏيو ويندو آهي. يعني اي ڪافرو! اها ڳالهہ صرف اوهان نہ ڪئي آهي اوهان کان اڳيان بہ ائين چوندا هئا. پر اهو تہ ٻڌايو: جيڪڏهن واقعي اهو سڀ ڪجهہ الله تعالىٰ جي مشيت ۽ گهر سان ٿي رهيو آهي تہ پوءِ انهن تي ايترو الاهي عذاب ڇو اچي ڪڙڪيو ۽ دنيا تان اهڙا متجي ويا جو سندن ڪو نالو، نشان ئي نہ رهيو. جيڪي ٻانها اللّٰہتعالىٰ جي رضا جا تابع هوندا آهن انهن تي تہ ڪرم ئي ڪرم هوندو آهي غضب نہ هوندو آهي ثابت ٿيو تہ جيڪو ڪجهہ اوهان ڪيو ٿا ان ۾ اوهان شيطانن جا تابع آهيو. "قُلۡ هَلۡ عِنۡدَكُمۡ مِّنۡ عِلۡمٍ فَتُخۡرِجُوۡهُ لَنَا" يعني (اي حبيب پاڪ! عليڪ الصلواة والسلام) اوهان انهن کان پڇوءِ) فرمايو تہ: ڇا اوهان وٽ (ان ڳالهہ جي لاءِ جيڪا ڪيو ٿا) ڪو علم (يا مستند ثبوت) آهي؟ جيڪڏهن آهي تہ پيش ڪيو جي نہ آهي تہ پوءِ ڪوڙ نہ هڻو "اِنۡ تَتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا تَخۡرُصُوۡنَ" يعني اوهان وٽ اوهان جي متئين ڳالهہ لاءِ ڪو بہ ثبوت يا قوي دليل ناهي: اوهان تہ صرف گمان جي تابعداري ڪيو ٿا ۽ اوهان صرف اٽڪل بازي ڪندا رهو ٿا "قُلۡ فَلِلّٰهِ الۡحُجَّةُ الۡبَالِغَةُ" فرماءِ تہ پوءِ الله جي لاءِ حجة پوري آهي، يعني الله تعالىٰ اوهان کي ڏنل اختيار ۽ ارادي جي قوت اوهان کان کسي اوهان کي جمادات، پٿر ۽ پتر جهڙو بي جان بنائڻ نہ ٿو گهري.ان جي حجت ۽ دليل جيڪو اوهان جي اڳيان پيش ڪيو ٿو وڃي ڪامل ۽ پورو آهي.

حجـة الله البالغـة ڇا آهي؟

حجت ان کي چئبو آهي جنهن سان دعوىٰ ثابت ڪرڻ جو ارادو ڪيو وڃي ۽ بالغة جي معنىٰ آهي نهايت قوي- ۽ هتي ان مان مراد ڪير آهي مفسر قرآن علامه اسماعيل حقي لکيو آهي تہ:والمراد بها الكتاب والرسول والبيان (١) يعني حجة الله البالغة مان هتي مراد قرآن پاڪ ۽ رسول عليه الصلواة والسلام ۽ بيان (جو انداز) آهي علامه شوڪاني لکيو آهي تہ: والمراد بها الكتب المنزلة والرسل المرسله وماجاءوا به من المعجزات (٢) يعني ان مان مراد الله تعالىٰ جا نازل ڪيل ڪتاب ۽ موڪليل پيغمبر ۽ جيڪي انهن معجزا آندا هئا اهي آهن.علامه نعيمي عليه الرحمة اهي ٽئي مرادون لکي ترجيح هن ڳالهہ کي ڏني آهي تہ ان مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات عالي صفات آهي ڇو تہ پاڻ الله تعالىٰ جي ذات، صفات، سندس احڪام ۽ فرمانن، بلڪ اسلام ۽ ايمان جي سڄي ڪارخاني جو نهايت ئي اعلىٰ ۽ پورو، پورو دليل آهن جيئن قرآن پاڪ جي ڪيترن ئي آيتن ۾ کين برهان سڏيو ويو آهي(٣)

"فَلَوۡ شَآءَ لَهَدٰىكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ" پوءِ جيڪڏهن گهري ها تہ اوهان سڀني کي هدايت نصيب ڪري ها ،هن عبارت جو مطلب هي آهي تہ: ان جي قدرت کان اها ڳالهہ ٻاهر ناهي جو اوهان ۾ برائيءَ ڪرڻ جي استعداد ۽ قوت ئي نہ رکي ها ۽ اوهان کي شعور ۽ ارادي جي نعمت کان محروم ڪري ڇڏي ها پر سندس حڪمت جي تقاضا آهي تہ انسان نہ وڻن ۽ پٿرن وانگر مجبور رهي ۽ نہ ملائڪن وانگر فطرتي طور عبادت ۽ اطاعت ئي ڪندو رهي پر انهن سڀني کان هڪ نرالي مخلوق هجي جو برائيءَ جي خواهش ۽ ان جي مٿان قادر هجڻ جي باوجود برائي نہ ڪري ملائڪن جو بہ مسجود بنجڻ جو لائق رهي.

قُلۡ هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ الَّذِيۡنَ يَشۡهَدُوۡنَ اَنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا ۚ فَاِنۡ

فرماءِ تہ آڻيو، شاهد پنهنجا جيڪي شاهدي ڏين تہ بيشڪ الله حرام ڪيو هن کي پوءِ جيڪڏهن

شَهِدُوۡا فَلَا تَشۡهَدۡ مَعَهُمۡ ۚ وَلَا تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا

(اهي ڪوڙي) شاهدي ڏين تہ پوءِ تون شاهدي نہ ڏي انهن سان گڏ ۽ نہ تابع ٿي سڌن انهن جي جن ڪوڙو ڄاتو آيتن اسان جي

(١) روح البيان ص١١٦ جلد٣ (٢) فتح القدير ص١٧٥ جلد٢

(٣) تفسير نعيمي ص٢١٥ جلد٨

وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٠﴾

ڪيءِ اهي جو نہ ايمان آڻين ٿا آخرت تي ۽ اهي (ٻين کي) رب پنهنجي سان برابر ڪن ٿا.

تفسير

هن ڪان اڳين آيتن ۾ عرب جي ڪافرن ڪان مذڪوره جانورن جي سندن طرفان حرام ڪرڻ تي علمي دليل گهريو ويوءِ جڏهن پيش ڪري نہ سگهيا تہ هتي انهن ڪان شاهد طلب ڪندي حڪم ٿيو آهي "قُلْ هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا "يعني جيڪڏهن ٻيوڪو علم نہ اٿن ۽ نہ ثابيش ڪري سگهن تہ پوءِ انهن کي فرمايو تہ: يلا پنهنجا اهڙا شاهد آڻيو جيڪي شاهدي ڏين تہ اللّٰه‌تعالىٰ هن (مذڪور جانورن) کي حرام ڪيو آهي اسين پنهنجي طرفان ڪو نہ ٿا چئون. "فَاِنْ شَهِدُوْا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ "پوءِ جيڪڏهن شاهدي ڏين تہ بہ اوهان انهن سان گڏ شاهدي نہ ڏجو،مطلب تہ انهن ڪان شاهدي ان جي لاءِ نہ ٿي طلب ڪئي وڃي تہ جيڪڏهن اهي ڪٿي هٽ جا ڪوڙا شاهد پيش ڪن تہ اوهان انهن کي تسليم ڪري سچو سمجهو پر ان لاءِ طلب ڪئي وئي آهي تہ اهي شاهدي پيش ڪرڻ جي ذميداريءَ کي محسوس ڪري حق ڏانهن رجوع ڪن پرجيڪڏهن اهي شرافت ۽ دينداريءَ ڪان پنهنجو تعلق پري رکندي ڪوڙيءَ شاهدي لاءِ تيار ٿي وڃن تہ انهن جي شاهديءَ کي پنهنجي لاءِ حجت نہ سمجهندا "وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ "۽ انهن ماڻهن جي خواهشات جي تابعداري نہ ڪر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ۽ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين ۽ پنهنجي رب سان ٻين کي برابر ڪن ٿا. لَا تَتَّبِعْ ۾خطاب قرآن پاڪ پڙهندڙ مسلمان سان آهي. مٿئينءَ عبارت جو مطلب هي آهي تہ جيڪي شخص اسان جي طرفان لاٿل قرآن پاڪ جي آيتن کي ڪوڙو چون ۽ آخرت تي ايمان نہ آڻين ۽ ٻين کي پنهنجي حقيقي پالڻهار سان برابر سمجهن انهن جي خواهشات جي اتباع نہ ڪريو.

الله تعالىٰ سان برابر سمجهڻ شرڪ آهي

ياد رکڻ گهرجي تہ ڪافر پنهنجن بتن ۽ سردارن کي الله تعالىٰ سان برابر ائين سمجهندا هئا جو انهن جي عبادت ڪندا هئا. انهن کي حلال ۽ حرام ڪرڻ جو

مستقل مالڪ سمجهندا هئا جهان جي نظام هلائڻ ۾ الله تعالىٰ وانگر انهن جو عمل دخل مڃيندا هئا ڪن کي الله جو پٽ ته ڪن کي ان جون ڌيئرون سڏيندا هئا ۽ بتن کي اهميت ڏيندي چوندا هئا ته انهن کان سواءِ الله تعالىٰ جهان هلائي نه ٿو سگهي وغيره وغيره. اهي سڀ عقيدا شرڪ آهن پر ڪنهن کي الله تعالىٰ جو مقبول ۽ محب بانهو سمجهڻ، ان سان سندس بارگاهه بي ڪس پناهه ۾ وسيلو وٺڻ، ڪنهن کي سندس ڪرم ۽ فضل جو مظهر سمجهڻ سندس ڏنل نعمتن علم وغيره جو ونڊيندڙ ۽ ورهائيندڙ سمجهڻ، ڪنهن کان دعا طلبي يا حاجت روائيءَ لاءِ دعا گهرائڻ شرڪ ۽ ڪفر ناهي.

قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْئًا

فرماءِ ته: اچو ته پڙهان جيڪو حرام ڪيو رب اوهان جي اوهان تي نه شريڪ بڻايو ان سان ڪا شيءِ

وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ۭ نَحْنُ

۽ پيءُ ماءُ سان احسان (ڪيو) ۽ نه ڪهو اولاد پنهنجي کي سڃي ٿيڻ جي ڊپ کان اسين

نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ ۚ وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا

رزق ڏيون ٿا اوهان کيءَ انهن کي ۽ نه ويجها وڃو بيحيائيءَ کي جيڪو ظاهر ٿيو ان مان ۽ جيڪو

بَطَنَ ۚ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ۭ ذٰلِكُمْ

لڪل ٿيو ۽ نه ڪهو نفس کي جيڪو حرام ڪيو آهي الله مگر حق سان اهو

وَصّٰكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٥١﴾

امر ڪيائين اوهان کي ان جو تانت اوهان عقل کان ڪم وٺو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ جسماني غذائن مان حرام ڪيل شين جو ذڪر هو ۽ هتي روحاني طرح حرام ڪيل ڪمن جو ذڪر ڪندي حڪم ٿي رهيو آهي "قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ

مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ " فرماءِ اچو تہ مان اوهان کي اهي شيون پڙهي ٻڌايان جيکي اوهان جي رب اوهان لاءِ حرام کيون آهن. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ الله تعالیٰ جي طرفان حضور عليه الصلواۃ والسلام جن کي امر کيو ويو آهي تہ ساري امت کي حرام کيل شين جي ٻڌڻ لاءِ سڏي.

علماء جي ذميواري ۽ هن آيت جو شان

هن آيت جي تفسير ۾ علامہ قرطبي لکيو آهي تہ حضور عليه الصلواۃ والسلام جن کان پوءِ علماءِ امت تي واجب آهي تہ ماڻهن کي تبليغ کندي حلال ۽ حرام شيون ضرور ٻڌائين جيئن الله تعالیٰ جو ہيو فرمان آهي "لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ وَلَا تَكْتُمُوْنَهٗ" يعني حق جو پيغام ماڻهن کي ضرور بيان کري ٻڌائيندؤ ۽ ان کي نہ لڪائيندؤ. حضرت کعب الاحبار فرمايو آهي تہ توراۃ جي افتتاحي آيت بہ هيءَ هئي ۽ سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ هي آيتون محکم ۽ سيني شريعتن جون جامع آهن جيکي کنهن بہ شريعت ۾ منسوخ نہ کيون ويون ۽ اهي ئي ڏهہ کلمات آهن جيکي حضرت موسیٰ عليه الصلواۃ والسلام تي نازل کيا ويا هئا (١) "اَنْ لَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ" يعني اهي حرام کيل کم هي آهن ١- تہ الله تعالیٰ سان کنهن کي شريک نہ بنايو ٢- تہ والدين سان ڀلائي کندا رهو (انهن سان بد اخلاقي ۽ سختيءَ سان پيش نہ اچو) ٣- تہ سڃي ٽيڻ جي ڊپ کان اولاد کي قتل نہ کيو اوهان کي ۽ انهن سيني کي اسين رزق ڏيون ٿا. "وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ" ۽ ظاهري، باطني براين کي ويجها ئي نہ وڃو، اَلْفَوَاحِشَ، فاحشہ جو جمع آهي ان مان مراد وڏو گناهہ آهي، ان ۾ بيحيائي، بي غيرتي ۽ اهي سڀ گناهہ داخل آهن جن کي عقل بہ برو سمجهي تہ زماني وارا بہ- سيدنا ابن عباس جو فرمان آهي تہ "اَلْفَوَاحِشَ" مان مراد زنا آهي پر ان جا قسم گهڻا آهن ان جي کري جمع جي صيغي سان آيل آهي (٢) "وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ" ۽ جنهن نفس جي قتل کي الله حرام کيو آهي ان کي قتل نہ کيو، قتل مان مراد مارڻ آهي پوءِ کنهن بہ طريقي سان هجي "اِلَّا بِالْحَقِّ" مگر حق سان مقصد تہ جيکڏهن ان کان کو اهڙو فعل صادر ٿيو آهي جنهن جي کري اهو قتل کرڻ جو حقدار ٿئي ٿو تہ پوءِ ان کي ڀلي قتل کيو.

(١) تفسير القرطبي ص١٣١- ١٣٢ جلد٧ (٢) نعيمي ص٢٣٢ جلد٨

پنجن ڄڻن جو قتل جائز آهي

پنجن شخصن کي شرعي عدالت قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ١- شادي شده مومن زنا ڪندڙ ٢- اسلام کي ڇڏي ڪفر قبول ڪرڻ وارو مرتد ٣- ڪنهن کي ناحق قتل ڪندڙ ٤- اسلامي حڪومت سان بغاوت ڪندڙ ٥- ذاڙيل (١) "ذَالِكُمْ وَصّٰكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ" هي آهن اهي ڳالهيون جن جو اوهان کي الله تعالىٰ امر ڪيو آهي تانت عقل کان ڪم وٺو، مقصد ته اهي ڪم اهڙا آهن جن کي سالم دماغ ۽ عقل به برو ۽ ڇڏڻ جي لائق سمجهي ٿو.

وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ

۽ نه ويجها وڃو مال يتيم جي کي مگر ان (طريقي) سان جو اهو سهڻو آهي تانجو پهچي جوانيءَ پنهنجيءَ کي

وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا

۽ پورو ڪيو ماپ ۽ تور کي عدل سان نه ٿا تڪليف ڏيون ڪنهن سرڪي مگر ان جي طاقت آهر

وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَبِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ۭ ذٰلِكُمْ

۽ جڏهن ڳالهه ٻولهه ڪيو ته پوءِ انصاف ڪيو جيتوڻيڪ هجي مائٽ ۽ ڪيل وعدو الله سان پورو ڪيو هي آهن

وَصّٰكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٢﴾ وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا

(اهي ڳالهيون جو) امر ڪيو اٿس اوهان کي انهن جو تانت اوهان نصيحت وٺو ۽ بيشڪ هيءُ رستو منهنجو سڌو آ

فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ ذٰلِكُمْ

پوءِ ان جي پيروي ڪيو ۽ نه پيروي ڪيو (ٻين) رستن جي پوءِ جدا ڪندا اوهان کي رستي ان جي کان هي ڳالهيون اٿو

وَصّٰكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٥٣﴾

جن جو امر ڪيو اٿس اوهان کي تانت اوهان پرهيزگار ٿيو.

(١) ساڳيو حوالو

تفسير

اڳين آيتن ۾ والدين سان سهڻي سلوڪ جو حڪم هو هتي ٻين سان سچائيءَ ۽ سهڻي اخلاق سان پيش اچڻ جو فرمان ٿي رهيو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي "وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ" ۽ يتيم جي مال کي ويجها ئي نه وڃو. مگر سهڻي طريقي سان جيستائين ننهنجي جوانيءَ کي پهچي مقصد ته يتيم جي مال کي لٽيو ۽ ڦريو نه، ان جويلو سوچيو ان جي ملڪيت سچائيءَ ۽ خلوص دل سان سنڀاليو جيستائين وڏو ٿئي ۽ جوانيءَ کي پهچي پوءِ سندس ملڪيت سندس حوالي ڪيو

جواني ڪيستائين آهي؟

چاڻڻ گهرجي ته ٻار جڏهن بالغ ٿئي ٿو ته اها ان جي جوانيءَ جي ابتداء آهي جيڪا سندس ٽيٽيهن سالن جي عمر ٽيڻ تائين هلي ٿي، ان کان پوءِ ان جو کهوليت (ڪرڙوڊ) جي عمر جو دور شروع ٿئي ٿو (١) مسئلو- ياد ڪرڻ گهرجي ته ٻار جي بالغ ٿيڻ سان گڏ ان کي ملڪيت ۽ مال ڏيڻ ۽ سندس حوالي ڪرڻ لاءِ هيءُ به شرط آهي ته ان ۾ مال ملڪيت سنڀالڻ جون صلاحيتون به هجن ائين نه ٿئي جو فضول خرچ ڪري مال ۽ ملڪيت تباهه ڪري ڇڏي جيئن علامه ثناءالله پاني پتي عليه الرحمه بغويءَ کان آندو آهي ته "حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ" فَادْفَعُوْا اِلَيْهِ مَالَه ان ڪان رشدا (٢) وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ" ۽ ماپ ۽ تور انصاف سان پورا رکو جيئن يتيم جو مال کائڻ جائز نه آهي تيئن ماپ ۽ تور ۾ ٺڳي ڪرڻ، کوٽ ڪرڻ به حرام آهي.

هڪ نڪتو

علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي ته: اَوْفُو الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ" ماپ ۽ تور پوري رکو ۾ جڏهن انصاف اچي ويو ته "بِالْقِسْطِ" آڻڻ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ جواب طور لکيو اٿس ته ماپ ۽ تور ۾ هڪڙا ڏيندڙ ٿيا وٺندڙ هوندا آهن "اَوْفُوا" ۾ ڏيندڙن کي ارشاد هو ته "بِالْقِسْطِ" وٺندڙن جي لاءِ آهي مقصد ته ٻئي انصاف ۽ عدل کي ذهن ۾ رکن (٣) "لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا" ڪنهن کي به ان جي وسعت کان مٿي تڪليف نه ٿا ڏيون. هيءَ ڳالهه مٿين ٻنهي فرمانن سان واسطو رکي ٿي يعني يتيمن جي مال سنڀالڻ ۽ ماپ ۽ تور ۾ حق تي هلڻ جي تڪليف هر انسان کي ان جي وس آهر ڏني اٿئون مٿي

(١) تفسير نعيمي ص٢٤١ ج٨ (٢) مظهري ص٣٤٤ جلد٣
(٣) روح المعاني ص٥٥ ج٨

تاهي. پر جيڪڏهن بي وس ڪنهن ڪان غلطي ٿي هوندي تہ اها ان ڪي معاف ڪئي ويندي "وَإِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبَىٰ" ۽ جڏهن ڪا ڳالهہ ڪيو تہ عدل سان ڪيو ڪٿي مائٽ ڇو نہ هجي، هن عبارت ۾ شرعي احڪام جو درياءُ وهي رهيو آهي. واعظي وعظ ڪري تہ انصاف سان ڪري پاڻ ڪي مقبول بنائڻ لاءِ هٿرادو ۽ من گهڙت روايتون بيان نہ ڪري، مفتي فتويٰ ڏي تہ غلط نہ ڏي، ڪنهن جي رعايت نہ ڪري. شاهد شاهدي ڏي تہ پلي پنهنجي مٽ مائٽ تي هجي تہ بہ حق جي شاهدي ڏي "وَبِعَهْدِ اللَّهِ أَوْفُوا" ۽ الله سان ڪيل وعدو وفا ڪيو هن عهد مان مراد اهي احڪام آهن جيڪي الله تعالىٰ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ذريعي اسان تائين پهچايا ۽ اسان ڪلمو پڙهي انهن تي عمل ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي. "ذَٰلِكُمْ وَصَّاكُم بِهِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ" اهي ئي ڳالهيون آهن جن جو اوهان ڪي امر ڪيو اٿس تانتہ اوهان نصيحت پرايو. "وَأَنَّ هَٰذَا صِرَاطِي مُسْتَقِيمًا فَاتَّبِعُوهُ" ۽ بيشڪ منهنجو هي رستو سڌو آهي ان تي هلو" هذا "(هيءُ) ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي سموري تعليم ڏانهن اشارو آهي ۽ "صِرَاطِي" ۾ ي متڪلم جي آهي ان مان مراد نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن آهن، منهنجي رستي مان مراد مون تائين پهچڻ وارو رستو آهي، ياعبارت جي معنىٰ آهي تہ الله تعالىٰ فرمايو : مون ڏانهن پهچائڻ وارو سڌو رستو اهو آهي ان تي هلو تہ مون تائين پهچندؤ.

وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَن سَبِيلِهِ" ۽ ٻين رستن جي پيروي نہ ڪيو پوءِ اهي اوهان ڪي ان (الله يا رسول الله صلى الله عليه وسلم) جي رستي ڪان جدا ڪري ڇڏيندا. ٻين رستن مان مراد يهوديت ۽ نصرانيت وغيرهما آهن مطلب تہ انهن تي هلندؤ تہ اوهان ڪي اسلام ڪان پري ڪري ڇڏيندا. "ذَٰلِكُمْ وَصَّاكُم بِهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ" هي احڪام آهن جن جو اوهان ڪي امر ڪيو اٿس تانتہ اوهان متقي بنجو ۽ انسان الله تعالىٰ جي حڪمن تي نہ هلندو تہ متقي نہ ٿي سگهندو.

ثُمَّ آتَيْنَا مُوسَى الْكِتَابَ تَمَامًا عَلَى الَّذِي أَحْسَنَ وَتَفْصِيلًا

ان ڪانپوءِ ڏنوسون موسىٰ ڪي ڪتاب واسطي پوري ڪرڻ نعمت جي ان تي جو نيڪ ڪم ڪيائين ۽ تفصيل ڪري

ع ١٩ ٦ لِّكُلِّ شَيْءٍ وَهُدًى وَرَحْمَةً لَّعَلَّهُم بِلِقَاءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُونَ ﴿١٥٤﴾

هر شيءِ جي لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت تانتہ اهي پنهنجي رب سان ملڻ ڪي مڃين

وَهٰذَا كِتَابٌ اَنْزَلْنَاهُ مُبَارَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۱۵۵﴾

۽ هي ۽ ڪتاب آهي جو لاٿو سون ان کي برڪت وارو آهي پوءِ تابعداري ڪيو ان جي ۽ ڊڄندا رهو (الله کان) تانته اوهان رحمت ڪيا وڃو

اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا وَاِنْ

متان چئو ته تحقيق نازل ڪيو ويو ڪتاب ٻن جماعتن تي اڳ ۾ اسان کان جيتوڻيڪ هيا سون

كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿۱۵۶﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا

پڙهڻ، پڙهائڻ انهن جي کان بلڪل بي خبر يا چئو ها ته جيڪڏهن تحقيق اسين نازل ڪيو وڃي ها اسان تي

الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ

ڪتاب ته البته هجون ها وڌيڪ هدايت وارا انهن کان پوءِ تحقيق آيو اوهان وٽ چٽو دليل رب اوهان جي کان

وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَصَدَفَ

۽ هدايت ۽ رحمت پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان جو ڪوڙو ڪيائين آيتن الله جي کي ۽ منهن موڙيائين

عَنْهَا سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا

انهن کان جلدي سزا ڏينداسون انهن کي جو منهن موڙين ٿا آيتن اسان جن کان بري عذاب سان سببان

كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿۱۵۷﴾

ان جي جو منهن موڙيائون ٿي.

تفسير

اڳئين آيت ۾ ٻڌايو ويو هو ته منهنجي واٽ ۽ رستو هي آهي ان تي هلو، ٻيون واٽون نه وٺو ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو ته اهو حڪم صرف اوهان کي نه ڏنو ويو آهي پراوهان کان ڪئين سال اڳ ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ڪتاب لاهي

ان جي امت کي بہ اهڙا احکام ڏنا ويا هئا فرمان مبارک آهي. "ثُمَّ آتَيْنَا مُوسَى الْكِتَابَ تَمَامًا عَلَى الَّذِي أَحْسَنَ وَتَفْصِيلًا لِكُلِّ شَيْءٍ وَهُدًى وَرَحْمَةً لَعَلَّهُمْ بِلِقَاءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُونَ" هي "ثُمَّ" عطف جو حرف "وَصَّاكُمْ بِهِ" تي عطف آهي، ڇو تہ مٿي ذکر ڪيلن حڪمن جو امر سڀني امتن کي ڪيل هو ان جي ڪري اهو سوال نہ ڪيو ويندو تہ معطوف عليه وصيت تہ هاڻي ٿي رهي آهي ۽ ثم تراخيءَ جي لاءِ هوندي آهي ۽ توراة نازل ٿيڻ کي تہ صديون گذري چڪيون آهن، آيت جو سڌوءِ صاف مطلب هي آهي تہ: اي انسانو! پهريان اوهان کي انهن هدايتن تي عمل ڪرڻ جي نصيحت ڪئي وئيءِ ان کان پوءِ اوهان تي وڏيک مهرباني اها ٿي جو موسىٰ (عليه الصلواة والسلام) کي نيکي ڪرڻ واري تي نعمت ڪرڻ لاءِ ۽ هر شيءِ جو بيان ۽ هدايت ۽ رحمت ڪري ڪتاب ڏنوسون. (ان ڪتاب جي ڏيڻ جومقصد اهو هو) تانت اهي (حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جا امتي سڏائڻ وارا قيامت ۾) پنهنجي رب سان ملاقات تي ايمان آڻين ۽ حق کي سڃاڻن.

" وَهَذَا كِتَابٌ أَنْزَلْنَاهُ مُبَارَكٌ فَاتَّبِعُوهُ وَاتَّقُوا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ" ۽ هيءُ (قرآن پاڪ شاندار) ڪتاب آهي اسان ان کي نازل ڪيو آهي (نهايت ئي) برڪت پريو آهي پوءِ ان جي اتباع ڪيو ۽ (الله تعالىٰ کان) ڊڄندا رهو تانت اوهان (دنيا ۽ آخرت ۾) رحم ڪيا وڃو ۽ ٻنهي جهانن ۾ الله جل شانہ جي غضب ۽ قهر کان محفوظ رهو "أَنْ تَقُولُوا إِنَّمَا أُنْزِلَ الْكِتَابُ عَلَى طَائِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا وَإِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغَافِلِينَ" يعني هي ڪتاب ان جي ڪري نازل ڪيو اٿئون متان اوهان چئو تہ اسان کان اڳ ۾ ٻن جماعتن (يهودين ۽ نصارن) تي ڪتاب نازل ڪيو ويو هو ۽ اسين انهن جي پڙهڻ پڙهائڻ کان غافل ۽ بي خبر هياسون، نہ انهن وارا ڪتاب اسان پڙهيا ٿي، نہ انهن جي ٻولي اسان وٽ هلندڙ هئيءِ نہ اسان سمجهي سگهياسون ٿي تہ پوءِ ڪيئن ايمان آڻي خداوندي احکام تي عمل ڪيون ها؟ أَوْ تَقُولُوا لَوْ أَنَّا أُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتَابُ لَكُنَّا أَهْدَى مِنْهُمْ فَقَدْ جَاءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِنْ رَبِّكُمْ وَهُدًى وَرَحْمَةٌ" يا اوهان چئو ها تہ جيڪڏهن اسان تي ڪتاب لاٿو وڃي ها (جيئن يهودين ۽ نصارن تي لاٿا ويا هئا تہ) اسين انهن کان وڌيک هدايت وارا هجون ها. پوءِ يقينًا اوهان وٽ اوهان جي رب وٽان روشن دليل، ۽ هدايت ۽ رحمت اچي ويا آهن، هي جملو اڳئين جملي تي معطوف آهي،هن ۾ بہ عرب جي مشرڪن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ: اوهان جون حجتون،اعتراض سڀ ختم ٿي ويا آهن،اوهان جا بهانا هاڻي نہ رهيا آهن ايمان آڻي آخرت پلي بنايو. "فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ

"كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا" پوءِ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جو پاڻ تہ الله جي آيت
کي ڪوڙو چوي ۽ (پر) ٻين کي بہ انهن تي ايمان آڻڻ کان روڪي، پاڻ تہ گمراهہ هجي پر
ٻين کي بہ گمراهہ بنائڻ جي ڪوشش ڪري. "سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ
الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ" مطلب تہ: جيڪي اسان جي آيتن کان (ماڻهن کي) روڪين
ٿا انهن کي ان روڪڻ جي ڪري نهايت بري عذاب سان سزا ڏينداسون. ان سزا مان مراد يا
دنياوي سزا آهي جيئن مڪي پاڪ جا رهاڪو ڪافر دنيا ۾ ذليل ۽ رسوا ٿياءِ ڪيترا بدر
جي جنگ ۾ مسلمانن جي هٿان ڪسي ويا، يا قبر جو عذاب آهي يا اخروي
عذاب يا ٽئي قسم عذاب جا والله اعلم-

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ

ڇا انتظار ڪن ٿا (ڪنهن شيءِ جو) سواءِ هن جي جو اچن انهن وٽ ملائڪ يا (انهن وٽ) اچي

بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ۭ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ

رب تنهنجو يا اچن بعضي آيتون رب تنهنجي جون جنهن ڏينهن اينديون بعضي آيتون رب تنهنجي جون تہ نہ نفعو ڏيندو

نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا

ڪنهن بہ شخص کي ايمان آڻڻ ان جو جنهن نہ ايمان آندو هوندو اڳ ۾ يا نہ ڪئي هوندائين منجهہ ايمان پنهنجي

خَيْرًا ۭ قُلِ انْتَظِرُوْٓا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ

ڪا چڱائي-فرماءِ تہ: انتظار ڪيو بيشڪ اسان انتظار ڪندڙ آهيون بيشڪ اهي شخص جو ٽڪرا ٽڪرا ڪيائون دين پنهنجي کي

وَكَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ۭ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ

۽ ٿي پيا ڪئين ٽولا ناهين تون انهن مان ڪنهن بہ شيءِ ۾ يقينًا امر انهن جو الله جي حوالي آهي تنهن کان پوءِ

يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿١٥٩﴾

خبر ڏيندو انهن کي ان جي جو ڪندا هئا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ اڻ ڏٺي ايمان جو ذڪر هو ۽ هتي عذاب ڏسڻ کان پوءِ ايمان آڻڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي فرمان مڪرم آهي "هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ" يعني الله تعالىٰ جي طرفان عظيم الشان رسول عليه الصلواة والسلام جي موڪلڻ جي باوجود اهي ايمان نہ ٿا آڻين تہ" ڇا انتظار ڪن ٿا تہ انهن وٽ (موت جا) ملائڪ اچن يا (محشر جو ميدان قائم ٿئي جنهن ۾ سزا ۽ جزا جي فيصلي لاءِ)" تنهن جو رب اچي يا (انتظار ۾ آهن تہ قيامت جي قائم ٿيڻ لاءِ "تنهنجي رب جون ڪجهہ نشانيون ظاهر ٿين، آخر ڇا ٿا گهرن ۽ ڇو نہ ٿا ايمان آڻين،جيڪڏهن ايمان آڻڻ جي لاءِ انهن ڳالهين مان ڪنهن جو انتظار ڪن ٿا تہ اهو تہ اچايو آهي.

الله تعاليٰ قيامت ۾ جلوه افروز ٿيندو، ديدار ڪرائيندو ۽محبت وارا وصال جا مزاماڻيندا.

قرآن پاڪ جي روشنيءَ ۾ محقق علماء لکيو آهي تہ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ محشر جي ميدان ۾ جلوه افروز ٿيندو پر ڪيئن؟ سو ان ڪيفيت کان انسان جو عقل قاصر آهي، ان جي ڪري اهڙي قسم جي آيتن لاءِ اصحاب ڪرام ۽ امت جي علماء جو فرمان آهي تہ انهن تي صرف ايمان آڻيو حقيقت الله تعالىٰ جي حوالي آهي اهوئي ڄاڻي ٿو (١) "يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا" يعني جنهن ڏينهن تنهنجي رب جون بعضي نشانيون ايندي‌ون، ظاهرٿينديون تہ جنهن اڳ ۾ ايمان نہ آندو هوندو يا پنهنجي ايمان آڻڻ جي دور ۾ چڱا ڪم نہ ڪيا هوندا ان کي ان وقت ايمان آڻڻ ڪو نفعو نہ ڏيندو،مقصد تہ موت يا قيامت جا حالات ڏسي ڪافر ڪفر کان يا گنهگار گناهہ کان توبہ ڪندو تہ قبول نہ پوندي ۽ اصل سبب اهو آهي تہ ان وقت انسان بااختيار نہ ٿو رهي بي وس ٿي وڃي ٿو.

سوال: اها ڪهڙي نشاني آهي جنهن جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ايمان يا توبہ قبول ناهي؟

جواب: قرآن پاڪ ۾ اها واضح بيان ڪيل ناهي پرنبوي حديث عليٰ قائله الصلواة والسلام مان ثابت آهي تہ اها سج جو اوڀر جي بجاءِ اولهہ کان اڀرڻ آهي (٢) "قُلِ انْتَظِرُوْٓا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ" فرماءِ تہ انتظار ڪيو اسين بہ انتظار ڪندڙ آهيون. هن ۾ حضور

(١) معارف القرآن ص۴٩٧ جلد٣ (٢) ساڳيو حوالو

عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب آهي ته: اوهان انهن کي فرمايو ته ايترين حجتن ۽ دليلن جي هوندي جي موت يا قيامت جو انتظار ٿا ڪيو ته ڪندا رهو اسين به انتظار ۾ آهيون ته الله تعالىٰ اوهان جو حشر ڪهڙو ٿو ڪري؟" اِنَّ الَّذِيۡنَ فَرَّقُوۡا دِيۡنَهُمۡ وَكَانُوۡا شِيَعًا لَّسۡتَ مِنۡهُمۡ فِىۡ شَىۡءٍ" بيشڪ جن پنهنجي دين کي ٽڪرا ٽڪرا بنايو ۽ ڪيترا ٽولا ٿي ويا اوهان انهن مان ڪنهن به شيءِ سان وابسته ناهيو، هن آيت مان ثابت ٿيو ته دين ۾ فرقا پيدا ڪندڙن، شيعن، وهابين، خارجين وغيرهم کان الله ۽ ان جو رسول عليه الصلواة والسلام بيزار آهن ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو انهن سان ڪو به تعلق ناهي، "اِنَّمَآ اَمۡرُهُمۡ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمۡ بِمَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ" يعني انهن جو ڪم (سارو معاملو) الله جي حوالي آهي جيڪي به ڪم ڪندا هوندا اهو ڪين انهن سيني جي خبر ڏيندو.

مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشۡرُ اَمۡثَالِهَا ۚ وَمَنۡ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا

اهو شخص جو آڻيندو (هڪ) نيڪي پوءِ ان جي لاءِ ڏهه آهن ان جهڙيون ۽ جنهن آندي (هڪ) برائي

يُجۡزٰٓى اِلَّا مِثۡلَهَا وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۱۶۰﴾ قُلۡ اِنَّنِىۡ هَدٰٮنِىۡ رَبِّىۡۤ

پوءِ نه بدلو ڏنو ويندو مگر مثل ان جي ۽ اهي نه ظلم ڪيا ويندا فرماءِ بيشڪ مان- هدايت ڪئي مون کي رب منهنجي

اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ۚ دِيۡنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبۡرٰهِيۡمَ حَنِيۡفًا ۚ وَمَا

واٽ سڌيءَ ڏانهن دين مضبوط ملت ابراهيم جي حق ڏانهن لڙندڙ باطل کان منهن موڙيندڙ ۽ نه

كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۶۱﴾ قُلۡ اِنَّ صَلَاتِىۡ وَنُسُكِىۡ وَمَحۡيَاىَ

هو مشرڪن مان فرماءِ ته: بيشڪ نماز منهنجي ۽ قرباني منهن جي ۽ حياتي منهنجي

وَمَمَاتِىۡ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۶۲﴾ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرۡتُ وَاَنَا

۽ دنيا تان انتقال منهنجو سڀ الله جي لاءِ آهي جيڪو رب آهي جهانن جو ناهي ڪو به شريڪ ان جو ۽ ان جو ئي حڪم ڪيو ويو آهيان ۽ مان

اَوَّلُ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿۱۶۳﴾

مسلمانن ۾ پهريون آهيان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن دين ۾ فرقا پيدا ڪري ماڻهن کي گمراهه ڪندڙن تي ملامت جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ نيڪو ڪارن تي ٿيندڙن ڀلاين جو بيان ٿي رهيو آهي فرمان خدا وندي آهي " مَنْ جَاءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهُ عَشْرُ أَمْثَالِهَا " جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ ان جهڙيون ڏهه آهن يعني هڪ نيڪيءَ تي ڏهن نيڪين جو درجو ملندس "وَمَنْ جَاءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَىٰ إِلَّا مِثْلَهَا " ۽ جيڪو هڪ برائي آڻيندو ته ان کي ان جهڙو بدلو ڏنو ويندو ،نيڪيون وڌائي ڏيڻ ان جو فضل آهي بري کي برائي جيتري سزا ڏيڻ ان جو عدل آهي. "وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ" ۽ آهي ظلم نه ڪيا ويندا، نيڪوڪارن،توڙي گنهگارن مان ڪنهن تي به ظلم نه ٿيندو.

الله تعاليٰ ظلم ڪرڻ کان پاڪ آهي

صحيح مسلم ۾ حضرت ابو ذر کان ۽ ان حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کان ۽پاڻ الله تعاليٰ کان روايت ڪن ٿا الله تعاليٰ فرمايو آهي ته "يا عِبَادِي اني حرمت الظلم على نفسي وجعلته بينكم محرما فلا تظلموا " (١) اي منهنجا ٻانها! مون پنهنجيءَ ذات تي ظلم حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان ۾ به حرام ڪيو اٿم پوءِ ظلم نه ڪندا ڪيو "قُلْ إِنَّنِي هَدَانِي رَبِّي إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ دِينًا قِيَمًا مِّلَّةَ إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ" يعني اوهان فرمايو ته: يقيناً مون کي منهنجي پالڻهار سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪئي آهي (منهنجو دين) مضبوط دين، ابراهيم (عليه السلام) واري ملت آهي جيڪو حق ڏانهن ورندڙ ۽ باطل کان منهن موڙيندڙ هو، ۽ مشرڪن مان نه هو مقصد ته اوهان باطل کي معبود بنائي، فساد ۽ فتني جي باهه ڀڙڪائي ڪفر ۽ شرڪ ۾ ڪرو ٿا ته اوهان جي مرضي پر مون کي الله تعاليٰ سچو ۽ صحيح دين،حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام وارو جنهن جي اولاد هجڻ تي ناز ڪندا آهيونصيب ڪري ان ڏانهن سڏيندڙ بنائي موڪليو آهي. "قُلْ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ لَا شَرِيكَ لَهُ وَبِذَٰلِكَ أُمِرْتُ وَأَنَا أَوَّلُ الْمُسْلِمِينَ" فرماءِ ته منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني،۽ منهنجي حياتي ۽ منهنجو دنيا تان انتقال سڀ ڪجهه الله جي لاءِ آهي جيڪو جهانن جو رب آهي ان جو ڪو به شريڪ ناهي ۽ ان جو ئي مون کي امر ڪيو ويو آهي ۽ مان الله کي مڃيندڙن ۾ پهريون

(١) تفسير المراغي ص٨٧جزء٨

آهيان هيءَ آيت مبارڪ انهن سيني صالح عملن جي جامع آهي جيڪي مومنن جي حياتيءَ جو غرض ۽ آخرت جو ذخيره آهن ان تي مومنن کي متوجهه رهڻ گهرجي دنيوي حياتيءَ جي لذتن کان پاسو ڪندي اهڙي جدوجهد جاري رکي جنهن سان رب راضي رهي.

حضورعليه الصلواة والسلام جن پيدا ٿيڻ ۾ سيني کان اول آهن.

هن آيت مبارڪ جي جمله "وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ" مان مجڻ وارن مان سيني کان پهريون آهيان.ان جو هڪ مطلب اهو آهي ته مان پنهنجي دور مان الله تعالىٰ کي سيني کان اول مڃڻ وارو آهيان ۽ ٻيا امتي پوءِ ان دولت سان مشرف ٿيا آهن.ٻيو مطلب آهي ته مان مخلوقات ۾ حقيقي اول آهيان،الله تعالىٰ کي آسمان، زمينون،ملائڪ جن، عرش، ڪرسي، لوح، قلم سڀ مڃڻ وارا آهن پر پاڻ انهن سيني کان اول مڃيندڙ آهن، ڇو ته پاڻ سيني کان پيدا ٿيڻ ۾ به اول آهن ۽ سيني کان اول الله تعالىٰ جا هڪ هجڻ جا شاهد به پاڻ آهن. قرآن پاڪ جي لاثاني مفسر علامه قرطبي لکيو آهي ته: انه اولهم لكونه مقدما في الخلق عليهم قال الله تعالىٰ واذ اخذنا من النبيين ميثاقهم ومنك ومن نوح" (١) ۽ ياد ڪر، جڏهن اسان نبين (عليهم الصلواة والسلام) کان پڪو عهد ورتو ۽ توکان ۽ نوح کان هن آيت ۾ نوح کان به سندن ذڪر اڳ ۾ ان جي ڪري آيو آهي جو پاڻ پيدا ٿيڻ ۾ اڳ هيا ، قرآن پاڪ جي مفسر قتاده فرمايو آهي ته: حضور عليه الصلواة والسلام جن جو ارشاد آهي "كُنْتُ اَوَّلَ الْاَنْبِيَاءِ فِي الْخَلْقِ وَاٰخِرُهُمْ فِي الْبَعْثِ"(٢)مان نبين کان پيدا ٿيڻ ۾ اول ۽ دنيا تي مبعوث هجڻ ۾ آخر آهيان.

علامه آلوسي بغدادي "وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ"جو تفسير ڪندي لکيو آهي ته: وقيل هذا اشارة الى قوله عليه الصلواة والسلام "اول ما خلق الله نوري" (٣) ۽ چيو ويو آهي ته اهو حضورعليه الصلواة والسلام جن جي فرمان "اول الله تعالىٰ منهنجو نور پيداڪيو" ڏانهن اشارو آهي. علامه شبير احمد عثماني ديوبندي ان ئي جملي جي وضاحت ڪندي حاشيه٢ تي لکيو آهي ته: عموماً مفسرين"وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ"کا مطلب يہ ليتے هين کہ اس امت محمديہ کے اعتبار سے آپ اول المسلمين هين ليکن جب جامع ترمزي کي حديث "كُنْتُ نَبِيًّا وَّآدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ"کے موافق آپ اول الانبياء هين تو اول المسلمين هونے مين کيا شبه هو سکتا هے (۴) علامه اسماعيل

(١) سورة الاحزاب آيت (٢) تفسير القرطبي ص١٥٥ جلد٧

(٣) روح المعاني ص٧١ جزء٨ جلد٣ (۴) حاشيه عثماني ص٢٠٠ مطبوعه سعودي عربيه

حقي ان جملي جي معنيٰ باب الاشارات ۾ بيان ڪندي لکيو آهي "وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ" يعني اول من استسلم عندالايجاد لامرکن وعند قبول فيض المحبة (١) يعني جڏهن الله تعاليٰ مخلوق کي وجود ڏيڻ لاءِ "کن" جو امر ڪيو هو ته ان کي تسليم ڪرڻ ۽ محبت جي فيض کي قبول ڪرڻ ۾ اول مان آهيان اهڙي طرح نبوي حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ ڪيترا دلائل آهن جن مان ثابت آهي ته پاڻ پيدا ٿيڻ ۾ سڀني کان اول آهن ۽ ان جي ڪري ئي سندن وجود مسعود نجو نور آهي.

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ۭ وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ

فرماءِ ته: ڇا الله کان سواءِ طلب ڪيان مان پالڻهار ۽ اهو پالڻهار هر شيءِ جو آهي ۽ نه ٿو ڪمائي هر

نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ

نفس مگر (ان جو ذمو) ان تي آهي ۽ نه بار کڻندو ڪو بار کڻندڙ بار ٻئي جو تنهن کان پوءِ طرف رب اوهان جي

مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَهُوَ الَّذِيْ

موٽڻ اوهان جو آهي پوءِ خبر ڏيندو اوهان کي ان جي جو ان ۾ اختلاف ڪندا هيئو ۽ اهو (الله) ئي آهي

جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ

جو ڪيائين اوهان کي خليفا زمين ۾ ۽ بلند ڪيائين بعض اوهان جي کي مٿان بعض جي درجن ۾

لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ښ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ

تانت آزمائي اوهان کي ان ۾ جو ڏنائين اوهان کي بيشڪ رب تنهنجو تڪڙو عذاب ڏيڻ جو آهي ۽ بيشڪ اهو البت بخشڻهار،

رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾

مهربان آهي.

ع ٢٠ (١١) ٧

(١) روح البيان ص١٢٩ جلد٣

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضورعليه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ منهنجي هر عبادت الله جي لاءِ آهي ان جو ڪوبہ شريڪ ناهي ۽ هنن آيتن ۾ ان دعويٰ جو قوي ۽مضبوط دليل ڏيندي ارشاد ٿي رهيوآهي: "قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ" يعني اي حبيب پاڪ! (عليڪ الصلواة والسلام) اوهان ڪافرن کي: فرمايو تہ ڇا (مان حقيقي معبود) الله تعالىٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي پالڻهار بنايان حالانڪ اهو سڀني جو پالڻهار آهي- هي استفهام انڪاري آهي مقصد تہ مان الله تعالىٰ کانسواءِ ڪنهن کي بہ پنهنجو رب ۽پالڻهار نہ مڃيندس.

شان نزول: سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ان فرمايو تہ وليد بن مغيره ڪافر حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ اصحابن سڳورن کي چوندو هو تہ اوهان منهنجي رستي تي اچو منهن جو دين قبول ڪيو جيڪڏهن ان جي ڪري اوهان تي عذاب آيو تہ اهو مان کڻندس هيءَ آيت ان جي ترديد ۾لٿي هئي. (١)

" وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى" ۽ ڪو بہ شخص جو ڪجھ ڪمائي ٿو ان جو ذمو ان تي ئي هوندو ۽ڪير بہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو. جيڪو ڪندو اهوئي لوڙيندو ،جهڙي پوڪ پوکيندو اهائي لڻندو- وليد بن مغيره جو اهو چوڻ تہ مان اوهان جي گناهن جوعذاب کڻندس نهايت ئي بي وقوفاڻو ۽ احمقاڻو آهي. "ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ" هتي ثم جو لفظ ذڪر ڪرڻ ۾ تراخيءَ جي لاءِ آهي زماني ۾ تراخيءَ جي لاءِ ناهي. مطلب تہ ان کان پوءِ اوهان هيءَ ڳالھ بہ ياد رکو تہ: اوهان جو پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهيءِ جڏهن اتي پيش ٿيندؤ تہ جن جن ڳالهين ۾ اوهان اختلاف ڪيو ٿا انهن سڀني جي اوهان کي خبر ڏيندو، غلط هلڻ وارن کي سزاءِ صحيح رستي تي هلڻ وارن کي سهڻو بدلو ڏيندو ۽ حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ سڀ ڪجھ ظاهر ٿي پوندو. "وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ" ۽ اهو (الله) ئي تہ آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ نائب ڪري آندو آهي" يعني اڳيون امتون ختم ٿي ويون ۽ اي حبيب جا امتي! اوهان کي انهن جي هر شيءِ جو وارث بنايو اٿس. (٢)

"وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَا اٰتٰىكُمْ" ۽ اوهان مان

(١) نعيمي ص٣٠٧ جلد٨مظهري ص٣٦٣ج٣ (٢)ساڳيو حوالو

بعض (هڪڙن) کي بعض (ٻين) جي مٿان درجن ۾ بلند ڪيائين، تانته اوهان کي جيڪو (مال، مرتبه وغيره) ڏنو اٿس ان ۾ آزمائي ڏسي، تانته ظاهر ٿئي ته الله تعالىٰ سان شرڪ ته ڪو نه ٿا ڪريو ۽ پنهنجي حقيقي منعم ۽ محسن جا ڪيئن ٿا شڪر ادا ڪيو "اِنَّ رَبَّکَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ" بيشڪ تنهنجو رب عذاب ڏيڻ ۾ تکڙو آهي. جنهن کي به جڏهن عذاب ڪرڻ گهرندو ته ان وٽ ڪا دير ناهي "معاذالله ثم معاذالله من عقابه وَعَذَابُهٗ" "وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۽ بيشڪ اهو بخشڻهار، مهربان آهي، المقصد ته ان جي مغفرت ۽ رحمت به بي حساب ۽ بي انداز آهي، جيڪڏهن ڪو گهڻي بي فرماني ۽ سرڪشي ڪرڻ کان پوءِ به سچيءَ دل سان پشيمان ٿي سندس پاڪ ذات ڏانهن متوجه ٿي توبه ڪري ٿو ته اهو ان جا سڀئي قصور بخشي ڪيس پنهنجي لازوال نعمتن سان نوازي ۽ مالا مال ڪري ٿو .

الحمد لله ثم الحمد لله جو اڄ سنه ١٤١٧هه شوال المڪرم مهيني جي ٻاويهين (٢٢) تاريخ آچر جي رات مطابق ١ مارچ ١٩٩٧ع مغرب (سج لٿي) جي نماز کان پوءِ ست لڳي ستٽيهن منٽن تي سورة الانعام سڄوريءَ جو تفسير لکي پورو ڪيم. مالڪ الملڪ جل جلاله جي بارگاهه ۾ دلي دعا آهي ته پنهنجي ذات بابرڪات، صفات عليا ۽ اسماءِ حسنىٰ جي صدقي ۽ پنهنجي حبيب ڪريم رؤف رحيم عليه التحية والتسليم جي طفيلي ۽ پنهنجن مقرب ٻانهن نبين، ملائڪن عليهم السلام ۽ ولين سڄورن جي واسطي ۽ وسيلي جلد از جلد باقي رهيلن سورتن جو تفسير لکڻ ۽ ڇپائڻ نصيب ڪري ۽ قبول فرمائي.

فقط والسلام

دعائن جو طالب

محمد ادريس ڏاهري

نقشبندي عفي عنه

٢٢-١٠-١٤١٧هه

١-٣-١٩٩٧



سورة الاعراف جو تعارف

هن برڪت ڀريءَ سورة جي تعارف ۾ هيٺ لکيل ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

١: نالو- نالي جي معنىٰ ۽ ان نالي رکڻ جو سبب، هن سونهاري سورة جو نالو الاعراف آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ ڀت رکي آهي جنهن جي ڪري نہ بهشت جون نعمتون دوزخ وارن کي محسوس ٿينديون ۽ نہ دوزخ وارن جي عذاب جي بهشت وارن کي خبر پوندي. ان ڀت جي مٿان هڪ مقام قائم ڪيل آهي جنهن جو نالو اعراف آهي ۽ هتي بہ اهوئي مقام مراد آهي هن سورة ۾ ان جي ذڪر ڪرڻ جي ڪري ڪيس الاعراف سڏيو ويو آهي.

٢: مڪيه آهي يا مدنيه- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قرآن پاڪ جي سورتن جي مڪيه يا مدنيه هجڻ جو سبب نہ اهو آهي تہ انهن کي نازل ڪندڙ رب جل جلاله (معاذ الله) مڪي يا مدني آهي اهو تہ ڪنهن جڳه يا جاءِ ۾ هجڻ کان پاڪ آهي ۽ نہ اهو آهي تہ انهن سورتن کي کڻي اچڻ ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي بارگاه عاليجاه ۾ پهچائڻ وارو جبرئيل عليه السلام مڪي يا مدني آهي، ڇوتہ ان جي مرڪزي جاءِ سدرة المنتهىٰ آهي ۽ نہ اهو آهي تہ جنهن لوح محفوظ کان سورتون ورتيون ويو ن آهن اهو مڪي يا مدني آهي. سورتن جي مڪيه يا مدنيه هجڻ جو سبب صرف ۽ صرف هيءَ آهي تہ انهن سورتن کي جبرئيل عليه والسلام کان وٺندڙ محبوب عليه الصلواة والسلام جن جيستائين مڪي پاڪ مان هجرت نہ ڪئي هئي تيستائين قرآن پاڪ جون مٿن لهندڙ سورتون ۽ آيتون مڪيه هيون ۽ جڏهن پاڻ هجرت ڪري مدني بڻيا تہ ان کان پوءِ مٿن نازل ٿيندڙ سورتون ۽ آيتون مدنيه لکيون ويون بلڪ قرآن ڪريم عربيءَ ٻوليءَ ۾ بہ صرف ان جي ڪري آيو جو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ٻولي عربي هئي محبوب جي ٻولي بہ محبوب هوندي آهي. هڪڙن مفسرن جي قول مطابق هن سڳوريءَ جون "وَاسْئَلْ اَهْلَ الْقَرْيَةِ" کان پنجن آيتن تائين آيتون مدنيه آهن باقي سڀ مڪيه آهن مگر محقق علماء جو مختار قول اهو آهي تہ هيءَ پوري سورة مڪيه آهي ان ۾ ڪابہ آيت مدنيه ناهي. (١)

(١) ضياءُ القرآن صفحو ٥ جلد ٣

٣: رڪوع، آيتون ۽ الفاظ

ياد رکڻ گھرجي تہ قرآن پاڪ جا رڪوع، آيتون، وقف، سڪته سڀ نبي اڪرم، محبوب معظم صلی الله عليه وسلم جن جي حالات جا مظهر آهن. رڪوع اصل ۾ نماز ۾ ادا ٿيندڙ هڪ فرض جو نالو آهي پاڻ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي رڪوع ۾ ويا تہ ان حصي جو نالو رڪوع رکيو ويو. تلاوت کان ساهہ کڻڻ جي لاءِ رڪجڻ جو نالو آيت، ساهہ کڻڻ کانسواءِ ٿوري دير بيهڻ جو نالو وقف ۽ ان کان اڃان ٿوري دير چپ ڪرڻ جو نالو سڪته آهي ۽ ظاهر آهي تہ انهن سڀني حالتن سان موصوف هجڻ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جو شان آهي الله تعالیٰ ساهہ کڻڻ، رڪوع ڪرڻ وغيره کان پاڪ آهي. هن سورة مبارڪه ۾ چوويهہ رڪوع، ٻہ سوڇهہ (٢٠٦) آيتون ۽ ٽي هزار ، ٽي سؤ پنجويهہ (٣٣٢٥) الفاظ آهن.

٤: نزول جو زمانو:

توجه ۾ آڻڻ گھرجي تہ سورة الانعام ۽ سورة الاعراف ٻنهي جي نزول جو زمانو قريب قريب آهي هي ٻئي سورتون رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي مڪي دور جي آخري سالن ۾ لٿيون هيون.

٥: هن سورة ۾ ڪنهن سان خطاب آهي؟

هونءَ تہ قرآن پاڪ جا احڪام قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن جي لاءِ واجب الاعتقاد والعمل آهن پلي ڪٿي جابہ، ڪير بہ ۽ ڪھڙي ٻولي ڳالهائيندڙ هجن پر هن سورة ۾ پهريائين پهريائين جن سان خطاب ڪيو ويو آهي سي اهيئي آهن جن سان سورة الانعام ۾ خطاب ڪيل هو خاص ڪري عرب جا مشرڪ- هن برڪت ڀريءَ سورة ۾ انهن مشرڪن جي باطل عقائد جي ترديد، فاسد وهمن ڪي غلط ثابت ڪرڻ، غلط ڪمن جو ازالو، ضدي مزاج ۽ اونڌي سمجهہ جي اصلاح ڪئي وئي آهي.

٦: سورة الانعام ۽ سورة الاعراف جي مضمونن ۾ فرق:

اڳ ۾ عرض ڪري آيا آهيون ته هن سورتن جا پهريان، پهريان خصوصي مخاطبين عرب جا مشرڪ هيا ۽ ٻنهي سورتن جي مضمونن ۾ فرق صرف اجمال ۽ تفصيل جو آهي جيڪي مضمون الانعام ۾ مختصر ۽ مجمل نموني بيان ڪيا ويا هئا اهي الاعراف ۾ تفصيل سان آندا ويا آهن. "الانعام" ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن الله تعالیٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام پنهنجين، پنهنجين قومن ڪي الله تعالیٰ جي

هڪ هجڻ واري عقيدي جي دعوت ڏئي ان لاءِ ناقابل ترديد دلائل پيش ڪيا تہ سندن قومن انهن روشن دليلن تي غور ڪرڻ جي بجاءِ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ، انهن تي پٿرون ۽ حملا ڪري ڪين سخت ايذاءُ ڏنا پر "الاعراف" ۾انهن نبين عليهم الصلواة والسلام مان ڪجهہ نبين، سيدنا نوح، سيدنا هود، سيدنا صالح، سيدنا لوط، سيدنا شعيب عليهم الصلواة والسلام جا نالا مبارڪ آڻي، سندن حالات ۽ ڪين مليل تڪليفن جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ اها حقيقت وضاحت ۽ فصاحت سان بيان ڪئي وئي آهي تہ جڏهن اصلي ۽ سليم فطرت جنهن تي انسان پيدا ٿيندو آهي مسخ ٿيندي ۽ طبيعتون بگڙنديون آهن تہ ان وقت انهن ۾ رکيل، حق کي قبول ڪرڻ واري حقيقت، استعداد ۽ لياقت بيڪار ٿي ويندي آهي ۽ انهن جي مفلوج اکين کي حق ۽ سچ جي زور، شور سان چمڪندڙ سج جو نور نظر نہ ايندو آهي قويٰ حجتن ۽ مضبوط دلائل کي بيان ڪندڙ زبان پلي ڪيترو بہ زور شور سان حق جو اعلان ڪندي رهي پر انهن جا ڪن ٻڌڻ جي لاءِ تيار نہ هوندا آهن يا ٻڌندا تہ بہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندا آهن سندن دليون ۽ دماغ حق ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي توفيق کان صفا خالي ۽ محروم هوندا آهن. انهن کي جهنم جو عذاب ۽ جنت جون نعمتون سمجهائڻ بہ ڪارگر ثابت نہ ٿيندو آهي.

٦: محڪم آهي يا منسوخ:

هيءَ شاندار سورة ٻن آيتن "وَاُمۡلِيۡ لَهُمۡ" ۽ "خُذِ الۡعَفۡوَ" کان سواءِ سموري محڪمہ آهي. اهي ٻئي آيتون جهاد جي آيتن سان منسوخ آهن(١).

٧: سورة الانعام سان مناسبت ۽ ربط:

الانعام سڳوريءَ ۾ مخلوقات کي پيدا ڪرڻ جو اجمالي ذڪر هو ۽ هن ۾ تفصيلي بيان آهي. الانعام ۾ انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام جي قصن ڏانهن مختصر طور اشارو ڪيل هو ۽ هن ۾ انهن جا تفصيل سان واقعا واضح ڪيا ويا آهن. الانعام جي آخري آيتن ۾ صراط مستقيم ۽ قرآن مجيد جي مبارڪ هجڻ جو بيان هو ۽ هن ۾ صراط مستقيم تي هلڻ ۽ قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. (٢)

(١)روح المعاني ص ٧٤ جلد ٣ جزءُ ٨ (٢) تفسير نعيمي ص ٣٣٣ جلد ٨

سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ مَكِيَّةٌ وَهِيَ مِائَتَانِ وَسِتُّ آيَاتٍ وَاَرْبَعٌ وَعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

سورة اعراف مکيه آهي ۽ اها ٻه سؤ ڇهه آيتون ۽ چوويهه رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع کيان ٿو جو وڏو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

الٓمّٓصٓ ① كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ

هي ڪتاب آهي جو لاٿو ويو آهي توڏانهن پوءِ نه هجي سيني (مبارڪ) تنهنجي ۾ تنگي ان (جي پهچائڻ) ۾

لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ②

تانته ڊيڄارين ان سان ۽ نصيحت آهي مومنن جي لاءِ

تفسير

هن سورة ڪان اڳئين سورة جي آخري آيت ۾ هو ته الله غفور، رحيم، بخشيندڙ، مهربان آهي ۽ هتي ان مغفرت ۽ رحمت جي ملڻ جي ذريعن، حضور عليه الصلواة والسلام ۽ متن نازل ڪيل ڪتاب قرآن ڪريم جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "الٓمّٓصٓ" هيءَ آيت متشابه آهي جنهن جي اصلي مراد الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو يا سندس فضل وڪرم سان انبياءِ عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ عظام قدست اسرارهم ڄاڻن ٿا (١) علامه صابوني لکيو آهي ته: ١- ذات احديه ڏانهن -ل- علم جي صفت سان موصوف ذات ڏانهن -م- (حضرت) محمد ﷺ جي معنىٰ، ۽ سر ۽ حقيقت ڏانهن ۽ -ص- محمدي صورت، جسم ۽ ظاهر ڏانهن اشارو آهي (٢) مفتي محمد شفيع صاحب ديوبندي لکيو آهي ته: الٓمّٓصٓ- جي معنىٰ الله تعالىٰ جي علم ۾ آهي ۽ اهو الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي وچ ۾ راز آهي (٣). ان مان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن کي انهن متشابه آيتن جو به علم آهي.

(١) نعيمي ص ٣٣۴ جلد ٨ (٢) تنوير الاذهان ص ٥٢١ جلد ١
(٣) معارف القران ص ٥١٥ جلد ٣

ڪن مفسرن لکيو آهي تہ - الف - الله ڏانهن اشارو آهي. -ل- ان جي لطف ڏانهن -م- منئي محمد ﷺ ڏانهن -ص- صعود يعني سندن درجات ۽ مقامات جي بلنديءَ ڏانهن اشارو آهي. مطلب هيءُ ٿيندو تہ الله تعالىٰ پنهنجي خصوصي لطف سان حضرت محمد ﷺ جن ۽ سندن امت کي دنيا ۽ آخرت ۾ سر بلندي ۽ رفعت عطا ڪئي آهي (١) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن مبدءُ فياض جي طرفان فيض جي موجون هٽندڙ درياءَ جي موجن سان عرب جي روحاني قوت جيڪا وڏي عرصي کان مئل تي چڪي هئي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي قم باذن الله فرمان سان زنده ٿي چرڻ لڳي ۽ پوري عرب ۾ ان جو ذڪر هلڻ لڳو تہ مکي پاڪ جي رهاڪن ۾ هاءِ گهوڙا لڳي وئي ۽ انهن الله جل جلاله ۽ ان جي رسول مقبول صلى الله عليه وسلم تي ايمان آڻيندڙن عاشقن کي ايذاءُ ڏيڻ جي بازار گرم ڪري ڇڏي. ان حالت ۾ اهڙن هدايت وارن پيغامن جي مسلسل نازل ٿيڻ,جن ۾ مخلوقات جي ابتداء ۽ انتهاءَ جي تشريح,دنيا جي بي وفائي ۽ بي ثباتي ۽ عالم قدس جي ناز ۽ نعمتن جي تصوير پيش ڪرڻ سان مومنن جي دلين ۾ ايماني قوت مضبوط ۽ مستحڪم ٿي رهي هئي. ۽ "الٓمٓصٓ" جهڙين راز وارين آيتن سان جن جون رمزون ۽ راز الله تعالىٰ ۽ ان جي ڄاڻائڻ سان سندس رسول مقبول صلى الله عليه وسلم جن ڄاڻن ٿا الاهي غيب تي ايمان آڻڻ وارن جي ايمان کي ترقي وترائي وئي آهي.

"كِتَابٌ أُنْزِلَ إِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِي صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ" - يعني هي (قرآن پاڪ) ڪتاب آهي جيڪو اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ان جي حڪمن کي پهچائڻ جي ڪري اوهان جي سيني ۾ تنگي نہ هجڻ گهرجي، ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن هجرت ڪرڻ کان ٿورو اڳ ۾ هيءَ سورة نازل ٿني هئي تہ ان وقت ڪافرن ۽ مشرڪن جي اسلام دشمني تمام زور تي هئي الاهي آيتن کي ڪوڙو چوڻ، شرعي احڪام جي مذاق، حضور عليه الصلواة والسلام جن تي ظلم ۽ ستم، مسلمانن تي زيادتيون ۽ ايذاءَ انهن جي حياتيءَ جو وڏو مقصد بنجي چڪو هو، حبيب خدا، سرور انبياءِ صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان انهن کي سڌي واٽ وٺائڻ جون ڪوششون بظاهر اثرائتيون نظر نہ ٿي آيون ان جي ڪري سندن دل مبارڪ مغموم هئي ۽سندن سيني ۾ تنگي ۽ تڪليف محسوس ٿي رهي هئي. ان جي ازالي جي لاءِ الله تعالىٰ جو اهو مٿيون مقدس فرمان آيو تہ: اوهان ڏانهن سچو ڪتاب لاٿو ويو آهي اوهان ان جي احڪام پهچائڻ ۾ جيئن سرگرم آهيو

(١)حاشيه تفسير حقاني ص ١١٧ جلد ۴

تيئن رهو ڪافرن جي رويي کي ڏسي تنگ دل نہ ٿيو پنهنجو فرض ادا ڪندا هلو.
" لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ " (يعني هي ڪتاب ان جي لاءِ نازل ڪيو ويو آهي) تانتہ تون ان سان ماڻهن کي (الله جل جلالہ جي عذاب کان) ڊيڄارين ۽ هي مومنن جي لاءِ نصيحت آهي. آيت جي هن حصي ۾ قرآن پاڪ جي نزول جو مقصد بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان ڪافرن کي الهي عذاب کان ڊيڄاريو ۽ مومنن کي ٻڌايو تہ هيءَ نصيحت آهي، **سوال:** ڇا حضور عليه الصلواة والسلام جن واقعي تنگ ٿي پيا هئا (معاذ الله) جو ڪين حڪم ڪيو ويو تہ اوهان جي سيني مبارڪ ۾ تنگي نہ هجي؟ **جواب:** هتي خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي پر ان مان مراد سندن امت جي علماءَ کي نصيحت ڪرڻ آهي تہ اهي حق جي پيغام پهچائڻ ۾ تنگ نہ ٿين(١).

اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ

تابعداري ڪيو ان جي جو لاٿو ويو اوهان ڏانهن رب اوهان جي وٽان ۽ نہ تابعداري ڪيو سواءِ ان جي

اَوْلِيَآءَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ③

ٻين دوستن جي ٿوري ٿا نصيحت قبول ڪيو.

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ قرآن پاڪ جي نزول جون ٻہ حڪمتون ڊيڄارڻ ۽ نصيحت هجڻ بيان ڪيون ويون ۽ هن ۾ ان جي ٽين حڪمت، ان جي تابعداري ڪرڻ بيان ڪئي وئي آهي فرمان اقدس آهي "اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ" جيڪو اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي ان جي اتباع ڪيو ان مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ جي پاڪ قرآن ۽ ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي سنت کي ڇڏي حق جي منڪرن، باطل جي مدعين جي فڪر جي پيروي ڪرڻ مسلمان جي لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ جائز ناهي، هن هلندڙ دور ۾ اسان مسلمانن جي نهايت بدقسمتي آهي جو جتي بہ الاهي احڪام ۽ نبوي ارشادات کي پنهنجي

(١) نعيمي ص ٣٤٠ جلد ٨

عارضي مفادات ۽ آسائش جي لاءِ رڪاوٽ سمجھون ٿا تہ وقتي مصلحت جو بهانو بنائي قرآن ۽ سنت جي مٿان پنهنجي خواهشات کي ترجيح ڏيون ٿا " وَلَا تَتَّبِعُوا مِنْ دُونِهِ أَوْلِيَاءَ "ان کان سواءِ ٻين دوستن جي تابعداري نہ ڪيو. مقصد تہ جيڪي فرمان حضور عليه الصلواة والسلام جن آندا آهن انهن کان نڪري ٻئي پاسي نہ وڃو ۽ نہ ان کان سواءِ ٻين جي اتباع ڪيو (١) قَلِيلًا مَّا تَذَكَّرُونَ" اوهان ٿوڙي نصيحت قبول ڪيو ٿا. مطلب تہ: جڏهن اوهان کي نصيحت ڪجي ٿي تہ ان کي ٿوري دير تائين ياد ڪيو ٿا پوءِ صفا وساري ڇڏيو ٿا نڪليو- قَلِيلًا مَّا" ۾ ما زائدي ۽ قلت جي مفهوم جو تاڪيد ڪرڻ جي لاءِ آيل آهي وما مزيدة لتاڪيد القلة(٢)

وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ أَهْلَكْنَاهَا فَجَآءَهَا بَأْسُنَا بَيَاتًا أَوْهُمْ قَآئِلُوْنَ ④

۽ ڪيترا ڳوٺ هلاڪ ڪيوسون انهن کي پوءِ آيو انهن وٽ عذاب اسان جو رات جو يا اهي منجهند جو ستل هيا.

فَمَاكَانَ دَعْوَاهُمْ إِذْجَآءَهُمْ بَأْسُنَآ إِلَّآ أَنْ قَالُوْٓا إِنَّا كُنَّا ظَالِمِيْنَ ⑤

پوءِ نہ هئي پڪار انهن جي جڏهن آيو انهن وٽ عذاب اسان جو مگر هيءَ جو چيائون تہ بيشڪ اسين هئاسين ظلم ڪندڙ

تفسير

هنن آيتن کان پهرينءَ آيت ۾ الاهي ڪلام جي اتباع جو حڪم هو ۽ هنن ۾ ان حڪم تي نہ هلڻ وارن جي هلاڪت جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي، رباني فرمان آهي "وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ أَهْلَكْنَاهَا فَجَاءَ هَا بَأْسُنَا بَيَاتًا أَوْهُمْ قَآئِلُوْنَ" ۽ ڪيترن ڳوٺن کي اسان هلاڪ ڪيو: پوءِ انهن وٽ رات جو ستي يا منجهند جي وقت آرام ڪندي اسان جو عذاب آيو هو، سمجهڻ گهرجي تہ گهڻا وقت انسان پنهنجي معاشي خوشحالي ۽ دنيوي عزت ۽ مرتبي جي ڪري ان خيال ۾ رهندو آهي تہ زندگيءَ جو جيڪو رستو ان اختيار ڪيو آهي اهوئي صحيح آهي ۽ سندس بخت جو سج هميشه ائين چمڪندو رهندو. ان جي ڪري اهو ڪنهن بہ رهنما جي سڏ کي غور سان ٻڌڻ گوارا ئي نہ ڪندو آهي. اهائي حالت مڪه مڪرمه ۾ رهندڙن سردارن ۽ دولت مندن جي هئي اهي پنهنجي مرتبي، مان،عزت ۽ وقار تي ايترا مطمئن هيا جو حضرت حبيب پاڪ صلى الله

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٢٠٠ جلد ٢ (٢) بيضاوي ڪامل ص١٩٩

عليه وسلم جن جي پيغام مبارڪ ڏانهن متوجه ٿيڻ ئي غير ضروري سمجهندا هئا، الله جل جلالـه هنن آيتن ۾ سندن هوش وارين اکين تان پردو هٽائڻ جي لاءِ اڳين امتن جو عبرت ناڪ انجام بيان ڪري رهيو آهي ته اوهان وانگر اهي به دنيوي عارضي لذتن ۾ محو هئا ۽ اسان جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي سڏ تي غور ۽ فڪر ڪرڻ کي به پنهنجي شان جي گهٽتائي سمجهندا هئا پر جڏهن انهن هدايت قبول ڪرڻ کان مسلسل انڪار ڪيو ته مٿن اهڙن وقتن ۾ الله تعالىٰ جو عذاب نازل ٿيو جو انهن وقتن ۾ اهي راحتون وٺي رهيا هيا ۽ خبر ئي نه پين جو هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا. ان جي ڪري اي مڪي وارا! اوهان به ان ڍر ۽ مهلت تي مغرور نه ٿيو انهن مهلت وارين گهڙين کي غنيمت ڄاڻو متان اوهان جو به اهوئي حال ٿئي.

"فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ" يعني جڏهن انهن وٽ اسان جو عذاب آيو تڏهن انهن جي دانهن ۽ پڪار صرف هيءُ هئي جو چوندا رهيا ته بيشڪ اسين ظالمْ هياسون- مقصد ته عذاب ڏسڻ کان پوءِ پنهنجي قصور جو اعتراف ڪندي حسرت ۽ پشيماني ظاهر ڪيائون ان اميد تي ته من ڇٽي پون، پر افسوس جو عذاب جي نزول کان پوءِ توبه فائدو نه ڏيندي آهي (١) **فائدا** -١: مٿين آيتن مان ثابت ٿيو ته تاريخ جو علم سٺو علم آهي ڪڏهن ڪڏهن ان جي ذريعي ايمان جي نعمت نصيب ٿيندي آهي ڏسو ته قرآن ڪريم گذريل قومن جا تاريخي واقعا ڪيترين جاين تي گهڻي تفصيل سان بيان ڪيا آهن ها ايترو ضرور آهي ته تاريخ صحيح هجي. -٢: ۽ هيءُ به ثابت ٿيو ته گذريل ڪافرن جي عذاب مان عبرت وٺڻ، ان ۾ غور ڪرڻ ۽ گذريل صالح ٻانهن جي ڀلن عملن ۽ انهن جي ڪري مٿن نازل ٿيندڙ رحمت ۽ ملندڙ درجن ۾ غور ڪرڻ عبادت آهي ان سان گناهن کان نفرت ۽ ڀلن ڪمن ڏانهن رغبت حاصل ٿيندي آهي جيئن حڪم آهي. "فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ"

فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ وَلَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦﴾ فَلَنَقُصَّنَّ

پوءِ البت ضرور پڇنداسون انهن کان جو موڪليا ويا انهن ڏانهن ۽ البت ضرور پڇنداسون موڪليلن کان پوءِ البت ضرور بيان ڪنداسون

عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ ﴿٧﴾

انهن تي علم سان ۽ نه هئاسون غائب

(١) تنوير الاذهان ص ٥٢١ جلد١

تفسير

- هنن کان اڳين آيتن ۾ ڪافرن تي دنيوي عذاب جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن کان اخروي پڇاڻي ۽ عذاب جو ذڪر ٿي رهيو آهي. دنيوي بادشاهن جا مجرم مرڻ کان پوءِ انهن جي سزا ۽ عذاب کان ڇٽي ويندا آهن پر الله جل جلاله ۽ ان جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جا دشمن مرڻ کان پوءِ به ڇٽل ناهن ارشاد مبارڪ آهي" فَلَنَسْئَلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ " يعني جن قومن ڏانهن رسول موڪليا ويا هئا انهن کان ضرور پڇنداسون ته "مَاذَا اَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِيْنَ" اوهان مرسلن کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟ ۽ سندن سڏ کي ڪيترو قبول ڪيو هو؟ "وَلَنَسْئَلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ جن رسولن کي موڪليو هو سون انهن کان به پڇنداسون ته " ماذا اجبتم" اوهان جي امتن اوهان کي ڪهڙو جواب ڏنو ۽ ۽ اوهان جي سڏ کي ڪيترو قبول ڪيو هو؟ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن به ڳالهه جي باري ۾ سوال ۽ پڇا صرف لاعلمي ۽ بي خبري هجڻ جي ڪري نه ڪئي ويندي آهي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن کان اقرار ڪرائڻ ۽ ڳالهه مڃرائڻ لاءِ به سوال [illegible] ڪيو ويندو آهي سوال ڪرڻ ۽ ڪنهن ڳالهه جي پڇڻ ۾ ٻيون به ڪيتريون حڪمتون هونديون آهن. " فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ" يعني اسين انهن جي اڳيان سندن وڏا، ننڍا، ٿورا ، گهڻا ظاهري ۽ باطني اعمال ۽ احوال ڄاڻ ۽ تحقيق سان کولي کولي بيان ڪنداسون، اسين غائب نه آهيون جو بي خبر هجون اسين ڪنهن واسطي سان ٻڌائينداسون. رهيو ملائڪن جو لکڻ سو به الله تعالىٰ جي علم جي خلاف نه هوندو ، اهو لکرائڻ صرف قانون جي مراعات ۽ حڪومت جي نظام جو مظاهرو آهي. نه ته الله تعالىٰ پنهنجي علم ۾ انهن ذريعن جو بالڪل محتاج ناهي.

فائدا -١: فَلَنَسْئَلَنَّ، مان ثابت ٿيو ته حاڪم صرف پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي ڪنهن کي سزا نه ڏي پر قانون مطابق پوري تحقيق ۽ تفتيش ڪري اقرار يا شاهدن سان جرم ثابت ڪري پوءِ سزا ڏي. -٢: وَلَنَسْئَلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ" مان ثابت ٿيو ته انبياءِ ڪرام عليهم السلام پنهنجي هر امتيءَ جي هر عمل کان دنيوي ظاهري زندگيءَ ۾ يا رحلت ڪرڻ کان پوءِ به باخبر آهن ڇوته جيڪڏهن اهي بي خبر هجن ها ته انهن کان پڇا نه ڪئي وڃي ها ته اوهان جي امتين ڇا چيو؟ اهي پنهنجي امت جي اعمال جا شاهد ۽ گواه ڪيئن ٿي سگهن ها؟ الله جل شانه جو فرمان مبارڪ آهي "رَسُوْلًا شَاهِدًا عَلَيْكُمْ" (١) اسان

(١)سورة المزمل آيت ١٥

اوهان ڏانهن اوهان تي شاهدي ڏيندڙ رسول موڪليو آهي ٣ : جن ماڻهن ڏانهن الله جل جلاله جا رسول سڳورا يا انهن جو پيغام نہ پهتو هوندو انهن جي لاءِ صرف توحيد جو عقيدو ڪافي آهي انهن جي باري ۾ نہ ڪنهن نبي سڳوري ڪان سوال ڪيو ويندو نہ انهن ڪان ڪنهن نبيءَ لاءِ پڇيو ويندو. جيئن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جاوالدين ڪريمين رضي الله عنهما. نوٽ: اها ڳالهہ چڱيءَ طرح ذهن ۾ وهارڻ گهرجي.

وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِنِ الْحَقُّ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِکَ هُمُ

۽ (عملن جي) تور ان ڏينهن حق آهي پوءِ اهو شخص جو ڳرا ٿيا عملناما ان جا پوءِ اهيئي

الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨﴾ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِکَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا

ڪامياب ٿيندڙ آهن ۽ اهو شخص جو هلڪا ٿيا عملناما ان جا پوءِ اهي ئي آهن جو نقصان ۾ وڌائون

اَنْفُسَهُمْ بِمَا کَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ﴿٩﴾

سرن پنهنجن کي سببان ان جي جو آيتن اسان جن سان ظلم ٿي ڪيائون.

تفسير

اڳين آيتن ۾ قيامت جي حساب ڪتاب جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ وري ان ڏينهن ۾ اعمال جي تورڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. فرمان الاهي آهي " وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِنِ الْحَقُّ " ۽ ان (قيامت جي ڏينهن اعمال جي) تور حق آهي حق جو مطلب ضرور ٿيڻي آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ قيامت جي ڏينهن ايمان ۽ ڪفر جي تور نہ پر ٻين عملن جي تور ٿيندي ڇوتہ ڪافرن وٽ مطلق ايمان نہ هوندو جو هڪ پڙ ۾ ڪفر ۽ ٻئي ۾ سندن ايمان وجهي تورڪجي اهڙيءَ طرح مومنن وٽ ڪفر نہ هوندو بلڪ ٻيا عمل توريا ويندا. تور ۾ ڪم اچڻ واري ساهميءَ جو هڪ پڙ نوراني (روشن) هوندو جنهن ۾ نيڪ عمل وڌا ويندا ٻيو ظلماني (انڌيري وارو) جنهن ۾ برا عمل وڌا ويندا. پر جن رب جي پيارن وٽ گناه آهن ئي ڪونہ انهن جي تور نہ ٿيندي. جيئن حضرت ابوبڪر صديق يا ٻيا خاص

اصحاب سڄورا ۽ ڪي اولياءِ ڀلارا، اهڙي نموني سان جن ڪافرن وٽ ڪا نيڪي آهيئي ڪانہ جيئن ابوجهل وغيره تہ اهي بہ سڌا جهنم ۾ ويندا انهن جي بہ تور نہ ٿيندي ۽ اتي عملن جي ڳرائي نيت جي اخلاص آهر هوندي جنهن جو جيترو اخلاص زياده هوندو ان جا اعمال اوترا ڳرا هوندا.

ڪلمه شهادت ۽ درود پڙهندڙ لاءِ بشارتون

امام احمد، ترمذي، ابن ماجه، حاڪم صحيح سند سان، بيهقيءَ ۾ پين حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضيَ اللهُ عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: منهنجي امت مان هڪ مرد جي لاءِ ساري مخلوق جي اڳيان قيامت جي ڏينهن اعلان ڪرايو ويندو- ان جي (برن) عملن جا نوانوي دفتر کوليا ويندا جن مان هر هڪ ايڏو وڏو هوندو جتي ڪنهن جي نگاهہ وڃي ڪٽي الله تعالىٰ ان ٻانهي کي مخاطب ٿي فرمائيندو تہ ڇا تون هنن مان ڪنهن جو انڪار ڪرين ٿو؟ يا منهنجي طرفان مقرر ڪيلن لکندڙن توسان ظلم تہ نہ ڪيو آهي؟ عرض ڪندو تہ منهن جا پالڻهار! (نہ انهن ظلم ڪيو آهي نہ مان انڪار ٿو ڪريان) الله تعالىٰ وري پڇندس تہ: ڀلا ڪو عذر اٿئي يا ڪا ٻي نيڪي؟ (اٿئي جيڪا پيش ڪرين) پوءِ ٻانهو هيبت ۾ اچي عرض ڪندو تہ: اي پالڻهار! نہ، پوءِ الله جل شانه فرمائيندس تہ: هائو تنهنجي اسان وٽ هڪ (لکل) نيڪي آهي اڄ توسان ظلم نہ ٿيندو، پوءِ ان جي لاءِ هڪ ڪاغذ ڪڍيو ويندو جنهن ۾ "اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ" لکيل هوندو (ٻانهو ان کي ڏسي) عرض ڪندو تہ اي منهنجا پروردگار! هيڏن وڏن دفترن جي مقابلي ۾ هيءَ ننڍو ڪاغذ ڇا ڪندو؟ ڪيس چيو ويندو تہ توتي ظلم نہ ٿيندو تنهن ڪان پوءِ جڏهن اهي وڏا دفتر هڪ پڙ ۾ ۽ اهو ننڍو ڪاغذ ٻئي ۾ رکيو ويندو تہ اهو ننڍو ڪاغذ ڳرو ٿي ويندو ۽ الله جي نالي ڪان ڪابہ شيءِ ڳري ناهي مطلب تہ ان جي سيني دفترن ڪان هيءَ ننڍو ڪاغذ تور ۾ ڳرو هوندو ۽ ان جي صدقي ان عذاب ڪان ڇٽي بهشتي مزا ماڻيندو.

٢: محدث ابن ابي الدنياءِ نميريءَ ڪتاب الاعلام ۾ ان ئي حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: الله تعالىٰ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي عرش جي پاسي ۾ هڪ جاءِ عطا ڪئي آهي (قيامت ۾) ساوا ڪپڙا پائي اتي موجود هوندو ۽ ڏسندو رهندو تہ سندس اولاد مان ڪير بهشت ڏانهن ۽ ڪير (دوزخ) ڏانهن وڃي ٿو، پوءِ (حضرت) آدم (عليه الصلواة والسلام) ان ڏسڻ جي حالت ۾ اوچتو (حضرت) محمد ﷺ جن جي هڪ امتيءَ کي ڏسندو جنهن کي جهنم

ڏانهن وٺيو پيا ويندا تہ (حضور عليه الصلواة والسلام جن کي) سڏي چوندو " يا احمد! " "يا احمد!" (حضور عليه الصلواة والسلام بہ سندن سڏ ٻڌي کيس جواب ۾ فرمائيندا "لبيک يا ابا البشر!" اي انسانن جا ابا جيءُ، (ڇاٿو فرمائين) چوندو تہ " اوهان جي امت مان هن شخص کي جهنم ڏانهن وٺيو ٿا وڃن، رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ پوءِ مان سندرو ٻڌي ملائڪن جي پويان تڪڙو تڪڙو ويندس ۽ چوندوسانِ تہ! اي منهنجي رب جا موڪليل ملائڪو ! بيهو (۽ ان کي جهنم ڏانهن وٺي نہ وڃو) اهي کين عرض ڪندا تہ: اسين سخت .ڏاڍا" آهيون الله جي امر ادا ڪرڻ ۾ پوئتي نہ پوندا آهيون، جڏهن انهن جي انداز بيان کان حضور عليه الصلواة والسلام جن مايوس ٿيندا تہ پنهنجي پاک ڏاڙهي (مبارک) ۾ کبو هٿ (مبارک) وجهي پنهنجي منهن (مبارک) سان عرش ڏانهن متوجهہ ٿي عرض ڪندا تہ : اي رب! تومون سان وعدو ڪيو آهي تہ مون کي منهنجي امت جي باري ۾ خوار نہ ڪندين سندن ائين چوڻ ﷺ سان ئي عرش جي طرفان انهن ملائڪن کي سڏ ٿيندو تہ : (حضرت) محمد صلى الله عليه وسلم جو حڪم مڃي ان ٻانهي کي ساڳئي(تور واريءَ) جاءِ ڏانهن واپس ڪيو (۽ وري ٻيو پيرو تور ڪيو جڏهن وري تور لاءِ ساهميءَ جا پڙ سڏا ڪيا ويندا تہ) پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن آڱر جيترو صفا ننڍو ڪاغذ ڪڍي بسم الله چئي ان جي نيڪين واري پڙ ۾ وجهندا تہ سندس نيڪيون گناهن کان ڳريون ٿي وينديون. پوءِ ڪو سڏيندڙ سڏ ڪري چوندو تہ نيک بخت ٿي ويو، سندس ڪمائي قبول ٿي وئي، نيڪيءَ وارا عمل ڳرا ٿي ويا ان کي بهشت ڏانهن وٺي وڃو (اهو شخص بهشت ڏانهن وڃڻ جو حڪم ٻڌي) ملائڪن کي عرض ڪندو تہ اي منهنجي رب جا قاصدؤ! ترو بيهو تہ: مان الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ ايڏي عزت واري ٻانهي کان پڇان تہ آهي ڪير؟ (پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن متوجہ ٿي کين عرض ڪندو) تہ منهنجو ابو، امان قربان. ڪيڏو نہ اوهان جو چهرو حسين آهي ۽ ڪيڏو نہ اوهان جو اخلاق عمدو آهي. اوهان ڪير آهيو؟ جو منهنجو ڏک لاهي مون تي ڏکن جي حال ۾ ايترو رحم ڪيو اٿو. پاڻ فرمائيندا تہ: مان تنهنجو نبي محمد (صلى الله عليه وسلم) آهيان ۽ هي ڪاغذ تنهنجو مون تي پڙهيل درود آهي جيڪو توکي تنهنجي نهايت ئي محتاجي جي حالت ۾ ڏنو اٿم. (١) "وَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" پوءِ جنهن جا (نيڪيءَ وارا) عملناما ڳرا ٿيا اهيئي ڪامياب آهن- جو کين عذاب کان نجات ۽

(١) روح المعاني ص ٨٢-٨٣ جلد ٣ جزء ٨

بهشتي نعمتون نصيب ٿينديون "وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓـئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ" ۽ جنهن جا عملناما هلڪا ٿيندا تہ اهيئي اهي هوندا جن پنهنجن سرن کي هلاڪت ۾ وڌو. جو جنهن اسلامي خير واري فطرت تي پيدا ٿيا هئا اها ضايع ڪري ڇڏيائون "بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ" ان سببان جو اسان جي آيتن سان ظلم ڪندا هئا. آيتن سان ظلم مان مراد انهن جو انڪار ڪرڻ آهي. جيئن هڪ آيت ۾ آيو آهي "اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ" بيشڪ شرڪ ڪرڻ وڏو ظلم آهي. **فائدو-** : قيامت جي ڏينهن عقائد نيڪ ۽ بداعمال جو حساب ٿيندو پر وزن صرف نيڪيءَ ۽ بد اعمال جو ٿيندو عقائد جو نہ ٿيندو ۽ صرف عاقل، بالغ ماڻهن جي اعمال جو حساب ۽ وزن ٿيندو نابالغن، ٻارن ۽ چرين جي اعمال جو حساب نہ ٿيندو. ۽ اهڙي طرح دلي محبت ۽ عشق جو بہ وزن نہ ٿيندو (١).

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِي الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ قَلِيْلًا

۽ البت تحقيق طاقت سان رهايوسون اوهان کي زمين ۾ ۽ ناهياسون اوهان لاءِ ان ۾ گذران جا ذريعا تمام ٿورو

مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿١٠﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ

تا شڪر ڪيو ۽ البت تحقيق پيدا ڪيوسون اوهان کي ان ڪان پوءِ صورت ڏني سون اوهان کي

ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ لَمْ

ان ڪان پوءِ چيوسون ملائڪن کي تہ سجدو ڪيو آدم جي اڳيان پوءِ سجدو ڪيائون سواءِ شيطان جي جو نہ هو

يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿١١﴾ قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ

سجدي ڪندڙن مان- فرمايو (الله) تہ ڪنهن روڪيو توکي جو سجدو نہ ڪيئي جڏهن امر ڪيو مون توکي

قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾

فرمايائين تہ مان ڀلو آهيان ان ڪان پيدا ڪيئي مون کي باهہ مان ۽ پيدا ڪيئي ان کي مٽيءَ مان.

(١) نعيمي ص ٣٦٦ جلد٨

تفسير

اڳين آيتن ۾ ہانهن کي گذريل قومن جي عذاب ۽ ايندڙ حساب جو ذڪر ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو حڪم ڏنو ويو هو. هتي الله تعالىٰ اسان کي پنهنجيون موجوده نعمتون ٻڌائي پنهنجي اطاعت جي رغبت ڏياري رهيو آهي گويا پهرين آيتن ۾ ڊيڄاريو ويو ۽ هنن آيتن ۾ رغبت ڏياري وئي. ارشاد باري آهي" وَلَقَدْ مَكَّنَّاكُمْ فِي الْأَرْضِ" ۽ يقيناً اسان اوهان کي زمين ۾ طاقت ۽ قوت ڏئي رهايو، جو اها اوهان جي لاءِ قرار ۽ سڪون جي جاءِ آهي. " وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيهَا مَعَايِشَ" ۽ اسان اوهان جي لاءِ ان ۾ گذران جا ذريعا بنايا ، معايش معيشة جو جمع آهي يعني کائڻ، پيئڻ واريون ۽ اهي سڀ شيون جن سان حياتيءَ جو بقاءُ آهي (١)

" قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ" نهايت ئي ٿورو ٿا شڪر ڪيو-ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هن آيت ۾ الله تعالىٰ ہانهن کي پنهنجا احسان ياد ڏياري ڪين شڪر گذاريءَ جي رغبت ڏياري رهيو آهي ته جنهن پاڪ ذات اوهان کي هن زمين جي ڪره تي آباد ڪيو ۽ ان ۾ اوهان جي رهائش جو انتظام ڪري اوهان جي غذائن پيدا ٿيڻ جو به اهتمام ڪيو ان جا ٿورا ۽ احسان گهڻ نه مڃيو گهٽا مڃيو ۽ سندس شڪر ادا ڪندا رهو.

" وَلَقَدْ خَلَقْنَاكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنَاكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلَائِكَةِ اسْجُدُوا لِآدَمَ " ۽ بلاشڪ اوهانکي پيدا ڪيوسون ان کان پوءِ اوهان کي صورتون ڏنيون سون ان کان پوءِ ملائڪن کي فرمايو سون ته آدم (عليه الصلوة والسلام) کي سجدو ڪيو، هن کان اڳ ۾ انهن مهربانين جو ذڪر هو جن سان اسان جي حياتي وابسته آهي ۽ هتي الله تعالىٰ اسان کي پنهنجي تخليق ۽ انهن نوازشن ڏانهن متوجه ڪيو آهي جن سان اسان کي ۽ اسان جي ابي ابوالبشر سيدنا آدم عليه السلام کي سرفراز فرمايو هيائين.

سوال: هن آيت ۾ ارشاد آهي ته: اسان اوهان کي پيدا ڪيو ان کان پوءِ اوهان کي صورت ڏني سون ان کان پوءِ ملائڪن کي چيوسون ته آدم عليه السلام کي سجدو ڪيو حالانڪ آدم عليه السلام کي سجدي ڪرڻ جي لاءِ ته ملائڪن کي ٻين جي پيدا ڪرڻ ۽ صورت ڏيڻ کان اڳ ۾ ئي حڪم ڪيوويو هو؟.

جواب:ان سوال جا جواب مختلف ڏنا ويا آهن پر علامه رازي عليه الرحمة پنهنجي تحقيق ۾ جيڪو پلو جواب ڏنو آهي اهو هي آهي ته "وَلَقَدْ خَلَقْنَاكُمْ ثُمَّ

(١) القرطبى ص ١٦٧ جلد ٧

صَوَّرْنَاكُمْ " ۾ فعل فاعل کان پوءِ ۽ مفعول کان اڳ ۾ اباکم جو لفظ محذوف آهي" وَلَقَدْ خَلَقْنَاكُمْ " جي معنىٰ آهي خَلَقْنَا اَبَاكُمْ "ثُمَّ صَوَّرْنَاكُمْ " جي معنىٰ آهي صَوَّرْنَااَبَاكُمْ (١) يعني اسان اوهان جي بابي آدم عليه الصلواة والسلام کي پيدا ڪيو ان کان پوءِ اوهان جي بابي کي صورت ڏني سون ان کان پوءِ ملائڪن کي حڪم ڪيو سون ته آدم عليه السلام ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪيو .ثابت ٿيو ته انسان عظيم المرتبت ۽ جليل القدر مستقل بالذات مخلوق آهي جنهن جو خدا وندي نائب ۽ خليفي جي حيثيت سان ظهور ٿيو آهي ان جي علوم جو سمنڊ بي ڪنار آهي ۽ ان جون تخليقي قوتون به تمام گهڻيون آهن. اها ڳالهه تسليم شده آهي ته انسان ٿهيو مٽيءَ مان آهي پر " نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ " واري نوازش ان کي سچ ۽ چنڊ کان به وڌيڪ شان وارو بنائي ڇڏيو آهي پر ان جي ابتڙ ڊاروِن جو نظريو آهي ته انسان اصل ۾ عام حيوانن گڏه وغيره وانگر هڪ حيوان آهي جيڪو ترقي ڪري مٿي آيو آهي ان جي ڪري اهو هڪ ترقي يافته حيوان آهي. مسلمانو! هاڻي فيصلو ڪيو ته اسلام جو نظريو انسان جي عظمت ۽ شرافت جو علمبردار آهي يا ڊاروِن ۽ سندس پوئلڳن جو نظريو اڳتي ارشاد آهي. "فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ" يعني جڏهن ملائڪن کي آدم عليه الصلواة والسلام ڏانهن منهن ڪري سجدي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو ته شيطان کان سواءِ سڀني سجدو ڪيو، شيطان سجدي ڪندڙن مان نه ٿيو.

فائدو: الله تعالىٰ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ۽ شيطان جو قصو قرآن پاڪ جي ستن سورتن ۾ آندو آهي ١ : سورة البقره ۾ ٢ :سورة الاعراف ۾ ٣ :سورة الحجر ۾ ٤: سورة بني اسرائيل ۾ ٥ :سورة الكهف ۾ ٦ : سورة طٰهٰ ۾ ٧: سورة ص ۾ (٢).

"قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ" يعني الله تعالىٰ شيطان کي فرمايو ته: توکي ڪهڙي شيءِ روڪيو جو سجدو نه پيو ڪرين؟ جڏهن ته مون توکي امر ڪيو آهي " عرض ڪيائين ته مان ان (آدم عليه السلام) کان ڀلو آهيان جو مون کي باه مان ۽ ان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو اٿئي. جاڻڻ گهرجي ته گهڻا وقت ڪنهن شيءِ جي قيمت ۽ قدر لڳائڻ وقت ان جي ظاهري شڪل ۽ صورت کي نظر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ان جي ذاتي جوهر کان تعلق ڪٽيو ويندو آهي. شيطان کي صرف اهو ياد هيو ته آدم عليه السلام جي تخليق مٽيءَ مان ۽ سندس باهه مان آهي ۽ باهه مٽيءَ کان ڀلي آهي ته ان ڀليءَ مان پيدا ٿيل گهٽ شيءِ مان پيدا ٿيل کي

(١) التفسير الكبير ص ٣٠ جزء ١٤ (٢) التفسير الكبير ص ٣٠ جزء ١٤

ڪيئن سجدو ڪري؟ پر ان نادان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ جڏهن مون کان پلاءِ ۽ نور جي پيدا ٿيل وارا ملائڪ بہ سجدو ڪري رهيا آهن تہ مان ڇونہ ڪيان؟ان ئي نموني بعضي ماڻهو حضور رحمةً للعالمين صلواة الله وسلامه عليه جي ظاهري بشريت ۾ اٽڪي ٿي ويندا آهن جو سندن اک کي محمدي حقيقت جا جلوا نظرئي نہ ايندا آهن ۽ پاڻ تہ ڪين پاڻ جهڙو سمجهندا آهن پر ٻين کي بہ سمجهائيندا وتندا آهن. (معاذالله)

قَالَ فَاهۡبِطۡ مِنۡهَا فَمَا يَكُوۡنُ لَكَ اَنۡ تَتَكَبَّرَ فِيۡهَا فَاخۡرُجۡ اِنَّكَ

فرمايائين پوءِ لهي وڃ ان مان پوءِ نہ ٿو مناسب رهي تولاءِ هيءَ جو هٽ ڪرين ان ۾ پوءِ نڪري وڃ بيشڪ تون

مِنَ الصّٰغِرِيۡنَ ﴿۱۳﴾ قَالَ اَنۡظِرۡنِيۡۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۱۴﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ

ذليلن مان آهين عرض ڪيائين تہ مهلت ڏي مون کي ان ڏينهن تائين جو اٿاريا ويندا فرمايو (الله) بيشڪ تون

الۡمُنۡظَرِيۡنَ ﴿۱۵﴾

مهلت ڏنلن مان آهين.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ شيطان الله تعالىٰ جو حڪم نہ مڃيو ۽ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي اڳيان (تعظيم جو) سجدو نہ ڪيو ۽ هنن آيتن ۾ ان فرمان نہ مڃڻ جي ڪري ڪيس دنيا ۾ مليل سزا جو بيان ڪيو ٿو وڃي - فرمان ايزدي آهي "قَالَ فَاهۡبِطۡ مِنۡهَا فَمَا يَكُوۡنُ لَكَ اَنۡ تَتَكَبَّرَ فِيۡهَا" يعني الله تعالىٰ حڪم فرمايس تہ لهي وڃ ان آسمان مان تولاءِ مناسب ئي ناهي جو ان ۾ رهي تڪبر ڪندو وتين مقصد تہ اسان جي قرب ۽ رحمت ۾ صرف ان ماڻهوءَ لاءِ جاءِ آهي جيڪو اسان جي حڪم جي اڳيان سر جهڪائي هنيلن جو هتي ڪهڙو ڪم؟ "فَاخۡرُجۡ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيۡنَ" پوءِ نڪري وڃ يقينًا تون ذليلن مان آهين، هن مان ثابت ٿيو تہ جيڪو شخص الله تعالىٰ جي ٻي فرماني ڪندو اهو ذليل آهي " قَالَ اَنۡظِرۡنِيۡۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ " عرض ڪيائين تہ مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ۾ سڀ اٿاريا ويندا. "قَالَ

اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ" فرمايائين ته بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين، اها مهلت ڏيڻ الاهي حڪمت جي تقاضا هئي تانته جيستائين هيءَ دنيا موجود رهي ته حق ۽ باطل جو معاملو ڳنڍيل رهي. فائدا: ١- مٿين آيتن ۾ غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته متڪبرن ۽ حاسدن جي بهشت ۾ جاءِ ناهي، جيڪڏهن اتي وڃڻ جي لاءِ ڪو خواهش رکي ته ان کي عاجزي، انڪساري ۽ نيڪ اعمال اختيار ڪرڻ گهرجن ٢: اهو به ثابت ٿيو ته هر شخص جي هر دليل جو جواب نه ڏيڻ گهرجي بعضي دلائل جي پيش ڪندڙ تي سختي ڪرڻ الاهي سنت آهي. شيطان پنهنجي پلي هجڻ لاءِ دليل ڏنو ته مان باه جي پيدائش آهيان ۽ حضرت آدم عليه السلام مٽيءَ جي پيدائش آهي مان ان کي سجدو ڪيئن ڪيان؟ ته الله تعالىٰ سندس دليل جي جواب ۾ دليل ڏيڻ جي بجاءِ ان کي فرمايو ته بهشت مان نڪري، آسمان مان لهي وڃ تون ذليلن مان آهين، عزت جو لائق ئي ناهين.

قَالَ فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ

چيائين ته پوءِ سببان ان جي جو گمراهه ڪيو تو مون کي البت ضرور وهندس انهن (کي گمراهه ڪرڻ) جي لاءِ واٽ تنهنجي سڌيءَ تي ان کان پوءِ

لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ

البت ضرور ايندس انهن وٽ اڳيان انهن جي ۽ پويان انهن جي ۽ سڄي پاسي انهن جي کان ۽

شَمَآئِلِهِمْ ۭ وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ ﴿١٧﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا

کٻي پاسي انهن جي کان ۽ نه لهندين گهڻن انهن جي کي شڪر ڪندڙ- فرمايائين ته نڪر ان مان ذليل

مَّدْحُوْرًا ۭ لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٨﴾

تڙيل ٿي البت جيڪو پويان لڳو تنهنجي انهن مان ته البت ضرور ڀريندس جهنم کي اوهان مڙني مان-

تفسير

هنن ڪان اڳين آيتن ۾ شيطان جي طرفان مهلت گهرڻ ۽ وڏي عمر ملڻ جي دعا جو ذڪر هو ۽ هتي ان جي ئي زبان سان ان مهلت جي مقصد کي بيان ڪيو ويو

آهي فرمان ايزدي آهي " قَالَ فَبِمَا أَغْوَيْتَنِي لَأَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيمَ " يعني الله تعاليٰ جي طرفان آسمانن مان نڪري وڃڻ جو حڪم ٻڌي پشيمان ٿيڻ جي بجاءِ پنهنجي گمراهي جي الله تعاليٰ ڏانهن نسبت ڪندي چوڻ لڳو ته "ان سببان جو تو مون کي گمراه ڪيو آهي ۽ انسان جي اڳيان سجدي نه ڪرڻ جي ڪري مون کي تڙيو آهي مان انهن انسانن جي لاءِ تنهنجي طرفان مقرر ڪيل سڌي رستي تي ڪين گمراه ڪرڻ جي لاءِ ويهي رهندس. " ثُمَّ لَآتِيَنَّهُمْ مِنْ بَيْنِ أَيْدِيهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ أَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَائِلِهِمْ " يعني سڌي واٽ تي وهڻ کان پوءِ سندن اڳيان ۽ پويان سڄي پاسي ۽ کٻي پاسي کان ايندس" مقصد ته هر طرف کان اچي شڪ ۽ شبها وجهي ڪين نيڪ ڪم ڏانهن وڃڻ ئي نه ڏيندس پر جيڪڏهن ڪا نيڪي ڪري به وٺندا ته ان ۾ رياءُ ۽ ڏيکاءُ جو زهر وجهندس، الغرض ته انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ گهٽتائي اصل نه ڪندس " وَلَا تَجِدُ أَكْثَرَهُمْ شَاكِرِينَ " ۽ انهن مان گهڻن کي شڪر ڪندڙ نه لهندين- شيطان جو اهو چوڻ ته: تون انهن مان گهڻن کي شڪر ڪندڙ نه لهندين يا ته اندازي ۽ انڪل سان هو يا لوح محفوظ ۾ لکيل ڏٺو هيائين ڇو ته اهو لوح محفوظ کي ڏسندو ۽ پڙهندو هو (١) " قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُومًا مَدْحُورًا " يعني الله تعاليٰ شيطان کي حڪم ڪيو ته: ان جنت مان ذليل، تڙيل ٿي نڪري وڃ ڇوته تو منهنجي امر جي مخالفت ۽ بي فرماني ڪئي آهي ۽ بهشت بي فرمانن جي جاءِ ناهي. " لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ لَأَمْلَأَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ أَجْمَعِينَ " انسانن مان جيڪو به تنهنجو پوءِ لڳ ٿيو ته مان اوهان سڀني مان جهنم کي ڀري ڇڏيندس. علامه خازن لکيو آهي ته " لَأَمْلَأَنَّ " ۾ لام قسم جو آهي گويا ڪه الله تعاليٰ قسم سان فرمايو ته "اي شيطان! شيطانن ۽ انسانن مان جيڪي به تنهنجا پوءِ لڳ ٿيا تن سڀني سان جهنم کي ڀري ڇڏيندس (٢) فائدو: " فَبِمَا أَغْوَيْتَنِي "مان ثابت ٿيو ته ڪافر جيڪو گناه ڪندو ته ان جي نسبت الله تعاليٰ ڏانهن ڪندو جيئن شيطان چيو ته يا الله! مون کي تو گمراه ڪيو. پر مؤمن کان جيڪڏهن ڪا اهڙي ڳالهه صادر ٿيندي جنهن ۾ الله تعاليٰ جي طرفان عتاب ٿيندس ته ان جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪندو جيئن حضرت آدم عليه السلام عرض ڪيو هو ته " اسان پاڻ پاڻ تي ظلم ڪيو آهي جيڪڏهن اسان کي بخش نه ڪندين ته نقصان ۾ ويندا سون. "

(١) تفسير خازن ص ٧٨ جلد ٢ (٢) ساڳيو حوالو

وَيٰاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا

۽ اي آدم! رهہ تون ۽ زال تنهنجي بهشت ۾ پوءِ کائو جتان بہ گهرو اوهان

وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا

۽ نہ ويجها وڃو هن وڻ کي پوءِ ٿي پئو نقصان وارن مان- پوءِ وسوسو وڌائين انهن ٻنهي (جي دلين) ۾

الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَاوٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ

شيطان تانت ظاهر ڪري انهن ٻنهي جي لاءِ اهو جو لڪايو ويو انهن ٻنهي کان اگهڙن سندن مان ۽ چيائين (شيطان)

مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ

تہ نہ روڪيائين اوهان ٻنهي کي رب اوهان جي هن وڻ کان مگر هن جي ڪري تہ ڪٿي ٿي نہ وڃو ٻئي ملائڪ

اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَقَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا

يا ٿي پئو هميشہ زنده رهندڙن مان ۽ قسم ڏنائين انهن ٻنهي کي تہ يقينًا مان اوهان جي ۾

لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾

خيرخواهن مان آهيان

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ آدم عليه السلام کي ملائڪن کان سجدي ڪرائڻ واري نعمت جو ذڪر هو ۽ هتي ان کي بهشت ۾ رهائڻ واري نعمت جو ذڪر آهي فرمان ٿيردي آهي "وَيٰاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ" اي آدم (عليه الصلواة والسلام) تون ۽ تنهنجي گهر واري بهشت ۾ رهو. هي نئون جملو آهي ۽ ان ۾ واو عطف جو نہ پر ابتدائيه آهي ۽ يا حرف ندا جو آهي ۽ هي ندا ڪرم ڪرڻ جي لاءِ آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي اهو (سڌ) شيطان کي تڙي ڪيڻ کان پوءِ

ٿيو هو ۽ ان سڌ وقت سيده حوا رضي الله عنها به پيدا ٿيل هئي، پر حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي ملائڪن کان سجدي ڪرائڻ وقت امان سائڻ پيدا ٿيل نه هئي. جڏهن ته ڪتي به رهڻ ۾ اصل پاور مڙس جو هوندو آهي عورت ان جي تابع هوندي آهي جو جتي مڙس رهندو آهي اتي زال به رهندي آهي ان جي ڪري هتي ؟اسْكُنْ" واحد مذڪر مخاطب جو صيغو آڻي ان کان پوءِ واو عطف ڪري "زَوْجُكَ" جو لفظ آندو ويو آهي ۽ ان وقت بهشت ۾ رهندي حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي صرف ميون، فروٽ وغيره جي کائڻ ۽ صرف حضرت بيبي حوا رضي الله عنها کي هٿ لڳائڻ جي اجازت هئي حورن وغيره جي استعمال ڪرڻ جي موڪل نه هئي ان ڪري "زَوْجُكَ" ۾ زوج واحد جو صيغو آندو ويو جمع نه آندو ويو "فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ" پوءِ جتان به گهرو کائو ۽ هن وڻ کي ويجهائي نه وڃو يعني جيڪي بهشتي ميوا آهن اهي سڀ استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ هن وڻ (ڪٽڪ جي داڻي کي) کائڻ ته ڇا پر ويجها به نه وڃو "فَتَكُونَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" پوءِ نقصان وارن مان ٿي پوندؤ. هتي ظلم مان مراد نقصان ۽ خسارو آهي، يعني ان وڻ کي ويجها ويندؤ ته نقصان ۽ خساري وارن مان ٿي پوندؤ. (۱) "فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَاوٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا" پوءِ سندن دلين ۾ شيطان وسوسو وڌو تانته ظاهر ڪري انهن لاءِ جيڪو سندن شرمگاهن مان پردي ۾ رکيو ويو هو.

وسوسو ڇا آهي؟

علامه قرطبي وسوسي جون به معنائون لکيون آهن. -۱: الصوت الخفي، تمام آهستي وارو آواز - ۲: حديث النفس دل جا خيالات (۲).

سوال: شيطان جڏهن بهشت ۾ نه هو آسمانن کان ئي تڙجي ويو هو ته ان حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ۽ سيده حوا رضي الله عنهما جي دلين ۾ وسوسو ڪيئن وڌو؟

جواب: علامه رازي حضرت حسن بصري جو قول آندو ته شيطان کي اها قوت مليل هئي جو زمين تي رهي ڪري حضرت آدم ۽ سيده حوا جي دلين ۾ وسوسا وجهي سگهي (۲) ۽ ڪن جو قول آهي ته حضرت آدم عليه الصلواة والسلام بهشت جي دروازي تي آيل هو شيطان ٻاهران آهستي آهستي اهو خيال سندس ڪنن مبارڪن تي آندو ۽ ڪن جو خيال آهي ته اهو نانگ جي منهن ۾ ويهي بهشت ۾ آيو ۽ پوءِ حضرت

(۱) ضياءالقرآن ص ۱۸ جلد ۲ (۲) القرطبي ص ۱۷۷ جلد ۷ (۲) التفسير الڪبير ص ۴۶ جزءِ ۱۴

آدم عليه السلام ۽ حوا سائڻ کي اهي وسوسا وڌائين والله اعلم.
"لِيُبْدِيَ" ۾ لام کي جي معنىٰ ۾ آيل آهي ۽ ان سان وسوسي جو انجام بيان ڪيو ويو آهي جيئن چيو ويندو آهي ته فلاڻي جيل ۾ وڃڻ جي لاءِ چوري ڪئي هئي. مقصد ته شيطان حضرت آدم ۽ سيده حوا کي وسوسو ان جي لاءِ وڌو هو ته ڪين بهشت مان ڪڍي ۽ سندن جسمن تان لباس، لهي وڃي ۽ سندن شرمگاهون ظاهر ڪري ڇو ته اهي ٻئي جيتوڻيڪ مڙس ۽ زال هئا پر نهايت پردي ۽ ستر سان بهشت ۾ رهندا هئا ڪڏهن به هڪ ٻئي جي سامهون اگهاڙا نه ٿيا هئا مڙس ۽ زال جو هڪ ٻئي سان گڏ ٿيڻ ٻي شيءِ آهي اگهاڙو ٿيڻ ٻي شيءِ، سندن لباس ڪهڙو هو؟ يا نوراني جنتي لباس هو يا جيئن انسان جي هٿن ۽ پيرن جا ننهن آهن اهڙو ۽ سندن سڄو جسم انهن سان ڍڪيل هو پر هي ننهن سخت آهن اهو لباس نهايت نرم ۽ سهڻو هو (١) سيدنا آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها ڪڻڪ جي داڻي ڪائڻ شرط ان لباس کان خالي ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي کي بنا لباس جي ڏسي نهايت غمگين ٿيا. "وَقَالَ مَا نَهَاكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هَٰذِهِ الشَّجَرَةِ إِلَّا أَنْ تَكُونَا مَلَكَيْنِ أَوْ تَكُونَا مِنَ الْخَالِدِينَ" يعني شيطان انهن ٻنهي کي وسوسو هن طرح وڌو جو ڪين چوڻ لڳو ته: اوهان کي اوهان جي رب هن وڻ "ڪڻڪ" کان صرف ان جي ڪري روڪيو هو ته متان ان جي ڪائڻ سان ملائڪ ٿي پئو يا هميشه رهندڙن مان ٿي وڃو، مطلب ته ان ڪڻڪ جي داڻي ڪائڻ جو اثر اهو ٿيندو جو اوهان ۾ ملائڪن واريون خوبيون پيدا ٿينديون ۽ هميشه واري حياتي ماڻي وهندؤ، سيدنا آدم عليه الصلواة والسلام کي به اها آرزو ٿي ته سندن وجود ۾ ملائڪن وارين صفتن ڪائڻ، پيئڻ وغيره کان استغناء پيدا ٿئي ۽ ان جي ضرورت نه رهي. "وَقَاسَمَهُمَا إِنِّي لَكُمَا لَمِنَ النَّاصِحِينَ" ۽ ٻنهي سان قسم کڻي ڳالهه ڪيائين ته يقينًا مان اوهان جي خير خواهن مان آهيان. شيطان الله جو نالو وٺي ان لاءِ قسم ڪنيو هو ته حضرت آدم عليه السلام ڪيس ڪوڙو نه سمجهي پر ڪيس پنهنجو خير خواه سمجهي. **فائدا -١:** هنن آيتن مان ثابت ٿيو ته ڪوبه شخص ڪيتري به هجي پاڻ کي شيطان جي مڪر کان محفوظ نه سمجهي سيدنا آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها بهشت ۾ هيا ته اتي به شيطاني مڪر پهچي ويو.
٢: پلو اهو آهي ته مڙس ۽ زال به هڪ ٻئي جي اگهڙ نه ڏسن بلڪ بعضي بزرگ ته پنهنجي اگهڙ ڏسڻ کان به پرهيز ڪندا آهن. مومنن جي امان سيده عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو آهي ته: مون ڪڏهن به سيدنا رسول الله ﷺ جن کي بي پرده نه ڏٺو.

(١) نعيمي ص ٤١٢ جلد ٨

انسان جيڪڏهن اڪيلو آهي تہ بہ الله تعالىٰ ڪان حياءُ ڪندي اگهاڙو نہ رهي تہ پلو آهي. -٣: سيني ڪان اول تقيه (دل ۾ هڪڙي زبان تي ٻي) شيطان ڪيو هو جو دل ۾ آدم عليه السلام سان دشمني هيس ۽ زبان سان قسم کڻي محبت ۽ خير خواهي جو اظهار ڪيو هيائين (١)-۴: سيني ڪان پهريان الله تعالىٰ جو ڪوڙو قسم شيطان کنيو هو جيئن "وَقَاسَمَهُمَا" مان ظاهر آهي اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڪوڙا قسم کڻندڙ شيطان جو ساٿي ۽ پوئلڳ آهي ۽ هر شخص جي قسم يا روئڻ يا سينگاريل ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪجي. -٥: حقيقت ۾ ان موقعي تي حضرت آدم عليه السلام ڪامياب ٿيو ۽ شيطان ناڪام رهيو. شيطان گهريو ٿي تہ حضرت آدم عليه السلام ڪڻڪ جو داڻو کائي مقام نبوت ڪان محروم رهي پر الله تعالىٰ جي فضل و ڪرم سان سيدنا آدم عليه السلام زمين تي پهچڻ ڪان پوءِ بلند مقامن تي فائز ٿيو سندس خليفة الله واري اعزاز جو اظهار ٿيو ۽ ڪڻڪ جو ان سندس اولاد جي لاءِ حلال غذا بڻيو. پاڻ سوچيو هيائين تہ ملائڪن جي صفت سان موصوف ٿئي سو ائين ٿيو جو نہ صرف سندس بلڪ الله تعالىٰ جي عبادت ۽ جهاد لاءِ سندس اولاد جو کائڻ، پيئڻ وغيرهما بہ عبادت ۾ شمار ڪيو ويو ۽ قيامت تائين سندس اولاد مان اهڙا فرد وجود ۾ ايندا جن جي زندگيءَ جو هر لمحو ذڪر خدا ۾ گذرندو جيئن سيد عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جو مشهور شعر آهي:

ساري رات سبحان جاڳي جنهن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي مٽيءَ لذوماڻ
ڪوڙين ڪن سلام، آتڻ اچيو ان جي.

فَدَلّٰهُمَا بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا

پوءِ هيٺ لاٿائين ٺڳي ڪي ڏوکي سان پوءِ جڏهن چکيائون وڻ کي تہ ظاهر ٿيون انهن ٻنهي لاءِ شرمگاهون سندن

وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ۭ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَآ اَلَمْ

۽ شروع ٿيا جو ڍڪين پيا پنهنجي مٿان پن بهشت (جي وڻن) جا ۽ سڏيائين ٻنهي کي رب سندن تہ ڇا نہ روڪيو هو مون

(١) نعيمي ٢١٧ جلد ٨

اَنۡهَكُمَا عَنۡ تِلۡكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلۡ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَكُمَا

اوهان ٻنهي کي ان وڻ کان ۽ نه چيو هو مون اوهان ٻنهي کي ته يقينن شيطان اوهان ٻنهي جو

عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿٢٢﴾

دشمن کليل آهي.

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ شيطان جي ڌوکي ۽ ٺڳي ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هن ۾ سيدنا آدم ۽ سيده حوا سائڻ جي ڌوکي ۾ اچڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي ارشاد ايزدي آهي "فَدَلّٰهُمَا بِغُرُوۡرٍ" پوءِ ٻنهي کي ڌوکي سان هيٺ لاٿائين-جاٽڻ گهرجي ته هتي هيٺ لاهڻ مان مراد درجي جي لحاظ سان ناهي ڇوته سيدنا آدم عليه الصلوٰة والسلام جا هيٺ لهڻ کان پوءِ درجا ته بلند ٿيا ۽ وڌيا پر مڪان ۽ جاءِ جي لحاظ سان هيٺ لاهڻ مراد آهي يعني بهشت کان زمين ڏانهن.ڌوکي ڏيڻ جي ترتيب هيئن هئي اول حضرت بيبي حوا رضي الله عنها ڌوکي ۾ آئي ان کان پوءِ حضرت آدم عليه السلام پر ڌوکي جو اثر جڏهن ته ٻنهي تي پيو هو ان جي ڪري هما تثنيه جو صيغو آندو ويو ۽ شيطان اهو ڌوکو کين ڪوڙي قسم کڻڻ سان ڏنو هو ڇوته حضرت آدم عليه السلام سمجهيو ته ڪير به الله تعالىٰ جو ڪوڙو قسم نه کڻندو ۽ شيطان ئي پهريون وجود هو جنهن الله تعالىٰ جو ڪوڙو قسم ڪنيو هو (١). "فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتۡ لَهُمَا سَوۡاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخۡصِفٰنِ عَلَيۡهِمَا مِنۡ وَّرَقِ الۡجَنَّةِ" پوءِ جڏهن وڻ کي چکيائون ته سندن لاءِ سندن شرمگاهون ظاهر ٿي پيون ۽ پنهنجي جسم جي مٿان بهشتي وڻ انجير جا پن چنبڙائڻ لڳا اڳ ۾ به لڪي آيا آهيون ته: ان وقت تائين حضرت آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها نه هڪ ٻئي جي اگهڙ ڏٺي هئي ۽ نه ان جي کين ضرورت پيش آئي هئي (٢) نوادر الاصول ۾ حڪيم ترمذي، ابن جرير،ابن ابي حاتم،

(١) تفسير الخازن ص ٧٩ جلد ٢ (٢) خزائن العرفان ص ١٨٥ مترجم سنڌي

ابوالشيخ ۽ ابن عساکر وهب بن منبه کان آندو آهي ته اهو لباس نور هو جنهن جي ڪري هڪ ٻئي جي جسم کي ڏسي نه سگهندا هئا داڻي کائڻ کان پوءِ اهو کائڻ کسجي ويو. (١)
"وَنَادَاهُمَا رَبُّهُمَا أَلَمْ أَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَأَقُلْ لَكُمَا إِنَّ الشَّيْطَانَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِينٌ" ۽ ٻنهي کي سندن رب سڏي فرمايو ته ڇا مون اوهان ٻنهي کي ان وڻ کان نه روڪيو هو ۽ اوهان ٻنهي کي نه چيو هو ته بيشڪ شيطان اوهان ٻنهي جو کليل ۽ چٽو دشمن آهي؟ ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعالىٰ جي طرفان ڪين سڌ براه راست فرشتن جي واسطي کانسواءِ ٿيو هو (٢) ۽ الله تعالىٰ جي طرفان ڪين ٻه ڏوراپا ۽ عتاب مليا هئا -١: ته ڇا مون اوهان کي هن ڪٽڪ جي داڻي کائڻ کان نه روڪيو هو، مقصد ته ضرور روڪيو هو پوءِ اوهان ڇو کاڌو؟ -٢: ته ڇا مون اوهان کي اهو نه ٻڌايو هو ته شيطان اوهان جو کليل دشمن آهي جو ٻين سڀني ملائڪن تنهن جي اڳيان تعظيم جو سجدو ڪيو پر شيطان نه ڪيو هو؟ ۽ تنهنجي اڳيان سجدي نه ڪرڻ جي ڪري اهو تڙجي لعنتي بڻجي ويو ان جون اڳ ۾ ڪيل عبادتون ضايع ٿي ويون ايترين ڳالهين جي هوندي اهو اوهان جوسڄڻ ڪيئن ٿي سگهندو؟ ان جي دشمني ته کليل ۽ چٽي آهي لڪل ناهي پوءِ اوهان ان کي پنهنجو خير خواه ڪيئن سمجهيو؟ هن فرمان سان ٻين انسانن کي به تنبيه ڪرڻي آهي ته اهي ان جي ڌوڪي ۽ مڪر ۾ نه اچن. هن آيت مان هيٺيان فائدا حاصل ٿيا -١: حضرت آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها ڪٽڪ جي داڻي کي صرف چکيو هو پيٽ پري نه کاڌو هو ان جي ڪري ارشاد ٿيو " ذَاقَا الشَّجَرَةَ" وڻ کي چکيو هيائون. -٢: پردو ۽ حياءانسان جوڻ فطرتي تقاضائون آهن بي حيائي ۽ اگهاڙو هجڻ نهايت شرم اچڻ جهڙيون شيون آهن سيدنا آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها پاڻ ۾ مڙس ۽ زال هيا تڏهن به هڪ ٻئي جي شرمگاهن کي ڏسڻ پسند نه ٿي ڪيائون ۽ هڪدم جنتي وڻن جا پن پنهنجي جسم تي چنبڙائي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. خيال ۾ رکڻ گهرجي ته انسان کي پردو نه پنهنجي زال کان آهي نه ملائڪن کان ۽ نه جانورن کان ها ان کي جنن کان به پردو ڪرڻو آهي پر اهو لباس سان حاصل نه ٿيندو آهي. الله تعالىٰ جي ذڪر سان حاصل ٿيندو آهي. ان جي ڪري استنجا ڪرڻ وقت الله تعالىٰ جي ذڪر واريون دعائون پڙهيون وينديون آهن. سيدنا آدم ۽ بيبي حوا به حياءِ غيرت جي ڪري پريشان ٿيا هئا (٣).

(١) فتح القدير ص ١٧٦ (٢) نعيمي ص ٤٣٣ جلد ٨
(٣) ساڳيو حوالو ص ٢٢٥

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْلَنَا وَتَرْحَمْنَا

عرض ڪيائون تہ اي اسان جا رب! ظلم ڪيو اسان نفسن پنهنجن تي ۽ جيڪڏهن نہ بخشيندين اسان کي ۽ نہ رحم ڪندين

لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ج

اسان تي تہ البت ٿي پونداسون نقصان وارن مان فرمايائين تہ لهو بعضي اوهان مان بعض جا دشمن آهن

وَلَكُمْ فِى الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٢٤﴾ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ

۽ اوهان لاءِ زمين ۾ قرار جي جاءِ ۽ سامان آهي وقت مقرر تائين فرمايائين تہ ان ۾ جيئرا هوندؤ

وَفِيْهَا تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿٢٥﴾ ع

۽ ان ۾ مرندئو ۽ ان مان ئي ڪڍيا ويندئو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها تي آيل تڪليفن جي ابتدا جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن تي اچڻ وارين تڪليفن جي انتها جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْلَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ" يعني (ٻنهي حضرت آدم ۽ حوا سائڻ) عرض ڪيو تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجن سرن تي پاڻ ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن تون اسان کي نہ بخشيندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ اسين نقصان وارن مان ٿينداسون. هي نئون جملو آهي جيڪو سيدنا آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها مالڪ مٺي جي طرفان مليل عتاب ۽ ڏوراپي ۾ عرض ڪيو هو. پنهنجن سرن تي ظلم ڪرڻ مان مراد آهي پنهنجن سرن جي حقن کي ضايع ڪرڻ، جاڻڻ گهرجي تہ جيئن الله جل جلاله، ان جي پياري رسول مقبول ﷺ ۽ استادن، مرشدن، والدين، قرابتدارن، پاڙيوارن وغيرهم جا انسان تي حق آهن تيئن پنهنجي سر جو بہ حق آهي تہ پلا ڪم ڪري ان کي بهشت ۾ پهچائجي. "قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ

عَدُوٌّ" هي فرمان مبارڪ حضرت آدم ۽ سيده حوا عليهما السلام جي دعا جو جواب آهي سندن دعا جي ترديد نہ پر ان واقعي صادر ٿيڻ کان پوءِ سندن تخليق جي مقصد جي تمهيد آهي ڇوتہ حضرت آدم ۽ سيده حوا زمين جي خلافت لاءِ تہ پيدا ڪيا ويا هئا ۽ هنن کي ان ئي زمين ڏانهن لهڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي .

سوال: سيدنا آدم ۽ سيده حوا تہ ٻہ هيا "اِهْبِطُوْا" جمع جو صيغو ڇو آيو آهي؟.

جواب: جمع حضرت آدم، حوا ۽ سندن پٺن ۾ رهندڙ اولاد جي لحاظ سان آندو ويو آهي يا ٻہ اهي ٽيون شيطان بہ لاٿو ويو ان جي ڪري جمع جو صيغو آندو ويو آهي (١) مقصد تہ ڪين حڪم ٿيو تہ زمين ڏانهن لهي وڃو اوهان مان هڪڙا ٻين جا دشمن آهن "وَلَكُمْ فِى الْأَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ" مطلب تہ اوهان لاءِ زمين ۾ قرار جي جاءِ آهي (جو جيئري بہ اتي رهندؤ ۽ مرڻ کان پوءِ بہ ان ۾ دفن ٿيندؤ) ۽ مقرر وقت موت اچڻ تائين نفعي وٺڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ ۾ ڪم اچڻ واريون شيون ان ۾ موجود آهن "قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ" الله تعالىٰ ڪين اهو بہ فرمايو تہ ان زمين ۾ جيئرا رهندؤ ۽ ان ۾ ئي اوهان جو موت ٿيندو ۽ ان مان ئي ڪڍيا ويندؤ، هن حصي ۾ انهن کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ زمين ۾ اوهان جو رهڻ،دفن ٿيڻ عارضي هوندا ان مان اوهان کي ٻاهر ڪڍي محشر جي ميدان ۾ آڻبو. هنن آيتن مان هي **فائدا** حاصل ٿيا -١: تہ جيڪي دعائون الله تعالىٰ جي پيارن ٻانهن گهريون ۽ اهي قرآن پاڪ آنديون آهن سي پنهنجن جملن ۾ آيل دعائن کان ڀليون آهن ڇوتہ انهن ۾ ٽي اثر هوندا آهن (١) لفظن جو اثر (٢) پيارن ٻانهن جي زبان جو اثر (٣) الله تعالىٰ جي طرفان انهن جي نقل ڪرڻ جو اثر - ٢: پنهنجي قصور جو اعتراف ڪرڻ،حجت نہ هلڻ ڪامل ايمان جي نشاني آهي، بهانا ناهي گناه جي نسبت الله تعالىٰ ڏانهن ڪرڻ تہ تو هيئن ڪيو وغيره وغيره شيطان جو ڪم ۽ بي ديني آهي - ٣:بعضي علماء جو قول تہ حضرت آدم ۽ سيده حوا کي انهن ڪلمات "رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا الايہ" جي چوڻ سان معافي ملي هئي راجح قول ناهي، راجح قول اهو آهي تہ اهي دعا جاڪلما تہ پاڻ اتي جو اتي چيا هئائون پوءِ بہ زمين تي لاٿا ويا هئا۽ٻين ڪلمات جي ڪري ڪين معافي ملي هئي اهي حضور عليه الصلواة والسلام جي واسطي ۽ وسيلي وٺڻ وارا ڪلما هئا.

(١) فتح القدير ص ١٩٥ جلد ٨

يَابَنِيٓ آدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْآتِكُمْ

اي آدم جا فرزندؤ! تحقيق لاٿو اسان اوهان جي مٿان لباس جو ڍڪي شرمگاهون اوهان جون

وَرِيْشًا وَلِبَاسُ التَّقْوٰي ذَالِکَ خَيْرٌ ذَالِكَ مِنْ آيَاتِ اللّٰهِ

۽ سينگار ۽ لباس تقويٰ جو اهو ڀلو آهي اهو نشانين الله جي مان آهي

لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٢٦﴾

شايد اهي نصيحت حاصل ڪن.

تفسير

هن ڪان پهريان آيل آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته جڏهن آدم عليه السلام ۽ سيده حوا رضي الله عنها جي جسمن تان اصلي لباس پري ڪيو ويو ته انهن هڪدم بهشتي وڻ انجير جا پن پنهنجي جسمن تي چنبڙايا ۽ هتي انهن جي اولاد ڪي ٻڌايو ٿو وڃي ته جيئن انهن بغير لباس جي هجڻ پسند نه ڪيو تيئن اوهان به اگهاڙو رهڻ پسند نه ڪيو اوهان جي لباس جو به انتظام ڪيو ويو آهي **شان نزول**. اسلام کان اڳ ۾ عرب اگهاڙا ٿي بيت الله جو طواف ڪنداهيا ۽ چوندا هئا ته اسين لباس ۾ هوندي گناه ڪندا آهيون ان جي ڪري ان سان ڪعبه جو طواف ڪرڻ ڪعبه جي بي حرمتي آهي انهن جي ان قول جي ترديد ۾ هي آيت نازل ٿي (١) ارشاد مبارڪ آهي" يَابَنِيٓ آدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْآتِكُمْ وَرِيْشًا ، اي آدم جا فرزندؤ! اسان اوهان تي لباس لاٿو آهي جيڪو اوهان جي شرمگاهن کي به ڍڪي ۽ اوهان جي لاءِ سينگار به بنجي سگهي ٿو ته ملائڪ لباس نه ڍڪيندا آهن پر اهي به جڏهن هن انساني صورت ۾ ايندا آهن ته لباس ڍڪي ايندا آهن ۽ ان لباس جي حقيقت الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ۽ جنن جي لباس جي حقيقت کي به پروردگار پاڻ ٿو ڄاڻي . هتي صرف انسانن جي لباس جو ذڪر هلي رهيو آهي.

لباس جي لاهڻ مان مراد ڇا آهي؟

مفسرن سڀني جا ان باري ۾ ٣ قول آهن هڪ ته لاهڻ مان مراد آهي ان جي ٺهڻ

(١) زاد المسير ص ١٨١ جلد٣ (٢) فتح القدير ص١٩٧ جلد ٢

جو مادو پيدا ڪرڻ. بيو تہ ان مان مراد آهي ان جي لاهڻ جي تعليم جو طريقو ڏسڻ، ٽيون ان جي لاهڻ مان مراد آهي مينهن وسائڻ جنهن سان ان جي لاهڻ جو مادو پيدا ٿيندو آهي (١). **مسئلو:** هيءَ آيت دليل آهي تہ اگهڙ جو ڍڪڻ واجب آهي ۽ اگهاڙو رهڻ سخت گناهہ ۽ برو آهي (٢). مطلب تہ هن ظاهري لباس (جنهن سان صرف بدن ڍڪجي ٿو) کان سواءِ هڪ معنوي پوشاڪ بہ آهي جيڪا انسان جي باطني ڪمزورين ڍڪڻ سان گڏ سندس باطن جو زيب زينت بہ آهي. اها آهي تقويٰ بلڪ غور سان ثابت ٿئي ٿو تہ اهو ظاهري لباس ڍڪڻ بہ ان حقيقي لباس جي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ شيطان دشمن جڏهن اوهان کان بهشتي پوشاڪ لهرائي تہ هاڻي اوهان تقويٰ اختيار ڪري ان کي شڪست ڏيو ۽ شرعًا منع ڪيل لباس، ريشم خالص نہ ڍڪيو ۽ گوڏ يا ڪائنچ ڳرين کان هيٺ نہ رکو، عورت وري تمام گهٽو سنهو ڪپڙو نہ ڍڪي جنهن سان اگهاڙي نظر اچي.

نئين لباس ڍڪڻ وقت هيءَ دعا پڙهجي

سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام فرمايو تہ: جڏهن ڪو ماڻهو نئون لباس ڍڪي تہ هي دعا پڙهي" اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ مَآاُوَارِيْ بِهٖ عَوْرَتِيْ وَاَتَجَمَّلُ بِهٖ فِيْ حَيَاتِيْ " يعني الله تعالىٰ جي ان پاڪ ذات جي لاءِ حمد آهي جنهن مون کي اهو لباس ڍڪايو آهي جنهن سان پنهنجي اگهڙ ڍڪيان ۽ زندگيءَ ۾ سينگار جان ۽ فرمايائون تہ: جيڪو شخص نوان ڪپڙا پائڻ کان پوءِ پراڻا ڪپڙا غريبن ۽ مسڪينن کي خيرات ڪري ڏي ٿو تہ پنهنجي موت ۽ حياتيءَ جي هر حال ۾ الله تعالىٰ جي ذمي ۽ پناهہ ۾ اچي ويو (٣)

ارتقاءَ جو نظريو غلط آهي

لباس لاهڻ جي ذڪر سان گڏ "يُوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ" جو جملو آڻي ٻڌايو ويو آهي تہ اگهڙ ڍڪڻ انسان جي فطري خواهش ۽ پيدائشي ضرورت آهي جيڪا سندس وجود ۾ اچڻ کان وٺي ساڻس گڏ آهي. اهوئي سبب آهي جو الله تعالىٰ انسان جي جسم تي ٻين حيوانن وانگر پيدائشي طور ٻيو ڪو اگهڙ ڍڪڻ جو انتظام نہ فرمايو، پر سندس فطرت ۾ حيا ۽ شرم جو مادو رکي ڇڏيائين انسان جي لاءِ سندس مخصوص عضون کي صرف عضوا نہ سڏيائين پر" سَوْاٰةٍ"سڏيائين جنهن جي معنىٰ آهي اهڙي شيءِ جنهن جي اظهار

(١) زاد المسير ص ١٨١ جلد ٣ (٢) القرطبي ص ١٧٢ جلد ٧
(٣) معارف القرآن ص ٥٣٥ جلد ٣ القرطبي ص ١٨۴ جلد ٧

کي خراب سمجھيو وڃي ۽ ان جي ڍڪڻ لاءِ بہ ڪيس عقل عطا ڪيائين تہ منهنجي طرفان پيدا ڪيل مواد مان پنهنجي لاءِ لباس ناهي. ان حقيقت تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو تہ ڊاروَن ۽ سندس پوئلڳن جو اهو عقيدو تہ انسان شروعات ۾ ٻين جانورن وانگر ننگو هلندو هو پوءِ آهستي آهستي ترقي ڪئي اٿس سراسر غلط، گمراهي ۽ بيوقوفي آهي. " ذَالِکَ مِنْ آيَاتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ" اهو الله جي قدرتي نشانين مان آهي شايد اهي نصيحت پرائين، مقصد تہ لباس جو لاهڻ الله تعالىٰ جي فضل ۽ رحمت تي دلالت ڪندڙ نشانين مان آهي، شايد اهي ٻانها ان نعمت کي مڃي محسوس ڪري نصيحت حاصل ڪن ۽ پرهيزگار بنجي ٻراين کان بچي پون. (١).

يَابَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطَانُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ

اي آدم جا فرزندو! نہ فتني ۾ وجهي اوهان کي شيطان جيئن ڪڍيائين پيءُ، ماءُ اوهان جي کي

الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ

بهشت مان- لاهي پيو انهن کان لباس انهن جو تانت ڏيکاري انهن کي شرمگاهون سندن بيشڪ اهو ڏسي ٿو اوهان

هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيَاطِيْنَ اَوْلِيَآءَ

کي پاڻ ۽ خاندان سندس ان جاءِ کان جو نہ ٿا ڏسو اوهان انهن کي بيشڪ اسان بڻايو شيطانن کي دوست

لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٧﴾

انهن جو جي نہ ٿا ايمان آڻين.

تفسير

اڳين آيتن ۾ شيطان جي ان وقتي عداوت جو ذڪر هو جيڪا پاڻ سيدنا آدم عليه السلام ۽ سيده حوا عليها السلام سان ڪئي هيائين ۽ هن آيت ۾ ان جي دائمي دشمني جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَابَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطَانُ

(١) مظهري ص ٣٨٤ جود ٣

"كَمَآ أَخْرَجَ أَبَوَيْكُم مِّنَ ٱلْجَنَّةِ" اي آدم (عليه الصلواة والسلام) جا فرزندؤ! اوهان کي شيطان ائين فتني ۾ نہ وجهي جيئن اوهان جي پيءُ ماءُ (حضرت آدم ۽ سيده حوا) کي بهشت مان ڪڍيو هيائين.هنن لفظن سان حضرت آدم عليه الصلواه والسلام جي قصي کي بيان ڪرڻ جو مقصد ٻڌايو ويو آهي تہ آدم (عليه السلام) جا ٻچڙؤ! پنهنجي ازلي ۽ ابدي دشمن شيطان کان بچجو ائين نہ ٿئي جو جيئن اوهان جي پيءُ ماءُ سان ڏوکو ڪيو هيئن تيئن اوهان کي بہ حق جي رستي کان هٽائي ڇڏي.

انبياءِ ڪرام عليهم السلام معصوم ۽ اولياء سڳورا محفوظ آهن

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ "يَٰبَنِيٓ ءَادَمَ" واري خطاب ۾ نبين سڳورن کان سواءِ قيامت تائين اچڻ وارا سڀ انسان داخل آهن. نبين پلارن تي شيطان جي قوت نہ هلندي جيئن فرمان آهي: "إِنَّ عِبَادِي لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَٰنٌ" (١) يقينًا منهنجي ٻانهن تي تنهنجي قوت نہ هلندي، الله تعالىٰ جا نبي گناهہ ڪري نہ سگهندا چو تہ معصوم آهن. اهڙي طرح انبياءِ ڪرام جا سچا تابع ۽ مخلص امتي بہ رب جي ڪرم سان محفوظ هوندا آهن شيطان انهن کي ويجهو نہ ويندو جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کي فرمايو تہ: شيطان تنهنجي پاڇولي کان ڀڄندو آهي.ڄاڻڻ گهرجي تہ سيدنا آدم ۽ سيده حوا عليهما السلام جي بهشت مان نڪرڻ جو سبب شيطان بڻيو هو ان جي ڪري ان ڏانهن نسبت ڪئي وئي تہ " جيئن اوهان جي پيءُ ماءُ کي بهشت مان ڪڍيو هيائين" "يَنزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْءَٰتِهِمَآ" انهن ٻنهي تان سندن لباس لاهي پيو تانتہ ڪين سندن شرمگاهون ڏيکاري هنن ٻنهي فعلن "يَنزِعُ" "يُرِيَهُمَا" جون نسبتون بہ شيطان ڏانهن ان جي ڪري ڪيون ويون آهن جو اهو انهن سڀني ڳالهين جو سبب بڻيو هو. "إِنَّهُۥ يَرَىٰكُمْ هُوَ وَقَبِيلُهُۥ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ" يقينًا اهو شيطان پاڻ ۽ سندس خاندان وارا اوهان کي اتاهين ڏسن ٿا جتان اوهان ڪين ڪونہ ٿا ڏسو.

هڪ شبهي جو ازالو

متان ڪنهن کي شڪ ۽ شبهو رهي ها تہ شيطان جي پيدائيش ۽ مقابلي جي اعلان ڪرڻ کي لکين ورهہ گذري ويا آهن هينئر تہ اهو پوڙهو، بي طاقت نهايت جهونو ٿي ويوهوندو. اهو ڪيئن گمراه ڪندو؟ ان شبهي جي ازالي ۽ دفع ڪرڻ جي لاءِ ٻڌايو ويو تہ اهو ايڏي وڏيءَ عمر هوندي بہ پاڻ ۽ سندس خاندان اوهان کي اتاهين؟

(١) تفسير ابي السعود ص ٢٢٢ جزءُ ٣

ڏسن ٿا جتان اوهان انهن کي کونہ ٿا ڏسو. ڇوتہ ان جي ئهڻ جو مادو باهہ آهي جيڪا لطيف شيءِ آهي اکين کي ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي (١) ۽ جيڪو دشمن ڏسڻ ۾ نہ اچي ۽ رڳن ۽ رت ۾ ملي وڃي ۽ دوست جي روپ ۾ اچي دل ۾ وسوسا وجهي ان کان ذري برابر غافل رهڻ نهايت عظيم غلطي آهي ان جي ڪري ان کان خبردار رهڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي، الله تعالىٰ جي ڪامل ولي حضرت ذوالنون مصري عليه الرحمة فرمايو آهي تہ: جيڪڏهن تنهنجو دشمن اهڙو آهي جو اهو توکي ڏسي پيو ۽ تون ان کي ڪونہ ٿو ڏسي سگهين تہ تون هڪ اهڙيءَ هستي جي پناهہ ۾ اچ جو اهو تنهنجي دشمن کي ڏسي ٿو پر تنهنجو دشمن ان کي ڪونہ ٿو ڏسي ۽ اهو الله قهار،ستار آهي (٢) "اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيَاطِيْنَ اَوْلِيَآءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ" بيشڪ اسان شيطانن کي انهن جو دوست بنايو آهي جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين- هن جو مقصد هي آهي تہ ڪافرن کي اختيار ڏنو ويو هو تہ اهي الله جل جلالہ ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام کي دوست ۽ مددگار بنائين يا شيطان سان دوستي رکن پر انهن شيطان جي دوستيءَ کي ترجيح ڏني تہ اسان بہ ان کي ئي سندن دوست رهڻ ڏنو "اِنَّا جَعَلْنَا" جو مطلب اهو آهي ، ۽ اڳيان اچڻ واري آيت بہ اهو ٻڌائي رهي آهي ان جو مطلب اهو ناهي تہ شيطان ۽ ڪافرن جي وچ ۾ دوستي ۽ محبت جو تعلق اسان ڪرايو ۽ انهن کي دوستي لاءِ مجبور بنايو، **فائدا : ١**- هن آيت مان هيٺ لکيل هي فائدا حاصل ٿيا -١: ڪوبہ شخص تيستائين پاڻ کي شيطان کان محفوظ نہ سمجهي جيستائين ايمان سان خاتمه نصيب نہ ٿئي هر وقت ان دشمن جي ويڙهہ جو خطرو آهيئي آهي -٢ : شيطان نهايت اونهي واٽ سان حضرت آدم ۽ حضرت حوا بهشت ۾ رهندڙن کي بهشت مان ڪڍيو اسين جيڪي اجان بهشت کان ٻاهر آهيون ان جي ڪوشش آهي تہ اسين بهشت ۾ نہ وڃون ان سان گڏ دوزخ ۾ هجون -٣: حضرت آدم ۽ امان حوا ڏوراپي ملڻ کان پهريان نہ اڪيلائي ۾ اگهاڙا ٿيندا هئا نہ صحبت ڪرڻ وقت، سندن جسم لباس، کان صرف ان وقت خالي ٿيو جڏهن ڏوراپي هيٺان آيا -٤: "اِنَّهٗ يَرٰاكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ" مان ثابت ٿيو تہ شيطان اسان کي هر حال ۾ ڏسي ٿو. شيطان الله تعالىٰ جي حڪم جو منڪر ۽ دين جو دشمن آهي جڏهن دشمن کي ايتري طاقت آهي تہ ان جي مقابلي ۾ الله تعالىٰ جي واٽ وٺائيندڙن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ولين جي ڏسڻ جي قوت تہ اجان وڌيڪ هوندي. ڇوتہ ڪوبہ ڪمزور قوي دشمن کي دفع ڪري نہ ٿو سگهي.

(١) تفسير حقاني ص ١٢١ جلد ٤ (٢) تفسير مظهري ٣٨٥ جلد ٣

وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً قَالُوْا وَجَدْنَا عَلَيْهَآ آبَآءَنَا وَاللّٰهُ اَمَرَنَا

۽ جڏهن ڪن ٿا ڪا برائي تہ چون ٿا لڌوسون ان تي پيٹرن پنهنجن کي ۽ الله امر ڪيو اسان کي

بِهَا قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ

ان جو فرماءِ تہ بيشڪ الله نہ ٿو امر ڪري برائيءَ جو، ڇاڇئو ٿا الله تي

مَالَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾

جيڪي نہ ٿا ڄاڻو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ شيطان جي هڪ فريب ۽ ڏوکي جو ذکرهو هن آيت ۾ ان جي ٻئي ڏوکي جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً قَالُوْا وَجَدْنَا عَلَيْهَا آبَاءَنَا" ۽ جڏهن برائي ڪن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي اها برائي ڪندي ڏٺو هو "فَاحِشَةً" جي معنيٰ ڪندي علامہ بيضاوي لکيو آهي تہ: فعلة متناهية في القبح كعبادة الصنم وكشف العورة في الطواف (١) يعني فاحشة اهو ڪم آهي جيڪو برائيءَ ۾ نهايت تي هجي جيئن بت جي عبادت ڪرڻ يا بيت الله جي طواف ۾ اگهاڙو ٿيڻ ۽ علامہ پاڻي پتي لکيو آهي تہ والظاهر انه يعم كل كبيرة (٢) ۽ ظاهر هي آهي تہ فاحشة هر وڏي گناهہ کي سڏيو وڃي ٿو. "وَاللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا" ۽ الله اسان کي ان برائيءَ ڪرڻ جو امر ڪيو آهي (معاذ الله ثم معاذ الله) هيءُ انهن جي دينن جو ٻيو جواب آهي. جيڪڏهن ڪو ڪين برائي کان روڪيندو هو تہ ائين چوندا هيا " قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاءِ" فرماءِ تہ يقينًا الله برائي جو امر نہ ڪندو آهي، اهڙا قبيح اعمال ۽ باطل عقائد جن کي عقل ئي تسليم نہ ٿو ڪري انهن جي لاءِ الله تعالىٰ امر ڪيئن ڪندو؟ "اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَالَا تَعْلَمُوْنَ" ڇا الله تي اهڙي ڳالهہ ناهي هڻو ٿا جيڪا اوهان ڄاڻو. بہ نہ ٿا ان جو ڪو دليل ئي نہ آهي جيڪو يقيني علم جو سبب بنجي **فائدا**-هن آيت مان هي فائدا حاصل ٿيا -١: سٺن ۽ خراب ڪمن کي سمجهڻ لاءِ صرف انسان جو

(١) بيضاوي ڪامل ص ٢٠٣ (٢) مظهري ص ٣٨٥ جلد ٣

عقل ڪافي ناهي انڪي هر وقت نبوت جي روشنيءَ جي ضرورت آهي، ڏسو تہ اهل عرب جا عقلمند انسان بہ جڏهن نبوت جي نور کان محروم ٿيا تہ بيحيائيءَ ۽ بدڪاريءَ کي عبادت سمجهي ڪرڻ لڳا -٢ :جاهلن ابن، ڏاڏن جي شرعي احڪام جيَ مقابلي ۾ تقليد ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي سچو جهان جيڪڏهن هڪ ڪم کي سٺو چوي ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام انکي برو چوي تہ ٻيا سڀ ڪوڙا ۽ نبي سچو آهي ان جو فرمان برحق آهي.

قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۣ وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ

فرماءِ تہ: امر ڪيو رب منهنجي عدل جو ۽ سڌا رکو منهن پنهنجا (قبلي ڏانهن) وقت هر نماز جي

وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ڛ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾ فَرِيْقًا هَدٰى

۽ عبادت ڪيوان جي (سچو ڪندڙ) ان جي لاءِ دين کي جيئن پهريان پيدا ڪيائين اوهان کي تيئن ٿي موٽندؤ هڪ جماعت کي هدايت

وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ۭ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ

ڪيائين ۽ ٻي جماعت ثابت ٿي چڪي آ انهن تي گمراهي- يقيناً انهن بنايو شيطان کي مددگار

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٠﴾

سواءِ الله جي ۽ سمجهن ٿا تہ يقيناً اهي هدايت وارا آهن.

تفسير

: اڳين آيتن ۾ انهن غلط ڳالهين جو ذڪر هو جن جو نہ الله تعالىٰ امر ڪيو هو ۽ نہ انهن کان راضي هو ۽ هتي انهن ڳالهين جو بيان ٿي رهيو آهي جن جو الله تعالىٰ امر بہ ڪيو آهي تہ انهن کان راضي بہ آهي. فرمان عالي آهي " قُلْ " اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ " فرماءِ تہ: منهنجي رب عدل ۽ انصاف جو امر ڪيو آهي ظاهر آهي تہ "قُلْ" ۾ خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي ۽ ان ۾ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ عدل اهو آهي جنهن کي پاڻ عدل سڏي. مفسرن جو لفظ" اَلْقِسْطِ " (عدل)مان مراد ۾

اختلاف آهي، سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: ان مان مراد لاالہ الا الله پڙهڻ آهي. ضحاڪ جو قول آهي تہ ان مان مراد توحيد آهي. مجاهد ۽ سدي جو قول آهي تہ ان مان مراد عدل يعني وچٽرائي آهي جنهن ۾ نہ افراط هجي نہ تفريط (نہ هروڀرو واڌارو ۽ نہ گهٽتائي) (١) مقصد تہ اعتقاد ۽ عمل ۾ هر طرح جي مبالغي آميزيءَ کان دامن بچائي هلڻ " وَأَقِيمُوا وُجُوهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ " ۽ پنهنجن منهن کي هر نماز جي وقت سڌو رکو، يعني هر نماز ۾ پنهنجا منهن ڪعبة الله شريف ڏانهن سڌا رکو ڪي مفسر فرمائن ٿا تہ مسجد جي معنیٰ (سجدي ڪرڻ جي جاءِ آهي) پوءِ مطلب ٿيندو تہ هر مسجد ۾ نماز ادا ڪندا ڪيو اهو نہ سوچيو تہ پنهنجي محلي واري مسجد ۾ نماز ادا ڪيون ڀيءُ ۾ نہ (٢) .

وَادْعُوهُ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ " ۽ اخلاص سان دين قبول ڪري ان جي عبادت ڪندا ڪيو. اوهان جي عبادت شرڪ، رياءَ ۽ ڏيکاءَ کان پاڪ هجي. مفسرن پلارن لکيو آهي تہ " وَأَقِيمُوا وُجُوهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ " ۾ ظاهر جي اصلاح ڏي توجهہ ڏياريو ويو ۽ " وَادْعُوهُ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ " ۾ باطن جي اصلاح ڏانهن (٣) كَمَا بَدَأَكُمْ تَعُودُونَ " جيئن اوهان کي پهريان پيدا ڪيائين تيئن اوهان وري موٽندؤ، مقصد تہ موت کان پوءِ جيئرا ٿي بار گاه ايزدي ۾ واپس ايندؤ پوءِ اوهان کي ڪيلن عملن جو بدلو ڏيندو. هن جملي ۾ ٻانهن کي ذهن نشين ڪرايائين تہ جيئن اوهان جو پهريان پيدا ڪرڻ سولو هو تيئن اوهان جو موٽائڻ بہ سولو آهي ۽ ڪن مفسرن جو قول آهي تہ: جيئن اوهان پيرين اگهاڙي; اگهاڙا ۽ ڏيرا پيدا ٿيا هيئو تيئن قبرن مان پيرين اگهاڙا; نانگا ۽ ڏيرا ڪري اٿاريا ويندؤ.

قبرن مان ڪهڙي حال ۾ اٿاريا ويندا؛نبوي حديثن جي روشني ۾

حديث-١ :بخاري ۽ مسلم سيده عائشه صديقہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ان چيو تہ (سيدنا) رسول الله ﷺ جن فرمايو: تُحْشَرُونَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ حُفَاةً عُرَاةً فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللهِ ! اَلرِّجَالُ وَالنِّسَاءُ يَنْظُرُ بَعْضُهُمْ اِلَى بَعْضٍ؟ قَالَ يَا عَائِشَةُ اَلْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ اَشَدُّ مِنْ ذَالِكَ " (٤) يعني اوهان قيامت جي ڏينهن پيرن اگهاڙا، نانگا ڪري اٿاريا ويندؤ مون عرض ڪيو تہ : يا رسول الله! مرد ۽ عورتون هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا ؟ فرمايائون تہ اي عائشہ! ان ڏينهن معاملو ان کان تمام گهڻو سخت هوندو" غرض تہ هر

(١) مظهري ٣٨٥ جلد ٣ (٢) نعيمي ص ٤٦٢ جلد ٨
(٣) ڪمالين شرح اردو جلالين ٢٧٨ جلد ٢ (٢) مظهري ص ٣٨٦ جلد ٣

شخص پريشان هوندو کير کنهن ڏانهن نه نهاريندو.

حديث-٢: سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: هڪ ڀيري حضور عليه الصلواة والسلام جن اسان ۾ بيهي اسان کي نصيحت ڪندي فرمايو تہ "يَاأَيُّهَا النَّاسُ أَنَّكُمْ تُحْشَرُوْنَ إِلَى اللهِ حُفَاةً عُرَاةً غُرْلًا كَمَا بَدَأْنَا أَوَّلَ خَلْقٍ نُعِيْدُهُ وَعْدًا عَلَيْنَا إِنَّا كُنَّا فَاعِلِيْنَ" (١) يعني اي آنسانؤ! اوهان پيرين اگهاڙا نانگا ڏهرا ڪري اٿاريا ويندؤ جيئن اسان خلق جي شروعات ڪئي تيئن ئي ان کي ورائينداسون اسان جي ذمي تي اهو وعدو آهي اسين پورو ڪنداسون.

حديث -٣: ابن جرير،ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ ان آيت جو مطلب آهي تہ جيئن پيدائش واري ڏينهن ڪي مومن پيدا ڪيا ويا ڪي ڪافر تيئن قيامت ۾ بہ ڪي مومن ٿي اٿندا ڪي ڪافر (٢).

سوال:اوهان جيڪي روايتون آنديون آهن انهن مان ثابت ٿيو تہ قبرن مان اٿڻ وارا انسان پيرين اگهاڙا ۽ ننگا هوندا ۽ هنن حديثن ۾ آيو آهي تہ اهي ڪپڙا پاتل هوندا-

حديث -١: ابوداؤد ، حاڪم،ابن حبان ۽ بيهقيءَ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ جڏهن سندس دنيا تان رحلت جو وقت ويجهو آيو تہ نوان ڪپڙا گهرائي ڍڪيائين ان کان پوءِ چيائين تہ: مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو آهي، پاڻ فرمايائون تہ "إِنَّ الْمَيِّتَ يُبْعَثُ فِيْ ثِيَابِهِ الَّتِيْ يَمُوْتُ فِيْهَا" بيشڪ ميت انهن ئي ڪپڙن ۾ اٿاريو ويندو جن ۾ وفات ڪندو. حديث ٢ : ابن ابي الدنيا سهڻي سند سان حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ ان پنهنجي ماءُ کي دفن ڪرائڻ وقت چيو تہ" نون ڪپڙن ۾ دفن ڪيوس" ۽ فرمايائين تہ: مري ويلن کي سهڻا ڪفن پارايو چوتہ اهي انهن ۾ ئي اٿاريا ويندا. حديث -٣: سعيد بن منصور پنهنجي سنن ۾ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايوؤ: پنهنجن مري ويلن کي سهڻا ڪفن پارايو چوتہ اهي انهن ۾ ئي اٿاريا ويندا (٣).

جواب:محدث بيهقيءَ فرمايو آهي تہ: روايتون ٻنهي قسمن جون آيل آهن پوءِ ڪي ماڻهو اگهاڙا اٿاريا ويندا تہ ڪي ڍڪيل (٤) فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ" هڪ ٽولي ڪي هدايت ڪيائين ۽ هڪ ٽولو اهڙو آهي جو انهن تي گمراهي ثابت ٿي، مقصد تہ هڪ اهڙو ٽولو آهي جن الله تعالىٰ جي طرفان موڪليل پيغمبرن تي ايمان آڻي پاڻ کي ان وحده لاشريڪ لہ ڏانهن متوجه ڪيو ۽ مخلص ٿي ڪنهن کي بہ الله تعالىٰ سان شريڪ نہ بنايائون، ۽ ٻيو اهڙو ٽولو آهي جن شيطان جي اتباع ڪري

(١) ابن ڪثير ص ٢٠٩ جلد ٢ (٢) الدر المنثور ص ٤٣٧ جلد ٣

(٣) مظهري ص ٣٨٦ جلد ٣ (٤) ساڳيو حوالو

گمراه ٿي الله تعاليٰ جي اطاعت کان منهن موڙيو "اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيَاطِيْنَ اَوْلِيَاءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ" بيشڪ انهن الله کان سواءِ شيطانن کي دوست ۽ مددگار بنايو ۽ سمجهن ٿا ته يقينًا اهيئي هدايت وارا آهن. جيئن الله تعاليٰ جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي حشمتن ۽ کين مليل نعمتن تي حسد کندڙن جو حال هو (١) **فائدا-١**: مٿي ذکر کيل جمله: "وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ" مان ثابت ٿيو ته نماز باجماعت ادا ڪرڻ جي لاءِ پلي جاءِ مسجد آهي ۽ نماز لاءِ جماعت ڪڏهن فرض آهي جيئن جمعه ۽ عيدين جي لاءِ ته ڪڏهن واجب- جيئن پنج وقتي نمازون ۽ ڪڏهن ممنوع، جيئن نفل وغيره (٢)٢: اڪيلو ٿي نماز پڙهڻ کان باجماعت نماز ادا ڪرڻ ۾ ستاويهه درجا وڌيڪ ثواب آهي (٣).

يَابَنِيْٓ آدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا

اي آدم جا فرزندو! ونو سينگار پنهنجو وقت هر نماز جي ۽ کائو ۽ پيئو

٣ع١٠ وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ ع قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ

۽ نه فضول خرچي ڪيو بيشڪ اهو نه ٿو محبت رکي فضول خرچي ڪندڙن سان فرماءِ ته ڪنهن حرام ڪيو سينگار الله

الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبَاتِ مِنَ الرِّزْقِ ۭ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

جي کي جيڪو ڪڍيائين ٻانهن پنهنجن لاءِ ۽ پاڪ شيون رزق مان فرماءِ ته اهي انهن جي لاءِ آهن جو ايمان آندائون

فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ

حياتيءَ دنيا جي ۾ خاص قيامت جي ڏينهن ائين ئي کولي بيان ڪيون ٿا

الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٣٢﴾

آيتون ان قوم جي لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا.

(١) تفسيرالمراغي ص ١٣١ جزء ٨ (٢) نعيمي ص ٤٦٥ جلد٨
(٣) روح البيان ص ١٥٢ جلد ٣

تفسير

اڳين آيتن ۾ "قسط" عدل جو حڪم آيو هو ۽ پنهنجي ڪاڌي ۽ لباس ۾ الاهي حڪم جي اتباع به هڪ قسم جو عدل ۽ انصاف آهي ان جي ڪري هنن آيتن ۾ ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

ابن ابي شيبه، مسلم، نسائي، ابن جرير ۽ ٻين محدثن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته عرب جا ڪافر نهايت بي شرم ۽ اگهاڙا ٿي ڪعبه معظمه جو طواف ڪندا هئا، مرد ڏينهن جو ۽ عورتون رات جو، ڪي عورتون شرميليون هونديون هيون ته وڏ ۾ وڌ مخصوص عضوي تي ڪپڙي ڪي ائين ڍڪينديون هيون جيئن گهوڙي جي پيشانيءَ کي مکين جي ويهڻ کان بچائڻ لاءِ ڪپڙو ٻڌبو آهي انهن جي ان غلط رسم کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ هيءَ آيت . "خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ" نازل ٿي (١) جنهن ۾ ارشاد ٿيو آهي ته "يَا بَنِيْ آدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ" اي آدم جا فرزندو! هر نماز جي وقت لباس ڍڪيندا ڪيو.

ڀلي لباس پائڻ جو حڪم

هن آيت ۾ هر نماز وقت لباس پائڻ کي زينت سڏيو ويو آهي ڪن مفسرن ڀلارن ان مان مراد اها ورتي آهي ته نماز وقت ڀلا ،عمدا ۽ وڏي قيمت وارا ڪپڙا ڍڪيندا ڪيو علامه آلوسي بغدادي لکيو آهي ته: جڏهن امام سيدنا حسين شهيد ڪيو ويو هو ته ان وقت به ڪيس نهايت اعلىٰ قيمت وارو جبو پاتل هو ۽ جڏهن حضرت علي رضي الله عنه حضرت ابن عباس کي خارجين جي سمجهائڻ لاءِ ايلچي ڪري موڪليو هو ته ان وقت اهو ڀلا ڪپڙا پائي، تمام اعلىٰ قسم جي خوشبوءِ هڻي نهايت ڀليءَ سواريءَ تي سوار ٿي ويو هو. خارجين ڪائنس ان جي باري ۾ سوال ڪيو ته پاڻ انهن کي اهائي آيت پڙهي ٻڌائي هيائين. حضور عليه الصلواة والسلام جن هڪ ڀيري حويليءَ مبارڪ کان ٻاهر آيا ته سندن پاڪ ڪلهن تي هزار درهم (موجوده پاڪستاني ڏهه هزارن) جي چادر ڍڪيل هئي (٢) مجتهد مطلق حضرت امام ابو حنيفه عليه الرحمة تهجد جي نماز لاءِ قميص، ڪائنچ ، چادر ۽ پڳ وٺي رکيا هئا جن جي قيمت پندرنهن سؤ درهم (موجوده

(١) الدر المنثور ص ٤٣٩ جلد ٣ (٢) روح المعاني ١١١ جزء ٨

پاڪستاني پندرنهن هزار) هئي ۽ پاڻ فرمائيندا هئا تہ ماڻهن جي اڳيان سينگارجي اچڻ ڀلو آهي تہ الله تعاليٰ جي اڳيان۾سينگارجي اچي بيهجي (١) سيدنا امام باقر رضي الله عنه فرمايو آهي تہ هن آيت ۾ ذڪر ڪيل سينگار مان مراد نماز ۾ سينگار ڪرڻ آهي ۽ سيدنا امام حسن رضي الله عنه جن بہ نماز لاءِ تيار ٿيندا هئا تہ تمام ڀلا ڪپڙا پائيندا هئا ڪين عرض ڪيو ويو تہ: اي الله جي رسول (عليه الصلواة والسلام) جا فرزند! عمدا ۽ ڀلا ڪپڙا ڇوٽا پايو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ: الله سهڻو آهي سونهن کي پسند ڪندو آهي ان جي بارگاه ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ سينگار ڪري رهيو آهيان (٢) ۽ فقه جو امام حضرت محمد بن حسن شيباني: تمام عمدا ڪپڙا پائيندو هو ۽ چوندو هو تہ مون کي زالون ۽ ٻانهيون آهن پاڻ کي ان جي لاءِ تو سينگاريان تانتہ ٻئي ڪنهن ڏانهن نہ نهارين، فقيهن ڀلارن صاف صاف لکيو آهي تہ: مستحب آهي تہ انسان سينگارجي هلي ڇوتہ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ "اَنَّ اللّٰهَ تَعَالٰی اِذَا اَنْعَمَ عَلٰی عَبْدٍ اَحَبَّ اَن يري اثرنِعْمَتِهٖ عَلَيْهِ" (٣) الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي تي نعمت ڪندو آهي تہ پسند فرمائيندو آهي تہ ان تي ان نعمت جي اثر ڪي ظاهر ڏسي.

سوال: جيڪڏهن سهڻا ۽ عمدا ڪپڙا پائڻ مستحب آهن تہ پوءِ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه چتين لڳل جبا ڇو پائيندو هو؟

جواب: حضرت عمر رضي الله عنه جي پراڻن ڪپڙن پائڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ ڪين سندن هيٺيون عملو ڏسي سادگي اختيار ڪري ڇو تہ ڀلن ۽ عمدن ڪپڙن پائڻ جي لاءِ جيڪڏهن ڪين پئسا نہ هوندا تہ عوام جي مال کي لٽيندا ۽ ڦريندا. "وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ" ۽ کائو ۽ پيئو ۽ نہ حد کان لنگهو بيشڪ اهو نہ ٿو محبت رکي حد کان لنگهندڙن سان۔ روايت ۾ آهي تہ:بني عامر قبيلي وارا حج جي ڏينهن کاڌو تمام ٿورو کائيندا هئا ۽ سٿي استعمال نہ ڪندا هئا، ان طريقي سان حج جي تعظيم ڪندا هئا، انهنڪي ڏسي مسلمانن بہ اهو ارادو ڪيو تڏهن هي حڪم نازل ٿيو تہ اوهان کائو پيئو کاڌي کان سواءِ ڪمزور ٿي ويندؤ۽ ڪمزور هجڻ جي ڪري ڪيترين عبادتن ڪرڻ کان محروم ٿي ويندؤ

حضور عليه الصلواة والسلام جن کاڌي ۽ پاڻيءَ جا محتاج نہ هئا

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: ان النبي

(١) روح البيان ص ١٥٤ جلد ٣
(٢) روح المعاني ص ١٠٩ جلد ٨ (٣) روح المعاني ص ١١١ جلد ٨

ﷺانما اكل في الظاهر لاجل امته الضعيفة والا فلا احتياج له الى الاكل والشرب وماروي من انه كان يشد الحجر حتى يحصل الاستقرار في عالم الارشاد (١) يعني نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ظاهر ۾ پنهنجي ضعيف امت جي (تلقين ۽ تعليم) لاءِ طعام کاڌو هو ورنه ته پاڻ کائڻ ۽ پيئڻ جا محتاج نه هيا ۽ جيڪو روايتن ۾ آيو آهي ته پاڻ (پيٽ مبارڪ تي) پٿر ٻڌندا هيا سو بک جي ڪري نه پر سندن ڪمال لطافت جي ڪري هو ته متان ملڪوت ڏانهن بلنديءَ تي وڃن پوءِ پاڻ پٿرٻڌو هئائون ته ڪين هن حال تي استقرار رهي . والله اعلم.

قرآن ڪريم طب آهي

علامه ثناءَ الله پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي ته هارون الرشيد بادشاه جي وقت ۾ عيسائي مذهب جي هڪ حاذق حڪيم علي بن حسن بن واقد مسلمان عالم کان سوال ڪيو ته: علم ٻه قسم آهي هڪ علم الاديان (ديني ڳالهين جو علم) ٻيو علم الابدان بدنن جي صحت جو علم ان جو ذڪر قرآن ۾ آهي ئي ڪو نه ان جي ڪري اهو اوهان ڪي مليل ڪتاب ناقص آهي ڪامل ناهي، مسلمان عالم علي بن حسن بن واقد جواب ڏنس ته طب جو سمورو علم قرآن پاڪ جي آيت " كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا " ۾ آهي، يعني کائوءِ پيئو ۽ اسراف نه ڪيو. نصراني حڪيم وري چيس ته طب جي باري ۾ اوهان جي نبي عليه الصلواة والسلام کان ٻه ڪا جامع روايت آيل ناهي. مسلمان عالم جواب ۾ فرمايس ته: اسان جي رسول عليه الصلواة والسلام پوري طب کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي . پاڻ فرمايو اٿن ته: " اَلْمَعْدَةُ بَيْتُ كُلِّ دَاءٍ وَالْحَمِيَّةُ رَاْسُ كُلِّ دَوَاءٍ وَاَعْطِ كُلَّ بَدَنٍ مَاعَوَّدْتَهٗ " يعني معده هر بيماريءَ جو گهر آهي ۽ پرهيز ڪرڻ هر دوا جو منڍ آهي ۽ هر بدن کاڌي پيتي ۾ جن شين جو عادي آهي اهي ڏيندو رهيس. نصراني طبيب ٻڌي مڃيو ۽ اقرار ڪندي چيو ته: اوهان جي ڪتاب ۽ نبي عليه الصلواة والسلام جالينوس طبيب جي لاءِ ٻه ڪا طب نه رهائي آهي (٢) " قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ " يعني اوهان فرمايو ته: جيڪا زينت ۽ سينگار الله تعالىٰ پنهنجن ٻانهن لاءِ ڪڍيو ۽ پيدا ڪيو آهي اهو ڪنهن حرام ڪيو آهي؟ علامه فقيه ابو الليث سمرقندي عليه الرحمة لکيو آهي ته: جڏهن الله تعالىٰ جو مٿيون فرمان آيو ته هر نماز جي وقت سينگار ڪيو" ۽ مسلمانن سهڻا ڪپڙا پائي بيت الله جو طواف ڪيو ۽ نمازون پڙهيون ته ڪافر ان کي عيب سمجهي مٿن طعنا هڻڻ لڳا انهن جي رد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (٣) " وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ " ۽

(١) روح البيان ص ١٥٤ جلد ٣ (٢) مظهري ص ٣٩٣ جلد ٣
(٣) بحر العلوم ص ٥٣٨ جلد ١ تفسير احمدي ص ٤١٥

پاڪ شيون رزق مان يعني حلال شيون گوشت، چربي سٿپ وغيره، مقصد تہ حرام ۽ حلال ڪرڻ الله تعالیٰ جو شان آهي جيڪوهر شيءِ جو خالق ۽ مالڪ آهي جڏهن عبادات ۾ ڪپڙا پائڻ ۽ حج جي هر موسم ۾ گوشت ۽ سٿپ کائڻ کي ان حرام نہ ڪيو آهي تہ پوءِ ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي،جو پنهنجي طرفان حلال ۽ حرام ناهيو ويٺا آهن.

اصل ۾ هر شيءِ جائز آهي

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ اصل ۾ هر شيءِ حلال آهي. ها جنهن کي الله تعالیٰ حرام ڪري ٿو اها حرام آهي (١) "قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ آمَنُوْا فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيَامَةِ" فرماءِ تہ: اهي سينگار ۽ پاڪ شيون دنيا جي حياتيءَ ۾ بہ ايمان وارن لاءِ آهن تہ قيامت جي ڏينهن بہ خاص انهن جي لاءِ هونديون اهيئي انهن نعمتن کان لطف اندوز ٿيندا. فرق صرف ايترو آهي تہ دنيا ۾ ايمان نہ آڻڻ وارا بہ انهن مان نفعو وٺن ٿا پر آخرت ۾ اهي خاص انهن خوشنصيب مومنن جي لاءِ هونديون جن پنهنجي منعم ۽ محسن کي سڃاتو ۽ سندس نعمتن جو شڪريو ادا ڪيو. "كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ" ائين ئي اسين آيتن کي کولي کولي ان قوم جي لاءِ بيان ڪيون ٿا جيڪي ڄاڻن ٿا. هي عبارت اڳين مضمونن جو تتمو آهي، يعني جيئن اسان کائڻ، پيئڻ ۽ پائڻ جا احڪام تفصيل سان بيان ڪيا آهن تيئن ئي اسين ٻيا احڪام بہ کولي کولي بيان ڪيون ٿا پر ان تفصيلي بيان مان صرف اهل علم فائدو وٺن ٿا ۽ هتي علم مان مراد دين جو علم يا معرفت الاهي آهي جيئن اصل ۾ سڀ غذائون ۽ زينتون صرف مومنن جي لاءِ آهن ٻيا سڀ انهن جي صدقي کائن ٿا ۽ سندن تابع آهن تيئن شريعت ۽ طريقت جا احڪام بہ اصل ۾ صرف علماء جي لاءِ آهن ٻيا ماڻهو سندن تابع آهن جو سندن ئي ذريعي ٻين کي علم جي نعمت ملي ٿي. **فائدا**:-١: "كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا" مان ثابت ٿيو تہ سٺي کائڻ، سٺي پيئڻ،سٺي پائڻ جي ڇڏڻ جو نالو تقویٰ ناهي تقویٰ گناهن جي ڇڏڻ جو نالو آهي. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ: جيڪي وڻئي کاءُ، جيڪي وڻئي پيئندو رهہ، جيڪي وڻئي ڍڪيندو رهہ پر ٻن شين کان پاسو ڪر -١:هڪ فضول خرچي -٢: ٻيو تڪبر ۽ وڏائي (٢) ٣:اهو بہ ثابت ٿيو تہ هر شيءِ ۾ اصل اباحت آهي حرام هجڻ لاءِ دليل گهرجي جنهن شيءِ کان شريعت روڪيو ناهي ۽ ان خاموشي اختيار ڪئي آهي اها مباح ۽ جائز آهي ان جي ڪري ختم شريف جو ڪاڏو يارهين شريف، ميلاد النبي صلى الله عليه وسلم جا ڪاڏا ۽

(١) مظهري ص ٣٩٤ جلد ٣ (٢) تفسير مدارڪ ص ١٥ جلد ١ جزءُ ٢

مثايون به حلال ۽ جائز آهن شريعت ۾ ان لاءِ ڪوبه حرام ڪندڙ دليل نه آيو آهي. انهن
کي حرام چوندڙ الله تعاليٰ جي حلال کي حرام ڪرڻ جا مرتڪب آهن.

قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ

فرماءِ ته: بيشڪ حرام ڪيو رب منهنجي بيحيائين کي جيڪو ظاهر ٿيو انهن مان ۽ جيڪو ڳجهو ٿيو ۽ (حرام ڪيائين) گناهه

وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَالَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطَانًا

۽ سرڪشيءَ کي حق کان سواءِ ۽ هيءَ جو شريڪ ڪيو الله سان اها شيءِ جو نه لاٿائين ان سان ڪا سند

وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ فَاِذَا جَآءَ

۽ هي جو چئو الله تي اها ڳالهه جو نه ٿا ڄاڻو ۽ واسطي هر امت جي مدت مقرر آهي پوءِ جڏهن ايندو

اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾

مدو انهن جو ته نه پوئتي ٿيندا هڪ گهڙي نه اڳتي ٿيندا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن شين جو ذڪر هو جيڪي الله تعاليٰ حرام نه ڪيون هيون پر ڪافرن انهن کي حرام سمجهيو ٿي ۽ هنن آيتن ۾ انهن شين جو ذڪر آهي جيڪي الله تعاليٰ حرام ڪيون آهن پر ڪافر انهن کي سنئو سمجهن ٿا، فرمان مبارڪ آهي "قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ" يعني (اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام) فرماءِ ته: منهنجي رب ته صرف براين ۽ بيحيائين کي حرام ڪيو آهي پوءِ اهي ظاهري هجن يا باطني. الفواحش فاحشة جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ انتهائي برو ڪم پر عرف عام ۾ ان جي معنيٰ زنا آهي قرآن پاڪ ۾ به زنا جي لاءِ فاحشة جو لفظ آيل آهي. مقصد ته هر قسم جي زنا حرام آهي لڪ ۾ ڪئي وڃي يا ظاهر "وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ" ۽ گناهه ۽ حق کان سواءِ سرڪشي ڪرڻ يعني ڪنهن مسلمان جو جاني، مالي عزت جو حق هررو پرولڻ، "وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَالَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ

"سُلْطَانًا" ۽ "الله سان اها شيءِ شريڪ بنايو جنهن جي لاءِ ڪا سند يا دليل نہ لاٿو اٿس سلطانا جي معنيٰ حجة (١) "وَأَنْ تَقُولُوا عَلَى اللهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ" ۽ (الله تعاليٰ اهو بہ حرام ڪيو آهي) جو ان جي باري ۾ اهڙي ڳالهہ چئو جنهن جو اوهان کي صحيح علم ئي ناهي يعني سندس اسماءِ، صفات، افعال ۽ شريعت جي متعلق علم کان سواءِ هٺ جون نہ هڻو (٢)، "وَلِكُلِّ أُمَّةٍ أَجَلٌ" يعني (اي رسول پاڪ ﷺ) پنهنجي قوم ۽ ٻين کي فرماءِ تہ: هر امة جو مدو مقرر ڪيل آهي ۽ اهو ٻہ قسم آهي -١: هڪ دنيوي حياتيءَ ۾ موجود هجڻ -٢: ٻيو ٻين امتن جي لحاظ سان عزت ۽ سعادت جوهجڻ پوءِ پهرئين ۾ انهن ڏانهن رسول موڪليو ويو ۽ ٻئي ۾ ڪين ترقي ۽ وڌارو ڏنو ويو (٣)

"فَإِذَا جَاءَ أَجَلُهُمْ لَا يَسْتَأْخِرُونَ سَاعَةً وَلَا يَسْتَقْدِمُونَ" جڏهن سندن موت جو مدو ايندو تہ نہ هڪ گهڙي پوئتي ويندا ۽ نہ اڳتي ۽ پر ڪنهن مڙس جو صالح اولاد هوندو آهي جيڪي ان جي لاءِ سندس وفات کان پوءِ دعائون گهرن ٿاتہ اهو ان جي عمر جي مدي جو وڌڻ آهي (٤) هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١: ڪنهن ننڍي گناهہ کي بہ ننڍو نہ سمجهڻ گهرجي ڇوتہ ننڍي چڻنگ بہ گهر ساڙي ڇڏيندي آهي. جيئن "الْفَوَاحِشَ" کان پوءِ "الْإِثْمَ" جي لفظ اچڻ مان ظاهر ٿي رهيو آهي اهڙي طرح ظاهري گناهہ نہ ڪرڻ سان گڏ لڪ ۾ بہ گناهہ نہ ڪري ڇو تہ "مَا ظَهَرَ" کان پوءِ "وَمَا بَطَنَ" بہ آيو آهي ۽ الله تعاليٰ جي حقوق ضايع ڪرڻ کان بچڻ سان گڏ ٻانهن جي حقوق ضايع ڪرڻ کان وڌيڪ بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو "وَالْبَغْيَ" مان ثابت ٿي رهيو آهي ڇوتہ مطلق گناهن ۾ تہ اهو بہ داخل هو پر ان کي "وَالْبَغْيَ" لفظ سان جدا ڪري ان اهميت بيان ڪرڻ جي لاءِ آندو ويو آهي. ڇاڻ گهرجي تہ وڏن گناهن کان بچڻ جي ڪري تہ ننڍا گناهہ بہ معاف ٿي ويندا آهن. جيئن فرمان مبارڪ آهي: "إِنْ تَجْتَنِبُوا كَبَائِرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّئَاتِكُمْ" (٥) يعني جيڪڏهن انهن وڏن گناهن کان پاسو ڪندؤ جن کان روڪيا ويا آهيو تہ اوهان جون برايون (ننڍا گناهہ) ميٽي ڇڏينداسون ۽ وڏا گناهہ توبہ سان معاف ٿيندا آهن پر ٻانهن جا حقوق ادا ڪرڻ سان معاف ٿيندا يا حقدار جي معاف ڪرڻ سان حضرت آدم عليہ السلام جن کان وٺي حضرت حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تائين ڪنهن بہ شريعت ۾ ڪنهن جي حقوق هضم

(١) تفسير غريب القرآن ص ١٦٧ (٢) تيسير الكريم الرحمان ص ١١٢ جلد ٢

(٣) المراغي ص ١٤١ جزءُ ٨ (٤) فتح القدير ص ٢٠٢ جلد ٢

(٥) الاكليل ص ١٢٨

ڪرڻ جي اجازت ناهي. انسان شهادت، هجرت جهاد ۾ صحابيت جهڙا مرتبا ڪٽي ماٽي پر پانهن جا حقوق ادا نہ ڪرڻ سان اهي سندس ڳچيءَ ۾ رهندا.

٢: "وَاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَالَا تَعْلَمُوْنَ" مان ثابت ٿيو تہ اللّٰہ تعالىٰ جي پاڪ ذات تي ڪوڙ هڻڻ بہ وڏو گناه آهي. -٣: علم ڪان سواءِ مسئلو ٻڌائڻ علم ڪان سواءِ وعظ ڪرڻ چاڻ ڪان سواءِ ڪو عقيدو رکڻ ۾ ان جي پرچار ڪرڻ سخت منع آهي ڇوتہ انهن سيني صورتن ۾ الله تعالىٰ تي بهتان ٻڌڻ ۾ ڪوڙهڻڻ جو امڪان آهي. -٤: ڪنهن تدبير يا علاج سان موت نہ ٽرندو آهي ان جي ڪري علاج نبوي سنت ادا ڪرڻ جي نيت سان ڪرائجي موت ڪان بچڻ جي نيت سان نہ - ۾ حج ۾ جهاد ڪان بہ موت جي ڊپ جي ڪري پوئتي نہ پئجي ڇوتہ وقت مقرر ڪان اڳ ۾ موت نہ ايندو وقت پوري ٿيڻ تي گهر ۾ بہ ايندو. **سوال**: آيت جي مبارڪ لفظن " لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ" مان ثابت ٿيو تہ موت مقرر وقت تي ايندو ۾ عمر هڪ گهڙي بہ اڳتي پوئتي نہ ٿيندي. قرآن ڪريم ۾ جو آيو آهي تہ الله تعالىٰ جڏهن شيطان کي بهشت مان ڪڍيو تي ۾ آسمانن ڪان هيٺ لاٿو تي تہ ان دعا گهري تہ "اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ" (١) مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ڏينهن (ماڻهو قبرن مان) اٿاريا ويندا. الله تعالىٰ فرمايس تہ "اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ" بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين"تہ ان کي عمر وڌي ملي. سو ڇو؟ ٻيو تہ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام پنهنجي عمر جا چاليهہ سال حضرت داؤد عليه الصلواة والسلام کي ڏنا ۾ ان جي عمر وڌي وئي اها ڇو وڌي؟؟

جواب: مٿينءَ آيت ۾ الله تعالىٰ جي قانون جو ذڪر آهي تہ عمر نہ وڌندي نہ گهٽجندي. پر الله تعالىٰ جي قدرت ان ۾ داخل نہ آهي. جيڪڏهن اهو پنهنجيءَ قدرت سان ڪنهن جي عمر گهٽ وڌ ڪري تہ ناممڪن ناهي، آيت ۾ "لَايَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ" جمع جا صيغا آيل آهن يعني ٻانها پنهنجي عمر پاڻ گهٽ وڌ ڪري نہ ٿا سگهن ان ۾ الله تعالىٰ جي قدرت جو انڪار ناهي شيطان ملعون جي عمر وڌائي ڪيس مهلت ڏيڻ وارو بہ پاڻ آهي تہ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي عمر حضرت داؤد جي ۾ وجهي وڌائڻ وارو بہ پاڻ آهي.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ

اي آدم جا فرزندؤ! جيڪڏهن اچن اوهان وٽ رسول اوهان مان بيان ڪن اوهان جي اڳيان آيتون منهنجون

(١) سورة الحجر آيت ٣٦

فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾

منهنجون پوءِ جيڪو پرهيزگار ٿيو ۽ پاڻ سڌاريائين پوءِ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ

۽ جن ڪوڙو ڄيو آيتن اسان جن کي ۽ هٺ ڪيائون انهن کان اهي دوزخي آهن

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٦﴾

اهي ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهو حڪم ڏنايو ويو تہ الله تعالىٰ ڀانهن تي برايون، گناهہ ۽ زيادتي ڪرڻ حرام ڪري ڇڏيا آهن ۽ هتي ان حڪم کي پهچائيندڙن رسولن عليهم الصلواة والسلام جي اچڻ جو ذڪر ڪيو ويو اهي فرمان مقدس آهي " يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ " اي آدم جا فرزندؤ! جيڪڏهن اوهان وٽ اوهان مان ئي رسول اچن، علامه عبدالحق حقاني صاحب هنن لفظن جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ الله تعالىٰ اهو خطاب انسانن سان روز ازل ۾ ڪيو هو (١) "اما" ۾ ان شرطيہ ما شرط واري معنىٰ جي تاڪيد لاءِ آيل آهي (٢) . ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ رسولن سڳورن جو دنيا تي اچڻ يقيني هو پر ان کي شرط سان (جيڪڏهن اچن) بيان انهن جي اطاعت ڏانهن رغبت ڏيارڻ جي لاءِ ڪيو ويو اهي، جيئن پيءُ پٽ کي چوندو آهي تہ جيڪڏهن مان تنهنجو پيءُ آهيان يا تون منهنجو پٽ آهين تہ هيءُ ڪم ڪري ڏيکار. "مِّنْكُمْ" اوهان مان اهو ان جي ڪري آندو ويو جو هر رسول يا نبي انسانن جي جنس مان آهي ان جو مطلب اهو نہ وٺو تہ اسان جهڙو آهي. بيون ڪئين امتيازي شيون آهن جن جي ڪري نبي اسان جهڙا نہ آهن.

"يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ" بيان ڪندا اوهان جي اڳيان منهنجيون آيتون - خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ جڏهن تہ سيني نبين عليهم الصلواة والسلام تي ڪتاب يا آسماني

(١) تفسير حقاني ص ١٢٥ (٢) تفسير مدارڪ ص ٥٢ جلد ٤ جلد ١ جزءُ ٢

صحيفا لٿل نہ هئا ۽ جن تي لٿا هئا انهن بہ صرف اهي ڪتاب پڙهي نہ ٻڌايا بلڪ پيا احڪام بہ جاري ڪيا هئا. اسان جي آقا حضور ﷺ جن بہ قرآن پاڪ سان گڏ پنهنجا پيا ارشاد بہ ٻڌايا ان جي ڪري هتي " يَقُصُّونَ" آيو يتلون نہ آيو " فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ" هيءَ عبارت اڳ ۾ آيل اما جي لفظ جي جزا طور آيل آهي مقصد تہ جيڪو متقي بڻيو ۽ اصلاح ڪيائين ، تقوىٰ مان مراد شرڪ، ڪفر ۽ سيني بدعقيدن کان بچڻ آهي ۽ اصلاح مان مراد سيني برن ڪمن کي ڇڏڻ ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ آهي. "فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" پوءِ نہ انهن تي ڪو خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. هيءُ " فَمَنِ اتَّقٰى" جي جزا آهي مطلب تہ نہ انهن کي عذاب جو خوف آهي نہ ثواب ضايع ٿيڻ جو غم يا تہ نہ انهن کي پيش اچڻ وارين حالتن جو خوف آهي نہ پويان دنيا ۾ رهايلن جو غم (١) "وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا" ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو، يعني رسولن سڳورن کي نہ مڃيائون "وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ" ۽ انهن آيتن کي مڃڻ ۽ مٿن ايمان آڻڻ کان هٺ ۽ وڏائي ڪري منهن موڙيائون "اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ" اهي جهنم جي باهہ جا ساٿي آهن اهي ان ۾ هميشه ابدالاباد پيا هوندا (٢) **فائدو**- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ ڪافر هميشه جهنم ۾ هوندا مومن نہ هوندا، ڇوتہ ڪافرن جي لاءِ آيو "هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ" ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ مومن متقي الله تعالىٰ جو ولي آهي ان جي لاءِ "فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" آيو آهي. جيئن ٻيءَ آيت ۾ آيو: اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (٣) خبردار، بيشڪ الله تعالىٰ جي ولين تي نہ خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا، اهي مزي مزي سان بهشتي مزا ماڻيندا.

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ

پوءِ ڪير آهي وڏو ظالم ان کان جو ناهي هنيائين الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو چيائين آيتن ان جي کي

اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتْهُمْ

اهي پهچندو انهن کي حصو انهن جو لکيل عذاب مان تانجو جڏهن ايندا انهن وٽ

(١) بحر العلوم ص ٥٣٩ جلد ١ (٢) روح البيان ص ١٥٨ جلد٣
(٣) سورة آيت

رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْٓا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

قاصد اسان جا وفات ڪرائيندا انهن کي تہ چوندن تہ ڪٿي آهن اهي جن جي عبادت ڪندا هيئو، الله کان سواءِ

قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿٣٧﴾

چوندا تہ گم ٿي ويا اسان کان ۽ شاهدي ڏيندا سرن پنهنجن تي تہ بيشڪ اهي هيا ڪافر.

تفسير

اڳئين آيت ۾ الاهي آيتن کي ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ٻڌايو ويو تہ اهي دوزخي آهن ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي دوزخي هجڻ جو سبب بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي وڏا ظالم آهن تڏهن دوزخي ٿيا آهن. ارشاد رباني آهي " فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰي عَلَي اللّٰهِ كَذِبًا اَوْكَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ" ان کان وڏيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي ناهي ناهي ڪوڙ هنيو يا ان جي آيتن کي ڪوڙو چيو، ڇاڪاڻ گهرجي تہ ٻين جاني ۽ مالي ظلمن کان وڏيڪ برو ظلم ايمان سان ظلم ڪرڻ آهي ان جي لاءِ "اَظْلَمُ" اسم تفضيل جو صيغو آندو ويو آهي. الله تعالىٰ تي ڪوڙ هڻڻ جو مطلب آهي تہ جيڪو حڪم اللّٰہ تعالىٰ نہ ڪيو آهي ان جي نسبت الله تعالىٰ ڏانهن ڪرڻ تہ هي الله تعالىٰ جو فرمان آهي. جيئن بتن کي معبود مڃڻ، نبي نہ هجڻ جي باوجود نبوت جي دعوىٰ ڪرڻ ڪوڙا مسئلا بيان ڪري چوڻ تہ الله تعالىٰ ائين فرمايو وغيره وغيره ۽ ان جي آيتن کي ڪوڙي چوڻ جو مطلب آهي الله تعالىٰ جي احڪام جو انڪار ڪرڻ، قرآن پاڪ جي لاءِ چوڻ تہ اهو الله تعالىٰ جو نازل ڪيل ناهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي نبوت جو انڪار ڪرڻ وغيره وغيره. " اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ" يعني اهي ڪافر اهي آهن جن کي سندن لاءِ لکيل عذاب جو حصو ملندو ۽ اهو عذاب جو حصو ڇا هوندو؟ ان ۾ اختلاف آهي ڪي چون ٿا تہ سندن منهن ڪارا ۽ اکيون شيريون هونديون ۽ ڪن جو قول آهي تہ اهو جهنم جي ساڙيندڙ باهہ ۾ داخل ٿيڻ آهي (١). "حَتّٰٓي اِذَا جَاۗءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ" تانجو جڏهن اسان جا قاصد انهن وٽ انهن کي وفات ڪرائڻ ايندا، انهن قاصدن مان مراد ۾ ٽي قول آهن -١: تہ اهي ملڪ الموت جا مددگار آهن -٢: تہ خود ملڪ الموت آهي

(١) التفسير الكبير ص ٧٠ جزءِ ١٤

-٣: تہ قيامت جي ڏينهن عذاب کندڙملائڪ آهن ۽ وفات ڪرائڻ مان مراد ۾ بہ
ٽي قول آهن -١: تہ انهن کي موت سان وفات ڪرائيندا -٢: تہ انهن کي حشر ڏانهن
وٺي هلندا سان -٣: تہ پورو پورو عذاب ڏيندا (١) "قَالُوا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ" چوندا تہ ڪٿي آهن اهي جن جي الله کانسواءِ عبادت ڪندا هيئو. يعني اي
ڪافرواجن معبودن ۾ اوهان وڏيون اميدون رکي انهن جي عبادت ڪندا هيئو اهي
اوهان جي هن ساه نڪرڻ واري ڏک جي گهڙيءَ ۾ اوهان کي ڪم نہ ٿا اچن ڪٿي آهن؟
سڏي تہ ونون ڇونہ ٿا اچن؟ "قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا عَلٰى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ"
چوندا تہ اهي تہ اسان کان گم ٿي ويا ۽ پنهنجن سرن تي پاڻ شاهدي ڏيندا تہ بيشڪ
اهي ڪافر هيا، يعني ملائڪن جي مٿئين سوال کان پوءِ ڪافر پڇتائيندا ۽ چوندا تہ
واقعي اسين غلطيءَ تي هياسين جو اهڙن کي معبود بنايوسين جي ان جا لائق ئي نہ هيا.
فائدا-١: آيت ۾ آيل لفظ "تَدْعُوْنَ" جي معنىٰ تعبدون آهي، علامه بيضاوي لکيو آهي
تہ: اي اين الالهة التي كنتم تعبدونها (٢) يعني اوهان جا اهي (باطل) معبود ڪٿي
آهن؟ جن جي عبادت ڪندا هيؤ. ان جي ڪري تدعون جي معنيٰ (سڏيندا هيئو) ڪري
انبياءِ عليهم السلام ۽ اولياءِ عظام کي ان ۾ شامل ڪرڻ سخت جرم ۽ بي ديني
آهي. -٢: ساه ڪڍڻ جي لاءِ ملڪ الموت سان گڏ ٻيا ملائڪ بہ ان جا معاون ٿي
اچن ٿا. ان جي ڪري "جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا" ۾ رسل جمع آندو ويو آهي ۽ ملڪ الموت جي
اچڻ جو ذڪر "يَتَوَفّٰكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ"(٣) آيت ۾ آيل آهي.

قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ

فرمايائين تہ: داخل ٿيو جماعتن ۾ جيڪي گذريون اڳي اوهان کان جنن مان ۽ انسانن مان

فِي النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ اُخْتَهَا ؕ حَتّٰٓى اِذَا ادَّارَكُوْا

باهہ ۾- جڏهن بہ داخل ٿيندي هڪ جماعت تہ لعنت ڪندي هم جنس پنهنجيءَ کي، تانجو جڏهن گڏ ٿيندا

فِيْهَا جَمِيْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ اَضَلُّوْنَا

ان ۾ سڀئي تہ چوندي پوئين انهن مان پهرين انهن جي لاءِ تہ اي رب اسان جا! هنن گمراهہ ڪيو اسان کي

(١) زادالمسير ص ١٩۴ جلد ٣ (٢) بيضاوي ڪامل ص ٢٠۴
(٣) سورة السجدة آيت ١١

فَاٰتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ۬ؕ قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَّلٰكِنْ لَّا

پوءِ ڏي انهن کي عذاب ٻيڻو باهہ مان فرمائيندوتہ سڀني جي لاءِ ٻيڻو آهي ۽ پر نہ ٿا

تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَقَالَتْ اُوْلٰهُمْ لِاُخْرٰهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ

ڄاڻو اوهان ۽ چيو پهرينءَ انهن مان واسطي پوئين پنهنجي تہ پوءِ نہ آهي اوهان جي لاءِ اسان تي ڪا

فَضْلٍ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٣٩﴾

برتري پوءِ چکو عذاب سببان ان جي جو ڪمايو ٿي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ان جواب جو ذڪر هو جيڪو اهي ملائڪن کي مرڻ وقت ڏيندا ۽ هنن آيتن ۾ انهن ڪافرن کي ملائڪن جي طرفان مليل جواب الجواب جو ذڪر آهي. فرمان مبارڪ آهي " قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ فِي النَّارِ " فرمائيندو تہ جيڪي امتون ۽ جماعتون جنن ۽ انسانن مان اوهان کان اڳ ۾ گذري چڪيون هيون انهن سان گڏ اوهان بہ (جهنم جي) باهہ ۾ داخل ٿيو اهو حڪم انهن کي قيامت ۾ ڪيو ويندو ۽ ان وقت انهن جي حالت نهايت نہ چوڻ جهڙي هوندي دنيا ۾ تہ هڪ فاسق ٻئي فاسق جو سهارو بڻيل هو ۽ انهن جا هڪ ٻئي سان اهڙا گهاٽا تعلقات هوندا هئا جو سمجهڻ ۾ ايندو هو تہ اهي ٽٽندائي ڪونہ پر جڏهن ڪين جهنم جي ڀڙڪندڙ باهہ جا شعلا نظر ايندا تہ ساري دوستي ختم ٿي ويندي. "كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ اُخْتَهَا " جڏهن بہ هڪ امت (۽ جماعت) ان باهہ ۾ داخل ٿيندي تہ پنهنجي هم جنس جماعت کي لعنت ڪندي ابو حيان اندلسي لکيو آهي تہ: ڪلما تڪرار جي لاءِ آهي معنیٰ تہ جڏهن بہ هر پيري يهودين. نصارن ۽ بت پرستن مان ڪوبہ ٽولو جهنم جي باهہ ۾ گهڙندو تہ پاڻ کان اڳئين جماعت کي جن جي نقش قدم تي هلي گمراهہ ٿيا هئا لعنت ڪندوءِ انهن جي لاءِ دل ۾ سخت نفرت ۽ دشمني رکندو (١) "حَتّٰى

(١) البحر المحيط ص ٢٩٥ جلد ۴

اِذَا ادَّارَكُوْا فِيْهَا جَمِيْعًا قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا هٰٓؤُلَاۤءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ" تانجو جڏهن سڀئي ان ۾ گڏ ٿيندا تہ انهن مان پوئين امت وارا پهرئين لاءِ چوندا تہ: اي اسان جا پالڻهار! هنن اسان کي گمراهہ ڪيو هو پوءِ انهن کي باهہ جو ٻيڻو عذاب ڏي "اِدَّارَكُوْا" جي معنيٰ تلاحقوا واجتمعوا في النار " هڪ ٻئي کي لاحق ۽ شامل ٿيا ۽ باهہ ۾ گڏ ٿيا ۽ پهرين مان مراد انهن جا رئيس ۽ اڳواڻ آهن. جن جي پويان لڳي ماڻهو گمرا ٿيا هئا (١)" قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ "الله تعالىٰ انهن کي جواب ۾ فرمائيندو تہ صرف انهن اوهان جن اڳواڻن لاءِ ٻيڻو عذاب نہ آهي پر سڀني لاءِ ٻيڻو عذاب آهي. اهي گمراه ڪندڙ هئا، تہ اوهان گمراهہ ٿيندڙ ڇو تہ انهن جي پويان لڳي پيئو، "وَلٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ" ۽ پرنہ ٿا ڄاڻو مقصد تہ عذاب تہ سڀني کي ٻيڻو ملي رهيو آهي پر اوهان کونہ ٿا ڄاڻو تہ ٻين سان ڇا ٿي رهيو آهي. هڪ جماعت کي ٻئي جي ملندڙ سزا جو پتوئي ناهي. يا هن جملي ۾ دنيا وارن سان خطاب آهي، يعني اي دنيا ۾ رهڻ وارؤ! اوهان کي اها ڄاڻ ئي نہ آهي تہ اهي ڪيتري عذاب ۾ آهن (٢) "وَقَالَتْ اُوْلٰىهُمْ لِاُخْرٰىهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ" ۽ انهن مان پهريان پوئين امت کي چوندا تہ اوهان کي تہ اسان تي ڪابہ برتري ۽ بلندي ناهي جيڪي ڪمايو هيو ان جي سزا ۾ اوهان بہ عذاب چکو. مطلب تہ اڳيون امتون پوئين کي يا وري اڳواڻ پوئلڳن کي چوندا تہ: اوهان کي اسان تي وري ڪهڙي فوقيت ۽ ڀلائي آهي جيڪڏهن اسين اوهان کي گناهن ڏانهن سڏڻ جا ڏوهي آهيون تہ اوهان اسان جي سڏ کي قبول ڪرڻ جا مجرم آهيو اوهان وٽ بہ عقل هو ، آسماني ڪتاب بہ هو. ان جي سمجهائڻ وارا ۽ حق جي طرف دعوت ڏيڻ وارا بہ هيا. اوهان انهن سڀني کي ڇڏي اسان سان گڏجي پيئو، حق جي دعوت کي نہ ٻڌي باطل جي پويان هليئو سڌو رستو ڇڏي غلط رستو ورتو. ڇا اوهان جو اهو قصور ئي ناهي؟ پوءِ اسان کي ٻيڻي سزا ملڻ جي لاءِ ڇو پيا الله تعالىٰ کي عرض ڪيو. اوهان بہ ساڳي سزا جا مستحق آهيو پنهنجن ڪرتوتن جو مزو ماڻيو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ

بيشڪ اهي شخص جن ڪوڙو ڄيو آيتن اسان جن کي ۽ وڏائي ڪيائون انهن کان نہ کوليا ويندا انهن لاءِ دروازا

السَّمَآءِ وَلَا يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ

آسمان جا ۽ نہ داخل ٿيندا بهشت ۾ تانجو گهڙي اٺ سوراخ

(١) الڪشاف ص ٧٨ جلد ٢ (٢) القرطبي ص ٢٠٥ جلد ٧

اَلْخِيَاطِ ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُجْرِمِيْنَ ۝٤٠ لَهُمْ مِّنْ جَهَنَّمَ

سُئي ڄيڀ مان لنگهي. ۽ نموني سزا ڏينداسون مجرمن کي انهن جي لاءِ دوزخ مان

مِهَادٌ وَّمِنْ فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ۝٤١

وڇاڻو آهي ۽ مٿان انهن جي ڍڪيندڙ آهن. ۽ ائين ئي سزا ڏينداسون ظالمن کي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي ملندڙ دوزخي سزا جو ذڪر هو ۽ هتي انهن ئي ڪافرن جو الاهي رحمت کان صفا محروم رهڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. ايزدي ارشاد آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ السَّمَاۗءِ" بيشڪ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ۽ انهن کان تڪبر ڪري منهن موڙيائون انهن جي لاءِ آسمان جا دروازا نه کوليا ويندا. انهن لاءِ آسمان جا دروازا نه کولڻ جو مطلب آهي ته: انهن جي عمل ۽ دعا جي لاءِ يا سندن ارواح جي لاءِ دروازا نه کلندا (١) امام احمد، نسائي، ابن ماجه، ابن حبان، حاڪم ۽ بيهقيءَ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو" ميت وٽ مرڻ وقت" ملائڪ حاضر ٿين ٿا پوءِ جيڪڏهن صالح آهي ته چون ٿا: اي پاڪ نفس جيڪو پاڪ جسم ۾ هو ان حال ۾ نڪر جو هر ڪو تنهنجي تعريف پيو ڪري ۽ راحت ۽ خوشبوءِ ملڻ جي بشارت اٿئي، رب توتي راضي آهي ناراض نه آهي ائين چوندي چوندي ستين آسمان تائين پهچايو وڃي ٿو.

جيڪڏهن بدڪردار مڙس آهي ته ان کي چون ٿا ته اي خبيث جسم ۾ رهندڙ خبيث نفس! ان حال ۾ نڪر جو مذمت ڪيل آهين گرم ۽ گهٽا ڏيندڙ جهنم جي پاڻيءَ جي بشارت اٿئي ۽ پيو به ان جي هم شڪل پيئڻ جو مال ملندئي ۽ ائين چوندي جڏهن آسمان تائين ڪنيو ٿو وڃي ۽ ان جي اڄا مٿي ڪٽي وڃڻ لاءِ ملائڪ دروازا کولڻ جي درخواست ڪن ٿا ته انهن کي چيو ٿو وڃي ته هي ڪير آهي؟ ملائڪ چون ٿا ته فلاڻو.

(١) تفسير غريب القرآن ص ١٦٧

جواب ۾ چيو وڃي ٿو ته خبيث جسم ۾ رهندڙ خبيث نفس جي لاءِ ڪا مرحبا نه آهي (وري ڪيس مخاطب ڪري چيو ويندو ته) مذمت ۽ ملامت ڪيل ٿي موٽ تنهنجي لاءِ آسمان جا دروازا نه کوليا ويندا پوءِ هيٺ موڪلي قبر ۾ رهايو ويندو(١) "وَلَايَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الۡجَمَلُ فِىۡ سَمِّ الۡخِيَاطِ" ۽ بهشت ۾ داخل نه ٿيندا تانجو اٺ سئيءَ جي سوراخ ۾ گهڙي،مقصد ته جيئن اٺ يا ان جهڙيءَ تلهيءَ شيءِ جو سئيءَ جي سوراخ ۾ گهڙڻ ناممڪن آهي تيئن ڪافرن جو بهشت ۾ گهڙڻ به ناممڪن آهي " وَكَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡمُجۡرِمِيۡنَ" يعني جيئن ڪافرن، ڪوڙو چوندڙن، تڪبر ڪندڙن کي سزا ڏينداسون تيئن انهن مجرمن کي به سزا ڏينداسون جن لاءِ گناهه لازمي صفت بنجي چڪا آهن پر اها صفت ان مومن جي ناهي جنهن کان ڪاوڙ جي غلبي يا شهوت جي دٻاءَ جي ڪري گناهه ٿيندو آهي ڇوته اهو ان ڪيل گناهه تي پشيمان ٿي توبه ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو آهي (٢) "لَهُمۡ مِّنۡ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنۡ فَوۡقِهِمۡ غَوَاشٍ" انهن جي لاءِ جهنم مان وڇاڻو ۽ مٿان وجهڻ لاءِ باهه جون چادرون هونديون. هن ارشاد مبارڪ ۾ به ڪافرن کي ملندڙ سزا جو ذڪر آهي مطلب ته هيٺيان مٿان باهه جي گهيري ۾ هوندا.

" وَكَذٰلِكَ نَجۡزِى الظّٰلِمِيۡنَ" ۽ ائين ئي ظالمن کي سزا ڏينداسون، ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هن آيت ۾ ڪافرن جي ٻن گناهن الاهي آيتن کي ڪوڙو چوڻ ۽ انهن جي مقابلي ۾ تڪبر ۽ غرور ڪرڻ جو ذڪر هو ان جي ڪري انهن کي مجرمين به سڏيو ويو ته ظالمين به يعني ڪوڙو چوڻ جي ڪري اهي مجرم آهن ۽ تڪبر ڪرڻ جي ڪري ظالم ۽ انهن ئي گناهن جي ڪري اهي جنت کان بالڪل محروم ۽ دوزخ جي دائمي عذاب ۾ گهيريل رهندا. (٣)

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَاۤ

۽ جن شخصن ايمان آندو ۽ ڪيائون ڀلا ڪم نه ٿا تڪليف ڏيون ڪنهن نفس کي مگر وسعت

اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ‌ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٤٢﴾ وَنَزَعۡنَا مَا

آهرآن جي آهي بهشتي آهن ان ۾ هميشه هوندا ۽ ڪڍنداسون جيڪو

(١) الدرالمنثور ص ٤٥٢ جلد ٣ (٢) تفسير المنار ص ٤١٨ جلد ٨
(٣) نعيمي ص ٥١٧ جلد ٨

فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ۚ وَقَالُوا

سينن (سندن) ۾ هوندو کينو وهنديون هيٺان انهن جي نهرون ۽ چوندا تہ

الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدٰىنَا لِهٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ

سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي جنهن هدايت ڪئي اسان کي هن جي لاءِ ۽ نہ هياسون تانت هدايت وارا ٿيون

لَوْلَآ اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۭ وَنُوْدُوْٓا

جيڪڏهن نہ هجي ها هيءَ ڳالهہ جو هدايت ڪئي اسان کي الله البت تحقيق آيا رسول رب اسان جي جا حق جي پيغام سان

اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٤٣

۽ سڏيا ويندا تہ هيءُ بهشت آهي جو وارث بنايا ويئو ان جا سببان انهن عملن جي جيڪي ڪندا هيئو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي سخت سزائن جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ سندس رحمت ۽ ڪرمنوازين جو ذڪر آهي ارشاد عالي آهي "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَآ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا اسين ڪنهن بہ نفس کي ان جي (طاقت) ۽ وسعت کان وڌيڪ تڪليف نہ ٿا ڏيون. "اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ" اهي بهشت جا صاحب آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن جاڻڻ گهرجي تہ عربي گرامر (نحو) جي لحاظ سان هن آيت ۾ "لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَآ" جملو معترضو آهي. جڏهن تہ "وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ" ۾ صالحات جمع جو صيغو آهي جنهن مان شڪ ٿي پيدا ٿيو تہ شايد جيڪي بہ نيڪيءَ جا ڪم الله تعالىٰ پيدا ڪيا آهن اهي سڀ ضرور ڪرڻا آهن تہ پوءِ حج ۽ زڪواة ادا نہ ڪرڻ وارا مسڪين ڪيڏانهن وڃن تڏهن الله تعالىٰ وچ ۾ اهو جملو معترضو آڻي فرمايو تہ: صالحن عملن جي متعلق اسين ڪنهن بہ نفس کي ان جي قدرت،طاقت ۽ وسعت کان وڌيڪ ڪا بہ

تڪليف نہ ٿا ڏيون، هر ماڻهو پنهنجي طاقت آهر نيڪ ۽ صالح عمل ڪري علامه رازي "وسعها" جي معنىٰ ۽ مفهوم بيان ڪندي لکيو آهي تہ: وسع جي معنىٰ اها عبادت آهي جنهن تي انسان ڪشادگيءَ ۽ آسانيءَ سان قادر ٿئي تنگي ۽ شدت محسوس نہ ڪري ۽ اها معنىٰ مراد وٺڻ جو دليل حضرت معاذ بن جبل جو قول آهي تہ "اِلَّا وُسْعَهَا" جي معنىٰ آهي " اِلَّا يَسْرَهَا لَا عَسْرَهَا (١)" چاڻڻ گهرجي تہ هن جملي معترضي جو تعلق" عَمِلُوا الصَّالِحَاتِ" سان آهي باقي ايمان تہ هر ڪنهن تي فرض آهي. رهيا صالح عمل اهي طاقت آهر فرض آهن فقير ۽ مسڪين تي زڪواة، حج فطرو ۽ قرباني، انڌي تي جمعہ جي نماز ۽ عيدون لازم ناهن. " وَنَزَعْنَا مَافِيْ صُدُوْرِهِمْ مِنْ غِلٍّ" ۽ جيڪو ڪينو سندن سينن ۾ هوندو اهو ڪڍي ڇڏينداسون. هن جملي جي مطلب ۾ ٻہ قول آهن -١: تہ دنيا ۾ جيڪو هڪ ٻئي جي لاءِ سندن دلين ۾ ڪينو هوندو اهو ڪڍي انهن جون طبيعتون اهڙيون صاف ڪنداسون جو ڪيني جو وسوسو بہ نہ پوندن ڇو تہ وسوسا وجهڻ وارو شيطان پاڻ ئي عذاب ۾ هوندو تہ ٻين کي وسوسا ڪيئن وجهندو- ٢: تہ جڏهن بهشتي بهشت ۾ داخل ٿيندا تہ ڪن جا درجا نهايت بلند ۽ بالا هوندا ڪن جا انهن کان ڪجهہ هيٺ ۽ گهٽ پر سندن دلين کي اهڙو صاف ڪنداسون جو هڪ ٻئي کي درجات ۾ گهٽ ڏسي بہ حسد، ريس ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڪينو نہ رکندا. "تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهَارُ" وهنديون هيٺان انهن جي نهرون، هي بهشت ۾ داخل ٿيندڙن لاءِ خصوصي انعام آهي.

بهشت ۾ داخل ٿيندڙن تي خاص ٻلائي جو ڪنهن جي پڇڻ کان سواءِ پنهنجن جنتوارن گهرن ۾ ايندا

حضرت اُبو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو: يَخْلُصُ الْمُؤْمِنُوْنَ مِنَ النَّارِ فَيَحْسَبُوْنَ عَلٰى قَنْطَرَةٍ بَيْنَ الْجَنَّةِ وَالنَّارِ حَتّٰى اِذَاهُذِّبُوا وَنقوا اُذِنَ لَهُمْ فِيْ دُخُوْلِ الْجَنَّةِ فَوَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ لَاَحَدُهُمْ اَهْدٰى بِمَنْزِلِهٖ فِي الْجَنَّةِ مِنْهُ بِمَنْزِلِهٖ كَانَ فِي الدُّنْيَا" يعني مومن باهہ مان ڇٽندا تہ بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ پل تي روڪيا ويندا، تانجو جڏهن صاف ۽ سٺرا ڪيا ويندا تہ کين بهشت ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ڏني ويندي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهن جو ساهہ آهي تہ ان مان هر هڪ پنهنجي بهشتي گهر ڏانهن وڃڻ ۾ سندس دنيا ۾ رهڻ واري گهر کان بہ وڌيڪ واقف هوندو ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنه

(١)التفسير الڪبير ص٨٠ جزءِ ١۴

فرمايو آهي تہ: پهريان پهريان جيئن بهشتي بهشت ۾ ايندا تہ سندن اڳيان ٻہ چشما هوندا هڪڙي مان پاڻي پيئندا ۽ پيئڻ جي ڪري دنيا ۾ سندن قلبن ۾ جيڪو ڪينو ڦڏواهو ڪڍيو ويندو ۽ ٻئي ۾ اندر گهڙي وهنجندا تہ سندن رنگ چمڪندا ۽ منهن صاف ٿيندا ۽ مٿن نعمتن جو پاڻي وهندو (١) علامه رازي لکيو آهي تہ بهشتين جي هيٺان وهندڙ نهرون الله تعالىٰ جي رحمت، فضل، احسان ۽ مڪاشفات جي قسمن ۽ روحاني سعادتن جون هونديون (٢) "وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدَانَا لِهٰذَا" ۽ چوندا تہ سڀ ساراه الله جي لاءِ آهي جنهن اسان کي هن جي لاءِ هدايت نصيب ڪئي . يعني بهشت وارا بهشت ۾ نعمتون ۽ ڀلايون ڏسي هڪ ٻئي کي چوندا تہ هي سڀ الله تعالىٰ جا احسان آهن جنهن اسان کي هن جنت ۾ پهچڻ لاءِ چڱن ڪمن ڪرڻ جي هدايت نصيب ڪئي. (٣)

"وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَا أَنْ هَدَانَا اللّٰهُ" ۽ جيڪڏهن اسان کي الله هدايت نہ ڪري ها تہ اسين هدايت وارا نہ ٿيون ها. مقصد تہ جيڪڏهن الله تعالىٰ اسان کي پنهنجن رسولن عليهم الصلواة والسلام جي اتباع جي توفيق نہ ڏئي ها ۽ ان لاءِ مدد نہ ڪري ها ۽ خصوصي رحمت سان نہ نوازي ها تہ صرف طبعي فڪر ۽ عقل سان ان جي باوجود جو اسان کي صحيح فطرت تي پيدا ڪيو اٿس ۽ شعور ۽ دانش جي دولت ڏني اٿس هدايت وارا نہ ٿيون ها (٤) "لَقَدْ جَاءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ" بلاشڪ اسان جي رب جا رسول حق سان آيا، ڄاڻڻ گهرجي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام پاڻ بہ حق آهن تہ انهن جي هرا ادا بہ حق، انهن جو هر عمل بہ حق، تہ جيڪو پيغام آڻيندا آهن اهو بہ حق هوندو آهي." "وَنُوْدُوْا أَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ أُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" ۽ سڏيا ويندا تہ هي اهو بهشت اٿو جنهن جا دنيا ۾ ڪيلن نيڪن عملن جي ڪري وارث بنايا ويا آهيو.

بهشت مومنن جو ورثو آهي

ڄاڻڻ گهرجي تہ هن آيت جي لفظ "أُوْرِثْتُمُوْهَا" مان ثابت ٿيو تہ بهشت مومنن جو ورثو آهي ۽ اهي ان ۾ هر نعمت ۽ مزو ماڻيندا جيئن هيٺ لکيل روايتن مان ظاهر ٿي رهيو آهي.

روايت-١ :هناد، ابن جرير ۽ عبدبن حميد حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن بهشتي بهشت ۾ داخل ڪيا ويندا تہ رب پاڪ جي طرفان سڏيندڙ سڏي چوندن اي بهشتيو! اوهان جو حق آهي تہ ان ۾ زنده هجو اصل نہ مرنڌ ۽ ان

(١)زاد المسير ص ٢٠٠ جلد٣ (٢) التفسير الكبير ص ٨٠ جزء ١٤
(٣) نعيمي ص ٥٣٠ جلد ٨ (۴)المنار ص ۴٢٢ جلد ٨

۾ نعمتون ماڻيو ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيندؤ ۽ ان ۾ جوانيءَ سان رهو اصل پوڙها نہ بنجندؤ ۽ ان ۾ چڱا ڀلا رهو هر گز بيمار نہ ٿيندؤ ۽ اها مراد آهي آيت جي حصي "وَنُودُوا أَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ" مان.

روايت-٢: ابن جرير ۽ ابو الشيخ مفسر سديءَ کان ان حصي جو مطلب هيئن روايت ڪيو آهي تہ: هر مومن ۽ هر ڪافر جي لاءِ جهنم ۾ بہ جاءِ آهي تہ جنت ۾ بہ. جڏهن جهنمي جهنم ۾ ۽ جنتي جنت ۾ داخل ٿي دنگ ڪندا تہ جنت مٿي ڪٽي جهنم وارن کي سندن لاءِ جنت ۾ تيار ڪيل جايون ڏيکاري چيو ويندو تہ هي اوهان جون جايون هيون وري جنت وارن کي چيو ويندو تہ اوهان جون جايون هيون ۽ اوهان هنن جي جاين جا بہ وارث آهيو پوءِ جنتي اهي جايون بہ پاڻ ۾ ورهائي ڪڻندا (١) الغرض تہ: هر بهشتي بهشت ۾ پنهنجو حصو تہ وٺندو پر ڪافرن جي حصي جو بہ وارث ٿيندو ان ئي نموني هر جهنمي ڪافر پنهنجو حصو تہ جهنم ۾ وٺندو تہ پر مومن وارو حصو بہ ان تي استعمال ٿيندو. فائدا هن آيت مان هي فائدا حاصل ٿيا. فائدو-١: آخرت ۾ بهشتي بنجڻ وارا دنيا ۾ گنهگار بہ ٿي سگهن ٿا ۽ انهن جا پاڻ ۾ اختلاف، جهيڙا ۽ سندن سيني ۾ ڪينا ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ حسد بہ ٿي سگهي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ قيامت جي ڏينهن سندن سينن مان ڪڍي پوءِ ڪين بهشت ۾ داخل ڪيو ويندو. جيئن "وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِمْ مِنْ غِلٍّ" مان ثابت ٿيو. فائدو-٢: چڱن ڪمن جي توفيق ۽ هدايت الله تعالىٰ جي خاص نعمت آهي جيڪا سندس فضل ۽ ڪرم سان ملندي آهي اهو ڪنهن دڪان جو سودو ناهي جتان خريد ڪجي ان جي ڪري ان تي ناز نہ ڪجي شڪر ڪجي. جيئن "وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي هَدَانَا" مان ثابت ٿيو. -٣: خدا وندي خصوصي نعمتن جي ملڻ جا مرڪز انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام آهن ٻين جن کي بہ اهي نعمتون ملنديون آهن انهن جي ذريعي سان ملنديون آهن جيئن "لَقَدْ جَاءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ"، مان واضح ۽ روشن ٿي رهيو آهي، جيئن اس سج کان چانڊاڻ چنڊ کان ملندي آهي تيئن هدايت ۽ فيض الله تعالىٰ جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي عطا ٿيندو آهي.

-٤: "بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ" مان ظاهر ٿيو تہ عمل ڪرڻ ضروري آهي ڪو بہ شخص عمل کان بي نياز ناهي جهڙي پوکيندو اهڙي لڻندو پوءِ ڇا حال ٿيندو انهن جو جيڪي چرس ڀنگ پيئندي چوندا آهن تہ اسان کي نماز، روزي وغيره جي ڪا ضرورت ناهي.

(١) الدر المنثور ص ٤٥٨ جلد ٣

وَنَادٰٓى اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ اَصۡحٰبَ النَّارِ اَنۡ قَدۡ وَجَدۡنَا مَا وَعَدَنَا

۽ سڏي چوندا بهشت وارا دوزخ وارن کي تہ بيشڪ لڌو اسان جيڪو وعدو ڪيو هو

رَبُّنَا حَقًّا فَهَلۡ وَجَدۡتُّمۡ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمۡ حَقًّا ؕ قَالُوۡا نَعَمۡ ۚ فَاَذَّنَ

اسان سان رب اسان جي سچو پوءِ ڇا لڌو اوهان جيڪو وعدو ڪيو هو رب اوهان جي سچو چوندا تہ هائو پوءِ اعلان ڪندو

مُؤَذِّنٌۢ بَيۡنَهُمۡ اَنۡ لَّعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۴﴾ الَّذِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ

اعلان ڪندڙ وچ انهن جي ۾ تہ لعنت الله جي آهي ظالمن تي جيڪي روڪين ٿا

عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَيَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ كٰفِرُوۡنَ ﴿۴۵﴾

واٽ الله جي کان ۽ طلب ڪن ٿا ان کي ڏنگو ۽ اهي آخرت جا انڪار ڪندڙ آهن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بهشتين جي ان گفتگو جو ذڪر هو جيڪا اهي پاڻ ۾ ڪندا ۽ هتي سندن ان گفتگو جو ذڪر آهي جيڪا اهي دوزخين سان ڪندا، "وَنَادٰٓى اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ اَصۡحٰبَ النَّارِ" ۽ بهشتي دوزخين کي سڏي چوندا، بهشتين جي طرفان دوزخين کي اهو سڏ سندن بهشت ۾ قرار وٺڻ کان پوءِ ٿيندو (١) سوال: بهشت آسمانن کان مٿي ۽ دوزخ اسفل السافلين ۾ آهي تہ پوءِ بهشت وارا ايڏي پرانهين پنڌ تي دوزخ وارن کي ڪيئن سڏيندا ۽ اهو سڏ دوزخين تائين ڪيئن پهچندو جو اهي ٻڌي جواب ڏيندا؟ جواب: اهو تڏهن اعتراض ڪيو جڏهن سڏ پهچائڻ وارو الله تعالیٰ ان تي قادر نہ هجي. ٻيو تہ اسان اهل السنة والجماعت وٽ تمام گهڻو پري هجڻ بہ ادراڪ کان مانع ناهي(٢) علامه رشيد رضا صاحب مٿئين ڳالهہ جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: آخرت ۾ روحانيت جسدي مادي جي مٿان غالب هوندي " فيمكن للانسان ان يسمع من هو علي بعد شاسع منه ويراه " پوءِ انسان جي لاءِ ممڪن آهي جو جيڪا شيءِ ان کان گهڻو پري

(١) التفسير الڪبير ص ٨٣ جزء ١۴ (٢) ساڳيو حوالو

آهي ان کي ٻڌي ۽ ڏسي.

ان کان پوءِ لکيو اٿس تہ: پري کان ٻڌڻ ۽ ڏسڻ اسان جن ابن ڏاڏن لاءِ سمجهڻ گهڻو مشکل هو پر هاڻي جيڪو ماڻهو شهرن جي دنيا ۾ رهي ٿو ان جي لاءِ اهي شيون سمجهڻ بالڪل پري ناهن ڇوتہ اهڙا اوزار ايجاد ٿي چڪا آهن جن جي ذريعي هزارن ميلن کان ماڻهو ڳالهائڻ ٻڌي ٿو ۽ هڪ ٻئي کي ڏسي ٿو. پوءِ اهي لکڻ جي صورت ۾ هجن، جيئن سلکي يا لاسلکي ٽيليگراف، فيکس وغيره يا ڳالهائڻ ٻڌڻ جي صورت ۾ جيئن سلکي يا لاسلکي فون آهن ۽ اسان کي اخبارن ذريعي پتو پيو آهي تہ اهڙا اوزار بہ ناهيا وڃن پيا جن جي ذريعي ڳالهائيندڙ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهندا (١). **سوال:** اهو بهشت وارن جي طرفان دوزخين کي سڏي پڇڻ ٿورن جو هوندو يا سيئي هڪ ٻئي کي سڏيندا؟ **جواب:** آيت جي لفظن مان عموم جو فائدو ملي رهيو آهي ڇوتہ ٻنهي ۾ آيل لفظ جمع آهي ۽ قانون آهي تہ جڏهن جمع جو مقابل بہ جمع هوندو آهي تہ فرد جي مقابلي ۾ ورهايو ويندو آهي. ان جي ڪري هتي مراد آهي تہ جيڪي هڪ ٻئي کي دنيا ۾ سڃاڻندا هوندا اهي هڪ ٻئي سان اها گفتگو ڪندا (٢) "اَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا" يعني اي دوزخي ڪافرو! دنيا ۾ اسان سان اسان جي رب انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي جيڪو وعدو ڪيو هو اسان ان کي بالڪل حق، سچ ۽ درست لڌو جنت ۽ ان ۾ ڀيون نعمتون بہ اسان کي عطا ٿيون جيڪي اکين سان ڏسي استعمال ڪري رهيا آهيون ڇا اوهان بہ جيڪو اوهان سان اوهان جي رب قبرن مان اٿارڻ، حساب ڪتاب ۽ نہ مڃڻ جي صورت ۾ عذاب جو وعدو ڪيو هو سچو لڌو؟ (٣).

"قَالُوْا نَعَمْ" چوندا تہ هائو! هي دوزخي ڪافرن جي طرفان بهشتي مومنن کي جواب هوندو " فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌ بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ" پوءِ سندن وچ ۾ اعلان ڪندڙ (ملائڪ) اعلان ڪندو تہ ظالمن تي الله تعالىٰ جي لعنت آهي- مفسر صابوني لکيو آهي. تہ اهو اعلان ڪندڙ ملائڪ هوندو جنهن جي ان اعلان کي بهشتين ۽ دوزخين مان هر هڪ ماڻهو ٻڌندو ۽ ظالمن مان مراد ڪافر آهن جن تي لعنت وجهندو، ڇوتہ ظلم جو لفظ جتي مطلق ايندو آهي اتي ان مان مراد ڪامل ظلم هوندو آهي ۽ اهو شرڪ ۽ ڪفر آهي (٤) " اَلَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا" جيڪي الله جي رستي کان

(١) تفسير المنار ص ٤٠٤ جلد ٨ (٢) التفسيرالكبير ص ٨٣- ٨٤ جزء ١٤
(٣) فتح القديرص ٢٠٧ جلد ٢ (۴) تنوير الاذهان ص ٥٣٧ جلد ١

روڪين ٿا ۽ ان ڪي ڏنگو طلب ڪن ٿا. هي انهن ڪافرن ظالمن جي حالت بيان ٿي رهي آهي. مقصد تہ اهي پاڻ تہ دين قبول نہ ٿا ڪن پر رهندو ٻين ڪي بہ رب جي رستي کان روڪين ٿا ۽ سڌي هجڻ ۽ ان تي هلڻ جي بجاءِ ان رستي ڪي غلط بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. " وَهُمْ بِالْآخِرَةِ كَافِرُوْنَ " ۽ اهي آخرت جا منڪر آهن. آخرت کي نہ ٿا مڃن. .

حضور عليه الصلواة والسلام جن پري کان بہ ٻڌن ٿا

مٿي لکيل علامه رازي ۽ علامه رشيد رضا جي عبارتن مان واضح ٿيو تہ پنڌ جو پري هجڻ آواز جي ٻڌڻ کان مانع ناهي ۽ جيڪڏهن آخرت ۾ جسدي ڪيفيت تي روحانيت غالب ٿيندي تہ ٻڌڻ ممڪن آهي. اهوئي وجہ آهي جو اسان سچن ۽ پڪن سنين جو عقيدو آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن هزارين ڪوهن ۽ ڪلوميٽرن کان پري بہ اسان جي صلواة ۽ سلام ٻڌن ٿا. ڇوتہ سندن پاڪ جسد تي سندن روحانيت ۽ نورانيت تہ دنيا ۾ ئي غالب هئي جوسندن پاڇو پٽ تي نہ پوندو هو. صلواة ۽ سلام يا ٻئي ڪنهن بہ سڏ ڪي حضور عليه الصلواة والسلام ٻڌن ٿا ۽ ٻڌي سگهن ٿا ۽ اهو عقيدو رکڻ قطعًا شرڪ. ڪفر يا گناهہ ناهي. -٢: قيامت ۽ ان کان پوءِ بهشت يا دوزخ ۾ رهڻ جي دوران ڪير بہ گونگو يا ٻوڙو نہ هوندو. دنيا ۾ گونگا ۽ ٻوڙا هجڻ وارا بہ اتي صحيح ۽ سڄا هوندا. ڇوتہ سڏڻ ۾ سيئي برابر هوندا.

٣: پري ڏسڻ، پري ٻڌڻ پري رهندڙن سان ڳالهائڻ الله تعالىٰ جي عطا سان ٻانهن جون صفتون بہ ٿي سگهن ٿيون اها ڳالهہ مڃڻ شرڪ ۽ ڪفر ناهي ڏسو بهشتي دوزخين ڪي سڏيندا ۽ اهي ٻڌي جواب ڏيندا حالانڪ بهشت ستين آسمان کان مٿي ۽ دوزخ ستينءُ زمين کان بہ هيٺ آهي فلسطين ۾ سيدنا سليمان عليه الصلواة والسلام جي دربار عاليه ۾ آيل سندس امتي آصف بن برخيا يمن ملڪ جي سبا شهر اندر ڪوٺن ۽ ڪمرن ۾ بند رکيل بلقيسا جو تخت ڏنو ۽ اک ڇنڀ کان اڳ ۾ ڪڍي سليماني دربار ۾ پهچايو. الله تعالىٰ جي طرفان ٻانهن کي عطا ڪيل انهن صفتن جو انڪار گمراهي ۽ الاهي آيتن ۽ نبوي حديثن جو انڪار آهي. -٤: مرڻ کان پوءِ انسان جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت وڌي ٿي وڃي حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ: جڏهن ميت کي دفن ڪري ڪانڌي موٽن ٿا تہ اهو انهن جي جتين جي ڪڙڪن کي ٻڌندو آهي حالانڪ ڪيترا فٽ زمين ۾ اندر هوندو آهي ۽ مٽس مٽي ورايل هوندي آهي. -٥: ڪابہ ڳالهہ پڇڻ پڇندڙ جي بي علم هجڻ جو دليل نہ آهي ڏسو بهشتين کي خبر هوندي تہ ڪافر

(١) ابوالسعود ص ٢٢٩ جزءِ ٣

جهنم ۾ سزا ڀوڳي رهيا اهن ان هوندي بہ انهن کان پڇندا ۽ ان پڇڻ کي الله تعالیٰ قران پاڪ ۾ بيان ڪيو آهي. الله تعالیٰ جي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن بہ ڪيتريون ڳالهيون پڇيون آهن تہ اهو پڇڻ سندن بي علم هجڻ جو دليل نہ آهي ان ۾ ڪئين حڪمتون ، مصلحتون ۽ راز هوندا آهن. -٦: آيت جي آخر ۾ "وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كَافِرُوْنَ" اٽڻ مان ثابت ٿيو تہ سيني گناهن جي پاڙ ۽ مند ڪفر آهي ٻين گناهن جي معافي ممڪن آهي انهن جي لاءِ شفاعت بہ آهي پر ڪفر ۽ شرڪ جي لاءِ نہ معافي آهي نہ شفاعت.

وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّا

۽ انهن جي وچ ۾ هڪ پردو هوندو ۽ اعراف تي ڪجھ مڙس هوندا سڃاڻندا سيني کي

بِسِيْمٰهُمْ وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ لَمْ

نشانيءَ انهن جي سان ۽ سڏيندا بهشت وارن کي تہ سلام آهي اوهان تي نہ

يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ

داخل ٿيا هوندا ان ۾ ۽ اهي اميد رکندا هوندا ۽ جڏهن ڦيرايون وينديون اکيون انهن جون طرف

اَصْحٰبِ النَّارِ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ ع ٥ (٨) ١٢

دوزخين جي تہ چوندا اي رب اسان جا! نہ ڳڏاسان کي ظالم قوم سان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ان ڳالھ ٻولھ جو ذڪر هو جيڪا جنتين ۽ دوزخين جي وچ ۾ هلندي ۽ هتي وڃان ٽين درجي وارن جي ڳالھ ٻولھ جو ذڪر اچي رهيو آهي جيڪي وچ ۾ هوندا ۽ انهن ٻنهي سان ڳالهائيندا پر انهن جي ڪري نہ جنت وارن جي هوا دوزخ وارن کي لڳندي ۽ نہ دوزخ وارن جي عذاب جي تڪليف بهشت وارن ڏانهن ويندي. چوتہ ان ڳالهائڻ جي دوران بہ سندن وچ ۾ پردو هوندو. رباني ارشاد آهي " وَبَيْنَهُمَا

حِجَابٌ" ۽ سندن وچ ۾ پردو هوندو مقصد تہ اهڙي شيءِ هوندي جنهنجي هوندي ٻنهي جاين جا اثر هڪ ٻئي ڏانهن نہ ويندا "وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّا بِسِيْمَاهُمْ" ۽ اعراف تي اهڙا مرس هوندا جيڪي سيني کي سندن نشانيءَ سان سڃاڻندا.

اعراف ڇا آهي؟

علامه ابن قتيبه لکيو آهي تہ: اعراف بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ ديوار آهي مٿي هجڻ جي ڪري اعراف سڏي وئي آهي عرب هر مٿي هوندڙ شيءِ کي اعراف چوندا آهن (١).

۽ اعراف تي موجود هوندڙ مرد ڪير هوندا؟ان ۾ مفسرن يلارن پندرنهن قول ذڪر ڪيا آهن حضرت عبد الله بن مسعود، حضرت حذيفه بن اليمان، حضرت ابن عباس، ضحاڪ ۽ ابن جبير رضي الله عنهم جو قول آهي تہ اعراف تي اهي شخص هوندا جن جون نيڪيون ۽ برايون برابر هونديون۽ اهي شهداء ۽ صلحاء هوندا انهن کي ان مقام تي سندن عزت افزائيءَ جي لاءِ رهايو ويندو تانتہ محشر وارا پنهنجين اکين سان سندن شان ڏسن(٢) "وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ" ۽ بهشت وارن کي سڏي چوندا تہ اوهان تي سلام آهي، يعني اعراف تي رهندڙ بهشتين کي سلام چوندا. اهو سلام جيڪڏهن انهن جي بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان هوندو تہ مرحبا طور ۽ ڪين تڪليف ۽ عذاب کان نجات ملڻ جي خبر ٻڌائڻ لاءِ هوندو. جيئن ٻيءَ آيت مبارڪہ ۾ آهي؛ "لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا تَاْثِيْمًا اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا سَلٰمًا" ان ۾ ڪا بہ اجائي ۽ گناه واري گفتگو نہ ٻڌندا صرف هڪ ٻئي تي سلام ۽ سلام ٻڌندا (٣) "لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ" نہ داخل ٿيا هوندا ان ۾ ۽ اهي اميد رکندا هوندا. هي جملہحاليه آهي ان جي مطلب ۾ ٻہ قول آهن -١: تہ اهي اعراف وارا جيڪي حساب ڪتاب آسان ڏسي يقين سان بهشت جا اميد وار هوندا اجان ان ۾ مستقل طور رهيا نہ هوندا اعراف سندن عارضي رهائش گاهہ هوندو -٢: تہ اهي ڪي ٻيا بهشت جا حقدار هوندا جيڪي اجان ميدان مان بهشت ۾ پهتا نہ هوندا (٤) "وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ" ۽ جڏهن انهن جون اکيون جهنمين ڏانهن ڦيرايون وينديون، روايت ۾ آهي تہ الله تعالىٰ جو ملائڪ سندن منهن جهنم وارن ڏانهن ڦيرا ئيندو تہ انهن جي حالت ڏسن (٥) قَالُوْا

(١) تفسير غريب القرآن ص ١٦٨ (٢) ضياء القرآن ص ٣٣ جلد٣

(٣) المراغي ص ١٥٩ (٤) المنار ص ٤٣٤ جلد٨ نعيمي ص ٥٤٥ جلد٨

(٥) تنوير الاذهان ص ٨٣٥ جلد ١

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظَّالِمِيْنَ" عرض كندا ؛ اي اسان جا پالڻهار! اسان كي ظالم قوم سان شامل نہ كر، اهو عرض پنهنجن اڳين گناهن كي ياد كندي، الله تعاليٰ جي خوف ۾ اچي كندا ۽ ان جي پاڪ ذات كان پناهہ گهرندا.

وَنَادٰى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ قَالُوْا

۽ سڏيندا اعراف جا رهاڪو انهن مڙسن كي جو سڃاڻندا انهن كي نشانيءَ انهن جي سان چوندا تہ

مَآ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ اَهٰٓؤُلَآءِ

نہ فائدو ڏنائين اوهان كي ٽولي اوهان جي ۽ نہ انهن (شين جن جي كري) تكبر كندا هئو ڇا هي

الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ

اهي (ناهن) جو قسم ٿي كنيو تہ نہ پهچائيندو انهن كي الله رحمت- داخل ٿيو بهشت ۾ نہ آهي كو خوف

عَلَيْكُمْ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾

اوهان تي ۽ نہ اوهان غمگين ٿيندؤ.

تفسير

اڳين آيتن ۾ اعراف وارن جو بهشت وارن سان كيل گفتگو جو ذكر هو ۽ هنن ۾ سندن طرفان دوزخ وارن سان كيل گفتگو جو ذكر ٿي رهيو آهي ارشاد عالي آهي "وَنَادٰى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ" ۽ اعراف وارا انهن مڙسن كي سڏي چوندا جن كي سندن نشانيءَ سان سڃاڻندا-مقصد تہ انهن كي وڌيڪ شرمسار كرڻ جي لاءِ كين سندن انهن مخصوص نشانين سان جن جي ذريعي دنيا ۾ سڃاتا ويندا هئا سڃاڻي سڏي چوندا تہ: "مَآ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ" اوهان كي اوهان جي ٽولي ۽ جن شين تي غرور كندا هئو كوبہ فائدو تہ كونہ ڏنو.مطلب تہ باطل معبود بت ۽ دنيوي سازو سامان اوهان جي كم ۾ ئي نہ آيا. "اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ" ڇا هي اهي آهن جن جي لاءِ اوهان قسم كنيو تہ انهن كي

الله تعاليٰ پنهنجي رحمت نصيب نہ ڪندو؟ يعني اي دوزخي سردارؤ! ڏسو جنت ۾ هي اهيئي مسڪين فقير ۽ غريب ويٺا آهن جن جي باري ۾ دنيا ۾ اوهان قسم کڻي چوندا هيئو تہ: انهن کي الله تعاليٰ ڪابہ رحمت ۽ نعمت عطا نہ ڪندو. " اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَاخَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَا أَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ" بهشت ۾ داخل ٿيو اوهان تي نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ اوهان غمگين ٿيندؤ. علامہ خازن عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ آيت جي هن حصي ۾ الله تعاليٰ جي ان فرمان جو بيان آهي جيڪو پاڻ اعراف تي رهندڙن سان فرمائيندو تہ بهشت ۾ داخل ٿيونہ اوهان تي ڪو خوف آهي ۽ نہ اوهان غمگين ٿيندؤ ، ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جڏهن اعراف وارا جهنم وارن کي مٿيون ڳالهيون چوندا تہ اهي جواب ۾ کين چوندا تہ: ڏسو ڀيا ماڻهو بهشت ۾ پهچي ويا ۽ اوهان اڃان اعراف ۾ آهيو اوهان ڪهڙا بهشتي بنجي ويا آهيو؟ جو اسان کي ٽوڪيو ٿا ۽ جهنمي قسم کڻي چوندا تہ: اوهان اعراف وارن کي رحمت نصيب نہ ٿيندي؟ پئي طرف اعراف وارن کي چوندا تہ: بهشت ۾ داخل ٿيو اوهان تي نہ خوف آهي نہ اوهان غمگين ٿيندؤ. (١)

اعراف وارن جو علم

آيت جي لفظ " يَعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمَاهُمْ " مان ثابت ٿيو تہ: اعراف وارا جنتين ۽ دوزخين کي چڱيءَ طرح سڃاڻندا هوندا تہ هي فلاڻو مومن آهي ۽ هي ڪافر يا منافق ۽ هن آيت ۾ "يَعْلَمُوْنَ" نہ پر "يَعْرِفُوْنَ" جو لفظ آيو. معلوم ٿيو تہ اعراف وارا جنتين ۽ دوزخين جي اعمال، اقوال ۽ ساري احوال کان باخبر هوندا. ڏسو قرآن پاڪ ٻڌايو آهي تہ: اعراف وارا ڪافرن کي چوندا تہ اوهان تہ هنن مسڪينن غريبن لاءِ هيئن چوندا هيئو ، بي خبر هجن ها تہ ائين ڪڏهن بہ نہ چون ها.

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ

۽ سڏيندا دوزخ وارا بهشت وارن کي تہ پلٽايو اسان تي

الْمَآءِ اَوْمِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۚ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۵۰﴾

پاڻي يا ان مان جو رزق ڏنو اوهان کي الله چوندا تہ بيشڪ الله حرام ڪيو انهن ٻنهي کي ڪافرن تي

(١) تفسير خازن ص ٩٢ جلد ٢

الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ

جن بنايو دين پنهنجي کي کل ۽ راند ۽ ڌوکو ڏنو انهن کي حياتيءَ دنيا واريءَ

فَالْيَوْمَ نَنْسٰهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوْا

پوءِ اڄ ڇڏي ڏينداسون انهن کي جيئن وساريائون ملڻ هن پنهنجي ڏينهن جي کي ۽ (سبيان) ان جي جو

بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿٥١﴾

آيتن اسان جن جو انڪار ڪندا هئا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بهشت وارن کي ملندڙ نعمتن ۽ دوزخ وارن کي ملندڙن عذابن جو ذڪر هو ۽ هتي دوزخين جي طرفان بهشتين کان ڪين مليل نعمتن پاڻي وغيره مان ڪجهه مٿن هارڻ ۽ اڇلائڻ جي درخواست ڪرڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. ارشادمبارڪ آهي "وَنَادٰى اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ" ۽ دوزخ وارا بهشت وارن کي سڏي چونداسيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ جڏهن اعراف وارا (ان عارضي رهڻ جي جاءِ تان ڪيي) بهشت ۾ رهايا ويندا تہ دوزخي الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪندا تہ يا الله! اسان کي بهشت ۾ وڃڻ وارن مٿن مائٽن کي ڪجهہ عرض ڪرڻ جي اجازت عنايت ڪر. الله تعاليٰ کين عرض ڪرڻ جي اجازت ڏيندو ۽ بهشتين کي بہ فرمائيندو تہ اوهان جا دوزخي مائٽ ۽ مٽ اوهان کي ڪجهہ عرض ڪرڻ گهرن ٿا پوءِ بهشت وارا انهن ڏانهن متوجهہ ٿيندا ۽ اهي هيٺ اچڻ وارو عرض ڪندا (١).

دوزخ وارن جي جنتين کي درخواست

"اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ اَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ" پاڻي يا جو ڪجهہ اوهان کي الله تعاليٰ رزق ڏنو آهي ان مان اسان تي بہ ڪجهہ پلٽايو" قَالُوْا اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى

(١) تفسير خازن ص ٩٢ جلد ٢ التفسير الڪبير ص ٩٢ جزءِ ١٤

اَلْكَافِرِيْنَ" چوندا تہ بيشڪ الله تعاليٰ اهي ٻئي شيون ڪافرن تي حرام ڪري ڇڏيون آهن. مطلب تہ ڪافرن ڪي سندن قريب، مٽ ۽ مائٽ جواب ڏيندي چوندا تہ اسين اوهان ڪي پاڻي ۽ ٻيو جو ڪجهہ بہ الله تعاليٰ اسان ڪي ڏنو آهي نہ ٿا ڏئي سگهون ڇوتہ الله تعاليٰ اهي شيون ڪافرن تي حرام ڪري ڇڏيون آهن ، ڄاڻڻ گهرجي تہ "حَرَّمَ" تحريم ڪان ورتل آهي معنيٰ حرام ڪري ڇڏڻ ۽ اها تحريم ٻہ قسم آهي -١: تشريعي ، شرعي لحاظ سان سو بهشت وارن جي چوڻ مان اها تشريعي تحريم مراد ناهي، ڇوتہ بهشت ۾ پهچڻ ڪان پوءِ مٿن شرعي احڪام جاري نہ رهندا -٢: تڪويني معنيٰ خواهش ڪيل ڳالهہ جو ٿي نہ سگهڻ جيئن حضرت موسيٰ عليه السلام جي لاءِ حڪم آيو " وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ ۽ اسان ان تي (ماء ڪان سواءِ) ٻيون ڪير پيارينڊڙ دائيون حرام ڪري ڇڏيون جو انهن جي ڪير جو پيئڻ حضرت موسيٰ عليه السلام جن لاءِ ممڪن ئي نہ هيو. (١) ."اَلَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا" جن پنهنجي دين ڪي کل ۽ راند بنايو ۽ انهن ڪي دنيوي حياتيءَ ڌوڪي ۾ وڌو ، مطلب تہ انهن کل، مسخري راڳ، روپ، ۽ تاڙين وڄائڻ ڪي پنهنجو دين سمجهيو بيت الله جي حفاظت، حرم شريف ڪي آباد ڪرڻ، حجاج جي خدمت جيتوڻيڪ نيڪيون ۽ عبادت آهن پر اهي سڀ ڪم اهي ڪافر راند طور ادا ڪندا هئا ۽ دنيوي حياتيءَ ۾ عيش ۽ آرام، مال ۽ ملڪيت جي ڪثرت، نفساني خواهشات ۾ مشغوليءَ تي ايترا مغرور ۽ ڌوڪي ۾ پئجي ويا جو مرڻ تائين ايماني نعمت ڪان محروم رهيا.

صديق اڪبر جو سهڻو جواب

علامه صابوني هن آيت جي تفسيرلکندي هيءَ روايت ذڪر ڪئي آهي تہ: ابوجهل چٽرن ڪرڻ جي لاءِ هڪ چرچي باز شخص ڪي حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن موڪليو ان خدمت ۾ حاضر ٿي چرچا ڪندي چيو تہ: مون ڪي پنهنجي جنت جا انگور تہ ڪجهہ ڪاراءِ يا ميون مان ڪجهہ مزو وٺراءِ، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ موجود حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ان ڪي فرمايو تہ "اِنَّ اللهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكَافِرِيْنَ" يقينًا الله تعاليٰ اهي ٻئي نعمتون ڪافرن تي حرام ڪري ڇڏيون آهن. "فَالْيَوْمَ نَنْسَاهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَاءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا" پوءِ اڄ انهن ڪي ائين ڇڏي ڏينداسون جيئن پاڻ پنهنجي هن ڏينهن جي ملڻ ڪي وساري ڇڏيو هيائون.

الله تعاليٰ ويسر ڪان پاڪ آهي:

ڄاڻڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ آيل لفظ "نَنْسَاهُمْ نَسِيًا ڪان ورتل آهي جنهنجي

(١) نعيمي ص٥٥٩ جلد ٨ ، مدارڪ ص ٥٥ جزءُ ٢ جلد١ (٢) تنوير الاذهان ص ٥٤١ جلد ١

لفظي معنىٰ آهي وسارڻ پر جڏهن تہ الله تعالىٰ وسارڻ کان پاڪ آهي ان جي پاڪ ذات جي مٿان ويسر جي ڪيفيت طاري نہ ٿيندي. ان جي ڪري هتي " وساريندا سون" مان مراد آهي ڇڏي ڏيندا سون نہ انهن جي مدد ڪندا سون نہ انهن تي ڪرم نوازي ٿيندي ۽ نہ انهن کي دوزخ مان ڪڍندا سون (١) "وَمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ" ۽ ان جي ڪري جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا، هي عبارت "كَمَا نَسُوْا" ۾ آيل لفظ "مَا" تي عطف ڪيل آهي (٢) ۽ "اٰيٰتِنَا" ۾ آيات جي لفظ مان مراد الله تعالىٰ جي طرفان نازل ڪيل ڪتاب ۽ ان جي قدرت جا دليل ۽ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام خصوصًا حضور سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم جا معجزا آهن. مطلب تہ اسين انهن ڪافرن کي جهنم ۾ ان جي ڪري بہ ڇڏي ڏيندا سون جو اهي اسان جي آيتن ۽ نشانين جو ڄاڻي واڻي، ديده دانسته انڪار ڪندا هئا.

دنيا ۾ تڪبر ۽ غرور آخرت جي ذلت ۽ خواري آهي

هن آيت تي غور ڪرڻ سان صاف ثابت ٿيو تہ دنيا ۾ تڪبر، هٺ ۽ وڏائي ڪرڻ آخرت ۾ ذلت ۽ رسوائيءَ جو سبب بڻجندو. ڏسو دنيا ۾ غرور ڪندڙ ڪافر جيڪي غريب مسلمانن سان ڳالهائڻ بہ ذلت ۽ پنهنجي گهٽتائي سمجهندا هئا دوزخ ۾ پهچي ڪيئن انهن مسڪينن کان پاڻي ۽ کاڌو پنندا.

وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً

۽ البت تحقيق آندوسون انهن وٽ ڪتاب جو کولي بيان ڪيوسون ان کي مطابق علم جي هدايت ۽ رحمت

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾

واسطي ان قوم جي جو ايمان آڻين ٿا.

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ اعراف وارن ۽ جنتين ۽ دوزخين جي حالات کي واقع ٿيڻ کان اڳي بيان ڪرڻ واري قرآن پاڪ جي ڪمال جو ذڪر هو ۽ هتي قرآن پاڪ جي تفصيل سان بيان، هدايت ۽ رحمت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ

(١) نعيمي ص ٥٦٠ جلد ٨ (٢) تفسير جمل ص ١٤٨ جلد ٢

بِكِتَابٍ فَصَّلْنَـهُ عَلَىٰ عِلْمٍ" ۽ البت تحقيق اسان انهن وٽ اهڙو ڪتاب آندو آهي جنهن کي اسان علم جي مطابق کولي کولي بيان به ڪيو آهي.

الله تعالىٰ پيارن ٻانهن جي ڪم جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪندو آهي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هن آيت ۾ آيل لفظ "جِئْنَا" (اسان آندو آهي) ۾ ڪتاب جي آڻڻ جي نسبت الله تعالىٰ پاڻ ڏانهن ڪئي آهي حالانڪ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن وٽ ڪتاب (قرآن پاڪ) جبرئيل ۽ امتين وٽ ڪتاب (قرآن پاڪ) حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪٺي آيا. اهو ان جي ڪري آهي جو رب العزت جل شانه پنهنجن مقبول ٻانهن جي انهن ڪمن جي نسبت جيڪي سندس امر سان ڪندا آهن پاڻ ڏانهن ڪندو آهي. "فَصَّلْنَاهُ" تفصيل سان بيان ڪيوسون جو مقصد آهي ته اسان ان ۾ هر قسم جا مضمون حلال، حرام، محڪم، متشابهه، قصا، مثال ۽ نصيحتون کولي کولي بيان ڪيون آهن ڪي بلاواسطي ته ڪي حضور عليه الصلواة والسلام جي واسطي ۽ ذريعي سان نماز روزي، حج، زڪواة جو حڪم ته قرآن پاڪ ۾ آيو پر انهن ڪي تفصيل سان کولي حضور عليه الصلواة والسلام جن سمجهايو" عَلَىٰ عِلْمٍ" علم جي مطابق، هيءَ عبارت يا ته "فَصَّلْنَاهُ" ۾ آيل "نَا" فاعل جي ضمير کان حال آهي يعني اسان ڪامل علم هوندي جيڪو ساري ڪائنات کي محيط آهي هن ڪتاب کي مفصل نازل فرمايو آهي ۽ ان مان ئي اندازو لڳايو ته اهو ڪيڏي شان وارو آهي ۽ منجهس بيان ٿيل تفصيل به ڪيڏي اعلىٰ قسم جو هوندو ۽ "عِلْمٍ" ۾ تنوين تعظيم جي آهي. ان صورت ۾ ڪتاب جون چار صفتون بيان ٿيون -١: مفصل هجڻ -٢: وڏي علم واري وٽان هجڻ باقي ٻه صفتون هي آهن "هُدًى وَّرَحْمَةً" هدايت ۽ رحمت ، هيءَ ڪتاب جي ٽين صفت آهي ته اهو هدايت آهي يعني ڪافرن جي لاءِ ايمان جي هدايت، مومنن جي لاءِ نيڪ اعمال ۽ تقوىٰ جي هدايت، ڪاملن ۽ ولين جي لاءِ عرفان جي هدايت ۽ انشاءَ الله تعالىٰ قيامت ۾ سڀني مسلمانن جي لاءِ رب جي ديدار جي هدايت اهوئي حال ان جي رحمت هجڻ جو آهي قرآن پاڪ سڀني مسلمانن جي لاءِ عام ۽ پڪن مومنن جي لاءِ خاص ۽ عارفن جي لاءِ خاص الخاص رحمت آهي. ان جي ڪري اڳيان آيو "لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" ايمان آڻڻ واري قوم جي لاءِ، مطلب ته جيڪو ايمان جي جنهن مرتبي تي فائز هوندو قرآن پاڪ ۾ ان جي لاءِ اوتري هدايت ۽ رحمت هوندي.

فائدا -١: قرآن ڪريم هدايت ۽ رحمت آهي پر ان مان صحيح فائدو صرف ايمان وارا وٺندا جيئن برسات وسندي ته عام آهي پر ان مان صحيح فائدو سٺي زمين وٺندي.

آهي. -٢ : جڏهن قرآن ڪريم جو ناهي خوبيون ۽ ڪمالات آهن ته ان قرآن پاڪ کي آڏيندڙ پڙهائيندڙ، سمجهائيندڙ ۽ بيان ڪندڙ جي خوبين ۽ ڪمالات جو ڇا مقام هوندو؟ اهوئي وجه آهي جو الله تعالىٰ قرآن پاڪ کي صرف مومنن جي لاءِ رحمت سڏيو ۽ حضور ﷺ جن کي "رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ" (١) سڀني جهانن لاءِ رحمت سڏيو آهي. -٣: قرآن پاڪ دنيا ۾ سڀني لاءِ آيو ڪافرن تي حجت پوري ڪرڻ جي لاءِ، مومنن ۽ متقين کي هدايت عطا ڪرڻ جي لاءِ جيئن برسات پوندي ته روءِ زمين تي آهي پر باغن ۾ گل پيدا ڪرڻ جي لاءِ ، پوڪن ۾ داڻا ڄمائڻ جي لاءِ، سمنڊ ۾ رهندڙ سپن ۾ موتي وجود ۾ آڻڻ جي لاءِ.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ

نه ٿا انتظار ڪن مگر نتيجي ان جي جو ان ڏينهن جو ايندو نتيجو ان جو ته چوندا اهي جو وساريائون

مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ

ان کي اڳ ۾ ته تحقيق آيا رسول رب اسان جي جا حق سان پوءِ ڇا اسان جي لاءِ سفارش ڪندڙ آهن؟

فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ قَدْ خَسِرُوْٓا

پوءِ سفارش ڪن اسان جي لاءِ يا موٽايا وڃون پوءِ عمل ڪيون سواءِ ان جي جو عمل ڪياسون ٿي تحقيق نقصان ۾ وڌائون

اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٥٣﴾

سرن پنهنجن کي ۽ گم ٿيو انهن کان جيڪو ٺاهيو هيائون.

تفسير

اڳئين آيت ۾ فرمان هو ته قرآن پاڪ مومنن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪافر ان هدايت ۽ رحمت کان محروم هجڻ جي ڪري الاهي عذاب ۽ عتاب جو انتظار ڪري رهيا آهن ارشاد رباني آهي " هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ" ان جي انجام اچڻ کان سواءِ ڪوبه انتظار نه ٿا ڪن. هن جملي ۾ آيل لفظ "هَلْ" نفي جي

(١) سورة الانبياءِ آيت ١٠٧

معنيٰ ۾ آهي مطلب تہ کافر ان وعدي پوري ٿيڻ جو انتظار ڪن ٿا جيڪو الله تعاليٰ ساڻن ڪيو آهي تہ مرڻ کان پوءِ اٿاري محشر جي ميدان ۾ آندا ويندا، حساب ڪتاب ٿيندو ۽ هر ڪنهن کي سندس ڪيلن عملن جي سزا ڏني ويندي (١) "يَوْمَ يَأْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ" جنهن ڏينهن ان جو انجام ايندو تہ جن ان کي اڳي وساريو هو اهي چوندا تہ اسان جي رب جي رسولن (عليهم الصلواة والسلام) حق آندو هو. اڳين ۽ هنن جملن ۾ آيل لفظ تاويل جي معنيٰ آهي عاقبت (٢) (انجام ۽ پڇاڙي) مطلب تہ جڏهن ڪافر جهنم ۾ پهچندا ۽ شفاعت جي ذريعي مومنن کي جهنم مان نڪرندي ڏسندا تڏهن ائين چوندا تہ دنيا ۾ اسان وٽ رب پاڪ جا رسول عليهم الصلواة والسلام حق ۽ سچ کڻي آيا هئا. پر افسوس جو اسان انهن کي نہ مڃيو "فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ" ڇا پوءِ اسان جي لاءِ ڪي سفارش ڪندڙ آهن؟ جيڪي اسان جي لاءِ سفارش ڪن يا دنيا ۾ موٽايا وڃون پوءِ جيڪي (برا) عمل ڪندا هئاسون انهن کان سواءِ ٻيا (سٺا) عمل ڪيون. مقصد تہ ڪفر، شرڪ ۽ برا اعمال ڇڏي نيڪ عمل ڪيون "قَدْ خَسِرُوْا اَنْفُسَهُمْ" تحقيق نقصان ۾ وڌائون سرن پنهنجن کي، مقصد تہ عمر جهڙي قيمتي شيءِ کي ڪفر ۽ برن عملن ۾ ضايع ڪري پنهنجن سرن کي نقصان ۽ خساري ۾ وڌائون "وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" ۽ جيڪي هٿرادو بتوغيره ٺاهي (معاذ الله ثم معاذ الله) خدا بنايا هيائون اهي ڪانئن گم ٿي ويندا اينداٿي ڪونہ.

ختم نبوت جو دليل

هن آيت ۾ آيو تہ ڪافر قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن جنهن مان ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کان پوءِ ڪنهن بہ قسم جو نبي نہ ايندو ڇو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کان پوءِ ڪو بہ نبي اچڻو هجي ها تہ پاڻ ان جي اچڻ جو ذڪر ضرور ڪن ها ۽ ڪافر قيامت جو نہ پر ان جي اچڻ جو انتظار ڪن ها. **فائدو**- هن آيت مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن ڪفار بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي حقانيت جو اقرار ڪندا پر ان وقت ڪين اهو اقرار فائدو نہ ڏيندو ۽ اهو بہ ظاهر ٿيو تہ ڪافرن جا سفارشي نہ هوندا پر مومنن جا سفارشي هوندا جن کي ڏسي ڪافر چوندا تہ: ڇا اسان جا بہ ڪي سفارشي آهن جيڪي اسان لاءِ سفارش ڪن.

(١) تفسير جمل ص ١٤٨ جلد ٢ (٢) تفسير غريب القرآن ص ١٦٨

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ

بيشڪ رب اوهان جو الله آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُغْشِى الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا

تنهن کان پوءِ توجه فرمايائين عرش تي- ڍڪي ٿو رات سان ڏينهن کي طلب ڪري ٿو ڏينهن ان کي تڪڙو

وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ

۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا مطيع ڪيل آهن امر ان جي سان خبردار خاص ان جي لاءِ آهي پيدا ڪرڻ

وَالْاَمْرُ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۵۴﴾

۽ امر ڪرڻ برڪت وارو آهي الله رب جهانن جو-

تفسير

اڳين آيتن ۾ دنياجي انتها، قيامت ۽ قيامت کان پوءِ وارن حالات جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ ان جي ابتدا جو ذڪر آهي تانته انسان انهن ڳالهين ۾ غور ڪري ايمان آڻي. فرمان مبارڪ آهي "اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ" يقينًا اوهان جو رب اهو (الله) آهي جنهن سيئي آسمان ۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايا هن آيت ۾ الله تعالىٰ جي توحيد جا نهايت واضح ۽ روشن دلائل بيان ڪيا ويا آهن.

سوال: هن آيت ۾ بيان ٿيو ته الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايو آهي حالانڪ ڏينهن ته ان وقت وجود ۾ ئي ڪونه هيا ڇوته ڏينهن سج ايرڻ کان وٺي سج لهڻ تائين ٿيندڙ وقت جو نالو آهي. آسمانن ۽ زمين پيدا ڪرڻ وقت اڃا سج ئي پيدا نه ٿيو هو ته ڏينهن ڪٿان آيا ۽ ڇهن ڏينهن ۾ آسمان ۽ زمينون ڪيئن پيدا ٿيا؟

جواب: والله الملهم للحق والصواب . علامه حسين بن محمد المعروف بالراغب الاصفهاني لکيو آهي ته: يوم جو لفظ سج ايرڻ کان وٺي سج لهڻ تائين هوندڙ وقت تي

ڳالهايو ويندو آهي پر ڪڏهن ان مان مطلق وقت ۽ زمانو بہ مراد ورتو ويندو آهي (١) ۽ هتي "سِتَّةِ اَيَّامٍ" ۾ آيل ڏينهن مان بہ مطلق وقت مراد آهي ، مطلب تہ جيترو ڇهن ڏينهن جو وقت آهي ايتري وقت ۾ الله تعالىٰ آسمان ۽ زمينون پيدا فرمايا.

سوال: اهي ڇهہ ڏينهن دنيا جي ڏينهن جيترا هئا يا آخرت جي ڏينهن جيترا؟ جو هر هڪ ڏينهن هزار سالن جو هوندو؟

جواب: ان ۾ اختلاف آهي ڪن جو چوڻ آهي تہ دنيا جي ڏينهن جيترا ڪن جو چوڻ آهي تہ آخرت جي ڏينهن جيترا (٢).

سوال: الله تعالىٰ تہ ساري ڪائنات کي هڪ لحظي ۾ ٺاهڻ تي قادر آهي پوءِ ان انهن جي ٺاهڻ ۾ ايترو وقت ڇو لڳايو؟

جواب: ان ۾ ڪوبہ شڪ ۽ شبه نہ آهي تہ الله تعالىٰ هڪ هڪ لحظي ۾ ساري ڪائنات کي پيدا ڪرڻ تي قادر آهي پر ان مدت ۾ ٺاهڻ ۾ ٻانهن کي امور ۾ تدبير ۽ آهستي آهستي ٺاهي ٺاهي شيون تيار ڪرڻ جي تلقين هئي (٣) حضرت سعيد بن جبير جو قول آهي تہ ان ۾ مخلوق کي تعليم ڏيڻي هئي تہ: هر ڪم ۾ تدبير، تثبت ۽ آهستگي ڪان ڪم وٺن جلد بازي نہ ڪن(٤) "ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" ان ڪان پوءِ عرش ڏانهن توجه فرمايائين.

استوىٰ علىٰ العرش مان مراد ڇا آهي

ان مان مراد ۾ اختلاف آهي پر اهل سنت جو عقيدو اهو آهي تہ اها الله تعالىٰ جي صفت آهي ان تي ايمان آڻڻ واجب آهي ان جي ڪيفيت جو علم الله تعالىٰ کي آهي ۽ عرش الله تعالىٰ جي وڏين مخلوقات مان هڪ وڏو جسم آهي الله تعالىٰ وٽ مڪرم آهي ڇوتہ مخصوص تجليات جو مرڪز آهي ۽ ان جي ڪري تشريفًا ۽ تڪريمًا الله تعالىٰ ڏانهن نسبت ڪري عرش الرحمان سڏيو ويندو آهي. جيئن ڪعبه شريف کي بيت الله چيو ويندو آهي (٥)۽ ڪن جو قول آهي تہ "اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" مان مراد آهي احڪام جاري ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق تصرف ڪرڻ، پوءِ مقصد هي ٿيندو تہ: الله تعالىٰ عرش عظيم کي پنهنجي حڪومت جو مرڪز بنايو آهي جتان سيئي تڪويني ۽ تشريعي احڪام جاري ٿيندا آهن.

(١)مفردات ص ٥٧٦
(٢) فتح القدير ص ٢١١
(٣) بحر العلوم ص ٥۴۴ جلد١
(۴) مظهري ص ۴٠٦ جلد٣
(٥) ساڳيو حوالو.

عرش جي لغوي معنىٰ

عرش جي لغوي معنىٰ آهي. شاهي تخت جيئن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي لاءِ آيو: "وَرَفَعَ اَبَوَيۡهِ عَلَى الۡعَرۡشِ" (١) ۽ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي تخت تي مٿي ڪري وهاريائين ۽ بلقيس سائڻ جي تخت لاءِ آيو "وَلَهَا عَرۡشٌ عَظِيۡمٌ" (٢) ۽ ان جو وڏو تخت آهي ان ئي تخت کي گهرائڻ جي لاءِ حضرت سليمان عليه السلام پنهنجي ساٿين کي فرمايو "اَيُّكُمۡ يَاۡتِيۡنِيۡ بِعَرۡشِهَا" (٣) اوهان مان ڪير مون کي ان جو تخت آڻي ڏيندو ۽ هر ڇاپي ۽ ڇانو ڪندڙ شيءِ کي به عرش سڏيو ويندو آهي(۴) "يُغۡشِي الَّيۡلَ النَّهَارَ" ڍڪي ٿو رات سان ڏينهن کي هي نئون جملو آهي جنهن ۾ الله تعالىٰ مخلوقات جي مٿان پنهنجي دائمي قبضي ۽ تصرف جو سندن مشاهدي سان ثبوت ڏنو آهي "يَطۡلُبُهٗ حَثِيۡثًا" ان کي تکڙو طلب ڪري ٿو‌دهن جا به ٻه مطلب آهن هڪ جنهن فضا کي ڏينهن روشن ڪيو هو ان کي رات آڻي اُن سان ڍڪي ٿو ڇڏي پيو رات ۽ ڏينهن ٻنهي مان هر هڪ ٻئي کي تکڙو طلب ڪري ٿو هڪ ويو ته ٻيو آيو وچ ۾ ڪابه حد فاصل ناهي "وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ وَالنُّجُوۡمَ" ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا، هي ٽيئي الفاظ مٿي ذڪر ڪيل "السَّمٰوٰتِ" تي عطف آهن. مطلب ته سج چنڊ ۽ تارن کي به الله تعالىٰ پيدا فرمايو آهي "مُسَخَّرٰتٍۢ بِاَمۡرِهٖ" "وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ وَالنُّجُوۡمَ" کان حال آهي يعني سج چنڊ ۽ تاراان جي امر سان مطيع ڪيل ۽ فرمان بردار آهن هر وقت هلندا رهن ٿا نه هڪ منٽ آرام ٿا ڪن نه ٽٽن ۽ ڀڄن ٿا جو مرمت ڪرڻ جي ضرورت پوي.

ڪن جو قول آهي ته هتي "بِاَمۡرِهٖ" ۾ امر ارادي جي معنىٰ ۾ آهي (۴) چاڻڻ گهرجي ته ٽگج فيض پهچائيندڙ ۽ چنڊ ۽ تارا فيض وٺندڙ آهن سج روشني ڏيندڙ ۽ چنڊ ۽ تارا روشن ٿيندڙ آهن ان جي ڪري سج جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي، "اَلَا لَهُ الۡخَلۡقُ وَالۡاَمۡرُ" خبردار: ان جي لاءِ ئي خاص پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڏيڻ آهي، خلق مان مراد پيدا ڪرڻ ۽ امر سان مراد اُن جي لاءِ تدبير ڪرڻ ۽ تڪويني ۽ تشريعي احڪام جاري ڪرڻ آهن مقصد ته ڪائنات جو خالق به اهو آهي ته مالڪ به اهو آهي، صوفياءِ ڪرام وٽ "الۡخَلۡقُ" مان مراد عالم جسمانيات آهي يعني عرش، ڪرسي، زمين، آسمان ۽ جو ڪجهه انهن ۾ آهي ۽ "الۡاَمۡرُ" مان مراد عالم مجردات يعني قلب، روح، خفي ۽ اخفىٰ وغيرهم آهن جيڪي عرش کان به مٿي انساني، ملڪي ۽ شيطاني وجودن ۾ ايترو تيز اثر ڪن ٿا جيترو سج آئيني ۾ اثر ڪندو آهي ۽ ان کي "الۡاَمۡرُ" امر جو جهان ان جي ڪري

(١) سورة يوسف آيت ١٠٠ (٢) سورة النمل آيت ٢٣

(٣) سورة النمل آيت ٣٨ (۴) نعيمي ص ٥٨٠ جلد ٨

سڏيو ويو آهي جو الله تعاليٰ ان کي ماده کانسواءِ "کُنۡ" جي امر سان وجود ڏنو آهي (١) "تَبَارَکَ اللّٰهُ رَبُّ الْعَالَمِيْنَ" نهايت ئي برڪت وارو آهي الله جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي الله تعاليٰ برڪت، وارو آهي جو مطلب ته سندس ناليَ پاڪ ۾ برڪت آهي ۽ جنهن شيءِ تي سندس نالو ورتو وڃي اها به برڪت واري آهي. الوهيت، ربوبيت، عزت ۽ عظمت ۾ اڪيلو ۽ هر عيب ۽ نقص کان پاڪ ۽ منزه آهي (٢) فائدو آيت ۾ آيل مضمون (ته الله تعاليٰ آسمان ۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيا) مان ثابت ٿيو ته انسان جلد بازي کان پرهيز ڪري. تدبر ۽ تحمل اختيار ڪري ڇوته ائين ڪرڻ سنت الاهيه آهي.

مسئلو: پنن ڪمن ۾ جلدي ڪرڻ ثواب آهي -١: گناهن کان توبه ڪرڻ ۾ -٢: قرض جي ادا ڪرڻ ۾ -٣: مهمان نوازي ڪرڻ ۾ -٤: بالغه نياڻيءَ کي پرڻائڻ ۾ -٥: ميت کي دفن ڪرڻ ۾ -٦: تڙ کان پوءِ وهنجڻ ۾ (٣).

اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾ وَلَا

سڏيو رب پنهنجي کي زاريءَ سان ۽ لِڪَ ۾ بيشڪ اهو نه ٿو محبت رکي تجاوز ڪندڙن سان ۽ نه

تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۭ اِنَّ

فساد ڪيو زمين ۾ پڄاڻان اصلاح ان جي ۽ دعا گهرو ان کان ڊپ ۽ اميد جي حالت ۾ بيشڪ

رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ

رحمت الله جي ويجهي آهي نيڪو ڪارن کي ۽ اهو (الله) اهو آهي جو موڪلي ٿو هوائن کي

بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۭ حَتّٰٓي اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ

خوشخبري ڏيندڙ ڪري اڳيان رحمت پنهنجي تانجو جڏهن کڻن ٿيون (هوائون) ڪڪر ڳري کي ته هلايون ٿا ان کي

لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَاۗءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۭ

طرف شهر غيرآباد جي پوءِ لاٿوسون ان سان پاڻيءَ کي پوءِ ڪڍيوسون ان سان هر قسم جي ميون مان

كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾

ائين ئي ڪڍنداسون مئلن کي تانت اوهان نصيحت وٺو.

(١) سورة يٰس آيت ٨٢ (٤) (٢) روح المعاني ص ١٣٨ جزء ٨
(٣) نعيمي ص ٥٨٢ جلد ٨

تفسير

اڳين آيتن ۾ ايماني ۽ اعتقادي ڳالهين جي تعليم ڏني وئي ۽ هنن ۾ عباداتي ۽ عملي ڳالهيون سيکاريون ويون آهن. فرمان ايزدي آهي " اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً " پنهنجي رب کان زاريءَ سان ۽ لڪ ۾ دعا گهرو "اُدْعُوْا" دعاءکان ورتل آهي ۽ دعاءعبادت جو هڪ قسم آهي ۽ ان امر ۾ انسان ۽ جن سڀ شامل آهن باقي ملائڪ سڳورا پنهنجي لاءِ نہ پر مومنن جي لاءِ دعائون گهرندا آهن جيئن قرآن پاڪ جي ٻين آيتن مان ظاهر ۽ ثابت آهي.

دعا گهرڻ جا آداب

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: الله تعالىٰ دعا گهرڻ جو امر ڪري ان سان گڏ دعا جي مقبوليت جا ٻہ آداب بہ بيان فرمايا آهن هڪ تہ زاريءَ سان دعا گهرو ، تڪبر، هٺ ۽ وڏائيءَ کان پاڻ کي صفا خالي ڪري بي توجهي، سستي ۽ غفلت کان صفا آزاد ٿي عجز ۽ انڪساريءَ سان هٿ کڻو،-٢: تہ دعا ۾ هرو ڀرو رڙيون ۽ وڏو آواز نہ ڪيو ڇو تہ اهو رباني بارگاه جي آداب جي خلاف ۽ ان ۾ رياءَ ۽ ڏيکاءُ جو بہ امڪان آهي. انسان آهستي ۽ خاموشيءَ سان پنهنجي دل جا لڪل راز پرور پاڪ جي اڳيان پيش ڪري تہ ڀلو آهي. صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت ابو موسىٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: ماڻهن دعا ۾ آواز بلند ڪيو تہ رسول الله ﷺ جن ڪين فرمايو" اي انسانو ! پنهنجي سرن تي نرمي ڪيو اوهان ڪنهن ٻوڙي يا غائب کي ڪونہ ٿا سڏيو جنهن کي سڏيو ٿا يقينًا اهو ٻڌندڙ ۽ ويجهو آهي" (١) "اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ" يقينًا اهو حد کان لنگهندڙن سان محبت نہ ٿو رکي. مقصد تہ اهڙين شين لاءِ دعا گهرڻ جيڪي شرعًا منع آهن حد کان لنگهڻ آهي. جيئن نبوت جي مرتبي کي پهچڻ لاءِ دعا يا ڪنهن بہ حرام شيءِ جي حصول لاءِ دعا يا مسلمانن جي حق ۾ بددعامطلب تہ دعا جي آداب کي نظر انداز ڪرڻ وغيره (٢) " وَلَا تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا " ۽ زمين ۾ ان جي اصلاح کان پوءِ فساد نہ ڪيو - هن عبارت ۾ هر قسم جي فساد ڪرڻ کان منع ڪئي وئي آهي ، چشمن کي بند ڪرڻ نهرن کي ڪنڌ هڻڻ، پوڪن کي تباهہ ڪرڻ، ڪار خانا ڦٽائڻ، تجارت ۽ صنعت ۾ ڏوڪو ڏيڻ هرو ڀرو وقت جي حڪومت جي خلاف سازشون ڪرڻ ۽

(١) تفسير ابن ڪثير ص٢٢١ جلد٢ (٢) ضياءُ القرآن ص٣٩ جلد٢

اهڙي ڪابہ تخريبڪاري ڪرڻ جنهن سان ملڪي اقتصادي خوش حالي ۽ سياسي استحڪام متاثر ٿئي سڀ ان ۾ داخل آهي. ان ئي نموني سان حقي ۽ صحيح عقائد جي مخالفت ڪرڻ،پنهنجن ذاتي مفادن ۽ غرضن جي لاءِ شرعي حڪمن ۾ تحريف ڪرڻ،غير اسلامي عادات ۽ اطوار کي پنهنجو بنائڻ، اسلامي تهذيب ۽ تمدن کي ڇڏي ڏيڻ اهي سڀ ان ۾ داخل ۽ فساد في الارض آهن. " وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا " ۽ ان کي خوف ۽ ان جي رحمت جي اميد جي حالت ۾ سڏيو، ابن جريح جو قول آهي تہ " خَوْفًا وَّ طَمَعًا " جو مطلب آهي تہ عدل جو خوف ۽ فضل جي طمع رکي ۽ اصل خوف هي آهي جو انسان جي دل نقصان کان امن ۾ نہ هجي ۽ ڊڄي ۽ تڙپي (١) اِنَّ رَحْمَةَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ" بيشڪ الله جي رحمت نيڪو ڪارن کي ويجهي آهي. مقصد تہ الله تعاليٰ جي رحمت انهن کي ويجهي آهي جيڪي ذاڪر، شاڪر زبان طاهر ۽ قلب حاضر سان دعا گهرندا آهن ۽ ان عبارت سان ٻانهن جي اميد کي ترجيح ۽ رحمت جي پاسي متوجہ ڪيو ويو آهي ۽ تنبيه بہ ڪئي وئي آهي تہ انسان جي دعا جي مقبوليت جو وسيلو محسن هجڻ آهي (٢)

دعا جي متعلق نبوي حديثون

حديث١ : گناه جي لاءِ دعا نہ گهرجي- مسلم ۽ ترمذي حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله جن فرمايو: لَايَزَالُ يُسْتَجَابُ لِلْعَبْدِ مَالَمْ يَدْعُ بِاِثْمٍ اَوْ قَطِيْعَةِ رَحِمٍ وَمَالَمْ يَسْتَعْجِلْ قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ! وَمَا الْاِسْتِعْجَالُ؟ قَالَ يَقُوْلُ قَدْ دَعَوْتُ فَلَمْ اَرَانْ تُسْتَجَابَ لِي فَيَتَحَسَّرُ عِنْدَ ذَالِکَ وَيَدَعُ عِنْدَ ذَالِکَ(٣) يعني ٻانهي جي دعا هميشه ٿئي قبول ٿيندي جيسائين گناه يا مائٽيءَ ڇنڻ جي دعا نہ گهرندو ۽ تڪڙ نہ ڪندو، عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله! تڪڙ ڪرڻ ڇا آهي؟ فرمايائون تہ چوندو وتندو تہ مان ڪونہ ٿو ڏسان تہ ڪا منهنجي دعا قبول ڪئي ويندي پوءِ ان وقت افسوس ڪندو ۽ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو.

حديث٢ :دعا جي قبول ٿيڻ جو يقين رکڻ گهرجي، امام احمد حضرت عبدالله بن عمر رضي اللّٰه عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:اَلْقُلُوْبُ اَوْعِيَةٌ وَبَعْضُهَا اَوْعٰى مِنْ بَعْضٍ فَاِذَا سَاَلْتُمُ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ اَيُّهَا النَّاسُ فَاسْئَلُوْهُ وَاَنْتُمْ مُوْقِنُوْنَ

(١) روح المعاني ص ١٤٠ (٢) تنوير الاذهان ص ٥٤٤ جلد ١
(٣) مظهري ص ٤١١ جلد ٣ معارف القرآن ص ٥٨٤ جلد ٣

بِالْاِجَابَةِ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَسْتَجِيْبُ لِعَبْدِهٖ دُعَاءُهٗ عَنْ ظَهْرِ قَلْبٍ غَافِلٍ (١) يعني قلب ٽانو آهـن ۽ هڪڙا ٻين کان وڌيڪ آهن اي انسانو! جڏهن الله تعالىٰ کان دعا گهرو تہ ان خيال سان گهرو جو اوهان ان دعا جي مقبوليت جو يقين ڪندڙ هجو يقينًا الله تعالىٰ ان ٻانهي جي دعا قبول نہ ڪندو آهي جيڪو غافل قلب سان مٿاسري دعا گهرندو آهي.

حضرت موسىٰ عليه السلام جو واقعو

منقول آهي تہ هڪ ڀيري حضرت موسىٰ عليه السلام هڪ اهڙي شخص کان لنگهيو جيڪو زاريءَ سان دعا گهري رهيو هو پر قبول ڪونہ ٿـي پئـي، حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ان جي حالت زار کي ڏسي ان تي رحم ڪندي فرمايو تہ: جيڪڏهن هن جي حاجت منهنجي هٿ ۾ هجي ها تہ مان پوري ڪري ڇڏيانس ها. الله تعالىٰ وحي موڪلي فرمايس تہ: موسىٰ! مان ان تي توکان وڌيڪ مهربان آهيان پر ان ٻانهي جو اهو حال آهي جو مون کان دعا گهرڻ وقت بہ سندس دل ٻڪرين جي ڌڻ ۾ آهي ۽ مان ان ٻانهي جي دعا قبول نہ ڪندو آهيان جيڪو دعا لاءِ هٿ تہ کڻندو آهي پر دل ٻئي وٽ هوندي اٿس جڏهن حضرت موسىٰ ان شخص کي اها ڳالهہ ٻڌائي تڏهن ان دل جي حضور سان دعا گهري ۽ سندس حاجت حاصل ٿي وئي (٢) "وَهُوَ الَّذِیْ يُرْسِلُ الرِّيَاحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَیْ رَحْمَتِهٖ" ۽ اهو الله ئي تہ آهي جيڪو پنهنجي رحمت (مينهن) کان اڳ ۾ بشارتون ڏيندڙ هوائون موڪليندو آهي. هن عبارت ۾ الله تعالىٰ پنهنجي اهم نعمتن جو ذڪر ڪيو آهي -١: هڪ هوائن جو موڪلڻ، حضرت ڪعب الاحبار فرمايو آهي تہ جيڪڏهن الله تعالىٰ صرف ٽي ڏينهن هوا کي روڪي ڇڏي تہ ڪائنات جو گهڻو حصو سڙي وڃي (٣) -٢: ٻيو برسات وسائڻ جنهن کي الله تعالىٰ "برحمة" فرمائي پنهنجي رحمت سڏيو آهي. جيتوڻيڪ کوه، تلاءِ، نهرون ۽ پاڻيءَ جا درياءَ بہ الله تعالىٰ جي رحمت آهن پر برسات کي ٻن وجهن جي ڪري خاص رحمت سڏيو اٿس -١: هي تہ پاڻيءَ جي ٻين ذريعن تي انسان جو قبضو هوندو آهي تانجو اهو وڪڻي بہ سگهن ٿا پر برسات تي ڪنهن بہ انسان جو قبضو ناهي ۽ نہ اها وڪامي سگهندي آهي.

٢: تہ ٻيا پاڻي صرف آباد ٿيڻ جهڙي زمين کي ڏنا ويندا آهن پر برسات عام

(١) ساڳيو حوالو (٢) تنوير الاذهان ص ٥٤٤ جلد١
(٣) خازن ص ٩٩ جلد ٢

هوندي آهي مٿي زمين هجي يا ڪلر هر قسم تي وسندي آهي "حَتّىٰٓ اِذَآ اَقَلَّتۡ سَحَابًا ثِقَالًا سُقۡنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ" تانجو جڏهن اهي هوائون ڳرن ڪڪرن کي کڻن ٿيون تہ اسين ان کي غير آباد شهر ڏانهن هلائيندا آهيون. آيت ۾ آيل لفظ "سُقۡنَا" سوق کان ورتل آهي معنىٰ هلائڻ، وني وڃڻ "فَاَنۡزَلۡنَا بِهِ الۡمَآءَ" پوءِ اسين ان سان پاڻي هلائيندا آهيون مقصد تہ انهن ڪڪرن مان مينهن وسائيندا آهيون "فَاَخۡرَجۡنَا بِهٖ مِنۡ كُلِّ الثَّمَرَاتِ" پوءِ ان سان هر قسم جا ميوا ڪڍندا آهيون. پوءِ اهي داڻي دار هجن يا داڻي کان سواءِ "كَذٰلِكَ نُخۡرِجُ الۡمَوۡتٰى" ان ئي نموني اسين مئلن کي ڪڍنداسون ۽ هي مٿئين سموري بيان جو نتيجو آهي. مطلب تہ جيئن اسين هوائون موڪلي ڪڪر ڪٺائي ويران ۽ برباد شهر آباد ڪندا آهيون ۽ زمين تي مينهن وسارائي هر قسم جا ميوا ڪڍندا آهيون ۽ سڀ ڏسي رهيا آهن ڪوبہ ان ڳالهہ جو انڪار ڪري نہ ٿو سگهي تيئن مري ويلن کي بہ ٻاهر ڪڍندا سون ۽ سيئي ڏسندا تہ ڪيئن نڪري رهيا آهن "لَعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُوۡنَ" تانتہ اوهان نصيحت حاصل ڪيو.مقصد تہ اهي سيئي ڳالهيون اوهان کي ان لاءِ ٻڌايون ويون تانتہ انهن کي سوچي ، سمجهي قيامت جا قائل ٿيو ۽ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ذات عالي صفات تي ايمان آڻيو تہ قيامت ۾ مغفرت ۽ بخشش جون بهاريون ڏسو.

قياس برحق آهي

هن آيت ۾ مئلن جي قبرن مان اٿڻ ۽ قيامت جي اچڻ کي مينهن جي ذريعي سڪل زمين مان ڄمندڙن سلن سان تشبيه ڏيڻ مان ثابت ٿيو تہ مجتهدن امامن وارو قياس بہ برحق آهي. هتي ڏنلن شين جي حالات ڏسڻ سان اڻ ڏنل شين کي ثابت ڪيو ويو آهي مجتهد امام بہ نص ڪيل سان نص نہ ڪيل حڪم ثابت ڪندا آهن ۽ قياس جي بہ اهائي تعريف آهي.

وَالۡبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخۡرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذۡنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيۡ خَبُثَ لَا يَخۡرُجُ

۽ (جيڪا) سر زمين پاڪ آهي نڪرن ٿا سلا ان جا حڪم رب ان جي سان ۽ جيڪا (سرزمين) گندي ٿي وئي نہ ٿا نڪرن

اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّشۡكُرُوۡنَ ﴿٥٨﴾ ع

ان مان (سلا) مگر مشڪل سان ائين ئي ڪولي ڪولي بيان ڪيون ٿا آيتن کي واسطي ان قوم جي جيڪي شڪر ڪن ٿا.

٧ع ٥ ١٣

تفسير

اڳئين آيت ۾ فيض ڏيڻ وارن ڪڪرن جو بيان هو جن جي ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي قدرت جو اظهار فرمايو ۽ هن آيت ۾ فيض وٺڻ واريءَ زمين جو بيان آهي جنهن جي ذريعي به الله تعاليٰ جي قدرت جا نظارا محسوس ٿيندا آهن. فرمان مبارڪ آهي "وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ" ۽ پاڪ سرزمين ، ان جا سلا سندس رب جي اذن سان نڪرن ٿا "بلد" جو لفظ عربي ٻوليءَ ۾ ٽن معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي -١: شهر جي لاءِ جيئن قرآني ارشاد آهي "لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ (١) مان هن شهر جو قسم کڻان ٿو -٢: مطلق ڳوٺ ۽ شهر لاءِ جيئن رباني فرمان آهي "لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ (٢) -٣: زمين جي حصي لاءِ ان ۾ آبادي هجي يا نه، هتي اها ٽين معنيٰ مراد آهي (٣) هن عبارت ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته زمين کهڙي به اعليٰ هجي ٻج کهڙو به سٺو هجي ۽ مٿان برسات ڪيتري به مناسب ۽ سٺي پوي پر ان مان سلاءِ پوک رب جي اذن کان سواءِ نه ڄمندا سڀ شيون ان جي فرمان جون تابع آهن "وَالَّذِيْ خَبُثَ لَايَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا" ۽ جيڪا (زمين) خراب ٿي وئي ان مان سلا، نه نڪرندا مگر مشڪل سان، يعني جيڪا زمين بنجر يا ڪلر يا سم ٿي وئي ان مان ڪو سلو مشڪل سان نڪرندو "كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ" ان نموني ان قوم جيلاءِ جيڪي شڪر ڪن ٿا آيتن کي کولي کولي بيان ڪيون ٿا. مقصد ته شڪر گذار ٻانها ان مان فائدو ۽ فيض حاصل ڪن ٿا ۽ بي شڪر ۽ ڪافر بي قدري ڪندي بي فيض رهن ٿا.

صوفيانه نڪتو

حضور ﷺ جن ۽ سندن ارشادات، الاهي رحمت جا بادل آهن ۽ مومنن جون دليون پاڪ زمين آهي جيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جي رحمت مان فائدو وٺن ۽ فائدو ڏين ٿيون ۽ انهن مان اطاعتن ۽ عبادتن جا آثار ۽ انوار نمودار ٿين ٿا ۽ منافقن جون دليون خراب ۽ ويران، ڪلر ۽ بنجر زمين وانگر آهن جيڪي فائدو حاصل ڪرڻ جي بجاءِ گند، ڪن ۽ خرابي وڌائين ٿيون.

دل کي زمين سان تشبيه ڇو ڏني وئي؟

خيال ۾ رکڻ گهرجي ته انساني دل کي ٽن وجهن جي ڪري زمين سان

---

(١) سورة البلد آيت ١ (٢) سورة الفجر آيت ٨

(٣) نعيمي ص ٦٠٢ جلد٨

تشبيه ڏني وئي آهي -١: تہ جيئن گهٽو کري زمين پيدائش ڏيڻ ۾ ٽڪجندي ناهي تيئن انساني دل بہ خيالات کان ٽڪجندي ناهي -٢: تہ جيئن زمين مان کنيل مٽيءَ کي جنهن سان گڏ رکبو ان جهڙو اثر وٺندي خوشبوءِ سان رکو تہ خوشبودار ٿيندي بدبوءِ سان رکو تہ بدبودار ٿيندي. تيئن دل کي جيڪڏهن سٺي صحبت ملندي تہ سٺي ٿيندي ۽ جيڪڏهن بري صحبت ملندي تہ برا خيال پيدا کندي -٣: جيئن زمين هر وقت مينهن ۽ برسات جي محتاج آهي. دريائن ۾ پاڻي بہ مينهن جي واسطي سان اچي ٿو ۽ زمين ڪڏهن بہ پاڻيءَ کان بي نياز ناهي تيئن انسان جي دل بہ نبي مڪرم، محبوب معظم، ﷺ جن جي نوراني نگاهہ جي محتاج آهي ان کان بي پرواهہ ناهي -٤: تہ زمين سان جسماني جهان جي بقاءَ آهي ۽ دل سان روحاني جهان جي . المقصد تہ الله تعالىٰ هر دور جي ضرورت ۽ پنهنجي حڪمت جي موافق انبياءِ عليهم الصلواة والسلام موڪلي انسانن جي روحاني طرح تربيت جو انتظام ڪامل ۽ مڪمل فرمايو پر انهن کان نفعو حاصل ڪرڻ سندن امتن جي استعداد تي موقوف هو ۽ آهي جيئن شيخ سعدي عليہ الرحمۃ فرمايو آهي تہ:

باران کہ در لطافت طبعش خلاف نيست
درباغ لالہ رويد درشور بوم وخس

يعني مينهن جي طبعي لطافت ۾ تہ ڪو بہ اختلاف نہ آهي پر زمين جو جهڙو حال هوندو اهڙو ظاهر ٿيندو باغ ۾ گل ڄمندا ۽ ڪلرواري زمين ۾ ڪنڊا ۽ ڪک پيدا ٿيندا.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

البت تحقيق موڪليوسون نوح کي قوم ان جي ڏانهن پوءِ چيائين اي قوم منهنجي! عبادت ڪيو الله جي نہ آهي اوهان جو

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥٩﴾ قَالَ

ڪو بہ معبود (بالحق) سواءِ ان جي بيشڪ مان خوف ٿو ڪيان اوهان تي عذاب ڏينهن وڏي جو چيو

الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦٠﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ

سردارن قوم ان جي مان تہ بيشڪ اسين البت ڏسون ٿا توکي گمراهيءَ چٽيءَ ۾ چيائين تہ اي قوم منهنجي ناهي

بِيْ ضَلٰلَـةٌ وَّلٰـكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦١﴾

مون ۾ گمراهي ۽ پر مان رسول آهيان طرفان رب جهانن جي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ڪيترين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي توحيد ۽ ان جي لاءِ دليلن جو ذڪر ٿيندو آيو ۽ هتي ان توحيد جي لاءِ دعوت ڏيندڙن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر ٿي رهيو آهي ۽ جڏهن ته حضرت آدم عليه السلام جو قصو هن سورة ۾ اڳ ۾ اچي چڪو آهي تڏهن هتي ان کان پوءِ اچڻ واري الله تعالىٰ جي نبي حضرت نوح عليه السلام جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو پهريون اولوا العزم ۽ مشهور رسول آهي ۽ جيڪو زمين وارن ڏانهن مشرڪن جي مقابلي ۾ موڪليو ويو هو. ارشاد عالي آهي "لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ" البته تحقيق نوح کي ان جي قوم ڏانهن موڪليوسون ڄاڻڻ گهرجي ته خاص شريعت جي لحاظ سان حضرت نوح عليه السلام جي بعثت خاص سندس قوم ڏانهن هئي ان جي ڪري هتي "اِلٰى قَوْمِهٖ" (پنهنجي قوم ڏانهن) آيو آهي ۽ جيڪڏهن نه ته بنيادي اصول جي اعتبار سان سيني نبين عليهم الصلواة والسلام جي تعليم مشترڪ آهي ۽ توحيد ۽ قيامت جي عقيدي ڏانهن سڏڻ جي لحاظ سان سڀ نبي سڳورا هڪ زبان آهن ۽ ان عقيدي جي تڪذيب ڪرڻ دراصل سيني نبين سڳورن جي تڪذيب آهي ڏهن نسلن تائين حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي اولاد ۾ بت پرستي ۽ شرڪ نه هو سيئي الله تعالىٰ جي توحيد جا پڪا معتقد ۽ مومن هيا ان کان پوءِ انهن ۾ شرڪ ۽ بت پرستي پيدا ٿي ۽ جڏهن شرڪ ۽ بت پرستي ۾ منهمڪ ٿيا ويا ته الله تعالىٰ سندن رهنمائي ۽ رهبري ۽ ڪين توحيد ۽ تقوىٰ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي موڪليو.

حضرت نوح ۽ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام جي واقعن کي بيان ڪرڻ ۾ حڪمتون

دنيا جي ابتداءَ ۽ انتهاءَ جا ظاهر دليلن ۽ باهر برهانن سان مسائل بيان ڪرڻ کان پوءِ نبين ڀلارن جي قصن ۽ واقعن بيان ڪرڻ ۾ هي حڪمتون آهن -١:

تہ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ٻڌايو وڃي تہ سرڪشي ڪرڻ ۾ پيغمبرن سڳورن کان منهن موڙڻ صرف سندن قوم جي عادت يا خاصو ناهي پر هميشه کان ماڻهو پنهنجي دور جي نبين عليهم الصلواة والسلام سان ائين ڪندا آيا آهن ان جي ڪري پاڻ مايوس نہ ٿين -٢: تہ انبياءِ عظام عليهم السلام جي منڪرن جو انجام ۾ پڇاڙي ڏنڪار ۾ عذاب ڪان سواءِ ڪجهہ نہ آهي سو حضور ﷺ جن جي منڪرن جي پڇاڙي بہ اهائي ٿيندي. -٣: محبوب ڪريم ﷺ جن جي طرفان ان جي باوجود جو پاڻ نہ ڪنهن ماڻهوءَ وٽ پڙهيا نہ ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيا نبين سڳورن جي واقعات کي صحيح تفصيل سان اهڙو بيان ڪرڻ جو دنيا جا وڏا مؤرخ حيران آهن سندن عظيم الشان معجزو ۽ سندن نبي هجڻ جو مستحڪم ۽ مضبوط دليل آهي. (١) حق پسند ۽ منصف ماڻهو انبياءِ عظام عليهم السلام جي حالات مان هدايت حاصل ڪندا آهن.

حضرت نوح عليه السلام جو احوال

نالو مبارڪ:- سائين جو نالو مبارڪ عبدالغفار هو پر پنهنجي امت جي غم ۾ گهڻي روئڻ جي ڪري ڪيس نوح (گهڻو روئندڙ) سڏيندا هئا.

والد جو نالو ۽ نسب جو سلسلو:- سندس والد جو نالو ملڪ يا لامڪ هو ۽ نسب جوسلسلو هن طرح آهي. عبدالغفار بن ملڪ بن متوشلخ بن اخنوخ (حضرت ادريس عليه السلام) (٢) اڳتي نسب جي سلسلي ۾ ايندڙ نالن ۾ اختلاف آهي ان جي ڪري صرف ايترو لکيو اٿم.

بعثت وقت عمر مبارڪ:- ان جي باري ۾ تمام گهڻا قول آهن پر محدث حاڪم المستدرڪ ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سائين جي عمر مبارڪ ان وقت چاليهہ سال هئي (٣).

بعثت جو دور: سندس نبوت جي اظهار واري دور کي مقرر ڪرڻ نهايت مشڪل آهي پر بعضي اندازن جي مطابق **٣٨٠٠ ق-م- کان ٢٨٠٠ ق-م- تائين سمجهہ** ۾ اچي ٿو (٤)

تنبيه

موجوده توراة ۾ يهودين الله تعالىٰ جي ان اولو العزم نبي عليه الصلواة والسلام جي شان ۾ توهين آميز واقعا لکيا آهن ۽ اڄ ڪلهہ جي دور ۾ تورات ۾

(١) تفسير حقاني ص ١٣٤ جلد ٤ (٢) ڪمالين اردو شرح جلالين ص ٣٠٠ ج ٢
(٣) مظهري ص ٤١٥ ج (٤) حاشيه دريابادي ص ٣٣٨

انجيل جا ترجما بہ هلي رهيا آهن مسلمانن کي ان کان هوشيار ۽ خبردار رهڻ گهرجي.
سيدنا نوح عليه الصلواة والسلام جو ملڪ- پاڻ آرمينيا ملڪ ۾ مبعوث ٿيا هئا ۽ سندن قوم بہ اتي آباد هئي (١)

پوري عمر:- پاڻ عمر ۾ سڀني نبين کان وڏا هئا ۽ سندن عمر ساڍا چوڏهن سؤ سال هئي (٢)

حضرت آدم ۽ حضرت نوح جي وچ وارو زمانو:- هنن ٻنهي پيغمبرن جي وچ ۾ ڏهہ قرن گذريا هئا ۽ قرن جي معنىٰ سؤ سال (٣).

حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي ٻيڙي:- جڏهن الله تعالىٰ حضرت نوح عليه السلام کي ٻيڙيءَ ٺاهڻ جو حڪم فرمايو تہ سائين ان جي ڪاٺ لاءِ وڻ پوکيو جيڪو سؤ سال تائين وڏو ٿيو پوءِ ان کي وڍي چيريائين ۽ اهو وڻ ساڳ جو هو ۽ ڪن جي بقول صنو بر جو هو ٻيڙيءَ جي ماپ ۾ اختلاف آهي ڪي چون ٿا تہ ٻہ هزار هٿ ڊگهي ۽ هڪ سؤ هٿ ويڪري هئي ڪن ان کان گهٽ ماپ لکي آهي ٽي طبقا ٺهيل هئي وچ مان دروازو هوس، هيٺين طبقي ۾ چوپايا جانور ۽ وچين ۾ ماڻهو ۽ مٿئين تي پکي ويٺا هئا. مٿان ڍڪ ٺهيل هوس جنهن جي ڪري سيئي چانو ۾ هيا (۴)

ٻيڙيءَ ۾ اول ڪير ۽ آخر ڪير داخل ٿيا:- سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ ٻيڙيءَ ۾ اول درة (   ) پکي داخل ٿيو ۽ آخر ۾ گڏهہ داخل ٿيو ۽ شيطان ان جي پڇ ۾ چنبڙي ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿيو هو.

ٻيڙيءَ ۾ ڪير ۽ ڪيترا سوار هئا:- ان ۾ اختلاف آهي حضرت ڪعب الاحبار جو قول آهي تہ ستر ڄڻا ۽ حضرت ابن عباس جو قول آهي تہ اسي ڄڻا سوار هئا انهن ۾ عورتون بہ شامل آهن. حضرت نوح عليه السلام جا گهر جا ڀاتي بہ هڪ پٽ ڪنعان کان سواءِ ان ۾ سوار ٿيا هئا. سندس گهر واري طوفان اچڻ کان اڳ ۾ ڪفر جي حالت ۾ مري وئي هئي (٥).

حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جو الله تعالىٰ ڏانهن توجه: پاڻ شڪر گذار ٻانهو هو الله تعالىٰ قرآن پاڪ ۾ ڪيس هن نموني ذڪر ڪيو آهي "اِنَّهٗ كَانَ عَبۡدًا شَكُوۡرًا (٦) بيشڪ اهو شڪر گذار ٻانهو هو جيڪو کائڻ، پيئڻ ۽ لباس ڍڪڻ کان پوءِ تہ الله

(١) حقاني ص ١٣۴ ج ۴ (٢) مظهري ص ۴١٥ ج٣
(٣) مصباح اللغات ص ٦٧٥ (۴) قصص الانبياءُ لابن ڪثير ص ١٢٥-١٢٦ جزءُ١
(٥) ساڳيو حوالو ص ١٢٨ (٦) سورة الاسراءِ آيت ٣

تعالىٰ جو شڪر ڪندو هو پر هر حال ۾ شڪر گذار رهندو هو ۽ ظاهر آهي تہ شڪر گذارپانهو اهو آهي جيڪو قلبي، قولي، عملي سڀ اطاعتون ڪري.

روزي وارو ٻانهو:- ابن ماجه حضرت عبدالله بن عمرو ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو :"صَامَ نُوحٌ الدَّهْرَ اِلَّا يَوْمَ عِيْدِ الْفِطْرِ وَيَوْمَ الْاُضْحٰى" (١) يعني (حضرت) نوح (عليه السلام) عيد الفطر ۽ عيد الاضحىٰ جي ڏينهن کان سواءِ باقي ساري حياتيءَ جو زمانو روزي ۾ رهيو.حج ڪندڙ ٻانهو. محدث ابو يعلىٰ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان هڪ ڊگهي روايت ۾ آندو آهي تہ: حضرت نوح حضرت هود، حضرت ابراهيم عليهم الصلواة والسلام حج ڪرڻ جي لاءِ ايندي عسفان جي واديءَ کان لنگهيا هئا. طوفان کان پوءِ ڪيترو وقت زنده رهيو؟ ان ۾ بہ اختلاف آهي حضرت ابن عباس کان هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت نوح طوفان کان پوءِ ساڍا ٽي سؤ سال (ظاهري طرح) زنده رهيو،پوءِ دنيا تان رحلت ڪيائين.

سندس مدفن مبارڪ- ابن جرير ۽ ازرقي عبدالرحمان بن سابط ۽ ٻين تابعين کان روايت آندي آهي تہ: سيدنا نوح عليه السلام جي قبر مبارڪ مسجد حرام (بيت الله واري مسجد) ۾ آهي ۽ علامه ابن ڪثير ان قول کي قوي ۽ وڌيڪ ثابت ٿيندڙسڏيو آهي (١) "فَقَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ" پوءِ فرمايائين تہ: اي منهنجي قوم وارا! الله جي عبادت ڪيو اوهان لاءِ ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو حقدار نہ آهي. حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جن سڀ کان اول پنهنجيءَ قوم کي شرڪ جي ڪڌن مان نڪري توحيد جي بلندين ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏني ۽ کين ٻڌايائين تہ نوري، ناري، خاڪي، بادي ۽ ٻيون بہ سڀ شيون ان جي مخلوق آهن ۽ ان جي ئي حڪم جي اڳيان جهڪيل آهن ان کان سواءِ نہ ڪو خدا آهي نہ عبادت جو لائق ۽ مستحق "اِنِّيْ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ" مان اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب اچڻ جو خوف ٿو ڪيان.پاڻ ڀرپور سليم عقل وارن کي توحيد جي دعوت ڏنائون. ۽ هن عبارت ۾ انهن کي ڪجھ ڌمڪي ڏيڻ جو ذڪر آهي مطلب تہ: جيڪڏهن اوهان شرڪ کان باز نہ آيئو تہ اها ڪا معمولي ڳالھ نہ آهي جوان جي اوهان کان پڇا نہ ٿيندي پر قيامت جي وڏي ڏينهن ۾ اوهان کي سخت عذاب ڪيو ويندو.

"قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" سندس قوم مان سردارن ڪيس چيو تہ يقينًا اسين توکي کليل گمراهيءَ ۾ ڏسون ٿا ملأ جو لفظ اصل ۾ پرڻ کي چئبو آهي پر جڏهن تہ سردار ۽ رئيس بہ لباس، ظاهري دٻدٻي، شان ۽ شوڪت سان ماڻهن جي اکين کي

(١) قصص لانبياءِ الابن ڪثير ص ١٤٤ کان ١٤٧

پريندا آهن تڏهن انهن جي لاءِ "مَلَأ" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي (١) الغرض تہ جڏهن حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم کي الله تعالىٰ جي توحيد جي دعوت ڏني تڏهن سندس قوم جا سردار ۽ وڏيرا ان جي بجاءِ جو ان تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ سنجيدگيءَ سان سوچي ايمان آڻي قبول ڪن سخت ناراض ٿيا ۽غصي ۾ اچي چوڻ لڳا تہ: اسين ڏسون پيا تہ تون ڪليل ۽ چٽيءَ گمراهيءَ ۾ اچي ويو آهين تڏهن تو اهي ڳالهيون ڪري. " قَالَ يَاقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلَالَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعَالَمِيْنَ" فرمايائين تہ : اي منهنجي قوم وارا! مون ۾ گمراهي ناهي پر مان رب العالمين جي طرفان رسول آهيان سردارن ۽ وڏيرن جون مٿيون قول ٻڌي بہ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي امت لاءِ خير خواهيءَ واري جذبي ۾ ڪو فرق نہ آيو پر پاڻ وڏي فراخ دليءَ سان انهن جي غلط فهميءَ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ کين ٻڌايائين تہ: مون ۾ نہ ڪاگمراهي آهي ۽ نہ اوهان اها سوچيو مان تہ رب العالمين جو پيغام پهچائيندڙ آهيان جيڪو منهنجو،اوهان جو ۽ ساري خلق جو رب آهي ۽ سڀني جي تربيت ان ڪئي آهي ۽ ان ئي تربيت جو وڏو حصو هي آهي جو پنهنجن ٻانهن ڏانهن کين صالح عمل، سهڻا اخلاق ۽ صحيح عقيدا سيکارڻ لاءِ رسول موڪليائين (٢).

أُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَأَنْصَحُ لَكُمْ وَأَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا

پهچايان ٿو اوهان کي پيغام رب پنهنجي جا ۽ خيرخواهي ڪيان ٿو اوهان جي ۽ ڄاڻان ٿو الله جي طرفان اهو جو نہ ٿا

تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾ أَوَعَجِبْتُمْ أَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ

ڄاڻو ڇا عجب ۾ پيئو اوهان هن ڳالهہ کان جو آئي اوهان وٽ نصيحت طرفان رب اوهان جي مٿان هڪ مڙس جي

مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾

اوهان مان تانتہ ڊيڄاري اوهان کي ۽ تانتہ پرهيزگار بڻجو ۽ تانتہ اوهان رحمت ڪيا وڃو.

---

(١) تفسير و بيان ڪلمات القرآن ص ١٥٨
(٢) بيضاوي ڪامل ص ٢٠٩ (٣) تيسير الڪريم الرحمان ص ١٢٨ جلد ٢

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت نوح عليه السلام جي سر ۽ ذات سان واسطو رکندڙ فضائل ۽ ڪمالات جو ذڪر هو ۽ هتي سندس فيوضات ۽ برڪات جو ذڪر ٿي رهيو آهي يعني انهن آيتن ۾ ان جي رسول هجڻ جو ۽ هنن ۾ رسالتن پهچائڻ جو بيان ٿي رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي "اُبَلِّغُكُمْ رِسَالَاتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ" مان اوهان کي پنهنجي رب جا گهڻا پيغام پهچايان ٿو ۽ ۽ اوهان جي خير خواهي ڪيان ٿو، هن عبارت ۾ سيدنا حضرت نوح عليه السلام جي طرفان سندس قوم جي انهن فردن کي جواب ڏنو ويو آهي جيڪي کيس گمراه چئي رهيا هئا. ۽ جڏهن ته الله تعالىٰ جو نبي صرف هڪ قسم جو پيغام نه پهچائيندو آهي پر ڪفر، شرڪ کان بچڻ ۽ ٻين عقائد، عبادات ۽ معاملات وغيره جي لاءِ به رب پاڪ جا احڪام پهچائيندو آهي ان جي ڪري "رسالات" جمع آندو ويو آهي يعني گهڻا پيغام ـ صوفياءِ عظام فرمائن ٿا ته الله تعالىٰ جا نبي عليهم الصلواة والسلام شريعت جا پيغام ڪنن تائين طريقت جا ذهنن تائين حقيقت جا دلين تائين ۽ معرفت جا روحن تائين پهچائيندا آهن ۽ جڏهن ته اهي پيغام به الله تعالىٰ جي ربوبيت جا مظهر آهن ۽ ان جي تقاضا آهي ته ٻانها روحاني غذا حاصل ڪن ان جي ڪري هتي "رِسَالَاتِ" کان پوءِ ربڪم جو لفظ آيو آهي. "وَاَنْصَحُ لَكُمْ" ۽ اوهان جي خير خواهي ڪيان ٿو يعني ان ديني دعوت ۾ مونکي ڪا به دنيوي لالچ ۽ طمع نه آهي صرف اوهان جي لاءِ خير خواهي ڪيان ٿو ۽ اوهان کي ان جي رغبت ڏياري انهن حڪمن جي قبول ڪرڻ تي آماده ۽ تيار ڪيان ٿو. "وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَالَا تَعْلَمُوْنَ" ۽ مان الله جي طرفان اهو ڪجهه ڄاڻان ٿو جيڪو اوهان نه ٿا ڄاڻو، مطلب ته منهنجو اهو علم محض عقلي استدلال ناهي جنهن ۾ غلطي جو به شبهو هجي پر الله تعالىٰ جي طرفان وحي آهي جنهن ۾ غلطيءَ جو احتمال به ناهي "اوهان نه ٿا ڄاڻو"، مان مراد آهي الله تعالىٰ جي ذات، صفات، شرعي احڪام، قيامت جي حالات، جنت ۽ دوزخ جا ثواب ۽ سختيون ۽ مٿن اچڻ واري طوفان جا ڪڙڪا وغيره جن جي انهن کي ڪا ڄاڻ نه آهي "اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَاۗءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰي رَجُلٍ مِّنْكُمْ" ڇا اوهان هن ڳالهه جو عجب ڪيو ته اوهان مان هڪ مرد تي اوهان جي رب جي طرفان نصيحت وارو پيغام ڪيئن آيو. هن عبارت ۾ حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي ان شبهي جو ازالو ڪيو ويو آهي ته الله تعالىٰ اسان مان هڪ مڙس کي ان نعمت سان ڪيئن

نوازيو؟ "مِنْ رَّبِّكُمْ" فرمائي ٻڌايو ويو تہ الله تعالىٰ جي ربوبيت جي تقاضا اها آهي تہ اوهان جي روحاني پرورش لاءِ شرعي احڪام پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام جي واسطي ۽ ذريعي سان موڪلي. "لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ" تانتہ اوهانکي ڊيڄاري ۽ تانتہ اوهان پرهيزگار بڻجو ۽ تانتہ اوهان رحمت ڪيا وڃو يعني اوهان مان هڪ مڙس کي نبي بنائي موڪلڻ جو غرض اوهان جا فائدا آهن -١: تہ اوهان کي برن ڪمن ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ الله تعالىٰ کان ڊيڄاري -٢: تہ ان جي ذريعي تقوىٰ ۽ پرهيزگاري حاصل ڪيو -٣: تہ ان نبي جي ذريعي اوهان رحمت ڪيا وڃو اوهان جا گناهہ بخشيا وڃن، عالم برزخ ۽ عالم محشر ۾ ان کان پوءِ عذاب کان بچاءَ حاصل ڪيو عام مومنن کي صحيح عقائد ۽ نيڪ اعمال ۽ خاص مومنن کي ولايت، غوثيت ۽ قطبيت جا مقام حاصل ٿين.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ

پوءِ ڪوڙو ڄاتائون ان کي پوءِ ڇڏايوسون ان کي ۽ انهن کي جو گڏ هيا ان سان ٻيڙيءَ ۾ ۽ ٻوڙيوسون انهن کي جو

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ؀ (٦٤) ٨ ع ١٥

ڪوڙو ڄاتائون آيتن اسان جن کي بيشڪ اهي هئا قوم انڌا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي نرم تبليغ جي جواب ۾ قوم جي سرڪشيءَ جو ذڪر هو ۽ هتي ان سرڪشيءَ جي انجام جو تذڪرو ٿي رهيو آهي فرمان ايزدي آهي "فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ" پوءِ ان (حضرت نوح عليه الصلواة والسلام) کي ڪوڙو ڄاتائون (معاذ الله) پوءِ اسان ان کي ۽ جيڪي ان سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ هيا ڇڏايوسون، مطلب تہ الله تعالىٰ جي نبي نوح عليه السلام جي طرفان افهام، تفهيم، وعظ ۽ نصيحت جو هي سلسلو هڪ ٻن ڏينهن ۾ ختم نہ ٿيو پراهو پاڻ ساڍانو سو سال تائين پنهنجي قوم جي مخالفت برداشت ڪندي ڪين هدايت ڪندو رهيو ڇوتہ الله تعالىٰ جا نبي ايترو وسيع ظرف، بلند حوصلو ۽ شفيق دل رکن ٿا

جو پنهنجين قومن جي طرفان كوڙي چوڻ، بهتان هڻڻ ۽ نہ مڃڻ جي باوجود نصيحت
كرڻ كان دست بردار نہ ٿيندا آهن سيدنا نوح عليه السلام جي قوم بہ جڏهن ايڏي
وڏي عرصي تائين دعوت حق ٻڌندي ايمان نہ آندو ۽ هدايت قبول كرڻ لاءِ تيار نہ ٿيا
تڏهن مٿن الاهي عذاب طوفان جي صورت ۾ آيو سندن فرمانبردارن ۽ ساٿن گڏ ٻيڙيءَ ۾
سوار ٿيندڙن كان سواءِ ٻيا سڀ غرق ٿي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا " وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ " ۽ انهن كي ٻوڙي ڇڏيوسون جن اسان جي آيتن كي
كوڙو چيو بيشك اهي (دل جا) انڌا هيا. هنن لفظن مان صراحت سان معلوم ٿي
رهيو آهي تہ اهو طوفان صرف نہ مڃڻ وارن، كوڙو چوندڙن تي عذاب طور آيو هو. عراق
جي سرزمين تي ارارات نالي جبل جي وادين ۾ آثار قديمه جي ماهرن كي اڄ بہ ان
طوفان جا آثار ۽ نشان ملن ٿا (١) مٿينءَ عبارت ۾ آيل لفظ "عَمِيْنَ" عم جو جمع آهي
دل جي انڌي كي عم ۽ اكين جي انڌي كي اعمىٰ سڏيو ويندو آهي. هتي مراد آهي تہ
حضرت نوح كي نہ مڃڻ وارا ماڻهو دل جا انڌا هئا (٢).

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۗ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ (موكليوسون) عاد (جي قوم) ڏانهن ڀاءُ انهن جي هود كي فرمايائين تہ اي قوم منهنجي! عبادت كيو الله جي ناهي

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۗ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا

اوهان لاءِ كو بہ معبود سواءِ ان جي ڇا پوءِ نہ ٿا ڊڄو، چيو سردارن، جن كفر كيو هو قوم ان جي مان تہ بيشك اسين

لَنَرٰىكَ فِيْ سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

البت ڏسون ٿا توكي بيوقوفيءَ ۾ ۽ بيشك اسين البت گمان كيون ٿا توكي كوڙن مان فرمايائين تہ اي قوم منهنجي!

لَيْسَ بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٧﴾

ناهي مون ۾ بي وقوفي ۽ پر مان رسول آهيان طرفان پالڻهار جهانن جي-

تفسير

اڳين آيتن ۾ ان پهرين كافر قوم جو ذكر هو جنهن تي دنيا ۾ پهريان

(١) ضياءُ القرآن ص ٤٥ ج ٢ (٢) نعيمي ص ٦٢٩ جلد ٨

پهريان عذاب آيو هو يعني حضرت نوح عليه السلام جي قوم ۽ هنن آيتن ۾ ٻيءُ
كافر قوم جو بيان ٿي رهيو آهي جن تي ٻئي نمبر ۾ عذاب آيو هو يعني حضرت هود
عليه السلام جي قوم-فرمان رباني آهي "وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا" ۽ عاد ڏانهن انهن جي
ڀاءُ هود (عليه السلام) کي (نبي بنائي) موڪليون سون.

عاد جي قوم جو تعارف

هي عرب جي نهايت طاقت ور قديم قوم هئي جن جي قوت ، شوڪت،
حڪومت ۽ فرمانروائيءَ جا عجيب قسم جا ۽ وڏاوڏا افسانا عوام جي زبان تي هلندا
هئا، انهن جو اهو نالو سندن عاد نالي ڏاڏي جي ڪري رکيو ويو هو جن جي نسب جو
سلسلو حضرت نوح عليه السلام تائين هن طرح ملي ٿو. عاد بن عوص بن ارم بن
شالح بن ارفخشد بن سام بن نوح عليه الصلواة والسلام (١) هيءَ قوم يمن ۽ عمان
جي وچ واري احقاف نالي علائقي ۾ آباد هئي جيڪو يمن جو حصو هو. حضرت نوح
عليه الصلواة والسلام جي قوم ۽ هنن جي هلاڪ ٿيڻ جي وچ وارو مدو ستطمومخفي هو (٢)

حضرت هود عليه السلام جو احوال

نالو مبارڪ : هود عليه السلام.

نسب جو سلسلو: هود بن عبدالله بن رياح بن خلود بن عاد بن عوص بن ارم
بن سام بن نوح عليه السلام ۽ ڪن ٻئي طريقي سان لکيو آهي (٣) والله اعلم. سندس
قوم جو تخت گاهه حضر موت شهر هو. هي علائقوان وقت نهايت سرسبز ۽ شاداب هو.
هيءَ قوم قوت ۽ وجاهت ۾ تہ لاجواب هئي پر بدقسمتيءَ سان شرڪ ۾ مبتلا هئي ۽
انهن پنهنجن ڪمن جي لاءِ جدا جدا معبود ناهي ڇڏيا هئا ڪيس انهن جي هدايت لاءِ الله
تعالىٰ نبي ڪري موڪليو هو (٤)

پيدائش جو وقت: حضرت هود عليه السلام حضرت نوح عليه السلام کان
سؤ ورهيہ پوءِ پيدا ٿيو هو(٥).

سندس قوم جا معبود- علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ حضرت هود عليه
الصلواة والسلام جي قوم جا ٽي بت هيا -١: صدا-٢: صمودا- ٣: هرا.

عمر مبارڪ حضرت هود عليه الصلواة والسلام جي عمر مبارڪ چار سؤ
چوهٺ سال هئي(٦) ان کان پوءِ دنيا تان رحلت ڪيائين.

(١) ضياءُ القرآن ص ٣٥ جلد ٢ (٢) نعيمي ص ٦٢٩ جلد ٨
(٣) صاوي ص ٧٦ جزء ٢ (٤)ضياءُ القرآن ص ٣٥ جلد٢
(٥) صاوي ص ٧٦- ج٢ (٦) ساڳيو حوالو

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ

پهچايان ٿو اوهان کي پيغام رب پنهنجي جا ۽ مان اوهان لاءِ خير خواهه، امانتدار آهيان ڇا عجب پر ٿا پيئو اوهان هن ڳالهه کان

جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَاذْكُرُوْٓا

جو آئي اوهان وٽ نصيحت طرفان رب اوهان جي مٿي هڪ مڙس جي اوهان مان تانته ڊيڄاري اوهان کي ۽ ياد ڪيو

اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّزَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ

جڏهن بنايائين اوهان کي جاءِ نشين پڄاڻان قوم نوح جي ۽ وڌايائين

بَصْۜطَةً فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا

اوهان کي جسم ۾ سگهه (۽ ڦيلاءُ) پوءِ ياد ڪيو نعمتون الله جون من اوهان ڪامياب ٿيو، چيائون ڇا آئين تون اسان

لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ

وٽ تان ته عبادت ڪيون الله هڪ جي ۽ ڇڏيون انهن کي جو عبادت ڪندا هئا، پيئر اسان جا پوءِ آڻ اسان وٽ جنهن جو وعدو ڏنو تو اسان

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ

کي جيڪڏهن آهين سچن مان فرمايائين ته تحقيق واقع ٿيو اوهان تي طرفان رب اوهان جي عذاب

وَّغَضَبٌ ۭ اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ

۽ غضب ڇا جهيڙو ٿا ڪيو مون سان (انهن) نالن جي (باري ۾) جو رکيا انهن تي اوهان ۽ پيئرن اوهان جي

مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۭ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ

نه لاٿو الله انهن جي لاءِ ڪو دليل پوءِ انتظار ڪيو بيشڪ مان به اوهان سان گڏ

الْمُنْتَظِرِيْنَ ⑦ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا دَابِرَ

انتظار ڪندڙن مان آهيان پوءِ ڇڏايوسون ان کي ۽ انهن کي جو گڏ هئا ان سان سڀبان رحمت جي پاڻ وٽان ۽ ڪٽيوسون پاڙ

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ⑦٢

انهن جي کي جو ڪوڙو ڄيائون آيتن اسان جن کي ۽ نہ هئا مومن.

تفسير

هن ڪان اول حضرت هود عليه الصلواة والسلام جي رسالت جو ذڪر هو ۽ هتي ان جي رسالت جي فرائض ۽ منصب جو بيان ٿي رهيو آهي ارشاد عالي آهي " اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ" مان اوهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايان ٿو ۽ مان اوهان جو خير خواهہ امانتدار آهيان. مطلب تہ: منهنجي ڪابہ ڳالهہ بيوقوفي واري ناهي مان اوهان جو خير خواهہ، امانتدار آهيان مون کي جيڪو رسالت جو منصب الله تعالىٰ جي طرفان مليو آهي ان جو حق ادا ڪري رهيو آهيان "اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ" ڇا اوهان ان ڳالهہ کي عجب سمجهيو آهي؟ جو اوهان لاءِ اوهان جي رب جي طرفان هڪ مڙس تي نصيحت لٿي آهي تانتہ اوهان کي (الاهي عذاب کان) ڊيجاري- يعني ڪيئن ٿا عجب ۾ پئو؟ عجب جهڙي ڳالهہ تہ آهيئي ڪانہ الله تعالىٰ اوهان مان هڪ بااخلاق، آزمايل، ۽ ڏٺل وائٺل شخصيت کي اوهان جون ڀلايون ۽ مصلحتون ڏئي موڪليو آهي تہ ان جي اطاعت ڪيو يا عجب ۾ پئو؟ "وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ" ۽ (اها نعمت بہ) ياد ڪيو جو (حضرت) نوح عليه السلام جي قوم ڪان پوءِ اوهان کي انهن جو جاءِ نشين ڪيائين. پوءِ جيئن انهن نصيحت قبول نہ ڪئي جيڪڏهن اوهان بہ نصيحت قبول نہ ڪندؤ تہ جيئن اهي هلاڪ ٿي ويا. اوهان بہ هلاڪ ٿي ويندؤ (١) "وَزَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً" ۽ اوهان کي جسماني خلقت ۾ بہ سگهہ ۽ ڪشادگي وڌايائين جو اوهان جا جسم قوي ۽ قد ڊگها بنايائين (٢).

(١) تيسير الڪريم الرحمان ص ١٣٠ جل٢ (٢) ايسر التفاسير ص ٣٩ جلد ٢

سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت هود عليه الصلواة والسلام جي قبر مبارڪ يمن جي علائقي ۾ آهي ۽ ڪي چون ٿا ته سندن قبر مبارڪ دمشق ۾ آهي (١)

"قَالَ يَاقَوْمِ اعْبُدُوالله" چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪيو عبادت ۾ ايمان قبول ڪرڻ ۽ ٻيون قولي، فعلي هر قسم جون عبادتون داخل آهن "مَالَكُمْ مِنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ" ان کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ سچو معبود ناهي حضرت هود عليه السلام جو هي فرمان مبارڪ مٿئين جملي "اعْبُدُوا اللهَ" جو دليل آهي يعني جڏهن الله تعالىٰ کان سواءِ ڪوبہ سچو معبود ناهي ته ان کان سواءِ ڪنهن جي عبادت بہ نہ ڪيو- ڄاڻڻ گهرجي ته اطاعت عام آهي انبياءِ عليهم الصلواة والسلام جي، دين جي عالمن جي، اسلام جي، بادشاهہ جي۽ ٻين سٺني جيہ ٿي سگهي ٿي مگر عبادت صرف الله تعالىٰ جي ڪبي ٻئي ڪنهن جي بہ عبادت ڪرڻ جائز ناهي. "اَفَلَا تَتَّقُوْنَ" ڇا پوءِ ڊڄو نہ ٿا؟ مقصد تہ اوهان حضرت نوح عليه السلام جي قوم تي آيل عذاب ڏٺو تڏهن بہ نہ ٿا ڊڄو تہ متان اوهان تي بہ ڪو عذاب نہ اچي. "قَالَ الْمَلَأُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ" سندس قوم مان جن سردارن ايمان نہ آندو هوءِ ڪفر تي رهيا هئا انهن چيو، سيدنا نوح عليه السلام جي لاءِ آيو "قَالَ الْمَلَأُ مِنْ قَوْمِهٖ" ۽ هتي "اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا" وچ ۾ وڌائي آندو ويو اهو ان جي ڪري جو حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي سردارن مان ڪنهن بہ ايمان نہ آندو هوءِ حضرت هود عليه السلام جي قوم مان ڪن سردارن ايمان آندو هو تڏهن ذڪر ڪيو ويو تہ حضرت هود عليه السلام ڪي سندس قوم مان ڪافر سردارن هيئن چيو "اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ" بيشڪ اسين توکي بيوقوفيءَ ۾ ڏسون ٿا ۽ بلاشڪ اسان گمان ڪيون ٿا تہ تون (معاذ الله) ڪوڙن مان آهين. سچ نہ ٿو ڳالهيائين اهي ڪافر چوندا هئا تہ جيئن خدمت، اطاعت گهڻن جي ٿي سگهي ٿي تيئن عبادت بہ گهڻن جي ٿي سگهي ٿي حضرت هود عليه السلام جو چوڻ (تہ عبادت صرف هڪ الله تعالىٰ جي ٿيندي) بيوقوفي آهي ۽ اسين سمجهون ٿا تہ اهو (معاذ الله) ڪوڙو آهي "قَالَ يَاقَوْمِ لَيْسَ بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ" فرمايائين تہ: اي منهنجي قوم وارو! مون ۾ بيوقوفي ناهي پر مان رب العالمين جو رسول آهيان. هي حضرت هود عليه السلام جي طرفان نهايت حڪمت ڀريل لفظ هيا جي پاڻ ڪين گستاخيءَ وارن لفظن جي جواب ۾ چيا هيائين.

(١) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ص ١٧٠ جزءُ ١

عاد جي قوم جي طاقت

مفسر قرآن سدي جو قول آهي تہ انهن مان تمام ڊگهي جو قد هڪ سؤ هٿ ۽ ٻندري جو قد ستر هٿ هو. ابو حمزه يمانيءَ جو قول آهي تہ انهن جو قد ستر هٿ هو ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ انهن جو قد اسي هٿ هو(١) ابن عساڪر وهب بن منبه کان روايت آندي آهي تہ انهن جا مٿا وڏن قبن جيڏا ۽ اکيون ۽ نڪ جا سوراخ ايڏا وڏا هيا جو سندن مرڻ کان پوءِ جانور انهن جي اکين جي کڏن ۾ ٻچا ڄڻيندا هئا ۽ سيدنا امام باقر جو فرمان آهي تہ: اهي ڊگهين کجين جيڏا هئا ۽ ايترا طاقت وارا هوندا هئا جو جبل تي چڙهي هٿن سان وڏيون چٽون ڪڍي ڪٽي ايندا هئا. (٢) "فَاذْكُرُوٓا آلَاءَ اللَّهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ" پوءِ الله جي نعمتن کي ياد ڪيو تہ ڪامياب ٿيو يعني جيڪي مٿي بيان ٿيا ۽ ٻيا سيئي احسان ياد ڪري الله تعالىٰ جا شڪر گذار ٻانها ٿيو تہ ڪامياب رهندؤ نہ تہ ڪاميابيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿيندو "قَالُوٓا أَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللَّهَ وَحْدَهُ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ آبَاؤُنَا" چيائون تہ: ڇا تون اسان وٽ ان جي لاءِ آيو آهين تہ هڪ الله جي عبادت ڪيون ۽ انهن کي ڇڏي ڏيون جن جي اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا. مقصد تہ انهن الله تعالىٰ جي نبي عليه الصلواة والسلام جي ڳالهہ کي سمجهڻ، مڃڻ ۽ ايمان آڻڻ جي بجاءِ پنهنجن ابن ڏاڏن جي بت پرستيءَ واري طريقي کي ڇڏڻ پسند نہ ڪيو "فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَا إِن كُنتَ مِنَ الصَّادِقِينَ" جيڪڏهن سچو آهين تہ جنهن عذاب جي اچڻ جو اسان کي دڙڪو ڏين ٿو اهو ڀلي آڻ. مٿين عبارت مان ثابت ٿيو تہ گمراهن، ڪافرن ۽ مشرڪن ابن ۽ ڏاڏن جي پيروي ڪرڻ گمراهي آهي پر صالحن، ڪاملن، حق جي پيروي ڪندڙن ۽ نيڪوڪارن جي رستي تي هلڻ نيڪ بختي آهي "قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُم مِّن رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَغَضَبٌ" فرمايائين تہ اوهان جي مٿان ارهان جي رب جي طرفان عذاب ۽ غضب واجب ٿي چڪو آهي. رجس جي معنىٰ دل جي ڪاراڻ ۽ سياهي آهي جيڪا حق جي انڪار ڪرڻ جي ڪري دل جي آئيني تي تهن مٿان تهہ ٿيندي چڙهندي ويندي آهي ۽ ان جي نورانيت کي ڍڪي ڇڏيندي آهي (٣).

"أَتُجَادِلُونَنِي فِي أَسْمَاءٍ سَمَّيْتُمُوهَا أَنتُمْ وَآبَاؤُكُم مَّا نَزَّلَ اللَّهُ بِهَا مِن سُلْطَانٍ" ڇا اوهان مون سان انهن (بتن جي) نالن جي (باري ۾) جهيڙو ڪيو ٿا جن جا اوهان پاڻ نالا رکيا آهن ۽ (انهن جي عبادت ڪرڻ جي لاءِ) الله تعالىٰ ڪوبہ دليل نہ لاٿو

(١) مظهري ص ۴١٨ جلد٣ (٢) روح المعاني ص ١٥٦ جزء ٨ جلد ٣
(٣) تفسير القرطبي ص ٢٣٧ جلد٧

آهي. مطلب تہ انهن نالن ۾ بتن جي پاڻ ۾ نہ ڪا مناسبت هئي ۽ نہ اهي بت عبادت جي لائق هيا " فَانْتَظِرُوْا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ" پوءِ انتظار ڪيو مان بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪيان ٿو يعني جنهن عذاب جي اوهان طلب ڪئي آهي اهو ضرور ايندو پوءِ اوهان ڪي اندازو لڳندو "فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ" پوءِ اسان ان (حضرت هود عليه السلام) کي ۽ جيڪي (مومن) ان سان گڏ هيا انهن کي پنهنجي رحمت سان ان عذاب کان ڇڏايو ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ۽ مومن نہ بڻيا هئا انهن جي پاڙئي پٽي ڇڏيسون. "دابر" لفظ جي معنیٰ آهي اصل ۽ پاڙ، يعني اسان انهن تي اهڙو مهلڪ عذاب آندو جنهن سان انهن سيني سرڪشن جو خاتمو اچي ويو. اهو عذاب سخت تيز ۽ تکي هوا جو طوفان هو جنهن کين تباهہ ڪري ڇڏيو (١)

عاد جي قوم جي هلاڪت

جڏهن حضرت هود عليه السلام پنهنجي قوم کي هدايتون ڪيون ۽ انهن مڃڻ جي بجاءِ ڪيس عذاب آڻڻ جي لاءِ چيو تڏهن پاڻ دعا گهريائين تہ الله تعالیٰ مٿن ٽي سال برسات بند ڪري ڇڏي ۽ اهي گرميءَ ۽ ڏڪار جي حالت کان تنگ ٿي پيا ۽ پنهنجي قوم مان ستر ماڻهو مڪه پاڪ ڏانهن موڪليائون تہ اهي وڃي بيت الله شريف ۾ دعاگهرن انهن ستر ڄڻن جا سردار ٻہ شخص بڻايائون- ١: قبيل بن عنز -٢: مرثد بن سعد مڪه پاڪ ۾ عمالقه قوم جا ماڻهو رهندڙ هئا جيڪي عمليق بن لاوز بن سام بن نوح عليه السلام جو اولاد هئا ۽ سندن سردار معاويه بن بڪر هو جيڪو حرم شريف کان ٻاهر رهندو هو ۽ ان سردار جي ماءُ وري عاد جي قوم مان هئي ۽ان مائٽيءَ جي ڪري اهو عاد جي قوم کي پنهنجا ماما سمجهندو ۽ انهن جو احترام ڪندو هو.جڏهن عاد جي قوم وارا ستر ماڻهو ان مڪي جي امير معاويه بن بڪر وٽ پهتا تہ ان سندن وڏو احترام ڪيو ۽ساڻن وڏي خاطر تواضع ۽ مهمانداريءَ سان پيش آيو. اهي ستر(٧٠) ڄڻا ان وٽ پورو مهينو رهي پيا ۽ اتي رهڻ جي دوران تمام گهڻو شراب پيئندا رهيا ۽ ان امير وٽ ٻہ نچڻ واريون عورتون هيون جن ناچ ڪري انهن مهمانن کي تمام گهڻو خوش ٿي رکيو ۽ اهي ان موج ۽ مستيءَ جي جهان ۾ پنهنجي ملڪ جا ڏک ۽ ڏڪار وساري ويهي رهيا مڪي پاڪ جي امير سڌو سنئون ائين چوڻ جي بجاءِ تہ هاڻي واپس وڃو انهن ٽي ڳائڻين جي زبان مان اهڙا شعر چورايا جن کين ملامت ڪرڻ

(١) المراغي ص ١٩٦ جزءُ ٨ جلد٣

سان گڏ وطن جو احساس ڏياريو ۽ انهن شعرن ٻڌڻ شرط ڇڻ تہ بيهوشيءَ مان نڪري هوش ۾ اچي ويا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هلو تہ بيت الله شريف جي غلاف کي وٺي دعائون گهرون انهن جي هڪ سردار مرثد بن سعد جيڪو لڪ ۾ حضرت هود عليه السلام تي ايمان آڻي چڪو هو ان اتي اسلام آڻڻ جو صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو ۽ ہين کي فرمايائين تہ: جيستائين اوهان شرڪ ۽ ڪفر کان توبہ نہ ڪندؤ تيستائين اوهان جي ڪابہ دعا قبول نہ ٿيندي بهتر آهي تہ هاڻي جو هاڻي حضرت هود عليه السلام تي ايمان آڻي مسلمان ٿيو. سندس ساٿي ان دين جي دعوت ٻڌڻ تي سخت ناراض ٿيا ۽ پنهنجي ٻئي سردار قيل بن عنز جي قيادت ۾ بيت الله شريف ڏانهن ويا، حضرت هود عليه السلام تي ايمان آڻڻ واري سندس اصحابي حضرت مرثد بن سعد ان وقت هڪ شعر ٺاهي چيو جنهن جا ڪجهہ الفاظ هي آهن:

عصت عاد رسولهمرفامسوا: عطا شافابتلهم السماء

لهم صنم يقال لہ صمود: يقابلہ الصداءِ والهباء

فبصرنا الرسول سبيل رشد: فابصرنا الهدىٰ وجلاالعماءِ

وان الـہ هود هو الٰهي: علي الله التوكل والرجاءِ(١)

يعني عاد جي قوم وارن پنهنجي رسول حضرت هود عليه السلام جي بي فرماني ڪئي ۽ ان بي فرمانيءَ جي ڪري ڏڪار پيو آسمان کين آزمائڻ لاءِ مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو پاڻي نہ وسايو. انهن عاد وارن جو صمود نالي هڪ بت آهي ان جي مقابلي ۾ صدا ۽ هبا نالي بہ بت ہيا بہ اٿن اسان کي الله تعالىٰ جي سچي رسول عليه السلام سڌو هدايت وارو رستو ڏيکاريو آهي پوءِ اسان هدايت ڏٺي آهي ۽ انڌيرو روشن ٿي ويو آهي. ۽ منهنجو الـہ (معبود بالحق) اهوئي آهي جيڪو حضرت هود عليه السلام جو الـہ آهي الله تعالىٰ جي مٿان ئي توڪل آهي ۽ ان ۾ ئي اميد آهي. بهرحال اهي اوڻهتر (٦٩) ڄڻا بيت الله شريف وٽ پهتا. سندن سردار قيل بن عنز دعا گهرڻ شروع ڪئي ۽ ٻيا سندن ساٿي آمين چوندا رهيا. اوچتو آسمان ڏانهن ٽن قسمن جا ڪڪر ظاهر ٿيا (١) اڇا (٢) ڳاڙها (٣) ڪارا ۽ غيبي آواز آيو تہ "اي عاد جي وفد جا اڳواڻ قيل! انهن ٽنهي مان هڪڙو ڪڪر پسند ڪر تہ اهو تنهنجي حوالي ڪيو وڃي. ان چيو تہ ڪارو ڪڪر پسند ڪيان ٿو جو ان ۾ مينهن گهڻو هوندو آهي. ائين چوڻ کان پوءِ انهن سمجهيو تہ دعا قبول ٿي وئي هلو تہ وطن واپس هلون.

(١) روح المعاني ص ١٦٠ جلد٣ البحر المحيط ص ٣٢٦ جلد٤

جڏهن احقاف واپس پهتا تہ مٽان ڪارو ڪڪر پرجي آيو هي ان کي ڏسي خوش ٿيا تہ هي مينهن وسائيندو پر اهو تہ عذاب ڪٽي آيو هيو. شوال مهيني جي پاويهين (٢٢) تاريخ اربعا جي ڏينهن صبح جو ان مان سخت سرد ۽ تمام گهٽي اونداهہ واري هوا شروع ٿي جيڪا ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن انهن تي مسلط رهي ۽ انهن جي مردن، عورتن، اولاد ۽ چوپاين کي مٿي ڪٽي چني ذرا ذرا ڪري ڇڏيائين ۽ هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ انهن تي تمام سخت واءُ آيو ۽ جڏهن ڏٺائون تہ اهو ٻاهر بيٺلن، اٺن ۽ ماڻهن کي آسمان ۽ زمين جي وچ تي ڪنيو ذرا ذرا ڪري پيو اڇلائي تڏهن پڇي گهرن ۾ لڪي وڃي دروازا بند ڪيائون تہ قدرتي واءَ سندن گهرن جي دروازن کي پٽي ڪين اندر هلاڪ ڪري لاشن کي ٻاهر ڪڍي اڇلايو ۽ هڪ ڪاري رنگ جا پکي آيا جن انهن لاشن کي ڪٽي وڃي سمنڊ ۾ اڇلايو. ۽ هڪ قول آهي تہ الله تعالىٰ ان واءَ جي ذريعي انهن تي اهڙي واري وسارائي جنهن ۾ سڀ پورجي ويا ۽ اندر ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن اهڙيون دانهون ڪندا رهيا جيڪي ٻاهر ٻڌڻ ۾ ٿي آيون ۽ الله تعالىٰ وري واءَ کي حڪم ڪيو جنهن سندن لاشن کي ٻاهر ڪڍي ڪٽي وڃي سمنڊ ۾ اڇلايو ۽ علامہ ابوالليث سمرقندي لکيو آهي تہ اهو واءُ زمين جي هيٺان تباهہ ڪندڙ هوا مان صرف ايترو نڪتو هو جيترو منڊيءَ جو ڪڙو هوندو آهي جنهن ۾ انهن جا لاش ائين اڏامي رهيا هئا جيئن ڪاغذ هوا ۾ اڏامن. (١) ۽ اهو وقت حضرت هود عليه السلام پنهنجن مومنن امتين سان گڏ غار جي اندر الله تعالىٰ جي پناهہ ۾ رهيو ويٺو هو ۽ اهائي هوا انهن جي لاءِ نهايت ٿڌي هير لڳي پئي هئي عاد قوم جي هلاڪ ٿيڻ کان پوءِ حضرت هود عليه السلام پنهنجن ساٿين سميت غار مان نڪري ٻاهر آيو ۽ ان علائقي کان هجرت ڪري مڪه معظمه ۾ پهچي باقي دنيوي ظاهري زندگي عبادت الاهي ڪندي اتيئي رحلت ڪيائين (٢).

نوانوي نبين عليهم الصلواة والسلام جون مزارون

قرآن ڪريم جي مفسر خازن عليه الرحمة لکيو آهي تہ مقام ابراهيم، زمزم ۽ حجر اسود جي وچ واري حصي ۾ الله تعالىٰ جا نوانوي (٩٩) نبي عليهم الصلواة والسلام مدفون آهن حضرت هود عليه الصلواة والسلام بہ اتيئي دفن ڪيل آهن (٣) فائدو- هن واقعي تي غور ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ جيستائين ڪابہ قوم الله تعالىٰ جي ڪنهن نبي سڳوري کي ايذاءُ نہ ڏيندي آهي تيستائين انهن تي عذاب بہ

(١) صاوي ص٧٧ جز ثاني
(٢) بحر العلوم ص ٥٥٠ جلد١
(٣) نعيمي ص ٦٥٧ جلد٨
(۴) خازن ص ١٠٦ جلد ٢ نعيمي ص ٦٥٧ جلد٨

نہ ايندو آهي. عذاب تڏهن اچي ٿو جڏهن پرور پاڪ جي پيارن جي دل آزاري ڪئي ويندي آهي.

وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صَالِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ (موڪليوسون) ثمود ڏانهن ڀاءُ انهن جي صالح کي چيائين تہ اي قوم منهنجي! عبادت ڪيو الله جي ناهي

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ

اوهان جي لاءِ ڪو بہ عبادت جو حقدار سواءِ ان جي تحقيق آيو اوهان وٽ چٽو دليل طرفان رب اوهان جي هيءَ ڏاچي الله جي آهي

لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ

واسطي اوهان جي نشاني پوءِ ڇڏيو ان کي تہ کائيندي رهي زمين الله جي ۾ ۽ نہ هٿ لڳايو ان کي بريءَ نيت سان

فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾

پوءِ پڪڙي اوهان کي عذاب دردناڪ.

تفسير

اڳين آيتن ۾ عاد جي ان قوم جي هلاڪت جو ذڪر هو جن کي عاد اوليٰ سڏيو ويو آهي يعني حضرت هود عليه السلام جي قوم ۽ هتي ان قوم جو ذڪر آهي جن کي عاد ثانيه سڏيو ويو آهي يعني صالح عليه السلام جي قوم جي هلاڪت جو. فرمان مبارڪ آهي "وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صَالِحًا" ۽ ثمود جي قوم ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي (نبي بنائي موڪليوسون).

ثمود جي معنيٰ ۽ ان مان مراد

ثمود جي معنيٰ ۾ ٻہ قول آهن -١: تہ ان جي معنيٰ آهي ٿورو پاڻي هي قوم حجر نالي جنهن مقام تي آباد هوندي هئي اتي پاڻي ٿورو هوندو هو ان جي ڪري هن کي ثمود سڏيو ويو يعني ٿوري پاڻيءَ واري قوم -٢: تہ اها قوم ثمود نالي هڪ شخص

جي اولاد مان هئي جنهن جي نسب جو سلسلو حضرت نوح عليه الصلواة والسلام سان هن طرح ملي ٿو. ثمود بن عاد بن ارم بن سام بن نوح عليه الصلواة والسلام هن قوم وارا حجر جي مقام کان وٺي وادي قرىٰ تائين ڳوٺن ۾ رهندا ۽ آباد هئا ۽ حجر شام ملڪ ۽ حجاز جي وچ ۾ آباد علائقو هو. حضور عليه الصلواة والسلام جن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان گڏ ان مقام کان لنگهيا هئا ۽ اصحابن سڳورن کي اتي جي کوهه مان پاڻي پيئڻ کان روڪيو هيائون (١) ان قوم جو گاديءَ جو هنڌ حجر هو سندن علائقو ابتدا ۾ نهايت زرخيز ، سرسبز، آباد ۽ شاداب هيو سندن آبپاشي جي لاءِ نهرن جو جار وڇايل هو پر گهڻي دولت سندن اخلاقي بنياد کي متزلزل ڪري ڇڏيو هو اخلاقي بي راه روعيءَ جي ڪري آهستي آهستي سندس عقيدن ۾ ابتري قدر غلطي پيدا ٿيڻ شروع ٿي جو شرڪ ۾ ڪاهي پيا ۽ الله تعالىٰ کين هدايت ڪرڻ جي لاءِ سندن قومي ۽ وطني اهم شخصيت حضرت صالح عليه الصلواة والسلام کي منجهن مبعوث فرمايو جيڪو خانداني برتري ۽ شخصي ڪردار جي ڪري نهايت ئي احترام جي قابل ۽ معزز هيو.

حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جو احوال

نالو مبارڪ: حضرت صالح عليه الصلواة والسلام.

والد جو نالو: عبيد

نسب جو سلسلو: صالح بن عبيد بن آصف بن ڪاشح بن عبيد بن حاذر بن ثمود (٢) اڳتي ثمود وارو سلسلو وڃي حضرت نوح عليه السلام سان ملي ٿو. جيئن لکي آيا آهيون.

بعثت جو زمانو: سندن نبوت جو اظهار ۽ بعثت ڪهڙي دور ۽ وقت ۾ ٿي ان جو صحيح تعين ته تمام مشڪل آهي پر ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته سندن بعثت حضرت موسىٰ عليه السلام کان اڳ ۾ هئي ۽ سندن قوم حضرت موسىٰ عليه السلام جي بعثت کان اڳ ۾ الاهي عذاب جي اچڻ جي ڪري تباهه ٿي چڪي هئي. (٣)

"توراة ۽ انجيل ۾ سندن ذڪر نه هو ان ڪري اهل ڪتاب عاد ۽ ثمود جي قوم کان بي خبر رهيا پر قرآن ڪريم مان پتو پوي ٿو ته حضرت موسىٰ عليه السلام جن بني اسرائيل کي انهن قومن جو حال ٻڌايو هو. جيئن فرمان مبارڪ آهي " وَقَالَ

(١) نعيمي ص ٦٦١ جلد ٨ (٢) القرطبي ص ٢٣٨ جلد٧
(٣) ضياءُ القرآن ص ٤٨ جلد٢

مُوْسَىٰ اِنْ تَكْفُرُوْٓا اَنْتُمْ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّ ثَمُوْدَ " (١) يعني موسيٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي فرمايو ته: جيڪڏهن اوهان ۽ زمين ۾ سڀ رهڻ وارا (انسان) ڪفر ڪندو (ته به الله تعاليٰ کي ڪاپرواهه نه آهي) بيشڪ الله تعاليٰ غني ۽ ساراهيل آهي، ڇا اوهان وٽ اوهان کان اڳين نوح عليه السلام عاد ۽ هود جي قومن جي خبر نه آئي آهي. مطلب ته آئي آهي. پر اها ڳالهه حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دور مبارڪ وقت عربن جي ذهن ۾ نه هئي.

ديني دعوت: حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جن مبعوث ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي قوم کي جڏهن دين جي دعوت ڏني ته انهن حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته: يَا صَالِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ (٢) يعني اي صالح (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) هن کان اڳ ۾ ته اسان ۾ تون اميد رکيل هئين اسان سمجهيو هو ته تون عقل ۾ ڪامل آهين پر اسان کي جن معبودن کان روڪين ٿو ۽ هڪ الله تعاليٰ ڏي سڏين ٿو اسان کي شڪ ٿو پوي ته تون عقل ۾ ڪامل نه رهيو آهين (معاذ الله) سمجهون ٿا ته توکي ڪنهن جادو ڪيو آهي.

ڏاچي جي ظهور وارو معجزو: مفسرن لکيو آهي ته هڪڙي ڏينهن ثمود قوم وارا پنهنجي محفل خاني ۾ گڏ ٿيو ويٺا هئا ته حضرت صالح عليه السلام انهن وٽ آيو ۽ اچي کين دين جي دعوت ڏنائين انهن کيس چيو ته اسان کي هن پٿر مان (جيڪو اتي موجود هو) هنن هننن صفتن ۽ نموني واري ڏاچي ڪڍي ڏي ته اسين تسليم ڪنداسون ته تون نبي آهين حضرت صالح عليه السلام پڪا عهد ۽ اقرار ورتن ته جيڪڏهن ان پٿر مان ڏاچي نڪري آئي ته ايمان آڻيندؤ؟ وعدو ڪيائون ته بالکل ايمان آڻينداسون. پوءِ حضرت صالح عليه السلام ان محفل خاني مان نڪري پنهنجي عبادت خاني ۾ آيو نماز پڙهي دعا گهريائين ته مالڪ مٺا! ان پٿر مان ڏاچي ٻاهر ڪڍ . الله تعاليٰ ان پٿر مان انهن جي خواهش ۽ طلب ڪيل صفتن جي موافق ڏاچي ٻاهر ڪڍي جڏهن ايڏو وڏو امر، هيبتناڪ منظر، رب العزت جل مجده جي قدرت جو ڪمال، قاطع دليل ۽ ساطع برهان ڏٺائون ته ڪيترن ايمان آندو پر گهڻا شرڪ ۽ ڪفر تي مضبوط ويٺا رهيا حضرت صالح عليه الصلواة والسلام فرماين ته: هيءَ الله جي ڏاچي اٿو (الله تعاليٰ ڏانهن ان جي نسبت تشريف ۽ تعظيم جي لاءِ ڪيل آهي)

(١) سورة ابراهيم آيت ٨-٩ (٢) ضياءُ القرآن ص ٤٨

جيڪڏهن ايمان آڻيو ته پلو نه ته به هن کي ڇڏي ڏيو ته الله تعالىٰ جي زمين ۾ گهمي ، ڪائي پيئي، هن کي تڪليف نه ڏيو نه ته الاهي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندؤ ان ڏاچيءَ ۾ ڪير به ايترو هوندو هو جو سيني جي لاءِ ڪافي ٿيندو هو. نيٺ ان ڳالهه تي متفق ٿيا ته اها ڏاچي پلي پئي آزاد گهمي، ڪائي پيئي پر اها پاڻي ايترو پيئندي هئي جو سڄو ڪوهه خالي ٿي ويندو هو ان جي ڪري هڪڙي ڏينهن اهي ثمود قوم وارا سڄو ڏينهن پاڻي پريندا هئا ۽ ٻئي ڏينهن جو به قوت رکي ڇڏيندا هئا ۽ هڪ ڏينهن ڪوهه ان ڏاچيءَ جي حوالي هوندو هو. ڪجهه عرصو گذرڻ کان پوءِ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيائون ته: هن ڏاچيءَ کي قتل ڪري ڇڏيون نه هوندي نه اسان کي سڄو ڏينهن ڪوهه جو پاڻي هن جي حوالي ڪرڻو پوندو ۽ ان جي قتل جو ڪم سندن رئيس قدار بن سالف بن جندع ڪيو جيڪو ولد زنا ، رنگ جو ڳاڙهو ۽ اکين جو شيرو هو. سندس ماءُ صيبان نالي هڪ شخص کان زنا ڪرائي هئي ان قدار بن سالف کي هڪ ڪراڙيءَ ڪافر ياڻي لالچ ڏني هئي ته جيڪڏهن حضرت صالح عليه السلام جي معجزي سان ظاهر ٿيل ڏاچيءَ کي قتل ڪندين ته منهنجي ڇئن ڪنوارين نياڻين مان جيڪا چوندين اها توکي پرڻائيندس تڏهن اهو گناهه ڪيو هيائين ڏاچيءَ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڪيس ڇاول ڦر هيئن دانهن ڪري ته "يا الله! منهنجي ماءُ ڪيڏي وئي " ان ئي پٿر ۾ گهڙي ويو جنهن مان اها ڏاچي نڪتي هئي. (۱)

وڏا بد بخت

ابن ماجه ۽ ابن اسحاق حضرت عمار بن ياسر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله ﷺ جن حضرت علي رضي الله عنه کي مخاطب ٿي فرمايو ته: ڇا مان توکي نه ٻڌايان ته ماڻهن مان وڏا بدبخت ڪير آهن؟ عرض ڪيائين ته هائو (بالڪل ٻڌايو) فرمايائون ته: انهن مان هڪ ثمود جو اهو ڳاڙهو (رنگ جو) شخص هو جنهن (حضرت صالح عليه السلام جي) ڏاچيءَ کي قتل ڪيو هو ۽ (ٻيو اهو) جيڪو توکي شهيد ڪندو تانجو رت ۾ پرجي ويندين(۲).

ثمود قوم تي الاهي عذاب جي آمد

حضرت صالح عليه السلام جي معجزي سان ظاهر ٿيل ڏاچيءَ کي شهيد ڪرڻ کان پوءِ ڪن ظالمن حضرت صالح عليه السلام کي شهيد ڪرڻ جو پروگرام ناهيو پر

(۱) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ص ۱۷۱ کان ۱۸۰ جزءُ ۱

(۲) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ۱۸۱ جزءُ ۱

الله تعاليٰ مٿن پٿر وسائي کين هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ باقي قوم تي به هن نموني عذاب آيو جو ڪين انتظار ڪرايلن ٽن مهينن مان پهرئين ڏينهن يعني خميس جي ڏينهن انهن جامنهن ڦڪا، زرد ٿي ويا جڏهن جمعي جو ڏينهن آيو ته سيني جا منهن ڳاڙها ٿي ويا ۽ شام جو هڪ ٻئي کي سڏي ٻڌايائون ته ٻه ڏينهن گذري ويا جڏهن ٽيون ڏينهن يعني آچر ٿيو ته سيني جا منهن ڪارا ٿي ويا ۽ شام جو هڪ ٻئي کي سڏي ٻڌايائون ته: عذابجي اچڻ لاءِ جيڪي ڏينهنحضرت صالح عليه السلامٻڌايا هئا اهي ٽئي گذري ويا، پر اجان به انتظار هين ته خبر ناهي ته اڳتي ڇا ٿيندو ۽ جڏهن چوٿين ڏينهن جو سج اڀريو ته آسمان کان هڪ ڪڙڪيندڙ آواز ٿيو هيٺان ڌرتي ڌڏي ۽ سيئي مري تباه ٿي ويا (١) پر انهن ۾ هڪ منڊي ٽنڊي نوجوان ڇوڪري هئي جڏهن اهو عذاب آيو ته الله تعاليٰ ان جي ٽنگن ۽ پيرن ۾ ڀڄڻ جي طاقت پيدا ڪئي ان ڊوڙي اچي ٻين قبيلن کي ٻڌايو ته اسان جي قوم تباه ٿي وئي ۽ ٻڌائڻ کان پوءِ اها پاڻ به مري وئي (٢).

سيدنا صالح عليه الصلواة والسلام ان وقت ڪٿي هو؟

علامه آلوسي بغدادي لکيو آهي ته عذاب جي اچڻ لاءِ قدرت واري جي طرفان مليل ٽن ڏينهن جي اچڻ وقت حضرت صالح عليه السلام پنهنجا هڪ سؤ ويهه مسلمان مڃڻ وارا امتي پاڻ سان وٺي روئندي ان علائقي کان نڪري ويو هو ۽ ويندي ويندي پوئتي واجهائي ڏنائين ته سندس قوم جي علائقي ۾ دونهون نظر اچي رهيو هو ڪيس پڪ ٿي وئي ته سڀ هلاڪ ٿي ويا.

ڪافرن جا ڪيترا گهر هيا؟

علامه موصوف لکيو آهي تهڪافرن جا پندرنهن سؤ گهر هيا جن ۾ رهڻ وارا سڀ هلاڪ ٿي ويا هئا.

حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جي عمر مبارڪ ۽ دنيا تان رحلت

ابوالشيخ وهب کان روايت آندي آهي ته ان عذاب جي واقعي کان پوءِ حضرت صالح عليه السلام پنهنجن مڃڻ وارن مسلمانن کي پاڻ سان وٺي مڪه مڪرمه ۾ بيت الله شريف جو حج ڪيو ۽ پنجاسي سال جي عمر ۾ اتيئي دنيا تان رحلت ڪيائين

(١) ساڳيو حوالو ص ١٨١ کان ١٨٥ (٢) روح المعاني ص ١٦٧ جزء٨ جلد ٣

۽ بيت الله شريف جي اولهہ پاسي ۾ دفن ڪيو ويو (١) حضرت صالح عليه السلام جي ان واقعي جي بيان ڪندي اڳتي ارشاد ٿي رهيو آهي: "قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ" فرمايائين تہ اي منهنجي قوم وارا! اوهان جي لاءِ (هڪ سچي معبود کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق نہ آهي. اهائي توحيد جي دعوت آهي جيڪا هر نبي جي تشريف آوري جو مقصد آهي" قَدۡ جَآءَتۡكُمۡ بَيِّنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمۡ اٰيَةً فَذَرُوۡهَا تَاۡكُلۡ فِيۡۤ اَرۡضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوۡهَا بِسُوۡٓءٍ فَيَاۡخُذَكُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ" تحقيق اوهان وٽ اوهان جي رب جي طرفان روشن دليل آيو آهي هيءَ الله جي ڏاچي اوهان جي لاءِ نشاني آهي ان کي ڇڏي ڏيو تہ الله جي زمين ۾ ڪائيندي رهي ۽ ان کي برائيءَ سان هٿ نہ هڻو پوءِ اوهان کي دردناڪ عذاب وٺي ويجي.

سوال: ڏاچي ڪهڙي لحاظ سان معجزو هئي؟

جواب: ان ۾ مفسرن جا مختلف قول آهن ڪن جو قول آهي تہ پٿر مان نڪرڻ جي ڪري اها حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جو معجزو هئي ڪي چون ٿا تہ ان جي پاڻيءَ پيئڻ واري ڏينهن ڪوبہ جانور کوهہ کي ويجهو نہ ايندو هو ان لحاظ سان معجزو هئي (٢)

وَاذۡكُرُوۡۤا اِذۡ جَعَلَكُمۡ خُلَفَآءَ مِنۡۢ بَعۡدِ عَادٍ وَّبَوَّاَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ

۽ ياد ڪيو جڏهن بنايائين اوهان کي جانشين پڄاڻان عاد جي ۽ جاءِ ڏنائين اوهان کي زمين ۾

تَتَّخِذُوۡنَ مِنۡ سُهُوۡلِهَا قُصُوۡرًا وَّتَنۡحِتُوۡنَ الۡجِبَالَ بُيُوۡتًا ۚ

بنايو ٿا نرم ميداني علائقن ان جي محلاتون ۽ گهڙيو ٿا جبلن کي گهرن جي لاءِ

فَاذۡكُرُوۡۤا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ الۡمَلَاُ

پوءِ ياد ڪيو نعمتون الله جون ۽ نہ پکڙجو زمين ۾ فساد ڪندڙ چيو سردارن

الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِهٖ لِلَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡا لِمَنۡ اٰمَنَ مِنۡهُمۡ

جن غرور ڪيو قوم ان جي مان انهن جي لاءِ جو ڪمزور سمجهيا ويا ان جي لاءِ جو ايمان آندائين انهن مان

(١) روح المعاني صفحو ١٦٨ جزءُ ٨ جلد ٣ (٢) ضياءُ القرآن ص ٤٩ جلد ٢

اَتَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرۡسَلٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوۡۤا اِنَّا بِمَاۤ اُرۡسِلَ بِهٖ

ڇا ڄاڻو ٿا اوهان تہ بيشڪ صالح موڪليل آهي رب پنهنجي طرفان چيائون تہ بيشڪ اسين ان ڳالهہ تي جو موڪليو ويو آن

مُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۷۵﴾ قَالَ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡۤا اِنَّا بِالَّذِيۡۤ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿۷۶﴾

سان ايمان آڻيندڙ آهيون، چيو انهن جو غرور ڪيائون تہ بيشڪ اسين ان سان جو ايمان آندو اوهان ان تي ڪفر ڪندڙ آهيون

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوۡا عَنۡ اَمۡرِ رَبِّهِمۡ وَقَالُوۡا يٰصٰلِحُ ائۡتِنَا

پوءِ ڪٽيائون ڏاچيءَ کي ۽ منهن موڙيائون امر رب پنهنجي کان ۽ چيائون اي صالح! آڻ اسان وٽ

بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۷۷﴾ فَاَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ

اهو جنهن جو وعدو ڏنو اٿئي اسان کي جيڪڏهن آهين مرسلن مان پوءِ پڪڙيو انهن کي زلزلي

فَاَصۡبَحُوۡا فِيۡ دَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿۷۸﴾ فَتَوَلّٰى عَنۡهُمۡ وَقَالَ

پوءِ صبح ڪيائون گهر پنهنجي ۾ منهن ڀر ڪرندڙ پوءِ منهن موڙيائين انهن کان ۽ فرمايائين تہ

يٰقَوۡمِ لَقَدۡ اَبۡلَغۡتُكُمۡ رِسَالَةَ رَبِّيۡ وَنَصَحۡتُ لَكُمۡ وَلٰكِنۡ لَّا

اي قوم منهنجي! البت تحقيق پهچايو مون اوهان کي پيغام رب پنهنجي جو ۽ خيرخواهي ڪيم اوهان جي ۽ پر نہ ٿا

تُحِبُّوۡنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿۷۹﴾

محبت رکو خيرخواهي ڪندڙ سان.

تفسير

سيدنا صالح عليه السلام هن کان اڳ ۾ ثمود جي قوم کي دلائل ڏيڻ ۽ خدا جي خوف ڏيارڻ سان ايمان جي دعوت قبول ڪرڻ لاءِ چيو ۽ هتي انهن کي سندن مٿان

ڪيل الله تعالیٰ جون نعمتون ياد ڏياريندي ڪين دين جي دعوت قبول ڪرڻ جي لاءِ متوجه ڪيوٿو وڃي . فرمان ايزدي آهي "وَاذْكُرُوٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْ بَعْدِ عَادٍ" ۽ ياد ڪيو جڏهن اوهان کي عاد جي قوم کان پوءِ سندن جاءِ نشين بنايائين-ياد رکڻ گهرجي ته هن جملي ۾ حضرت صالح عليه السلام پنهنجي قوم کي مٿن ڪيل الله تعالیٰ جي نعمتن جي ياد ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. جنهن مان ثابت ٿيو ته الله تعالیٰ جي نعمتن جو ذڪر ڪرڻ الله تعالیٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جو پسنديده طريقو ۽ الله تعالیٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ اهو ياد ڪرڻ يا قولي هوندو آهي جو زبان سان ان جو شڪر ڪجي يا عملي جو سهڻا عمل ڪري مالڪ جي احسان کي بيان ڪجي يا دلي جو سندس مهربانين جو دل سان اعتراف ڪجي. هن جملي ۾ سڀني طريقن سان ذڪر ڪرڻ مراد اهي.

ميلاد جو ذڪر

چاڻڻ گهرجي ته حضور عليه الصلواة والسلام جو ملڻ به الله جل جلاله جي عظمیٰ نعمت آهي ان نعمت جو ذڪر ڪرڻ، حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي آمد جا واقعات بيان ڪرڻ جنهن کي عرف عام ۾ عرس يا ميلاد شريف سڏيو ويندو آهي نهايت سهڻو عمل آهي. جيئن محقق علماء لکيو آهي:

حضرت صالح عليه السلام پنهنجي امت کي جيڪي الله تعالیٰ جون نعمتون ياد ڏياريون هيون انهن مان هڪ هيءَ هئي ته ڪين عاد جي قوم هلاڪ ٿيڻ کان پوءِ الله تعالیٰ انهن جو جاءِ نشين بنايو هو. آيت جي جملي ۾ "خُلَفَآءَ" لفظ آيو آهي. خلفاء خليفه جو جمع خلف کان ورتل آهي. خليفه جي معنیٰ پويان اچڻ وارو ۽ اڳئين جي جاءِ يا ڪم سنڀالڻ وارو (١).

"وَبَوَّاَكُمْ فِي الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّتَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا" ۽ اوهان کي زمين ۾ جاءِ ڏنائين جو ان جي نرم ميدانن ۾ محلاتون ٺاهيو ٿا ۽ جبلن ۾ به انهن کي گهڙي ۽ وڍي گهر بنايو ٿا. هي حضرت صالح عليه السلام جي قوم تي ڪيلن ٻن نعمتن جو ذڪر آهي -١: ته انهن کي الله تعالیٰ حجر نالي علائقي جي نهايت رهڻ جي قابل نرم زمين جي ميدانن ۾ رهايو ٻيو ته انهن اتي محلاتون تعمير ڪيون ۽ جبلن کي وڍي ، ٽڪي، گهڙي انهن ۾ پنهنجا عاليشان گهر ٺاهيا هئا "فَاذْكُرُوٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ" پوءِ الله جون نعمتون ياد ڪيو ۽ زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي

(١) نعيمي ص ٦٧٠ جلد٨

پڪڙجي نہ وجو. مقصد تہ جڏهن الله تعاليٰ اوهان کي اهڙيون نعمتون ڏئي نوازيو آهي تہ انهن نعمتن جو ذڪر ڪندا رهو ۽ زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي نہ پڪڙجو، مطلب تہ ڪفر شرڪ، چوري ، ڌاڙا، لٽ، ڦر قتل وغيره نہ ڪيو " قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِنْ قَوْمِهِ لِلَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا لِمَنْ آمَنَ مِنْهُمْ " جن سردارن ان جي قوم مان غرور ڪيو هو انهن ضعيفن کي جنهن منجهائن ايمان آندو هو چيو. هن مان ثابت ٿيو تہ انهن غرور ڪندڙن سردارن جي سخت مخالفت ڪرڻ جي باوجود ڪي ضعيف ۽ مسڪين ماڻهو اهڙا هيا جن حضرت صالح عليه الصلواة والسلام تي ايمان آندو هو، ۽ انهن کي ئي انهن هٿيلن سڏي چيو هو تہ: " أَتَعْلَمُونَ أَنَّ صَالِحًا مُرْسَلٌ مِنْ رَبِّهِ " ڇا اوهان اهو يقين سان ڄاڻو ٿا تہ صالح پنهنجي رب جي طرفان رسول بنائي موڪليو ويو آهي. اهو انهن کان چٿر ۽ ٺٺولي جي طور پڇي رهيا هئا تہ وڏن وڏن سردارن صالح عليه السلام کي رسول نہ سمجهيو اوهان ان کي رسول ڪيئن سمجهو ٿا؟ "قَالُوا إِنَّا بِمَا أُرْسِلَ بِهِ مُؤْمِنُونَ" (انهن ضعيفن) چيو تہ صرف ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ ڇا؟ جنهن پيغام سان (حضرت صالح عليه السلام) موڪليو ويو آهي اسان ان تي ايمان آڻيندڙ آهيون اسان کي سندس مرسل هجڻ جو يقين آهي. " قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا بِالَّذِي آمَنْتُمْ بِهِ كَافِرُونَ " جن غرور ڪيو هو انهن چيو تہ جنهن تي اوهان ايمان آندو آهي اسين ان جو انڪار ڪندڙ آهيون الغرض تہ اسين سردار سڏائيندڙ صالح عليه السلام کي رسول ڪري ڪونہ ٿا مڃيون اوهان ضعيفن ۽ مسڪينن جي مڃڻ سان ڇا ٿيندو؟ "فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ أَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوا يَا صَالِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَا إِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِينَ" پوءِ ڏاچيءَ جون ٽنگون وڍي ان کي قتل ڪري ڇڏيائون(جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون)۽ پنهنجي رب جي امر کان منهن موڙيائون ۽ چوڻ لڳا تہ: اي صالح! جيڪڏهن واقعي تون مرسلن مان آهين تہ جنهن عذاب جي اچڻ جا ڌمڪين سان گڏيل وعدا ڪرين ٿو اهو پلي آڻ. علماءِ ڪرام لکيو آهي تہ اها ڏاچي ايتري وڏي ۽ هيبت واري شڪل سان هوندي هئي جو ان کي ڏسي جهنگل جا ٻيا جانور اها جوءِ ڇڏي ڀڄي ويندا هئا (١) "فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ" پوءِ انهن کي زلزلي پڪڙيو تہ صبح جو پنهنجي گهرن ۾ ڪوڙن ۾ اونڌا ٿيو ڪريا پيا هئا.

هن آيت ۾ آهي تہ انهن کي زلزلي پڪڙيو ۽ ٻيءَ آيت ۾ آهي تہ انهن جي مٿان ڪڙڪي دار آواز آيو جنهن سان هلاڪ ٿيا. ٻئي آيتون صحيح آهن ۽اهي ٻنهي قسمن جي عذاب ۾ مبتلا ٿيا هئا "فَتَوَلَّىٰ عَنْهُمْ وَقَالَ يَا قَوْمِ لَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّي وَنَصَحْتُ

(١) حاشيه عثماني ص ٢١٣

لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ" پوءِ انهن کان منهن موڙيائين ۽ فرمايائين تہ: اي منهنجي قوم وارا! يقينًا مون اوهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچايو ۽ اوهان جي خير خواهي ڪئي ۽ پر اوهان خير خواهي کي پسند ئي ڪونہ ٿا ڪيو مقصد تہ قوم جي هلاڪ ٿيڻ کان پوءِ حضرت صالح عليه السلام پاڻ سان گڏ پنهنجا مجڻ وارا مومن امتي گڏ وٺي اهو علائقو ڇڏي ويو.

حضرت صالح جا امتي ڪيترا هئا؟

ان ۾ مختلف اقوال آهن جن مان هڪ هي آهي تہ ساڍا ايمان آڻيندڙ چار هزار امتي هئا. جن کي وٺي يمن جي علائقي ۾ حضر موت شهر ۾ اچي رهيو هو ۽ هڪ روايت موجب اتيئي رحلت ڪئي هيائين (١).

مئل ٻڌن ٿا

هن آيت جو تفسير ڪندي علامه ابن الڪثير لکيو آهي تہ حضرت صالح عليه السلام پنهنجي ان هلاڪ ٿيل قوم کي سندن هلاڪ ٿيڻ کان پوءِ ائين فرمايو هو تہ "اوهان کي مون رب جو پيغام پهچايو اوهان جي خير خواهي ڪيم پر اوهان خير خواهي ڪندڙن کي پسند ئي نہ ٿا ڪيو" ۽ اهي هلاڪ ٿيڻ ۽ مرڻ کان پوءِ سندس اهو قول ٻڌي رهيا هئا. جيئن بدر جي جنگ ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ حضور ﷺ جن ٽي ڏينهن اتي رهي پيا هئا ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي سواريءَ تي سوار ٿي رات جي پوئين حصي ۾ ان کوهہ وٽ آيا جنهن ۾ ڪافرن جا لاش اڇلايا ويا هئا، کوهہ جي مٿان اچي انهن ڪافرن کي نالا وٺي سڏي فرمايائون تہ: اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا! اي عتبه بن ربيعه! اي شيبه بن ربيعه! جيڪي رب اوهان سان وعدو ڪيو هو اهو صحيح لڌوَ؟" مون تہ يقينًا اهو وعدو سچو لڌو جنهن جو مون سان منهنجي رب وعدو ڪيو هو. حضرت عمر رضي الله عنه انهن لاشن سان سندن اهو خطاب ٻڌي عرض ڪيو تہ: انهن لاشن کي جيڪي ڏپ ڪري ڍونڍ بنجي ويا آهن ڇا پيا فرمايو؟ پاڻ فرمايائون تہ: جيڪو مان انهن کي چوان پيو اهو انهن کان وڌيڪ اوهان بہ ڪونہ ٿا ٻڌو (اهڙو ٻڌي رهيا آهن) پر جواب نہ ٿا ڏئي سگهن" (٢).

(١) معارف القرآن ص ٦١٣ جلد٣ (٢) تفسير ابن ڪثير جلد٢ مظهري ص ٤٢٥ جلد٣

پڙهندڙن جي خدمت ۾ گذارش

راقمرهذا التفسير محمد ادريس هن تفسير پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي تہ جيڪڏهن ڏپ ڪري ويندڙ، ڊوند ڏيندڙ ڪافر مرڻ ۽ هلاڪ ٿيڻ ڪان پوءِ ٻڌن ٿا تہ مجڻ وارا مومن ڪيئن نہ ٻڌندا؟ ۽ جڏهن مومن ٻڌن ٿا تہ سيني جا سردار حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪيئن نہ ٻڌندا؟ .

فائدو: لَاتُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ" مان ثابت ٿيو تہ خير خواهي ۽ نصيحت ڪندڙ سان محبت نہ رکڻ ڪافرن جو ڪم آهي مومنن جو ڪم آهي تہ اهي پنهنجن خير خواهن نبين عليهم الصلواة والسلام ، اصحابن ، امامن ، اهلِ بيتن ۽ اوليائن سان محبت رکندا.



وَلُوۡطًا اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهٖۤ اَتَاۡتُوۡنَ الۡفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمۡ بِهَا مِنۡ

۽ لوط کي (موڪليوسون) جڏهن چيائين واسطي قوم پنهنجي ڇا ڪيو ٿا بيحيائي اهڙي جو نہ اڳرائي ڪيائين اوهان کان ان ۾

اَحَدٍ مِّنَ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّكُمۡ لَتَاۡتُوۡنَ الرِّجَالَ شَهۡوَةً مِّنۡ دُوۡنِ

ڪنهن هڪڙي جهانن مان بيشڪ اوهان البت اچو ٿا مردن وٽ شهوت جي لاهڻ لاءِ سواءِ

النِّسَآءِ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ مُّسۡرِفُوۡنَ ﴿۸۱﴾ وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ اِلَّاۤ

عورتن جي بلڪ اوهان قوم حد کان لنگهندڙ آهيو ۽ نہ هو جواب قوم ان جي جو مگر

اَنۡ قَالُوۡۤا اَخۡرِجُوۡهُمۡ مِّنۡ قَرۡيَتِكُمۡ ۚ اِنَّهُمۡ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوۡنَ ﴿۸۲﴾

هي جو چيائون تہ ڪڍو انهن کي ڳوٺ پنهنجي مان بيشڪ اهي ماڻهو آهن جو ٿا پاڪ ٿين

فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَاَهۡلَهٗۤ اِلَّا امۡرَاَتَهٗ ۖ كَانَتۡ مِنَ الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿۸۳﴾ وَاَمۡطَرۡنَا

پوءِ ڇڏايوسون ان کي ۽ اهل ان جي کي سواءِ زال ان جي جو هئي پٺ تي رهندڙن مان ۽ وسايوسون

عَلَيۡهِمۡ مَّطَرًا ؕ فَانۡظُرۡ كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۸۴﴾

انهن جي مٿان (پٿرن جو) مينهن پوءِ ڏس تہ ڪيئن هئي پڇاڙي مجرمن جي؟.

تفسير

هن کان اڳ ۾ انهن ٽن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر هو جيڪي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کان پهريان آيا هئا ۽ هتي ان نبي عليه الصلواة والسلام جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دور ۾ هو. فرمان مبارڪ آهي. "وَلُوۡطًا" ۽ لوط کي (نبي بنائي موڪليوسون)

حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جو مختصر احوال

نالو مبارڪ: لوط- حق هيءُ آهي تہ هي عجمي نالو آهي ۽ ان جي ڪا بہ معنيٰ نہ آهي ۽ڪن جو چوڻ آهي تہ لوط، لاط يلوط کان ورتل آهي ان جي معنيٰ چنبڙي پوڻ آهي، جڏهن تہ پاڻ هر حالت ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام سان وابسته ۽ چنبڙيل رهيو هو ان جي ڪري ڪيس "لوط" سڏيو ويو (١)

نسب جو سلسلو- هن طرح آهي لوط بن هاران بن تارح- پاڻ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو سڳو ڀائٽيو هو (٢)

سندس دين جي دعوت جو علائقو:

پاڻ پنهنجي چاچي سيدنا ابراهيم عليهما الصلواة والسلام جي امر ۽ اجازت سان درياءَ اردن جي هيٺئين پاسي شام ملڪ جي اترئين علائقي ۾ آباد رهندڙ قوم کي الله تعالىٰ جي دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ آيو هو. ان قوم جو ان وقت تخت گاهہ سدوم نالي شهر هو. اهو علائقو نهايت زرخيز ۽ آباد هو- ميون سان ڀريل ڪيترن ميلن جي فاصلي تائين سندن باغ هوندا هئا پر ان قوم جو ڪردار نهايت خراب هو ۽ خصلتون صفا گنديون هيون. کلي عام برايون ڪندا ۽ انهن تي شرمسار ٿيڻ جي بجاءِ فخر ڪندا هئا. هلندڙن مسافرن کي ڦريندا پراوا تہ ڇا پنهنجن مهمانن کان بہ هر شيءِ کسي وٺندا هئا. (٣)

حقي دين جي دعوت: پاڻ پنهنجي قوم کي هڪ الله تعالىٰ جي عبادت ڏانهن سڏيائون حرام، ناجائز ۽ برن ڪمن کان سختيءَ سان منع ڪيائون ۽ انهن جو خاص وڏو گناهہ اهو هو جو عورتن جي استعمال ڪرڻ جي بجاءِ مردن سان برو فعل ڪندا هئا.لونڊي باز هوندا هئا. جڏهن حضرت لوط عليه الصلاة والسلام کين منع ڪئي تہ جواب ۾ چيائون" اِئْتِنَا بِعَذَابِ اللهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ" (٤) جيڪڏهن سچو آهين تہ اسان وٽ الله جو عذاب آڻ- پوءِ پاڻ الله تعالىٰ کان دعا گهريائين تہ يا الله! هن فساد ڪندڙ قوم جي مٿان منهنجي مدد ڪر الله تعالىٰ سندس دعا قبول ڪندي انهن کي تباهہ ڪرڻ جو فيصلو فرمايو.

عذاب ڪرڻ جي لاءِ ملائڪن جي آمد:

حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي ان دعا کان پوءِ الله تعالىٰ بہ

(١) نعيمي ص٦٨٦ جلد ٨
(٢) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ص٢٦٨ جزءِ ١
(٣) ضياءُ القرآن ص٢٥ جلد٢
(٤) سورة العنڪبوت آيت ع-٢٩

امرن لاءِ پنهنجا ملائڪ سڳورا موڪليا ع-١- حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي فرزند عطا ٿيڻ جي خوشخبري ڏيڻ لاءِ ع-٢- حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي پنهنجي قوم جي علائقي مان نڪري وڃڻ لاءِ ته پوءِ انهن تي الاهي عذاب اچي. ملائڪن سڳورن اچي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي پٽ ڄمڻ جي بشارت ڏني ۽ جڏهن اتاهين روانا ٿيڻ لڳا ته پڇيائين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ انهن ٻڌايس ته حضرت لوط عليه الصواة والسلام جي ڪافر قوم کي تباهه ڪرڻ- حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کين فرمايو ته: ان قوم ۾ ڳوٺ ۾ ته منهنجو ڀائٽيو الله تعالىٰ جو نبي لوط به آهي؟ انهن عرض ڪيو ته اسان کي اهو به علم آهي اوهان ان ڳالهه کي ڇڏي ڏيو.

اهي اچڻ وارا ملائڪ ڪهڙا هئا؟

مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته اهي جبرئيل، ميڪائيل ۽ اسرافيل عليهم السلام هيا (١) اهي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کان موڪلائي، نهايت حسين ۽ جميل ڇوڪرن جي صورت ۾ ٻڌجي سڌا سدوم شهر ۾ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام وٽ آيا ۽ کيس چيائون ته: اسان کي مهمان ڪري رهايو، حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي فڪر ٿيو ته منهنجي قوم وارا هنن کي عام ڇوڪرا سمجهي تنگ نه ڪن ڀريان ته کين مشورو ڏنائين ته ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي رهو ۽ کين سمجهايائين ته: دنيا جي تختي تي هن ڳوٺ وارن کان زياده خبيث ۽ بداخلاق مون کي ڪٿي به ڪو نه ٿا سمجهن- ان نموني کين چار ڀيرا سمجهايائين ۽ الله تعالىٰ جو به انهن ملائڪن کي حڪم هو ته ان ڳوٺ وارن کي تيستائين هلاڪ ۽ برباد نه ڪن جيستائين سندن مٿان نبي سڳورو عليه الصلواة والسلام سندن مجرم ۽ بي فرمان هجڻ جي شاهدي نه ڏي ۽ سدي جو قول آهي ته: ملائڪ سڳورا حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام ڏانهن ٿي آيا ته سندس شهر سدوم کان ٻاهر کين حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي هڪ نياڻي پاڻي ڀريندي ملي(ڄاڻڻ گهرجي ته حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي به نياڻيون هيون. وڏيءَ جو نالو "ريثا" ۽ ننڍيءَ جو نالو "زغرتا" هو، انهن ٻنهي مان ملائڪن کي ڪهڙي نياڻي ملي؟ ان جو علم الله تعالىٰ کي آهي) ملائڪن حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي ان نياڻيءَ کان پڇيو ته: اي ڇوڪري! هن شهر ۾ ڪا رهڻ جي جاءِ آهي؟ ان نياڻيءَ کي ڊپ ٿيو ته هي حسين ڇوڪرا ڳوٺ

(١) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ص٢٧٦ جزءُ ١

وارن کي هٽ آيا تہ الاءِ ڇا ڏيندو؟ ان جي ڪري انهن انساني صورت ۾ آيل ملائڪن کي فرمايائين تہ: اوهان اتي ئي ويهو، ۽ جيستائين مان موٽي نہ اچان، تيستائين شهر ۾ اندر نہ وڃجو، پوءِ اها سڌي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام وٽ آئي ۽ ڪيس عرض ڪيائين تہ بابا سائين! شهر جي دروازي تي اهڙا سهڻا نوجوان اوهان سان ملڻ جي ارادي سان آيا آهن جن جهڙو سهڻو ڪڏهن بہ نظر نہ آيو آهي. اوهان جي قوم وارن کي هٽ نہ اچي وڃن تہ اوهان جي مٿان ڪل ٽي پوندي، حقيقت هيئن هئي تہ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي سندس قوم وارن جهليو هو تہ اوهان ڪنهن کي مهمان ڪري نہ رهائيندا ڪيو نہ تہ اسين بري ڪارروائي ڪندي دير نہ ڪنداسون- پوءِ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام انهن سهڻن نوجوانن جي صورت ۾ آيل ملائڪن کي اهڙي نموني لڪائي وٺي آيو جو سندس قوم وارن کي خبر ئي نہ پئي پر سندس گهر واري جيڪا ڪافرياڻي هئي انهن آيلن ملائڪن کي انساني صورت ۾ ڏسي پنهنجيءَ قوم وارن کي ٻڌائي آئي تہ اڄ (حضرت) لوط (عليه الصلواة والسلام) وٽ اهڙا سهڻا مهمان آيا آهن جو اهڙا اسان ڪڏهن بہ نہ ڏٺا آهن.

حضرت لوط ۽ حضرت نوح عليهما الصلواة والسلام جي گهر وارين جا نالا

علامہ ابن الڪثير لکيو آهي تہ: سهيليءَ فرمايو آهي تہ الله تعالىٰ جي ٻن نبين حضرت لوط ۽ حضرت نوح عليهما الصلواة والسلام جون گهر واريون ڪافرياڻيون هيون جن پنهنجن مڙسن، الله تعالىٰ جي پيارن نبين تي ايمان نہ آندو هو، حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي گهر واريءَ جو نالو "وَالِهَـة" ۽ حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي گهر واريءَ جو نالو "وَالِغَـة" هو. (١) جڏهن حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي قوم وارن سندس انساني سهڻي صورت ۾ آيل ملائڪن، مهمانن جو ٻڌو تہ هڪدم سندس گهر جي دروازي تي اچي پهتا ۽ اندر داخل ٿيڻ لڳا تہ حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کين روڪيو پر جڏهن اهي ضد تي رهي زوريءَ اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا تہ ملائڪن سڀوڙن سندس پريشانيءَ کي محسوس ڪندي عرض ڪيو تہ: اوهان پريشان نہ ٿيو اسين الله تعالىٰ جي طرفان هنن کي عذاب ڪرڻ جي لاءِ آيل ملائڪ آهيون هي اسان کي ۽ توهان کي ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا.

(١) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ص٢٨٠ جزءِ١

ان کان پوءِ سيدنا جبريل عليه السلام انهن دروازن تي آيلن کي پنهنجو پر هنيو ته انهن جون اکيون اهڙي نموني ختم ٿي ويون جو نشان ئي نه رهيون، کا خبر نه ٿي پئي ته سندن اکيون ڪٿي هيون ۽ ڪيئن هيون. مجبور ٿيئن تي هٿ رکي گهرن ڏانهن موٽيا ۽ الله تعاليٰ جي نبي عليه الصلواة والسلام کي دڙڪا ڏيندا ويا ته صبحاڻي اسان جي ۽ تنهنجي خبر پوندي.

الاهي عذاب جي آمد:

ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي ملائڪن حضرت لوط عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪيو ته: اوهان رات جو پنهنجي ڪافرياڻي ۽ گهر واريءَ کان سواءِ ٻين گهر جي ڀاتين (ٻن نياڻين) کي پاڻ سان وٺي نڪري وڃو ۽ پنهنجي قوم تي آيل عذاب جي ڪڙڪن کي ٻڌي پوئتي نهارجو به نه-سيدنا لوط عليه الصلواة والسلام رات جي پوئين حصي ۾ هڪ پاڻ ۽ ٻه نياڻيون پاڻ سان وٺي هڪ ڳوٺ ۾ آيو جنهن کي ان وقت "صوعر" ۽ بعد ۾ "غورزغر" سڏيندا هيا. شندس اتي رهڻ ۽ قرار وٺڻ کان پوءِ سندس قوم تي الهي عذاب جي آمد هن طرح ٿي جو حضرت جبرئيل سندن ستن شهرن جون انهن ۾ هر رهندڙ شيءِ سان گڏ چڪيون پٽي ايترو مٿي کڻي ويو جو انهن شهرن ۾ رهندڙن ڪڪڙن جون بانگون ۽ ڪتن جون ڀوڪون آسمان کان مٿان رهندڙن ملائڪن ٻڌيون ٿي ان کان پوءِ انهن کي اونڌو ڪري هيٺ اهڙو سٽيائين جو سڀ تباه ٿي ويا. ان کان پوءِ سندن مٿان پڪيءَ مٽيءَ جون پٿريون وسايون ويون ۽ هرهڪ پٿريءَ تي ان جو نالو لکيل هو جنهن کي لڳڻي هئي حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جي گهر واري به انهن سان گڏ تباه ٿي وئي، ڇو ته اها هڪ ته ڪافرياڻي هئي ٻيو ته حضرت لوط وٽ مهمان ايندا هئا ته هيءَ جاسوسي ڪري قوم وارن کي ٻڌائيندي هئي.

الله تعاليٰ جي نبي جي گهر واري ڪڏهن به زنا نه ڪري سگهندي

علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته سلف ۽ خلف مان دين جي امامن جو قول آهي ته ڪنهن به نبي جي گهر واري ڪافرياڻي ۽ نبي جي ٻين ڪمن ۾ مخالف ٿي سگهي ٿي، پر زنا نه ڪري سگهندي(١) ياد رکڻ گهرجي ته جنهن جاءِ تي اهي ڳوٺ ۽ سندن رهاڪو اونڌا ڪري سٽيا ويا هئا اتي الله تعاليٰ هڪ گندي ۽ بدبودار پاڻيءَ جو سمنڊ قائم ڪري ڇڏيو، جنهن مان ڪو به فائدو وٺي نه سگهي.

(١) قصص الانبياءِ لابن ڪثير ص٢٨٢ جزءُ اول

لونڊي باز جي سزا

حضرت امام شافعي ۽ امام احمد بن حنبل ۽ ٻين جو قول آهي تہ لونڊي باز پرٽيل هجي يا اڻ پرٽيل ان کي سنگسار ڪري پٿر هڻي ماري ڇڏبو، جيئن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "مَنْ وَجَدْ تُمُوْهُ يَعْمَلُ عَمَلَ قَوْمِ لُوْطٍ فَاقْتُلُوا الْفَاعِلَ وَالْمَفْعُوْلَ بِهٖ" يعني جنهن کي بہ (حضرت) لوط(عليه الصلواة والسلام) جي قوم وارو ڪم ڪندي لهو تہ ڪندڙ ۽ ڪيل ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيو. ۽ حضرت امام ابو حنيفہ رضي الله عنه جو قول آهي تہ لونڊي بازي ڪندڙ کي وڏي جبل تي چاڙهي هيٺ اڇلايو وڃي۽ مٿس پٿر وسائي ڪيس تباھ ڪيو وڃي (١)

اڳتي فرمان مبارڪ آهي: اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ: جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين تہ ڇا اوهان اهڙي بي حيائي ڪيو ٿا؟ جو اوهان کان اڳي جهانن مان ڪنهن هڪ بہ اها نہ ڪئي هئي. المقصد تہ ساري دنيا جي انسانن مان ڪنهن بہ اهو ڪم اوهان کان اڳي نہ ڪيو هو "اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَاۗءِ" بلاشڪ اوهان شهوت پوري ڪرڻ جي لاءِ عورتن کان سواءِ مردن سان جماع ڪيو ٿا" "تَاْتُوْنَ" جي معنيٰ تجامعون ۽مردن مان مراد لسا چوڪرا آهن (٢) "بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ- بلڪ اوهان حد کان تجاوز ڪندڙ قوم آهيو. يعني اوهان لونڊي بازيءَ کان سواءِ ٻيا برا ڪم مثلاً چوري،ڦربون، مسافرن کي تنگ ڪرڻ، غريبن تي ظلم ڪرڻ وغيره ۾ بہ ملوث آهيو "وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ" ۽ سندس قوم جو جواب صرف هي هو تہ انهن (حضرت لوط عليه الصلواة والسلام ۽ سندس مڃڻ وارن) کي پنهنجي ڳوٺ مان ٺي ڪڍي ڇڏيو. بلاشڪ اهي پاڪباز بنجندڙ انسان آهن. حضرت لوط عليه الصلواة السلام جي قوم جو اهو چوڻ سراسر بڪواس ۽نبي سڳوري تي چٿرون ڪرڻ جي ارادي سان هو "فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ڮ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ" پوءِ ان کي ۽ سندس اهل کي سندس گهر واريءَ کان سواءِ ان عذاب کان ڇڏايوسون، باقي سندس گهر واري پوئتي رهندڙن مان هئي. ان جي ڪري اها تباھ ۽ برباد ٿي وئي (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) "وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۭ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ" ۽ اسان انهن تي پڪيءَ مٽي جي پٿرن جو) مينهن وسايو پوءِ ڏس تہ مجرمن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي،

(١) قصص الانبياء لابن ڪثير ص٢٨٣ جزءِ اول

مجرمن مان مراد حضرت لوط عليه الصواة والسلام جي قوم آهي.

موجوده دور جي ڪافرن جون قهري ڪارروايون

چاڻڻ گهرجي تہ لونڊي بازي ڪرڻ ۾ ڪيترين برايون آهن ع-١ تہ اهو ڪم انساني فطرت جي خلاف آهي ع-٢ تہ ان ۾ مرد مفعول جي نهايت ذلتءِ خواري آهي ع-٣- اهو ڪم الاهي منشأ جي بالڪل ابتڙ آهي، ڇو تہ انسان ڪي منيءِ جو مادو انساني نسل وڌائڻ ۽ اولاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ مليل آهي نہ مفت ضايع ڪرڻ جي لاءِ ۴- تہ ان ۾ حقيقت ڪي ابتو رکيو ويو آهي مرد ڪم ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿيو آهي نہ ڪم ڪرائڻ جي لاءِ ع-٥ تہ ان بري فعل جي ڪرڻ سان وڏا وڏا جهيڙا ۽ قتل جا واقعات ٿيندا آهن پر ڪنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ ڪان پوءِ مڙس ۽ زال ۾ بلڪہ انهن جي والدين ۾ محبت پيدا ڪرڻ جو ذريعو بنجندو آهي ع-٦- تہ الله تعالیٰ عورت جي ڳيرڻ ۾ مرد جي منيءَ ڪي جذب ڪرڻ جي طاقت رکي آهي مرد جي پوئين اگهڙ ۾ اها طاقت رکيل نہ آهي، ان جي ڪري ان بري فعل ڪندڙ ڪي جريان، سوزاڪ بلڪ آتشڪ جهڙا موذي ۽ مهلڪ مرض ٿي پوندا آهن (١) پر يوناني ڪافر، پاڻ ڪي فلاسفر سڏائيندڙ ان ڪي هڪ جائز ۽ پسنديدو ڪم سمجهندا آهن ۽ نئين نام نهاد تهذيب جا موجد يورپ ۽ آمريڪا جا وڏا وڏا اهل قلم ان مهلڪ ۽ بري ڪم ڪي قانوني طور تي جائز قرار ڏيڻ لاءِ چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا آهن ۽ ڪيترن ملڪن تہ ان ڪي قانونًا جائز قرار ڏنو آهي جن ۾ جرمنيءَ ڪي سيني ڪان اڳرائي حاصل آهي (٢) فائدو- قرآن پاڪ جي مٿين آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ الله تعالیٰ ۽ ان جي نبي سڳوري تي ايمان آڻڻ ڪان سواءِ نبي جو مائٽ يا گهر واري هجڻ فائديمند ناهي، ڏسو "واهله" الله تعالیٰ جي نبي جي گهر واري هئي پر ڪافرياڻي هئي ان جي ڪري الاهي عذاب ۾ گرفتار ٿي. ڪنعان حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جهڙي نبي جو پٽ هجڻ جي باوجود ڪفر ڪرڻ جي ڪري غرق ٿي ويو، هوڏانهن حضرت بي بي آسيہ رضي الله عنها فرعون جهڙي ڪافر جي گهر واري هجڻ جي باوجود مومنہ هئي تہ ڪامياب رهي.

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ

۽ مدين ڏانهن ڀاءُ سندن شعيب کي (موڪليوسون) چيائين تہ اي منهنجي قوم اعبادت ڪيو الله جي ناهي اوهان جي لاءِ ڪو به عبادت جو لائق

غَيْرُهٗ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ

سواءِ ان جي تحقيق آيو اوهان وٽ روشن دليل رب اوهان جي وٽان پوءِ پورو رکو ماپ ۽ تور کي

(١) تفسير ڪبير ص-١٦٩ جزءِ ١۴ (٢) ضياءُ القرآن ص ٥٣ جلد٢

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ

۽ نہ گھٽايو ماڻھن کان شيون انھن جون ۽ نہ فسادڪيو زمين ۾ پڄاڻان

اِصْلَاحِهَا ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَلَا

اصلاح ان جي اھو ڀلو آھي اوھان جي لاءِ جيڪڏھن آھيو ايمان وارا ۽ نہ

تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ

وھو ھر رستي سان جو ڍيڄاريو واٽ ويندڙن کي ۽ روڪيوٿا؟ واٽ الله جي کان ان کي جو

اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَاذْكُرُوْا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ

ايمان آندائين ان سان ۽طلبڪيو ٿا ان کي ڏنگو ۽ ياد ڪيو جڏھن ھيئو ٿورا پوءِ گھڻو ڪيائين اوھان

وَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ

کي۽ ڏسو تہ ڪيئن ھئي پڇاڙي فساد ڪندڙن جي ۽ جيڪڏھن آھي جماعت ھڪڙي

مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا

اوھان مان جو ايمان آندائون ان سان جو موڪليو ويس مان ان سان ۽ جماعت ٻي جو نہ ايمان آندائون تہ پوءِ صبر ڪيو

حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٧﴾

تانجو فيصلو ڪري الله اسان ۾ ۽ اھو ڀلو آھي فيصلي ڪندڙن مان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انھن نبين عليھم الصلواة والسلام جو ذڪر ھو جيڪي حضرت ابراھيم عليه الصلواة والسلام کان اڳ ۾ جيئن حضرت صالح يا سندس

همعصر هيا جيئن حضرت لوط عليهما السلام ۽ هتي انهن پيغمبرن عليهم السلام ۽ سندن ڪافر قومن جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪي حضرت ابراهيم عليه السلام ڪان پوءِ هيا، فرمان مبارڪ آهي "وَاِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا" ۽ مدين ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون.

مدين ڇا آهي؟

مدين سيدنا ابراهيم عليه السلام جي فرزند جو نالو آهي جيڪو سندس ان اهليه مان ڄائو هو جنهن جو نالو قطوراءُ هو ان ڪان پوءِ اهو انهن جي قبيله جو نالو رکيو ويو جيڪي سندس اولاد مان هئا ۽ اڳتي هلي اهو ان ڳوٺ جو نالو ٿيو جتي انهيءَ قوم وارا آباد هيا ۽ اهو مصر شهر ڪان اٺن منزلن جي فاصلي تي واقع هيو(١) هتي ڀاءُ مان مراد هم وطن ۽ نسبي ڀاءُ آهي ديني ڀاءُ نہ آهي.

حضرت شعيب جو مختصر احوال

نالو مبارڪ: شعيب- هي لفظ عربي آهي يا عجمي ان ۾ علماء جو اختلاف آهي،پر پهريون قول وڌيڪ قوي ۽ صحيح آهي.

نسب جو سلسلو: حضرت شعيب عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جي اولاد مان آهي پر حضرت اسمٰعيل ۽ حضرت اسحٰق عليهما الصلوٰة والسلام جي اولاد مان ناهي، سندس نسب جو سلسلو هن طرح آهي، شعيب بن ميڪيل بن يشجر بن مدين بن ابراهيم عليه السلام سريانيه ٻوليءَ ۾ سندس نالو بيروت هو. سندس والده سائڻ حضرت لوط عليه الصلوٰة والسلام جي نياڻي هئي (٢)

لقب: حضرت شعيب عليه السلام کي ڳالهائڻ ۾ قابل ۽ فصيح هجڻ جي ڪري "خطيب الانبياءِ" سڏيندا هئا، ابن اسحٰق حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ: جڏهن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن حضرت شعيب عليه الصلوٰة والسلام جو ذڪر ڪندا هئا تہ فرمائيندا هئا: "ذَاكَ خَطِيۡبُ الۡاَنۡبِيَآءِ" (٣) اهو نبين (عليهم الصلوٰة والسلام) ۾ خطيب سڏيو ويندو آهي.

حضرت شعيب عليه السلام جي قوم جي حالت:

هيءَ قوم ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي طور سينا جبل جي اوير طرف

(١) صاوي ص٨٠ جزءِ٢ (٢) نعيمي ص٧١٢ جلد٨
(٣) ساڳيو حوالو (۴) القرطبي ص٢۴٨ ،جلد٧ ضياءُالقرآن ص٥٥ جلد٢

آباد هئي سندن گذران واپار ۽ تجارت تي هو عرب جي جزيري جا ٻه وڏا رستا يعني يمن کان شام ۽ عراق کان مصر ڏانهن وڃڻ لاءِ اتاهين لنگهندا هئا ان جي ڪري هنن جي حيثيت هڪ مشهور واپاريءَ منڊيءَ جي هئي جتي اچڻ وڃڻ وارا تجارتي قافلا پنهنجو سامان وڪڻندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ ضروري شيون خريد ڪندا هئا ان جي ڪري هيءَ قوم تمام گهڻو خوشحال ۽ ترقي يافته هئي. حضرت شعيب عليه السلام جي قوم ۾ ٻه وڏا گناهه هيا ١- ته پنهنجي ڏاڏي سيدنا ابراهيم عليه السلام جي طرفان ٻڌايل ۽ سمجهايل توحيد جي رستي کي ڇڏي مشرڪ بڻجي ويا هئا ٢- ته تاجر قوم هجڻ جي لحاظ سان ڏيڻ وٺڻ ۾ ڌوڪو ۽ فريب ڪندا هئا سندن زندگيءَ جو مقصد صرف دولت ڪمائڻ ۽ وڌائڻ هو ۽ تور ماپ ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻ سندن خاص شيوو هو، حضرت شعيب عليه السلام کين انهن کان روڪيندو رهندو هو.

مالڪ جي محبت ۾ روئڻ

علامه ابن الڪثير لکيو آهي ته: حضرت شعيب عليه السلام الله تعالىٰ جي محبت ۾ ايترو رنو جو ان روئڻ جي ڪري سندس ظاهري نگاهه بند ٿي وئي هئي پر الله تعالىٰ سندس نگاهه کي وري درست ڪيو ۽ فرمايو ته: اي شيعب! تون باهه جي خوف کان ٿو روئين يا جنت جي شوق ۾؟ عرض ڪيائين ته: ياالله! نه باهه جي ڊپ کان ۽ نه جنت جي محبت ۾ پر تنهنجي محبت ۾ جڏهن توکي ڏسندس ته پوءِ جو ڪجهه به ٿيندو ان جي پرواهه نه هوندي. الله تعالىٰ فرمايو ته: شعيب! توکي منهنجي ديدار جي بشارت آهي ۽ ان جي ڪري ئي مون پنهنجي ڪليم (حضرت موسىٰ عليه السلام) کي تنهنجي خدمت ۾ رکيو آهي (١)

مزار مبارڪ: ابن عساڪر پنهنجي تاريخ ۾ حضرت شعيب عليه السلام جي ذڪر ۾ سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما ۽ وهب بن منبه کان روايت آندي آهي ته حضرت شعيب عليه السلام ۽ مٿس ايمان آڻڻ وارن جي وفات مڪه پاڪ ۾ ٿي هئي ۽ سندن مزارون ڪعبه جي اولهه طرف دارالندوه ۽ دار بني سهم جي وچ تي هيون (٢) پر (هاڻي اهي نظر نه ايندڙيون آهن) اڳتي ارشاد آهي "قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ" چيائين ته: اي منهنجي قوم! صرف (هڪ) الله جي عبادت ڪيو ان کان سواءِ ڪو به اوهان جو (سچو) معبود ناهي هتي عبادت مان مراد عام آهي جنهن ۾ ايمان آڻڻ اول اول داخل آهي. "قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ" يقينًا اوهان وٽ اوهان جي رب وٽان روشن دليل آيو

(١) قصص الانبياء لابن ڪثير ص١٩٤ جزء١ (٢) قصص الانبياء لابن ڪثير ص٣٠٢ جزء١

آهي ان روشن دليل مان مراد حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جو معجزو آهي جيڪو کيس عطا ٿيو هو. علامه اسماعيل حقي عليه الرحمه لکيو آهي ته سندس معجزو هو جو جڏهن پاڻ نهايت وڏي جبل تي چڙهڻ جو ارادو ڪندو هو ته اهو جبل سندس اڳيان پاڻهي جهڪي هيٺ ٿيندو هو ۽ پاڻ ان تي آسانيءَ سان چڙهي ويندو هو (١) غالبًا پاڻ نالي مبارڪ شعيب سان به ان جي ڪري سڏيا ويندا هئا يعني جبل جي رستن جو بادشاهه (٢)

"فَاَوۡفُوا الۡكَيۡلَ وَالۡمِيۡزَانَ وَلَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ" پوءِ ماپ ۽ تور پوري (۽ صحيح) ڪيو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نه ڏيو. يعني ماپ ۽ تور گهٽائڻ ۾ ماڻهن جو حق ضايع ٿئي ٿو ائين نه ڪيو. "وَلَا تُفۡسِدُوا فِي الۡاَرۡضِ بَعۡدَ اِصۡلَاحِهَا. ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ" ۽ زمين ۾ ان جي اصلاح کان پوءِ فساد نه ڪيو، جيڪڏهن مؤمن آهيو ته اهو اوهان جي لاءِ ڀلو آهي. مقصد ته ماڻهن ۾ الله تعالىٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي اچڻ جي ڪري جيڪا اصلاح ٿئي ٿي ۽ ڏٺيءَ جي هن ڌرتيءَ تي رهندڙ سڪ جو ساهه کڻڻ پيا ته اوهان ان ۾ فساد پيدا نه ڪيو. ائين ڪرڻ اوهان لاءِ آخرت ۾ به ڀلو آهي، جو ان جو اوهان کي اجر ۽ ثواب ملندو ۽ دنيا ۾ به ڀلو آهي جو عزت ۽ عظمت سان گڏ مال ۽ ملڪيت ۾ به برڪت پيدا ٿينديو.

وَلَا تَقۡعُدُوۡا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوۡعِدُوۡنَ" ۽ هر واٽ (۽ رستي) سان ويهي ماڻهن کي نه ڊيڄاريو- حضرت شعيب عليه السلام جي قوم وارا رستن تي ويهي حضرت شعيب عليه السلام وٽ اچڻ وارن ماڻهن کي دڙڪا ڏيندا، ڊيڄاريندا ۽ روڪيندا هئا هنن کي ان کان منع ڪئي وئي آهي مدين جي شهر ڏانهن سڀني پاسن کان رستا ايندا هئا ان جي ڪري هتي "بِكُلِّ صِرَاطٍ" هر واٽ ۽ رستي تي ويهڻ ۽ ماڻهن کي روڪڻ جو ذڪر آيو. "وَتَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ مَنۡ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا" ۽ الله جي واٽ کان ان کي روڪيو ٿا جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ ان کي سڌو رکڻ جي بجاءِ ڏنگو طلب ڪيو ٿا. يعني وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪيو ٿا ته ڪو به ماڻهو حضرت شعيب تائين نه پهچي "وَاذۡكُرُوۡۤا اِذۡ كُنۡتُمۡ قَلِيۡلًا فَكَثَّرَكُمۡ" ۽ ياد ڪيو جڏهن اوهان ٿورا هيو پوءِ (الله تعالىٰ) اوهان کي گهڻو بنايو- هي نئون جملو آهي جنهن ۾ انهن کي الله تعالىٰ جي نعمت ياد ڏياري ڪين الاهي اطاعت ۽ ايمان جي ترغيب ڏيندي سمجهايو ويو آهي ته الله تعالىٰ جي نعمتن کي ياد ڪرڻ سان انسان ۾ شڪر جو جذبو پيدا ٿئي ٿو "وَانۡظُرُوۡا

(١) روح البيان ص٢٠٠ جلد٣ (٢) نعيمي ص٧١٤ ج ٨

كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُفۡسِدِيۡنَ" ۽ ڏسو تہ فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي- هن جملي ۾ انهن کي وري الاهي عذاب ياد ڏياري ايمان ۽ تقوىٰ جي رغبت ڏني وئي آهي ۽ "الۡمُفۡسِدِيۡنَ" مان مراد حضرت نوح عليه الصلواة والسلام ۽ عاد ۽ ثمود جون قومون آهن جڏهن تہ انهن تباهہ ٿيل قومن جا واقعا انهن وٽ مشهور هيا تڏهن انهن جي وري ياد ڪرڻ ۽ انهن مان عبرت وٺڻ جو ڪين سبق ڏنو ويو آهي. "وَاِنۡ كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنۡكُمۡ اٰمَنُوۡا بِالَّذِيۡۤ اُرۡسِلۡتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمۡ يُؤۡمِنُوۡا فَاصۡبِرُوۡا حَتّٰى يَحۡكُمَ اللّٰهُ بَيۡنَنَا ۚ وَهُوَ خَيۡرُ الۡحٰكِمِيۡنَ" ۽ جيڪڏهن اوهان مان هڪ جماعت ان پيغام تي ايمان آندو آهي جنهن سان مان موڪليو ويو آهيان ۽ ٻيءِ جماعت ايمان نہ آندو آهي تہ (تيستائين) صبر ڪيو جيستائين اسان ۽ اوهان ۾ الله تعالىٰ فيصلو ڪري ۽ اهوئي فيصلي ڪندڙن ۾ ڀلو آهي. ايمان آڻڻ واري جماعت جنهن حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام تي ايمان آندو هو مدين جا غريب ۽ مسڪين ماڻهو هئا ۽ نہ ايمان آڻڻ وارين جماعت ۾ اتي جا وڏيرا ۽ مالدار هئا جيڪي نهايت فسادي ۽ ڦڏي باز هئا ۽ انهن مسڪينن تي ايمان آڻڻ جي ڪري ناراض رهندا هئا. هتي ٻنهي ڌرين کي صبر جو حڪم ڪيو ويو آهي، مومنن کي الله تعالىٰ جي طرفان ملندڙ اجر، ثواب ۽ بهشت جي انتظار ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ڪافرن کي ڪين ملندڙ سزا ۽ عذاب جي انتظار ڪرڻ جو حڪم آهي.

قَالَ الۡمَلَاُ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِهٖ لَنُخۡرِجَنَّكَ يٰشُعَيۡبُ

چيو سردارن جن تڪبر ڪيو هو قوم ان جي مان تہ البت ضرور ڪيندا سون توکي اي شعيب!

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَكَ مِنۡ قَرۡيَتِنَاۤ اَوۡ لَتَعُوۡدُنَّ فِيۡ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ

۽ انهن کي جو ايمان آندائون گڏ توسان ڳوٺ پنهنجي مان يا ضرور موٽندؤ دين اسان جي ۾ فرمايائين تہ

اَوَلَوۡ كُنَّا كٰرِهِيۡنَ ﴿۸۸﴾ قَدِ افۡتَرَيۡنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنۡ عُدۡنَا فِيۡ

جيتوڻيڪ هجون (ان کي) نہ پسند ڪندڙ تحقيق بهتان هنيوسون الله تي ڪوڙو جيڪڏهن موٽي آياسون

مِلَّتِكُمۡ بَعۡدَ اِذۡ نَجّٰنَا اللّٰهُ مِنۡهَا ؕ وَمَا يَكُوۡنُ لَنَاۤ اَنۡ نَّعُوۡدَ فِيۡهَاۤ

دين اوهان جي ۾ پڄاڻان ان جي جو ڇڏايو اسان کي الله ان کان ۽ نہ ٿو هجي (ڪو وجهہ) اسان لاءِ جو موٽي اچون ان ۾

إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُ رَبُّنَا ۚ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۚ عَلَى ٱللَّهِ

مگر هي جو گهري الله (جيڪو) پالڻهار اسان جو آهي. گهيري ۾ ورتو رب اسان جي هر شيءِ کي علم سان الله تي توڪل ڪئي

تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا ٱفْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِٱلْحَقِّ وَأَنتَ خَيْرُ ٱلْفَٰتِحِينَ ﴿٨٩﴾

اسان اي رب اسان جا! فيصلو ڪر اسان ۾ ۽ قوم اسان جيءَ ۾ حق سان ۽ تون ئي (بين) فيصلي ڪندڙن ڪان ڀلو آهين

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جي اعلىٰ تعليم ۽ عمده تربيت جو ذڪر هوءِ هنن آيتن ۾ سندس قوم جي سردارن ۽ هٺيلن جو اڻنگو جواب بيان ڪندي ارشاد آهي، قَالَ ٱلْمَلَأُ ٱلَّذِينَ ٱسْتَكْبَرُوا۟ مِن قَوْمِهِۦ لَنُخْرِجَنَّكَ يَٰشُعَيْبُ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ مَعَكَ مِن قَرْيَتِنَآ أَوْ لَتَعُودُنَّ فِى مِلَّتِنَا " جن سردارن سندس قوم مان تڪبر ڪيو هو تن چيو ته اي شعيب! توکي ۽ جن توسان گڏ ايمان آندو آهي تن کي ضرور ضرور پنهنجي ڳوٺ مان ٺي ڪڍي ڇڏينداسون يا اوهان اسان جي دين ۾ موٽي ايندؤ- جاڻڻ گهرجي ته الله تعالىٰ جي نبي حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جو وعظ ۽ انهن کي هدايت ڪرڻ سراپا حقيقت ۽ سچ هو جنهن ۾ صداقت جو نور چمڪي رهيو هو- ڪپندو ته ائين هو ته سندس قوم وارا ان کي ٻڌي پنهنجين اکين تان غفلت جي پٽي لاهي دل سان تسليم ڪن ها پر انهن جي دل جو آئينو ايترو ته ڪٽجي ويو هو جو الله تعالىٰ جي نبي سان سهڻي انداز سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ به تيار نه هئا جبر ۽ تشدد تي لهي اچي ڪيس چوڻ لڳا ته: يا اوهان اسان جي باطل مذهب ۾ واپس ايندؤ يا اوهان کي پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏينداسون "قَالَ أَوَلَوْ كُنَّا كَٰرِهِينَ" فرمايائين ته جيتوڻيڪ اسين ان کي پسند نه ڪندڙ هجون. هي حضرت شعيب عليه السلام جو پنهنجي قوم وارن کي جواب هو. مقصد ته جيڪڏهن اسين اوهان جي ان گمراهيءَ واري ۽ غلط دين کي پسند نه ڪيون ته به اوهان اسان کي ان ۾ زوريءَ آڻيندؤ؟ اسين حق تي هوندي، حق ڏسندي ڪڏهن به ناحق کي تسليم نه ڪنداسون " قَدِ ٱفْتَرَيْنَا عَلَى ٱللَّهِ كَذِبًا إِنْ عُدْنَا فِى مِلَّتِكُم بَعْدَ إِذْ نَجَّىٰنَا ٱللَّهُ مِنْهَا " جڏهن اسان کي ان باطل کان الله ڇڏايو آهي

تہ ان کان پوءِ جيکڏهن وري ان ۾ واپس اچون تہ يقينًا اسان الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻندي بهتان ٺاهيو آهي. ان کان ڇڏائڻ جو مطلب تہ ڪن کي الله تعاليٰ ابتداءَ ۾ ئي ان ڪفر واري مذهب کان بچايو هو، ان ۾ رهيا ئي ڪو نہ جيئن حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام پاڻ ۽ ڪن کي ان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڇڏايائين جيئن حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ وارا "وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا" ۽ اسان کي مناسب ئي نہ آهي جو ان ۾ موٽي اچون مگر هيءَ ڳالهہ آهي جو اسان جو رب گهري، مطلب تہ جيڪڏهن قدرت واري کي اسان جو ڪفر ڏانهن ورڻ منظور هوندو تہ وري ڪفر ۾ اچي وينداسون پر نہ اهو ان کي منظور آهي ۽ نہ اسين ائين ڪنداسون. هتي ناممڪن کي ناممڪن سان معلق ڪيو ويو آهي "وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا" اسان جي رب هر شيءِ کي علم سان گهيراءُ ڪيو آهي الله تي ئي اسان توڪل ڪئي آهي،چو تہ ان جو علم سيني مصلحتن ۽ حڪمتن کي محيط آهي، باقي اسان اوهان ڪافرن جي ڌمڪين کان ڊڄي الله تعاليٰ جو دين اصل نہ ڇڏينداسون" رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَاَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ" اي اسان جا پالڻهار! اسان ۾ اسان جي قوم ۾ حق جو فيصلو ظاهر فرماءِ ۽ تون ئي (بين) فيصلي ڪندڙن کان ڀلو آهين.

هيءَ دعا حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام تڏهن گهري هئي جڏهن پنهنجيءَ قوم جي ايمان آڻڻ کان مايوس ٿيو هو، حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام جي دعا جي لفظن ۽ انداز مان ثابت ٿيو تہ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي دلين ۾ الله‌تعاليٰ جي عظمت ۽ جباريت ۽پنهنجي عبوديت جوعظيم ۽ عميق احساس آهي ۽ هر وقت بين سيني ذريعن کان بي توجه ٿي ان تي اعتماد ڪندا آهن.

وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا

۽ چيو سردارن جن ڪفر ڪيو هو قوم ان جي مان تہ البت جيڪڏهن تابعداري ڪئي اوهان شعيب جي

اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿٩٠﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ

تہ يقينًا اوهان ان وقت خساري وارا آهيو پوءِ پڪڙيو انهن کي زلزلي پوءِ ٿي ويا

دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩١﴾ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۚ

گهرن پنهنجن ۾ اونڌا جن ڪوڙو چيو شعيب کي ڄڻ تہ نہ رهيا هئا انهن ۾

اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا هُمُ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٢﴾

جن ڪوڙو چيو شعيب کي هئا اهي ئي خساري وارا.

تفسير

هن ڪان اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي سردارن جي اها گفتگو بيان ٿي جيڪا انهن حضرت شعيب عليه السلام سان ڪئي هئيءِ هاڻي انهن ئي ڪافرن سردارن جي اها گفتگو بيان ٿي رهي آهي جيڪا انهن پنهنجن ماتحت رهندڙن ڪافرن سان ڪئي هئي، ارشاد آهي "وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ" ۽ سندس قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو هو (ٻين کي) چيو تہ: البت جيڪڏهن اوهان شعيب جي اتباع ڪئي تہ يقينًا اوهان ان وقت خساري وارن مان آهيو، ڪافرن جي سردارن اها گفتگو پنهنجن ما تحت رهڻ وارن سان ان جي ڪري ڪئي هئي تہ متان اهي الله تعالیٰ جي پيغمبر حضرت شعيب عليه السلام تي ايمان آڻي ويهن، انهن کي ڌمڪي ڏيندي چيائون ٿي تہ جيڪڏهن اوهان نہ مڙندؤ ۽ نبي سڳوري کي مڃيندؤ تہ خساري ۽نقصان ۾ پوندئو، ان نقصان مان مراد آهي تہ الله تعالیٰ جو نبي عليه السلام اوهان کي ماپ ۽ تور ۾ گهٽ وڌ تائي ڪرڻ کان روڪيندو ۽ ائين ڪرڻ سان اوهان جي ظاهري ڪمائي گهٽجندي، "فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ" پوءِ انهن کي زلزلي (اهڙو) پڪڙيو (جو) پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ڪريا پيا هئا، مقصد تہ انهن تي اهڙو زلزلو آيو جو تباهہ ۽ برباد ٿي ويا (١) "اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا هُمُ الْخٰسِرِيْنَ" جن شعيب کي ڪوڙو چيو اهيئي خساري ۽ نقصان وارا ٿيا، مطلب تہ انهن حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام کي ان ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏني هئي پر ٿيو ان جي ابتڙ هن طرح جو الله تعالیٰ مٿن زلزلو موڪليو جنهن ۾ اهڙا تباهہ ۽برباد ٿي ويا ڄڻ تہ اتي هيا ئي ڪو نہ حضرت شعيب عليه السلام جي تابعدارن کي نقصان وارا چوندڙ پاڻ نقصان ۽ خساري ۾ پيا ۽ حضرت شعيب جا تابعدار هر نقصان کان محفوظ رهيا. فائدا هن آيت تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجھ ۾ اچن ٿا ع١- تہ جڏهن ڪنهن قوم تي الاهي عذاب

(١) القرطبي ص٢٥١ جلد٧

ايندو آهي تہ انهن جي دلين مان سندن نبي سڳوري جي هيبت ۽عزت نڪري ويندي آهي ۽ اها بي خوفي ۽ بي ادبي کين وڏي سزا ۽مار ملڻ جي نشاني آهي ۽٢- حرام آمدنيءَکي نفعو سمجهڻ ۽ حلال روزيءَ ۽ ان مان خيرات ۽ صدقات ڏيڻ کي نقصان سمجهڻ ڪافرن جو طريقو آهي جيئن ڪافر وياج وٺڻ کي نفعو ۽ زڪواة ڪڍڻ کي نقصان سمجهندا هئا ۽٣- جيڪو پنهنجي محسن ۽ خيرخواه جي ڳالهہ نہ ٿو مڃي تہ زماني جون گردشون ان کي سمجهائي مڃرائيندي پر اهو مڃڻ ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي.

فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ

پوءِ منهن ڦيرايائين انهن کان ۽ چيائين تہ اي قوم منهنجي! البت تحقيق پهچايم اوهان کي پيغام پالڻهار

وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٩٣﴾

پنهنجي جا ۽ خيرخواهي ڪيم اوهان جي پوءِ ڪيئن افسوس ڪيان مان قوم ڪافرن جي تي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت شعيب عليه السلام جي قوم جي هلاڪ ٿيڻ جو ذڪرهو ۽ هتي انهن جي هلاڪ ٿيڻ کان پوءِ ساڻن حضرت شعيب عليه السلام جي خطاب جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ" پوءِ انهن کان منهن موڙيائين ۽ فرمايائين تہ اي منهنجي قوم وارا! مون اوهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايا ۽ اوهان جي خيرخواهي ڪيم- انهن کان منهن موڙيائين، جو مطلب بيان ڪندي علامہ جمال الدين قاسمي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: انهن جي باري ۾ شفاعت ڪرڻ کان منهن موڙيائين چو تہ پاڻ ڪئين ڀيرا انهن کي الله تعالىٰ ڏانهن توبه ڪرڻ ايمان آڻڻ ۽ ٻنهي جهانن جي نفعي حاصل ڪرڻ جا رستا کولي کولي ٻڌائي چڪو هو (١)" فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ" پوءِ مان ڪافر قوم تي ڪيئن افسوس ڪيان يعني ڪيس انهن جي ان هلاڪت جو ڪو بہ ڏک نہ ٿيو هو. فائدو- ان مان ثابت ٿيو تہ ڪافرن ۽ ظالمن جي

(١) تفسير القاسمي ص٢١٨ جلد٥ جزءِ ٧

هلاڪت تي ڪو به ڏک ۽ غم نه ڪجي بلڪ ظالم جي هلاڪت جو بدي الله تعاليٰ جو حمد ۽ شڪر ڪجي جيئن ٻيءَ آيت ۾ آيو آهي " فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (١) پوءِ ظالمن جي پاڙ پٽي ويئي ۽ سڀ ساراهه الله، جهانن جي پالڻهار لاءِ ثابت آهي.

وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَآءِ

۽ نه موڪليوسون ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو نبي مگر پڪڙيوسون اهل ان جي کي سختيءَ

وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَضَّرَّعُوْنَ ﴿٩٤﴾ ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ

۽ تڪليفسان تانته اهي عاجزي ڪن ان کان پوءِ مٽايوسون بجاءِ برائي جي

الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّقَالُوْا قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ

نيڪيءَ کي تانجو زياده ٿياءِ چيائون ته تحقيق پهتي پيئرن اسان جن کي تڪليف ۽ خوشي

فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩٥﴾

پوءِ پڪڙيوسون انهن کي اوچتو ۽ اهي نه ٿا سمجهن.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ پنجن نبين حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح، حضرت لوط ۽ حضرت شعيب عليهم السلام جي امتن جي هلاڪت جو ذڪر هو شايد ڪو سمجهي ها ته صرف انهن پنجن قومن تي ئي عذاب آيو هو ٻين قومن تي نه- ان جي ڪري هنن آيتن ۾ کولي ٻڌايو ويو آهي ته انهن پنجن پيغمبرن عليهم السلام کان سواءِ ٻين پيغمبرن عليهم السلام به حق جا پيغام پهچايا هئا ۽ انهن کي نه مڃڻ وارين قومن تي به عذاب آيو هو فرمان عالي آهي" وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَضَّرَّعُوْنَ" يعني ڪنهن

(١) سورة الانعام آيت ٤٥

بہ ڳوٺ ۾ کو نبي موکليوسون تہ ان ڳوٺ وارن کي سندن نہ مڃڻ جي ڪري ان اميد تي تہ اهي زاري ڪري موٽي پون سختيءَ ۽ مصيبت سان پڪڙيو هيوسون، "البَاسَاءِ" مان بدن ۾ پيدا ٿيندڙ بيماريون ۽ عارضا مراد آهن ۽ "الضَّرَّاءِ" مان مسکيني ۽ محتاجي(١) مقصد تہ ہين قومن کي بہ انبياءِ ڪرام عليهم السلام کي نہ مڃڻ جي ڪري سزا طور تڪليفون ۽مصيبتون در پيش آيون هيون" ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّقَالُوْا قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ" ان کان پوءِ تڪليف جي جاءِ تي راحت مٽائي آندي سون تانجو زياده ٿيا، ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جي ابن ڏاڏان کي بہ (ائين ئي) تڪليف ۽ خوشي پهتي هئي ۽ انهن کي خبر ئي نہ پئي تہ اسان کين اوچتو پڪڙيو -مطلب تہ تڪليفون ۽ مصيبتون ڏسي بہ نہ سڌرندا آهن تہ پوءِ وري کين ڏک جي بجاءِ آرام ۽ غميءَ جي بجاءِ راحت ۽ خوشي ڏيندا آهيون ۽مٽن انعام ۽ اڪرام جا دروازا کولي اولاد، مال، عزت، وقار ۽ هر قسم جو آرام مهيا ڪندا آهيون تہ من پوءِ پنهنجي حقيقي محسن ۽ منعم کي سڃاڻي نافرمانيءَ کان باز اچن پر جيڪڏهن اهي اجان بہ نہ مڙندا آهن ۽ اڳيان غم ۽ ڏک وساري چوندا آهن تہ دنيا ۾ ڪڏهن ڏک تہ ڪڏهن سک ايندا رهندا آهن اسان جن ابن ڏاڏن تي بہ آيا هئا، اهي زماني جا اتفاق آهن، پوءِ انهن کي اهڙي نموني اوچتو پڪڙيندا آهيون جو پتو ئي نہ پوندو اٿن تہ هي عذاب ڪٿان آيو؟ ۽ ڪيئن آيو؟

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ

۽ جيڪڏهن تحقيق ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها تہ البت کوليون ها مٿان انهن جي برڪتون

السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾

آسمانءَ زمين مان ۽ پر ڪوڙو چيائون پوءِ پڪڙيوسون انهن کي سببان ان جي جو ڪندا هئا

اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿٩٧﴾

ڇا پوءِ امن وارا ٿيا ڳوٺن وارا هن کان جو اچي انهن وٽ عذاب اسان جو راتئون رات ۽ اهي ننڊ ۾ آهن

اَوَ اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾

ڇا امن وارا ٿيا ڳوٺن وارا هن ڳالهہ کان جو اچي انهن وٽ عذاب اسان جو ڏينهن چڙهئي ۽ اهي پيا راند ڪن

(١) تفسير ابن ڪثير ص٢٣٤ جلد٢

اَفَاَمِنُوْا مَكْرَاللّٰهِۚ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَاللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾

ڇاپوءِ امن ۾ ٿيا رب الله جي کان پوءِ نه ٿا بي خوف رهن رب الله جي کان سواءِ قوم خساري وارن جي.

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ هلاڪ ٿيندڙ قومن جي ان اعمال جو ذڪر هو جن جي ڪري اهي تباهه ٿي ويا ۽ هنن آيتن ۾ انهن عملن جو ذڪر ٿي رهيو آهي جن جي ڪري الله تعاليٰ جون برڪتون ۽ نعمتون نصيب ٿين ٿيون ارشاد مبارڪ آهي. "وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ" ۽ جيڪڏهن يقينًا ڳوٺ جا رهاڪو ايمان آڻين ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها ته انهن تي آسمان ۽ زمين جون برڪتون کولي ڇڏيون ها مطلب ته ايمان ۽ تقويٰ کي جيڪو عام طور ترقيءَ جي واٽ ۾ رڪاوٽ سمجهيو ويندو آهي سو صحيح نه آهي انهن جي صدقي ته الٰهي رحمت جو درياءُ جوش ۾ ايندو آهي زمين ۾ لڪل خزانا تقويٰ ۽ ايمان وارن جا قدم چمندا آهن ۽ آسمان پنهنجون نعمتون ۽ برڪتون انهن تي بارش وانگر وسائيندو آهي. "وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" ۽ پر (اسان جن رسولن عليهم الصلواة والسلام) کي (مڃڻ جي بجاءِ) ڪوڙو ڄاتائون پوءِ سندن ئي ڪمائيءَ جي ڪري کين پڪڙيوسون يعني اسان کي ٻانهن سان ڪو ضد نه آهي جو هرويرو انهن کي عذاب ڪندا رهون پر اهي اسان جن نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ ۽ انهن جي اتباع ڪرڻ جي بجاءِ کين ڪوڙو چئي بي فرمان ٿيا تڏهن انهن کي عذاب ۾ مبتلا ڪري سزائون ڏنيو سون "اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ" ڇا پوءِ ڳوٺن وارا ان ڳالهه کان، بي ڊپا آهن جو وٽن اسان جو عذاب ان حالت ۾ اچي جو پاڻ ننڊ ۾ پيا هجن- المقصد ته جن سببن جي ڪري گذريل قومن تي عذاب آيو هو اهي سبب جڏهن هنن وٽ به موجود آهن ته پوءِ بي فڪر ڇو ٿا رهن عيش ۽ آرام ۾ ايترا غافل نه ٿين متان الاهي عذاب جي گهيري ۾ اچي وڃن "اَوَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ" ڇا ڳوٺن وارا ان ڳالهه کان به بي ڊپا آهن جو اهي منجهند جو رانديون پيا ڪن ۽ اسان جو عذاب مٿن اچي ڪڙڪي- الغرض ته اسين انهن کي اهڙي وقت ۾ عذاب

موڪليون جو اِهي بالڪل غافل يا ننڊ ۾ پيا رائند روند ۾ هجن "اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ" ڇا پوءِ الله جي (ڪين پڪڙڻ واريءَ) رٿ کان بي ڊپا آهن الله جي (ان پڪڙڻ واريءَ) رٿ کان بي ڊپا تہ صرف نقصان ۾ ويندڙ قوم وارا هوندا، هتي "مَكْرَ اللّٰهِ (الله جي رٿ) مان مراد دنيوي خوشحالي ۽ عيش ملڻ کان پوءِ الله تعالىٰ جي اوچتي پڪڙ آهي نعمتن ۽ عياشين ۾ محو ٿي مالڪ جي اوچتي پڪڙ کان بي ڊپا ۽ بي فڪر اهي ماڻهو هوندا آهن جن جي عملن جي شامت کين جهنم جي ڪڏ ڏانهن ڌڪو ڏئي ڇڏيو آهي، متقي مؤمن جو شان هي آهي تہ اهو ڪنهن بہ حال ۾ الله تعالىٰ کان غافل نہ هوندو آهي.

اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ

ڇا نہ هدايت ملي انهن جي لاءِ جو وارث ٿين ٿا زمين جا پڇاڻان مالڪن ان جي هيءَ جو جيڪڏهن گهرون ها تہ

اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾

مصيبت پهچايون ها انهن کي سببان گناهن سندن جي ۽ مهر هڻون ها دلين سندن تي پوءِ اهي نہ ٿا ٻڌن

تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ

اهي ڳوٺ بيان ڪيون ٿا توتي خبرن انهن جي مان ۽ البت تحقيق آيا انهن وٽ

رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ۚ

رسول انهن جا روشن دليلن سان پوءِ نہ هئا تانت ايمان آڻين سببان ان جي جو ڪوڙو ڇيائون اڳ ۾

كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠١﴾ وَمَا وَجَدْنَا

ائين ئي مهر هڻي ٿو الله مٿان دلين ڪافرن جي ۽ نہ لڌوسون واسطي

لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾

گهڻن انهن جي (پڪو) وعدو ۽ بيشڪ لڌوسون گهڻن انهن جي کي البت فاسق.

تفسير

هن کان اڳ ۾ گذريل ڪافر قومن کي عذاب ملڻ جو بيان هو ۽ هتي انهن جي واقعن کي بيان ڪرڻ مان حاصل ٿيندڙ فائدي جو بيان آهي تہ هي واقعا ان جي ڪري بيان ڪجن ٿا تہ موجوده دور جا ڪافر انهن مان نصيحت پرائين- فرمان مبارڪ آهي "اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ" ڇا انهن جي لاءِ هدايت (روشن) نہ ٿي جيڪي زمين جا سندس (اڳين) مالڪن کان پوءِ وارث ٿيا جو جيڪڏهن اسين گهرون تہ سندن گناهن جي ڪري ڪين مصيبت ۾ ڦاسايون. مطلب تہ اڳين قومن جي هلاڪت جي واقعات مان سندن زمينون، مال، ملڪيتون، ۽ جائداد سنڀالڻ وارا هدايت حاصل ڪن، ڇو تہ جيئن انهن کي گناهن جي ڪري سزائون ۽ عذاب مليا هئا تيئن هنن کي بہ ملي سگهن ٿا. "وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ"، ۽ انهن جي دلين تي مهر هڻي ٿا ڇڏيون پوءِ اهي ٻڌن ئي نہ ٿا، هي نئون جملو آهي ان مان مراد هيءَ آهي تہ جن جي لاءِ الله تعالىٰ اڳين هلاڪ ٿيندڙ امتن جا مثال ڏئي هدايت جون واٽون روشن ڪيون آهن پر اهي انهن سيني ڳالهين جي هوندي پنهنجي گمراهيءَ تي ضد ڪيو ويٺا آهن الله تعالىٰ کي انهن جي ڪا پرواهہ نہ آهي اهو سندن دلين تي اهڙي مهر هڻي ڇڏيندو جو ڪا بہ حق جي ڳالهہ ٻڌندا ئي ڪو نہ (١)

"تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا" اهي ڳوٺ (اهي آهن) جن جون خبرون اوهان جي اڳيان ڪولي ڪولي بيان ڪيون ٿا. الغرض تہ اي حبيب پاڪ! صلى الله عليه وسلم اوهان کي انهن ڳوٺن ۾ موڪليل پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن کي نہ مڃڻ وارن ۽ ڪوڙو چوندڙن تي آيل عذابن جو ذڪر ڪولي ڪولي ٿا ٻڌايون تانتہ اوهان پنهنجيءَ قوم جي اڻنگي رويي ۽ تڪذيب کان مايوس ۽ دل تنگ نہ ٿيو ۽ اهي واقعا پنهنجيءَ امت کي ٻڌايو تہ اهي بہ عبرت وٺي غلط حرڪتن کان باز اچن "وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ" ۽ يقينًا انهن وٽ سندن طرف موڪليل رسول روشن دليلن سان آيا، پر اهي اڳ ۾ئي رسولن کي ڪوڙو چئي چڪا هئا ان جي ڪري ايمان آڻڻ لاءِ تيار ئي نہ ٿيا "اَلْبَيِّنٰتِ" مان مراد نبين عليهم الصلواة والسلام کان ظاهر ٿيندڙ ڪليل معجزا آهن(٢) مطلب تہ جنهن ڪفر ۽

(١) البحر المحيط ص٣٥٠ جلد٤ (٢) حاشيہ جمل بمع جلالين ١٧٠ جلد٢

تڪذيب تي انبياءِ عظام عليهم السلام جي آمد کان اڳ ۾ هيا انبياءِ عظام عليهم السلام جي اچڻ ۽ سندن هٿان ظاهر ٿيندڙن معجزن کان پوءِ بہ ان ڪفر ۽ تڪذيب تي قائم رهيا. (١) ڪَذَٰلِكَ يَطْبَعُ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِ الْكَافِرِينَ" ائين ئي الله ڪافرن جي دلين تي مهر هڻندو آهي يعني جيئن اڳين امتن مان ڪافرن جي دلين تي مهر لڳل هئي جو معجزا ڏسي بہ ايمان نہ ٿي آندائون تيئن اوهان جي دور وارن ڪافرن جي دلين تي بہ مهر هڻي ڇڏيندا سون جو ڪئين معجزا ۽ ڪمال ڏسي بہ ايمان نہ آڻيندا.

"وَمَا وَجَدْنَا لِأَكْثَرِهِم مِّنْ عَهْدٍ وَإِن وَجَدْنَا أَكْثَرَهُمْ لَفَاسِقِينَ" ۽ انهن مان گهڻن جو ڪو عهد نہ لڌوسون ۽ هنن مان گهڻن کي ان حال ۾ لڌوسون تہ اهي فاسق (بي دين) آهن، هي نئون جملو آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ گهڻا ماڻهو عهد جا پڪا ناهن ۽ گهڻا ماڻهو فاسق آهن.

فسق ڇا آهي؟

فاسق فسق مان ورتل آهي، معنیٰ فرمانبرداريءَ کان نڪري بي فرماني ڪرڻ (٢) فائدا- ع-١- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله تعالیٰ جا اهڙا پيارا محبوب آهن جو سندن دل تان غم ۽ مايوسي لاهڻ جي لاءِ الله تعالیٰ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ سندن امتن جا واقعا بيان ڪري ڪين تسلي ڏيندو آهي ٢- جيتوڻيڪ قرآن پاڪ سمورو حضور عليه الصلواة والسلام تي نازل ٿيو آهي ۽ پاڻ پنهنجي امت تائين پهچايو اٿن پر آيتن جي نزول جو مقصد ڪٿي صرف حضور عليه السلام جن پاڻ آهن تہ ڪٿي سندن امتي ۽ حضور عليه السلام جن امت کي انهن جي تعليم ڏني آهي جيئن ورثي يا زڪواة جي بيان واريون آيتون جو نہ تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن تي زڪواة فرض آهي نہ وري سندن ملڪيت وارثن جي ورثي ۾ ورهائي ويندي. ٣- الله تعالیٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صدقي سندن امت تي وڏ ۾ وڏ مهربان آهي جو اڳين امتن جا عيب قرآن پاڪ بيان ڪري ڪين دنيا ۾ رسوا ۽ خوار ڪيو پر محمدي امت جا عيب اگهاڙا نہ ڪيا ويا، قرآن ۾ انهن جون صرف خوبيون بيان ڪيون ويون آهن ۽ اهو ڪريم قيامت ۾ بہ انهن جا عيب اگهاڙا نہ ڪندو جو انهن جي نيڪين جو حساب ڪليل نموني ۽ گناهن جو حساب خفيه طريقي سان ڪيو ويندو (٣)

(١) نعيمي ص٥٣ جلد٩ (٢) ساڳيو حوالو

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ

ان کان پوءِ موکليوسون پڄاڻان انهن جي موسىٰ کي نشانين پنهنجين سان طرف فرعون ۽ سائين

فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۱۰۳﴾ وَقَالَ

ان جي پوءِ ظلم ڪيائون ان سان پوءِ ڏس تہ ڪيئن هئي پڇاڙي فساد ڪندڙن جي ۽ چيو

مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۴﴾ حَقِيْقٌ عَلٰٓى

موسىٰ اي فرعون! بيشڪ مان رسول آهيان طرفان رب جهانن جي ثابت آهيان هن

اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ۭ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ

ڳالهہ تي جو نہ چوان الله تي سواءِ سچ جي تحقيق آيس اوهان وٽ روشن دليل سان طرفان رب اوهان جي

فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ ﴿۱۰۵﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ

پوءِ موڪل ڳڏ مون سان بني اسرائيل کي چيائين (فرعون) جيڪڏهن آيو آهين تون نشانيءَ سان

فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ

پوءِ آڻ ان کي جيڪڏهن آهين تون سچن مان پوءِ اڇلايائين لٺ پنهنجيءَ کي تہ پوءِ ان وقت ٿي اها

ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۰۷﴾ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَاۗءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾

اروڙ نانگ چٽو آهي ۽ ڪڍيائين هٿ پنهنجو پوءِ ان وقت ٿي اهو اڇو (سفيد) آهي ڏسندڙن جي لاءِ

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ انهن پنجن نبين عليهم السلام ۽ سندن قومن جو بيان هو جيڪي غير منظم ۽ ٽڙيل پکڙيل هيون ۽ هتي ان نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو پاڻ تہ شاندار هو پر جنهن قبطي

قوم ڏانهن موڪليو ويو هو اهي بہ نهايت منظم هيا ۽ انهن جي باقاعده هڪ مستحڪم ۽ مضبوط حڪومت قائم ٿيل هئي، پر الله تعاليٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي مقابلي ۾ نہ اهي منتشر ٽڙيل ۽، پکڙيل، بيهي سگهيا ۽ نہ منظم حڪومت جا مالڪ- ارشاد مبارڪ آهي "ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهِمْ مُّوسَىٰ بِآيَاتِنَا إِلَىٰ فِرْعَوْنَ وَمَلَئِهِ فَظَلَمُوا بِهَا" يعني انهن کان بعد ۾ اسان موسىٰ (عليه الصلواة والسلام) کي پنهنجن نشانين سان فرعون ۽ سندس ساٿين ڏانهن موڪليو پوءِ انهن سان ظلم ڪيائون. هتي "ظَلَمُوا بِهَا" ۾ لفظ تہ ظلم جو آيل آهي پر ان مان مراد انهن نشانين جو ڪفر ۽ انڪار ڪرڻ آهي (١)

چاڻڻ گهرجي تہ سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام جو ذڪر ڪجهہ اڳين سورتن ۾ اچي چڪو آهي ڪجهہ هتي لکجي ٿو ۽ اهو هيءُ آهي تہ سندس عمر مبارڪ هڪ سؤ ويهہ (١٢٠) سال هئي ۽ پاڻ حضرت يوسف جي وفات کان چار سؤ سال ۽ حضرت ابراهيم عليهما الصلواة والسلام کان ست سؤ (٧٠٠) سال پوءِ ڄائو هو ۽ حضرت صالح ۽ حضرت هود عليهما الصلواة والسلام تہ حضرت ابراهيم عليه السلام کان بہ پهريان هئا ۽ حضرت شعيب عليه الصلواة والسلام سندس همعصر هو (٢) "فَانظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِينَ" پوءِ ڏس تہ فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي، فساد ڪندڙ: ان جي ڪري سڏيا ويا جو الله تعاليٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندا الله تعاليٰ جي طرفان ڪين مليل معجزن جي تڪذيب ۽ حق تلفي ڪندا ۽ خدا جي مخلوق کان پنهنجي پوڄا ڪرائيندا هئا" قَالَ مُوسَىٰ يَا فِرْعَوْنُ إِنِّي رَسُولٌ مِّن رَّبِّ الْعَالَمِينَ حَقِيقٌ عَلَىٰ أَن لَّا أَقُولَ عَلَى اللَّهِ إِلَّا الْحَقَّ" ۽ موسىٰ فرمايو تہ: اي فرعون! بلاشڪ مان رب العالمين جي طرفان (اوهان ڏانهن) رسول آهيان ان ڳالهہ تي ثابت ۽ قائم آهيان تہ الله تعاليٰ جي شان ۾ حق ۽ سچ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ چوان- ۽ نبي جي شان جي لائق ۽ مناسب بہ اهو آهي تہ ان جي هر ڳالهہ، هر ادا، هر قول، هر عمل حق ۽ سچ هجي" قَدْ جِئْتُكُم بِبَيِّنَةٍ مِّن رَّبِّكُمْ فَأَرْسِلْ مَعِيَ بَنِي إِسْرَائِيلَ". بلاشڪ مان اوهان وٽ اوهان جي رب جي طرفان روشن دليل سان آيو آهيان پوءِ بني اسرائيل کي مون سان گڏ ڇڏي ڏي.

حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي فرعون کان خاص طلب

چاڻڻ گهرجي تہ هونءَ تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام فرعون کي ڪئين هدايتون ۽ نصيحتون ڪيون هيون جيئن پين آيتن ۾ آيو آهي پر هڪ وڏي

(١) ضياءُ القرآن ص٦٤ جلد٢ (٢) صاوي ص٨٣ جزءُ ٢

اهم شيءِ هيءَ بہ هئي تہ حضرت موسىٰ بني اسرائيل کي(جيڪي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جو اولاد هئا۽ انهن کي فرعونين جانورن وانگر ذليل ڪري رکيو هو) نجات ۽ آزادي ڏياري ۽ هتي آيت ۾ ان ئي ڳالهہ جو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام فرعون کي فرمايو تہ "بني اسرائيل کي مون سان گڏ ڇڏ" تہ اهي آزاديءَ سان پنهنجي پروردگار جي عبادت ۾ مشغول رهن ۽مون سان گڏ پنهنجي پياري وطن شام ڏانهن هلن،ڇو تہ سندن ڏاڏي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام عراق کان هجرت ڪري شام کي پنهنجو وطن قرار ڏنو هو. پوءِ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ذريعي بني اسرائيل مصر ۾ آباد ٿيا هئا ۽ هاڻي جڏهن تہ مصر ۾ قبطي قوم وارا بني اسرائيل تي طرحين طرحين ظلم ڪري رهيا آهن ضرورت آهي تہ ڪين انهن جي ظلم ۽ ستم کان نجات ڏياري، وري شام ملڪ ۾ آباد ڪيو وڃي (١) "قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ" (فرعون)چيو تہ: (اي موسىٰ) جيڪڏهن (واقعي) تون ڪا نشاني ڪٺي آيو آهين تہ پوءِ اها (ظاهر ڪري ميدان ۾) آڻ جيڪڏهن سچن مان آهين. مطلب تہ دعويٰ تہ ڪرين ٿو تہ مون وٽ منهنجي نبوت جي ثبوت لاءِ نشانيون(معجزا) آهن پوءِ جيڪڏهن واقعي آهن تہ اهي ميدان ۾ آڻ تہ ڏسون تہ ڪهڙا آهن؟ "فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ" پوءِ (حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام) پنهنجيءَ لٺ کي اڇلايو تہ اها ان وقت ئي کليل ۽ چٽو اروڙ نانگ بنجي پئي ۽ پنهنجو هٿ ڪڍيائين تہ اهو بہ ان وقت ئي ڏسندڙن کي اڇو (چمڪندڙ) نظر آيو.

حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جا بہ وڏا مشهور معجزا

هڪ لٺ مان اروڙ نانگ ٿيڻ-

علامہ مظهري لکيو آهي تہ ثعبان وڏي نر نانگ کي سڏيو ويندو آهي ۽ اهو اٿين هليو ٿي جيئن ڪونئيو نانگ هلندو آهي.

ان نانگ جي ڪيفيت

محدث عبدالرازق،ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ ابن المنذر معمر جي حوالي سان قتاده کان۽ سدي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان راويت آندي آهي تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام پنهنجي لٺ اڇلائي تہ اها هڪ وڏو نانگ بنجي پئي جنهن جو رنگ ڦڪو ۽ ڪنڌ جي مٿان گهوڙي جي ہر وانگر وار هيس وات پيو کولي تہ هڪ چاڙيءَ کان ٻيءَ چاڙي تائين اسي هٿ ڊيگهہ هيس پڇ تي بيهي مٿي اڀو ٿئي تہ هڪ ميل پنڌ جو قدر بلند ٿئي پيو ۽ هڪ چاڙي هيٺ تہ ٻي فرعون جي

(١) حاشيہ عثماني مطبوعہ سعودي عرب ص٢١٧

ماڙيءَ جي مٿان پئي پهچي ۽ فرعون کي ڳڻي ڇڏڻ جو ارادو ڪيائين ته اهو وني ڀڳو ۽ ڊپ ۾ اهڙا دست ٿي پيس جو چار سؤ پيرا هڪ ڏينهن ۾ پيٽان ويئو ۽ جڏهن ماڻهن کي اها خبر پئي ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ ڪئين هزار ڄڻا اچي گڏ ٿيا ۽ وري انهن ڏسندڙن تي حملو ڪيائين ته ڀڄندي هڪ ٻئي جي مٿان چڙهي هڪ ٻئي کي لتاڙي پنجويهه هزار (٢٥٠٠٠) ماڻهومري ويا ۽ فرعون پنهنجي گهر مان دانهن ڪري حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي سڏي چيو ته: ان نانگ کي وٺ ته مان ايمان به آڻيندس ۽ توسان گڏ بني اسرائيل کي به ڇڏيندس، جڏهن حضرت موسيٰ ان کي ورتو ته وري لٺ ٿي پيو ۽ سيني جو ڊپ لهي ويو. (١)

پيو هٿ مبارڪ جو چمڪدار ٿيڻ:

سيدنا موسيٰ عليه الصلواة والسلام جو ٻيو معجزو اهو هو جو پنهنجي هٿ مبارڪ کي گريبان جي اندران آڻي ٻاهر ڪڍندو هو ته ان ۾ اهڙو حيران ڪندڙ نور جو شعاع هوندو هو جو سج کان غالب ٿي ويندو هو ۽ ڏسڻ وارا حيران ٿي ويندا هئا ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي ته ان سان آسمان ۽ زمين جي وچ واري هر شيءِ روشن ٿي ويندي هئي (٢)

لٺ مان نانگ ۽ هٿ جو اهڙو روشن ٿيڻ عقلاً به ممڪن آهي ناممڪن ناهي.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته الله تعاليٰ ساري مخلوقات کي وجود ڏيڻ کان پوءِ بي بس يا بي اختيار نه آهي جيئن انهن کي وجود ڏيڻ تي قادر آهي تيئن انهن ۾ رد وبدل ڪرڻ تي به قادر آهي اهو هر شيءِ تي قدير به آهي جيئن اهو بلاءَ جي هڪ ننڍي آني مان نانگ پيدا ڪري سگهي ٿو تيئن هڪ ڪاٺ جي لٺ مان به نانگ ظاهر ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن علم طبيعيات جا ماهر هروڀرو ضد ڪري ويهن ته جيڪي قانون ۽ قاعدا ڪائنات ۾ جاري آهن اهي اٽل آهن انهن ۾ رد وبدل ممڪن ئي ناهي ته اسين انهن کان پڇون ٿا ته ڇا اوهان جو علم فطرت جي سيني قانونن ۽ قاعدن کي محيط آهي؟ نه ۽ هرگز نه- پوءِ ممڪن آهي ته ڪائيءَ جي لٺ مان نانگ يا هٿ جو ايڏو روشن ٿيڻ ڪنهن اهڙي قانون مان ٿيو هجي جيڪو اوهان جي علم ۾ نه آهي، نيوٽن ۽ ٻيا وڏا وڏا سائنسدان ان ڳالهه جا اقراري ۽معترف آهن ته سندن علم اڻ پورو ۽ فطرت جي سيني ضابطن ۽ قانونن کي محيط نه آهي بلڪ اهو هن وقت تائين صرف

(١) مظهري ص٤٣٩ جلد٣ (٢) التفسير الڪبير ص١٩٦ جزءُ١٤

ڀڻن حقيقتن کي کولي سگهيو آهي (١)

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٩﴾ يُرِيْدُ اَنْ

چيو سردارن قوم فرعون جي مان تہ بيشڪ هي البت جادوگر ڄاڻندڙ آهي ارادو ٿو ڪري تہ

يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿١١٠﴾ قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ

ڪڍي اوهان کي زمين اوهان جي مان پوءِ ڪهڙو ٿا مشورو ڪيو چيائون تہ مهلت ڏي ان کي ۽ ڀاءُ ان جي کي

وَاَرْسِلْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿١١١﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿١١٢﴾

۽ موڪل شهرن ۾ (جادوگرن ڪي) گڏ ڪندڙ تہ آڻين تو وٽ هر جادوگر ڄاڻندڙ کي

وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ

۽ آيا جادوگر فرعون وٽ چيائون تہ بيشڪ اسان جي لاءِ البت انعام آهي جيڪڏهن هونداسون اسين

الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿١١٤﴾

غالب چيائين هائو ۽ بيشڪ اوهان مقربن مان هوندؤ.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جي قولي ۽ عملي تبليغ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن مان فرعونين جي فائدي نہ وٺڻ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي. "قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ" فرعون جي قوم مان سردارن چيو تہ بيشڪ هيءُ وڏو جادوگر آهي، جو تہ اهي حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جي معجزن کان حيران هئا "يُرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ" ارادو ڪري ٿو تہ اوهان کي اوهان جي ئي سر زمين مان ڪڍي ڇڏي پوءِ ڪهڙو مشورو ڏيو ٿا؟ يعني (حضرت موسیٰ (عليه الصلواة والسلام) جادو سکي ان لاءِ آيو آهي تہ اوهان کي

(١) ضياءُ القرآن ص٦٦ جلد٢

اوهان جي ديس مان ڪڍي پرديسي بنائي ۽ هتي پنهنجو راڄ ڀاڳ قائم ڪري ۽ زمينن تي قابض رهي، ٻڌايو ته اوهان ان جي باري ۾ ڇا سوچيو آهي؟" قَالُوٓا اَرۡجِهۡ وَاَخَاهُ" چيائون ته ان (حضرت موسىٰ) ۽ سندس ڀاءُ (حضرت هٰرون عليهما الصلواة والسلام) کي مهلت ۽ ڍر ڏي" وَاَرۡسِلۡ فِي الۡمَدَآئِنِ حٰشِرِيۡنَ" ۽ شهرن ۾ اهڙاماڻهو موڪل جيڪي (وڏن وڏن جادوگرن کي) گڏ ڪري وٺي اچن. ۽ هنن جي جادوءَ جو جواب انهن جي جادوءَ سان ڏيار- "يَاۡتُوۡكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيۡمٍ" تو وٽ هر وڏي ڄاڻ رکندڙ جادوگر وٺي اچن، جن جو هي (حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهماالسلام) مقابلو ڪري نه سگهن فرعون اهڙا ماڻهوموڪليا جيڪي وڏن وڏن جادوءَ جي ماهرن کي وٺي آيا، "وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرۡعَوۡنَ قَالُوۡٓا اِنَّ لَنَا لَاَجۡرًا اِنۡ كُنَّا نَحۡنُ الۡغٰلِبِيۡنَ" ۽ جادوگر فرعون وٽ آيا چيائون ته جيڪڏهن اسين غالب ٿياسين ته اسان جي لاءِ انعام ضروري آهي.

جادوگر ڪيترا هئا؟

ان ۾ اختلاف آهي ابو برزه جو قول آهي ته ستر هزار هئا، محمد بن ڪعب جو قول آهي ته اسي هزار هئا۽ ڪن جو قول آهي ته ٻارهن هزار هئا (١) والله اعلم ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته اهي جادوگر وري ٽي حصا ٿي ويا هئا ١- هڪڙا اهي جن کي پنهنجي غالب ٿيڻ جو يقين هو اهي سمجهيو ويٺا هئا ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام لٺ مان هڪ نانگ ٺاهيندو، اسين هزارين نانگ ٺاهي مقابلو ڪنداسون ٢-ٻيا اهي هئا جن کي پنهنجي غالب ٿيڻ ۾ شڪ هو ڇو ته اهي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي لٺ مبارڪ جي ڪارڪردگي سمجهيو ويٺا هئا ٣- ٽيون قسم اهي هئا جن کي زوريءَ آندو ويو هو، جن کي غالب ٿيڻ جو يقين هو انهن چيو هو ته اسان کي انعام ملڻ کپي" قَالَ نَعَمۡ وَاِنَّكُمۡ لَمِنَ الۡمُقَرَّبِيۡنَ (فرعون) چيو ته هائو (اوهان لاءِ انعام ته آهي ئي آهي) پر اوهان منهنجي دربار ۾ خاص مقربن مان هوندؤ هر ڪم ۾ اوهان ڪان مشورو ورتو ويندو. (١)

قَالُوۡا يٰمُوۡسٰٓى اِمَّآ اَنۡ تُلۡقِيَ وَاِمَّآ اَنۡ نَّكُوۡنَ نَحۡنُ الۡمُلۡقِيۡنَ ﴿١١٥﴾

چيائون ته اي موسىٰ يا (اول) تون اڇلاءِ ۽ يا هجون اسين اڇلائيندڙ

قَالَ اَلۡقُوۡا ۚ فَلَمَّآ اَلۡقَوۡا سَحَرُوۡٓا اَعۡيُنَ النَّاسِ وَاسۡتَرۡهَبُوۡهُمۡ

فرمايائين ته اڇلايو پوءِ جڏهن اڇلايائون ته جادو ڪيائون اکين ماڻهن جي کي ۽ ڊيڄاريائون انهن کي

(١) روح المعاني ص٢٣ جلد٣ جزءِ ٩

وَجَآؤُا بِسِحۡرٍ عَظِيۡمٍ ﴿۱۱٦﴾ وَاَوۡحَيۡنَآ اِلٰي مُوۡسٰٓي اَنۡ اَلۡقِ عَصَاکَ

۽ آنداٺون جادو وڏو ۽ وحي موڪليوسون طرف موسیٰ جي تہ اڇلاءِ لٺ پنهنجي

فَاِذَا هِيَ تَلۡقَفُ مَا يَاۡفِكُوۡنَ ﴿۱۱۷﴾ فَوَقَعَ الۡحَقُّ وَبَطَلَ مَا

پوءِ ان وقت اها ڳهڻ لڳي ان کي جو ٺاهين پيا پوءِ ثابت ٿيو حق ۽ باطل ٿيو جيڪي

كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۱۸﴾ فَغُلِبُوۡا هُنَالِکَ وَانۡقَلَبُوۡا صٰغِرِيۡنَ ﴿۱۱۹﴾

ڪيائون ٿي پوءِ مغلوب ٿيا اتي جو اتي ۽ واپس موٽيا ذليل ٿي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرعونين جي بي ادبيءَ ۽ گستاخيءَ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ جادوگرن جي طرفان حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام کان جادوءَ جي اڇلائڻ لاءِ موڪل وٺڻ ۽ ان طريقي سان ادب جي اظهار جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالُوۡا يٰمُوۡسٰٓي اِمَّآ اَنۡ تُلۡقِيَ وَاِمَّآ اَنۡ نَّكُوۡنَ نَحۡنُ الۡمُلۡقِيۡنَ" چيائون تہ: اي موسیٰ اول تون اڇلاءِ يا اسين اول اڇلائيندڙ بنجون، ياد رکڻ گهرجي تہ اها سندن گفتگو ان وقت ٿي هئي جڏهن مقابلي جي لاءِ تيار ڪيل ميدان ماڻهن سان ڀريل هو ۽ هزارن جي تعداد ۾ تہ رڳو جادوگر هئا ،فرعون پنهنجن درٻارين ۽ ساٿين سميت تخت ۽ ڪرسين تي سامهون منزل انداز ٿيو ويٺو هو. الغرض ساري دنيا جا ماڻهو هڪ طرف ۽ الله تعالیٰ جا نبي حضرت موسیٰ ۽ حضرت هارون عليه الصلواة والسلام ٻئي طرف- پر الله تعالیٰ جو فضل ۽مدد هنن ٻن سان شامل رهيا ۽ ان جي ڪري غالب رهيا" قَالَ اَلۡقُوۡا فَلَمَّآ اَلۡقَوۡا سَحَرُوۡٓا اَعۡيُنَ النَّاسِ وَاسۡتَرۡهَبُوۡهُمۡ وَجَآؤُا بِسِحۡرٍ عَظِيۡمٍ (حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام) فرمايو تہ اوهان اڇلايو،پوءِ جڏهن انهن اڇلايو تہ ماڻهن جي اکين تي جادو ڪيائون ۽انهن کي ڊيڄاريائون ۽ وڏو جادو آنداٺون مطلب تہ انهن جيڪي رسيون ۽لٺيون ميدان ۾ اڇلايون هيون انهن جي حقيقت نہ بدلي هئي،پرماڻهن جي اکين کي

ائين ڏسڻ ۾ آيو ٿي تہ اهي پچندڙ ۽ ڊوڙندڙ نانگ آهن ۽ انهن جو جادو ايترو تہ اثرائتو محسوس ٿي رهيو هو جو الله تعالىٰ بہ ان کي "سحر عظيم" (وڏو جادو) سڏيو آهي "وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ" ۽ اسان موسىٰ ڏانهن وحي ڪيو تہ تون پنهنجي لٺ اڇلاءِ (ان جڏهن پنهنجي لٺ اڇلائي تہ اها هڪ اروڙ نانگ بنجي) اتي جيڪي بہ انهن جادوگرن جادو ڪيا هئا انهن کي ڳهڻ لڳي. مقصد تہ انهن جا رسا، لٺيون سڀ ڳهي جيڪي اتي بيٺا هئا انهن ڏانهن وري ۽ اهي اهڙو وني پيگا جوڪيترا هڪ ٻئي جي لتاڙڻ جي ڪري هلاڪ ٿي ويا ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جڏهن هٿ وجهي کنيس تہ ساڳي لٺ بنجي وئي ۽ جادوگرن سوچيو تہ جيڪڏهن هي بہ جادو هجي ها تہ اسان جي رسن ۽ لٺين وانگر ٿي وڃي ها هي جادو نہ پر الله تعالىٰ جي نبي عليه الصلواة والسلام کي عطا ٿيل معجزو آهي(١) جيئن اڳتي ارشاد آهي "فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" پوءِ حق ثابت ٿيو ۽ جيڪي ڪجهہ اهي جادوگر ڪري رهيا هئا اهو باطل ٿي ويو. "فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ" پوءِ اتي جو اتي مغلوب ٿي ويا ۽ ذليل ٿي واپس ٿيا. جاٽڻ گهرجي تہ"غلبوا"۽"انقلبوا"۾ آيل ضمير فرعون ۽ سندس ساٿين ڏانهن ورن ٿا، مقصد تہ فرعون۽ سندس ساٿي مغلوب بہ ٿيا تہ ذليل ٿي بہ موٽيا رهيا جادوگر سو اهي نہ موٽيا ۽ نہ پيگا اتي ئي موجود رهيا۽ اللہتعالىٰ جي نبي موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ايمان ۽ ان جي صحابيت ۽بعد ۾ شهادت جي سعادت سان سرفراز ٿيا، انهن جڏهن رسين ۽لٺين اڇلائڻ وقت حضرت موسىٰ عليه السلام کان اجازت گهري تہ اول اوهان اڇلايو يا اسين تہ ان ادب جي صدقي ايمان جي دولت سان مشرف ٿيا هئا، ۽علامہ آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي تہ بعضي آثار ۾ آيو آهي تہ جڏهن موسىٰ عليه السلام انهن کي فرمايو تہ اوهان رسيون ۽لٺيون اول اڇلايو تہ: ان اهو غيبي آواز بہ ٻڌو هو تہ: اي الله جا اولياءَ! اوهان اڇلايو (٢) ۽ اهو لقب انهن کي ان لحاظ سان مليو هو جو حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ وارا هئا.

وَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ (١٢٠) قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (١٢١)

۽ ڪري پيا جادوگر سجدو ڪندڙ چيائون تہ ايمان آندوسون پالڻهار جهانن جي تي

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ (١٢٢) قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ

پالڻهار موسىٰ۽ هٰرون جو چيو فرعون تہ ايمان آندو اوهان ان تي اڳي هن جي جو موڪل ڏيان

(١) مظهري ص٤٤٢ جلد٣ (٢) روح المعاني ص٢٥ جلد ٣ جزء٩

لَكُمْ إِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوهُ فِى الْمَدِينَةِ لِتُخْرِجُوا مِنْهَا

اوهان کي بيشڪ هي مکر آهي جو رٿيو اوهان ان کي شهر ۾ تانت ڪيو ان مان

اَهْلَهَا فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿١٢٣﴾

اهل ان جي کي پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ.

تفسير

هن ڪان اڳين آيتن ۾ جادوگرن جي طرفان الله تعالىٰ جي نبي سان ادب سان پيش اچڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ان ادب جي صدقي ڪين مليل توفيق جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَأُلْقِيَ السَّحَرَةُ سَاجِدِينَ" ۽ جادوگر سجدا ڪندي ڪري پيا. يعني انهن جڏهن مقابلي جي دوران پنهنجي ناڪامي ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي معجزي جي ڪاميابي ڏٺي تہ حق کي حق سمجهي ايزدي بارگاهہ ۾ سجدي ۾ ڪري پيا" قَالُوا آمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِينَ رَبِّ مُوسٰى وَهٰرُونَ" چيائون تہ اسان جهانن جي رب تي ايمان آندو آهي جيڪو موسىٰ ۽ هارون جو رب آهي. موسىٰ ۽ هارون جي رب کي ان جي ڪري بيان ڪيائون جو جڏهن انهن چيو هو تہ اسان رب العالمين تي ايمان آندو آهي تہ فرعون چيو تہ رب العالمين تہ مان آهيان تڏهن وضاحت ڪندي چيائون تہ- تون نہ پر موسىٰ ۽ هارون جي رب تي ايمان آندو اٿئون.

"قَالَ فِرْعَوْنُ آمَنْتُمْ بِهِ قَبْلَ أَنْ آذَنَ لَكُمْ" فرعون چيو تہ اوهان ان تي منهنجي موڪل ڏيڻ کان اڳئي ايمان آندو آهي. مقصد تہ منهنجي اجازت کان سواءِ اوهان حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ايمان ڇو آندو؟ اوهان منهنجا رعيتي بلڪ نوڪر آهيو. اوهان کي ڪو بہ ڪم منهنجي اجازت کان سواءِ نہ ڪرڻ گهرجي "إِنَّ هٰذَا الْمَكْرٌ مَكَرْتُمُوهُ فِي الْمَدِينَةِ" بيشڪ هيءَ خفيہ تدبير آهي جيڪا اوهان شهر ۾ ٺاهي آيا آهيو مطلب تہ اوهان جي حضرت موسىٰ عليه السلام سان اها سازش ناهيل هئي جيڪا هتي ظاهر ڪئي "تہ" لِتُخْرِجُوا مِنْهَا أَهْلَهَا فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ" تانت ان شهر مان سندن اصلي رهاڪن کي ڪڍي ڇڏيو. پوءِ اوهان جلد ڄاڻندؤ تہ اوهان جي پڇاڙي

ڪهڙي بري ٿيندي؟

لَاُقَطِّعَنَّ اَيۡدِيَكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمۡ

البت ضرور وڍيندس هٿ اوهانجا ۽پير اوهان جا ابتڙ ان کان پوءِ البت ضرور ڦاسيءَ تي چاڙهيندس

اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۱۲۴﴾ قَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنۡقَلِبُوۡنَ ﴿۱۲۵﴾ وَمَا تَنۡقِمُ مِنَّاۤ اِلَّاۤ

اوهان مڙني کي چيائون تہ بيشڪ اسين رب پنهنجي ڏانهن موٽندڙ آهيون ۽ نہ ٿو پلاند وٺين تون اسان کان مگر

اَنۡ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتۡنَا ؕ رَبَّنَاۤ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا

هي جو ايمان آندوسون آيتن رب اسان جي تي جڏهن آيو اسان وٽ اي رب اسان جا پلٽاءِ اسان تي صبر

وَّتَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿۱۲۶﴾ ع

۽ وفات ڪراءِ اسان کي مسلمان بنائي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جي مقابلي ۾ ايندڙ جادوگرن جي ايمان آڻڻ ۽ سجدي ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي انهن کي ملندڙ ڌمڪيءَ جو ذڪر ڪندي فرمان آيو آهي تہ " لَاُقَطِّعَنَّ اَيۡدِيَكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ " مان ضرور اوهان جا هٿ ۽ پير هڪ ٻئي جي ابتڙ وڍيندس ان کان پوءِ اوهان سيني کي ڦاسيءَ تي لٽڪائيندس، ڦاسي ڏيڻ جا مختلف طريقا هوندا آهن، فرعون جو طريقو اهو هوندو هو جو جنهن کي ڦاسي ڏيندو هو ان کي وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيندو هو تان جو اهو اتي سڪي مري ويندو هو ان جي ڪري ٻي آيت ۾ آيو آهي تہ "لَاُصَلِّبَنَّكُمۡ فِيۡ جُذُوۡعِ النَّخۡلِ" (١) اوهان کي ڪجين جي ٻنڍن سان ٻڌي ڦاسي ڏيندس "قَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنۡقَلِبُوۡنَ" چيائون تہ يقيناً اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽندڙ آهيون. مطلب تہ اسان کي جيڪڏهن ڦاسي ڏيندين تہ اسان جو نقصان نہ آهي اسان کي يقين آهي تہ ان طرح

(١) سورة طٰهٰ آيت عـ٧١

شهادت حاصل ڪرڻ سان اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي هلنداسون ۽ ان جي رحمت سان جنت جا مزا ماڻينداسون.

حقيقي عشق جي تقاضا

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اهي هزارين جادوگر جيڪي نهايت گمراهہ ۽ ظالم هيا جادو جهڙي گندي فن سان ماڻهن ڪان مال ۽ ملڪيتون ڪسي ڪٽندا هئا، پرجڏهن الله تعالىٰ جي نبي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي ذريعي ايمان جي دولت سان مالامال ٿيا ۽ حقيقي عشق جي لذت حاصل ڪيائون تہ اتي جو اتي فرعون جهڙي ظالم ڪي سڌو سنئون چوڻ لڳا تہ: اسان ڪي ڦاسيءَ جي پرواهہ نہ آهي ان سان تہ اسان ڪي مالڪ جي رحمت ۽ جنت جا مزا نصيب ٿيندا ،اها آهي حقيقي عشق جي تقاضا ۽ اهو آهي سچي مومن جو مقام.

تقيو ڪرڻ حرام آهي

ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ شيعن جي مذهب ۾ تقيي ڪي وڏي اهميت ڏني وئي آهي، تقيي جي معنىٰ ڪن ٿا زبان تي هڪ دل ۾ ٻي- جيڪڏهن تقيہ جائز هجي ها تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ وارا جادوگر بہ فرعون ڪي ناراض ڪندي ڪليل ايمان جو اعلان نہ ڪن ها پر انهن جو ڪلئي طريقي سان اهو اعلان ٻڌائي رهيو آهي تہ تقيہ حرام آهي.

"وَمَا تَنقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنۡ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتۡنَا" ۽ اسان ڪان ٻيو ڪو بہ پلاند نہ ٿو وٺين صرف هيءَ ڳالهہ آهي جو اسان وٽ جڏهن اسان جي رب جون آيتون آيون تہ اسان انهن تي ايمان آندو آهي- ٻيو ڪو اسان گناهہ يا ڏوهہ تہ نہ ڪيو آهي؟ ڄاڻڻ گهرجي تہ هتي "اٰيٰتِ" مان مراد حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما الصلواة والسلام جون شخصيتون، سندن عالي شان فرمان، لٺ ۽ هٿ وارا معجزا، ٻنهي ڀلارن جو غالب ۽ جادوگرن جو مغلوب هجڻ،لٺ جو اٿرين رسين ۽ ڪاٺين ڪي ڳهي وڃڻ وغيره آهي" رَبَّنَآ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّتَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ" اي اسان جا پالڻهار! اسان تي صبر (جي نعمت) پلٽاءِ ۽ اسان ڪي مسلمان ڪري مار - هي نئون ڪلام آهي جنهن سار انهن جادوگرن فرعون ڪي جواب ڏيندي الله تعالىٰ ڪان دعا گهري هئي ۽ دعا ۾ ائين چوڻ سان تہ: اسان ڪي " مسلمان ڪري مار" ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ ڪان هميشہ خير سان خاتمي ٿيڻ جي دعا گهرجي.

وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا

۽ چيو سردارن قوم فرعون جي مان تہ ڇا ڇڏين ٿو موسیٰ ۽قوم ان جي کي تانت فسادکن

فِى الْاَرْضِ وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَنَسْتَحْيٖ

زمين ۾ ۽ ڇڏي توکي ۽ (باطل) معبودن تنهنجن کي چيائين تہ جلد قتل ڪنداسون پٽن انهن جي کي ۽جيئرو ڇڏينداسون

نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قَاهِرُوْنَ ﴿١٢٧﴾

عورتن انهن جي کي ۽ بيشڪ اسان مٿان انهن جي غالب آهيون.

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرعون جي انهن ظلمن جو ذڪر هو جيڪي ان مسلمان ٿيندڙن جادوگرن لاءِ رٿيا هئا۽ هنن آيتن ۾ فرعون جي ان ظلم جو جيڪو ان بني اسرائيل تي ٻيهر ڪرڻ جي لاءِ رٿيو هو ذڪر ڪندي فرمان ٿي رهيو آهي "وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ۽ فرعون جي قوم مان سردارن (فرعون کي) چيو تہ: ڇا تون موسیٰ ۽ ان جي قوم کي ڇڏي ٿو ڏين تانت زمين ۾ فساد ڪن ۽ توکي ۽ تنهنجي (باطل) معبودن کي بہ ڇڏي وڃن؟ ابن جرير حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ جڏهن جادوگرن سجدي ۾ ڪري الله تعالیٰ جي توحيد ۽ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جي رسالت تي ايمان آڻڻ جو اعلان ڪيو تہ جيڪي ماڻهو اهو منظر ڏسڻ آيا هئا انهن مان ڇهہ لک ماڻهو ڪلمو پڙهي حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻي ويهي رهيا، تڏهن فرعون جي قوم مان سردارن کيس چيو تہ ڇا تون موسیٰ ۽ ان جي قوم کي ڍر ڏئي، ڇڏي ڏيندين تہ زمين ۾ فساد ڪن ۽ توکي ۽ تنهنجن (باطل)معبودن کي ڇڏي ڏين؟ (١) ياد رکڻ گهرجي تہ "اٰلِهَتَكَ" (تنهنجن معبودن) مان مراد اهي بت هيا جيڪي فرعون پنهنجي نالي ۽ مهانډي تي ٺهرائي

(١) نعيمي ص١١٣ جلد٩

مصر جي شهر کان ٻاهر رهڻ وارن ڏانهن موڪليا ميا، ۽ هن جملي جو مطلب آهي ته "توکي ۽ تنهنجي طرفان مقرر ڪيل باطل معبودن کي ڇڏي ڏين" قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَاۤءَهُمْ وَنَسْتَحْيِي نِسَاۤءَهُمْ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قَاهِرُوْنَ چيائين ته (ڇڏي ڪيئن ڏينداسون؟) اسين جلد سندن پٽن (مردن) کي قتل ڪنداسون ۽ سندن عورتن (نياڻين) کي ڇڏي ڏينداسون ۽ اسين انهن تي غالب آهيون- (اسان کان ڪيڏانهن ويندا؟) هي فرعون جو اهو جواب آهي جيڪو ان پنهنجيءَ قوم جي سردارن کي ڏنو هو، مگر سوال هڪ نموني جو هو ته جواب ٻئي نموني جو- فرعوني سردارن جي طلب هئي ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ۽ سندس قوم مان ايمان آڻيندڙن کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو وڃي ۽ ڪين تڪليفون ڏنيون وڃن، پر فرعون حضرت موسىٰ عليه لصلواة والسلام کان ڊڄي ويو هو ۽ اهڙو ڪو به قدم کڻڻ جي بجاءِ انهن کي جواب ۾ چيائين ته اسين حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي قوم جي ننڍن ٻچن مان جيڪي پٽ هوندا تن کي کهي ڇڏينداسون نه وڌندا ۽ نه اسان کي خطرو رهندو، باقي جيڪي سندن نياڻيون ڄمنديون ونديون انهن کي پنهنجي ڪم ڪار ۽ خدمت لاءِ جيئرو ڇڏي ڏينداسون اسين انهن تي غالب آهيون ڪيڏانهن به وڃي نه سگهندا (١)

قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ

چيو موسىٰ واسطي قوم پنهنجي ته مدد وٺو الله سان ۽ صبر ڪيو بيشڪ زمين الله جي آهي

يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَاۤءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٨﴾ قَالُوْا

وارث بنائي ٿو ان جو جنهن کي گهري ٻانهن پنهنجن مان ۽ پڇاڙي واسطي پرهيزگارن جي آهي چيائون ته

اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَمِنْ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا قَالَ عَسٰى

ايذايا وياسون اڳي هن جي جو آڻين اسان وٽ ۽ پڇاڻان ان جي جو آئين اسان وٽ چيائين ويجهو آهي

رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ

رب اوهان جو هي جو هلاڪ ڪري دشمن اوهان جي کي ۽پويان رهائي اوهان کي زمين ۾ پوءِ ڏسي

(١) التفسير الكبير ص ٢١١ جزء ١٤

كَيۡفَ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٢٩﴾

تہ ڪيئن ٿا عمل ڪيو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرعون جي ظلم ڪرڻ واري مشوري جو ذڪر هوءِ هنن ۾ بني اسرائيل جي صبر واري مشوري جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "قَالَ مُوۡسٰى لِقَوۡمِهِ اسۡتَعِيۡنُوۡا بِاللّٰهِ وَاصۡبِرُوۡا" موسىٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ الله کان مدد وٺو ۽ صبر ڪريو، حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي مڃڻ وارن کي جڏهن فرعون جي مٿئين اعلان جي خبر پئي تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کين مٿين نصيحت ڪئي تہ: مايوس نہ ٿيو الله تعالىٰ کان مدد گهرو ۽ صبر ڪيو "اِنَّ الۡاَرۡضَ لِلّٰهِ يُوۡرِثُهَا مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ" زمين الله جي آهي، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهريئَ ان کي زمين جو وارث بنائي ٿو- هن جملي سان حضرت موسىٰ عليه السلام بني اسرائيل کي اميد ڏياري تہ اوهان انهن فرعونين جي زمين جا وارث ٿيندؤ، نااميدي نہ ڪيو. "وَالۡعَاقِبَةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ" ۽(پڇلي) پڇاڙي پرهيزگارن جي لاءِ آهي،هن جملي ۾ متقين کي بشارت ڏني وئي آهي تہ انهن جي پڇاڙي پڇلي ۽ ساراهيل آهي (١) "قَالُوۡا اُوۡذِيۡنَا مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَاۡتِيَنَا وَمِنۡۢ بَعۡدِ مَا جِئۡتَنَا" چيائون تہ تنهنجي اچڻ کان اڳ ۾ بہ اسان کي ايذاءَ ڏنا ويا ۽ تنهنجي اچڻ کانپوءِ بہ.هي بني اسرائيلن جو حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي چوڻ هو تہ: اسان کي اميد هئي تہ تنهنجي اچڻ کانپوءِ اسان سک جو ساهہ کڻنداسون پر کجهہ نہ ٿيو توکان اڳ ۾جيڪي سختيون ۽ سور هئا سي تنهنجي اچڻ کان پوءِ بہ شروع آهن اسين ٿا ڪيون ڪيڏانهن وڃون؟ "قَالَ عَسٰى رَبُّكُمۡ اَنۡ يُّهۡلِكَ عَدُوَّكُمۡ وَيَسۡتَخۡلِفَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرَ كَيۡفَ تَعۡمَلُوۡنَ" چيو (حضرت موسىٰ) تہ اميد آهي يا هي ڳالهہ قريب آهي (٢) جو اوهان جو رب اوهان جي دشمن کي هلاڪ ڪري ۽ اوهان کي انهن جي پويان (انهن جي ٿي) زمين ۾ رهائي ڏسي تہ اوهان ڪهڙا عمل ڪيو ٿا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ آيل لفظ "فَيَنۡظُرَ" نظر کان ورتل آهي ۽ نظر مان ڪڏهن مراد هوندي آهي اهڙي سوچ جنهن مان علم حاصل ٿئي، ۽ڪڏهن مراد هوندي آهي اک جي ڪاري ماڻڪي ڦيرائي ڏسڻ، ۽ڪڏهن مراد هوندي آهي انتظار

(١) القرطبي ص٢٦٣ جلد٧ (٢) الڪشاف ص١٠٥ جلد٢

ڪرڻ- اهي ٽئي معنائون الله تعالىٰ جي شان جي خلاف ۽ محال آهن ۽ ڪڏهن مراد آهي ڏسڻ ۽ هتي اهائي مراد آهي (١) مقصد تہ الله تعالىٰ اوهان کي فرعونين جي زمين ۽ جائيداد جو مالڪ بنائي ظاهر ۾ بہ ڏسڻ ٿو چاهي تہ اوهان مان ڪهڙا عمل ظاهر ٿين ٿا.

لطيفه

هڪ پيري ديني عالم عمرو بن عبيد خليفي منصور وٽ سندس خلافت جي تخت تي وهڻ کان اڳ ۾ ويو تہ ان ماني ويٺي کاڌي ۽ سندس دستر خوان تي هڪ يا ٻہ مانيون پيون هيون، خليفي منصور ٻي مانيءَ کڻڻ جي لاءِ حڪم ڪيو پر موجود نہ هئي تہ ان هن آيت جا هي الفاظ پڙهيا. "وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْأَرْضِ" ۽ اوهان کي زمين ۾ (خلافت ڏيندو) انهن جي پويان رهائيندو، اشارو هو تہ خليفه ٿيندس تہ پوءِ مانيون ڪوڙ- جڏهن خليفو ٿيو تہ اهو ساڳيو ديني عالم عمرو بن عبيد وٽس ويو ۽ سندس اڳيان ان آيت جو هي حصو پڙهيائين "فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ" پوءِ ڏسندو تہ ڪهڙا عمل ڪيو ٿا، اشارو ڏنائين تہ هاڻي خليفو ٿيو آهين سٺا عمل ڪجان، ڇو تہ اللّٰہ‌تعالىٰ جي اوهان جي عمل تي خصوصي نگاهہ آهي (٢)

وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرَاتِ لَعَلَّهُمْ

۽ البت تحقيق پڪڙيوسون فرعونين کي (ڏڪار جي) سالن سان ۽ گهٽائڻ ميون جي سان تانت اهي

يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَاِنْ

نصيحت وٺن پوءِ جڏهن آئي انهن وٽ ڀلائي چيائون تہ واسطي اسان جي هيءَ آهي ۽ جيڪڏهن

تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ ۗ اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ

پهچي ٿي انهن کي ڪا برائي تہ بري فال وٺن ٿا موسىٰ سان ۽ انهن سان جيڪي ساڻس گڏ هئا خبردار پڪ بري فال انهن جي

عِنْدَاللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣١﴾

الله وٽ آهي ۽ پر اڪثر انهن مان نہ ٿا ڄاڻن.

(١) تفسير ڪبير ص٢١٣ جزءِ ١٤ (٢) مدارڪ ص٧١ جلد١ جزءِ ٢

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن مصيبتن ۽ تڪليفن جو ذڪر هو جيڪي فرعون جي طرفان بني اسرائيل تي آيون هيون ۽ هنن ۾ انهن تڪليفن ۽ سزائن جو ذڪر آهي، جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان فرعونين تي آيون، ارشاد آهي "وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ" ۽ البت تحقيق فرعونين کي سخت ڏڪر وارن سالن ۽ميون گهٽائڻ سان آزمايوسون، يعني انهن ۾ ڪيترا سال ڏڪار جون حالتون پيدا ڪري ڇڏيوسين جو وڻن ڪاٺڻ جي لاءِ نه اناج رهيو نه ميوا- سخت، پريشان رهيا" لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ" تانت اهي نصيحت وٺن، يعني اهي ڏڪار ۽ تنگيءَ جون حالتون انهن ۾ ان جي ڪري پيدا ڪيون سين ته اهي سمجهن ته پاڻ کي خدا سڏائڻ وارو ۽ سندس ساٿي ڪيترا ڪمزور آهن، جو ماڻهن جي بک لاهڻ لاءِ به انتظام ڪري نه ٿا سگهن ۽ بني اسرائيل کي تڪليفون ڏيڻ جا جيڪي نڪاءَ ٿا ڇڏين، سي نه ڇڏين، ڇو ته بني اسرائيل کي ڪجهه ڪري نه سگهندا، پلو اهو اٿن ته حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي ايمان آڻڻ واري سڏ کي قبول ڪري دارين جي سعادت حاصل ڪن(١) "فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ" پوءِ جڏهن انهن وٽ ڀلائي اچي ته چون پيا ته هيءَ ته اسان لاءِ آهي ٿي آهي ۽ جيڪڏهن ڪين ڪابرائي (تڪليف) پئي پهچي ته موسيٰ ۽ ان جي ساٿين سان ڳڏبري فال پيا وٺن، يعني راحت پهچڻ کي پنهنجو حق ۽ ڪفر ۽ شرڪ جي صحيح هجڻ جو دليل پيا بنائين ۽ چون ته اسين سچ ۽ حق تي آهيون تڏهن ته هي نعمتون مليون آهن ۽ جيڪڏهن ڪا مصيبت يا تڪليف ٿي پهچين ته چون پيا ته اها (حضرت) موسيٰ (عليه الصلواة والسلام) ۽ ان جي ساٿين جي ته شامت ۽منحوسي (معاذالله ثم معاذالله) آهي جو سورن ۾ پئجي ويا آهيون.

بري فال وٺڻ منع آهي

ذهن ۾ وهاڻ گهرجي ته "يَطَّيَّرُوْا" جو لفظ تطير کان ورتل آهي معنيٰ بري فال وٺڻ، عرب جامشرڪ پکين جي اڏامڻ مان فال وٺندا هئا ان جي ڪري ان کي تطير سڏيو ويو آهي. مشرڪ قومن ۾ فال وٺڻ جي رسم نهايت پراڻي هئي انهن جون وهمي طبيعتون اسلام کان سواءِ هر شيءِ جو اثر جلد قبول ڪري وٺنديون هيون، رستي سان

(١) المراغي ص٤١ جزء٩

ويندي جيڪڏهن ڪنهن پکيءَ کو آواز ڪيو ۽ اهو سندن ڪنن تائين پهتو تہ هڪدم واپس گهر هليا ايندا هئا، ڪنهن ڪم سان ويندي واٽ ۾ ڪو جانور اڳيان اچي ويو تہ موٽي پوندا هئا، اسلام جيئن مشرڪن جي ٻين رسمن کان روڪيو آ تيئن ان فال وٺڻ، کان بہ روڪيو آهي،جيئن هنن حديثن مان ثابت آهي.

نبوي حديثن ۾ بري فال وٺڻ کان منع

عـ١- قرآن پاڪ جي مفسر قرطبي روايت آندي آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو "لَيْسَ مِنَّا مَنْ تَحَلَّمَ اَوْ تَكَهَّنَ اَوْرَدَهٗ عَنْ سَفَرِهٖ تَطَيُّرٌ" اهو شخص اسان (مسلمانن) مان آهي ئي ڪو نہ جنهن ڪوڙا خواب ٻڌايا يا پوپو ٿي ويٺو يا سفر تان ان جي ڪري موٽيو جو ڪو پکي اڏامندي ڏٺائين.

عـ٢ ابو داؤد حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ٽي ڀيرا فرمايو "اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ" پکيءَ جي اڏامڻ مان بري فال وٺڻ شرڪ آهي.

عـ٣- حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو: ءِ مَنْ رَجَعَتْهُ الطِّيَرَةُ عَنْ حَاجَتِهٖ فَقَدْ اَشْرَكَ قِيْلَ وَمَاكَفَّارَةُ ذَالِكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ؟ قَالَ اَنْ يَقُوْلَ اَحَدُهُمْ اَللّٰهُمَّ لَاطَيْرَ اِلَّاطَيْرُكَ وَلَاخَيْرَ اِلَّا خَيْرُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ ثُمَّ يَمْضِيْ لِحَاجَتِهٖ" (١) يعني جنهن کي پنهنجي حاجت ڏانهن وڃڻ کان پکيءَ جي اڏامڻ سان بري فال وٺڻ موٽايو ان شرڪ ڪيو، عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله! (پلا جيڪڏهن ڪو ائين ڪري وهي تہ) ان جي ڪفارت ڪهڙي آهي" فرمايائون تہ هيئن چوي تہ: يا الله پکي بہ تنهنجا ۽ جيڪو بہ خير آهي اهو بہ تنهنجو ۽ توکان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي (ائين چوڻ کان) پوءِ پنهنجي ڪم سان هليو وڃي. "اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ عِنْدَاللهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" خبردار سندن منحوسي (۽ بري فال) الله وٽ آهي ۽ پر انهن مان گهڻا ڄاڻن نہ ٿا، هي مالڪ مٿي جو اهو فرمان آهي جنهن سان فرعونين جي بڪواس جي ترديد ڪئي وئي آهي مطلب تہ: اها منحوسي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي ساٿين جي ڪري ناهي پر سندن ئي براين جي ڪري الله تعالىٰ کين منحوس بنائي ڇڏيو آهي ۽ اهو الله تعالىٰ جو فيصلو آهي يا مراد آهي تہ سندن منحوسيءَ جو حصو الله وٽ محفوظ آهي جنهنجي سزا کين ضرور ملندي (٢)

(١) اوردالاحاديث الثلاثة في التفسير للقرطبي ص٢٦٦ جلد٧ (٢)نعيمي ص١٣١ جلد٩

وَقَالُوْا مَهْمَا تَاْتِنَا بِهٖ مِنْ آيَـةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا فَمَا نَحْنُ لَكَ

۽ چيائون تہ جڏهن بہ آڻيندين اسان وٽ ڪا نشاني تانت جادو ڪرين اسان ڪي ان سان پوءِ نا هيون توتي

بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ

ايمان آڻيندڙ- پوءِ موڪليوسون انهن تي طوفان ۽ ماڪڙ ۽ جون

وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ اٰيَاتٍ مُّفَصَّلَاتٍ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿١٣٣﴾

۽ ڏيڏر ۽ رت، نشانيون ڪليل پوءِ تڪبر ڪيائون ۽ هئا قوم مجرم

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ فرعونين تي آيل ٻن سزائن ڏڪار ۽ ميون جي گهٽائڻ جي ذڪر سان گڏ سندن ان هٺ ڌرميءَ جو ذڪرهو تہ انهن پنهنجي منحوسيءَ کي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ڏانهن منسوب ڪيو هو ۽ هتي سندن ٻيءَ هٺ ڌرميءَ (حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي جادوگر چوڻ) جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ "وَقَالُوْا مَهْمَا تَاْتِنَا بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ" ۽ چيائون تہ اسان وٽ جيڪا بہ نشاني (معجزو) آڻيندين تانت ان سان اسان کي سحر ڪرين تہ اسين توتي ايمان نہ آڻينداسون، حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام فرعونين کي معجزا ڏيکاريا پر اهي ضد تي اهڙو چڙهي بيٺا جو ايمان آڻڻ کان صفا منڪر ٿي پيا سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي صداقت ۾ انهن کي ڪو بہ شڪ نہ هو پر ان تي ايمان آڻڻ کان پوءِ جيڪي ڪين ناجائز مليل اختيار ۽ رعايتون ڇڏڻيون ٿي پيون ۽ عيش وعشرت تان هٿ ڪڻڻو ٿي پيو ان جي ڪري ڀڳا ٿي ويا. "فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ" پوءِ اسان انهن تي طوفان ۽ جون ۽ ڏيڏر ۽ رت ڪليل نشانيون موڪليون، يعني جڏهن فرعونين حضرت موسىٰ عليه

الصلواة والسلام کي چيو تہ کھڙا معجزا بہ آڻين تہ اسين توتي ايمان نہ آڻينداسون، تڏهن الله تعالیٰ فرعونين تي هي عذاب موڪليا، ابن منذر حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ انهن عذابن مان هر هڪ عذاب فرعون جي قوم تي ستن ڏينهن تائين مسلط رهيو ٿي ڇنڇرجي ڏينهن کان شرع ٿي ٻئي ڇنڇر تائين هليو ٿي انهن عذابن مان هڪ[١] عذاب طوفان جو هو، مشهور مفسرن وٽ طوفان مان مراد پاڻيءَ جو طوفان هو فرعوني قوم جي سيني گهرن ۽ زمينن کي پاڻيءَ اهڙو گهيرو ڪيو جو نہ انهن کي ويهڻ ۽ سمهڻ جي جاءِ ٿي بچي ۽ نہ پوک ڪاهڻ جي، پر عجيب ڳالهہ اها هئي جو فرعوني قوم جي گهرن ۽ باغن سان گڏ جيڪي بني اسرائيل جا گهر ۽ باغ هيا اهي دستور مطابق سڪل ۽ بناگپ جي محفوظ هيا، ڪٿي بہ طوفان جو پاڻي نہ هو، اهو طوفان ڏسي فرعوني قوم وارا حضرت موسیٰ عليه الصلواةوالسلام وٽ آيا تہ اسان جي لاءِ الله تعالیٰ کان دعا گهري مغفرت طلب ڪر الله تعالیٰ اسان کان هيءَ عذاب دفع ڪري تہ اسين توتي ايمان آڻينداسون، ۽ بني اسرائيل کي بہ آزاد ڪنداسون جڏهن حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام دعا گهري تہ طوفان ختم ٿي ويو ۽ سندن پوکون تمام ڀليون ٿيون تڏهن اهي چوڻ لڳا تہ هي طوفان ڪو عذاب نہ هو پر اهو تہ اسان جي فائدي لاءِ آيو هو اسان هروڀرو پريشان ٿيا هئاسون ٻيو[٢] عذاب ماڪڙ جو- جڏهن طوفان جي عذاب لهڻ کان پوءِ بہ اهي غور ۽ فکر ڪري درست نہ ٿيا تڏهن انهن تي ماڪڙ جو عذاب موڪليو ويو، ماڪڙ سندن پوکون ۽ باغ تہ ڪائي ڇڏيا پر ڪن روايتن موجب سندن گهرن جي ڇتين ۾ پيل ڪاٺ، دروازا ۽ گهرو سامان بہ ڪائي ڇڏيو، ان وقت بہ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جو معجزو ان طرح ظاهر ٿيو جو بني اسرائيل جا گهر، زمينون ۽ باغ سڀ محفوظ رهيا، ۽ فرعوني قوم وارا روئي، دانهون ڪري حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام کي درخواست ڪرڻ آيا تہ الله تعالیٰ کان دعا گهرو، جيڪڏهن هي عذاب اسان تان دفع ڪرايئي تہ وعدو آهي جو توتي ايمان آڻي تنهن جي قوم کي آزاد ڪري ڇڏينداسون، الله تعالیٰ جي رحم دل نبي عليه الصلواة والسلام وري دعا گهري ۽ عذاب هٽي ويو پر پوءِ بہ ايمان نہ آندائون ۽ ساڳيءَ سرڪشيءَ ۽ عهدشڪنيءَ تي قائم رهيا الله تعالیٰ هڪ مهينو ڪين سوچڻ، غور ڪرڻ ۽ توبہ ڪي سچو ثابت ڪرڻ جي لاءِ وقت ڏنو ۽ نہ سڌرڻ جي ڪري مٿن ٽيون عذاب موڪليو، ٽيون[٣] عذاب قمل جو، قمل عربيءَ ۾ ان جون کي بہ چوندا آهن جيڪا ماڻهن ۾ پوندي آهي ۽ ان ننڍڙي جيت کي بہ جيڪو اناج ۾ پوندو آهي، فرعونين تي شايد ٻنهي قسمن کي

موڪليو ويو هو جو اناج ۾ اهي ننڍڙا جيت لڳي ويا ۽ انسانن ۾ جون پئجي ويون اناج جو اهڙو حال ٿي ويو جو ڏهه سير ڪٽڪ ڪڍن پيا ته هڪ سير به اٽو نه پيو نڪري ۽ جون سندن وار، پنبڻيون ۽ پرون به کائي ويون پر بني اسرائيل انهن کان محفوظ رهيا، فرعوني نيٺ موٽي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام وٽ آيا ۽ ڇوڙڻ لڳا ته هاڻي دعا ڪر هن کان پوءِ اصل وعدي برخلافي نه ڪنداسون، رحم دل نبي سڳوري بارگاهه ايزديءَ ۾ التجا ڪئي ته اهو عذاب به ٽري ويو، مهلت جي هڪ مهيني گذرڻ کان پوءِ به جڏهن انهن ۾ ڪو حياءُ ۽ شرم نظر نه آيو ته الله تعاليٰ مٿن چوٿون عذاب موڪليو، چوٿون عذاب هي هو جو الله تعاليٰ مٿن ڏيڏر موڪليا ۽ اهي ايترا ته گهڻا هئا جو جتي به فرعوني وهن پيا ته ڳچيءَ تائين ڏيڏرن سان پورجي پيا وڃن سمهڻ جي ارادي سان ليٽڻ پيا ته ساري بدن تي ڏيڏر چڙهيو وڃن، ٻوڙ ٻرياچيءَ ۾، انهي ۾ مقصد ته هر شيءِ ۾ ڏيڏر ئي ڏيڏر هجن.
پر بني اسرائيل وٽ ڪا به شيءِ نه هئي بالڪل سڪون سان ويٺا هئا پوءِ اڳين وعدن کان وڌيڪ پڪو وعدو ڪري جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کان دعا گهرايائون ته اهي ائين هليا ويا ڄڻ هيائي ڪو نه مگر فرعوني اهڙا ته ذهن جا ذليل ۽ عقل جا ڪوتاهه هيا جو عذاب ٽرڻ کان پوءِ مهينو مهلت ملين ته به نه سڌريا نه ضد تان لٿاءِ نه وعدا وفا ڪيائون ۽ انهن سڀني ڳالهين کي جادو جو اثر چوڻ لڳا. الله تعاليٰ ان مهلت ڏيڻ کان پوءِ وري پنجون عذاب موڪلين، ٥- پنجون عذاب هي هو جو مٿن رت مسلط ڪيو ويو جو سندن کائڻ پيئڻ جي هر شيءِ رت ٿي وئي کوهه مان، حوض مان، تلاءَ مان، ڪٽان به پاڻي ڪڍن ته سڄو رت ٿيو وڃي پر انهن سڀني مصيبتن کان بني اسرائيل بالڪل محفوظ رهيا، رت جي عذاب وقت فرعوني بني اسرائيل کان پاڻي گهرن پيا، جڏهن بني اسرائيل جي هٿ ۾ هجي ته پاڻي ۽ جڏهن فرعونين جي هٿ ۾ اچي ته رت بڻجيو وڃي هڪئي دسترخوان تي ويهي قبطي ۽ اسرائيلي ڪاڌو کائين هڪ ئي مانيءَ مان جيڪڏهن فرعوني گرهه کڻي ته رت ۽ جيڪڏهن اسرائيلي کڻي ته صحيح ڪاڌو- تنگ ٿي فرعونين اسرائيلين کي عرض ڪيو ته: اوهان پنهنجي وات ۾ گرهه يا پاڻيءَ جو ڍڪ وجهي پوءِ اسان جي وات ۾ وجهو، جڏهن اسرائيلي اهو گرهه يا پاڻيءَ جو ڍڪ فرعونين جي وات ۾ وجهن ته الاهي عذاب سان اهو سندن وات ۾ وڃڻ شرط رت بڻجيو وڃي وري به حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام وٽ دعا لاءِ آيا منٿون، ميڙيون ڪيائون ان دعا گهري ته اهو عذاب به دفع ٿي ويو، پر نه مڙيا سو نه مڙيا اڳتي ارشاد آهي "فَاسْتَكْبَرُوا وَكَانُوا قَوْمًا مُجْرِمِينَ" پوءِ تڪبر ڪيائون ۽ مجرم

قوم هئا- فائدو- مٿئين بيان مان ثابت ٿيو تہ مصيبت جي وقت ۾ الله تعالىٰ جي پيارن کان دعا گهرائڻ سان مصيبت دفع ٿيندي آهي، تانجو ڪافرن تي بہ ڪرم ٿيو هو.

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوا يٰمُوسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا

۽ جڏهن واقع ٿيو انهن تي عذاب تہ چيائون اي موسىٰ! دعا گهر اسان لاءِ پالڻهار پنهنجي کان سببان ان جي جو

عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ

وعدو ڪيائين تووٽ البت جيڪڏهن لاٿو تو اسان تان عذاب تہ البتہ ضرور ايمان آڻينداسون توتي ۽ البت ضرور ڇڏينداسون

مَعَكَ بَنِيٓ إِسْرَآئِيلَ ﴿١٣٤﴾ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ إِلَىٰٓ

گڏ توسان بني اسرائيل کي پوءِ جڏهن لاٿوسون انهن تان عذاب تائين

أَجَلٍ هُمْ بَالِغُوهُ إِذَا هُمْ يَنْكُثُونَ ﴿١٣٥﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَأَغْرَقْنٰهُمْ

ان وقت جي جو اهي پهچندڙ آهن ان جا تہ اوچتوئي اهي ٽا ڙي وجن پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان پوءِ ٻوڙيوسون انهن کي

فِي الْيَمِّ بِأَنَّهُمْ كَذَّبُوا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوا عَنْهَا غٰفِلِينَ ﴿١٣٦﴾

اونهي درياءَ ۾ سببان ان جي جو بلاشڪ انهن ڪوڙوڪيو آيتن اسان جن کي ۽ هئا انهن کان غافل

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرعونين تي عذاب اچڻ جي سببن، ڪفر، عناد ۽ سرڪشيءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن عذابن جي دفع ٿيڻ جي سبب کي ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوا يٰمُوسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ" ۽ جڏهن انهن تي عذاب واقع ٿيو تہ چيائون اي موسىٰ (عليه الصلواة والسلام) اسان جي لاءِ پنهنجي پالڻهار کان دعا گهر، اهي دعا لاءِ چوڻ وارا فرعون ۽ سندس ڪافر ساٿي هئا، ڇو تہ جيئن هتي "لما" جو لفظ عموم شرط لاءِ آهي تيئن "قَالُوا" بہ جمع جو صيغو ماضي

استمراري عموم لاءِ آهي (١) ۽ ظاهر آهي تہ فرعون ۽ سندس ساٿين حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي اهوعرض نہ تہ پاڻ وٽ گهرائي کيو هوندو ۽ نہ واٽ ويندي بلڪ سڀ گڏجي سندس دروازي تي ايندا هئا، ان جي ڪري "قالوا" جمع جو صيغو آندو ويو آهي، سيني اچي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي عذاب جي دفع ڪرائڻ لاءِ دعا جي درخواست ڪئي هئي ۽ ان درخواست ڪرڻ سان ظاهر ۾ اهي الله تعالىٰ کان دعا گهرڻ، موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي نبوت ۽ مقبول هجڻ ۽ وسيله عظيم هجڻ جا بہ قائل ٿي ويا. مزيدار ڳالھ تہ اها ٿي جو پاڻ کي اعلىٰ رب چوڻ وارو فرعون بہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کان دعا گهرائڻ لاءِ حاضر ٿيندو رهيو "بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ" ان جي ڪري جو تو سان عهد ڪيو اٿس، چاڻڻ گهرجي تہ نبوة الله تعالىٰ ۽ نبي جي وچ ۾ هڪ قسم جو معاهدو بہ آهي. نبي سڳورو الله تعالىٰ سان سندس فرمان پهچائڻ ۽ انهن لاءِ ملندڙ مشقتون برداشت ڪرڻ جو عهد ڪندو آهي ۽ الله تعالىٰ جو بہ پنهنجي نبي سڳوري سان عهد هوندو آهي تہ ان جي حفاظت ڪندو ۽ سندس عزت، عظمت ۽ وقار بحال رکندي سندس دعائون بہ قبول ڪرڻ فرمائيندو علامہ آلوسي بغدادي عليه الرحمہ "بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ" جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ بالذي عهد اليک ان تدعوه به فيجيبک ان تکون الباءِ للقسم الاستعطافي کما يقال بحياتک افعل کذا (٢) يعني انهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪيو هو تہ الله تعالىٰ توکي جيڪو نبوت جو عهدو ڏنو آهي ان جي وسيلي سان دعا گهر ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ "بما" ۾ ب نرم بنائڻ ۽ رحم ڏيارڻ لاءِ قسم وجهڻ جي معنىٰ ۾ هجي جيئن چيو ويندو آهي تہ پنهنجي حياتيءَ جو قسم اٿئي تہ هيئن ڪر پوءِ مطلب هي ٿيو تہ گويا ڪہ فرعونين حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي ان نبوت واري عهد جو قسم وجهي دعا لاءِ عرض ڪيو هو "لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ" البت جيڪڏهن اسان تان عذاب لاٿئي تہ توتي ضرور ايمان آڻينداسون ۽ توسان گڏ بني اسرائيل کي بہ (آزاد ڪري) ڇڏي ڏينداسون. جڏهن تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام فرعونين کان اهي ٻئي مطالبا ڪيا هئا تہ ١- ايمان آڻيو ٢- تہ بني اسرائيل کي آزادي ڏيو، تڏهن انهن اهي وعدا ڪيا ٿي تہ اسان کي تنهنجا مطالبا منظور آهن رڳي عذاب کان آزادي وٺي ڏي "فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰى اَجَلٍ هُمْ بَالِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ" پوءِ جڏهن اسان انهن تان ان مدي تائين جو اهي پهچندڙ هئا

(١) روح المعاني ص٣٦ جلد٣ جزءِ ٩ مظهري ص٤٥٠ جلد٣ (٢) نعيمي ص١٤٩ جلد٩

عذاب لاٿوسون تہ اوچتو اهي ڦريو وڃن ٿا" اِلٰى اَجَلٍ هُمۡ بٰالِغُوۡهُ " جو مطلب تہ اهي عذاب انهن تان عارضي طور ان لاءِ دفع ٿي ڪياسون تہ ڏنو وڃي تہ سڌرن ٿا يا نہ- ڇو تہ هلاڪت جي مدي تائين تہ اهي ضرور پهچڻا هئا (١) " ۽ ڦريو وڃن ٿا" جو مطلب تہ جيڪي حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام سان ايمان آڻڻ ۽ بني اسرائيل کي آزاد ڪري ڇڏڻ جا وعدا ڪيائون ٿي اهي ٽوڙيو ويٺا هئا

الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڏانهن فعل جي مجازًا نسبت ڪرڻ جائز آهي.

هن آيت ۾ ذڪر ڪيل لفظ"لَئِنۡ كَشَفۡتَ" (جيڪڏهن تو لاٿو) تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن فعل يا ڪم جي نسبت ڪرڻ جائز آهي ۽ اها نسبت مجازي آهي حقيقي ناهي. حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام کي جڏهن فرعونين عذاب دفع ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو ٿي تہ جيڪڏهن اسان تان تو عذاب لاٿو، حالانڪ حقيقي طرح عذاب لاهڻ وارو تہ الله تعاليٰ آهي پر ان عذاب لاهڻ جي حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام ڏانهن نسبت ڪرڻ جيڪري الله تعاليٰ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام کين چيو تہ تنهنجي دعا قبول نہ ڪندس، ڇو تہ هنن ائين ڇو چيو تہ تو عذاب لاٿو" اسان اهل سنت ۽ جماعت وارا بہ جيڪڏهن ڪهن ڪم جي حضور عليه الصلواةوالسلام جن ڏانهن نسبت ڪري چئون ٿا تہ يا رسول الله! هيءَ مهرباني ڪر يا چئون ٿا تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن هيءَ مهرباني ڪئي يا ڪنهن ڪامل ٻانهي ڏانهن ڪنهن ڪم جي نسبت ڪيون ٿا تہ اهي سڀ مجازي نسبتون آهن انهن جي ڪري نہ شرڪ ثابت ٿيندو نہ گناهہ- فائدو "بِمَا عَهِدَ عِنۡدَكَ" جي تفسير تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي صفتن سان وسيلو وني دعا گهرڻ بہ جائز آهي ۽ ائين چوڻ تہ يا الاهي! حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جي مقبول نمازن ۽ محبوب سجدن جي صدقي اسان جا گناهہ بخش فرماءِ، اسان جون حاجتون آسانيءَ سان پوريون ڪر،ڏک درد دفع ڪر، سڀ جائز آهي، اصحابن سڳورن حضور عليه الصلواة والسلام جي پاڪ ذات، نالي مبارڪ، صفات عاليہ ۽ سندس استعمال ڪيل شين سان وسيلو ورتو ۽ سندن چاچي حضرت عباس جي وسيلي سان، سندن قبر مبارڪ جي وسيلي سان برسات جي لاءِ دعائون گهريون ۽ اهي قبول پيون(٢) فائدو- الله تعاليٰ پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام سان سندن دعائن جي مقبوليت جو وعدو ڪيو آهي تانجو جيئن الله

(١) تفسير القاسمي ص٢٣٩ جلد٥ (٢) نعيمي ص١٥٢ جلد٩

تعالىٰ انهن کان عام قانون کان مٿان قربانيون گهري تو جوپيءَ کي فرمائي تہ پٽ کي کهي ڏيکار تيئن قانون کان مٿي سندن دعائون بہ قبول فرمائي ٿو. جيئن حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام دعا گهري تہ يا الله! اسان تي آسمان کان دسترخوان لاهہ. ظاهر آهي تہ ان ۾ ماني هوندي ۽ماني اٽي مان اٽو ان مان ٿيندو، قانون جي تقاضا تہ اها هئي تہ ماني زمين تي تيارٿئي پر الله تعالىٰ قانون کان مٿان سندن دعا کي پورو ڪيو.

"فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ" پوءِ اسان انهن کان (سندن طرفان بي فرماني ڪرڻ جو) بدلو ورتو پوءِ ڪين اونهي درياءَ ۾ ٻوڙي،ماري ڇڏيوسون، يعني جڏهن الله تعالىٰ ڪيترا ڀيرا انهن تان عذاب دفع ڪيو ۽پوءِ بہ ڪفر ۽عناد کان نہ هٽيا ۽ عذاب لاءِ مقرر ٿيل مدو بہ اچي ويو تہ ڪين وڏي درياءَ ۾ ٻوڙي هلاڪ ڪري ڇڏيائين "اَلْيَمُّ" ان سمنڊ ۽درياءَ کي سڏيندا آهن جنهن جي جر تائين ماٿهو پهچي نہ سگهي(١) "بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ" سببان ان جي جو بلاشڪ انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ۽ انهن کان غافل رهيا، هنن لفظن ۾ فرعونين کي غرق ڪرڻ جا بہ سبب بيان ڪيا ويا آهن ١- تہ انهن الاهي آيتن کي ڪوڙو چيو جيڪڏهن اهي ايمان آڻين ها تہ سندن اڳيان سڀ گناهہ معاف ٿي وڃن ها، پر انهن قولاً،عملاً ۽ قلباً آيتن جو اهڙو انڪار ڪيو جومنجهائن اقرار جي بوءِ بہ محسوس نہ ٿي رهي هئي ٢- تہ اهي انهن آيتن کان غافل رهيا، هتي غفلت مان مراد بي خبر هجڻ نہ پر لاپرواهي آهي اهي ائين سمجهيو وينا هئا تہ جيئن اڳيان عذاب آيا ۽ ويا تيئن هي عذاب بہ ايندو۽ ويندو ڪا پرواهہ نہ آهي، فرعون کي بہ جڏهن ٻڏڻ جو يقين ٿيو هو تڏهن دانهن ڪري چيو هيائين تہ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَاۗءِيْلَ" (٢) ايمان آندو مون تہ بلاشڪ ڪو بہ ان الله کان سواءِ عبادت جولائق نہ آهي جنهن تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي.

الله تعالىٰ جي مقبول ٻانهن جي مزارن جي صدقي بہ عذاب ٽري ويندو آهي

جاٽڻ گهرجي تہ عاد،ثمود ۽ حضرت لوط ۽ حضرت شعيب عليهما الصلواة والسلام جي قوم وارن تي اتي ئي عذاب آيا جتي رهيل هئا پر حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي نہ هجڻ وارن فرعونين کي جتي رهيل هئا اتي عذاب نہ ڪيو ويو اتاهين ڪيڍي درياءَ ۾ ٻوڙيا ويا سو ان جي ڪري جو مصر ۾ الله تعالىٰ جي نبي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ۽ سندس مغفور ۽مرحوم پاٿرن وغيره جون

(١) التفسير الكبير ص٢٢٠ جزءِ ١٤ (٢) سورة يونس آيت ٩٠

مزارون هيون ۽انهن ئي جي برڪت سان مصر هميشہ آباد ۽ شاد رهيو آهي(١).

وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ

۽ وارث بنايوسون قوم کي جيڪي ضعيف سمجهيا ويندا هئا اوڀرن زمين جي کي

وَمَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى

۽ اولهن ان جي کي جو برڪت وڌي اسان انهن ۾ ۽ پورو ٿيو فرمان رب تنهنجي جو سهڻو

عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ بِمَا صَبَرُوْا ۭ وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ

مٿان بني اسرائيل جي سبباڻ ان جي جوصبر ڪيائون ۽برباد ڪيوسون اهو جو ڪيو ٿي فرعون

وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ ﴿١٣٧﴾

۽ قوم ان جي ۽ اهو جو ڇتيائون ٿي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرعونين جي هلاڪت جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن جي هلاڪت جي نوعيت جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ پيون جيڪي بہ قومون هلاڪ ٿيون تہ انهن جي رهڻ واريون جايون، آباديون ۽ پوکون بہ تباهہ ٿي ويون، ڇو تہ انهن جا نبي ۽نبين عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ وارا اتاهين ڪان هميشہ لاءِ لڏي ويا هئا ،پر فرعونين جي ايتري وڏي قوم جي هلاڪ ڪرڻ جي باوجود سندن ڳوٺ ۽ آباديون سلامت رکيون ويون،ڇو تہ بني اسرائيل کي انهن جو وارث بنائي اتي رها يو ويو جن مان هزارين اولياءالله ظاهر ٿيا . فرمان مبارڪ آهي "وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا" ۽ اسان ان قوم کي ان زمين جي اوڀرن ۽اولهن جو وارث بنايو جنهن (زمين) ۾ اسان برڪتون پيدا ڪيون آهن، الله تعالىٰ هن آيت جي هن حصي ۾ پنهنجي ذره نوازيءَ واري شان کي ظاهر فرمائي ٻڌايو

(١) نعيمي ص١٥٢ جلد٩

آهي تہ فرعون ۽ سندس لشکر کي غرق کري مارڻ کان پوءِ اسان انهن ئي بني اسرائيلين کي سندن هر شيءِ جو وارث بنايو جيکي ضعيف ۽ نااهل کمزور سمجهيا ويندا هئا "مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا" مان مراد مصر ۽شام جي سرزمين آهي جو فرعونين ۽ عمالقہ جي هلاکت کان پوءِ اسرائيلي ان جا مالک، حاکم ۽ سربراهہ بڻيا هئا ۽ان جي اوپر ۽ اولهہ وارن حصن ۾جيئن گهرندا هئا، تيئن تصرف کندا هئا (١) انهن ۾ برکت وجهڻ مان مراد آهي تہ اتي ظاهري برکت زيب، زينت عمارتون، باغات، نهرون هجڻ سان گڏ باطني برکت الله تعالىٰ جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام جون رهائشون ۽ نوراني مزارون آهن"وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ بِمَا صَبَرُوْا" ۽ تنهن جي رب جو سهڻو وعدو جيکو بني اسرائيل سان کيو هيائين سندن صبر جي کري پورو ٿيو. مطلب تہ فرعونين کي هلاک کرڻ ۽ سندن جاين ۽ ملڪيتن جو بني اسرائيل کي مالک بنائڻ وارو وعدو پورو ٿيو" وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ" ۽فرعون ۽ سندس قوم جيکي کجهہ کيو ۽عمارتون ناهيون هيون اهي سڀ هلاک ۽برباد کري ڇڏيون سين، يعني سندن محلاتون ۽ بنگلا وغيره سڀ ختم ٿي ويا. جو انهن جا مالک ئي بيا بنجي ويا.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰي قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ عَلٰٓي

۽ لنگهايوسون بني اسرائيل کي سمنڊ کان پوءِ آيا اهڙي قوم تي جو (ڏهي) ۾ وينا هئا مٿان

اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰـهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ۭ

بتن پنهنجي چيائون تہ اي موسىٰ! بناءِ واسطي اسان جي معبود جيئن انهن جي لاءِ معبود آهن

قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَاۗءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ

فرمايائين تہ بيشک اوهان قوم آهيو جو جهالت ٿا کيو بيشک هي هلاک کيل آهي

مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٩﴾ قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ

اهو جو اهي ان ۾ آهن ۽ باطل آهي اهو جو کندا هئا فرمايائين تہ ڇا سواءِ الله جي طلب کيان اوهان لاءِ معبود ۽ ان

(١) الڪشاف ص١٠٩ جلد٢

فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٠﴾ وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ

فضيلت ڏني اوهان کي جهانن تي ۽ (ياد ڪريو) جڏهن ڇڏايوسون اوهان کي فرعونين کان

يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ

ڇڪائين پيا اوهان کي سخت عذاب قتل ڪن پيا پٽن اوهان جن کي ۽ جيئرو ڇڏين پيا

نِسَآءَكُمْ ۭ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَاۗءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿١٤١﴾

عورتن اوهان جن کي ۽ انهيءَ ۾ آزمائش آهي طرفان رب اوهان جي وڏي.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ دشمنن فرعونين جي غرق ڪرڻ جو ذڪر هوءَ هتي دوستن کي غرق ٿيڻ کان بچائڻ جو ذڪرڪندي بيان تي رهيو آهي "وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ" ۽ بني اسرائيلن کي سمنڊ مان (سلامتيءَ سان) پار پڄايوسون، ياد رکڻ گهرجي ته الله تعالىٰ جنهن سمنڊ مان بني اسرائيل کي پارپهچايو ۽ فرعونين کي ان ۾ بوڙيو هو ان جو نالو "بحر قلزم" هو، ڪن ان کي مصر جو نيل لکيو آهي اهو صحيح نه آهي (١) ۽ اهو واقعو محرم شريف جي ڏهين تاريخ ٿيو هو ان جي ڪري حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ۽ سندس قوم ان ڏينهن جو روزو رکيو هو(٢) ۽ اسلام ۾ پهريان هي روزو فرض رهيو، رمضان شريف جي روزن جي فرضيت کان پوءِ ڏهين محرم جي ڏينهن جو روزو رکڻ سنت آهي (٣) "فَاَتَوْا عَلٰي قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ عَلٰٓي اَصْنَامٍ لَّهُمْ" پوءِ اهڙي قوم وٽ پهتا جيڪي پنهنجن بتن جا مجاور بڻيا ويٺا هئا. اهي ڪير هيا؟ ان ۾ اختلاف آهي ڪن جو چوڻ آهي ته اهي لخم قبيلي جا ماڻهو هئا،ڪي چون ٿا ته ڪنعان جي عمالقه قوم مان هئا ۽ سندن بت ڳئون جي شڪل تي ٺهيل هئا (٤) "قَالُوْا

(١) روح البيان ص٢٢٥ جلد٣ جزءُ ٩ روح المعاني ص٣٠ جلد٣ جزءُ ٩
(٢) خازن ص١٢٧ جلد٢ (٣) نعيمي ص١٧٣ جلد٩
(٤) حاشيه شبير احمد عثماني ص٢٢١

يٰمُوۡسَى اجۡعَلۡ لَّنَاۤ اِلٰهًا كَمَا لَهُمۡ اٰلِهَةٌ" چوڻ لڳا تہ اي موسىٰ! اسان جي لاءِ بہ اهڙا معبود مقرر ڪر،جيئن هنن جا آهن- مفسر خازن هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ بني اسرائيل کي الله تعالىٰ جي توحيد ۾ شڪ نہ هو جو ائين چيائون، پر انهن جو خيال هو تہ اسين ان طريقي سان الله تعالىٰ جو قرب حاصل ڪنداسون، ان جي ڪري حضرت موسىٰ عليہ الصلواة والسلام ڪين نرم لهجي ۾ فرمايو (١) "قَالَ اِنَّكُمۡ قَوۡمٌ تَجۡهَلُوۡنَ" فرمايائين تہ يقيناً اوهان جاهل قوم آهيو،جو اهڙا مطالبا ڪري رهيا آهيو.

"اِنَّ هٰۤؤُلَاۤءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمۡ فِيۡهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ" يقيناً هي جنهن مذهب ۾ آهن اهو هلاڪ ٿيندڙ آهي ۽ جيڪو ڪن پيا سو باطل آهي سندن مذهب منهنجي هٿان ختم ٿي ويندو نہ بت رهندا نہ بت پرستي. "قَالَ اَغَيۡرَ اللّٰهِ اَبۡغِيۡكُمۡ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمۡ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ" چيائين تہ ڇا الله کان سواءِ (ڪنهن ٻئي ڪي)اوهان جي لاءِ معبود طلب ڪيان؟ حالانڪ ان (اللّٰہتعالىٰ) اوهان کي (اوهان جي دور وارن) جهانن کان ڀلو ڪيو آهي.مطلب تہ الله تعالىٰ جيڪي نعمتون ۽ ڀلايون اوهان تي ڪيون آهن انهن جي اها شڪر گذاري آهي؟"وَاِذۡ اَنۡجَيۡنٰكُمۡ مِّنۡ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ يَسُوۡمُوۡنَكُمۡ سُوۡٓءَ الۡعَذَابِ يُقَتِّلُوۡنَ اَبۡنَآءَكُمۡ وَيَسۡتَحۡيُوۡنَ نِسَآءَكُمۡ" ۽ (ياد ڪيو) جڏهن اوهان کي فرعونين کان ڇڏايوسون جيڪي اوهان کي سخت سزائون ۽عذاب چکائيندا هئا اوهان جي پٽن کي کهندا ۽ اوهان جي(نياڻين) عورتن کي جيئرو ڇڏي ڏيندا هئا،اهي فرعوني سوچيندا هئا تہ اهي اسرائيلي نياڻيون وڏيون ٿي فرعونين جي ڪم اينديون ان لحاظ سان بنت جي بجاءِ نساءَ جو لفظ آندو ويو"وَفِيۡ ذٰلِكُمۡ بَلَاۤءٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ عَظِيۡمٌ" ۽ انهن ۾ اوهان جي رب جي طرفان اوهان جي وڏي آزمائش آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ بلاءَ جي لفظ جي معنىٰ آزمائش بہ آهي پرڪن ان جي معنىٰ نعمت لکي آهي،علامہ ابن قتيبہ آندو آهي تہ: اي في انجائہ اياک نعمہ من الله عظيمۃ(٢) يعني اوهان کي انهن فرعونين کان ڇڏائڻ ۾ اللّٰہتعالىٰ جي اوهان تي وڏي نعمت آهي **فائدا** -١ الله تعالىٰ جي نبي عليہ الصلواة والسلام جي قوم يا اولاد مان هجڻ بہ هڪ اهڙي فضليت آهي جنهن جو اعتراف ڪرڻ ضروري آهي بني اسرائيل حضرت موسىٰ عليہ الصلواة والسلام جي قوم ۽ حضرت يعقوب عليہ الصلواة والسلام جي اولاد مان هجڻ جي ڪري فضيلت جا صاحب هئا جيئن "فَضَّلَكُمۡ" (فضيلت ڏنائين اوهان کي) مان ثابت ٿي رهيو آهي ان ڪري حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي قوم ۽ سندن اولاد مان هجڻ وارا بہ شاندار آهن.

(١) خازن ص١٢٦ جلد٢ (٢)تفسير غريب القرآن ص١٧٢

وَوَاعَدْنَا مُوسَىٰ ثَلَاثِينَ لَيْلَةً وَأَتْمَمْنَاهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيقَاتُ

۽ وعدو ڏنوسون موسىٰ کي ٽيهن راتين جو ۽ پورو ڪيوسون انهن کي ڏهن سان پوءِ پورو ٿيو وعدو

رَبِّهِ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوسَىٰ لِأَخِيهِ هَارُونَ اخْلُفْنِي فِي

رب ان جي جو چاليهه راتيون ۽ چيو موسىٰ پاءُ پنهنجي هارون کي (تہ) نائب منهنجو ٿي رهہ قوم منهنجيءَ ۾

قَوْمِي وَأَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيلَ الْمُفْسِدِينَ ﴿١٤٢﴾ وَلَمَّا جَاءَ مُوسَىٰ لِمِيقَاتِنَا

۽ سڌارو ڪر ۽ نہ هل واٽ فساد ڪندڙن جيءَ تي ۽ جڏهن آيو موسىٰ واسطي مقرر ڪيل وقت اسان جي

وَكَلَّمَهُ رَبُّهُ قَالَ رَبِّ أَرِنِي أَنْظُرْ إِلَيْكَ ۚ قَالَ

۽ ڳالهيائين ان سان رب ان جي تہ عرض ڪيائين اي رب منهنجا! پاڻ ڏيکار مون کي تہ نگاهہ ڪيان توڏانهن فرمايائين

لَنْ تَرَانِي وَلَٰكِنِ انْظُرْ إِلَى الْجَبَلِ فَإِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهُ فَسَوْفَ

تہ هرگز نہ ڏسي سگهندين مون کي ۽ پر نگاهہ ڪر طرف جبل جي پوءِ جيڪڏهن قرار سان رهيو جاءِ پنهنجيءَ تي پوءِ عنقريب

تَرَانِي ۚ فَلَمَّا تَجَلَّىٰ رَبُّهُ لِلْجَبَلِ جَعَلَهُ دَكًّا وَخَرَّ مُوسَىٰ صَعِقًا ۚ

ڏسندين تون مون کي پوءِ جڏهن تجلي وڌائين رب ان جي جبل تي تہ ڪيائين ان کي ٽڪرا ٽڪرا ۽ ڪري پيو موسىٰ بيهوش ٿي

فَلَمَّا أَفَاقَ قَالَ سُبْحَانَكَ تُبْتُ إِلَيْكَ وَأَنَا أَوَّلُ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٤٣﴾

پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو (تہ) چيائين پاڪائي تنهنجي آهي توبه ڪير توڏانهن ۽ مان پهريون مومنن مان آهيان

قَالَ يَا مُوسَىٰ إِنِّي اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسَالَاتِي

فرمايو (الله تہ) اي موسىٰ! تحقيق مون برگزيدو بنايو توکي ماڻهن تي ساڻ پيغامن پنهنجي

وَبِكَلَامِيْ ۖ فَخُذْ مَا آتَيْتُكَ وَكُنْ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾

۽ ساڻ ڪلام پنهنجي پوءِ وٺ جيڪو ڏنو مون توکي ۽ هج شڪر ڪندڙن مان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بني اسرائيل تي الله تعالىٰ جي هڪ خاص نعمت، فرعونين کان نجات ۽ سمنڊ مان پار پهچائڻ جو بيان هوءِ هنن آيتن ۾ انهن تي ٻي نعمت توراة جي ملڻ لاءِ تمهيد جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَوَاعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً" ۽ موسىٰ کي ٽيهن راتين جو وعدو ڏنوسين .

وحي جا قسم

ياد رکڻ گهرجي تہ وحي ٽي قسم آهي ١- وحي دوامي، جيڪو ملائڪ جي ذريعي سجاڳيءَ ۾ ڪيو وڃي ٢- منامي، جيڪو نبي سڳوري کي ننڊ ۾ ڪيو وڃي ٣- وحي مقامي- جيڪو نبي کي آڻائي ڪنهن خاص مقام تي ڪيو وڃي، جيئن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي جبل طور تي ۽ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن کي قاب قوسين واري مقام تي آڻائي وحي ڪيو ويو فرمان عالي آهي "فَاَوْحٰى اِلٰى عَبْدِهٖ مَا اَوْحٰى" (١) پوءِ جيڪو پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي ڪرڻ گهريائين سو ڪيائين- حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام سان مٿيون ٽيهن راتين وارو وعدو وحي دواميءَ سان ڪيل هو (٢) ۽ "وَاعَدْنَا" مواعدة کان ورتل جمع متڪلم ماضيءَ جو صيغو آهي جنهن جي اصل معنىٰ آهي هڪ ٻئي سان وعدو ڪرڻ- هتي بہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام الله تعالىٰ سان وعدو ڪيو هو تہ ٽيهہ راتيون طور جبل تي اچي رهندس ۽ الله تعالىٰ ان سان وعدو فرمايو هو تہ پوءِ توکي توراة عطا ڪندس تڏهن اهو صيغو آندو ويو آهي.

ٽيهن راتين جي رهڻ جو وعدو

ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي

(١) سورة النجم آيت ١٠ (٢) نعيمي ص١٨٧ جلد٩

اڳواٽيءَ ۾ بني اسرائيل سمنڊ کان پار پهچي سينا نالي واديءَ ۾ آباد ٿيا ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کين ٻڌايو ته فرعونين کان آزادي حاصل ٿي آهي ۽ هاڻي الله تعالىٰ هڪ جامع ڪتاب ڏيندو جنهن ۾ حياتيءَ جي هر شعبي لاءِ واضح هدايتون هونديون ان ڪتاب عطا ڪرڻ جي لاءِ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي طور جبل تي گهرائي چيو ويو ته: اوهان ٻين سيني مشغولين کان جدا ٿي طور تي رهو ۽ ان دوران رات جو عبادت ڪيو ۽ ڏينهن جو روزا رکو "اَتْمَمْنَاهَا بِعَشْرٍ" ۽ انهن ٽيهن راتين کي ڏهن سان پورو ڪيوسون جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ٽيهون روزو رکيو ته پاڻ روزي ۾ ان لاءِ ڏندڻ ڏنائيون ته هاڻي توراة ملڻ ۽ مالڪ سان هم ڪلام ٿيڻ جو وقت اچي رهيو آهي وات ۾ ڪا بوءِ نه هجي ته ڀلو- پر الله تعاليٰ سڌو سنئون پاڻ يا ملائڪ جي ذريعي حڪم ڪيس ته: تنهنجي وات ۾ روزي رکڻ جي ڪري جيڪا بوءِ هئي مون کي اها مشڪ کان وڌيڪ پسند هئي اها ڏندڻ ڏيڻ جي ڪري ختم ٿي وئي آهي ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏهه روزا اڃان به رک، پوءِ توکي توراة عطا ٿيندو آيت جي هن حصي ۾ انهن ڏهن ڏينهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي.

هڪ نڪتو

سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام ته راتين سان گڏ ڏينهن به طور جبل تي رهيو هو پر آيت ۾ صرف راتيون ٽن وجهن جي ڪري ذڪر ڪيون ويون آهن ١- ته عربيءَ ۾ ڏينهن کان رات اول هوندي آهي، جيئن سومر جو ڏينهن ته اول سومر جي رات ايندي پوءِ ڏينهن ٢- ته عربي مهينو چنڊ سان ٻيهندو آهي ۽ چنڊ رات جو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ٣- ته رات وصال جو وقت آهي ان جي ڪري آيت ۾ صرف راتيون ذڪر ڪيون ويون (١)

"وَقَالَ مُوسَىٰ لِاَخِيهِ هٰرُونَ اخْلُفْنِي فِي قَوْمِي وَاَصْلِحْ" ۽ موسىٰ پنهنجي ڀاءُ هارون (عليهما الصلواة والسلام) کي چيو ته منهنجي قوم ۾ منهنجو نائب ٿي رهه، ۽ انهن کي سڌارجان، حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي پنهنجيءَ قوم جي حالت ۽ مزاج جي خبر ۽ آزمودو هو ان جي ڪري حضرت هارون عليه الصلواة والسلام کي تاڪيد ڪري رهيو هو، نه ته اهو به الله تعالىٰ جو نبي هو هن کان ڪا به ڪوتاهي ٿيڻ سوچي به نه ٿي سگهجي، "وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيلَ الْمُفْسِدِينَ" ۽ فساد ڪندڙن جي واٽ تي نه هل- سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام جڏهن توراة وٺڻ جي لاءِ طور جبل ڏانهن روانو ٿي رهيو هو ته ان الله تعالىٰ جي نبيءَ پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليه الصلواة والسلام کي اهي

(١) نعيمي ص١٨٧ جلد٩

خصوصي ۽ تاڪيد واريون هدايتون ڏنيون هيون.

چاليها ڪڏڻ جو اصل دليل

هن آيت جو تفسير ڪندي آخر ۾ علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي ته انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي ڪلام ٻڌڻ جي استحقاق جي لاءِ چاليهي ۾ خصوصيت آهي ۽ ان جي اها به خصوصيت آهي جو ان جي ڪري اولياءِ ڪرام جي قلبن مان حڪمت جا چشما ظاهر ٿيندا آهن جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي ته "مَنْ اَخْلَصَ لِلّٰهِ اَرْبَعِيْنَ صَبَاحًا ظَهَرَتْ يَنَابِيْعُ الْحِكْمَةِ مِنْ قَلْبِهٖ عَلٰي لِسَانِهٖ" (١) ۽ اولياءِ ڪرام جي چاليهن ڪڏڻ جو اهوئي اصل آهي (٢) وَلَمَّا جَاءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ " ۽ جڏهن موسىٰ اسان جي وعدي واري وقت تي آيو ۽ان سان سندس رب ڳالهايو عرض ڪيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي پنهنجو پاڻ ڏيکار ته مان توڏانهن نظر ڪيان (الله ان کي) فرمايو ته تون مون کي اصل نه ڏسندين ۽ پر جبل ڏانهن نهار جيڪڏهن اهو قرار سان بيهي ويو ته پوءِ عنقريب تون به مون کي ڏسندين.

ديدار جو شوق

جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام طور جبل تي چاليهه ڏينهن پورا ڪياءِ الله تعالىٰ جي ذڪر سان سندس روح ۾ الله تعالىٰ جي ڪلام ٻڌڻ جي خواهش پيدا ٿي ته الله تعالىٰ ساڻس گفتگو ڪئي پر ان گفتگوءِ جي لذت حاصل ڪرڻ سان سندس دل ۾ گفتگو ڪندڙ جي ديدار جو شوق وڌيو ۽ عرض ڪيائين ته اي پالڻهار! اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ" مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ ته مان ديدار ڪيان ۽ توکي ڏسان قرآن ڪريم جي مشهور مفسر بيضاويءِ ان جملي جون به مرادون لکيون آهن، ١- ارني نفسک بان تمکنني من رؤيتک- يعني مون کي پنهنجي ڏسڻ جي طاقت عطا ڪر ٢- او تتجلى لي فانظر اليک (٣) يا منهن جي لاءِ پردا پري ڪري جلوو ظاهر فرماءِ ته توکي ڏسان مطلب ته صرف دل يا خيال جو ديدار نه پر اکين جو ديدار ڪراءِ، جيئن منهنجي ڪنن کي پنهنجي ڪلام ٻڌڻ جو شرف عطا ڪيئي تيئن منهنجي اکين کي بہ پنهنجي ديدار جو شرف عطا ڪر جو ته جنهنجو ٻول ٻڌي سگهجي ٿو ان جو ديدار بہ ڪري

(١) روح البيان ص٢٢٩ ج٣ (٢) بيضاوي ڪامل ص٢٢١
(٣) صاوي ص٨٩ جزءِ ٢

سکهجي ٿو

ڇا ديدار الٰهيءَ جي تمنا ڪرڻ جائز آهي؟

ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته الله تعالىٰ جا پيارا ڪڏهن قانون کان مٿي هجڻ واري شيءِ ملڻ لاءِ به دعا گهرندا آهن پر ان دعا جي ڪري نه اهي گنگهار ٿيندا آهن ۽ نه الله تعالىٰ انهن جي اها دعا ائين ئي رد ڪري ڇڏيندو آهي،عشق الاهي ۾ اچي اهڙي دعا گهرڻ جائز آهي باقي اعتراض لاءِ جيئن بني اسرائيل مان ستر ڄڻن اها دعا گهري هئي "لَنْ نُؤْمِنَ لَکَ حَتّٰى نَرَي اللهُ جَهْرَةً" (١) ته پوءِ اها جائز نه آهي (٣) "قَالَ لَنْ تَرَانِيْ" (الله) فرمايو ته اصل نه ڏسندين تون مون کي هيءُ الله تعالىٰ جي طرفان حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي سندس مٿئين عرض جو جواب آهي، مقصد ته تون نه ڏسندين تو ۾ اجان اسان جي ديدار جي طاقت نه آهي،ا ئين ڪو نه فرمايائين ته مان ديدار نه ٿو ڪرايان ۽ نه ڏسڻ مان مراد آهي ته هتي دنيا ۾ نه ڏسندين آخرت ۾ ديدار جي نفي نه آهي ۽ ترىٰ واحد مذڪر مخاطب جو صيغو آهي مطلب ته تون نه ڏسندين پر ڪا ذات آهي جيڪا پنهنجي دنيوي زندگيءَ ۾ منهنجي ديدار جو شرف حاصل ڪندي اها حضور عليه الصلواة والسلام جي پاڪ ذات آهي "وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ" ۽ پر جبل ڏانهن نهار- هن فرمان سان حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي عزت افزائي ڪندي سندس سوال کي سختيءَ سان رد نه ڪيو ويو آهي،پرڪيس سمجهائڻ لاءِ هڪ محسوس ٿيڻ وارو طريقو استعمال ڪيو ويو آهي تانت ڪيس علم اليقين کان مٿي عين اليقين بلڪ حق اليقين سان تسلي ڪرائي وجي، مطلب ته اي موسىٰ! هي مضبوط ۽ قوت وارو جبل جيڪو تنهنجي اڳيان آهي ان ڏانهن نهار،ان جبل جو نالو جبل زبير هو (٣) يا اهوئي جبل طور هو جنهن تي پاڻ بيهي اها دعا گهري رهيو هو "فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا" پوءِ جڏهن سندس رب جبل تي تجلي فرمائي ته ان کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيائين ۽ موسىٰ بيهوش ٿي ڪري پيو، يعني الله تعالىٰ پنهنجي صفاتي تجلين جي هڪ تجليءَ مان سئي جي سوراخ جيتري تجلي جبل تي وڌي ته ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام بيهوش ٿي ڪري پيو، حق هي آهي ته پاڻ هڪ ڏينهن بيهوش رهيو خميس جي ڏينهن بيهوش ٿيو ۽جمعي جي ڏينهن هوش ۾ آيو (٢) "فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَکَ

(١) سورة البقره آيت ٥٥ (٢) نعيمي ص١٩٧ ج٩
(٣) خازن ص١٢٩ ج٢ (۴) نعيمي ص٢٠٠ ج٩

"تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ" پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تہ عرض ڪيائين تہ پاڪائي آهي تنهنجي مون تو ڏانهن توبہ سان رجوع ڪيو ۽ مان مومنن ۾ اول آهيان- مطلب تہ جڏهن هوش ۾ آيو تہ عرض ڪرڻ لڳو مولا! تون دنيا ۾ اسان جي ڏسڻ کان پاڪ آهين بلڪ اسان جي وهم ،خيال ۽ گمان کان مٿي آهين مون دنيا ۾ تنهنجي ديدار ڪرڻ جي گهر کان توبہ ڪئي آينده اهڙي گهر نہ ڪندس، خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي اها توبہ ڪنهن گناهہ کان نہ هئي ڇو تہ الله تعالىٰ جو هر نبي هر قسم جي گناهہ کان هر طرح ۽ هميشه لاءِ پاڪ آهي ۽مان مومنن مان اول آهيان ان ۾ اها اوليت حقيقي نہ پر اضافي آهي يعني پنهنجي دور وارن مومنن ۾اول آهيان- باقي حقيقي اوليت اسلام ۽ ايمان ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي لاءِ ثابت آهي پاڻ جيئن پيدا ٿيڻ ۾ اول آهن تيئن اسلام ۽ ايمان آڻڻ ۾ بہ اول آهن يا مطلب هي آهي تہ ان ڳالهہ تي ايمان آڻڻ وارن ۾ تہ دنيا۾ توکي (حضور عليه الصلواةوالسلام جن کان سواءِ) ڪير بہ نہ ٿو ڏسي سگهي ان ۾ مان اول آهيان جو مون ان جو مشاهدو ڪيو آهي "قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَبِكَلَامِىْ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ" فرمايو (الله) تہ اي موسىٰ! مون توکي پنهنجي پيغام ۽ ڪلام سان ماڻهن کان برگزيدو بنايو آهي پوءِ جيڪو مون توکي ڏنو آهي اهو وٺ ۽ شڪر ڪندڙن مان رهہ، هي فرمان حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي هوش ۾ اچڻ کان پوءِ ٿيو هو،مطلب تہ مون توکي هدايت جي پيغام پهچائڻ لاءِ منتخب ڪري پنهنجي ڪلام جي شرف سان مشرف بنايو آهي اهائي نعمت وڏي آهي ان تي مطمئن رهہ پنهنجي طاقت کان مٿي واري نعمت نہ گهرندو ڪر.

الله تعالىٰ جو ديدار ممڪن آهي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ معتزلن جو مذهب آهي تہ الله تعالىٰ جو ديدار بالڪل ناممڪن آهي ان کي نہ ڪير هن دنيا ۾ ڏسي سگهندو نہ مرڻ کان پوءِ نہ قيامت ۾ نہ جنت ۾ مگر اسان اهل سنت وجماعت جو عقيدو آهي تہ الله تعالىٰ جو ديدار ممڪن آهي، دنيا ۾ جيتوڻيڪ عام ممڪن نہ آهي پر جنهن تي خاص ڪرم ٿيو ان ديدار ڪيو جيئن معراج واري رات حضور عليه الصلواة والسلام جن ديدار ڪيو ۽ مرڻ کان پوءِ ڪيترن صالحن مومنن کي ديدار ٿيندو آهي جنت ۾ تہ سڀني مومنن کي ديدار ٿيندو جيڪڏهن باري تعالىٰ جو ديدار ممڪن نہ هجي ها تہ الله تعالىٰ جو نبي حضرت

موسىٰ عليه الصلواة والسلام ناممڪن لاءِ ڪڏهن بہ دعا نہ گهري ها، سندس دعا گهرڻ الٰهي ديدار جي ممڪن هجڻ جو دليل آهي ان ڪان سواءِ قرآن پاڪ ۽نبوي احاديث ۾ پيا بہ دلائل آهن (١) **فائدا**- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ثابت ٿيا ١- تہ ڪنهن جو عشق ۽محبت صرف ڏسڻ سان نہ پر ڳالهائڻ سان بہ پيدا ٿيندو آهي، جيئن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام رب پاڪ ڪي ڏٺو تہ نہ هو پر ڳالهائڻ ٻڌڻ ڪان پوءِ سندس دل ۾ ديدار جي تڙپ پيدا ٿي، ان جي ڪري ڌارين عورتن سان ڳالهائڻ ڪان بہ قرآن ڪريم منع ڪئي آهي فرمان مبارڪ آهي" فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ" (٢) پوءِ ڳالهائڻ ۾ نرمي نہ ڪريو متان اهو شخص لالچ رکي جنهن جي دل ۾ بيماري آهي ٢- دنيا ۾ دنيوي نگاهن سان الله تعالىٰ جو ديدار حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪانسواءِ نہ ڪنهن ڪيو آهي نہ ڪري سگهندو پرخواب ۾ ديدار ٿي سگهي ٿو. حضور ﷺ جن خواب ۾ بہ ڪيترا ڀيرا مالڪ مٺي جو ديدار ڪيو، حضرت امام ابو حنيفہ عليه الرحمة سؤ ڀيرا خواب ۾ رب پاڪ جوديدار ڪيو هو(٣) تفسير روح المعاني جي مصنف علامہ آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي: تہ مون ٽي ڀيرا خواب ۾ رب جو ديدار ڪيو (۴)

تجلي ڏسڻ ڪان پوءِ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي چهري جي ڪيفيت

علامہ ثناءالله پاني پتي قدس سره لکيو آهي تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جبل تي واقع ٿيندڙ تجلي ڏسي بيهوش ٿي ويو ۽ ان ڪان پوءِ هوش ۾ آيو تہ سندس منهن مبارڪ ۾ ايترو نور هو جو ان ڏانهن ڪير نهاري نہ سگهندو هو سدائين برقع ۾ هلندو هو هڪ ڀيري سندس گهر واريءَ عرض ڪيس تہ: مون کي تہ ديدار ڪراءِ مان مايوس ٿي وئي آهيان جڏهن ان لاءِ منهن مبارڪ کوليائين تہ ان کي منجهند جي سج وانگر چمڪندڙ چهرو نظر آيو ۽ اها پنهنجي منهن تي هٿ رکي الله تعالىٰ لاءِ سجدي ۾ ڪري پئي ۽ کيس عرض ڪرڻ لڳي تہ الله تعالىٰ کان دعا گهر تہ جيئن مان تنهنجي دنيا ۾ گهر واري آهيان تيئن جنت ۾ بہ تنهنجي گهري واري ٿي رهان (٥)

(١) تفسير ابن ڪثير ص٢۴۴ ج٢ (٢) سورة الاحزاب ع٣٢
(٣)الدر المختار مع رد المحتار ص٣٨ جلد١ (۴) روح المعاني ص٥٢ جلد٣ جزءُ ٩
(٥) مظهري ص۴٥٨ ج٣

فائدو- الله تعالىٰ جي فرمان "اِنِّي اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ" آلاية مان ثابت ٿيو تہ سندس بارگاه اقدس ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي وڏي عزت، اهميت ۽ مرتبو آهي جو سندن دل کي مغموم رکڻ کان بچائي ٿو. سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي جڏهن هوش آيو تہ پاڻ ڪيس فرمايائين تہ: ديدار نہ ڪري سگهڻ جي سببان مغموم نہ رهہ مون توکي ماڻهن کان برگزيدو بنايو آهي مون توکي پنهنجا پيغام ڏنا، پيغمبري عطا ڪئي ۽ پاڻ سان ڳالهائڻ جي شرف سان مشرف ڪيو آهي، اهي سڀ ارشاد سندس دل کي مغموم هجڻ کان بچائڻ لاءِ ٿي رهي هئا ۽ ان آيت مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ حضرت موسىٰ، حضرت هارون عليهما الصلواة والسلام کان پلو آهي، ڇو تہ پاڻ بادشاهہ هو ۽ حضرت هارون عليه السلام سندس وزير جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي "وَزِيرًا مِّنْ أَهْلِي" (١) ۽ منهنجي اهل مان وزير بناءِ

وَكَتَبْنَا لَهُ فِي الْأَلْوَاحِ مِن كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَتَفْصِيلًا لِّكُلِّ

۽ لکيوسون واسطي ان جي تختين ۾ هر شيءِ جي نصيحت ۽ تفصيل واسطي هر

شَيْءٍ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَأْمُرْ قَوْمَكَ يَأْخُذُوا بِأَحْسَنِهَا ۚ سَأُرِيكُمْ

شيءِ جي پوءِ وٺ انهن کي طاقت سان ۽ امر ڪر قوم پنهنجي ۽ کي تہ وٺن تمام سهڻي ان جي کي سگهوئي ڏيکاريندس اوهان کي

دَارَ الْفَاسِقِينَ ﴿١٤٥﴾ سَأَصْرِفُ عَنْ آيَاتِيَ الَّذِينَ يَتَكَبَّرُونَ فِي

گهر بي فرمانن جو جلد ڦيرائيندس نشانين پنهنجين کان انهن کي جو تڪبر ڪن ٿا

الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَإِن يَرَوْا كُلَّ آيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوا بِهَا وَإِن

زمين ۾ ناحق ۽ جيڪڏهن ڏسندا سڀ نشانيون تہ نہ ايمان آڻيندا انهن تي ۽ جيڪڏهن

يَرَوْا سَبِيلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوهُ سَبِيلًا وَإِن يَرَوْا سَبِيلَ الْغَيِّ

ڏسندا واٽ هدايت جي تہ نہ وٺندا ان کي واٽ ڪري ۽ جيڪڏهن ڏسن ٿا واٽ گمراهيءِ جي تہ

(١) سورة طٰهٰ آيت ٢٩

يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا

ونئن ٿا ان کي (پنهنجي) واٽ اهو ان جي ڪري جو يقينًا انهن ڪوڙو ڇيو آيتن اسان جن کي ۽ هئا انهن کان

غَافِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ

غافل ۽اهي شخص جو ڪوڙو چيائون آيتن اسان جن کي ۽ ملڻ آخرت جي کي ڇڻ ٿيا

اَعْمَالُهُمْ ۗ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾

عمل انهن جا ۽نہ بدلو ڏنا ويندا مگر اهو جو ڪندا هئا

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي فرمان هو تہ مون توکي پنهنجن پيغامن ۽ ڪلام سان نوازيو آهي،۽ هنن آيتن ۾ انهن پيغامن جو تفصيل ٻڌايو ٿو وڃي، فرمان ايزدي آهي. "وَكَتَبْنَا لَهٗ فِي الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ" ۽ اسان ان لاءِ تختين ۾ هر شيءِ جي نصيحت ۽ هر شيءِ جو تفصيل لکيو.

توراة جو عطا ٿيڻ

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي توراة سڄو تختين تي لکيل هڪ جاءِ تي مليو هو، قرآن ڪريم وانگر ٿورو ٿورو ٿي نازل نہ ٿيو هو اصل ۾ تہ آسمانن ۽ زمينن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي لوح محفوظ تي لکيل هو، پر حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي ملڻ جي لاءِ ان جي تختين تي لکائي، پهرينءَ ذوالحج کان شروع ٿيءِ نائين ذوالحج تي پوري ٿي ۽ حضرت موسىٰ عليہ‌السلام کي ڏهين ذوالحج تي عطا ٿيو، ان جي لکڻ وقت قلم جي هلڻ جو آواز حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ٻڌي رهيو هو (١)

(١)خازن ص١٣١ ج٢

اهي تختيون ڪيتريون ۽ ڇا مان ٺهيل هيون؟

علامه رازي عليه الرحمةَ هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: اهي تختيون ڏهہ هيون، ڇا مان ٺهيل هيون ان ۾ چار قول آهن ١- تہ اهي زمرد مان ٺهيل هيون، جيڪو جبرئيل عليه الصلواة والسلام آندو هو ٢- تہ سائي زمرد ۽ ڳاڙهي ياقوت مان ٣- تہ آسمان کان لٿل ڪاٺ مان ۴- تہ سخت پٿر مان جنهن کي الله تعالىٰ نرم بنايو هو.

ڪنهن لکيون ۽ ڇا سان؟

علامه موصوف لکيو آهي تہ اهي حضرت جبرئيل عليه السلام ان قلم سان لکيون هيون جنهن سان ذڪر وارن جو ذڪرلکندو آهي، ۽ ان جي مس نور جي نهر مان ورتل هئي. (١) ۽ آيت ۾ "كَتَبْنَا" (اسان لکيو) لکڻ جي نسبت الله تعالىٰ پاڻ ڏانهن ٻن وجهن جي ڪري ڪئي آهي ١- تہ سندس ئي امر سان لکيو ويو هو ٢- تہ ان ۾ ان لکيل جي شرف ۽ شان کي واضح ڪيو ويو آهي (٢) هر شيءِ جي نصيحت ۽ تفصيل جو مطلب آهي تہ ان ۾ وعظ، نصيحتون ۽ حلال ۽ حرام جا احڪام کولي بيان ڪيا ويا هئا (٣) "فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّأْمُرْ قَوْمَكَ يَأْخُذُوْا بِأَحْسَنِهَا" پوءِ ان کي قوت سان وٺ ۽ پنهنجيءَ قوم کي امر ڪر تہ انهن حڪمن مان تمام سهڻن کي (مضبوطيءَ سان وٺن"أَحْسَنِهَا" (تمام سهڻا) مان مراد ۾مختلف قول آهن ١- تہ فرض ۽ واجب تمام سهڻا هئا جن تي اول عمل ڪرڻ واجب هو ۽ نوافل ۽ مستحب صرف سهڻا هئا جن تي عمل ڪرڻ واجب نہ پر ڪار ثواب هو٢- تہ مجرم کي معاف ڪرڻ ۽ ان جي ظلم تي صبر ڪرڻ تمام سهڻو هو پر ان کان پنهنجو بدلو ۽ پلاند وٺڻ بہ برو نہ هو صرف سهڻو هو،وغيره وغيره (۴) بهرحال توراة ۾ بيان ٿيل احڪام سڀ سهڻا تہ هيا پر انهن مان ڪي اجان وڌيڪ سهڻا هئا سهڻن تي عمل ڪرڻ پلو ڪم هو ۽ تمام سهڻن تي عمل ڪرڻ فرض يا واجب هو" سَأُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ" عنقريب اوهان کي بي فرمانن جو گهر ڏيکاريندس، هن عبارت جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن اوهان توراة جي حڪمن تي عمل نہ ڪيو تہ اوهان کي عبرت وٺڻ جي لاءِ فاسقن جا ويران ٿيل ڳوٺ ڏيکاريندس يا مطلب آهي تہ قيامت ۾ اوهان کي بہ انهن بي فرمانن ڪافرن سان گڏ جهنم ۾ داخل ڪندس (٥)

(١) التفسير الڪبير ص٢٣٦ جزء ١۴ (٢) فتح القدير ص٢۴۴ ج٢ البحر المحيط ص٣٨٧ ج۴
(٣) تفسير ابن ڪثير ص٢۴٦ ج٢ (۴) مظهري ص۴٦٠ ج٣
(٥) روح المعاني ص٦٠ ج٣ جزء ٩

"سَاَصۡرِفُ عَنۡ اٰيٰتِيَ الَّذِيۡنَ يَتَكَبَّرُوۡنَ فِي الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ" جيڪي زمين ۾ ناحق (هروڀرو) تڪبرڪن ٿا انهن کي پنهنجين آيتن کان عنقريب ڦيرائيندس، هن عبارت ۾ انهن شخص کي تنبيه ڪئي وئي آهي جيڪي توراة ۾لکيل نصيحتن ۽ حڪمن ۾ غور، تدبر ۽ سوچ ڪرڻ کان وڏائي ڪن ٿا نه ان جي تشريعي احڪام تي عمل ڪن ٿا ۽ نه تڪويني ڳالهين کي سوچين ٿا، ناحق (هروڀرو) جو مطلب ته اهي پاڻ کي ٻين کان ڀلو سمجهن ٿا جيڪو سراسر ناحق آهي(١)

" وَاِنۡ يَّرَوۡا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤۡمِنُوۡا بِهَا" ۽ جيڪڏهن هر نشاني ڏسندا ته به ان تي ايمان نه آڻيندا، مقصد ته جيڪڏهن آفاقي،انفسي نشانيون ۽ نبي عليه الصلواة والسلام جا معجزا ڏسندا ته به نه ايمان آڻيندا نه مڃيندا ۽ نه انهن تي عمل ڪندا (٢) "وَاِنۡ يَّرَوۡا سَبِيۡلَ الرُّشۡدِ لَا يَتَّخِذُوۡهُ سَبِيۡلًا وَاِنۡ يَّرَوۡا سَبِيۡلَ الۡغَيِّ يَتَّخِذُوۡهُ سَبِيۡلًا" ۽ جيڪڏهن هدايت جي واٽ ڏسندا ته ان کي واٽ بنائي نه وٺندا ۽ جيڪڏهن گمراهيءَ جي واٽ ڏسندا ته ان کي پنهنجو رستو سمجهي ان تي عمل ڪندا. مقصد ته گمراهيءَ ۽ برائيءَ جي رستي تي زوريءَ پيا ٿا وڃن ۽ حق ۽ سچ کان پري پڇي وڃن ٿا. "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوۡا عَنۡهَا غٰفِلِيۡنَ" اهو ان جي ڪري جو يقينًا انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ۽ انهن کان غافل هئا، مطلب ته ڪافرن جون اهي سيئي حرڪتون ان جي ڪري آهن جو اهي اسان جي آيتن ۾ آيلنعقلي ۽نقلي دليلن يا نبين عليهم الصلواه والسلام کي مليل معجزن کي ڪوڙو چئي انهن کان غافل ۽ بي توجهه رهيا "وَالَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الۡاٰخِرَةِ" ۽ جن اسان جي آيتن ۽ آخرت کي ڪوڙو چيو، هتي به آيتن مان مراد يا اهي ساڳيا آفاقي،انفسي،عقلي ۽ نقلي دلائل آهن جيڪي الله تعالىٰ جي دين کي سچو ثابت ڪري رهيا آهن، يا ٻين پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جا معجزا"حَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ هَلۡ يُجۡزَوۡنَ اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ" سندن عمل چٽ ٿي ويا (۽ قيامت ۾) جيڪي عمل ڪيائون ٿي ان جي بدلي کان سواءِ ڪجهه به نه ڏنا ويندا. مطلب ته انهن د نيا ۾ جيڪي ٿورا گهڻا نيڪ عمل ڪيا هوندا،اهي ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري چٽ ۽ برباد ٿي ويندن ۽ جيڪي برا عمل ڪيا هونداٸون انهن جي سزا ڏنا ويندا.

(١) القرطبي ص٢٨٣ جلد٧ (٢)القرطبي ص٢٨٣جلد٧
(٣) روح المعاني ص٦١ جزءِ ٩ جلد٣

وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوسٰى مِنْ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ

۽ ورتو قوم موسىٰ جي پڄاڻان ان جي زيورن پنهنجن مان گابو اهڙو جسم جو ان جي لاءِ

خُوَارٌ ۭ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ

آواز آهي ڇا نہ ڏٺائون تہ بلاشڪ اهو نہ ٿو ڳالهائي انهن سان ۽ نہ ٿو رهنمائي ڪري انهن جي واٽ ڏانهن (خدا ڪري) ورتائون

وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿۱۴۸﴾ وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ

ان کيءِ هئا ظالم ۽ جڏهن ڪيرايو ويو اڳيان انهن جي ۽ ڏٺائون تہ بيشڪ اهي تحقيق گمراهہ ٿيا تہ

قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۱۴۹﴾

چيائون البتہ جيڪڏهن نہ رحم ڪندو اسان تي پالڻهار اسان جو ۽ نہ بخشيندو واسطي اسان جي تہ البتہ ضرور ٿينداسون نقصان وارن مان.

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي طور جبل تي وڃڻ ۽ اتي ڪيس نعمتن ملڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس غيرموجودگيءَ ۾ سندس قوم جي گمراهہ ٿيڻ ۽ گابي جي پوڄا جو ذڪر ڪندي ٻڌايو وڃي ٿو تہ " وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوسٰى مِنْ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ " ۽ موسىٰ جي قوم ڪانئس پوءِ پنهنجن زيورن مان گابو ناهيو هڪ اهڙو جسم جنهن کي آواز هو

زيورن مان گابو ڪيئن ناهيائون؟

قرآن پاڪ جي مفسرن لکيو آهي تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام بني اسرائيل جي سهڻي زندگي گذارڻ لاءِ الله تعالىٰ کان ڪامل ضابطہ حيات ڪتاب توراة وٺڻ ويو ۽ اتي چاليهہ راتيون رهيو تہ پويان سندس قوم وارن کين هدايت ڪرڻ لاءِ رهايل الله تعالىٰ جي نبي حضرت هارون عليه الصلواة والسلام کي نہ مڃيندي، ان جي بي فرماني ڪندي اهي سونا زيور جيڪي کين فرعونين کان هٿ آيا

هئا ۽ انهن جا مالڪ بڻجي ويا باهہ ۾ ڳاري انهن مان هڪ گابي جي صورت ٺاهيائون ۽ ان جي عبادت ڪرڻ لڳا.

گابي ٺاهيندڙ جو احوال

اهو گابو ٺاهيندڙ شخص هڪ ولد زنا هو جنهن جو نالو بہ موسىٰ هو ۽ ان کي جڏهن سندس ماءُ ڄڻيو تہ زنا جي ڦر هجڻ جي ڪري ڪيس هڪ جبل تي اڇ لائي آئي جنهن کي سامره سڏيندا هئا ۽ ان جي ڪري هي سامري سڏجڻ لڳو. الله تعالىٰ سندس پرورش جي لاءِ حضرت جبرئيل عليه السلام کي مقرر ڪيو، جيڪو پنهنجي آڱر مبارڪ سندس وات ۾ وجهندو هو تہ ڪيس ان مان کير ملندو هو ۽ ان تي پلجي وڏو ٿيو. ڪافي عرصي تائين جو جبريل سڳوري کي ڏسندو رهيو تہ وڏي ٿيڻ کان پوءِ بہ جڏهن جبريل زمين تي لهي ايندو هو تہ سامري ان کي سڃاڻندو هو. جڏهن فرعونين کي پوڙڻ لاءِ لٿو هو تہ جبريل گهوڙي تي سوار هو ۽ جتي بہ ان جي گهوڙي جا پير لڳا ٿي تہ سڪل زمين ۾ ساوڪ ٿيندي ٿي وئي، وڻ ميوا جهلي ٿي بيٺا سامري اهو سڀ ڪجهہ ڏسي سمجهي ويو تہ ان گهوڙي جي لتاڙيل مٽيءَ ۾ ڪو اثر آهي سو ان گهوڙي جي لتاڙيل مٽيءِ مان ڪجهہ ڪٺي رکي ڇڏيائين ۽ جڏهن زيورن مان گابو ٺاهي ان ۾ اها مٽي وڌائين تہ ائين رنڀڻ لڳو جيئن ٻيا گابا رنڀيندا آهن، ۽ سامري ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ اوهان جو ۽ موسىٰ (عليه الصلواة والسلام) جو معبود تہ هي آهي ان جي عبادت ڪندا ڪيو، ۽ ان جي عجيب قسم واري آواز ۽ رنڀڻ کي ٻڌي بني اسرائيل ان جي عبادت ۾ شروع ٿي ويا ،اهو الله تعالىٰ جي قدرت جو شان ڏسندي هڪ شاعر عربيءَ ۾ شعر چيو آهي تہ:

فموسىٰ الذي رباه جبريل كافر-

و موسىٰ الذي رباه فرعون مرسل(١)

يعني جنهن موسىٰ کي جبريل پاليو اهو ڪافر ٿي ويو ۽ جنهن موسىٰ (عليه السلام) کي فرعون پاليو اهو الله تعالىٰ جو مرسل نبي بنجي ويو.

أَلَمْ يَرَوْا أَنَّهُ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيهِمْ سَبِيلًا" ڇا نہ ڏٺائون تہ؟ اهو نہ انهن سان ڳالهائي ٿو ۽نہ انهن کي (سڌي) واٽ ڏسي ٿو. هن عبارت ۾ انهن گابي جي پوڄارين جي بي عقلي بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي اهو نہ ٿا ڏسن تہ جنهن جي عبادت ڪن ٿا اهو صرف آواز ڪري ٿو نہ ساڻن ڳالهائي ٿو ۽ نہ ڪين ڪو رستو ڏسي سگهي

(١) صاوي ص١٩١ جزءُ ٢

ٿو صرف آواز ڪرڻ ہي شيءِ آهي ۽ ڳالهائڻ ہي شيءِ ان ئي طرح سان اهو نہ دنيا ۾ ڪنهن واٽ پڇندڙ ڪي واٽ ڏسي سگهي ٿو ۽ نہ آخرت جو سڌو گس بيان ڪري سگهي ٿو جڏهن ان جي اها حالت آهي تہ اهو هڪڙي بي ساہ شيءِ آهي جيڪو ڪنهن بہ قيمت ۾ عبادت جو لائق نہ آهي" اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ" معبود بناياٺون ان ڪي ۽ هئا ظالم- هن عبارت ۾ انهن ڪافرن جي سمورين حرڪتن جو بيان اچي ويو آهي. اهي ان هٽرادو ڳابي کي سجدو ڪندا، پوڄيندا هئا، ان جي چوڌاري ٻاجا وڄائي راڳ روپ جو ن محفلون قائم ڪندا ۽ نچندا هئا (١) هتي " كَانُوْا" صاروا جي معنيٰ ۾ظالم ڪافر ۽ مشرڪ جي معنيٰ ۾ آيل آهي (٢) مطلب تہ ان ڳابي کي معبود بنائڻ جي ڪري اسلام ۽ ايمان ڪان نڪري ڪافر ٿي ويا" وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ " ۽ جڏهن ڪيرايو ويو هٿن انهن جي ۾- هن عبارت جو هيءُ ترجمو تفسير نعيميءَ جي ترجمي موافق ڪيو ويو آهي ۽ عام ترجما ان جملي جي معنيٰ لکن ٿا ۽ جڏهن پڇتاياٺون ۽ پشيمان ٿيا"وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْلَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" ۽ ڏناٺون تہ بيشڪ اهي تہ گمراھ ٿي ويا ،چياٺون تہ جيڪڏهن اسان کي اسان جو رب نہ بخشيندو ۽ اسان تي رحم نہ ڪندو تہ بلاشڪ اسين نقصان وارن مان ٿي ويندا سون،مطلب تہ جڏهن انهن ڳابي جي پوڄارين کي پنهنجي ان ڪفر ۽ شرڪ واري ڪم واري غلطي محسوس ٿي ۽ پاڻ بہ سمجهياٺون تہ واقعي گمراھ ٿي ويا آهن تہ پوءِ چوڻ لڳا، يا دل ۾ سوچڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان تي الله تعالىٰ رحم ڪري، مغفرت نصيب نہ ڪئي تہ تباھ ٿي ويندا سون، اها پشيماني ڪين حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي واپس اچڻ ڪان پوءِ ٿي هئي يا پهريائين؟ ان ۾ مفسرن جا مختلف قول آهن پر قرآن پاڪ جي محاوري مان لڳي ٿو تہ اڳ ۾ ئي پشيمان ٿي ويا هئا (٣)

فائدو- هنن آيتن تي غور ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ جيئن گناھ ڪرڻ الله تعالىٰ جي غضب کي سڏڻ آهي تيئن گناھ ڪرائڻ، گناھ۾ مدد ڪرڻ، گناھ ڪان راضي ٿيڻ بہ الاهي غضب کي سڏڻ آهي، ۽ سڀ ان گناھ ۾ شريڪ آهن،ڇو تہ زيورن مان ڳابو ٺاهيو تہ هڪ سامريءَ هو، پر الله تعالىٰ ان ڪم کي حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي ساريءَ قوم ڏانهن منسوب ڪري فرمايو تہ "وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى" ۽ موسيٰ جي قوم معبود بنايو.

(١) روح البيان ص٢٤٢ جلد٣ (٢) نعيمي ص٢٣٨ج٩
(٣)نعيمي ص٢٣٩ ج٩

وَلَمَّا رَجَعَ مُوسَىٰ إِلَىٰ قَوْمِهِ غَضْبَانَ أَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا

۽ جڏهن موٽيو موسىٰ طرف قوم پنهنجي غصو ڪندڙ افسوس ڪندڙ فرمايائين ته نهايت بچڙو

خَلَفْتُمُونِي مِنْ بَعْدِي ۖ أَعَجِلْتُمْ أَمْرَ رَبِّكُمْ ۖ وَأَلْقَى الْأَلْوَاحَ

آهي جيڪو پر پٺ ڪيو مون ڪان پڇاڙان منهنجي ڇا تڪڙ ڪيو فرمان رب پنهنجي ڪان ۽ اڇلايائين تختين کي

وَأَخَذَ بِرَأْسِ أَخِيهِ يَجُرُّهُ إِلَيْهِ ۚ قَالَ ابْنَ أُمَّ إِنَّ الْقَوْمَ

۽ ورتائين مٿي کان ڀاءُ پنهنجي کي ڇڪي پيو ان کي طرف پنهنجي چيائين ته اي پٽ امان جا! بيشڪ قوم وارن

اسْتَضْعَفُونِي وَكَادُوا يَقْتُلُونَنِي ۖ فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْأَعْدَاءَ وَلَا

ضعيف سمجهايائون مون کي ۽ ويجها ٿيا جو قتل ڪن مون کي پوءِ نه کلاءِ مون تان دشمنن کي ۽ نه

تَجْعَلْنِي مَعَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ ﴿١٥٠﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِي وَلِأَخِي

(شامل) ڪر مون کي قوم ظالم سان عرض ڪيائين اي منهنجا رب! بخش ڪر مون کي ۽ ڀاءُ منهنجي کي

وَأَدْخِلْنَا فِي رَحْمَتِكَ ۖ وَأَنْتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ ﴿١٥١﴾ ع

۽ داخل ڪر اسان کي رحمت پنهنجيءَ ۾ ۽ تون وڏيڪ رحم ڪندڙ آهين رحم ڪندڙن ۾.

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ بني اسرائيل جي ڳابي کي پوڄڻ جو بيان هو ۽ هنن ۾ ان پوڄا تي ڪين ملندڙ سزا جي تمهيد جو بيان ٿي رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي "وَلَمَّا رَجَعَ مُوسَىٰ إِلَىٰ قَوْمِهِ" ۽ جڏهن موسىٰ پنهنجي قوم ڏانهن موٽيو، يعني توراة وٺي واپس ان پنهنجي قوم ڏانهن موٽيو جن ۾ حضرت هارون عليه السلام سان گڏ ڳابي جا پوڄاري به هئا ته ان جي پوڄا ڪان بچڻ وارا به هئا "غَضْبَانَ أَسِفًا" هي ٻئي لفظ

"رَجَعَ" ۾ موسىٰ ڏانهن ورندڙ ضمير کان حال آهن. مطلب ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ان حال ۾ موٽيو جو پنهنجي قوم تي ڪاوڙ به هيس ته انهن جي حال تي افسوس ۽ غم به هوس "قَالَ بِئْسَمَا خَلَفْتُمُوْنِيْ مِنْۢ بَعْدِيْ" چيائين ته مون کان پوءِ منهنجي پرپٺ جيڪو اوهان ڪيو آهي اهو نهايت برو آهي. هي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جو خطاب پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليه السلام ۽ ان سان گڏ رهڻ وارن مومنن، ڳابي جي پوڄا کان بچندڙن سان هو مطلب ته اهو مون کان پوءِ منهنجي جاءِ نشينيءَ ۾ سٺو ڪم نه ڪيَو جو صحيح دين جي تبليغ به نه ڪيَو ۽ ڳابي جي پوڄارين تي سختي به نه ڪيَو" اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ " ڇا اوهان پنهنجي رب جي امر ۾ تڪڙ ڪئي؟ جڏهن موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي الله تعالىٰ ٽيهن راتين گذرڻ کان پوءِ ڏهه راتيون وڌيڪ رهايو ۽ واپس ٿيڻ ۾ دير ٿيس ته سامريءَ سيني کي چيو ته موسىٰ عليه الصلواة والسلام وفات ڪري ويو اهو نه ايندو، اچو ته مان اوهان کي الله ڏيکاريان ان جي عبادت ڪيو پوءِ اچي ڪين ان ڳابي جي پوڄا ڪرايائين، تڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام فرمايو ته: مان اتي اوهان جي رب جي امر سان ڏهه راتيون وڌيڪ رهي پيو هوس ڇا اوهان پنهنجي رب جي امر کان تڪڙا آهيو؟ جو وڃي ڳابي جي پوڄا ڪيو؟ "وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ" ۽ اڇلايائين تختين کي- مطلب ته جن تختين تي توراة لکيل هو حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام انهن کي اڇلايو ۽ اهو اڇلائڻ توهين جي ارادي سان نه پر ڪفر ۽ شرڪ وارن تي غصي ۾ اچي بي اختيار بنجڻ جي ڪري هو، جنهن ۾ ان تي ڪا به ميار نه آهيءَ ڪن جو قول آهي ته حضرت موسىٰ عليه السلام اهي تختيون اهڙيون تڪڙيون رکيون هيون جڻ ته ڪنهن اڇلائي ڇڏيون ان تڪڙي رکڻ کي اڇلائڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي والله اعلم "وَاَخَذَ بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ" ۽ پنهنجي ڀاءُ جي مٿي کان وٺي ان کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو، اهو حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جو سڳو ڀاءُ حضرت هارون عليه السلام هو جيڪو ڪانئس عمر ۾ ٽي سال وڏو هو پر مرتبي ۾ حضرت موسىٰ عليه‌السلام وڏو ۽ بادشاهه هو ۽ حضرت هارون سندس وزير هو ۽ اهو وٺڻ ۽ ڇڪڻ سڀ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي مٿان ديني درد ۽ حميت جي غلبي جي ڪري هو ان جي ڪري ان تي الله تعالىٰ به ناراض نه ٿيو"قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِيْ وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ" (حضرت هارون عليه الصلواة والسلام) چيو ته اي امان جا پٽ! يقينًا قوم مون کي ضعيف سمجهيو ۽ قريب هئا جو مون کي شهيد ڪري ڇڏين، حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون

جيتوڻيڪ سڳا ڀائر هئا پر حضرت موسىٰ عليه الصلوة والسلام ۾ پنهنجي لاءِ وڏيڪ شفقت ۽ محبت جي جذبي اڀارڻ لاءِ ڪيس "امان جا پٽ!" چئي معذرت پيش ڪرڻ لڳو ۽ فرمايائين ته مون تبليغ واري فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪئي آهي مان اڪيلو هوس ۽ هي تمام گهڻا- انهن مون کي بي وس ۽ ڪمزور سمجهي منهنجي چوڻ جي ڪا پرواهه نه ڪئي رهندو مون کي شهيد ڪرڻ جي پويان اچي پيا مان ڇا ڪيان؟ "فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْأَعْدَاءَ وَلَا تَجْعَلْنِي مَعَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ" پوءِ نه مون تي دشمن کلاءِ ۽ نه مون کي ظالم قوم سان شامل ڪر- يعني تون جيڪڏهن مون تي اهڙي سختي ڪندين ته مون تي دشمن کلندا ۽ چوندا ته ڏسو پاڻ ۾ ڀائر ڪيئن پيا وڙهن ۽ ظالمن ۾ شامل ڪرڻ مان مراد آهي ته مون کي انهن وانگر نه سمجهه ته مون تبليغ ۽ وعظ ۾ ڪوتاهي ڪئي هوندي نه،ڪڏهن به نه- "قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِي وَلِأَخِي وَأَدْخِلْنَا فِي رَحْمَتِكَ وَأَنْتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ" چيائين ته اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي مغفرت نصيب فرماءِ ۽ اسان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪر ۽ تون رحم ڪندڙن ۾ وڏيڪ رحم ڪندڙ آهين-مطلب ته يا الله! دين جي درد ۾ غصي دوران مون تختيون اڇلايون ۽ ڀاءُ کي مٿي جي وارن کان وٺي پاڻ ڏانهن ڇڪيو جيڪڏهن اهي منهنجيون غلطيون آهن ته مون کي بخش ڪر ۽ جيڪڏهن منهنجي ڀاءُ کان ڪا ڳالهه رهجي وئي آهي ته ان کي به اها بخش ڪر۽ اسان ٻنهي کي پنهنجي خصوصي رحمت ۾ داخل ڪر.

إِنَّ الَّذِينَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّن رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ

بيشڪ جن معبود بنايو ڳاٻي کي جلدپهچندو انهن کي غضب رب انهن جي وٽان ۽ ذلت

فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِينَ ﴿١٥٢﴾ وَالَّذِينَ

حياتيءَ دنيا جي ۾ ۽ اهڙي طرح سزا ڏينداسون بهتان هڻندڙن کي ۽ جن ڪيون

عَمِلُوا السَّيِّئَاتِ ثُمَّ تَابُوا مِن بَعْدِهَا وَآمَنُوا إِنَّ رَبَّكَ مِن

برايون تنهن کان پوءِ توبه ڪيائون پڇاڻان انهن جي ۽ ايمان آندائون بيشڪ رب تنهنجو پڇاڻان

بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١٥٣﴾

انهن جي البت بخشيندڙ،مهربان آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ان غم ۽ غصي جو ذڪر ٿيو جيڪو موسیٰ عليه الصلواة والسلام کي قوم جي ڪفر ۽ شرڪ ڪرڻ جي ڪري ٿيو هو ۽ هتي انهن ڪافرن ۽ مشرڪن تي واقع ٿيندڙ عذاب جو بيان ٿي رهيو آهي جن ڳابي کي پنهنجو معبود بنايو هو. ارشاد ايزدي آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" يقيناً جن ڳابي کي معبود بنايو انهن کي سندن رب جي طرفان غضب ۽ دنياوي حياتيءَ ۾ (خواريءِ) ذلت پهچندي- ان مان مراد اهي ڪافر سامري وغيره آهن جيڪي ان ڪفر تي پائبند رهيا نه مڙيا- انهن لاءِ ٻه سزائون بيان ٿيون ١- ته مٿن الله تعالیٰ جو غضب ايندو جو جيستائين پاڻ کي پاڻهي قتل نه ڪندا (جيئن سورة البقره جي آيت ٥٤ ۾ تشريح ڪندي تفسير احسن البيان جلد١ جي ص٢٠٦ تي لکي آيا آهيون) تيستائين سندن توبه قبول نه پوندي ٢- ته دنيا جي حياتيءَ ۾ به ذليل ۽ خوار ٿيندا هڪ جاءِ ۽ هڪ وطن ۾ رهي نه سگهندا ڪين جلاوطن ڪيو ويندو (١) "وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ" ۽ ان ئي نموني بهتان هڻندڙن کي سزا ڏينداسون، يعني انهن ڳابي جي پوڄارين، الله تعالیٰ تي بهتان هڻي ڳابي کي معبود بنائڻ وارن جي سزا وانگر انهن کي به سزا ڏينداسون جيڪي قيامت تائين الله تعالیٰ تي بهتان هڻندا، هٺرادو عقيدا ٺاهيندا پاڻ ته گمراهه هوندا پر ٻين کي به گمراهه ڪندا، اهي به الله تعالیٰ جي غضب هيٺ هوندا ۽ دنيوي حياتيءَ ۾ به ذليل ۽ خوار ٿي رهندا. "وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا" ۽ جن برايون ڪيون ان کان پوءِ توبه ڪيائون ۽ ايمان آندائون المقصد ته جن ڪافرن ڪفر کان ۽ گنهگارن گناهه کان توبه ڪري الله تعالیٰ ڏانهن رجوع ڪيائون ۽ ايمان آندائون "اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" يقيناً تنهنجو رب ان کان پوءِ به پڪ بخشڻهار، مهربان آهي، ڇاڪاڻ ته ايمان ۾ مخلص هجن ۽ صالح عمل به ڪن ته انهن جا گناهه به بخشيندو ۽ مٿن رحم به ڪرڻ فرمائيندو.

وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۖ وَفِيْ نُسْخَتِهَا

۽ جڏهن ٺريو موسیٰ کان غصو ته ورتائين تختين کي ۽ لکيي ان جي ۾

هُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿١٥٤﴾

هدايت ۽ رحمت هئي انهن جي لاءِ جو اهي واسطي رب پنهنجي خوف رکن ٿا.

(١) تفسير المراغي ص٧٤ جلد٣ جزء ٩

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي غصي ۽ غم جو بيان هو ۽ هن ۾ ان غصي ۽ غم جي لهڻ جو ذڪر ڪندي بيان ٿي رهيو آهي "وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ" ۽ جڏهن (حضرت) موسىٰ (عليه الصلواة والسلام) تان غصو لٿو ته تختيون کڻي ورتائين- چاڻ گهرجي ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي جن تختين تي توراة لکيل مليو هو انهن ۾ هر شيءِ جو تفصيلي بيان هو پر جڏهن پاڻ انهن کي اڇلايو هيائين ته جن تختين تي نصيحتون، احڪام ۽ وعظ لکيل هو اهي اتي رهيون باقي سڀ مٽي ڪجي ويون هيون (١) ۽ ڪاوڙ لهڻ کان پوءِ اهي ئي باقي رهيل تختيون کنيون هيائين "وَفِيْ نُسْخَتِهَا هُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ" ۽ ان جي لکيي ۾ انهن جي لاءِ جيڪي پنهنجي پالڻهار جو خوف رکن ٿا هدايت ۽ رحمت هئي. هن عبارت ۾ "نُسْخَةٌ" جو لفظ خطبة جي وزن تي آيل آهي، ان مان مراد آهي جيڪي ڪجهه ان ۾ لکيل هو (٢) ان ۾ الله تعالىٰ کان ڊڄڻ ۽ خوف ڪرڻ وارن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت هئي.

وَاخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّآ اَخَذَتْهُمُ

۽ چونڊيا موسىٰ قوم پنهنجيءَ مان ستر مرد واسطي وقت وعدي اسان جي پوءِ جڏهن پڪڙيو

الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِيَّايَ ۭ

انهن کي زلزلي چيائين ته اي پالڻهار منهنجا! جيڪڏهن گهرين ها ته هلاڪ ڪرين ها تون انهن کي اڳي ۽ مون کي

اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَاۗءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ۭ تُضِلُّ بِهَا

ڇا هلاڪ ڪرين ٿو اسان کي سبب ان جي جو ڪيو بيوقوفن اسان مان ناهي اها مگر آزمائش تنهنجي گمراهه ڪرين ٿو ان سان

مَنْ تَشَاۗءُ وَتَهْدِيْ مَنْ تَشَاۗءُ ۭ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا

جنهن کي گهرين ۽ هدايت ڪرين ٿو جنهن کي گهرين تون ڪارساز اسان جو آهين پوءِ بخش ڪر واسطي اسان جي ۽ رحم ڪر اسان تي

(١) تفسير ابو السعود ص ٢٧٤ جزء ٣ (٢) بيضاوي ڪامل ع ٢٢٤

وَاَنْتَ خَيْرُالْغَافِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ وَاكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً

۽ تون ڀلو بخشيندڙ آهين بخشيندڙن کان ۽ لک تون واسطي اسان جي هن دنيا ۾ ڀلائي

وَّفِى الْاٰخِرَةِ اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ قَالَ عَذَابِىْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَآءُ

۽ آخرت ۾ تحقيق اسان رجوع ڪيوسون توڏانهن فرمايائين تہ: عذاب منهنجو پهچايان ٿو اهو جنهن کي گهران

وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ

۽ رحمت تنهنجي شامل ٿي هر شيءِ کي پوءِ جلدي لکندس ان کي واسطي انهن جي جيڪي پرهيز ڪن ٿا ۽ ڏين ٿا

الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾ اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ

زڪواة ۽ (انهن جي لاءِ) جو اهي آيتن اسان جن تي ايمان آڻين ٿا اهي جو تابعداري ڪن ٿا

الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِى

رسول، نبي، امي جي- اهو جو لهن ٿا (ذڪر) ان جي ڪي لکيل پاڻ وٽ

التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ

توراة ۾ ۽ انجيل ۾ امرڪري ٿو انهن کي نيڪيءَ جوءِ روڪي ٿو انهن کي برائيءَ کان

وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ

۽ حلال ڪري ٿو انهن لاءِ پاڪ شيون ۽ حرام ڪري ٿو انهن تي ناپاڪ شيون ۽ لاهي ٿو انهن تان

اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ

بار انهن جا ۽ ڳٽ جيڪي هيا انهن تي پوءِ جن ايمان آندو ان تي ۽ تعظيم ڪيائون ان جي

وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾ ع ١٩ ٦ ٩

۽ مدد ڪيائون ان جي ۽ تابعداري ڪيائون نور جي جو لاٿو ويو گڏ ان سان اهي ئي ڪامياب ٿيندڙ آهن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بني اسرائيل جي گناهہ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن جي توبہ جي تمهيد جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي" وَاخْتَارَ مُوسَىٰ قَوْمَهُ سَبْعِينَ رَجُلًا لِّمِيقَاتِنَا " ۽ موسىٰ پنهنجي قوم جا ستر ماڻهو اسان جي وعدي ڏنل مقرر وقت لاءِ چونڊيا ، مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جڏهن بني اسرائيل ڳابي جي پوڄا واري گناهہ تي سخت پشيمان ٿيا ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪيائون تہ اسان جي مغفرت لاءِ الله تعالىٰ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪر تڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي حڪم ٿيو تہ انهن ڳابي جي پوڄارين مان ستر چُڻا چونڊي پاڻ سان گڏ وٺي اچ تانتہ اهي هتي اچي پوري قوم جي طرفان نمائندن جي حيثيت سان توبہ ڪن- حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ان ڏنل وقت تي وعدي موافق ستر چُڻا چونڊي پاڻ سان وٺي طور جبل ڏانهن روانو ٿيو اتي پهتا تہ هڪ ڪڪر ظاهر ٿيو جيڪو ساري جبل کي گهيري ۾ ڪري ويو، هي سڀئي اتي پهچي سجدي ۾ ڪري پيا ۽ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام پنهنجي مالڪ سان جيڪا گفتگو ڪئي سا انهن بہ ٻڌي جڏهن ڪڪر هليو ويو ۽ گفتگوءَ جو سلسلو منقطع ٿي ويو تہ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي چوڻ لڳا تہ: اسان گفتگو تہ ٻڌي پر جيستائين ڳالهائيندڙ کي نہ ڏسنداسين تيستائين اسين ڪيئن مڃيون تہ جنهن سان گفتگو هلي رهي هئي اهو الله تعالىٰ هو يا ٻيو ڪو؟ سندن ان چوڻ جي ڪري زلزلي جا جهٽڪا آيا ۽ ڪنوڻ ڪڙڻ لڳيءَ اهي ان وحشت ڀريي منظر جو تاب سهي نہ سگهڻ جي ڪري بيهوش ٿي ڪري پيا بعضي علماء فرمايو آهي تہ مري ويا ۽ وهب جو قول آهي تہ مئا نہ هئا پر ايتري بيهوشي هين جو موت جي ويجهو هئا (١)

"فَلَمَّا أَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ أَهْلَكْتَهُم مِّن قَبْلُ وَإِيَّايَ" پوءِ جڏهن انهن کي زلزلي (جي جهٽڪن) وڙتو تہ عرض ڪيائين اي منهنجا پالڻهار! جيڪڏهن تون گهرين ها تہ انهن کي ۽ مون کي اڳ ۾ ئي هلاڪ ڪري ڇڏين ها ، مطلب تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام اها حالت ڏٺي تہ ڪيس پنهنجيءَ قوم جي ڪاوڙجڻ جو انديشو ٿيو،ڇو تہ اهي ننڍيءَ ننڍيءَ ڳالهہ تي بہ ڪاوڙجڻ جا عادي هئا جڏهن ڏسندا تہ سندن ستر سرڪرده ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا تہ خبر نہ آهي تہ

(١)ضياءُ القرآن ص٨٨ جلد٢

کهڙو حشر برپا کندا؟ ان جي کري بارگاهہ ايزديءَ ۾ عرض ڪرڻ لڳو تہ اي منهنجا پالڻهار! جيڪڏهن تنهنجي مشيت ۾ فيصلو انهن کي هلاڪ ڪرڻ جو هو تہ انهن کي اڳ ۾ ئي هلاڪ ڪري ڇڏين ها جڏهن فرعون ۽ ان جا ساٿي غرق ٿي رهيا هئا ۽ مون کي انُ وقت وفات ڪرائي ڇڏين ها جڏهن مان تجلي ڏسڻ وقت بيهوش ٿي ڪري پيو هوس (١) "اَتُهۡلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا" ڇا تون اسان کي ان سببان هلاڪ ڪرين ٿو جيڪو اسان مان بيوقوفن ڪيو هو، مقصد تہ اسان مان ڪن بيوقوفن جيڪڏهن اهڙي غلط گهر ڪئي آهي تہ انهن جي غلطيءَ جي اسان سڀني کي سزا نہ ڏي اسان کي هلاڪ نہ ڪر (٢)

" اِنۡ هِيَ اِلَّا فِتۡنَتُكَ تُضِلُّ بِهَا مَنۡ تَشَآءُ وَتَهۡدِيۡ مَنۡ تَشَآءُ" ڳالهہ ٻيو ڪجهہ ناهي صرف تنهنجي آزمائش آهي جنهن کي گهرين تہ ان کي گمراهہ ڪرين ۽ جنهن کي گهرين تہ هدايت ڪرين، مقصد تہ اهو امتحان آهي جنهن کي تنهنجي طرفان توفيق ساٿ ڏيندي اهو هدايت وارو ٿيندوءِ جنهن جو ساٿ نہ ڏيندي اهو گمراهہ ٿيندو ۽ سندس زهد ۽ تقدس برقرار نہ رهندو. "اَنۡتَ وَلِيُّنَا فَاغۡفِرۡلَنَا وَارۡحَمۡنَا وَاَنۡتَ خَيۡرُ الۡغَافِرِيۡنَ" تون اسان جو ڪار ساز آهين پوءِ اسان کي بخش ڪر ۽ اسان تي رحم ڪر ۽ تون ئي بخشيندڙن کان ڀلو آهين، اڳينءَ عبارت ۾ الله تعاليٰ جي مطلق قادر ۽ مختار ڪل هجڻ جي اعتراف ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي لاءِ مغفرت جي دامن پڪيڙي عرض ٿو ڪري تہ تون اسان جو ولي، ڪارساز آهين اسان جي دين ۽ دنيا جي سڀني ڪمن جو بہ تون ئي محافظ آهين. "وَاكۡتُبۡ لَنَا فِيۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِي الۡاٰخِرَةِ" ۽ اسان جي لاءِ هن دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي لک- دنيا ۾ ڀلائي مان مراد حلال ۽ وسيع روزي، ايمان تي استقامت نيڪ عملن جي توفيق ، سٺو خاتمو، دين جو علم ، گناهن کان حفاظت الله تعاليٰ جي مقبول ٻانهن جي محبت ۽ انهن سان محبت وغيره ۽ آخرت جي ڀلائيءَ مان مراد آهي برزخ جي امتحان ۾ ڪاميابي، ڪاميابيءَ کان پوءِ آرام، قيامت جي ڏينهن ۾ پريشانيءَ ۽ ڊپ کان بچاءُ، حساب جي آساني، عملنامي جو سڄي هٿ ۾ ملڻ،منهن جو روشن هجڻ، الله تعاليٰ جي فضل وڪرم سان پلصراط تان آسانيءَ سان لنگهڻ ۽ بهشت ۾ داخل ٿيڻ (٣) "اِنَّا هُدۡنَاۤ اِلَيۡكَ" اسان تو ڏانهن رجوع ڪيو آهي. مطلب تہ تون ڪنهن سائل کي خالي نہ ڇڏيندو آهين اسان تي بہ رحم فرماءِ" قَالَ عَذَابِيۡۤ اُصِيۡبُ

(١) نعيمي ص٢٧٤ جلد٩ (٢) المراغي ص٧٩ جزء٩
(٣) نعيمي ص٢٨٣ ج٩

بهٖ مَنۡ اَشَآءُ وَرَحۡمَتِيۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَيۡءٍ" فرمايائين تہ منهنجو عذاب جنهن کي گهران ان کي پهچايان ٿو ۽ منهنجي رحمت تہ هر شيءِ کي شامل آهي، ۽ اها منهنجي انهن صفتن مان آهي جن سان جهان جو امر قائم آهي.

فَسَاَكۡتُبُهَا لِلَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ وَيُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ بِاٰيٰتِنَا يُؤۡمِنُوۡنَ" پوءِ جلدي ان (رحمت) کي انهن جي لاءِ لکندس، جيکي پرهيزگار ٿيندا ۽ زکواة ڏيندا ۽ جيکي اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا- مقصد تہ منهنجا اختيارات غير محدود آهن جنهن کي گهران، جيکي گهران، جيئن گهران کيان، مون کي کير بہ روکڻ وارو ناهي، منهنجي رحمت جا خزانا اڻ کٽ آهن پر انهن جا حقدار صرف اهي آهن جن جون هي صفتون هونديون ١- تہ پرهيزگار هوندا آهن ۽ الله تعالىٰ کان ڊڄندا ٢- تہ زکواة ڏيندا دنيوي طمع کان مغلوب ٿي ان اهم فرض ادا کرڻ ۾ سستي نہ کندا ٣- اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن انکار نہ کندا آهن اهي ماڻهو تہ پهريائين کان رحمت جا حقدار آهن ان جي کري اوهان کي دعا جي مقبول هجڻ جي بشارت آهي (١) ان کان پوءِ ٻڌايو ٿو وڃي تہ انهن صفتن کي جامعيت جي لحاظ سان اهي شخص حاصل کندا جن ۾ هي صفتون بہ هونديون" اَلَّذِيۡنَ يَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِيَّ الۡاُمِّيَّ" جيکي رسول، نبي، امي جي،تابعداري کندا هن عبارت ۾ پهريان اتباع جو بيان کندي واضح کيو ويو آهي تہ نبي عليه الصلواة والسلام جي اتباع کرڻ بہ ضروري آهي، ان کان پوءِ حضور عليه الصلواة والسلام جا القاب بيان کيا ويا آهن ١- الرسول ٢- النبي ٣- الامي- رسول ۽ نبي ۾ ٻنهي لحاظن سان فرق آهي ١- الله تعالىٰ جي لحاظ سان پاڻ رسول آهن ۽ خلق جي لحاظ سان نبي يعني خالق جو رسول خلق جو نبي جڏهن تہ رسالت نبوت کان اعلىٰ ۽ افضل آهي ان جي کري رسول جو ذکر پهريان ۽ نبيءَ جو پوءِ آندو ويو ٢- تہ جنهن پيغمبر تي کتاب لٿو اهو رسول آهي ۽ جنهن تي نہ لٿو اهو نبي آهي نبي هک لک چوويهہ هزار ٿيا ۽ رسول ٽي سؤ تيرهن- ۽ انهن ٽي سؤ تيرهن مان ٻين جي فيض جي رسائي محدود هئي ۽ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي غير محدود، ٻين جي خاص وقت لاءِ ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هميشه لاءِ - "اَلۡاُمِّيَّ" هي لفظ ام ۽ ي نسبت واريءَ مان نهيو آهي ان مان مراد يا ام القرى مکي وارو، ڇو تہ پاڻ اتي ڄاوا هئا يا ام معنىٰ ماءُ ۽ ي نسبت واري مادي سان ملائڻ جي کري معنىٰ ٿيندي شاندار ماءُ وارو، ڇو تہ سيده آمنه سندن صدقي شاندار ماءُ آهي، جنهن مان اهڙو حبيب

(١) معارف القرآن ص٧٥ جلد٤

ﷺ ظهور پذير ٿيو يا امي جو مطلب آهي ماءُ جي پيٽ مان عالم ۽ عارف ٿي پيدا ٿيڻ وارو جنهن جي دامن تي ڪنهن جي شاگرد هجڻ، ڪنهن جي مريد هجڻ ۽ ڪنهن ڪان فيض وٺڻ جو نشان ٿي ناهي،اعلىٰ قلم جنهن جو خادم آهي،لوح محفوظ جنهن جو ڪتاب آهي الله تعالىٰ جي لکيل تي جنهن جي نظر آهي اهو ٻئي ڪنهن جو شاگرد ڪيئن ٿي سگهندو؟، يا ام جي معنىٰ آهي اصل- فرمان ايزدي آهي "وَعِنْدَهُ أُمُّ الْكِتَابِ" (١) (۽ ان وٽ لوح محفوظ آهي) پوءِ امي جي معنىٰ جهان جي اصل وارو (٢) يا امي جي معنىٰ جيڪو لکڻ ۽پڙهڻ نه ڄاڻندو هجي عرب جي عام قوم کي قرآن ڪريم ۾ "الْأُمِّيِّينَ" به ان جي ڪري چيو ويو آهي.

سوال: ڇا اڻ پڙهيل هجڻ ۽ لکڻ ۽پڙهڻ نه ڄاڻڻ تعريف جي لائق شيءِ آهي جو ان کي هتي مدح جي مقام ۾ آندو ويو آهي؟

جواب: برابر امي (اڻ پڙهيل) هجڻ مدح ۽ تعريف جي قابل ڳالهه نه آهي، پر جڏهن اهو ظاهر ۾ ڪنهن وٽ نه پڙهڻ ۽ نه لکڻ وارو بي حساب علوم ۽ معارف جو مظهر، خصوصيات ۽ ڪمالات جومرڪز،منبع ۽ اهڙو مخزن هجي جنهن وٽان اربين انسان علم، معرفت، فيض ۽ ڪمال حاصل ڪندا هجن ته پوءِ اهو امي تعريف ۽ مدح جي قابل نه آهي ته ڪير آهي؟ ظاهر ۾ ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي منهن نه ڏسڻ واري کان تمام گهڻا علوم، بي مثال حقائق ۽ معارف جو ظهور ۽ صدور سندس هڪ ڪليل معجزو آهي جنهن جو وڏ ۾ وڏ مخالف به انڪار ڪري نه ٿو سگهي، خصوصًا حضور ﷺ جن جي پاڪ ۽صاف زندگيءَ مبارڪ جا پهريان چاليهه سال مڪي مڪرمه ۾ سيني جي اڳيان اهڙا گذريا جو نه ڪنهن وٽ ڪو هڪ حرف پڙهيا ۽نه سکيا ۽پورن چاليهن سالن جي گذرڻ شرط هڪدم سندن پاڪ زبان تي اهڙو ڪلام جاري ٿيو جنهن جي هڪ ننڍيءَ ۾ننڍيءَ آيت جو مثال پيش ڪرڻ کان ساري دنياعاجز ٿي پئي آهي ۽ هوندي، انهن سيني حالتن ۾ سندن امي هجڻ سندن جو الله جي رسول هجڻ ۽ قرآن ڪريم جي ڪلام الله هجڻ جو هڪ مضبوط دليل آهي ۽ سندس مدح ۽ ڪمال آهي. جيئن متڪبر جي لفظ سان ڪنهن کي سڏڻ عام انسان جي لاءِ عيب آهي، پر الله جل شانه جي لاءِ مدح واري صفت آهي تيئن امي هجڻ به حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي مدح ۽ ثنا آهي(٣) "الَّذِي يَجِدُونَهُ مَكْتُوبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ" اهو (رسول) جنهن کي پاڻ وٽ توراة ۽ انجيل ۾ لکيل لهن ٿا.

(١) سورة الرعد آيت ٢٣ (٢) نعيمي ص٢٩٢ جلد٩

(٣) معارف القرآن ص٧٩ جلد٤

توجه جي لائق نڪتو

هن عبارت ۾ هيءَ ڳالهہ نظر ۾ توجه جي لائق آهي تہ الله تعاليٰ ائين نہ فرمايو تہ ان جون صفتون ۽حالتون لکيل لهندا پر ائين فرمايائين تہ "ان کي لکيل لهندا" ان ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ توراة ۽ انجيل ۾ سندن صفتون ۽ احوال اهڙي نموني لکيل آهن جو انهن کي ڏسندڙ ائين سمجهندو ڄڻ تہ صفتون نہ پر سندن ديدار ڪري رهيو آهي ۽ هتي توراة ۽ انجيل کي خصوصي نموني ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو بني اسرائيل انهن ٻنهي ڪتابن جا قائل هيا نہ تہ حبيب ڪريم ﷺ جن جو ذڪر تہ زبور ۾ بہ آهي مذڪوره آيت ۾ اصل خطاب حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام سان آهي جنهن ۾ ان کي ٻڌايو ويو آهي تہ دنيا ۽ آخرت جي مڪمل فلاح ۽ الله تعاليٰ جي طرفان رحمت جو لکجي ملڻ تنهنجي انهن امتين لاءِ هوندو جيڪي نبي، امي، خاتم الانبياءِ والمرسلين عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻيندا

حضور عليه الصواة والسلام جون صفتون ۽ علامتون توراة ۽ انجيل ۾

عطاءِ بن يسار کان روايت آهي تہ مون حضرت عبدالله بن عمرو اصحابي سڳوري رضي اللّٰعنہ سان ملاقات ڪري ڪيس عرض ڪيو تہ : مونکي توراة ۾ ذڪر ڪيل حضور عليه الصلواة والسلام جون صفتون ٻڌايو، ان فرمايو تہ هائو: ٻڌ الله تعاليٰ جو قسم آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن توراة ۾ بہ انهن صفتن سان مذڪور آهن جن سان قرآن پاڪ ۾ سندن ذڪر فرمايو آهي ۽ اهو هي آهي: اي نبي! اسان توکي شاهد، مبشر ۽ نذير ڪري موڪليو آهي اڻ پڙهيلن جي پناهہ آهين ۽ تون منهنجو ٻانهو ۽ رسول آهين مون تنهنجو نالو متوڪل (توڪل ڪندڙ) رکيو آهي تون اجايو ڳالهائيندڙ، سختي ڪندڙ ۽ بازارن ۾ وڏي آواز سان رڙيون ڪندڙ ناهين، تون برائيءَ جو بدلو برائيءَ سان ڏيندڙ ناهين، پر معاف ڪندو ۽ درگذر فرمائيندو آهين. (۽ توراة ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ) ان رسول (پاڪ ﷺ) کي الله تعاليٰ تيستائين دنيا تان وفات نہ ڪرائيندو جيستائين ان سان ڦيرايل دين کي لا الہ الا الله چورائڻ سان سڌو نہ ڪري ۽ انڌيون اکيون ۽ ٻوڙا ڪن ۽ پردي ۾ آندل قلب نہ کولي-انفرد باخراجه البخاري (١)

روايت٢ :سهل مولىٰ خيثمہ کان روايت آهي تہ مان ننڍي هوندي پنهنجي چاچي جي هنج ۾ هوس (اهو مون کي پاليندو هو) ان دوران مون انهن وٽ پيل انجيل ڪڍي ڏٺو تہ

(١) الوفا باحوال المصطفيٰ ﷺ ص٣٨ جلد١

ان ۾ ڪؤنر سان هڪ پنو ٻئي پني سان چنبڙايل هو مون ڪولي پڙهيو ته ان پني ۾ حضرت محمد ﷺ جي صفت لکيل هئي، جڏهن منهنجو چاچو آيو ته ان پني کي ڪليل ڏسي مون کي مار ڏيندي چيائين ته هي ڇو کوليو اٿئي؟ مون کيس چيو ته ان ۾ نبي احمد ﷺجي وصف لکيل آهي،چيائين ته اهو هن وقت تائين اجان نه آيو آهي(١)

روايت٣: ابن عساکر تاريخ دمشق ۾ حضرت عبدالله بن سلام کان توراة ۾ لکيل حضور عليه الصلواة والسلام جون اهي صفتون بيان ڪيون آهن جيڪي حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت۲ ۾ آنديون اٿئون (٢)

روايت ٤: ابن سعد آندو آهي ته جڏهن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي سيده هاجره کي پري ڇڏڻ جو حڪم ٿيو ته حضرت ابراهيم ان کي براق تي ڪنيو (۽ جبريل عليه السلام به ان سان گڏ هو) پوءِ جڏهن ڪنهن به نرم ۽ رهڻ جي لائق زمين کان لنگهيو ٿي ته جبريل کي فرمايائين ٿي ته هتي لهان؟ ان عرض ڪيو ته نه- تانجو مڪه پاڪ واري سر زمين تي آيا اتي کيس جبريل عرض ڪيو ته هتي لهو- حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام فرمايس ته هتي ته نه کير آهي نه پوک- جبريل عرض ڪيو ته هائو- هتان اوهان جي اولاد مان اهو نبي نڪرندو جنهن سان الله تعالىٰ پنهنجي بلند ڪلمه کي ڪمال تي پهچائيندو

روايت٥ : ابن سعد، دارمي ۽ ابن عساکر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي، ان حضرت ڪعب الاحبار کان پڇيو ته: رسول الله ﷺ جن جي توراة ۾ ڪيئن تعريف ڪيل آهي؟ ان فرمايو ته: تورات ۾ لکيل لهندين. محمد بن عبدالله- (ﷺ) مڪي ۾ ڄمندو، مديني ڏانهن هجرت ڪندو، ان جي بادشاهي شام ۾ هوندي نه گندگي ڦيلائيندڙ آهي نه بازارن ۾ وڏي واڪي ڳالهائيندڙ آهي برائيءَ جو بدلو برائيءَ سان نه ڏيندو پر معاف ڪندو ۽ بخشيندو(٣).

توراة ۾ امت محمديه جو بيان

ان ئي روايت ۾ آهي ته: سندن امتي الله تعالىٰ جو حمد ڪندڙ هوندا جيڪي هر نعمت ملڻ تي سندس حمدڪندا، بلندين تي چڙهندي الله اڪبر چوندا وضوءَ ڪندڙ هوندا، چيلهين تي گوڏيون ٻڌندا مسجدن ۾ سندن (تلاوت ۽ ذڪر جا) آواز ائين هوندا جيئن ماکيءَ جي مکن جو آواز- انهن جي بانگي جو آواز آسمان ۾ ٻڌڻ ۾

(١) السيرة الحلبية ص٣٤٦جلد١ (٢) مواهب لدنيه ص١٧٦- ١٧٧ ج٣

(٣) ساڳيو حوالو ص١٧٩ جلد٣

ايندو(١)

حبيب پاڪ ﷺ جو نالو مبارڪ توراة ۽ انجيل ۾

ياد رکڻ گهرجي تہ پين صفتن سان گڏ اڳين ڪتابن ۾ سندن نالو مبارڪ مٺو محمد ﷺ بہ مشهور هو سندن ئي نالي جي وسيلي سان دعائون گهرندا ۽جنگين ۾ فتح حاصل ڪندا هئا جيئن آيت مبارڪ "وَكَانُوا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُونَ" (٢) مان ثابت آهي علامہ رومي عليہ الرحمة جو فرمان آهي تہ:

پيش زانڪہ نقش احمد رونمود- نعت اوهر گير را تعويذ بود

سجده مي ڪردند ڪاي رب بشر- درعيان آريش هرچہ زودتر

يعني حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي دنيا تي ظهور ڪان اڳ ۾ سندس نعت هر ڪنهن پاڻ جي لاءِ تعويذ هئي. بارگاهہ ايزديءَ ۾ سجدا ڪري عرض ڪندا هئا تہ اي انسانن جا پالڻهار! حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي جلد از جلد ظاهر ڪرڻ فرماءِ (٣) "يَأْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهٰهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ" انهن ڪي نيڪيءَ جو امر ڪري ٿو ۽ انهن ڪي برائيءَ ڪان روڪي ٿو. هن عبارت ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي نيڪيءَ جو امر ڪرڻ ۽ برائيءَ ڪان روڪڻ واريءَ صفت جو بيان آهي پاڻ نيڪيءَ جو امر ڪندا هئا، پوءِ اها قولي هجي يا فعلي اعتقادي هجي يا عملي قوت سان ان تي عمل ڪرايو وڃي يا وعظ ۽ نصيحت سان ان ئي نموني سان براين ڪان روڪڻ بہ سندن ئي صفت آهي "وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ" ۽ انهن جي لاءِ پاڪ شيون حلال ڪري ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪري ٿو- مقصد تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جنهن ڪي پاڪ چوي اها طيبة آهي ۽ جنهن ڪان روڪي اها خبيث آهي ان ڪي ويجهو ئي نہ وڃڻ گهرجي.

"وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ" ۽ انهن تان ڳرا بار ۽ ڳٽ جيڪي مٿانئن هيا لاهي ٿو- انهن مان مراد اهي ڳرا احڪام آهن جيڪي بني اسرائيل تي سزا طور جاري ڪيا ويا هئا مثلاً جيڪڏهن ڪپڙي ڪي ڪا پليدي لڳي ويندي هئي تہ ان ڪپڙي ڪي ڌوئڻ ڪافي نہ هو ان ڪي ان پليديءَ لڳڻ واريءَ جاءِ ڪان ڪٽڻ جو حڪم هو، ڪافرن ڪان جنگ جي دوران هٿ آيل مال بہ انهن لاءِ حلال نہ هو ان ڪي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏڻ جو حڪم هو، ڇنڇر جي ڏينهن شڪار ڪرڻ بہ انهن لاءِ حرام

(١)الدر المنثور ص٥٧٦جلد٣ (٢) سورة البقره آيت ٨٩

(٣) نعيمي ص٢٩٣ ج٩

هو جن عضون کان کو گناھ صادر ٿيندو هو تہ ان کي کٽي اڇلائي ڇڏڻ جو حڪم هو(١) حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اچڻ سان اهي سڀ تڪليفون دور ٿي ويون- ڪپڙي کي ڪٽڻ جي بجاءِ ڌوئڻ جو حڪم مليو، مجاهدن لاءِ غنيمت جو مال حلال ٿيو،ڇنڇر جي ڏينهن شڪار ڪرڻ تان بندش لاٿي ويئي گنهگار عضون کي ڪٽڻ جي بجاءِ زباني توبہ جا دروازا کوليا ويا وغيره وغيره

حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ڪمن جي مجازاً نسبت ڪرڻ جائز آهي شرڪ نہ آهي.

هن آيت ۾ آيل لفظن، " يحل "، " يحرم "، " يضع "۾ غور ڪرڻ سان ڏسجي ٿو حلال ڪرڻ، حرام ڪرڻ، ۽ بارن لاهڻ جي نسبت حضور عليه الصلواة والسلام ڏانهن ڪري چوڻ تہ ان فائدو ڏنو،هيءَ شيءِ عطا ڪئي، مهرباني فرمائي جائز آهي ۽ اها نسبت مجازي آهي جيئن چيو ويندو آهي تہ مينهن پوک کي ناهي ڇڏيو. فلاڻي مريض کي فلاڻي ڊاڪٽر يا طبيب چاڪ ڪري ڇڏيو. اهي سڀ مهربانيون حقيقت ۾ تہ الله تعاليٰ جون آهن پر مجازاً انهن جي نسبت ٻانهن ڏانهن ڪرڻ جائز آهي شرڪ يا ڪفر نہ آهي،ٿوري گهٽي ڳالهہ تي مسلمانن کي ڪافر نہ بنائجي. "فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" پوءِ جن ان تي ايمان آندو ۽ ان جي تعظيم ڪئي ۽ ان جي مدد ڪئي ۽ ان نور جي تابعداري ڪئي جيڪو ساڻس گڏ نازل ڪيو ويو آهي اهي ئي ڪامياب ٿيندڙ آهن، هن عبارت ۾ ڪامياب ٿيندڙن لاءِ چار ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن ١- تہ حضور عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻين، ايمان ۾ سيئي اسلامي عقيدا داخل آهن ٢- تہ سندس تعظيم ۽ توقير ڪن بي ادبيءَ ۽ گستاخيءَ کان بچن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي تعظيم سيني براين کان روڪي ٿي ان سان ايمان ۽ تقويٰ نصيب ٿيندا آهن تعظيم ۽ ادب ڪرڻ واري کان شيطان ڀڄندو آهي، ڇو تہ اهو خود بي ادب آهي، بي ادب ۽ گستاخ ڪيتري بہ عبادت، رياضت ۽ محنت ڪري جهنمي آهي ٣- تہ ان جي مدد ڪن مقصد تہ سندن خدمت ڪن،غلامي ڏين، ياد رکڻ گهرجي تہ مدد بہ قسم آهي١- خادمانہ ٢- مخدومانہ- امتي حضور عليه الصلواة والسلام جي خادم جي حيثيت سان مدد ڪن ٿا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن امت جي مخدوم جي حيثيت سان

(١) معارف القرآن ص٨٥ جلد٤

مدد ڪن ٿا ۴- ان سان گڏ نازل ڪيل نور جي تابعداري ڪن، نور مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام تي نازل ڪيل سمورو وحي آهي پوءِ وحي جلي هجي جيئن قرآن پاڪ يا وحي خفي هجي جيئن حديث مبارڪ يا حضور عليه الصلواة والسلام ڪي ڪيل الهامات هجن يا سندن اجتهادات- سڀ ان ۾ شامل آهن جڏهن ته متن نازل ٿيندڙ وحي دلين جي روشني آهي تڏهن ان کي نور سڏيو ويو آهي. آخر ۾ ٻڌايو ويو ته جن ۾ اهي سيئي ڳالهيون هونديون اهي دنيوي زندگيءَ ۾، مرڻ وقت، قبر ۾، حشر ۾ ۽ حشر کان پوءِ به ڪاميابي ماڻيندا- **فائدو** هن آيت جي شروع ۾ "يَتَّبِعُوْنَ النَّبِيَّ" ۽ آخر ۾ "وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ" آٿي ٻڌايو ويو ته رسول پاڪ عليه الصلواة والسلام ۽ قرآن پاڪ ٻنهي جي اتباع ضروري آهي ۽ "اٰمَنُوْا بِهٖ" ۽ "نَصَرُوْهُ" جي وچ ۾ "وَعَزَّرُوْهُ" آٿي ٻڌايو ويو ته ايمان ۽ دين جي مدد به اها قبول آهي جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي محبت ۽ تعظيم موجود هجي(١)

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا ۨ الَّذِيْ لَهٗ

فرماءِ ته اي انسانو! بيشڪ مان الله جو رسول آهيان اوهان سيني ڏانهن اهو (الله) جو ان جي آهي

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۠ فَاٰمِنُوْا

بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾ ناهي ڪو عبادت جو لائق سواءِ ان جي جياري ٿو ۽ ماري ٿو پوءِ ايمان آڻيو

بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ

الله تي ۽ ان جي رسول نبي،امي تي جيڪو مڃي ٿو الله کي ۽ فرمانن ان جي کي ۽ تابع ٿيو

لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾ وَمِنْ قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ

ان جا تانت اوهان هدايت وارا ٿيو ۽ قوم موسیٰ جي مان هڪ ٽولي آهي جيڪي واٽ ڏيکارين ٿا حق جي

وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ۚ

۽ ان (حق) سان انصاف ڪن ٿا ۽ جدا ڪيوسون انهن کي ٻارهن قبيلا ٽولا ٽولا ڪري

(١) معارف القرآن ص٩٧ جلد۴

وَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰۤى اِذِ اسۡتَسۡقٰٮهُ قَوۡمُهٗۤ اَنِ اضۡرِبْ بِّعَصَاكَ

۽وحي ڪيوسون طرف موسىٰ جي جڏهن پاڻي گهريو ان کان قوم ان جي هيءَ تہ هڻ لٺ پنهنجي

الۡحَجَرَ‌ۚ فَانۡۢبَجَسَتۡ مِنۡهُ اثۡنَتَا عَشۡرَةَ عَيۡنًا‌ؕ قَدۡ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ

پٿرڪي پوءِ وهي هليا ان مان ٻارهن چشما تحقيق ڄاتو سڀني ماڻهن جاءِ

مَّشۡرَبَهُمۡ‌ؕ وَظَلَّلۡنَا عَلَيۡهِمُ الۡغَمَامَ وَاَنۡزَلۡنَا عَلَيۡهِمُ الۡمَنَّ

پيئڻ پاڻيءِ پنهنجيءَ ڪي ۽ ڇانو ڪرائي سون مٿان انهن جي ڪڪر جي ۽ لاٿوسين مٿان انهن جي من

وَالسَّلۡوٰى‌ؕ كُلُوۡا مِنۡ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقۡنٰكُمۡ‌ؕ وَمَا ظَلَمُوۡنَا وَلٰكِنۡ

۽سلوىٰ کائو پاڪ شيون انهن مان جو رزق ڏنوسون اوهان کي ۽نہ ظلم ڪيائون اسان تي

كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ ﴿۱۶۰﴾

۽ پر هئا جو سرن پنهنجن تي ٿي ظلم ڪيائون.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کي ٻڌايو ويو هو تہ تنهنجي دعا سان رحمت انهن جي لاءِ لکندس جيڪي نبي امي جي تابعداري ڪنداءِ هتي ان نبي امي کان اعلان ڪرايو ٿو وڃي تہ تون اعلان ڪر تہ مان حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام وانگر هڪ قوم جو نہ پر ساري انسانيت جو رسول آهيان فرمان مبارڪ آهي " قُلۡ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّىۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ جَمِيۡعًا " فرماءِ تہ اي انسانو! مان اوهان سڀني ڏانهن الله جو رسول آهيان.

شان نزول

يهودين ۾ هڪ جماعت هئي جن کي عيسوي سڏيندا هئاءِ اهي اصفهان

جي پادريءَ عيسىٰ جا تابع هئا انهن جو چوڻ هو تہ حضرت محمد ﷺ سچو رسول آهي، پر اهو صرف عربن ڏانهن موڪليل آهي بني اسرائيل ڏانهن موڪليل ناهي انهن جي ان غلط عقيدي جي رد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ الله تعالىٰ پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کان اعلان ڪرايو تہ "قُلْ يَا أَيُّهَا النَّاسُ" هتي "قُلْ" ۾ خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي ۽ انسانن مان مراد سمورا قيامت تائين اچڻ وارا انسان آهن ڇو تہ "النَّاسُ" ۾ الف لام استغراقي آهي ۽ اڳيان "جَمِيعًا" آڻي ٻڌايو ويو تہ ڪو بہ انسان سندن رسالت کان ٻاهر نہ آهي "الَّذِي لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ، هيءَ عبارت "رسول الله" ۾ آيل لفظ الله جي صفت آهي مقصد تہ مان ان الله جو رسول آهيان جنهنجي آسمانن ۽ زمين ۾ حقيقي بادشاهي آهي ۽ منهنجي انهن ۾ نبوت ۽ رسالت آهي تشبيہ ڏيڻ کان سواءِ ائين سمجهو تہ جيئن جتي بہ بادشاهہ جي سلطنت هوندي آهي اتي وزير اعظم جي وزارت هوندي آهي تيئن جتي خداوند ڪريم جي خدائي آهي اتي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي پيغمبري ۽ نبوت آهي" لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ يُحْيِي وَيُمِيتُ" ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي جياري ٿو ۽ ماري ٿو يعني جيئن رب عالم اجسام جو معبود آهي تيئن انهن جو مالڪ بہ اهوئي آهي سيئي ان جي ملڪيت آهن جنهن کي گهري تہ جيئرو رکي ۽ جنهن کي گهري تہ ماري ڇڏي ان کي ڪنهنجي ڪا پرواهہ نہ آهي" فَآمِنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ الَّذِي يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَكَلِمَاتِهِ وَاتَّبِعُوهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُونَ" پوءِ الله ۽ ان جي رسول، نبي، امي تي ايمان آڻيو جيڪو (پاڻ بہ) الله ۽ ان جي فرمانن کي مڃي ٿو ۽ ان جي تابعداري ڪيو تانت اوهان هدايت وارا ٿيو. يعني جڏهن واضح ٿي چڪو آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن سيني انسانن ڏانهن الله تعالىٰ جا رسول آهن تہ پوءِ الله تعالىٰ ۽ ان جي هن سچي رسول نبي، امي تي ايمان آڻيو جيڪو پاڻ بہ الله تعالىٰ ۽ ان جي فرمانن کي مڃي ٿو ۽ ان جي اتباع ڪيو تہ هدايت وارا ٿيو. هن عبارت ۾ آيل لفظ "كَلِمَاتِهِ" مان مراد الله تعالىٰ جا سيئي نازل ڪيل ڪتاب تورات، انجيل ۽ قرآن ڪريم وغيره آهن (١) ۽ ڪن مفسرن فرمايو آهي تہ ان مان مراد يا قرآن ڪريم آهي يا سيدنا عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جنهن جي لاءِ "كَلِمَتِهِ" (٢) جو لفظ آيل آهي (٣) مطلب تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت عيسىٰ جي لاءِ اهو عقيدو رکن ٿا تہ اهو الله تعالىٰ جي ڪلمه "كُنْ" سان پيدا ٿيل آهي.

(١) التفسير الڪبير ص٢٦ جزءُ ١٥ (٢) معارف القرآن ص٩٣ جلد٤
(٣) سورة الانفال آيت ٤٧ (٤) بحر العلوم ص٥٧٥ ج١

ختم نبوت جو دليل

"قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا" عبارت جي معنىٰ ۽ مفهوم تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن قيامت تائين اچڻ وارن سيني انسانن لاءِ رسول آهن ۽ ڪائنن پوءِ ڪنهن به قسم جو نبي نه ايندو قرآن پاڪ جي هن عبارت جو تفسير ڪندي علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته وهذا من شرفه وعظمته ﷺ انه خاتم النبيين وانه مبعوث الي الناس كافةً (١) يعني هيءَ عبارت حضور ﷺ جن جي شرف ۽ عظمت مان آهي ته پاڻ يقيناً خاتم النبيين ۽ سيني انسانن ڏانهن موڪليل آهن "وَمِنْ قَوْمِ مُوْسٰۤى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ" ۽موسىٰ جي قوم مان هڪ ٽولي آهي جيڪي حق جي هدايت ڪن ٿا ۽ ان سان انصاف (به) ڪن ٿا هن مان ثابت ٿيو ته جيتوڻيڪ بني اسرائيلين جي اڪثريت غلط ۽ گمراهه ٿي چڪي هئي پر انهن ۾ ڪي اهڙ افراد به هيا، جيڪي سچا مومن ۽ موسوي شريعت جا پورا پورا پائبند هئا ۽ توراة جي احڪام جي بجا آوريءَ ۾ وڏي ڪوشش ڪندا هئا "وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا" ۽ اسان انهن کي جدا ڪري ٻارهن قبيلن ۾ ٽولا ٽولا بنايو. ڄاڻڻ گهرجي ته بني اسرائيل حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي ڏهن ۽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ٻن پٽن جو اولاد هئا، جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواةوالسلام انهن کي پاڻ سان گڏ وٺي سينا واديءَ ۾ پهتو هو ته انهن جو تعداد لکن ۾ هو ايتري گهڻي تعداد جي نظم، نسق، سنڀالڻ- انهن جي ديني تعليم ۽ تربيت ڪرڻ سان گڏ هر قسم جي نگراني ڪرڻ جي لاءِ پاڻ الله تعالىٰ جي حڪم سان هي انتظام ڪيائون جو انهن کي ٻارهن حصن ۽ ٽولن ۾ تقسيم ڪيائون ۽ هر ٽولي لاءِ هڪ نگران ۽ سنڀاليندڙ مقرر ڪيائون جيڪو سندن اختلافن جو تصفيو ڪري ۽ انهن ۾ جيڪڏهن بي فرمانيءَ جو ڪو سبب سمجهي ته ان جو سدباب ڪري- هتي انهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي.

نحوي نڪتو

هن قرآني عبارت ۾ "اَسْبَاطًا" "اثْنَتَيْ عَشْرَةَ" ڪان تميز نه آهي بدل آهي چو ته جيڪڏهن "اَسْبَاطًا" تميز هجي ها ته سبطواحد جو لفظ اچي ها ۽ "اُمَمًا" "اسباطا" جي صفت آهي (٢) "وَاَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰۤى اِذِاسْتَسْقٰهُ قَوْمُهٗۤ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا" ۽ جڏهن موسىٰ ڪان سندس قوم وارن پاڻي

(١) تفسير ابن ڪثير ص٢٥٤ جلد٢ (٢) تفسير مظهري ص٤٧٢- ٤٧٣ جلد٣

طلب ڪيو تہ اسان ان ڏانهن وحي موڪليو تہ پنهنجي لٺ پٿر تي هڻ(جڏهن پٿر تي لٺ هنيائين) تہ پوءِ ان مان ٻارهن چشما وهي نڪتا.

حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جو معجزو

جڏهن بني اسرائيل تيه نالي بيابان ۾ پهتا جيڪو رڻ ۽ رج هو اتي نڪو پاڻي هو نڪا ڇانو تڏهن بني اسرائيل حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪرڻ لڳا تہ اسين اڃ کان مرون اسان کي پاڻي پيار- حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام ايزدي بارگاهہ ڏانهن متوجه ٿيو الله تعاليٰ وحي ڪيس تہ پنهنجي لٺ پٿر تي هڻ- لٺ هڻڻ جي ڪري ان پٿر مان ٻارهن چشما وهي هليا، ۽ پاڻ انهن ٻارهن قبيلن کي اهي ٻارهن چشما ورهائي ڏنائين تہ ڪنهن بہ قبيلي کي اعتراض نہ رهي ۽ هر ڪو پنهنجي چشمي مان پاڻي پئي(١) "وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى" ۽ اسان انهن تي ڪڪرن جي ڇانو ڪئي ۽ انهن تي من ۽ سلويٰ لاٿوسون- يعني ان واريءَ رڻ پٽ ۾ جتي پاڻيءَ جو ڦڙو بہ نہ هو، ڇانو ڪندڙ وڻ ڪيئن پيدا ٿين؟ ۽ اتي رهندڙن جو گذر بہ ڪيئن ٿي؟ ان جي ڪري الله تعاليٰ انهن تي اهو ڪرم ڪيو جو جيتري علائقي ۾ سندن تنبو هئا مٿن هڪ ڪڪر مقرر ڪيائين جيڪو ڇانو ڪندو رهيو ۽ اتي پوک نہ هجڻ جي ڪري غذا ملڻ محال هئي تہ الله تعاليٰ مٿن من ۽ سلويٰ لاٿا جيڪي سندن غذا بڻيا- من ۽ سلويٰ جو تفسير سورة البقره ۾ ڪري آيا آهيون" كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ "جيڪي اوهان کي رزق ڏنو اٿئون ان پاڪ شين مان کائو- خوشبودار هجي تہ اهو کائو- رکڻ جي ڪري ذائقو بدلائڻ ۽ بدبود ڪرڻ وارو نہ کائو" وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" ۽ اسان سان ظلم نہ ڪيائون ۽ پر پنهنجن سرن تي پاڻ تي ظلم ڪيائون. مطلب تہ سندن ئي حرڪتن ۽ بيجا لالچ جي ڪري اهو من ۽ سلويٰ بند ٿي ويو اهو اسان سان نہ پر پاڻ سان ظلم ڪيائون جو ان نعمت کان محروم ٿي ويا (٢)

وَاِذْ قِيْلَ لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ

۽ جڏهن چيو ويو واسطي انهن جي تہ رهو هن ڳوٺ ۾ ۽ کائو ان مان جتي بہ گهرو

وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ

۽ چئو گناهہ جي مغفرت ۽ داخل ٿيو دروازي کان سجدا ڪندڙ تہ بخشينداسون واسطي اوهان جي خطائون اوهان جون

(١) تنويرالايمان ص٤٦ پ٩ (٢) نعيمي ص٣٢٤ جلد٩

سَنَزِيۡدُ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿١٦١﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡهُمۡ قَوۡلًا

جلد وڌائيندا سون نيڪوڪارن کي پوءِ مٽايو انهن جو ظلم ڪيائون انهن مان گفتي کي

غَيۡرَ الَّذِيۡ قِيۡلَ لَهُمۡ فَاَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ رِجۡزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا

خلاف ان جي جو چيو ويو واسطي انهن جي پوءِ موڪليوسون مٿان انهن جي عذاب آسمان کان سببان

كَانُوۡا يَظۡلِمُوۡنَ ﴿١٦٢﴾ ع

ان جي جو ظلم ٿي ڪيائون.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ اسرائيلين جي انهن گناهن جو ذڪر هو جيڪي تيه جي واریاسي ميدان ۾ قيد رهڻ ڪان اڳي ڪيا هيائون هينئر انهن جا اهي گناهه بيان ڪيا وڃن ٿا جيڪي ان مان نڪرڻ ڪان پوءِ ڪيا هيائون فرمان خداوندي آهي "وَاِذۡ قِيۡلَ لَهُمُ اسۡكُنُوۡا هٰذِهِ الۡقَرۡيَةَ" ۽ (ياد ڪيو) جڏهن انهن کي حڪم ڪيو ويو هو تہ هن ڳوٺ ۾ رهو- هن ڳوٺ مان مراد بيت المقدس وارو شهر آهي جنهن ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ ڪان پوءِ حضرت يوشع جي دور ۾ اسرائيلين کي رهڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو هو "وَكُلُوۡا مِنۡهَا حَيۡثُ شِئۡتُمۡ" ۽ ان مان جتان بہ گهرو ڪائو "مِنۡهَا" مان مراد من ثمارها آهي يعني ان ڳوٺ جا ميوا، فروٽ وغيره جيڪي وڻيو ڪائو "وَقُوۡلُوۡا حِطَّةٌ وَّادۡخُلُوا الۡبَابَ سُجَّدًا نَّغۡفِرۡ لَكُمۡ خَطِيۡٓـٰٔتِكُمۡ" ۽ چئو تہ گناهن جي بخشش ۽ دروازي ڪان جهڪندا داخل ٿيو تہ اوهان جي لاءِ اوهان جون خطائون بخشي ڇڏيندا سون، مطلب تہ اسان اسرائيلين کي حڪم ڪيو هو تہ بيت المقدس جي شهر واري دروازي ڪان جهڪي لنگهو ۽ چوندا وڃو تہ يا الله! اسان جا گناهه بخش ڪرڻ فرماءِ- حطہ جي معنىٰ ۽ مقصد آهي اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡلَنَا (١) اي الله! اسان کي مغفرت نصيب فرماءِ ائين چوڻ سان اسين اوهان جا سيئي گناهه ڪيترا ۽ ڪهڙا بہ هوندا

(١) تفسير المراغي ص٩٠- ١٩ جزءِ ٩ جلد٣

بخشي ڇڏينداسون "سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ نيڪو ڪارن کي جلد وڌائينداسون. مطلب ته ثواب گهڻو ڏئي سندن درجا بلند ڪنداسون، ڇو ته جنهن عمل سان گنهگارن جا گناهه معاف ٿيندا آهن ان سان نيڪو ڪارن جا وري درجا بلند ۽ بالا ٿيندا آهن "فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ" پوءِ انهن مان جيڪي ظلم ڪرڻ وارا هئا انهن ان جي خلاف چيو جيڪي کين حڪم ڪيو ويو هو. مطلب ته پوءِ اهي ان شهر ۾ داخل ته ٿيا هئا، پر جن گفتن جي چوڻ جو کين حڪم ڪيل هو اهي ڇڏي ان جي خلاف اهڙا گفتا چيائون جن جي معنىٰ ۽ مقصد بالڪل مٽيل هو "حِطَّةٌ" جي بجاءِ حنطة يا حبة چوڻ لڳا- الله تعالىٰ فرمائين ته گناهن جي بخشش گهرو ته اهي ان ۽ داڻو گهرڻ لڳا (١) "فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ" پوءِ اسان انهن جي مٿان آسمان کان عذاب موڪليو ان سببان جو ظلم ڪندا هئا اهو عذاب طاعون (وبا جي بيماري) هو جنهن سان هڪ گهڙيءَ ۾ چوويهه (٢٤) هزار اسرائيلي مري ويا (٢)

فائدو الله تعالىٰ جي پيارن ۽ انهن جي رهڻ وارن شهرن ۾ عبادت ۽ گناهن کان توبه وڌيڪ قبول پوندي آهي جيئن قرآن پاڪ جي لفظ "حِطَّةٌ" مان ثابت ٿيو، ڇو ته الله تعالىٰ اسرائيلين کي فرمايو ته توبه ڪرڻ جي لاءِ بيت المقدس ۾ وڃو، ۽ اهو به ثابت ٿيو ته نبوي مسجد ۾ نمازون پڙهڻ وارا وڏا خوش نصيب آهن بيت المقدس اڳين پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي ڪري شاندار ٿيو ۽ نبوي مسجد حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڪري شاندار آهي.

وَاسْئَلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ الْبَحْرِ اِذْ يَعْدُوْنَ

۽ پڇ انهن کان ڳوٺ وارن جي (باري ۾) جيڪو هيو ڪناري سمنڊ جي تي جڏهن تجاوز پيا ڪن

فِى السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ

ڇنڇر جي ڏينهن ۾ جڏهن اچن پيون انهن وٽ مڇيون انهن جون ڏينهن ڇنڇر ۾ ظاهر ظهور ۽ جنهن ڏينهن ڇنڇر

لَا يَسْبِتُوْنَ لَا تَاْتِيْهِمْ كَذٰلِكَ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٣﴾

نه پيا لهن ته نه پيون اچن انهن وٽ ائين ئي آزمايون پيا انهن کي سببان ان جي جو بي فرماني ڪيائون ٿي.

(١) نعيمي ص٣٣٢ جلد٩. (٢) ابو السعود ص٢٨٤ جزءُ ٣

وقف لازم

تفسير

هن کان اڳ ۾ اسرائيلين جي طرفان حضرت يوشع عليه السلام جي زماني ۾ ڪيل بي فرمانين جو ذڪر هو ۽ هتي سندن طرفان حضرت داؤد عليه السلام جي دور ۾ ڪيل بي فرمانين جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ: "وَاسْئَلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ الْبَحْرِ" ۽ انهن کان ان ڳوٺ جي باري ۾ پڇا ڪر جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي هو "اسْئَلْهُمْ" ۾ خطاب حضور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي ۽ هم ضمير جي مرجع يهودي آهن، مطلب تہ اي حبيب! عليک الصلواة والسلام انهن يهودين کان ان ڳوٺ جي باري ۾ سوال ڪر جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي هو اهو ڳوٺ ڪهڙو هو؟ ان ۾ قرآن پاڪ جي مفسرن جا مختلف قول آهن ١-ابو الليث سمرقندي لکيو آهي تہ ان ڳوٺ مان مراد ايله نالي ڳوٺ آهي (١) يا ايلات يا ايلوٿ- هن وقت اسرائيلي حڪومت جو ان ئي نالي سان هڪ بندرگاهہ آهي ۽ ان جي قريب اردن جو بندرگاهہ عقبہ نالي آهي جيڪو قلزم سمنڊ جي چيڙي واري انتهائي جاءِ تي آهي ۽ اها جاءِ نمائي سينا جي اوڀر واري ۽ عرب جي اولهہ واري ڪناري جي وچ تي هڪ ڊگهي خليج جي صورت ۾ نظر اچي ٿي بني اسرئيل جي نهايت عروج جي زماني ۾ اهو سندن نهايت ئي اهم تجارتي مرڪز هو سيدنا حضرت سليمان عليه السلام جي دور ۾ قلزم سمنڊ ۾ سندس جنگي ۽ تجارتي ٻيڙي جي بيهڻ جو صدر مقام بہ اهوئي شهر هو (٢) "اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ لَا تَاْتِيْهِمْ" (ياد ڪيو) جڏهن اهي ڇنڇر جي ڏينهن (شرعي حدود جي) خلاف ورزي ڪن پيا جڏهن انهن وٽ سندن مڇيون سندن ڇنڇر جي ڏينهن ظاهر ظهور اچن پيون ۽ جنهن ڏينهن ڇنڇر نہ پيا ملهائن تہ مڇيون بہ انهن وٽ نہ پيون اچن. مطلب تہ الله تعالىٰ آزمائڻ لاءِ ان ڳوٺ وارن کي ڇنڇر جي ڏينهن مڇيءَ جي شڪار ڪرڻ کان روڪيو هو پر امتحان ۾ وڏي ڳالهہ اها هئي جو جنهن ڏينهن ڪين شڪار جي منع هئي ان ڏينهن مڇيون پاڻيءَ جي سطح تي مٿان ٽپ پيون ڏين ۽ ظاهر ظهور پيون هلن ۽ جيڪڏهن ڇنڇر گذري وڃي تہ مڇيون بہ غائب ٿيو وڃن جيئن ان جو وضاحت سان بيان سورة البقره آيت ٦٥ جي تفسير ڪندي تفسير احسن البيان ص٢٢٠ جلد ١ تي لکي آيا آهيون. "كَذٰلِكَ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ" ائين ئي آزمائش ۾ وڌوسون انهن کي

(١) تفهيم القرآن ص٨٩ جلد٢

ان سڀني جو بي فرمان ٿي رهيا هئا. مطلب ته اهي بي فرمان، فاسق ۽ فاجر هئا ان جي
ڪري ان امتحان ۾ اچي ويا.

وَاِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ

۽ جڏهن ڇيو جماعت هڪڙيءَ انهن مان ته ڇو ٿا نصيحت ڪيو؟ اهڙي قوم کي جو الله هلاڪ ڪندڙ آهي انهن کي يا

مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۭ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ وَلَعَلَّهُمْ

عذاب ڪندڙ آهي انهن کي عذاب سخت چيائون ته عذر پيش ڪرڻ جي لاءِ طرف رب اوهان جي ۽ تانته اهي

يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖٓ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ يَنْهَوْنَ

ڊڄن پوءِ جڏهن وساريائون اها ڳالهه جو نصيحت ڪيا ويا ان سان ته ڇڏايوسون انهن کي جو روڪين پيا

عَنِ السُّوْۗءِ وَاَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۢ بَىِٕيْسٍۢ بِمَا كَانُوْا

برائيءَ کان ۽ ورتوسون انهن کي جو ظلم ڪيائون عذاب منهن بڇڙيندڙ سان سبب ان جي جو

يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾ فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا

بي فرمان ٿيا هئا پوءِ جڏهن سرڪش ٿيا ان کان جو روڪيا ويا ان کان ته چيوسون انهن کي ته ٿي پئو

قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿١٦٦﴾ وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ

ٻولڙا (يا باندر) خوار ٿيندڙ ۽ (ياد ڪيو) جڏهن اعلان ڪيو رب تنهنجي ته البت ضرور موڪليندو مٿان انهن جي تائين

الْقِيٰمَةِ مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْۗءَ الْعَذَابِ ۭ اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ ښ

ڏينهن قيامت جي ان کي جو چکائيندو انهن کي بڇڙو عذاب يقينًا رب تنهنجو البت تڪڙو آهي عذاب ڪرڻ جو

وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٧﴾

۽ بلاشڪ اهو البت بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ايله ڳوٺ ۾ رهندڙن جي هڪ خاص سرڪشيءَ جو بيان ٿيو ته انهن ڇنڇر جي ڏينهن شڪار نه ڪرڻ واري حڪم جي بي فرماني ڪئي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته ان سرڪشيءَ ۽ بي فرمانيءَ کان ڪي ٻانها پاڻ ته محفوظ رهيا پر انهن ٻين سرڪشن کي به روڪيو هو، فرمان مبارڪ آهي "وَاِذۡ قَالَتۡ اُمَّةٌ مِّنۡهُمۡ لِمَ تَعِظُوۡنَ قَوۡمَا ۨاللّٰهُ مُهۡلِكُهُمۡ اَوۡ مُعَذِّبُهُمۡ عَذَابًا شَدِيۡدًا " ۽ (ياد ڪريو) جڏهن انهن مان هڪ جماعت چيو ته اوهان اهڙي قوم کي نصيحت ڇو ٿا ڪيو؟ جن کي يا ته الله هلاڪ ڪندو يا سخت عذاب ڪندو. ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڇنڇر جي ڏينهن شڪار ڪرڻ جي باري ۾ ايله ۾ رهڻ وارا ٽن مختلف گروپن ۾ ورهايل هئا ١-اهو گروپ هو جيڪي اها نافرمائي کليءَ طرح ڪندا هئا ٢-اهو گروپ هو جيڪي اها نافرماني ڪندا ته ڪو نه هئا پر ڪندڙن کي روڪيندا به نه هئا ٣- اهو گروپ هو جيڪي الله تعالىٰ جو پيغام پهچائڻ ۽ نافرماني ڪندڙن کي نصيحت ڪرڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪندا هئا، هتي ان ٻئي گروپ وارن جو حال بيان ڪيو ٿو وڃي ته انهن ٽئي گروپ وارن کي حق جي پيغام پهچائڻ ۽ نصيحت ڪرڻ تي چيو ته: اوهان انهن نافرمانن کي نصيحت ڇو ٿا ڪيو؟ جن کي يا ته الله تعالىٰ هلاڪ ڪندو يا سخت عذاب ۾ آڻيندو "قَالُوۡا مَعۡذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمۡ وَلَعَلَّهُمۡ يَتَّقُوۡنَ" چيائون ته اوهان جي رب وٽ معذرت پيش ڪرڻ لاءِ ۽ (ان لاءِ ته) شايد اهي ڊڄن المقصد ته: انهن حق جي پيغام پهچائڻ وارن ڪين روڪڻ وارن کي چيو ته اسين جيڪا سچ جي دعوت ڏيون ٿا ۽ حق جو پيغام پهچايون ٿا ان جا ٻه مقصد آهن ١- ته الله تعالىٰ وٽ اسين عذر پيش ڪندي عرض ڪنداسون ته: يا الله! اسان هنن بي فرمانن کي سمجهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر انهن تسليم نه ڪيو ٢- ته ممڪن آهي جو اسان جو وعظ ۽ نصيحت انهن جي دل ۾ اثر ڪري ۽ حق جو رستو وٺن" فَلَمَّا نَسُوۡا مَا ذُكِّرُوۡا بِهٖۤ اَنۡجَيۡنَا الَّذِيۡنَ يَنۡهَوۡنَ عَنِ السُّوۡٓءِ" پوءِ جڏهن اهي ڳالهيون وساريائون جن سان نصيحت ڪيا ٿي ويا ته جن برائيءَ کان روڪيو ٿي انهن کي ڇڏايوسون. يعني جڏهن انهن نالائقن سيني نصيحتن کي اهڙو وساري ڇڏيو جو ڇڻ ٻڌيون ئي نه هيائون ته اسان نصيحت ڪندڙن، برائي کان روڪيندڙن کي عذاب کان ڇڏايو مقصد ته بچايو" وَاَخَذۡنَا الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا بِعَذَابٍۢ بَـِٔيۡسٍۢ بِمَا كَانُوۡا يَفۡسُقُوۡنَ" ۽ جن ظلم ڪيو هو انهن کي سندن ئي فسق ڪرڻ جي ڪري اهڙي عذاب سان ورتوسون جنهن

سندن منهن ئي بگاڙي ٿي ڇڏيا- هن عبارت ۾ آيل لفظ "بَئِيْسٍ" جي معنىٰ شديد (١) اهو سخت عذاب ڪهڙو هو؟ ظاهر هي آهي ته اهوانهن جي پولا يا باندر بنجڻ کان پهريان ڪو بيوعذاب هو جڏهن پوءِ به نه مڙيا تڏهن شڪليون ۽ صورتون بدلجي وين جيئن اهو بيان اڳيان اچي رهيو آهي "فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِئِيْنَ" پوءِ جڏهن ان ڪم ڪان نه مڙيا ۽ برائيءَ ۾ وڌڻ لڳا ته اسان کين حڪم ڪيو ته خوار ٿيندڙ پولا يا باندر ٿي پئو ۽ اهو هيئن ٿيو جو نصيحت ڪرڻ وارن پنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ پٽ ڪٽائي ڇڏي، هڪ ڏينهن صبح جو اٿيا ته هنن بي فرمانن جو ڪو به آواز کين ٻڌڻ ۾ نه آيو پٽ کان مٿي ٿي نهاريائون ته هر هڪ گهر جا پاتي پولا (يا باندر) ٿيا پيا هئا ۽ هي جڏهن انهن وٽ ويا ته انهن مان هر هڪ پنهنجي مٽ، مائٽ ڪي سڃاڻي انهيءَ جي قدمن تي مٿو رکي روئي ٿي ڏنو پر ڪير ڪري ڇا ٿي سگهيو نيٺ اهي روئندي روئندي ٽن ڏينهن کان پوءِ مري ويا (٢) "وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْءَ الْعَذَابِ" ۽ (ياد ڪيو) جڏهن تنهنجي رب اعلان فرمايو هو ته انهن جي مٿان قيامت جي ڏينهن تائين ان شخص کي موڪليندو رهندو جيڪو انهن کي سخت عذاب چکائيندو يعني الله تعالىٰ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته توراة جي حڪمتن تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ يهودين تي ٻين قومن کي مسلط ڪندو رهندو اهي حاڪم هوندا ۽ هي محڪوم ۽ هميشه ذلت ۽ خواريءَ جي زندگي گذاريندا ۽ آهي به ائين جو يهودي قوم ڪڏهن يوناني ۽ ڪلداني بادشاهن جي ماتحت رهي ته ڪڏهن بخت نصر جي سختين جو شڪار رهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دور تائين مجوسين جي ما تحت رهيا ان کان پوءِ مسلمانن جي ما تحت رهيا ۽ هن هلندڙ دور ۾ اسرائيلي حڪومت آمريڪا جي هٿن ۾ آهي کين پنهنجو ڪو به مرتبو ۽ مقام نه آهي "اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" بلاشڪ تنهنجو رب عذاب ڪرڻ جو به تڪڙو آهي ته بيشڪ اهو بخشڻهار، مهربان به آهي، مطلب ته جيڪي ماڻهو شرارت ۽ برائيءَ کان باز نه ٿا اچن الله تعالىٰ ڪڏهن پنهنجي حڪمت جي موافق انهن تي تڪڙو عذاب موڪليندو آهي ۽ ڪڏهن وري وڏي ۾ وڏو مجرم به توبه ڪندو ۽ سندس بارگاهه بيڪس پناهه ڏانهن رجوع ڪندو آهي ته پنهنجي بي حساب بخشش ۽ بي پايان رحمت سان ان کي به بخشيندو آهي.

(١) تفسير غريب القران ص١٧٤
(٢) حاشيه شبير احمد عثماني ص٢٢٨ مطبوعه سعودي عربيه

وَقَطَّعۡنٰهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ اُمَمًاۚ مِنۡهُمُ الصّٰلِحُوۡنَ وَمِنۡهُمۡ دُوۡنَ

۽ پکيڙيوسون انهن کي زمين ۾ ٽوليون ڪري بعضي انهن مان صالح آهن ۽ بعضي انهن مان سواءِ ان جي

ذٰلِكَ وَبَلَوۡنٰهُمۡ بِالۡحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿١٦٨﴾

آهن ۽ آزمايوسون انهن کي نيڪين ۽ برائين سان ته من اهي موٽن

فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ وَّرِثُوا الۡكِتٰبَ يَاۡخُذُوۡنَ عَرَضَ

پوءِ جاءِ نشين ٿيا پڇاڙان انهن جي اهڙا جاءِ نشين جو وارث بڻجي ويا ڪتاب جا وٺن ٿا، سامان

هٰذَا الۡاَدۡنٰى وَيَقُوۡلُوۡنَ سَيُغۡفَرُ لَنَاۚ وَاِنۡ يَّاۡتِهِمۡ عَرَضٌ مِّثۡلُهٗ

هن دنيا جو ۽ چون ٿا ته جلد بخشيو ويندو واسطي اسان جي ۽ جيڪڏهن اچي ٿو انهن وٽ سامان مثل ان جي ته

يَاۡخُذُوۡهُ‌ؕ اَلَمۡ يُؤۡخَذۡ عَلَيۡهِمۡ مِّيۡثَاقُ الۡكِتٰبِ اَنۡ لَّا يَقُوۡلُوۡا عَلَى

وٺن ٿا ان کي ڇا نه ورتو ويو مٿان انهن جي وعدو ڪتاب جو ۽ هي جو نه چون مٿان

اللّٰهِ اِلَّا الۡحَقَّ وَدَرَسُوۡا مَا فِيۡهِ‌ؕ وَالدَّارُ الۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ

الله جي سواءِ حق جي ۽ پڙهيائون جيڪو ان ۾ آهي ۽ دار پوئين ڀلي آهي واسطي انهن جي

يَتَّقُوۡنَ‌ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿١٦٩﴾ وَالَّذِيۡنَ يُمَسِّكُوۡنَ بِالۡكِتٰبِ وَاَقَامُوا

جو پرهيزگار تين ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو؟ ۽ جيڪي مضبوطيءَ سان وٺن ٿا ڪتاب کي ۽ قائم ڪيائون

الصَّلٰوةَ‌ؕ اِنَّا لَا نُضِيۡعُ اَجۡرَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ ﴿١٧٠﴾

نماز بيشڪ اسين نه ٿا ضايع ڪيون ثواب نيڪوڪارن جو

تفسير

اڳين آيتن ۾ بني اسرائيل تي ٻاهرئين عذاب يعني سختي ڪندڙن بادشاهن ۽ حاڪمن جي مسلط ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي انهن ڪي اندروني عذاب يعني دنيا ۾ منتشر ٿيڻ ۽ رلڻ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو وڃي ٿو. "وَقَطَّعْنٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اُمَمًا" ۽ اسان انهن ڪي زمين ۾ ٽوليون ٽوليون ڪري پکيڙيو- يعني اسان انهن جي جميعت ۽ ساڻ ڪي منتشر ڪري انهن جي ٻڌيءَ ڪي اهڙي نموني ڇني ڇڏيو جو اهي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ بي بس اقليت ٿيو رهيا پيا آهن" مِنْهُمُ الصّٰلِحُوْنَ وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ" انهن مان ڪي صالح آهن ته ڪي ان ڪان سواءِ يعني بدڪار آهن" وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" ۽ اسان انهن ڪي چڱاين ۽ براين سان آزمايو ته من اهي موٽن، مقصد ته اسان انهن ڪي ان جي لاءِ ته من ڪفر، شرڪ ۽ براين ڪان رجوع ڪن نعمتن ۽ تڪليفن سان آزمايو" فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا الْكِتٰبَ يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَيَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا" پوءِ انهن ڪان پوءِ سندن جاءِ نشين اهڙا ٿيا جيڪي هن دنيا جي سامان ڪي وٺن ٿا ۽ چون ٿا ته اسان ڪي جلد بخشيو ويندو، ياد رکڻ گهرجي ته "خَلْفٌ" لام جي جزم سان گهٽو ڪري بري جاءِ نشين لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ لام جي زبر سان نيڪ ۽ قابل جاءِ نشين ڪي سڏيو ويندو آهي جيڪو پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلي ۽ سندن مقصد ڪي پايهٔ تڪميل تي پهچائي قرآن پاڪ جي هن عبارت جو مطلب آهي ته اڳين يهودين ڪان پوءِ سندن جاءِ نشين ۽ توراة ڪتاب جا وارث اهڙا ماڻهو ٿيا جو الله جي ڪتاب ڪي واپار جو سامان سمجهي مجبور ماڻهن ڪان رشوت وني الله تعالىٰ جي ڪلام ۾ تحريف ڪري ان جو صحيح مطلب بيان ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي لالچ جي موافق بيان ڪن ٿا ۽ وڏي ڳالهه هيءَ آهي جو چون ٿا ته جيتوڻيڪ اسان هي گناهه ڪيون ٿا پر اهو اسان ڪي بخش ڪيو ويندو "وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ" ۽ جيڪڏهن انهن وٽ ان جهڙو سامان ايندو ته ان ڪي (هينئر به) وٺندا- ۽ الهي احڪام ۾ تحريف ڪندي دير نه ڪندا، مطلب ته الله تعالىٰ جي مغفرت ۽ بخشش بجاءِ حق آهي پر انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پنهنجي ڪيل گناهه تي پشيمان ۽ نادم هوندا ۽ آينده انهن جي نه ڪرڻ جو پڪو عهد ۽ عزم ڪندا " اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ مِّيْثَاقُ الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا فِيْهِ" ڇا انهن ڪان ان ڪتاب جي باري ۾ پڪو وعدو نه ورتو ويو هو ته الله تعالىٰ جي مٿان حق ڪان سواءِ

ڪجهہ نہ چوندا ۽ ان ۾ جيڪو هو اهو پڙهيو (بہ) هيائون- مقصد تہ انهن ڪان توراة ۾ اهوعهد ۽ انجام ورتو ويو هو تہ حق ڪان سواءِ الله ڏانهن منسوب ڪري ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪندا ۽ اهو معاهدو انهن توراة ۾ پڙهيو ۽ پڙهايو بہ آهي "وَلَلدَّارُ الْآخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِينَ يَتَّقُونَ أَفَلَا تَعْقِلُونَ" ۽ دار آخرت واري انهن لاءِ ڀلي آهي جيڪي پرهيزگار ٿين ٿا. ڇا پوءِ نہ ٿا ڄاڻو.مقصد تہ متقين ۽ صالحن لاءِ دار آخرت بهترين ۽ لازوال دولت آهي "وَالَّذِينَ يُمَسِّكُونَ بِالْكِتَابِ وَأَقَامُوا الصَّلَاةَ إِنَّا لَا نُضِيعُ أَجْرَ الْمُصْلِحِينَ" ۽ جن ڪتاب کي مضبوطيءَ سان ورتو ۽ نماز قائم ڪيائون بيشڪ اسان اهڙن نيڪوڪارن جو اجر ضايع نہ ٿا ڪيون، هيءَ عبارت اڳئين ڳالهہ جو گويا تڪملو آهي يعني بني اسرائيل سيئي هڪ جهڙا ناهن انهن مان ڪي توراة جي احڪام کي مضبوطيءَ سان وٺندڙ ۽ايمان سان گڏ صالح عمل ڪندڙ بہ آهن ۽ نماز کي سيني آدابن سان ادا ڪندڙ آهن ۽ اهڙن نيڪن جو اسين اجر ضايع نہ ڪندا آهيون.

وَإِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَأَنَّهُ ظُلَّةٌ وَظَنُّوا أَنَّهُ وَاقِعٌ بِهِمْ ۚ

۽ ياد ڪر، جڏهن ڪنيوسون جبل مٿان انهن جي گويا اهو ڇٽي آهي ۽ گمان ڪيائون تہ بيشڪ اهو ڪرندڙ آهي انهن تي

خُذُوا مَا آتَيْنَاكُم بِقُوَّةٍ وَاذْكُرُوا مَا فِيهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿١٧١﴾ ع ۲۱

وٺو جيڪو ڏنوسون اوهان کي پوري طاقت سان ۽ ياد ڪيو اهو جو ان ۾ آهي، تانت اوهان پرهيزگار بڻجو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ هو تہ اسرائيلين توراة کي ڪونہ سنياليو ۽ هن آيت ۾ ٻڌايو ٿو وڃي تہ انهن توراة کي شروع ۾ ئي خوشيءَ سان قبول نہ ڪيو هو، انهن کي مجبور ڪري مڃرايو ويو هو فرمان خداوندي آهي " وَإِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَأَنَّهُ ظُلَّةٌ وَظَنُّوا أَنَّهُ وَاقِعٌ بِهِمْ " ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان انهن يهودين جي مٿان جبل ڪٽي آندو ۽ انهن خيال ڪيو تہ اهو جبل سندن مٿان ڪرندو. مطلب تہ اهو وقت بہ ياد ڪرڻ جي قابل آهي جڏهن اسان انهن يهودين جي مٿان جبل طور ڪٽائي ائين اچي بيهاريو ڄڻ ڪا ڇٽي آهي ۽ اهي بہ اهو خيال ڪري رهيا هئا تہ اهو مٿان ڪرندو الاءِ ڇا؟ "خُذُوا مَا آتَيْنَاكُم بِقُوَّةٍ وَاذْكُرُوا

مَا فِيۡهِ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ" جيكو (كتاب توراة) اسان اوهان كي ڏنو آهي اهو مضبوطيءَ سان وٺو ۽ جيكو كجهه ان ۾ آهي اهو ياد كيو تانتہ اوهان پرهيزگار بڻجو.

جبل كٽڻ جو واقعو

هن آيت ۾ ذكر كيل واقعو سورة البقره ۾ آيت ٦٣ جي تفسير ۾ بہ بيان كري آيا آهيون (١)ان هوندي بہ هتي مختصر طور لکجي ٿو- ۽ اهو هيئن آهي تہ جڏهن اسرائيلين جي خواهش ۽ فرمائش جي مطابق حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام الله تعالىٰ كان كتاب ۽ شريعت جي طلب كئي ۽ مالک مٺي جي فرمان مطابق ان سلسلي ۾ چاليهہ راتيون اعتكاف جي لحاظ سان طور جبل تي رهي الله تعالىٰ كان اهو كتاب وٺي بني اسرائيل كي اچي ٻڌايائين تہ انهن پنهنجي طبيعت ۽ نفساني خواهشات جي خلاف احكام ۽ هدايتون ڏسي ۽ ٻڌي توراة جي قبول كرڻ كان ئي انكار كري ڇڏيو ان وقت الله تعالىٰ جبرئيل امين كي حكم فرمايُّو ان طور جبل كي كٽي انهن نہ مٿڻ وارن جي ڳوٺ جي مٿان اچي بيهاريو. تاريخي روايتن جي لحاظ سان ان ڳوٺ جي ايريا ٽي ميل هم چورس هئي، جڏهن جبل كي مٿان ڏٺائون ۽ سمجهيائون تہ اهو كرندو تہ سڀ مري تباهہ ٿي ويندا سون ۽ كير بہ نہ بچندو تڏهن سڀ سجدي ۾ كري پيا ۽ توراة ۾ آيل احكام جي قبول كرڻ جو عهد كيائون، هتي اهو واقعو بيان كيو ويو آهي (٢)

سوال: قرآن كريم ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ" لَاۤ اِكۡرَاهَ فِي الدِّيۡنِ" (٣) دين ۾ مجبور كرڻ ناهي، جو كنهن كي دين قبول كرڻ جي لاءِ جبر ۽ تشدد سان قائل كيو وڃي تہ پوءِ اسرائيلين كي ڇو مجبور كيو ويو هو؟

جواب: "لَاۤ اِكۡرَاهَ فِي الدِّيۡنِ" مان مراد آهي تہ كنهن غيرمسلم كي زوريءَ مسلمان نہ كيو ويندو، پر جيكڏهن كو ماڻهو مسلمان ٿيڻ كان پوءِ الله تعالىٰ جي احكام كي نہ ٿو مڃي تہ ان كي زوريءَ بہ عمل كرايو ويندو ۽ خلاف ورزي كرڻ جي صورت ۾ ان كي سزا ڏني ويندي. اسرائيلي بہ الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ كان پوءِ انكار كري رهيا هئا تڏهن الله تعالىٰ مٿن جبل كٽائي، كين توراة شريف ۾ لكيل حكمن تي عمل كرڻ لاءِ مجبور كيو هو.

(١) احسن البيان في تفسير القرآن ص٢٢٠ ج١ (٢) معارف القرآن ص١٠٧ ج۴

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ آدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ

۽ ياد ڪيو جڏهن ورتو رب تنهنجي بني آدم مان پٺين انهن جي مان اولاد انهن جي ڪي

وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰى ۚۛ شَهِدْنَا ۚۛ اَنْ

۽ شاهد بنايائين انهن کي سندن سرن تي ته ڇا ناهيان مان رب اوهان جو؟ چيائون ته هائو شاهدي ڏني اسان متان

تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا

چئو، ڏينهن قيامت جي ته بيشڪ اسين هئاسون هن ڪان غافل يا چئو ته

اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَاۗؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ ۚ اَفَتُهْلِكُنَا

تحقيق شرڪ ڪيو پيئرن اسان جي اڳ پر ۽ هئاسون اولاد پڇاڻان انهن جي ڇا پوءِ هلاڪ ڪرين ٿو اسان کي

بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿١٧٣﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ

جيڪو ڪيو باطل جي پوڄارين ۽ ائين ٿا کولي کولي بيان ڪيون آيتن کي ۽ تانته

يَرْجِعُوْنَ ﴿١٧٤﴾

اهي موٽن

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ ان عهد ۽ انجام جو ذڪر هو جيڪو توراة عطا ڪرڻ وقت اسرائيلن کان مجبور ڪري ورتو ويو هو ۽ هينئر ان عهد ۽ انجام جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو سيني ڪان خوشيءَ سان ورتو ويو هو. ايزدي ارشاد آهي" وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ " ۽ (ياد ڪريو) جڏهن تنهنجي رب بني آدم جي پٺين مان سندن اولاد کي ٻاهر ڪڍيو.

الست وارو عهد

هنن آيتن ۾ ان عظيم الشان، عالمگير عهد ۽ انجام جو ذڪر آهي جيڪو خالق ۽ مخلوق، عبد ۽ معبود جي وچ ۾ ان وقت ٿيو هو جڏهن مخلوق اڃان هن جهان ۾ آئي به نه هئي ان عهد کي ازل وارو يا الست واروعهد سڏيو ويو آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته الله تعالىٰ سيني جهانن جو خالق ۽ مالڪ آهي. زمين، آسمان ۽ انهن ۾ جو ڪجهه آهي سڀ سندس مخلوق ۽ ملڪ آهي الله تعالىٰ تي نه ڪو قانون هلي سگهي ٿو ۽ نه ان کان سندس قدرتي ڪمن جي باري ۾ ڪو سوال جواب يا اعتراض ڪرڻ وارو آهي پر ان جي باوجود به ان پنهنجي فضل وڪرم سان عالم جو نظام اهڙو ناهيو آهي جو هر شيءِ لاءِ هڪ ضابطو ۽ قانون آهي جنهن جي موافق هلڻ واري لاءِ هر نموني جي دائمي راحت ۽ خلاف ورزي ڪندڙ جي لاءِ عذاب مقرر آهي ۽ ان کان پوءِ اها ڳالهه به خيال ۾ رکڻ ضروري آهي خلاف ورزي ڪندڙ کي سزا ڏيڻ لاءِ سندس ذاتي علم، محيط به ڪافي هو جيڪو ڪائنات جي ذره ذره تي حاوي آهي ۽ ان جي لاءِ ڪليل ۽ لڪل سمورا اعمال ۽ افعال بلڪ دلين ۾ لڪل ارادا به بالڪل ظاهر آهن ان جي لاءِ ڪا ضرورت نه هئي جو نگران مقرر ڪيا وڃن، اعمالناما لکيا وڃن ۽ اهي تور ڪري شاهد بيهاريا وڃن پر الله تعالىٰ پنهنجي خالص فضل ۽ ڪرم سان اهو به گهريو ته ڪنهن کي تيستائين سزا نه ڏي جيستائين ان جي جرم جا دستاويزي ثبوت ۽ ناقابل انڪار شاهديون نه ملن تانت اهو پاڻ پنهنجن جرمن جو اقرار ڪري ۽ پاڻ کي سزا جو مستحق سمجهي اهوئي سبب آهي جو هر انسان سان سندس هر عمل ۽ قول جي لکڻ وارا ملائڪ مقرر ڪيل آهن جيئن فرمان اقدس آهي "مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ (١) يعني انسان ڪو به لفظ ڳالهائي ٿو تان وٽ الله تعالىٰ جو ملائڪ مقرر ڪيل آهي ۽ ان ئي نظام جي تحت هي عهد به ورتو ويو هو جنهن جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ٿيو هيئن جو الله تعالىٰ آدم عليه الصلواة والسلام جي پٺيءَ تي پنهنجو قدرتي هٿ ڦيرايو ۽ ان مان سندس پيدا ٿيڻ وارو اولاد ٻاهر آيو وري انهن جي پٺيءَ تي قدرتي هٿ ڦيريائين ته انهن جي پٺيءَ مان اچڻ وارو اولاد ٻاهر نڪري آيو پوءِ انهن سيني کي هڪ ٻئي تي شاهد بنائي پڇيائين (٢) فرمان مبارڪ آهي "وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰى اَنْفُسِهِمْ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى شَهِدْنَا" ۽ انهن کي سندن سرن تي شاهد بنائي فرمايائين "ڇا مان اوهان جو رب ناهيان؟ عرض ڪيائون هائو اسان شاهدي

(١) سورة ق آيت ١٨ (٢) معارف القرآن ص١١١ کان ١١٣ ج٤

ڏيون ٿا (تہ تون اسان جو رب آهين) قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ "اسان انهن جي پٺين مان سندن اولاد کي ڪڍيو" ۽ ائين نہ تہ "اولاد جي ارواح کي ڪڍيو" ان ۾ اهو اشارو آهي تہ بني آدم جي ذرات جيڪا سندن پٺين مان ڪڍي وئي هئي صرف ارواح نہ پر ارواح ۽ اجسام جو هڪ اهڙو مرڪب هو جيڪو نهايت لطيف ترين ذرات مان بنايوويو هو ،جو تہ ربوبيت ۽ تربيت جي ضرورت زياده اتي پوندي آهي جتي جسم ۽ روح گڏ هجن ۽ جنهن کي هڪڙي حال مان ٻئي حال ڏانهن ترقي ڪرائڻ ۽ وڌائڻ جو پروگرام هجي.

الست جوعهد ڪٿي ورتو ويو؟

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما حضور عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي تہ جڏهن حضرت آدم عليه الصلواةوالسلام کي جنت مان زمين تي لاٿو ويو هو، تڏهن عرفات جي ميدان واريءَ نعمان نالي واديءَ ۾ سندس پاڪ پٺيءَ مان سندس اولاد کي ٻاهر آڻي اهو عهد ورتو ويو هو (١)

دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ اهو عهد ڪنهن کي ياد رهيو آ جو پورو ڪري؟

ياد رکڻ گهرجي تہ انسانن ۾ ڪي اهڙا افراد بہ آهن جن کي اهو عهد من وعن چڱيءَ طرح ياد آهي حضرت ذوالنون مصري عليه الرحمة فرمايو آهي تہ مون کي اهو عهد اهڙو ياد آهي ڄڻ هاڻي ان جو آواز ٻڌي رهيو آهيان ڪن بزرگن جو قول آهي تہ مون کي اهو عهد تہ ياد آهي پر اهو بہ ياد آهي تہ ان عهد وقت ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو منهنجي پر پاسي ۾ موجود هئا (٢) سنڌ جي ناماري صوفي بزرگ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جو بہ ارشاد آهي

الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم
قالو بلىٰ قلب سين تڏهن تت چيوم
تنهين وير ڪيوم ، وچن ويڙهيچن سان (٣)

" اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ" متان چئو قيامت جي ڏينهن تہ اسين هن کان غافل هياسون، مطلب تہ ان عهد وٺڻ جو غرض اهو هو تہ اوهان جا عذر، بهانا ختم ٿي وڃن قيامت جي ڏينهن ائين نہ چئو تہ اسان کي تہ اها خبرئي

(١) مظهري ص٤٨٠ جلد٣ (٢) معارف القرآن ص١١٥ جلد٤
(٣) شاه جو رسالو الف- ب وار-ص٨٠

ڪا نہ هئي اسين بلڪل بي خبر هياسون، ان ازلي سوال ۽ جواب سان اوهان جي دلين ۾ اهڙو ايمان جو بنياد قائم ٿي ويو جو ذره برابر غور ۽ فڪر سان ڪم وٺو تہ اوهان کي الله جل جلاله جي ربوبيت جي اعتراف کان سواءِ ڪو رستو ئي نہ ملندو "اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَکَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ" يا چئو ها تہ شرڪ تہ اڳ ۾ اسان جن پيئرن ڪيو هو ۽ اسين انهن کان پوءِ سندن اولاد هئاسون ڇا اسان کي انهن باطل پرستن جي ڪردار جي ڪري هلاڪ ڪرين ٿو؟ يعني اسين پنهنجن وڏن ڪافرن ابن ۽ ڏاڏن جا پوئلڳ ۽ سندس اولاد هئاسون جيڪو انهن کي ڪندي ڏٺوسون، ان رستي تي هلياسون اسان جو ڪهڙو ڏوهہ؟ الله تعالیٰ فرمايو تہ: اهي بهانا ڪم جا نہ رهندا، ڇو تہ مون اوهان سيني کان ازل ۾ ئي اهو عهد وٺي ڇڏيو هو جيڪڏهن اوهان وساريو تہ قصور اوهان جو آهي سزا بہ اوهان کي ملندي" وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" ۽ ائين ئي آيتون کولي کولي بيان ڪيون ٿا ۽ تانت من اهي موٽن- آيتن مان مراد سندس ڪامل قدرت جون نشانيون آهن مطلب تہ جيڪڏهن اهي الاهي آيتن ۾ ٿورو بہ غور ڪندا تہ محسوس ٿيندن تہ ڇو نہ ان ازلي عهد ڏانهن موٽي اچون، جيڪو الله تعالیٰ سان ڪري آيا آهيون ۽ ان جي عبادت ۽ اطاعت ڪيون.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ

۽ پڙهہ تون مٿان انهن جي خبر ان جي جو ڏنيونسون ان کي آيتون پنهنجون پوءِ نڪتو انهن مان پوءِ پويان پيو ان جي

الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿١٧٥﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ

شيطان پوءِ ٿيو گمراهن مان ۽ جيڪڏهن گهرون ها اسين تہ البت بلند ڪيون ها ان کي انهن سان ۽ پر

اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ

ان جهڪاءَ ڪيو طرف زمين جي ۽ تابع ٿيو خواهش پنهنجيءَ جو پوءِ مثال ان جو مثال ڪتي جي آهي

تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ۗ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ

جيڪڏهن حملو ڪندين ان تي تہ زبان ڪڍي سهڪندو يا ڇڏيندين ان کي (تہ بہ) زبان ڪڍي سهڪندو اهو مثال ان قوم جو

الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقۡصُصِ الۡقَصَصَ لَعَلَّهُمۡ يَتَفَكَّرُوۡنَ ﴿١٧٦﴾

آهي جن ڪوڙو ڄاتو آيتن اسان جن کي پوءِ بيان ڪر قصن کي شايد اهي غور ڪن

سَآءَ مَثَلَا ۨ الۡقَوۡمُ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَاَنۡفُسَهُمۡ كَانُوۡا

بري آهي مثال جي لحاظ سان اها قوم جن ڪوڙو ڄاتو آيتن اسان جن کي ۽ نفسن پنهنجن تي ٿي

يَظۡلِمُوۡنَ ﴿١٧٧﴾ مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِىۡ ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَاُولٰٓـئِكَ

ظلم ڪيائون جنهن کي هدايت ڏئي ڪري الله پوءِ اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جن کي گمراهه ڪري ٿو پوءِ

هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿١٧٨﴾

اهيئي نقصان وارا آهن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ عام ڪافرن جي وعدي خلافين ۽ عهد ۽ انجام پڄڻ جو وعدو هو ۽ هنن آيتن ۾ هڪ خاص شخص جي بدعهدي ۽ وعدي خلافيءَ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاتۡلُ عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ الَّذِىۡۤ اٰتَيۡنٰهُ اٰيٰتِنَا" ۽ انهن کي ان شخص جي خبر پڙهي ٻڌاءِ جنهن کي اسان پنهنجون آيتون ڏنيون هيون. هتي بني اسرائيل جي هڪ وڏي عالم ۽ مشهور اڳواڻ بلعم جو علم ۽ معرفت جي اعليٰ معيار تي پهچڻ کان پوءِ گمراهه ۽ مردود ٿيڻ ۽ ان جي سببن جو بيان ڪيو ٿو وڃي.

بلعم بن باعوراء جو قصو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جنهن شخص جو هن آيت ۾ ذڪر ٿي رهيو آهي ان جو نالو صراحت سان قرآن پاڪ بيان نه ڪيو آهي باقي تفسير جي علم جي امامن اصحابن ۽ تابعن کان ان جي باري ۾ مختلف روايتون آيون آهن جن مان زياده مشهور ۽ جمهور وٽ اعتماد جي قابل روايت اها آهي جيڪا محدث ابن مردويه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان نقل ڪئي آهي ته ان شخص جو نالو

بلعم بن باعوراء هو جيڪو شام ملڪ ۾ بيت المقدس جي قريب ڪنعان علائقي جي رهڻ وارو هوءِ هڪ روايت موجب بني اسرائيل مان هو (١) حضرت ابن عباس، ابن اسحاق ۽سدي ذڪر ڪيو آهي ته جڏهن (فرعون جي غرق ٿيڻ ۽مصر جي فتح ڪانپوءِ) حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام ۽ بني اسرائيل کي جبارين جي قوم سان جهاد ڪرڻ جو حڪم مليو ۽ پاڻ شام ملڪ ۾ بني ڪنعان جي سرزمين تي منزل انداز ٿيا ته جبارين جي قوم جا ماڻهو حضرت موسىٰ عليه السلام جو ايڏو وڏو لشڪر ڏسي بلعم بن باعوراء وٽ هلي آيا جو ان وٽ الله تعالىٰ جو اسم اعظم هو ڪيس اچي عرض ڪيائون ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام نهايت مضبوط شخصيت آهي پاڻ سان گڏوگڏ لشڪر وٺي اسان کي قتل ڪري اسان جا گهر پنهنجيءَ قوم وارن اسرائيلين کي ڏيڻ گهري ٿو ۽ تون به اهڙي شخصيت آهين جو تنهنجي دعا الله تعالىٰ قبول ڪندو آهي پوءِ نڪري هلي الله تعالىٰ کان دعا گهر ته ان کي اسان کان ٽاري ڇڏي بلعم ڪين جواب ڏنو ته حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام پاڻ الله تعالىٰ جو نبي آهي ۽ ان سان گڏ ملائڪ ۽ مومن آهن مان انهن جي خلاف دعا ڪيئن گهران؟ مون کي اهو علم آهي ته جيڪڏهن مون ان جي خلاف دعا گهري ته منهنجي دنياءِ آخرت ٻئي برباد ٿي ويندا ، جڏهن گهڻو زور ڏئي ست ستاءِ ڪيائونس ته هن چيو ته پهلا ترسو ته مان الله تعالىٰ کان ان دعا جي باري ۾ (استخارا ڪري) معلومات ڪيان سندس دعا جو دستور هوندو هو ته جيستائين ننڊ ۾ ڪجهه نه ڏسندو هو تيستائين دعا نه گهرندو هو، جڏهن هن دعا لاءِ استخاره ڪيائين ته ڪيس ننڊ ۾ روڪيو ويو ته الله تعالىٰ جي نبي ۽ سندس ساٿين جي خلاف دعا نه گهر پنهنجي قوم کي اها ڳالهه ٻڌايائين پر انهن ڪيس تحفه ڏئي وري به ساڳيءَ دعا لاءِ زور پريو چيائين ته پهلا وري (استخارا ڪري) رب پاڪ کان پڇي ٿو وٺان پر هن پيري جڏهن ڪيس استخارا ۾ به ڪجهه نظر نه آيو، ۽ پنهنجيءَ قوم کي ٻڌايائين،تڏهن انهن چيس ته جيڪڏهن اها دعا گهرڻ الله تعالىٰ کي پسند نه هجي ها ته توکي منع ٿئي ها منع نه ٿيڻ مان ثابت ٿيو ته هاڻي دعا گهر، پوءِ گڏهه تي سوار ٿي ان جبل ڏانهن هليو جنهن کي حسان سڏيندا هئا ۽ ان تي چڙهي بني اسرئيل کي ڏسي سگهبو هو، گڏهه تي سوار ٿي ٿورو اڳتي هليو ته اها ويهي رهي، ۽ پاڻ ان تان لهي ان کي ماري وري سوار ٿيو ته ٿورو هلي ويهي رهي،هن وري لهي جڏهن ان کي مارڻ شروع ڪيو ته اللهتعالىٰ ان کي ڳالهائڻ جي قوت ۽ اجازت ڏني ۽ ان بلعم تي

(١) مظهري ص٤٨٤ جلد٣

حجت پوري ڪرڻ لاءِ ڳالهائي چيو تہ: اي بلعم! چانہ ٿو ڏسين تہ الله تعالىٰ جا ملائڪ منهنجي اڳيان آهن جيڪي منهنجو منهن مٺرائي ڦيرائي ڇون ٿا تہ: الله تعالىٰ جي نبي عليه الصلواة والسلام ۽ مومنن جي خلاف دعا گهرڻ وڃي رهيو آهين نيٺ نہ مڙيو ۽ دعا جي لاءِ اچي جبل تي چڙهيو ۽ جڏهن دعا ۾ بني اسرائيل کي پٽڻ لڳو تہ بني اسرائيل جي بجاءِ سندس قوم جو نالو اچيو ٿي ويو، ۽ جي پنهنجي قوم لاءِ ڪا چڱي دعا گهري پيو تہ سندس قوم جي نالي جي بجاءِ بني اسرائيل جو نالو اچيو وڃي، سندس قوم وارن اهو ٻڌي چيس تہ: اي بلعم! خبر اٿئي تہ ڇوين ڇا پيو؟ بني اسرائيل کي دعا پيو ڪرين ۽ اسان کي بددعا!چيائين تہ مان پنهنجي وس نہ آهيان منهنجي زبان تي قدرت واري جو ڪنٽرول آهي سوچيان هڪ شيءِ ٿو تہ زبان تي اچي پي ٿي،ان ڪانپوءِ سندس زبان نڪري اچي سندس سيني تي پئي -پنهنجو اهو حال ڏسي چوڻ لڳو تہ منهنجاهئي جهان تباهہ ٿي ويا هاڻي مون وٽ صرف هڪ ڌوڪي ڏيڻ جو طريقو رهيوآهي اهو اوهان کي ٻڌايان ٿو اهو هي آهي تہ واپار جي بهاني سان عورتن کي سينگار ڪرائي سهڻو بنائي اسرائيلين ڏانهن موڪليو ڪجهہ سامان ڪٽي وڃن ۽اتي وڪڻن، جيڪڏهن ڪو بہ اسرائيلي ڪين زنا لاءِ خيال ڏيکاري تہ ان کي نہ روڪين جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪڙي زنا ڪري وڌي تہ پوءِ يقين ڪيو تہ اوهان انهن کي جنگ ۾ شڪست ڏيندؤ. جڏهن ڪنعانيين جون عورتون انارادي سان اسرائيلين وٽ آيون تہ هڪ عورت جنهن جو نالو ڪشتي بنت صور هو اسرائيلين جي هڪ وڏي زمري بن شاوم نالي ڪان لنگهي جيڪو شمعون بن يعقوب عليه السلام جي قبيلي وارن جو وڏو هو ان ڪشتي بنت صور جو حسن ۽ جمال ڏسي اٿي اچي ڪيس هٿ مان ورتو ۽ ڇڪي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي سامهون آڻي چوڻ لڳو تہ: اي موسىٰ!مان سمجهان ٿو تہ تون مون کي چوندين تہ هي تنهنجي مٿان حرام آهي،حضرت موسىٰ عليه الصلوة والسلام فرمايو: تہ ها اها توتي بلڪل حرام آهي ان کي ويجهو ئي نہ وڃجان، ان چيو تہ: مان اوهان جو اهو چيو ڪو نہ مڃيندس، ان ڪان پوءِ ان عورت کي پنهنجي تنبوءَ ۾ وٺي ان سان جماع ڪيائين ۽ بس دير ئي نہ ٿي جو الله تعالىٰ اسرائيلين تي ويا جي بيماري موڪلي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي لشڪر مان فيحاص بن عيزار نالي هڪ شخص جيڪو سيدنا موسىٰ عليه الصلواة والسلام جو صلاحڪار ۽ بدني طاقت ۾ بہ نهايت مضبوط هوندو هو سو زمري بن شلوم جي ان گناهہ ڪرڻ وقت ڪيڏانهن ٻاهر ويل هو جڏهن موٽي آيو ۽ اسرائيلين ۾

وباجي بيماري ڏنائين ۽ کيس زمري بن شلوم وارو سمورو احوال ٻڌايو ويو تہ پنهنجو نهايت مضبوط لوهي نيزو کڻي زمري بن شلوم جي تنبوءَ ۾ گهڙيو ڏٺائين ان وقت بہ اهو ان عورت سان گڏ ستل هو، پوءِ ٻنهي کي هڪ ٻئي جي مٿان رکي ٻنهي جي پيٽ مان اهڙي زور سان نيزو لنگهايائين جو ٻئي ڄڻا هڪ ٿي ويا ۽ انهيءَ نيزي ۾ ئي انهن کي مٿي کڻي ٻاهر نڪري آيو ۽ ان حال ۾ الله تعالىٰ جي بارگاهہ ڏانهن متوجه ٿيندي عرض ڪيائين تہ: يا الله جيڪو تنهنجي بي فرماني ڪندو ان کي هيئن سزا ڏني ويندي، زمري بن شلوم ۽ ان عورت ڪشتي بنت صور کي سزا ڏيڻ ۽ الله تعالىٰ جي بارگاهہ سان دعا گهرڻ شرط وبا ختم ٿي وئي جاچ ڪرڻ سان خبر پئي تہ زنا ۽ سزا جي وچ واريءَ هڪ گهڙيءَ ۾ وبا جي ڪري ستر هزار اسرائيلي تباهہ ٿي ويا هئا ۽ الله تعالىٰ ان زنا جي صلاح ڏيندڙ بلعم جي باري ۾ هيءَ آيت لاهي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي فرمايو تہ: انهن جي اڳيان ان شخص جي خبر پڙهي ٻڌاءِ جنهن کي اسان پنهنجون آيتون عطا ڪيون هيون (١) فَانسَلَخَ مِنْهَا فَأَتْبَعَهُ الشَّيْطَانُ فَكَانَ مِنَ الْغَاوِينَ "پوءِ انهن مان نڪري ويو پوءِ شيطان سندس پويان پيو تہ گمراهن مان ٿي ويو هن عبارت ۾ آيل لفظ" اَنسَلَخَ" انسلاخ کان ورتل آهي، اصل ان جي معنىٰ آهي ڪنهن جانور يا نانگ جو پنهنجي کل مان ٻاهر نڪرڻ- هتي بلعم کي عطا ٿيل آيتن جي علم کي هڪ لباس يا کل سان تشبيه ڏئي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو علم ۽معرفت کان بلڪل جدا ۽ خالي ٿي ويو ٢- پوءِ شيطان ان جي پويان پيو، ف تعقيب واري آڻي ٻڌايو ويو تہ جيستائين اهو آيتن جي علم ۽ الله تعالىٰ جي ذڪر سان وابسته رهيو تہ شيطان جو ان جي مٿان ڪو بہ اثر نہ ٿي هليو جڏهن ان علم ۽ ذڪر کان نڪري ويو تہ شيطان سندس پويان پيو ۽ گمراهن مان بنجي ويو "وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنَاهُ بِهَا وَلَٰكِنَّهُ أَخْلَدَ إِلَى الْأَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوَاهُ" ۽ جيڪڏهن اسين گهرون ها تہ ان کي انهن (آيتن جي علم سان بلند ڪيون هاڻ ان زمين ڏانهن لاڙو ڪيو ۽ پنهنجيءَ خواهش جو تابع رهيو، مطلب تہ آيتن جو علم ئي انسان جي ترقيءَ ۽ سربلندي جو سبب آهي پر ان بلعم انهن کي ڇڏي دنياوي تحفا قبول ڪري پنهنجيءَ خواهشن جي اتباع ڪئي ان جي ڪري تباهہ ٿي ويو. "فَمَثَلُهُ كَمَثَلِ الْكَلْبِ إِن تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ أَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَث" پوءِ ان جو مثال ڪتي جي مثال وانگر آهي جو جيڪڏهن ان تي حملو ڪندين تہ بہ زبان ڪڍي سهڪندو ۽ ان کي ڇڏي ڏيندين تہ بہ سهڪندو ياد رکڻ گهرجي تہ هر ساهہ واري شيءِ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ اندر جي گرم ۽ زهريلي هوا کي

(١) معارف القرآن ص١٢١ جلد٤

ٻاهر ڪيڻ ۽ ٻاهر جي تازي هوا نڙيءَ ۽ نڪ جي رستي سان اندر موڪلڻ جي محتاج آهي ۽ الله تعالىٰ ان هوا کي ٻاهر ڪيڻ يا اندر موڪلڻ ۾ ان لاءِ ڪابہ تڪليف نہ رکي آهي بنا سوچ ۽ محنت جي پاڻهي گرم هوا ٻاهر ٿي وڃي ۽ تازي هوا اندر ٿي اچي، سيني جانورن ۾ صرف ڪتو هڪ اهڙو جانور آهي جنهن کي ساهہ اندر ۽ ٻاهر ڪڍڻ ۾ زبان ڪڍي زور لڳائڻو پوي ٿو، ۽ ٻين جانور کي اها محنت صرف ان وقت ڪرڻي پوي ٿي جڏهن ان تي ڪير حملو ڪري يا ٿڪجي پوي قرآن پاڪ بلعم بن باعوراءِ جو مثال ڪتي سان ان جي ڪري ڏنو آهي جو خداوندي حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ تي ان کي اها سزا ملي هئي، جو سندس زبان وات مان نڪري لڙڪي سيني تي اچي بيٺي هئي ۽ اهو ڪتي وانگر سهڪيو ٿي ان تي ڪو حملو ڪري يا نہ ڪري "ذَٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُونَ" اهو ان قوم جو مثال آهي جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو ۽ پنهنجن نفسن تي ظلم ڪندا هئا انهن جو مثال نهايت برو آهي، يعني ڪافرن جي رد ۾ مڇر، مک، ڪوريئڙي وغيره جا مثال بہ ڏنا ويا آهن پر متئين آيت ۾ بيان ڪيل ڪتي وارو مثال نهايت برو آهي جو ڪو بہ غيرت مند انسان ان کي وس آهر پاڻ لاءِ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ جيڪي اهو قبول ڪن ٿا اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪري رهيا آهن" مَن يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِي وَمَن يُضْلِلْ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ" جنهن کي الله هدايت ڪري ٿو تہ اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جن کي گمراهہ ڪري ٿو اهي ئي نقصان وارا آهن. المطلب تہ علم ۽ فضيلت بہ انسان کي تڏهن ڪم ٿا ڏين، جڏهن الله تعالىٰ جي مهربانيءَ سان علم صحيح جي موافق هلڻ جي توفيق نصيب ٿئي. پر جنهن کي صراط مستقيم تي هلڻ نصيب نہ ٿيو اهو ڪيتري بہ وڏي علمي فضيلت ۽ قابليت رکي پر ان کي خساري ۽ نقصان کان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو ان جي ڪري انسان علم ۽ فضيلت تي پروسو ۽ غرور نہ ڪري هميشہ الله تعالىٰ کان چڱن عملن جي توفيق ۽ هدايت گهرندو رهي- فائدو- آيت ١٧٦ ۾ "وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنَاهُ بِهَا" جي معنىٰ ۽ مطلب تي غور ڪندي متان ڪو سمجهي تہ الله تعالىٰ ان کي مٿي ڪڻڻ نہ گهريو تہ پوءِ ڪيئن مٿي ٿي سگهندو؟ ان جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن اسين ان کي مجبور ڪري پنهنجي خيال تي هلڻ نہ ڏيون ها ۽ خوشيءَ ناخوشيءَ ان کي سڌي رستي تي هلايون ها ۽ ان طرح سان ان کي مٿي ڪڻي وڃون ها تہ ٿي سگهيو ٿي پر ائين ٻانهن کي مجبور ڪرڻ اسان جي حڪمت جي منافي آهي، جيڪو شخص ڇاڻي

(١) زاد المسير ص٢٩٠ جلد٣

واٽي هلاڪت جي ڪڏي ۾ ٽپو ڏيندو آهي ته ان کي سندس شوق پورو ڪرڻ ڏنو ويندو آهي.

وَلَقَدْ ذَرَأْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنسِ ۖ لَهُمْ قُلُوبٌ لَّا

۽ البت تحقيق پيدا ڪياسون واسطي جهنم جي گهڻا جنن مان ۽ انسانن مان واسطي انهن جي دليون آهن جو نه

يَفْقَهُونَ بِهَا وَلَهُمْ أَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُونَ بِهَا وَلَهُمْ آذَانٌ لَّا

ٿا سمجهن انهن سان ۽ واسطي انهن جي اکيون آهن جو نه ٿا ڏسن انهن سان ۽ واسطي انهن جي ڪن آهن جو

يَسْمَعُونَ بِهَا ۚ أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ ۚ أُولَٰئِكَ هُمُ

نه ٿا ٻڌن انهن سان اهي چوپاين وانگر آهن بلڪ اهي وڌا گمراهه آهن اهيئي

الْغَافِلُونَ ﴿١٧٩﴾

غافل آهن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بلعم بن باعوراء جي گمراهيءَ جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو ته اهڙا ماڻهو پيدا ئي جهنم جي باهه لاءِ ٿيل آهن فرمان مبارڪ آهي "وَلَقَدْ ذَرَأْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنسِ" ۽اسان جنن ۽ انسان مان گهڻن کي جهنم جي لاءِ پيدا ڪيو آهي ياد رکڻ گهرجي ته هن آيت ۾ جنن کي انسان کان اڳ ۾ ٻن وجهن جي ڪري ذڪر ڪيو ويو آهي ١- ته اهي پيدائش ۾ به انسان کان گهڻو اڳ ۾ آهن ٢- ته انهن جي عمر انسان جي عمر کان تمام گهڻي آهي ٣- ته سندن جسماني قوت به انسان جي جسماني قوت کان گهڻي آهي جو اهي جيڪڏهن ڪرڻ تي پون ته انسان کان ڪيترا حصا وڌيڪ نيڪ عمل ڪري سگهن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته حضور عليه

الصلواة والسلام جن جيئن سيني انسانن جا نبي آهن تيئن سيني جنن جا به-

سوال- هن آيت مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ گهڻا جن ۽ انسان جهنم جي ٻارڻ ٿيڻ لاءِ پيدا فرمايا آهن ۽ ٻيءَ آيت "وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ" (١) (مون جن ۽ انسان ٻئي ڪنهن غرض جي لاءِ نه ان لاءِ پيدا ڪيا آهن ته منهنجي عبادت ڪن) مان ثابت ٿيو ته جن ۽ انسان عبادت لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن ۽جيڪي عبادت لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن اهي جهنم لاءِ ڪيئن پيدا ڪيا ويا؟

جواب- علامه فخر الدين رازي عليه الرحمة لکيو آهي ته هن آيت جي لفظ"لِجَهَنَّمَ" تي جيڪو لام آهي اهو عاقبت بيان ڪرڻ لاءِ آهي يعني اسان جيڪي جن ۽ انسان پيدا ڪيا آهن انهن مان گهڻن جي تخليق جو انجام اهو ٿيو جو اهي ڪفر ۽ نافرمانيءَ جي ڪري جهنم جو ٻارڻ بڻيا ۽ ٻي آيت جو لفظ" لِيَعْبُدُوْنِ" ۾ لام غايت جو آهي يعني انهن جي پيدائش جو غرض ۽ غايت اها هئي ته عبادت ڪري خداوندي رضا حاصل ڪن ۽ ابدي نعمتن جا مزا ماڻين ان جي ڪري آيتن ۾ ڪو تعارض نه آهي ۽ عاقبت بيان ڪرڻ جي لاءِ لام قرآن پاڪ ۽ عرب جي اشعار ۾ گهڻو آيل آهي (٢)" لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا وَلَهُمْ آذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا" انهن جي لاءِ اهڙيون دليون آهن جن سان سمجهن ڪو نه ٿا ۽ اهڙيون اکيون آهن جن سان ڏسن ڪو نه ٿا ۽ اهڙا ڪن آهن جن سان ٻڌن ڪو نه ٿا، هتي انهن جي جهنم ۾ وڃڻ جو سبب بيان ڪيو ٿو وڃي ته سندن اهو خطرناڪ انجام ان جي ڪري ٿيو آهي جو حق جي دعوت سمجهڻ، هدايت جو پيغام ٻڌڻ ۽ ان جا روشن دلائل ڏسڻ لاءِ جيڪي صلاحيتون کين عطا ڪيون ويون هيون انهن کي پاڻ بيڪار بنائي ڇڏيائون- اُولٰئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ اُولٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُوْنَ" اهي چوپاين وانگر آهن بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراهه آهن ۽ اهي ئي غافل آهن، يعني مٿين صفتن وارا چوپاين وانگر بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراهه آهن، ڇوته چوپاين کي جيتري قدر سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي نعمت مليل آهي ان مان فائدو وٺن ٿا ۽ ڪيترا جن ۽ ماڻهو انهن عطا ٿيل نعمتن مان ڪو فائدو نه ٿا وٺن(٣)

(١) سورة الطور آيت ٥٦ (٢) التفسير الكبير ص٦١- ٦٢ جزء ١٥
(٣) فتح القدير ص٢٦٧ جلد٢

وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۖ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ

۽ واسطي الله جي آهن نالا سهڻا پوءِ سڏيو ان کي انهن سان ۽ ڇڏي ڏيو انهن کي جو بي ديني ڪن ٿا

اَسْمَآئِهٖ ۭ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١٨٠ وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ

نالن ان جي ۾ جلد سزا ڏنا ويندا ان جي جو ڪيائون ٿي ۽ انهن مان جو پيدا ڪياسون ٽولي آهي جو

يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ۝١٨١ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

هدايت ڪن ٿا حق سان ۽ ان سان انصاف ڪن ٿا ۽ جن ڪوڙو ڇيو آيتن اسان جن کي

سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝١٨٢ وَاُمْلِيْ لَهُمْ ۭ اِنَّ كَيْدِيْ

جلد درجي بدرجي وٺنداسون انهن کي اتاهين جو نہ ڄاڻندا ۽ ڍر ڏيان ٿو واسطي انهن جي بيشڪ خفيہ تدبير منهنجي

مَتِيْنٌ ۝١٨٣

مضبوط آهي.

تفسير

هن کان اڳ ۾ آيل آيت جي پڇاڙيءَ ۾ هو تہ جهنم جي لاءِ پيدا ٿيل غافل آهن يعني الله جي ذڪر کان ۽هتي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو ذڪر الله تعالىٰ جي نالن سان ڪيو، ڇو تہ ان جا سهڻا نالا آهن، فرمان ايزدي آهي "وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا" ۽ الله جي لاءِ سهڻا نالا آهن ان کي انهن سان سڏيو يعني اهڙا نالا جيڪي مالڪ مٿي جي سهڻين صفتن تي دلالت ڪندڙ آهن بخاري، مسلم، ترمذي ۽ الدعوات الڪبير ۾ بيهقيءَ حضرت ابي هريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو: اِنَّ لِلّٰهِ تَعَالٰى تِسْعَةً وَّتِسْعِيْنَ اِسْمًا مِائَةً اِلَّا وَاحِدَةً مَنْ اَحْصَاهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ (١) يعني الله تعالىٰ جا نوانوي، سؤ مان هڪ گهٽ نالا آهن جنهن انهن کي ياد

(١) مظهري ص٤٩٠ ج٣

ڪيو اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو.

نوانوي (٩٩) نالا

الله، رحمٰن، رحيم، ملڪ، قدوس، سلام، مؤمن، مهيمن، عزيز، جبار، متڪبر، خالق، باريءُ، مصور، غفار، قهار، وهاب، رزاق، فتاح، عليم، قابض، باسط، خافض، رافع، معز، مذل، سميع، بصير، حڪم، عدل، لطيف، خبير، حليم، عظيم، غفور، شڪور، علي، ڪبير، حفيظ، مقيت، حسيب، جليل، ڪريم، رقيب، مجيب، واسع، حڪيم، ودود، مجيد، باعث، شهيد، حق، وڪيل، قوي، متين، ولي، حميد، محصي، مبديءُ، معيد، محيي، مميت، حي، قيوم، واجد، ماجد، واحد، صمد، قادر، مقتدر، مقدم، مؤخر، اول، آخر، ظاهر، باطن، والّي، متعالي، بر تواب، منتقم، عفو، رؤف، مالڪ الملڪ، ذوالجلال والاڪرام، مقسط، جامع، غني، مغني، مانع، ضار، نافع، نور، هادي، بديع، باقي، وارث، رشيد، صبور (١) راقم التفسير محمد ادريس هن تفسير جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي ته مون ضعيف الله تعالىٰ جي نالن جو سنڌي زبان ۾ شرح- الدولة الڪبرىٰ شرح اسماءِالله الحسنىٰ" نالي لکيو آهي جنهن ۾ هر هڪ اسم مبارڪ جي معنىٰ، مفهوم ۽ پڙهڻ جا فائدا کولي بيان ڪيا اٿم، جنهن ڪي به انهن جي سمجهڻ ۽ پڙهڻ جو شوق آهي سو ان ڪتاب کي مطالعو ڪري، "وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِي اَسْمَآئِهٖ" ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي سندس نالن ۾ بي ديني ڪن ٿا. مطلب ته انهن جو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي تي اطلاق ڪن ٿا، جيئن مسيلمهَ ڪذاب جا پوئلڳ ان کي يمامه جو رحمٰن سڏيندا هئا، يا بت پرستن پنهنجن بتن جا نالا الله تعالىٰ جي نالن مان ڪڍي رکيا هئا، جيئن اله مان لات، عزيز مان عزىٰ، منان ۾ منات، وغيره يا ان مان مراد آهئ الله تعالىٰ جي لاءِ اهڙا نالا تجويز ڪرڻ جيڪي سندس بلند شان جي لائق ناهن يا الله تعالىٰ جي نالن کي سحر وغيره لاءِ استعمال ڪرڻ- اهي سڀ طريقا الحاد ۾ داخل آهن((١)" سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" جلدي پنهنجن ڪيلن عملن جي سزاڏنا ويندا، هي الله تعالىٰ جي نالن ۾ الحاد ڪرڻ جي سزا جو بيان آهي ۽ مسلمانن کي تنبيه ڪئي وئي آهي ته اهي اهڙين حرڪتن کان محفوظ رهن" وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ" ۽ انهن مان جيڪي اسان پيدا ڪيا هڪ اهڙي ٽولي آهي جيڪي حق جي هدايت ڪن ٿا ۽ ان سان ئي عدل ۽ انصاف ڪن ٿا.

(١)مظهري ص٤٩٠- ٤٩١جلد٢٣) (٢) ضياءُ القرآن ص١٠٦ جلد٢

حضور عليه الصلواة والسلام جي امت جي سهڻي صفت

ابن جرير، ابن المنذر ۽ ابو الشيخ ابن جريج کان روايت آندي آهي ته هن آيت جي باري ۾ حضور ﷺ جن فرمايو ته: اها منهنجي امت آهي جيکي حق جو حکم ڏيندا، حق سان فيصلو کندا ۽ حق وٺندا ۽ حق ڏيندا، ۽ عبدبن حميد، ابن جرير، ابن المنذر هن آيت جي تفسير ۾ قتاده کان روايت آندي آهي ان فرمايو ته: اسان کي اها روايت پهتي آهي ته حضور ﷺ جن جڏهن هيءَ آيت پڙهندا هئا ته فرمائيندا هئا "هٰذِهٖ لَکُمْ" (اي منهنجا امتيو) هي اوهان جي لاءِ لٿي آهي. ابن ابي حاتم هن آيت جي باري ۾ ربيع کان روايت آندي آهي ان چيو ته: رسول الله ﷺ جن فرمايو "اِنَّ مِنْ اُمَّتِيْ قَوْمًا عَلَي الْحَقِّ حَتّٰي يُنْزِلُ عِيْسَيٰ ابْنُ مَرْيَمُ مَتٰي مَا نَزَلَ" (١) يعني بلاشڪ منهنجي امت مان هڪ ٽولي حق تي هوندي تانجو عيسيٰ بن مريم (عليه الصلواة والسلام) جڏهن به لهي.

"وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ" ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو جلد انهن کي ڍر ڏئي اتاهين پڪڙينداسون، جتان خبر ئي نه پوندين. ان عبارت جي مطلب ۾ به قول آهن ١- ته جيڪي انسان الله تعاليٰ جي آيتن کي ڪوڙو چوندا ۽ گمراهيءَ جو رستو اختيار ڪندا پنهنجي حقيقي مالڪ جي نافرمانيءَ ۾ رات ڏينهن سرگرم رهندا انهن کي اسين ڍر ڏيندا آهيون ۽ اهي سمجهندا آهن ته انهن جو رستو صحيح رستو آهي پوءِ اوچتو انهن کي پڪڙي اتاهين سزا ڏيندا آهيون جتان چاڻندا ئي ناهن٢- ته ڪڏهن ڪڏهن انهن گمراهن جي هٿان اهڙا ڪم عادت جي خلاف ظاهر ٿيندا آهن جو ماڻهو انهن کي سندن ڪمال يا ڪرامت سمجهندا آهن پر اهو هوندو استدراج (ڍر ڏيئي پڪڙڻ) آهي انهن کي به آهستي آهستي اتاهين هلاڪ ڪندا آهيون جتان چاڻ ئي نه پوندي اٿن "وَاُمْلِيْ لَهُمْ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ" مان انهن کي مهلت ڏيان ٿو يقيناً منهنجي خفيه تدبير مضبوط آهي "اُمْلِيْ" املاء کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ ڊگهي مدت ڏيڻ- مطلب ته: مان انهن کي ڊگهي مدت لاءِ مهلت ڏيان ٿو تانت انهن جون عمريون ڊگهيون نظر اچن ۽ اهو ڌوکو کائيندا ته اسان جا بدعمل اسان جي عمر جي وڌي ٿيڻ جو ان جي ڪري سبب آهن جو الله تعاليٰ اسان کان راضي آهي ۽ منهنجي خفيه تدبير جنهن سان مان ڪافرن کي پڪڙيندو آهيان گهڻو مضبوط ۽ قوي آهي (٢)

(١) ضياء القرآن ص١٠٦ جلد٢ (٢) التفسير الکبير ص٧٤ جزء ١٥

اَوَلَمۡ يَتَفَكَّرُوۡا ۗ مَا بِصَاحِبِهِمۡ مِّنۡ جِنَّةٍ ؕ اِنۡ هُوَ اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿١٨٤﴾

ڇا نہ سوچيائون؟ تہ ناهي سائيءَ انهن جي ۾ ڪا چريائي ناهي اهو مگر ڊيڄاريندڙ ظاهر

اَوَلَمۡ يَنۡظُرُوۡا فِيۡ مَلَكُوۡتِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ

ڇا نہ غور سان ڏٺائون بادشاهيءَ آسمانن ۽ زمين جي ۾ ۽ جيڪا پيدا ڪئي الله

مِنۡ شَيۡءٍ ۙ وَّاَنۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنَ قَدِ اقۡتَرَبَ اَجَلُهُمۡ ۚ فَبِاَيِّ

ڪا شيءِ ۽ هيءَ جو شايد هيئن ٿئي جو تحقيق ويجهو ٿيو مدو انهن جو پوءِ ڪهڙيءِ

حَدِيۡثٍۢ بَعۡدَهٗ يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٨٥﴾ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ؕ وَيَذَرُهُمۡ

ڳالهہ تي پٺا ان جي ايمان آڻيندا ، جنهن کي گمراهہ ڪري ٿو الله پوءِ ناهي ڪو هدايت ڪندڙ واسطي ان جي ۽ ڇڏي ٿو انهن کي

فِيۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿١٨٦﴾ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ

منجهہ سرڪشيءَ پنهنجيءَ ٿا ڀٽڪندا رهن پڇن ٿا توکان قيامت جي متعلق تہ ڪڏهن آهي قائم ٿيڻ

مُرۡسٰٮهَا ؕ قُلۡ اِنَّمَا عِلۡمُهَا عِنۡدَ رَبِّىۡ ۚ لَا يُجَلِّيۡهَا لِوَقۡتِهَاۤ اِلَّا هُوَ ؕ

ان جو فرماءِ تہ تحقيق علم ان جو وٽ رب منهنجي آهي نہ ٿو ظاهر ڪري ان کي واسطي وقت ان جي مگر اهو

ثَقُلَتۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ لَا تَاۡتِيۡكُمۡ اِلَّا بَغۡتَةً ؕ

ڳري لڳي ٿي آسمانن ۽ زمين ۾ نہ ايندي اوهان وٽ مگر اوچتو

يَسۡـَٔلُوۡنَكَ كَاَنَّكَ حَفِىٌّ عَنۡهَا ؕ قُلۡ اِنَّمَا عِلۡمُهَا عِنۡدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ

پڇن ٿا توکان گويا تون چڱيءَ طرح تحقيق ڪندڙ آهين ان جي فرماءِ تہ تحقيق علم ان جو تہ الله وٽ ئي آهي ۽

اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٨٧﴾

پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.

وقف لازم
وقف منزل

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ جي سهڻن نالن ۽ صفتن جو ذڪرٿيو ۽ هتي ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي سهڻي صفت، جنون کان پاڪ هجڻ جو بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ "اَوَلَمۡ يَتَفَكَّرُوۡا مَا بِصَاحِبِهِمۡ مِّنۡ جِنَّةٍ" ڇا غور ڪري نہ سوچيائون تہ سندن ساٿيءَ ۾ چريائي ناهي.

شان نزول

امام حسن بصري ۽ قتادة رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ هڪ ڀيري حضور ﷺ جن صفا جبل تي چڙهي قريشين جي قبيلي مان هر هڪ کي سندن وڏي ڏانهن نسبت ڪريسڄي رات الله تعالىٰ جي دين ڏانهن سڏيندا ۽ ڪين الله تعالىٰ جي عذاب کان ڊيڄاريندا رهيا پوءِ انهن مان هڪڙي چيو تہ: اوهان جو هي ساٿي چريوٿي پيو آهي، جو صبح کان سڏڻ ۾ شروع ٿيو آهي ۽ سڄي رات سڏيندو رهيو آهي پوءِ الله تعالىٰ هيءَ آيت لاٿي (١) جنهنجو مطلب آهي تہ ڇا انهن ماڻهن حضور انور عليه الصلواة والسلام جن جي صفات، حالات، اقوال ۽ افعال ۾ ڪڏهن غور نہ ڪيو آهي تہ پاڻ بہ پهريان ڪين الصادق الامين سڏيندا هئا ڇا انهن اهو بہ نہ سوچيوتہ پاڻ رب پاڪ جو اهڙو فصيح ۽بليغ ڪلام پڙهي ٻڌايائين ٿا جنهن جي مقابلي ۾ هڪ آيت ٺاهڻ کان بہ سڄي عرب ۽ عجم جا فصيح ۽ بليغ انسان عاجز آهن ڇا مجنون جا ڪم اهڙا هوندا آهن؟

حضور عليه الصلواة والسلام جن کي "صاحبهم" (سندن ساٿي) سڏڻ جو وجه

ياد رکڻ گهرجي تہ"مَا بِصَاحِبِهِمۡ مِّنۡ جِنَّةٍ" ۾ صاحب مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن پاڻ سڄي عمرمکي پاڪ ۾ رهيا ۽مڪي وارن کان لڪل بہ نہ رهيا، سندن سامهون سندن سان گڏ رهيا ان جي ڪري متئين آيت ۾ ڪين "صَاحِبِهِمۡ" سڏيو ويو (٢) "اِنۡ هُوَ اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ" اهو تہ صرف کليو ڊيڄاريندڙ آهي،هي عبارت گويا اڳئين دعوىٰ جو دليل آهي مقصد تہ اهو محبوب عليه الصلواة والسلام ڪيئن ٿو چريو ٿي سگهي؟ اهو تہ منهنجو نبي،منهنجي طرفان مقرر ڪيل بشير ۽ نذير آهي ان جي ئي

(١) التفسير الكبير ص٧٥ جزء ١٥

فيض سان ماڻهن کي ايمان، اسلام، قرآنءِ عرفان بلڪ ديدار رحمان نصيب ٿئي ٿو جيڪڏهن اهو ڇريو هجي ته روحانيت جي عالم جو نظام درهم، برهم ٿي وڃي"اَوَلَمۡ يَنۡظُرُوۡا فِيۡ مَلَكُوۡتِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَيۡءٍ" ڇا انهن (ڪافرن) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهيءَ ۽ جيڪا به شيءِ الله تعالىٰ پيدا ڪئي آهي ان ۾ سوچ ۽ فڪر جي نگاهه نه ڪئي آهي؟ جو ان سان ڪين الله تعالىٰ جي توحيد جو استدلالي علم حاصل ٿئي ها (١) "وَّاَنۡ عَسٰۤى اَنۡ يَّكُوۡنَ قَدِ اقۡتَرَبَ اَجَلُهُمۡ" ۽ ممڪن آهي هيئن ٿئي جو انهن جو مدو (موت وارو) ويجهو ٿيو هجي- يعني اهي ان ۾ به غور نه ٿا ڪن، ممڪن آهي جو سندن موت جو وقت ويجهو ٿيو هجي پوءِ ته هر ڳالهه مڃيندا پر اهو مڃڻ بيڪار ٿيندو ڪنهن ڪم ۾ نه ايندو"فَبِاَىِّ حَدِيۡثٍۢ بَعۡدَهٗ يُؤۡمِنُوۡنَ" ان ڪان پڇاڻان ڪهڙيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ يعني جڏهن انهن ماڻهن ايڏن دليلن يا قرآن مجيد يا محبوب عليه الصلواة والسلام جي فرمان يا خود سندن پاڪ ذات تي ايمان ڪي قبول نه ڪيو ته پوءِ ڪهڙيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ "مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِىَ لَهٗ وَيَذَرُهُمۡ فِىۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ"جنهن کي الله گمراهه ڪري ٿو ته پوءِ ان لاءِ ڪو به هدايت ڪندڙ ناهي ۽ انهن کي ڇڏي ٿو ڏي پنهنجيءَ سرڪشيءَ ۾ ڀٽڪندا ٿا وتن- ان فرمان عالي ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ۽ تسڪين ڏني وئي آهي ته انهن ڪافرن جو هدايت کي قبول نه ڪرڻ ان جي ڪري ناهي ته ڪو اوهان جو دين ۽ تبليغ ۾ تاثير ناهي، بلڪ ان جي ڪري آهي جو سندن ئي قصورن جي ڪري سندن مقدر ۾ هدايت لکيل ناهي" يَسۡـئَلُوۡنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرۡسٰٮهَا" توکان قيامت جي باري ۾ پڇن ٿا ته ان جو قائم ٿيڻ (۽ وقوع) ڪڏهن آهي؟

شان نزول

هن آيت جي نزول جي متعلق به روايتون آهن١- ته هڪ ڀيري قريشي سردار جن ۾ اڪثر حضورعليه الصلواة والسلام جن جا قرابت دارهيا سندن خدمت عاليه ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳا ته: اسين اوهان جا بالڪل اوڙا ويجها مائٽ آهيون جن ڪان ڪا به ڳالهه لڪائبي ناهي اوهان اسان کي ٻڌايو ته اها قيامت ڪڏهن ايندي؟ جنهن جي اچڻ سان اوهان اسان کي ڊيڄاري رهيا آهيو، مهرباني ڪري اسان کي ان جي اچڻ جي تاريخ ۽ ڏينهن ٻڌايو، تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ٢- حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي ته حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ ٻن يهودين اچي اهو سوال

(١) حاشيه مراد آبادي ص٣٦٨ حاشيه ٢٦٦

ڪيو هو تہ قيامت ڪڏهن، ڪهڙيءَ تاريخ ۽ ڪهڙي ڏينهن تي ايندي؟ تڏهن اها آيت نازل تي هئي(١) جنهن ۾ فرمايو ويو تہ "قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَا اِلَّا هُوَ" فرماءِ تہ: ان جو علم تہ منهنجي رب وٽ ئي آهي ان ڪانسواءِ ان کي سندس وقت تي ڪير بہ ظاهر ڪو نہ ڪندو. مقصد تہ قيامت جي واقع ٿيڻ واري تاريخ جو علم حقيقت ۾ صرف الله‌تعالىٰ وٽ آهي جيڪو ان جي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي علم ۽ عقل جي ذريعي معلوم نہ ٿي سگهندو. ڪي اهڙيون شيون بہ هونديون آهن جن کي انسان عقل،علم ۽ حساب جي ذريعي ڄاڻي وٺندو آهي پر قيامت جي واقع ٿيڻ جو ڏينهن انهن سان معلوم نہ ٿي سگهندو. قيامت جي وقت جي تاريخ جو علم الاهي اسرارن مان آهي جنهن جي اظهار جي ٻئي کي اجازت ناهي، ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن جي متئين عبارت ۾ ڪنهن کي ٻڌائڻ جي نفي ناهي، جيئن الله تعالىٰ جو فرمان آهي "اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ" (٢) حڪم صرف الله جو جاري آهي،حالانڪ پاڻ پنهنجن ڪيترن ٻانهن کي بہ حاڪم بنايو اٿس ۽ فرمان آهي"اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ" بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ،ڏسندڙ آهي حالانڪ ان پنهنجي ڪرم سان ڪيترن ٻانهن کي بہ ٻڌندڙ ڏسندڙ بنايو آهي

ڇا حضورعليه الصلواة والسلام جن کي قيامت جي اچڻ واري ڏينهن جوعلم آهي؟

ان ۾ علماء جو اختلاف آهي علامہ احمد يار خان نعيمي عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ حق هي آهي تہ جيئن الله تعالىٰ پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي ٻيا غيبي علوم عطا ڪيا آهن تيئن ڪين قيامت جي اچڻ واري ڏينهن جو علم بہ ڏنو آهي (٣) مفسرِ قرآن علامہ صاوي هن آيت جي تفسير ۾لکيو آهي تہ انهامن الامر المكتوم الذي استاثر الله بعلمه فلم يطلع عليه احدًا الا من ارتضاه من الرسل والذي يجب الايمان به ان رسول الله ﷺ لم ينتقل من الدنيا حتى اعلمه الله بجميع المغيبات التي تحصل في الدنيا والاخرة فهو يعلمها كما هي عين يقين لما ورد"رفعت لي الدنيا فانا انظر فيها كما انظر الى كفي هذه" وورد انه اطلع على الجنه وما فيها والنار وما فيها وغير ذالک مما تواترت بہ الاخبار ولكن امر بكتمان البعض (٤) يعني قيامت جو اچڻ ان لڪل امر مان آهي جنهن جو علم الله تعالىٰ پاڻ لاءِ اختيار

---

(١) تنوير الاذهان ص٥٨٩ جلد ١ زاد المسير ص٢٩٧ جلد٣

(٢) الكشاف ص٣٣٢ جلد٢ (٣) نعيمي ص٢٥٣ جلد٩

(٤) الصاوى على الجلالين ص١٠٣ جزء٢

فرمايو آهي پوءِ ان جي ڪنهن کي بہ خبر نہ ڏني اٿس، مگر رسولن عليهم الصلواة والسلام مان جن کي برگزيدو بنايو اٿس (انهن کي اها خبر بہ ڏني اٿس) ۽ هن ڳالھ تي ايمان آڻڻ واجب آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي هن دنيا مان انتقال ڪرڻ کان اڳ ۾ الله تعالىٰ اهي سمورا غيب ڄاڻايا آهن جيڪي دنيا ۽ آخرت ۾ حاصل ٿين پاڻ انهن کي عين اليقين سان ڄاڻن ٿا ڇو تہ حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ "منهنجي لاءِ دنيا کنئي، روشن ڪئي وئي آهي مان ان کي پنهنجي هٿ جي ترڻ وانگر ڏسان ٿو ۽ اهو بہ حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ: پاڻ جنت ۽ جيڪو ان ۾ آهي ۽ جهنم ۽ جيڪو ان ۾ آهي سيني کان باخبر هئا ۽ ٻيون بہ گهڻيون روايتون آيل آهن جيڪي مجموعي طور تواتر جي درجي کي پهچن ٿيون، پر حضورعليه الصلواة والسلام جن ڪن ڳالهين کي لڪ ۾ رکڻ جي لاءِ امر ڪيل هئا- علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: وقد ذهب بعض المشايخ الي ان النبي ﷺ كان يعرف وقت الساعة باعلام الله تعالىٰ وهو لا ينا في الحصر في الاية كما لا يخفى(١) يعني بعضي مشائخ ان طرف ويا آهن تہ نبي پاڪ ﷺ جن الله تعالىٰ جي ڄاڻائڻ سان قيامت جي اچڻ جو وقت بہ ڄاڻندا هئا ۽ اهو آيت ۾ آيل حصر جي خلاف ناهي جيئن اهو مخفي نہ آهي، آيت ۾ انما جو لفظ اسان جي علم، فضل ۽ اٽڪل جي اعتبار سان آهي يعني قيامت جو علم تہ صرف الله وٽ آهي ٻئي ڪنهن کي بہ ان جي ڄاڻائڻ کان سواءِ ڪا خبر نہ آهي نہ پوندي ۽ اوهان کي بہ عقل ۽ حساب سان ان جي ڄاڻ نہ ٿي سگهندي جيئن ماڻهن کان سندن مرڻ جو وقت مخفي رکڻ ۾ ڪئين حڪمتون آهن تيئن قيامت جي اچڻ جي وقت کي بہ لڪ ۾ رکيو ويو آهي هتي ذڪر ڪيل آيتءِ ان کان علاوه ڪيترن ٻين مقامن ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت جي وقوع جو علم الله تعالىٰ کي آهي هن آيت ۾ هڪ ڀيرو آيو تہ "اِنَّمَا عِلۡمُهَا عِنۡدَ رَبِّيۡ" ان جو علم تہ صرف منهنجي رب وٽ آهي ۽ ٻيو ڀيرو آهي "اِنَّمَا عِلۡمُهَا عِنۡدَ اللّٰهِ" ان جو علم تہ صرف الله وٽ آهي ۽ ان جي ڪري مفسرن ائين بہ لکيو آهي تہ: علم وقت ارساءها عنده قد استاثر به (٢) يعني قيامت جي قائم ڪرڻ جي وقت جو علم الله وٽ آهي جنهن کي ان پاڻ سان مخصوص ڪري ڇڏيو آهي پر انهن عبارتن مان اهو وهم ڪرڻ صحيح نہ آهي تہ شايد عام ماڻهن وانگر حضور عليه الصلواة والسلام جن بہ محض ناواقف ۽ بي خبر آهن ان وهم جي ازالي لاءِ مٿي علامہ صاوي ۽ علامہ اسماعيل حقيؒ جي تفسيرن جون عبارتون لکي آيا آهيون علامہ آلوسي بغدادي عليہ الرحمة تہ اجان بہ کولي لکيو آهي تہ لعل القائل

(١) روح المعاني ص٨٧ جزء ٣ (٢) روح المعاني ص٨٧ جزء ٣

بکون المتشابه مما استاثرالله بعلمه لا يمنع تعليمه للنبي ﷺبواسطة الوحي مثلاولا القاءه في روع الولي الكامل مفصلا لكن لا يصل الي درجة الا حاطة كعلم الله تعالىٰ وان لم يكن مفصلا فلا اقل من ان يكون مجملا ومنع هذا وذالک مما لا يكاد يقول به من يعرف رتبة النبي (ﷺ) ورتبة اولياء امته الكاملين(١) يعني جن مفسرن متشابه آيتن جي هيءَ تعريف ڪئي آهي تہ متشابه اهي امور آهن جن جو علم الله تعالىٰ پنهنجيءَ ذات سان خاص ڪيو آهي اهي بہ ان ڳالھہ جو انڪار نہ ٿا ڪن تہ الله تعالىٰ پنهنجي نبي ﷺ کي وحي جي واسطي سان انهن جو علم مفصل ڏنو آهي ۽ نہ ان جو انڪارڪن ٿا تہ الله تعالىٰ پنهنجي ڪامل ولي جي دل ۾ ان جو تفصيل سان القاءُ ڪري ٿو نہ تہ بہ مجمل طور تہ انهن کي انهن جو علم عطا ڪيو اٿس پر جيڪو بہ نبي ﷺ جي رتبي ۽ سندن امت جي ڪاملن ولين جي رتبي کي سڃاڻندو اهو ان علم جي ملڻ جو انڪار نہ ڪندو. ها اهو اعتراض تہ جيڪڏهن حضور ﷺ جن بہ انهن مخصوص ڳالهين جوعلم رکن ٿا تہ پوءِ انهن کي الله تعالىٰ سان مخصوص ڪري ذڪر ڪرڻ جو فائدو ڪهڙو؟ ان جو جواب بہ علامہ آلوسي عليه الرحمة ڏنو آهي تہ انما المنع من الا حاطة ومن معرفته علي سبيل النظر والفكر(٢) يعني الله تعالىٰ سان انهن مٿين ڳالهين جوعلم مخصوص آهي ۽ ٻين کان ان جي منع جو مطلب هي آهي تہ ٻيا ان کي الله وانگر محيط نہ آهن، ۽ ٻيو تہ اهو نظر ۽ فڪر سان نہ پر الله تعالىٰ جي عطا ۽ اعلام سان حاصل ٿيندو. علامہ آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: ويجوز ان يكون الله تعالىٰ قد اطلع حبيبه عليه الصلواة والسلام علي وقت قيامها علي وجه كامل لكن لا علي وجه يحاكي علمه تعالىٰ به الا انه سبحانه اوجب عليه ﷺ كتمه لحكمة ويكون ذالک من خواصه عليه الصلواة والسلام (٢) يعني هي بہ جائز آهي جو اللّٰہ تعالىٰ پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي قيامت جي قائم ٿيڻ جي وقت جي ڪامل نموني خبر ڏني آهي پر اهڙي نموني نہ جو الله تعالىٰ جي علم جي برابر هجي،مگر الله تعاليٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن تي حڪمت ۽ مصلحت خاطر ان کي لڪائي رکڻ واجب ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو حضور عليه الصلواةوالسلام جن جي خواص مان آهي.

توجه جي قابل عرض

مٿين عبارتن مان واضح ٿيو تہ جيڪي شخص چون ٿا تہ الله تعالىٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي قيامت جي قائم ٿيڻ جو وقت ٻڌايو آهي ۽ ان

(١) روح المعاني ص١١٣ جزءُ ٢١ (٢) ساڳيو حوالو

وقت جو علم ڏنو آهي انهن کي ڪافر يامشرڪ چوڻ نهايت برو آهي ڇو تہ وڏا وڏا مفسر ائين چئي ۾ لکي ويا آهن، پلاجن لکيو آهي تہ نہ ڏنو آهي، انهن جي ان قول مان مراد آهي تہ علم محيط، پنهنجي علم جي برابر نہ ڏنو آهي ان جو اهو مطلب ڪڏهن بہ نہ آهي تہ ڪجھ بہ نہ ڏنو آهي فافهم وتدبر.

"ثَقُلَتْ فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ لَا تَاْتِیْكُمْ اِلَّا بَغْتَةًؕ" ڳري آهي آسمانن ۾ زمين ۾ نہ ايندي اوهان وٽ مگر اوچتو- يعني آسمانن ۾ زمين ۾ اهو نهايت ڳرو واقعو هوندو ۾ ان جي اچڻ جون نشانيون بہ ڪٿي الله تعالیٰ جا نبي عليهم الصلواة والسلام بيان ڪري ويا آهن تنهن هوندي بہ ان جو وقوع بالڪل بي خبريءَ ۾ ،اوچتو ۾ هڪ دفعي ۾ ٿيندو،توري توري ٿي نہ ايندي "يَسْـَٔلُوْنَكَ كَاَنَّكَ حَفِیٌّ عَنْهَا" توکان پڇن ٿا گويا تون ان جي تحقيق ۾ تلاش ڪندڙ آهين، يعني هي ماڻهو اوهان کان قيامت جي اچڻ ۾ قائم ٿيڻ جو وقت ائين پڇي رهيا آهن جڻ تہ اوهان ان جو چڱيءَ طرح تحقيق ڪري، بحث،مباحثه سان دلائل ۾ غور ڪري،معلوم ڪري،هنن جي ٻڌائڻ لاءِ تياري ڪري ڇڏي آهي. بحث،مباحثه ۾ دلائل سان جيڪا شيءِ معلوم ڪئي ويندي آهي اها شريعت آهي ان جي پڇندڙ لاءِ ظاهر ڪرڻ ضروري ۾ ٻڌائڻ لازم آهي، باقي قيامت جي اچڻ جي ڏينهن ۾ تاريخ جوعلم علم لدني آهي جنهن جو راز ۾ رکڻ ضروري آهي ان جي ڪري هتي "حفي" آندو ويو، عليم نہ آندو ويو ۾ ان کان پويان "عَنْهَا" آندو ويو بهانہ آندو ويو" قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ " فرماءِ تہ ان جوعلم تہ الله وٽ ئي آهي هي فرمان مبارڪ پهرئين جواب جي وري بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي،ڇو تہ سوال جو ذڪر بہ ٻہ ڀيرا ٿيو تہ جواب بہ ٻہ ڀيرا بيان ڪيو ويو. مطلب تہ اهي اوهان کان قيامت جي لڪل راز جي باري ۾ سوال ڪن ٿا. اوهان چئو تہ ان جو علم الله تعالیٰ وٽ ئي آهي اتاهين کان ئي ملندو هي اهڙو علم ناهي جنهن جو پهچائڻ ضروري آهي جو اوهان کي کولي ٻڌايو وڃي "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ" ۽پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن، هن فرمان مبارڪ ۾ بہ ڪفارن جي احمق هجڻ کي بيان ڪيو ويو آهي، مطلب تہ گهڻا ماڻهو ڄاڻن ئي ڪو نہ ٿا تہ قيامت جو مقرر وقت ٻڌائڻ جهڙو ئي ناهي، **فائدو** ڪافرن جي سوال ۾ تہ قيامت ڪڏهن ايندي حضور عليه الصلواة والسلام جن جو چوڻ تہ ان جو علم تہ الله وٽ ئي آهي ۾ ائين نہ چوڻ تہ مون کي ان جو علم ناهي، مان ثابت ٿيو تہ ڪين الله تعالیٰ جي اعلام ۾ عطا سان قيامت جي وقوع واري وقت جو بہ علم آهي.

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَاشَآءَ اللّٰهُ ۭ وَلَوْ كُنْتُ

فرماءِ ته نه ٿو مالڪ ٿيان واسطي ذات پنهنجي نفعي جو ۽ نه نقصان جو سواءِ ان جي جو گهري الله ۽ جيڪڏهن مان پاڻ

اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۚ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْۗءُ ۚ اِنْ

ڄاڻان ها غيب ته البت زياده ڪيان ها ڀلائي ۽ نه پهچي ها مون کي تڪليف ناهيان

اِنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١٨٨﴾

مان مگر ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ واسطي قوم جي جيڪي ايمان آڻين ٿا.

تفسير

اڳيئن آيت ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذاتي علم جي نفي هئي ۽ هتي سندن ذاتي ملڪيت جي نفي ڪئي وئي آهي اڳيئن آيت ۾ عطا ئي علم جي نفي نه هئي ته هن آيت ۾ عطا ئي ملڪيت جي نفي نه آهي فرمان ايزدي آهي "قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَاشَآءَ اللّٰهُ" فرماءِ ته: مان پنهنجي ذات لاءِ ان کان سواءِ جيڪو الله گهري نفعي ۽ نقصان جو مالڪ ناهيان.

شان نزول

هن آيت جي شان نزول ۾ ٻه روايتون آهن ١- حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي ته هڪ ڀيري مڪه مڪرمه جي ڪافرن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: اوهان جيڪڏهن سچا نبي آهيو ته اسان کي واپار جي شين جا ايندڙ اگهه ٻڌايو ته ڪهڙيون شيون مهانگيون ٿينديون ته اهي وٺي گهڻو نفعو ڪمايون ۽ اسان کي اهو به ٻڌايو ته ڪهڙي علائقي ۾ ڏڪار پوندو ته ان مان نڪري وڃون، انهن کي جواب ڏيڻ لاءِ هي آيت نازل ٿي(١) ٢- ته جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن غزوه بني مصطلق کان واپس ٿيا ته رستي ۾ انڌيري واريءَ هوا جو

(١)خازن ص١٥٦جلد٢

طوفان آيو جنهن ۾ غازين جا ڪيترا اٺ ۽ گهوڙا ٿهي پيا ويا ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو ته اڄ مدينه منوره ۾ رفاعه مري ويو ۽ ان ڳالهه ٻڌڻ سان سندن لشڪر ۾ موجود ڪن منافقن کي سخت صدمو پهتو (ان وقت تائين اڃان منافقن تان پردو نه کنيو ويو هو) ان کانپوءِ پاڻ فرمايائون ته: منهنجي ڏاچي ڪٿي آهي؟ اها ته ڳوليو، اهو ٻڌي منافقن جي اڳواڻ عبدالله بن ابي منافق چيو ته: حضور عليه الصلواة والسلام جن جو عجيب حال آهي جو مديني ۾ مرڻ واري جو احوال ٻڌائين پيا ۽ پنهنجي ڏاچيءَ جي خبر نه ٿي پوين ته ڪٿي آهي؟ حضور انور عليه الصلواة والسلام جن کان انهن جي اها بڪواس به مخفي نه رهي ۽ فرمايائون ته بعضي منافق اسان جي علم تي اعتراض ڪن ٿا اسين ٻڌايون ٿا ته اسان جي ڏاچي جبل جي فلاڻي گهٽ ڪان بيٺي آهي ان جي مهار هڪ وڻ ۾ ڦاسي پئي آهي، ڏٺو ويو ته ائين ئي هو ان جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي(١) هن روايت تي سورة الاعراف جي صرف هيءَ آيت مدنيه آهي باقي سڄي صورت مڪيه آهي(٢)جنهن ۾ الله تعالىٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي فرمايو ته: اوهان "لَآ اَمۡلِكُ لِنَفۡسِيۡ نَفۡعًا وَّلَا ضَرًّا "(مان پنهنجي ذات لا نفعي ۽نقصان جو مالڪ ناهيان) سان حقيقيءِ ذاتي طرح، اللهتعالىٰ جي اذن، مشيت ۽ فضل کان سواءِ ڪنهن به نفعي ۽ نقصان جي مالڪ هجڻ جي نفي ڪيو "اِلَّا مَاشَآءَاللّٰهُ" (سواءِ ان جي جيڪو الله گهريو) سان ان غلط فهميءَ جو ازالو ڪيو جو ڪو نادان ائين نه سمجهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن کي نفعي ۽ نقصان جو ذره برابر به اختيار ناهي، پاڻ فرمايائون ته مان هونءَ مالڪ ناهيان پر جيڪو الله تعالىٰ گهريو ۽ مون کي عطا ڪيو ان جو مالڪ آهيان، رهيو سوال ته الله تعالىٰ ڪيترو گهريو ۽ ڪين عطا ڪيو انساني عقل ته ان جي ماپ نٿو ڪري سگهي ۽ نه اندازو ٿو لڳائي سگهي رڳو هن آيت ۾ غورڪيو ١- وَلَسَوۡفَ يُعۡطِيۡكَ رَبُّكَ فَتَرۡضٰى "۽ توکي تنهنجو رب جلد ڏيندو پوءِ تون راضي ٿيندين ته ڪيڏو نه لطف آهي حضورعليه الصلواة والسلام جن پنهنجي هر شيءِ الله تعالىٰ جي حوالي ڪئي ته مالڪ مٺي وري سندن قدر ڪندي فرمايو ته اوهان کي ايترو ڏيندس جو راضي ٿيندؤ. پاڻ اها خوشخبري ٻڌي فرمايائون ته اي ڪريم رب! مان تيستائين راضي نه ٿيندس جيستائين منهنجي امت جو هڪ فرد به جنت ۾ نه ويندو ،مسلمانو! انصاف ڪيو ڇاهي نفع ڏيڻ ناهي جو ڪنهن کي جهنم کان بچائي جنت ۾ موڪليو وڃي؟ يقينًا اهو نفعو پهچائڻ ۽ نقصان کان بچائڻ آهي جنهن جا پاڻ باذن الله مالڪ آهن "وَلَوۡ كُنۡتُ اَعۡلَمُ الۡغَيۡبَ لَاسۡتَكۡثَرۡتُ مِنَ الۡخَيۡرِ ۚۖ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوۡٓءُ" ۽

(١) التفسير الڪبير ص٨٣ جزءِ ١٥ (٢) نعيمي ص٤٥۴ جلد٩

جيڪڏهن مان غيب ڄاڻان ها ته پاڻ ئي خير گهڻو گڏ ڪيان ها ۽ مون کي تڪليف نه پهچي ها، هي مبارڪ فرمان به ڪافرن جي ان مطالبي جو جواب آهي جيڪو انهن ڪيو هو ته: اوهان اسان کي پهريان ٻڌائيندا ڪريو، ته هن سال واپار جي شين ۾ سامان جا هي اگهه بيهندا يا هن علائقي ۾ ڏڪار پوندو ته اسين اتاهين نڪري وڃون قرآن پاڪ جي هن آيت جي هن حصي جومطلب ۽ مفهوم بيان ڪندي علامه شبير احمد عثماني ديوبندي صاحب محمودالحسن ديوبندي جي لکيل ترجمه جي حاشيه ۾ (جيڪو سعودي حڪمرانن ڇپايو آهي) هن طرح لکيو آهي ته:اس آيت مين کهول کر بتلا ديا گيا که اختيار مستقل ياعلم محيط نبوت کےلوازم مين سےنهين جيسا که بعض جهلاءِ سمجهتے تهےهان شرعيات کا علم جو انبياءِ عليهم الصلوة کےمنصب سے متعلق هےکامل هونا چاهئےاور تکوينيات کا علم خدا تعاليٰ جس کو جس قدر مناسب چاهےعطا فرماتا هے اس نوع مين همارے حضور تمام اولين و آخرين سےفائق هين آپ کو اتنے بيشمار علوم ومعارف حق تعاليٰ سےمرحمت فرمائےهين جن کا احصاءِ کسي مخلوق کي طاقت مين نهين (١) هن ديوبندي عالم ۽ مفسر جي عبارت تي غور ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته قرآن پاڪ جي مٿي لکيل عبارت ۾ جيڪو چيو ويو ته مان غيب جو علم ڄاڻان ها ان مان مراد علم محيط آهي، مقصد ته علم محيط جيڪو رب العزة جل شانه جو شان آهي ان جو پاڻ لاءِ هجڻ ثابت نٿا ڪن مطلق غيب جي علم عطا ٿيڻ جي نفي نه آهي

هن عبارت جو نحوي لحاظ سان مطلب

ياد رکڻ گهرجي ته هن عبارت ۾ "لو" حرف شرط جو آهي ۽علم غيب جي نفي جو شرط آهي خير ڪثير (گهڻي خير) جو نه هجڻ ۽ قائده آهي ته اذ افات الشرط فات المشروط - جڏهن شرط ختم ٿي ويو ته مشروط به ختم ٿي ويندو، قرآن پاڪ کي مطالعه ڪرڻ سان ثابت ٿئي ٿو خير ڪثير ته وٽن هو. جيئن فرمان مبارڪ آهي "اِنَّا اَعۡطَيۡنَاکَ الۡکَوۡثَرَ" اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو آهي جمهور مفسرن وٽ الڪوثر مان مراد خير ڪثير آهي، ٻيءَ آيت مبارڪ ۾ آهي "مَنۡ يُّؤۡتَ الۡحِکۡمَةَ فَقَدۡ اُوۡتِيَ خَيۡرًا کَثِيۡرًا" جيڪو به شخص حڪمت ڏنو ويو انهيءَ کي خير ڪثير ڏنو ويو، ۽ حضور ﷺ جن ته ان حڪمت جا معلم ٿي آيا "يُعَلِّمُهُمُ الۡکِتَابَ وَالۡحِکۡمَةَ" نتيجو هي نڪتو ته حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن وٽ خير ڪثير به آهي ته الله تعاليٰ جي عطا

(١) حاشيه شبير احمدعثماني ص٢٣٢ مطبوعه سعودي عربيه

سان علم غيب بہ آهي ٢- تہ لو اهڙو حرف آهي جيڪو معنىٰ جي لحاظ سان مستقبل ڪي بہ ماضي بنائيندو آهي (١) ان لحاظ سان بہ علم غيب جي نفي ان آيت جي نزول کان اڳي لاءِ آهي نزول جي وقت کان پوءِ لاءِ ناهي، جيئن مفسرن جي حوالي سان شان نزول ۾ لکي آيا آهيون تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي ڏاچيءَ جو ٻڌايو هو تہ فلاڻي گهٽ کان وڻ ۾ ڦاٿي پئي آهي اهوئي سبب آهي جو اڳين بزرگن، مفسرن، محدثن، سيرت نگارن هن آيت جي ذريعي عطا ئي علم غيب جي منڪرن کي ٽي جواب ڏنا ١- تہ الله تعالىٰ حبيب عليه الصلواة والسلام جن کان اهو تواضع ۽ انڪساريءَ طور چورايو هو ٢- تہ ان ۾ الله تعالىٰ وانگر علم محيط ۽ ذاتي علم جي نفي آهي ٣- تہ پاڻ پنهنجي علم کي الله تعالىٰ جي علم جي اڳيان علم نہ هجڻ وانگر سمجهيو هيائون. "اِنۡ اَنَا اِلَّا نَذِيۡرٌ وَّبَشِيۡرٌ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ" مان تہ صرف ان قوم جي لاءِ نذير ۽ بشير آهيان جيڪي ايمان آڻين ٿا، هن عبارت ۾ "اِنۡ اَنَا اِلَّا" مان جيڪو حصر محسوس ٿي رهيو آهي اهو اضافي آهي حقيقي ناهي ۽ ان جو مطلب اهو ناهي تہ مان نذير ۽ بشير کان سواءِ ٻين صفتن سان موصوف ناهيان پاڻ نبي بہ آهن تہ رسول بہ، رؤف بہ آهن تہ رحيم بہ، ان عبارت جو مطلب آهي تہ مان نہ الله آهيان نہ الله کان بي نياز، نہ الله جو مقابل مان ان جو ٻانهو آهيان ايمان آڻيندڙن ۽ مڃيندڙن کي برائين کان بچڻ لاءِ جهنم جي باهہ کان ڊيڄاريندڙ آهيان نيڪ عمل ڪرڻ جي لاءِ حرص ڏياريندي جنت جي بشارت ڏيندڙ آهيان(٢)

هُوَ الَّذِيۡ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ نَّفۡسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنۡهَا زَوۡجَهَا

اهو (الله) اهو آهي جو پيدا ڪيائين اوهان کي ذات هڪ مان ۽ ناهيائين ان مان زال ان جي

لِيَسۡكُنَ اِلَيۡهَا ۚ فَلَمَّا تَغَشّٰهَا حَمَلَتۡ حَمۡلًا خَفِيۡفًا فَمَرَّتۡ بِهٖ ۚ

تانت سڪون وٺي ان ڏانهن پوءِ جڏهن ڇانئيو ان تي تہ حمل واري ٿي حمل هلڪو پوءِ هلندي رهي ان سان

فَلَمَّاۤ اَثۡقَلَتۡ دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنۡ اٰتَيۡتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوۡنَنَّ مِنَ

پوءِ جڏهن ڳري ٿي تہ دعا گهريائون الله رب پنهنجي کان تہ البتہ جيڪڏهن ڏنو تو اسان کي صالح ٻچو تہ ضرور ٿينداسون

(١) صاوي ص١٠٤ جزء ٢ خازن ص١٥٧ جلد٢ جمل ص٢١٧ جلد٢
(٢) نعيمي ص٤٥٦ جلد٩

الشَّاكِرِيْنَ ﴿١٨٩﴾ فَلَمَّآ اٰتٰهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ

شڪر ڪندڙن مان ٿيو ءِ جڏهن ڏنائين انهن ٻنهي (زال ۽ مڙس) کي صالح ٻچو تہ ڪيائون واسطي ان جي شريڪ ان ۾

اٰتٰهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٩٠﴾ اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ

جو ڏنائين انهن ٻنهي کي پوءِ مٿاهون آهي الله ان کان جو شريڪ ڪن ٿا ڇا شريڪ بنائين ٿا انهن کي جو نہ ٿا پيدا ڪن

شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿١٩١﴾ وَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ

ڪا شيءِ ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيا وڃن ٿا ۽ نہ ٿا ڪري سگهن انهن جي ڪا مدد ۽ نہ

اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٢﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ۭ

سرن پنهنجن جي ٿا مدد ڪن ۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي طرف هدايت جي تہ نہ تابعداري ڪندا اوهان جي

سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿١٩٣﴾

برابر آهي مٿان اوهان جي يا سڏيو انهن کي يا اوهان ماٺ ڪندڙ آهيو.

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ڪنهن کي ذاتي مالڪ يا ذاتي طرح عالم الغيب مڃڻ کان روڪيو ويو ۽ هتي ڪنهن ڏانهن ڪنهن شيءِ جي ذاتي ۽ حقيقي نسبت ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي.

فرمان مبارڪ آهي "هُوَالَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا" اهو (الله) ئي تہ آهي جنهن اوهان کي هڪڙي سر مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ئي ان جو جوڙ (زال) ناهيائين تانتہ ان سان سڪون حاصل ڪريو، يعني اوهان جو وجود الله تعالىٰ جي قدرت ۽ صنعت جو دليل آهي اوهان ان ۾ غور ڪيو تہ بہ ڪيترا قدرت واري قادر جا دلائل ڏسندؤ. باقي رهي اها ڳالهہ تہ "خَلَقَكُمْ" (اوهان کي

پيدا كيائين) ۾ خطاب كنهن سان آهي؟ هڪ نفس مان مراد كير آهي؟ زال مان مراد كير آهي؟ سو ان جي متعلق جمهور مفسرن جو فرمان آهي تہ "خَلَقَكُمْ" ۾ خطاب سڀني انسانن سان آهي ۽ هڪ نفس مان مراد حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي ذات ۽ شخصيت آهي ۽ ان جي زال مان مراد حضرت بيبي حوا آهي، مطلب تہ: اي انسانو! الله پاڪ ان شانِ قدرت وارو آهي جنهن اوهان سڀني كي آدم عليه السلام جي سر مان پيدا كيو ۽ سندس زال حوا سائڻ كي بہ سندس كٻيءَ پاسريءَ مان پيدا كيائين تانت آدم عليہ السلام پاڻ كي اكيلو محسوس نہ كري ان سان دل وندرائي،سكون حاصل كري" فَلَمَّا تَغَشّٰهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا" پوءِ جڏهن ان تي ڇانئجي ويو تہ هلكي حمل واري ٿي، مطلب تہ جڏهن مڙس زال سان صحبت كندو آهي تہ ان وقت ان تي ڇانيل هوندو آهي ۽ عورت ان جي هيٺان ڍكيل هوندي آهي ان كي هلكو حمل ٿيو جو سندس پيٽ ۾ مرد جي منيءَ جو نطفو پهتو جيكو كيس نهايت هلكو محسوس ٿي رهيو هو" فَمَرَّتْ بِهٖ"پوءِ ان سان هلندي رهي يعني وزن محسوس نہ كرڻ جي كري بنا تكليف جي گهمندي ڦرندي رهي فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ" پوءِ جڏهن ان ڳرائي محسوس كئي تہ انهن ٻنهي زال ۽مڙس الله تعالىٰ كان دعا گهري تہ: جيكڏهن اسان كي صحيح سلامت نيكو كار ٻچو ڏنئي تہ ضرور شكر گذارن مان ٿينداسون- ڄاڻڻ گهرجي تہ حضرت آدم عليه السلام جنت ۾ بہ بيبي حوا سائڻ سان صحبت كندو هو پر اتي نہ ان ۾ نطفو هو ۽ نہ حوا كي حمل ٿيو هو ۽ نہ اتي كو ٻار ڄڻيو هيائين پر جڏهن اهي ٻئي زمين تي لهي آيا تہ امان حوا سائڻ كي پيٽ ۾ ٻار آيو ۽جڏهن تہ انهن اهو نمونو كڏهن ڏٺو ئي نہ هو تڏهن الله تعالىٰ كان دعا گهريائون تہ يا الله! جيكڏهن اسان كي هي حمل وارو ٻچو صحيح، سلامت ۽ صالح عطا كيئي تہ تنهنجا شكر گذار رهنداسون ۽ هڪ قول آهي تہ ان دعا گهرڻ واري حمل كان اڳ ۾ بہ كين ٻار ڄاوا هئا پر اهي زنده نہ رهيا هئا انهن جا نالا عبدالله،عبيدالله ۽ عبدالرحمان هئا(١) ياد ركڻ گهرجي حضرت حوا سائڻ كي پنج سؤ ويرا حمل ٿيو ۽ هر حمل ۾ جاڙا ٻار ڄڻيندي رهي جملي هڪ هزار (١٠٠٠) ٿيا (٢)" فَلَمَّآ اٰتٰهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰهُمَا" پوءِ جڏهن (الله) كين صالح ٻچو ڏنو تہ ان الله جي لاءِ جيكي كين ڏنائين ان ۾ شريڪ بنائڻ لڳا- هن مبارك فرمان ۾ انهن جي بي شكريءَ ۽ بي قدريءَ ۽ وعدي وفا نہ كرڻ جو ذكر كيو

(١) صاوي ص١٠٥ جزء٢ (٢) روح البيان ص٢٩٥ جلد٣

ويو آهي مفسر صاوي لکيو آهي تہ جڏهن بيبي حوا حمل سان ٿي تہ شيطان وٽس آيو ۽ چوڻ لڳو تہ پيٽ ۾ ڇا اٿئي؟ سائڻ فرمايو تہ مون کي خبر ناهي. ان چيس تہ ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي پيٽ ۾ کو ڪتو يا گڏهه يا ٻي ڪا شيءِ هجي ۽ اها تنهنجي اکين يا وات مان يا تنهنجي پيٽ کي چيري نڪري تڏهن بيبي سائڻ ڊڄي اها ڳالهہ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي ٻڌائي ۽ ٻنهي الله تعالیٰ کان مٿين دعا گهرڻ شروع ڪئي هئي (١)

سوال: ٻچي ملڻ کان پوءِ حضرت آدم ۽ سيده حوا عليهما السلام ڪهڙو شرڪ ڪيو هو؟ جيڪو قرآن "جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ" سان بيان ڪيو آهي حالانڪ نبي شرڪ تہ ڇا هر ننڍي وڏي گناهہ کان پاڪ هوندو آهي.

جواب: حاڪم ۽ ترمذي حضرت سمرة رضي الله عنه کان ۽ ان حضور عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي پاڻ فرمايائون تہ: جڏهن حوا (سائڻ) ٻچو ڄڻيو تہ شيطان اتي ڦري رهيو هو ۽ ان (حوا سائڻ) کي اولاد نہ ٿي بچيو (تہ ان انهيءَ ڳالهہ جو فائدو وٺندي، سائڻ کي چيو تہ ان ٻار جو نالو عبدالحارث رک تہ ٻچي پوندو پوءِ سائڻ ان جو اهو نالو رکيو ۽ سلامت رهيو ان روايت جي وضاحت ڪندي صاوي لکيو تہ: حارث شيطان لعين جو نالو آهي ان تڏهن انهيءَ نالي رکڻ جي تجويز ڏني هئي. تفسير جلالين واري لکيو آهي تہ: ان کي شرڪ ظاهر جي ڪري سڏيو ويو حقيقت ۾ شرڪ نہ هو،ڇو تہ الله تعالیٰ جو نبي معصوم آهي ۽ اهو شرڪ کان پاڪ آهي(٢) ۽ ڪن مفسرن هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ ان مان مراد حضرت آدم ۽ سيده حوا نہ آهن هن ۾ عام ڪافرن جي عقيدي کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ "جَعَلَ مِنۡهَا زَوۡجَهَا" (ان مان سندس زال ناهيائين) مان مراد آهي تہ هر مرد جي جنس مان سندس زال بہ پيدا ڪيائين جو اها بہ مڙس وانگر هڪ انسان آهي،علامہ احمد يار نعيمي ان قول کي قوي لکيو آهي ڇو تہ ان ۾ نبي سڳوري تي ڪو بہ اعتراض نہ ٿو ٿئي(٣) "فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ" پوءِ جيڪي ٻين کي الله سان شريڪ بنائي شرڪ ڪن ٿا الله (تعالیٰ) ان کان بلند ۽ بهتر آهي،مطلب تہ اهڙو عقيدو رکڻ يا فعل يا قول ڪرڻ جنهن سان شرڪ جو اظهار ٿئي مثلاً ڪنهن بت يا باطل معبود ڏانهن ٻار جي عبد هجڻ جي نسبت ڪري عبدالعزیٰ يا عبدالات وغيره سڏڻ ان هر قسم جي شرڪ کان الله تعالیٰ پاڪ آهي. ڪن

(١) صاوي ص١٠٥ جزء٢ (٢) صاوي مع جلالين ص١٠٥ جزء٢

(٣) نعيمي ص٤٦٨ جلد٩

مفسرن لکيو آهي تہ: ان آيت جي شروعات کان "لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا" تائين حضرت آدم ۽ حوا عليهما السلام جو ذکر آهي ان کانپوءِ عام مرد ۽ عورت جو بيان آهي ۽ ائين قرآن ڪريم ۾ ٻين جاين تي بہ آيو آهي تہ اول ڪنهن شخص جو ذکر ان کان پوءِ ان جي جنس جو ذکر ڪيو ويو آهي جيئن وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَاءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيحَ وَجَعَلْنَاهَا رُجُومًا لِّلشَّيَاطِينِ" (١) (۽ البت، تحقيق، اسان دنيا واري آسمان کي تارن سان سينگاريو ۽ انهن کي شيطانن جي لاءِ امڙ بنايوسون) ۾ مصابيح مان مراد خاص تارا آهن جيڪي امڙ ٽيندا آهن نہ ٽٽندا آهن ۽ "جَعَلْنَاهَا" ۾ "هَا" مان مراد تارن جي جنس آهي (٢) هيءَ سمجهاڻي لکڻ کان پوءِ شبيراحمد عثمانيءَ لکيو آهي تہ "ظاهر هے کہ اسمائے اعلام مين لغوي معني معتبر نهين هوتي اور يون بهي تو عبد کي اضافت حارث کي طرف اس کو مستلزم نهين کہ حارث کو معاذالله معبود سمجهہ ليا جائے ايک مهمان نواز آدمي کو عرب عبدالضيف کهتے هين يعني مهمان کا غلام اس کا يہ مطلب هرگز نهين هوتا کہ گويا ميزبان مهمان کي پوجا کرتا هے پس اگر عبدالحارث نام رکهنے کا يہ واقعہ صحيح هے تو نهين کها جا سکتا کہ آدم عليه السلام نے معاذالله حقيقة شرک کا ارتکاب کيا جو انبياءِ کي شان عصمت کے منافي هے هان بچے کا ايسا غير موزون نام رکهنا جس سے بظاهر شرک کي بو آتي هو نبي معصوم کي شان رفيع اور جذبہ توحيد کے مناسب نہ تها حقيقةً شرک نہ تها (٢) اَيُشْرِكُوْنَ مَالَا يَخْلُقُ شَيْئًا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ" ڇا انهن کي شريک بنائن ٿا جيڪي ڪا شيءِ پيدا تہ ڪو نہ ٿا ڪن ۽ پر) اهي پاڻ پيدا ڪيا ويا آهن-مقصد تہ مخلوق کي خالق سان شريک بنائين ٿا "وَلَا يَسْتَطِيعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَا اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ" ۽ نہ ٿا انهن جي مدد ڪري سگهن ۽ نہ ٿا پنهنجي سرن جي مدد ڪن- هن عبارت ۾ بہ بتن جي ڪمزوري بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي مدد ڪرڻ جا اهل ئي ناهن "وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ سَوَاءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ" ۽ جيڪڏهن انهن کي هدايت ڏانهن سڏيندؤ تہ اوهان جي اتباع نہ ڪندا اوهان انهن کي سڏيو يا ماٺ ڪري ويهو اوهان جي لاءِ برابر آهي، يعني انهن ۾ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي طاقت ئي نہ آهي سڏيو نہ سڏيو انهن لاءِ سڀ ڳالهہ برابر آهي.

(١) سورة الملک آيت ٥ (٢) حاشيه عثماني ص٢٣٢ مطبوعہ سعودي عربيہ

اِنَّ الَّذِيۡنَ تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمۡثَالُكُمۡ فَادۡعُوۡهُمۡ

بيشڪ اهي جو پوڄيو ٿا (انهن کي) سواءِ الله جي ٻانها آهن، مثال اوهان جي پوءِ سڏيو انهن کي

فَلۡيَسۡتَجِيۡبُوۡا لَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿١٩٤﴾ اَلَهُمۡ اَرۡجُلٌ يَّمۡشُوۡنَ

پوءِ پل تہ قبول ڪن واسطي اوهان جي جيڪڏهن آهيو سچا ڇا واسطي انهن جي پير آهن جو پنڌ ڪن ٿا

بِهَآ اَمۡ لَهُمۡ اَيۡدٍ يَّبۡطِشُوۡنَ بِهَآ اَمۡ لَهُمۡ اَعۡيُنٌ يُّبۡصِرُوۡنَ بِهَآ

انهن سان يا واسطي انهن جي هٿ آهن جو وٺن ٿا انهن سان يا واسطي انهن جي اکيون آهن جو ڏسن ٿا انهن سان

اَمۡ لَهُمۡ اٰذَانٌ يَّسۡمَعُوۡنَ بِهَا قُلِ ادۡعُوۡا شُرَكَآءَكُمۡ ثُمَّ كِيۡدُوۡنِ

يا واسطي انهن جي ڪن آهن جو ٻڌن ٿا انهن سان فرماءِ تہ سڏيو شريڪن پنهنجن کي تنهن کان پوءِ سازش رٿيو مون لاءِ

فَلَا تُنۡظِرُوۡنِ ﴿١٩٥﴾ اِنَّ وَلِيِّۦَ اللّٰهُ الَّذِيۡ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ وَهُوَ يَتَوَلَّى

پوءِ نہ مهلت ڏيو مون کي بيشڪ مددگارمنهنجو الله آهي جنهن لاٿو ڪتاب ۽ اهو مدد ڪري ٿو

الصّٰلِحِيۡنَ ﴿١٩٦﴾ وَالَّذِيۡنَ تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ

صالحن جي ۽ جن جي پوڄا ڪيو ٿا سواءِ ان جي نہ ٿا ڪري سگهن

نَصۡرَكُمۡ وَلَاۤ اَنۡفُسَهُمۡ يَنۡصُرُوۡنَ ﴿١٩٧﴾ وَاِنۡ تَدۡعُوۡهُمۡ اِلَى الۡهُدٰى لَا يَسۡمَعُوۡا

مدد اوهان جي ۽ نہ سرن پنهنجن جي مدد ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي طرف هدايت جي تہ نہ ٻڌندا

وَتَرٰىهُمۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَيۡكَ وَهُمۡ لَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿١٩٨﴾ خُذِ الۡعَفۡوَ وَاۡمُرۡ

۽ ڏسندين انهن کي نهارين پيا توڏانهن ۽ اهي نہ ٿا ڏسن اختيار ڪر معاف ڪرڻ کي

بِالۡعُرۡفِ وَاَعۡرِضۡ عَنِ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿١٩٩﴾

۽ امر ڪر ڀلائيءَ جو ۽ منهن موڙ جاهلن کان

تفسير

اڳين آيتن ۾ خالق نہ هجڻ ۽ مدد ڪري نہ سگهڻ وارن بتن جون حالتون جيڪي سندن بي وس هجڻ جا قوي دلائل آهن بيان ڪيون ويون ۽ هتي انهن جي حواس کان خالي هجڻ کي بيان ڪيو ويو آهي.

شان نزول

عرب جا مشرڪ جڏهن حضور انور ﷺ جن جي مقابلي ۾ دلائل پيش ڪرڻ کان عاجز ٿيا تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي پنهنجن بتن کان ڊيڄارڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اوهان انهن جي مخالفت ڪئي تہ اهي اوهان کي يا تہ هلاڪ ڪري ڇڏيندا يا جاني ۽ مالي نقصان پهچائيندا انهن جي ترديد ۾ اهي آيتون لٿيون(١) فرمان عالي آهي"اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ" يقينًا جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪيوٿا اهي بہ اوهان جي مثال ٻانها آهن هتي "تَدْعُوْنَ" تعبدون جي معنيٰ ۾ آهي(٢)

مسلمانن کي ڪافر نہ سڏيو

قرآن ڪريم ۾ ڪيترين جاين تي دعا يدعوا جي باب کان صيغا آندل آهن ۽ ڪيترا نااهل ماڻهو انهن جي من گهڙت معنيٰ بيان ڪندي حضور عليه الصلواة والسلام جن يا سندن امت جي ولين، صالحن ۽ ڪاملن ٻانهن کي سڏيندڙن کي ڪافر چوندا آهن انهن کي گذارش آهي تہ: هٿرادو معنيٰ ڪري مسلمانن کي ڪافر نہ سڏيو- قرآن ڪريم ۾ جتي بہ دعا يدعو جي باب جو فاعل مشرڪ ۽ انهن جا باطل معبود مفعول آهن تہ اتي تفسير جي متقدمين علماءِ ان جي معنيٰ عبد يعبد واري ڪئي آهي علامہ ابن القيم بہ دعاء لفظ جي تحقيق ڪري لکيو آهي تہ: الدعاء نوعان دعاء عبادة ودعاء مسئلةً والعابد داع والسائل داع- يعني دعاء ٻہ قسم آهي ١- عبادت جي معنيٰ ۾ ٢- سوال ڪرڻ جي معنيٰ ۾- عبادت ڪندڙ کي بہ داعي سڏيو ويندو آهي تہ سوال ڪندڙ کي بہ(٣) ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي جي عبادت ڪرڻ شرڪ آهي پر ٻئي کي سڏي سوال ڪرڻ شرڪ ناهي جن ماڻهن قرآن پاڪ ۾ غور

(١) نعيمي ص٤٨٠ جلد٩ (٢) صاوي مع جلالين ص١٠٦ القرطبي ص٣٤٢ جلد٧

(٣) ضياءُ القرآن ص١١٤ جلد٢ بحوالہ جلاءُ الافهام

ڪيو آهي انهن کان مخفي نہ آهي تہ ڪافر ۽ مشرڪ پنهنجن بتن جي الله هجڻ جو عقيدو رکندا هئا ۽ انهن کي سڏ يا سوال بہ الله سمجهي ڪندا هئا جيڪو بلڪل شرڪ آهي پر ڪنهن کي الله جو محبوب ۽ پيارو ٻانهو سمجهي سڏڻ شرڪ ناهي "عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ" (اوهان جي مثال ٻانها آهن) ۾ ڪافرن کي بتن جهڙو ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ڪافرن جو انهن لاءِ عقيدو هو تہ اهي جيئرا آهن ٻڌن ۽ ڏسن ٿا (١) "فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" پوءِ انهن کي سڏيو پلي اوهان جو سڏ قبول ڪري جواب ڏين جيڪڏهن سچا آهيو مطلب تہ نہ اهي سڏ ٻڌندا ۽ نہ جواب ڏيندا انهن جي عبادت ڪرڻ سراسر ناداني ۽ حماقت آهي "اَمْ لَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ بِهَا اَمْ لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَا اَمْ لَهُمْ اَعْيُنٌ يُّبْصِرُوْنَ بِهَا اَمْ لَهُمْ آذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا" ڇا انهن کي پنڌ ڪرڻ وارا پير يا وٺڻ وارا هٿ يا ڏسڻ واريون اکيون يا ٻڌڻ وارا ڪن آهن؟ مطلب تہ انهن سڀني شين کان محروم آهن تہ پوءِ عبادت جا لائق ڪيئن ٿي سگهندا؟ "قُلِ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِيْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ" فرماءِ تہ پنهنجن شريڪن کي سڏيو ان کان پوءِ مون لاءِ سازش رٿيو مون کي بالڪل مهلت نہ ڏيو، يعني اوهان جا بت جن جي طرفان مون کي هلاڪ ڪرڻ يا جاني مالي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ٿا ڏيو انهن کي سڏي منهنجي خلاف جيڪي سازشون ڪرڻيون اٿو پلي ڪيو مون کي بالڪل ڪا بہ مهلت نہ ڏيو-موڪل اٿو- زور لائي ڏسو" اِنَّ وَلِيِّيَ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ" بلاشڪ منهنجو مددگار اهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو آهي ۽ اهو صالحن جي مدد ڪندو آهي. مطلب تہ منهنجو مددگار، حامي ۽ ناصر اهو الله تعالىٰ آهي جيڪو هميشہ پنهنجن فرمانبردارن ٻانهن جي مدد ڪندو آهي مون کي اوهان جي بتن جي ڪا بہ پرواهہ ۽ ڊپ ناهي

"وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَكُمْ وَلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ" ۽ جن جي ان کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا اهي نہ اوهان جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نہ پنهنجن سرن جي مدد ڪري سگهن ٿا. هن عبارت وارو مضمون آيت ١٩٢ ۾ بہ اڳي چڪو آهي هتي ٻيو ڀيرو ان جي بيان ڪرڻ جو مقصد بتن جي پوڄارين کي چڱيءَ طرح ذهن ۾ ويهارڻو آهي تہ سندن باطل معبود نهايت بيڪار آهن انهن مان نفعي ۽ نقصان جي اميد رکڻ احمقانہ عمل آهي "وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَسْمَعُوْا" ۽ جيڪڏهن انهن کي هدايت ڏانهن سڏيندين تہ ٻڌندا ئي ڪو نہ- هن عبارت جا بہ مطلب آهن١- تہ جيڪڏهن انهن بتن جي رهبري ڪري ڪين چوندؤ تہ هتي نہ ويهو يا هتي ويهو تہ برسات

(١) التفسير الكبير ص٩٢ جزء ١٥

۽ اس کان بچو يا کين سڏي چونڊؤ تہ اچو اسان کي کجھہ هدايت کيو تہ نہ ٻڌندا ۽ نہ ايندا "وَتَرٰهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ" ۽ انهن کي ڏسندين تہ توڏانهن نهارين تہ پيا پر ڏسن کو نہ ٿا، هن عبارت جا ٻہ مطلب آهن ١- تہ "تَرٰى" ۾ خطاب هر مومن سان آهي ۽ "هُمْ" جو ضمير بتن ڏانهن وري ٿو يعني اي مومن! انهن بتن کي کافرن اکيون وغيره ناهي اهڙو تيار کيو آهي جو تون انهن کي ڏسندي تہ سمجهندين تہ اهي توڏانهن نهارين پيا حالانڪ اهي ڏسن کجھہ بہ نہ ٿا ١- تہ "تَرٰى" ۾ خطاب حضورعليه الصلواة والسلام جن سان آهي ۽ "هُمْ" ضمير کافرن ڏانهن وري ٿو پوءِ مطلب ٿيندو تہ: اي حبيب! عليڪ الصلواة والسلام انهن کافرن کي ڏسندؤ تہ اوهان ڏانهن اکيون پٽيو نهارين پيا پر اهي اوهان کي نہ حقيقي طرح ڏسن ٿا ۽ نہ حقيقت ڏانهن سوچين ٿا اوهان کي ابوجهل واري اک نہ ڏسندي اوهان جي ڏسڻ لاءِ صديقي نگاهن جي ضرورت آهي. خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ "معاف ڪرڻ کي اختيار ڪر ۽ ڀلائيءَ جو امرڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ- مطلب تہ ماڻهن جي سخت رويي ۽بداخلاقيءَ سان پيش اچڻ تي غصو نہ ڪر معاف ڪرڻ کي اختيار ڪرۓ ڀلن عقيدن ۽ڀلن عملن ۽برن ٿيا ڀلائي ڪرڻ جو امر ڪندو رهہ جيڪي جهل جي ڪري آداب جو لحاظ نہ ٿا رکن انهن ڏانهن نہ توجهہ فرماءِ ۽ نہ برو محسوس ڪر- حضرت امام جعفر صادق جو قول آهي تہ قرآن پاڪ ۾ هن آيت کان وڌيڪ سهڻا اخلاق سيکارڻ لاءِ ٻي کا بہ جامع آيت ناهي(١)



(١) القرطبي ص٣٤٥جلد٧

وَاِمَّا يَنۡزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِؕ اِنَّهٗ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٢٠٠﴾

۽ جيڪڏهن پهچي توکي شيطان کان ڪو وسوسو تہ پوءِ پناهہ وٺ الله سان بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي

اِنَّ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيۡطٰنِ تَذَكَّرُوۡا فَاِذَا هُمۡ

بيشڪ جيڪي شخص پرهيزگار ٿيا جڏهن پهچتو انهن کي وسوسو طرفان شيطان جي تہ الله کي ياد ڪن ٿا پوءِ ان وقت اهي

مُّبۡصِرُوۡنَ ﴿٢٠١﴾ وَاِخۡوَانُهُمۡ يَمُدُّوۡنَهُمۡ فِي الۡغَيِّ ثُمَّ لَا يُقۡصِرُوۡنَ ﴿٢٠٢﴾

ڏسندڙ آهن ۽ ڀائر انهن جا ڇڪين ٿا انهن کي گمراهيءَ ۾ تنهن کان پوءِ نہ ٿا ڪوتاهي ڪن

وَاِذَا لَمۡ تَاۡتِهِمۡ بِاٰيَةٍ قَالُوۡا لَوۡلَا اجۡتَبَيۡتَهَاؕ قُلۡ اِنَّمَاۤ اَتَّبِعُ مَا

۽ جڏهن نہ آندي تو انهن وٽ ڪا نشاني تہ چيائون تہ ڇو نہ ناهيو تو ان کي؟ فرماءِ تہ تحقيق تابعداري ڪيان ٿو مان ان جي جو

يُوۡحٰۤى اِلَيَّ مِنۡ رَّبِّيۡؕ هٰذَا بَصَآئِرُ مِنۡ رَّبِّكُمۡ وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ

وحي ڪيو ٿو وڃي مون ڏانهن طرفان رب منهنجي هي روشن دليل آهن طرفان رب اوهان جي ۽ هدايت ۽ رحمت واسطي

لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿٢٠٣﴾

ان قوم جي جو ايمان آڻين ٿا.

تفسير

هن کان اڳئين آيت ۾ حڪم ڪيو
ويو تہ معاف ڪرڻ کي اختيار ڪندي ڀلائيءَ جو امر ڪريو ۽ هٿي ڀڏايو ٿو وڃي تہ ان
ڀلائيءَ جي خلاف جيڪڏهن شيطان وسوسا وجهڻ جي ڪوشش ڪري تہ الله تعالىٰ سان
پناهہ وٺو - ارشاد عالي آهي "وَاِمَّا يَنۡزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ" ۽
جيڪڏهن اوهان کي شيطان جي طرفان ڪو وسوسو پهچي تہ الله سان پناهہ وٺو- مطلب
تہ اي ٻڌڻ وارا! شيطان انسان جي طبعي ڪمزورين مان فائدو وٺندي جيڪڏهن توکي

ڪنهن برائيءَ لاءِ وسوسا وجهي پڙڪائي ته هڪدم الله تعاليٰ ڏانهن متوجه ٿي شيطاني ڏوڪي ۽ مڪر کان بچڻ لاءِ ان کان پناهه گهر ته اهو تنهنجي ترڪندڙن پيرن کي ثابت رکندو ڇو ته "اِنَّهٗ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ" بلاشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي يعني اهو تنهنجي هر ڳالهه ٻڌي ٿو ۽ تنهنجي دل کي به ڄاڻي ٿو اهو پاڻ پنهنجي ڪامل قدرت سان توکي محفوظ رکندو" اِنَّ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيۡطٰنِ تَذَكَّرُوۡا فَاِذَاهُمۡ مُّبۡصِرُوۡنَ" بيشڪ جن تقويٰ اختيار ڪئي جڏهن انهن کي شيطان جي طرفان ڪو وسوسو پوندو آهي ته الله تعاليٰ کي ياد ڪندا آهن پوءِ اهي (شيطان جي مڪر کي) ڏسندا آهن يعني شيطاني وسوسي پوڻ شرط فورًا سندن ضمير بيدار ٿيندو آهي ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندي، توبه ۽ استغفار ۾ اهڙو مشغول ٿيندا آهن جو وسوسا، شڪ ۽ شبها هڪدم ختم ٿي ويندا آهن ۽ اهڙيون اکيون کلي پونديون اٿن جو شيطاني مڪر ۽ ڏوڪي کي صاف ۽ روشن ڏسندي خير سان لنگهي ويندا آهن ۽ سندن دامن داغدار نه ٿيندو آهي "وَاِخۡوَانُهُمۡ يَمُدُّوۡنَهُمۡ فِي الۡغَيِّ ثُمَّ لَا يُقۡصِرُوۡنَ" ۽ سندن پائر کين ڇڪي گمراهيءَ ۾ هڻن ٿا تنهن کان پوءِ ڪا به ڪوتاهي نه ٿا ڪن- يعني غير متقي ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر نه ڪرڻ وارا ماڻهو جن کي هتي شيطانن جا پائر قرار ڏنو ويو آهي اهڙا آهن جو شيطان انهن کي ڇڪي گهلي وڃي ٿا گمراهيءَ ۾ هڻن ۽ ان گهلڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ٿا ڪن اهي غيرمتقي شيطانن جي غرور ۽ تڪبر کي وڌايو ٿا ڇڏين "وَاِذَا لَمۡ تَاۡتِهِمۡ بِاٰيَةٍ قَالُوۡا لَوۡلَا اجۡتَبَيۡتَهَا" ۽ جڏهن انهن وٽ ڪا آيت نه ٿو آڻين ته چون ٿا ته ڇو نه سٺو ناهيو تو ان کي- المطلب ته ڪافرن جي فضول مطالبات ۽ ٻي مقصد ڳالهين جي باري ۾ جيڪڏهن ڪا آيت نه ٿي لهي ۽ سندن جواب ۾ دير لڳي ٿي ته اي حبيب! عليڪ الصلواة والسلام توکي اچي چون ٿا ته پنهنجي طرفان ٺي ڪا سٺي دل کي وڻندڙ آيت ڇو نه ناهي ورتيو؟ "قُلۡ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ مَا يُوۡحٰٓى اِلَيَّ مِنۡ رَّبِّيۡ" فرماءِ ته: مان ته صرف ان حڪم جي اتباع ڪيان ٿو جيڪو مون ڏانهن منهنجي رب جي طرفان وحي ڪيو وڃي ٿو- مطلب ته ڪافرؤ! اوهان کي نبوت جي مقام جي نزاڪتن جو ڪهڙو احساس؟ هتي ته دل ۾ ڪنهن غير جو خيال ڪرڻ به برداشت نه ڪيو ويندو آهي. پنهنجي طرفان ناهي ڪجهه پيش ڪرڻ ته مون لاءِ ممڪن ئي ناهي (١) "هٰذَا بَصَآئِرُ مِنۡ رَّبِّكُمۡ وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ" هي اوهان جي رب جي طرفان روشن دليل آهن ۽ ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا هدايت ۽ رحمت آهن. هن عبارت ۾ آيل لفظ "بَصَآئِرُ" جي معنيٰ

(١) صاوي ص١٠٧ جز٢٥ (٢) مدارڪ ص٩٢ جزءِ ٢ جلد١

آهي دلائل تبصركم وجوه الحق(يعني اهڙا دليل جيكي اوهان کي حق جا وجه ڏيکارين ۽ روشن ڪري ڏين، مطلب ته اوهان جوگهر ٿا ڪيو ته اسان لاءِ آيت ڇو نه ناهيئي؟ سو قرآن پاڪ اوهان لاءِ ڪافي ناهي ڇا؟ جيڪو حق جا روشن دليل هجڻ سان گڏ ايمان آڻڻ واري قوم لاءِ هدايت ۽رحمت به آهي؟

وَاِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَاَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٢٠٤﴾

۽ جڏهن پڙهيو وڃي قرآن ته پوءِ ڪن ڏيو واسطي ان جي ۽ چپ ڪريو تانت اوهان رحمت ڪيا وڃو

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ

۽ ياد ڪر رب پنهنجي کي دل پنهنجيءَ ۾ عاجزي ڪرڻ ۽ خوف رکڻ سان ۽ سواءِ وڏي آواز ڪرڻ جي

الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٢٠٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

ڳالهائڻ مان صبح وقت ۽ شام جي وقت ۽ نه هج غافلن مان بيشڪ اهي جيڪي

عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ

رب تنهنجي وٽ آهن نه ٿا وڏائي ڪن عبادت ان جي کان ۽ پاڪائي بيان ڪن ٿا ان جي ۽ ان جو ئي

يَسْجُدُوْنَ ﴿٢٠٦﴾ ع السجدة

سجدو ڪن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ هو ته قرآن پاڪ روشن دلائل ۽ ايمان وارن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي هتي وري ان هدايت ۽ رحمت حاصل ڪرڻ جو طريقو بيان ڪيو ويو آهي.

شان نزول

ابن مردويه حضرت ابن عباس کان ۽عبد بن حميد،ابن ابي حاتم ۽ سنن

۾ بيهقيءَ مجاهدکان روايتون آنديون آهن تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پويان نماز پڙهڻ دوران هڪ اصحابيءَ قراءت ڪئي تڏهن اها آيت نازل ٿي(١) فرمان مبارڪ آهي "وَإِذَا قُرِئَ الْقُرْآنُ فَاسْتَمِعُوا لَهُ وَأَنْصِتُوا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ ۽ جڏهن قرآن پڙهيو وڃي تہ ڪن ڏئي ٻڌو ۽ ماٺ ڪيو تانت اوهان رحمت ڪيا وڃو. مطلب تہ قرآن پاڪ بي بها دولت ۽ علم ۽ هدايت جي کاڻ آهي ان جي پڙهڻ وقت ٻڌندڙن تي حق آهي تہ ان کي پوري فڪر ۽ توجهہ سان ٻڌن ۽هر قسم جي ٻي ڳالهہ ٻولهہ بند ڪري خاموش ٿي وهن ممڪن آهي تہ ڪافر ٻڌي مومن ٿئي ۽ مومن ٻڌي متقي ۽ الله تعالىٰ جو ولي بنجي

امام جي پويان قراءت نہ ڪجي

ان آيت جي شان نزول تي غور ڪرڻ۽معنىٰ ۽مفهوم سمجهڻ کان پوءِ علماءِ ڪرام فرمايو آهي تہ امام جي پويان الحمد شريف يا ٻي ڪا بہ سورة نہ پڙهجي حضرت ابو موسىٰ ۽ ابو هريره رضي الله عنهما جي روايت ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ"وَإِذَا قَرَءَ فَأَنْصِتُوا" ۽جڏهن امام پڙهي تہ اوهان چپ ڪري ٻيهو(١) ۽ بغويءَ مقداد کان روايت آندي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن ماڻهن کان ٻڌو تہ اهي امام سان گڏ قراءت ڪري رهيا هئا پوءِ پاڻ انهن کي فرمايائون تہ "ڇا اجان اوهان جي سمجهڻ جو وقت نہ آيو آهي؟جڏهن قرآن پڙهيو وڃي تہ ڪن ڏئي ٻڌو ۽ ماٺ ڪري ٻيهو" (٢) راقم الحروف هن تفسير جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي تہ هي مسئلو اختلافي آهي احناف وٽ امام جي پويان ڪا بہ سورة،الحمد هجي يا ٻي پڙهڻ ان آيت جي خلاف آهي ۽ ٻين جي دلائل جا جواب بہ انهن ڪولي ڪولي لکيا آهن پر هتي طوالت جي خوف کان ايتري تي ئي ڪفايت ڪئي وئي آهي "وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ" ۽پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ عاجزيءَ ۽ ڊپ سان وڏي آواز ڪرڻ کان سواءِ صبح ۽ شام جو ياد ڪندو رهہ-هن عبارت ۾ انسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ پنهنجي دل جي آئيني کي غفلت جي غبار ۽ روح جي روشن منهن کي بي فرمانيءَ جي داغ کان صاف رکڻ لاءِ اللّٰه تعالىٰ جو ذڪر ڪندو رهي.

(١) الدر المنثور ص٦٣٤ جلد٣ (٢) حاشيہ عثماني ص٢٣٤ مطبوعہ سعودي عربيہ
(٣) مظهري ص٥٠٧ جلد٣

ذڪر جي تاثير لاءِ شرائط

ياد رکڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ ذکر جي اثر ظاهر ٿيڻ لاءِ ڪجھ شرائط بيان ڪيا ويا آهن١- تہ انسان ذڪر ڪرڻ وقت بالڪل عاجزي ۽ انڪساريءَ جو مجسمو هجي وڏائي، غرور، غفلت ۽ سستيءَ کان بلڪل خالي هجي٢- تہ اهو بہ احساس رکي تہ سندس ذڪر سندس لحاظ سان بارگاهہ ايزديءَ جي شان جي لائق ناهي٣- تہ ذڪر ۾ اهڙيون دانهون ۽ رڙيون نہ ڪري جنهن ۾ ادب جو لحاظ نہ رهي٤- تہ جيڪو بہ ذڪر ڪري ان جي مفهوم کي سمجهي دل ۾ حاضر رکي "وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغَافِلِيْنَ" ۽ غافلن مان نہ هج- يعني ڪو وقت بہ الله تعاليٰ جي ياد کان غافل نہ رھ هميشه ياد الاهي ۾ مشغول هج ۽ غفلت کي تڙي ڪڍي ڇڏ. "اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ" بيشڪ جيڪي تنهنجي رب وٽ آهن، الله وٽ هجڻ مان مراد آهي تہ ان جا مقرب ٻانها ۽ سندس فضل ۽ ڪرم جا لائق آهن، مڪاني ۽ جسماني قرب مراد ناهي، ڇو تہ اهو الله تعاليٰ جي پاڪ ذات لاءِ ممتنع آهي (١) يا انهن مقربن مان مراد الله تعاليٰ جا ملائڪ آهن جيڪي نهايت قرب جي مقام تي فائز آهن. (٢)

"لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ" ان جي عبادت کان وڏائي نہ ٿا ڪن ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪن ٿا ۽ ان جي لاءِ سجدو ڪن ٿا - المقصد تہ الله تعاليٰ جي عبادت ۾ ٿي برتري ۽ ڀلائي سمجهي ان جي پاڪائي بہ ڪن ٿا تہ سندس بارگاهہ ۾ سجدا بہ ڪن ٿا.

تلاوت جو پهريون سجدو

ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سان جيڪي١۴ سجدا لازم ٿيندا آهن انهن مان پهريون پهريون مقام هي آهي جتي سجدو ڪرڻ لازم آهي ابن ماجه حضرت ابو درداء ڪانءِ ان نبي پاڪ ﷺ جن کان آندو آهي تہ: پاڻ هن سجدي کي قرآن پاڪ جي سجدن ۾ شمار فرمايو اٿن.

تلاوت جي سجدي جي فضيلت

بخاري ۽ مسلم حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "اِذَا قَرَءَ ابْنُ آدَمَ السَّجْدَةَ فَسَجَدَ اِعْتَزَلَ الشَّيْطَانُ يَبْكِيْ يَقُوْلُ يٰوَيْلَتَا! اُمِرَ ابْنُ آدَمَ بِالسُّجُوْدِ فَسَجَدَ فَلَهُ الْجَنَّةُ وَاُمِرْتُ بِالسُّجُوْدِ فَاَبَيْتُ

(١) مظهري ص۵١۴ جلد٣ (٢) تفسير القاسمي ص٢٢۴ جلد۵

فَلِيَ النَّارُ" (١) يعني جڏهن انسان قرآن پاڪ پڙهندي سجدي واريءَ آيت پڙهي سجدو ڪري ٿو تہ شيطان پري پاسي ٿي وڃي روئي ٿو، چوي ٿو تہ اي افسوس! انسان کي سجدي جو امر ڪيو ويو ان سجدو ڪيو تہ ان لاءِ بهشت آهي ۽ مان سجدي لاءِ امر ڪيو ويس مون انڪار ڪيو تہ مون لا(جهنم جي) باهہ آهي


الحمدلله جو اڄ ڏهين تاريخ ربيع اول مهيني ۾ سنہ ١٤١٨هہ اربعاً جي ڏينهن منجهند جو پوڻين ٻي بجي سورة الاعراف جو تفسير لکي پورو ڪيم مالڪ مٿي کي عرض آهي تہ باقي رهيل سورتن جي تفسير لکڻ ۾ بہ جلد ڪامياب ڪري

الفقير محمد ادريس
١٠- ٣- ١٤١٨ الموافق
١٦-٧ -١٩٩٧



(١) تفسير القاسمي ص٢٥٥ جلد٥




www.maktabah.org

